بسم اللہ الرحمن الرحیم


احسن البیان فی تفسیر القرآن

حضرت العلام مولانا محمد ادریس [illegible]

ناشر

ادارۂ خدمۃ القرآن والسنۃ


www.maktabah.org


www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِينَ (الاسراء)

تحقيق هيءُ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي ۽ ايمان وارن

کي خوشخبري ڏئي ٿو

أحسن البيان في تفسير القرآن

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري

ناشر:
ادارهٔ خدمة القرآن والسنة
شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه

نالو : **اَحسَنُ البیان فـــِی تفَسِیرِ القُرآن**

مفسّر: شیخ التفسیر والحدیث
حضرت الحاج مولانا مُحمّد ادریس ڈاھري
مھتمم جامعه مُحمّدیه مدیرادارۂ خدمة القران والسُنّة۔ شاھپور جھانیاں

0244-314244 - 0300-3028840
0301-3814120 - 03342822660

تاریخ اشاعت : 2006

ڇپائيندڙ : ادارۂ خدمة القرآن والسنة
شاھپور جھانیان ضلع نواب شاھ سنڌ

پریس : ضیاء القرآن پبلیکیشنز لاھور

زیرنگرانی : صاحبزاده عاشق حسین ڈاھري
صاحبزاده حافظ احسانُ الله ڈاھري
صاحبزاده قاري محمّد اسد الله ڈاھري

ملڻ جو هنڌ

جامعه محمدیه

شاھپور جھانیان ضلع نواب شاھ سنڌ

إِنَّ هٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ أَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ (الاسراء)

تحيق هيءُ قرآن هدايت كري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي ۽

ايمان وارن کي خوشخبري ڏي ٿو.

احسن البيان
في
تفسير القرآن

مفسر

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري نقشبندي

ناشر: اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان ضلع نوابشاهه

كتاب جو نالو: ــــــــ احسن البيان في تفسير القرآن
مفسر: ــــــــ شيخ التفسير والحديث حضرت الحاج مولانا محمد ادريس
ڏاهري نقشبندي
مهتمم جامعه محمديہ و مدير اداره خدمة القرآن والسنة
شاهہ پور جهانيان
ڪمپوزنگ: ــــــــ اسلامڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزرس ٤٠٠/بي يونٽ نمبر ٤
لطيف آباد حيدر آباد
ڪمپوزر: ــــــــ اشفاق احمد پٽو
ڇپائيندڙ: ــــــــ اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان
ضلع نوابشاهہ سنڌ.
سن اشاعت:
پريس: ــــــــ
هديو: ــــــــ ٥٠٠/ روپيا

ملڻ جو هنڌ

جامعه محمديه شاهپور جهانيان، ضلع نوابشاهہ سنڌ

احسن البيان
في تفسير القرآن

مفسر

حضرت مولانا محمد ادريس ڏاهري مدظله

- سورة فاتحہ کان سوره ڪهف تائين چئن جلدن تي مشتمل.
- سنڌي ٻولي ۾ سلف صالحين جي قرآني فهم سان ٺهڪندڙ تفسير.
- عربي، فارسي ۽ اردو ۾ شايع ٿيل هينئر تائين ممتاز مفسرن ۽ محققن جي تفسيرن کي نظر ۾ رکندي تفسيري نڪتن جي پيش ڪش.
- هڪ اهڙو تفسير، جنهن ۾ قرآن ۽ سنت جي هر اهم مسئلي ۾ اهل سنت جي نقطہ نظر جي ترجماني ڪئي وئي آهي.
- علم فضل، قرآن ۾ بيان ٿيل مسئلن جي وضاحت ۽ قرآني نڪتن جي بهتر سمجهاڻي سان گڏوگڏ قرآني نصب العين کي ان جي صحيح پس منظر ۽ اسلاف جي فڪر جي روشني ۾ پيش ڪرڻ جي ڪاوش ڪئي وئي آهي.
- سنڌي ٻولي ۾ هڪ اهڙو تفسير جنهن جي ٻولي سنئي ۽ سليس هئڻ سان گڏ الله ۽ سندس رسول جي محبت ۽ اطاعت واري پهلو کي ٻين پهلوئن کان وڌيڪ نمايان ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

عنوانن جي فهرست

سورة يوسف جي فهرست

سورة الرعد جي فهرست



سورت ابراهيم جي فهرست

سورة الحجر جي فهرست

سورة النحل جي فهرست

سورة بني اسرائيل جي فهرست

سورة الكهف جي فهرست

سورة يوسف جو تعارف

هن سورة مباركه جي تعارف ۾ هي ٻارهن ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻيون آهن.

١- نالو- سورة يوسف

٢- نالي رکڻ جو وجه: هن ۾ جڏهن ته الله جل اسمه جي پياري نبي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي ذات والصفات جو تمام شرح ۽ تفصيل سان ذڪر خير ڪيل آهي تڏهن ان ئي نالي سان سڏي وئي آهي.

٣- ٻيا نالا مبارڪ: مفسرن ڀلارن هن سورة پاڪ جا ٻيا هي نالا بيان فرمايا آهن "١" سُوْرَةُ الْعِبْرَةِ. ڇوته هن ۾ الله جل شانه جي صبر ڪندڙن ٻانهن لاءِ عبرت آهي. "٢" سورة الوعيد. ڇوته ان ۾ ڌوڪيبازن، ٺڳن، ڪوڙن ۽ ظالمن جي لاءِ عذاب جو وعيد بيان ڪيل آهي. "٣" سُوْرَةُ اَحْسَنِ الْقَصَصِ. ڇوته هن ۾ گهڻن قصن کان وڌيڪ سهڻو قصو بيان ٿيل آهي. "۴" سُوْرَةُ الزُّهْدِ. ڇوته ان ۾ زاهدن ۽ عارفن لاءِ معرفت جا سبق گهڻا نمايان آهن. "٥" سُوْرَةُ الْمَعْرِفَتْ. ڇوته ان ۾ عارفن کي نور، خوبصورتي ۽ مالڪ الملڪ جل جلاله جي معرفت جا موتي ملندا آهن. "٦" سُوْرَةُ الْمُحَبَّةِ. ڇوته ان مان سچن ۽ مخلص ٻانهن کي سچي محبت جو سبق ملندو آهي. "٧" سُوْرَةُ الْحُسْنِ (سونهن واري سورة) هن نالي سان هن سورة کي ملائڪ سڳورا ياد ڪندا آهن. "٨" سُوْرَةُ الرُّوْحِ. هن نالي سان هن شاندار سورة کي انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ياد ڪندا آهن ڇوته ان ۾ ان محبت جو بيان آهي جنهن سان تقرب الي الله جي بشارت ملندي آهي. "٩" سُوْرَةُ الرِّيَاضَةِ. هن نالي سان هن سورة پاڪ کي راهِ طريقت جا سالڪ ياد ڪندا آهن ڇوته هن مان سچي عشق ۽ منزل کي ماڻڻ لاءِ محنت ڪرڻ جو درس ملندو آهي. (١)

۴- مڪيه آهي يا مدينه؟ علامه آلوسي جي فرمان مطابق معتمد قول اهو آهي ته هيءَ سورة پاڪ مڪيه آهي. (٢)

علامه خازن ۽ ابن الجوزي لکيو آهي ته مفسرن جو اجماع آهي ته هيءَ سورة سڳوري مڪيه آهي. (٣).

٥- رڪوع، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة مبارڪه ۾ ٻارهن رڪوع هڪ

(١) نعيمي صہ ٣٥٦ جلد ١٢. (٢) روح المعاني صہ ١٧٠ جزءِ ١٢ جلد۴. (٣) خازن صہ ٢ جلد٣ زاد المسير صہ ١٧٦ جلد۴.

سئو يارهن آيتون هڪ هزار ڇھ سئو (١٦٠٠) ڪلما ۽ ست هزار هڪ سئو ڇا هٺ (٧١٦٦) حرف آهن. (١)

٦- شان نزول: هن سورة جي شان نزول ۾ ٽي (٣) قول آهن.

١- حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه کان روايت آهي ته: جڏهن حضرت حبيب اڪرم عليه الصلواة والسلام تي قرآن پاڪ نازل ٿيندو هو ته پاڻ اهو اصحابن سڳورن کي ٻڌائيندا رهندا هئا. هڪ ڀيري اصحابن سڳورن عرض ڪيو ته يارسول الله! جيڪڏهن قرآن پاڪ ۾ ڪو سهڻو قصو نازل ٿئي ته ٻڌ جي تڏهن الله جل شانه هيءَ سورة نازل فرمائي. (٢)

٢- مفسر ضحاڪ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته يهودين نبي ڪريم عليه التحيته والتسليم کي چيو هو ته! اسان کي حضرت يعقوب، ۽ ان جي اولاد خاص ڪري سندس پياري پٽ حضرت يوسف عليهم الصلواة والسلام جي متعلق ٻڌايو تڏهن الله جل مجده هيءَ سورة نازل فرمائي. (٣)

٣- مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشي ڪافرن کي يهودين چورائي موڪليو ته (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) عاد ۽ ثمود جون حالتون بيان تو ڪري اهي ڪي مشڪل ڳالهيون ناهن اهي ته عربن ۾ مشهور واقعا آهن ان کان پڇو ته! (حضرت) يعقوب (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو اولاد مصر ۾ ڪيئن پهتو ؟ اهي ڳالهيون اهل ڪتاب جي تاريخدانن کان سواءِ ڪير به نه ٿو ڄاڻي. خاص ڪري اهو شخص جيڪو مڪه مڪرمه ۾ ئي رهيو آهي ان جي ته ڪنن تائين به اها ڳالهه نه پهتي هوندي. يهودين جي ان نياپي ملڻ کان پوءِ مڪه مڪرمه جي رهاڪن حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان اهو سوال ڪيو انهن جي جواب ۾ هيءَ سورة نازل ٿي. (۴)

٧- سورة هود سان مناسبت ۽ تعلق: مفسرن ڀلارن جا هن سورة جي سورة هود سان مناسبت جي متعلق ٽي قول آهن "١" سورة هود ۾ انهن نبين عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر هو جن کي پراون کان تڪليفون پهتيون ۽ هن ۾ ان پياري نبي جو ذڪر آهي جنهن کي پراون جي بجاءِ پنهنجن کان تڪليفون پهتيون.

٢- سورة يوسف سورة هود کان پوءِ نازل ٿي هئي ان جي ڪري ان سان ملائي رکي وئي. (٥)

(١) ضياءِ القرآن صه ۴٠١ جلد٢ (٢) روح المعاني صه ١٧٠ جزء١٢ جلد۴ (٣) زاد المسير صه١٧٦ جلد۴
(۴) تفسير حقاني صه ٢٧٩ جزء۴ (٥) روح المعاني صه١٧٠ جزء١٢ جلد۴

٣- سورة هود ۾ الله جل شانه جي نبين عليهم الصلواة والسلام جو مختصر بيان هو ۽ هن ۾ مفصّل.

٨- يهودين کي متاثر ڪرڻ: هن سورة پاڪ کي ڪيترن دل سان پڙهندڙن ۽ سمجهندڙن هڪدم متاثر ٿي اسلام قبول ڪيو، بيهقيءِ دلائل النبوة ۾ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته: يهودين جو هڪ وڏو عالم حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ ان وقت سورة يوسف تلاوت ڪري رهيا هئا. ان عالم پڇي عرض ڪيو ته يا محمّد!من علمکها؟ اي (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) توکي اها سورة ڪنهن پڙهائي آهي؟ پاڻ فرمايائون "اَللّٰهُ عَلَّمَنِيْهَا" اها مون کي الله پڙهائي آهي اهو عالم پڌي عجب ۾ پئجي ويو ۽ موٽي اچي يهودين کي چيائين ته: الله جو قسم آهي ته: (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) قرآن پاڪ ائين ٿو پڙهي جيئن توراة آهي پوءِ انهن مان هڪ ٽولي کي وٺي آيو ۽ جڏهن حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته سندن (متعلق توراة ۾ لکيل) صفتون ڏسي سڃاتائون (ته واقعي پاڻ الله جا آخري رسول آهن) ۽ سندن ڪلهن مبارڪن جي وچ تي نبوّت جي مهر لڳل به ڏٺائون ۽ ڪائنڻ سورة يوسف جي تلاوت پڌي عجب ۾ پئجي اتي جو اتي اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيا. (١)

٩- مدينه منوره مان ايندڙن کي هن سورة جي تعليم: محدث حاكم صحيح سند سان حضرت رفاعة بن رافع زرقي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته اهو پاڻ ۽ سندس ياٽيجو معاذ بن عفراء مكه مكرمه ۾ (مدينه منوره مان) نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ آيا (رافع جو بيان آهي ته) مون کين عرض ڪيو ته: مون کي ڪا پيش ڪش فرمايو؟ پاڻ مون کي اسلام پيش ڪندي فرمايائون ته: آسمان، زمينون ۽ جبل ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟ مون چيو ته الله - فرمايائون ته، اوهان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ مون چيو ته الله - فرمايائون ته: جن بتن جي عبادت ڪيو ٿا اهي ڪنهن ٺاهيا آهن؟ مون چيو ته اسان ٺاهيا آهن پاڻ فرمايائون ته: پوءِ ٺاهيندڙ عبادت جو وڌيڪ حقدار آهي يا جيڪو ٺاهيو وڃي؟ جڏهن بتن کي اوهان ٺاهيو آهي ته هجڻ ته ائين گهرجي جو اهي اوهان جي عبادت ڪن ۽ اوهان کي الله ٺاهيو آهي ته اوهان ان جي عبادت ڪيو مان اوهان کي هن ڳالهه ڏانهن ٿو سڏيان ته: اوهان الله جي

(١) الدر المنثور صہ ٤٩٥ جلد ٤

عبادت ڪيو ۽ شاهدي ڏيو تہ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو حقدار ناهي مان الله جو رسول آهيان ۽ مان مائٽي ڳنڍڻ ۾ ظلم زيادتي ۽ ماڻهن سان (هرو ڀرو) بغض رکڻ جهڙن ڪمن کي ڇڏڻ لاءِ سڏي رهيو آهيان اسان (سندن اهو ارشاد ٻڌي ڪين) عرض ڪيو تہ: هي تہ بلند امر ۽ سهڻا اخلاق آهن. پوءِ اسان پنهنجون سواريون اتي روڪيون، منهنجو ڀاڻيجو معاذ بن عفراءِ اتي ويٺو ۽ مون بيت الله شريف ڏانهن اچي ست ڀيالا ڪڍي ڪٽو وجهڻ شروع ڪيو بيت الله کي سامهون بيهي عرض ڪيم تہ يا الله! جيڪڏهن اهو دين حق آهي جنهن ڏانهن (حضرت) محمّد (عليه الصلواة والسلام) سڏي ٿو تہ ان جي سچي هجڻ لاءِ ست ڀيرا ڪٽو نڪري. جڏهن ستئي ڀيرا نڪتو تہ مون وڏي آواز سان چيو "اَشْهَدُ اَنْ لَّآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ" منهنجو اهو آواز ٻڌڻ شرط اتي موجود ماڻهو گڏ ٿي ويا ۽ مون کي چوڻ لڳا تہ اهو (محمد صلى الله عليه وسلم) چريو آهي پنهنجي آبائي دين کان ڦري ويو آهي مون چيو تہ (نہ هرگز نہ) اهو تہ ايمان جو صاحب آهي. پوءِ مان مڪه (مڪرمه) جي مٿئين پاسي کان ٿي آيس ۽ منهنجي ڀاڻيجي معاذ بن عفراءمون کي ڏسي چيو تہ ماما جنهن نموني سان ويو هو ان کان مٿيل ٿو ڏسجي پوءِ مون حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي روبرو اچي ايمان آندو ۽ پاڻ اسان کي سورة يوسف ۽ سورة اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ." پڙهايائون ان کان پوءِ مدينہ (منوره) ڏانهن موٽي آيا سون. (١)

١٠- وظيفي طور پڙهڻ جا فائدا: قرآن پاڪ جي اخلاص سان پڙهڻ جو ثواب تہ ڪريم رب جي ڪرم سان ملندو پر دنيوي حياتيءَ ۾ بہ قرآن پاڪ جي تلاوت سان بي شمار فائدا ملندا آهن قرآن ڪريم کي وظيفي طور پڙهندڙن عاملن فرمايو آهي تہ: جيڪو شخص روزانو سورة يوسف سڄوري تلاوت ڪندو ان کي قرآن پاڪ جي هڪ سئو چوڏهن (١١٤) سورتن جي پڙهڻ وارا فائدا حاصل ٿيندا امام زاهد فرمايو آهي تہ هڪ حديث جي مطابق (والله اعلم بصحة الحديث) سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ! غمگين انسان سورة الانعام پڙهي. قبر جي عذاب کان بچڻ جي خواهش ڪندڙ سورة الاعراف پڙهي، منافقيءَ ۽ منافقن کان بچڻ جي خواهش ڪندڙ. سورة الانفال پڙهي. هرو ڀرو ڪاوڙ ڪندڙ ڪاوڙ کان بچڻ لاءِ سورة العصر پڙهي دل جي تنگيءَ کان بچاءُ گهرندڙ سورة "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ" ۽ سورة "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ" پڙهي ۽ جيڪو اهي سيئي فائدا حاصل ڪرڻ گهري اهو سورة يوسف پڙهندو رهي.

(١) الدر المنثور صہ٤٩٤ جلد٤

عاملن ڀلارن جو چوڻ آهي تہ سورة يوسف کي وظيفي طور پڙهڻ جو طريقو هي آهي تہ ڪامل مرشد کان اجازت وٺي رات جي وقت ۾ قبلي ڏانهن منهن ڪري اول ۽ آخر درود شريف ان کان پوءِ ٽي ڀيرا سورة يوسف پڙهي بزرگن ائين بہ فرمايو آهي تہ جيڪو شخص دنيا ۽ دين ٻنهي جي لحاظ سان بلند مرتبو گهري تہ مٿئين لکيل طريقي سان روزانو هڪ ڀيرو سورة يوسف تلاوت ڪندو رهي عاملن فرمايو آهي تہ: جيڪو شخص نماز کان پوءِ خوشبوءِ لڳائي وضوءَ سان قبلہ ڏانهن منهن ڪري ويهي ايڪيتاليهہ ڏينهن روزانوايڪيتاليهہ ڀيرا سورة يوسف پڙهي تہ اهو هن سورة جو عامل ٿي ويندو. انهن ايڪيتاليهن ڏينهن جي دوران، وڏو گوشت، ڪچو بصر ۽ ٿوم استعمال نہ ڪري سگريٽ ۽ حقو پيندڙ هجي تہ هميشه لاءِ ڇڏي ڏي. ايڪيتاليهن ڏينهن کان پوءِ عشاءَ نماز کان بعد هڪ ڀيرو روزانو پڙهندو رهي. جيڪڏهن ڪنهن سخت حاڪم وٽ ڪنهن حاجت پوري ڪرڻ لاءِ وڃي تہ تيرهن ڀيرا سورة يوسف پڙهي وڃڻ سان حاجت پوري ٿي ويندي. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي جي حاجت پوري ڪرائڻي هجي تہ سورة يوسف جو هيٺ لکيل تعويذ لکي ڏي تہ انشاءَ الله تعالىٰ ان جي حاجت پوري ٿي ويندي. جيڪو بہ اهو تعويذ لکي پاڻ سان رکندو تہ عزت جو وقت گذاريندو ۽ خوشحال رهندو. تعويذ هي آهي.

١٢٥٩٨٧	١٢٦٠٠١	١٢٥٩٩٨	١٢٥٩٩٤
١٢٥٩٩٩	١٢٥٩٩٣	١٢٥٩٨٨	١٢٦٠٠٠
١٢٥٩٩٢	١٢٥٩٩٦	١٢٦٠٠٣	١٢٥٩٨٩
١٢٦٠٠٢	١٢٥٩٩٠	١٢٥٩٩١	١٢٥٩٩٧

هن تعويذ جا ٻيا بہ ڪيترا فائدا آهن پر هر ڪم ۾ محنت ۽ احتياط شرط آهي ۽ الله جل جلالہ جي ڪلام پاڪ جون برڪتون هر لحاظ سان بر حق آهن. (١)

١١- سيدنا يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي نالي جي سمجهاڻي ۽ نسب نامه: ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ يوسف اصل ۾ عبراني ٻوليءَ جو لفظ ٻنسببن "١" عجمه "٢" علم هجڻ جي ڪري غيرمنصرف آهي حضرت يوسف عليه

(١) تفسير نعيمي صہ ٣٦٠ جلد١٢

الصلواة والسلام حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو پڙپوٽو آهي. سندس نسب نامہ هن طرح آهي يوسف بن يعقوب بن اسحاق بن ابراهيم (عليٰ نبينا و عليهم الصلواة والسلام) امام احمد ۽ امام بخاري حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ حضور عليہ السلام جن فرمايو: اَلْكَرِيْمُ ابْنُ الْكَرِيْمِ ابْنِ الْكَرِيْمِ ابْنِ الْكَرِيْمِ يُوْسُفُ بْنُ يَعْقُوْبَ بْنِ اِسْحَاقَ بْنِ اِبْرَاهِيْمَ (عَلَيْهِمُ الصَّلواةُ وَالسَّلَامُ) آهي.(١)

١٢- مضمون ۽ انهن جي بيان ڪرڻ جو فائدو: هن سورة مبارڪہ ۾ حضرت يوسف عليہ الصلواة السلام جي مٿان اچڻ وارين حالتن جو ذڪر آهي جنهن سان الله جل جلالہ پنهنجي پياري حبيب عليہ الصلواة والسلام کي تسلي ڏني تہ جيئن حضرت يوسف (عليٰ نبينا و عليہ الصلواة والسلام) جي مقابلي ۾ سندس ڀائرن جا منصوبا ناڪام رهيا ۽ سيني کي مجبور ٿي سندس عظمت ۽ بلنديءَ کي تسليم ڪرڻو پيو تيئن هڪ اهڙو ڏينهن اچڻ وارو آهي جنهن ۾ مڪه مڪرمه جا رهاڪو قريشي ڪافر بہ اوهان جي نبوت حقانيت ۽ عظمت کي تسليم ڪندا ۽ اوهان جي رحمت واريءَ دامن سان وابسته هجڻ کي ئي پنهنجي نجات جو يقيني ذريعو سمجهندا.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اٰيَاتُهَا (١١١)	سُوۡرَةُ يُوۡسُفَ مَكِّيَّةٌ	رُكُوۡعَاتُهَا (١٢)

الٓرٰ قف تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ ① اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ قُرۡاٰنًا عَرَبِيًّا

الف،لام، را هي آيتون ڪتاب روشن جون آهن بيشڪ اسان نازل ڪيو ان کي قرآن عربي

لَّعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ② نَحۡنُ نَقُصُّ عَلَيۡكَ اَحۡسَنَ الۡقَصَصِ بِمَاۤ

تانتہ اوهان سمجهو اسين بيان ڪيون ٿا توتي قصن مان تمام سهڻي کي سببان ان جي جو

اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ ۖ وَاِنۡ كُنۡتَ مِنۡ قَبۡلِهٖ لَمِنَ الۡغٰفِلِيۡنَ ③

وحي ڪيوسون توڏانهن هي قرآن جيتوڻيڪ هئين تون اڳي ان کان البتہ خبر نہ رکندڙن مان

اِذۡ قَالَ يُوۡسُفُ لِاَبِيۡهِ يٰۤاَبَتِ اِنِّىۡ رَاَيۡتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوۡكَبًا

(ياد ڪر) جڏهن چيو يوسف واسطي پيءُ پنهنجي اي پيءُ منهنجا! بيشڪ مون ڏٺا يارهن تارا

(١) المظهري صہ ۴ تفسير سورة يوسف جلد ٥

وَّالشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ رَاَيۡتُهُمۡ لِيۡ سَاجِدِيۡنَ ﴿۴﴾ قَالَ يٰبُنَيَّ لَاتَقۡصُصۡ

۽ سج ۽ چنڊ ڏٺو مون انهن کي پنهنجي لاءِ سجدا ڪندڙ فرمايائين تہ اي پٽڙا منهنجا! نہ بيان ڪر

رُءۡيَاکَ عَلٰۤى اِخۡوَتِکَ فَيَکِيۡدُوۡا لَکَ کَيۡدًا ؕ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ

خواب پنهنجو ڀائرن پنهنجن تي پوءِ رٿيندا تنهنجي لاءِ رٿ بيشڪ شيطان

لِلۡاِنۡسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۵﴾

واسطي انسان جي دشمن ڪليل آهي.

تفسير

هن سورة ڪان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن سورتن، ۾ انبياءِڪرام عليهم السلام کي ملڻ وارن انهن ايذائن ۽ تڪليفن جو بيان هو جيڪي انهن کي ڌارين ۽ پراون ڪان مليون هيون ۽ هن سورة ۾ الله جل جلاله جي پياري نبي حضرت يوسف ۽ حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام کي سندن ڀائرن ۽ پٽن ڪان ملندڙ تڪليف ۽ ايذاءجو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "الۤرٰ" هي مقطعات حروف آهن جن جي متعلق گذريلن سورتن جي شروعات ۾ آيل حرفن جو تفسير ڪندي وضاحت ٿي چڪي آهي "تِلۡکَ اٰيٰتُ الۡکِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ" هي روشن ڪتاب جون آيتون آهن مطلب تہ هي آيتون جنهن ڪتاب ۾ نازل ڪيل آهن ان جو الله جل جلاله وٽان هجڻ بالڪل واضح آهي ۽ جن احڪام ۽ شرائع يا مواعظ ۽ نصيحتن تي هي مشتمل آهي اهي نهايت روشن ۽ صاف آهن "اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ قُرۡاٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّکُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ" يقينًا اسان ان کي قرآن عربي (زبان ۾) ڪري نازل ڪيو آهي تانتہ اوهان سمجهو - ڇو تہ عربي زبان ٻوليءَ جي لحاظ سان وڌيڪ فصيح، وسيع ۽ اهڙين معنائن ادا ڪرڻ ۾ نهايت روشن آهي جيڪي اثرائتيون آهن ان جي ڪري ڪتابن ۾ وڌيڪ شرف وارو ڪتاب قرآن ڪريم، ٻولين ۾ وڌيڪ شرف واريءَ عربيءَ ٻوليءَ ۾ رسولن ۾ وڌيڪ شرف واري رسول حضرت حبيب ڪريم عليه وعليهم الصلواة والسلام جن تي ملائڪن ۾ وڌيڪ شرف واري ملائڪ جي واسطي

سان لاڳو ويو ۽ ان جي نزول جي ابتداءِ مهينن ۾ وڏيڪ شرف واري مهيني رمضان المبارڪ ۾ ان سر زمين تي ڪئي وئي جيڪا گهڻين زمينن کان وڏيڪ شرف ۽ شان واري آهي "نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ اَحْسَنَ الْقَصَصِ بِمَآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ هٰذَا الْقُرْآنَ" ان جي ڪري جو اسان توڏانهن هي قرآن وحي ڪيو آهي اسين تنهنجي اڳيان قصن مان نهايت وڏيڪ سهڻي قصي کي بيان ڪيون ٿا. مطلب ته: ان وحي جي ذريعي جيڪو قرآن جي صورت ۾ اوهان ڏانهن نازل ٿي رهيو آهي اسين هڪ نهايت سهڻو بيان. نهايت سهڻي انداز ۾ جيڪو اڳين تاريخدانن هڪ ناول ۽ افساني جي صورت ۾ بيان ڪيو هو ان جي نهايت ضروري ۽ فائدي ڏيندڙن جزئن کي اهڙي عجيب ترتيب بليغ ۽ مؤثر انداز سان بيان ٿا ڪيون جنهن سان نه صرف اڳين تاريخ لکندڙن جي ڪوتاهيءَ جي خبر پوندي پر موقع به موقع اعلىٰ نتيجن ڏانهن رهنمائي پڻ ٿيندي ۽ قصي جي ضمن ۾ هدايت ۽ ڪيترن علمن جا دروازا کوليا ويندا.

احسن القصص سڏڻ جو سبب: سيدنا يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قصي کي احسن القصص (قصن ۾ تمام سهڻو قصو) ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جوان ۾انساني زندگيءَ جا سمورا ڪردار انتهائي سهڻي نموني ۽ اهڙي انداز سان پيش ڪيا ويا آهن جو هر هڪ جي حقيقت نهايت کلي سامهون اچي ٿي ۽ ان جي ئي ضمن ۾ حياتيءَ جا اهي مسائل بيان ڪيا ويا آهن جن جو انساني معاشري سان نهايت گهاٽو تعلق آهي ان ۾توحيد جا دلائل،خوابن جو تعبير،سياسي مسئلا، معاشري جون پيچيدگيون، معاشي اصلاح جون تدبيرون، مطلب ته اهي سمورا امور جيڪي دين ۽ دنيا جي اصلاح ۾ مؤثر هوندا آهن عجيب انداز سان بيان ڪيل آهن قرآن پاڪ ۾ اهڙو ٻيو ڪوبه قصو بيان ٿيل نه آهي جنهن ۾ اهڙيون عبرتون ۽ حڪمتون بيان ٿيل هجن (١)

علامه ثناءُ الله پاني پتي قدس سره العزيز لکيو آهي ته: حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي قصي کي احسن القصص سڏڻ جو سبب هي آهي جو اهو عجيب ڳالهين،عبرتن،حڪمتن ۽ اهڙن فائدن تي مشتمل آهي جن سان دين ۽ دنيا جي اصلاح ٿئي بادشاهن، ملڪن،تعبير جي علم ،عورتن جي مڪر، دشمنن جي ايذاءِتي صبر ڪرڻ ۽ طاقت ۽ قوة ملڻ کان پوءِ مخالفن کان درگذر ڪرڻ وغيره جو ذڪر آهي خالد بن معدان فرمايو آهي ته: جنت وارا جنت ۾ سورة يوسف ۽ سورة مريم پڙهي (ائين)

(١) القرطبي ص ١٢٠ جلد ٩

لذت حاصل ڪندا (جيئن اهي جنتي ميون کائڻ سان لذتون ماڻيندا) ابن عطاءَ جو قول آهي تہ ڪوبہ ڏکويل سورة يوسف پڙهندو تہ راحت نصيب ٿينديس (١)

"وَاِنۡ كُنۡتَ مِنۡ قَبۡلِهٖ لَمِنَ الۡغٰفِلِيۡنَ" جيتوڻيڪ ان کان اڳي تون خبر نہ رکندڙن مان هئين غافلين جو مادو آهي غفل. غفل الشئ جي معنىٰ آهي سها عنه وترکه غفل الشئ. ستره (٢) معنىٰ ڪنهن شيءِ کي وساريائين يا ڇڏي ڏنائين يا پردي ۾ رکيائين ۽ هتي مراد بہ ذهن ۾ نہ رکڻ مناسب لڳي ٿو ڇو تہ اڳتي "اِذۡ قَالَ يُوۡسُفُ" ۾ اذ جو لفظ بيٺو آهي ۽ جتي اذ جو لفظ ذکر ڪيل هوندو آهي تہ ان کان پهريان اذکر لفظ مقدر هوندو آهي هن آيت ۾ آيل لفظ "اِذۡ قَالَ" جي وضاحت ڪندي علامه اسماعيل حقي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ! اي اذکر يا محمد! وقت قول يوسف (٣)

يعني اي محمد! عليه الصلواة والسلام يوسف جي چوڻ وارو وقت ياد ڪر- پوءِ هن غافلين مان مراد آهي تہ: اي حبيب پاڪ! (عليه الصلواة والسلام) جنهن ڳالهہ ڏانهن اوهان توجهہ نہ فرمايو هو ۽ اوهان جي ذهن مان ائين نڪري وئي هئي ڄڻ تہ اوهان کي خبر ئي نہ هئي اسان هن قرآن پاڪ جي وحي ڪرڻ سان اوهان کي اهو سهڻو قصو بيان ڪري ٻڌايون ٿا (٤) والله اعلم.

ياد ڪر اي حبيب! (عليڪ الصلواة والسلام) جڏهن يوسف پنهنجي پيءُ کي چيو تہ اي منهنجا پيءُ! بيشڪ مون يارهن تارن ۽ سج ۽ چنڊ کي پاڻ ڏانهن سجدو ڪندڙ ڏٺو- هن حصي ۾ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جو اهو خواب بيان ڪيو ويو جنهن ۾ پاڻ ڏٺو هيائين تہ يارهن تارا، سج ۽ چنڊ کيس سجدو ڪري رهيا آهن.

حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام اهو خواب ڪڏهن، ڪهڙي مهيني ۾ ۽ ڪهڙي وقت ڏٺو؟

ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام اهو خواب رمضان المبارڪ مهيني جي قدر واري رات ڏٺو هو ۽ حضرت امام غزالي عليه الرحمتہ فرمايو آهي تہ حضرت يوسف اهو خواب ڏينهن جو ان وقت ڏٺو هو جڏهن پاڻ پنهنجي والد حضرت يعقوب عليهما الصلواة والسلام جي هنج ۾ مٿو رکي ستو پيو هو ۽ جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ ڏينهن وارو خواب معتبر نہ آهي اهي غلط آهن (٥) خواب ڏسڻ وقت حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي عمر مبارڪ ڪيتري هئي؟ ان ۾ ٽي قول آهن "١" ست سال "٢" ٻارهن سال "٣" سترهن سال (٦)

(١) المظهري سورة يوسف صہ٣ جلد٥ (٢) المنجد عربي صہ٥٨٤ (٣) روح البيان صہ٢١١ جلد٤ (٤) نعيمي صہ٣٦٨ جلد١٢ "٥" نعيمي صہ ٣٦٩ جلد١٢ (٦) زاد المسير صہ١٨٠ جلد٤

علامه مفتي احمد يار خان عليه الرحمته هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ پهريون قول وڌيڪ قوي آهي علامه رازي عليه الرحمته لکيو آهي تہ: ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام اهو خواب ننڍيءَ عمر ۾ ڏٺو هو. ۽ وهب جو قول آهي تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام ستن سالن جي عمر ۾ ڏٺو تہ ٻارهن وڏيون لٺيون زمين ۾ دائري وانگر کتل آهن ۽ اوچتو هڪ ننڍي لٺ آئي جيڪا انهن ٻارهن ئي وڏين لٺين کي ڳهي وئي پوءِ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام اهو خواب پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام کي ٻڌايو تہ ان منع ڪيس تہ اهو خواب ڀائرن کي نہ ٻڌائجان ان کان پوءِ وري ٻارهن سالن جي عمر ۾ خواب ۾ ڏٺائين تہ سج، چنڊ ۽ ٻارهن تارا کيس سجدو ڪري رهيا آهن اهو خواب بہ پيءُ کي ٻڌايائين ان کيس فرمايو تہ اهو خواب بہ ڀائرن کي نہ ٻڌائجان (١)خواب ڏسڻ جي ڪيفيت هيئن هئي تہ پهريان تارا لهندي نظر آيا ۽ زمين تي پهچڻ کان پوءِ حيواني شڪل يا ڪيڙن جي صورت ۾ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي سامهون سجدي ۾ ڪري پيا ان کان پوءِ سج پنهنجيءَ پوريءَ روشنيءَ سان لهي سجدي ۾ ڪري پيو ان کان پوءِ چنڊ بہ ائين نظر آيو(٢)

ڪن مفسرن لکيو آهي تہ سجدي مان اصطلاحي ۽ شرعي سجدو مراد ناهي جنهن جي معنىٰ هڪ متعين ۽ معروف صورت سان زمين تي مٿو رکڻ آهي بلڪ هتي سجدي مان مراد انقياد، اطاعت ۽ تذلل جي مرادف آهي ساجدين جي معنىٰ متواضعين (٣)

"قَالَ يَابُنَيَّ لَاتَقْصُصْ رُءْيَاكَ عَلٰٓى اِخْوَتِكَ فَيَكِيْدُوْا لَكَ كَيْدًا" فرمايو (حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام تہ) اي منهنجا پٽڙا! پنهنجو خواب پنهنجن ڀائرن سان بيان نہ ڪجان پوءِ تو لاءِ يقيناً سازش ڪندا "بُنَيَّ" (منهنجا پٽڙا) تصغير جو صيغو آهي جيڪو انتهائي محبت جو اشارو ڪري رهيو آهي. ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي نوراني چهري تي سليم الطبع هجڻ، شرافت، مدارج عاليه تي فائز ڪرڻ وارين صلاحيتن جا آثار ۽ انوار نمايان هئا ان جي ڪري حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام ان کي دل سان چاهيندو ۽ ساڻس گهڻي محبت رکندو هو ۽ جڏهن پاڻ اهو خواب پنهنجي والد کي ٻڌايائين تہ ان خواب جي تعبير ٻڌائڻ کان اڳ ۾ کيس هدايتون ڏنيون هيون تہ ان عظيم خواب جو

(١) التفسير الڪبير صہ٨٧ جزء١٨ (٢) نعيمي صہ ٣٦٩جلد١٢
(٣) مدارڪ صہ٢١١ جلد١ جزء٢

ذڪر ڀائرن سان نہ ڪري. ڇو تہ ڪيس خبر هئي تہ ڀائر ساڻس حسد رکن ٿا ويتر اهو خواب ٻڌي وڌيڪ دل آزاريءَ جي پويان پوندا. "اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لِلۡاِنۡسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ" بيشڪ شيطان انسان جي لاءِ کليل دشمن آهي. مطلب تہ شيطان جنهن جو ڪم ئي آهي ماڻهن کي گمراهہ بنائڻ، برن ڪمن، سخت ڏوهن کي حسين ۽ دلڪش بنائي پيش ڪرڻ اهو تنهنجن ڀائرن کي تنهنجي خلاف ڀڙڪائي توکي ايذا ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو.

فائدا: هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا "١" اصل قرآن عربي زبان ۾ آهي ان جو ترجمو قرآن ناهي ۽ قرآن پاڪ جي اصلي عربي لفظن جي حفاظت الله جل جلالہ جي ذمي آهي، ترجمي ۾ غلطي ٿي سگهي ٿي اصل عربي لفظن ۾ نہ ٿيندي "٢" قرآن پاڪ جو عربيءَ ۾ اچڻ اصل تہ الله تعالىٰ جو عربن تي احسان آهي پر جڏهن تہ اهو بہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي صدقي آهي ان جي ڪري اهو انهن تي حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جو بہ احسان آهي "٣" قرآن پاڪ علم سان گڏ عقل بہ عطا ڪرڻ وارو آهي جيئن "لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ" مان واضح آهي "٤" اَحَدَ عَشَرَ كَوۡكَبًا" (ٻارهن تارا) حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جيٰ ڀائرن کي تارا سڏڻ مان واضح ٿيو تہ اهي ڪافر نہ هئا حضرت يوسف ۽ حضرت يعقوب عليهما الصلواة والسلام جي صحبت سان مشرف ٿيڻ جي ڪري مؤمن هيا.

وَكَذٰلِكَ يَجۡتَبِيۡكَ رَبُّكَ وَيُعَلِّمُكَ مِنۡ تَاۡوِيۡلِ الۡاَحَادِيۡثِ وَيُتِمُّ

۽ اهڙي طرح برگزيد وبنائيندو تو کي رب تنهنجو ۽ سيکاريندو توکي تعبير خوابن جو ۽ پوري ڪندو

نِعۡمَتَهٗ عَلَيۡكَ وَعَلٰٓى اٰلِ يَعۡقُوۡبَ كَمَآ اَتَمَّهَا عَلٰٓى اَبَوَيۡكَ مِنۡ

نعمت پنهنجي توتي ۽ يعقوب جي اولاد تي جيئن پورو ڪيائين ان کي پيءُ ڏاڏي تنهنجي تي

قَبۡلُ اِبۡرٰهِيۡمَ وَاِسۡحٰقَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ۝٦ ع لَقَدۡ كَانَ فِيۡ ع-١١

اڳ ۾ ابراهيم ۽ اسحاق تي بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي البت تحقيق

يُوۡسُفَ وَاِخۡوَتِهٖۤ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيۡنَ ۝٧ اِذۡ قَالُوۡا لَيُوۡسُفُ وَاَخُوۡهُ

يوسف ۽ ان جي ڀائرن ۾ نشانيون هيون پڇندڙن جي لاءِ جڏهن چيائون تہ البت يوسف ۽ ان جو ڀاءُ

اَحَبُّ اِلٰٓى اَبِيْنَا مِنَّا وَنَحْنُ عُصْبَةٌ ۭ اِنَّ اَبَانَا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنِ ۝۸ۚ صلے

وڌيڪ پيارا آهن پيءُ اسان جي وٽ اسان کان حالانڪ اسين مضبوط جماعت آهيون بيشڪ پيءُ اسان جو البت کليل گهٽي محبت ۾ آهي

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ الله جل جلاله حضور عليه الصلواة والسلام جن کي فرمايو ته اسين اوهان کي (حضرت) يوسف (عليه الصلواة والسلام) جو سمورو بيان ٻڌايون ٿا ۽ هتي بيان ڪيو ويو آهي ته حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي خوابن جو تعبير به اسان سيکاريو هو. فرمان عالي شان آهي "وَكَذٰلِكَ يَجْتَبِيْكَ رَبُّكَ وَيُعَلِّمُكَ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ وَيُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَعَلٰٓى اٰلِ يَعْقُوْبَ كَمَآ اَتَمَّهَا عَلٰٓى اَبَوَيْكَ مِنْ قَبْلُ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ ۭ اِنَّ رَبَّكَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ." ۽ اهڙي طرح تنهنجو رب توکي برگزيدو بنائيندو ۽ توکي خوابن جو تعبير سيکاريندو ۽ تو تي ۽ يعقوب جي آل تي پنهنجي نعمت ائين پوري ڪندو جيئن اڳ ۾ تنهنجي پيءُ، ڏاڏي، ابراهيم ۽ اسحاق تي پوري ڪئي هيائين بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي - هيءَ اها وڏيڪ خوشخبري آهي جيڪا حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام پنهنجي پٽ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي ٻڌائي ته: الله جل جلاله توکي خوابن جي تعبير جو ملڪه به عطا ڪندو علامه رازي عليه الرحمته لکيو آهي ته: تاويل الاحاديث مان مراد آهي روحاني ۽ جسماني مخلوقات سان الله جل شانه جي قدرت، حڪمت ۽ جلالت تي دليل وٺڻ جي ڪيفيت ڄاڻائڻ (١)

"يَجْتَبِيْ" ورتل آهي اجتباء کان معنىٰ منتخب ڪرڻ، چونڊڻ، ۽ پنهنجي ذات لاءِ مخصوص ڪرڻ - مفسرن هن لفظ جي تشريح ۾ ست قول نقل ڪيا آهن، "١" اجتباء مان مراد آهي نبوت سان نوازڻ گويا ڪه حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام پنهنجي فرزند دلبند کي اها بشارت ڏني ته الله جل جلاله توکي نبوت جهڙي وڏي منصب لاءِ منتخب ڪندو.

٢- بادشاهي ۽ حڪمراني ڏيڻ.

(١) تفسير ڪبير صه٩٠ جز١٨

٣- ڀائرن ۾ ٻين سڀني کان بلندي ۽ سر افرازي عطا ڪرڻ
٤- عورتن جي فتنن ۽ ٻين گناهن کان معصوم رکڻ
٥- روحاني فيوضات ۽ نوازشن ۾ اها برڪت رکڻ جو ان دور جو هر انسان سندس ممنون ۽ زير احسان رهي.
٦- حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو پنهنجي پاڻ کي انتقام جي جذبي کان بچائڻ ۽ ڀائرن کي معاف ڪرڻ.
٧- الله جل شانه جي طرفان ڪيس انهن ٻانهن ۾ شامل ڪرڻ جن جو سينو اخلاص جي نور سان معمور هوندو.

"تَأْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ" جي تعليم مان مراد خوابن جو تعبير آهي يا ڳالهين جي عاقبت، انجام ۽ اندر تائين پهچڻ - انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جو وجود مسعود جڏهن ازلي ۽ ابدي نور سان اتصال پيدا ڪندو آهي تہ ڪائنات جو عظيم وسعتون انهن جي وجود ۾ جڻ تہ سمائجي وينديون آهن پوءِ جيڪي ڪم عام ماڻهو ڪروڙين سالن ۾ نہ ڪري سگهندا آهن اهي ڪم انبياء سڳورا عليهم الصلواة والسلام منٽن بلڪ سيڪنڊن ۾ ڪري ڏيکاريندا آهن اهي ئي اهي وڏيون نعمتون آهن جيڪي الله جل شانه قرآن ڪريم ۾ جا بجا بيان فرمايون آهن ۽ هتي بہ حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام پنهنجي پٽ کي اهو ئي احسان بشارت طور ٻڌائي رهيو آهي تہ! اي منهنجا پٽ! هاڻي تنهنجو پڙهائيندڙ خود خدا آهي تو کي اهو علم لدني ڏنو ويندو جنهن جي اڳيان جهان جي هر شيءِ روشن ٿي ويندي (١) ۽ "توتي پنهنجي نعمت پوري ڪندو."

نعمت پوري ڪرڻ مان مراد ڇا آهي؟

ان ۾ ٣ قول آهن "١" نبوّت عطا ڪرڻ "٢" حق جي ڪلمه کي بلند ڪرڻ جي صلاحيت ۽ همت "٣" ڀائرن جو محتاج ٿي سندس خدمت ۾ اچڻ (٢)

مطلب تہ الله جل جلاله توکي ۽ تو سان گڏ منهنجي ٻئي اولاد کي اخروي نعمتن سان گڏ دنيوي نعمتون بہ عطا ڪندو اوهان کي نبوت سان گڏ بادشاهي ڏيندو تڪليفون ۽ ڏک لاهي خوشحاليءَ واري زندگي نصيب ڪندو ۽ يعقوب عليه الصلواة والسلام جي گهراڻي کي دنيوي ڏکن ۽ مادي تڪليفن کان نجات ڏيندو آئنده ان جي نسل مان پيغمبر سڳورا ۽ بادشاهه پيدا ڪندو "جيئن تنهنجي پيءُ، ڏاڏي، ابراهيم ۽ اسحاق

(١) تفسير سورة يوسف اردو صہ٣٨ (٢) زاد المسير صہ ١٨١ جلد٤

(عليهما الصلواة والسلام) تي پوري پوري نعمت ڪئي هيائين - هتي حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام پنهنجو نالو تواضع جي ڪري ذڪر نہ ڪيو حالانڪ پاڻ بہ الله جل جلالہ جو نبي هو حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام تي خاص نعمتون هي ٿيون جو الله جل جلالہ ان کي پنهنجو نبي بنايو ۽ ان تي باه کي باغ ڪيو سندس دلبر پٽ حضرت اسماعيل علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي بچائي ان جي بجاءِدنبي جي قربانيءَ ڪي منظور فرمايو. حضرت اسحاق علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام تي خاص نعمتون هي ٿيون جو کيس حضرت يعقوب علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جهڙو پيارو پٽ مليو جنهن جو نسل دنيا تي هلندو ٿو رهي ۽ سندس اولاد مان ڪيترا نبي ۽ رسول ٿيا (عليهم الصلواة والسلام) ۽ آسمان کان نازل ڪيل ٽي وڏا ڪتاب توراة، زبور ۽ انجيل انهن کي مليا(١) (اي يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) بلاشڪ تنهنجو رب عليم (ڄاڻندڙ) آهي جنهن جو علم ازلي، ابدي، قديم آهي ظاهر، باطن هر ڪجهہ ڄاڻي ٿو. جنهن ڪي جو ڪجهہ ڏئي ٿو بالڪل درست ڏئي ٿو. ۽ ان جو ڪو بہ ڪم اعتراض ڪرڻ جهڙو ناهي ڇو تہ حڪيم (حڪمت وارو) آهي ان جي حڪمت جي تقاضا آهي تہ ڪير مصطفىٰ ٿيڻ جي لائق آهي تہ ڪير مجتبىٰ ٿيڻ جي لاءِ اهل آهي پنهنجي حڪمت سان جهان هلائي رهيو آهي. مفسرن سڀورن فرمايو آهي تہ پوري پوري نعمت ڪرڻ جو مطلب آهي تہ هر دنيوي نعمت اهڙي نموني استعمال ڪئي وڃي جو آخرت ۾ درجن جي بلند ٿيڻ جو سبب بنجي.

"لَقَدْ كَانَ فِيْ يُوْسُفَ وَاِخْوَتِهٖٓ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيْنَ" بيشڪ يوسف ۽ سندس ڀائرن جي قصي ۾ پڇندڙن جي لاءِ (گهڻيون) نشانيون آهن. مطلب تہ، حضرت، يوسف عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي ڀائرن جي قصي ۾ فطر تي قانونن ۽ الاهي سنتن جي متعلق پڇا ڪندڙن جي لاءِ ڪليل نشانيون موجود آهن. حق جا طالب ۽ علم جا اڃايل عمومًا ۽ اهي اهل ڪتاب خصوصًا جن امتحان طور حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن کان اهو واقعو پڇيو هو عبرت حاصل ڪن ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ۽ سندس ڀائرن جي ان باهمي معاملات مان اخلاقي ۽ ديني سبق حاصل ڪن. ۽ "اٰيٰتٌ" (نشانين) مان مراد الله جل جلالہ جي قدرت، عظيم،

(١)نعيمي صہ ٣٧٩ جلد١٢

حڪمت يا عبرت جون نشانيون آهن

خواب وارو راز ڪيئن ظاهر ٿيو؟

مفسرن سڳورن لکيو آهي ته حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي حضرت يعقوب روڪيو هو ته اهو خواب وارو واقعو ڀائرن کي نه ٻڌائجان ان ته ڪنهن سان ڳالهه ڪانه ڪئي پر گهر ۾ موجود عورتن مان هڪ قول مطابق حضرت يوسف علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ماسيءَ سندس ڀائرن سان اهو خواب وارو واقعو بيان ڪري وڌو ۽ ان کان پوءِ انهن سازش رٿڻ شروع ڪئي مگر رب العزة جل جلاله پنهنجي قدرت قاهره سان اڪيلي يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي اهڙي بادشاهي، قوت ۽ طاقت عطا ڪئي جو انهن گهڻن ۽ طاقتور ڀائرن کي سندس اڳيان جهڪڻو پيو (١).

"اِذْ قَالُوْا لَيُوْسُفُ وَاَخُوْهُ اَحَبُّ اِلٰٓى اَبِيْنَا مِنَّا وَنَحْنُ عُصْبَةٌ ۭاِنَّ اَبَانَا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنِ" جڏهن (پاڻ ۾) گفتگو ڪرڻ لڳا ته بيشڪ يوسف ۽ ان جو (سڳو) ڀاءُ (بنيامين) اسان جي پيءُ وٽ اسان کان وڌيڪ محبوب آهن حالانڪ اسان (مضبوط) جماعت آهيون بلاشڪ اسان جو پيءُ ڪليل، سخت محبت ۾ آهي "لَقَدْ" ۾ لام تاڪيد جو آهي ۽ ڪن مفسرن لکيو ته قسم جو آهي: مطلب ته: اي پيارا حبيب! (عليه الصلواة والسلام) اهو وقت به ياد ڪيو جڏهن يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جا ڀائر گهر ۾ لکي پاڻ ۾ صلاح، مشورا ڪري رهيا هئا ته: اسان جي والد کي اسان جا ٻه ڀائر يوسف ۽ بنيامين تمام گهڻا پيارا آهن.

حضرت يوسف ۽ سندس ڀاءُ والد کي وڌيڪ پيارا ڇو هئا؟

حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جي انهن ٻنهي پٽن سان وڌيڪ محبت جا اسباب ڪهڙا هئا؟ مفسرن ان جا ٻه ٽي اسباب ذڪر ڪيا آهن.

"١" اهي ٻئي صغير (ننڍا) هيا ته سندن والده وفات ڪري وئي هئي. ۽ ظاهر آهي ته ان حالت ۾ پيءُ کي ئي انهن تي گهڻي شفقت ٿي هوندي "٢" انهن ٻنهي ۾ رشد، هدايت ۽ نجات جا جيڪي آثار ڪيس نظر ٿي آيا اهي ٻين ۾ نظر نه ٿي آيا "٣" ته

(١) تفسير نعيمي ص ٣٨٠ جلد١٢

اهي ننڍيءَ عمر جي باوجود پيءُ جي خدمت وڌن کان وڌيڪ ڪندا هئا (١) پاڻ کي "عُصْبَةٌ" (مضبوط) جماعت ان جي ڪري سڏيو هيائون جو اهي پاڻ ۾ گهڻا هئا (٢) علامه ابن قتيبه آندو آهي تہ العصبة من العشرة الى الاربعين (٣) يعني ڏهن کان چاليهن تائين عصبة سڏيو ويندو آهي.

"ضَلاَلٍ مُّبِيْنٍ" مان مراد ڇا آهي؟

ڪيترن ترجمه ڪندڙن "ضَلاَلٍ" جي معنىٰ "ڀل" لکي آهي پر نبيَّ سڳوري عليه الصلواة والسلام جي شان جي لائق اهو لفظ ناهي ادب جو لحاظ رکندي اعلىٰ حضرت عليه الرحمة ان جو ترجمو ڪيو آهي "سخت محبت" جيئن مون بہ لکيو آهي ۽ اهو صرف اعلىٰ حضرت عليه الرحمة ۽ منهنجو ترجمہ ناهي پر علامه رشيد رضا صاحب ان لفظ جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: انه لفي تيه من المحاباة لهما (٤)

اهو انهن ٻنهي سان محبت رکڻ ۾ حيرت جي مقام تي آهي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ ان مان مراد آهي خواهش حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ۽ ان جي سڳي ڀاءُ سان گهڻي محبت رکڻ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي دلي خواهش ۽ ڪليل ڳالهہ هئي (٥) پاڻ هر روز ڪين سيني سان لڳائي پيار ڪندو هو (٦)

حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ڀائرن جا نالا

حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جا ١٢ ڀائر هئا انهن جا نالا ڪهڙا هئا؟ ان ۾ اختلاف آهي ڪن مفسرن لکيو آهي تہ: حضرت يوسف ۽ بنيامين هڪ امڙ مان هئا جنهن جو نالو راحيل هو ۽ توراة ۾ راحل لکيل آهي اها حضرت يعقوب عليه الصلواة

(١) التفسير الكبير صہ٩٣جزء ١٨ (٢) ايسر التفاسير صہ٣٨٣جلد٢ (٣) تفسير غريب القرآن صہ٢١٣ (٤) المنار صہ٢٦٠جلد١٢ (٥) البحر المحيط صہ٣٨٣جلد٥ (٦) ساڳيو حوالو

والسلام جي ماروٽِ (مامي جي ڌيءُ) هئي. ۽ ڇهه ڀائر "١" روبيل "٢" شمعون "٣" لاوي "۴" يهودا "٥" ريان "٦" يشحر ۽ هڪ نياڻي دينه حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جي گهرواريءَ ليا مان ڄاوا هئا ۽ چار ڀائر "١" تفتالي "٢" وان "٣" جاد "۴" آسر ٻن ٻانهين جي اولاد مان هئا هڪڙيءَ جو نالو زلفيٰ ۽ ٻيءَ جو نالو بلهمه هو سيني ڀائرن مان وڏو روبيل هو. حضرت يعقوب (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) پهريان شادي ليا سان ڪئي هئي ان جي وفات کان پوءِ ان جي ڀيڻ راحيل سان جنهن مان حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ۽ بنيامين ڄاوا هئا (١)

فائدا. هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا سمجهه ۾ اچن ٿا "١" حضرت يعقوب (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي پٽن مان صرف حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) نبيّ هو ٻيو ڪو به پٽ نبيّ نه هو جيئن "يَجْتَبِيْكَ" (توکي منتخب فرمائيندو) مان ظاهر آهي ڇو ته ان ۾ "ڪ" واحد مذکر مخاطب جو صيغو آهي.

"٢" "وَيُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَعَلٰى اٰلِ يَعْقُوْبَ" (۽توتي ۽ يعقوب جي آل تي پنهنجي نعمت پوري ڪندو) مان واضح ٿيو ته حضرت يعقوب عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جا ٻيا پٽ، نياڻيون، ۽ گهر واريون سڀ ايمان وارا هئا انهن مان ڪير به ڪافر نه هو. ڇو ته آل ۾ سيئي پٽ، نياڻيون ۽ گهر واريون داخل آهن پر اهي نبي نه هئا ڇو ته عورت ته نبي نه ٿي سگهندي ۽ ٻيا پٽ به "يَجْتَبِيْكَ" ۾ ذڪر ڪيل ناهن "٣" اولاد مان هڪڙن سان سندن صلاحيت، تقويٰ ۽ دينداريءَ جي ڪري ٻين کان وڌيڪ محبت رکڻ گناهه ناهي جيڪڏهن گناهه هجي ها ته حضرت يعقوب حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) سان وڌيڪ محبت نه رکي ها.

اعتراض: ڪيترن مفسرن لکيو آهي ته حضرت يوسف عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جا ڀائر به نبيّ هئا ۽ اوهان لکيو آهي ته نبي نه هئا.

جواب: واقعي ڪيترن مفسرن ائين لکيو آهي پر علامه قرطبي ۽ مفتي احمد يار نعيمي عليهما الرحمة ان قول کي ضعيف سڏيو آهي. تفصيل سندن تفسيرن ۾ ڏسو (٢)

(١) المظهري ص٥ سورة يوسف ج٥ (٢) نعيمي ص٣٨٣ جلد١٢ القرطبي ص١٣٣ جلد٩

ۨاقْتُلُوْا يُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا يَّخْلُ لَكُمْ وَجْهُ اَبِيْكُمْ

قتل ڪيو يوسف کي يا اڇلايو ان کي (پرانهين) زمين ۾ ته خالي ٿئي اوهان لاءِ منهن (مبارڪ) اوهان جي پيءُ جو

وَتَكُوْنُوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِيْنَ ﴿٩﴾ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ لَا تَقْتُلُوْا

۽ ٿجو ان کان پوءِ (توبه ڪري) قوم صالح چيو هڪ چوندڙ انهن مان ته نه قتل ڪيو

يُوْسُفَ وَاَلْقُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ يَلْتَقِطْهُ بَعْضُ السَّيَّارَةِ اِنْ

يوسف کي ۽ اڇلايو ان کي اونداهين کوهه ۾ ته وٺي ويندو ان کي ڪو واٽ ويندڙن مان جيڪڏهن

كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿١٠﴾ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاْمَنَّا

آهيو ڪندڙ چيائون ته اي اسان جا پيءُ! ڇا (ٿيو) آهي توکي جو نه ٿو ڀروسو ڪرين

عَلٰى يُوْسُفَ وَاِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ ﴿١١﴾

اسان تي يوسف جي باري ۾ ۽ بيشڪ اسين ان جي لاءِ البت خير خواه آهيون؟

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن جي زباني دشمنيءَ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي عمليءَ دشمنيءَ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي ۨاقْتُلُوْا يُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا يَّخْلُ لَكُمْ وَجْهُ اَبِيْكُمْ وَتَكُوْنُوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِيْنَ" يوسف کي قتل ڪيو يا ان کي ڪنهن(پرانهين) زمين ۾ اڇلائي اچو ته اوهان لاءِ اوهان جي پيءُ جو منهن (مبارڪ) خالي رهندو ۽ ان کان پوءِ اوهان (توبه ڪري) صالح قوم ٿي پئجو- حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جا ڀائر نبيءَ سڳوري جا پٽ هيا سٺي گهراڻي ۾ پلجي وڏا ٿيا هئا ان جي ڪري اهو ڪم انهن کي ڏکيو ته لڳو ٿي ڇو جو ڪنهن

کي ناحق تکليف ۽ ايذاءڏيڻ گناهہ آهي پر نفس کين ڏوکي ۾ رکي سمجهايو تہ اهو ناجائز کم کرڻ کان پوءِ اوهان توبه کري سچا ۽ صالح ٻانها ٿي وڃجو. ۽ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي گم هجڻ جي کري اوهان جي والد ماجد جو توجه بہ اوهان ڏي ٿي رهندو.

قَالَ قَآئِلٌ مِّنۡهُمۡ لَا تَقۡتُلُوۡا يُوۡسُفَ وَاَلۡقُوۡهُ فِيۡ غَيٰبَتِ الۡجُبِّ يَلۡتَقِطۡهُ بَعۡضُ السَّيَّارَةِ اِنۡ كُنۡتُمۡ فٰعِلِيۡنَ. انهن مان هڪ چوندڙ چيو تہ جيڪڏهن ڪجهہ ڪرڻو ئي آهي تہ يوسف کي قتل نہ ڪيو ۽ ان کي کوه جي اونداهين ۾ اڇلائي ڇڏيو تہ کو واٽ ويندڙن مان کيس وٺي ويندو. اها صلاح ڏيندڙ سندن ڀاءُ "يَهُوْدَا" هو جيڪو انهن سڀني ۾ زياده عقلمند ،سهڻي راءِ ڏيندڙ هو(١) ان صلاح ڏيندي ڀين کي چيو تہ قتل نہ ڪيوس ڪنهن اونهي کوه جي تري ۾ اڇلائي ڇڏيوس کو نہ کو واٽهڙو کيس کڻي اهڙي زمين تي پهچائيندو جو نہ واپس اچي نہ اوهان کي پريشاني ٿئي.

سمجهاڻي: آيت ۾ ذکر ڪيل لفظ "يَلۡتَقِطۡ" التقاط کان ورتل آهي جنهن جو مادو لقطة آهي جيڪا بہ ڪريل شيءِ ڪنهن کي لڀي تہ ان کي لقطة سڏيو ويندو- فقهاءِ ڪرام ساه واري لڌل کي لقيط ۽ غير ساه واريءَ شيءِ کي لقطة سڏيندا آهن ۽ انسان لقيط ان وقت سڏيو ويندو آهي جنهن وقت اڃان بالغ نہ هوندو آهي ۽ ان مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام ان وقت اڃان ننڍو هو(٢) ان وقت تمدني ترقي اها هئي جو اهڙن رستن ۽ واٽن تي کوهہ کوٽيا ويندا هئا جتان ماڻهو ايندي ويندي سهوليت سان پاڻي پي سگهن ۽ هيءَ تاريخي حقيقت بہ آهي تہ ان وقت فلسطين جي اتر اوڀر واري علائقي ۾ واپاري قافلن جي اچ وڃ هڪ طرف فلسطين ۽ مصر ٻئي طرف عرب ۽ مصر جي وچ ۾ جاري هوندي هئي (٣)

نبيّ سڳوري کي شهيد نہ ڪرڻ جي صلاح جو انعام

حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن مان کيس قتل نہ ڪرڻ جي صلاح ڏيندڙ ڀاءُ يهودا کي ان صلاح ڏيڻ جي ڪري اهو انعام مليو جو بني اسرائيل جا گهڻا نبيّ عليهم الصلواة والسلام ان جي اولاد مان ٿيا ۽ دنيا تي گهڻو نسل بہ ان جو هليو. جيتوڻيڪ الله جل جلاله جي ارادي مبارڪ ۾ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کي محفوظ رکڻو هو کيس

(١) تنوير الاذهان ص٢٠٨جلد٢ (١) القرطبي ص ١٣٤جلد٩ (٣) حاشيه درياٻادي ص٤٨٦

قتل ڪري نہ سگهن ها پر سهڻي صلاح ڏيڻ جو ڪيس اجر مليو ۽ مذڪوره نعمتن سان نوازيو ويو اهو کوه جنهن ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي اڇلائڻ جو پروگرام ڪيو هيائون سندن رهڻ واري علائقي ڪنعان کان ڏهہ ڪلو ميٽر پري هو. بعضي صوفياءِ ڪرام جو قول آهي تہ اهو مشورو انهن ۹ محرم تي ڪيو ۽ ڏهين محرم تي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي کوه ۾ اڇلايو هو (١) الغرض صلاح ڪرڻ واري ڏينهن کان ٻئي ڏينهن صبح جو حضرت يعقوب علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ اچي اهو عرض ڪيائون جيڪو قرآن پاڪ بيان ڪندي ارشاد فرمايو.

قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَالَكَ لَاتَاْمَنَّا عَلٰى يُوْسُفَ وَاِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ چيائون تہ! اي اسان جا پيءُ! اوهان کي ڇا آهي؟ جو ان هوندي جو اسين يوسف جي لاءِ ڀلائي سوچيندڙ آهيون توهان جي معاملي ۾ اسان تي اعتماد ڪري امين نہ ٿا سمجهيو؟ گفتگوءَ جي ان محاوري ۽ انداز مان ائين محسوس ٿئي ٿو تہ اهي پهريان بہ اهڙي طلب ڪري چڪا هئا پر حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جي دل مطمئن نہ هئي. ڪن مفسرن لکيو آهي تہ الله جل جلالہ جي طرفان عطا ٿيل علم غيب جي ذريعي حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام کي اڳ ۾ معلوم ٿي چڪو هو تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جا ڀائر ڪيس ڪونہ ٿا سهن سندس عزت، احترام ۽ والد جي طرفان ملندڙ گهڻي محبت ۽ شفقت برداشت نہ ٿا ڪن ۽ اها ڪيفيت ڀائر بہ محسوس ڪري چڪا هئا تڏهن اهو عرض ڪيو هيائون (٢)

فائدو: قلب جي رقت ۽ نرمي الله جل جلالہ جي نعمت آهي جيڪا ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿيندي آهي ۽ انسان ان جي ذريعي ڪيترن گناهن کان پاڻ تہ بچندو آهي پر ٻين کي بہ بچائيندو آهي جڏهن حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي شهيد ڪرڻ جو مشورو ٿي رهيو هو تہ سندن ڀاءُ يهودا جي دل اها ڳالهہ برداشت نہ ڪندي ڪين روڪيو تہ: قتل نہ ڪيوس اها سندس دل جي نرمي هئي جنهن جي ڪري حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي قتل ڪرڻ واري عظيم گناه کان پاڻ تہ بچيو پر ٻين کي بہ بچائي وڌائين.

(١) نعيمي صہ٣٩٠ جلد١٢ (٢) تنوير الايمان صہ٥٠پ١٢

اَرۡسِلۡهُ مَعَنَا غَدًا يَّرۡتَعۡ وَيَلۡعَبۡ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوۡنَ ⑫ قَالَ

موڪل تون ان کي اسان سان گڏ صبحاڻي ته (ميوا) کائي ۽ راند ڪري ۽ بيشڪ اسين ان جي لاءِ البت حفاظت ڪندڙ آهيون فرمايائين

اِنِّيۡ لَيَحۡزُنُنِيۡۤ اَنۡ تَذۡهَبُوۡا بِهٖ وَاَخَافُ اَنۡ يَّاۡكُلَهُ الذِّئۡبُ وَاَنۡتُمۡ

ته بيشڪ مان البت ڏکوئي ٿي مون کي هيءَ ڳالهه ته وٺي وڃو اوهان ان کي ۽ ڊڄان ٿو هن ڪان ته کائي ان کي بگهڙ ۽ اوهان

عَنۡهُ غٰفِلُوۡنَ ⑬ قَالُوۡا لَئِنۡ اَكَلَهُ الذِّئۡبُ وَنَحۡنُ عُصۡبَةٌ اِنَّاۤ اِذًا

ان کان غافل هجو سي چوڻ لڳا ته البت جيڪڏهن کاڌو ان کي بگهڙ حالانڪ اسين (مضبوط) جماعت آهيون بيشڪ اسين ان وقت البت

لَّخٰسِرُوۡنَ ⑭ فَلَمَّا ذَهَبُوۡا بِهٖ وَاَجۡمَعُوۡۤا اَنۡ يَّجۡعَلُوۡهُ فِيۡ غَيٰبَتِ

نقصان وارا آهيون پوءِ جڏهن وٺي ويا ان کي ۽ متفق ٿي فيصلو ڪيائون ته وجهن ان کي اونداهين

الۡجُبِّ ۚ وَاَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمۡ بِاَمۡرِهِمۡ هٰذَا وَهُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ⑮

کوه جي ۾ ۽ وحي موڪليون سون ان ڏانهن ته البت ضرور خبر ڏيندين تون انهن کي هن معاملي جي ۽ اهي نه سمجهندا هوندا.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي پيئيتن ڀائرن جي طرفان پنهنجي والد سان محبت جي اظهار واري گفتگو هئي ۽ هنن آيتن ۾ ان محبت واري گفتگو تي اعتماد ۽ يقين ڪرڻ لاءِ اصرار جو بيان آهي فرمان ايزدي آهي.

" اَرۡسِلۡهُ مَعَنَا غَدًا يَّرۡتَعۡ وَيَلۡعَبۡ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوۡنَ" صبحاڻي ان کي اسان سان گڏ موڪل ته ميوا کائي ۽ راند ڪري ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسين ان جي حفاظت ڪندا سون پيءُ کي پنهنجي طرفان اعتماد ۽ يقين ڏيارڻ کان پوءِ اهو عرض ڪيو هيائون ته: (حضرت) يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي صبحاڻي

اسان سان گڏ موڪلي ڇڏ تہ نوان، نوان، تازا، تازا ميوا کائي. گهمي، ڦري ۽ راند ڪري، ان ڪي ڪوبہ خطرو نہ سمجهہ اسين ان جي هر طرح حفاظت ڪندا سون.

"يَرْتَعْ" رتع ڪان ورتل آهي معنىٰ جيترو کائي جيئن کائي ۽ راند مان مراد ڊوڙڻ، شڪار ڪرڻ ۽ تير هڻڻ وغيره آهي جيڪو شريعت ۾ مباح ۽ جائز آهي (١) المراد باللعب المباح (٢) راند مان مراد اها راند آهي جيڪا شرعًا جائز ۽ مباح هجي علامه نسفي لکيو آهي "نَلْعَبْ" نتفرج بما يباح (٣)

يعني جيڪا راند جائز آهي ان سان دل خوش ڪيون - هنن حوالن جي آڻڻ مان مقصد اهو آهي تہ متان ڪو الله جل جلالہ جي نبيّ عليه الصلواة والسلام تي اعتراض ڪري تہ ان راند جي موڪل ڇو ڏني؟ وضاحت ڪئي وئي تہ راند مان مراد تفريح هئي اهڙي راند نہ جيڪا شريعت مطهره جي خلاف هجي جيئن رڪاڻنگ هلي، مردن جا گوڏا اگهاڙا هجن يا جوا جو طريقو هلايو وڃي يا شرطون رکيون وڃن - تفسير جلالين جي شارح لکيو آهي تہ: راند مان مراد ڊوڙڻ ۽ تير اندازي ڪرڻ وغيره هو. ۽ جڏهن تہ انهن ۾ ننڍن جي لاءِ گهڻيون مصلحتون ۽ فائدا آهن طبيعت کلي ٿي دل خوش ٿئي ٿي ان جي ڪري مناسب وقت تي ان جي اجازت آهي (۴)

"قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْٓ اَنْ تَذْهَبُوْا بِهٖ وَاَخَافُ اَنْ يَّاْكُلَهُ الذِّئْبُ وَاَنْتُمْ عَنْهُ غَافِلُوْنَ" چيائين تہ بلاشڪ مون کي اها ڳالهہ غمگين ٿي بنائي تہ اوهان ان کي وني وڃو ۽ مان اهو بہ خوف رکان ٿو تہ متان ان کي بگهڙ کائي ۽ اوهان ان کان (راند جي خيال ۾) بي خبر رهو. مطلب تہ اوهان جو يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي پاڻ سان وني وڃڻ مون کي غمگين ٿو بنائي. اها ايتري جدائي بہ مان برداشت نہ ٿو ڪري سگهان ان سان گڏ مون کي اهو بہ ڊپ ٿو ٿئي تہ اوهان راند ۽ کائڻ پيئڻ جي مشغوليءَ ۾ ان کان بي توجهہ ٿي وڃو تہ جهنگل ۾ رهندڙ بگهڙ ان کي کائي نہ وڃي.

فلسطين جي سر زمين ۾ جتي حضرت يعقوب علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ،جن رهندا هئا بگهڙ گهڻا هوندا هئا جن جي ڪين خبر هئي. تڏهن اها ڳالهہ ڪئي هيائون.

(١) المظهري تفسير سورة يوسف صـ١٣ جلد٥ (٢) الجامع لاحكام القرآن صـ١٣٩جلد٩
(٣) المدارک صـ٢١٣جزء٢ جلد١ (۴) حاشيہ ڪمالين شرح جلالين صـ١٦٢پ١٢

طبعي طور ڪنهن ڳالهہ تي غمگين ٿيڻ يا ڪنهن جو خوف ڪرڻ منع ناهي

هن آيت ۾ ذڪر ڪيل غم ۽ خوف جو تعلق حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سان آهي جيڪو نہ شرعًا منع آهي ۽ نہ انهن طبعي ڪيفيتن جو طاري ٿيڻ ڪاملن جي ڪمال جي منافي آهي (١)

حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام کي اهو علم هو تہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي بگهڙ ڪائي نہ سگهندو

مفسرن لکيو آهي تہ! حضرت يعقوب علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي (الله جل جلاله جي عطا سان) اهو علم هو تہ بگهڙ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي نہ کائيندو ۽ نہ پهچي سگهندو پر اها ڳالهہ صرف ان جي ڪري ڪئي هيائين تہ پاڻ سان گڏ وني وڃڻ وارا پائر سندس صحيح حفاظت ڪن سستي نہ ڪن. (٢)

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي مراد حقيقي بگهڙ نہ پر يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جا پائر هئا ۽ ڪائڻ مان مراد ڪيس قتل ڪرڻ هو (٣)

مقام يوسف عليه الصلواة والسلام کان بي خبري

آيت مبارڪه جي حصي " وَاَنْتُمْ عَنْهُ غَافِلُوْنَ" مان مراد آهي تہ اوهان اها غلطي بي توجهيءَ ۽ غافل هجڻ جي ڪري ڪندؤ اوهان کان اهو جرم ان جي ڪري ٿيندو جو اوهان يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي مقام، زندگيءَ جي لطيف حقيقتن، سندس نبوّت جي منصب، انسانيت جي غم، آخرت جي فڪر کان بي خبر آهيو اوهان کي کهڙي خبر تہ يوسفي چهري ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون روشنيون ۽ سندس وجود ۾ پاڪيزه اخلاق جون ڪهڙيون ڪهڙيون زنده حقيقتون موجود آهن اوهان جي ان حقيقت تائين پهچ ڪٿي آهي؟ تہ يوسف عليه الصلواة والسلام صرف مٽيءَ جي مٹ نہ پر ملڪوتي صفات سان موصوف پيڪر آهي جنهن کي رشڪ ملائڪ هجڻ جو شرف حاصل آهي جڏهن اوهان انهن سيني حقيقتن کان غافل آهيو تہ پاڻ فيصلو ڏيو تہ اوهان سان اهڙي نوري جوهر کي موڪل ڏيڻ

(١) حاشيه دريابادي صہ ٤٨٧ (٢) ضياءُ القرآن صہ ٤١٥ جلد٢ (٣) القرطبي صہ ١٤٠ جلد٩

مناسب آهي؟ اوهان جي ذهن جي پٽرن سان راند ڪرڻ ۽ ٻڪرين چارڻ کان مٿي پرواز ئي ناهي جيڪڏهن يوسف (عليه الصلواة والسلام) اوهان سان هليو هلي ته اوهان جي طرفان پيش ايندڙ بي قدري ٻڏائي ٿي ته ڪٿي هن محبت جي نور کي ڪجهه وقت لاءِ اوهان جي اندر ۾ موجود حسد وارو بگهڙ کڻي نه وڃي ۽ پوءِ ان جي ديدار لاءِ بي تاب رهندڙ اکيون ان جي ڏسڻ کان محروم رهجي وڃن قرآن پاڪ جي هيءَ آيت اسان کي سيکاري ٿي ته ان وجود جو قدر ڪرڻ گهرجي جنهن مان فيض جا سر چشما جاري هجن ڪڏهن ڪڏهن انهن سان هڪ لحظو صحبت ڪرڻ عرش سان واصل بنائيندي آهي ۽ ڪڏهن هڪ لمحي جي ناقدري ۽ ٻن منٽن جي سستي انسان کي جنت کان پري ڪري جهنم ۾ داخل ڪندي آهي "قَالُوۡا لَئِنۡ اَكَلَهُ الذِّئۡبُ وَنَحۡنُ عُصۡبَةٌ اِنَّاۤ اِذًا لَّخٰسِرُوۡنَ" چيائون ته ان حال ۾ جو اسين هڪ مضبوط جماعت آهيون ان کي جيڪڏهن بگهڙ کائي ويو ته يقيناً اسين ان وقت نقصان وارا آهيون - هي انهن ڀائرن جي طرفان جواب هو ته! جيڪڏهن اسان جي مضبوط ٽولي هوندي اسان جي ڀاءُ کي بگهڙ کڻي کائي ويو ته پوءِ ته اسان جا مال به محفوظ نه رهندا ۽ اسين نقصان ئي نقصان ۾ هوندا سون (١) اهڙيون مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪيائون جو حضرت يعقوب حضرت يوسف (عليهما الصلواة والسلام) کي ڇڏڻ لاءِ ۽ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ سڄي رات ننڊ ڪرڻ کان سواءِ پيءُ ۽ پٽ هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا صبح جو وقت ٿيو ته حضرت يعقوب (عليه الصلواة والسلام) پنهنجي سهڻي پٽ کي غسل ڪرائي، سينگاري ڀلا ڪپڙا پارائي گهوٽ وانگر تيار ڪيوءِ بهترين ڪاڏو ڪارائڻ سان گڏ کڻڻ لاءِ به ڏنو "فَلَمَّا ذَهَبُوۡا بِهٖ وَاَجۡمَعُوۡۤا اَنۡ يَّجۡعَلُوۡهُ فِىۡ غَيٰبَتِ الۡجُبِّ" پوءِ جڏهن ان کي وٺي ويا ۽ هن ڳالهه تي متفق ٿيا ته ان کي اونداهيءَ واري کوهه ۾ وجهندا - مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي ڀائرن کيس به ان لاءِ تيار ڪندي چيو ته: تون ڇو نه ٿو بابا سائينءَ کي مجرائين جو ٻاهر هلي گهمي ڦري اچين؟ تون پاڻ موڪل گهري هل ته ڀلو. حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام ها ڪئي ته سيئي ان سان گڏجي آيا ۽ حضرت يعقوب (عليه الصلواة والسلام) کي چوڻ لڳا ته بابا سائين! هاڻي ته هلڻ لاءِ يوسف پاڻ ٿو چوي. حضرت يعقوب (عليه الصلواة والسلام) حضرت يوسف کان پڇيو ته: پٽ! ڇا ٿو چوين؟ حضرت يوسف عرض ڪيو ته بابا سائين! ها مان پنهنجن ڀائرن ۾ نرمي ۽ پيار

(١) مدارڪ ص٢١٣ جزء٢

ڏسان ٿو مون کي اها ڳالهہ پسند آهي تہ گڏجي وڃان. حضرت يعقوب سندس جدائي بہ پسند نہ ڪندو هو پر پيار ۽ محبت جي ڪري ڪيس ناراض بہ نہ ڪندو هو. پوءِ ڪيس موڪل ڏنائين ۽ جيئن جو موڪل جو ٻڌائون تہ حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جي روبرو ڪيس ڪلهن تي ڪڻڻ لڳا حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو. جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي ڪٽي پري پهتا ۽ ميدان ۾ آيا تہ ڪيس زمين تي اڇلائي اندروني بغض ظاهر ڪندي ڪيس مارڻ ۽ ڏک هڻڻ شروع ڪيائون جيڪڏهن هڪ جي ڏکن هڻڻ جي ڪري ٻئي ڏانهن ٿي ويو تہ وري ان ڪيس ڏک ٿي هنيا اها حالت ڏسي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي سندن اندروني عداوت جو يقين ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي دلبر پيءُ کي سڏ ڪرڻ لڳو تہ! اي بابا! جيڪڏهن تون ڀائرن جي هن رويي کي ڏسين ها تہ وڏيڪ ڏک ڪرين ها ۽ گهڻو روئين ها اي بابا! ڪيترو جلد بي وفا ٿي تو سان ڪيل عهد ۽ اقرار ٽوڙي ڇڏيائون. ائين چوڻ کان پوءِ گهڻو رنائين تہ رويل نالي هڪ سخت بي رحم ڀاءُ ڪيس وٺي زمين تي هنيو ۽ سندس سيني پاڪ تي چڙهي ڪيس قتل (شهيد) ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو حضرت يوسف چيس تہ! مون کي قتل نہ ڪر آخر تہ ڀاءُ آهين اهڙو دشمن ڇو ٿي بيٺو آهين؟ رويل چيس تہ"اي راحيل جا پٽ! تو خواب ڏٺو هو تہ توکي سج، چنڊ ۽ يارهن تارا سجدا پيا ڪن ان خواب کي چئو تہ توکي اسان کان ڇڏائي" ائين چئي ٻئي پاسي ڪنڌ ڦيرايائين ۽ حضرت يوسف يهودا نالي ڀاءُ کي چيو تہ: الله کان ڊڄ ۽ هنن کان مون کي ڇڏاءِ. ان جي دل زياده نرم هئي ان کي پنهنجي ڀاءُ حضرت يوسف تي رحم آيو ۽ ٻين ڀائرن کي چيائين تہ: اوهان مون سان هن جي قتل ڪرڻ جو پروگرام تہ نہ ڪيو هو پوءِ ڪيس قتل ڪرڻ جو ڇو ٿا سوچيو؟ مان اوهان کي ٻيو رستو ٻڌايان ٿو جيڪو اوهان جي لاءِ آسان ۽ هن لاءِ بہ نرم آهي انهن پڇيس تہ ڪهڙو؟ چيائين تہ: هتان ويجهو هڪ ڦٽل کوه آهي ان ۾ اڇلائي ڇڏيوس يا پاڻ ئي پاڻ ان ۾ مري ويندو يا ڪي واٽهڙو ڪيس ڏسي ڪڍي کڻي هليا ويندا. پوءِ حضرت يوسف کي ان کوه تي وٺي آيا جنهن جو منهن سوڙهو هو ۽ هيٺ گهڻو ويڪرو هو جڏهن ڪيس ان ۾ اڇلائڻ لڳا ۽ پاڻ کوه جي ڪنارن کي چنبڙڻ لڳو تہ سندس هٿن مبارڪن کي ٻڌي بدن تان قميص لاهي ويا پاڻ فرمايائين تہ: اي منهنجا ڀائرو! مون کي منهنجي قميص موٽائي ڏيو تہ کوه ۾ بدن ڍڪيل هجان پر اها ڳالهہ بہ نہ مڃيائون ۽ ڪيس بنا قميص جي ان کوه ۾

اڇلائي ڇڏيائون پاڻ وري به کين سڏي فرمايائون ته! اي پيارڙا! ڇا مون کي اڪيلو ڇڏي ٿا وڃو؟ چوڻ لڳا ته: خواب ۾ اچڻ وارن سج، چنڊ ۽ تارن کي سڏڪر ته توسان گڏ رهڻ تنهنجا مونس ۽ غمخوار بنجن. حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جيئن هيٺ کوه ۾ ڪريو ته پهريان ته پاڻيءَ ۾ ڪريو پر پوءِ اتي ڪيس هڪ پٿر هٿ لڳو ان تي چڙهي ويٺو (١) "وَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمْ بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَهُمْ لَايَشْعُرُوْنَ" ۽ اسان ان ڏانهن وحي موڪليو ته تون انهن کي سندن هن امر جي ضرور خبر ڏيندين ۽ اهي نه ٿا سمجهن ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته جنهن وقت حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي سندس پيارن ايترا درد ۽ ڏک ڏئي کوه ۾ اڇلايو هو ته ان وقت سندس دل مبارڪ تي ڇا گذريو هوندو؟ سو هر عقلمند ماڻهوءَ کان مخفي نه آهي پر ماءُ پيءُ کان وڌيڪ مهربان رب العزة جل جلاله ڪيس ان دردناڪ حالت ۾ هيءَ بشارت ڏني ته: اي يوسف! (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) گهبراءِ نه تنهنجي لاءِ هڪ روشن مستقبل منتظر آهي توکي اسين ايترو بلند ڪندا سون جو تو کان اهي سڀ غم وسري ويندا تنهنجا اهي ئي پيارا هڪ ڏينهن تنهنجي دربار ۾ سواليءَ جي حيثيت ۾ اچي بيهندا. ۽ تون انهن کي هي سڀ خبرون ٻڌائيندين. هينئر انهن جون اکيون انهن رفعتن کي ڏسڻ کان قاصر آهن جيڪي اسان تنهنجي لاءِ تيار ڪري رکيون آهن انهن کي اهو علم ئي ناهي ته تون اهڙو ناياب گوهر آهين جنهن جي قيمت جو هي اندازو به لڳائي نه ٿا سگهن.

حضرت يوسف علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ڏانهن وحي ڪهڙو ۽ ڪيئن ڪيو ويو؟

ان کوه ۾ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام ڏانهن ڪيل وحي مان مراد الهام آهي. اوحينا جي معنیٰ الهمنا ڪن مفسرن جو چوڻ آهي ته پاڻ ان ئي وقت نبوّت جي شان سان مشرف هو ۽ اهو وحي باقائدي نبوّت وارو وحي هو (٢) علامه قرطبي ان قول کي ترجيح ڏيندي فرمايو آهي ته: "وَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ" دليل علیٰ نبوته في ذالك الوقت قال الحسن ومجاهد والضحاك وقتادة اعطاه النبوة وهو في الجب علیٰ حجر مرتفع عن الماءِ (٣)

مطلب ته حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڏانهن کوه ۾ وحي ڪرڻ

(١) روح المعاني صه١٩٧جزء١٢جلد٤ (٢) ضياءُ القرآن صه٤١٥ جلد٢ (٣) القرطبي صه١٤٢جلد٩

ان وقت سندس نبي هجڻ جو دليل آهي حضرت حسن بصري، مجاهد، ضحاڪ ۽ قتاده جو فرمان آهي تہ الله تعالىٰ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کي ان وقت نبوة عطا ڪئي هئي جنهن وقت اهو کوه ۾ پاڻيءَ کان مٿاهين پٿر تي ويٺو هو. علامه قرطبي ٿورو اڳتي هلي لکيو آهي تہ: والاول اظهر پهريون قول وڌيڪ ظاهر آهي - ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي جڏهن سندس ڀائرن کوه ۾ اڇلايو تہ ان وقت جبريل عليه السلام الله جل جلاله جي عرش جي هڪ ٿنڀ وٽ هو الله جل جلاله حڪم فرمايس تہ! منهنجي ٻانهي کي پهچ جبريل سگهوري جو فرمان آهي تہ پوءِ مان جلدي کوه ڏانهن لٿس اچان حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کوه جي اڌ تي پهتو هو تہ مون وٽس پهچي کيس وٺي سلامتيءَ سان پاڻيءَ کان مٿان پٿر تي وهاريو.

حضرت يوسف کوه ۾ بدن ڇا سان ڍڪيو؟

مفسرن ٻڌايو آهي تہ جڏهن حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) باه ۾ اڇلايو ويو تہ نمرود ڪافر سندن بدن اگهاڙو ڪرائي ڇڏيو هو پوءِ باه ۾ حضرت جبريل کيس بهشتي قميص آڻي پارائي هئي ۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جي دنيا تان رحلت کان پوءِ اها حضرت اسحاق وٽ ۽ حضرت اسحاق کان پوءِ حضرت يعقوب (عليه الصلواة والسلام) وٽ آئي ۽ جڏهن يوسف (عليه الصلواة والسلام) ڪجهہ وڏو ٿيو هو تہ حضرت يعقوب (عليه الصلواة والسلام) اها قميص (جيڪا بهشتي هجڻ جي ڪري ويڙهجڻ کان پوءِ صفا ٿوري ٿي ويندي هئي) تعويذ طور يوسف جي پاڪ ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏي ۽ سدائين ساڻس گڏ هوندي هئي، جڏهن ڀائرن کيس قميص لاهي کوه ۾ اڇلايو تہ جبريل سگهوري اها قميص سندس ڳچيءَ مان لاهي هڪدم کيس پارائي.

حضرت وهب جو قول آهي تہ: جڏهن حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کوه ۾ پٿر تي ويٺو تہ ڀائرن کي سڏي فرمايائين "اي منهنجا ڀائرو! هر ميت وصيت ڪندو آهي مون کي بہ اوهان جڻ ميت بنائي ڇڏي ڀيا وڃو منهنجي وصيت تہ ٻڌو" چيائون تہ ڪهڙي وصيت ٿو ڪرين؟

فرمايائين تہ: جڏهن پاڻ ۾ ڀائر گڏ جي هڪ ٻئي سان دل وندرايو تہ منهنجي اڪيلائي ياد ڪجو. جڏهن کاڌو کائو تہ منهنجي بک ياد ڪجو، جڏهن پاڻي پيو تہ منهنجي اڃ ياد ڪجو جڏهن ڪنهن پرديسيءَ کي ڏسو تہ منهنجو

پرديسي هجڻ ياد ڪجو ۽ جڏهن ڪنهن نوجوان کي ڏسو تہ منهنجي نوجواني ياد ڪجو" سندس اهي رقت آميز فرمودات ٻڌي جبريل عليہ السلام کيس چيو تہ اي يوسف! (علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام) اهڙين ڳالهين چوڻ کان زبان مبارڪ بند ڪري الله جل جلالہ کان دعا گهرڻ ۾ مشغول رهہ دعا جو ئي الله جل جلالہ وٽ قدر آهي پوءِ کيس هيءَ دعا ٻڌايائين.

يوسفي دعائون

١- قُلِ اللّٰهُمَّ يَا مُوْنِسَ كُلِّ غَرِيْبٍ ويا صَاحِبَ كُلِّ وَحِيْدٍ وَيَا مَلْجَأَ كُلِّ خَائِفٍ وَيَاكَاشِفَ كُلِّ كُرْبَةٍ وَيَا عَالِمَ كُلِّ نَجْوَى وَيَا مُنْتَهىٰ كُلِّ شَكْوَى وَيَا حَاضِرَ كُلِّ مَلَإٍ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ! اَسْئَلُكَ اَنْ تَقْذِفَ رَجَاءَكَ فِيْ قَلْبِيْ حَتّٰى لَايَكُوْنَ لِيْ هَمٌّ وَلَاشُغْلٌ غَيْرُكَ وَاَنْ تَجْعَلَ لِيْ مِنْ اَمْرِيْ فَرَجًا وَمَخْرَجًا اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" يعني عرض ڪر تہ! اي الله! اي هر مسافر جي ورونهن! اي هر اڪيلي جا ساٿي! اي هر ڊڄندڙ جي پناهہ! اي هر تڪليف دور ڪندڙ! اي هر لڪل ڳالهہ ڄاڻندڙ! اي هر شڪايت جي انتهاء! اي هر جماعت ۾ موجود هوندڙ! اي زنده! اي (ڪائنات کي) قائم رکندڙ! تنهنجي پاڪ ذات کان سوال ٿو ڪيان تہ منهنجي دل ۾ پنهنجي اميد پيدا ڪر، تان جو تو کان سواءِ منهنجو ڪوبہ اهم مقصد ۽ شغل نہ هجي ۽ منهنجي ڪم ۾ مون لاءِ ڪشادگي ۽ نڪرڻ جي جاءِ پيدا ڪر. بلاشڪ تون هر شئي تي قادر آهين حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام) جڏهن دعا جا اهي الفاظ پڙهيا ۽ ملائڪن ٻڌا تہ انهن الله جل جلالہ جي بارگاه ۾ عرض ڪيو تہ يا الله! آواز تہ (ننڍيءَ عمر واري) جو آ پر دعا تہ نبيّ جي آهي (عليہ الصلواة والسلام)

٢- مفسر ضحاڪ جو قول آهي تہ حضرت جبريل حضرت يوسف (عليہ الصلواة والسلام) کي کوه ۾ عرض ڪيو هو تہ: مان اوهان کي اهڙا الفاظ ٻڌايان جو اوهان اهي پڙهو تہ الله جل جلالہ اوهان کي هن کوهہ مان جلد ٻاهر ڪڍي ڇڏي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام) فرمايو تہ "هائو ٻڌاءِ" پوءِ جبريل سندس خدمت ۾ هي الفاظ عرض ڪيا:

يَا صَانِعَ كُلِّ مَصْنُوْعٍ، وَيَا جَابِرَ كُلِّ كَسِيْرٍ، وَيَا شَاهِدَ كُلِّ نَجْوَى وَيَا حَاضِرَ كُلِّ مَلَإٍ، وَيَا مُفَرِّجَ كُلِّ كُرْبَةٍ وَيَا صَاحِبَ كُلِّ غَرِيْبٍ، وَيَا مُوْنِسَ كُلِّ وَحِيْدٍ، اِئْتِنِي بِالْفَرَجِ

وَالرَّجَاءِ وَاقْذِفْ رَجَاءَكَ فِيْ قَلْبِيْ حَتّٰى لَا اَرْجُوْ اَحَدًا سِوَاكَ" اي هر نهيل شيءِ جا ناهيندڙ! اي هر ڳجهي ڳالهہ وٽ موجود هوندڙ! اي هر جماعت وٽ حاضر! اي هر تڪليف لاهيندڙ! اي هر مسافر جي ساٿ ۾ رهندڙ! اي هر اڪيلي جي وروتهن! مون کي (تڪليف کان) ڪشادگي ۽ پنهنجيءَ (رحمت ۾) اميد عطا ڪر، ۽ اها پنهنجي ذات ۾ اميد منهنجي دل ۾ وجهي ڇڏ تان جو تو کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ اميد نہ رکان. اها دعا حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) رات جو ٻہ ٽي ڀيرا پڙهي تہ صبح جو کوہ کان ٻاهر نڪتو (١) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اهي دعائون جيڪڏهن ڪوبہ مشڪل ۾ قائل پڙهندو تہ رب العزة جل شانه پنهنجي خاص ڪرم سان ان جو مشڪل آسان ڪري ڇڏيندو. انشاءَ الله تعالىٰ.

فائدو: "لَتُنَبِّئَنَّهُمْ" مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کي ان وقت ئي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ اوهان تي اهي تڪليفون ٿوري وقت لاءِ آهن پوءِ اوهان تي اهڙي مهرباني ٿيندي جو اوهان جا اهي ڀائر اوهان کي پيش پوندا ۽ اوهان کين اهو سندن سمورو ڪردار ٻڌائيندؤ. ۽ اها خبر ڏيڻ عطا ئي علم غيب آهي (٢)

وَجَاءُوْٓ اَبَاهُمْ عِشَاءً يَّبْكُوْنَ ﴿١٦﴾ قَالُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّا ذَهَبْنَا نَسْتَبِقُ

۽ آيا پيءُ پنهنجي وٽ رات جو سومهاڻيءَ وقت روئڻ پيا چيائون تہ اي اسان جا پيءُ! بيشڪ اسين ويا سين ڊوڙ پيا پڄايون

وَتَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ

۽ ڇڏيو سون يوسف کي سامان پنهنجي وٽ پوءِ کائي ويو ان کي بگهڙ ۽ ناهين تون مڃيندڙ

لَّنَا وَلَوْ كُنَّا صٰدِقِيْنَ ﴿١٧﴾ وَجَاءُوْ عَلٰى قَمِيْصِهٖ بِدَمٍ كَذِبٍ ۭ قَالَ بَلْ

اسان کي جيتوڻيڪ هجون اسين سچا ۽ آندائون قميص ان جي تي رت ڪوڙو لڳائي فرمايائين بلڪ

سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ۭ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ۭ وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى

ناهيو اوهان لاءِ نفسن اوهان جي امر کي پوءِ صبر ڪرڻ ڀلو آهي ۽ الله مدد ورتل آهي ان تي

(١) القرطبي صہ١٤٣- ١٤٤جلد٩ (٢) نعيمي صہ٤٠٢جلد١٢

الثلثة

مَا تَصِفُوْنَ ﴿١٨﴾ وَجَآءَتْ سَيَّارَةٌ فَاَرْسَلُوْا وَارِدَهُمْ فَاَدْلٰى دَلْوَهٗ ۚ قَالَ

جو تا ناهي بيان ڪيو ۽ آيو هڪ قافلو پوءِ موڪليائون پاڻي ڀريندڙ پنهنجي کي پوءِ لاٿائين ٻوڪ پنهنجو چيائين

يَا بُشْرٰى هٰذَا غُلَامٌ ۚ وَاَسَرُّوْهُ بِضَاعَةً ۚ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ ۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾

ته واهه واهه خوشخبري - هي ڇوڪرو آهي ۽ لڪايائون ان کي قيمتي شيءِ سمجهي ۽ الله وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي ڪن پيا.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ حضرت يعقوب (عليه الصلواة والسلام) جي قلبي انديشن ۽ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن جي طرفان ڪيس مطمئن ڪرڻ، پنهنجي طاقت جي اظهار، ۽ حضرت يوسف کي وٺي وڃڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن ڀائرن جي مڪر، ڏوڪي ۽ ايذاءڏئي کوه ۾ اڇلائڻ کان پوءِ وري ٻئي مڪر ۽ ڏوڪي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ارشاد رباني آهي "وَجَآءُوْٓا اَبَاهُمْ عِشَآءً يَّبْكُوْنَ" ۽ رات جو سومهاڻيءَ وقت پنهنجي پيءُ وٽ روئندا آيا. ذهن ۾ وهارڻ گهرجي ته جڏهن حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کي کوه ۾ حضرت جبريل قميص پارائي ته ان قميص پائڻ سان سڄو کوه روشن ٿي ويو هو (١)

حضرت يوسف جا ڀائر ان ڪار روائيءَ کان فارغ ته جلد ٿي ويا هئا پر ان خيال کان ته متان حضرت يعقوب (عليه الصلواة والسلام) اها ڳالهه ٻڌي ماٺهو وٺي حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي تلاش ۾ نڪري ۽ واردات جي جاءِ ڏسي وٺي يا سندن مڪر وارو روئڻ متان ڏينهن جو پڌرو ٿي پوي سڄو ڏينهن ان علائقي جي آباد زمينن تي گهمندي ڦرندي گذاري رات جو سومهاڻيءَ وقت حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ روئندا آيا حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام سندن روئڻ ٻڌي ٻاهر نڪري پڇا ڪئي ته ڇا ٿيو؟ تڏهن "قَالُوْا يَآ اَبَانَآ اِنَّا ذَهَبْنَا نَسْتَبِقُ وَتَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ لَّنَا وَلَوْ كُنَّا صَادِقِيْنَ" چيائون ته اي

(١) نعيمي صه ٤٠٨ جلد ١٢

اسان جا پيءُ! يقينًا اسان ڊوڙ پچائي رهيا هئا سون ۽ يوسف کي پنهنجي سامان وٽ ڇڏي ويا هئا سون ته ان کي بگهڙ کائي ويو ۽ اسين کڻي کيترا به سچا هجون ته به تون اسان تي اعتبار نه ڪندين يعني اسان پنهنجن چادرن، ڪمبلن ۽ ڪپڙن جي حفاظت لاءِ يوسف کي وهاري ويا هئا سون خبر ناهي ته ڪٿي کو بگهڙ لڪو ويٺو هو جيڪو ان کي کائي ويو. ۽ اسان جي ڳالهه تي ته اوهان کي پهريان کان ئي اعتماد نه هو هاڻي اسين کڻي کيترو به سچ ڳالهايون ته اوهان اعتبار نه ڪندؤ - ياد رکڻ گهرجي ته اهو کوه جنهن ۾ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي اڇلايو هيائون حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جي ڳوٺ کان ١٢ ميل پري اردن جي جهنگل ۾ نهايت خطرناڪ هو جنهن کي جُبّ الحزن سڏيندا هئا حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي پٽ سام يا نمرود بادشاه جي وزير شداد بن ماد رستي جي پاسي تي کوٽايو هو (١)

"وَجَاۗءُوْ عَلٰي قَمِيْصِهٖ بِدَمٍ كَذِبٍ ۭ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ۭ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ۭ وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰي مَا تَصِفُوْنَ" ۽ ان جي قميص تي ڪوڙو رت لڳائي آيا فرمايائين ته بلڪ اوهان لاءِ اوهان جي نفسن امر کي سينگاري پيش ڪيو آ پوءِ صبر سهڻو آهي ۽ جيڪي اوهان هٿ جو ناهي بيان ڪيو ٿا ان جي باري ۾ الله کان ئي مدد ورتل آهي مطلب ته: حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جا پائر پنهنجي ان مڪر ۽ فريب واري روئڻ جي تائيد لاءِ هڪ ڏنبو يا هرڻ ڪهي ان جو رت حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي قميص کي لڳائي کڻي آيا هيا پاڻ انهن کي فرمايائون ته اهو سڀ ڪجهه اوهان جي نفسن جي سازش ۽ ڏوکو آهي. جيڪا قميص اوهان رت سان پري آيا آهيو اها خود ٻڌائي رهي آهي ته اوهان غلط بيان ڏئي رهيا آهيو جيڪڏهن بگهڙ يوسف کي کائي ها ته اها قميص ڦاٽي ذرا ذرا ٿي وڃي ها اهڙو عقلمند بگهڙ اڄ تائين نه ڏسڻ ۾ آيو آهي نه ٻڌڻ ۾ جو ماڻهوءَ کي کائي ڇڏي ۽ قميص جهڙي هجي تهڙي رهي قميص جو سلامت هجڻ يوسف جي سلامت هجڻ جو دليل آهي. مان ان سخت صدمي تي سهڻو صبر ٿو ڪيان. سهڻو صبر اهو آهي جنهن ۾ نه شڪويٰ شڪايت هجي ۽ نه دانهون، ڪوڪون (٢) ۽ الله اوهان جي هٿرادو بيان تي مدد ورتل آهي. هن جو مطلب آهي ته انسان ۾ هڪڙيون قوي نفساني حقيقتون رکيل آهن جيڪي ڪيس بي صبريءَ ڏانهن سڏينديون

(١) نعيمي صه ٤٠٩ جلد١٢ (٢) الڪبير صه ١٠٣ جزء١٨

آهن ۽ ٻيون روحاني قوتون آهن جيڪي صبر ڏانهن سڏينديون آهن پر اهي روحاني قوتون نفساني قوتن تي الله جل جلاله جي مدد کان سواءِ غالب نه ٿينديون آهن ان جي ڪري حضرت يعقوب عليه الصلوة والسلام الله جل شانه کان مدد وٺڻ جو ذڪر ڪري مٿيون جملو استعمال فرمايو (١)

سوال: جڏهن حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام کي يقين هو ته سندس ٻيا پٽ يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي باري ۾ ڪوڙ ٿا هڻن ۽ ان کي بگھڙ ڪٽي نه ويو آهي ته سندس تلاش ۾ چو نه نڪتو ۽ ايترا سال فراق ۾ ڇو ٻروئندو رهيو؟؟

جواب: حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام ٻن وجهن جي ڪري نه نڪتو "١" ته ٿي سگھي ٿو جو رب العزة جل شانه کين روڪيو هجي ته تلاش لاءِ نه نڪرو تانت سندس صبر ۽ استقامت جو ڪمال ظاهر ٿئي "٢" ته کين يقين هو ته پاڻ جيڪو ڪجھ ڪري آيا ان جي باوجود الله جل شانه حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو نگھبان ۽ محافظ آهي ۽ حضرت يوسف جي شاندار مستقبل جو جيڪو کين پهريان ئي ٻڌايو ويو هو اهو ظاهر ٿي سامهون ايندو (٢) علامه شبيراحمدعثمانيؒ صاحب لکيو آهي ته: ڀلا جنهن شخصيت کي شام ملڪ ۾ ويٺي مصر کان حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي قميص کي لڳل پگھر جي خوشبوءِ اچي رهي هئي ان کي ڪوڙي رت جي خبر ڪيئن نه پئي هوندي. اهو سڀ صبر جو مظاهرو ۽ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي مستقبل ۾ ملندڙ مقام جو انتظار هو(٣)

وَجَاءَتْ سَيَّارَةٌ فَأَرْسَلُوا وَارِدَهُمْ فَأَدْلَىٰ دَلْوَهُ قَالَ يَا بُشْرَىٰ هَٰذَا غُلَامٌ وَأَسَرُّوهُ بِضَاعَةً وَاللَّهُ عَلِيمٌ بِمَا يَعْمَلُونَ" ۽ (ان کوه وٽ) هڪ قافلو آيو انهن پنهنجي پاڻي ڀريندڙ کي (ان کوه ڏانهن) موڪليو جنهن پنهنجو ٻوڪو (ان کوه ۾) لاٿو چيائين اي واه واه! هيءُ ڇوڪرو آهي. ۽ ان کي هڪ قيمتي شيءِ سمجھي لڪايائون ۽ جيڪي ڪن پيا الله ڄاڻندڙ آهي- ياد رکڻ گھرجي ته جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کوه ۾ هو ته ان وقت مصر ڏانهن ويندي مدين ۽ شام کان هڪ قافلو آيو قافلي وارا وڃڻ دوران ان کوه وٽ منزل انداز ٿيا سندن اڳواڻ پنجاه سال اڳ ۾ خواب ڏٺو هو ته ڪنعان جي جھنگل واري زمين مان هڪ سج نڪتو ۽ سندس دامن ۾ لڪي ويو جڏهن ان دامن مان ڪڍي ٻاهر رکيو ته آسماني ڪکر کان ان تي

(١) روح المعاني ص ٢٠٢ جزء١٢ جلد٤ (٢) التفسير الكبير ص١٠٤جز١٨ (٣) حاشيه عثمانيه ص٣١٤

موتي وسڻ لڳا جيڪي ان ڪنيا صبح جو ان خواب جو تعبير ڪرايائين تعبير جي ماهر ٻڌايس ته ڪنعان جي جهنگل مان توکي وڏو قيمتي، شاندار غلام ملندو جنهن جي ذريعي تنهنجي قسمت بدلجي ويندي. اڳواڻ کي اهو خواب ياد ته هو پر اهو خيال نه هوس ته ڪو اڄ اهو غلام هتان ملي رهيو آهي قافلي جي منزل انداز ٽيڻ ڪان پوءِ انهن پنهنجي پاڻي پريندڙ کي موڪليو ته وڃ کوه مان پاڻي ڀري اچ ان وقت کوه جو شان هي هو جو ان ۾ يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي انس ۾ دل وندرائڻ لاءِ ٽن ڏينهن کان بهشتي غلمان موجود هئا جيڪي ساڻس گڏجي الله جل جلاله جو ذڪر ڪندا هئا ۽ ان ذڪر جي لذت جي ڪري حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي نه بک لڳي نه اڃ کوه کان ٻاهر ملائڪ هيا جن کي ماڻهو پکي سمجهندا هئا حيرت جي ڳالهه اها به هئي جو قافلي وارن جا بار کڻندڙ ڳڌه بار کيرائي حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ديدار لاءِ کوه ڏانهن ڀڄندا آيا ۽ قافلي وارن سمجهيو ته شايد اڃ لڳي اٿن تڏهن ٿا ڀڄا وڃن (١)

پاڻي ڀريندڙ جو نالو ڇا هو؟

ان جي متعلق ٻه قول آهن "١" وهب بن منبه جو فرمان آهي ته ان جو نالو بحلث بن رعويل هو "٢" حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي ته ان جو نالو مالڪ بن ذعر بن بويب بن عيفا بن مدين بن حضرت ابراهيم (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) هو (٢)

جڏهن ان پاڻي ڀريندڙ ٻوڪو کوه ۾ لاٿو ته حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) ان رسيءَ ۾ مضبوط هٿ وڌا ۽ ان زور سان مٿي ڇڪيو ته حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) ٻاهر نڪري آيو ۽ ان جي حسن ۽ جمال کي ڏسي پاڻي ڀريندڙ حيرت ۾ پئجي خوشيءَ مان وڏو آواز ڪري چيو ته واه واه! هي ڇوڪر ته ڏسو ڪهڙو سهڻو ملي ويو حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جا پائر به ان کوه جي ويجهو پيا ڦرندا هئا. قافلي وارا پنهنجي ساٿيءَ جو آواز ٻڌي کوه ڏانهن ڊوڙي آيا ته حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جا پائر به اچي کوه وٽ پهتا ۽ چوڻ لڳا ته هي اسان جو ڀڳل غلام آهي اسان کان خريد ڪيو ته اوهان کي وڪڻي ڏيون انهن

(١) نعيمي ص ٤١١ جلد ١٢ (٢) زاد المسير ص ١٩٤ جلد ٤

حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي خريد کيو ۽ حضرت يوسف ان ڏپ کان ته متان هاڻي سندس ڀائر کيس قتل (شهيد) ڪري ڇڏين خاموش رهيو (۽ ان کي قيمتي شيءِ سمجهي لڪايائون) جو مطلب آهي ته ڪوه مان ڪڍڻ واري ۽ ان جي ڪجهه ساٿين حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڳالهه کي راز ۾ رکيو ۽ ان جي ڪري ظاهر نه ڪيو ته مصر جي بازار ۾ کيس وڪڻي پاڻ پئسا ڪمائين ٻين کي خبر پوندي ته اهي به ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا (١) شايد اهو ظاهر ڪيائون ته هي غلام ان جي مالڪن اسان کي مصر ۾ وڪڻڻ لاءِ ڏنو آهي (۽ الله ان کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو ڪن پيا) مطلب ته حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي ڀائرن کيس بي وطن ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ قافلي وارن وڪڻي پئسا ڪمائڻ ٿي گهريا پر الله جل جلاله کيس مصر جي خزانن جو مالڪ بنائڻ ٿي گهريو اهو جيڪڏهن گهري ها ته سڀ ڪارروايون هڪ سيڪنڊ ۾ روڪي ڇڏي ها پر مصلحت ان ۾ هئي ته حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام آهستي آهستي مٿي اچي ۽ سندس خواب سچو ٿئي.

حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو حليو

علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي ته حسن جا ٻه حصا حضرت يوسف ۽ ان جي امان سائڻ وٽ هئا باقي هڪ حصو ٻين حسينن ۾ ورهايل آهي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جا وار ڏگها، اکيون وڏيون، ٻانهن جون ڪارايون مضبوط. پنيون طاقتور، ۽ رنگ گهٽو پورو اڇائيءَ ڏانهن مائل هو سندس ڏُنُّ ننڍو هو. کلندو يا ڳالهائيندو هو ته سندس ڏندن مبارڪن مان نور جون تجليون نظر اينديون هيون ڪير به سندس وصف بيان ڪري پوريءَ نه پوندو هو رات جو به ائين روشن ۽ چمڪندڙ هوندو هو جيئن ڏينهن جو ۽ جڏهن ڪوه مان ٻاهر ڪڍيو ويو ته ڪوه جي ڪنارن رنو هو(٢)

مصطفوي حسن سان يوسفي حسن برابر نه آهي

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته حضرت يوسف جو حسن حضور پر نور صلى الله عليه وسلم جي حسن جي برابر ناهي ڇو ته حضور عليه الصلواة والسلام جو حسن اصل آهي ۽ يوسفي حسن ان جي جهلڪ آهي علامه شرف الدين بوصيري

(١) حاشيه عثمانيه صه ٣١٥ (٢) روح المعاني صه ٢٠٤ جزء ١٢ جلد ٤

عليه الرحمتہ فرمايو آهي.

فَاِنَّهٗ شَمْسُ فَضْلٍ هُمْ كَوَاكِبُهَا - يُظْهِرْنَ اَنْوَارَهَا لِلنَّاسِ فِي الظُّلَمِ:

يعني يقيناً حضور عليه الصلوٰة والسلام جن ۾ بلائيءِ جو سج آهن اهي (ٻيا انبياء) سڀ ان جا ستارا آهن جيڪي ماڻهن لاءِ سندس روشناين کي انڌيرن ۾ ظاهر ڪندا آهن.

وَكُلُّهُمْ مِنْ رَّسُوْلِ اللهِ مُلْتَمِسٌ - غَرْفًا مِّنَ الْبَحْرِ اَوْرَشْفًا مِّنَ الدِّيَمِ:

۽ اهي سڀئي (پيغمبر سڳورا عليهم الصلواة والسلام) حضور پر نور عليه الصلواة والسلام کان (ائين فيض ۽ برکت طلب ڪندڙ آهن جيئن) سمنڊ مان پاڻيءَ جي چُڪو ۽ چرون ڀرجي يا رات واريءَ برسات مان هڪ دفعو پاڻي چوسي اچ لاهجي (١)

وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍۢ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍۚ وَكَانُوْا فِيْهِ مِنَ

۽ وڪڻيائون ان کي ملهہ هلکي درهمن ڳڻيلن (ٿورن) سان ۽ هئا ان (جي حق) ۾ رغبت نہ رکندڙن مان

الزّٰهِدِيْنَ ۝٢٠ ع وَقَالَ الَّذِي اشْتَرٰىهُ مِنْ مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖٓ اَكْرِمِيْ مَثْوٰهُ

۽ چيو ان شخص جو خريد ڪيائين ان کي مصر مان زال پنهنجيءَ کي تہ عزت سان بناء جاءِ رهڻ ان جي کي

عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ۭ وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي

ويجهو آهي جو نفعو ڏي اسان کي يا رکون اسين ان کي پٽيلو ڪري ۽ اهڙي طرح قوت ڏني اسان يوسف کي

الْاَرْضِ ۡ وَلِنُعَلِّمَهٗ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۭ وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰٓي اَمْرِهٖ

زمين ۾ ۽ تانتہ سيکاريون ان کي تعبير خوابن جو ۽ الله غالب آهي ڪم پنهنجي تي

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٢١ وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗٓ اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا

۽ پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن ۽ جڏهن پهتو جوانيءَ پنهنجيءَ کي تہ ڏنو سون ان کي حڪم

وَّعِلْمًا ۭ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ۝٢٢

۽ علم ۽ اهڙي طرح بدلو ڏيندا سون محسنن کي.

(١) احسن التشريح لبردة المديح صہ٩١

تفسير

مذكوره آيتن ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن جي ان فريب ۽ ڏوکي جو ذکر هو جيکو انهن پنهنجي والد کريم سان کيو هو ۽ هنن آيتن ۾ سندس ڀائرن جي ان ڏوکي ۽ غلط بيانيءَ جو ذکر آهي جيکو انهن قافلي وارن سان کيو هو جو حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي ڀڳل غلام ظاهر کيو هيائون ارشاد مبارک آهي "وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍۢ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُودَةٍ ۚ وَكَانُوا۟ فِيهِ مِنَ ٱلزَّٰهِدِينَ" ۽ ان کي هلکي ملهه، ڳڻيل (ٿورن) درهمن تي وڪڻيائون ۽ ان جي (حق) ۾ بي رغبت هيا- مطلب تہ جڏهن حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي ڀائرن کي خبر پئي تہ يوسف کي قافلي وارن کوه مان ٻاهر ڪڍي پاڻ وٽ رکيو آهي تہ هکدم انهن وٽ اچي پهتا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان جو غلام ڀڄي آيو آهي ۽ ان ڀڄڻ جي عادت جي ڪري اسين ان کي پاڻ وٽ رکڻ نہ ٿا گهرون جيکڏهن اوهان خريد ڪرڻ گهرو تہ خريد کري سگهو ٿا پر ان جي سخت نگراني کجو کٿي اوهان کان بہ ڀڄي نہ وڃي.

کيترن درهمن ۾ وڪڻيائون؟

ان ۾ اختلاف آهي مگر ترجيح وارو ۽ اولىٰ قول حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله عنهما جو آهي تہ کيس ويهن درهمن ۾ وڪڻيائون ۽ هر هک ڀاءُ ٻہ ٻہ درهم کنيا (١)

ڀائرن جو اهو چوڻ تہ يوسف ڀڳل غلام آهي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) بہ ٻڌو پر سندس جسم تي بک ۽ اڃ جي حالت ۾ رهڻ ۽ کوه جي ٿڌکار جي کري لرزش طاري هئي ڀائرن جي غلط بيان کي ٻڌي بہ خاموش رهيو. ڀائرن کانئس پڇيو تہ تو کوه ۾ اهي ٽي ڏينهن کيئن گذاريا؟ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) انهن کي فرمايو تہ " هک اهڙي کلمه جي برکت سان جيکو ايمان وارن جي دل ۾ وڌيو ۽ هميشه تازو آهي جنهن جي صدقي زندگي ملي آهي ۽ ان کي نہ مڃڻ وارا هلاک ٿي ويا آهن جنهن کن کي آزادي ڏني آهي تہ کن

(١) القرطبي صہ١٥٥. ١٥٦جلد٩

کي قيد ڪيو آهي جنهن جي ڪري ڪيترا بي چين آهن ته ڪيترن کي وندر نصيب ٿي آهي ڪيترا تندرست ٻڌيا آهن ته ڪيترا وڏيڪ دل جا مريض ٻڌيا آهن جنهن راز لڪل به رکيا آهن ته ظاهر به ڪيا آهن اهو اهڙو ڪلمه آهي جو جنهن ان کي دل سان ٻڌو اهو ان تي عاشق ٿي پيو ۽ جنهن کي ان سان عشق ٿيو ان مخالفت نه ڪئي - ڀائرن ڪيس چيو ته اهو ڪلمه اسان کي به ٻڌاءِ فرمايائين ته اهو ڪلمه آهي: اَشْهَدُ اَنْ لَّآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ - امام غزالي عليه الرحمته فرمايو آهي ته اهو ڪلمه عبراني زبان سان توراة ۾ لکيل آهي حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي خريد ڪرڻ واري اهي ٻٽيهه ٽورا درهم ڀائرن کي ڏئي ڪين چيو ته ان سودي جو دستاويز به لکي ڏيو تانته نه اوهان پوءِ ڪا دعویٰ ڪري سگهو ۽ نه هي غلام ڪجهه چئي سگهي. ڀائرن خريدار کي دستاويز لکي ڏيڻ سان گڏ اهو تاڪيد به ڪيو ته ڏسجان متان هي وري تو ڪان به ڀڄي وڃي. اهو چئي جڏهن ڀائر واپس ٿيا تڏهن حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) روئي ڏنو. قافلي وارن کي عجب لڳو ته جيڪو غلام ڀڄي نڪرندو آهي اهو پنهنجي وڪڻندڙ سردار لاءِ روئندو ناهي هي ڇو ٿو روئي؟ خريد ڪندڙ شخص حضرت يوسف کي سڏيو پاڻ ان وٽ ويا ۽ ان پراڻو ڪڙتو پارائي هٿڪڙيون هٿي ڪيس ٻڌي ڇڏيو حضرت يوسف پوئتي نهاريو ته سندس ڀائر قطار ڪيو بيٺا هئا. حضرت يوسف پنهنجي خريدار کي فرمايو ته: جيڪڏهن اجازت ملي ته مان هنن سان ڪجهه ڳالهايان خريدار ڪيس اجازت ڏني ۽ جڏهن حضرت يوسف انهن کي ويجهو ويو ته ڪيس هٿڪڙين جي حالت ۾ ڏسي انهن پٿردل ڀائرن کي به روئڻ اچي ويو.(١)

حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو ڀائرن سان خطاب

حضرت يوسف (عليه السلام) ڀائرن کي ويجهو وڃي هيءَ خطاب فرمايو: اي منهنجا ڀائرو! جيتوڻيڪ اوهان مون تي رحم نه ڪيو پر (منهنجي دعا اها آهي ته) الله اوهان تي رحم ڪري.

اي منهنجا ڀائرو! جيتوڻيڪ اوهان منهنجي عزت نه ڪئي پر (منهنجي دعا آهي ته) الله جل جلاله اوهان کي عزت سان رکي.

(١) القرطبي صه١٥٥- ١٥٦جلد٩

اي منهنجا ڀائرؤ! جيتوڻيڪ اوهان منهنجي مدد نہ ڪئي پر (منهنجي دعا آهي تہ) الله جل شانه اوهان جي مدد ڪري.

اي منهنجا ڀائرو! جيتوڻيڪ اوهان مون کي سنڀالڻ جي بجاءِ وڪڻيو پر (منهنجي دعا آهي تہ) الله جل جلالہ اوهان کي محفوظ رکي - ڀائر حضرت يوسف جي ان خطاب لاجواب کي ٻڌي زارو قطار رنا ۽ کيس چوڻ لڳا تہ! جيڪڏهن اسين بابا سائينءَ (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سان اوهان کي بگهڙ جي کائي وڃڻ جي ڳالهہ نہ ڪيون ها ۽ خريدار کي دستاويز لکي نہ ڏيون ها تہ توکي اڄ ڇڏائي صحيح سلامت بابا وٽ پهچايون ها نهايت شرمسار آهيون پر ڳالهہ هٿ کان نکري وئي آهي.

سندن اها گفتگو هلي رهي هئي ۽ حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي مبارڪ اکين مان پاڻي وهي رهيو هو تہ خريدار جو نوڪر حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي وٺڻ آيو سچ لهڻ کي ويجهو هو ۽ حضرت يوسف تڪليف جي ڪري تڪڙو هلي نہ ٿي سگهيو ان جي ڪري سندس خريدار کيس پنهنجي ٻئي غلام جي سنڀال ۾ ڏنو جنهن جو نالو مليح هو ۽ حبشي هجڻ جي ڪري مليح حبشي سڏيو ويندو هو.

قافلو روانو ٿيو ۽ سڄي رات هلندو رهيو حضرت يوسف کي هٿ مبارڪ ٻڌي اٺ تي وهاريو ويو هو.

حضرت يوسف والده جي مزار تي

جنهن رستي سان قافلو وڃي رهيو هو اتفاقي ڳالهہ تہ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي والده جي مزار پر انوار بہ ان رستي سان هئي جڏهن حضرت يوسف جو اٺ اتاهين لنگهيو تہ پاڻ اٺ تان لهي والده جي مزار وٽ ويهي پنهنجيءَ امان کي هنن لفظن سان پنهنجا ڏک ٻڌايائين.

اي منهنجي پياري امان! ڀائرن مون کي بابا سائينءَ (عليه الصلواة والسلام) کان جدا ڪري ڇڏيو مون کي گرميءَ ۾ گهليو مون کي لپاٽون هنيائون منهنجي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيائون منهنجي بدن تان ڪڙتو لاهي مون کي رسيءَ ۾ ٻڌائون مون کي بيابان جي ويران کوه ۾ لاٿائون منهنجي پيٽ تي چڙهي لتاڙيائون مون کي پيئڻ لاءِ ٿڌو پاڻي نہ ڏنائون مون کي کائڻ لاءِ کاڌو نہ ڏنائون بک تي رکيائون منهنجا نازڪ هٿ مروڙيائون اي منهنجي مٺڙي امان! جيڪڏهن تون مون کي هن حال ۾ ڏسين ها

تہ ضرور تڙپي مون کي ڇڏائين ها. اي امان! اتي ڏس تہ ڪهڙي دردناڪ حالت ۾ آهيان مون کي منهنجن ڀائرن غلام ڪري وڪڻيو آهي مون کي سخت گرم اُن جا ڪپڙا پارايا اٿن مون کي هٿ ڪڙيون لڳل آهن منهنجي نازڪ ڪارائن کي مضبوط ۽سخت رسين سان ٻڌو ويو آهي منهنجي مٺڙي امان! مان اڄان تائين بکايل آهيان مون کي ڪنهن بہ ڪاڏو نہ ڪارايو آهي اي منهنجي مهربان امان! اتي منهنجا هٿ ڪول مون کي ڏاڍو درد ٿي رهيو آهي. اهي دردناڪ آواز ٻڌي سندس والده جي قبر مبارڪ مان آواز آيو تہ: "يا قرة عيني يا ولداه يا ثمرة فواداه! اصبر وصبرڪ على الله" اي منهنجي اکين جا ٺار! اي پيارا پٽ! اي منهنجي دل جا ميوا! صبر ڪر ۽ تنهنجي صبر جو اجر الله جل شانه وٽ آهي (١)

مٺڙي ماءُ جا اهي مٺڙا فرمان ٻڌي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام الله جل جلاله جي بارگاه ۾ شڪر جو سجدو ڪيو جڏهن فارغ ٿيو تہ قافلي ڏانهن روانو ٿيو. جيڪو ڪجهہ اڳتي وڃي بيٺو هو اٺ تي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي نہ ڏسي سنڀالڻ واري حبشي غلام مليح سڏ ڪيا تہ عبراني غلام

(حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام) پڇي ويو قافلو بيهي ويو ۽ غلام مليح حبشي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي ڳولڻ لاءِ هليو تہ سامهون حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي ايندي ڏسي ڪيس وٺي ذڪ هڻڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ وڪڻڻ وارن سچ چيو هو تہ تون ڀاڄوڪڙ ۽ چور آهين حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) فرمايس تہ: مون کي ذڪ نہ هڻ. مان ڀڄو نہ هوس تو ڏٺو پئي تہ مان تہ قافلي ڏانهن اچي رهيو هوس مان مظلوم آهيان رستي ۾ منهنجي والده جي قبر مبارڪ هئي مان بي اختيار تي ان ڏانهن ويو هوس ۽ ڪيس دانهن ڏيندو رهيس ان ٻڌڻ جي باوجود بہ مليح حبشي غلام ڪيس ذڪ هڻندو ماريندو رهيو ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) خاموش ٿي صبر ڪندو سهندو رهيو.

الاهي عذاب جي آمد ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي دعا سان دفع ٿيڻ

جڏهن مليح حبشي غلام حضرت يوسف تي گهڻو ظلم ڪيو تڏهن رب العزة جل شانه جي طرفان ڪين سزا ڏيڻ لاءِ اوچتو هڪ ڪارو ڪڪر ظاهر

(١) القرطبي صہ ١٥٧ جلد٩

ٿيو جنهن مان ٽلها ۽ وڏا شعلا ڪرڻ شروع ٿيا، ماڻهو ۽ جانور زخمي ٿيڻ لڳا،قافلي وارن ۾ پيچ ڊڪ شروع ٿي وئي سڀ پريشان ۽ حيران ٿي ويا قافلي جي اڳواڻ اعلان ڪرايو تہ اي قافلي وارؤ! جيڪڏهن ڪنهن کان ڪو گناهہ صادر ٿيو آهي تہ هڪدم سچي توبہ ڪري نہ تہ سڀ هلاڪ ٿي ويندا سين. مليح نالي ان حبشي غلام اعتراف ڪندي چيو تہ! گناهہ مون کان ٿيو آهي جو مون اوهان جي خريد ڪيل نئين عبراني غلام کي سخت ماريو ۽ گهليو آهي حالانڪ ان مون کي ٻڌايو بہ هو تہ مان مظلوم آهيان پوءِ اهو اڳواڻ ڊوڙي حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو تہ: مليح غلام جي خطا معاف ڪيو ۽ دعا گهرو تہ الله جل جلالہ هي آيل عذاب دفع ڪري حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) دعا گهري تہ آيل عذاب دفع ٿي ويو. صبح جو وقت هو جڏهن ڪارو بادل لهي ويو ۽ سج نڪتو تڏهن ان اڳواڻ حضرت يوسف(علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي هٿن پاڪن مان هٿڪڙيون ڪڍيون رسيون کولي ان تان ٽلهو ڪپڙو لهرائي پلو لباس پارايو پوءِ قافلو اڳتي روانو ٿيو ۽ سفر ڪندي مصر جي شاهراه تي واقع شهر بيسان ۾ پهتو ان شهر کي بيت ايل بہ چوندا آهن حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جو حسن اپرندڙ سج وانگر جلوا ظاهر ڪري رهيو هو. اتي جي رهاڪن جڏهن قافلي جي هلندڙ اٺ تي حضرت يوسف جي حسن جا جلوا ڏٺا تہ حيران ٿي ويا.

اتي پهريون پيرو حضرت يوسف قافلي وارن سان گڏجي کاڌو تناول فرمايو اتاهين قافلو روانو ٿيو تہ ٻئي شهر تابلستان ۾ پهتو جنهن کي اڄ ڪلهہ بيرشبع چوندا آهن بيسان شهر کان ٢٥ ميل پري هو اتي جا رهاڪو سڀ بت پرست هيا پر حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي حسن کي ڏسي حيرت ۾ پئجي پڇڻ لڳا تہ: اي ايتري حسن وارا جوان! تو کي ڪنهن پيدا ڪري اهڙو سهڻو بنايو آهي؟ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) فرمايو تہ: "الله وحده لاشريڪ لہ" مون کي پيدا ڪري اهڙو حسين بنايو آهي. ان شهر جا رهاڪو چوڻ لڳا تہ: جنهن تو کي پيدا ڪيو آهي اسين ان تي ايمان آڻيون ٿا پوءِ ان شهر جا چار هزار (٤٠٠٠) ماڻهو ايمان آڻي. مومن بڻيا ۽ جيڪي بہ بت رکيل هين اهي سڀ پيچي ڇڏيائون حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام انهن کي عبادت جي تعليم ڏني ۽ اهي هزار سالن تائين سندس امتي بڻيا رهيا. قافلو وري اڳتي هليو تہ مصر جي شهر هيل بلس کان پنجاهہ ميل ويجهو هڪ شهر قدس ۾ جنهن کي جشن بہ چوندا آهن.

منزل انداز ٿيو. هي شهر تابلستان شهر کان ارڙهن (١٨) ميل پري هو ان شهر جي بادشاهه کي خواب ۾ حڪم ٿيو تہ تنهنجي شهر ۾ داخل ٿيندڙ قافلي ۾ سيني کان پلو شخص داخل ٿي رهيو آهي ان جو شاندار استقبال ڪر. بادشاهه ننڍ مان سجاڳ ٿي هڪ عظيم الشان دعوت ۽ استقبال جو انتظام ڪيو ۽ جڏهن قافلو شهر ۾ پهتو تہ بادشاهه ڪجهه ماڻهن سان گڏجي استقبال ڪندي اهڙي عزت افزائي سان دعوت ڪئي جو قافلي وارن جو اڳواڻ، حضرت يوسف (على نبينا و عليه الصلواة والسلام) جو خريدار حيران ٿي ويو تہ مان ڪيترا ڀيرا اڳ ۾ بہ هن شهر ۾ آيو آهيان مگر اهڙي عزت افزائي ڪڏهن بہ نہ ٿي آهي ٿي سگهي ٿو تہ اها سڀ ڀلائي هن خريد ڪيل عبراني غلام (حضرت) يوسف جي ڪري ٿي هجي شهر جو بادشاهه بہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلاة والسلام) کي ڏسنديئي سمجهي ويو تہ اها حسن ۽ جمال واري هستي ئي اهو پلو شخص آهي جنهن لاءِ مون کي خواب ۾ حڪم ڪيو ويو پر ان راز کي کولڻ جي اجان اجازت ناهي.

هڪ قول آهي تہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) ٩ ڏينهن کان پوءِ اهو پهريون کاڌو استعمال فرمايو هو. بادشاهه سيني کي مختلف کاڌا کارايا پر حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي کير ۽ چانور کارايا. اهو کاڌو چڻ تہ رب العزة جل جلاله جي حڪم سان هو ڇو تہ اهو سمورو دور سندن لاءِ هڪ قسم جو چڻ چلو هو ۽ چلي ڪڍڻ ۾ الله جل جلاله جا صالح ٻانها اهڙو کاڌو کائيندا آهن. حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن بہ غار حرا ۾ وڃڻ دوران اٺن- نون ڏينهن جو روزو رکندا هئا. بادشاهه اڪيلائي ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کان پڇيو تہ، اوهان ڪير آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ مان اهوئي آهيان جنهن جي دعوت ۽ استقبال ڪرڻ جو اوهان کي خواب ۾ حڪم ٿيو هو اهو حيران ٿيو تہ اوهان کي منهنجي خواب جو ڪنهن ٻڌايو؟ فرمايائون تہ ان الله جل جلاله ٻڌايو آهي جنهن جي قدرتي اشاري سان اوهان منهنجو استقبال ڪرايو آهي. ان عرض ڪيو تہ مون کي نصيحت فرمايو پاڻ فرمايائونس تہ! مسلمان ٿيءُ، ان اسلام قبول ڪيو ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) سندس گهر ۾ داخل ٿيو تہ اتي پيل بتن هڪدم حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي تعظيم جو سجدو ڪيو ۽ سجدي ڪرڻ کان پوءِ ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي حڪم سان ان

بادشاهہ شهر جا پيا بت بہ پجرائي شهر وارن کي اسلام ۾ داخل ڪيو. قافلو ان شهر ۾ ٣ ڏينهن رهيو پر ان دوران بہ ڪين اها حقيقت ذهن ۾ نہ آئي. چوتہ انهن جي عقل تي پردا پيل هئا. اتاهين ڪان قافلو عسقلان جي شهر ڏانهن روانو ٿيو جڏهن اتي پهتو تہ عسقلان شهر جي بادشاهہ کي ڪنهن طريقي سان اطلاع مليو تہ هڪ حسين غلام مصر ۾ وڪامڻ جي لاءِ وڃي رهيو آهي. ان خيال ڪيو تہ مان اهو غلام قافلي وارن ڪان زوري ڪسي ٿو رکان. ان ارادي سان هڪ هزار لشڪري پاڻ سان وٺي ان جاءِ ۾ آيو ۽ لشڪر وارن کي ڪونہ ٻڌايو هيائين تہ مان ڇالاءِ ٿو هلان؟ جيئن سندس نگاہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي نوراني چهري مبارڪ تي پئي تہ بيهوش ٿي ڪري پيو لشڪري ان جي فڪر ۾ رهيا ۽ قافلو اتاهين سفر ڪري مصر ڏانهن روانو ٿيو ۽ اهو بادشاهہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي حسن ڏسڻ ڪري ٣ ڏينهن بيهوش هو. پوءِ هوش ۾ آيو پر تہ قافلو هو نہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) قافلو هلندي هلندي عريش نالي شهر ۾ پهتو اتي بہ ڏينهن رهي نيل درياءجي ڪناري تي آيا. قافلي جي اڳواڻ حڪم ڪيو تہ جن غلامن کي وڪڻڻو آهي انهن کي وهنجاري پلا ڪپڙا پارايو. سيني ڪان آخر ۾ جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي پلا ڪپڙا پارايا ويا ۽ سندس مٿي تي موتين جو تاج رکيو ويو تہ سندس حسن ۽ سونهن جا اهڙا انوار نظر اچي رهيا هيا جو سندس خريدار ڪي بہ ڏسڻ جي طاقت نہ رهي هئي. مصر ۾ پهريان ئي اها ڳالهہ مشهور ٿي چڪي هئي تہ اڄ هڪ عظيم الشان غلام وڪامڻ لاءِ پيش ٿي رهيو آهي سندس خريدار مالڪ بن ذعر بہ نهايت خوش ٿي رهيو هو تہ اڄ سڄي شهر ۾ سندس نالي جا اعلان ٿيندا ۽ پڙها ڏنا ويندا تہ هي مالڪ بن ذعر جو غلام وڪامڻ لاءِ آيو آهي. مصر ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي وڪامڻ جو ٻڌي سڄي رات ماڻهن ۾ اها خوشي هئي تہ اهي يوسف جا خريدار بنجندا. رات جو ان خوشيءَ ۾ ڪين نہ ننڊ آئي نہ ڪاڏو ياد رهيو. صبح جو سڀ خريداريءَ جي ارادي سان مالڪ بن ذعر جي دروازي تي گڏ ٿيا ۽ تمام گهڻو هجوم ڏسي رهائش واريءَ جاءِ جي ڇت تي چڙهي ماڻهن ڪان پڇيائين تہ، ڇالاءِ گڏ ٿيا آهيو؟ سيني چيس تہ، جيڪو غلام وڪڻڻ جي لاءِ آندو اٿئي ان کي ڏسڻ لاءِ صرف هڪ ڀيرو ديدار ڪراءِ پوءِ واپس ويندا سون. مالڪ بن ذعر تنگ ٿي پيو ۽ چوڻ لڳو تہ ان ۾ ڪهڙي خوبي آهي؟ هرو ڀرو اچي گڏ ٿيا آهيو پوءِ ڪنهن ماڻهو ڪيس

صلاح ڏني تہ ان غلام جي ڏسڻ لاءِ هڪ شرط لڳاءِ تہ جيڪو هڪ سونو دينار جمع ڪرائي اهو پلي ان جو ديدار ڪري ظاهر آهي تہ دينار ڪير ڪونہ ڏيندو ۽ ٿون بہ تڪليف ڪان بچي پوندين. پر محبت وارا ڪٿي ٿا مڙن جيئن جو مالڪ بن ذعرؒ اهو اعلان ڪيو تيئن ماڻهن چيو تہ هڪ دينار ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي تون هڪ هڪ دينار وٺندو وڃ ۽ اسان کي حضرت يوسف (علىٰ نبينا عليه الصلواة والسلام) جو ديدار ڪرائيندو وڃ. ان وقت جي دينار جي قيمت بہ سؤ درهم هئي. ان تہ حضرت يوسف کي نهايت ٿورن ڳڻيلن درهمن ۾ خريد ڪيو هو پر ديدار ڪندڙن جي ايتري رش هئي جو دينار گڏ ڪيا ويا تہ ڇهہ لک (......٦٠) دينار جمع ٿي ويا. الله جل شانه جي شانِ قدرت تان قربان ٿجي ڪٿي تہ قميص لاهي ڦٽل کوهہ ۾ اڇلايو پيو وڃي ڪٿي ڇہ(٦) لک دينار صرف ديدار ڪرائڻ واري وٽ جمع ٿي ويا. اهي دينار گڏ ڪرڻ کان پوءِ مالڪ بن ذعرگهر جو دروازو کوليو ۽ ڏسڻ وارا لکن جي تعداد ۾ هيا ڪيترا ويچارا تہ ديدار ڪنديئي بيهوش ٿي ويا ۽ مالڪ بن ذعر جي غلامن کين ٻاهر ڪڍڻ شروع ڪيو مگر اهڙي ڪيفيت ۾ ٿي نڪتا جو گهٽن کي نہ گهر جو هوش هو نہ در جو نہ ويجهي هجڻ جو نہ پري جو.

حضرت امام غزالي عليه الرحمة جو فرمان عالي شان

امام غزالي عليه الرحمة هن واقعي تي روشني وجهندي فرمايو آهي تہ جڏهن مصنوع (ٺاهيل) جي حسن جو هي مقام آهي تہ ان جي ٺاهيندڙ جي ديدار وقت ديدار ڪندڙن جو ڇا حال هوندو؟

مالڪ بن ذعر جو ايترا دينار ڪمايا ان بئي ڀيري اعلان ڪرايو تہ جنهن کي بہ عبراني غلام جي ديدار ڪرڻ جو شوق آهي اهو بہ دينار جمع ڪرائي پوءِ پلي ديدار ڪري اعلان ٻڌڻ شرط رهيل ماڻهو پهتا انهن بہ بہ دينار جمع ڪرايا حساب ڪيو ويو تہ اهي بہ ڏهہ هزار دينار ٿيا تئين ڏينهن کان پوءِ مالڪ بن ذعر ميدان ۾ منزل ڪري حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي وڪڻڻ جو اعلان ڪيو پهرئين ڏينهن هزارين خريد ڪرڻ جي ارادي سان آيا مگر ڪير بہ خريد ڪري نہ سگهيو ٻئي ڏينهن وري مصر جا وڏا وڏا واپاري آيا ۽ مالڪ بن ذعر جي گهر وڃي ان کي ڏنائون تہ، عالي شان تاج پايو ويٺو هو سيني تاجرن چيس تہ: اي مالڪ! ڪيڏو نہ خوش نصيب آهين جو اڄ تنهنجي دروازي تي هزارين ماڻهو بيٺا آهن جيڪي تنهنجي آندل عبراني غلام جا خريدار آهن. اها گفتگو ٻڌڻ کان پوءِ مالڪ بن ذعر سڏو حضرت يوسف (عليه

الصلواة والسلام) وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ! اي غلام" تنهنجو نالو ڇا آهي؟ هاڻي مون کي تہ شرم ٿو اچي تہ تو جهڙي حسن جي بادشاهہ کي غلام ڪري سڏيان. حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جڏهن پنهنجو نالو مبارڪ ٻڌايس تڏهن چوڻ لڳو تہ: تون حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جو اهو پٽ آهين جنهن سان پائرن زيادتي ۽ ظلم ڪيو هو؟. ان ڪان پوءِ مالڪ بن ذعر حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي گهڻي عزت ۽ احترام ڪندي عرض ڪيو تہ" مون لاءِ دعا گهرو تہ رب العزة جل جلالہ مون کي اولاد ڏئي هن وقت تائين بي اولاد آهيان. حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کيس فرمايو تہ تون الله جل شانه جي توحيد، سندس ذات ۽ صفات تي ايمان آڻ تہ الله جل شانه توکي نرينہ اولاد عطا ڪندو. ان حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي ان دعوت کي قبول ڪري ايمان آندو ۽ سندس خريد ڪيل اڳيون غلام مليح حبشي جيڪو ڪافر هو هتن ۾ بيماري لڳڻ جي ڪري بيمار ٿي مري ويو ڇوتہ انهن ئي هتن سان حضرت يوسف سهڻي کي ماريندو هو پوءِ مالڪ حضرت يوسف جي ديدار لاءِ گڏ ٿيندڙ ماڻهن کي موڪل ڏني سيني ديدار ڪيو انهن ۾ مصر جي بادشاه جا درباري خادم بہ هيا.

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ، حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي ڏسڻ وارا ماڻهو ٽن نمونن جا ٿي ويا.

(١) هڪڙا اهي جن جي حالت صفا مستن جهڙي هئي.

(٢) ٻيا اهي جيڪي حيران ٿي نظر آيا.

(٣) ٽيان چريا ٿي پيا .هيا -

ماڻهن جو حال عجيب هو جو ديدار ڪرڻ وقت اتي ڊوڙندا ٿي آيا پر واپس ٿيڻ لاءِ تيار نہ هئا. اهو پري وارن جو حال هو. پر سڄو سفر گڏ رهڻ وارن جي دل ڪيتري بي رحم ۽ اڪيون ڪيترين انڌيون هيون جو سموري سفر ۾ کيس تڪليفون، اذيتون ۽ مارون ڏيندا آيا.

مصر ۾ بازعه نالي هڪ مالدار عورت هئي اها پنهنجي سموري دولت کڻي حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي خريد ڪرڻ جي ارادي سان آئي جڏهن يوسف (عليه الصلواة والسلام) تي نگاهہ پيس تہ چوڻ لڳي: تون غلام آهين؟ سائين ٻڌايس تہ مان عبد (غلام) آهيان. (يعني الله جل جلالہ جو ٻانهو) بازعه حيرت ۾

پئجي وري سوال ڪيو تہ: توکي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ حضرت يوسف فرمايس تہ: الله جل جلالہ - بازعه عرض ڪيس تہ مان الله جل جلالہ تي ايمان ٿي آڻيان. ان ڪان پوءِ جيڪو بہ سندس مال ملڪيت ۽ سامان هو سڀ في سبيل الله خيرات ڪري ڇڏيائين ۽ چيائين تہ هن غلام جي خريد ڪرڻ جي ڪنهن ۾ بہ طاقت ناهي ۽ هڪ جهوپڙي نهرائي ان ۾ رهي الله جل جلالہ جي ذڪر ڪندي زندگي گذاريائين. ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ مصر جي عزيز پنهنجي گهرواريءَ زليخا سان ڳالهہ ڪئي تہ منهنجو ارادو آهي تہ اهو مشهور حسن ۽ جمال وارو غلام مان خريد ڪيان (سيده زليخا ڪيترا سال اڳ ۾ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جو خواب ۾ ديدار ڪيو هو اها تہ اڳيئي ان سوچ ۾ هئي) ۽ اي زليخا! تون اهو غلام ڏسي آ جيڪڏهن پسند ڪرين تہ خريد ڪيان. زليخا ڪيس رکو جواب ڏيندي فرمايو تہ: مان پنهنجي عزيز (سندس مراد خواب ۾ ڏٺل حضرت يوسف هو) ڪان سواءِ ڪنهن کي پسند نہ ٿي ڪيان ۽ نہ ڪنديس. ان سمجهيو تہ عزيز تہ مان آهيان شايد زليخا مون کان وڌيڪ ڪنهن کي پسند نہ ٿي ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن جو اعلان ٻڌل هوس تہ جمعه جي ڏينهن غلام جي وڪڻڻ جو پڪو پروگرام آهي جيڪو بہ وڌيڪ پئسا ڏيندو اهو خريد ڪندو. صبح جو عزيز بذات خود اچي خريدار بڻجي بيٺو سيني خريدارن هڪ ٻئي کان مٿي چڙهي اڳهن جو اعلان ڪيو مگر عزيز مصر اهڙو اعلان ڪيو جو سڀ خاموش ٿي ويا. عزيز اعلان ڪيو تہ مان هن غلام جي تور جيترو سون، ۽ ايترو چاندي ۽ ان جي تور جيترو ڪافور، هيرا، ياقوت، عنبر ۽ ريشم ڏيندس. مالڪ بن ذعر اهو منظور ڪيو ۽ سودو پڪو ٿيو (١)

مصر جي عزيز جڏهن حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جو ديدار ڪيو تہ نہ صرف مذڪور ملهہ ڏنائين پر جيڪي بہ خزانا هيا سڀ مالڪ بن ذعر لاءِ کولي ڇڏيائين ۽ ملهہ جي لاءِ ڪنهن شئي جي تورڻ جي ضرورت ئي نہ پئي. هن وقت تائين مالڪ بن ذعر جي لاءِ يوسفي حسن پردي ۾ هو ۽ اهو اهي خزانا ملندي ڏسي خوش ٿي رهيو هو پر جڏهن آخري ملاقات جو وقت ٿيو ۽ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جو جلوو ۽ جمال سندس اکيان کليو تہ بيهوش ٿي ڪري پيو جڏهن هوش ۾ آيو تہ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کانئس پڇيو تہ: اي مالڪ! توکي ڇا ٿيو؟ پر هاڻي سندس اها ڪيفيت نہ رهي هئي روئي رهيو هو ۽ افسوس جا هٿ ملي

(١) القرطبي ص ١٥٨ جلد ٩

رهيو هو تہ مون يوسف کي ڇو وڪڻيو؟ جنهن مال کي مون گهڻو سمجهيو اهو تہ ٿورو آهي گهڻو تہ حضرت يوسف (عليه الصلوٰة والسلام) جو حسن ۽ سندس وجود مسعود آهي. انسان انڌو آهي جيڪو دنيا کي عظيم ۽ آخرت کي قليل سمجهندو آهي پر جن جي دل جون اکيون روشن آهن انهن کان پڇو تہ قليل ڪير آهي ۽ ڪثير ڪير؟؟. ان کان پوءِ مالڪ بن ذعر حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کي عرض ڪيو تہ: اي يوسف! تون مون سان حقيقت ۽ راز کولي تہ بيان ڪر. حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) فرمايس تہ: مان تو سان حقيقت ان شرط تي بيان ڪندس جو تون ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندين. مالڪ بن ذعر وعدو ڪيو ۽ پوءِ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کيس ٻڌايو تہ: ڪوهہ مان نڪرڻ کان پوءِ مون کي تنهنجي هٿ وڪڻڻ وارا ڏهہ ڄڻا منهنجا ڀائر هئا ڪنعان جي جهنگل ۾ آٽي ڪوهہ ۾ اڇلائڻ وارا بہ اهيئي هئا. منهنجو والد حضرت يعقوب بن اسحاق بن ابراهيم (عليهم الصلواة والسلام) آهي اهو ٻڌي مالڪ بن ذعر زارو قطار روئندي ڪيل خطائن ۽ گستاخين جي معافي گهرڻ لڳو.

ان کان پوءِ تجارت وغيره ڇڏي ياد الاهي ۾ مشغول رهيو ڪيس هڪ پٽ ڄائو سموري دولت ان پٽ ۽ گهرواريءَ جي حوالي ڪري دارالفناءمان نڪري دارالبقاءڏي روانو ٿيو. هڪ روايت موجب حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي دعا سان ڪيس چوويهہ (٢٤) پٽ ڄاوا هئا ۽ ان آخر ۾ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کان پڇيو هو تہ مون کي اهو ٻڌايو تہ اوهان کي ڀائرن ايڏي تڪليف ڏئي ڇو وڪڻيو؟ پاڻ فرمايائون تہ: اهي منهنجا ڀائر آهن مان سندن اهي راز ظاهر نہ ڪندس. ڪريمن جو ڪم آهي ڪرم ڪرڻ ۽ پنهنجي خون جي پياسن کي بخشڻ ۽ انهن تي رحم ڪرڻ. (١)

وَقَالَ الَّذِي اشْتَرَاهُ مِنْ مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖٓ اَكْرِمِيْ مَثْوٰىهُ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ۚ وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْاَرْضِ ۡ وَلِنُعَلِّمَهٗ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۭ وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰٓي اَمْرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ. ۽ جنهن ڪيس مصر مان خريد ڪيو هو (ان) پنهنجيءَ زال کي فرمايو تہ ان جي رهڻ جي جاءِ عزت واري بناءِ. هيءَ ڳالهہ ويجهي آهي جو اهو اسان کي نفعو ڏي يا ان کي پٽيلو ڪري رکون ۽ اهڙي طرح اسان يوسف کي زمين ۾ طاقت ڏني ۽ تانت ان کي ڳالهين جي تاويل جي تعليم ڏيون ۽ الله پنهنجي امر تي غالب آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. مطلب تہ مصر جي عزيز حضرت يوسف عليه

(١) تفسير نعيمي ص٣١٨- کان ٣٢٥ جلد ١٢

الصلواة والسلام جي پيشانيءَ مبارڪ ۾ انوار، تجليات، ۽ سعادت جا لڪيل نشان ڏسي پنهنجي گهرواريءَ کي فرمايو تہ هي نهايت عظيم الشان نوجوان مليو آهي ان جي رهائش عزت ۽ احترام واري ٺاهجان ۽ سندس آرام جو خيال رکجان ڪنهن طرح بہ ان جي دل آزاري نہ ڪجان ان جو حسن ۽ جمال سندس شاندار مستقبل ڏي اشارو ڪري رهيو آهي اهو اسان کي يا تہ ڪو فائدو ڏيندو يا ڪيس پنهنجو پٽيلو بنائينداسون. "اسان کي نفعو ڏيندو" جو مطلب تہ اسان جا خصوصي ڪم ڪار ڪندو ۽ حڪومت جي معاملن ۾ هٿ ونڊرائيندو "يا ان کي پنهنجو پٽيلو بنائينداسون" جو مطلب تہ جڏهن ڪمال کي پهچندو تہ اسان جي اکين جو ٺار ٿيندو ۽ اسان جي بزرگيءَ ۽ مال جو وارث بنجندو. هن قول مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ ان کي اولاد نہ هو ۽ نہ ڪا اولاد ٿيڻ جي اميد هيس ۽ اهو ان جي ڪري چيو هيائين جو مصر جو اهو عزيز انتهائي ذهين ۽ فراست جو سچو هو حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي سهڻي خلقت، سهڻي اخلاق، ذڪاءَ ۽ سهڻين عادتن مان دليل ورتو هيائين تہ پاڻ معاشري ۾ بہ حسين، ڪريم، فطرتي تربيت يافته ۽ سهڻي صلاحيت وارو آهي جو تہ سهڻي اخلاق واري کي بري صحبت بداخلاق بنائيندي آهي پر ان ڪان حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) بلڪل پاڪ، صاف هو. (١)

مصر جي عزيز جي زال جو نالو ڇا هو؟

ان ۾ چار قول آهن "١" مجاهد جو قول آهي تہ ان جو نالو راعيل بنت رعايل هو "٢" سدي جو قول آهي تہ ان جو نالو زليخا بنت تلميخا هو. "٣" قول آهي تہ ان جو نالو راعيل ۽ لقب زليخا هو. "۴" قول آهي تہ ان جو نالو زليخا لقب راعيل هو. ۽ زليخا ز جي زبر ۽ لام جي زير ۽ خاءَ معجمه سان جنهنجي پڇاڙيءَ ۾ الف آهي. مشهور قول اهو آهي ۽ ڪن مصغر جي صيغي سان ز کي پيش ۽ لام کي زبر ڏئي پڙهيو آهي. والله اعلم (٢)

مصر جي ان عزيز جو نالو ڇا هو؟

ان ۾ بہ مختلف قول آهن "١" ريان بن وليد "٢" وليد بن ريان. عمالقه قوم مان هو. ڪي چون ٿا تہ بادشاهہ هو ڪي چون ٿا تہ وزير خزانہ هو. (٣)

(١) المنار ص ٢٧٢ جلد١٢ (٢) روح المعاني ص ٢٠٧ جزء١٢ جلد۴ (٣) القرطبي ص١٥٨ جلد ٩

مفسر قرطبي لکيو آهي تہ رستي سان ايندي جڏهن حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) پنهنجي امان جي قبر وٽ لهي پيو ۽ حبشي غلام کيس هٽ ڪرڻ ڪان پوءِ ڏک هنيا هيا تہ ان وقت پاڻ رب العزة جل جلاله جي دربار ۾ هيءَ دعا گهري هيائين تہ! يا الله! جيڪڏهن مون ڪان ڪا خطا ٿي آهي تہ "فَاَسْئَلُکَ بِحَقِّ اٰبَائِيْ اِبْرَاهِيْمَ وَ اِسْحَاقَ وَ يَعْقُوْبَ اَنْ تَغْفِرَلِيْ وَتَرْحَمَنِيْ" مان تو ڪان پنهنجن ابن ڏاڏن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جي واسطي سان دعا ٿو گهران تہ مون ڪي بخش ڪر ۽ مون تي رحم ڪر. سندس ڏک مان نڪتل اهي الفاظ ٻڌي آسمان ۾ رهندڙ ملائڪ دانهون ڪري رنا ۽ جبرئيل لهي اچي حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) ڪي عرض ڪيو تہ! آواز آهستي ڪيو اوهان تہ آسمان جي ملائڪن ڪي روئاري ڇڏيو آهي. ڇا تنهنجو ارادو آهي تہ مان زمين ڪي ابتو ڪري هٽان جو مٿيون پاسو هيٺ ۽ هيٺيون مٿي ٿي وڃي؟ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) فرمايس تہ! جبرئيل ثابت رهہ. الله جل شانه حليم آهي. پوءِ حضرت جبرئيل زمين تي پنهنجو پر هنيو تہ سڄي ملڪ ۾ انڌيرو ٿي ويو وڏو غبار اٿيو، سج ونجي ويو ۽ قافلو رڪجي ويو ۽ سندن اهڙو حال ٿي ويو جو هڪ ٻئي ڪي سڃاڻي نہ پيا سگهن پوءِ قافلي جي اڳواڻ اچي حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) ڪان معافي ورتي ان ڪان پوءِ ڪيس انتهائي عزت ۽ احترام سان رکندو هو. حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جڏهن مصر ۾ گهڙيو هو تہ سندس نور جون تجليون ڀتين تي ڏسجي رهيون هيون.

ڇا ان اڳواڻ ايمان آندو هو؟

هڪ قول اهو آهي تہ ان ايمان آڻي حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي اتباع ڪئي هئي ۽ ايمان سان سندس موت ٿيو هو ۽ ان جي وفات وقت حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) وزير خزانه هو. (١)

"ان ڪي پٽيلو بنائينداسون" جي وضاحت ڪندي سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ: اهو عزيز عورتن سان صحبت ڪري نہ سگهندو هو. (٢)

بي اولاد هجڻ جي ڪري اها خواهش ڏيکاري هونڊائين. "۽ اهڙي طرح اسان ان ڪي زمين ۾ قوة ڏني" جو مطلب تہ جيئن اسان (حضرت) يوسف (عليه الصلواة والسلام) ڪي ڀائرن ڪان ڇڏائي، کوهہ جي انڌيرن مان ٻاهر آندو تيئن اسان ان ڪي زمين ۾

(١) القرطبي ص١٥٩ جلد٩ (٢) زاد المسير ص١٩٨ جلد ٤

قوت ۽ طاقت عطا ڪري خزانن جو وزير بنايو. (١)

"۽ ان کي خوابن جي تعبير جو علم به عطا ڪيو" جنهن جي ذريعي هو بادشاهه کي تعبير ٻڌائي عظيم سياسي شخصيت بڻجي ويو. (٢)

"۽ پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن" اڪثر ماڻهن مان مراد ڪافر آهن ۽ انهن کي اها ڄاڻ نه هئي ته هر امر الله جل جلاله جي هٿ ۾ آهي. جنهن کي نوازي جڏهن نوازي ان جي مرضي آهي. (٣)

حضرت يوسف جي خريدارن ۾ هڪ پوڙهي عورت

علامه اسماعيل حقي عليه الرحمه لکيو آهي ته: هڪ پوڙهي عورت ٻڌو ته: جيڪو غلام شهر ۾ وڪامڻ لاءِ آندو ويو آهي ان جي قيمت اها طئي ٿي آهي ته جيڪو ڪجهه گهر ۾ اٿو اهو ڏيو ۽ غلام خريد ڪيو. اها سمجهي ته شايد جيترو به گهر ۾ آهي اهو ڏئي خريد ڪري اچبو ۽ اهو به ٻڌائين ته اڃا تائين ڪنهن به خريد نه ڪيو آهي. ان پنهنجي گهر ۾ پيل دولت تي غور ڪيو ته صرف ٢٠ سير ڪتيل سُٽ هو. ويچاري محبت ۾ اهو ڪٺي حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي عارضي مالڪ وٽ پيش ڪرڻ لڳي ته: هيءَ منهنجي گهر جي سڀ دولت آهي اها وٺ ۽ اهو سهڻو يوسف مون کي ڏي. (٤)

حضرت بيبي زليخا جو ڪجهه احوال

حضرت بيبي زليخا سائڻ مصر ۽ ان جي آس پاس ملڪن ۾ رهندڙ عورتن کان وڌيڪ حسن واري هئي جيئن مردن ۾ ان وقت حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جو مٽ ۽ برابر ڪير نه هو تيئن عورتن ۾ حضرت بيبي زليخا جي برابر ڪا عورت نه هئي پر هڪ ٻئي ۾ جيڪڏهن پيٽيا وڃن ته حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) هڪ لک (١٠٠٠٠٠) حصا وڌيڪ هو زليخا آباد دنيا جي ٽئين حصي جي بادشاهه شاهه طب موس جي نياڻي هئي. شادي کان اڳ ۾ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جو خواب ۾ ديدار ڪيو هيائين ۽ ڪانئس پڇيو هيائين ته ڪير آهين؟ پاڻ فرمايائونس ته مصر جو عزيز آهيان مان تولاءِ ئي آهيان ۽ تون مون لاءِ - سيده زليخا ان وقت کان ئي ان خواب ۾ ڏٺل جي لاءِ حيران ۽ پريشان

(١) القاسمي ص٢٠٨ ج٦ (٢) البحرالمحيط ص٢٩٢ ج ٥ (٣) زاد المسير ص١٩٨ جلد٤ (٤) روح البيان ص٢٣٠ جلد ٤ تفسير نعيمي ص ٤٦٦ جلد ١٢

هئي ۽ ڪيس شادي ڪرڻ لاءِ اٽويهن (١٩) بادشاهن ۽ ڪيترن نوجوانن شهزادن جا پيغام مليا هئا پر زليخا ڪنهن سان به نڪاح ڪرڻ تي راضي نه ٿي.

جڏهن مصر جي عزيز جو پيغام مليس ته خواب واري لفظ کي ياد ڪري قبول ڪيائين ۽ سندس خيال ۾ هو ته شايد اهوئي عزيز آهي جنهن کي مون خواب ۾ ڏٺو هو مگر شادي ٿيڻ کان پوءِ جڏهن پهريون پيرو ان جو منهن ڏٺائين ته سخت ڏکوئجي پاڻ کي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيائين پر عزيز جي نوڪرياڻين مان هڪڙيءَ ڪيس سمجهايو ته: صبر ڪر تنهنجو خواب صحيح ٿيندو ۽ مصر جو عزيز نامرد آهي ان ۾ مڙسي ناهي تون ڪو فڪر نه ڪر ۽ عزيز ڪڏهن به زليخا سان صحبت ڪري نه سگهيو. زليخا ڪنواري ئي رهي گويا الله جل جلاله زليخا کي ان وٽ امانت ڪري رکيو. (١) عزيز کي جڏهن ته بيبي صاحب سان محبت هئي ان ڪري ان جي دلجوئيءَ لاءِ هي غلام خريد ڪيو هيائين.

حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي خريد ڪرڻ جي برڪت

مصر جي عزيز جڏهن سيدنا يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي خريد ڪرڻ ۾ سمورو مال ۽ ملڪيت ڏئي ڇڏيا ته هڪ پيري سندس خدمت ۾ پين غلامن اچي عرض ڪيو ته: سائين! اوهان سمورو مال ۽ ملڪيت هڪ غلام جي خريد ڪرڻ ۾ ڏئي ڇڏيو هاڻي ملڪ ڪيئن هلندو؟ عزيز کي به انهن جي ڳالهه ذهن ۾ ويٺي ۽ پنهنجن خزانچين کي فرمايائين ته ڏسو: جن صندوقن ۾ خزانو هوندو هو انهن ۾ ڪجهه آهي يا صفا خالي پيون آهن؟ خزانچي جڏهن صندوقن تي پهتا ڏٺائون ته اهي سون، زمرد، ياقوت، ريشم، مشڪ، عنبر، ڪافور ۽ حرير سان پهريان کان وڌيڪ پريل هيون خوشيءَ مان ڊوڙي اچي حقيقت بيان ڪيائون. مصر جو عزيز، حيرت ۾ پئجي ويو ۽ سوچڻ لڳو ته: منهنجن درٻارين ۽ لشڪرين ان غلام جي مالڪ کان اهي خزانا زوريءَ واپس ته نه ڪيا آهن؟ مالڪ وٽ ويو ڏٺائين ته ان کي مليل خزانا ته جيئن جو تيئن موجود آهن وري پاڻ صندوقون اچي ڏٺائين ته اهي به خزانچين جي ڳالهين وانگر واقعي پريل آهن اهو ڏسي سڀ حيران رهيا ڇو ته انهن اهڙو معجزو ڪڏهن ڏٺوئي ڪونه هو هڪ درٻاريءَ چيو ته: اي عزيز! اهو راز ان غلام کان ئي

(١) نعيمي ص٤٢٦ جلد ١٢

ڪٽي پڇو تہ ڪولي ٻڌائيندو. عزيز چيو تہ اهو ڪيئن ڄاڻندو هوندو؟ غلام عرض ڪيو تہ اي عزيز! اهو عام انسان ناهي اهو موجوده ڪائنات ۾ بي مثل شخصيت آهي مون ان سان ٻڪين ڪي ڳالهائيندي ڏٺو آهي. عزيز حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) ڪي گهرائي پڇيو تہ! اي يوسف! مون تنهنجي خريداريءَ ۾ سڀ خزانا لٽايا پر اهي وري بہ پريا پيا آهن ان ۾ ڇا راز آ؟ پاڻ فرمايائون تہ اهي الله رب العزة پري ڇڏيا آهن. عزيز حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) ڪان پڇيو تہ: ان اهو ڪرم ڇو ڪيو؟ پاڻ فرمايائونس تہ ان اهو ڪرم توتي نہ پر مون تي ڪيو آهي هڪ ان جي ڪري تہ توکي منهنجي خريد ڪرڻ جي ڪري طعنا نہ لڳن ٻيو ان جي ڪري تہ تنهنجو مون تي احسان نہ رهي ۽ تنهنجي نگاهن ۾ منهنجو شان بلند ۽ بالا رهي. عزيز مصر تمام خوش ٿيو ۽ گهرواريءَ کي تاڪيد ڪرڻ لڳو تہ هن غلام جي رهائش ۽ آرام گاهہ عزت واري بنائجان. زليخا تہ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کي ڏسڻ سان سڃاڻي وئي هئي تہ اهوئي اهو خواب ۾ اچڻ وارو جوان آهي. (١) بائيبل جو بيان آهي تہ (قطفير) پنهنجو سڀ ڪجهہ (حضرت) يوسف (عليه الصلواة والسلام) جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ ماني ڪان سواءِ ٻيءَ ڪنهن شئي جو ان کي هوش نہ هو.

حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) ڪيتريون ٻوليون ڄاڻندو هو؟

علامه مفتي احمد يار خان نعيمي عليه الرحمه هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ:
الله تعالىٰ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) کي نو سؤ (٩٠٠) ٻوليون زمين وارن جون، نوسؤ (٩٠٠) ٻوليون آسمان وارن جون، نو سؤ (٩٠٠) ٻوليون پکين جون، نوسؤ (٩٠٠) ٻوليون ڪيڙن، ماڪوڙن جون سيکاريون هيون ۽ هر ٻوليءَ جو ظاهر بہ سيکاريو هو تہ باطن بہ (٢)

"۽ الله پنهنجي امر تي غالب آهي" مطلب تہ جيڪو اهو گهرندو اهو ئي ٿيندو. حضرت يوسف جي قصي تي غور ڪيو، حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام ڇا ٿي گهريو؟ ڀائرن ڇا ٿي گهريو؟ حضرت يوسف ڇا ٿي گهريو؟ مصر جي عزيز ڇا ٿي گهريو؟ (سيده) زليخا ڇا ٿي گهريو؟؟؟ پر ٿيو اهو ئي جيڪو الله جل شانه گهريو. (٣)

(١) نعيمي ص٤٢٧ جلد١٢ (٢) نعيمي ص٤٢٨ جلد ١٢ (٣) ساڳيو حوالو

"وَ لَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗۤ اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّ عِلْمًا وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ" ۽ جڏهن پوري جوانيءَ کي پهتو تہ اسان ان کي حڪمت ۽ علم عطا ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح احسان ڪندڙن، نيڪوڪارن کي بدلو ڏيندا آهيون.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ مصر جي عزيز جنهن وقت حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي خريد ڪيو هو ان وقت سندس عمر ١٢ سال، عزيز جي عمر سٺ سال ۽ بيبي زليخا جي عمر غالبًا ٽيهہ سال هئي.

"اَشُدَّ" (پوريءَ جوانيءَ) مان مراد ڪيتري عمر آهي؟

عمر جي ان حصي کي جنهن ۾ انسان جون جسماني ۽ عقلي قوتون پوريءَ طرح وڌي ڪامل ٿين ٿيون "اَشُدَّ" سڏيو ويندو آهي. ان لاءِ ڪيترا سال گهرجن؟ ان ۾ اختلاف آهي مجاهد جو قول آهي تہ ٽيٽيهہ سال، سديءَ جو قول آهي تہ ٽيهہ سال، ضحاڪ فرمايو آهي تہ ويهہ سال (والله اعلم) (١)

حڪمت ۽ علم مان مراد ڇا آهي؟ ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم مجاهد رضي الله عنه کان آندو آهي تہ: ان مان مراد فقه، علم ۽ عقل آهي (٢)

۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي تہ حڪم مان مراد نبوة ۽ علم مان مراد شريعت آهي ۽ انهن ٻنهي جي شان ظاهر ڪرڻ جي لاءِ "حُكْمًا وَّ عِلْمًا" کي نڪره ڪري آندو ويو آهي. (٣) مفسر نيشاپوريءَ لکيو آهي تہ: حڪم مان مراد نبوة آهي ڇوتہ نبي خلق تي حاڪم هوندو آهي ۽ ڪي چون ٿا تہ: حڪم مان مراد مطمئنه نفس جو اماره نفس تي حاڪم ۽ غالب ٿيڻ آهي پوءِ ان وقت قدسي انوار ۽ الاهي روشنيون عالم قدس کان جوهر نفس تي اينديون آهن. (۴)

"۽ اهڙيءَ طرح نيڪي ڪندڙن کي بدلو ڏينداسون" مقصد تہ اسان جون اهي مهربانيون صرف حضرت يوسف تائين محدود ناهن جيڪو بہ ٻانهو صبر، استقامت، پاڪدامني، پاڪيزگي ۽ ٻيون سهڻيون خصلتون اختيار ڪندو ان تي نوازشون ۽ مهربانيون ٿينديون رهنديون. مفسر قرآن طبريءَ لکيو آهي تہ! محسنين مان مراد نبي پاڪ حضرت محمد (ﷺ) آهي. الله رب العزة هتي فرمايو تہ: جيئن پائرن جي طرفان تڪليفون ملڻ ۽ مصيبتون برداشت ڪرڻ کان پوءِ يوسف کي نبوت، قوت ۽ حاڪميت سان نوازيوسين تيئن اي حبيب! (عليه الصلواة

(١) مظهري ص١٥٠ جلد٥ (٢) الدر المنثور ص١٥٨ جلد۴ (٣) روح المعاني ص٢٠٩ جلد۴ جزء ١٢ (٥) تفسير نيشاپوري برحاشيه طبري ص١٢١ جزء١٢

والسلام) اوهان کي بہ مکي جي مشرکن طرفان ملندڙ تکليفن، عداوتن ۽ ايذائن کان ڇڏائي حاڪميت ۽ علم کثير سان نوازيندا سون ڇوتہ منهنجي فرمانبردارن ڀانهن سان اهي مهربانيون ٿينديون رهنديون آهن (١) حضرت حسن کان روايت آهي تہ حضرت يوسف (عليه الصلوٰة والسلام) کوهہ ۾ اڇلائجڻ واري وقت کان ئي نبي هو پر هاڻي ان کي نبوت جي تبليغ جو حڪم ٿيو هو. (٢)

فائدا

هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. "١" الله جل جلاله جڏهن ڪنهن تي ڪرم ڪندو آهي تہ پوءِ ڪنهن ذريعي جي بہ ضرورت نہ پوندي آهي. ڏسو يوسف (عليه الصلوٰة والسلام) کي پنهنجي علائقي ۾، والد صاحب جي ظاهري حياتيءَ ۾، ڀائرن، عزيزن، ڄاڻ سڃاڻ وارن هوندي بہ ڪجهہ تہ نهيو پر جان بچائڻ لاءِ بہ جاءِ نہ ملي. پر جنهن ملڪ ۾ سندس ڄاڻ سڃاڻ نہ هئي، غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل، عام غلامن وانگر پڙيءَ ۾ وڪڻڻ لاءِ آندو ويو جڏهن رب ڪريم مٿس ڪرم ڪيو تہ ايترو معزز ۽ مڪرم ٿي ويو جو جنهن کيس غلام سمجهي خريد ڪيو اهو سندس غلامي ڏيڻ لڳو نہ ڪٿي کو هنر سکڻ ويو ۽ نہ فضيلت حاصل ڪرڻ. رب پاک جي ڪرم سڀ ڪجهہ ڪري ڏيکاريو. جيئن "وَ كَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ" مان واضح آهي "٢" نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ" مان ظاهر آهي تہ سندس بارگاهہ ۾ زور ۽ عقل نہ هلندو، انڪساري، عاجزي، ۽ احسان ڪم ايندو آهي "٣" هن کان اڳ ۾ پٽن تفسيرن جي حوالي سان لکي آيا آهيون تہ حضرت يوسف (عليه الصلوٰة والسلام) قافلي سان سفر جي دوران ماءُ جي قبر تي بيهي تڪليفون پيش ڪيون هيون. ۽ جيڪڏهن اهي تڪليفون پيش ڪرڻ ناجائز هجن ها تہ رب العزة جل شانه پنهنجي نبي کان اهڙو ڪم نہ ڪرائي ها. ماءُ مهربان هوندي آهي ماءُ الله جل شانه جي جمال ۽ رحم واري صفت جو مظهر هوندي آهي. جيڪڏهن ان کي ڏک ٻڌائڻ منع ناهي تہ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کي جيڪي ماءُ کان بہ وڌيڪ مهربان آهن پنهنجي دردن جي دانهن ڏيڻ منع ناهي.

"٤" وَلِنُعَلِّمَهٗ"(۽ تانتہ اسان ان کي پڙهايون) مان ثابت ٿيو تہ: سيني کان زياده اهم ۽ ضروري شئي ايمان آهي ان کان پوءِ علم. ايمان وڻ جي پاڙ آهي علم ان جو ميوو آهي. جيترو ايمان مضبوط هوندو اوترو علم نصيب ٿيندو ايمان وارن کي علم لدني نصيب ٿيندو آهي بي ايمان ڪيترو بہ پڙهيل هوندو پر حقيقي علم کان محروم هوندو.

(١) جامع البيان ص١٠٦ جلد٧ جزء ١٢ (٢) نعيمي ص ٣٢٩ جلد١٢

"٥" مصيبتون، تڪليفون ۽ اذيتون جيڪي مومنن کي ملنديون آهن اهي سندن لاءِ بارگاهه ايزديءَ کي ويجهو ڪرڻ جو ذريعو هونديون آهن اهي تڪليفون ڏسي ته حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو هو ۽ اهي تڪليفون ئي صبر، شڪر ۽ بارگاهه ايزديءَ ۾ زاريءَ ڪرڻ ۽ روئڻ جو سبب بڻجنديون آهن انهن سان الاهي قرب حاصل ٿيندو آهي. دنيا مومن جو قيد آهي ۽ هر شخص پنهنجي پياري شئي قابو رکندو آهي. "٦" دين هجي يا دنيا محنت ۽ مشقت کان سواءِ ڪا به شئي محفوظ رکڻ مشڪل هوندي آهي. جيئن هن واقعي مان واضح آهي.

وَرَاوَدَتْهُ الَّتِيْ هُوَ فِيْ بَيْتِهَا عَنْ نَّفْسِهٖ وَ غَلَّقَتِ

۽ نرميءَ سان طلب ڪيائين ان کان انهيءَ عورت جو اهوان جي گهر ۾ هو نفساني خواهش ان جي ۽ بند ڪيائين

الْاَبْوَابَ وَقَالَتْ هَيْتَ لَكَ قَالَ مَعَاذَاللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّيْٓ اَحْسَنَ

دروازا ۽ چيائين ته اچ تنهنجي لاءِ (تيار آهيان) فرمايائين ته الله جي پناهه. بيشڪ اهو مربي منهنجو آهي جنهن سهڻو رکيو

مَثْوَايَ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ

جاءِ رهڻ منهنجيءَ کي بيشڪ شان هي آهي ته نه ڪامياب ٿيندا ظالم ۽ البت تحقيق پڪو ارادو ڪيو (انهيءَ عورت) ان جو

وَ هَمَّ بِهَا لَوْلَآ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ كَذٰلِكَ لِنَصْرِفَ

۽ پڪو ارادو ڪري ها (يوسف به) جيڪڏهن نه ڏسي ها دليل رب پنهنجي جو. اهڙيءَ طرح تانت ڦيرايون اسين

عَنْهُ السُّوْٓءَ وَالْفَحْشَآءَ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٢٤﴾

ان کان بڇڙائي ۽ بيحيائي بيشڪ اهو اسان جي مخلص ٻانهن مان آهي

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيل آيتن ۾ حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) تي آيل ان امتحان جو ذڪر هو جنهن جو صرف دنيا سان تعلق هو ۽ هن

آيتن ۾ ان تي آيل ان امتحان جو بيان آهي جنهن جو تعلق دين سان هو فرمان ايزدي آهي "وَرَاوَدَتْهُ الَّتِيْ هُوَ فِيْ بَيْتِهَا عَنْ نَّفْسِهٖ" ۽ ان (يوسف) کان انهيءَ (عورت) جنهن جي گهر ۾ پاڻ هو سندس نفس جي خواهش نرميءَ سان طلب ڪئي.

"رَاوَدَتْ" المراودة کان ورتل آهي. ان جي اصل معنىٰ آهي نرميءَ سان طلب ڪرڻ (١) مطلب ته حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي حسن ۽ جمال کي ڏسي عزيز مصر جي گهرواريءَ نهايت نرميءَ ۽ پيار سان کانئس نفساني خواهش طلب ڪئي "وَغَلَّقَتِ الْاَبْوَابَ وَقَالَتْ هَيْتَ لَکَ" ۽ دروازا بند ڪري چيائين ته اچي وڃ تنهنجي لاءِ مان تيار آهيان. "هَيْتَ لَکَ" لفظ جي متعلق علماءِ ڪرام جا مختلف اقوال آهن "١" هي لفظ عربي آهي يا عجمي "٢" حوراني آهي "٣" سرياني آهي "٤" عبراني آهي پر صحيح قول اهو آهي جيڪو حضرت مجاهد کان روايت ڪيل آهي ته اهو لفظ عربي آهي جيڪو ڪنهن شئي تي حرص ۽ شوق ڏيارڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي (٢) علامه ابو حيان اندلسي عليه الرحمته لکيو آهي ته "هَيْتَ" اسم فعل اسرع جي معنىٰ ۾ آهي يعني جلدي ڪر ۽ اهي دروازا ست هيا جيڪي بند ڪيا هيائين (٣) قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّيْٓ اَحْسَنَ مَثْوَايَ" چيو (حضرت يوسف ته) الله جي پناهه! (ائين ته تي سگهندو) بيشڪ اهو منهنجو پاليندڙ آهي جنهن منهنجي رهائش واري جاءِ نهايت سهڻي رکي آهي "اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ" يقينًا ظالم ڪامياب نه ٿيندا. جڏهن بيبي زليخا حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي پنهنجي مڙس، مصر جي عزيز جي محل جي ان مخصوص ڪمري ۾ وني وئي جنهنجا سڀ دروازا مڪمل بند ڪيا هيائين. انتها اڪيلائي جي حالت ۾ سندس ان پيش ڪش کي حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) ٺڪرائيندي جيڪو جواب ڏنو ان جو هر هڪ جملو سندس پيغمبرانه جلالت، مقام ۽ مرتبي کي ظاهر ڪري رهيو آهي. پهريان فرمايائين "مَعَاذَ اللّٰهِ" مطلب ته منهنجو سچو معبود ان بري فعل کي پسند نه ٿو ڪري مان اهڙي گناهه کان ان جي پناهه ٿو گهران. معاذ الله انهن مصدري صيغن مان آهي جنهن جي فعل جو محذوف هجڻ واجب هوندو آهي جيئن سبحان الله.

ان کان پوءِ فرمايائين: "اِنَّهٗ رَبِّيْ" هيءُ جملو مصر جي عزيز جي عزت بيان ڪري رهيو آهي. مقصد ته جنهن مون تي ان مسافريءَ جي حالت ۾ احسان ۽ مهرباني

(١) القرطبي ص١٦٢ جلد٩ (٢) مظهري ص٢٠ جلد٥ تفسير سورة يوسف (٣) البحر المحيط ص٢٩٣ جلد٥

ڪري مون کي سکيو رکيو آهي مان ان جي لڄ ۾ هٽ ڪيئن وجهندس؟ ۽ آخر ۾ اهو به ٻڌايائين ته هر عمل جو بدلو ڏيڻ الاهي سنت آهي جيڪو شخص پنهنجي محسن سان برو هلندو اهو ظالم آهي ۽ ظالم ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندو.

"وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَ هَمَّ بِهَا لَوْلَآ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ" ۽ البت تحقيق (ان عورت) پڪو ارادو ڪيو هو ان جو ۽ جيڪڏهن پنهنجي رب جو روشن دليل نه ڏسي ها ته اهو (يوسف) به ارادو ڪري ها. پر روشن دليل ڏسڻ جي ڪري ارادو ئي نه ڪيائين.

حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) گناهه جو ارادو ئي نه ڪيو هو

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هنن جملن جي معنىٰ ۽ مفهوم بيان ڪرڻ ۾ نهايت احتياط ڪرڻ لازم آهي ڪنهن ڪنهن ترجمي ۾ بي احتياطي ڪرڻ جي ڪري معنىٰ لکي وئي آهي ته "۽ البت تحقيق ان زليخا، ان سان (گناهه ڪرڻ جو) ارادو ڪيو هو ۽ ان (حضرت يوسف معاذالله ثم معاذ الله) به ارادو ڪيو هو جيڪڏهن پنهنجي رب جو روشن دليل نه ڏسي ها" ان ترجمي ڪرڻ سان الله جل جلاله جي نبي عليه الصلواة والسلام کان گناهه جو ارادو ته ثابت ٿئي. حالانڪ الله جل جلاله جو نبي گناهه جي ارادي ڪرڻ کان به پاڪ آهي. انهيءَ جي ڪري انبياءِ عظام عليهم الصلواة والسلام جي عصمت، عظمت ۽ مقام کي ذهن ۾ رکندي محقق علمائن هن طرح معنىٰ ڪئي آهي: ۽ ان عورت حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي ڦاسائڻ جو پڪو په ڪيو ۽ حضرت يوسف ان جي ان غلط ارادي کان بچڻ جو پڪو په ڪيو. جيڪڏهن پنهنجي رب جو روشن دليل نه ڏسي ها ته پوءِ ثابت قدم رهڻ مشڪل هو. يا "وَهَمَّ بِهَا" کي جزا مقدم ۽ "لَوْلَآ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ" کي شرط موخر ڪري معنىٰ هيئن ڪئي ويندي "جيڪڏهن پنهنجي رب جو روشن دليل نه ڏسي ها ته ان جو ارادو ڪري ها. پر روشن دليل ڏٺائين ان جي ڪري ارادو ئي نه ڪيائين. حضرت يوسف ۽ بيبي زليخا جي ارادن ۾ فرق هجڻ جي ڪري "هَمَّ" جو لفظ هر هڪ لاءِ جدا ۽ مختلف انداز سان آندو ويو آهي.

بيبي زليخا جي "هَمَّتْ" واري لفظ تي لام تاڪيد جو ۽ قد تحقيق جا الفاظ آندا ويا آهن ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي لاءِ آندل لفظ "وَ هَمَّ بِهَا" ۾ نه لام تاڪيد جو آهي نه قد تحقيق واري.

حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) گناهہ جي ارادي کان بہ پاڪ هو ان جا دليل

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ هن واقعي سان سڌو سنئون واسطو رب العالمين جل جلاله کان سواءِ چئن ڌرين جو آهي. "١" حضرت يوسف "٢" بيبي زليخا "٣" مصر جو عزيز "۴" شاهدي ڏيندڙ ٻار. قرآن ڪريم ۾ سڀني جا بيان آيل آهن تہ يوسف پاڪ هو. "١" حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جنهن فرمايو تہ "هِيَ رَاوَدَتۡنِيۡ عَنۡ نَّفۡسِيۡ" ان زليخا مون کان نفس جي خواهش طلب ڪئي. (مون ۾ اها ڳالهہ ئي نہ هئي) ۽ پاڻ دعا گهري هيائين تہ "رَبِّ السِّجۡنُ اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا يَدۡعُوۡنَنِيۡۤ اِلَيۡهِ" اي منهنجا پالڻهار! جنهن ڪم ڏانهن مون کي عورتون سڏين ٿيون ان کان مون کي جيل وڌيڪ پيارو آهي. هن دعا تي غور ڪيو تہ ڇا اهڙي دعا گهرڻ واري هستيءَ کان اهو ارادو ٿي سگهي ٿو؟ نہ هر گز نہ.

"٢" بيبي زليخا.ان بہ سندس پاڪدامن هجڻ جو بہ پيرا اقرار ڪيو "٢" مصر جي عورتن جي اڳيان اقرار ڪيائين تہ: وَ لَقَدۡ رَاوَدۡتُّهٗ عَنۡ نَّفۡسِهٖ فَاسۡتَعۡصَمَ" ۽ البت تحقيق مون ان کان نفساني خواهش جي طلب ڪئي پر اهو پاڪ صاف رهيو. "٢" جڏهن مصر جي بادشاهہ سيدنا يوسف عليه الصلواة والسلام کي قيد خاني مان ٻاهر ڪڍي پنهنجيءَ دربار ۾ آڻڻ جو آرڊر ڪيو تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام قيد خاني مان ٻاهر نڪرڻ کان انڪار ڪندي فرمايو تہ "جيستائين مون تي لڳايل بهتان جو تحقيق نہ ڪيو ويندو تيستائين مان ٻاهر نہ نڪرندس" ان وقت بيبي زليخا ڪليل لفظن ۾ اتي موجود ماڻهن جي اڳيان اعلان ڪيو هو تہ "اَلۡـٰٔنَ حَصۡحَصَ الۡحَقُّ اَنَا رَاوَدۡتُّهٗ عَنۡ نَّفۡسِهٖ وَاِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيۡنَ" هاڻي حق ظاهر ٿيو مون ان کان نفساني خواهش طلب ڪئي هئي ۽ يقينا اهو سچن مان آهي.

"٣" مصر جو عزيز جنهن ان تہ ان وقت ئي چيو هو تہ "اِنَّهٗ مِنۡ كَيۡدِكُنَّ اِنَّ كَيۡدَكُنَّ عَظِيۡمٌ" بلاشڪ اهو اوهان عورتن جو مکر آهي اوهان جو مکر يقينًا وڏو آهي. (يوسف بي گناهہ آهي)

"۴"- حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي پاڪدامن هجڻ لاءِ جنهن شاهد شاهدي ڏني هئي وَ شَهِدَ شَاهِدٌ مِّنۡ اَهۡلِهَا الخ" اهو هيو بہ زليخا جي اهل مان تہ جيڪڏهن يوسف جي قميص پويان ڦاٽل آهي تہ پوءِ اهو سچو آهي. جو پاڻ بچائڻ لاءِ ڀڳو ٿي ويو ۽ زليخا ڪيس پويان قميص مان ورتو تہ

قميص ڦاٽي پئي "٥" رب العالمين جل شانه ارشاد فرمايو تہ: "لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْءَ وَالْفَحْشَآءَ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِيْنَ" تانت ان کان برائي ۽ بي حيائي پري رکون يقينًا اهو اسان جي مخلص ٻانهن مان آهي. ۽ جڏهن اهو مخلص ٻانهن مان آهي تہ مخلصن جي معصوم هجڻ جو تہ شيطان بہ اٽنديئي اقرار کيو هو. جو رب العزة جل شانه جي بارگاه ۾ چيو هيائين تہ اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ" مگر انهن مان تنهنجي مخلص ٻانهن کي گمراهہ کري نہ سگهندس. علامه ابو حيان اندلسي لکيو آهي تہ: والذي اختاره ان يوسف عليه السلام لم يقع منه هم بها البتہ (١) يعني مون وٽ مختار قول آهي تہ (حضرت) يوسف عليه السلام کان قطعًا اهو ارادو ئي واقع نہ ٿيو هو. علامه رازي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ: محقق مفسرن ۽ متکلمن جو قول آهي تہ: حضرت يوسف عليه السلام بري کم کرڻ کان تہ پاڪ هو پر ان حرام فعل جي ارادي کان بہ پاڪ هو حضرت يوسف عيه السلام کان زنا جهڙوگناهہ، سو بہ پنهنجي محسن جي گهرواريءَ سان جيکا امانت ۾ وڏي خيانت آهي ٿيڻ ممکن ئي ناهي. (٢) جمال الدين القاسمي گهٽي وضاحت کندي آخر ۾ لکيو آهي: "فالاية حينئذ ناطقة بانه لم يهم اصلاً (٣) پوءِ آيت ٻڌائي رهي آهي تہ: حضرت يوسف (عليه الصلواة والسلام) اصل ارادو ئي نہ کيو هو شيخ طنطاوي جوهري لکيو آهي تہ: ان يوسف عليه الصلواة والسلام لم يهتم (۴) يعني يقينًا يوسف عليه الصلواة والسلام اهو ارادو ئي نہ کيو هو.

"برهان" ڇا هو؟

هن آيت ۾ الله جلا لہ جو ارشاد آهي تہ (جيکڏهن يوسف پنهنجي رب جو برهان نہ ڏسي ها تہ ارادو کري ها) اهو برهان ڇا هو؟ ان ۾ مفسرن جا مختلف قول آهن.

"١" ابن جرير، ابن ابي حاتم مجاهد رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "برهان" حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام جي صورت مبارکه هئي جنهن سندس سيني مبارک تي هٿ گهمايو هو ۽ ابو الشيخ حضرت حسن بصري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ اهو برهان حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام هو حضرت يوسف ڏنو تہ آگر مبارک کي ڏندن مبارکن جي هيٺان ڏئي فرمائي رهيو هو: يوسف! يوسف! اي يوسف! خبردار اي يوسف! خبردار! اهڙي طرح قتادة ۽ ابن سيرين کان روايت آهي

(١) البحر المحيط ص ٢٩٥ جلد ٥ (٢) التفسير الكبير ص١١٥ جزء ١٨
(٣) تفسيرالقاسمي صہ٢١٢جلد٦ (۴) الجواهر في تفسير القرآن صہ٣٦جزء٧

قاسم بن ابي بزة، ابن عطيه ۽ ضحاڪ رضي الله عنه جو بہ اهو فرمان آهي "٢" ابن ابي حاتم اوزاعي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو: اها الله جي ڪتاب جي هڪ آيت هئي جيڪا حضرت يوسف کي ڀت تي لکيل نظر آئي (١)

حليتہ الاولياء ۾ ابو نعيم آندو آهي تہ: جڏهن حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي بيبي زليخا ڪمري ۾ آندو تہ اتي سون مان ٺهيل سندس بت پيل هو حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي چيائين تہ! اتي بيهہ! تہ مان هن بت کي ڍڪيان مون کي ان کان حياءُ ٿو اچي حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سوچيو تہ! هن کي بت کان حياءُ ٿو اچي مان الله جل جلالہ کان حياءُ نہ ڪيان اها ان جي سوچ رب پاڪ جي طرفان برهان هو (٢)

علامه رشيد رضا صاحب لکيو آهي تہ: اهو برهان ٻي ڪا شيءِ نہ هئي حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ان وقت مراقبي جي ڪيفيت ۾ پنهنجي رب جون قدرتي تجليون ڏٺيون هيون ۽ ان مقام ۾ بلنديءَ تي هو جنهن لاءِ (نبوة جي لحاظ سان) سندن ياءُ (حضرت) محمد خاتم النبيين (صلی الله عليه وسلم) فرمايو آهي تہ: احسان هي آهي جو الله تعالیٰ جي عبادت اهڙي ڪرين چڻ تہ ان کي ڏسين پيو پلا جيڪڏهن تون ان کي نہ ٿو ڏسين تہ اهو تہ تو کي ڏسي پيو باقي ٻيون ڳالهيون مستند روايتن سان آيل نہ آهن (٣) والله اعلم

"كَذَٰلِكَ لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوٓءَ وَالْفَحْشَآءَ ۚ إِنَّهُ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِينَ" اهڙيءَ طرح تانتہ ان کان برائي ۽ بيحيائي پري رکون يقينًا اهو اسان جي برگزيدن ٻانهن مان آهي مطلب تہ اهو برهان ڏيکارڻ ۽ اهڙي طرح ثابت قدم رکڻ ان جي ڪري هو تہ هر قسم جي برائيءَ ۽ بيحيائيءَ کي ان کان پري رکون. يقينًا اهو اسان جن برگزيدن ٻانهن مان آهي حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) تہ پنهنجي شان نبوّت سان هر گناهہ کان بچيل آهي پر جن گناهن ڪيس گهيرو ڪيو هو انهن کي اسان ڪانئس ڦيرائي پري ڪري ڇڏيو اهو اسان جن انهن برگزيدن ٻانهن مان آهي جن جي مٿان اسان جو خصوصي حفاظتي پهرو هلندو آهي هن آيت ۾ الله جل جلالہ بہ لفظ اَلسُّوٓءَ ۽ اَلْفَحْشَآءَ آندا آهن السوء مان مراد ننڍا گناهہ ۽ الفحشاء مان مراد وڏا گناهہ آهن. مطلب تہ حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) هر قسم جي گناهہ کان پاڪ هو (٤)

(١) الدر المنثور صہ٥٢٢ ج ٤ (٢) الدر المنثور صہ٥٢٤ جلد٤ روح المعاني صہ٢١٤ جزء١٢ جلد٤ (٣) المنار صہ ٢٧٩ جلد١٢ (٤) معارف القرآن صہ٣٩ جلد٥

فائدا: هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا "١" الله جل جلاله جي نبين عليهم الصلواة والسلام کان گناهه ٿيڻ ته پري ٿيو پر ڪين گناهه جو خيال به نه ايندو آهي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جيڪڏهن صرف بريءَ نگاه سان ڏسي ها (معاذ الله) ته اهو به گناهه هجي ها ۽ ڪيس ان گناهه کان توبه ڪرڻ جي لاءِ حڪم ٿئي ها پر توبه جي حڪم جو ذڪر نه ٿيو آهي تنهن مان ثابت آهي ته حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام ڪنهن به قسم جو گناهه نه ڪيو هو نه سوچيو هو.

"٢" رَاوَدَتْهُ ، غَلَّقَتِ الْاَبْوَابَ،قَالَتْ هَيْتَ لَکَ" سيئي صيغا مؤنث جا آهن جنهن مان واضح آهي ته اهي سڀ ڪم بيبي زليخا جا هئا حضرت يوسف هر قسم جي گناهه کان پاڪ هو.

"٣" "بُرْهَانَ رَبِّهٖ" مان جيڪڏهن حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام مراد آهي جيئن ڪيترن مفسرن لکيو آهي. ته پوءِ ثابت ٿئي ٿو ته الله جا نبيّ سڳورا الله جو برهان آهن جيئن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي لاءِ قرآن پاڪ ۾ آيو آهي "قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ" تحقيق اوهان وٽ اوهان جي رب جي طرفان برهان آيو آهي ۽ برهان ان روشن دليل کي سڏيو ويندو آهي جيڪو دعوىٰ کي اهڙو مضبوطيءَ سان ثابت ڪري جو ڪير به ان کي ٽوڙي نه سگهي. ۽ اهو به ثابت ٿئي ٿو ته الله جل جلاله جي عطا سان الله جا پيارا ٻانها ڏک ۾ پنهنجن پيارن جي مدد ڪري سگهن ٿا جيئن حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام پنهنجي پياري پٽ جي مدد ڪرڻ لاءِ پهچي سندس رهنمائي ڪئي.

وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ قَمِيْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّاَلْفَيَا سَيِّدَهَا

۽ ڊوڙيا ٻئي دروازي ڏانهن ۽ ڦاڙيائين قميص ان جي پٺيءَ کان ۽ مليا ان جي مڙس کي

لَدَا الْبَابِ قَالَتْ مَا جَزَآءُ مَنْ اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْٓءًا

دروازي وٽ چيو (زليخا) ناهي سزا ان جي جو ارادو ڪيائين اهل تنهنجي سان برائيءَ جو

اِلَّآ اَنْ يُّسْجَنَ اَوْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾ قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ

مگر هيءَ ته قيد ڪيو وڃي يا عذاب دردناڪ چيو (حضرت يوسف) ته انهيءَ طلب ڪيائين مون کان

عَنْ نَّفْسِيْ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ

نفساني (خواهش) منهنجي ۽ شاهدي ڏني شاهدي ڏيندڙ اهل ان جي مان تہ جيڪڏهن آهي قميص ان جي ڦاڙي وئي

مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَهُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٦﴾ وَاِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ

اڳ کان پوءِ سچ چيو (زليخا) ۽ اهو ڪوڙن مان آهي ۽ جيڪڏهن آهي قميص ان جي ڦاڙي وئي

مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَهُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٧﴾

پٺيءَ کان پوءِ ڪوڙ هنيو (زليخا) ۽ اهو (يوسف) سچن مان آهي.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي هڪ انتهائي سخت آزمائش جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ سندس ڪامياب ٿيڻ جو ذڪر آهي ارشاد رباني آهي. "وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ قَمِيْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّاَلْفَيَا سَيِّدَهَا لَدَا الْبَابِ" ۽ ٻئي (حضرت يوسف ۽ زليخا) هڪ ٻئي کان اڳتي وڌندي ڊوڙيا ۽ (زليخا) ان (حضرت يوسف) جي قميص پٺيءَ واري پاسي کان ڦاڙي ۽ ٻئي ان (زليخا) جي مڙس کي دروازي وٽ مليا يعني حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جڏهن ڏٺو تہ سندس انڪار جي باوجود زليخا جو ان ڳالهہ تي زور رهيو تہ پاڻ اتاهين کان بچڻ ۾ ئي عافيت سمجهيائين پر جڏهن تہ دروازا سيئي بند هيا ۽ انهن کي قلف لڳائي انهن جون ڪنجيون زليخا پاڻ وٽ رکيون هيون تڏهن سوچڻ لڳو تہ ڪيئن ٻاهر نڪري پوءِ دل ئي دل ۾ عرض ڪرڻ لڳو تہ اي مولا! هتان بچڻ منهنجو ڪم آهي ۽ دروازا کولڻ تنهنجو ڪم آهي ائين چوڻ کان پوءِ جيئن جو ڀڳو تہ قلف خود بخود ٽٽندا ويا ۽ دروازا کلندا ويا جڏهن آخري دروازي تي پهتو جيڪو محلات جي صحن ۾ کليو ٿي تہ پويان زليخا بہ ڊوڙي اچي پهتي ۽ سندس قميص مبارڪ کي پويان وٺي اڙو ڇڪيائين جو اها پويان ڦاٽي پئي ۽ ٻاهر نڪتا تہ زليخا جو مڙس

مصر جو عزيز بيٺو هو مڙس کي ڏسڻ شرط زليخا في الحال تہ ششدر ٿي پر فورًا پاڻ سنڀالي حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) تي الزام هڻڻ لڳي (١) "قَالَتْ مَا جَزَآءُ مَنْ اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْٓءًا اِلَّآ اَنْ يُّسْجَنَ اَوْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" چيو (زليخا تہ) جنهن تنهنجي اهل سان برائيءَ جو ارادو ڪيو آهي ان جي سزا ان ڪانسواءِ ناهي جو جيل ۾ رکيو وڃي يا دردناڪ عذاب ڪيو وڃي مطلب تہ زليخا پاڻ کي پاڪ صاف ثابت ڪرڻ لاءِ سموري واردات جو ڏوهي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي قرار ڏيندي ان کي ملڻ واري سزا بہ ٻڌائي تہ يا جيل ۾ رکيو وڃي يا دردناڪ عذاب ڏنو وڃي "قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ عَنْ نَّفْسِيْ" (حضرت يوسف عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) فرمايو تہ! انهيءَ (زليخا) مون کان پنهنجي نفساني خواهش طلب ڪئي هئي يعني جڏهن زليخا مڙس کي ڏسي حضرت يوسف تي اهو الزام هنيو تہ پاڻ نهايت جرئت ۽ بيباڪيءَ سان عزيز مصر کي ٻڌايائون تہ! اهو غلط ڪم نہ مون ڪيو آهي نہ سوچيو آهي اهو سڀ ڪجهہ ان زليخا جو ڪردار آهي جنهن مون کان نفساني خواهش گهري پر مون کي الله جل جلاله بچايو آهي. "وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَهُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ وَاِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَهُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ" ۽ ان (زليخا) جي اهل مان شاهد شاهدي ڏني تہ جيڪڏهن ان (حضرت يوسف عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي قميص اڳ واري پاسي کان ڦاٽل آهي تہ پوءِ (زليخا) سچي ۽ (حضرت يوسف) ڪوڙو آهي ۽ جيڪڏهن ان جي قميص پٺيءَ واري پاسي کان ڦاٽل آهي تہ پوءِ زليخا، ڪوڙي آهي ۽ حضرت يوسف سچو آهي يعني حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ۽ زليخا ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي مصر جو عزيز حيران هو تہ هاڻي ڇا ڪجي؟ ڪهڙو فيصلو ڏجي؟ ڪنهن کي سچو ۽ ڪنهن کي ڪوڙو چئجي؟ ان سوچ ۾ هو تہ زليخا جي اهل مان هڪ شاهد شاهدي ڏني تہ پريشان نہ ٿيو ڳالهہ سولي آهي ڏسو تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي قميص اڳيان ڦاٽل آهي يا پٺيءَ واري پاسي کان؟ جيڪڏهن اڳيان ڦاٽل آهي تہ چئبو تہ يوسف زليخا ۾ هٿ وڌا هئا ۽ ان ڪيس ڌڪي پوئتي هٽايو آهي تڏهن قميص اڳيان ڦاٽي پئي آهي ۽ جيڪڏهن قميص پويان ڦاٽل آهي تہ چئبو تہ حضرت يوسف ڀڳو آ پويان زليخا ورتو اٿس ۽ قميص ڦاٽي پئي آهي زليخا ڪوڙي آهي ۽ يوسف سچو آهي.

(١) ضياء القرآن ص ٤٢٤ جلد٢ روح المعاني ص ٢١٧ جزء١٢ جلد٤

شاهد ڪير هو؟

ٻہ قول آهن "١" تہ اهو زليخا جي مٽن مان هڪ ننڍو ٻار هوجنهن کي الله جل جلالہ ڳالهائڻ جي قوّت ڏني ۽ ان حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي پاڪدامني بيان ڪئي ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابو الشيخ حضرت ابن عباس ۽ ضحاڪ کان اهو قول روايت ڪيل آهي ۽ امام احمد ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ آندو آهي تہ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه ۽ سعيد بن جبير جو بہ اهو قول آهي.

"٢" ڪي بزرگ فرمائين ٿا تہ شاهد مان مراد هڪ عقلمند ۽ داناءُ ماڻهو آهي جيڪو مصر جي عزيز وٽ رهندو ۽ سندس صلاحڪار هوندو هو ان اها صلاح ڏني هيس (١) پر جيڪڏهن غور ٿو ڪجي تہ شاهد جي شاهدي ڏيڻ کان پهريان ئي نو (٩) نشانيون اهڙيون هيون جن مان صاف ثابت هو تہ: حضرت يوسف(علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) بي ڏوهي آهي سڄو ڏوهہ زليخا جو آهي پر حاڪم کي حڪم ڏيڻ وقت ڪليل بيان گهرجي جيڪو ان شاهد ڏنو هو ۽ حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي پاڪ دامني ثابت ٿي.

نوَ (٩) نشانيون ڪهڙيون هيون؟

مفسرن سڀُورن لکيو آهي تہ اهي نو(٩) نشانيون جن سان مصر جي عزيز وٽ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي پاڪدامني پهريان ئي واضح ٿي چڪي هئي هي آهن.

"١" تہ هر دروازي وٽ قلف پڳل ڪريو پيو هو "٢" قلفن جو ڪنجيون پڃا ڪيائين تہ اهي زليخا جي ڪيسي مان نڪتيون "٣" تہ اهي محلات جا ان نموني ڪمرا زليخا نهرايا هئا حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) نہ نهرايا هئا "۴" جيئن حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي مصر جي عزيز خريد ڪري گهر آندو هو تيئن ئي سيني گهر ڀاتين محسوس ڪيو هو تہ زليخا ان سان محبت ۾ مبتلا ٿي وئي آهي "٥" ان واقعي واري ڏينهن زليخا جو منهن زرد ۽ لٽل ٿي لڳو ۽ نهايت گهبرايل هئي مگر حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) نهايت مطمئن هو "٦" زليخا دروازي تائين ڊوڙندي ڇو آئي جيڪڏهن يوسف کي ماريندي اچي ها تہ اهو ايترو مطمئن نہ لڳي ها "٧" خريد ڪيل غلام

"١" الدر المنثور ص٥٢٥ـ ٥٢٦ جلد۴

کي ڪٽان اها جراءت ٿيندي جو مخصوص شاهي محلات جي ڪمرن جا دروازا بند ڪري سردار جي گهر واريءَ سان هٿ چراند ڪري "٨" زليخا مصر جي عزيز (پنهنجي مڙس کي ڏسنديئي صفائيءَ پيش ڪرڻ جي بجاءِ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي ڌمڪي ڏيڻ لاءِ ان کي سزا ملڻ جو مطالبو ڪيو پر حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڪليل لفظن ۾ ٻڌايو تہ گناهہ جي خواهش ڪندڙ زليخا آهي نہ مان "٩" زليخا انتهائي سينگاريل هئي يوسف عليه الصلواة والسلام پنهنجي اصلي سادي لباس ۾ هو انهن نشانين تي غور ڪرڻ سان هر عقلمند فيصلو ڏيندو تہ حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواةوالسلام) بالڪل بي ڏوهہ هو (١)

تيرهن (١٣) شخصن ننڍيءَ عمر ۾ ڳالهايو هو

"١" حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي شاهد "٢" حضرت حبيب ڪريم عليه‌الصلواة والسلام "٣" حضرت عيسیٰ (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) "٤"حضرت بيبي مريم "٥" حضرت ابراهيم (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) "٦" حضرت نوح (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام "٧" پاڻ حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام "٨" حضرت موسیٰ (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) "٩" سورة البروج ۾ بيان ڪيل مومنن جي ٻچي جنهن کي ظالم بادشاهہ باهہ ۾ اڇلرايو هو "١٠" حضرت يحيیٰ (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) "١١" جڏهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن حجتہ الوداع لاءِ مکه مڪرمه ۾ تشريف فرما ٿيا هئا تہ هڪ ڪافر پنهنجو ان وقت ڄاول ٻار ڪپڙي ۾ ويڙهي سندن خدمت ۾ ڪٺي آيو پاڻ ان کان پڇيائون تہ: اي ٻارڙا! مان ڪير آهيان؟ ان عرض ڪيو تہ "اوهان الله جا رسول آهيو" پاڻ فرمايائون تہ: سچ چيو اٿئي الله تو ۾ برڪت وجهي ان کي مکه مڪرمه وارا مبارڪ (برڪت پيل) سڏيندا هئا. "١٢" جريج نالي هڪ راهب تي جڏهن هڪ زنا ڪار عورت الزام هنيو تہ ان عورت جي پيٽ مان ٻاهر آيل ٻار ٺي بيان ڏنو تہ منهنجي ماءُ ڪوڙي آهي "١٣" محي الدين ابن عربيءَ جي نياڻيءَ (٢)

فائدا: هنن آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا.

"١" سچ هميشه سچ ئي هوندو آهي ۽ غالب رهندو آهي حديث پاڪ ۾ آهي تہ جڏهن انسان سچ ڳالهائڻ جي عادت رکندو آهي تہ الله جل شانه ان کي صديقين ۾

"١" نعيمي صہ ٤٤٨جلد١٢ (٢) روح البيان صہ٢٤١ ـ ٢٤٢جلد٤

شامل ڪندو آهي سچ جا ٣ وڏا فائدا هي آهن "١" تہ سچو ماڻهو بي تاج بادشاهہ هوندو آهي "٢" تہ دنيا سچي جي عزت ڪندي آهي "٣" سچو نہ ٻئي ڪنهن کي نقصان ڏئي سگهندو آهي نہ ڪيس ڪو نقصان ڏئي سگهندو ڇو تہ سچي جو محافظ الله آهي.

"٢" حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ان فرمان تہ "هِيَ رَاوَدَتۡنِيۡ عَنۡ نَّفۡسِيۡ" مان واضح ٿئي ٿو تہ گناهہ جو ارادو صرف زليخا ڪيو هو ڇو تہ هن جملہ ۾ "هي" ضمير مقدم آندو ويو آهي. حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) اها ڳالهہ سوچي بہ ڪانہ هئي "٣" ان ئي جملہ مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ حاڪم جي اڳيان پنهنجي صفائي ۽ پاڪدامني پيش ڪرڻ لاءِ مخالف ذر جا عيب بيان ڪرڻ جائز آهن اها ڳالا ناهي نہ تہ پنهنجي صفائي ڪيئن پيش ڪري سگهبي؟ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي زليخا جو اهو عيب بيان نہ ڪري ها تہ مٿس الزام ثابت ٿي وڃي ها "۴" سيده عائشه صديقه رضي الله عنها وڏي شان واري آهي ڏسو حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) تي لڳل الزام کي هڪ انسان ڪوڙو چيو مگر سيده ام المومنين عائشه رضي الله عنها تي جڏهن تهمت لڳائي وئي تہ ان تهمت هٽندڙن کي هڪ انسان نہ خود رب العالمين جل جلالہ قرآن ڪريم نازل ڪري ڪوڙو سڏيو.

فَلَمَّا رَاٰ قَمِيۡصَهٗ قُدَّ مِنۡ دُبُرٍ

پوءِ جڏهن (مصر جي عزيز) ان جي قميص ڏٺي تہ ڦاڙي وئي (هئي) پٺيءَ واري پاسي کان

قَالَ اِنَّهٗ مِنۡ كَيۡدِكُنَّ ؕ اِنَّ كَيۡدَكُنَّ عَظِيۡمٌ ﴿۲۸﴾ يُوۡسُفُ

تہ چيائين (تہ اي زليخا!) بيشڪ اهو (مڪر) اوهان جي مڪرن مان آهي بيشڪ مڪر اوهان جو وڏو آهي

ع٣ ١٣ اَعۡرِضۡ عَنۡ هٰذَا ٚ وَاسۡتَغۡفِرِيۡ لِذَنۡۢبِكِ ۚ ۖ اِنَّكِ كُنۡتِ مِنَ الۡخٰطِـِٕيۡنَ ﴿۲۹﴾

اي يوسف! درگذر ڪرهن کان ۽ معافي گهر گناهہ پنهنجي جي بيشڪ تون هئينءَ خطا ڪارن مان

وَقَالَ نِسۡوَةٌ فِى الۡمَدِيۡنَةِ امۡرَاَتُ الۡعَزِيۡزِ تُرَاوِدُ فَتٰهَا عَنۡ

۽ چيو عورتن شهر ۾ تہ زال (مصر جي) عزيز جي ٿي طلب ڪري نوجوان پنهنجي کان

نَّفْسِهٖ ۚ قَدْ شَغَفَهَا حُبًّا ۭ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝۳۰

نفساني خواهش ان جي تحقيق بي اختيار بنايائين ان کي محبت ۾ بيشڪ اسين البت ڏسون ٿيون ان کي گمراهيءَ کليل ۾.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي پاڪدامن هجڻ لاءِ شاهدي ڏيندڙ جي مشاورتي فيصلي جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان مشاورتي فيصلي تي نڪرندڙ نتيجي جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "فَلَمَّا رَاٰ قَمِيْصَهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ قَالَ اِنَّهٗ مِنْ كَيْدِكُنَّ ۭ اِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيْمٌ" پوءِ جڏهن ان (يوسف) جي قميص (مصر جي عزيز) ڏٺي ته پٺيءَ کان ڦاٽل هئي ته چيائين (اي زليخا!) اهو اوهان عورتن جو مڪر آهي بيشڪ اوهان جو مڪر وڏو آهي جڏهن شاهد جي شاهدي اچي وئي ۽ مصر جي عزيز کي يقين ٿيو ته حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) بالڪل پاڪ آهي اهو گناهه ڪري ته ڇا سوچي به نه ٿو سگهي حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي قميص مبارڪ به سيني ڏني ته پٺيءَ واري پاسي کان ڦاٽل هئي تڏهن مصر جي عزيز اتي موجود عورتن کي مخاطب ٿي فرمايو ته اي عورتون!هي سڀ اوهان جو مڪر آهي ۽ اوهان جو مڪر وڏو آهي "كُنَّ" جمع مؤنث مخاطب جو ضمير آهي ان مان مراد سڀ عورتون نه پر اڪثر عورتون آهن ڇو ته ڪيتريون اهڙيون پرهيزگار ۽ متقي عورتون گذريون آهن جن جي تقویٰ ۽ اطاعت تي دين متين کي ناز آهي مڪر مان مراد بدمعاشي، ٺڳي، گهرو جهيڙا جهڳڙا، ناجائز عشق، محبت ۽ ڪنهن بي گناهه کي تهمت جي ڄار ۾ ڦاسائڻ آهي نه ته انهن ڪمن کان سواءِ ملڪي سياسي قتل ۽ ڦرلٽ ڪرڻ، چوريون ۽ ڌاڙا هڻڻ جهڙن گناهن ۾ مرد وڌيڪ چالاڪ ۽ مڪار هوندا آهن ۽ مٿيون قول جيتوڻيڪ مصر جي عزيز جو آهي پر جڏهن ته رب العزة جل جلاله ڪٿي به ان جي ترديد نه ڪئي ان جي ڪري اها ڳالهه واقعي درست ۽ صحيح آهي، شرعي قانون اهو آهي ته حضرت حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم جيڪڏهن ڪو ڪم ڪندي ڏسن ۽ منع نه ڪن ته

اهو اسلام ۾ هڪ قانون جي حيثيت اختيار ڪندو آهي ۽ قرآن پاڪ بہ جيڪڏهن اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي شريعت يا ڪنهن واقعي کي بيان ڪندي ان جي منسوخ هجڻ جو ذڪر نہ ٿو ڪري تہ اهو بہ اسلام ۾ قانون جي حيثيت اختيار ڪري ٿو ۽ اهو هڪ حقيقت هوندو آهي.

الله تعالىٰ قرآن پاڪ ۾ ٻارهن شين کي عظيم سڏيو آهي

"١" پنهنجي پاڪ ذات کي "وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ" جو سندس ذات هڪ آهي ۽ اهو هڪ ئيساري ڪائناتجو اڪيلو خالق ۽ ان جي ذري ذري کي ڄاڻندڙ آهي هر ذري ۾سندس صنعت جي ڪمال جا جوهر نمايان آهن.

"٢" عرش مبارڪ کي "وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ " ۽ اهو ئي عرش عظيم جو رب آهي ان کي عظيم ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو مخلوق ۾ سڀ کان وڏو آهي. ان جا چار ٿنيا آهن هڪ هڪ ٿنڀ جا ٽي سئو سٺ پايا آهن هر هڪ پايو ايترو ٿلهو آهي جو ملائڪ سڳورو پنهنجي تيز رفتار پرواز سان اڏامي ٿو تڏهن بہ اسي سال ۾ هڪ چڪر مس هڻي ٿو سگهي "٣" حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي اخلاق مبارڪ کي "اِنَّکَ لَعَلىٰ خُلُقٍ عَظِيْمٍ" ڇو تہ قرآن ڪريم ئي سندن خلق مبارڪ آهي ۽ سندن ئي اخلاق مان برن سان ڀلائي ڪرڻ بہ آهي.

"۴" سيدنا اسماعيل (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي قربانيءَ لاءِ آيل دنبي کي "ذِبْحٍ عَظِيْمٍ" سڏيو ويو آهي ڇو تہ ٽي هزار ٽي سئو سنتر سالن تائين ان کي جنت ۾ پاليو ۽ سنڀاليو ويو هو.

"۵" فرعون جي جادوگرن جي جادو کي بہ "بِسِحْرٍ عَظِيْمٍ" عظيم سڏيو ويو آهي ڇو تہ ستر يا اسي ائن تي لڏيل رسيون سڀ نانگ ٿي نظر آيا "٦" قيامت جي لاءِ اچڻ واري زلزلي کي "اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ" ڇو تہ ايڏو تہ هيبتناڪ هوندو جو ماءُ پيءُ کان اولاد وسري ويندو ڪو مٺ مائٽ ڪنهن کي ياد نہ ڪندو.

"٧" شرڪ کي بہ عظيم سڏيو ويو آهي "اِنَّ الشِّرْکَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ" ڇو تہ جڏهن ڪو بہ شخص شرڪ ڪندو آهي تہ آسمان ۽ جبل ٽٽڻ جي قريب ٿي ويندا آهن ۽ انسانن ۽ جنن کان سواءِ هر شي ڏکي ويندي آهي.

"٨" قرآن پاڪ کي عظيم سڏيو ويو آهي جو هر سڪي ۽ سائي شيءِ ان ۾ بيان ڪيل آهي

"٩" يمن جي شهر سبا ۾ رهندڙ بيبي بلقيس جي تخت کي بہ عظيم سڏيو ويو

آهي "وَلَهَا عَرْشٌ عَظِيْمٌ" چو تہ دنيا جي بادشاهن جي تختن کان وڏو هو.

"١٠" قيامت جي ڏينهن کي عظيم سڏيو ويو آهي "لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ" چو تہ سيني ڏينهن کان وڏو ڏينهن هوندو.

"١١" بهتان هڻڻ کي بہ "بُهْتَانٌ عَظِيْمٌ" سڏيو ويو آهي چو تہ اهو وڏي "خيانت آهي.

"١٢" هن سورة يوسف ۾ عورتن جي مکر کي "عَظِيْمٍ" سڏيو ويو آهي چو تہ ان جا نقصان گهڻا آهن ۽ شيطان جي مکر کي ضعيف سڏيو ويو آهي "اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطَانِ كَانَ ضَعِيْفًا" يقينًا شيطان جو مکر ضعيف آهي عورتن جو مکر شيطاني مکر کان ٻيڻ آهي عورت هزارين قسم جا ناز نخرا کري مرد کي ڦاسائيندي آهي شيطان سرخي پاوڊر هڻي ساڙهيون ٻڌي تہ نہ هلندو آهي پر عورت اهو سڀ ڪجهہ ڪندي آهي(١) "يُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا" اي يوسف! تون هن کان درگذر فرماءِ. جڏهن يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي پاڪدامني، تقوىٰ جو ڪمال ۽ معصوميت روشن سج وانگر صاف نظر آئي ۽ ڪنهن کي بہ ڪنهن قسم جو شڪ شبهو نہ رهيو تہ مصر جي عزيز کي اتي موجود ماڻهن مان ڪنهن صلاح ڏني تہ زليخا کي صرف ايتري تنبيه ڪرڻ ڪافي ناهي غيرت جي تقاضا آهي تہ ان کي قتل ڪيو وڃي پر اهو مشورو غلط هو چو تہ گناهہ ڪرڻ جي سزا قتل آهي پر گناهہ جي ارادي جي سزا قتل ناهي گناهہ جي ارادي لاءِ ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ شرم ڏيارڻ لاءِ ايترو چوڻ ئي ڪافي هو ۽ ايتري چوڻ سان جڏهن زليخا سخت شرمنده ٿي ۽ سندس جسم تي لرزش طاري ٿي تہ: مصر جي عزيز خطاب جو رخ بدلائي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي چيو تہ اي يوسف! هن عورت اوهان کي ڦاسائڻ ۾ وڏا وس ڪيا پر جڏهن تہ رب العزة جل شانه اوهان جي عزت رکي اوهان جي تقوىٰ برقرار رهي تڏهن اوهان ڏک نہ ڪيو اوهان ان ڳالهہ کان درگذر فرمايو.

۽ ان کان پوءِ بيبي زليخا ڏانهن متوجه ٿي چيائين "وَاسْتَغْفِرِيْ لِذَنْبِكِ اِنَّكِ كُنْتِ مِنَ الْخَاطِئِيْنَ" ۽ پنهنجي گناهہ جي معافي گهر بلاشڪ تون خطا ڪندڙن مان هئينءَ. هتي معافي گهرڻ مان مراد آهي تہ مون کان معافي وٺ ۽ آئنده اهڙي ارادي نہ ڪرڻ جو وعدو ڪر (١) ائين چوڻ کان پوءِ مصر جو عزيز ٻاهر نڪري ويو ۽ ان ڏک ۾ رهندي چاليهہ ڏينهن زليخا سان نہ مليو پر حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي پاڻ سان گڏ رهايو ويٺو هو ۽ زليخا اها ايتري مدت حضرت يوسف (علىٰ نبينا و

(١) نعيمي ص ٤٥٤- ٤٥٦ جلد ١٢

عليه الصلواة والسلامِ) جي ديدار کان محروم رهي (١) زليخا جي جنهن گناهه جو هتي ذڪر ڪيو ويو آهي ان مان مراد سندس مڙس سان خيانت ڪرڻ آهي (٢)

"وَ قَالَ نِسۡوَةٌ فِی الۡمَدِیۡنَةِ امۡرَاَتُ الۡعَزِیۡزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنۡ نَّفۡسِهٖ قَدۡ شَغَفَهَا حُبًّا" ۽ شهر ۾ عورتن چيو تہ عزيز جي گهرواري پنهنجي نوجوان (خريد ٿيل غلام) کان سندس نفساني خواهش جي طلب ڪري رهي آهي ان جي محبت سندس دل جي پردن کان اندر داخل ٿي وئي آهي. مطلب تہ جڏهن زليخا جي اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي تہ شهر جون عورتون پاڻ ۾ گڏ ٿي چوڻ لڳيون تہ مصر جي عزيز جي گهرواري پنهنجي خريد ٿيل نوجوان غلام لاءِ چري ٿي پئي آهي ۽ ان نوجوان جي محبت سندس دل جي پردن ۾ ايتري تہ داخل ٿي وئي آهي جو هي ڪا ڳالهہ ڪيس وڻيئي نہ ٿي. حالانڪہ اهڙي معزز، مصر جي عزيز جي گهر واريءَ لاءِ تہ اهو نهايت نامناسب آهي.

"اِنَّا لَنَرٰىهَا فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ" بلاشڪ اسين ان کي چٽيءَ غلطيءَ تي ڏسون ٿيون. مطلب تہ اسان وٽ اها صريح غلطي ۽ کليل گمراهي آهي ان کي ائين ڪرڻ نهي ٿي نہ ٿو.

فائدا

هنن آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

"١" عورت جي جنس مطلقًا فريبي آهي ڪا ڪا عورت نيڪ صالح هوندي آهي جنهن تي رب ڪريم جو خصوصي ڪرم ٿيو هجي ۽ ڪنهن صالح مرد جي نڪاح ۾ رهي هجي يا ڪنهن ڪامل ولي جي فيض سان نوازيل هجي. عورتن جي ان مڪاريءَ کي ڏسي حضور صلى الله عليه وسلم فرمايو آهي تہ:

"عورتون شيطان جا رسا آهن؟ سندن ٻيو فرمان عالي شان آهي تہ: مون عقل ۽ دين ۾ ڪوتاهہ، سمجهدار مڙس جي سمجهہ کي وڃائيندڙ اوهان (عورتن) کان وڌيڪ ڪونہ ڏٺو" (٣) شيطان بہ مڪار آهي پر اهو لڪي، وسوسا وجهي خراب ڪندو آهي ۽ عورت کلي سامهون اچي مرد کي تباهہ ۽ برباد ڪندي آهي.

"٢" سڀ کان وڌيڪ فساد عورت جي وجود سان ٿيندو آهي دنيا ۾ پهريون قتل (هابيل ۽ قابيل وارو واقعو) بہ عورت جي ڪري ٿيو. انهيءَ جي ڪري ئي الله جل جلالہ جا ڪامل ولي چاليهن ڪڏڻ جي دوران سڀ کان وڌيڪ پرهيز عورت جي ميل جول کان ڪندا آهن علماءِ ڪرام جو فرمان مبارڪ آهي تہ: عورتن جي محفلن ۾ وڃڻ

(١) روح البيان ص٢٤٣ جلد ٤ (٢) الصاوي ص٢٢٥ جزء٢ (٣) المظهري ص ٢٥ جلد٥ تفسير سورة يوسف

وارو مرد پلي ڪيترو بہ عالم فاضل هجي ٽن برين خصلتن جو عادي بنجندو. "١" چغلخوري "٢" حسد ۽ ريس "٣" ڪم عقليءَ جي ڪري فيصلو جلد بازيءَ ۾ ڪرڻ، ان ڪري اهڙن عالمن کي مفتي يا قاضي بنائڻ جائز ناهي. (١)

"بيبي زليخا جو اهو پهريون قصور هو. ايتري عمر هڪ نامرد انسان سان گڏ نهايت پاڪدامنيءَ ۽ صفائيءَ سان گذاري هيائين ان جي ڪري ان تعجب ۾ وجهڻ جهڙي ڳالهہ جو ملڪ ۾ شور مچي ويو جيڪڏهن زليخا جو اهو پهريون قصور نہ هجي ها تہ سندس مڙس ڪيس چوي ها تہ تون اصل کان ئي بدڪار آهين تو تي ڪهڙو اعتبار آهي؟ ۽ ايتري تحقيق ۽ تفتيش بہ نہ ڪري ها بلڪ مصر جو عزيز اهڙي حسين جميل نوجوان غلام کي گهر ۾ ئي نہ رکي ها. ان کي اڳيون اعتماد هو ۽ ٻڌڻ وارين عورتن کي بہ حيرت نہ لڳي ها بلڪ چون ها تہ اها تہ پهريان ئي کان اهڙي آهي ڪا نئين ڳالهہ ناهي پر زليخا جي پاڪدامني ايتري مشهور هئي جو ان جي خلاف اها ڳالهہ ٻڌي اهي عورتون بہ حيران ٿي ويون هن هلندڙ دور ۾ ڪن مفسرن بيبي زليخا جي متعلق جيڪي برا جملا استعمال ڪيا آهن اهي سندن سمجهہ جي ڪوتاهيءَ ۽ گستاخيءَ واري دل جا ترجمان آهن. انهن کي ان خيال کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ اَرْسَلَتْ اِلَيْهِنَّ وَاَعْتَدَتْ

جڏهن ٻڌو (زليخا) مڪر انهن جو تہ قاصد موڪليائين انهن ڏانهن ۽ تيار ڪيائين

لَهُنَّ مُتَّكَاً وَّاٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا وَّقَالَتِ

انهن لاءِ ٽيڪ ڏيئي ويهڻ واري جاءِ ۽ ڏنائين هر هڪ کي انهن مان ڇري ۽ چيائين تہ

اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ ۚ فَلَمَّا رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ

(اي يوسف!) ٻاهر نڪر انهن جي اڳيان پوءِ جڏهن ڏٺائون ان کي تہ وڏو حسين سمجهيائون ان کي ۽ ڪٽيائون هٿ پنهنجا

وَ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ؕ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ

۽ چيائون تہ پاڪائي آهي الله جي لاءِ ناهي هي بشر ناهي هي مگر ملائڪ

(١) نعيمي ص٤٥٧ جلد١٢

كَرِيمٌ ۝٣١ قَالَتْ فَذٰلِكُنَّ الَّذِي لُمْتُنَّنِي فِيهِ ؕ

عزت وارو ڇيو (زليخا) پوءِ اهوئي آهي اهو جو طعنا هنيا اوهان مون کي ان (باري) ۾

وَلَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ فَاسْتَعْصَمَ ؕ وَ لَئِنْ لَّمْ يَفْعَلْ

۽ البت تحقيق طلب ڪئي مون ان کان سندس نفساني خواهش پوءِ پاڻ بچايائين ۽ البت جيڪڏهن نه ڪندو

مَآ اٰمُرُهٗ لَيُسْجَنَنَّ وَ لَيَكُوْنًا مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ ۝٣٢

جيڪو امر ٿي ڪيان ان کي ته البت ضرور قيد ڪيو ويندو ۽ البت ضرور ٿيندو (ظاهر ۾) بي عزت

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي ايمان جي ڪمال جو بيان هو ۽ هنن ۾ سندس ان جسماني حسن جو ڪمال بيان ڪيو ويو آهي جنهن کي طعني هڻندڙ عورتن به ڏسي تسليم ڪيو هو ته هي بشر نه پر ملائڪ سڳورو آهي. ارشاد رباني آهي "فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ اَرْسَلَتْ اِلَيْهِنَّ وَاَعْتَدَتْ لَهُنَّ مُتَّكَاً وَّ اٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا" پوءِ جڏهن ان (شهر ۾ شور مچائيندڙ عورتن جو) مڪر ٻڌائين ته انهن ڏانهن قاصد موڪليائين ۽ انهن لاءِ ٽيڪون ڏئي وهڻ واري جاءِ تيار ڪرايائين ۽ انهن مان هر هڪ کي (هٿ ۾) ڇري ڏنائين مطلب ته شهر ۾ رهندڙ عورتن جڏهن زليخا جي باري ۾ چون چرا گهڻي ڪئي تڏهن زليخا انهن کي دعوت ڏئي گهرايو ۽ سندن وهڻ لاءِ ٽيڪون ڏئي وهڻ واري هڪ عالي شان جاءِ تيار ڪرائي، هر هڪ کي هٿ ۾ ڇري ڏنائين تانت سندن سامهون رکيل ميوا ڪٽي کائين جنهن جو ظاهري مقصد اهو هو ته اهي جيڪي ميوا ڇريءَ سان ڪٽي يا ڪُل لاهي کائڻ جهڙا آهن اهي ڇريءَ سان ڪٽي کائن پر سندس دل ۾ ٻي سوچ هئي جيڪا پوءِ ظاهر ٿي ته اهي عورتون حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي ڏسڻ کان پوءِ بي اختيار ٿي ويندين.

سوال: هتي انهن عورتن جي ان گفتگو کي مڪر ڇو سڏيو ويو آهي حالانڪ انهن ڪو مڪر ڪيو ته نه هو؟

جواب: مڪر چئبو آهي خفيه تدبير کي. جڏهن ته انهن عورتن زليخا جي

متعلق اها گفتگو خفيه طريقي سان ڪئي هئي تڏهن ان کي مکر سڏيو ويو. (١)
"وَقَالَتِ اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ" ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي چيائين تہ: انهن جي اڳيان ٻاهر نڪري آ. يعني سڀ انتظام مڪمل ڪرڻ کان پوءِ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي جيڪو ڪنهن ٻيءَ جاءِ ۾ ويٺل هو چيائين تہ: ٻاهر نڪري اچو. جڏهن تہ يوسف سهڻي کي اهو پروگرام ذهن مبارڪ ۾ نہ هو تڏهن ٻاهر نڪري آيو.
"فَلَمَّا رَأَيْنَهُ أَكْبَرْنَهُ وَقَطَّعْنَ أَيْدِيَهُنَّ وَقُلْنَ حَاشَ لِلَّهِ مَا هَٰذَا بَشَرًا إِنْ هَٰذَا إِلَّا مَلَكٌ كَرِيمٌ" پوءِ جڏهن ان کي ڏٺائون تہ تمام وڏو حسين سمجهيائون ۽ پنهنجا هٿ وڍي چوڻ لڳيون تہ هي بشر ناهي هي تہ عزت وارو ملائڪ آهي. مقصد تہ اهي عورتون حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي ڏسي حيران ٿي ويون ۽ ميون ڪٽڻ جي بجاءِ پنهنجا هٿ وڍي ويهي رهيون ۽ خبر تڏهن پين جڏهن سندن هٿن مان رت وهڻ لڳو ۽ چوڻ لڳيون تہ الله جي لاءِ پاڪائي آهي هي بشر ناهي هي تہ هڪ عزت وارو ملائڪ آهي.

مفسر ابن ڪثير لکيو آهي تہ اهي عورتون جڏهن ڪاڏو ڪائي خوش ٿيون ۽ هاٿي ميوا ٿي ڪاڏائون تڏهن زليخا کين چيو تہ: اوهان يوسف ڏسنديون؟ چيائون تہ هائو: پوءِ زليخا يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) ڏانهن ٻاهر نڪري اچڻ لاءِ ماڻهو موڪليو جڏهن انهن دعوت ۾ آيل عورتن جي نگاهہ مٿس پئي تڏهن هٿن ۾ ڪنيلن ترنجن وڍڻ جي بجاءِ هٿن کي وڍڻ لڳيون زليخا حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي چيو تہ وري موٽي انهن جي اڳيان لنگهو تہ ايندي ويندي ڏسن جڏهن موٽيو تہ اڃان اهي هٿن تي ڇريون هلائي رهيون هيون ۽ جڏهن سندس نگاهن کان غائب ٿيو تہ پوءِ هٿن وڍڻ جو احساس ٿين زليخا فرمايو تہ: اوهان هڪ ڀيري ڏسڻ سان ان حال کي پهتيون آهيو تہ مون هر وقت ڏسڻ واريءَ کي ملامت ڇو ٿيون ڪيو؟ ان کان پوءِ چوڻ لڳيون تہ هي بشر ناهي هي تہ هڪ معزز ملائڪ آهي. هن کان پوءِ توکي ڪابہ ملامت نہ ڪنديوسين. تون بلڪل بي وس ۽ بي اختيار آهين. اهو انهيءَ جي ڪري چيو هيائون جو انهن انسانن ۾ تہ اهڙو نہ ڏٺو هو پر ان جي حسن جمال کي ڪو ويجهو ٿيندڙ بہ نہ ڏٺو هو ڇوتہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي الله تعالىٰ حسن جو اڌ حصو ڏنو هو.

يوسفي حسن نبوي حديثن، صحابہ ڪرام ۽ تابعن جي فرمانن جي روشنيءَ ۾

حديث "١" امام احمد، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابن مردويه ۽ حاڪم حضرت

(١) معارف القرآن ص٤٩ جلد ٥

انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "اُعْطِي يُوْسُفَ وَ اُمُّهٗ شَطْرَ الْحُسْنِ" (١)

يوسف ۽ ان جي ماءُ کي حسن جو اڌ ڏنو ويو آهي. حديث "٢" حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان معراج واري حديث ۾ جيڪا سند جي لحاظ سان صحيح آهي آيو آهي تہ پاڻ ٽئين آسمان تي جڏهن پهتا تہ حضرت يوسف (علیٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) کي ڏٺائون "فَاِذَا هُوَ قَدْ اُعْطِيَ شَطْرَالْحُسْنِ" (٢) تہ ان کي حسن جو اڌ مليل هو "٣" منبه پنهنجي پيءُ کان روايت آندي آهي تہ: جن عورتن هٿ وڍيا هئا انهن مان اٽويهہ (١٩) مري ويون هيون.

"٤" حڪيم ترمذي نوادر الاصول ۾، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ابو الشيخ ۽ طبراني حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: حضرت يوسف (علیٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جو منهن (مبارڪ) (آسمان جي) کنوڻ وانگر چمڪندڙ هو ۽ (حڪومت جي دوران) جڏهن ڪا عورت سندس خدمت ۾ اچڻ گهرندي هئي تہ پاڻ ان کان پنهنجو منهن (مبارڪ) ڍڪيندا هئا تہ فتني ۾ نہ پئجي وڃي.

"٥" ابوالشيخ، اسحاق ابن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: حضرت يوسف (علیٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جڏهن مصر جي گهٽين ۾ گهمندو هو تہ سندس منهن مبارڪ جا چمڪارا پٽين تي ائين پوندا هئا جيئن سج جي روشني پوندي آهي.

"٦" عبد بن حميد، ابن المنذر ۽ ابو الشيخ حضرت عڪرمه رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: حضرت يوسف (علیٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جو حسن ماڻهن کان ائين وڌيڪ هو جيئن چوڏهينءَ رات وارو چنڊ ٻين تارن کان وڌيڪ آهي. (٣)

"٧" ابن جرير وغيره حضرت ابوسعيد رضي الله عنه کان ۽ ان نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کان روايت ڪئي آهي تہ: مون يوسف کي معراج واريءَ رات ڏٺو ڄڻ تہ چوڏهينءَ جو چنڊ هو. (٤)

"٨" ۽ اهو بہ چيو ويو آهي تہ: حضرت يوسف حضرت آدم سان ان ڏينهن وانگر مشابه آهي جنهن ڏينهن الله جل جلاله حضرت آدم (عليهما الصلواة والسلام) کي سهڻو ڪري پيدا ڪيو هو. (٥)

(١) الدر المنثور ص٥٣١ جلد ٥ (٢) تفسير ابن ڪثير ٤٧٦جلد٢ (٣) الدر المنثور ص٥٣٢ جلد ٤ (٤) روح المعاني ص٢٢٩ جزء١٢ جلد٤ (٥) التفسير الكبير ص ١٢٧ - ١٢٨ جزء١٨

علامه رازي عليه الرحمه لکيو آهي تہ متفق قول اهو آهي تہ انهن ڏسندڙ عورتن حضرت يوسف (عليٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي حسن کي ڏسي هٿ وڍيا هئا پر مون وٽ ان جو ٻيو وجهہ هيءُ بہ آهي تہ! انهن حسن ۽ جمال سان گڏ ان جي ڪري بہ وڏو سمجهيو هو جو مٿس نبوت جو نور، رسالت جي نشاني،انتهائي نوڙت، ۽ نيازواري طبيعت هوندي ڏٺي وارو هجڻ ۽ ان جي وجود مسعودّ سان گڏ نبوت واري هيبت ۽ ملڪي هيئت بہ هئي جو نہ ڪاڏي ڏانهن متوجه رهيو نہ شاديءَ جي شوق ۾ پريشان هو ۽ عورتن ڏانهن تہ ڪيس ڪابہ دلچسپي نہ هئي. ۽ مون وٽ آيت کي انهيءَ وجهہ تي حمل ڪرڻ سڀ کان وڌيڪ آهي. (١)

سوال: عورتن حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي لاءِ ڇو چيو تہ هيءُ تہ معزز ملائڪ آهي؟

جواب: اهو ان جي ڪري چيو هيائون جو اها ڳالهہ مشهور آهي تہ ملائڪ انتها سهڻا آهن ۽ ان سونهن جي هوندي عزرتن ۽ ڪاڏي پيتي ڏانهن رغبت ڪان بہ هر طرح پاڪ آهن الله جل جلالہ جي توحيد بيان ڪرڻ انهن جو طعام ۽ ان جي ثناءَ ڪرڻ انهن جو پاڻي آهي. عورتن جڏهن حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي حسن سان گڏ عورتن ۽ طعام ڏانهن بي رغبت ڏٺو تڏهن چيو هيائون تہ: هي تہ "عزت وارو ملائڪ آهي" جيڪو انسانيت جي جميع صفات کان مٿي ملڪي صفتن سان موصوف آهي. (٢)

"قَالَتْ فَذٰلِكُنَّ الَّذِيْ لُمْتُنَّنِيْ فِيْهِ ۚ وَلَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ فَاسْتَعْصَمَ ۚ وَ لَئِنْ لَّمْ يَفْعَلْ مَآ اٰمُرُهٗ لَيُسْجَنَنَّ وَلَيَكُوْنًا مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ" چيو زليخا، پوءِ اهو ئي تہ آهي جنهن جي باري ۾ اوهان مون کي ملامت ڪئي هئي ۽ يقينًا مون ان کان نفساني خواهش طلب ڪئي هئي پوءِ اهو بچي نڪتو، ۽ البت جيڪي مان ان کي چوان ٿي نہ ڪندو تہ ضرور قيد ڪيو ويندو ۽ ضرور (ظاهر ۾) بي عزتن مان ٿيندو. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ: فاستعصم جي معنيٰ فامتنع (٣) مطلب تہ زليخا انهن کي چيو تہ اهو ئي آهي جنهن جي باري ۾اوهان مون کي ملامت ڪنديون هيون اوهان هڪ جهلڪ ڏسڻ سان هٿ وڍي ڇڏيا تہ مون رات ۽ ڏينهن جو ڏسڻ واريءَ کي ڇو ٿيون جهڙڪيو؟ مون ان کان سندس نفساني خواهش طلب ڪري ڪيس ڦاسائڻ تي گهريو پر اهو منهنجي ان مڪر ۾ نہ آيو پاڻ بچائي نڪري ويو. اهو الله جل جلالہ پنهنجي ڪامل قدرت سان زليخا کان شهري عورتن جي ايڏي مجمع ۾ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي ڪمال معصوميت، عفت، نهايت نزاهت ۽

(١) التفسير الكبير ص ١٢٧- ١٢٨ جزء١٨ (٢) ساڳيو حوالو (٣) جامع البيان ١٢٤ جلد ٧

پاڪيزگيءَ جو اقبالي ۽ اقراري ثبوت پيش ڪرايو.
زليخا جي ان گفتگو ۾ ڪجهه ته سندس طرفان عورتن اڳيان پنهنجي مجبوري ۽ ناڪامي ڪي بيان ڪرڻو هو ۽ ڪجهه وري حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام ڪي ڏمڪيون ڏيڻ ۽ ڏيڄارڻ جو ارادو هو جو چيائين ته: جيڪڏهن منهنجو امر نه مڃيندو ته پوءِ قيد جي سختين سان منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار رهي ۽ ظاهر ۾ به عزت نه رهنديس "مِنَ الصَّاغِرِيْنَ" اي من الاذلاءِ(١)

فائدا

"١" "لَيُسْجَنَنَّ" ڪي مجهول جي صيغي سان آڻڻ مان ثابت ٿيو ته زليخا ڪي حضرت يوسف علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام سان سچي محبت هئي ان جي ڪري چيائين ته قيد ڪيو ويندو ائين نه چيائين ته مان ان ڪي قيد ڪرائينديس ڇوته محب ڪڏهن به محبوب ڪي تڪليف ڏيڻ گوارا نه ڪندو آهي. ٻانهي ڪي به گهرجي ته الله جل جلاله ڪي ايترو راضي ڪري جو ان جو محبوب ٻانهو بنجي وڃي ۽ جڏهن محبوب بنجي ويو ته الله جل جلاله ڪيس هر مشڪل مقام تي مدد ڪري آسانيءَ ڪري ڏيندو ۽ ڪيس پنهنجي حفاظت ۾ رکندو.
"٢" "قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ" (پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيائون) مان ثابت ٿيو ته بي اختياريءَ جي حالت ۾ انسان مڪلف نه ٿو رهي ڏسو عورتن پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيا جيڪو ڪم خودڪشيءَ جي برابر ۽ هڪ قسم جو جرم آهي پر ڪين ميار به نه ڏني وئي. موجوده دور ۾ ڪيترا بي دين صوفي به پاڻ ڪي بي خوديءَ جي حالت ۾ پيش ڪندا آهن ۽ شرعي حدود جو خيال نه ڪندا آهن پر انهن هٿن ڪي وڍڻ ته ٺهيو ڪڏهن ڪنڊو به برداشت نه ڪيو هوندو. ها ڪي الله جل جلاله جا سچا، ڪامل ۽ مجذوب ٻانها هوندا آهن جيڪي عالمِ سڪرجي ڪيفيت سان سرشار هوندا آهن انهن ڪي مجذوب اولياء سڏيو ويندو آهي انهن جي حيثيت جدا آهي. "٣" زليخا سائڻ ڪي برو نه چيو وڃي ڇوته ان ڪان جيڪو ڪجهه ظاهر ٿيو هو بي خوديءَ جي حالت ۾ ٿيو هو جيئن عورتون هٿن وڍڻ جي باوجود ملامت ڪان محفوظ رهيون تيئن زليخا جي مجبوريءَ ڪي ذهن ۾ رکي ان لاءِ طعني واري زبان استعمال ڪرڻ ڪان پاسو ڪجي.
"٤" "فَاسْتَعْصَمَ" (پوءِ بچي نڪتو) مان واضح ٿيو ته حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) بلڪل پاڪدامن رهيو ۽ اهڙو پاڪدامن جو زليخا شهري عورتن جي ميڙ ۾ اعتراف ڪيو ته يوسف منهنجي مڪر ۾ نه آيو.

(١) الفتوحات الالٰهية ٤٥١ جلد٢

قَالَ رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا يَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَيْهِ ۚ

عرض ڪيائين ته: اي منهنجا پالڻهار! قيد (۾ پوڻ) وڌيڪ پيارو آ مون لاءِ ان کان جو سڏين ٿيون مون کي انهيءَ ڏانهن

وَاِلَّا تَصْرِفْ عَنِّيْ كَيْدَهُنَّ اَصْبُ اِلَيْهِنَّ وَاَكُنْ مِّنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٣٣﴾

۽ جيڪڏهن نه ڦيرائيندين تون مون کان مڪر انهن جو ته لاڙو ڪندس مان انهن ڏانهن ۽ ٿي پوندس جاهلن مان

فَاسْتَجَابَ لَهٗ رَبُّهٗ فَصَرَفَ عَنْهُ كَيْدَهُنَّ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٤﴾ ثُمَّ

پوءِ دعا قبول ڪئي ان جي رب ان جي پوءِ ڦيرايائين ان کان مڪر انهن جو بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ان کان پوءِ

بَدَا لَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا رَاَوُا الْاٰيٰتِ لَيَسْجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٣٥﴾ ع وَدَخَلَ ١٤

ظاهر ٿيو انهن لاءِ پڄاڻان ان جي جو ڏٺائون نشانيون ته البته ضرور قيد ڪندا ان کي ڪجھ وقت تائين ۽ داخل ٿيا

مَعَهُ السِّجْنَ فَتَيٰنِ ۭ قَالَ اَحَدُهُمَآ اِنِّىْٓ اَرٰىنِيْٓ اَعْصِرُ خَمْرًا ۚ وَقَالَ

گڏ ان سان قيد ۾ ٻه جوان، چيو هڪڙي انهن ٻنهي مان ته تحقيق مان ڏسان ٿو پاڻ کي ته نپوڙيان پيو شراب ۽ چيو

الْاٰخَرُ اِنِّىْٓ اَرٰىنِيْٓ اَحْمِلُ فَوْقَ رَاْسِيْ خُبْزًا تَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْهُ ۭ

ٻئي ته بيشڪ مان ڏسان پيو پاڻ کي ته کڻان پيو مٿان مٿي پنهنجي ماني جو کائن پيا پکي ان مان

نَبِّئْنَا بِتَاْوِيْلِهٖ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٦﴾

خبر ڏي مون کي ان جي تعبير جي بيشڪ اسين ڏسون ٿا توکي نيڪوڪارن مان.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ يوسفي عشق ۾ بي وس ٿيل وينڌڙ زليخا جي طرفان ڏنل ڌمڪين جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي ايماني قوت ۽ ان قوت جي بناءِ تي ڪيس ملندڙ ڌمڪين جي پرواهه نه ڪرڻ جو ذڪر

تي رهيو آهي. فرمان مبارڪ آهي- "قَالَ رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا يَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَيْهِ ۚ وَاِلَّا تَصْرِفْ عَنِّيْ كَيْدَهُنَّ اَصْبُ اِلَيْهِنَّ وَاَكُنْ مِّنَ الْجٰهِلِيْنَ" (حضرت يوسف) عرض ڪيو تہ: اي منهنجا پالڻهار! جنهن ڪم ڏانهن مون کي اهي سڏين ٿيون ان کان مون کي قيد ۾ رهڻ وڌيڪ پيارو آهي ۽ جيڪڏهن تون انهن جو مڪر مون کان نہ ڦيرائيندين تہ مان انهن ڏانهن لاڙو ڪندس ۽ جاهلن مان ٿي پوندس.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: جڏهن حضرت يوسف زليخا جي ڌمڪي ٻڌي ۽ انهن عورتن بہ سمجهايس تہ: اي يوسف! پنهنجي جوانيءَ ۽ حسن تي رحم ڪر پاڻ کي جيل ۾ پوڻ کان بچاءِ! زليخا جو چوڻ مڃ - توکي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ واري ڏس تہ ڪيڏي امير ترين،نوجوان ۽ حسين عورت آهي. حضرت يوسف عليه السلام سمجهيو تہ مون کي چئني طرفن کان گهيري ۾ رکيو ويو آهي- پاڻ رب العزة جل جلاله جي بارگاه عالي جاه ڏانهن متوجہ ٿي مذڪوره دعا گهريائين جنهن جو مطلب هي آهي تہ! اي منهنجا رب! مون کي ان گناه ۾ پوڻ کان جيل جون سختيون ۽ صعوبتون وڌيڪ پسند آهن- پاڻ جڏهن تہ ان وقت تائين متعدد آزمائشن مان گذري چڪو هو ۽ پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي پاڪ دامن تي داغ آڻڻ نہ ڏنو هيائين، زليخا جي ابتدائي مڪرن ۾ بہ نہ ڦاٿو ان جي مخصوص ڪمرن ۾ پهچڻ جي باوجود ان جي حسن ۽ جوانيءَ جي سرمست تقاضائن کي لتاڙيندي ٻاهر نڪري آيو ۽ زليخا جي دعوت ۾ جتي مصر جون حسن ۽ جمال واريون عورتون بي نقاب ٿي آيون هيون، اتي بہ هن حسن ۽ پاڪ دامنيءَ جي پيڪر کي پيش ڪيو ويو تہ سندس نگاهون هيٺ جهڪيل رهيون ۽ پاڻ ڪنهن کي ڏسڻ بہ گوارا نہ ڪيائين انهن سيني مرحلن مان ڪاميابيءَ سان لنگهڻ ۽ شيطان جي هر مڪر ۽ فريب کي ذرا ذرا ڪرڻ جي باوجود سندس پاڪ دل ۾ پنهنجي متعلق ڪابہ غلط فهمي پيدا نہ ٿي ۽ ڪڏهن ان کي پنهنجو ڪمال تصور نہ ڪيائين پر پنهنجي رب جي اڳيان پنهنجو بي وس ۽ ڪمزور هجڻ جو اعتراف ڪندي ان کان مدد ۽ توفيق گهرندو رهيو تہ: اي منهنجا رب! جيڪڏهن مون کان انهن عورتن جي مڪر کي تون نہ ڦيرائيندين تہ منهنجا قدم ترڪي سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن تون مدد نہ ڪندين تہ مان انهن جي مڪرن کي ڇا ڪري سگهندس؟ ۽ مون کان ڪو اهڙو ڪم صادر ٿي ويندو جنهن جي ڪري مان صادقين ۽ مخلصين جي بجاءِ جاهلن مان ٿي پوندس- (١)

(١) ضياءالقرآن صـ٤٢٨ جلد ٢-

"فَاسْتَجَابَ لَهُ رَبُّهُ فَصَرَفَ عَنْهُ كَيْدَهُنَّ اِنَّهُ هُوَالسَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ". پوءِ ان جي رب سندس (دعا) مقبول فرمائي ۽ ان کان انهن (عورتن) جي مکر کي ڦيرائي ڇڏيائين، بلاشڪ اهوئي ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي- مطلب ته الله جل جلاله پنهنجي پياري ٻانهي يوسف عليه الصلواة والسلام جي عاجزانه التجا کي قبوليت جي شرف سان مشرف بنايو ۽ هر ڏکئي مرحلي ۾ کيس اهڙي ثابت قدمي نصيب فرمائي جو پاڻ انهن عورتن ڏانهن بالکل متوجه نه رهيو انهن جا مکر، پرکشش منظر ۽ فريب کيس ڪجهه به ڪري نه سگهيا- بلاشڪ اهو الله پنهنجن مخلص ٻانهن جون دعائون ٻڌندڙ ۽ سندن نيتن کي ڄاڻندڙ آهي. (۱)-

"ثُمَّ بَدَالَهُمْ مِنْ بَعْدِ مَارَاَوُاالْاٰيٰتِ لَيَسْجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيْنٍ". انهن نشانين جي ڏسڻ کان پوءِ انهن لاءِ اها ڳالهه مناسب نظر آئي ته ان (يوسف) کي ڪجهه مدت لاءِ جيل ۾ موڪلين- جڏهن عورتن جي هٿن وڍڻ کان پوءِ حضرت يوسف (عليه السلام) جي حسن جو گهر گهر ۾ ذڪر هلڻ لڳو ۽ نه صرف زليخا پر مصر جي سيني مالدار گهراڻن جون نوجوان صاحبزاديون حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي محبت ۾ پريشان ٿي پيون ته حڪومت جي اهم عهديدارن،وزيرن،گورنرن وغيرهم ،حضرت يوسف (عليه السلام) کي پاڪ صاف سمجهڻ جي باوجود مصلحت ان ۾ سمجهي ته کيس قيد ۾ رکيو وڃي تانته ماڻهو ان سلسلي ۾ دلچسپي نه رکن- ڪلبيءَ جو قول آهي ته پنج سال ۽ عڪرمه جو قول آهي ته حضرت يوسف (عليه السلام) ست سال قيد ۾ رهيو. (۲)-

اُن طرح حضرت يوسف عليه السلام کي جيل ۾ وجهڻ حقيقت ۾ حضرت يوسف (عليه السلام) جي اخلاقي فتح ۽ ڪاميابي ۽ مصر جي عزيز ۽ سندس ساٿين اميرن ۽ حاڪمن جي اخلاقي شڪست جو اعلان هو- ڇوته ان وقت حضرت يوسف (عليه السلام) ڪو اڻ ڄاتل ۽ گمنام ماڻهو نه رهيو هو سڄي ملڪ ۾ ۽ گهٽ ۾ گهٽ گاديءَ واري شهر جا ماڻهو عام توڙي خاص ته ڪائنس واقف ٿي چڪا هئا جنهن شخص جي دلين کي قابو ڪندڙ شخصيت تي نه هڪ، نه ٻه پر وڏن وڏن گهراڻن جون ڪيتريون عورتون پريشان هجن ۽ جنهن جي بي پناهه حسن کان پنهنجن گهرن کي بگڙندڙ ڏسي مصري حاڪمن پنهنجي خيريت ان ۾ ڏٺي هجي ته ان کي قيد ۾ وڌو وڃي. ظاهر آهي ته اهڙي شخصيت ڪنهن کان لڪل نه رهي هوندي ۽ عام ماڻهو به ان

(۱) تاج التفاسير صـ۲۱۹. (۲) الخازن صـ۱۸ جلد ۳.

ڳالهہ کان بخوبي واقف ٿيا هوندا تہ هي شخص ڪيڏي نہ بلند، پاڪيزه ۽ مضبوط اخلاق جو صاحب آهي ۽ اهو بہ سمجهي ويا هوندا تہ اهڙي محبوب ڪي جيل ۾ ڪنهن گناهہ جي ڪري نہ پر مصر جي اميرن طرفان پنهنجين عورتن ڪي ڪنٽرول ۾ رکي نہ سگهڻ جي ڪري موڪليو ويو آهي.

هلندڙ دور جا ظالم حاڪم بہ ائين ڪندا آهن

مذڪور تفسير مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪنهن شخص ڪي انصاف جي شرطن جي مطابق عدالت ۾ مجرم ثابت ڪرڻ کان سواءِ ائين ئي پڪڙي جيل ۾ موڪلڻ بي ايمان حڪمرانن جو پراڻو طريقو آهي. ان معاملي ۾ اڄ جا بي دين حاڪم چار هزار ورهہ اڳين شرير حاڪمن کان گهڻو مختلف ناهن فرق جيڪڏهن آهي تہ صرف اهو آهي تہ اهي جمهوريت جو نالو نہ وٺندا هئا ۽ هي انهن ڪڌن ڪرتوتن سان جمهوريت جو لفظ ملائين ٿا اهي غلط حرڪتون قانون کان سواءِ ڪندا هئا ۽ هي هر ناجائز ڪاروائيءَ لاءِ پهريان هڪ قانون ٺاهي وٺن ٿا. اهي پنهنجن غرضن لاءِ سڌو سنئون ماڻهن ڏانهن هٿ وڌائيندا هئا ۽ هي دنيا ڪي يقين ڏياريندا آهن تہ ان سان سندن ڪجهہ بہ نقصان ناهي پر ملڪ ۽ قوم ڪي خطرو آهي الغرض تہ اهي صرف ظالم هئا، هي ظلم سان گڏ ڪوڙا ۽ بي حياءَ بہ آهن. (١)-

"وَدَخَلَ مَعَهُ السِّجْنَ فَتَيَانِ ۖ قَالَ أَحَدُهُمَا إِنِّي أَرَانِي أَعْصِرُ خَمْرًا ۖ وَقَالَ الْآخَرُ إِنِّي أَرَانِي أَحْمِلُ فَوْقَ رَأْسِي خُبْزًا تَأْكُلُ الطَّيْرُ مِنْهُ ۖ نَبِّئْنَا بِتَأْوِيلِهِ ۖ إِنَّا نَرَاكَ مِنَ الْمُحْسِنِينَ".

۽ ان سان گڏ بہ نوجوان جيل ۾ داخل ٿيا (هئا) انهن مان هڪڙي چيو تہ مان پاڻ ڪي ڏسان پيو تہ شراب نپوڙي رهيو آهيان ۽ ٻئي چيو تہ مان پاڻ ڪي ڏسان پيو تہ پنهنجي مٿي تي ماني کنيو پيو وڃان جنهن مان پکي پيا کائن. اسان ڪي ان جي تعبير جي خبر ڏي. يقيناً اسين توکي نيڪو ڪارن مان ڏسون ٿا.

يعني ان ئي وقت حضرت يوسف (عليه السلام) سان جيل ۾ گڏ بہ نوجوان قيدي بہ رهايا ويا هئا جن مان هڪ مصر جي بادشاهہ جو باورچي ۽ ٻيو بادشاهہ ڪي شراب پياريندڙ هو ۽ اهي ٻئي بادشاهہ ڪي زهر ڏيڻ جي الزام ۾ گرفتار هئا- جيل ۾ جڏهن تہ حضرت يوسف (عليه السلام) جو ماڻهپي وارو هجڻ، امين، سچ ڳالهائيندڙ، سهڻي اخلاق وارو، گهڻي عبادت ڪندڙ، مخلوق جو همدرد ۽ تعبير جو ڄاڻو هجڻ مشهور ٿي

(١) تفهيم القرآن صـ٣٩٩ جلد ٢-

چڪو هو تڏهن اهي ٻئي قيدي جيڪي ساڻس گهڻو مانوس ۽ حجائتا هئا ڪيس پنهنجا پنهنجا خواب ٻڌائڻ آيا- جيڪو بادشاه ڪي شراب پياريندو هو ان عرض ڪيو ته: مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته: بادشاه ڪي شراب پياري رهيو آهيان. باورچيءَ چيو ته مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته مٿي تي ماني ڪنيو پيو وڃان جنهن مان ڪيترائي پکي کائي رهيا آهن- تون انتها نيڪوڪار آهين، اسان کي انهن خوابن جو تعبير ٻڌاءِ.-

فائدا-

١- الله جل جلاله جا مقبول ٻانها گناه جي مقابلي ۾ مصيبت کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن- جيئن "اَحَبُّ اِلَيَّ" مان واضح ٿي رهيو آهي ڏسو حضرت يوسف (عليه السلام) ڪيئن جيل قبول ڪيو پر گناه ڏانهن لاڙو ئي نه ڪيائين.

٢- ڪوبه ماڻهو ڪيترو به نيڪو ڪار هجي پر پاڻ کي هر دم الله جل جلاله جي مدد ۽ ڪرم جو محتاج سمجهي ۽ شيطاني مڪر ۽ فريب کان بچڻ لاءِ رب ڪريم کان دعائون گهرندو رهي ڏسو حضرت يوسف (عليه السلام) معصوم هجڻ جي باوجود ڪيئن بارگاه خدا وندي‌ءَ ۾ دعائون گهري رهيو هو ۽ جيئن حضرت يوسف (عليه السلام) مالڪ مٺي کي ٻاڏايو تيئن اسان کي به شيطان ۽ نفس جي ڌوکي کان بچڻ لاءِ الله تعالىٰ کي ٻاڏائڻ گهرجي.

٣- مومن کي اخلاق، اعمال، معاملات، تجارت، ليتي، ڏيتيءَ ۾ اهڙو پاڪ ۽ صاف هجڻ گهرجي جو ڪافر به تعريف ڪري بلڪ مومن جو ڪردار ئي ڪافر کي مسلمان بنائي سگهي ٿو ڏسو جيل ۾ پيل ٻن ڪافرن شخصن حضرت يوسف (عليه السلام) جو ڪردار ڏسي ڪيئن چيو هو ته "اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ". بلاشڪ اسين ڏسون ٿا ته تون نيڪو ڪارن مان آهين پلاري ۽ نيڪوڪار ماڻهوءَ جي عزت سڄي دنيا ڪندي آهي- حضرت يوسف (عليه السلام) جي ڪردار مان سبق پرائڻ گهرجي چوته اهو الله جل جلاله جو نبي هو ۽ انبياءِ ڪرام (عليهم السلام) جي زندگي قولي يا عملي تعليم ئي آهي- اڄ جا مسلمان هر جاءِ تي چوري، فريب ڪاري بدمعاشي ۽ ملاوٽ ۾ مشهور ۽ بدنام ٿي ويا آهن چوته اسلامي تعليم وساري ويٺا آهن. ڪارخانا اسان جا خراب، واپاري منڊيون اسان جون تباه، ڪاروبار اسان جو ڪريل، ايتري قدر جو اسان کي پنهنجي تيار ڪيل مال تي جاپان ۽ جرمنيءَ جو ٺپو هڻڻو پوي ٿو نه ته ڪير خريد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جاپان جي پيڪ ٿيل ماکي وٽ ته خالص هوندي، پاڪستاني ماکي وٽ ته ڪنڊ يا ڳڙ جي چاش پڪل هوندي. شال رب العزة جل جلاله اسان کي هدايت نصيب ڪري.

قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقَانِهٖٓ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ

(حضرت يوسف) فرمايو تہ نہ ايندو اوهان وٽ اهو طعام جو ڏنا ٿا وڃو اهو پر خبر ڏيندس اوهان کي ان جي تعبير جي

قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا ۭ ذٰلِكُمَا مِمَّا عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ۭ اِنِّىْ تَرَكْتُ مِلَّةَ قَوْمٍ

ان کان اڳي جو اچي اوهان وٽ اهو ان مان آهي جيکو پڙهايو آهي مون کي رب منهنجي بيشڪ مون ڇڏيو مذهب ان قوم جو

لَّا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَاتَّبَعْتُ مِلَّةَ

جيکي نٿا ايمان آڻين الله تي ۽ اهي ئي آخرت جا انڪاري آهن ۽ تابعداري ڪئي مون

اٰبَاۗءِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ۭ مَا كَانَ لَنَآ اَنْ نُّشْرِكَ بِاللّٰهِ

پنهنجي پيءُ، ڏاڏي جي دين جي، ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جي نٿو مناسب رهي اسان لاءِ تہ شريڪ بڻايون الله سان

مِنْ شَيْءٍ ۭ ذٰلِكَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ عَلَيْنَا وَعَلَي النَّاسِ وَلٰكِنَّ

ڪا شيءِ اهو الله جو فضل آهي اسان تي ۽ ماڻهن تي ۽ پر

اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٨﴾

گهڻا ماڻهو نٿا شڪر ڪن.

تفسير

هنن کان اڳ ۾ آيتن ۾ حضرت يوسف (عليه السلام) جي جيل وارن ساٿين جي خوابن جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جو تعبير ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقَانِهٖٓ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا". (حضرت يوسف عليه السلام) چيو تہ اوهان کي جيڪو طعام ڏنو ويندو آهي اوهان وٽ ان جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي مان اوهان کي ان خواب جي تعبير جي خبر ڏيندس- انهن ٻنهي جي خوابن ٻڌڻ کان پوءِ حضرت يوسف سهڻو سمجهي ويو هو تہ انهن ٻنهي مان هڪ بچندو ۽ هڪ

قاسي كائي مرندو- ان جي ڪري پاڻ سوچيائين تہ مرڻ کان اڳ ۾ انهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ گھرجي تانتہ اصل مقصد صرف خواب جو تعبير ٻڌائڻ نہ هجي پر انهن کي هدايت ڪرڻ ۽ سڌي واٽ تي آڻڻ هجي ۽ اهو ڪم بہ نيڪين ۾ لکيو وڃي، ان جي ڪري پاڻ ڳالهہ جو بنياد ٻڌندي تعبير ٻڌائڻ کان پهريان تعارفي ڪلام طويل ڪندي فرمايائين تہ: اوهان وٽ (ٻن پهرن وارو) کاڌو اچان نہ پهچندو تہ مان اوهان کي خوابن جو تعبير ٻڌائيندس."

"ذَٰلِكُمَا مِمَّا عَلَّمَنِي رَبِّي ۚ إِنِّي تَرَكْتُ مِلَّةَ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَهُم بِالْآخِرَةِ هُمْ كَافِرُونَ".

اهو (خواب جو تعبير ٻڌائڻ) ان علم مان آهي جيڪو مون کي منهنجي رب پڙهايو آهي-يقينا مون ان قوم جي دين کي ڇڏي ڏنو آهي جيڪي الله تي ايمان نٿا آڻين ۽ آخرت جا اهي ئي انڪار ڪندڙ آهن- مطلب تہ خوابن جو تعبير جيڪو مان ٻڌائيندو آهيان اهو اٽڪل، گمان ۽ قيافه شناسي نہ پر رب العزة جل جلالہ جو عطا فرمايل علم آهي. ۽ مون تي اها مهرباني ان جي ڪري ٿي آهي جو مون ان قوم جو دين نہ مڃيو جيڪي الله جل جلالہ کي نہ مڃيندي آخرت جا منڪر آهن ۽ ڪافرن جي دين کي ڇڏڻ مان مراد اها ڳالهہ نہ آهي تہ ڪو پهريان اهو قبول ڪيو هيائين پر ان مان مراد آهي تہ مون ان کي ابتداءَ کان ئي مڪمل طرح ڇڏي ڏنو ان کي ويجهو ئي نہ ويو هوس- (۱) "وَاتَّبَعْتُ مِلَّةَ آبَائِي إِبْرَاهِيمَ وَإِسْحَاقَ وَيَعْقُوبَ".

۽ مون پنهنجن ابن، ڏاڏن، ابراهيم، ۽ اسحاق، ۽ يعقوب (عليهم السلام) جي دين جي اتباع ڪئي آهي- هن جاءِ تي حضرت يوسف (عليه السلام) ڏاڏن کي بہ پيءُ ڪري سڏيو آهي ۽ ترتيب ۾ بہ پهريان پڙ ڏاڏي پوءِ ڏاڏي پوءِ پيءُ کي ذڪر ڪيو آهي، يعني اول پهريون اصل، پوءِ ٻيو، ان کان پوءِ ٽيون- ۽ پنهنجي سامهون موجود ڪافرن کي (جيڪي ڪنعاني ۽ مصري سڄ جا پوڄاري مشرڪ هئا) (۲).
خطاب ڪندي ٻڌايائين تہ "منهنجو اهو عقيدو ڪو نئون ۽ پهريون پيرو اختيار ڪيل ناهي پر اهو منهنجن انهن جليل القدر ابن ڏاڏن جو دين آهي جن جي نالي کان سڄي دنيا واقف آهي- حضرت يوسف (عليه السلام) ان سفر جي هر مشڪل مرحلي کي برداشت ڪندي ڪٿي بہ بيان نہ ڪيو هو تہ مان ڪنهن جو اولاد آهيان- هي پهريون پيرو آهي جو پاڻ ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو هيائين- "مَا كَانَ لَنَا أَن نُّشْرِكَ بِاللَّهِ مِن شَيْءٍ" اسان لاءِ مناسب ناهي تہ الله سان ٻئي ڪنهن کي شريڪ بنايون-

(۱) ابوالسعود صـ۲۷۷ جزءُ ۴. (۲) ايسرالتفاسير صـ۳۹۷ جلد ۲.

هيءَ اهائي توحيد جي دعوت ۽ شرڪ جي ترديد آهي جيڪا هر نبي جي بنيادي ۽ اولين تعليم رهي هئي (١)-

"اهو ماڻهن تي الله جو فضل آهي ۽ پر اڪثر ماڻهو شڪر نٿا ڪن" هي نهايت لطيف انداز ۾ دعوت الى الله آهي. مطلب تـه شرڪ کان بچي الله جي توحيد جو عقيدو رکڻ ۽ ان ڏانهن سڏڻ، الله جل جلاله جو اسان تي ۽ سڀني ماڻهن تي خاص فضل آهي جيڪڏهن ماڻهو ان ڏانهن ارادو ڪري متوجه ٿين تـه سندن فطرت ۾ توحيد جا اصول ۽ ان ڏانهن سڏيندڙ اصول موجود آهن ۽ سندن چوڌاري موجود مخلوق ۾ بـه ان جا دلائل ۽ اسباب قائم آهن ۽ رسولن (عليهم السلام) جي رسالت ۾ ان جو بيان آهي پر اڪثر ماڻهو نـه اها مهرباني ڏسن ٿا ۽ نـه ان جو شڪر ادا ڪن ٿا. (٢)-

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا-

١- الله جل جلاله جا مقبول ٻانها ڪافرن سان بـه نرم انداز سان ڳالهائيندا ۽ انهن کي سمجهائيندا آهن حضرت يوسف عليه السلام جڏهن خواب جي تعبير هان سمجهيو تـه انهن ٻنهي قيدين مان هڪڙو ڦاسيءَ تي چڙهڻ وارو آهي تـه پاڻ تعبير ٻڌائڻ ۾ دير ڪندي الله جل جلاله جو ذڪر ڪرڻ شروع ڪيائين تانتـه ان تي موت آسان رهي سندس دنياوي لذت ختم ٿئي ۽ آخرت ۾ وصال الاهي واري لذت حاصل ٿئي- اهو دنيا کان منهن موڙي آخرت جي ياد ۽ اتي ملندڙ الاهي انعامات ۾ منهمڪ رهي- ان جي ڪري ٻانهن کي گهرجي تـه دروازي تي آيلن کي پنهنجي سهڻي اخلاق سان خوش رکن.

٢- هر مسلمان خاص ڪري علماءڪرام ۽ مشائخ عظام کي گهرجي تـه پنهنجي ذات تان ماڻهن جون بدگمانيون پري ڪن نـه صرف قول سان پر عمل سان بـه- ايتري قدر جو سندن اٿڻ، ويهڻ، کائڻ، پيئڻ بـه صاف تقوىٰ تي مشتمل هجي، زڪواة کلي طرح ڏين، نماز ظاهر ظهور پڙهن ۽ برين محفلن کان پري رهن.

يَاصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ اللّٰهُ الْوَاحِدُ

اي منهنجا جيل وارا ٻه ساٿيو! (اهو تـه ٻڌايو) ڇا جدا جدا رب سٺا آهن يا هڪ الله

(١) حاشيـه محمد جوناڳڙهي صـ٦٥١. (٢) في ظلال القرآن صـ١٩٨٩ جلد ۴.

الْقَهَّارُ ﴿٣٩﴾ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ

(سيني تي) غالب. نٿا عبادت ڪيو ان کان سواءِ پر نالن جي جو رکيا اوهان ۽ پيءُ ڏاڏن اوهان جي

مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ۭ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ۭ

نہ نازل ڪيو الله ان لاءِ ڪو دليل ناهي حڪم (جو اختيار) پر الله لاءِ

اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ۭ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

امر ڪيائين اهو تہ نہ عبادت ڪيو مگر ان جي اهوئي دين قيم آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٠﴾ يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ اَمَّآ اَحَدُكُمَا فَيَسْقِيْ رَبَّهٗ خَمْرًا ۚ

نٿا ڄاڻن، اي منهنجا قيد وارا ساٿيو! پر هڪڙو اوهان مان پوءِ پياريندو بادشاهه کي شراب

وَاَمَّا الْاٰخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْ رَّاْسِهٖ ۭ قُضِيَ

۽ پر ٻيو پوءِ ڦاسي ڏنو ويندو، پوءِ کائيندا پکي ان جي مٿي مان، فيصلو ڪيو ويو

الْاَمْرُ الَّذِيْ فِيْهِ تَسْتَفْتِيٰنِ ﴿٤١﴾ ۭ

اهو امر جو ان (جي باري) ۾ اوهان پڇو ٿا.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ايمان ۽ الله جل جلالہ سان شرڪ کان روڪڻ جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ انهن کي پڪي ڪرڻ لاءِ سامعين کان سوال ڪرڻ جو ذڪر آهي: فرمان عالي شان آهي-

"يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ؕ" اي جيل وارا ٻہ ساٿيو! (ٻڌايو تہ) گهڻا رب ڀلا آهن يا هڪ الله غالب؛ هي خطاب انهن ٻن جيل جي ساٿين سان هو جيڪي مشرڪ هئا جن پنهنجي زندگيءَ جي هر شعبي لاءِ جدا جدا بت ۽

معبود مقرر ڪيا هئا حضرت يوسف (عليه السلام) انهن ڪان فيصلو ٿي ورتو تہ ٻڌايو. اوهان جو هيترا باطل معبود ڪٽي ناهيا آهن اهي ڀلا آهن يا هڪ الله جيڪو سيني تي غالب آهي؟ "القهارالغالب الذي لايغالبه احد" (١)-

قهار جي معنىٰ اهو غالب جنهن ڪان ڪوبہ غالب ٿي نہ سگهي. هن خطاب ۾ حضرت يوسف (عليه السلام) ڪمال ذهانت ۽ قابليت سان هر قسم جي مشرڪانہ عقيدي رکڻ وارن کي عقل سان سوچڻ جي دعوت ڏني- ۽ پاڻ پنهنجي ان مختصر ڪلام ۾ ڇهہ دليل قائم ڪيائون. ١- تہ ڪائنات ڪنهن نظام جي محتاج آهي ۽ ان جو سنڀاليندڙ ضروري آهي جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ منتظم هجن ۽ سيني وٽ هڪ جهڙو اختيار هجي تہ هر ڪو پنهنجي مرضي هلائيندو ۽ انهن جو هر وقت متفق هجڻ محال آهي ان ڪري ڪائنات جي نظام ۾ خلل پئجي ويندو. ٢- هي تہ بت، سج، چنڊ، تارا، وغيره اوهان ڏسو پيا. بت ۽ وڻ ٽڻ تہ پڇن، پرن ۽ ٽٽن پيا.- سج ۽ چنڊ اهڙا مجبور آهن جو پنهنجي مرضيءَ سان ڪڏهن بيهي بہ نٿا سگهن،ثابت ٿيو تہ اهي ڪنهن جي حڪم جا پابند ٻانها آهن ان جي ڪري اهي قاهر ناهن مقهور آهن غالب ناهن مغلوب آهن معبود ناهن عابد آهن معبود بالحق اهو آهي جيڪو ٻانهي تي غالب،قاهر ۽ حاڪم هوندو آهي محڪوم نہ هوندو آهي. ٣- هي بت وغيره جن کي معبود بڻايو ويو آهي انهن کي خود بہ خبر ناهي تہ ڪير پيدا ڪري ٿو ۽ ڪير ماري ٿو، ڪير ٿو رزق ڏئي ڪير ٿو مصيبتون دفع ڪري ۽ ڪير اسان جي عبادت جو حقدار آهي. ۴- جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ معبود هوندا تہ ڪنهن ڪنهن کي راضي ڪجي هڪ کي راضي ڪبو تہ ٻيو ناراض ٿيندو. ٥- هي تہ ڪافر چوندا آهن تہ: اسان جا هي بت نفعو ڏين ٿا پر انهن جي نفعي ڏيڻ جا وقت مقرر ڪيل آهن هڪ وقت ۾ فلاڻي بت جو وارو آهي تہ ٻئي وقت ۾ فلاڻي جو اهڙي طرح انهن جي نفعي ڏيڻ جا قسم بہ ورهايل آهن هڪڙا مينهن وسائيندڙ آهن تہ ٻيا ورهائيندڙ- انهن کي مڃڻ وارو جنجال ۾ آهي انڻ جي ڪري ان سچي معبود بالحق جي عبادت ڇونہ ڪجي جيڪو هميشہ غالب آهي ۽ ان جو هڪ هجڻ ئي ان ڳالهہ کي واجب ٿو ڪري تہ ان جي عبادت ڪئي وڃي. ٦- هي تہ ڪافرن جي باطل معبودن ۾ ڪو اعلىٰ آهي تہ ڪو ادنىٰ ڪو وڏو آهي تہ ڪو ننڍو، ڪو ڏاهڻ وارو آهي تہ ڪو ناهڻ وارو، حالانڪہ معبود بالحق ۽ رب هجڻ جي لائق اهو آهي جيڪو هڪ سيني تي غالب ۽

(١) تنويرالاذهان صـ٢١٩ جلد ٢.

واجب الوجود آهي- "مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَاۗءً سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَاۗؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ۭ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ" - نتا عبادت ڪيو اوهان ان ڪان سواءِ مگر نالن جي جيڪي اوهان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن رکيا آهن انهن لاءِ الله ڪوبہ دليل نازل نہ ڪيو آهي، حڪم تہ صرف الله جوئي آهي. مقصد تہ اوهان جن جي عبادت ڪيو ٿا اهي صرف اوهان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن جي طرفان مقرر ڪيل نالا آهن جن جي عبادت لاءِ الله ڪوبہ دليل نازل نہ ڪيو آهي- ڪافر چوندا هئا تہ اسين بتن جي عبادت ان لاءِ ڪيون ٿا جو الله اسان کي اهو حڪم ڪيو آهي. رب العزة جل جلالہ فرمايو تہ: مون ان لاءِ ڪو دليل نازل ئي نہ ڪيو آهي تہ پوءِ ڪيئن ٿا چئو تہ الله اهو امر ڪيو آهي- حڪم تہ صرف الله جو ئي هلندو آهي- هتي حڪم مان مراد حقيقي ۽ تڪويني حڪم آهي- ڇوتہ حڪم ٽن قسمن جو آهي. ١- حقيقي تڪويني جنهن ۾ رب العزت جل شانہ ڪان سواءِ ڪنهن کي ڪوبہ اختيار ناهي. ٢- شرعي جنهن جو اختيار انبياءِڪرام عليهم السلام کي بہ مليل آهي. ٣- قانوني ان ۾ بادشاهہ بہ بااختيار حاڪم هوندو آهي. پر اهي سيئي حڪم الله جل جلالہ جي ارادي سان هلندا آهن- "اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ" ان اهو امر ڪيو آهي تہ ان ڪان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو- مقصد تہ اهوئي سچو ۽ معبود بالحق آهي ڇوتہ ان ئي هر شيءِ کي وجود ڏنو آهي ان ڪان ئي هر نعمت ملي ٿي- حياتي، موت، پيدائش، سهڻي صورت، عقل، رزق، هدايت، عرفان ۽ انهن ڪان سواءِ ڪروڙين نعمتون جن جي انتها ئي ناهي رب العالمين ڪان عطا ٿين ٿيون.

"ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ، " اهوئي دين قيم آهي- قيم جي معنیٰ اهڙو دين جيڪو ثابت، مضبوط، مستقيم ۽ سڌو آهي ان جا اصول ۽ فروع نهايت خوبصورت ۽ مضبوط آهن ان ۾ نہ ورو ڪڙ آهي نہ افراط ۽ تفريط ان جو اصل هڪ ۽ شاخون بي شمار آهن. اهو امير، غريب، آقا، غلام، بيمار، تندرست، ڪاري ۽ گوري لاءِ هڪجهڙو مفيد آهي ان ۾ هر شيءِ ضابطي هيٺان هوندي آهي ان جي سچائيءَ جو هڪ دليل هيءُ بہ آهي تہ ان ۾ ئي معجزا ڏيکارڻ وارا انبياء عليهم السلام ۽ ڪرامتن ڏيکارڻ وارا اولياءَ آهن.

"وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ" ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن - انهن اڪثر ماڻهن مان مراد ڪافر، گمراهہ ۽ الله جل جلالہ ڪان پري هوندڙ آهن جيڪي جهالت ۾ ڀٽڪندي جهان ۾ رونماٿيندڙ حادثات کي فلڪيات ۽ سيارن ڏانهن منسوب ڪندا آهن- ها، علم، عقل ۽ شعور جا صاحب ڄاڻن ٿا تہ "ماسوي الله". هڪ وڻ يا ڪکر جي هلندڙ

ڇانو وانگر آهي جاهل ان هلندڙ ڇانو جي پويان ڊوڙي ٿو پر علم ۽ عقل وارو ان ڇانو جي خالق جو پوڄاري هوندو آهي- هي سڀ حضرت يوسف عليه السلام جي طرفان رب العزة جل جلاله جو شاندار حمد ۽ سامعين کي وعظ هو- سچ آهي تہ الله جي حمد لاءِ نبي جي زبان ئي لائق هوندي آهي- مصر ۾ سيني کان پهريان الله جل جلاله جو دين حضرت يوسف (عليه السلام) هلايو هو- جڏهن پاڻ مذڪور خطاب سان اتي موجود ماڻهن ۾ اسلام جو روح ڦوڪڻ کان فارغ ٿيو تڏهن انهن ٻنهي خوابن ٻڌائيندڙن سان مخاطب ٿي انهن کي خوابن جو تعبير ٻڌائيندي فرمايائين "يَاصَاحِبَيِ السِّجْنِ أَمَّا أَحَدُكُمَا فَيَسْقِي رَبَّهُ خَمْرًا وَأَمَّا الْآخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَأْكُلُ الطَّيْرُ مِنْ رَأْسِهِ قُضِيَ الْأَمْرُ الَّذِي فِيهِ تَسْتَفْتِيَانِ". اي جيل وارا ساٿيو! اوهان مان هڪڙو تہ پنهنجي بادشاهہ کي (وري وجي) شراب پياريندو ۽ ٻيو ڦاسي ڏنو ويندو پوءِ پکي ان جي مٿي کي کائيندا- جنهن امر جي باري ۾ اوهان پڇو ٿا اهو فيصلو ٿي چڪو آهي- مقصد تہ جنهن خواب ۾ ڏنو هو تہ انگورن کي نپوڙي شراب ٺاهي رهيو آهي اهو ٽن ڏينهن کان پوءِ قيد کان آزاد ٿي نوڪريءَ تي بحال ٿي ويندو ۽ پهريان کان وڌيڪ عزت ماڻيندو- ۽ ٻيو جنهن خواب ڏٺو هو تہ سندس مٿي تي ڪاڏو آهي جنهن مان پکي کائين پيا اهو ڦاسي ڏنو ويندو، سندس مٿي جو گوشت ڳجهون ۽ سرٽيون کائينديون- اهو تعبير ٻڌي پهريون تہ خاموش رهيو پر ٻئي گهبرائجي چيو تہ اسان اهي خواب ڏٺا نہ هئا پر هٿرادو ٺاهي بيان ڪيا هئا- حضرت يوسف (عليه السلام) کين فرمايو تہ: هاڻي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو جيڪي الفاظ منهنجي زبان (مبارڪ) مان نڪتا اهي تقدير جو فيصلو بڻجي ويا. (١)

علامہ خازن هن آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: يعني "فرغ من الامر الذي سألتما عنه ووجب حكم الله عليكما بالذي اخبرتكما به رءيتما شيئا ام لم تريا" - (٢).

مطلب تہ جنهن امر جو اوهان پڇيو ان کان فراغت ٿي چڪي ۽ جيئن مون اوهان کي ٻڌايو ائين ئي الله جو حڪم واجب ٿي چڪو آهي اوهان ائين ڏٺو يا نہ ڏٺو پر اهو ٿي ويو).

تهماري مونهہ سے جو نکلي وه بات هوکے رهي.

مٿينءَ وضاحت مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلاله جي پيارن جي زبان مان جيئن نڪرندو آهي تيئن ئي ٿيندو آهي. ان آيت جي تفسير ۾ علامہ سيوطي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ: ابن ابي شيبه، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ۽ ابوالشيخ

(١) تنويرالاذهان صـ٢٢٠ جلد ٢. (٢) الخازن صـ٢٧ جلد ٣.

حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: حضرت يوسف (عليه السلام) سان خواب بيان ڪندڙ ٻن جيل وارن ڏنو تہ ڪجهہ بہ نہ هو پر انهن خواب بيان ڪري آزمائي ٿي ڏنو، جڏهن حضرت يوسف (عليه السلام) ڪين اهو تعبير ٻڌايو تڏهن چوڻ لڳا تہ اسان مڙئي يوڳ ڪيو هو- پاڻ فرمايائون تہ: جيڪو فيصلو قدرت وٽ ٿيڻو هو ٿي ويو- ۽ ٿيو بہ ائين جيئن پاڻ فرمايائون مجاهد ۽ قتاده کان بہ اهڙو تفسير روايت ڪيل آهي. (۱)-

۽ اهوئي تفسير عبدالرحمان بن زيد بن اسلم وغيره کان آيل آهي. (۲)-

فائدا-۱- دين جي دعوت ڏيڻ ۾ نرمي ڪرڻ ۽ اهڙا مضبوط دلائل ڏيڻ گهرجن جن سان ڪافر پنهنجن ڪفريہ عقيدن کي برو سمجهن. ڏسو حضرت يوسف (عليه السلام) ڪيئن سامعين کي سهڻي نموني توحيد جا دلائل ڏنا، جن کي ٻڌي اهي مسلمان ٿيا.

۲- الله جل جلالہ جي پيارن نبين عليهم السلام جي منهن مبارڪ مان جيئن نڪرندو آهي رب العزة جل جلالہ تيئن ڪندو آهي- ڏسو يوسف (عليه السلام) جيل ۾ گڏ رهندڙن لاءِ صاحب (ساٿي) جو لفظ استعمال ڪيو تہ رب العزة جل شانه انهن کي ايمان جي دولت نصيب ڪري سندس صحابي بنايو ۽ خوابن جو تعبير بہ جيئن پاڻ ڪيائين تيئن ئي قدرتي فيصلو بہ ٿيو. (۳)-

۳- عقيدن وارين ڳالهين ۾ عقلي ڳالهيون نہ هلائجن اهي قرآن ڪريم ۽ حضور ڪريم ﷺ جن کان صحيح سند سان آيل ارشادات مان ثابت ٿيندا آهن- جيئن "سَمَّيْتُمُوهَا" مان واضح آهي جو ڪافرن اهي بتن جا نالا پنهنجي عقل سان معبود بنايا هئا-

وَقَالَ لِلَّذِي ظَنَّ أَنَّهُ نَاجٍ مِّنْهُمَا اذْكُرْنِي عِندَ رَبِّكَ

۽ چيائين ان کي جو سمجهيائين تہ يقينا اهو ڇٽندڙ آهي انهن ٻنهي مان تہ ياد ڪجان مون کي مربيءَ پنهن جي وٽ

۵ع
۱۵
فَأَنسَاهُ الشَّيْطَانُ ذِكْرَ رَبِّهِ فَلَبِثَ فِي السِّجْنِ بِضْعَ سِنِينَ ﴿٤٢﴾

پوءِ وسارايو ان کان شيطان ياد ڏيارڻ مربيءَ پنهنجي کي پوءِ رهيو پيو هو جيل ۾ ڪجهہ سال،

وَقَالَ الْمَلِكُ إِنِّي أَرَىٰ سَبْعَ بَقَرَاتٍ سِمَانٍ يَأْكُلُهُنَّ سَبْعٌ

۽ چيو بادشاهہ تہ بيشڪ مان ڏسان پيو ست ڳئون ٿلهيون کائين پيون انهن کي ست

(۱) الدرالمنثور صـ۵۴۰ جلد ۴. (۲) تفسير ابن ڪثير صـ۴۷۹ جلد ۲. (۳) نعيمي صـ۴۹۴ جلد ۱۲.

عِجَافٌ وَّسَبْعَ سُنْبُلَاتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ يَابِسَاتٍ يَاۤاَيُّهَا الْمَلَاُ

ڏٻرين ۽ ست سنگ ساوا ۽ ٻيا سڪل، (اي درٻاري) سردارؤ!

اَفْتُوْنِيْ فِيْ رُءْيَايَ اِنْ كُنْتُمْ لِلرُّءْيَا تَعْبُرُوْنَ ﴿٤٣﴾

فتوىٰ ڏيو مون کي منهنجي خواب (جي باري) ۾ جيڪڏهن آهيو جو خواب جي تعبير ڪيو ٿا.

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ٻنهي قيدين کي خواب جي تعبير ٻڌائڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ٻڌايو ويو ته حضرت يوسف (عليه السلام) جيئن ٻڌايو تيئن ئي ٿيو ۽ ان ٻنهي مان آزاد ٿيندڙ کي اهو به چيو هيائين ته پنهنجي مربي بادشاهه وٽ منهنجو ذڪر ڪجانءِ- ارشاد مبارڪ آهي. "وَقَالَ لِلَّذِيْ ظَنَّ اَنَّهٗ نَاجٍ مِّنْهُمَا اذْكُرْنِيْ عِنْدَ رَبِّكَ" ۽ جنهن لاءِ سمجهيو هيائين ته اهو انهن ٻنهي مان ڇٽي ويندو ان کي چيائين ته: مون کي پنهنجي بادشاهه وٽ ياد ڪجانءِ.

هتي "ظَنَّ" يقين جي معنىٰ ۾ آيو آهي جيئن ٻيءَ آيت ۾ ارشاد آهي ته: "اَلَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلَاقُوْا رَبِّهِمْ" جيڪي يقين ٿا ڪن ته اهي پنهنجي رب سان ملندڙ آهن- اهڙي طرح حضرت يوسف (عليه السلام) کي به جنهن ساٿيءَ جي ڇٽڻ جو يقين هو ان کي چيائين ته: پنهنجي بادشاهه وٽ منهنجو به ذڪر ڪجانءِ ته هڪڙو بي قصور ڪافي وقت کان قيد ۾ پيل آهي- ۽ مبالغي کان سواءِ جيڪا منهنجي حالت ڏسيو پيو وڃين اها بيان ڪجانءِ.

"فَاَنْسٰهُ الشَّيْطٰنُ ذِكْرَ رَبِّهٖ فَلَبِثَ فِي السِّجْنِ بِضْعَ سِنِيْنَ". پوءِ ان (ساٿيءَ) کان بادشاهه کي ياد ڏيارڻ شيطان وسارائي ڇڏيو، پوءِ يوسف عليه السلام ڪجهه سال جيل ۾ رهيو پيو هو- يعني شيطان ڇٽندڙ قيديءَ جي دل ۾ وسوسا ۽ خيالات پيدا ڪري ان کي اهڙو غافل ڪري ڇڏيو جو پنهنجي مهربان ۽ محسن کي بادشاهه وٽ ياد ڪرڻ ان کان وسري ويو، نتيجو اهو نڪتو جو حضرت يوسف (عليه السلام) ڪيترائي سال جيل ۾ گذاريا. (١)-

(١) حاشيہ عثمانيہ صہ ٣١٩.

تنبيه: ڪن تفسيرن ۾ لکيل آهي تہ: شيطان حضرت يوسف (عليه السلام) کان رب جلّ شانہ کي ياد ڪرڻ وسارائي ڇڏيو تڏهن جيل ۾ ڪجهہ سال رهيو پيو هو. پر اهو قول غلط آهي. مودودي صاحب بہ لکيو آهي تہ يہ تفسير بالکل غلط هے، صحيح يهي هے جيسا کہ علامہ ابن کثير اور متقد مين سے مجاهد اور محمد بن اسحاق وغيره نے روايت کيا هے کہ "فَاَنْسَاهُ الشَّيْطَانُ ذِكْرَ رَبِّهٖ" کي ضمير اس شخص کے طرف پهرتي هے جس کے متعلق حضرت يوسف کا گمان (يقين) تها کہ وه رهائي پانے والا هے، اور اس آيت کا معنیٰ يہ هے کہ شيطان ني اسے اپنے آقا سے حضرت يوسف کا ذکر کرنا بهلاديا تها- (۱).

سوال- ابن جرير هڪ حديث آندي آهي تہ حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو "جيڪڏهن يوسف اهو ڪلمہ (تہ مون کي بادشاهہ وٽ ياد ڪجانءِ) نہ چوي ها تہ ايترو ڊگهو وقت جيل ۾ نہ رهي ها جو الله کان سواءِ ٻئي کان ڇوٽڪارو طلب ڪري رهيو هو".
ان حديث جو جواب ڪهڙو آهي؟

جواب - اها حديث تمام گهڻي ضعيف آهي جيترين بہ سندن سان آئي آهي سڀ ڪمزور آهن قوي ناهن ۽ جن سندن سان مرفوع آئي آهي انهن ۾ بہ سفيان بن وڪيع ۽ ابراهيم بن يزيد راوي آهن جيڪي ٻئي اعتماد جوڳا ناهن ۽ اها مرسل طريقي سان بہ آئي آهي پر اهڙن اهم معاملن ۾ مرسل روايت جو اعتبار نہ آهي، ان کان سواءِ درايت جي اعتبار سان بہ اها ڳالهہ مڃڻ جي لائق ناهي تہ هڪ مظلوم شخص جي طرفان پنهنجي ڇوٽڪاري جي لاءِ دنيوي تدبير اختيار ڪرڻ الله کان غفلت ۽ ان تي توڪل نہ رکڻ جو دليل قرار ڏنو وڃي. (۲)- بلڪ حضرت يوسف عليه السلام جي ان ارشاد مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ: ڪنهن مُصيبت کان ڇٽڻ لاءِ ڪنهن شخص کي ڪوشش جو واسطو بنائڻ توڪل جي خلاف ناهي. (۳)-

علامہ جمال الدين القاسمي لکيو آهي تہ: "دلت الاية علىٰ جواز الاستعانتہ بمن هو مظنتہ ڪشف الغمتہ ولو مشرڪا وقد جاءَ ذالڪ في قولہ تعالىٰ "وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى" وقولہ حڪايتہ عن عيسىٰ "مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ" وفي الحديث "وَاللّٰهُ فِيْ عَوْنِ الْعَبْدِ مَادَامَ الْعَبْدُ فِيْ عَوْنِ اَخِيْهِ "وَجَلِيٌّ اَنَّ ذَالِڪَ مِنْ نِظَامِ الْكَوْنِ وَالْعِمْرَانِ الْبَشَرِيِّ وَلِذَالِڪَ مَيَّزَ الْاِنْسَانَ بِالنُّطْقِ". (۴)-

(۱) تفهيم القرآن صـ۴۰۵ جلد ۲- (۲) تفسير ابن ڪثير صـ۴۸۹ جلد۲
(۳) معارف القرآن صـ۵۹ جلد ۵ (۴) تفسيرالقاسمي صـ۲۲۸ جلد ۶.

يعني مذكوره آيت ان ڳالهہ تي دلالت ٿي ڪري تہ جنهن هستيءَ ۾ پيش آيل تڪليف لاهڻ جي اميد آهي ان کان مدد وٺڻ جائز آهي پوءِ اهو ڇونہ غير مسلمان هجي ۽ اها مدد وٺڻ الله جل جلاله جي هن فرمان ۾ بہ آئي آهي "وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى" ۽ نيڪيءَ ۽ تقوىٰ (جي ڪم ۾) هڪ ٻئي جي مدد ڪريو- ۽ هن فرمان ۾ بہ جيڪو (حضرت عيسىٰ عليه السلام) کان آيل آهي تہ "مَنْ اَنْصَارِيْ اِلَى اللّٰهِ" الله ڏانهن منهنجا مددگار ڪير آهن؟ حديث (پاڪ) ۾ آهي تہ: جيستائين ٻانهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ۾ آهي تہ الله ان جي مدد ۾ آهي. ۽ اها ڳالهہ روشن آهي تہ ڪائنات ۽ انساني آباديءَ جو نظام ائين آهي ان جي ڪري ئي انسان کي ڳالهائڻ جي قوت سان ممتاز بنايو ويو آهي.

"وَقَالَ الْمَلِكُ اِنِّيْۤ اَرٰى سَبْعَ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعَ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ". ۽ بادشاهہ چيو تہ: مان (خواب ۾) ست ٿلهيون ڳئون ڏسان پيو جن کي ست ڏٻريون ڳئون کائن پيون ۽ ست ساوا سنگ ۽ ٻيا سڪل (بہ ڏسان پيو) بادشاهہ خواب ۾ ڏٺو هو تہ هڪ سڪل ۽ خشڪ نهر مان ست ٿلهيون ڳئون نڪري ڪناري تي اچي بيٺيون تہ اتي اڳي ئي ست ڪمزور ۽ ڏٻريون ڳئون بيٺيون هيون جيڪي انهن ڳئن کي اهڙيءَ طرح کائي ويون جو انهن جون پاسريون ۽ هڏا بہ نہ ڇڏيائون ۽ وري اتي ئي ڏٺائين تہ ست ساوا ۽ تازا سنگ آهن ۽ ست سڪل سنگ. جڏهن اهي سڪل سنگ ساون کي لڳا تہ اهي ساوا بہ سڪي ويا- هي بادشاهہ جو خواب ڇئن وجهن جي ڪري حضرت يوسف (عليه السلام) جي جيل مان نڪرڻ جو سبب بڻيو.

١- هڪ تہ اهو خواب بادشاهہ ڏٺو ٻئي ڪنهن بہ نہ ڏٺو هيو ڪو ڏسي ها تہ ان جو ايترو اهتمام نہ ٿئي ها. ٢- تہ اهو خواب ڏسي بادشاهہ سخت پريشان ٿيو تہ شايد منهنجي ملڪ ۾ ڪا وڏي ڳڙ ٻڙ ٿيڻ واري آهي جيڪڏهن اهو پريشان نہ ٿئي ها تہ بہ ايترو اهتمام نہ ٿئي ها. ٣- تہ بادشاهہ گهريو تہ ان خواب جو جلدي تعبير ڪيو وڃي. جلدي نہ ڪرڻ جي صورت ۾ بہ ايڏو انتظام نہ ٿئي ها. ٤- تہ ڪنهن بہ نجوميءَ کي ان خواب جو تعبير سمجهہ ۾ نہ آيو، جيڪڏهن ڪو نجومي ان جو تعبير ٻڌائي بہ ها تہ حضرت يوسف سهڻي ڏانهن ڪنهن جو خيال نہ وڃي ها- ثابت ٿيو تہ الله جل جلاله حضرت يوسف (عليه السلام) جي دعا قبول فرمائي ۽ ان خواب کي ان جي جيل مان نڪرڻ جو سبب بنايو- خواب بہ اهڙو عجيب هو جو ٻڌڻ سان سڀ فڪر ۾ پئجي ويا- پوءِ بادشاهہ سيني سان مخاطب ٿي فرمايو "يٰۤاَيُّهَا الْمَلَاُ

أَفْتُوْنِيْ فِيْ رُءْيَايَ اِنْ كُنْتُمْ لِلرُّءْيَا تَعْبُرُوْنَ". اي (درباري) سردارؤ ! جيڪڏهن هن خواب جو تعبير ڪري سگهو ٿا تہ مون کي منهنجي (هن) خواب جي باري ۾ فتويٰ ڏيو- مطلب تہ جيڪڏهن تعبير ڪري سگهو ٿا تہ صحيح صحيح تعبير ٻڌايو- غلط ڳالهہ يا ٽپڻا ٽوٽا نہ هڻجو.

فائدا-

مذڪوره آيات کي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "اُذْكُرْنِيْ عِنْدَ رَبِّكَ" مان واضح ٿيو تہ جتي اصطلاحي طرح مربي کي رب چيو ٿو وڃي اتي غيرالله جي لاءِ رب جو لفظ استعمال ڪرڻ منع ناهي ۽ اسان جي ملڪ ۾ جڏهن اصطلاحًا صرف الله جل شانه لاءِ رب جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي تڏهن ٻئي لاءِ اهو لفظ ڳالهائڻ منع آهي.
٢- هر هڪ شيءِ جي باطني شڪل بہ هوندي آهي تہ ظاهري شڪل بہ، باطني شڪل الله جل جلالہ جي بارگاه ۾ هوندي آهي ۽ ظاهري دنيا ۾- خواب ۾ باطني شڪل ڏيکاري ويندي آهي پر هر ڪنهن کي اها خبر نہ پوندي آهي تہ ان جي ظاهري شڪل ڪهڙي آهي؟ اهو علم جنهن کي الله جل جلالہ ڏيندو اهوئي تعبير جي علم جو ماهر ٿيندو. لهٰذا اهي حديثون بلڪل برحق آهن جن ۾ اعمال جون شڪليون ٻڌايون ويون آهن- حديث جي منڪرن جو انهن تي اعتراض ڪرڻ غلط آهي قيامت جي ڏينهن انسان جا اعمال مختلف شڪلين ۾ هوندا- الهامات ۾ بيماريون مختلف شڪل ۾ نظر اينديون آهن.

قَالُوْآ اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ ۚ وَمَا نَحْنُ بِتَاْوِيْلِ الْاَحْلَامِ بِعٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾

چيائون تہ پريشان ڪندڙ خواب آهن ۽ نہ آهيون اسين خوابن جا تعبير چاڻندڙ،

وَقَالَ الَّذِيْ نَجَا مِنْهُمَا وَادَّكَرَ بَعْدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمْ بِتَاْوِيْلِهٖ

۽ چيو ان جو ڇٽي آيو انهن ٻنهي مان ۽ ياد ڪيائين گهڻي مدت کان پوءِ تہ مان خبر ڏيندس اوهان کي ان جي تعبير جي

فَاَرْسِلُوْنِ ﴿٤٥﴾ يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ اَفْتِنَا فِيْ سَبْعِ بَقَرٰتٍ

پوءِ مون کي موڪليو اي يوسف! اي سچا! فتويٰ ڏي اسان کي ستن ڳئن

سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعِ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ

ٿلهين (جي باري) ۾ جو کائيں پيون انهن کي ست ڏٻريون ڳئون، ۽ ستن سنگن ساون ۽ ٻين

يَابِسَاتٍ لَّعَلِّيٓ اَرۡجِعُ اِلَى النَّاسِ لَعَلَّهُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ۝۴۶

سکلن (جي باري) ۾ تانته مان موٽي وڃان ، ماڻهن ڏانهن تانته اهي ڄاڻن.

تفسير

پهريان ذکر ڪيلن آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته بادشاهه خواب ڏسي پنهنجن درباري سردارن ۽ نجومين کان ان جو تعبير پڇيو هو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته انهن مان ڪنهن به تعبير نه ٻڌايو پر ان کي پريشان ڪندڙ خواب سڏيو هو- ارشاد الاهي آهي- "قَالُوۡۤا اَضۡغَاثُ اَحۡلَامٍ ۚ وَمَا نَحۡنُ بِتَاۡوِيۡلِ الۡاَحۡلَامِ بِعٰلِمِيۡنَ". چيائون ته پريشان ڪندڙ خواب آهن ۽ اسين خوابن جا تعبير ڄاڻندڙ ناهيون. يعني نجومي ۽ ڪاهن حيرت ۾ پئجي ويا ۽ جڏهن ڪجهه سمجهه ۾ نه آين تڏهن بادشاهه کي عرض ڪيائون ته اهي پريشان ڪندڙ خواب آهن انسان جيڪي ڏينهن جو سوچون ڪري ٿو اهي گڏ ٿي رات جو خواب جي ذريعي ڪنهن شڪل ۾ ڏسڻ ۾ ايندڙ آهن- (اضغاث احلام اي تخاليطها واباطيلها ومايكون منها من حديث نفس اووسوسة شيطان". (۱)- معنیٰ گڏيل، باطل ڳالهيون ۽ جيڪو انهن مان نفس جي ڳالهه يا شيطان جو وسوسو هوندو آهي) اسين انهن خوابن جي تعبير جا ماهر آهيون جيڪي خواب واقعي خواب هوندا آهن باقي جيڪو تو بيان ڪيو آهي اهو خواب ناهي پر پريشان ڪندڙ فڪر آهن "وَقَالَ الَّذِيۡ نَجَا مِنۡهُمَا وَادَّكَرَ بَعۡدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمۡ بِتَاۡوِيۡلِهٖ فَاَرۡسِلُوۡنِ" ۽ جيڪو انهن ٻنهي (جيل جي ساٿين) مان ڇٽي آيو هو ۽ گهڻي مدت کان پوءِ (حضرت يوسف عليه السلام وارو چوڻ) ياد ڪيو هيائين- ان (بادشاهه کي) عرض ڪيو ته اوهان جي ان خواب جو تعبير مان تو پڇي اچان- اوهان مون کي موڪل ڏيو- مطلب ته حضرت يوسف عليه السلام جي ان جيل مان آزاد ٿيل ساٿيءَ جنهن کي گهڻي مدت کان پوءِ ياد آيو ته مون کي حضرت يوسف عليه السلام بادشاهه وٽ ياد ڪرڻ لاءِ چيو هو- ان بادشاهه کي چيو ته مان هڪ اهڙو شخص ڄاڻان ٿو سڃاڻان ٿو جيڪو اوهان جي ان ڏکئي خواب جو صحيح تعبير ٻڌائي سگهي ٿو مون کي موڪل ڏيو ته مان ان کان

(۱) مدارک صـ۲۲۴ جلد ۱.

پڇي اچان، پوءِ ان کي موڪل ڏنائين ۽ حضرت يوسف (عليه السلام) جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائين جيئن اڳتي بيان ٿي رهيو آهي.

فائدا-

١- خواب ڏسڻ واري کي گهرجي تہ هر ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو خواب نہ ٻڌائي، ڪنهن وڏي عالم کي ٻڌائي جيڪو تعبير جو بہ ماهر هجي، پر جيڪڏهن ڪو وڏو عالم، تعبير جو ماهر نہ ملي تہ جنهن کي ٻڌائي ان سان شرط رکي تہ جيڪڏهن توکي منهنجي خواب جو تعبير نہ اچي تہ خاموش رهجانءِ ۽ چئجانءِ تہ مون کي خبر نٿي پوي جيڪڏهن اهو شرط لڳائڻ کان پوءِ خواب جو تعبير برو ٻڌايو ويو يا غلط ٻڌايو ويو تہ بہ خواب خواب رهندو ۽ انشاءَالله نقصان نہ ڏيندو، جيئن قرآن ڪريم جي هن جمله "اِنْ كُنْتُمْ لِلرُّؤْيَا تَعْبُرُوْنَ" مان واضح ٿي رهيو آهي- يعني جيڪڏهن تعبير ڄاڻو ٿا تہ ٻڌايو ۽ جيڪڏهن نٿا ڄاڻو تہ خاموش رهو.

٢- "يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ" (اي سچا يوسف!) مان واضح ٿيو تہ جنهن کان ڪجهہ علم يا هدايت حاصل ٿئي يا حاصل ڪرڻ جو ارادو هجي ان جي عزت، تعظيم ۽ توقير ذهن ۾ رکي ان سان ادب سان ڳالهائجي- ڏسو جيل مان ڇٽي بادشاهہ جي دربار ۾ وري خدمت جي ڊيوٽيءَ تي چڙهندڙ حضرت يوسف (عليه السلام) کان ڪجهہ علم ۽ هدايت حاصل ڪئي هئي تہ ان سان ادب وارن لفظن ۽ سهڻن لقبن سان گفتگو ڪرڻ لڳو هو- شاگرد استاد جو، مريد مرشد جو، پٽ پيءُ جو، مقتدي امام جو ۽ عوام علماءَ جو ادب ڪري ۽ ساڻن تعظيم ۽ احترام کي ذهن ۾ رکي گفتگو ڪري.

سوال: علم تعبير جي خصوصيت ڪهڙي آهي؟ جو ان کي ايتري خصوصيت سان بيان ڪندي ارشاد ٿيو تہ "آتَيْنَاهُ" (اسان ان کي اهو علم ڏنو هو)-

جواب- وجہ هي آهي تہ خيال ۾ آيلن امرن جو عقلي ۽ روحاني حقيقت ڏانهن منتقل ڪرڻ تہ ڦهريان ئي ڪان مشڪل هو پر جڏهن ان ۾ اخلاق مضطربه شامل ٿيا تہ ڪم اجان بہ ڏکيو ٿي ويو ڇوتہ باطن کي ظاهر ۾ آڻڻ جو نالو تعبير آهي ۽ اهو آڻڻ هر هڪ جو ڪم ناهي باطن الله جل جلاله جو علم آهي جيستائين اهو نہ ٻڌائي تيستائين يقيني پتو نٿو پوي- ۽ ان جي ڪري ئي حضرت يوسف (عليه السلام) فرمايو هو تہ "عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ" مون کي منهنجي رب سيکاريو آهي- ها اهو علم الله جل جلاله جي نبين عليهم السلام جي ذريعي اصحابن، ۽ انهن جي شاگردن ۽ ٻين تائين بہ پهتو آهي. پر ماهر هجڻ شرط آهي.

سوال: وڏا نجومي ۽ خوابن جي تعبير جا ڄاڻندڙ بادشاه واري خواب جي تعبير ٻڌائڻ کان عاجز ڇو ٿيا؟ ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟

جواب- قدرت واري انهن کي ان خواب جو تعبير ذهن ۾ نه آندو تانته ان جو تعبير حضرت يوسف (عليه السلام) ٻڌائي ۽ اهو سندس آزاد ٿيڻ ۽ بلندين تي پهچڻ جو ذريعو ۽ سبب بڻجي. "والله اعلم وعلمه اتم واحکم".

قَالَ تَزْرَعُوْنَ سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ فَمَا حَصَدْتُّمْ فَذَرُوْهُ فِيْ سُنْۢبُلِهٖٓ

چيائين ته پوک پوکيندؤ ست سال لاڳيتا پوءِ جيڪو لاٻارو ڪيو پوءِ ڇڏيو ان کي ان جي سنگن ۾

اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ ﴿٤٧﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ شِدَادٌ

پر ٿورو ان مان جيڪو کائو ان کان پوءِ ايندا پڇاڙان ان جي ست سخت (سال) جيڪي

يَّاْكُلْنَ مَا قَدَّمْتُمْ لَهُنَّ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تُحْصِنُوْنَ ﴿٤٨﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ

کائيندا اهو جو اڳي رکيو اوهان انهن لاءِ پر ٿورو ان مان جو بچائي رکندؤ، ان کان پوءِ ايندو

بَعْدِ ذٰلِكَ عَامٌ فِيْهِ يُغَاثُ النَّاسُ وَفِيْهِ يَعْصِرُوْنَ ﴿٤٩﴾ ع

پڇاڙان ان جي هڪ اهڙو سال جو ان ۾ مينهن وسايا ويندا ماڻهو ۽ ان ۾ رس ڪڍندا.

تفسير

گذريل آيتن ۾ تعبير پڇڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ تعبير ٻڌائڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي- "قَالَ تَزْرَعُوْنَ سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ فَمَا حَصَدْتُّمْ فَذَرُوْهُ فِيْ سُنْۢبُلِهٖٓ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ". چيائين ته ست سال لاڳيتا پوک پوکيندؤ پوءِ جيڪو لاٻارو ڪيو اهو ان پوک وارن سنگن ۾ ڇڏي ڏيو پر ايترو ٿورو ڪڍو جيترو کائو- بادشاهه جي طرفان موڪليل قاصد جو بيان ٻڌي حضرت يوسف (عليه السلام) اهڙي نموني تعبير ڪرڻ شروع ڪيو جو الله جل جلاله جي طرفان عطا ڪيل علم ۽ حڪمت جا دفتر کلي پيا- صرف خواب جو تعبير ئي نه ٻڌايائين پر نظام سلطنت جو پورو

قانون سمجهائي ڇڏيائين- حڪمت جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌايائين جو ڪنهن وڏي داناءَ کي به نه اچن ۽ پوک پوکڻ جون به اهي باريک حڪمتون بيان ڪيائين جو وڏي عمر واري تجربي ڪار زميندار کي به ذهن ۾ نه هجن ۽ ثابت ڪري ڏيکاريائين ته الله جل جلاله جو نبي کهڙي به ماحول ۾ نپائجي وڏو ٿئي پر ان جو بي مثل علم اقوام عالم کي محيط ۽ دنيا جي عقلمندن تي غالب هوندو آهي- فرمان مبارک آهي ته: اي مصر وارؤ! اوهان ست سال مسلسل پوک پوکيندؤ ان پوک مان مراد معمول مطابق هر قسم جي پوک ڪڻڪ، ٻاجهري، جوئر، ساريون، مڪئي، باغات وغيره آهن- پوءِ انهن مان سنگن ۾ رهڻ جهڙا اناج وغيره سنگن ۾ ئي ڇڏي سرڪاري گودامن ۾ گڏ ڪرائجو پر ايترو صاف ڪري ڪڍجو جيڪو کائو- حضرت يوسف (عليه السلام) سنگن ۾ ڇڏڻ جو مشورو ان جي ڪري ڏنو هو جو تجربو آهي ته جيستائين اناج سنگ ۾ هوندو ته نه پراڻو ٿيندو ۽ نه ان کي ڪيڙو وغيره لڳندو. "ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ شِدَادٌ يَّاْكُلْنَ مَا قَدَّمْتُمْ لَهُنَّ". ان ستن سالن گذرڻ کان پوءِ اهڙا سخت ست سال ايندا جيڪي اوهان جي اڳ ڪٺي طور رکيل اناج کي کائي ويندا- يعني پهرين ستن سڪار وارن سالن کان پوءِ ست سال سخت ڏڪار وارا ايندا جيڪي گذريلن سالن ۾ گڏ ڪيل اناج کي کائي ويندا. بادشاه جڏهن ته خواب ۾ ائين ڏٺو هو ته ست ڏبرا ڏاند ستن طاقتور ڏاندن کي کائي ويا هئا ان جي ڪري خواب جي تعبير ۾ ان جي مناسب الفاظ استعمال فرمايا هيائين- نه ته سال ته کائڻ واري شيءِ ناهن-

"اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تُحْصِنُوْنَ". مطلب ته مگر اهو رهندو جيڪو ٻج وغيره لاءِ بچائي رکندؤ.

"ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَامٌ فِيْهِ يُغَاثُ النَّاسُ وَفِيْهِ يَعْصِرُوْنَ" ان کان پوءِ اهڙو سال ايندو جو ان ۾ ماڻهن تي مينهن وسايو ويندو ۽ ان ۾ (انگور) نپوڙيندا-

انبياءِ ڪرام عليهم السلام
اخلاق حسنه جا مالک هوندا آهن

جڏهن قيد مان ڇٽي بادشاه وٽ پهچي ساڳي ڊيوٽي ڪرڻ وارو شخص جنهن کي حضرت يوسف (عليه السلام) فرمايو هو ته منهنجو معاملو به بادشاه وٽ پيش ڪجانءِ، سندس دربار ۾ خواب جو تعبير پڇڻ آيو ته پاڻ ان کي ڪجهه نه چيائين ته تو مون کي ياد ئي نه ڪيو هينئر تعبير پڇڻ چو آيو آهين؟ بلک پاڻ پنهنجي سهٽي

اخلاق جو مظاهرو ڪندي ان کي ٽي شيون عطا فرمايائين. ١- خواب جو تعبير تہ ست سال خوشحاليءَ وارا ايندا انهن کان پوءِ ڏڪار جا ست سال ايندا. ٢- تدبير، تہ اناج سنگن ۾ پيو هجي اهو سرڪاري گودامن ۾ رکائجو تہ تازو بہ رهندو ۽ ان کي ڪيڙو بہ نہ لڳندو. ٣- تبشير، خوشخبري تہ- ڏڪار وارن سالن کان پوءِ سڪاروارا سال ايندا جنهن ۾ رب العزة جل جلالہ جي طرفان ماڻهن جي دانهن ٻڌي ويندي ۽ اهڙو رحم ۽ ڪرم وارو مينهن وسندو جو پوڪون وغيره ٿينديون ۽ اهڙا ميوا ٿيندا جو ماڻهو انگور نپوڙي انهن مان رس ڪڍندا. ۽ اهائي رس ڪڍڻ واري ڳالهہ ان تعبير پڇندڙ جي دل وٽان هئي ڇوتہ اهو بہ بادشاهہ کي انگور نپوڙي رس پياريندو هو.

فائدا-

هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "قَذَرُوْهُ فِيْ سُنْۢبُلِهٖٓ" (پوءِ ان کي سندس سنگن ۾ ڇڏيو) مان ثابت ٿيو تہ ان جي باوجود جو هر شيءِ تقدير ۾ هوندي آهي تدبير اختيار ڪرڻ ضروري آهي ۽ اها الله جل جلالہ جي مرضيءَ جي خلاف ناهي. ٢- "اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ" (پر جيڪو کائو ٿا ان مان ٿورو) مان ثابت ٿيو تہ کائڻ ۾ فضول خرچي ڪرڻ منع آهي ۽ اها ٽي قسم آهي. ١- اها جنهن سان صحت خراب ٿئي. ٢- اها جنهن سان دولت جو نقصان ٿئي. ٣- اها جنهن سان ايمان جو زيان ٿئي- ٽنهي قسمن کان پاسو ڪجي نہ گهٽو کائجي نہ حرام کارائجي.

وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوْلُ قَالَ

۽ چيو بادشاهہ تہ آڻيو مون وٽ ان کي پوءِ جڏهن آيو ان وٽ قاصد تہ چيائين

ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ فَسْـَٔلْهُ مَا بَالُ النِّسْوَةِ الّٰتِيْ قَطَّعْنَ

موٽ بادشاهہ پنهنجي ڏانهن پوءِ پڇ ان کان تہ ڪهڙو حال آهي انهن عورتن جو جن وڍيا

اَيْدِيَهُنَّ ۭ اِنَّ رَبِّيْ بِكَيْدِهِنَّ عَلِيْمٌ ۝۵۰ قَالَ مَا خَطْبُكُنَّ اِذْ

پنهنجا هٿ؟ بيشڪ رب منهنجو انهن جي مڪر کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي چيائين تہ ڪيئن آهي معاملو اوهان جو جڏهن

رَاوَدْتُّنَّ يُوْسُفَ عَنْ نَّفْسِهٖ ۭ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا عَلِمْنَا عَلَيْهِ

طلب ڪئي اوهان يوسف کان ان جي نفس جي خواهش، چيو عورتن تہ پاڪائي آهي الله جي لاءِ نہ ڄاتي سون ان تي

مِنْ سُوْٓءٍ قَالَتِ امْرَءَةُ الْعَزِيْزِ الْئٰنَ حَصْحَصَ الْحَقُّ اَنَا

ڪا بہ برائي ڇيو زال عزيز جي تہ هاڻي ظاهر ٿيو حق مون

رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ وَاِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۵۱﴾ ذٰلِكَ لِيَعْلَمَ

طلب ڪئي هئي ان ڪان نفساني خواهش ان جي ۽ بيشڪ اهو البتہ سچن مان آهي اهو ان جي ڪري (ڪيم) تانتہ يقين ڪري تہ

اَنِّيْ لَمْ اَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَاَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ كَيْدَ الْخَآئِنِيْنَ ﴿۵۲﴾

بيشڪ مون نہ خيانت ڪئي ان سان غائبانہ حالت ۾ ۽ بيشڪ الله نٿو هلڻ ڏي مڪرخيانت ڪندڙ جي ڪي.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ خواب جي تعبير ٻڌائڻ جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ اهو تعبير ٻڌي، بادشاهہ جي طرفان حضرت يوسف (عليه السلام) جي طلب ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوْلُ قَالَ ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ فَسْئَلْهُ مَا بَالُ النِّسْوَةِ الّٰتِيْ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ" ۽ بادشاهہ چيو تہ ان (حضرت يوسف عليه السلام) کي مون وٽ وٺي اچو پوءِ جڏهن ان (حضرت يوسف عليه السلام) وٽ قاصد آيو، پوءِ ان کي فرمايائين تہ پنهنجي بادشاهہ ڏانهن موٽي وڃ ان کان پڇ تہ انهن عورتن جي حقيقت ڪيئن آهي؟ جن پنهنجا هٿ وڍيا هئا؟-

بادشاهہ قيد مان ڇٽي آيل نوڪر جي ڳالهہ تي ئي حضرت يوسف (عليه السلام) جو معتقد ٿي ويو هو پر وري جو خواب جو سهڻو تعبير ۽ رعيت جي همدرديءَ جي تدبير ٻڌائين تہ حضرت يوسف جي علم، فضل، عقل، دانائيءَ ۽ سهڻي اخلاق جو سڪو سندس دل ۾ ويهي ويو- هڪدم حڪم ڏنائين تہ ان شخصيت کي مون وٽ وٺي اچو تانتہ ان جي ملاقات سان محظوظ ٿيان ۽ سندس مرتبي ۽ قابليت آهر عزت ڪريان، قاصد بادشاهي حڪم ڪٽي حضرت يوسف (عليه السلام) جن جي خدمت ۾ حاضر تہ ٿيو پر

حضرت يوسف عليه السلام جي نظر ۾ پنهنجي ديني ۽ اخلاقي پوزيشن جي برتري ۽ صفائي دنيوي اعلىٰ عزت ۽ وجاهت کان وڌيڪ اهم هئي. پاڻ سمجهيائين تي ته الله جل جلاله جي نبي جي متعلق ماڻهن جي ٿوري کان ٿوري بد ظني به هدايت ۽ ارشاد جي ڪم ۾ زبردست وڏي رڪاوٽ هوندي آهي جيڪڏهن اڄ مان بادشاهي فرمان جي مطابق ماٺ مٺ ۾ قيد خاني کان نڪري ويس ۽ ڪوڙي تهمت جي سلسلي ۾ سالن جا سال قيد جون مصيبتون برداشت ڪيم ۽ ان جو قطعي طور رد نه ٿيو ته ممڪن آهي جو ڪيترا ناواقف ماڻهو منهنجي معصوم هجڻ جي متعلق تردد ۽ شبهي ۾ رهيا پيا هجن ۽ ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ حاسد ان ئي غلط ڳالهه کي استعمال ڪري منهنجي خلاف منصوبو ٺاهين انهن مصلحتن تي نظر رکندي پاڻ بادشاهي آرڊر جي تعميل ۾ جلد بازي نه ڪيائين پر نهايت صبر ۽ استقلال جو مظاهرو ڪندي قاصد کي فرمايائين ته: تون واپس وڃي بادشاهه کان پڇ ته توکي انهن عورتن جي واقعي جي ڪجهه حقيقت معلوم آهي جن زليخا جي دعوت جي موقعي تي هٿ وڍيا هئا؟ سندس مقصد بادشاهه کي ان مشهور واقعي ڏانهن متوجه ڪرڻ هو- تانت بادشاهه انهن کان پڇي ۽ اهي جڏهن حقيقت بيان ڪنديون ته سندس بي قصور هجڻ ظاهر ٿيندو- "اِنَّ رَبِّيۡ بِكَيۡدِهِنَّ عَلِيۡمٌ" يقيناً منهنجو رب انهن جي مڪر کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي- مطلب ته انهن عورتن جيڪو مون لاءِ مڪر ڪيو هو، الله جل جلاله ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي پر منهنجي مرضي آهي ته بادشاهه به ان حقيقت کان ڪلي طرح واقف ٿئي ۽ منهنجي پاڪ دامنيءَ ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو شبهو نه رهي.

سوال- امام احمد، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ابوالشيخ، حاڪم، ۽ ابن مردويه حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هيءَ آيت "فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوۡلُ" (آيت) پڙهي فرمايو "جيڪڏهن (يوسف عليه السلام جي جاءِ تي قيد خاني ۾) مان هجان ها ته (بادشاهه جي پيغام کي) تڪڙو قبول ڪري نڪران ها ۽ عذر طلب نه ڪيان ها" ان جو مطلب ڇا آهي؟

جواب- مفسر قرطبي عليه الرحمته لکيو آهي ته: حضرت يوسف (عليه السلام) جي

طريقي ڪار ۾ صبر، تحمل ۽ سهڻي اخلاق جو عظيم الشان ثبوت آهي جيڪو پنهنجي جاءِ تي تعريف جي قابل آهي پر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جنهن طريقي ڪار کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪري فرمايو امت جي تعليم ۽ عوام جي خيرخواهيءَ لاءِ اهوئي مناسب ۽ افضل آهي ڇوته بادشاهن جي مزاج تي ڪو اعتماد ناهي، اهڙي موقعي تي شرط لڳائڻ ۽ دير ڪرڻ عام ماڻهن لاءِ مناسب ناهي ممڪن آهي ته بادشاهه جي راءِ بدلجي وڃي ۽ پوءِ جيل واري مصيبت بدستور قائم رهي. حضرت يوسف (عليه السلام) کي ته الله جي رسول هجڻ جي حيثيت سان اهو علم ٿي سگهي ٿو ته ان دير ڪرڻ جي ڪري ڪو نقصان نه ٿيندو پر ٻين کي ته اهو مقام حاصل ناهي، رحمة للعالمين نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي مزاج مبارڪ ۾ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ جي اهميت وڌيڪ هئي ان جي ڪري فرمايائون ته "جيڪڏهن مان اتي هجان ها ته بادشاهه جي پيغام تي نڪران ها" ڪو شرط وغيره نه رکان ها- ائين ڇوڻ سان پاڻ پنهنجن امتين لاءِ آساني ڪري ويا. (١)-

"قَالَ مَاخَطْبُكُنَّ اِذْرَاوَدْتُّنَّ يُوْسُفَ عَنْ نَّفْسِهٖ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَاعَلِمْنَا عَلَيْهِ مِنْ سُوْٓءٍ"

(بادشاهه عورتن کي چيو) ته اوهان جڏهن يوسف کان سندس نفساني خواهش طلب ڪئي هئي ته ان وقت اوهان جو معاملو ڪيئن هو؟ چيائون ته الله جي لاءِ پاڪائي آهي ته اسان کي ان تي برائيءَ جو علم ناهي- بادشاهه ته پهريان ئي حضرت يوسف (عليه السلام) کان متاثر ٿي چڪو هو پر سندس جيل مان جلد نه نڪرڻ، تحمل ۽ بردباريءَ کي ڏسي وڌيڪ متاثر ٿيو ۽ هڪدم انهن سيني عورتن کي گهرائي پڇيائين ته: اوهان جو منهنجي عدالت جي اڳيان ٻيهي ان واقعي جي باري ۾ ڪهڙو بيان آهي؟ جڏهن اوهان زليخا جي چوڻ تي يوسف کي ڦاسائڻ جو پروگرام بنايو هو؟ ڇا اوهان ان جو غلط ڪم ڏانهن ڪو لاڙو محسوس ڪيو هو؟ سيني هڪ ئي آواز ۾ عرض ڪيو ته: الله پاڪ آهي اسان ان ۾ ڪابه برائي محسوس نه ڪئي- زليخا سائڻ به اتي موجود هئي يا پردي جي پويان ٻيهي ٻڌي رهي هئي ته عورتون ڇا ٿيون چون؟ جڏهن انهن جو بيان ٻڌائين تڏهن چوڻ لڳي" قَالَتِ امْرَاَةُ الْعَزِيْزِ الْـٰٔنَ حَصْحَصَ

(١) القرطبي صـ٢٠٧ جلد ٩-معارف القرآن صـ٦٦ جلد ٥.

الْحَقُّ أَنَا رَاوَدْتُّهُ عَنْ نَّفْسِهِ وَإِنَّهُ لَمِنَ الصَّادِقِيْنَ" عزيز جي زال چيو تہ: هينئر حق ظاهر ٿيو آهي مون ان کان سندس نفساني خواهش طلب ڪئي هئي ۽ يقينًا اهو سچن مان آهي. يعني اندروني طرح تہ سيني کي ذهن ۾ هو تہ يوسف پاڪ صاف آهي پر جڏهن تہ هاڻي ڳالهہ کلي ميدان ۾ آئي آهي تہ مان بہ اقرار ڪيان ٿي تہ مون ان کان نفساني خواهش طلب ڪئي هئي ۽ اهو پاڪ صاف ۽ سچن ۾انهن مان آهي. ان جو ڪوبہ قصور ناهي.

"ذَالِكَ لِيَعْلَمَ أَنِّيْ لَمْ أَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَأَنَّ اللّٰهَ لَايَهْدِيْ كَيْدَ الْخَائِنِيْنَ" اهو ان جي ڪري تانت اهو ڄاڻي تہ مون ان سان غائبانہ خيانت نہ ڪئي آهي ۽ يقينًا الله خيانت ڪندڙن جي مڪر کي رستو نہ لائيندو آهي- هي حضرت يوسف (عليه السلام) جو فرمان آهي ۽ ان وقت چيو هيائين جڏهن بادشاهہ جو قاصد وري ڪيس وٽ آيو ۽ ان عورتن وارو بيان ٻڌايس. حضرت يوسف (عليه السلام) جي ان چوڻ جو مقصد آهي تہ مون اهو مطالبو ڪنهن کي سزا ڏيارڻ لاءِ نہ پر ان لاءِ ڪيو هو تہ مصر جو عزيز يقين ڪري تہ مون سندس غير موجودگيءَ ۾ ڪابہ خيانت نہ ڪئي هئي ۽ اها ڳالهہ بہ يقيني آهي تہ الله خيانت ڪندڙن جي مڪر کي رستو نہ لائيندو آهي ۽ اهي ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا آهن.

فائدا-١- حضرت يوسف عليه السلام جي طرفان قاصد کي واپس موڪلي، مذڪوره مطالبي ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ پنهنجي عزت ۽ حق لاءِ مقدمو درج ڪرڻ جائز آهي ۽ عزت بچائڻ فرض آهي خاص ڪري علماءِ مشائخ جي لاءِ ڇوتہ اهي ماڻهن جي هدايت جو ذريعو آهن.

٢- جج،مفتي ۽ قاضيءَ تي فرض آهي تہ داخل ڪيل مقدمي جي پوري پوري تحقيق ۽ تفتيش ڪري ۽ موجود زماني ۾ چڱي طرح جاچ ڪرڻ کان سواءِ فتوىٰ نہ ڏي ۽ تفتيش جي دوران پڇا ڳاڇا صرف انهن کان ڪري جن جو مقدمي سان تعلق هجي تانت وقت بہ ضايع نہ ٿئي ۽ صحيح حالات بہ سامهون اچن.

٣- عورتن جي طرفان "حَاشَ لِلّٰهِ" چوڻ مان ثابت ٿيو تہ ڪي بت پرست الله جل جلاله کي بہ مڃيندا آهن. جيئن انهن ڪافر عورتن سيني جي روبرو مٿيون جملو چيو ۽ ڪنهن بہ ڪين نہ روڪيو ۽ نہ ٽوڪيو.

٤- حضرت يوسف عليه السلام جي طرفان قاصد کي پهريئن ڀيري واپس ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ تقوىٰ ۽ صبر الله جل جلاله جون وڏيون نعمتون آهن جنهن کي اهي نعمتون مليون اهو وڏو خوش نصيب آهي صبر اول ڪڙو لڳندو آهي پر ان جو

نتيجو ڏاڍو سٺو هوندو آهي.

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ ۭ اِنَّ

۽ نڪي پاڪ ڪيان ٿو مان نفس پنهنجي کي بيشڪ نفس البته ڏاڍو امر ڪندڙ آهي برائي جو پر جنهن تي رحم ڪري رب منهنجو بيشڪ

رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥٣﴾ وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖٓ اَسْتَخْلِصْهُ

رب منهنجو بخشڻهار مهربان آهي، ۽ چيو بادشاهه آڻيو مون وٽ ان کي ته چونڊي رکان مان ان کي

لِنَفْسِيْ ۚ فَلَمَّا كَلَّمَهٗ قَالَ اِنَّكَ الْيَوْمَ لَدَيْنَا مَكِيْنٌ اَمِيْنٌ ﴿٥٤﴾ قَالَ

سر پنهنجي لاءِ پوءِ جڏهن ڳالهايائين ان سان ته چيائين بيشڪ تون اڄ (کان ٿي) اسان وٽ مرتبي وارو امانت وارو آهين فرمايائين ته

اجْعَلْنِيْ عَلٰي خَزَاۗىِٕنِ الْاَرْضِ ۚ اِنِّىْ حَفِيْظٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٥﴾ وَكَذٰلِكَ

مقرر ڪر تون مون کي زمين جي خزانن تي بيشڪ مان حفاظت ڪندڙ، ڄاڻندڙ آهيان ۽ اهڙيءَ طرح

مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْاَرْضِ ۚ يَتَبَوَّاُ مِنْهَا حَيْثُ يَشَاۗءُ ۭ نُصِيْبُ

قوت ڏني سون يوسف کي زمين ۾ رهي پيو انِ مان جتي گهري پهچايون ٿا رحمت

بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَّشَاۗءُ وَلَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾

پنهنجي جنهن کي گهرون ۽ نٿا ضايع ڪيون بدلو ڀلائي ڪندڙن جو،

وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٧﴾

۽ البته ثواب آخرت جو ڀلو آهي انهن لاءِ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگار بڻيا.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ان

مطالبي جو ذکر هو تہ: منهنجي متعلق وڌيڪ تحقيق ڪيو وڃي تانت زياده پاڪدامني ظاهر ٿئي ۽ هنن آيتن ۾ ان پاڪدامنيءَ جو وجهہ بيان ڪيو ويو آهي تہ: اهو سڀ مون تي منهنجي رب ڪريم جو ڪرم ۽ رحم آهي نہ تہ نفس تہ برائيءَ لاءِ چڪيندو آهي- ارشاد الاهي آهي "وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌ ۢ بِالسُّوْۗءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ ۭ اِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" ۽ مان پنهنجي نفس کي پاڪ نٿو پانيان، يقيناً نفس برائيءَ لاءِ وڏو امر ڪندڙ آهي پر جنهن تي منهنجو رب رحم ڪري. بيشڪ منهنجو رب بخشڻهار مهربان آهي- اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيت ۾ "لَمْ اَخُنْهُ" (مون ان سان خيانت نہ ڪئي) مان حضرت يوسف عليه السلام جي پاڪ دامن هجڻ جي دعويٰ ثابت ٿي رهي هئي پر الله جل جلالہ جا مقبول ٻانها پنهنجي ڪنهن بہ ڪمال کي پاڻ ڏانهن نسبت ڪرڻ گوارا نہ ڪندا آهن بلڪ هر خوبي ۽ ڪمال کي پنهنجي رب العزة جل جلالہ جو خالص احسان سمجهندا آهن ان جي ڪري هتي فرمايائين تہ: اها خوبي مون ۾ منهنجي رب ڪريم جو فضل ۽ ڪرم آهي ان ئي منهنجي مدد ڪئي جو مان مصري عورتن جي مڪر ۽ برائيءَ لاءِ زور سان امر ڪندڙ نفس جي ڌوڪي کان بچي ويس- جيڪڏهن منهنجو رب مون تي رحم نہ ڪري ها تہ مان نفس اماره جي خواهشات کان ڪيئن بچي سگهان ها- سرڪش نفس جي ڌوڪن ۽ حڪم مڃڻ کان تہ اهوئي بچي سگهي ٿو جنهن تي منهنجو مهربان رب رحم ڪري، يقيناً اهو مغفرت جو مالڪ انتهائي رحم ڪرڻ وارو آهي- هتي "مَا" جو لفظ من جي معنىٰ ۾ آهي جيئن "فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَاۗءِ" ۾ ما "من" جي معنىٰ ۾ آهي، مطلب تہ جنهن جي مٿان الله جل جلالہ جو رحم ٿي ويو اهو نفس جي برائيءَ واري امر جي اطاعت نہ ڪندو مجاهدو ڪري ان کي مطمئنه بنائيندو ۽ ان مجاهدي جي ڪري ملائڪن کان بہ افضل ٿي ويندو. يا مامصدريه آهي- پوءِ مطلب ٿيندو تہ جنهن وقت انسان کي برگزيدي بنائڻ ۽ انبياءِ ڪرام عليهم السلام ڏانهن انابت سان رحمت ئي رحمت پهچندي تہ پوءِ سندس نفس قدرتي تزڪيه سان پاڪ صاف ٿيندو ۽ الله جل جلالہ جي رضا سان مطمئنه بڻجي هن خطاب: "يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَىِٕنَّةُ ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً" سان نوازيو ويندو ۽ ان وقت سندس "سَيِّاٰت" کي حسنات سان مٽائي نيڪين جي لطائف جو امام بنايو ويندو ۽ ڪيس صفا تي تجليات جي لاءِ اهڙي اهليت ۽ استعداد عطا ٿيندي جيڪا عالم امر جي لطائف کي بہ عطا ٿيل نہ هوندي ۽ ڪن جو قول آهي تہ "اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ" ۾ استشناءِ منقطع آهي پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ: منهنجي رب جي رحمت ئي اها

شيءِ آهي جيڪا انسان کان برائيءَ کي پري رکي ٿي ۽ ڪي مفسر فرمائين ٿا تہ: هيءَ آيتون ٥٢-٥٣ زليخا جو قول آهي ۽ "اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيۡ" مان مراد حضرت يوسف (عليه السلام) جو پاڪ نفس آهي. پوءِ معنىٰ هيءَ ٿيندي تہ زليخا چيو تہ: مون جيڪو حضرت يوسف عليه السلام جي پاڪ دامن هجڻ جو بيان ڏنو آهي سو ان لاءِ آهي تہ اهو پڪ سمجهي تہ مون ان سان سندس غير موجودگيءَ ۾ خيانت نہ ڪئي آهي ۽ نہ ڪوڙ هٽي ڪيس مجرم قرار ڏنو آهي جنهن ڳالهہ جي باري ۾ مون کان پڇيو ويو آهي اها مون سچي ٻڌائي آهي ۽ مان پنهنجي نفس کي خيانت کان پاڪ نٿي سمجهان منهنجي غلطي آهي مان معذرت ٿي ڪيان ان جو ڪو ڏوهہ ناهي.

نفس اماره جي اطاعت کان اهو بچي سگهندو جنهن تي الله رحم ڪري جيئن (حضرت) يوسف عليه السلام بچي ويو. (١)-

نفس جا قسم

قرآن پاڪ جي آيتن مان واضح آهي تہ نفس جا ٽي قسم آهن. ١ـ امارة- جيئن هن آيت ۾ ذڪر ٿيو. اهو هميشہ هر قسم جي برائيءَ لاءِ زور ڏئي امر ڪندو آهي- هڪ حديث ۾ آيو آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن اصحابن کان سوال ڪيو تہ: اهڙي رفيق جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي جو جيڪڏهن اوهان ان جي عزت ڪيو، ان کي کاڌو کارايو، ڪپڙا پارايو تہ اهو اوهان کي بلا ۽ مصيبت ۾ وجهي ۽ جيڪڏهن ان کي خوار ۽ ذليل ڪيو بکيو ۽ اگهاڙو رکو- (مطلب تہ سٺا ڪپڙا نہ ڏيو) تہ اوهان سان ڀلائيءَ جو معاملو ڪري؟ اصحابن عرض ڪيو تہ "يارسول الله! صلى الله عليه وسلم دنيا ۾ ان کان وڌيڪ برو ڪوبہ ساٿي نہ هوندو" پاڻ فرمايائون تہ: ان ذات جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ اهي اوهان جا نفس آهن جيڪي اوهان جي پاسن ۾ آهن. (٢)-

٢- نَفۡسٌ لَّوَّامَةٌ- جيڪو انسان کي گناهہ ڪرڻ تي ملامت ڪندو آهي. فرمان الاهي آهي "وَلَاۤ اُقۡسِمُ بِالنَّفۡسِ اللَّوَّامَةِ" ۽ مان ملامت ڪندڙ نفس جو قسم ٿو کڻان- هي نفس بہ ڪجهہ چڱو آهي جيڪو انسان کي رجوع الى الله جي واٽ وٺرائي ٿو.

٣- نَفۡسٌ مُطۡمَئِنَّةٌ- نيڪيءَ سان اطمينان حاصل ڪندڙ جيئن ارشاد آهي. "يٰۤاَيَّتُهَا النَّفۡسُ الۡمُطۡمَئِنَّةُ ارۡجِعِيۡۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرۡضِيَّةً".

(١) مظهري صـ٣٩ تفسير سورة يوسف جلد٥ (٢) القرطبي صـ٢١٠ جلد٩ .

وڏيک وضاحت هيءَ آهي تہ هر انساني نفس ذاتي طور برائيءَ جو امر ڪندڙ آهي پر جڏهن انسان الله جي خوف ۽ آخرت جي ڊپ کان ان جون خواهشون پوريون نٿو ڪري تہ اهو لوامہ بنجي ٿو وڃي. برن ڪمن تي ملامت ڪرڻ سان گڏ توبہ ۽ رجوع الی الله جو چوي ٿو ۽ جڏهن انسان مجاهدا ڪندي پنهنجي نفس کي اهڙي حالت ۾ پهچائي ٿو جو ان ۾ برن ڪمن جي تقاضا ئي نہ رهي تہ اهو مطمئنہ ٿي ويندو آهي امت جي صالح فردن کي مجاهدي ۽ رياضت سان اهو مقام حاصل ٿيندو آهي پر ان هوندي بہ ان حالت تي هميشہ رهڻ يقيني نہ هوندو آهي- ها انبياءعظام عليهم السلام کي خود بخود الله جل شانہ جي عطا سان مجاهدن ڪرڻ کان سواءِ ئي اهڙو نفس مطمئنہ ملندو آهي جيڪو هميشہ ان حالت تي رهندو آهي. (۱)- آيت جي آخر ۾ آيو آهي: "اِنَّ رَبِّيۡ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ". غفور جي لفظ ۾ ان طرف اشارو آهي تہ اماره نفس بہ جڏهن گناهہ تي پيشمان ٿي توبہ ڪري لوامہ ٿيندو آهي تہ الله جي مغفرت وڏي آهي اِهو ان کي معاف فرمائيندو. رحيم جي لفظ ۾ ان طرف اشارو آهي تہ مطمئنہ نفس ملڻ الله جي رحمت جو ئي نتيجو آهي- "وَقَالَ الۡمَلِكُ ائۡتُوۡنِيۡ بِهٖۤ اَسۡتَخۡلِصۡهُ لِنَفۡسِيۡ" ۽ بادشاهہ چيو تہ ان کي مون وٽ آڻيو تہ مان ان کي پنهنجي ذات لاءِ خالص (خاص) ڪري رکان- يعني جڏهن مصر جي بادشاهہ مصري عورتن جو بيان ٻڌو زليخا ۽ ٻين عورتن پنهنجي قصور جو اعتراف ۽ اقرار ڪيو تہ بادشاهہ حڪم ڏنو تہ حضرت يوسف عليه السلام کي مون وٽ وٺي اچو تہ مان ان کي پنهنجو خاص مشير بنايان. جڏهن حضرت يوسف عليه السلام کي ٻيو پيرو قاصد وٺڻ آيو تہ پاڻ غسل ڪري نوان ڪپڙا پاتائين. (۲)- ۽ سڀني جيل وارن لاءِ هيءَ دعا گهريائين: "اَللّٰهُمَّ اعۡطِفۡ عَلَيۡهِمۡ قُلُوۡبَ الۡاَخۡيَارِ". (۳)- ياالله انهن تي (پنهنجن) سٺن ٻانهن جون دليون نرم بناءِ- ۽ جيل جي دروازي تي هيءَ عبارت لکي ڇڏيائين "هٰذِهٖ مَنَازِلُ الۡبَلۡوٰي وَقُبُوۡرُ الۡاَحۡيَاءِ وَشِمَاتَةُ الۡاَعۡدَاءِ وَتَجۡرِبَةُ الۡاَصۡدِقَاءِ". (۴)- هي آزمائش جون منزلون ۽ جيئرن جون قبرون ۽ دشمنن جون خواريون ۽ دوستن کي آزمائڻ جا ذريعا آهن. جڏهن قاصد سان گڏجي بادشاهي دربار جي دروازي تي پهتو تہ هيءَ دعا پڙهيائين "حَسۡبِيَ رَبِّيۡ مِنۡ خَلۡقِهٖ عَزَّ جَارُهٗ وَجَلَّ ثَنَاؤُهٗ وَلَاۤ اِلٰهَ غَيۡرُهٗ". (۵)- مون لاءِ منهنجو رب سندس مخلوق (جي شر) کان ڪافي آهي ان جي پناهہ غالب ۽ ان جي ثنا وڏي آهي ۽ ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي. ۽ جڏهن دربار ۾ داخل

(۱) معارف القرآن صـ۷۴-۷۵ جلد۵. (۲) حوالو ساڳيو (۳) الصاوي صـ۲۳۰ جزء ۲. (۴) ڪمالين شرح جلالين صـ۱۹۲ جلد۳. (۵) القرطبي صـ۲۱۰ جلد ۹.

ٿيو تہ وري بہ رب العزة جل جلالہ ڏانهن متوجہ ٿي دعا گهريائين- جڏهن بادشاهہ سندس ديدار ڪيو تہ بادشاهي تخت تان لهي ڪيس ان وقت جي رواج موجب سجدو ڪيائين ۽ ڪيس وٺي پاڻ سان گڏ تخت تي وهاريائين ۽ هي قول بہ آهي تہ جڏهن حضرت يوسف عليه السلام بادشاهہ جي دربار ۾ داخل ٿيو تہ ان تي عربيءَ ۾ سلام چيائين، بادشاهہ ڪانئس پڇيو تہ: اها ڪهڙي ٻولي آهي؟ فرمايائين تہ:اها منهنجي چاچي حضرت اسماعيل (عليه السلام) جي ٻولي آهي. ان کان پوءِ بادشاهہ کي عبراني ٻوليءَ ۾ دعا ڪيائين، بادشاهہ پڇيو تہ: اها ڪهڙي ٻولي آهي؟ فرمايائين تہ اها منهنجن ابن، ڏاڏن، ابراهيم، اسحاق، ۽ يعقوب (عليهم السلام) جي ٻولي آهي- بادشاهہ بہ ستر (٧٠) ٻوليون ڳالهائڻ ڄاڻندو هو- ان مختلف ٻولين سان ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ جنهن بہ ٻوليءَ سان ڳالهايائين ٿي تہ حضرت يوسف (عليه السلام) ڪيس ان ٻوليءَ ۾ جواب ڏنو ٿي ۽ ان وقت حضرت يوسف (عليه السلام) جي عمر ٽيهہ (٣٠) سال هئي، بادشاهہ کي انهيءَ ڳالهہ بہ عجب ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ڪيس عرض ڪيائين تہ مون کي روبرو مون واري خواب جي تعبير ٻڌاءِ، تہ پاڻ ان کي سندس ڏٺل خواب ۽ ان جو تعبير اهڙي سهڻي نموني سان ٻڌايائين جو حيرت ۾ پئجي ويو. (١)- "فَلَمَّا كَلَّمَهُ قَالَ إِنَّكَ الْيَوْمَ لَدَيْنَا مَكِينٌ أَمِينٌ". پوءِ جڏهن ان سان ڳالهايائين تہ چيائين بلاشڪ تون اڄ (کان) اسان وٽ عزت وارو، امين آهين مطلب تہ روبرو ملڻ، ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان پوءِ بادشاهہ وڌيڪ مطمئن ٿيو ۽ ڪيس عرض ڪيائين تہ: جيئن چوندي تيئن ٿيندو ۽ امن سان رهہ ڪنهن جو بہ ڊپ نہ ڪر- "قَالَ اجْعَلْنِي عَلَىٰ خَزَائِنِ الْأَرْضِ ۖ إِنِّي حَفِيظٌ عَلِيمٌ" چيائين تہ: مون کي زمين جي خزانن تي مقرر ڪر يقيناً مان حفاظت ڪندڙ گهڻو ڄاڻندڙ آهيان- مطلب تہ مان مالي امور ۾ وڏي مهارت رکان ٿو مون کي معلوم آهي تہ ڪهڙيءَ طرح دولت کي مفيد ۽ ڪمائيءَ وارن مقصدن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ان جي ڪري بهتر آهي تہ مون کي مالي وزارت جو عهدو ڏي،مان تنهنجن خزانن کي چڱيءَ طرح سنڀاليندس جو سٺي سنڀال ڪندڙ آهيان ۽ غلط استعمال نہ ڪندس جو ڄاڻ رکندڙ آهيان.

سوال- ڇا هڪ مسلمان لاءِ جائز آهي جو اهو ڪنهن فاسق، فاجر حڪمران يا هڪ غيرمسلمان جي حڪومت ۾ ڪو عهدو قبول ڪري؟

جواب- علماءِڪرام وڏي وضاحت سان لکيو آهي تہ: جيڪڏهن ڪنهن کي اهو انديشو

(١) القرطبي صـ٢١١ جلد٩.

آهي تہ وقت جو ظالم بادشاھ ان کي ناجائز ڪمن ۾ استعمال ڪندو تہ ان صورت ۾ ان جو ڪوبہ عهدو قبول ڪرڻ جائز ناهي پر جيڪڏهن غالب گمان آهي تہ اهو بادشاھ کي عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو ۽ سندس خدمتون ملڪ کي معاشي خوشحالي ۽ سياسي استحڪام ڏيڻ ۾ مفيد ثابت ٿينديون تہ پوءِ ڪيس فاسق يا ڪافر بادشاھ جي حڪومت ۾ بہ عهدو قبول ڪرڻ جائز آهي، سيدنا حضرت يوسف عليه السلام بہ ان بادشاھ جي مملڪت ۾ وزير خزانہ جو عهدو ان بناء تي قبول ڪيو هو جو ان بادشاھ ڪيس هر قسم جا اختيارات ڏنا هئا ۽ پاڻ آزاديءَ سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيڻ جي طاقت رکيائون ٿي. (١)-

"وَكَذَٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوسُفَ فِى الْأَرْضِ يَتَبَوَّأُ مِنْهَا حَيْثُ يَشَاءُ" ۽ اهڙي طرح يوسف کي زمين ۾ قوت ڏني سون ان مان جتي گهري رهي- مطلب تہ: اسان پنهنجي قدرتي ڪمال سان (حضرت) يوسف عليه السلام کي ڪنعاني جهنگل جي هڪ قتل ۽ ويران کوھ مان ڪڍي مصر جهڙي متمدن ۽ ترقي يافتہ ملڪ جي سيني خزانن جي سنڀال جو اهم عهدو عطا فرمايو- "نُصِيبُ بِرَحْمَتِنَا مَن نَّشَاءُ وَلَا نُضِيعُ أَجْرَ الْمُحْسِنِينَ" جنهن کي گهرون ٿا ان کي پنهنجي رحمت پهچايون ٿا ۽ نيڪي ڪندڙ جو اجر ضايع نٿا ڪيون- مطلب تہ اسان جي رحمت ۽ عنايت جو دروازو هر ان شخص لاءِ کليل آهي جيڪو سهڻي سيرت ۽ عمده اخلاق جو صاحب آهي اسين نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نہ ڪندا آهيون.

حضرت يوسف عليه السلام جو عهدو سنڀالڻ

جڏهن بادشاھ حضرت يوسف عليه السلام کي گهرايو ۽ ڳالھ ٻولھ کان مطمئن ٿيو تہ هڪ سال تہ ڪيس پاڻ وٽ هڪ مهمان جي حيثيت سان رهايائين- ان کان پوءِ ڪيس سڏائي تاج پهرايائين ۽ سندس ڪلهي تي پنهنجي تلوار رکيائين ۽ سندس لاءِ سونو تخت موتين ۽ ياقوت سان جڙيل رکرايائين جنهن جي ڊيگھ ٽيھ (٣٠) هٿ ۽ ويڪر ڏھ (١٠) هٿ هئي، ان تي ٽيھ قالين ۽ سٺ سنهيون چادرون پيل هيون. پاسن کان ريشم لڳل هوس. پوءِ حضرت يوسف (عليه السلام) کي چيائين تہ تخت تي ويهڻ لاءِ ٻاهر تشريف فرما ٿيو- جڏهن ٻاهر نڪتا تہ سندس رنگ مبارڪ برف وانگر ۽ منهن مبارڪ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪندڙ هو جڏهن تخت تي ويٺا تہ ٻين ملڪن جا بادشاھ بہ سندس سلام ڪرڻ آيا- بادشاھ پنهنجي محلات ڏانهن ويو ۽ مصر جا سڀ ڪم سندس حوالي ڪري ڇڏيائين. ابن زيد جو قول آهي تہ مصر جي بادشاھ

(١) ضياءُالقرآن صہ٤٣٧ جلد ٢.

(جنهن جو نالو ريان هو) ان جا خزانا تمام گهڻا هئا اهي سمورا خزانا حضرت يوسف عليه السلام جي حوالي ڪري ڇڏيائين ۽ سندس هر حڪم نافذ ٿيندو رهيو. (١)-

زليخا سائڻ سان شادي

ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم ابن اسحاق کان آندو آهي ته جڏهن حضرت يوسف (عليه السلام) مصر جو (پاور فل) وزير خزانه ٿيو ته انهن ئي ڏينهن ۾ مصر جي عزيز (قطفير) وفات ڪئي ۽ بادشاهه (ريان) زليخا جي شادي حضرت يوسف سان ڪرائي ڇڏي. پوءِ جڏهن زال ۽ مڙس پاڻ ۾ گڏجي ويٺا ۽ گفتگو ٿي ته حضرت يوسف (عليه السلام) زليخا کي فرمايو ته ڇا هي طريقو ان کان ڀلو ناهي جنهن ڏانهن تو مون کي سڏيو ٿي؟ زليخا کيس عرض ڪيو ته اي (سهڻا) ۽ سچا! مون کي ملامت نه ڪر مان حسن ۽ جمال واري عورت، دنياوي لحاظ سان گهڻو خوش حال هيس ۽ منهنجي مڙس ۾ عورتن ڏانهن اچڻ واري طاقت نه هئي ۽ تون تمام گهڻو سهڻو هئين پوءِ مان مجبور ٿي پيس ۽ مون کان اهو سڀ ڪجهه ٿيو جيڪو تو ڏٺو. پوءِ حضرت يوسف عليه السلام ڏٺو ته واقعي زليخا ڪنواري هئي ۽ حضرت يوسف عليه السلام کي ان مان ٻه پٽ ١- افرائيم، ٢- ميشا، ڄاوا. (٢)-

"وَلَأَجْرُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ" ۽ البت آخرت جو اجر انهن لاءِ ڀلو آهي جن ايمان آندو ۽ پرهيزگار بڻيا. مطلب ته: جيڪو ڀلائيءَ ۽ نيڪيءَ جو رستو وٺي ٿو ان لاءِ دنيا ۾ ته حڪومت، ثروت، عيش واري سهڻي زندگي ۽ قلبي غناءُ ملڻ سان فائدو آهي پر انهن لاءِ آخرت جو اجر ۽ ثواب به گهڻو رکيل آهي.

فائدا- هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

نمبر١- "وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ" (مان پنهنجي نفس کي پاڪ نه ٿو ڀانيان) ان مان واضح ٿيو ته ڪوبه ٻانهو پنهنجي نيڪيءَ تي ناز نه ڪري ۽ الله جل جلاله جي رحم کان سواءِ ڪير به نفساني ڏوهن کان بچي نٿو سگهي ۽ ان خدا وندي خصوصي ڪرم جي ڪري ئي انبياءِ ڪرام عليهم السلام هر قسم جي هر گناه کان معصوم آهن. اهي گناه ڪري ته نه سگهندا پر سوچي به نه سگهندا-

"وَلَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ" (۽ نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نٿا ڪيون) ان مان ثابت ٿيو ته: نيڪي ڪندڙ ڪڏهن به مايوس نه ٿئي رب العزت جل شانه جو وعدو پڪو آهي اهو کيس ان نيڪيءَ جو بدلو ڏيندو ۽ سندس محنت جو فائدو کيس

---

(١) المظهري سورة يوسف صـ٤٣ ج ٥. (٢) ساڳيو حوالو

انشاءَ الله تعالىٰ ضرور ملندو.
٣- (وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ الاية) مان ثابت ٿيو تہ نيڪو ڪارن ڪي جيڪو ڪجھ دنيا ۾ مليو آهي اهو آخرت واري انعام جي مقابلي ۾ گهٽ آهي اخروي انعام تمام گهڻو ۽ پلو آهي جيڪو ڪين رب العزت جل جلالہ عطا ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي.

وَجَآءَ اِخْوَةُ يُوْسُفَ فَدَخَلُوْا عَلَيْهِ فَعَرَفَهُمْ وَهُمْ

۽ آيا ڀائر يوسف جا پوءِ داخل ٿيا ان (محل) ۾ پوءِ سڃاتائين انهن کي ۽ اهي ان کي نہ سڃاڻندڙ آهن،

لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٥٨﴾ وَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ قَالَ ائْتُوْنِيْ

۽ جڏهن تيار ڪرائي ڏنائين انهن کي سامان انهن جو تہ فرمايائين آڻيون مون وٽ

بِاَخٍ لَّكُمْ مِّنْ اَبِيْكُمْ ۚ اَلَا تَرَوْنَ اَنِّيْٓ اُوْفِي الْكَيْلَ وَاَنَا

ڀاءُ پنهنجو طرفان پيءُ اوهان جي ڇا نٿا ڏسو تہ بلاشڪ مان پوري ٿو ڏيان ماپ ۽ مان

خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿٥٩﴾ فَاِنْ لَّمْ تَاْتُوْنِيْ بِهٖ فَلَا كَيْلَ لَكُمْ عِنْدِيْ

پلو مهمان نواز آهيان، پوءِ جيڪڏهن نہ آڻيندؤ مون وٽ ان کي پوءِ ناهي ماپ اوهان لاءِ مون وٽ

وَلَا تَقْرَبُوْنِ ﴿٦٠﴾ قَالُوْا سَنُرَاوِدُ عَنْهُ اَبَاهُ وَاِنَّا لَفٰعِلُوْنَ ﴿٦١﴾

۽ نہ ويجها اچجو مون کي، چيائون تہ جلد طلب ڪنداسون ان کي پيءُ ان جي کان ۽ بيشڪ اسين البتہ ڪندڙ آهيون،

وَقَالَ لِفِتْيٰنِهِ اجْعَلُوْا بِضَاعَتَهُمْ فِيْ رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ

۽ چيائين واسطي خادمن پنهنجي تہ رکي ڇڏيو موڙي سندن سامانن سندن ۾ شايد اهي

يَعْرِفُوْنَهَآ اِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٦٢﴾

سڃاڻن ان کي جڏهن موٽندا پنهنجي اهل ڏانهن شايد اهي موٽي اچن.

تفسير

گذريل آيتن ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي غلام جي صورت ۾ رهڻ واري زندگيءَ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ سندس حاڪمانہ زندگيءَ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَجَآءَ اِخْوَةُ يُوْسُفَ فَدَخَلُوْا عَلَيْهِ فَعَرَفَهُمْ وَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ" ۽ يوسف جا ڀائر آيا پوءِ ان وٽ اندر ويا پوءِ (يوسف) انهن کي سڃاتو ۽ انهن ان کي نہ سڃاتو.

ڀائرن جي حضرت يوسف (عليه السلام) جي خدمت ۾ حاضري

جڏهن مصر جي بادشاهہ مملڪت جو سڄو انتظام حضرت يوسف عليه السلام جي حوالي ڪيو، تڏهن پاڻ خوشحاليءَ جي ستن سالن ۾ زراعت ۽ آباديءَ ڏانهن خاص توجہ ڏيڻ فرمايائون. هارين کي وڌيڪ کان وڌيڪ اناج پيدا ڪرڻ جون سهوليتون ڏنائين، غيرآباد زمينن کي آباد ڪرايائين ۽ پيداوار جي حفاظت لاءِ خاص اهتمام ڪرايائين اناج رکڻ لاءِ تمام وڏا ۽ ڪشادہ گودام تعمير ڪرايائين ۽ جيڪو اناج فورًا ضرورت کان وڌيڪ ٿيندو هو ان کي سنگن ۾ رهڻ جو حڪم ڏنائين تانتہ جيتن جي ڪائڻ کان محفوظ رهي ۽ ان عرصي ۾ نوان توڙي پراڻا سمورا گودام اناج سان ڀرجي ويا- نيٺ اهو وقت آيو جو هر طرف قحط ۽ ڏڪار جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا مينهن وسڻ بند ٿي ويو نيل درياءَ جي پاڻيءَ جي سطح گهٽو هيٺ ٿي وئي سرسبز ۽ شاداب علائقن ۾ ڌوڙ اڏامڻ لڳي زرخيز زمينون بنجر بڻجڻ لڳيون، سندس سهڻي تدبير سان جيڪو اناج محفوظ رکيو ويو هو هاڻي اهو ماڻهن ۾ تقسيم ٿيڻ لڳو ۽ اهڙيءَ طرح مصر جا ماڻهو ڏڪار جي هلاڪت واري حالت کان محفوظ رهيا. آس پاس جو علائقو بہ ڏڪار کان مجبور رهيو. مصر ۾ ماڻهن جي لاءِ اناج جو موجود هجڻ ۽ آسانيءَ سان ملڻ مشهور ٿي چڪو هو- حضرت يوسف (عليه السلام) ملڪ کان ٻاهران اچڻ وارن لاءِ بہ مناسب قيمت تي اناج مهيا ڪرڻ جو انتظام ڪري ڇڏيو هو ۽ هر هڪ جي لاءِ اناج جي مخصوص مقدار کان وڌيڪ حاصل ڪرڻ ممنوع هو ان هنگامي حالات ۾ جيڪڏهن پاڻ اهي بهتر طريقا استعمال نہ ڪري ها تہ پاڻ پنهنجي ذميداريءَ کان

صحيح نموني آزاد ٿي نہ سگھي ها جيڪڏهن مصري حڪومت اناج مفت ۾ تقسيم ڪري ها تہ خود مصر جي حالت بگڙجي وڃي ها ۽ جيڪڏهن راشن بنديءَ جو طريقو جاري نہ ڪيو وڃي ها تہ اناج جو ڪيترو بہ ذخيرو هجي ها تہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ ختم ٿي وڃي ها ان ئي سهڻي انتظام ۽ حقيقت سڃاڻڻ جي سببان حضرت يوسف (عليه السلام) ڏڪار جي ستن سالن وارو ڏکيو عرصو پنهنجي ملڪي معشيت کي بحال رکڻ سان گڏ ٻين ملڪن جي ماڻهن جي ضرورت کي پورو ڪندو رهيو- حضرت يوسف (عليه السلام) جو ڪنعان وارو علائقو جتي سندس والد ۽ ڀائر رهندا هئا ڏڪار جو شڪار ٿيل هو ۽ ٻين ماڻهن وانگر حضرت يوسف (عليه السلام) جي ڀائرن بہ بار ڪٺنديڙ اٺ ورتا ۽ مصر ڏانهن روانا ٿيا- جڏهن تہ اناج جي تقسيم جو سمورو ڪم حضرت يوسف (عليه السلام) جي ذاتي نگرانيءَ ۾ ٿيندو هو ان جي ڪري سندس ڀائر جيئن جو مصير ۾ پهتا تہ سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي مجبورين جو اظهار ڪندي اناج وٺڻ لاءِ درخواست ڏنائون حضرت يوسف عليه السلام سان سندن ملاقات جيتوڻيڪ گهڻي عرصي ڪان پوءِ ٿي هئي پر پاڻ ڏسندي ئي پنهنجن ڀائرن کي سڃاڻائين پر انهن ڪيس ڪونہ سڃاتو ۽ اهي سڃاڻن بہ ڪيئن؟ انهن جي تہ وهم ۾ بہ اها ڳالهہ نہ هئي تہ شاهانہ لباس پاتل، سون سان چٽيل ڪرسيءَ تي ويٺل، جنهن جي حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ هزارين ملازم هٿ ٻڌيو بيٺا آهن اهو ننڍيءَ عمر وارو يوسف آهي جنهن کي ڪافي عرصو اڳ پاڻ هڪ اونداهيءَ واري کوه ۾ اڇلايو هيائون ۽ ان مان نڪرڻ ڪان پوءِ ٿورن ڪوڏن درهمن ۾ غلام بنائي وڪڻي ڇڏيو هيائون- حضرت يوسف (عليه السلام) پنهنجي جذبات کي قابوءَ ۾ رکندي هڪ اڻ واقف جي حيثيت سان ڪائن گهر جا حالات دريافت ڪيا ۽ سندن زبان مان نڪتو تہ پوئتي سندن هڪ ڀاءُ رهيل آهي- ٿي سگهي ٿو تہ انهن پنهنجي حصي گهرڻ ڪان پوءِ پنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ لاءِ بہ حصو گهريو هجي ۽ حضرت يوسف (عليه السلام) جي پڇڻ تي چيو هجين تہ اسان جو پيءُ پوڙهو آهي ۽ ان ڀاءُ کي سندس خدمت لاءِ ڇڏي آيا آهيون ۽ ان طرح سندن زبان مان حضرت يوسف عليه السلام جي سڳي ڀاءُ بنيامين جو ذڪر نڪتو هجي- ارشاد رباني آهي "وَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ قَالَ ائْتُونِي بِأَخٍ لَكُمْ مِنْ أَبِيكُمْ أَلَا تَرَوْنَ أَنِّي أُوفِي الْكَيْلَ وَأَنَا خَيْرُ الْمُنْزِلِينَ" ۽ جڏهن انهن کي سندن سامان تيار ڪرائي ڏنائين تہ فرمايائين: مون وٽ پنهنجو پيئيتو ڀاءُ وٺي اچو ڇا اوهان نٿا ڏسو تہ مان هر ڪنهن کي پورو پورو حصو ماپي ڏيان ٿو ۽ مان ڀلو مهمان نواز آهيان. مطلب تہ موڪلائڻ وقت

كين فرمايائين تہ: هن ڀيري بہ اوهان کي ان ننڍي ڀاءُ جو پورو حصو ڏيان ٿو پر آئنده ان کي پاڻ سان گڏ آڻجو ڏسو مان اوهان سان ڪيتري مهرباني ۽ فراخ دليءَ سان پيش آيو آهيان. ۽ مون اوهان جي ڪهڙي نہ ڀلي مهماني ڪئي آهي؟

"فَإِنْ لَّمْ تَأْتُونِي بِهِ فَلَا كَيْلَ لَكُمْ عِنْدِي وَلَا تَقْرَبُونِ" پوءِ جيڪڏهن ان کي مون وٽ نہ آڻيندؤ تہ پوءِ اوهان لاءِ مون وٽ نہ ڪو حصو آهي ۽ نہ مون کي ويجها اچجو- انهن کي آخر ۾ اها ڌمڪي بہ ڏئي ڇڏيائين تہ جيڪڏهن ان کي نہ آندوَ تہ پوءِ اوهان کي اناج تہ نہ ملندو، پر مون وٽ اچجوئي نہ.

"قَالُوا سَنُرَاوِدُ عَنْهُ أَبَاهُ وَإِنَّا لَفَاعِلُونَ" (حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن) چيو تہ اسين سندس بابي کان ان جي اچڻ لاءِ مطالبو ڪنداسون ۽ اسين يقيناً ڪنداسون- مطلب تہ اسين ڪوشش ڪري ان جي موڪل وٺنداسون ۽ ان معاملي ۾ ڪابہ سستي نہ ڪنداسون "وَقَالَ لِفِتْيَانِهِ اجْعَلُوا بِضَاعَتَهُمْ فِي رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَعْرِفُونَهَا إِذَا انْقَلَبُوا إِلَى أَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ" ۽ پنهنجن خادمن کي فرمايائين تہ انهن جي آندل موڙي سندس سامانن ۾ وجهي ڇڏيو جڏهن اهي موٽي پنهنجي اهل عيال ڏانهن ويندا تہ شايد (موٽايل موڙي) سڃاڻندا شايد اهي موٽي ايندا- حضرت يوسف (عليه السلام) پنهنجن خادمن کي حڪم ڪيو تہ: هنن مصر مان آيل مهمانن جيڪو سامان ڏئي اناج خريد ڪيو آهي اهو سندن اناج ۾ واپس وجهي ڇڏيو- اهو سامان چمڙو ۽ جوتا هئا. (١)-

اهي جڏهن واپس پنهنجي اهل ۽ عيال ۾ وڃي اهو اناج کوليندا تہ اندر پيل پنهنجو سامان سڃاڻندا ۽ جلد واپس موٽي ايندا. ڇو تہ سمجهندا تہ اسان جي وڏي عزت ٿي آهي ۽ اناج بہ مفت ۾ مليو آهي ۽ اسان جي ان مهربانيءَ ۽ چڱائيءَ کي ڏسي جلد واپس ايندا.

فائدا-

هنن آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "وَجَاءَ إِخْوَةُ يُوسُفَ" ۽ (حضرت يوسف عليه السلام) جا ڀائر آيا. آيت جي هن حصي جي تفسير مان واضح ٿيو تہ ڪنعان ۽ ٻين علائقن ۾ جيڪو ڏڪار پيو هو اهو حضرت يوسف عليه السلام ۽ حضرت يعقوب (عليه السلام) جي ميلاپ جو

(١) تفسير المراغي ص۱۲ جزء ۱۳ جلد ۵.

سبب هو جيكڏهن اهو ڏكار نہ پوي ها تہ نہ حضرت يوسف عليه السلام جا پائر وٽس اچن ها نہ پيءُ ۽ پٽ جي ملاقات ٿئي ها.

٢- حضرت يوسف عليه السلام كي پائرن نہ سڃاتو جيئن" وَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ" مان ظاهر آهي. اهو ان جي كري جو حضرت يوسف عليه السلام كي كوه ۾ اڇلائڻ ۽ وري وكڻڻ كي چاليهہ سال گذري ويا هئا ۽ اهي سمجهيا هئا تہ شايد حضرت يوسف (عليه السلام) وفات كري ويو هوندو. (١)-

٣- جڏهن ملكي اقتصادي حالتون صحيح نہ هجن جو جيكڏهن حكومت كو انتظام نہ كري تہ گهڻا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن كان محروم ٿي وڃن تہ ان وقت حكومت عام استعمال جي شين مثلاً اناج وغيره كي كنٽرول ۾ ركي سگهي ٿي جيئن حضرت يوسف(عليه السلام) كيو هيو- حكومت راشن جا ڊپو قائم كري اناج جي مناسب قيمت بہ مقرر كري سگهي ٿي. احكام القرآن ۾ جصاص ان كي وضاحت سان بيان كيو آهي. (٢)- اهڙي طرح ٻين فقيهن بہ ان جي تصريح كئي آهي. (٣)

سوال- حضرت يوسف (عليه السلام) جي ان واقعي ۾ هك ڳالهہ نهايت حيرت انگيز آهي تہ هك طرف سندس والد الله جل جلاله جو نبي حضرت يعقوب (عليه السلام) سندس جدائيءَ جي غم كان ايترو متاثر ٿيو هو جو روئندي روئندي سندس اكيون مبارك اڇيون ٿي ويون هيون، ٻئي طرف حضرت يوسف (عليه السلام) جيكو خود بہ نبي ۽ رسول هو پيءُ سان فطري ۽ طبعي محبت كان سواءِ ان جي حقوق كان بہ باخبر هو پر چاليهن (٤٠) سالن جي ڊگهي مدت ۾ كيس هك ڀيرو بہ خيال نہ آيو تہ منهنجو پيءُ منهنجي جدائيءَ ۾ بي چين ۽ بي قرار هوندو مان كنهن طريقي سان پنهنجي خيريت جي خبر ان تائين پهچايان. خبر پهچائڻ تہ ان حال ۾ بہ پري نہ هئي جڏهن اهو غلاميءَ جي صورت ۾ مصر پهتو هو پر مصر جي عزيز جي گهر ۾ تہ كيس هر طرح جي آزادي ۽ آسائش جو سامان موجود هو ان وقت كنهن بہ ذريعي سان گهر تائين خط يا خبر پهچائڻ كو مشكل نہ هو- اهڙي طرح جيل واري زندگيءَ ۾ بہ دنيا ڄاڻي ٿي تہ سيئي خبرون هتي جون هتي پهچنديون رهنديون آهن خصوصًا جڏهن الله جل جلاله كيس جيل مان عزت سان آزادي ڏني ۽ مصر جي ملك جو اقتدار سندس هٿ ۾ آيو ان وقت تہ پاڻ ئي والد ماجد جي خدمت

(١) نورالعرفان صہ ٣٨٥. (٢) ضياءالقرآن صہ ٤٤١ جلد ٢. (٣) معارف القرآن صہ٨٧ جلد ٥.

۾ هليو وڃي ها، پلاڻ ڪنهن مصلحت جي خاطر پاڻ نٿي وڃي سگهيو تہ گهٽ ۾ گهٽ قاصد موڪلي والد ماجد کي مطمئن ڪرڻ تہ معمولي ڳالهہ هئي. پر ڪائنس ڪٿي بہ نقل ڪيل ناهي تہ ان ڪم جو ارادو بہ ڪيو هيائين وڏي ڳالهہ تہ اها بہ آهي جو جڏهن سندس خدمت ۾ ڀائر آيا ۽ سجاتائين تہ انهن سان بہ ڀاءُ بنيامين جي آڻڻ لاءِ ذڪر ڪيائين ۽ تدبير سوچيائين،پنهنجي حضرت والد يعقوب عليه السلام جي لاءِ ڪو ذڪر ڪيائين ۽ نہ تدبير ڪيائين؟

جواب- مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ: ممڪن آهي تہ حضرت يوسف (عليه السلام) ائين ان جي ڪري ڪيو جو الله جل جلالہ کيس ان جو امر ڪيو هو تانت حضرت يعقوب (عليه السلام) جو امتحان ۽ آزمائش وڌيڪ مضبوط ٿئي ۽ ان کي عظيم اجر ملي- پاڻ الله جل جلالہ جي امر جي اتباع ڪندو رهيو. (١)- ۽ اهوئي سبب هو جو ان واقعي جي ابتداءَ ۾ ئي جڏهن کيس خبر هئي تہ حضرت يوسف عليه السلام کي بگهڙ نہ کاڌو آهي بلڪہ ڀائرن کا شرارت ڪئي آهي تہ ان جي طبعي تقاضا اها هئي تہ ان ئي وقت پاڻ سرزمين تي پهچي تحقيق ڪري ها پر الله عزوجل سندس ڏيان ايڏانهن وڃڻ نہ ڏنو- ۽ گهڻي مدت کان پوءِ پيو پنهنجن پٽن کي فرمائي تہ "وڃو يوسف ۽ ان جي ڀاءُ جي جاچ ڪريو" حقيقت هيئن آهي تہ جڏهن الله جل جلالہ ڪو ڪم ڪرڻ گهرندو آهي تہ ان جا سيئي اسباب فورًا گڏ ٿيندا آهن. (٢)-

فَلَمَّا رَجَعُوٓا اِلٰٓى اَبِيۡهِمۡ قَالُوۡا يٰٓاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا الۡكَيۡلُ فَاَرۡسِلۡ

پوءِ جڏهن موٽيا پنهنجي پيءُ جي طرف تہ چيائون اي پيءُ اسان جا روڪيو ويو اسان کان اناج (ماپي) ڏيڻ پوءِ گڏ موڪل

مَعَنَآ اَخَانَا نَكۡتَلۡ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوۡنَ ﴿٦٣﴾ قَالَ هَلۡ

اسان سان ڀاءُ اسان جو تہ ان کان ماپي وٺون ۽ يقينًا اسين ان لاءِ البتہ حفاظت ڪندڙ آهيون، فرمايائين تہ ڇا

اٰمَنُكُمۡ عَلَيۡهِ اِلَّا كَمَآ اَمِنۡتُكُمۡ عَلٰٓى اَخِيۡهِ مِنۡ قَبۡلُ ؕ فَاللّٰهُ

اعتبار ڪيان اوهان تي انجي باري ۾ مگر جيئن اعتبار ڪيو مون اوهان تي ان جي ڀاءُ جي باري ۾ اڳ ۾ پوءِ الله ڀلو آهي حفاظت ڪندڙ

(١) القرطبي صـ٢٢٢ جلد ٩ ڪمالين شرح جلالين صـ١٩٦ جلد ٣.

خَيْرٌ حَافِظًاۖ وَّهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَمَّا فَتَحُوْا مَتَاعَهُمْ وَجَدُوْا

۽ اهو وڏيڪ مهربان آهي، مهربانن کان ۽ جڏهن کوليائون سامان پنهنجي کي ته لڌائون

بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ اِلَيْهِمْؕ قَالُوْا يٰۤاَبَانَا مَا نَبْغِيْؕ هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا

موڙي ۽ پنهنجي کي موٽائي وئي هئي انهن ڏانهن چيائون ته اي پيءُ اسان جا! ڇا گهرون اسين؟ هيءَ موڙي اسان جي

رُدَّتْ اِلَيْنَاۚ وَنَمِيْرُ اَهْلَنَا وَنَحْفَظُ اَخَانَا وَنَزْدَادُ

موٽائي وئي آهي اسان ڏانهن ۽ اناج آڻيون اهل پنهنجي لاءِ ۽ حفاظت ڪنداسون ڀاءُ پنهنجي جي ۽ وڌيڪ وٺنداسون

كَيْلَ بَعِيْرٍؕ ذٰلِكَ كَيْلٌ يَّسِيْرٌ ﴿٦٥﴾ قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ

اناج هڪ اٺ جي بار جواهو ماپي ورتل ان ٿورو آهي، فرمايائين ته هرگز نه موڪليندس ان کي اوهان سان گڏ تانجو ڏيو مون کي

مَوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ يُّحَاطَ بِكُمْۚ فَلَمَّاۤ اٰتَوْهُ

پڪو عهد الله جو ته البته ضرور آڻيندؤ مون وٽ ان کي، مگر هي جو گهيراءُ ڪيو وڃي اوهان کي پوءِ جڏهن ڏنائون ان کي

مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٦٦﴾

پڪو عهد پنهنجو ته فرمايائين الله ان تي جو چئون ٿا نگهبان آهي.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي طرفان ڀائرن کان وعدي وٺڻ جو ذڪر هو ته اهي بنيامين کي وٺي ايندا. ۽ هنن آيتن ۾ سندس ڀائرن جو واپس اچڻ کان پوءِ ان وعدي نباهڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَلَمَّا رَجَعُوْۤا اِلٰۤى اَبِيْهِمْ قَالُوْا يٰۤاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا الْكَيْلُ فَاَرْسِلْ مَعَنَاۤ اَخَانَا نَكْتَلْ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ" پوءِ جڏهن پنهنجي پيءُ ڏانهن موٽيا ته چيائون اي اسان جا پيءُ! اسان کي اناج ماپي وٺڻ کان روڪيو ويو آهي. پوءِ اسان جو ڀاءُ اسان سان گڏ موڪل ته اناج

ماپي وٽي اچون ۽ يقينًا اسين ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون. مطلب تہ جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جا ڀائر واپس پنهنجي وطن پهتا تہ حضرت يعقوب عليه السلام سان مصر جي عزيز جي عنايتن، خسروانه فياضيءَ ۽ محبت ڀريءَ گفتگوءَ جو سمورو احوال ڪيائون ۽ اهو بہ عرض ڪيائون تہ ان ڪريم النفس حاڪم اسان کي وڏ ۾ وڏ تاڪيد ڪيو آهي تہ آئنده پنهنجي ڀاءُ بنيامين کي پاڻ سان گڏ ضرور وٺي اچجو ۽ جيڪڏهن ان کي نہ آڻيندؤ تہ پوءِ مون وٽ نہ اچجو، اسين اوهان کي تسلي ڏيون ٿا تہ ان جي نهايت گهڻي حفاظت ڪنداسون ذرو بہ سستي نہ ڪنداسون-
مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ: جڏهن هي ڏهہ ڀائر حضرت يوسف عليه السلام وٽ پهتا پاڻ تہ انهن کي ڏسڻ شرط ئي سڃاڻي ورتائين پر زياده اطمينان حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کان اهڙا سوال ڪيائين جيڪي مشتبه ۽ مشڪوڪ ماڻهن کان ڪيا ويندا آهن تانت پوري حقيقت کلي سامهون اچي- پهريائين تہ انهن کان پڇيائين تہ: اوهان مصر جا آهيو ۽ اوهان جي زبان بہ عبرانيّ آهي، اوهان هتي ڪيئن پهتا آهيو؟ انهن عرض ڪيو تہ اسان جي ملڪ ۾ وڏو قحط آهي ۽ اسان تنهنجي تعريف ٻڌي ان جي ڪري تو وٽ اناج خريد ڪرڻ لاءِ آيا آهيون، حضرت يوسف عليه السلام فرمايو تہ: اسان کي ڪيئن پڪ ٿئي تہ اوهان سچ ٿا ڳالهايو ۽ ڪنهن دشمن جا جاسوس نہ آهيو. انهن سڀني چيو تہ: معاذالله ائين هرگز نہ آهي اسين تہ الله جل جلاله جي نبي حضرت يعقوب (عليه السلام) جا فرزند آهيون جيڪو ڪنعان ۾ رهي ٿو حضرت يوسف عليه السلام فرمايو تہ: ڇا اوهان کان سواءِ بہ اوهان جي والد کي اولاد آهي؟ انهن عرض ڪيو تہ: اسين ٻارهن (١٢) ڀائر هئاسين جن مان هڪ ننڍو ڀاءُ جهنگ ۾ گم ٿي ويو آهي ۽ اسان جي والد کي ان سان سڀني کان وڌيڪ محبت هئي ان کان پوءِ ان جي سڳي ۽ ننڍي ڀاءُ سان سندس محبت تمام گهڻي آهي ۽ ان جي ڪري ئي ان کي اسان سان گڏ نہ موڪليائين تہ سندس تسليءَ جو سبب رهي- تڏهن ڪين فرمايو هيائين تہ: جيڪڏهن اوهان ان ڳالهہ ۾ سچا آهيو تہ پوءِ آئنده ان ننڍي ڀاءُ کي بہ وٺي اچجو نہ تہ نہ اچجو. (١)-
”قَالَ هَلْ اٰمَنُكُمْ عَلَيْهِ اِلَّا كَمَا اَمِنْتُكُمْ عَلٰٓى اَخِيْهِ مِنْ قَبْلُ فَاللّٰهُ خَيْرٌ حَافِظًا وَّهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ“ فرمايائين تہ ان (بنيامين) جي باري ۾ بہ اوهان تي اهڙو ئي اعتماد ڪيان جهڙو اڳ ۾ ان جي ڀاءُ جي باري ۾ ڪيو هوم. پوءِ الله ئي ڀلو نگهبان آهي ۽ اهو سڀني مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي. مطلب تہ حضرت

(١) معارف القرآن صـ٨٦ جلد ٥.

يعقوب (عليه السلام) کين فرمايو تہ: مان اوهان کي چگيءَ طرح سڃاڻان ٿو ۽ اوهان جي وعدي جي حقيقت بہ مون کي معلوم آهي اوهان تي ڪوبہ اعتبار ناهي اوهان اڳ ۾ ان جي ڀاءُ سان جيڪو ڪجهہ ڪيو ان کان پوءِ مان اوهان تي ڪيئن اعتبار ڪريان. منهنجو اعتماد الله جل جلاله تي آهي جيڪو وڏ ۾ وڏ مهربان ۽ سڀني کان وڌيڪ پلو محافظ آهي. "وَلَمَّا فَتَحُوْا مَتَاعَهُمْ وَجَدُوْا بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ اِلَيْهِمْ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا نَبْغِيْ هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا وَنَمِيْرُ اَهْلَنَا وَنَحْفَظُ اَخَانَا وَنَزْدَادُ كَيْلَ بَعِيْرٍ ذٰلِكَ كَيْلٌ يَّسِيْرٌ" ۽ جڏهن پنهنجو سامان کولياٺون تہ ان ۾ پنهنجي (اناج لاءِ ڏنل) موڙي لڌائون جيڪا ڪين لاءِ موٽائي وئي هئي. اها (ڏسي) چوڻ لڳا تہ بابا هيءَ اسان جي (ڏنل موڙي (بہ) اسان ڏانهن موٽائي وئي آهي اسان کي اڃان ڇا گهرجي؟ ۽ اسين پنهنجي اهل لاءِ اناج (بہ) آڻينداسون ۽ پنهنجي ڀاءُ جي حفاظت بہ ڪنداسون ۽ هڪ اٺ جي بار جيترو اناج بہ وڌيڪ ماپي وٺي ايندا سون. اهو ماپي ورتل اناج (جيڪو آندو اٿئون) ٿورو آهي- مطلب تہ حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن سامان کولڻ کان اڳي ئي پنهنجي والد مڪرم کي ڀاءُ بنيامين کي ساڻن گڏ موڪلڻ جي لاءِ گذارش ڪئي هئي پر ويتر جو سامان کولياٺون ۽ ان ۾ اناج جي ملهہ ۾ ڏنل موڙي بہ واپس ڏٺائون تہ ان وقت محسوس ڪياٺون تہ اهو ڪم ڀُل ۾ نہ پر عمدًا ڪيو ويو آهي ان جي ڪري "رُدَّتْ اِلَيْنَا" (اسان ڏانهن موٽائي وئي آهي) چيائون، ۽ وري اڃي والد کي چيائون تہ "مَا نَبْغِيْ" ڇا گهرون؛ يعني اسان کي اڃان ڇا گهرجي جو اناج سان گڏ ان جي قيمت بہ موٽائي ڏني اٿس. هاڻي تہ اسان کي ٻئي پيري ڀاءُ کي ضرور وٺي وڃڻو پوندو. اسين پنهنجي حصي سان گڏ ڀاءُ جو بہ حصو وٺي ايندا سون- ۽ مصر جي عزيز جي ايتري مهربانيءَ هوندي اسان جي ڀاءُ کي ڪوبہ خطرو ناهي ۽ اسين يقين سان چئون ٿا تہ ان جي باقاعدي حفاظت ڪنداسون- ۽ ڀاءُ جي حصي جو اناج وڌيڪ ملندو، ڇوتہ جيڪو ڪجهہ اسين ڪٺي آيا آهيون اهو اسان جي اخراجات جي مقابلي ۾ تمام ٿورو آهي ٻن ٽن ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندو. "قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ مَوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖٓ" فرمايائين تہ مان ان کي اوهان سان گڏ هرگز نہ موڪليندس. تانجو اوهان مون کي الله جي قسم سان پڪو عهد ڏيو تہ ان کي مون وٽ ضرور (واپس) آڻيندؤ . پنهنجي وس آهر ڪوتاهي نہ ڪندؤ . "اِلَّآ اَنْ يُّحَاطَ بِكُمْ" يعني پر ان صورت ۾ بي ميار هوندؤ جو اوهان کي گهيراءَ ۾ آندو وڃي ۽ اوهان صفا

هلاڪ ڪيا وڃو يا عاجز ۽ مغلوب ٿي پئو- "فَلَمَّآ اٰتَوْهُ مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَانَقُوْلُ وَكِيْلٌ" پوءِ جڏهن ان کي پنهنجو پڪو عهد ڏنائون تہ فرمايائين، جيڪو ڪجهہ اسان چئون ٿا الله ان تي نگهبان آهي. مطلب تہ جڏهن حضرت يعقوب (عليه السلام) جي پٽن مطلوبہ طريقي تي عهد ۽ انجام ڪيو ۽ سيني قسم کڻي والد ماجد کي مطمئن بنايو تہ پاڻ فرمايائين تہ بنيامين جي حفاظت لاءِ جيڪو قسم ڏيڻ ۽ قسم کڻڻ وارو ڪم اسان ڪيو آهي انهن سيني معاملن جو حقيقي پروسو الله جل جلالہ تي آهي ان جي توفيق سان ئي ڪير ڪنهن جي حفاظت ڪري سگهي ٿو نہ تہ انسان عاجز آهي ذاتي طرح ان جي قبضهءِ قدرت ۾ ڪجهہ بہ ناهي.

فائدا

١- اولاد کان جيڪڏهن ڪو گناهہ ۽ ڪا خطا سرزد ٿئي تہ پيءُ کي گهرجي تہ تربيت سان انهن جي اصلاح جو فڪر ڪري ۽ جيستائين اصلاح جي اميد هجي انهن سان قطع تعلق نہ ڪري جيئن حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽن سان سندن مختلف گناهن ۾ ڪيس دلي ايذاءَ ڏيڻ جي باوجود تعلق نہ ڪٽيو اهي بدستور والد جي خدمت ۾ رهيا ايتري قدر جو انهن کي مصر مان اناج خريد ڪرڻ لاءِ موڪليائين ۽ وڏي ڳالهہ تہ انهن سان ننڍي پٽ کي بہ گڏي موڪليائين نتيجو اهو نڪتو جو اهي نيٺ پنهنجين ڪيلن خطائن تي پيشمان ٿيا ۽ گناهن کان توبہ ڪيائون- ها جيڪڏهن اولاد جي اصلاح جي اميد ئي نہ رهي ۽ ساڻن تعلق رکڻ ۾ ٻين کي ديني نقصان ٿو ٿئي تہ پوءِ انهن سان تعلقات ٽوڙڻ مناسب آهي.

٢- ڏکوئيندڙ ۽ دلي صدما ڏيندڙن سان بہ حتى الامڪان سهڻي اخلاق سان پيش اچڻ نبين سڳورن عليهم السلام جي سنت آهي جيئن حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن سان پيش آيو.

٣- دشمن ۽ مخالف کي هيئن چوڻ تہ تو هي هي غلطيون ڪيون پر ان هوندي بہ مان توسان هيءَ ڀلائي ڪريان ٿو. جائز آهي جيئن حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن کي فرمايو هو. تانتہ اهو آئنده جي لاءِ شرمسار رهي ۽ آئنده اهڙيون غلطيون نہ ڪري سچيءَ دل سان توبہ تائب ٿئي جيئن حضرت يعقوب عليه السلام ڀهريان پنهنجن پٽن کي سندن ڪيل ڏوهہ ياد ڏياريا، ان کان پوءِ الله جل جلالہ تي توڪل ڪري ننڍي پٽ بنيامين کي انهن سان گڏ موڪليائين.

٤- اهو بہ واضح ٿيو تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي وعدي ۽ حفاظت تي حقيقي طور پروسو نہ

ڪرڻ گهرجي اصل ڀروسو صرف الله جل جلاله تي آهي اهوئي حقيقي ڪار ساز ۽ مسبب الاسباب آهي اسباب پيدا ڪري انهن کي موءَثر بنائڻ سڀ ان ڪريم جي قدرت ۾ آهي ان جي ڪري حضرت يعقوب عليه السلام فرمايو: "فَاللّٰهُ خَيْرٌ حَافِظًا" پوءِ الله ئي نگهبان آهي.

٥- جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جو مال يا سامان پنهنجي مال ۽ سامان مان نڪري ۽ قوي قرينا ان جا شاهد هجن ته ان قصدًا اسان کي ڏيڻ لاءِ اهو مال اسان جي سامان ۾ وجهي ڇڏيو آهي ته اهو پنهنجي لاءِ رکي ان ۾ تصرف ڪرڻ ۽ اهو ڪپائڻ، خرچ ڪرڻ جائز آهي جيئن "هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا" مان واضح آهي خضرت يوسف عليه السلام جيڪا اصل موڙي ڀائرن جي سامان ۾ وجهي ڇڏي هئي ۽ ڀائرن سمجهيو ته ان اها اسان کي موٽائي ڏني آهي ۽ اها انهن پاڻ وٽ رکي ۽ حضرت يعقوب (عليه السلام) اها واپس نه ڪرائي. جيڪڏهن ناجائز هجي ها ته الله جو نبي ڀلارو اها رکڻ جي اجازت نه ڏئي ها.

٦- "اِلَّآ اَنْ يُّحَاطَ بِكُمْ" (پر هيءَ ڳالهه جو اوهان کي گهيراءَ ڪيو وڃي) ان مان ثابت ٿيو ته ڪنهن به ماڻهوءَ کان اهڙي ڳالهه جو قسم نه ونجي جيڪا ان جي وس کان ٻاهر هجي جيڪڏهن هرو ڀرو قسم ونئو آهي ته به استشناءَڪجي يعني ائين چئجي ته بي وس هجڻ جي صورت ۾ تون قسم کان آزاد آهين. جيئن حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن کي فرمايو ته: بنيامين جي حفاظت سان واپس آڻڻ جو قسم سان عهد ڪيو. پر مجبوريءَ جي صورت ۾ معذرو آهيو.

اهوئي سبب هو جو حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جڏهن اصحابن سڳورن کان پنهنجي اطاعت لاءِ عهد ورتو هو ته ان ۾ به استطاعت (جيڪڏهن ڪري سگهو) جو قيد وڌو ويو هو اصحابن سڳورن عرض ڪيو هو ته جيستائين اسان جو وس واک هليو اوهان جي پوري پوري اطاعت ڪنداسون.

٧- حضرت يعقوب (عليه السلام) جي طرفان پٽن کان عهد وٺڻ (ته وس آهر بنيامين کي واپس آڻيندؤ) مان ثابت ٿيو ته ڪفالت بالنفس جائز آهي يعني ڪنهن مقدمه ۾ قاتل ماڻهوءَ جي ضمانت ڪرڻ ته ان کي ڪيس جي شنوائيءَ واري تاريخ تي حاضر ڪبو جائز آهي. امام مالڪ عليه الرحمة جو ان مسئلي ۾ اختلاف آهي اهو صرف مالي ضمانت کي جائز چوي ٿو انساني نفس ۾ ضمانت کي جائز نٿو چوي. (١)

(١) معارف القرآن ص ٩٤ جلد ٥.

وَقَالَ يٰبَنِيَّ لَا تَدۡخُلُوۡا مِنۡۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادۡخُلُوۡا مِنۡ اَبۡوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ؕ

۽ چيائين ته اي منهنجا پٽ! نه داخل ٿجو هڪ دروازي کان ۽ داخل ٿجو جدا جدا دروازن کان

وَمَاۤ اُغۡنِيۡ عَنۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ شَيۡءٍ ؕ اِنِ الۡحُكۡمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ

۽ نه بچائيندس مان اوهان کي الله کان ڪجهه به ناهي حڪم پر الله جي لاءِ

عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ ۚ وَعَلَيۡهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ الۡمُتَوَكِّلُوۡنَ ﴿٦٧﴾ وَلَمَّا دَخَلُوۡا

ان تي توڪل ڪئي مون ۽ ان تي پوءِ جڳائي ٿو ته توڪل ڪن توڪل ڪندڙ. ۽ جڏهن داخل ٿيا

مِنۡ حَيۡثُ اَمَرَهُمۡ اَبُوۡهُمۡ ؕ مَا كَانَ يُغۡنِيۡ عَنۡهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ

اتاهين جو امر ڪيو انهن کي پيءُ سندن ته، نٿي بچايائين انهن کي الله کان

مِنۡ شَيۡءٍ اِلَّا حَاجَةً فِيۡ نَفۡسِ يَعۡقُوۡبَ قَضٰهَا ؕ

ڪجهه به پر هڪ خواهش (جيڪا هئي) دل يعقوب جي ۾ پورو ڪيائين ان کي

وَاِنَّهٗ لَذُوۡ عِلۡمٍ لِّمَا عَلَّمۡنٰهُ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٦٨﴾ ع ٨ ١١ ٢

۽ بيشڪ اهو البته صاحب علم جو آهي ان سببان جو علم ڏنوسون ان کي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن

وَلَمَّا دَخَلُوۡا عَلٰى يُوۡسُفَ اٰوٰۤى اِلَيۡهِ اَخَاهُ قَالَ اِنِّيۡۤ

۽ جڏهن داخل ٿيا يوسف وٽ ته جاءِ ڏنائين پاڻ وٽ ڀاءُ پنهنجي کي

اَنَا اَخُوۡكَ فَلَا تَبۡتَئِسۡ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٦٩﴾

فرمايائين ته بلاشڪ مان ڀاءُ تنهنجو آهيان پوءِ نه غمگين ٿي تون ان تي جو ڪيو هيائون.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي طرفان ڀاءُ کي آڻڻ جي مطالبي جو

ذکر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان مطالبي کي پوري ڪرڻ وقت جيڪي حضرت يعقوب (عليه السلام) پنهنجن پٽن کي خاص هدايتون ڏنيون هيون. انهن جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقَالَ يَابَنِيَّ لَاتَدْخُلُوا مِنْ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادْخُلُوْا مِنْ اَبْوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ" ۽ (پٽن کي) فرمايائين تہ اي منهنجا پٽئو! هڪ دروازي کان داخل نہ ٿجو ۽ جدا جدا دروازن کان داخل ٿجو- جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن جو آندل اناج وارو ذخيرو ختم ٿيڻ لڳو ۽ وري اناج وٺڻ لاءِ مصر ڏانهن وڃڻ لاءِ سندن تياريون مڪمل ٿي ويون تہ حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن کي گهرائي هي ارشاد فرمايو: تہ جڏهن شهر ۾ داخل ٿيو تہ سيئي گڏجي گروپ جي شڪل ۾ داخل نہ ٿجو پر ٻہ ٻہ ٽي ٽي ٿي مختلف دروازن کان داخل ٿجو- سندس ان ارشاد جو سبب ڇا هو؟ حضرت ابن عباس، مجاهد، سدي، ضحاڪ، قتاده ۽ ٻين ڪيترن جو فرمان آهي تہ: حضرت يعقوب عليه الصلوٰة والسلام جا اهي يارهن پٽ بہ سهڻا، جمال جا صاحب، نوجوان ۽ طاقتور هئا پوءِ ڪيس خيال آيو تہ متان ماڻهو ڪين نظر هڻن- ڇو تہ نظر لڳڻ حق آهي. (١)-

مفسر خازن لکيو آهي تہ: جمهور جو قول اهو آهي تہ حضرت يعقوب عليه السلام کي نظر لڳڻ جو خيال هو تڏهن اهو ارشاد فرمايو هيائين. ۽ نظر لڳڻ اسان وٽ حق آهي جڏهن نظر هڻندڙ ڪنهن شيءِ ڏانهن نهاري ان کي پسند ڪندو آهي تہ ان جي نهارڻ سان ڏنل شيءِ ۾ نقصان ۽ خلل پيدا ٿيندو آهي. (٢)

نظر لڳڻ حق آهي

مفسرن ڀلارن هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ نظر لڳڻ حق آهي امام احمد پنهنجي مسند ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آندي آهي (محدث هتي فرمايو آهي تہ ان روايت جا راوي صحيح آهن) تہ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن فرمايو! "اَلْعَيْنُ حَقٌّ" (٣) نظر (لڳڻ) حق آهي ۽ حديث ۾ آهي تہ! بلاشڪ نظر انسان کي قبر ۾ ۽ اٺ کي ڪني ۾ داخل ڪندي آهي. (۴)-

علامه رازي عليه الرحمة لکيو آهي تہ! نظر لڳڻ حق آهي. ۽ ان جا هي دليل آهن. ١- متقد مين جو متفق قول آهي تہ حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن کي هڪ دروازي کان داخل ٿيڻ کان ان جي ڪري روڪيو هو جو ڪيس خيال هو تہ متان نظر

(١) ابن ڪثير صـ۴٨۴ جلد ٢. (٢) خازن صـ٣٠ جلد ٣ (٣) روح المعاني صـ١٧ جزء ١٣ جلد ۵. (۴) البحر المحيط صـ ٣٢۵ جلد ۵.

لڳين. ٢- روايت ۾ آهي تہ حضور ڪريم صلی اللہ عليه وسلم جن حسنين ڪريمين کي جن لفظن سان ڦيٹو رڪندا هئا ان ۾ بہ نظر ڪان بچڻ جي دعا آهي جيئن فرمان آهي "اُعِيْذُ كُمَا بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّةِ مِنْ كُلِّ شَيْطَانٍ وَّهَامَّةٍ وَمِنْ كُلِّ عَيْنٍ لَامَّةٍ" اوهان کي اللہ جي پورن ڪلمن سان هر شيطان ۽ ملامت ڪندڙ نظر ڪان اللہ جي پناهہ ۾ ٹو رڪان. ۽ فرمائيندا هئا تہ حضرت ابراهيم عليه السلام حضرت اسماعيل عليه السلام کي انهن لفظن سان ڦيٹو وجهندو هو. ٣- حضرت عبادة بن صامت رضي اللہ عنه کان روايت آهي تہ: مان حضور عليه السلام جن جي خدمت عاليہ ۾ صبح جو حاضر ٿيس ڏنم تہ ڪين سخت سور هو- وري شام ويس تہ پاڻ عافيت سان هئا ۽ فرمايائون تہ جبريل مون وٽ آيو پوءِ ان مون کي هنن لفظن سان ڦيٹو پڑهيو "بِسْمِ اللّٰهِ اَرْقِيْکَ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ يُؤْذِيْکَ وَمِنْ كُلِّ عَيْنٍ وَحَاسِدٍ اَللّٰهُ يَشْفِيْکَ" اللہ جي نالي سان اوهان تي ڦيٹو ٹو وجهان هر انهيءَ شيءِ کان جيڪا اوهان کي ايذاءَ ڏي ۽ هر نظر ۽ حسد ڪندڙ کان اللہ اوهان کي شفا ڏي. پوءِ مان چاڪ ٿي ويس، هن دعا ۾ بہ نظر جو ذڪر آهي.

۴- هي تہ حضرت جعفر بن ابي طالب جا ننڍا پٽ تمام سهٹا هئا بيبي اسماءَ سڳوريءَ عرض ڪيو تہ يارسول اللہ! هنن کي نظر جلد ٿي لڳي پوءِ انهن کي ان ڪان ڦيٹو پڑهايان؟ فرمايائون تہ "هائو". ۵- نبي ڪريم صلی اللہ عليه وسلم جن سيده ام سلمه رضي اللہ عنها جي گهر ۾ ويا تہ اتي هڪ ڇوڪرو دانهون ڪري رهيو هو- عرض ڪيائون تہ: يارسول اللہ! صلی اللہ عليه وسلم نظر لڳي اٿس- پاڻ فرمايائون تہ: پوءِ ان کي نظر ڪان ڦيٹو ڇو نٿا پڑهايو؟ ٦- حضور ڪريم صلی اللہ عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ نظر حق آهي ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ تقدير ڪان اڳتي ٿي سگهي ها تہ نظر اڳتي ٿئي ها. ٧- ام المومنين سيده عائشہ رضي اللہ عنها فرمايو آهي تہ: نبي پاڪ صلی اللہ عليه وسلم جن نظر هٹندڙ کي فرمائيندا هئا تہ: وضو ڪري ان ڪان پوءِ ان پاڻيءَ سان نظر لڳل عضوي کي وهنجاري. (١)-

نظر هٹندڙ کي ڇا ڪجي؟

ان مسئلي ۾ علماءَ جو اختلاف آهي هڪڙن فرمايو آهي تہ: نظر هٹندڙ کي ماڻهن سان ميل جول کان روڪيو ويندو ۽ بين جو فرمان آهي تہ ان کي علائقي مان تڙي ڪڍيو ويندو. (٢)-

۽ بعض علماءَ جو فرمان آهي تہ: وقت جو حاڪم نظر هٹندڙ کي حڪم ڪندو تہ گهر ۾

(١) التفسير الكبير صـ١٧٣ جزءُ ١٨. (٢) فتح القدير صـ۴١ جلد ٣.

رهي ۽ گهر ويٺي سندس روزگار جو انتظام ڪندو- پر اهو سڀ ڪجهه احتياطًا ۽ ماڻهن کان نقصان دفع ڪرڻ لاءِ مصلحتًا آهي فرض يا واجب ناهي. (۱)-

اصحاب ڪرام رضي الله عنهم مان حضرت سهل بن حنيف رضي الله عنه جو واقعو مشهور آهي ته: ان هڪ ڀيري غسل ڪرڻ جي لاءِ ڪپڙا لاٿا ته ان جي پوري رنگ ۽ تندرست بدن تي عامر بن ربيعته جي نظر پئي ۽ ان جي زبان مان نڪتو ته: اڄ تائين ته مون اهڙو سهڻو بدن ڪنهن جو به نه ڏٺو آهي- ان جو اهو چوڻ ته يڪدم سهل بن حنيف رضي الله عنه کي سخت بخار تي پيو. جڏهن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي اهو عرض ڪيو ويو ته پاڻ: نظر هڻندڙ عامر بن ربيعته کي فرمايائون ته اهو وضو ڪري ۽ وضوءَ جو پاڻي ڪنهن ٿانو ۾ گڏ ڪري پوءِ اهو پاڻي سهيل بن حنيف رضي الله عنه جي بدن تي هاريو وڃي ائين ڪيو ويو ته اهو يڪدم صحت مند ٿي ويو ۽ جنهن مقصد لاءِ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان وڃي رهيو هو اوڏانهن روانو ٿي ويو ۽ پاڻ عامر بن ربيعته کي تنبيه ڪندي فرمايائون ته: اوهان مان ڪو هڪ پنهنجي ڀاءُ کي نظر هڻي ڇا لاءِ ٿو قتل ڪري؟ تو ائين ڇو نه چيو؟ ته "الله تو ۾ برڪت وجهي، نظر لڳڻ حق آهي. (۲) "وَمَآ أُغۡنِي عَنكُم مِّنَ ٱللَّهِ مِن شَيۡءٍۖ إِنِ ٱلۡحُكۡمُ إِلَّا لِلَّهِۖ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُۖ وَعَلَيۡهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ ٱلۡمُتَوَكِّلُونَ". ۽ نه بچائيندس مان اوهان کي الله کان ڪجهه به حڪم ته صرف الله جو آهي ان تي ئي مون توڪل ڪئي آهي ۽ ان تي توڪل ڪندڙ به توڪل ڪن- مطلب ته مون جيڪا تدبير بدنظر کان بچڻ لاءِ ٻڌائي مان يقين سان ڄاڻان ٿو ته اها الله جل جلاله جي مشيت ۽ ارادي کي دفع ڪري نٿي سگهي حڪم ته صرف الله جل جلاله جو هلي ٿو البته انسان کي ظاهري تدبير اختيار ڪرڻ جو حڪم آهي ان جي ڪري ائين ٻڌايو اٿم پر ان تدبير تي منهنجو ڀروسو ناهي ڀروسو ته صرف الله جل جلاله تي آهي. ۽ سڀني کي ان تي ئي ڀروسو رکڻ گهرجي. "وَلَمَّا دَخَلُواْ مِنۡ حَيۡثُ أَمَرَهُمۡ أَبُوهُم مَّا كَانَ يُغۡنِي عَنۡهُم مِّنَ ٱللَّهِ مِن شَيۡءٍ إِلَّا حَاجَةٗ فِي نَفۡسِ يَعۡقُوبَ قَضَىٰهَاۚ" ۽ جڏهن اتاهين داخل ٿيا جتان کين سندن پيءُ فرمايو هو، نٿي فائدو ڏنائين انهن کي الله (جي تقدير) کان ڪجهه به پر هڪ خواهش جيڪا يعقوبؑ جي دل ۾ هئي ان کي پورو ڪيائين. مطلب ته حضرت يعقوب عليه السلام جو پٽن کي چوڻ ته هڪ دروازي کان داخل نه ٿجو بلڪ مختلف دروازن کان داخل ٿجو ۽ سندس پٽن جو ائين ڪرڻ سندس مٿان اچڻ واري الله جل جلاله جي قضا کي دفع ڪري نٿي سگهيو پر حضرت يعقوب عليه السلام ائين

(۱) القرطبي صـ۲۲۷ جلد ۹. (۲) القرطبي صـ۳۲۷ جلد ۹.

چوڻ سان پنهنجي خواهش پوري ڪئي ته ڪين نظر نه لڳي. (١)

"وَاِنَّهٗ لَذُوْعِلْمٍ لِّمَا عَلَّمْنٰهُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَايَعْلَمُوْنَ" ۽ بيشڪ اهو علم جو صاحب آهي ان سببان جو اسان ان کي علم ڏنو ۽ پر اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن- مقصد ته اهو (حضرت يعقوب عليه السلام) صاحب علم آهي ان کي ان ڳالهه جو يقين هو ته اذن الاهي کان سواءِ ڪابه تدبير ڪارگر ثابت نه ٿيندي- ۽ گهڻا ماڻهو قدرتي اسرارن کي ڪونه ٿا ڄاڻن. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسباب ۽ ذريعا اختيار ڪرڻ ضروري آهن پر انهن جي اختيار ڪرڻ جي باوجود يقين ڪرڻ گهرجي ته الله جل جلاله جي مرضيءَ کان سواءِ ڪاميابي نه ملندي علامه رازي عليه الرحمته لکيو آهي ته: آيت ۾ ذڪر ڪيل اڪثر ماڻهن مان مراد مشرڪ آهن پوءِ اهي يقينًا نٿا ڄاڻن ته الله جل جلاله ڪيئن پنهنجن پيارن کي انهن علمن سان نوازيندو آهي جيڪي ڪين دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو ڏيندا آهن، علامه رازي رحمته الله عليه لکيو آهي ته: "انه عليه السلام كان عالما بان ملك مصر هو ولده يوسف الا ان الله تعالىٰ ما اذن له في اظهار ذالك". (٢)-

يعني حضرت يعقوب عليه السلام کي اهو علم هو ته مصر جو بادشاهه سندس فرزند يوسف عليه السلام آهي پر ڪيس اظهار جي موڪل نه هئي- "وَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰۤى اِلَيْهِ اَخَاهُ قَالَ اِنِّيْۤ اَنَا اَخُوْكَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ". ۽ جڏهن يوسف وٽ پهتا ته پنهنجي (سڳي) ڀاءُ (بنيامين) کي پاڻ وٽ جاءِ ڏئي فرمايائينس ته: مان تنهنجو ڀاءُ آهيان پوءِ جيڪي (ٻين ڀائرن) ڪيو هو ان تي غمگين نه ٿيءُ. جڏهن ڀائر بنيامين کي وٺي پهتا ته حضرت يوسف عليه السلام ڪين عزت ڏني ۽ مهماني ڪارائڻ لاءِ ٻه ٻه ڪري وهاريائين، جڏهن ٻيا سيئي ٻه ٻه ٿي ويٺا ته بنيامين اڪيلو ٿي ويٺو پوءِ روئي ڏنائين ۽ چوڻ لڳو ته: ڪاش جيڪڏهن منهنجو ڀاءُ يوسف زنده هجي ها ته مون کي گڏ ويهاري ها- حضرت يوسف عليه السلام سيني ڏانهن نهاري فرمايو ته: اوهان سيئي ٻه ٻه ٿي ويٺا آهيو ۽ اوهان جو هيءُ ڀاءُ اڪيلو ويٺو آهي.

پوءِ ان کي پاڻ سان گڏ وهاريائين ۽ حڪم ڪيائين ته ٻه ٻه ڄڻا ڪمري ۾ رهن ۽ هن (بنيامين) جو جوڙ ناهي ان کي مون سان ڇڏي ڏيو، پوءِ ڪيس پاڻ سان گڏ رهايائين ۽ جڏهن ڏنائين ته بنيامين پنهنجي گم ٿيل ڀاءُ لاءِ گهڻو پريشان آهي ته ڪيس فرمايائين! ڇا تون چاهين ٿو ته مان تنهنجي گم ٿيل ڀاءُ جي جاءِ تي ڀاءُ ٿيان؟

(١) تنويرالاذهان صـ٢٢٩ جلد ٢. (٢) التفسيرالڪبير صـ١٧٤ جزءُ ١٨.

بنيامين ڇيس تہ! تو جهڙو ياءِ ڪنهن کي ملندو؟ پر تون منهنجي بابي حضرت يعقوب عليه السلام جو پٽ امان راحيل مان تہ ناهين؟ پوءِ حضرت يوسف عليه السلام خود بہ روئي ڏنو ۽ اٿي بنيامين کي ڀاڪر پائي فرمايائين تہ تنهنجو اهو گهر ڀيل ڀاءُ مان آهيان. جيڪي بہ هنن ڀائرن اسان سان حسد ۽ اسان کان بابا سائينءَ جي دل ڦيرائڻ وغيره لاءِ ڪيو ان جو ڏک نہ ڪر بلڪہ جيئن رب العزة جل جلالہ منهنجي دل صاف رکي آهي ۽ مون کي ڀائرن سان ڪابہ عداوت نہ آهي تيئن تون بہ دل صاف ڪري ڇڏ. (۱)-

فائدا-

هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ۱- "لَا تَدْخُلُوْا مِنْ بَابٍ وَّاحِدٍ" (هڪ ئي دروازي کان داخل نہ ٿجو) مان واضح ٿيو تہ نظر جو اثر حق آهي ان کان بچڻ جي تدبير ڪرڻ اهڙي طرح جائز آهي جيئن نقصان ڏيندڙ غذائن کان بچاءُ ونڻ جائز بلڪہ ضروري آهي. تيئن حضرت يعقوب عليه السلام بہ پنهنجن پٽن کي نظر کان بچڻ لاءِ اها تدبير ٻڌائي هئي. ۱- ماڻهن جي حسد کان بچڻ لاءِ انهن کان پنهنجون مخصوص نعمتون ۽ اوصاف لڪائڻ صحيح آهن. ۳- نقصان ڏيندڙ آثار ۽ اشياءَ کان بچڻ لاءِ ظاهري ۽ مادي تدبيرون اختيار ڪرڻ توڪل ۽ انبياءِ عظام عليهم السلام جي شان جي خلاف ناهي جيئن حضرت يعقوب عليه السلام ڪيو هو.

۴- جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ کي ٻئي ماڻهوءَ جو ڪمال ۽ نعمت پسند اچي ۽ سمجهي ٿو تہ ان کي نظر لڳي ويندي تہ ان نظر هڻندڙ تي واجب آهي جو ان کي ڏسي "بارک الله" يا "ماشاءالله" چوي تانت هئي کي ڪا تڪليف نہ پهچي.

۵- مفتي شفيع ديوبندي صاحب لکيو آهي تہ نظر لڳڻ کان بچڻ لاءِ هر ممڪن تدبير ڪرڻ جائز آهي ان مان اهو بہ آهي جو نظر لڳل جو ڪنهن دعا يا تعويذ وغيره سان علاج ڪيو وڃي جيئن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن حضرت جعفر بن ابي طالب جي پٽن کي ڪمزور ڏسي اجازت ڏيڻ فرمائي هئي تہ: انهن جو تعويذ وغيره سان علاج ڪيو وڃي. (۲)- مطلب تہ تعويذ لکڻ جائز آهي. ولما جهزهم بجهازهم قال ائتوني باخ لکم من ابيکم الا ترون اني اوفي الکيل وانا خير المنزلين

ترجمو: ۽ جنهن مهل انهن لاءِ سندن سامان تيار ڪيائين (تنهن مهل) ڪين چيائين تہ پنهنجي پيئٽي ڀاءُ کي مون وٽ آڻيو، اوهين نہ ٿا ڏسو ڇا تہ آءٌ پورو ماڻ ڏيان ٿو ۽ آءٌ چڱو مهماني ڪندڙ آهيان.

فَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِيْ رَحْلِ اَخِيْهِ

پوءِ جڏهن تيار ڪرائي ڏنائين انهن کي سامان سندن تہ رکرايائين پاڻي پيئڻ جو پيالو پنهنجي ڀاءُ جي سامان ۾

ثُمَّ اَذَّنَ مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا الْعِيْرُ اِنَّكُمْ لَسَارِقُوْنَ ۝٧٠ قَالُوْا وَاَقْبَلُوْا عَلَيْهِمْ

ان کان پوءِ سڏ ڪيو سڏ ڪندڙ اي قافلي وارو، بلاشڪ اوهان البتہ چور آهيو ۽ سامهون ٿي انهن ڏانهن

مَّاذَا تَفْقِدُوْنَ ۝٧١ قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ وَلِمَنْ جَآءَ بِهٖ

(پڇيائون تہ) ڇا گم ڪيو اٿو؟ چيائون تہ گم ڪيو اٿئون پاڻي پيئڻ وارو پيالو بادشاهہ جو ۽ ان جي لاءِ جو آڻيندو

حِمْلُ بَعِيْرٍ وَّاَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ ۝٧٢ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ مَّا

اهو بار اٺ جو آهي ۽ مان ان جو ضامن آهيان چيائون تہ قسم آهي الله جو البت تحقيق ڄاتو اوهان تہ نہ

(۱) التفسير الکبير صـ۱۷۸ جزءُ ۱۸. (۲) معارف القرآن صـ۱۰۰ جلد ۵.

جِئۡنَا لِنُفۡسِدَ فِی الۡاَرۡضِ وَمَا كُنَّا سَارِقِيۡنَ ﴿۷۳﴾ قَالُوۡا فَمَا

آيا سون اسين تانت فساد ڪيون زمين ۾ ۽ ناهيون اسين چور چيائون پوءِ ڪهڙي آهي

جَزَآؤُهٗۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ كٰذِبِيۡنَ ﴿۷۴﴾ قَالُوۡا جَزَآؤُهٗ مَنۡ وُّجِدَ

سزا ان جي جيڪڏهن آهيو ڪوڙا؟ چيائون سزا ان جي خود اهو آهي جو لڌو ويو

فِيۡ رَحۡلِهٖ فَهُوَ جَزَآؤُهٗ ؕ كَذٰلِكَ نَجۡزِی الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۷۵﴾ فَبَدَاَ

سامان ان جي مان ۾ پوءِ اهو سزا ان جي آهي اهڙيءَ طرح سزا ڏيندا سون ظالمن ڪي پوءِ شروع ٿيو

بِاَوۡعِيَتِهِمۡ قَبۡلَ وِعَآءِ اَخِيۡهِ ثُمَّ اسۡتَخۡرَجَهَا

ٻورين (ڳولڻ) انهن (ڀين) جي ڪي اڳي (ڳولڻ) ٻوريءَ ڀاءُ پنهنجي جي ڪي تنهن ڪان پوءِ ڪڍيائين ان ڪي

مِنۡ وِّعَآءِ اَخِيۡهِ ؕ كَذٰلِكَ كِدۡنَا لِيُوۡسُفَ ؕ مَا كَانَ لِيَاۡخُذَ

پنهنجي ڀاءُ جي ٻوريءَ مان اهڙيءَ طرح رٿ ڏني سون واسطي يوسف جي نہ هو تانت وٺي

اَخَاهُ فِيۡ دِيۡنِ الۡمَلِكِ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ نَرۡفَعُ دَرَجٰتٍ

ڀاءُ پنهنجي ڪي قانون بادشاه جي ۾ مگر هي جو گهري الله بلند ڪيون ٿا درجا

مَّنۡ نَّشَآءُ ؕ وَفَوۡقَ كُلِّ ذِيۡ عِلۡمٍ عَلِيۡمٌ ﴿۷۶﴾

ان جا جنهن ڪي گهرون ۽ مٿان هر صاحب علم جي گهڻي علم وارو آهي.

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي ڀائرن جي طرفان بنيامين ڪي وٺي اچڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي طرفان ان ڪي پاڻ وٽ رهائڻ جي لاءِ الله (جل جلاله)

جي طرفان ڏنل رٿ جي مطابق حيلو هلائڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِيْ رَحْلِ اَخِيْهِ ثُمَّ اَذَّنَ مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا الْعِيْرُ اِنَّكُمْ لَسَارِقُوْنَ." پوءِ جڏهن انهن لاءِ سندن سامان تيار ڪرايائين ته پنهنجي ڀاءُ (بن يامين) جي سامان ۾ پاڻيءَ پيئڻ جو پيالو وجهرائي ڇڏيائين تنهن ڪان پوءِ سڏ ڪندڙ سڏي چيو ته اي قافلي وارو! پڪ اوهان چور آهيو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سان سندس ڀاءُ بنيامين تمام ڏکي عرصي ڪان پوءِ ان حالت ۾ مليو هو جو مصر جو ملڪ سندس زير فرمان هو ۽ پاڻ ملڪ جي هر شيءِ جو حاڪم ۽ باذن الله مالڪ هو ته بنيامين جي دل ڀاءُ ڪان جدائي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي ۽ ڀاءُ کي عرض ڪيائين ته، مان انهن بي رحم ڀائرن سان وڃڻ لاءِ تيار ناهيان. حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کيس فرمايو ته: ڀاءُ! توکي ڪيئن رهايان؟ منهنجي ملڪ جو قانون اجازت نه ٿو ڏي ته: ڪنهن کي ملڪ وڃڻ ڪان روڪيان ۽ جيڪڏهن راز کوليان ته اجان ان جي اجازت ناهي. نيٺ رب العزة جي طرفان حڪم سان (جيئن اڳتي بيان ٿي رهيو آهي) طي ٿيو ته بنيامين کي حيلي سان روڪيو وڃي ۽ اهو حيلو هي ڪيو وڃي جو حضرت يوسف (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) جي پاڻيءَ پيئڻ وارو پيالو بنيامين جي اناج واريءَ ٻوريءَ ۾ رکيو وڃي ۽ بنيامين کي به قافلي سان روانو ڪيو وڃي ۽ جڏهن قافلو روانو ٿي ڪجهه پنڌ تي پهچي ته کين روڪي سامان جي تلاشي ورتي وڃي جڏهن اهو پيالو بنيامين جي ٻوريءَ مان نڪرندو ته سزا طور کيس پاڻ وٽ رهايو وڃي هتي ان حيلي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جڏهن پروگرام تي عمل ڪيو ويو ۽ قافلو روانو ٿي ويو ته حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي خادمن کين سڏي،روڪي فرمايو ته: اي قافلي وارؤ! اوهان چوري ڪيو ٿا وڃو "قَالُوْا وَاَقْبَلُوْا عَلَيْهِمْ مَّاذَا تَفْقِدُوْنَ" قافلي وارن انهن سڏيندڙ کي سامهون ٿي چيو ته! ڇا وڃايو اٿو؟ مقصد ته اسان کي هرويرو چور ڇو ٿا بنايو؟ جيڪڏهن ڪا شيءِ گم ٿي اٿو ته ٻڌايو ڪهڙي شي گم ٿي وئي اٿو؟ اسين به اجان پري نه ويا آهيون اچي اسان جي سامان ۾ ڳوليو. "قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ وَلِمَنْ جَآءَ بِهٖ حِمْلُ بَعِيْرٍ" چيائون ته بادشاهه جو پيالو وڃايو اٿئون ۽ جنهن اهو آڻي ڏنو ان لاءِ اٺ جو بار (انعام) آهي "وَّاَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ" ۽ مان ان (انجام پوري ڪرڻ جو) ذميوار آهيان. يعني ان سڏ ڪندڙ ۽ سندس ساٿين قافلي وارن کي چيو ته: بادشاهه جي پاڻيءَ پيئڻ وارو قيمتي پيالو گم ٿي ويو آهي ۽ جيڪو تڪليف ڏيڻ ڪان سواءِ اهو پيالو آڻي

ڏيندو ان کي انعام طور اناج جو اٺ پري ڏيندا سون. ۽ اها اسان جي ذميواري آهي ان انعام ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ٿيندي. "قَالُوا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ مَّا جِئْنَا لِنُفْسِدَ فِي الْاَرْضِ وَمَا كُنَّا سَارِقِيْنَ" چيائون الله جو قسم آهي: البت يقينًا اوهان بہ اها ڳالهہ ڄاڻو ٿا تہ اسين ان لاءِ نہ آيا آهيون تہ زمين ۾ فساد برپا ڪيون ۽ اسين چور ناهيون يعني اوهان مصر وارا اسان جي حالات، اٿيءَ ويٺيءَ ۽ طبيعتن کي چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا تہ اسين هتي فساد برپا ڪرڻ لاءِ نہ آيا آهيون ۽ نہ اسين چور آهيون ڪير بہ اسان جي ڪا شرارت ثابت ڪري نہ سگهندو اسان جو خاندان ئي اهڙو آهي جنهن ۾ اهي ڪريل حرڪتون نہ هونديون آهن "قَالُوْا فَمَا جَزَآؤُهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ كٰذِبِيْنَ" چيائون تہ جيڪڏهن اوهان ڪوڙا نڪتؤ تہ پوءِ ان (پيالي ڪٽندڙ) جي سزا ڪهڙي آهي؟ "قَالُوْا جَزَآؤُهٗ مَنْ وُّجِدَ فِيْ رَحْلِهٖ فَهُوَ جَزَآؤُهٗ ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ" چيائون تہ ان (چوريءَ ڪرڻ) جي سزا (اها آهي جو) جنهن جي سامان مان اهو (پيالو) لڌو اهو پاڻ ان جي سزا (۾ ڏنو ويندو) آهي اسين ظالمن کي اهڙيءَ طرح سزا ڏيندا آهيون. حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي شريعت ۾ چور جي سزا اها هئي جو اهو جنهن جي چوري ڪندو هو ان وٽ هڪ سال غلام ٿي رهندو هو. حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن بہ اها ئي ڳالهہ ڪئي پر ان فيصلي مطابق پاڻ قابو ٿي ويا جيئن اڳتي بيان اچي رهيو آهي. "فَبَدَاَ بِاَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَاۗءِ اَخِيْهِ ثُمَّ اسْتَخْرَجَهَا مِنْ وِّعَاۗءِ اَخِيْهِ" پوءِ پنهنجي ڀاءُ (بنيامين) جي ٻوريءَ کي جاچڻ کان اڳ ۾ ڀين جي ٻورين کي جاچڻ سان شروعات ڪيائين ان کان پوءِ (جاچا ڪندي) اهو پيالو پنهنجي ڀاءُ جي ٻوريءَ مان ڪڍيائين. يعني مٿئينءَ ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ سڌ ڪندڙ ۽ سندس ساٿي انهن کي موٽائي مصر جي عزيز حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي خدمت ۾ وٺي آيا ۽ سموري حقيقت عرض ڪري ٻڌايائون ان ٻورين، ٿيلا ۽ بيگون جاچڻ جو حڪم ڏنو پر اول ڀين جون پوءِ بنيامين جون جاچ ڪيائون تہ ڀين ڀائرن جي سامان مان پيالو نہ نڪتو ۽ آخر ۾ بنيامين جي سامان مان نڪتو. "كَذٰلِكَ كِدْنَا لِيُوْسُفَ ۭ مَا كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ فِيْ دِيْنِ الْمَلِكِ اِلَّآ اَنْ يَّشَاۗءَ اللّٰهُ" يوسف کي اهڙي رٿ اسان ڏني ۽ الله جي گهر کان سواءِ بادشاهي قانون ۾ نہ هو تہ ان کي وٺي. مطلب تہ سامان ۾ پيالو رکرائڻ، قافلي وارن کي سڏرائي سامان جاچڻ ۽ بنيامين جي سامان مان پيالي نڪرڻ جي ڪري ان کي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي دربار ۾ رهائڻ اهو سڀ ڪجهہ مون رب العزة جل جلالہ جي رٿ ۽ ارادي سان هو. ملڪ مصر

جي قانون ۾ تہ ائين ڪرڻو ئي نہ هو.

سوال: حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي سڳي ڀاءُ بنيامين کي پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ ائين ڇو ڪيو؟ جڏهن تہ ڪيس خبر هئي تہ سندس والد ماجد حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام) کي سندس جدائيءَ ئي ڏاڍو ڏکويو آهي ۽ سندس ڀاءِ بنيامين جي جدائيءَ جي ڪري تہ ان کي وڏيڪ تڪليف ٿيندي. ٻيو تہ بي گناهہ ڀائرن تي چوريءَ جو الزام تہ اوهان پيالو چوري ڪيو ٿا وچو ۽ انهن کي خوار ڪرڻ اهي سڀ ڪم ڇو ڪيا ويا؟

جواب: "كَذَالِكَ كِدْنَا لِيُوسُفَ" (يوسف کي ائين اسان رٿ ڏني هئي) ۾ انهن سڀني سوالن جا جواب اچي ويا. رب العزة جل شانه فرمايو تہ اهو جو ڪجهہ ٿيو نہ يوسف ڪيو نہ ان جي ڀاءُ اهو سڀ ڪجهہ اسان جو ارشاد هو. ۽ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام سڀ ڪجهہ ان ارشاد کي ادا ڪندي ڪيو هو، مالڪ مٿي ائين ڇو ڪرايو اهي حڪمتون پاڻ ٿو ڄاڻي "نَرْفَعُ دَرَجَاتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ۗ وَفَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ" جنهن کي گهرون ٿا ان جا درجا بلند ڪيون ٿا ۽ هر علم جي صاحب کان مٿان (ٻيو) وڏي علم وارو آهي مطلب تہ اسين جنهن کي گهرون ٿا ان جا درجا بلند ڪيون ٿا جيئن (حضرت) يوسف عليه السلام جا سندس ڀائرن کان درجا بلند ڪيا سون ۽ علم جي لحاظ سان بہ مخلوق ۾ هڪڙن جي مٿان ٻيا علم وارا هوندا آهن ۽ پلا جيڪڏهن مخلوق ۾ ڪنهن جو علم سڀني کان مٿي آهي تہ ان کان بہ مٿان الله جل جلاله جو علم آهي سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ! "وفوق كل ذي علم عالم حتى ينتهى الى الله فليس فوقه احد (۱) يعني هر علم واري جي مٿان علم وارو آهي تان جو علم جي انتها الله جل شانه تي ٿئي ٿي ۽ ان کان مٿي ڪير بہ ناهي.

فائدا: هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا "۱" "وَلِمَنْ جَآءَ بِهٖ حِمْلُ بَعِيْرٍ" مان ثابت ٿيو تہ ڪنهن مقرر ٿيل ڪم جي ڪرڻ تي ڪو اجورو يا انعام مقرر ڪري اعلان ڪرڻ تہ جيڪو شخص هي ڪم ڪندو ان کي هي انعام ڏنو ويندو جيئن اشتهاري مجرمن جي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ يا گم ٿيل شئي جي واپس ڪرڻ تي انعامات جو اعلان ڪيو ويندو آهي اهو جائز آهي. جيتوڻيڪ ان تي اجاره جي تعريف سچي ڪانہ ٿي اچي "۲" "اَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ" (مان ان جو ضامن آهيان) مان ثابت ٿيو تہ هڪ شخص ٻئي شخص جي طرفان ان تي لازم ٿيندڙ مالي حق جو ضامن ٿئجي سگهي ٿو. ۽

(۱) تنوير المقياس صہ۲۰۱

فقهاءِ امت جو فرمان آهي تہ ان صورت ۾ حق جي صاحب کي اختيار آهي تہ اهو پنهنجو مال اصلي ذميدار کان وٺي يا ضامن کان وصول ڪري ها جيڪڏهن ضامن کان وصول ڪيو ويو تہ اهو اصل ذميدار کان ادا ڪيل مال وصول ڪري سگهي ٿو. امام ثوري، ڪوفي جي فقهاء امام اوزاعي، امام شافعي، امام احمد ۽ اسحاق رحمتہ الله عليهم ائين فرمايو آهي (١)

"٣" " كَذَٰلِكَ كِدْنَا لِيُوسُفَ " (اهڙيءَ طرح يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي لاءِ رٿ ڪئي سون - مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن شرعي مصلحت جي بناء تي معاملي جي صورت ۾ ڪا اهڙي تبديلي ڪرڻ جنهن سان احڪام بدلجي وڃن جائز آهي ۽ ان کي فقيهن جي اصطلاح ۾ شرعي حيلو سڏيو ويندو آهي ۽ اهو ان شرط سان جائز آهي جو ان سان شرعي حڪم باطل نہ ٿين ورنہ تہ اهڙو حيلو فقهاءجي اتفاق سان حرام آهي جيئن زڪواة ادا ڪرڻ کان بچڻ لاءِ ڪو حيلو ڪرڻ يا روزن کان بچڻ لاءِ سفر تي وڃڻ اهو حرام آهي ۽ اهڙي حيلي ڪرڻ جي ڪري بعضي قومن تي الاهي عذاب آيو ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن اهڙن حيلن کان روڪيو آهي ۽ اهي امت جي اتفاق سان حرام آهن اهي حيلا نہ پر الله جل جلالہ سان چالبازي ڪرڻ آهي جنهن ۾ پيٽو گناهہ آهي امام بخاري ڪتاب الحيل ۾ اهڙن حيلن جي ناجائز هجڻ کي ثابت ڪيو آهي.

قَالُوٓا اِنْ يَّسْرِقْ فَقَدْ سَرَقَ اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُۚ فَاَسَرَّهَا يُوْسُفُ

چيائون تہ جيڪڏهن چوري ڪئي اٿس تہ پوءِ تحقيق چوري ڪئي ياء ان جي ڀاءُ ان کان اڳ ۾ پوءِ رکيو ان کي يوسف

فِيْ نَفْسِهٖ وَلَمْ يُبْدِهَا لَهُمْۚ قَالَ اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًاۚ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا

دل پنهنجيءَ ۾ ۽ نہ ظاهر ڪيائين ان کي فرمايائين (دل ۾) تہ اوهان بدتر آهيو درجہ جي لحاظ سان ۽ اللہ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي

تَصِفُوْنَ ۝٧٧ قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ اِنَّ لَهٗٓ اَبًا شَيْخًا كَبِيْرًا فَخُذْ

اوهان بيان ڪيو ٿا چيائون تہ اي (مصر جا) عزيزا بيشڪ ان جو پيءُ پوڙهو وڏي عمر وارو آهي پوءِ وٺ

اَحَدَنَا مَكَانَهٗۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝٧٨ قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ

هڪڙي اسان جي کي ان جي بجاءِ يقينًا اسين ڏسون ٿا توکي احسان ڪندڙن مان فرمايائين تہ پناهہ ۾ رکي اللہ هن کان جو

(١) القرطبي صہ٢٣٣ جلد٩

نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗٓ اِنَّآ اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ﴿٧٩﴾ فَلَمَّا

وٺون اسين مگر ان کي جو لڌو سون سامان پنهنجو ان وٽ بلاشڪ اسين ان وقت البت ظالم آهيون پوءِ جڏهن

اسْتَيْئَسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنَّ

نااميد ٿيا ان کان تہ اڪيلا ٿي وينا صلاح ڪندڙ چيو وڏي انهن جي تہ ڇا نہ ڄاتو اوهان تہ بيشڪ

اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَمِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ

پيءُ اوهان جي تحقيق ورتو اوهان کان پڪو وعدو الله جو؟ ۽ اڳ ۾ اهو آهي جو ڪيو اوهان

فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْٓ اَبِيْٓ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ

يوسف سان پوءِ هرگز نہ ڇڏيندس مان (هن) زمين کي تان جو موڪل ڏي مون کي پيءُ منهنجو يا حڪم ڪري الله

لِيْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِرْجِعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْكُمْ فَقُوْلُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّ

مون لاءِ ۽ اهو حڪم ڏيندڙن ۾ ڀلو آهي موٽو طرف پيءُ پنهنجي پوءِ چئو اي پيءُ اسان جا! بيشڪ

ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَمَا شَهِدْنَآ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا وَمَا كُنَّا لِلْغَيْبِ

پٽ تنهنجي چوري ڪيائين ۽ نہ شاهدي ڏني سون مگر ان جي جيڪو ڄاڻون پيا ۽ نہ هئا سون واسطي غيب جي

حٰفِظِيْنَ ﴿٨١﴾ وَسْئَلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ كُنَّا فِيْهَا وَالْعِيْرَ الَّتِيْٓ اَقْبَلْنَا

حفاظت ڪندڙ ۽ پڇا ڪر ڳوٺ کان جو هئا سون ان ۾ ۽ قافلي کان جو آيا آهيون

فِيْهَا ؕ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٨٢﴾

ان ۾ ۽ بيشڪ اسين البت سچا آهيون.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي

سڀني ڀاءُ بنيامين جي سامان مان بادشاهي پيالي جي ملڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ سندس ڀائرن طرفان شرمسار ٿيندي بنيامين جي ٻئي ڀاءُ کان بہ اهڙي حرڪت صادر ٿيڻ جو ذڪر ڪندي بيان ٿي رهيو آهي ”قَالُوٓا إِن يَسۡرِقۡ فَقَدۡ سَرَقَ أَخٞ لَّهُۥ مِن قَبۡلُۚ“ چيائون تہ جيڪڏهن چوري ڪئي اٿس تہ پوءِ يقينًا ان جي ڀاءُ بہ اڳي چوري ڪئي هئي.

مطلب تہ هيءُ اسان جو سڳو ڀاءُ ناهي پيئيٽو ڀاءُ آهي ان جو هڪ سڳو ڀاءُ (حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) هو ان بہ چوري ڪئي هئي (معاذالله) ان وقت ڀائرن پنهنجي پاڪدامني ثابت ڪرڻ جي لاءِ ائين چيو تہ: اي مصر جا عزيز! اوهان اسان ۾ بدگماني نہ رکجو هي چوري ڪرڻ وارو ٻيءِ ماءُ مان آهي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سمجهي ويو تہ اهو الزام مون تي هڻن ٿا پر پاڻ پنهنجي بلند اخلاق کي قائم رکندي انهن کي ڪجهہ بہ نہ چيائين. اهو ڪهڙو ڪم هو جنهن کي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڏانهن نسبت ڪندي ڀائرن چور سڏيو هو؟

مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ: انهن ڀائرن جو اشارو ان واقعي ڏانهن هو جيڪو حضرت يوسف عليه السلام کي ننڍيءَ عمر ۾ پيش آيو هو. ان جو تفصيل هن طرح آهي: محمد بن اسحاق، مجاهد کان آندو آهي تہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ولادت کان پوءِ جڏهن سندس سڳو ڀاءُ بنيامين ڄائو تہ ڪيس ڄڻڻ جي تڪليف جي ڪري سندن ماءُ راحيل وفات ڪري وئي ۽ حضرت يوسف عليه السلام ۽ بنيامين ماءُ کان سواءِ رهڻ جي ڪري سندن ڦڦيءَ جي سنڀال ۾ ڏنا ويا. رب العزة جل شانه حضرت يوسف عليه السلام کي ننڍ پڻ کان ئي محبوبيت ۽ مقبوليت جي اهڙي شان سان نوازيو هو جو ڪيس جيڪو بہ ڏسندو هو اهو ساڻس محبت رکندو هو ڦڦيءَ جو بہ اهو حال هو جو ڪا گهڙي بہ ان کي اکين کان غائب رهڻ پسند نہ ڪندي هئي ٻئي پاسي حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) جو بہ اهو حال هو پر ننڍڙي هجڻ جي ڪري مجبورًا ڪنهن عورت جي سنڀال ۾ ڏيڻو پيو هو ان جي ڪري ڦڦيءَ جي حوالي ڪيو هيائين. جڏهن اهو هلڻ ڦرڻ جهڙو ٿيو تہ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ارادو فرمايو تہ پٽ کي پاڻ وٽ رکي ڦڦيءَ کان گهر ڪيائين تہ ان ڀيريان تہ مجبوري ظاهر ڪئي پر گهڻي چوڻ جي ڪري لاچار ٿي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي والد جي حوالي ڪيائين پر ان

جي واپس ڪرڻ لاءِ هيءَ تدبير ڪيائين جو ان وٽ حضرت اسحاق (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو ڏنڪو مبارڪ پيل هو جيڪو انتهائي قيمتي سمجهيو ويندو هو اهو حضرت يوسف عليه السلام جي بدن تي ڍڪيل ڪپڙن جي هيٺان سندس چيلهه ۾ ٻڌي ڇڏيائين ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي وڃڻ کان پوءِ اها ڳالهه مشهور ڪيائين ته: منهنجي ملڪيت ۾ آيل ڏنڪو چوري ٿي ويو آهي جاچ ڪرڻ کان پوءِ اهو جڏهن حضرت يوسف عليه السلام جي چيلهه مبارڪ مان نڪتو ته حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي شريعت موجب حضرت يوسف عليه السلام کي پاڻ وٽ پنهنجو مملوڪ بنائي رهائي ڇڏيائين ۽ جيستائين پاڻ زنده هئي حضرت يوسف عليه السلام ان وٽ رهيو اهو ئي واقعو حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جي ڀائرن جي ذهن ۾ هو جنهن کي ذڪر ڪندي چيو هيائون ته ان جي ڀاءُ به اڳ ۾ چوري ڪئي هئي (١)

"فَأَسَرَّهَا يُوسُفُ فِي نَفْسِهِ وَلَمْ يُبْدِهَا لَهُمْ" پوءِ ان (ڳالهه) کي يوسف پنهنجي دل ۾ لڪائي رکيو ۽ اها (ڳالهه) انهن لاءِ ظاهر نه ڪيائين يعني حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) اهو ٻڌي ماٺ ڪئي ۽ ڀائرن کي محسوس ٿيڻ ئي نه ڏنائين ته: ڪا مون اها ڳالهه ٻڌي آهي ۽ ان کان متاثر ٿيو آهيان "قَالَ أَنتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا وَاللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا تَصِفُونَ" (دل ۾) فرمايائين ته "اوهان ئي بري درجي ۽ بري حال ۾ آهيو ۽ اوهان جيڪو ڪجهه بيان ڪري رهيا آهيو ان کي الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي - مطلب ته: اوهان پنهنجي ڀاءُ تي چوريءَ جو الزام پيا هڻو اوهان انتهائي بري درجي ۾ آهيو ۽ الله جل جلاله وڌيڪ ڄاڻي ٿو ته سچ ٿا چئو يا ڪوڙ "قَالُوا يَا أَيُّهَا الْعَزِيزُ إِنَّ لَهُ أَبًا شَيْخًا كَبِيرًا فَخُذْ أَحَدَنَا مَكَانَهُ إِنَّا نَرَاكَ مِنَ الْمُحْسِنِينَ" چيائون ته: اي عزيز! يقينًا ان جو پيءُ پوڙهو وڏيءَ عمر وارو آهي پوءِ اسان (ڀين ڀائرن) مان هڪڙو ان جي جاءِ تي وٺي رهاءِ بيشڪ اسين توکي احسان ڪندڙن مان ڏسون ٿا حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن جڏهن ڏٺو ته ڪابه ڳالهه نه ٿي هلي ۽ بنيامين کي مجبورًا هتي ڇڏڻو ٿو پوي تڏهن عزيز مصر جي تعريف ڪندي ڪيس درخواست ڪيائون ته! هن جو پيءُ تمام گهڻو پوڙهو ۽ وڏيءَ عمر وارو آهي ان کان هن جي جدائي برداشت نه ٿي سگهندي ان جي ڪري اوهان ان جي بدلي ۾ اسان مان هڪڙو رکو اوهان کي اها درخواست ان اميد تي ڏيون ٿا جو اسين ڏسون ٿا ته اوهان گهڻو احسان ڪندڙ آهيو

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٤٨٦ جلد٢

"قَالَ مَعَاذَاللهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلاَّ مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗ اِنَّآ اِذًا لَّظَالِمُوْنَ." (مصر جي عزيز) چيو تہ! الله جي پناهہ (تو گهران) هن ڳالهہ کان جو جنهن وٽ پنهنجو سامان لڌو سون ان کان سواءِ ٻئي کي پاڻ وٽ وٺي وهاريون. بلاشڪ اسين ان وقت پڪا ظالم آهيون - مطلب تہ اسان کي رب العزة جل شانه جي طرفان بنيامين کي روڪي رهائڻ جو حڪم مليل آهي ۽ اسان بنيامين سان ٿي ان کي پاڻ وٽ رهائڻ جو وعدو ڪيو آهي. هاڻي جيڪڏهن ان جي بجاءِ اوهان مان ڪنهن ٻئي کي رهايون تہ مٿين ٻنهي ڳالهين جي برخلاف ڪرڻ جي ڪري اسين ظالم ٺهبا سون ۽ اوهان وٽ بہ ناحق ٿي سمجهيا ويندا سون ڇو تہ اوهان بہ فرمايو هو تہ: جنهن وٽان چوريءَ جو سامان لڀندو ان کي ئي ان جي بدلي ۾ روڪي غلام بنايو ويندو. "فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا" پوءِ جڏهن ان کان نااميد ٿيا تہ جدا ٿي صلاح ڪرڻ ويٺا يعني جڏهن بنيامين جي ڇڏائڻ کان مايوس ٿيا تہ هڪ ٻئي سان صلاح ۽ مشورو ڪرڻ لاءِ جدا ٿي ويٺا ۽ هي اهو مرحلو هو جنهن کي حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي نگاهہ ڏسندي فرمايو هو "اِلَّآ اَنْ يُّحَاطَ بِكُمْ" مگر ان صورت ۾ جو اوهان کي گهيراءِ ڪيو وڃي - سبحان الله ڇا نبي سڳوري جي نگاهہ جو ڪمال آهي؟ "قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنَّ اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللهِ وَمِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْٓ اَبِيْٓ اَوْ يَحْكُمَ اللهُ لِيْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحَاكِمِيْنَ" انهن مان وڏي چيو تہ: ڇا اوهان ڪونہ ٿا ڄاڻو؟ تہ اوهان جي پيءُ اوهان کان الله جي قسم سان پڪو عهد ورتو هو ۽ ان کان اڳي اوهان جيڪي يوسف جي باري ۾ قصور ڪيو هو (اهو بہ ڄاڻو ٿا) مان تيستائين هن زمين کي نہ ڇڏيندس جيستائين مون کي منهنجو پيءُ موڪل ڏي يا مون لاءِ الله حڪم ڪري ۽ اهو حڪم ڏيندڙن کان ڀلو حڪم ڏيندڙ آهي ان وڏي ڀاءُ جو نالو يهودا هو جيڪو سيني کان عمر ۾ وڏو هو ۽ اهو ئي بعد ۾ حضرت يعقوب عليه السلام وٽ حضرت يوسف (علىٰ نبيناوعليهما الصلواة والسلام) جي ملڻ جي خوشخبري کڻي ويو هو(١) بعضي مفسرن فرمايو تہ: اهو يهودا ڀين ڀائرن کان علم ۽ فضل ۾ وڏو هو پر عمر ۾ وڏو نہ هو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو قول اهو آهي ۽ ڪي فرمائين ٿا تہ ان مان مراد روبيل آهي اهو سيني کان عمر ۾ وڏو هو ۽ ان ئي ڀين ڀائرن کي حضرت يوسف جي قتل ڪرڻ کان روڪيو هو سدي، قتادة ۽ ضحاڪ ائين فرمايو آهي ۽ مجاهد جو قول آهي تہ اهو شمعون هو. جيڪو ڀائرن ۾ رئيس هو (٢)

(١) نور العرفان صـ ٣٨٩ (٢) المظهري صـ٥٤ سورة يوسف جلد٥

"اِرْجِعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْكُمْ فَقُوْلُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّ ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَمَا شَهِدْنَآ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا وَمَا كُنَّا لِلْغَيْبِ حٰفِظِيْنَ" پنهنجي پيءُ ڏانهن موٽي وڃو پوءِ عرض ڪيوس ته: اي اسان جا پيءُ! يقينًا تنهنجي پٽ چوري ڪئي ۽ اسان نه شاهدي ڏني مگر جيڪا ڄاڻ رکي سون ۽ نه هئا سون غيب جي نگهباني ڪندڙ - مطلب ته وڏي ڀاءُ ٻين ڀائرن کي چيو ته: بابا سائينءَ جي خدمت ۾ واپس وڃو ۽ ڪيس عرض ڪيو ته اسان اوهان سان پنهنجي ڄاڻ مطابق وعدو ڪيو هو ته بنيامين کي سلامت وٺي ايندا سون اها ڪهڙي خبر ته بنيامين چوري ڪندو ۽ ان ۾ اتي رهايو ويندو. ان غيب جي اسان کي ته خبر ڪانه هئي. يا اسان اهو شرعي فيصلو ٻڌايو هو ته جنهن وٽان چوريءَ جو سامان نڪري ان کي غلام بنائي رکيو ويندو اها ڪهڙي خبر ته اسان جو ڀاءُ ئي چور نڪري. "وَاسْئَلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ كُنَّا فِيْهَا وَالْعِيْرَ الَّتِيْٓ اَقْبَلْنَا فِيْهَا ۭ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ." ۽ ان ڳوٺ کان پڇو جنهن ۾ هئا سون ۽ ان قافلي کان پڇو جنهن ۾ آيا آهيون ۽ يقينًا اسين البت سچا آهيون. يعني اسين سچ پيا ڳالهايون پر جيڪڏهن اوهان کي اسان تي اعتبار ناهي ته ماڻهو موڪلي ان ڳوٺ مان پڇا ڪرايو جنهن ۾ اسين هئا سون يا ان قافلي وارن کان پڇو جن سان گڏجي آيا آهيون ته واقعي اها ڳالهه آهي يا نه؟ اهي قافلي وارا به حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جا پاڙيسري، سندس علائقي ڪنعان جا رهاڪو هئا ۽ ڪن جو قول آهي ته صنعاءشهر جا هيا (١)

سوال: حضرت يوسف عليه السلام بنيامين کي روڪي پيءُ کي پريشان ڇو ڪيو؟

جواب: حضرت يوسف عليه السلام اهي سڀ ڪم الله جل جلاله جي امر سان ڪيا هئا تانته حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) امتحان ۽ آزمائش جي اعلىٰ مقام کي ماڻي (٢)

فائدا: هنن آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا. "١" "وَمَا شَهِدْنَآ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا" (۽ نه شاهدي ڏني سون مگر ان جي جيڪا ڄاڻ رکي سون) مان ثابت ٿيو ته: انسان جڏهن ڪنهن سان ڪو معاملو يا معاهدو ڪري ٿو ته اهو ظاهري حالتن تي محمول هوندو آهي ان ۾ اهڙيون شيون نه ايندئون جيڪي ڪنهن جي علم ۾ ئي نه هجن حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن جيڪو پيءُ سان بنيامين جي حفاظت جو وعدو ڪيو هو اهو پنهنجي اختيار ۾ هوندڙ ڪمن جي لاءِ ڪيو هو ۽ اهو معاملو جو اهو

(١) تفسير ابي السعود صـ٣٠١جزء٤ (٢) المظهري صـ٥٥ تفسير سورة يوسف جلد٥

چوريءَ جي الزام ۾ پڪڙيو ويو ڀائرن جي وعدي ۾ داخل نہ آهي. "٢" هن آيت مان ثابت ٿيو تہ شاهديءَ جو مدار ڄاڻ تي آهي پوءِ اها ڄاڻ جهڙي طريقي سان ٿئي شاهدي بہ اهڙي نموني سان ڏي. ان جي ڪري جيئن روبرو ڏسڻ سان شاهدي ڏني ويندي آهي تيئن ڪنهن معتبر ماڻهوءَ کان ٻڌل ڳالهہ تي بہ شاهدي ڏئي سگهجي ٿي پر ان ۾ شرط آهي تہ شاهد بيان ڪري تہ مان هيءَ شاهدي فلاڻي معتبر کان ٻڌڻ جي مدار تي ڏئي رهيو آهيان (١)

"٣" مذڪوره آيتن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ: جيڪڏهن ڪو شخص حق ۽ سچ تي آهي پر موقعو اهڙو آهي جو ڏسڻ وارن کي ناحق يا گناہ جو شبهو ٿي سگهي ٿو تہ ان کي گهرجي تہ ان شبهي کي دور ڪري تانتہ ڏسڻ وارا بدگمانيءَ جي گناهہ ۾ مبتلا نہ رهن جيئن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن شڪ ۽ شبهي کي دور ڪرڻ لاءِ چيو تہ ڳوٺ وارن يا قافلي وارن کان پڇو تہ اسين سچا آهيون يا نہ؟ حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن بہ پنهنجي عمل سان ان جي تائيد ڪرڻ فرمائي هئي هڪ ڀيري پاڻ پنهنجيءَ اهليه صفيه رضي الله عنها کي پاڻ سان وٺي هڪ گهٽيءَ مان وجي رهيا هئا تہ ڪين ان گهٽيءَ جي منڍ ۾ بہ ماڻهو نظر آيا پاڻ پري کان ئي فرمايائون تہ مون سان گڏ منهنجي گهرواري صفيه بنت حيي آهي انهن ٻنهي عرض ڪيو تہ يا رسول لله! صلى الله عليه وسلم ڇا اوهان ۾ بہ ڪنهن کي بدگماني ٿيندي؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو شيطان انسان جي رڳ رڳ ۾ داخل ٿي ويندو آهي ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي دل ۾ شبهو وجهي (٢)

قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ عَسَى اللّٰهُ

چيائين تہ بلڪ سينگاريو اوهان لاءِ نفسن اوهان جي امر کي پوءِ صبر سٺو آهي ويجهو آهي جو الله

اَنْ يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿۸۳﴾ وَتَوَلّٰى

آڻي مون وٽ انهن سڀني کي بيشڪ اهو ئي گهڻو ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ۽ منهن ڦيرايائين

عَنْهُمْ وَقَالَ يٰۤاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ وَابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ

انهن کان ۽ چيائين اي افسوس آهي يوسف (جي جدائيءَ) تي ۽ سفيد ٿيون بہ اکيون ان جون غم جي ڪري

(١) القرطبي صہ٢٤٥جلد٩ (٢) القرطبي صہ٢٤٦جلد٩

فَهُوَ كَظِيْمٌ ﴿٨٤﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ يُوْسُفَ حَتّٰى تَكُوْنَ

پوءِ اهو ڏک کائيندڙ آهي. چيائون تہ قسم آهي الله جو تہ هميشه آهين تون جو ياد ڪرين پيو يوسف کي تان جو ٿي پوين

حَرَضًا اَوْ تَكُوْنَ مِنَ الْهَالِكِيْنَ ﴿٨٥﴾ قَالَ اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ

بيمار يا ٿي پوين وفات ڪندڙن مان چيائين تہ هن ڪان سواءِ ناهي جو بيان ڪيان ٿو مصيبت پنهنجي ۽ ڏک پنهنجو

اِلَى اللّٰهِ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾ يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا

الله وٽ ۽ ڄاڻان ٿو الله جي طرفان اهو جو نہ ٿا ڄاڻو اي پٽ منهنجا! وڃو اوهان

فَتَحَسَّسُوْا مِنْ يُّوْسُفَ وَ اَخِيْهِ وَلَا تَايْئَسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ

پوءِ جاچ ڪيو يوسف ۽ ان جي ڀاءُ جي ۽ نہ نا اميد ٿيو الله جي رحمت مان بلاشڪ

لَا يَايْئَسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٧﴾

نہ ٿا نا اميد ٿين الله جي رحمت مان مگر قوم ڪافر.

تفسير

گذشتہ آيتن ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي ڀائرن جي طرفان صفائي پيش ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي طرفان ڪين سچو نہ مڃڻ ۽ بارگاه ايزديءَ ۾ متن شڪايت ڪرڻ جو ذڪر ڪندي فرمان ٿي رهيو آهي "قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ" فرمائين تہ: بلڪ اوهان لاءِ اوهان جن نفسن (منهنجي باري ۾) امر کي سينگاريو پوءِ صبر سهڻو آهي جڏهن ڀائر اناج سان ڀريل ٻوريون اٺن تي ڪٽي واپس وطن پهتا ۽ بنيامين نہ پهتو ۽ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي پڇا ڪرڻ تي سموري حقيقت عرض ڪيائون تہ پاڻ ڪين فرمايائين جيڪا ڳالهہ اوهان ڪيو ٿا

صحيح ناهي اها اوهان جي نفسن جي طرفان سينگاري پيش ڪيل آهي پر پوءِ بہ مان صبر ڪيان ٿو صبر نهايت سهڻي شيءِ آهي - مفسرن ڀلارن حضرت يعقوب (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي هن فرمان مان دليل ورتو آهي تہ مجتهد جيڪڏهن ڪا ڳالهہ اجتهاد سان ڪري يا چوي پوءِ ڀلي واقع ۾ نہ هجي تہ بہ ان تي گرفت نہ آهي ڪيس اجتهاد جو هڪ ثواب ملندو. ۽ حضرت يعقوب (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي هن فرمان مان مراد سندس پٽن جي اها هٺ جي ناهيل ڳالهہ بہ ممڪن آهي جيڪا انهن شروع ۾ سوچي هئي (١)

"عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا" ويجهو آهي الله جل جلاله جو اهي سڀئي مون وٽ آڻي - هن مان معلوم ٿيو تہ حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام کي اهو علم هو تہ بنيامين حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) وٽ مصر ۾ موجود آهي چو تہ "بهم" ۾ هم جمع جو ضمير آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ٽن تي ڳالهايو ويندو آهي مصر ۾ هڪ بنيامين رڪيو ويو ٻيو ان جي ڪري سندن وڏو ڀاءُ يهودا رهي پيو هو ٽيون حضرت يوسف عليه السلام ئي هو جنهن جي ڪري "هم" جمع جو ضمير آندو ويو ۽ ڪيس اها بہ اميد ۽ خبر هئي تہ اهي سڀئي عنقريب مون سان ملندا ۽ ان جي اها مراد نہ آهي تہ "مون سان ڪنعان ۾ ملڻ ايندا پر مطلب آهي تہ مون سان ملڻ ايندا ۽ ٿيو بہ ائين جو جڏهن حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام مصر ۾ تشريف فرما ٿيو تہ: حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي ڀاءُ بنيامين سميت سندس استقبال خاطر اڳتي وڌي ملڻ آيو "اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ" بيشڪ اهو ئي گهڻو ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ان کي منهنجي سموري حال جو علم آهي ۽ ان جو ڪوبہ ڪم حڪمت کان خالي ناهي ان مون کي هن امتحان ۾ بہ ڪنهن حڪمت جي ڪري آندو آهي (٢)

"وَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ وَابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ فَهُوَ كَظِيْمٌ" ۽ انهن کان منهن ڦيرايائين ۽ فرمايائين تہ هاءِ يوسف (جي جدائيءَ) تي افسوس آهي ۽ سندس اکيون غم کان اڇيون ٿي ويون پوءِ اهو غم کائيندڙ آهي. مطلب تہ جڏهن بنيامين جي جدائيءَ واري ٻي چوٽ لڳي تہ پاڻ سيني گهرجي ياتين ۽ دنيوي تعلقات کان منهن مبارڪ موڙي پنهنجي مالڪ جي ياد ۾ محو هيو ۽ فرمايائين تہ: هاءِ. يوسف جي جدائيءَ تي افسوس آهي. هن مان حضرت يوسف عليه السلام سان سندس

(١) معارف القرآن صـ١١٦جلد ٥ (٢) تفسير ابي السعود صـ٣٠١جزء۴

محبت جو ڪمال ظاهر ٿي رهيو آهي "سندس اکيون مبارڪ اڇيون ٿي ويون هيون" جو مطلب تہ يوسف جي جدائيءَ جي غم ملڻ جي ڪري روئندي روئندي سندس ظاهري نگاهہ بند ٿي وئي هئي. ۽ ڪي بزرگ فرمائين ٿا تہ اکين تي اڇاڻ غالب هئي مگر نظر ٿوري گهٽي هئي مڪمل بند نہ ٿي هئي. عبدالله بن احمد زوائد ۾، ابن جرير ۽ ابو الشيخ ان ڪان آندو آهي تہ حضرت يعقوب عليه السلام وٽان حضرت يوسف جي نڪرڻ واري وقت ڪان وٺي وري موٽي ملڻ تائين حضرت يعقوب عليه السلام جي دل ڪان اهو غم پري نہ ٿيو ۽ اکيون روئڻ ڪان بند نہ رهيون تڏهن سندس پاڪ اکين جي اها حالت ٿي هئي. ۽ ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم لکيو آهي تہ: حضرت يوسف عليه السلام وٽ جبريل پلاڙو جيل ۾ پهتو هو حضرت يوسف عليه السلام ڏسي سڃاڻي پڇيس تہ: اي الله جا عزت وارا ملائڪ! تو ڪي (منهنجي والد) يعقوب جي باري ۾ ڪو علم آهي؟ جبريل چيو تہ "هائو" حضرت يوسف پڇيس تہ ڪيئن آهي؟ فرمايائين تہ: تنهنجي جدائيءَ جي غم ۾ اکيون اڇيون ٿي ويون اٿس حضرت يوسف عليه السلام فرمايو تہ ڪيترو غم اٿس؟ جبريل فرمايو تہ: ستر مشڪلن جي غم جيترو. حضرت يوسف عليه السلام فرمايو تہ: اجر ڪيترو ملندس؟ جبريل عرض ڪيو تہ ستر شهيدن جو" (١)

سوال: حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) الله جي نبي هجڻ جي باوجود پٽ جي جدائيءَ تي ايترو ڏک ڇو ڪيو؟

جواب: دل ۾ غم ڪرڻ منع نہ آهي ۽ اکين مان پاڻي وهائڻ بہ منع نہ آهي جيئن بخاري ۽ مسلم حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي پٽ حضرت ابراهيم جي رحلت تي اکين مبارڪن مان پاڻي وهايو هو ۽ فرمايو هو تہ: اکيون پاڻي وهائن ٿيون ۽ دل ڏک ڪري ٿي ۽ اهو ئي (زبان سان) چوندا سون جنهن سان رب راضي ٿئي ۽ اي ابراهيم! اسين تنهنجي جدائيءَ جي ڪري ڏکويل آهيون" اهڙي طرح بخاري ۽ مسلم اسامه ڪان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ڪنهن نياڻيءَ جو ٻچڙو سندن هنج ۾ رکيو ويو ۽ ان وقت ان جو روح پرواز ڪري رهيو هو ان ڪيفيت کي ڏسي سندن پاڪ اکين مان پاڻي وهي پيو هو سعد نالي اصحابيءَ عرض ڪيو تہ: يا رسول الله صلى الله عليه

(١) روح المعاني صـ٤٠ جزء١٣ جلد٥

وسلم! هي روئڻ ڇو؟ پاڻ فرمايائون تہ: هيءَ رحمت آهي الله جل جلاله پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرندو آهي ان ۾ اها رکندو آهي ۽ الله جل جلاله پنهنجن ٻانهن مان رحم ڪندڙن تي ئي رحم ڪندو آهي حضرت امام حسن بصري هڪ ٻچڙي جي وفات تي روئي ڏنو ڪائنس پڇيو ويو تہ ڇو ٿا روئو؟ فرمايائين تہ: الله جل جلاله حضرت يعقوب عليه السلام جي غم ڪرڻ کي عار قرار نہ ڏنو آهي تڏهن مون بہ غم ۾ روئي ڏنو آهي ها جيڪي جاهل دانهون ڪرڻ، ڳلن تي ڏک هڻڻ سينا ڪٽڻ، گريبان ڪولي ڪپڙا ڦاڙڻ وغيره جا ڪم ڪن ٿا اهو بالڪل منع ۽ ناجائز آهي (١)

"قَالُوا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ يُوسُفَ حَتّٰى تَكُونَ حَرَضًا اَوْ تَكُونَ مِنَ الْهَالِكِيْنَ" چيائون الله جو قسم آهي تہ تون هميشه يوسف کي ياد ڪرين ٿو ۽ ايترو تہ ياد ڪرين جو يا بيمار ٿي پوندين يا وفات ڪري ويندين جڏهن پٽن ڏٺو تہ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) هر لمحي پياري پٽ حضرت يوسف عليه السلام جي فراق ۾ تڙپي رهيو آهي ۽ ان کي ياد ڪندي اکين مان ڳوڙهن جا مينهن پيو وسائي تہ کيس روڪڻ لاءِ ائين چيو هيائون: تہ جيڪڏهن تون سدائين ائين ڪندين تہ سخت بيمار ٿي پوندين يا وفات ڪري ويندين. "حَرَضًا" اي فانيا لاحراک فيک ولا قدرة على الكلام" (٢) حَرَضًا جي معنىٰ اهڙو فاني ٿي ويندين جو نہ تو ۾ چرڻ رهندو ۽ نہ ڳالهائڻ جي طاقت

"قَالَ اِنَّمَا اَشْكُوا بَثِّيْ وَحُزْنِيْ اِلَى اللّٰهِ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ" چيائين تہ مان پنهنجي ڏک ۽ مصيبت جي الله جل جلاله جي بارگاه ۾ شڪايت ڪيان ٿو ۽ الله جل جلاله جي طرفان جيڪو مان علم رکان ٿو اهو اوهان نہ ٿا رکو - جڏهن پٽن کيس مٿين ڳالهہ چئي تڏهن انهن کي جواب ڏيندي فرمايو هيائين تہ: اوهان مون کي ڪجهہ نہ چئو مان پنهنجن ڏکن ۽ دردن جي شڪايت اوهان سان ڪونہ ٿو ڪيان پنهنجي رب ڪريم سان ٿو ڪيان جيڪو منهنجا ڏک لاهڻ تي قادر آهي ۽ مان الله جل جلاله جي طرفان جيڪو علم رکان ٿو تہ يوسف جيئرو آهي اهو اوهان ڪونہ ٿا ڄاڻو فقيه ابو الليث سمرقندي هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ: حضرت يعقوب عليه السلام اهو علم ان وقت کان ئي رکندو هو جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام)

(١) روح المعاني صہ٤٠ جزء١٣ جلد٥ (٢) تيسير الكريم الرحمان صہ٤٤٤ جلد٢

کيس يارهن تارن ڏسڻ وارو خواب ڏٺو هو(١)

سوال: حضرت يعقوب (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) نبوت جي عاليشان مقام تي فائز هجڻ جي باوجود پنهنجي هڪڙي پٽ حضرت يوسف عليه السلام لاءِ ايترو پريشان ڇو رهيو؟

جواب: علامه آلوسي عليه الرحمته ان جي جواب ۾ لکيو آهي ته: يوسفي حسن حضرت يعقوب عليه السلام جي لاءِ جمال الاهيءَ جو آئينو بڻايو ويو هو اهو ان ۾ ائين تجليات الاهيه جو مشاهدو ڪندو هو جيئن عام انسان آئيني ۾ پنهنجو منهن وغيره ڏسندو آهي ۽ جڏهن حضرت يوسف عليه السلام ان کان غائب ڪيو ويو ته خداوندي انوار جي ديدار واري لذت نه ملڻ جي ڪري بي قرار ٿيو هو ان کان پوءِ علامه موصوف لکيو آهي ته: "ولعمري انه لو کان شاهدا تجليه تعالیٰ فی اول التعينات وعين اعيان الموجودات صلی الله عليه وسلم نسي ما رای ولما عراه ما عری" يعني مون کي پنهنجي حياتيءَ جو قسم ته جيڪڏهن حضرت يعقوب عليه السلام الله جل شانه جي ان تجليءَ جو مشاهدو ڪري ها جيڪا تعينات ۾ اول ۽ موجودات جي وجودن جي وجود حضور عليه الصلواة والسلام ۾ هئي ته يوسفي حسن ۾ ڏٺل تجليءَ کي وساري ڇڏي ها ۽ ان تي اها حالت جيڪا مٿس طاري ٿي هئي طاري نه ٿئي ها (٢) علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمته فرمايو آهي ته: حضرت يوسف عليه السلام جو حسن الاهي انوار جي جلوه گاه هو. حضرت امام رباني قدس سره النوراني فرمايو آهي ته: حضور سيد المرسلين عليه وعليهم الصلواة والسلام جي ذات اقدس جي لاءِ مربي ۽ تعين جي مبدا الله جل جلاله جي صفت علم آهي جيڪا سيني صفتن کان قريب ۽ محبوب آهي ۽ علم جو حسن ۽ جمال ايترو لطيف ۽ مقام ايترو بلند آهي جنهن کي دنيوي نگاهون حاصل ڪري نه سگهنديون ان جي ڪري حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي حسن ۽ جمال کي اسان جون نگاهون صحيح طور نه ٿيون ڏسي سگهن حضور عليه الصلواة والسلام جن جو حسن ۽ جمال قيامت جي ڏينهن نقاب کان ٻاهر ٿيندو ۽ ان ڏينهن دنيا کي پتو پوندو ته حسن آهي ته محمدي حسن آهي ۽ جمال آهي ته به سندن ئي جمال آهي ان کان پوءِ حضرت امام رباني عليه الرحمته جن لکيو آهي

(١) بحر العلوم صـ١٧٤جلد٢ (٢) ضياءُ القرآن صـ٤٥٠جلد٢

تہ: يوسف عليه الصلواة والسلام جي حسن تي تہ صرف حضرت يعقوب عليه السلام ۽ ٻيا ماڻهو پريشان هئا پر حضور عليه الصلواة والسلام جن جي حسن ۽ جمال سان تہ ڪائنات جو خالق خود محبت رکي ٿو (١)

"يَا بَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا مِنْ يُّوْسُفَ وَاَخِيْهِ وَلَاتَايْئَسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِنَّهٗ لَايَايْئَسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكَافِرُوْنَ" اي منهنجا پٽ! وڃو پوءِ يوسف ۽ ان جي ڀاءُ جي جاچ ڪيو ۽ الله جي رحمت مان نااميد نہ ٿيو. يقينًا الله جي رحمت مان نااميد نہ ٿا ٿين مگر ڪافر قوم هڪ ڏينهن حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) پنهنجن پٽن کي فرمايو تہ: اوهان الله جي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو وڃو يوسف ۽ ان جي ڀاءُ کي وڃي ڳوليو - هن آيت تي غور ڪرڻ سان بہ واضح ٿئي ٿو تہ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي اهو يقين هو تہ حضرت يوسف عليه السلام زنده آهي ۽ يوسف سان گڏ ان جي ڀاءُ کي ذڪر ڪرڻ مان اهو اشارو ملي رهيو آهي تہ ڪيس اهو بہ علم هو تہ يوسف عليه السلام اهو ئي آهي جنهن وٽ اوهان بنيامين کي ڇڏي آيا آهيو وڃو ۽ ڏسو پڇاڙيءَ ۾ اهو بہ تاڪيد ڪري ڇڏيو هيائين تہ: مايوس نہ ٿيو ڇو تہ ايمان وارا پنهنجي رب جي بي پايان رحمت کان مايوس نہ ٿيندا آهن ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڳالهہ کي راز ۾ رکڻ جي حڪمت پوري ٿي رهي آهي ۽ هاڻي پردو کڄڻ وارو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا "١" تہ انسان کي جڏهن جان، اولاد ۽ مال ۾ ڪا تڪليف درپيش اچي تہ ان جو علاج صبر ڪرڻ ۽ الله جل جلالہ جي رضا تي راضي رهڻ آهي جيئن حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڪري ڏيکاريو "٢" حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي واقعي مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ پيارن جي فراق ۾ روئڻ جائز آهي "٣" "اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ اِلَى اللّٰهِ" (مان پنهنجي تڪليف ۽ ڏک جي شڪايت الله سان ٿو ڪيان) مان ثابت ٿيو تہ هر تڪليف ۽ دردجي دانهن رب العزة جل جلالہ کي ڏجي ۽ اهو ئي نبين عليهم الصلواة والسلام جو طريقو آهي .

(١) المظهري سورة يوسف صـ٦٠ جلد ٥

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا وَاَهْلَنَا الضُّرُّ

پوءِ جڏهن داخل ٿيا ان وٽ تہ چيائون اي عزيز! پهتي اسان کي ۽ اهل اسان جي کي تڪليف

وَجِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ فَاَوْفِ لَنَا الْكَيْلَ وَتَصَدَّقْ عَلَيْنَا ۭ اِنَّ

۽ آندي اسان موڙي ناقص پوءِ پوري ڪري ڏي اسان کي ماپ ۽ صدقو ڏي اسان کي

اللّٰهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿٨٨﴾ قَالَ هَلْ عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ بِيُوْسُفَ

بيشڪ الله (سهڻو) بدلو ڏي ٿو صدقي ڪندڙن کي فرمايائين تہ ڇا ڄاڻو ٿا؟ اهو جو ڪيو اوهان يوسف

وَاَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿٨٩﴾ قَالُوْٓا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ۭ قَالَ اَنَا

۽ ان جي ڀاءُ سان جڏهن اوهان نہ ڄاڻندڙ هيئو؟ چيائون ڇا پڪ تون ئي البت يوسف آهين؟ فرمايائين تہ مان

يُوْسُفُ وَهٰذَآ اَخِيْ ۡ قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا ۭ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ

يوسف آهيان ۽ هيءُ ڀاءُ منهنجو آهي تحقيق احسان ڪيو الله اسان تي بيشڪ جيڪو بہ تقويٰ ڪندو ۽ صبر ڪندو

فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ

پوءِ بيشڪ الله نہ ٿو ضايع ڪري اجر نيڪو ڪارن جو چيائون قسم آهي الله جو تہ البت تحقيق پلو بنايو توکي الله

عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِـــِٕيْنَ ﴿٩١﴾ قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ۭ

اسان کان ۽ بيشڪ هئا سون البت خطا ڪندڙ فرمايائين تہ: ناهي ميار اوهان تي اڄ

يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۡ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٩٢﴾

بخشيندو الله اوهان کي ۽ اهو وڏيڪ رحم ڪندڙ آهي رحم ڪندڙن کان.

تفسير

اڳ ۾ مذڪوره آيتن ۾ حضرت يعقوب علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي

طرفان پٽن کي حڪم جو ذڪر هو تہ "يوسف ۽ ان جي ڀاءُ جي جاچ ڪيو" ۽ هنن آيتن ۾ انهن جو مصر ۾ داخل ٿيڻ ۽ حضرت يوسف ۽ ان جي ڀاءُ سان ملڻ جو بيان آهي. ارشاد الاهي آهي "فَلَمَّا دَخَلُوا عَلَيْهِ قَالُوا يَا أَيُّهَا الْعَزِيزُ مَسَّنَا وَأَهْلَنَا الضُّرُّ وَجِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجَاةٍ فَأَوْفِ لَنَا الْكَيْلَ وَتَصَدَّقْ عَلَيْنَا ۖ إِنَّ اللَّهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِينَ" پوءِ جڏهن ان وٽ داخل ٿيا تہ چيائون "اي عزيز! اسان کي ۽ اسان جي اهل کي تڪليف پهتي آهي ۽ اسين ناقص موڙي کڻي آيا آهيون پوءِ اسان کي ماپ پوري ڪري ڏي ۽ اسان کي صدقو ڏي بيشڪ الله صدقو ڏيندڙن کي (سهڻو) بدلو ڏيندو آهي - مطلب تہ جڏهن حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جا ڀائر والد جي حڪم مطابق مصر ۾ پهتا ۽ مصر جي عزيز سان مليا تہ ان سان خوشامد واري گفتگو شروع ڪيائون ۽ پنهنجي بيڪسيءَ ۽ محتاجيءَ کي ظاهر ڪندي چوڻ لڳا تہ اي عزيز! اسان کي ۽ اسان جي اهل عيال کي ڏڪار جي ڪري سخت تڪليف پهچي رهي آهي ايتري قدر جو اسين اناج خريد ڪرڻ لاءِ بہ ناقص موڙي، (اهڙيون شيون جيڪي ڪم جون ئي ناهن) کڻي آيا آهيون تون پنهنجي سهڻي اخلاق کي ظاهر ڪندي اهي ناقص شيون قبول ڪر ۽ اسان کي انهن جي بدلي ۾ ايترو ئي گهڻو اناج ڏي جيترو ڀلين شين جي مقابلي ۾ ڏنو هيئي ۽ اهو صدقو سمجهي عطا ڪر الله جل جلاله صدقو ڏيندڙن کي سهڻو بدلو عطا ڪندو آهي.

بِضَاعَةٍ مُّزْجَاةٍ" (ناقص موڙي) مان مراد ڇا آهي؟

ان ۾ مختلف قول آهن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ ان مان مراد ردي درهم هئا جيڪي اناج جي ملهہ ۾ قبول ئي نہ ڪيا ويندا هئا (١) "قَالَ هَلْ عَلِمْتُم مَّا فَعَلْتُم بِيُوسُفَ وَأَخِيهِ إِذْ أَنتُمْ جَاهِلُونَ" فرمايو (حضرت يوسف) تہ جڏهن اوهان اڻ ڄاڻ هيئو تہ ان وقت اوهان جيڪو ڪجهہ يوسف ۽ ان جي ڀاءُ سان ڪيو اهو ڄاڻو ٿا؟ جڏهن حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڀائرن جو درد ڀريو احوال ٻڌو تہ سندس دل بہ ڏک ۾ ڀرجي آئي ۽ اظهار حال تي لڳل پابنديءَ جو بہ خاتمو ٿيو تڏهن حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کين ائين فرمايو (٢) ۽ ابن ابي فروة کان روايت آهي تہ حضرت يعقوب (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) پنهنجن پٽن کي مصر جي عزيز جي نالي هڪ خط لکي ڏنو هو جنهن ۾ سندن خاندان

(١) التفسير الڪبير صہ ٢٠١ جزء١٨ (٢) معارف القرآن صہ ١٢٣ جلد٥

تي آيل امتحانن کي ذکر کيو هيائين ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ان کي پڙهي روئي ڏنو ۽ پوءِ ڀائرن کان متيون سوال کيو هيائين (١) فقيه ابو الليث سمر قنديءَ لکيو آهي تہ: جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن کيس متيون عرض کيو تہ پاڻ اهو دستاويز کڍي کين ڏيکاريائين جيکو کيس وکڻڻ وقت سندس ڀاءُ يهودا قافلي وارن کي لکي ڏنو هو. ڏسي اکر سچا تائون ۽ چوڻ لڳا تہ: اسان ان غلام کي ان وقت وکڻيو هو جڏهن بکريون چاريندا هئا سين پاڻ فرمايائين تہ: اوهان هک آزاد انسان کي وکڻي کيڏو نہ ظلم کيو هو پوءِ کين احساس ڏيارڻ لاءِ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) پنهنجن سپاهين کي حکم ڏنو تہ هنن سڀني کي تلوارن سان کهي ڇڏيو اهو حکم ٻڌڻ شرط دانهون کري چوڻ لڳا تہ ائين نہ کر اسان کي نہ ڏس اسان جي پوڙهي ۽ ضعيف پيءُ تي رحم کر جيکو هک پٽ جي جدائيءَ ۾ ئي الاءِ کيئن ٿي ويو آهي؟ جيکڏهن سڀ کسي ويا تہ ان جو حال ڇا ٿيندو؟ پوءِ کين چيائين تہ: ڇا اوهان اهو ڄاڻو ٿا جيکو اوهان يوسف ۽ سندس ڀاءُ سان کيو هو ۽ اوهان ان وقت اڻ ڄاڻ هيئو؟ (٢)

جڏهن سندس ڀائرن اهي الفاظ ٻڌا تہ سوچ ۾ پئجي ويا تہ مصر جي عزيز جو يوسف جي قصي سان کهڙو واسطو؟ پوءِ وري ايڏانهن بہ سندن خيال ويو تہ يوسف جيکو ننڍي هوندي خواب ڏٺو هو ان جو تعبير اهو آهي جو ان کي کو بلند مرتبو مليو هوندو جنهن جي کري اسان سڀني کي ان جي اڳيان جهکڻو پوندو کٿي هي مصر جو عزيز پاڻ ئي يوسف نہ هجي پوءِ وري جڏهن وڌيک غور ۽ تامُّل کيائون تہ کجهہ نشانين سان سڃاڻي ويا ۽ وڌيک تحقيق جي لاءِ کانئس پڇيائون "قَالُوٓا أَئِنَّكَ لَأَنتَ يُوسُفُ" چيائون تہ ڇا البت تحقيق تون ئي يوسف آهين؟ مفسر ضحاک حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڀائرن کي فرمايو تہ: ڇا اهو ڄاڻو ٿا جيکو اوهان يوسف ۽ سندس ڀاءُ سان کيو هيو؟ تہ ٽورو کليو هو ۽ ڀائرن ڏٺو تہ سندس ڏند مبارک موتين وانگر چمکي رهيا هئا پوءِ ان کي يوسف سمجهي پڇيو هيائون (٣)

"قَالَ أَنَا يُوسُفُ وَهَٰذَا أَخِي" فرمايائين تہ (مان يوسف آهيان ۽ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي) ڀائرن جڏهن تہ اهو سوال پک کرڻ لاءِ پڇيو هو تڏهن پاڻ صريح نالو مبارک آڻي

(١) المظهري سورة يوسف ص٦٥ ج٥ (٢) بحر العلوم ص ١٧٥ جلد٢ (٣) المظهري. سورة يوسف ص ٦٥ جلد ٥

فرمايائين تہ (مان يوسف آهيان ۽ هيءُ منهنجو سڳو ڀاءُ آهي) (١)

مطلب تہ جن ٻنهي جي ڳولڻ لاءِ اوهان کي والد ڪريم عليہ التحيۃ والتسليم فرمايو هو اهي اسين آهيون اوهان کوبہ شڪ نہ ڪيو اسين اوهان کي ملي ويا آهيون "قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ" تحقيق الله اسان تي احسان ڪيو آهي بلاشڪ جيڪو بہ تقويٰ ۽ صبر ڪندو پوءِ بلاشڪ الله نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نہ ٿو ڪري مطلب تہ رب العزة جل جلالہ اسان تي احسان ڪيو آهي جو جدائي ختم ڪري ميلاپ نصيب ڪيائين ۽ ذلت کان بچائي عزت ڏنائين تڪليف ۽ تنگي لاهي راحت ۽ عيش واري حياتي عطا ڪيائين يقينًا جيڪو بہ شخص تڪليف، بلا ۽ مصيبت جي حالات ۾ تقويٰ اختيار ڪري صبر ڪندو الله اهڙن نيڪو ڪارن جو اجر ضايع نہ ڪندو تقويٰ ۽ صبر ڪاميابيءَ جون ڪنجيون ۽ مصيبتن کان امن امان ملڻ جو ذريعو آهن "قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِئِيْنَ" چيائون الله جو قسم آهي تہ البت تحقيق الله توکي اسان کان ڀلو ڪيو آهي ۽ بلاشڪ اسين خطا ڪندڙ هئاسون يعني جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن کي ٻيو ڪو رستو نہ رهيو تڏهن پنهنجي قصور ۽ خطا جو اعتراف ڪري اهو عرض ڪرڻ لڳا "قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ" فرمايائين تہ: اڄ اوهان تي ڪابہ ميار ناهي الله اوهان کي بخش ڪرڻ فرمائي ۽ اهو رحم ڪندڙن ۾ وڏيڪ رحم ڪندڙ آهي مطلب تہ مان اوهان کان اوهان جي ڪيلن ظلمن جو بدلو تہ ڪونہ ٿو وٺان پر اوهان کي ڪا ميار بہ نہ ٿو ڏيان ۽ اوهان لاءِ دعا بہ ڪيان ٿو تہ الله ارحم الراحمين اوهان کي مغفرت نصيب ڪرڻ فرمائي

فائدا

مذڪوره آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا "١" "تَصَدَّقْ عَلَيْنَا" (اسان تي صدقو ڪر) مان مراد ردي درهمن جي عوض صاف ۽ سٺو اناج ڏيڻ آهي. زڪواة ۽ وجوبي صدقو مراد ناهي. ڇو تہ انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي اولاد هجڻ جي حيثيت سان اهو انهن جي شان جي شايان ۽ لائق نہ هو ڪنهن قسم جي مهرباني ڪرڻ کي بہ صدقو سڏيو ويندو آهي هر اهو ڪم جنهن تي ثواب ملي صدقو آهي جيئن مسلمان ڀاءُ سان خنده پيشانيءَ سان ملڻ کي بہ صدقو سڏيو ويو آهي (٢)

(١) روح المعاني صہ٤٨ جزء ١٣جلد٥ (٢) نورالعرفان صہ ٣٩١

"٢" "اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِيْنَ" (بلاشڪ الله صدقو ڏيندڙن کي بدلو ڏيندو آهي) ان ۾ تفصيل آهي، صدقي ۽ خيرات جو هڪڙو بدلو عام آهي جو مومن کان سواءِ دنيا ۾ ڪافر کي به ملندو آهي جيئن بلائن ۽ مصيبتن جو دفع ٿيڻ ۽ هڪڙو بدلو آخرت سان مخصوص آهي جيڪو صرف ايمان وارن جو حصو آهي "٣" "قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا" (يقينًا اسان تي الله احسان ڪيو آهي) مان ثابت ٿيو ته جڏهن انسان ڪنهن تڪليف ۽ مصيبت کان آزاد ٿئي ته اهو انهن مصيبتن ۽ تڪليفن جي ذڪر ڪرڻ جي بجاءِ آزاد ٿيڻ واري نعمت جو ذڪر ڪري گذريلن تڪليفن کي ياد ڪرڻ الله جي بي شڪري ٿي پوندي، باقي ان کي شڪر جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي ان ۾ ئي بهتري آهي "٤" "لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ" (اڄ اوهان تي ڪا ميار نه آهي) مان سبق ملي ٿو ته جيئن حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) پائرن کي بخش ڪيو هو تيئن اسان سان جيڪڏهن ڪير ظلم ڪري ته اسان کي به ان کي بخش ڪرڻ گهرجي ۽ اها اميد رکڻ گهرجي ته جيئن حضرت يوسف کي الله جل جلاله نوازيو هو تيئن اسان تي به نوازشون ڪندو نيت هميشه صاف رکڻ گهرجي بدنيت ناڪام رهندو ڪامياب نه ٿيندو.

اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِيْ يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ

ڪٺي وڃو قميص منهنجي هيءُ پوءِ وجهو ان کي منهنجي پيءُ جي منهن تي ته ايندو ڏسندڙ ٿي

وَاْتُوْنِيْ بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٣﴾ وَلَمَّا فَصَلَتِ الْعِيْرُ قَالَ اَبُوْهُمْ اِنِّيْ

۽ آڻيو مون وٽ اهل پنهنجو سمورو ۽ جڏهن جدا ٿيو قافلو (مصر کان) ته چيو پيءُ انهن جي بيشڪ مان

لَاَجِدُ رِيْحَ يُوْسُفَ لَوْلَآ اَنْ تُفَنِّدُوْنِ ﴿٩٤﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ

محسوس ڪري رهيو آهيان خوشبوءِ يوسف جي ڪي جيڪڏهن ناقص العقل نه سمجهو مون کي چيائون ته قسم آهي الله جو ته

اِنَّكَ لَفِيْ ضَلٰلِكَ الْقَدِيْمِ ﴿٩٥﴾ فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ

بيشڪ تون البت پنهنجي پراڻيءَ محبت ۾ آهين پوءِ جڏهن آيو بشارت ڏيندڙ ته وڌائين ان کي منهن ان جي تي

فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ۚ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾

پوءِ موٽي ٿيو ڏسندڙ فرمايائين ته چيو نه هو مون اوهان کي؟ ته بيشڪ مان ڄاڻان ٿو الله جي طرفان اهو جو اوهان نه ٿا ڄاڻو

الربع

قَالُوْا يٰۤاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَاۤ اِنَّا كُنَّا خٰطِئِيْنَ ﴿٩٧﴾ قَالَ سَوْفَ

چيائون ته اي پيءُ اسان جا! مغفرت وٺي ڏي اسان کي گناهن اسان جن جي بيشڪ اسين هياسون خطا ڪندڙ چيائين ته

اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٩٨﴾ فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى

جلد مغفرت گهرندس اوهان لاءِ رب پنهنجي کان بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي پوءِ جڏهن داخل ٿيا

يُوْسُفَ اٰوٰۤى اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَقَالَ ادْخُلُوْا مِصْرَ اِنْ شَاۤءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾

يوسف وٽ ته جاءِ ڏنائين پاڻ وٽ پيءُ، ماءُ پنهنجن کي ۽ چيائين ته داخل ٿيو مصر ۾ جيڪڏهن گهريو الله امن وارا ٿيندڙ

وَرَفَعَ اَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَخَرُّوْا لَهٗ سُجَّدًا ۚ وَقَالَ يٰۤاَبَتِ هٰذَا

۽ بلند وهاريائين پيءُ ماءُ پنهنجن کي تخت تي ۽ ڪري پيا ان لاءِ سجدو ڪندڙ ۽ چيائين ته اي پيءُ منهنجا! هيءُ

تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ مِنْ قَبْلُ ۡ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ۭ وَقَدْ اَحْسَنَ بِيْۤ اِذْ

منهنجي اڳ ۾ ڏٺل خواب جو تعبير آهي تحقيق بنايو ان کي رب منهنجي سچو ۽ تحقيق احسان ڪيائين مون سان جڏهن

اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَجَاۤءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ

ڪڍيائين مون کي جيل مان ۽ آندائين اوهان کي ٻهراڙيءَ مان ان کان پوءِ جو جهيڙو وڌو

الشَّيْطٰنُ بَيْنِيْ وَبَيْنَ اِخْوَتِيْ ۭ اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَاۤءُ ۭ اِنَّهٗ

شيطان مون ۾ ۽ ڀائرن منهنجن ۾ بيشڪ رب منهنجو مهربان آهي جنهن لاءِ گهري بيشڪ

هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿١٠٠﴾

اهو ئي ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه

الصلواة والسلام) سان سندس ڀائرن جي ملاقات جو ذڪر ۽ والد ماجد حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي اکين مبارڪن جي سفيد هجڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ والد ماجد جي اکين روشن ٿيڻ لاءِ انتظام ڪرڻ ۽ انهن کي آڻائڻ جو بيان ٿي رهيو آهي فرمان عالي شان آهي "اِذۡهَبُوۡا بِقَمِيۡصِيۡ هٰذَا فَاَلۡقُوۡهُ عَلٰى وَجۡهِ اَبِيۡ يَاۡتِ بَصِيۡرًا" هيءَ منهنجي قميص کڻي وڃو پوءِ اها منهنجي پيءُ جي منهن (مبارڪ) تي وجهو ته ڏسندڙ ٿي ايندو مطلب ته پاڻ جيڪا قميص ان وقت ڏکيو وينو هو اها لاهي ڀائرن کي فرمايائين ته: منهنجي هيءَ قميص کڻي وڃو بعض علماء جو قول آهي ته ان قميص مان مراد اها قميص آهي جيڪا بيبي زليخا پوئين پاسي کان ڦاڙي هئي مگر پهريون قول ترجيح وارو ۽ صحيح آهي (١)

ظاهر آهي ته ڪنهن جي قميص جو اکين جي ويل نور ورائڻ لاءِ سبب بنجڻ مادي لحاظ سان ته ناهي بلڪ هي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو معجزو هو ان کي الله جل جلاله جي طرفان مليل اذن سان معلوم ٿي ويو هو ته جڏهن سندس قميص سندس والد جي منهن مبارڪ تي رکي ويندي ته سندس اکيون روشن ٿي پونديون علم تفسير جي اڳواڻن مجاهد ۽ ضحاڪ وغيره جو قول آهي ته اها قميص عام قميصن وانگر نه هئي بلڪ اها قميص حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي لاءِ بهشت مان ان وقت آندي وئي هئي جڏهن نمرود سندس پاڪ جسم تان ڪپڙا لاهي کيس باهه ۾ اڇلايو هو پوءِ اها بهشتي قميص حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) وٽ ئي رهي ۽ سندس رحلت کان پوءِ حضرت اسحاق (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) وٽ هئي ۽ ان جي دنيا تان رحلت کان پوءِ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي ملي پاڻ ان کي هڪ متبرڪ شيءِ جي حيثيت سان چانديءَ جي هڪ نلڪيءَ ۾ بند ڪري تعويذ بنائي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڳچيءَ مبارڪ ۾ ٻڌي ڇڏيو هيائين تانته بدنظر کان محفوظ رهي جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ڀائرن کيس کوهه ۾ اڇلائڻ وقت ڪپڙن کان خالي ڪيو ۽ کوهه ۾ اڇلايو ته اتي جبرئيل امين اچي سندس ڳچيءَ مبارڪ مان اها نلي کڏي کولي ان مان اها قميص ڪڍي کيس ڍڪائي جيڪا ان وٽ محفوظ هلندي آئي ۽ ان کي حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڏانهن موڪلڻ لاءِ مشورو

(١) روح المعاني جزء ١٣ صـ ٥٢ جلد ٥

بہ جبريل امين ڏنو هو تہ هيءَ جنتي قميص آهي ان ۾ اکين جي ويل نور کي ورائڻ واري صلاحيت بہ آهي اها پنهنجي والد بزرگوار ڏانهن موڪلي ڏي ۽ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني عليه الرحمتہ جو فرمان آهي تہ: حضرت يوسف عليه السلام جو حسن ۽ جمال ۽ سندس وجود خود جنت جي هڪ شئي آهي ان جي ڪري سندس جسم کي لڳڻ واري هر قميص ۾ اها خاصيت هئي (١)

حضرت يعقوب وٽ اها قميص ڪير کڻي ويو هو؟

علامه قرطبي لکيو آهي تہ: يهودا نالي سندن ڀاءُ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي عرض ڪيو هو تہ اها قميص مان ٿو کڻي وڃان. ڇو تہ رت سان ڀريل قميص بہ مان کڻي ويو هوس. جيئن ان سان والد صاحب کي ڏکويو هوم تيئن هن سان کيس خوشي پهچايان "وَأْتُونِي بِأَهْلِكُمْ أَجْمَعِينَ" ۽ مون وٽ پنهنجو سمورو اهل وٽي اچو. مسروق جو قول آهي تہ اهي مرد عورتون ٽوٽل ٽيانوي (٩٣) هئا (٢)

"وَلَمَّا فَصَلَتِ الْعِيرُ قَالَ أَبُوهُمْ إِنِّي لَأَجِدُ رِيحَ يُوسُفَ لَوْلَا أَنْ تُفَنِّدُونِ" ۽ جڏهن قافلو (مصر کان جدا ٿي نڪتو تہ سندن پيءُ فرمايو: جيڪڏهن اوهان مون کي ناقص العقل نہ سمجهو تہ مان يوسف جي خوشبوء محسوس ڪري رهيو آهيان.

حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي اها خوشبوء ڪيتري پنڌ کان آئي؟

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي اها خوشبوء اٺن ڏينهن جي پنڌ تان آئي هئي ۽ حسن ۽ ابن جريج فرمايو آهي تہ اسي فرسخ (تقريبًا اڍائي سئو ميل) جي پنڌ تان کيس اها خوشبوء آئي هئي (٣)

"قَالُوا تَاللَّهِ إِنَّكَ لَفِي ضَلَالِكَ الْقَدِيمِ" چيائون الله جو قسم آهي تہ بلاشڪ تون پنهنجيءَ پراڻيءَ محبت ۾ آهين يعني يوسف جي محبت، ان جي زنده هجڻ ۽ ٻيهر ملڻ جو يقين تنهنجي دل ۾ ويٺل آهي اهي ئي پراڻيون سوچون آهن جيڪي يوسف جي خوشبوءِ بنجي تنهن جي دماغ ۾ اچن ٿيون علامه ابو حيان اندلسي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ: هتي ضلال مان مراد رشد ۽ هدايت جو ضد (گمراهي) ناهي (٤)

(١) المظهري صہ ٦٧ سورة يوسف جلد٥ (٢) القرطبي صہ ٢٥٩ جلد٩
(٣) البحر المحيط صہ ٣٤٤ جلد٥ (٤) ساڳيو حوالو

علامه اسماعيل حقي عليه الرحمه لکيو آهي ته، "ضَلٰلِكَ الْقَدِيْمِ" مان مراد آهي ته: يوسف جي بيحد محبت ۽ گهڻي ياد ڪرڻ جي ڪري قديم حيرت ۾ آهين (١) "فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ اَلْقٰهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا" پوءِ جڏهن بشارت ڏيندڙ آيو ته ان کي ان جي منهن (مبارڪ) تي وڌائين ته وري ڏسندڙ ٿي پيو مطلب ته جڏهن قافلو مصر کان روانو ٿيو ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي پيارن والد کي خوشخبري ڏيڻ لاءِ پاڻ مان هڪ کي منتخب ڪيو، هڪ قول مطابق يهودا ۽ ٻئي قول مطابق شمعون اها قميص کڻي قافلي کان اڳ ۾ روانو ٿيو ۽ ان حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي حضرت يوسف ۽ بنيامين جي ملڻ جي خوشخبري ڏيندي سندس منهن مبارڪ تي اها قميص رکي ته سندس اکين جو ويل نوروري آيو ۽ اکيون روشن ٿي پيون ۽ اهو سڀ ڪجهه معجزي طور ٿيو هو (٢)

"قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ۙ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ" (حضرت يعقوب) فرمايو ته: ڇا مون اوهان کي چيو نه هو؟ ته مان الله جي طرفان اهو علم ٿو رکان جيڪو اوهان نه ٿا رکو مطلب ته جڏهن سڀ خير سان موٽي آيا ته پاڻ کين فرمايائين ته: ڇا مون اوهان کي ٻڌايو نه هو ته: يوسف زنده آهي ۽ اسان جو ضرور ميلو ٿيندو. مفسر بغوي روايت آندي آهي ته: حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ان خوشخبري آڻيندڙ پٽ کان پڇيو ته: يوسف ڪيئن آهي؟ عرض ڪيائين ته: مصر جو بادشاهه بڻيو وينو آهي: فرمايائين ته بادشاهه هجڻ کي ڇا ڪندس؟ دين ۾ ڪيئن آهي؟ عرض ڪيائين ته: اسلام تي مضبوط ۽ قائم آهي. حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) فرمايو ته: هاڻي نعمت پوري ٿي. (٣)

"قَالُوْا يٰٓاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَآ اِنَّا كُنَّا خٰطِئِيْنَ" چيائون ته اي اسان جا پيءُ! اسان جي گناهن جي اسان کي مغفرت وني ڏي بلاشڪ اسين خطا ڪار هئا سين جڏهن حقيقت حال واضح ٿي تڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي پيارن پنهنجي والد مکرم کي پنهنجن ڪيلن گناهن جي معافي وني ڏيڻ لاءِ اهڙي نموني درخواست ڪئي ۽ ظاهر آهي ته اهو جڏهن الله جل جلاله کان سندن لاءِ مغفرت طلب ڪندو ته پاڻ به کين معاف ڪندو "قَالَ سَوْفَ اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ" فرمايائين ته: جلد مان اوهان لاءِ پنهنجي رب کان مغفرت طلب ڪندس بيشڪ اهو ئي بخشڻهار، مهربان آهي علامه اسماعيل حقي عليه الرحمته لکيو آهي ته: وڏن بزرگن

(١) روح البيان صه٣١٧ جلد٤ (٢) ضياء القرآن صه٤٥٦ جلد٢ (٣) مظهري صه ٢٠٠ جلد٥

جي وعدي ۾ سوف، عسىٰ ۽ لعلّ پڪ ۽ يقين لاءِ هوندا آهن پر اهي هي الفاظ پنهنجي وقار کي بلند رکڻ ۽ جلد بازي نہ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن ۽ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو اهو وعدو بہ ان لحاظ سان سوف جي لفظ سان هو پر ان مان مراد اها هئي تہ مان اوهان لاءِ يقينًا دعا گهرندس ۽ مغفرت طلب ڪندس ۽ شعبيءَ جو قول آهي تہ: حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ان جي ڪري فرمايو هو تہ: مان جلد اوهان لاءِ مغفرت طلب ڪندس" جو انهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سان ظلم ڪيو هو ۽ مغفرت جي ملڻ لاءِ مظلوم جي طرفان معاف ڪرڻ بہ شرط آهي پوءِ مغفرت طلب ڪرڻ ڪي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سان ملڻ تائين رهائي ڇڏيائين. ۽ جڏهن سڀئي مصر ۾ آيا تہ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڏهين محرم جمعه جي رات جي پوئين حصي ۾ اٺي نماز (تهجد) پڙهي ۽ جڏهن فارغ ٿيو تڏهن پنهنجن پٽن جي مغفرت لاءِ دعا گهريائين تہ: يا الله مون کان يوسف جي جدائيءَ تي جيڪڏهن ڪا بي صبري ٿي هجي تہ اها مون کي بخش ڪر ۽ منهنجي پٽن کان بہ جيڪو ڪجهہ يوسف جي باري ۾ ٿيو انهن کي بہ اهو بخش ڪرڻ فرماءِ ۽ ان دعا گهرڻ وقت حضرت يوسف ۽ سندس پاٹر پويان بيهي آمين آمين چئي رهيا هئا الله جل جلالہ ڪيس وحي ذريعي ٻڌايو تہ مون سڀني کي بخش ڪري ڇڏيو (١)

"فَلَمَّا دَخَلُوا عَلىٰ يُوسُفَ اٰوٰىٓ اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَقَالَ ادْخُلُوْا مِصْرَ اِنْشَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ" پوءِ جڏهن يوسف وٽ داخل ٿيا تہ پاڻ وٽ پنهنجي والدين کي جاءِ ڏنائين ۽ فرمايائين تہ: انشاءَ الله مصر ۾ امن سان داخل ٿيو مطلب تہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي خواهش مطابق حضرت يعقوب (عليه الصلواة والسلام) پنهنجي ساري خاندان کي وٺي مصر ڏانهن روانو ٿيو جڏهن حضرت يوسف کي سندن اچڻ جو اطلاع مليو تہ پاڻ وڏيءَ ڌام ڌوم سان سندن استقبال جي لاءِ آيو نهايت ادب ۽ محبت سان والدين کي ملي عرض ڪيائين تہ: هاڻي شهر ۾ هلو الله جل جلالہ جي فضل ۽ ڪرم سان اوهان هر طرح آرام ۽ امن سان وقت گذاريو اوهان کي ڪابہ تڪليف نہ ايندي.

سوال: گذشته اوراق ۾ لکي آيا آهيو تہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي والده اڳ ۾ وفات ڪري وئي هئي تہ پوءِ هتي ماءُ مان مراد ڪير آهي؟

(١) روح البيان صہ ٣١٨ جلد٤

جواب: ان ۾ مفسرن پلارن جو اختلاف آهي ڪن مفسرن جو قول آهي تہ: حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ماءُ وفات نہ ڪئي هئي جيئن "اَبَوَيۡهِ" جي ظاهري مفهوم مان واضح آهي (١)

۽ گهڻن مفسرن جو قول آهي تہ: ماءُ مان مراد ليانالي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ماسي آهي حضرت يوسف جي ماءُ سندس ڀاءُ بنيامين کي ڄڻڻ کان پوءِ ان جي نفاس واري رت ۾ ئي وفات ڪري وئي هئي جنهن کان پوءِ حضرت يعقوب ان جي ڀيڻ ليا سان شادي ڪئي ۽ هتي بہ اها مراد آهي ڇو تہ ماسي بہ ماءُ جي بجاءِ هوندي آهي ۽ اهو ئي اڪثر مفسرن جو قول ۽ وڌيڪ صحيح آهي ڪي مفسر فرمائين ٿا تہ ماءُ مان مراد حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي سڳي ماءُ آهي جنهن کي رب العزة جل شانه وفات کان پوءِ جيئرو ڪيو هو تانتہ يوسفي خواب جي مطابق سندس اڳيان تعظيم جو سجدو ڪري (والله اعلم) (٢)

"وَرَفَعَ اَبَوَيۡهِ عَلَى الۡعَرۡشِ وَخَرُّوۡا لَهٗ سُجَّدًا ۚ وَقَالَ يٰۤاَبَتِ هٰذَا تَاۡوِيۡلُ رُءۡيَاىَ مِنۡ قَبۡلُ قَدۡ جَعَلَهَا رَبِّىۡ حَقًّا" ۽ پنهنجي والدين کي تخت جي مٿان وهاريائين ۽ سڀئي ان لاءِ سجدي ۾ ڪري پيا فرمايائين تہ! اي منهنجا پيءُ! هيءَ منهنجي اڳ ۾ ڏٺل خواب جو تعبير آهي جنهن کي منهنجي رب سچو ڪري ڏيکاريو.

اهو سجدو ڪيئن ۽ ڪهڙو هو؟

سيدنا يوسف کي حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) ۽ سندس پٽن جيڪو سجدو ڪيو هو اهو ڪيئن هو؟ ۽ ان مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ علماء جو اختلاف آهي بعضي علماءجي راءِ آهي تہ: ان مان مراد صرف جهڪي ملڻ آهي جو اهي تعظيم جي اظهار لاءِ ان جي اڳيان جهڪيا هئا (٣)

۽ اڪثر علماءجو قول آهي تہ سجدي مان مراد زمين تي پيشاني رکڻ آهي ۽ ان کان پوءِ بہ ان ۾ اختلاف آهي: هڪڙا فرمائين ٿا تہ: اهو سجدو حقيقت ۾ الله جل شانه کي هيو ۽ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي حيثيت قبلہ جي هئي جيئن اسان لاءِ بيت الله قبلو آهي يا جيئن حضرت آدم ملائڪن جي سجدي ڪرڻ وقت انهن لاءِ قبلہ هو ۽ ڪي فرمائين ٿا تہ "لَهٗ" ۾ لام سببيت جو آهي يعني انهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ملڻ جي ڪري الله جل جلاله جي دربار ۾

(١) ابن ڪثير صـ ٤٩١ جلد٢ (٢) الخازن صـ ٤٣ جلد٣ (٣) المظهري صـ ٢٠٢ جلد ٥

شڪر جو سجدو ڪيو هو (١)

۽ گهڻن جو فرمان آهي تہ اهو حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي تعظيم جو سجدو جيڪو اڳين نبين (عليهم الصلواة والسلام) جي شريعتن ۾ جائز هو ۽ اهو ائين هو جيئن هن دور ۾ هٿ ۽ پير چمڻ سان ڪنهن جي تعظيم ڪئي ويندي آهي(٢) ۽ ان دور ۾ بادشاهن ۽ وڏن ماڻهن جي تعظيم سجدي سان ڪئي ويندي هئي علامه مراغي هن آيت جي تفسير ۾ آندو آهي تہ سجدو ڪرڻ بذاته عبادت ناهي تڏهن عبادت آهي جڏهن نيت ۾ مسجود کي معبود بالحق سمجهيو وڃي(٣)

"وَقَدْ اَحْسَنَ بِيْٓ اِذْ اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَجَآءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ بَيْنِيْ وَبَيْنَ اِخْوَتِيْ" ۽ تحقيق مون تي احسان ڪيائين جڏهن مون کي جيل مان ڪڍيائين ۽ ان ڪان پوءِ جو شيطان مون ۾ ۽ منهنجي ڀائرن ۾ جهيڙو وڌو اوهان کي ٻهراڙيءَ مان (شهر ۾) آندائين هن فرمان ۾ حضرت يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) الله جل جلاله جي ٻن مخصوص مهربانين کي بيان ڪيو آهي "١" تہ! الله جل جلاله مون کي جيل مان ٻاهر آندو پلا ڪوه مان ڪڍڻ واري نعمت کي ڇو نہ بيان ڪيائين؟ ان جا مختلف اسباب آهن "١" تہ ڪرم جو اظهار ڪيائين تہ ڀائرن جي عيب کي اگهاڙو نہ ڪيان "٢" تہ ڪوه ۾ الله جي پسند سان ويو هو ۽ جيل ۾ پنهنجي پسند سان جيئن فرمان آهي تہ! "رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ اِلَيَّ" اي منهنجا رب! مون کي (عورتن جي چوڻ مڃڻ ۽ برائيءَ ڪرڻ ڪان) جيل وڌيڪ پيارو آهي. "٣" ڪوه ۾ الله جي ذڪر سان محو هو ۽ جيل ۾ ڏوهارين سان گڏ هو(٤) "٤" تہ ڪوه مان نڪتو هو تہ ٻانهو ٿي وڪاميو پر جيل مان نڪتو تہ بادشاهہ جي ڪرسيءَ تي ويٺو "٥" تہ ڪوه مان نڪتو تہ وڌيڪ تڪليفن ۾ پيو ۽ جيل مان نڪتو تہ والدين ۽ ڀائرن سان ميلاپ ٿيس(٥)

"٢" الله جل جلالہ جي ٻي مهرباني اها بيان ڪيائين تہ: اوهان کي ٻهراڙيءَ مان (شهر ۾) آندائين. روايت ۾ آهي تہ حضرت يعقوب (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي رهائش ڪنعان جي سر زمين ۾ هئي جتي ماڻهو چوپايو مال چاريندا ۽ بر پٽ ۾ رهندا هئا حضرت يعقوب علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام اتي پوءِ وڃي رهيو هو. نہ تہ ٻهراڙي وارن مان ڪنهن کي بہ نبوت نہ ملي آهي ۽ اتي هڪ جبل جي هيٺان حضرت

(١) مظهري صہ ٢٠٢ جلد ٥ (٢) ايسر التفاسير صہ٤٢٦جلد٢ تنوير الاذهان صہ٢٣٩ جلد٢ تفسير حسيني فارسي صہ٣٩٧ (٣) المراغي صہ٤٣جزء١٣جلد٥ (٤) القرطبي صہ٢٦٧جلد٩ (٥) الڪبير صہ ٢١٤جزء ١٨

يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي مسجد بہ آهي (١)
"اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ" بيشڪ منهنجو رب جنهن لاءِ گهري ٿو مهربان آهي بيشڪ اهو ئي ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. مطلب تہ: ان جي اڳيان مستقبل جو راز بہ ڪليل آهي اهو هر ننڍي توڙي وڏي واقعي کي پنهنجي حڪمت جي تحت واقع ٿيڻ ڏيندو آهي لطيف يعني هر امر جي لطيف تدبير ڪرڻ وارو مخلوق جي نظرن کان مخفي ۽ سمجهہ کان ٻاهر تدبير ڪرڻ وارو، ياد رکڻ گهرجي تہ هن سورة جا سمورا واقعا اسم لطيف جي تجليات جي نمونن سان ڀرپور آهن (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا "١" جيستائين مظلوم ظالم کی معاف نہ ڪري تيستائين ظالم جي مغفرت لاءِ دعا نہ گهرجي جيئن حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) حضرت يوسف سان ملڻ ۽ سندس طرفان ڀائرن کي معاف ڪرڻ کان اڳ ۾ انهن لاءِ دعا نہ گهري "٢" اولاد کي دنيوي نعمتن ملڻ جي ڪري خوش ٿيڻ جي بجاءِ سندن دين سان محبت رکڻ تي خوش ٿيڻ گهرجي جيئن حضرت يعقوب حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) جي باري ۾ پڇيو تہ ڪهڙي حال ۾ آهي؟ تہ انهن ٻڌايس تہ بادشاهي جي ڪرسيءَ تي آهي پاڻ فرمايائين تہ: بادشاهي ڪرسيءَ سان منهنجو ڇا؟ ٻڌايو تہ دين ۾ ڪيئن آهي؟ عرض ڪيائون تہ: پڪو دينڌار آهي پاڻ فرمايائين هاڻي نعمت پوري ٿي آهي. جنهن جو الله وعدو فرمايو هو "٣" جڏهن ڪو ماڻهو ڪا خوشخبري اچي ڏي تہ ان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ انعام ڏجي ڀيو ڪجهہ ناهي تہ بہ ان کي دلي دعا ڪجي. حضرت حسن بصريءَ جو قول آهي تہ: جڏهن حضرت يعقوب کي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي ملڻ جي بشارت ملي تہ پاڻ ان بشارت ڏيندڙ کي ظاهري مال نہ هجڻ جي ڪري دلي دعا ڏني هيائون ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي اصحابي حضرت ڪعب بن مالڪ کي جڏهن توبه قبول پوڻ جي خبر ملي تہ پاڻ ان خبر ڏيندڙ کي پنهنجا ڪپڙا لاهي انعام ۾ ڏنا هيائين (٣)

"٤" جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڏي ڪنهن جو ڪو حق آهي تہ اهو ان حق واري کان معافي وٺي جيئن حضرت يوسف کان سندس ڀائرن معافي ورتي هئي "٥" علامه قرطبي لکيو آهي تہ! حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي والدين ۽ ڀائرن

(١) القرطبي صہ ٢٩٧جلد٩ (٢) حاشيه دريابادي صہ ٥٠٧ (٣) معارف القرآن صہ ١٣٤جلد٥

جيڪو سجدو ڪيو هو اهو ان دور ۾ جائز هو هاڻي جائز ناهي. اڳتي لکيو اٿس تہ: محمدي شريعت ۾ ٻاهران اچڻ واري لاءِ اٿي بہ نہ بيهجي ۽ نہ (گهٽو) نوڙي ملجي (١) ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ: وڏي ماڻهوءَ لاءِ پلي اٿجي پر بشرطيڪہ اهو ان تي غرور نہ ڪري جيڪڏهن غرور ڪري ٿو تہ ان لاءِ نہ اٿجي ڇو تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي تہ "مَنْ سَرَّهٗ اَنْ يَّتَمَثَّلَ لَهُ النَّاسُ قِيَامًا فَلْيَتَبَوَّءْ مَقْعَدَهٗ مِنَ النَّارِ" جنهن کي اها ڳالهہ پسند ٿي اچي تہ ماڻهو ان لاءِ اٿي بيهن اهو پنهنجي جاءِ (جهنم جي) باهہ ۾ تيار ڪري ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي لاءِ بہ اصحابن سڳورن جي اٿي بيهڻ کي پسند نہ فرمائيندا هئا (٢)

رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَعَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۚ

اي منهنجا رب! تحقيق ڏني تو مون کي بادشاهي ۽ سيکاريئي مون کي تعبير خوابن جو

فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۣ اَنْتَ وَلِيّٖ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ

(اي) ٺاهيندڙ آسمانن جاءِ زمين جا! تون ئي ڪارساز منهنجو آهين دنيا ۾ ۽ آخرت ۾

تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّاَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠١﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَاۗءِ الْغَيْبِ

وفات ڪراءِ مون کي مسلمان ڪري ۽ شامل ڪر مون کي صالحن سان اهو خبرن غيب جي مان آهي

نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ۚ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ اَجْمَعُوْٓا اَمْرَهُمْ وَهُمْ

وحي ڪيون ٿا ان کي توڏانهن ۽ نہ هئين تون انهن وٽ جڏهن متفق ٿي ڪيائون ڪم پنهنجو حالانڪ اهي

يَمْكُرُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَمَآ اَكْثَرُ النَّاسِ وَلَوْ حَرَصْتَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَمَا

ٺا فريب ڪن ۽ گهڻا ماڻهو جيتوڻيڪ تو حرص ڪيو مومن ناهن ۽ نہ تو

تَسْـَٔــلُهُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٤﴾ ع وَكَاَيِّنْ مِّنْ ع١١ ٥

گهرين تون ان تي ڪو اجورو ناهي اهو مگر نصيحت واسطي جهانن جي ۽ ڪيترين

(١) القرطبي صـ٢٦٥جلد٩ (٢) القرطبي صـ٢٦٦جلد٩

اٰيَةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ عَلَيْهَا وَهُمْ عَنْهَا

نشانيون آهن آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ جو لنگهن ٿا انهن کان ۽ اهي انهن کان

مُعْرِضُوْنَ ﴿١٠٥﴾ وَمَا يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ اِلَّا وَهُمْ مُّشْرِكُوْنَ ﴿١٠٦﴾ اَفَاَمِنُوْٓا

منهن موڙيندڙ آهن ۽ نه ٿا ايمان آڻين گهڻا انهن مان الله تي مگر حالانڪ اهي شرڪ ڪندڙ آهن ڇا پوءِ امن وارا ٿيا؟

اَنْ تَاْتِيَهُمْ غَاشِيَةٌ مِّنْ عَذَابِ اللّٰهِ اَوْ تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً

هن ڪان جو اچي انهن وٽ ڇانئجي ويندڙ الله جو عذاب يا اچي انهن وٽ قيامت اوچتو

وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٠٧﴾ قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ عَلٰى بَصِيْرَةٍ

۽ اهي نه ٿا خبر رکن فرماءِ ته هيءَ رستو منهنجو آهي سڏيان ٿو مان الله ڏانهن روشن دليل تي آهيان

اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِيْ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ وَمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٨﴾ وَمَآ

مان ۽ جيڪي تابع ٿيا منهن جا ۽ پاڪائي آهي الله جي ۽ ناهيان مان مشرڪن مان ۽ نه (رسول بنائي)

اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ مِّنْ اَهْلِ الْقُرٰى

موڪليو اسان تو ڪان اڳي مگر مڙسن کي وحي موڪليو سون انهن ڏانهن ڳوٺن وارن مان

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ

ڇا پوءِ نه گهمي ڏٺائون زمين ۾ پوءِ ڏسن ته ڪيئن هئي پڇاڙي انهن جي جيڪي

مِنْ قَبْلِهِمْ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اتَّقَوْا اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٩﴾

گذريا اڳي انهن ڪان ۽ البت آخرة وارو گهر ڀلو آهي انهن جي لاءِ جو پرهيزگار بڻيا ڇا پوءِ نه ٿا سمجهو؟

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت يوسف جو پنهنجي والد

وَقَفَ النَّبِيُّ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ

حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) سان خطاب جو ذڪر هو تہ هي سڀ ڪجھہ سندس اڳ ۾ ڏٺل خواب جو تعبير آهي ۽ هنن آيتن ۾ اهم مقصدن حاصل ٿيڻ، سڪون ملڻ ۽ ڀائرن ۽ والدين ڪي پاڻ وٽ رهائڻ کان پوءِ سندس طرفان رب العزة جل جلاله جي شڪر ادا ڪرڻ ۽ سندس نعمتن ڪي محسوس ڪرڻ جو بيان ٿي رهيو آهي فرمان عالي شان آهي "رَبِّ قَدْ آتَيْتَنِي مِنَ الْمُلْكِ وَعَلَّمْتَنِي مِن تَأْوِيلِ الْأَحَادِيثِ ۚ فَاطِرَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ" اي منهنجا رب! اي آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪندڙ! يقيناً تو ئي مون ڪي بادشاهي ڏني ۽ خوابن جو تعبير سيڪاريو "أَنتَ وَلِيِّي فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ ۖ تَوَفَّنِي مُسْلِمًا وَأَلْحِقْنِي بِالصَّالِحِينَ" تون ئي منهنجو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪارساز آهين مون ڪي مسلمان ڪري وفات ڪراءِ ۽ مون ڪي صالحن سان شامل ڪر. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: سورة يوسف ڪي پڙهندڙ ڪيترن مقامن تي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي بلند ظرف ۽ ڪريم النفس هجڻ جو نظارو ڪري چڪو آهي پر سندس ارادي جي مضبوطي ۽ خدا طلبيءَ جو جيڪو ظهور هتان ٿي رهيو آهي اهو نهايت عجيب ۽ پيارو آهي هتي سندس دعا جو ذڪر آهي جن نعمتن سان ڪيس هن وقت تائين نوازيو ويو ان مان ڪابہ نعمت اهڙي ناهي جيڪا پاڻ رب العزة جل شانه کان گهري هجيس ڪيس سڀ انعام ۽ احسان اڻ گهريا عطا ٿيا هئا نہ پاڻ مصر جي تاج ۽ تخت نشينيءَ لاءِ دعا گهريائين نہ والدين ۽ ڀائرن جي طرفان ڪيس تعظيم جي سجدي ڪرڻ لاءِ عرض ڪيائين پر هتي سندس هڪ اهم دعا جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ پاڻ پهريان رب العزة جل جلاله جا احسان تسليم ڪيائين تہ يا الله! تو ئي مون ڪي بادشاهي ڏني ۽ تو ئي مون ڪي خوابن جي تعبير جو علم عطا ڪيو ۽ تو ئي پنهنجي ڪامل قدرت سان آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا آهن يا الله! جڏهن دنيا مان مون ڪي وفات ڪرائين تہ اسلام تي وفات ڪرائجان جو زبان تنهنجي توحيد جو اقرار ڪندي رهي تہ دل تنهنجي عظمت ۽ وحدانيت جي نور سان منور رهي ۽ ان کان پوءِ مون ڪي پنهنجن صالحن ٻانهن سان شامل ڪري ڇڏ انهن جي رفاقت ۽ ساٿ نصيب فرماءِ

خاتمہ بالخير لاءِ دعا جي تلقين

الله جل جلاله جي نبين عليهم الصلواة والسلام جو خاتمو بالخير هجڻ قطعي ۽ يقيني آهي پر ان هوندي بہ اها دعا امت جي تعليم لاءِ گهرندا آهن تانتہ اهي سمجهن تہ جڏهن الله جل جلاله جي مقبول ۽ پيارن ٻانهن جو دنيا ۽ آخرت جي بلند درجات هوندي اهو رنگ آهي تہ ٻين ڪي بہ هميشہ خاتمہ بالخير لاءِ دعائون گهرڻ گهرجن ذهن

نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو عجيب ۽ غريب قصو ۽ ان جي ضمن ۾ آيل هدايتن جو سلسلو جيڪو قرآن ڪريم ۾ مذڪور آهي هتي پورو ٿيو ان کان بعد جو قصو قرآن ڪريم ۽ صحيح حديث ۾ آيل ناهي اڪثر عالمن تاريخي روايتن کان آندو آهي (١)

۽ ڪن مفسرن سڀني لکيو تہ "وَأَلْحِقْنِي بِالصَّالِحِينَ" ۾ صالحن مان مراد حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب (عليٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام) آهن جو پاڻ انهن جي دين تي طيب ۽ طاهر رهي مصر ۾ وفات ڪئي هيائين.

حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي عمر ڪيتري هئي؟

ان ۾ اختلاف آهي حضرت حسن بصري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جڏهن حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي کوهہ ۾ اڇلايو ويو تڏهن سندس عمر (مبارڪ) ست سال هئي ۽ اسي (٨٠) سال پيءُ کان غائب رهيو ۽ ملاقات کان پوءِ ٽيويهہ (٢٣) سال زنده رهيو وفات وقت سندس عمر هڪ سئو ويهہ (١٢٠) سال هئي (٢) ۽ حضرت يعقوب (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي عمر مبارڪ وفات وقت هڪ سئو ستيتاليهہ (١٤٧) سال هئي حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جو فرمان آهي تہ جڏهن حضرت يعقوب (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) پنهنجي اولاد سان گڏ مصر ۾ داخل ٿيو هو تہ ان وقت انهن مردن ۽ عورتن جو تعداد نوي (٩٠) هو ۽ جڏهن اهي مصر ۾ رهي وڌيا ۽ حضرت موسيٰ (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سان گڏ مصر مان نڪتا تہ انهن جو تعداد ڇهہ لک ستر هزار (٦٧٠٠٠٠) هو (٣)

توراة ۽ اهل ڪتاب جي تاريخ مان واضح ٿئي ٿو تہ حضرت يوسف کي ٻہ پٽ "١" افرائيم "٢" منشا ۽ هڪ نياڻي هئي جنهن جو نالو رحمت هو رحمت جو نڪاح حضرت ايوب (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سان ٿيو هو ۽ افرائيم جي اولاد مان حضرت يوشع بن نون پيدا ٿيو جيڪو حضرت موسيٰ (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو رفيق هو اهو اولاد زليخا سائڻ مان ٿيو هو (٤)

(١) معارف القرآن صہ ١٣٧ جلد ٥ (٢) ابن ڪثير صہ ٤٩١ جلد ٢
(٣) معارف القرآن صہ ١٣٨ جلد ٥ (٤) المظهري صہ ٢٠٤ جلد ٥

ڪٿي دفن ڪيو ويو؟

ياد ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) وفات ڪئي ۽ سوچيو ويو تہ ڪيس ڪٿي دفن ڪجي تہ ماڻهن ۾ اختلاف پيدا ٿيو شهر جي هر محله جي رهاڪن زور ڏنو تہ ان کي سندن محله ۾ دفن ڪيو وڃي تانت ڪين سندس برڪتون حاصل ٿين ۽ ايترو ضد ۾ پئجي ويا جو جهيڙي ۽ جنگ جو امڪان ٿي پيو نيٺ مشورو اهو بيٺو تہ سندس جسم مبارڪ کي سنگ مرمر جي صندوق ۾ وجهي نيل درياء جي ان حصي ۾ دفن ڪجي جتان مصر ۾ پاڻي ورهائجي ٿو تانت سڀني کي سندس برڪت نصيب ٿئي عڪرمه جو قول آهي تہ پهريان ڪيس نيل جي سڄي پاسي دفن ڪيائون پر دفن ڪرڻ کان پوءِ ڏٺائون تہ سڄو پاسو آباد رهيو، ڪبو آباد نہ ٿيو وري ڪدي ڪبي پاسي دفن ڪيائون تہ اهو آباد ٿيو سڄو آباد نہ ٿيو پوءِ زنجير سان اندازو ڪري وچ تي دفن ڪيائون تہ ٻئي پاسا آباد ٿي ويا. تانجو جڏهن حضرت موسىٰ (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي الله جل جلاله امر ڪيو تہ بني اسرائيل کي وٺي نيل مان لنگهي وڃو تڏهن ان کي اهو امر بہ ڪيو هيائين تہ حضرت يوسف (على نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي جسم واري صندوق بہ پاڻ سان گڏ ڪٽي هلجو ۽ ان کي ارض مقدسه ۾ دفن ڪجو، پوءِ حضرت موسىٰ پڇا ڪئي تہ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) جي قبر (مبارڪ) جي ڪنهن کي خبر آهي؟ هڪ ٻيڙيءَ عورت چيو تہ مون کي خبر آهي جيڪڏهن مون کي جنت ۾ پاڻ سان گڏ وٺي هلندين تہ پوءِ توکي ٻڌائيندس. حضرت موسىٰ فرمايس تہ: "ائين ئي ڪندس." ۽ حضرت موسىٰ (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) بني اسرائيل سان وعدو ڪيو هو تہ "رات جو جيئن چنڊ اڀرندو تيئن اوهان کي وٺي هلندس، پر حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي مزار تائين وڃڻ ۽ ان جي جسم اقدس واري سنگ مرمر جي پيتي ڪڍڻ ۾ جڏهن تہ وقت لڳڻو هو ان جي ڪري دعا گهريائين تہ چنڊ دير سان اڀري ۽ اهو دير سان اڀريو. پاڻ ان ٻيڙيءَ جي ٻڌائڻ سان اها صندوق ڪيرائي گڏ ڪٽي هليو. (١)

علامه قرطبي لکيو آهي تہ حضرت موسىٰ حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) جي جسم اقدس واري پيتيءَ کي چار سئو (٤٠٠) سالن کان پوءِ بيت المقدس

(١) المظهري صہ٢٠٤ جلد٥

ڏانهن کڻي هليو ۽ کيس بيت المقدس ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن سان گڏ دفن ڪيائين ڇو تہ پاڻ اها دعا گهري هيائين (١)

۽ بعض علماءِ لکيو آهي تہ! حضرت يوسف حضرت يعقوب (علیٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) جي وفات کان پوءِ هڪ رات خواب ۾ ڏٺو تہ! عالم قدس ۾ هڪ ميدان آهي جنهن ۾ ڪجهہ ڪرسيون رکيون آهن هڪ تي حضرت ابراهيم ٻيءَ تي حضرت اسحاق ٽينءَ تي حضرت يعقوب (عليهم الصلواة والسلام) وينا آهن ۽ چوٿينءَ تي سندس والده راحيل وينل آهي ۽ هڪ ڪرسي خالي پئي آهي گويا سڀ سندس انتظار ۾ وينا آهن ۽ سندس والدين حضرت يعقوب ۽ حضرت بيبي راحيل روئي کيس ڇنبڙي ويا آهن ۽ چون پيا تہ: اي پيارا پٽ! اجان ڪيترو انتظار ڪرائيندين؟ اچ اسين تنهنجا مشتاق لڳا وينا آهيون. سندس اک کلي تہ سندس روح ۾ عالم قدس لاءِ سخت بيقراري هئي ۽ جيئن پڃري ۾ قيد ٿيل پکي باغ وارن پکين جون ٻوليون ٻڌي تڙپندو آهي تيئن سندس روح بہ تڙپڻ لڳو هو پوءِ اها مذڪوره دعا گهري هيائين تہ: "تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا" مون کي مسلمان ڪري وفات ڪراءِ (٢)

موت لاءِ دعا گهرڻ جو حڪم

علماءِ ڪرام لکيو آهي تہ دنيا جي تڪليفن کان تنگ ٿي موت لاءِ دعا نہ گهرجي پر جيڪڏهن هرو ڀرو ڪو دعا گهري تہ بہ هيئن چوي تہ ياالله! جيستائين مون لاءِ زنده رهڻ ڀلو آ تہ مون کي زنده رک ۽ جڏهن مون لاءِ مرڻ ڀلو آهي تہ مون کي وفات ڪرائي ڇڏ پر جيڪڏهن ديني نقصان کان بچاءِ لاءِ موت طلب ڪري ٿو تہ جائز آهي (٣) علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ دين ۾ فتني کان بچڻ جي خاطر حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي صحابن مان حضرت معاذ ۽ حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنهما پنهنجي پنهنجي وفات لاءِ دعا گهري هئي ۽ جڏهن امام محمد بن اسماعيل بخاريءَ کي بہ تڪليفون آيون تہ ان بہ دين ۾ فتني پوڻ کان بچاءِ لاءِ وفات جي دعا گهري هئي (۴)

"ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ۚ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ اَجْمَعُوْٓا اَمْرَهُمْ وَهُمْ يَمْكُرُوْنَ" اهو (قصو) غيب جي خبرن مان آهي اهو توڏانهن وحي ٿا ڪيون ۽ تون انهن وٽ نہ هئين

(١) القرطبي ص٢٧٠ جلد٩ (٢) حقاني ص٢٩٣ جلد۴
(٣) القرطبي ص٢٦٩ جلد٩ (۴) قصص الانبياء ص٢٦۴ جزء١

جڏهن پنهنجو ڪم متفق ٿي ڪيائون ۽ اهي فريب پيا ڪن مطلب تہ حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام جو قصو صحيح صحيح نموني بيان ڪرڻ غيبي خبر آهي جيڪا اسان اوهان کي وحي ڪري ٻڌائي آهي ۽ اهڙي صحيح خبر بيان ڪرڻ اوهان جي نبوت جو دليل آهي ڇو تہ جڏهن اهي پاڻ ۾ متفق ٿي حضرت يوسف عليه الصلواة والسلام کي کوه ۾ اڇلائڻ جو فيصلو ڪري رهيا هئا ۽ ان لاءِ تدبيرون سوچي رهيا هئا تہ اوهان (ظاهري جسم سان) اتي موجود نہ هيا (١)

پر پوءِ بہ ايترو واضح نموني واقعو بيان ڪرڻ اوهان جي سچي نبي هجڻ جو چمڪندڙ ۽ واضح ثبوت آهي "وَمَآ اَكْثَرُ النَّاسِ وَلَوْ حَرَصْتَ بِمُؤْمِنِيْنَ" ۽ اوهان جيتوڻيڪ حرص ڪيو ٿا (تہ گهڻا ماڻهو مومن بنجن پر) اڪثر ماڻهو ايمان وارا ناهن (۽ نہ ايمان آڻڻ لاءِ تيار آهن) يعني جن جي مقدر ۾ جهنم جي باهہ آهي اوهان ڪيتري بہ ڪوشش ڪيو اهي مومن نہ بنجندا ڪفر تي مضبوط بيٺا هوندا (٢)

ابن الانباريءَ فرمايو تہ جڏهن يهودين جي چوڻ تي قريشين حضور پر نور ڪان حضرت يوسف عليهما الصلواة والسلام جي باري ۾ سوال ڪيو ۽ پاڻ ڪين واضح ۽ روشن نموني سنجو قصو ٻڌايائون تہ ڪين اميد هئي تہ اهي ايمان آڻيندا پر جڏهن انهن ايمان نہ آندو ۽ پاڻ گهڻو غمگين ٿيا تڏهن الله جل جلاله ڪين اهو ارشاد فرمايو (٣) (٣)

"وَمَا تَسْئَلُهُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ" ۽ تون انهن ڪان ان تي ڪو اجورو نہ ٿو گهرين اهو ٻيو ڪجهہ ناهي مگر جهانن لاءِ نصيحت آهي مطلب تہ اوهان جيڪو ڪجهہ انهن کي ٻڌايو سو ڪنهن لالچ ۽ طمع لاءِ نہ هو. اهو تہ جهانن لاءِ نصيحت وارو پيغام هو هن ارشاد جو خطاب بہ بظاهر تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان آهي پر ان مان مقصد ڪافرن کي سمجهائڻ آهي تہ: اي ڪافرؤ! اوهان غور تہ ڪيو جيڪڏهن منهنجو پيارو پيغمبر هي دين جي دعوت جو ڪم ڪنهن ذاتي مفاد يا پنهنجي ذات لاءِ ڪري ها تہ پوءِ اوهان چئي سگهيئو ٿي تہ هي مطلبي ۽ لالچي ماڻهو آهي ان جو چوڻ ڇو وڻون؟ پر جڏهن اهو لالچ ۽ طمع ڪان خالي آهي تہ پوءِ ان جو فرمان ڇو نہ ٿا تسليم ڪيو؟ "وَكَاَيِّنْ مِّنْ اٰيَةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ عَلَيْهَا وَهُمْ عَنْهَا مُعْرِضُوْنَ" ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪيتريون گهڻيون نشانيون آهن(صبح ۽ شام) انهن وٽان لنگهن بہ ٿا پر اهي انهن ڪان منهن موڙيندڙ آهن مطلب تہ انهن ڪافرن جو ڪفر تي مضبوط ٿي رهڻ ان جي ڪري ناهي جو سندن سامهون الله جل شانه جي توحيد

(١) نورالعرفان صہ٣٩٣ (٢) مظهري صہ٢٠٥ جلد٥ (٣) فتح القدير صہ٥١ جلد٣

جا روشن دليل نہ آهن ان جي توحيد ۽ هيڪڙائيءَ جي روشن دليلن سان تہ آسمان ۽ زمين پريا پيا آهن ۽ هي انهن دليلن کي ڏسن بہ ٿا پر ڇاڻي واڻي انهن کان منهن موڙين ٿا ان جي ڪري کين هدايت نصيب نہ آهي "وَمَا يُؤْمِنُ أَكْثَرُهُمْ بِاللَّهِ إِلَّا وَهُمْ مُشْرِكُونَ" ۽ انهن مان اڪثر الله تي ايمان نہ ٿا آڻين مگر ان حال ۾ جو اهي مشرڪ آهن هن آيت ۾ مڪه مڪرمه جي مشرڪن جو حال بيان ڪيو ويو آهي جو جيڪڏهن انهن کان پڇيو ويندو هو تہ زمين ۽ آسمان ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟ تہ چوندا هئا الله پيدا ڪيا آهن ۽ جيڪڏهن ڪائنات سوال ڪيو ويندو هو تہ اوهان جو خالق ڪير آهي؟ برسات ڪير ٿو وسائي؟ اناج ڪير ٿو پيدا ڪري؟ تہ جواب ۾ چوندا هئا تہ سڀ ڪجهہ الله جل جلالہ ٿو پيدا ڪري مگر ان سڀ جي باوجود بتن کي معبود بنايو وينا هوندا هئا بتن جي متعلق جيڪو مشرڪن جو عقيدو هو اهو قرآن پاڪ ۾ متعدد مقامن تي بيان ڪيو ويو آهي ۽ اهي حج ۾ جڏهن لبيڪ پڙهندا هئا تڏهن هي الفاظ پڙهندا هئا لبيڪ اللهم لبيڪ لبيڪ لاشريڪ لڪ الا شريڪا هو لڪ تملڪه وما ملڪ" يعني اي الله! اسين حاضر آهيون اي الله! اسين حاضر آهيون. ڪير بہ تنهنجو شريڪ ناهي مگر اهو تنهنجو شريڪ آهي جنهن کي تو شريڪ بنايو آهي تون ان جو تہ مالڪ آهين پر جنهن جو اهو مالڪ آهي ان جو بہ مالڪ آهين.

هن آيت ۾ مشرڪن جي حالتن جو بيان آهي تہ جڏهن اهي مصيبتن ۾ ڦاسن ٿا تہ الله جل شانہ کي سڏين ٿا ۽ جڏهن اهي دفع ٿين ٿيون تہ الله جل جلالہ جي هيڪڙائيءَ جو انڪار ڪري ٿا وهن يا ان مان مراد رياءُ ڪندڙ آهن جيڪي الله جل جلالہ جي عبادت ڪندي ٻين کي راضي ڪرڻ يا انهن جي واه واه حاصل ڪرڻ جي سوچ رکندا آهن قرآن پاڪ ان کي ايمان کان پوءِ شرڪ سڏيو آهي ۽ اهل حقيقت فرمايو آهي تہ! ظاهري اسباب ڏانهن ڪلي طور متوجه ٿي حقيقي سبب کان بي توجه ٿيڻ بہ شرڪ جو هڪ قسم آهي جيڪو توحيد جي منافي آهي، پوءِ اهل تصوف ٿي حقيقي موحد آهن (١)

"أَفَأَمِنُوا أَنْ تَأْتِيَهُمْ غَاشِيَةٌ مِنْ عَذَابِ اللَّهِ أَوْ تَأْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ" ڇا پوءِ بي غم رهيا هن ڳالهہ کان جو انهن وٽ الله جي طرفان ڇانئجي ويندڙ عذاب اچي يا انهن وٽ اوچتو قيامت اچي ۽ اهي سمجهن ٿي نہ پيا يعني وڏو عجب اهو آهي تہ اهي الله جل جلالہ جي اوچتي عذاب يا قيامت جي اوچتي اچڻ کان ڪيئن بي فڪر آهن؟

(١) المظهري صہ٢٠٦ جلد ٥

جيڪڏهن اوچتو الاهي عذاب اچي ورتن يا قيامت اچي وئي تہ اهي ڇا ڪري سگهندا "قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ ؔعَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِيْ" فرماءِ تہ: هي منهنجو رستو آهي مان الله ڏانهن سڏيان ٿو مان ۽ جيڪي منهنجا تابعدار ٿيا روشن دليل تي آهيون مطلب تہ مان جيڪو اوهان کي الله ڏانهن سڏيان ٿو اهو منهنجو سڏڻ سرسري نظر تي بناڪيل ناهي پر پوري بصيرت،عقل ۽ حڪمت تي مبني آهي ۽ منهنجا تابعداري ڪرڻ وارا بہ مون سان ان ۾ شامل آهن بغويءِ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "وَمَنِ اتَّبَعَنِيْ" (۽ جنهن منهنجي تابعداري ڪئي) مان مراد اصحاب سڳورا رضي الله عنهم آهن جيڪي علم جا خزانا ۽ الله جل جلالہ جا لشڪري هئا (١)

"وَسُبْحَانَ اللّٰهِ وَمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" ۽ الله جي پاڪائي آهي ۽ مان مشرڪن مان ناهيان. يعني الله جل جلالہ ان ڳالهہ کان پاڪ آهي جو ان سان ڪنهن کي شريڪ بنايو وڃي ۽ مان بہ مشرڪن کان بيزار آهيان نہ مان انهن جو آهيان ۽ نہ اهي منهنجا آهن "وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ مِّنْ اَهْلِ الْقُرٰى" ۽ اسان تو کان اڳي صرف مردن کي رسول بنائي موڪليو جن ڏانهن وحي ڪيو سين اهي ڳوٺن وارن مان هئا آيت جي هن حصي ۾ نبوت جي انهن منڪرن کي جواب ڏنو ويو آهي جيڪي چوندا هئا تہ: جيڪڏهن الله جل جلالہ کو رسول موڪلي ها تہ ملائڪ موڪلي ها انسانن مان رسول ڪيئن آيو؟ جواب ۾ سمجهايو ويو تہ: هن رسول کان اڳ ۾ جيڪي رسول عليهم الصلواة والسلام آيا هئا اهي بہ تہ ڳوٺن جا رهاڪو، انسانن مان هئا پوءِ انهن تي اعتراض نہ ٿا ڪيو هن تي ڇو ٿا ڪيو؟ الله جل جلالہ جو دستور اهو ئي رهيو آهي تہ اهو انسانن ڏانهن انسانن مان ئي رسول موڪليندو آهي تانت صحيح فائدو ڏئي وٺي سگهن "اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ" ڇا پوءِ زمين ۾ نہ گهميا؟ پوءِ ڏسن ها تہ ڪانئن اڳين جي پڇاڙي ڪيئن ٿي گذري؟ مطلب تہ هي انهن قومن جي تباهہ ٿيل علائقن ۽ ڳوٺن کان ڪونہ لنگهيا آهن ڇا؟ جيڪي الله جل جلالہ جي نبين عليهم الصلواة والسلام جي بي فرمانين جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. جڏهن واپاري قافلي جي صورت ۾ اتاهين لنگهندا رهن ٿا تہ عبرت حاصل ڪن ۽ سبق پرائين تہ الله جي هن محبوب نبي عليه الصلواة والسلام کي نہ مڃڻ جي ڪري متان سندن بہ اهو حشر ٿئي "وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اتَّقَوْا اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ" ۽ البت

(١) المراغي صـ٥٢ جزء١٣ جلد٥

آخرة وارو گهر انهن لاءِ ڀلو آهي جيڪي متقي بڻيا ڇا پوءِ عقل نہ ٿا رکو؟ مقصد تہ تقوىٰ کندڙن لاءِ نہ صرف دنيا ۾ چڱائي آهي پر آخرت ۾ بہ انهن لاءِ ڀلائي ۽ بهتري آهي عقل وارا آهيو تہ سمجهو ۽ سڌي واٽ تي هلي ٻئي جهان سينگاريو.

فائدا: مذکوره آيتن کي سمجهڻ مان هي فائدا حاصل ٿيا "١" تہ الله جل شانه پنهنجا نبي هميشه وسندڙن شهرن ۽ آباد ڳوٺن مان موکليا. لڏا کڻي هلندڙن، ويرانين ۾ رهندڙن مان ڪوبہ نبي نہ موکليو ويو علامه رازي لکيو آهي: لم يبعث رسول من اهل البادية (١)

يعني الله جل جلاله ڪوبہ رسول جهنگل جي رهاڪن مان نہ موکليو. "٢" تہ "اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ" (مگر مرد جن ڏانهن وحي موکليو سون) مان ثابت ٿيو تہ نبوة مردن کي ملي آهي عورتن کي نہ ملي آهي جمهور علماءِ اهل السنة والجماعة جو اهو قول آهي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو ارشاد آهي تہ: ڪا بہ عورت نبي ناهي (٢) ۽ بعضي علماءَ ڪن عورتن جي نبيءَ هجڻ لاءِ لکيو آهي مثلاً حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي گهر واري بيبي سارة، حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام جون مائرون انهن ٽنهي برگزيده ٻانهين جي لاءِ قرآن ڪريم ۾ اهڙا الفاظ موجود آهن جن مان سمجهيو ٿو وڃي تہ انهن سان خداوندي حڪم جي مطابق ملائڪن ڳالهايو هو ۽ بشارتون ڏنيون هيون مگر جمهور علماء فرمايو آهي تہ قرآن پاڪ جي آيتن مان انهن ٽنهي ڀلارين ٻانهين جو شاندار هجڻ ثابت آهي سندن نبوت ثابت ناهي (٣)

حَتّٰىٓ اِذَا اسْتَيْـَٔسَ الرُّسُلُ وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ قَدْ كُذِبُوْا جَآءَهُمْ

تانجو جڏهن نا اميد ٿيا رسول ۽ خيال ڪيائون تہ بلاشڪ اهي تحقيق ڪوڙا ڪيا ويا تہ آئي انهن وٽ

نَصْرُنَا ۙ فَنُجِّيَ مَنْ نَّشَآءُ ۭ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُنَا عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١١٠﴾

مدد اسان جي پوءِ بچايا ويا اهي جو گهريو اسان ۽ نہ ٿو موٽايو وڃي عذاب اسان جو مجرم قوم کان

لَقَدْ كَانَ فِيْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ۭ مَا كَانَ حَدِيْثًا

البت تحقيق آهي قصن انهن جي ۾ عبرت سمجهدارن جي لاءِ ناهي اهڙي ڳالهہ جو

(١) الڪبير صـ٢٢٦جزء١٨ (٢) الڪشاف صـ٣٤٦جلد٢ (٣) معارف القرآن صـ١٤٧جلد٥

يُفْتَرٰی وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ كُلِّ شَيْءٍ

ٺاهي وجي ۽ پر تصديق آهي ان جي جيڪو (نازل ڪيو ويو) ان کان اڳي ۽ تفصيل هر شيءِ جو

وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿١١١﴾ ١٢ ع٧ ٦

۽ هدايت ۽ رحمت (ان) قوم جي لاءِ جو ايمان آڻين ٿا.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان آيل آيتن ۾ انبياء عليهم الصلواة والسلام کي موڪلڻ ۽ انهن جي طرفان حق واري دين لاءِ دعوت ڏيڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ امتن جي غلط رويي جي ڪري سندن نااميد ٿيڻ نہ مڃيندڙ امتن کي سزا ملڻ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "حَتّٰۤى اِذَا اسْتَيْئَسَ الرُّسُلُ وَظَنُّوْۤا اَنَّهُمْ قَدْ كُذِبُوْا جَآءَهُمْ نَصْرُنَا" تان جو جڏهن رسول نااميد ٿيا ۽ خيال ڪيائون تہ بلاشڪ تحقيق انهن سان ڪوڙ هنيو ويو تہ انهن وٽ اسان جي مدد آئي مطلب تہ تمام گهڻي عرصي تائين دين جي دعوت ڏيڻ جي باوجود جڏهن رسولن سڳورن عليهم السلام کي سندن امتن نہ مڃيو ۽ اهي رسول سڳورا مايوس ٿي پيا ۽ جلد عذاب نہ اچڻ جي ڪري ڪافرن سمجهيو تہ انهن کي جيڪي عذاب اچڻ جا دڙڪا ڏنا ويا هئا اهو سڀ ڪوڙ آهي ۽ عذاب نہ ايندو تڏهن انهن رسولن پلارن وٽ اسان جي مدد پهچي وئي. "فَنُجِّيَ مَنْ نَّشَآءُ ۚ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُنَا عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ" پوءِ جن کي اسان گهريو اهي (عذاب کان) بچايا ويا ۽ اسان جو عذاب مجرم قوم کان ڦيرايو نہ ويندو آهي مطلب تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن کي مڃڻ وارا اسان جي گهرڻ سان عذاب کان محفوظ رهيا باقي جن الله کي نہ مڃي، رسولن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو ڄاتي جرم ڪيو، مجرم قوم بڻيا انهن کان عذاب نہ ٽريو اهي هلاڪ ۽ برباد ڪيا ويا ۽ الله جل جلالہ جو اهو نظام ائين هلندو آيو آهي (١)

"لَقَدْ كَانَ فِيْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ" البت تحقيق انهن جي قصن ۾ سمجهدارن لاءِ

(١) المراغي ص٥٦ جزء١٣ جلد٥

عبرت آهي يعني حضرت يوسف، سندس والد (عليٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) ۽ سندس ڀائرن جي انهن ڳالهين ۽ قصن ۾ انهن ماڻهن لاءِ عبرت آهي جيڪي عقل ۽ مضبوط فڪر وارا آهن ڇوته اهي ئي ڪمن جي عاقبت ۽ انجام سوچيندا آهن باقي غافل ۽ مغرور ماڻهو نه سوچيندا نه سڌي رستي تي ايندا عقلمند هن قصي تي غور ڪندا ته جيڪو الله جل جلاله حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي ايترين تڪليفن ڏيڻ کان پوءِ مصر جي بادشاهيءَ جهڙو اعزاز ڏئي سگهي ٿو سو پنهنجي محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام کي به ڏکن ۽ تڪليفن مان ڪڍي اعليٰ مقامات تي پهچائي سگهي ٿو. (آمنا بالله) " مَا كَانَ حَدِيثًا يُفْتَرَىٰ وَلَٰكِن تَصْدِيقَ الَّذِي بَيْنَ يَدَيْهِ " (هيءُ قرآن) هٺ جي ٺاهيل ڳالهه ناهي ۽ پر ان کان اڳ ۾ نازل ڪيل (ڪتابن) جي تصديق آهي يعني حضرت يوسف (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) وارا واقعا هٺ جي ٺاهيل ڳالهه نه آهن ڇو ته انهن کي اهڙو ڪولي ڪولي بيان ڪرڻ تاريخدانن جي وس کان ٻاهر آهي پر ان کي اهڙو ڪامل فرد جيڪو نه ڪٿي پڙهڻ لاءِ ويو ۽ نه ڪنهن وٽ سکڻ ويو اهڙي نموني بيان ڪري ته اهو ان جي نبي هجڻ ۽ جنهن ڪتاب ۾ اهو بيان آيو ان جي ڪتاب الله هجڻ جو قوي ثبوت آهي " وَتَفْصِيلَ كُلِّ شَيْءٍ وَهُدًى وَرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ " ۽ (اهو ڪتاب) هر شيءِ جو تفصيل ۽ هدايت ۽ ايمان واري قوم لاءِ رحمت آهي مطلب ته هي قرآن هر شيءِ جو تفصيل آهي جنهن ۾ عبادات، معاملات، سياسيات، اخلاق، معاشرت، حڪومت وغيرها هر شيءِ جو بيان آهي ۽ ايمان آڻڻ واري قوم لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي ڇوته اصل فائدو ونن ئي اهي ٿا.

فائدا: هنن آيتن کي ذهن نشين ڪرڻ سان هي فائدا ٿيا "١" وَلَٰكِن تَصْدِيقَ الَّذِي بَيْنَ يَدَيْهِ " (۽ پر اڳ ۾ نازل ڪيلن ڪتابن جي تصديق آهي) مان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن کان پوءِ ڪوبه نبي نه ايندو ڇاڻ خاتم النبين آهن ڇو ته ڪائنٺ پوءِ جيڪڏهن ڪو نبي اچي سگهي ها ته قرآن پاڪ ان جي بشارت ڏيندڙ هجي ها پر جيڪڏهن اهو صرف اڳين جي تصديق ڪندڙ آهي ان جي ڪري حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن تي ئي نبوت ختم آهي"٢" تَفْصِيلَ كُلِّ شَيْءٍ" (هر شيءِ جو تفصيل) مان مراد شرعي احڪام جو تفصيل ته آهي پر ڪن بزرگن لکيو آهي ته ان مان مراد اهي غيبي علوم به آهن جيڪي لوح محفوظ ۾ لکيل آهن. (١) الحمد لله جو اڄ ٢٧ شوال المڪرم ١٤٢٠هـ الموافق ۴ فيبروري ٢٠٠٠ع جمعه ڏينهن منجهند جو ٻارهن لڳي چاليهه منٽن تي پنهنجي لائبريريءَ ۾ويٺي سورة يوسف سڳوريءَ جو تفسير لکي پورو ڪري سورة الرعد جو تفسير لکڻ شروع ڪيم رب العزة جل شانه جي بارگاهه بي ڪس پناهه ۾ دل سان دعا اهي ته رهيل تفسير به جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪري. آمين ثم آمين يا رب العالمين بوسيلته النبي الامي الامين عليه وعليٰ آله واصحابه الصلواة والتسليمات الي يوم الدين.

(١)نور العرفان ص ٣٩٥

سورة الرعد جو تعارف

هن سورة مباركه جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻيون آهن

"١" نالو ـ سورة الرعد

"٢" نالي رکڻ جو وجه: هن جي آيت ١٣ "وَيُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهٖ" ۾ اهو لفظ ذڪر ڪيل آهي ۽ ان جو مطلب اهو ناهي ته هن ۾ الرعد (آسمان ۾ ٿيندڙ گوڙ) جي حقيقت سان بحث ڪيل آهي پر هي صرف نشانيءَ طور ظاهر ٿو ڪري ته هن لفظ سان هن جي سڃاڻ ٿئي ٿي **"٣" مڪيه آهي يا مدنيه؟** ان ۾ مختلف قول آهن سعيد بن منصور ۽ ابن المنذر حضرت سعيد بن جبير رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته! سورة الرعد مڪيۃ آهي ۽ الناسخ ۾ نحاس حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان به هڪ قول اهو آندو آهي ابو الشيخ ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان بيو قول ۽ ابن مردويه ابن الزبير رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي نه سورة الرعد مدنيه آهي ۽ ابن المنذر ۽ ابو الشيخ قتاده رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته هڪ آيت "وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا تُصِيْبُهُمْ بِمَا صَنَعُوْا قَارِعَةٌ" ڪان سواءِ سڄي سورة مدنيه آهي (١) ۽ علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمة فرمايو آهي ته والذي يجمع به بين الاختلاف انها مكية الا آيات منها (٢)

يعني مختلف قول هن طرح گڏ ڪيا ويندا ته هيءَ سورة مڪيه آهي پر ڪي آيتون هن مان مدنيه آهن **"٤" رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد:** هن سورة مبارڪه ۾ ڇهه(٦) رڪوع ٽيتاليهه (٤٣) آيتون، اٺ سئو پنجونجاه (٨٥٥) ڪلما ۽ ٽي هزار پنج سئو ڇهه (٣٥٠٦) حرف آهن (٣)

"٥" اڳيئن سورة سان مناسبت: هن سورة کي سورة يوسف ڪان پوريان رکڻ ٻن وجهن جي ڪري مناسب هو "١" ته الله جل جلاله سورة يوسف ۾ پنهنجي قدرت جون آسمانن ۽

(١) الدر المنثور صـ٥٩٩ جلد٤ (٢) روح المعاني صـ٨٤ جزء ١٣ جلد ٥
(٣) ضياء القرآن صـ٤٦٧ جلد٢

زمين واريون نشانيون مجمل طور بيان فرمايون ۽ هن ۾ تفصيل سان "٢" تہ سورة يوسف جي پڇاڙيءَ ۾ قرآن پاڪ جي هدايت ۽ رحمت هجڻ جو ذڪر هو ۽ هن سورة ۾ ان جي حق هجڻ جو بيان آهي (۴)

"٦"مضمون هن سورة مبارڪه جي شروعات ۾ اهو ٻڌائڻ کان پوءِ تہ قرآن ڪريم الله جو سچو ۽ حڪمت وارو ڪلام آهي الله جل شانه جي وحدانيت، عظمت، ڪبريائي، ان جي ڪامل قدرت ۽ حڪمت جو تڪويني آيات سّان اهڙو روشن ۽ انڪار نہ ڪري سگهڻ وارو بيان ڪيو ويو آهي جن کي بدنصيب نہ مڃي تہ ٻي ڳالهہ آهي نہ تہ مڃڻ کان سواءِ ڪو چارو نہ آهي مٿي جي مٿان آسمان آهي جنهن جي بلندي ۽ وسيع هجڻ جو اندازو ئي نہ ٿو لڳائي سگهجي،ان ۾ سج ۽ چنڊ آهن جيڪي هر طرف پنهنجي انوار سان روشنايون ڪندا رهن ٿا هيٺان زمين جو فرش آهي ان ۾ ڪٿي چشما وهي رهيا آهن تہ ڪٿي مٿي ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا درياءَ ڇوليون هڻي رهيا آهن ڪٿي جبل آهن جن جون برف سان ڍڪيل چوٽيون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن تہ ڪٿي مختلف پوڪون ۽ باغ رنگ برنگ ميون جي بهار ڏيکاري رهيا آهن زمين هڪ آهي پاڻي بہ هڪ آهي پر ان هڪ زمين مان جيڪي گل، ٻوٽا نڪرن ٿا اهي رنگ، بوءِ، ذائقي ۽ تاثير ۾ هڪ ٻئي کان مختلف آهن هي سڀ ڪجهہ ان قادر جي قدرت جا جلوا آهن جنهن جي انڪار ڪرڻ جو ڪوبہ رسّتو نہ آهي هن سورة ۾ ان قادر پنهنجي قدرت ڪامله بيان ڪرڻ سان گڏ پنهنجي علم محيط جو بہ ذڪر فرمايو آهي تہ ظاهر ۽ باطن ۾ ڪابہ اهڙي شيءِ ناهي جنهن جو ان کي علم نہ هجي پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي کي انسان بنجڻ تائين جن مرحلن مان لنگهڻو پوي ٿو، جن تبديلين جي واردات ٿئي ٿي اتي جيڪي نازڪ ۽ لطيف تغيرات منهن ڏيکاريندا آهن انهن سيني مان ڪابہ اهڙي ڳالهہ ناهي جيڪا ان جي علم ۾ نہ هجي ۽ ان جي اذن کان سواءِ وجود ۾ اچي جنهن ذات اقدس جي قدرت ايتري ڪامل، ۽ جنهن جي حڪمت ايتري محڪم ۽ جنهن جو علم ايترو محيط هجي بلاشبه اهو ۽ صرف اهو ئي معبود برحق آهي انهن سيني ڳالهين بيان ڪرڻ سان گڏ اهو بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ منڪر انهن قطعي دليلن هوندي باطل جي انڌيرن سان ايترا

مانوس آهن جو حق جي روشنيءَ کي ڏسڻ لاءِ تيار ئي ناهن اهي حق تي هلڻ لاءِ دعا ئي نه ٿا گهرن پر ايتري ظلم هوندي به رب العزة جل جلاله کين مهلت ڏي ٿو هن سورة مبارڪه جي ١٩ کان ٢٤ تائين آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اسلام پنهنجي مڃڻ وارن ۾ ذهني، روحاني ۽ عملي انقلاب پيدا ڪري ٿو ۽ آيت نمبر ٢٥ ۾ اهي آلودگيون بيان ڪيون ويون آهن جن سان اسلام کان خالي انسان جي دامن ملوث هوندي آهي جيتوڻيڪ ٻين سورتن وانگر هن سورة جي هر هڪ آيت به رشد ۽ هدايت جو مينار آهي پر قارئين ڪرام کي هن سورت جي آيت نمبر ١١، نمبر ١٧ ۽ نمبر ٢٨ ڏانهن خصوصي توجه ڏيڻ گهرجي، آيت نمبر ١١ ۾ الله جل جلاله فردن ۽ قومن جي عروج ۽ زوال جو هڪ اٽل قانون بيان فرمايو آهي هر اهو شخص يا قوم جيڪو پنهنجيءَ موجوده ڪريل حالت ۽ ذلت جون دانهون ٿو ڪري ۽ عروج ۽ بلنديءَ جو خواهشمند آهي اهو هن آيت کي بار بار پڙهي انسان مادي ۽ سائنسي ترقيءَ جي باوجود بي چين ۽ مضطرب آهي ان جي فڪر جي مٿاهين حصي تي به خوفناڪ انديشن ۽ ڏکويل تصورات جا ڪڪر ڇانيل آهن انتهائي نرم ۽ نازڪ صوفن تي وهڻ جي باوجود به ان کي اطمينان نصيب ناهي ٽيليويزن جي اسڪرين تي اچڻ وارن اگهاڙن حسن ۽ من موهيندڙ آوازن جي ٻڌڻ جي باوجود به ان جي بي قراريءَ واري اچ نه ٿي لهي دولت جا ڍير به ان کي تسڪين نه ٿا ڏين قرآن پاڪ جي هن سورة جي آيت نمبر ٢٨ ۾ "اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ" (خبردار الله جي ذڪر سان دليون مطمئن ٿينديون آهن) سان انسان کي اطمينان قلب جهڙي دائمي ۽ لازوال دولت جو ڏس ڏنو ويو آهي هن سورة جي آخر ۾ هيئن فرمائي ڳالهه ختم ڪئي وئي آهي ته: اي محبوب! ڪافر نه ٿا مڃين ته اوهان فڪر نه ڪيو اوهان جي رسالت جو شاهد مان آهيان "٧" **فضيلت:** ابن ابي شيبه ۽ المروذي حضرت جابر بن زيد رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته! جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي مرڻ جو وقت محسوس ٿئي ته مستحب آهي ته ان وٽ سورة الرعد پڙهجي ان سان ان تي هلڪائي ٿيندي ساهه نڪرڻ ۾ سهنجائي ۽ هر ڪم آسان ٿيندس (١)

(١) الدرالمنثور صہ ٥٩٩ جلد ۴ روح المعاني صہ ٨۴ جزء ١٣ جلد ٥

اٰيَاتُهَا ثَلَاثٌ وَ اَرْبَعُوْنَ	سُوْرَةُ الرَّعْدِ مَدَنِيَّةٌ	رُكُوْعَاتُهَا سِتٌّ
هن جون آيتون ٤٣ آهن	سورة رعد مدنيه آهي	هن جا رڪوع ٦ آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمَانِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو وڏو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓرٰ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتَابِ وَالَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ

الف، لام، ميم، ، هي آيتون ڪتاب جون آهن ۽ اهو جو نازل ڪيو ويو توڏانهن رب تنهنجي ڪان

الْحَقُّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ① اَللّٰهُ الَّذِيْ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ

حق آهي ۽ پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ايمان آڻين الله اهو آهي جو بلند ڪري بيهاريائين آسمانن کي

بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ

سواءِ ٿنڀ جي ڏسو ٿا ان کي ان ڪان پوءِ استواء فرمايائين عرش تي ۽ پابند ڪيائين سج

وَالْقَمَرَ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى يُدَبِّرُ الْاَمْرَ يُفَصِّلُ الْاٰيَاتِ

۽ چنڊ کي هر هڪ هلي ٿو واسطي مدي مقرر جي تدبير ٿو فرمائي امر جي کولي بيان ٿو ڪري نشانيون

لَعَلَّكُمْ بِلِقَآءِ رَبِّكُمْ تُوْقِنُوْنَ ② وَهُوَ الَّذِيْ مَدَّ الْاَرْضَ وَجَعَلَ

تانت اوهان پنهنجي رب جي ملاقات تي يقين ڪيو ۽ اهو (الله) آهي جو پکيڙيائين زمين کي ۽ پيدا ڪيائين

فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْهٰرًا وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرَاتِ جَعَلَ فِيْهَا زَوْجَيْنِ

ان ۾ جبل ۽ نهرون ۽ هر قسم جي ميون مان ڪيائين انهن ۾ جوڙا

اثْنَيْنِ يُغْشِى الَّيْلَ النَّهَارَ اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

ٻه ٻه ڍڪي ٿو رات سان ڏينهن کي بيشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن واسطي ان قوم جي

يَتَفَكَّرُوْنَ ۝٣ وَفِي الْاَرْضِ قِطَعٌ مُّتَجٰوِرٰتٌ وَّجَنّٰتٌ مِّنْ اَعْنَابٍ

جيڪي فڪرڪن ٿا ۽ زمين ۾ ٽڪرا لڳو لڳ آهن ۽ باغ آهن انگورن جا

وَّزَرْعٌ وَّنَخِيْلٌ صِنْوَانٌ وَّغَيْرُ صِنْوَانٍ يُّسْقٰى بِمَآءٍ وَّاحِدٍ

۽ پوڪون آهن ۽ کجيون پاڙون مليل ۽ نہ مليل پياريا ويا پاڻيءَ هڪ سان

وَنُفَضِّلُ بَعْضَهَا عَلٰى بَعْضٍ فِي الْاُكُلِ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

۽ پلو ڪيون ٿا هڪڙن کي ٻين تي ميون ۾ بيشڪ انهن ۾ البت نشانيون آهن

لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ۝٤

ان قوم لاءِ جيڪي عقل رکن ٿا

تفسير

هن سورة کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ قرآن هدايت ۽ رحمت آهي ۽ هنن آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو قرآن حق آهي ارشاد مبارڪ آهي "الٓمّٓرٰ" هي حروف مقطعات آهن جن جي حقيقي معنىٰ الله جل جلالہ ئي ڄاڻي ٿو پر ڪن بزرگن انهن مان ورتل مراد بہ لکي آهي حضرت مخدوم نوح هالائي عليه الرحمتہ هن جو ترجمہ هيئن ڪيو آهي. مان الله آهيان جو ڏسان ۽ ڄاڻان ٿو (١)

"تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ" هي ڪتاب جون آيتون آهن. ڪتاب مان مراد قرآن ڪريم آهي "وَالَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ" ۽ جيڪو توڏانهن تنهنجي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو حق آهي نازل ڪيل مان مراد قرآن بہ ٿي سگهي ٿو پر وعطف جو حرف بظاهر گهري ٿو تہ "ڪتاب" ۽ "الَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ" بہ جدا جدا شيون هجن ۽ ان صورت ۾ ڪتاب مان مراد قرآن ڪريم ۽ "الَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ" مان مراد اهو وحي هوندو جيڪو قرآن ڪريم کان سواءِ حضور عليه الصلواة والسلام جن تي آيو آهي چو تہ حضور پر نور عليه الصلواة

(١) ترجمہ مخدوم نوح نارسي صہ ٢٥٠

والسلام جن تي اچڻ وارو وحي صرف قرآن ڪريم ناهي سندن جيڪو بہ فرمان آهي وحي الاهي آهي جيئن رب العزة جل شانه جو فرمان آهي "وَمَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰى اِنۡ هُوَ اِلَّا وَحۡىٌ يُّوۡحٰى" نفساني خواهش ڪان نٿو ڳالهائي اهو تہ صرف وحي آهي جيڪو (ان ڏانهن) موڪليو وڃي ٿو ان مان ثابت ٿيو تہ حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام قرآن ڪريم ڪان سواءِ جيڪي ٻيا احڪام ارشاد فرمايا آهن اهي بہ الله جي طرفان نازل ڪيل آهن فرق صرف اهو آهي تہ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي ويندي آهي ۽ باقي احڪام تلاوت نہ ڪيا ويندا آهن "وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ" ۽ پر گهڻا ماڻهو ايمان نہ ٿا آڻين مطلب تہ اڪثر ماڻهو جيڪي شرڪ، ڪفر، فسق ۽ فجور جا شڪار رهيا آهن اهي ان سچي ۽ حق ڪتاب تي بہ ايمان نہ ٿا آڻين "اَللّٰهُ الَّذِىۡ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ بِغَيۡرِ عَمَدٍ تَرَوۡنَهَا" سچو معبود اهو آهي جنهن ٿنڀ ڪان سواءِ آسمانن کي بلند ڪري بيهاريو اهي هن آيت ۾ الله جل جلاله جي برحق وجود ۽ سندس توحيد جا دلائل مذڪور آهن تہ ان جي مخلوقات ۽ مصنوعات کي غور سان ڏسندؤ تہ اوهان کي يقين ڪرڻو پوندو تہ انهن جي ناهڻ واري ڪا اهڙي هستي آهي جيڪو قادر مطلق آهي ۽ ساري مخلوقات ۽ ڪائنات ان جي قبضي ۾ آهي "ثُمَّ اسۡتَوٰى عَلَى الۡعَرۡشِ" ان ڪان پوءِ آسمان تي استواء فرمايائين يعني آسمان ۽ زمين، سموري علويات ۽ سفليات کي پيدا ڪرڻ ڪان پوءِ عرش تي ڪامل قبضو، اقتدار ۽ هر قسم جا مالڪانہ ۽ شهنشاهانہ تصرفات ان جا آهن هن جملہ جي وڌيڪ وضاحت احسن البيان جلد۳ صہ٥٠٥ سورة الاعراف جي آيت نمبر٥۴ جي تفسير ۾ لکي آيا آهيون اتي ڏسڻ گهرجي "وَسَخَّرَ الشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ كُلٌّ يَّجۡرِىۡ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى يُدَبِّرُ الۡاَمۡرَ يُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لَعَلَّكُمۡ بِلِقَآءِ رَبِّكُمۡ تُوۡقِنُوۡنَ" ۽ سج ۽ چنڊ مطيع ڪيائين هر هڪ مدي مقرر ڪيل جي لاءِ هلي ٿو امر جي تدبير ٿو فرمائي آيتون (قدرت جون نشانيون) کولي کولي بيان ٿو ڪري تانت اوهان پنهنجي رب جي ملڻ جو يقين رکو. مطلب تہ انهن سڀني شين کي جيئن پيدا ڪيو اٿس تيئن انهن جي تدبير، سنڀال ۽ هر معاملو بہ پاڻ ئي هلائي رهيو آهي اوهان غور ڪيو ۽ ان قدرتي نظام کي ڏسي آخرت جي جهان ۽ سندس دربار ۾ پيش ٿيڻ تي يقين رکو ۽ سندس ديدار جا اميد وار رهو "هُوَ الَّذِىۡ مَدَّ الۡاَرۡضَ وَجَعَلَ فِيۡهَا رَوَاسِىَ وَاَنۡهٰرًا ؕ وَمِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِ جَعَلَ فِيۡهَا زَوۡجَيۡنِ اثۡنَيۡنِ يُغۡشِى الَّيۡلَ النَّهَارَ" ۽ اهو ئي (الله) آهي جنهن زمين پکيڙي ۽ ان ۾ مضبوط جبل ۽ نهرون ناهيائين ۽ سڀني ميون جي قسمن مان انهن ۾ ٻہ ٻہ جوڙا رکيائين رات سان ڏينهن کي ڍڪي ٿو. مطلب تہ زمين کي پکيڙي ان ۾ مضبوط جبل

رکڻ، نهرون وهائڻ، ۽ قسمين قسمين ميوا پيدا ڪرڻ ڏينهن ڪان پويان رات آڻڻ اهي سڀ سندس قدرت جون نشانيون آهن "اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ" يقينن انهن سڀني ۾ ان قوم لاءِ جيڪي فڪر ڪن ٿا نشانيون آهن مطلب تہ سڄي ڪائنات جي تخليق، تدبير ۽ نظام تي غور ۽ فڪر ڪرڻ واري کي ايمان آڻڻ لاءِ رستا هموار ملندا انڪار جي ڪا ٻَلي نہ رهندي. "وَفِى الۡاَرۡضِ قِطَعٌ مُّتَجٰوِرٰتٌ وَّجَنّٰتٌ مِّنۡ اَعۡنَابٍ وَّزَرۡعٌ وَّنَخِيۡلٌ صِنۡوَانٌ وَّغَيۡرُ صِنۡوَانٍ يُّسۡقٰى بِمَآءٍ وَّاحِدٍ وَنُفَضِّلُ بَعۡضَهَا عَلٰى بَعۡضٍ فِى الۡاُكُلِ" ۽ زمين ۾ لڳو لڳ ٽڪرا آهن ۽ انگورن جا باغ ۽ پوکون آهن ۽ ڪجيون آهن جن جون پاڙون مليل ۽ نہ مليل آهن سڀني کي هڪ ئي پاڻي پياريو وڃي ٿو ۽ (ڪائڻ جي لذت ۽) مزي ۾ هڪڙن کي ٻين کان پلو بنايون ٿا يعني زمين جا ٽڪرا، ڏيهون هڪ ٻئي سان مليل هجڻ جي باوجود خاصيتن ۾ مختلف آهن ڪا زمين ڪلر آهي ڪاري آهي تہ ڪا مٺي آهي ڪا نرم آهي تہ ڪا سخت ڪا پوک جي لائق آهي تہ ڪا ناهي انهن ٽڪرن ۾ انگورن جا باغ آهن پوکون آهن، ڪجيءَ جا وڻ آهن ڪيترن جون پاڙون ۽ ٿڙ مليل آهن ڪيترن جا نہ ۽ انهن سڀني کي پاڻي بہ هڪ ملي ٿو پر انهن جي ذائقي ۾ تفاوت آهي "اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ" بلاشڪ ان ۾ ان قوم لاءِ نشانيون آهن جيڪي عقل رکن ٿا

فائدا: هنن آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا.

"١" وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ" مان واضح ٿيو تہ دنيا ۾ ڪافر گهڻا آهن ۽ مومن ۽ شڪر گذار ٿورا ٿورا ڇو تہ ڪفر گهڻا قسم آهي سڀني کي ملائجي ٿو تہ مومن سندن مقابلي ۾ ٿورا ٿين ٿا پر انهن جو گهڻو هجڻ سندن حقانيت جو دليل ناهي ان جي ڪري سندن گهٽائيءَ ڪان ڊڄڻ نہ کپي "٢" آسمانن جي ذڪر ڪان پوءِ عرش جي جدا ذڪر ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ آسمان صرف ست آهن عرش ۽ ڪرسي کي آسمان نہ چئبو فلاسفه جو چوڻ تہ انون آسمان عرش آهي نائون آسمان ڪرسي ۽ ڏهون آسمان لوح محفوظ آهي صحيح ناهي "٣" جيڪا شيءِ نظر نہ اچي ۽ ان جون نشانيون نظر اچن تہ نشانين ڏسڻ کي ان شيءِ جو ڏسڻ قرار ڏئي سگهجي ٿو. جيئن آسمان نظر نہ ٿا اچن پر انهن ۾ هلندڙ سج، چنڊ ۽ تارن جي ڏسڻ کي آسمانن جو ڏسڻ قرار ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح رب العزة جل جلاله جي ذات دنيا ۾ ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ذات جيڪو سندس قدرت ۽ صنعت جي وڏي نشاني آهي ان جي ڏسڻ کي مالڪ مٺي جو ديدار قرار ڏنو ويو آهي (١)

(١) نعيمي صـ٢٤٠جلد١٣

"۴" زمين ٻه رب العزة جل جلاله جي قدرت جي ڪمال جي نشاني آهي جو ڪروڙين سالن کان پاڻيءَ تي بيٺل آهي مگر نه ٻڏي ٿي نه ڀري ٿي جيئن رب العزة جل شانه ڪيس بيهاري ڇڏيو آهي تيئن بيٺي آهي "۵" يَتَفَكَّرُوْنَ" واري سڄي جمله تي غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو ته جيئن ذڪر ڪرڻ عبادت آهي تيئن آيات الاهيءَ ۾ فڪر ڪرڻ به عبادت بلڪ ولايت ملڻ جو ذريعو آهي. "٦" "كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى" (سڀ مقرر ٽيل مدي لاءِ هلن ٿا) مان واضح ٿيو ته آسمان ۽ زمين ساڪن آهن هلن ڪونه ٿا. سج، چنڊ ۽ تارا هلن ٿا ۽ اهو ئي مسلمانن جو پڪو عقيدو هجڻ گهرجي "۷" "يُسْقٰى بِمَآءٍ وَّاحِدٍ" (هڪ پاڻيءَ مان پياريا وڃن ٿا) مان واضح ٿيو ته پاڻي نهايت اهم شيءِ آهي مفسرن سڀورن لکيو آهي ته اڪثر مخلوق جو مادو پاڻي آهي. ۽ ان جو ڪره ٻه زمين وانگر گول آهي ۽ زمين ان جي هڪ حصه ۾ ائين پيل آهي جيئن حوض ۾ گدرو پيل هجي الله تعالىٰ سڄي زمين تي هڪ سئو ڇهانوي (١٩٦) درياءَ پيدا فرمايا آهن (١)

وَاِنْ تَعْجَبْ فَعَجَبٌ قَوْلُهُمْ ءَاِذَا كُنَّا تُرَابًا ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ

۽ جيڪڏهن عجب ۾ پوندين تون ته پوءِ عجب وارو آهي چوڻ انهن جو ته ڇا جڏهن ٿيندا سون مٽي ڇا تحقيق اسين پيدائش

جَدِيْدٍ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ

نئينءَ ۾ ايندا سون؟ اهيئي آهن جن ڪفر ڪيو رب پنهنجي جو ۽ اهيئي (آهن جو) ڳٽ (هوندا)

اَعْنَاقِهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ⑤

ڳچين انهن جي ۾ ۽ اهيئي جهنمي آهن اهي ان ۾ هميشه رهندڙ آهن

وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ وَقَدْ خَلَتْ مِنْ

۽ تڪڙو ٿا گهرن تو کان مدائي چڱائيءَ کان اڳي ۽ تحقيق گذريا

قَبْلِهِمُ الْمَثُلٰتُ ؕ وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلْمِهِمْ ۚ

اڳي انهن کان عذاب ۽ بيشڪ رب تنهنجو البت مالڪ آهي بخشش ماڻهن جي لاءِ باوجود ظلم انهن جي

(١) نعيمي ص٢٤٠ جلد١٣

وَإِنَّ رَبَّكَ لَشَدِيدُ الْعِقَابِ ۞ وَيَقُولُ الَّذِينَ كَفَرُوا لَوْلَا أُنزِلَ

۽ بيشڪ رب تنهنجو البت سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي ۽ چون ٿا اهي شخص جو ڪفر ڪيائون تہ ڇونہ نازل ڪئي وئي

عَلَيْهِ آيَةٌ مِّن رَّبِّهِ ۗ إِنَّمَا أَنتَ مُنذِرٌ ۖ وَلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ ۞ اللَّهُ يَعْلَمُ

ان تي نشاني سندس رب جي طرفان تون تہ فقط ڊيڄارڻندڙ آهين ۽ واسطي هر قوم جي هدايت ڪندڙ الله ڄاڻي ٿو

مَا تَحْمِلُ كُلُّ أُنثَىٰ وَمَا تَغِيضُ الْأَرْحَامُ وَمَا تَزْدَادُ ۖ وَكُلُّ

اهو جو پيٽ ۾ کڻي ٿي هلي هر مادي ۽ جيڪو گهٽائين ٿيون ڳپيرٽيون ۽ جيڪو وڌائين ٿيون ۽ هر

شَيْءٍ عِندَهُ بِمِقْدَارٍ ۞ عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْكَبِيرُ الْمُتَعَالِ ۞

شيء ان وٽ اندازي سان آهي ڄاڻندڙ آهي ڳجهہ جو ۽ ظاهر جو وڏو، مٿاهون

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ الله جل جلالہ جي عظيم الشان قدرتي نشانين جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن کان روگرداني ڪندڙن جي حالات تي عجب جو اظهار ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَإِنْ تَعْجَبْ فَعَجَبٌ قَوْلُهُمْ ءَإِذَا كُنَّا تُرَابًا ءَإِنَّا لَفِي خَلْقٍ جَدِيدٍ" ۽ جيڪڏهن تون عجب ۾ ٿو پوين تہ پوءِ عجب جهڙو تہ انهن جو اهو قول آهي تہ ڇا جڏهن مٽي ٿي ويندا سون تہ ڇا اسين نئينءَ پيدائش ۾ ايندا سين؟ مطلب تہ اوهان ڪافرن جي ان ڳالهہ تي حيران ٿيو ٿا تہ اهي ڪائنات ۾ قدرت جا گهڻا دليل ڏسي ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۽ معبود بالحق هجڻ تي ايمان نہ ٿا آڻين حالانڪ عجب ۾ وجهندڙ تہ انهن جو اهو چوڻ آهي تہ ڇا اسين جڏهن مٽي ٿي ويندا سون تہ وري نئينءَ طرح پيدا ٿيندا سون؟ سوچين نہ ٿا جيڪو پهريان ئي پيدا ڪرڻ تي قادر هو سو وري ان نهيل کي نئين طرح پيدا ڪرڻ ۽ ناهڻ تي بہ قادر آهي ان جي اڳيان ڪوبہ ڪم مشڪل ناهي "أُولَٰئِكَ الَّذِينَ كَفَرُوا بِرَبِّهِمْ ۖ وَأُولَٰئِكَ الْأَغْلَالُ فِي أَعْنَاقِهِمْ ۖ وَأُولَٰئِكَ أَصْحَابُ النَّارِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ" اهيئي آهن جن پنهنجي رب سان

ڪفر ڪيو ۽ انهن جي ٺي ڳچين ۾ ڳٽ هوندا ۽ اهيئي جهنمي آهن اهي ان ۾ هميشه رهندڙ آهن مطلب ته اهي ماڻهو مرڻ کان پوءِ اٿڻ جو انڪار ڪري رب العزة جل جلاله جي مطلق قدرت ڪامله ۽ شهنشاهيت جو انڪار ڪري وينا ته اهڙن منڪرن ۽ بغاوت ڪندڙن جو انجام ۽ عاقبت اها ٿيندي جو سندن ڳچين ۾ جهنم جا ڳٽ وجهي ان ۾ هميشه رهايا ويندا "وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ وَقَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمُ الْمَثُلٰتُ وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلْمِهِمْ وَاِنَّ رَبَّكَ لَشَدِيْدُ الْعِقَابِ" ۽ تڪڙي ٿا گهرن تو کان برائي نيڪيءَ کان اڳي ۽ تحقيق انهن کان اڳ ۾ عذاب گذريا آهن ۽ يقينًا تنهنجو رب ماڻهن جي لاءِ سندن ظلم جي باوجود مغفرت جو مالڪ آهي ۽ بلاشڪ تنهنجو رب البت عذاب جو (به) سخت آهي مطلب ته: اي حبيب! (عليڪ الصلواة والسلام) انهن ڪافرن جي وڏيڪ ناداني اها آهي جو اوهان جي سمجهائڻ جو ابتو اثر وٺي رهيا آهن ۽ مغفرت ۽ رحمت گهرڻ جي بجاءِ عذاب جي گهر ڪري رهيا آهن ۽ ڪائنن اڳيان انهن قومن تي آيل عذابن جا واقعا گذريا آهن جن سندن طرف موڪليلن نبين عليهم الصلواة والسلام جو قدر نه ڪندي ڪفر ڪيو هو. انهن مان عبرت پرائڻ ڪيين ۽ ماڻهن جي ظلم ڪرڻ جي باوجود به الله انهن لاءِ مغفرت ڪندڙ مالڪ آهي. پر جڏهن انڪار ۽ ضد حد کان لنگهي ٿو وڃي ۽ مهلت مان فائدو نه ٿا وٺن تان جو اها مهلت به ختم ٿيو ٿي وڃي ته پوءِ الله عذاب ڪرڻ ۾ به سخت آهي ۽ منڪرن کي اهڙو نيست ۽ نابود ڪري ٿو ڇڏي جو سندن نشان ئي نه ٿو رهي "وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ" ۽ ڪافر چون ٿا ته ان تي سندس رب جي طرفان نشاني ڇو نه نازل ڪئي وئي؟ يعني ڪيترن معجزن ڏسڻ جي باوجود چون ٿا ته ان تي ڪو ٻيو معجزو ڇو نه نازل ڪيو ويو؟ "اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرٌ وَّلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ" تون ته صرف ڊيڄاريندڙ آهين ۽ هر قوم لاءِ هدايت ڪندڙ آهين حضرت عڪرمه جو قول آهي ته منذر به حضور عليه الصلواة والسلام آهي ته هادي به اهو آهي (١)

۽ هن حصي جي اها مفهوم به بيان ڪئي وئي آهي ته: دنيا ۾ جيترين قومون گذريون آهن انهن لاءِ به هدايت ڪندڙ انبياءعليهم الصلواة والسلام موڪليا ويا هئا ۽ اوهان به هن امت ۾ موجود ماڻهن ۽ قيامت تائين اچڻ وارن جا هدايت ڪندڙ آهيو "اَللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تَحْمِلُ كُلُّ اُنْثٰى وَمَا تَغِيْضُ الْاَرْحَامُ وَمَا تَزْدَادُ وَكُلُّ شَيْءٍ عِنْدَهٗ بِمِقْدَارٍ" اهو (سڀ ڪجهه) جيڪو هر عورت پيٽ ۾ کڻي ٿي ۽ جيڪو ڳيرٽيون گهٽائين ٿيون ۽ جيڪو

(١) الدر المنثور ص٦٠٨جلد٤ بحرالعلوم ص١٨٤جلد٢

وڏائين ٿيون الله ڄاڻي ٿو ۽ ان وٽ هر شيءِ اندازي سان آهي مطلب تہ ماءُ جي پيٽ ۾ قرار وٺندڙ نطفي ۽ حمل جي دوران جيڪي اهم ۽ غير اهم تغيرات ان ۾ رونما ٿيندا آهن الله اهي سڀ ڄاڻي ٿو ۽ هر شيءِ لاءِ ان هڪ انداز مقرر ڪيو آهي هر شيءِ ان انداز سان معرض وجود ۾ اچي ٿي ۽ جيڪو رب اوهان کي ان وقت کان ڄاڻي ٿو ان کان اوهان جو ڪوبہ قول ۽ فعل لڪل ناهي "عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْكَبِيرُ الْمُتَعَالِ" ڳجهہ ۽ ظاهر ڄاڻندڙ، وڏو، نهايت مٿاهون آهي مطلب تہ الله جل جلالہ جي خاص صفت ڪمال هيءَ آهي جو هر غيب کي اهڙي طرح ڄاڻي ٿو جهڙي طرح حاضر ۽ موجود کي الڪبير معنىٰ وڏو ۽ المتعال معنىٰ نهايت بلند ۽ انهن ٻنهي لفظن مان مراد هيءَ آهي تہ اهو مخلوقات جي صفات کان نهايت مٿاهون ۽ وڏو آهي ڪافر ۽ مشرڪ الله جل جلالہ جي لاءِ اجمالي طور تي وڏي ۽ مٿاهين هجڻ جو اقرار نہ ڪندا هئا پر پنهنجي قاصر سمجهہ جي ڪري الله جل جلالہ کي بہ عام انسانن تي قياس ڪري الله جي لاءِ اهڙيون صفتون ثابت ڪندا هئا جيڪي سندس شان کان گهٽ پري آهن ڪن الله جي لاءِ پٽ ثابت ڪيا تہ ڪن ان جي لاءِ انسانن وانگر جسم ۽ عضوا ثابت ڪيا تہ ڪن ان لاءِ جهت ۽ سمت ثابت ڪئي حالانڪ اهو انهن سيني حالات ۽ صفات کان بالا بلند ۽ منزه آهي قرآن ڪريم الله جل جلالہ کي اهڙين صفتن کان پاڪ هجڻ کي بار بار هنن لفظن سان بيان فرمايو آهي. "سُبْحَانَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ" جيڪو بيان ڪن ٿا الله ان کان پاڪ آهي

فائدا: مذڪوره آيتن کي پڙهي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا "١" "لَذُوْمَغْفِرَةٍ" (مغفرت جو مالڪ آهي) مان واضح ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن الله جل جلالہ گناهن جي مغفرت نصيب ڪندو. پوءِ اهي گناهہ ڪبيره هجن يا حقوق العباد. حق واري کي ڪو بدلو ڏئي يا شفاعت وغيرها جي ذريعي "٢" "لَشَدِيْدُ الْعِقَابِ" (سخت عذاب ڪرڻ وارو) مان ثابت ٿيو تہ مغفرت جي اميد رکڻ سان گڏ ان جي عذاب جو خوف بہ رکجي،ايمان اميد ۽ خوف جي وچ ۾ هوندو آهي "٣" "لِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ" (هر قوم جي لاءِ هدايت ڪندڙ) مان ثابت ٿيو تہ اڳيان انبياءِ عليهم الصلواة والسلام خاص قومن لاءِ نبي هئا ۽ حضور عليه الصلواة والسلام سيني لاءِ قيامت تائين نبي آهي اهڙي طرح سندن معجزا بہ قيامت تائين قائم آهن. قرآن پاڪ، حديث، علماءِ اولياءِ عظام جون ڪرامتون سڀ سندس معجزا آهن.

سَوَآءٌ مِّنۡكُمۡ مَّنۡ اَسَرَّ الۡقَوۡلَ وَمَنۡ جَهَرَ بِهٖ وَمَنۡ هُوَ مُسۡتَخۡفٍۭ

برابر آهي اوهان مان اهو جو هوريان ڳالهه ڪيائين ۽ اهو جو ڏاڍيان ڪيائين ان ڪي ۽ اهو جيڪو لڪندڙ آهي

بِالَّيۡلِ وَسَارِبٌۢ بِالنَّهَارِ ۝١٠ لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنۡۢ بَيۡنِ يَدَيۡهِ وَمِنۡ خَلۡفِهٖ

رات ۾ ۽ ظاهر ٿي هلندڙ آهي ڏينهن ۾ واسطي ان جي هڪ ٻئي جي پويان ايندڙ (ملائڪ) آهن اڳيان ان جي ۽ پويان

يَحۡفَظُوۡنَهٗ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوۡمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوۡا

ان جي حفاظت ٿا ڪن ان جي امر الله جي سان بيشڪ الله نه ٿو بدلائي اهو جو ڪنهن قوم وٽ آهي تان جو پاڻ بدلائين

مَا بِاَنۡفُسِهِمۡ ؕ وَاِذَاۤ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوۡمٍ سُوۡٓءًا فَلَا مَرَدَّ

اهو جو سندن ذات ۾ آهي ۽ جڏهن ارادو ٿو فرمائي الله ڪنهن قوم ڪي تڪليف ڏيڻ جو ته پوءِ ناهي ٽرڻ واسطي ان جي

لَهٗ ۚ وَمَا لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ وَّالٍ ۝١١ هُوَ الَّذِيۡ يُرِيۡكُمُ الۡبَرۡقَ خَوۡفًا

۽ ناهي واسطي انهن جي ان جي مقابلي ۾ ڪو مددگار اهو ئي آهي جيڪو ڏيکاري ٿو اوهان ڪي وڄ ڊپ

وَّطَمَعًا وَّيُنۡشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ ۝١٢ ۚ وَيُسَبِّحُ الرَّعۡدُ بِحَمۡدِهٖ

۽ اميد لاءِ ۽ پيدا ٿو ڪري ڪڪر ڳرا ۽ تسبيح پڙهي ٿو رعد ان جي حمد سان

وَالۡمَلٰٓئِكَةُ مِنۡ خِيۡفَتِهٖ ۚ وَيُرۡسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيۡبُ بِهَا مَنۡ

۽ ملائڪ ان جي خوف کان ۽ موڪلي ٿو وڄون پوءِ پهچائي ٿو ان ڪي

يَّشَآءُ وَهُمۡ يُجَادِلُوۡنَ فِى اللّٰهِ ۚ وَهُوَ شَدِيۡدُ الۡمِحَالِ ۝١٣ لَهٗ

جنهن ڪي گهري ۽ اهي جهيڙو پيا ڪن الله جي (باري) ۾ ۽ اهو سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي

دَعۡوَةُ الۡحَقِّ ؕ وَالَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖ لَا يَسۡتَجِيۡبُوۡنَ لَهُمۡ

ان ڪي سڏڻ حق آهي ۽ جيڪي سڏين ٿا (ٻين ڪي) ان کان سواءِ نه ٿا جواب ڏين واسطي انهن جي

بِشَیۡءٍ اِلَّا کَبَاسِطِ کَفَّیۡهِ اِلَی الۡمَآءِ لِیَبۡلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ بِبَالِغِهٖ

ڪجهہ بہ مگر مثل پکيڙيندڙ (جي) هٿن پنهنجن کي پاڻيءَ ڏانهن تانت پهچي وات ان جي ۾ ۽ ناهي اهو پهچندڙ ان کي

وَمَا دُعَآءُ الۡکٰفِرِیۡنَ اِلَّا فِیۡ ضَلٰلٍ ﴿۱۴﴾ وَلِلّٰهِ یَسۡجُدُ

۽ ناهي سڏڻ ڪافرن جو مگر گمراهيءَ ۾ ۽ الله جي لاءِ سجدو ٿا ڪن

مَنۡ فِی السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ طَوۡعًا وَّکَرۡهًا

اهي جو آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهن خوشيءَ ۽ مجبوريءَ سان

وَّظِلٰلُهُمۡ بِالۡغُدُوِّ وَالۡاٰصَالِ ﴿۱۵﴾ السجدة

۽ پاڇا انهن جا صبح جو ۽ شام جو

السجدة ٢

تفسير

هن آيتن کان اڳ ۾ آيلن آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ الله جل جلالہ غيب ۽ ظاهر سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ان جي اڳيان هوريان ۽ بلند آواز سان ڳالهائيندڙ برابر آهن سيني جو ان کي علم آهي ارشاد عالي آهي "سَوَآءٌ مِّنۡکُمۡ مَّنۡ اَسَرَّ الۡقَوۡلَ وَمَنۡ جَهَرَ بِهٖ وَمَنۡ هُوَ مُسۡتَخۡفٍۭ بِالَّیۡلِ وَسَارِبٌۢ بِالنَّهَارِ" جيڪو اوهان مان هوريان ڳالهائي ۽ جيڪو ڏاڍيان ڳالهائي ۽ جيڪو رات جو لڪندڙ آهي ۽ جيڪو ڏينهن جو ظاهر ٿي هلندڙ آهي (اهي سڀ الله جي اڳيان) برابر آهن هي بہ رب العزة جل شانہ جي علم محيط جو بيان آهي يعني اهو اوهان جي هر حال جو علم رکندڙ آهي اوهان هوريان ڳالهايو يا وڏي آواز سان اوهان مان ڪو رات جو لڪي هلي يا ڏينهن جو ظاهر ٿي هلي رب پاڪ جي اڳيان سڀ حالتون برابر آهن "لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنۡۢ بَیۡنِ یَدَیۡهِ وَمِنۡ خَلۡفِهٖ یَحۡفَظُوۡنَهٗ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰهِ" ان جي لاءِ هڪ ٻئي جي پويان ايندڙ ملائڪ سندس اڳيان ۽ سندس پويان آهن جيڪي الله جي امر جي ڪري ان جي حفاظت ڪندا آهن اهي حفاظت ڪندڙ ملائڪ ڪيترا آهن ان ۾ مختلف روايتون آهن "١" ابن المنذر ۽ ابو الشيخ

حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: هر ڀانهي سان ڳڻ ملائڪ آهن جيڪي ان جي حفاظت ڪندا آهن تہ متان ان تي ڪا ڀت ڪري يا اهو کوهہ ۾ ڪري پوي يا ڪو ڦاڙيندڙ ڪيس ڪائي وجهي يا ٻڏي يا سڙي پوي پر جڏهن تقدير ايندي آهي تہ اهي ملائڪ ڇڏي ويندا اٿس. اهو ڄاڻي تہ ان جو مقدر ڄاڻي (١)؟ ابن ابي الدنيا، طبراني ۽ صابونيءَ حضرت ابي امامة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ (سيدنا) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "هر هڪ انسان سان ٽي سئو سٺ (٣٦٠) ملائڪ مقرر ڪيل آهن جيڪي ان تان اهي (تڪليفون) دفع ڪندا آهن جن کي دفع ڪرڻ تي پاڻ قادر نہ هوندو آهي" (٢)

"٣" ڪي مفسر لکن ٿا تہ انهن جو تعداد پنج، پنج آهي، ڪي لکن ٿا تہ چار، چارڪي لکن ٿا تہ ويهہ ڪي لکن ٿا سٺ ملائڪ آهن (٢)" وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ"

"اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوۡمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوۡا مَا بِاَنۡفُسِهِمۡ ؕ وَاِذَاۤ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوۡمٍ سُوۡۤءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗ ۚ وَمَا لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ وَّالٍ" يقينًا الله تيستائين ڪنهن قوم جي حالت نہ ٿو بدلائي جيستائين اهي اهو ڪجهہ نہ ٿا بدلائين جيڪو سندن سرن سان آهي. ۽ جڏهن الله ڪنهن قوم کي تڪليف ڏيڻ جو ارادو ٿو فرمائي تہ پوءِ ان جو موٽڻ ناهي ۽ انهن لاءِ ان (الله) جي مقابلي ۾ ڪوبہ مددگار ناهي. مطلب تہ جيڪڏهن ڪا قوم امن ۽ عافيت ۾ آهي تہ الله جل جلاله انهن کي ان جي بجاءِ آفت ۽ مصيبت نہ ٿو ڏي جيستائين اهي پاڻ پنهنجن عملن ۽ حالتن کي براين ۽ فساد ۾ تبديل نہ ڪن پر جڏهن اهي پاڻ ۾ تبديلي آڻين ٿا تڏهن الله جل شانہ بہ انهن جي لاءِ پنهنجي انعامات ۽ احسانات ۾ تبديلي ٿو آڻي. ۽ اها ڳالهہ بہ ظاهر آهي تہ جڏهن الله جل جلاله ئي ڪنهن کي سزا ڏيڻ گهرندو تہ پوءِ ان کي نہ ڪو ٽاري سگهندو ۽ نہ ان ۾ ڪا تبديلي ڪري سگهندو. (الاباذنه) "هُوَ الَّذِيۡ يُرِيۡكُمُ الۡبَرۡقَ خَوۡفًا وَّطَمَعًا وَّيُنۡشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ" اهو (الله) ئي آهي جيڪو اوهان کي خوف ڏيارڻ ۽ اميد وڌائڻ لاءِ وڄ ڏيکاريندو آهي ۽ ڳرا ڪڪر پيدا ڪندو آهي مطلب تہ وڄ ڏيکارڻ جنهن جي ڪرڻ جو خوف بہ هوندو آهي تہ ان کان پوءِ فائديمند برسات وسڻ جي اميد بہ هوندي آهي ۽ وڏا وڏا ڳرا ڪڪر پيدا ڪرڻ سڀ ان الله جي قدرت جو ڪمال آهي "وَيُسَبِّحُ الرَّعۡدُ بِحَمۡدِهٖ وَالۡمَلٰۤئِكَةُ مِنۡ خِيۡفَتِهٖ" ۽ رعد ان جي حمد جي تسبيح پڙهي ٿو ۽ ملائڪ بہ ان جي خوف کان تسبيح پڙهندا آهن رعد عرف ۽ محاوره جي لحاظ سان ڪڪرن جي هڪ ٻئي سان ٽڪرجڻ سببان پيدا

(١) الدرالمنثور صہ٦١٥جلد٤ (٢) نعيمي صہ٢٩٥جلد١٣

ٽيندڙ آواز کي سڏيو ويندو آهي ۽ ان جي تسبيح پڙهڻ مان مراد اها ئي تسبيح آهي جنهن جي متعلق قرآن ڪريم جي ٻيءَ آيت ۾ آيو آهي تہ: زمين ۽ آسمان ۾ ڪا بہ شيءِ اهڙي ناهي جيڪا الله جي تسبيح نہ ڪندي هجي پر اها تسبيح عام ماڻهو ٻڌي نہ ٿا سگهن (١) ۽ ڪي مفسر سڳورا لکن ٿا تہ رعد ان ملائڪ جو نالو آهي جيڪو ڪڪرن کي باهہ جي اوزار سان هلائيندو آهي ۽ ڪي فرمائين ٿا تہ اهو آواز ان اوزار جو آهي جيڪو ڪڪرن کي هنيو ويندو آهي (٢)

"وَيُرْسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيبُ بِهَا مَنْ يَّشَآءُ" ۽ وڄون موڪلي ٿو پوءِ جنهن کي گهري ٿو اهي پهچائي ٿو. مطلب تہ زمين تي ڪرندڙ وڄون بہ پاڻ ئي موڪلي ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو ان کي انهن سان ساڙي ختم ڪري ٿو ڇڏي. "وَهُمْ يُجَادِلُوْنَ فِي اللّٰهِ وَهُوَ شَدِيْدُ الْمِحَالِ" ۽ اهي الله جي باري ۾ جهيڙو پيا ڪن ۽ اهو عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي شديد المحال جي معنىٰ پڪڙي عذاب ڪرڻ ۾ سخت (٣)

مطلب تہ اهي ماڻهو الله جل جلالہ جي وحدانيت ۽ هڪ هجڻ جي باري ۾ هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪن ٿا ۽ الله جل جلالہ وڏي تدبير ڪندڙ ۽ پڪڙي عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي جنهن جي اڳيان ماڻهوءَ جي ڪا بہ اٽڪل نہ هلندي آهي "لَهٗ دَعْوَةُ الْحَقِّ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَجِيْبُوْنَ لَهُمْ بِشَيْءٍ اِلَّا كَبَاسِطِ كَفَّيْهِ اِلَى الْمَآءِ لِيَبْلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ بِبَالِغِهٖ وَمَا دُعَآءُ الْكَافِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلَالٍ" ان کي ئي سڏڻ حق آهي ۽ جيڪي ان کان سواءِ (بتن) کي سڏين ٿا سي انهن کي ڪو بہ جواب نہ ٿا ڏين مگر ان وانگر جيڪو پنهنجا ٻئي هٿ پاڻيءَ ڏانهن پکيڙي ٿو تانتہ سندس وات ۾ پهچي ۽ اهو ان کي پهچندڙ ناهي ۽ ڪافرن جو سڏڻ تہ گمراهيءَ ۾ وڃڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي مطلب تہ الله جل جلالہ کان دعا گهرڻ ئي سچ ۽ حق آهي ۽ اها ئي مقبول آهي ۽ جيڪي الله جل شانہ کان سواءِ بتن وغيره کان دعائون گهرن ٿا ۽ انهن جي پوڄا ڪن ٿا انهن جي محروم ۽ نامراد هجڻ کي هڪ جلد سمجهہ ۾ ايندڙ مثال سان واضح ڪيو ويو آهي. فرمان الاهي آهي تہ! انهن جو مثال اهڙو آهي جيئن ڪو اڃايل اهڙي کوہ جي مٿان اچي ويهي جنهن جي تري ۾ پاڻي آهي ۽ هي پنهنجا ٻئي هٿ ان ڏانهن وڌائي تہ پاڻي سندن وات ۾ اچي پوي پر ان بي ساهہ ۽ بي شعور پاڻيءَ کي ڪهڙي خبر تہ مٿان ڪو اڃايل ويٺو آهي؟ ۽ اهو پاڻي نہ ان جو آواز ٻڌي ٿو نہ ان کي ڏسي ٿو ۽ نہ ان جي مصيبت جو ڪو احساس اٿس اهو ئي حال انهن مشرڪن ۽ بتن جي پوڄارين جو بہ آهي جيڪي باطل معبودن،

(١) معارف القرآن صہ١٧٢جلد٥ (٢) الفتوحات الا لاهية صہ٤٩٥جلد٢ (٣) المفردات صہ٤٨٠

بتن وغيرها جي اڳيان هٿ جهليو بيٺا هوندا آهن پر اهي بي جان بت نه سندن ڪا خبر ٿا رکن نه ڪجهه ٻڌن ٿا نه ڏسن ٿا نه انهن لاءِ ڪجهه ڪري سگهن ٿا ان جي ڪري مشرڪن، بت پرستن جي سڀ محنت رائگان ۽ بيڪار آهي

تنبيه: ڪي ڪي ماڻهو بتن جي باري ۾ نازل ٿيلن هنن آيتن کي الله جل جلاله جي نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ ڪرام تي حمل ڪندا آهن ۽ انهن جي محبن ۽ عاشقن کي معاذالله ثم معاذالله مشرڪ ۽ ڪافر چوندا آهن اهو سراسر ظلم ۽ قرآن پاڪ جي مفهوم کي غلط استعمال ڪرڻ جي مترادف آهي. مذڪوره آيت ۽ ان جهڙيون ٻيون آيتون جتي به آهن انهن مان مراد بت ۽ سندس پوڄاري بت پرست ڪافر آهن علامه ابوحيان اندلسي هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي: مايدعونه جماد لايحس بدعائهم ولايستطيع اجابتهم ولايقدر علي نفعهم (١)

يعني ڪافر جن کي سڏين ٿا اهي بي ساه شيون آهن جيڪي سندن سڏن کي محسوس ئي نه ٿا ڪن ۽ نه انهن کي جواب ٿا ڏئي سگهن ۽ نه ڪين نفعي ڏيڻ جي طاقت ٿا رکن "وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ" ۽ جيڪي به آسمان ۽ زمين ۾ آهن خوشيءَ ۽ ناخوشي، صبح ۽ شام الله جي لاءِ پاڻ ۽ سندن پاڇا سجدو ڪن ٿا. مطلب ته جيڪي الله جل جلاله جا مومن يقين وارا ٻانها آهن اهي خوشيءَ سان ۽ نه مڃڻ وارا ناخوشيءَ سان جو جڏهن ڪين دنيا تان وڃڻو پوي ٿو ته بي وس بنجن ٿا ۽ ڪين محسوس ٿئي ٿو ته ڪنهن غالب ۽ قادر جي قدرت اڳيان مجبور ۽ مقهور آهيون ۽ جو هر هجي يا عرض ڪابه شيءِ الله جل جلاله جي تڪويني حڪم کان ٻاهر ناهي ان جي حڪم نافذ هجڻ ۽ اقتدار جي اڳيان سڀ سربسجود آهن پاڇولي جو وڌڻ ۽ گهٽجڻ، سڄي ۽ کٻي مائل هجڻ سڀ رب العزة جل مجده جي ارادي ۽ مشيت سان آهي ۽ "بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ" صبح ۽ شام جو خاص ذڪر شايد ان جي ڪري ڪيو ويو آهي جو انهن وقتن ۾ پاڇو گهٽو ڌگهو نظر ايندو آهي والله اعلم

فائدا: مذڪوره آيتن کي غور ڪري پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

"١" سَوَآءٌ مِّنْكُمْ مَّنْ اَسَرَّ الْقَوْلَ" الاية (اوهان مان هوريان ۽ بلند آواز سان ڳالهائڻ وارا وغيره سڀ الله جي اڳيان برابر آهن) مان واضح ٿيو ته رب العزة جل شانه جو علم ذاتي، ازلي ۽ ابدي آهي ڪير به، ڪٿي به غارن، بيابانن، ميدانن ۽ جهنگلن ۾ يا عرش

(١) البحر المحيط صه ٤٧٦ جلد ٥

۽ فرش تي گوڙ ۽ شور ۾ يا سکون ۾ کيترو به آهستي ۽ هوريان ڳالهائي يا بلند آواز سان جهڙي ٻوليءَ ۾ به ڳالهائي ته رب العزة جل شانه سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو ۽ هڪ مومن مسلمان کي اهو عقيدو پڪو رکڻ گهرجي "٢" لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ (ان جي اڳيان ۽ پويان واري تي ايندڙ ملائڪ آهن جيڪي سندس حفاظت ٿا ڪن) مان ثابت ٿيو ته رب العزة جل جلاله پنهنجي ٻانهي تي وڏو مهربان آهي جنهن ظاهري جهان ۾ سندس لاءِ هزارين نعمتون پيدا ڪرڻ سان گڏ ان جي هرحال ۾ حفاظت لاءِ ملائڪ مقرر ڪيا آهن جيڪي واري تي ايندا ويندا رهن ٿا صبح جو هڪڙا ته شام جو ٻيا. ٻئي ٽولا فجر ۽ عصر نماز جي ٽائيم تي ملن ٿا عصر تي صبح وارا وڃن ٿا ۽ شام وارا ڊيوٽيءَ سان لڳن ٿا وري فجر نماز وقت رات وارا وڃن ٿا ۽ ڏينهن وارا ڊيوٽيءَ سان لڳن ٿا.

"٣" هُوَ الَّذِيْ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّطَمَعًا " الاية (اهو ئي الله آهي جيڪو اوهان کي ڊپ ۽ اميد لاءِ کنوڻ ڏيکاري ٿو) مان ثابت ٿيو ته آسمان تي پيدا ٿيندڙ ڪڪر به الاهي عجائبات ۽ قدرتي آيات مان آهن جن جي حقيقت ڪنهن جي عقل ۾ اچڻ کان مٿي آهي جيڪڏهن اهي زمين جا بخار ۽ سج جي گرميءَ مان ٺهن ها ته زمين ۽ سج ته هڪ آهن پوءِ ڪڪر مختلف ڇو آهن؟ ڪڏهن تيز، ڪڏهن هلڪا، ڪڏهن سالن جا سال بند ته ڪڏهن روزانو، ڪتي ٻارهن ئي مهينا لڳاتار بارش ته ڪتي سالن جا سال گم، ڪڏهن وڏا وڏا ڦڙا ته ڪڏهن هلڪا ۽ سنها ڪتي کنوڻ جا چمڪارا ته ڪتي صفا انڌيرو اسلام جي محقق علماءَجو قول آهي ته ڪڪر هڪ جدا مخلوق آهن ۽ انهن مان پاڻي وسڻ قدرت الاهيءَ جو هڪ ڪرشمو آهي (١)

"٤" وَمَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّالٍ " (۽ انهن جو الله جي مقابلي ۾ ڪو مددگار ناهي) مان واضح ٿيو ته ڪافرن جو ڪوبه مددگار ناهي پر الله جي اذن ۽ عنايت سان مومنن جا کيترا مددگار آهن "٥" سستيءَ جي حالت ۾ يا ڄاڻي واڻي وقت وڃائي نماز قضا ڪري پڙهڻ "كَرْهًا" ۾ داخل ۽ منافقن جي نماز آهي، ان مان ثواب ملڻ جي اميد نه آهي اهڙين ڪوتاهين کان بچي انتهائي عشق ۽ محبت سان نماز پڙهڻ رب العزة جل جلاله کي پسند آهي "٦" بي نمازي ماڻهوءَ کان ته سندس پاڇو افضل آهي جو اهو سجدي ۾ آهي ۽ پاڻ سجدو نه ٿو ڪري.

مسئلا: مذڪوره آيتن مان هي مسئلا سمجهه ۾ اچن ٿا.

"١" هر مسلمان تي سنت لازمه آهي ته ايندڙ، ويندڙ ملاقاتين تي جمع جي صيغي سان

(١) نعيمي ص٢٩٧ جلد١٣

سلام ڪري، السلام عليڪم چوي تانت پانهي سان گڏ حفاظت ڪندڙن ملائڪن تي بہ سلام ٿي وجي. "٢" سجدو صرف ۽ صرف الله جل جلالہ کي ڪبو. الله کان سواءِ ڪنهن بہ نبي عليه الصلواة والسلام، يا پير، فقير ۽ قبر کي سجدو ڪرڻ ناجائز آهي. جيڪڏهن عبادت جي نيت سان ٿو ڪري تہ ڪفر ۽ شرڪ آهي ۽ جيڪڏهن تعظيم جي نيت سان ٿو ڪري تہ بہ قطعي حرام آهي بعضي بي دين ۽ گمراهہ پير سڏائڻ وارا پاڻ کي سجدو ڪرائيندا آهن يا مريدن کي سجدي ڪرڻ کان نہ جهليندا آهن انهن شيطاني مزاج پيرن کان سخت نفرت ڪجي ۽ پري رهجي "٣" سجي قرآن پاڪ ۾ چوڏهن (١۴) سجدا آهن جن مان پيو سجدو هن سورة ۾ آهي. اهي سڀ سجدا واجب آهن سجدي کان سواءِ تلاوت ناقص آهي نہ ثواب ملندو نہ ايصال ثواب ٿيندو "۴" شڪر جو سجدو ڪرڻ امام اعظم ۽ امام مالڪ عليهماالرحمتہ وٽ مڪروه آهي حنفين وٽ صرف چار سجدا آهن "١" نماز جو "٢" سهو جو "٣" تلاوت جو "۴" نذر جو. امام شافعي عليه الرحمتہ وٽ شڪر جو سجدو جائز بلڪ مستحب آهي (١)

(١) نعيمي صہ٢٩٧ جلد١٣

قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِؕ قُلِ اللّٰهُؕ قُلْ

فرماءِ ته ڪير آهي رب آسمانن ۽ زمين جو فرماءِ ته الله فرماءِ ته

اَفَاتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءَ لَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ

ڇا پوءِ بنايا اوهان ان کان سواءِ مددگارجو نه ٿا مالڪ ٿين واسطي سرن پنهنجي

نَفْعًا وَّلَا ضَرًّاؕ قُلْ هَلْ يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۙ۬ اَمْ

نفعي ۽ نقصان جا فرماءِ ته ڇا برابر ٿين ٿا انڌو ۽ ڏسندڙ يا ڪي

هَلْ تَسْتَوِى الظُّلُمٰتُ وَالنُّوْرُ ۚ۬ اَمْ جَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ خَلَقُوْا

برابر ٿين ٿيون اونداهيون ۽ روشني يا بنايائون الله جي لاءِ شريڪ جو پيدا ڪيائون ان جي

كَخَلْقِهٖ فَتَشَابَهَ الْخَلْقُ عَلَيْهِمْؕ قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَىْءٍ

پيدا ڪرڻ وانگر پوءِ هڪ جهڙي ٿي خلق انهن تي فرماءِ ته الله پيدا ڪندڙ آهي هر شئي جو

وَّهُوَ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿١٦﴾ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتْ اَوْدِيَةٌ ۢ

اهو هڪ، غالب آهي لاٿائين آسمان کان پاڻي پوءِ وهڻ لڳيون واديون

بِقَدَرِهَا فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًاؕ وَمِمَّا يُوْقِدُوْنَ

اندازي پنهنجي سان پوءِ کنيو ڇر گجيءَ اپاريندڙ کي ۽ ان مان جو ٻارين ٿا

عَلَيْهِ فِى النَّارِ ابْتِغَآءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثْلُهٗؕ

ان تي باهه واسطي طلب ڪرڻ زيور جي يا سامان جي گجي آهي ان جهڙي

كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَالْبَاطِلَ ۬ؕ فَاَمَّا الزَّبَدُ

اهڙي طرح مثال ٿو ڏي الله حق ۽ باطل جو پوءِ پر گجي

فَيَذْهَبُ جُفَآءً وَاَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ

پوءِ وڃي ٿي گم ٿي ۽ پر جيڪو نفعو ٿو ڏي ماڻهن کي پوءِ رهي ٿو

فِي الْاَرْضِ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ ﴿١٧﴾

زمين ۾ اهڙي طرح بيان ٿو ڪري الله مثال

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته رعد، ملائڪ ۽ ٻيون شيون سڀ الله جي ذات جو اقرار ڪندي ان جي تسبيح پڙهن ٿا ۽ سندس حمد ڪن ٿا ۽ هنن آيتن ۾ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام) جن کان رب ڪريم جي ربوبيت جو اعلان ڪرايو ويو آهي. ارشاد مبارڪ آهي: "قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ قُلِ اللّٰهُ" "پڇين ته آسمانن ۽ زمين جو رب ڪير آهي؟. فرماءِ ته الله" مطلب ته ڪافر بي شمار دليلن ۽ ثبوتن جي باوجود بتن کي الله جل جلاله جو شريڪ بنائين ٿا ۽ بتن جي پوڄا کان نه ٿا مڙن. (اي حبيب پاڪ! عليڪ الصلواة والسلام) اوهان انهن کان پڇو ته: آسمانن ۽ زمين جو پروردگار ڪير آهي؟ جيڪڏهن اهي ان جي جواب ڏيڻ ۾ هيڏي هوڏي ٿين ته اوهان پاڻ کين ٻڌايو ته: انهن جو پروردگار الله آهي. ۽ هڪ قول آهي ته جڏهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن مشرڪن کان مٿيون سوال ڪيو ته انهن کين چيو ته اوهان پاڻ جواب ڏيو. تڏهن پاڻ فرمايائون ته "منهنجي جو پروردگار الله آهي (١) قُلْ اَفَاتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءَ لَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا" فرماءِ ته: ڇا اوهان ان کان سواءِ (ان جي مقابلي ۾) مددگار بنايا آهن جيڪي پنهنجن سرن لاءِ به نفعي ۽ نقصان جا مالڪ نه آهن مطلب ته جڏهن ربوبيت هڪ الله جو شان آهي ۽ ان جو اقرار به ڪري چڪا آهيو ته ان جي اذن کان سواءِ ٻيا اهڙا مددگار ڪيئن ٿا بنايو جيڪي پنهنجي لاءِ به مستقل طرح نفعي ۽ نقصان جا مالڪ ناهن.

(١) الخازن ص٥١ جلد٣

تنبيه- ڪي ڪي ماڻهو "مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ" (ان ڪان سواءِ مددگار) پڙهي ان مان مراد الله جل جلاله جا نبي ۽ ولي وٺندا آهن. حالانڪه اهي هتي مراد ناهن. مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته "مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ" مان مراد "اصناما تعبدونها" آهي يعني بت جن جي اوهان عبادت (۱) ڪيو ٿا" الله جل جلاله جا نبي عليهم الصلواة والسلام ۽ اوليا ڀلارا. الله جي اذن سان نفعي ۽ نقصان جا مالڪ آهن.

اولياء الله ۽ "مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ" ۾ فرق آهي.

قرآن ڪريم جي آيتن ڪي سمجهي پڙهڻ سان اها ڳالهه واضح آهي ته اولياءِ ٻه قسم آهن ۱- اولياءالله ۲- اَوۡلِيَآءَ مِنۡ دُوۡنِ اللهِ اولياء الله الله جل جلاله جي اذن سان فيض، روحانيت، علم، اخلاص ۽ باطن جو تزڪيو ڏئي ماڻهن ڪي فائدو پهچائيندا آهن. اولياءمن دون الله، بت ۽ باطل معبود آهن جن جي منهن تي مک وهندي آهي ته تڙي نه سگهندا آهن انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياء عظام ڪي بتن جهڙو سمجهڻ يا بتن جي باري ۾ نازل ڪيل آيتون انهن پيارن تي چسپان ڪرڻ ظلم ۽ ناحق هجڻ سان گڏ انهن ڀلارن جي بي ادبي ۽ باعث ڪفر آهي. اعاذنا الله وجميع المسلمين من العقائد الفاسدة والافڪار الڪاسدة "قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِي الۡاَعۡمٰى وَالۡبَصِيۡرُ ۙ اَمۡ هَلۡ تَسۡتَوِي الظُّلُمٰتُ وَالنُّوۡرُ ۚ" فرماءِ ته: ڇا انڌو ۽ ڏسندڙ برابر آهن يا اونداهيون ۽ روشني برابر آهن؟ مطلب ته جيئن انڌو ۽ ڏسندڙ برابر ناهن تيئن الله جل جلاله ۽ بت برابر ناهن. ۽ جيئن روشني ۽ اونداهي برابر ناهن تيئن الله جو مڃڻ وارو مومن ۽ انهو ۽ بت پرست برابر ناهن. بت انڌا آهن ڏسن ئي ڪونه ٿا الله جل جلاله بصير، ڏسندڙ آهي ان جي قدرتي نگاهه ڪان ڪا به شئي لڪل ناهي. مومن حق جي نور تي آهي بت پرست اونداهيءَ ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. ڪڏهن به برابر ناهن "اَمۡ جَعَلُوۡا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ خَلَقُوۡا كَخَلۡقِهٖ فَتَشَابَهَ الۡخَلۡقُ عَلَيۡهِمۡ ؕ قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيۡءٍ وَّهُوَ الۡوَاحِدُ الۡقَهَّارُ" ڇا الله جي لاءِ اهڙا شريڪ بنايا اٿن جن الله جي مخلوق جهڙي مخلوق پيدا ڪئي آهي ۽ پوءِ انهن جي اڳيان مخلوق هڪ جهڙي ٿي پئي آهي؟ فرماءِ ته: هر شئي جو خالق الله آهي ۽ اهو هڪ، غالب آهي مطلب ته: جيڪڏهن انهن جي شريڪ بنايل باطل معبودن الله جي مخلوق جهڙي ڪا خلق پيدا ڪئي هجي ها ۽ اها ڏسي منجهي پوءِ انهن کي معبود بنائين ها ته به ٺهيو پر جيڪي ڪا شئي پيدا ته ڪري نه ٿا سگهن پر پاڻ به بچائي نه ٿا سگهن ته اهي الله

(۱) جلالين مع الجمل ص۴۹۸ جلد۲

جل جلاله جي مقابلي ۾ ڪيئن آندا اٿن هر شئي جو خالق، هڪ ۽ غالب آهي. بت پرستن جو اهو فيصلو عقل جي به خلاف آهي ان ڪان رجوع ڪري هڪ خالق ۽ مالڪ جا سچا مومن ٿانها بنجن. الله جل جلاله ئي اهڙو غالب آهي جو جنهن مخلوق کي جنهن وقت گهري جهڙي حال ۾ رکي ان جي مرضي آهي. نه ان جو ضد آهي نه ند، نه شريڪ آهي نه برابر، نه مٽ آهي نه مثال نه ان کي اولاد آهي نه زال اهوئي معبود بالحق مسجود، مقصود ۽ حقيقي محبوب آهي. "اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتْ اَوْدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًا ۭ وَمِمَّا يُوْقِدُوْنَ عَلَيْهِ فِي النَّارِ ابْتِغَاۗءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثْلُهٗ ۭ" وسايائين آسمان مان مينهن پوءِ پنهنجي پنهنجي اندازي سان واديون وهي هليون پوءِ ڇرگجي اپا مندڙ ڪٺي وهي ۽ اهي شيون جن کي باهه ٻاري (ڳارين ۽ پگهارين ٿا) زيور يا سامان ٺاهين ٿا. ان جهڙي گجي آهي. هن حصي ۾ حق ۽ باطل جو فرق هڪ مثال ڏئي سمجهايو ويو آهي ۽ ان سان گڏ حق جو دوام ۽ بقا ۽ باطل جي زوال ۽ فنا جو وجه به بيان ڪيو ويو آهي فرمان آهي ته: اوهان بار بار مشاهدو ڪيو هوندو ته جڏهن لاڳيتو مينهن وسندو آهي ته جبلن مان نڪرندڙ نيون ۽ واديون ڀرجي وهنديون آهن وڏيون واديون پنهنجي وسعت آهر ته ننڍيون پنهنجي مقدار آهر ۽ انهن جي وهڻ دوران انهن تي گجي ٿيندي آهي ۽ اهڙي طرح جڏهن زيور ٺاهڻ لاءِ سون يا چاندي باهه تي ڳاريندا ۽ نرم بنائيندا آهيو يا ٻيو سامان ٺاهيندا آهيو ته انهن تي به گجي ظاهر ٿيندي آهي. ان گجيءَ جي هيٺان جيڪو صاف پاڻي هوندو آهي يا زيور وغيره هوندا آهن اهو حق آهي ۽ گجي باطل آهي ظاهر ۾ ته اها گجي مٿان ۽ پاڻي يا زيور وغيره هيٺان هوندا آهن پر ٿوري دير ڪان پوءِ ان گجيءَ ۽ جهڳ جو نالو نشان نه رهندو آهي صاف پاڻي ۽ زيور موجود هوندا آهن اهڙي طرح ٿوري عرصي کان پوءِ اهو باطل به نه رهندو ۽ حق ۽ سچ واور دين قائم ۽ دائم هوندو "كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَالْبَاطِلَ ڛ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَاۗءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِي الْاَرْضِ ۭ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ" الله اهڙي طرح حق ۽ باطل بيان ڪري ٿو پوءِ پر گجي پوءِ گم ٿي ويندي آهي ۽ جيڪو ماڻهن کي نفعو ڏي ٿو اهو زمين ۾ رهندو آهي الله اهڙي نموني مثال ڏيندو آهي. مطلب ته رب العالمين جل جلاله حق ۽ باطل ان نموني سمجهائيندو آهي ته حق ۽ باطل ائين آهي جيئن وادين جي پاڻيءَ تي مٿان اپامندڙ گجي کو ڪڏي اڇلائي ڇڏيندو آهي يا خودبخود ختم ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهن کي نفعو ڏيندڙ پاڻي زمين تي بيهندو آهي تيئن باطل ختم ٿيندو ۽ حق قائم هوندو الله ائين مثال ڏيندو آهي. هن حصي مان اهو ظاهر ٿيو ته دنيا ۾ اها شيءِ باقي رهندي آهي جيڪا فائدو ڏيندي آهي. ۽ جيڪا شيءِ فائديمند نه رهندي اها ڪيتري به ڀهريان مفيد هجي پر پوءِ ان

کي بيڪار سمجهي اڇلايو ويندو آهي. اوهان صبح جو سوير پنهنجي باغ مان خوبصورت، رنگين ۽ خوشبودار گل پٽي انهن جو گلدستو ٺاهيندا آهيو ۽ وڏي شوق سان ان کي گلدان ۾ رکندا آهيو سڄو ڏينهن انهن کي ڏسندي دل کي باغ بهار بنائيندا آهيو پر اهي دلڪش گل جڏهن ٻئي ڏينهن ڪومائجي ويندا آهن ته اوهان پاڻ پنهنجن هٿن سان انهن کي ٻاهر ڪڍي اڇلائي ڇڏيندا آهيو اهوئي حال دنيا تي هلندڙ نظريات جو آهي اهي زندگيءَ جي ڪهڙي به شعبه سان متعلق هجن جيستائين اُهي مفيد نتيجا ڏيندا رهندا ته زنده ۽ سلامت رهندا ۽ جڏهن اهي مفيد نه رهندا آهن ته انهن کي وساريو ويندو آهي. قومن ۽ فردن جي عروج ۽ زوال جو به اهوئي معيار آهي جيستائين ڪو فرد يا ڪا قوم پنهنجي تعميري صلاحيتن، پسنديده اخلاق ۽ مفيد اعمال سان متصف رهندي آهي ته ان جي عظمت جو جهنڊو بلند فضائن ۾ لهريون هڻندو آهي ۽ هر دور ان کي نئين قوت بخشيندو آهي پر جنهن وقت ان جون ذهني قوتون بيڪار ٿينديون آهن، ان جا اخلاق ڪريل هوندا آهن ۽ انهن جو ڪم جو طريقو سڌي رستي کان ڀٽڪيل هوندو آهي ته سندن مٿي تان صدين کان موجود عزت ۽ وقار جو چمڪندڙ تاج لاٿو ويندو آهي موجوده دور جي مسلمانن کي گذريل واقعات مان عبرت وٺي سڌرڻ گهرجي.

فائدا

"قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَىْءٍ" (فرماءِ ته الله هر شيءِ جو خالق آهي) مان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله کان سواءِ ٻئي کي خالق نه سڏبو. ڪي ڪي ماڻهو ڪنهن ليڊر کي پاڪستان جو خالق يا ڪنهن شاعر کي شاعريءَ جو خالق ۽ بيهوده شعرن کي شاعر جي تخليقات سڏيندا آهن ان چوڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

٢- "هَلْ تَسْتَوِى الظُّلُمٰتُ وَالنُّوْرُ" (ڇا اونداهيون ۽ نور برابر آهن) ۾ "ظُلُمٰتُ" کي جمع آڻڻ مان ثابت ٿيو ته ڪفر ۽ شرڪ جا گهڻا قسم آهن ۽ نور (ايمان ۽ اسلام) سڄي دنيا لاءِ هڪ آهي.

٣- اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً" (آسمان کان مينهن وسايائين) مان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله جا ديني توڙي دنيوي خزانا آسمانن ۾ آهن ۽ اتاهين کان لهندا آهن ۽ ان جي ڪري دعا ۾ هٿ به آسمانن ڏانهن کنيا ويندا آهن آسمان دعا جي لاءِ ائين قبلو آهي جيئن بيت الله شريف نماز لاءِ قبلو آهي. دعا ۾ قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ ضروري ناهي. مدينه منوره ۾ روضه اطهر جي پر ۾ حضور پر نور عليه الصلواة السلام جن جي مواجهه شريف جي سامهون صلٰواة ۽ سلام پڙهڻ کان پوءِ جڏهن ڪو حضور پاڪ

عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن منهن ڪري دعا گهرندو آهي تہ اتي بيٺل نجدي، وهابي، اشارو ڪري چوندا آهن تہ قبلي ڏانهن منهن ڪري دعا گهرو. اتي قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ سان حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن پٺي ٿيندي آهي ڇا اها بي ادبي ناهي؟ هڪ مسلمان جي حيثيت سان جيئن اسان کي حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن سندن ظاهر ۾ جلوه افروز هجڻ سان پٺي ڪري ويهڻ بي ادبي آهي تيئن سندن پاڪ ذات ڏانهن هينئر پٺي ڪري ويهڻ بہ بي ادبي آهي مواجهه شريف ڪان ٻيهي صلواة ۽ سلام پڙهندڙ کي اهو ضرور خيال ڪرڻ گهرجي. پلا جيڪڏهن حڪومت جي زور تي حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن منهن ڪري دعا گهرڻ نہ ڏين تہ ماٺهو اتاهين جاءِ مٿي ٿي پاسي وجي دعا گهري پر پٺي ڏيڻ کان بچاءُ ڪري.

لِلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمُ الْحُسْنٰى ؕ وَالَّذِيْنَ

انهن لاءِ جو حڪم مڃيائون پنهنجي رب جو ڀلائي آهي ۽ جن

لَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهٗ لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا

حڪم نہ مڃيو ان جو جيڪڏهن تحقيق انهن لاءِ (هجي ها) جيڪو زمين ۾ آهي سڀ

وَّ مِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ سُوْٓءُ الْحِسَابِ ۙ

۽ مثال ان جو ان سان گڏ تہ البت عوض ڏين ها ان سان اهي انهن لاءِ سخت حساب آهي

وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٨﴾ اَفَمَنْ يَّعْلَمُ اَنَّمَآ اُنْزِلَ

۽ جاءِ انهن جي جهنم آهي ۽ بڇڙي آرام گاهه آهي ڇا پوءِ جيڪو ڄاڻي ٿو تہ بلاشڪ جيڪو نازل ڪيو ويو آهي

اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ كَمَنْ هُوَ اَعْمٰى ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ

تو ڏانهن تنهن جي رب جي طرفان حق آهي مثل ان جي آهي جو اهو انڌو آهي نصيحت صرف

اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿١٩﴾ الَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَلَا يَنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ ﴿٢٠﴾

عقلمند وٺن ٿا اهي جو وفاداري ٿا ڪن الله سان ڪيل وعدي جي ۽ نہ ٿا ڀڃن پڪو وعدو

وقفالنبي صلى الله عليه وسلم

ع٤ النصف

وَالَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيَخْشَوْنَ

۽ اهي جو ڳنڍين ٿا اهو جو امر ڪيو الله تہ ڳنڍيو وڃي ۽ ڊڄن ٿا

رَبَّهُمْ وَ يَخَافُوْنَ سُوْٓءَ الْحِسَابِ ﴿٢١﴾ وَالَّذِيْنَ صَبَرُوا

رب پنهنجي کان ۽ ڊڄن ٿا سخت حساب کان ۽ جن صبر ڪيو

ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا

پنهنجي رب جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ قائم ڪيائون نماز ۽ خرچ ڪيائون

مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً وَّيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ

ان مان جو رزق ڏنو اسان انهن کي ڳجهو ۽ ظاهر ۽ ٽارين ٿا نيڪيءَ سان

السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٢﴾ جَنّٰتُ عَدْنٍ

برائي اهي انهن لاءِ ئي آخرت وارو گهر آهي بهشت هميشه رهڻ وارا

يَّدْخُلُوْنَهَا وَ مَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ

جو داخل ٿيندا انهن ۾ (پاڻ) ۽ جيڪي صالح هوندا انهن جي پيئرن مان ۽ انهن جي زالن مان

وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ ﴿٢٣﴾

۽ انهن جي اولاد مان ۽ ملائڪ داخل ٿيندا انهن وٽ هر دروازي کان.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حق ۽ باطل مثالن سان سمجهايا ويا ۽ هنن آيتن ۾ حق ۽ باطل تي هلندڙن جون علامتون، صفتون ۽ ڪين ملندڙ جزا ۽ سزا جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "لِلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمُ الْحُسْنٰى" جن پنهنجي رب جو

فرمان مڃيو انهن لاءِ ڀلائي آهي. آيت جي هن حصي ۾ الحسنىٰ مبتدا مؤخر ۽ ڀهريون حصو خبر مقدم آهي مطلب ته انهن مومنن لاءِ جن دنيا ۾ الله جل جلاله جو فرمان مڃي توحيد جو اقرار ڪيو ۽ اطاعت ۾ مصروف رهيا حسنىٰ (ڀلائي) آهي حسنىٰ مان مراد بهشت آهي ان ۾ حسن جي انتها آهي ڇوته اهو صفاتي جمال جي آثار مان آهي ۽ ان کان بلڪ سيني سهڻن کان وڌيڪ احسن الله جل جلاله آهي ۽ ان جو ازلي حسن ذاتي آهي ڪنهن غير کان حاصل ٿيل نه آهي. ان سهڻي بهشت ڏانهن سڏيندڙ الله آهي ۽ قبول ڪندڙ مومن آهن ۽ مهماني بهشت جون نعمتون آهن بعضي وڏن بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو الله جل شانه جي ديدار کي پسند ڪندو اهو بهشت کي پسند ڪندو ڇوته اهو ديدار ٿيڻ جي جاءِ آهي (١) "وَالَّذِيْنَ لَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهٗ لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّ مِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ سُوْٓءُ الْحِسَابِ وَمَاْوٰهُمْ جَهَنَّمُ وَبِئْسَ الْمِهَادُ" ۽ جن ان جو حڪم نه مڃيو جيڪڏهن بلاشڪ انهن لاءِ جيڪو زمين ۾ آهي ۽ ان جهڙو ٻيو به ان سان گڏ سڀ ڪجهه هجي ها ته ان جي عوض ۾ ڏين ها اهيئي آهن جو انهن لاءِ سخت حساب آهي ۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي ۽ بڇڙي آرام گاه (۽ قرار جي جاءِ) آهي مطلب ته جن ڪافرن الله جي فرمان کي نه مڃيو توحيد جو اقرار نه ڪيو فرمان بردار نه ٿيا جيڪڏهن انهن وٽ اهي سڀ شيون جيڪي زمين ۾ آهن ۽ اوتريون ٻيون به هجن ۽ پنهنجي جان ڇڏائڻ جي عوض ۾ ڏئي ڇڏين ته به ڇٽي نه سگهندا انهن جو حساب سخت هوندو سندن گناهه نه بخشيا ويندا ۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي ۽ اها بڇڙي آرام گاه آهي (٢)

روايت ۾ آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن جبريل کان پڇيو ته: ميڪائيل ڪي ڇا ٿيو آهي جو مون ان کي ڪڏهن به کلندي نه ڏٺو آهي؟ عرض ڪيائين ته: جڏهن کان باهه پيدا ٿي آهي ان کلڻ ڇڏي ڏنو آهي. (٣) اَفَمَنْ يَّعْلَمُ اَنَّمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ كَمَنْ هُوَ اَعْمٰى اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ" ڇا پوءِ جيڪو ڄاڻي ٿو ته جيڪو توڏانهن تنهنجي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو حق آهي ان وانگر آهي جيڪو انڌو آهي. نصيحت ته صرف عقلمند وٺندا آهن. هن حصي ۾ مومن ۽ ڪافر جو مثال ڏنو ويو آهي يعني مومن ڏسندڙ آهي ۽ ڪافر انڌو آهي.

(١) روح البيان ص٣٦١ جلد٤ (٢) المظهري ص٢٣٠ جلد ٥
(٣) روح البيان ص٣٦٢ جلد٤

شان نزول

مفسرن لکيو آهي تہ هي آيت حضرت حمزه بن عبدالمطلب رضي الله عنه ۽ ابي جهل جي متعلق نازل ٿي حضرت حمزه مومن ۽ ڏسندڙ آهي ابوجهل ڪافر ۽ انڌو آهي ۽ انڌي مان مراد دل جو انڌو آهي جيڪو دين جي ڄاڻ نہ ٿو رکي (١)

"اَلَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِاللّٰهِ وَلَا يَنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ" جيڪي الله سان ڪيل عهد پورو ڪن ٿا ۽ پڪو وعدو ڀڃن نہ ٿا. يعني سندن ۽ رب پاڪ جي وچ ۾ جيڪي عهد ٿيل آهن اهي پورا ڪن ٿا اهڙيءَ طرح ٻانهن سان ڪيل وعدا بہ وفا ڪن ٿا ۽ ميثاق ۾ اهي وعدا بہ داخل آهن جيڪي ٻانها نذر ڪري پاڻ تي واجب ڪندا آهن ۽ ميثاق ۾ اهي وعدا بہ داخل آهن جيڪي الله جل جلاله ٻانهن کي حضرت آدم علیٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام جي پٺيءَ مان ڪڍي ورتا هئا (٢)

وَالَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَ يَخَافُوْنَ سُوْٓءَ الْحِسَابِ" ۽ جيڪي اها شيءِ ڳنڍين ٿا جنهن لاءِ الله امر ڪيو آهي تہ ڳنڍي وڃي ۽ پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا ۽ سخت حساب جو خوف رکن ٿا. يعني مائٽيون، قرابتون ۽ مومنن ڀائرن کي ڳنڍين ٿا. پنهنجي طاقت آهر انهن جي مدد ڪري انهن تي احسان ڪن ٿا انهن کان ايذاءُ ۽ مشقت دفع ڪري انهن جي خيرخواهي ڪن ٿا ۽ الله کان ڊڃي، سخت حساب جو خوف ڪري گناهن کان بچن ٿا الله جي حڪم تي هلي سندس بي فرمانين کان بچن ٿا. (٣)

"وَالَّذِيْنَ صَبَرُوا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً وَّيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ" ۽ جن پنهنجي رب جي رضا طلبيءَ لاءِ صبر ڪيو ۽ نماز قائم ڪيائون ۽ جيڪو انهن کي رزق ڏنو اٿئون ان مان ڳجهو ۽ ظاهر خرچ ڪيائون ۽ برائيءَ کي ڀلائيءَ سان ٽارين ٿا اهيئي آهن جن لاءِ آخرت وارو گهر آهي. مطلب تہ انهن ڳالهين تي صبر ٿا ڪن جن کي نفس پسند نہ ٿو ڪري، سندن ۽ خواهشات جا تابع ناهن ۽ اهو سڀ ڪجهہ رياءَ ۽ ڏيکارڻ لاءِ نہ خالص الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا فرض ڪيل نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪو رزق اسان انهن کي ڏنو آهي ان مان واجب ڪيل خرچ بہ لڪل ۽ ظاهر ادا ڪن ٿا ۽ برائيءَ جو بدلو ڀلائيءَ سان ڏين ٿا انهن لاءِ ئي آخرت وارو گهر آهي. ان مان مراد جنت آهي جيئن

(١)القرطبي ص٣٠٧ جلد٩ (٢) فتح القدير ص٧٨ جلد٣ (٣) البيضاوي ڪامل ص٢٣١

اڳتي بيان ٿي رهيو آهي. جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا وَ مَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآءِ هِمْ وَ اَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ" هميشه رهڻ وارا بهشت جو اهي (پاڻ) انهن ۾ داخل ٿيندا ۽ سندن صالح پيئر ۽ سندن زالون ۽ سندن اولاد (بہ داخل ٿيندو) ۽ هر دورازي کان انهن وٽ ملائڪ داخل ٿيندا. مطلب تہ اهي اهڙن بهشتن ۾ داخل ٿيندا جتي هميشه رهيا پيا هوندا اتاهين نڪرندا ئي ڪونہ. صرف پاڻ نہ هوندا پر سندن صالح ابا ڏاڏا، زالون ۽ اولاد بہ ساڻن بهشتن ۾ گڏ هوندا. ۽ اهي بيا جيتوڻيڪ سندن مقام ۽ مرتبي وارا نہ هوندا پر سندن شان جي عظمت ۽ مقام جي رفعت جي ڪري ساڻن گڏ رهايا ويندا ۽ ان وقت کين وڏي خوشي حاصل ٿيندي جنهن وقت پاڻ ۾ گڏ ٿي رهندا پوءِ الله جو شڪر ڪندا جنهن کين جهنم کان بچائي جنت ۾ گڏ رهايو. (١)

فائدا: ١- "كَمَنْ هُوَ اَعْمٰى" (ان وانگر آهي جيڪو انڌو آهي) مان واضح ٿيو تہ قرآن کي حق نہ سمجهندڙ انڌو آهي جنهن جي دل ۾ ايمان جو نور ناهي اهڙيءَ طرح نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام ۽ سندس حديثن جو منڪر بہ انڌو آهي.

٢- "اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوالْاَلْبَابِ" (نصيحت صرف عقلمند حاصل ڪن ٿا) مان واضح ٿيو تہ الله جي بارگاه ۾ عقلمند صرف ايمان، يقين، پاڪائي، عبادت، رياضت ۽ هدايت وارا آهن صحيح عقل اهو آهي جيڪو مصطفوي آستاني تي وني هلي، جنهن کي ايمان، تقوىٰ ۽ هدايت نصيب ناهي اهو ڪيترو بہ عقلمند سڏائي احمق آهي.

٣- مذڪوره آيتون ڪائنات جي اڳيان اسلام جو بهترين اخلاقي خاڪو پيش ڪري رهيون آهن تہ اسلام ڪيترن وعدن ۽ عهدن جي مجموعه جو نالو آهي. اسلام عبادات، معاملات، عقائد، عمليات حقوق الله ۽ حقوق العباد جي ذميوارين ادا ڪرڻ جو نالو آهي.

٤- "لِلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمُ الْحُسْنٰى" (جن پنهنجي رب جو فرمان مڃيو انهن لاءِ ڀلائي (جنت) آهي. مان ثابت ٿيو تہ جنت جي طلب ۽ خواهش ڪرڻ جائز آهي. الله جل جلالہ کي پسند آهي حضور عليہ الصلواة والسلام جن کان بہ جنت ملڻ لاءِ ڪيتريون دعائون آيل آهن پوءِ محبوب جي مطلوب کان نفرت نہ ڪجي جنت ملڻ جي دعا گهرڻ گهرجي.

(١) تنوير الاذهان ص٢٥٧ جلد٢

سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾

سلام آهي اوهان تي سببان ان جي جو صبر ڪيو اوهان پوءِ ڀلو آهي آخرت وارو گهر

وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَاللّٰهِ مِنْ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ

۽ اهي جو ڀڃن ٿا پڪو ڪيل وعدو الله سان پڄاڻان مضبوط ڪرڻ ان جي

وَ يَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَاللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَ يُفْسِدُوْنَ

۽ وڍين ٿا اهو جو امر ڪيو الله ان جو تہ ڳنڍيو وڃي ۽ فساد ٿا ڪن

فِى الْاَرْضِ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ

زمين ۾ اهي انهن لاءِ لعنت آهي ۽ انهن لاءِ بڇڙو گهر آهي الله

يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَقْدِرُ وَ فَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ

ڪشادو ٿو ڪري رزق جنهن لاءِ گهري ۽ تنگ ٿو ڪري ۽ خوش ٿيا حياتيءَ

الدُّنْيَا وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا فِى الْاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ ﴿٢٦﴾

دنيا واريءَ تي ۽ ناهي حياتي دنيوي آخرت جي مقابلي ۾ مگر ٿورو سامان.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ نيڪن ۽ صالحن بانهن جي ڀلن عملن ۽ قلبي خصلتن جو ذڪر هو ۽ هتي انهن جي ايماني گفتگو جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ" اوهان تي اوهان جي صبر ڪرڻ جي ڪري سلام آهي پوءِ آخرت جو گهر ڀلو آهي. يعني ملائڪ سڀ‌ڳورا هر دروازي کان داخل ٿي چوندن تہ اوهان الله جل جلاله جي امر ادا ڪرڻ ۽ منع ڪيل ڪمن کان رڪجڻ تي صبر ڪيو، محنتون ڪندي مشقتون برداشت ڪيو ان جي ڪري

اوهان تي سلام آهي. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "ڇا اوهان ڄاڻو ٿا تہ الله جي مخلوق مان ڪير جنت ۾ داخل ٿيندا؟ (اصحابن سڳورن) عرض ڪيو تہ: (جنت ۾ اهي) مجاهد داخل ٿيندا جن جي ذريعي سرحدون (دشمنن کان) روڪيون وينديون آهن ۽ انهن سان تڪليفن کان بچاءُ ورتو ويندو آهي انهن مان ڪو هڪڙو ان حال ۾ وفات ڪندو آهي جو ان جي اندر ۾ ڪا خواهش هوندي آهي جيڪا پوري ڪري نہ سگهندو آهي پوءِ اهڙن ماڻهن وٽ ملائڪ ايندا آهن ۽ هر دروازي کان داخل ٿي سلام پڙهندا آهن.

احد جي شهيدن تي سلام

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن هر سال احد جي جنگ ۾ شهيد ٿيلن جي مزارن تي تشريف فرما ٿي چوندا هئا "سَلَامٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ" ۽ اهڙي طرح حضرت ابوبڪر، حضرت عمر ۽ حضرت عثمان بہ ايندا هئا. (١) ثابت ٿيو تہ مزارات جي زيارت ڪرڻ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي سنت آهي جنهن تي خلفاءِ راشدين بہ عمل ڪندا رهيا.

"وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَاللهِ مِنْ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَ يُفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ" ۽ جيڪي الله سان ڪيل عهد کي ان جي مضبوط ڪرڻ کان پوءِ ٽوڙين ٿا ۽ جنهن لاءِ الله امر ڪيو آهي تہ ڳنڍيو وڃي ان کي وڍين (۽ ڇنن) ٿا ۽ زمين ۾ فساد برپا ڪن ٿا اهي ئي آهن جن لاءِ لعنت آهي ۽ انهن لاءِ ئي بڇڙو گهر آهي. گذريل آيتن ۾ نيڪ بختن جي سعادت ۽ بلند بختن جو حال بيان ٿيل هو ۽ هن ۾ بدبختن جي شقاوت ۽ ڪين پيش ايندڙ سزا جو بيان آهي. مطلب تہ جيڪي الله سان پڪا ڪيل عهد ٽوڙين ٿا ۽ جن سان الله تعلق ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي انهن کي ڇنن ٿا. هن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن سان محبت ۽ مدد جو تعلق مومنن سان ڳانڍاپو ۽ مائٽين کي ڳنڍڻ سڀ ڪجهہ داخل آهي اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن جو ڪنهن تي حق آهي تہ ان کي حق ادا ڪرڻ سان ڳنڍڻ ضروري آهي. ۽ اهي شقي ۽ بدبخت زمين ۾ فساد برپا ڪن ٿا جو اسلام جي بجاءِ ڪفر ڏانهن سڏين ٿا ۽ ماڻهن جي سرن سان ظلم ڪندي انهن جا مال-ملڪيتون لٽي، زمين ۾ فساد برپا ڪن ٿا انهن لاءِ لعنت آهي جنهن جي ڪري

(١) القرطبي ص٣١٢ جلد ٩ - التفسير الڪبير ص٤٥ جزء١٩

دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ کان ڀري ڪري سخت سزا ۽ عذاب ۾ وڌا ويندا ۽ انهن لاءِ بڇڙو گهر جهنم آهي جنهن ۾ ڪين ڪا به راحت نصيب نه ٿيندي.

"اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَقْدِرُ" الله جنهن کي گهري تو ان لاءِ رزق ڪشادو ٿو ڪري ۽ (جنهن کي گهري ٿو ان لاءِ رزق) تنگ ڪري ٿو. ممڪن هو ته ڪنهن جي ذهن ۾ سوال ايري ته: جيڪڏهن ڪافر الله جا دشمن آهن ته پوءِ اهي دنيوي نعمتن سان مالا مال ڇو آهن؟ هتي ان جو جواب ڏنو ويو آهي ته: الله جل جلاله جو اختيار آهي جيڪڏهن دنيا ۾ ڪنهن حڪمت جي ڪري ڪنهن جو رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ ڪنهن جو تنگ ٿو ڪري ته اهو سندس رضامندي جو دليل نه آهي ڪنهن کي رزق گهڻو ڏئي آزمائيندو آهي ته ڪنهن کي رزق تنگ ڪري آزمائي ٿو ڇو ته هيءَ دنيا آزمائش جو گهر آهي.

"وَ فَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا، وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا فِى الْاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ" ۽ دنيا جي حياتيءَ تي خوش ٿيا ۽ دنيا جي حياتي آخرت جي مقابلي ۾ ته ٿورڙي سامان کان سواءِ ڪجهه به ناهي. مطلب ته جن کي الله رزق ڪشادو ڏنو اهي دنيوي حياتيءَ تي خوش ٿين ٿا حالانڪ اها خوش ٿيڻ جهڙي شئي نه آهي اها آخرت جي مقابلي ۾ ته نهايت ٿورڙو سامان آهي جنهن سان دل نه لڳائڻ گهرجي. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- اسلام ۾ سلام چوڻ ۽ ان جو جواب ڏيڻ نهايت اهم ۽ پياري عبادت آهي ڇو ته بهشت ۾ به اهو سلسلو جاري هوندو مومنن تي ملائڪ سلام چوندا ۽ مومن هڪ ٻئي کي به سلام ڪندا. اها مومنن جي دائمي ۽ پڪي نشاني آهي. ان جي ڪري ملڻ يا موڪلائڻ وقت گڊ باءِ، يا رب راکها، يا يا علي مدد جا لفظ مقرر ڪرڻ اسلام جي ان سنت کي ڇڏڻ آهي ۽ جنهن به لفظ سان اها سنت ڇڏي وڃي اهو لفظ ڇڏي ڏجي. سنت جي ادائگيءَ ۾ ڀلائي آهي سنت نه ڇڏجي.

٢- "يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِنْ كُلِّ بَابٍ" (ملائڪ انهن وٽ هر دروازي کان داخل ٿيندا)- اهي مسلمانن مردن سان گڏ عورتن وٽ به ايندا ۽ مسلمانن عورتن کي پردو صرف انسانن مردن کان ڪرڻو آهي ملائڪن، جنن ۽ جانورن کان پردو نه آهي.

٣- "وَفَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" (دنيا جي حياتيءَ تي خوش ٿيا) مان ثابت ٿيو ته دنيا ۾ صرف دنيا تي خوشي ڪرڻ برو ڪم آهي ڇو ته ان سان تڪبر پيدا ٿئي ٿو

(١) التفسير الڪبير ص٤٧ جزء١٩

پر دنيا ۾ الله جل شانه جي شڪر طور خوشي ڪرڻ سٺو ڪم ۽ عبادت آهي فخر ۽ وڏائي ڪرڻ ڪافر جي نشاني، شڪر طور خوشي ڪرڻ مومن جي علامت آهي.

۴- دنيا ۾ دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ رهڻ "مَتَاعٌ" ٿورڙو سامان آهي پر دنيا ۾ الله جل شانه ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام کي راضي ڪرڻ جي لاءِ رهڻ "حيات طيبه" آهي.

۵- گنهگار مسلمان فاسق ۽ فاجر آهي ڪافر ناهي ڇوته عبادت جو ترڪ ڪرڻ گناهه آهي عبادت کي عبادت نه مڃڻ ڪفر آهي.

٦- ڪنهن تي به نالو وٺي لعنت نه ڪجي ها بري ڪم يا عام بري صفت جو ذڪر ڪري ان جي ڪندڙ تي لعنت ڪرڻ جائز آهي. جئين "أُولَٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ" مان ظاهر آهي.

وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ

۽ چون ٿا اهي جو ڪفر ڪيائون ته ڇونه نازل ڪئي وئي ان تي ڪا نشاني طرفان رب ان جي فرماءِ ته: بيشڪ الله

يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ اَنَابَ ۲۷ ۖۚ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

گمراهه ٿو ڪري جنهن کي گهري ۽ هدايت ٿو ڪري پاڻ ڏانهن ان کي جو موٽيو اهي شخص جو ايمان آندائون

تَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ۲۸ ؕ

۽ سڪون ٿا وٺن قلب انهن جا الله جي ذڪر سان خبردار الله جي ذڪر سان سڪون وٺن ٿا قلب

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ طُوْبٰى لَهُمْ وَ حُسْنُ مَاٰبٍ ۲۹

اهي شخص جو ايمان آندائون ۽ ڪيائون نيڪ عمل مبارڪ آهي انهن لاءِ ۽ موٽڻ جي سهڻي جاءِ

كَذٰلِكَ اَرْسَلْنٰكَ فِيْٓ اُمَّةٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَآ اُمَمٌ لِّتَتْلُوَا۟

اهڙي طرح رسول بنائي موڪليوسون توکي هڪ امت ۾ جو تحقيق گذريون اڳي ان کان امتون تانته

عَلَيْهِمُ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَ هُمْ يَكْفُرُوْنَ بِالرَّحْمٰنِ ؕ قُلْ هُوَ

پڙهي ٻڌائين تون انهن کي اهو جو وحي ڪيوسون توڏانهن ۽ اهي انڪار ٿا ڪن رحمان جو فرماءِ ته اهو

رَبِّيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ مَتَابِ ﴿٣٠﴾

رب منهنجو آهي ناهي ڪو معبود بالحق ان ڪان سواءِ ان تي توڪل ڪئي آمون ۽ ان ڏانهن منهنجو موٽڻ آهي.

تفسير

هنن ڪان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ انهن دنيوي، جسماني ۽ ظاهري نعمتن جو ذڪر هو جيڪي الله جل جلاله پانهن ڪي ڏنيون هيون ۽ هنن آيتن ۾ ديني روحاني نعمتون عطا ڪرڻ جي ذڪر سان گڏ ڪافرن جي طرفان انهن ڏانهن بي توجه رهڻ ۽ اجايا مطالبا ڪرڻ جو بيان ٿي رهيو آهي.

شان نزول

مفسرين ڪرام عليهم الرحمة لکيو آهي تہ "وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا"- الاية مڪه مڪرمه جي مشرڪن عبدالله بن اميه ۽ ان جي ساٿين جي رد ۾ نازل ٿي جن نبي ڪريم عليه التحية والتسليم ڪان مطالبو ڪيو هو تہ جيئن اڳين نبين علیٰ نبينا و عليهم الصلواة والسلام جي منڪرن تي آسمان مان ٽڪرا ڪرڻ لاءِ آيا ٿي تون بہ ائين ڪري ڏيکار. يا اسان ڪي جبل سونا ڪري ڏي يا حجاز جي برپٽن ۾ باغ لڳائي ڏيکار. يا اسان جا اڳ ۾ وفات ڪيل مائٽ زنده ڪري ڏي. رب العزة جل جلاله انهن جي ان قول ڪي رد ڪندي اها آيت نازل ڪئي (١)

فرمان عالي شان آهي "وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ" ۽ ڪافر چون ٿا تہ ان تي سندس رب جي طرفان ڪا نشاني ڇونہ نازل ڪئي وئي؟ مطلب تہ ڪافرن جي نگاهن ۾ سرڪشي ۽ تڪبر جي ڪري قرآن ڪريم ڪا اهڙي نشاني ناهي جنهن جي جي ذريعي حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي نبوت تي ڪامل يقين ٿئي. تڏهن چئي رهيا هئا تہ ان تي رب جي طرفان ڪا نشاني ڇونہ نازل ڪئي وئي؟. الله جل جلاله انهن جي جواب ۾ پنهنجي محبوب نبي عليه الصلواة والسلام ڪان هي اعلان ڪرايو "قُلْ اِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ اَنَابَ" فرماءِ تہ بلاشڪ الله

(١) البحر المحيط ص٣٨٨ جلد٥ المراغي ص٩٨ جزء١٣ جلد٥

جنهن کي گهري ٿو گمراه ٿو ڪري ۽ جيڪو ان ڏانهن موٽيو ان کي پاڻ ڏانهن رهنمائي ٿو فرمائي. مطلب ته نشانين نازل ڪرڻ يا نه ڪرڻ سان هدايت تي اچڻ سچو امر الله جل شانه جي قدرتي هٿ ۾ آهي نشانين گهرڻ ۾ مشغول نه رهو رب العزة جل شانه کان زاري ڪري هدايت طلب ڪيو ان کان ئي دعا گهرو ته اوهان کي سڌي واٽ تي هلڻ نصيب ڪري "اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ" جن ايمان آندو ۽ انهن جون دليون الله جي ذڪر سان سڪون وٺن ٿيون. يعني اهي قرآن ڪريم جي معجزه هجڻ کي حضور عليه الصلواة والسلام جي نبوت لاءِ ڪافي ٿيندڙ دليل سمجهن ٿا ۽ اجايون فرمائشون ڪونه ٿا ڪن. ۽ ڪافرن وانگر دنيوي حياتيءَ جي سامان سان محبت رکڻ جي بجاءِ انهن جون دليون الله جي ذڪر سان مطمئن ٿين ٿيون. (١)

"اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ" خبردار- الله جي ذڪر سان دليون سڪون وٺن ٿيون. مطلب ته ذڪر جي ئي خاصيت آهي جنهن سان قلب کي اطمينان ملي ٿو. اهوئي اهو نور آهي جنهن سان شبهات جا انڌيرا ختم ٿين ٿا اهوئي اها غذا آهي جنهن سان روح کي قوت ملي ٿي ۽ انسان ۾ لڪل نيڪيءَ جون صلاحيتون نشونما وٺن ٿيون ان سان ئي انسان ۾ اها بزرگي ۽ قوت ظاهر ٿئي ٿي جنهن کي ڏسي شيطان به ڏکڻ لڳندو آهي ۽ ان جا منصوبا مٽيءَ ۾ ملي ويندا آهن دنيا جي سيني نعمتن کان وڌي نعمت اطمينان قلب آهي. دولت، عزت، صحت، اولاد جي ڪثرت هوندي به روح کي سڪون ۽ دل کي چين ۽ قرار نصيب نه ٿيندو آهي صرف الله جل شانه جو ذڪر ئي اهو آب حيات آهي جنهن سان دکڻ ڪندڙ کي وري اچ نه لڳندي آهي علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي ته هن جي معنيٰ آهي ته: مومنن جي دلين مان شيطان جا وسوسا الله جي ذڪر سان ختم ٿي ويندا آهن. نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن فرمايو آهي ته: مَا مِنْ آدَمِيٍّ اِلَّا وَلِقَلْبِهٖ بَيْتَانِ فِيْ اَحَدِهِمَا الْمَلَكُ وَفِي الْاٰخِرِ الشَّيْطَانُ فَاِذَا ذَكَرَ اللهَ خَنَسَ وَاِذَا لَمْ يَذْكُرِ اللهَ وَضَعَ الشَّيْطَانُ مِنْقَارَهٗ فِيْ قَلْبِهٖ فَوَسْوَسَ لَهٗ، رواه ابن ابي شيبه في مصنفه يعني هر انسان جي دل ۾ به گهر آهن هڪڙي ۾ ملائڪ هوندو آهي ته ٻئي ۾ شيطان ذڪر ڪندو پوءِ جڏهن الله جو ذڪر ڪندو آهي ته شيطان پٺي ويندو آهي ۽ جڏهن الله جو ذڪر نه ڪندو آهي ته پنهنجي چهنب ان جي دل ۾ وجهي وسوسا وجهندو آهي. اها حديث ابن ابي شيبه پنهنجي مصنف ۾ عبدالله بن شقيق رضي الله عنه کان آندي آهي ۽ امام بخاريءَ ان معنيٰ

(١) بيان القرآن مع معارف القرآن ص١٨٣ جلد٥

واري مرفوع حديث حضرت ابن عباس کان آندي آهي. يا آيت مان مراد آهي تہ: مومنن جي صاف قلبن جو قوت الله جو ذکر آهي اهي جڏهن الله جو ذکر کندا آهن تہ انهن جون دليون الله تعالىٰ سان محبت جي کري ائين مطمئن ٿينديون آهن جيئن مڇي پاڻيءَ ۾ ۽ اڏامندڙ پکي هواءِ ۾ يا جهنگل جو جانور ميدان ۾ ۽ جيکڏهن کا غفلت آٽيندڙ شئي پيش ايندي اٿن يا غافلن جي صحبت ۾ وهندا آهن تہ سندن دليون بي قرار ۽ بي چين ٿينديون آهن ۽ اهي وجداني کيفيتون صوفياءِ کرام جي خادمن لاءِ بديهي هونديون آهن. پوءِ "اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ" مان مراد اهل تصوف حضرات آهن (١)

ذکر الله مان مراد ڇا آهي؟

ذکر الله مان مراد ۾ مختلف قول آهن ١- تہ ان مان مراد قرآن پاڪ آهي. اهو مقاتل جو قول آهي. ٻين آيتن ۾ بہ قرآن پاڪ کي ذکر سڏيو ويو آهي جيئن فرمان مبارڪ آهي "وَهٰذَا ذِكْرٌ مُّبَارَكٌ" (٢)

۽ هي برکت وارو ذکر آهي. ٻيو ارشاد آهي "اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ" (٣) اسان ئي ذکر (قرآن) کي نازل کيو آهي ۽ اسين ان جي لاءِ حفاظت کندڙ آهيون. پوءِ مومنن جي دلين جو ان مان مطمئن ٿيڻ هيئن آهي جو انهن جي نظر ۾ قرآن کريم کان وڌيڪ کا بہ نبوت جي لاءِ نشاني ناهي ۽ اهي ٻي کا نشاني طلب بہ نہ ٿا کن (٤)

٢- ابن ابي شيبه، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ ابوالشيخ مجاهد کان روايت آندي آهي تہ: ذکرالله مان مراد نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام ۽ سندس اصحاب آهن ۽ ابوالشيخ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ جڏهن هي آيت نازل ٿي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن اصحابن کي فرمايو: اوهان کي خبر آهي تہ ان جي معنىٰ ڇا آهي؟ عرض کيائون تہ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻندڙ آهن. فرمايائون تہ: جنهن الله ۽ ان جي رسول سان محبت رکي اهو منهنجن اصحابن سان محبت رکندو. مطلب تہ ذکر الله مان مراد الله ۽ رسول ۽ اصحابن سان محبت رکڻ آهي جنهن سان دليون مطمئن ٿينديون آهن (٥)

ابن مردويه حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: جنهن الله

(١) مظهري ص٢٣٦ جلد ٥ (٢) سورة الانبياء آية ٥٠ (٣) سورة الحجر آيت ٩
(٤) روح المعاني ص١٤٩ جز٣ جلد ٥ (٥) الدر المنثور ص٦٤٢ جلد٤

سان ۽ ان جي رسول سان محبت رکي ۽ منهنجي اهل بيت سان سچي محبت رکي کوڙي نہ رکي ۽ مومنن سان روبرو ۽ غائبانہ محبت رکي اهي الله جي ذکر سان محبت رکن ٿا (١)

سيد شهاب الدين محمود آلوسي بغدادي هنن روايتن جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: ان مان مراد ائين ناهي تہ اهي هستيون الله جو ذکر آهن پر ان مان مراد آهي تہ مذکوره صفات سان جيڪي موصوف هوندا انهن سان الله ۽ رسول ۽ اصحاب ۽ اهل بيت محبت رکن ٿا (٢) علامه رازي هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ: موجودات ٽي قسم آهي. ١- ٻئي تي اثر وجهي پاڻ متاثر نہ ٿئي. ٢- پاڻ متاثر ٿئي ٻئي تي اثر نہ وجهي. ٣- ٻئي ۾ بہ اثر وجهي پاڻ بہ متاثر ٿئي. پوءِ جيڪو مؤثر آهي پر متاثر ناهي اهو الله جل شانه آهي ۽ جيڪو متاثر ٿئي مؤثر نہ ٿئي اهو جسم آهي پوءِ اهو اهڙي ذات آهي جنهن ۾ آثار متنافيه ۽ صفات مختلفه جي قبول ڪرڻ کان سواءِ ڪابہ خاصيت ناهي. ۽ پر جيڪو وجود ٻئي تي اثر انداز ٿئي ۽ پاڻ بہ متاثر ٿي سگهي اها روحاني موجودات آهي ۽ اهي جڏهن الهي حضور ڏانهن متوجهہ ٿيندا آهن تہ الله جل جلالہ جي طرفان پلٽجندڙ آثار، مشيت، قدرت، تڪوين ۽ ايجاد قبول ڪندا آهن ۽ اهي جڏهن روحاني عالم عالم اجسام ڏانهن توجهہ ڪندا آهن تہ انهن ۾ تصرف ڪرڻ جو شوق رکندا آهن ڇوتہ عالم ارواح عالم اجسام لاءِ مدبر آهي. ۽ جڏهن هيءَ ڳالهہ سمجهيئي تہ پوءِ هيءَ بہ سمجهہ ۾ وهار تہ) جڏهن روحاني عالم، عالم اجسام جي مطالعي ڏانهن متوجهہ ٿيندو آهي تہ منجهس اجسام ۾ تصرف ڪرڻ ۽ ان تي غالب رهڻ جي لاءِ تڙپ پيدا ٿيندي آهي ۽ جڏهن الهي حضور ڏانهن متوجه ٿيندو آهي تہ ان کي انوار حميديه ۽ تجليات الهيه حاصل ٿينديون آهن جن سان کيس سڪون نصيب ٿيندو آهي. (٣) "اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ طُوْبٰى لَهُمْ وَ حُسْنُ مَاٰبٍ" جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن لاءِ مبارڪ ۽ موٽڻ جي سهڻي جاءِ آهي.

طوبىٰ جي معنىٰ ۽ ان مان مراد

طوبىٰ فُعلىٰ جي وزن تي الطيب کان ورتل آهي اصل ۾ طيبىٰ هو پوءِ ياءِ ساڪن ما قبل مضموم هجڻ جي ڪري ياء واو سان مٽائي وئي تہ طوبىٰ ٿيو ۽ ان مان مراد خوشي بخشيندڙ حالت آهي (۴) حضرت ابو امامه، ابو هريرة ۽ ابو الدرداءِ رضي الله عنهم کان روايت آهي تہ: طوبىٰ بهشت ۾ هڪڙو وڻ آهي جيڪو سيني

(١) ساڳيو حوالو (٢) التفسير الڪبير ۴٠٩ جزء١٩ (٣) القرطبي ص٣١۴ جلد٩

بهشتن تي ڇانو ڪيو بيٺو آهي (١) ۽ بعضي مفسرن فرمايو آهي ته الله تعالىٰ طوبىٰ ڪي موتيءَ جي ڏاٽي مان پيدا ڪري پنهنجي قدرتي هٿ سان پوکي امر ڪيس ته ڊگهو ٿيءُ پوءِ جيترو الله گهريو اوترو ڊگهو ٿيو ۽ ان جي پاڙ مان جنت جي نهرن، ماکيءَ، پاڻيءَ،کير وغيره جا چشما ڦوهارا هڻي نڪتا.

۽ حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته: طوبىٰ جنت ۾ هڪ ايڏو وڏو وڻ آهي جو ان جي هيٺان هلڻ ۾ سؤ سال گذري ويندا. ان جي مکڙين مان بهشتين جا ڪپڙا نڪرندا. ۽ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته: طوبىٰ بهشت ۾ هڪ وڻ آهي. ان کي الله جل جلاله فرمائيندو ته: منهنجو ٻانهو جيڪو گهري اهو کُلي ڏيس. پوءِ کُلندو ته ان مان سنجيل گهوڙا ۽ واڳن سميت اٺ ۽ ڪپڙن جا وڳا نڪري ايندا. (٢) علامه قرطبي لکيو آهي: تحقيق اهو به چيو ويو آهي ته: طوبىٰ جي اصل پاڙ جنت ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي محلات ۾ هوندي. پوءِ اتاهين ان جون ٽاريون ٻين بهشتين جي گهرن ۾ وينديون جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن وٽان علم ۽ ايمان ساري دنيا وارن ڏانهن ويو آهي. (٣) ۽ امام محمد باقرين، امام زين العابدين کان روايت آهي ته: نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان "طُوبىٰ لَهُمْ وَحُسْنُ مَاٰبٍ" جي باري ۾ پڇيو ويو، پاڻ فرمايائون: اهو وڻ جنهن جي اصل پاڙ منهنجي گهر ۾ آهي ۽ ٽاريون بهشت ۾ آهن. وري ڪين ان جي باري ۾ عرض ڪيو ويو ته: فرمايائون: اهو وڻ آهي جنهنجي اصل (پاڙ) علي جي گهر ۾ آهي ۽ ٽاريون بهشت ۾ آهن. عرض ڪيو ويو ته: اوهان پهريان فرمايو ته: ان جو اصل منهنجي گهر ۾ آهي وري پيا فرمايو ته علي جي گهر ۾ آهي؟ پاڻ فرمايائون ته بهشت ۾ منهنجو ۽ علي جو گهر هڪ جاءِ تي هوندو" (ان جي ڪري هئي ڳالهيون صحيح آهن) (٤)

"كَذٰلِكَ اَرْسَلْنَاكَ فِيْٓ اُمَّةٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَآ اُمَمٌ لِّتَتْلُوَاْ عَلَيْهِمُ الَّذِىْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَهُمْ يَكْفُرُوْنَ بِالرَّحْمٰنِ" اهڙي طرح اسان توکي اهڙي امت ۾ رسول بنائي موڪليو آهي جن کان اڳ ۾ ڪيتريون امتون گذري چڪيون آهن تانته تون انهن تي اهو پڙهين جيڪو اسان توڏانهن وحي ڪيو. يعني جيئن اسان رجوع ڪندڙن کي هدايت نصيب ڪئي آهي تيئن اوهان کي به رسالت سان نوازيو اٿئون ۽ اهڙي امت ڏانهن موڪليو اٿئون جن کان اڳ ۾ ڪيتريون امتون گذري چڪيون آهن تانته اوهان انهن امتين کي اهو پيغام تلاوت ڪري ٻڌايو جيڪو اوهان ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي. "وَهُمْ يَكْفُرُوْنَ بِالرَّحْمٰنِ" ۽

(١) القرطبي ص٣١٦ جلد٩ (١) المظهري ص٣٣٧ ج ٥ (٢) ابن ڪثير ص٥١٣ جلد٢ (٤) القرطبي ص٣١٦ جلد٩

اهي رحمان جو انڪار ڪن ٿا.

شان نزول

مفسرن لکيو آهي تہ: هڪ ڀيري نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن بيت الله ۾ دعا گهرندي چئي رهيا هئا: يا الله! يا رحمان! ابوجهل ملعون اهو ٻڌي ٻين ڪافرن کي اچي چوڻ لڳو تہ: محمد (عليه الصلواة والسلام) بہ ٻن اللهن کي سڏي پيو. هڪ الله، ٻيو، رحمان. ان جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي. "قُلِ ادْعُوااللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ اَيًّامَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى" (١) فرماءِ تہ الله کي سڏيو يا رحمان کي. جنهن کي بہ سڏيو (سيئي) ان جا سهڻا نالا آهن. (٢) "قُلْ هُوَ رَبِّيْ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ مَتَابِ" فرماءِ تہ: اهو منهنجو رب آهي ڪوبہ ان ڪان سواءِ عبادت جو لائق ناهي ان تي ئي مون توڪل ڪئي آهي ۽ ان ڏانهن ئي منهنجو موٽڻ آهي. مطلب تہ: جنهن رحمان جو اوهان انڪار ڪيو ٿا اهوئي منهنجو رب آهي ان ڪان سواءِ ڪوبہ معبود بالحق ناهي مون ان تي توڪل ڪئي اهو مون کي اوهان تي مدد ڏيندو ۽ منهنجو ان ڏانهن موٽڻ آهي مون کي ثابت قدم رکندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١- "لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ" (ان تي سندس رب جي طرفان نشاني ڇو نہ نازل ڪئي وئي) ڪافرن جي مطالبي مان معلوم ٿيو تہ سچي دين جو امتحان وٺڻ، نشانيون گهرڻ، محرومي ۽ ذلت جو باعث آهي. انبياءِ عظام عليهم الصلواة السلام ڪان معجزا ۽ اولياءِ ڪرام ڪان ڪرامتن جي ڏيکارڻ جي طلب نہ ڪجي. علماءِ دين سان بہ بحث مباحثہ ۽ ضد ڪرڻ گناهہ آهي.

٢- الله جل جلالہ جو ذڪر روح جي غذا آهي ۽ مصطفوي ذڪر سان بہ قلب کي سڪون ۽ قرار ملندو آهي.

٣- حضور عليه الصلواة والسلام آخري نبي ۽ سندن امت آخري امت آهي، ڇو تہ "قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَآ اُمَمٌ" (انهن ڪان اڳ ۾ امتون گذريون) ۾ نئين امت جو ذڪر نہ آهي. آخري امت حضور عليه الصلواة والسلام جي امت آهي جيڪڏهن ٻيو ڪو نبي اچڻ ممڪن هجي ها تہ ان جي ايندڙ امت جو ذڪر بہ ٿئي ها ثابت ٿيو تہ قادياني ڪوڙو، ڪافر، ملعون ۽ دجال آهي ان کي مسلمان سمجهندڙ بہ ڪافر آهي

(١) سورة بني اسرائيل آيت١١٠ (٢) المظهري ص٣٣٩ جلد٥

وَ لَوْ اَنَّ قُرْاٰنًا سُيِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ اَوْ قُطِّعَتْ بِهِ الْاَرْضُ اَوْ كُلِّمَ

۽ جيڪڏهن تحقيق قرآن هلايا وڃن ها ان سان جبل يا ٽڪرا ڪئي وڃي ها ان سان زمين يا ڳالهرايا وڃن ها

بِهِ الْمَوْتٰى ؕ بَلْ لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِيْعًا ؕ اَفَلَمْ يَايْئَسِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ

ان سان مئل بلڪ الله جي لاءِ آهي اختيار سمورو ڇا پوءِ نہ نااميد ٿيا اهي شخص جو ايمان آندائون تہ جيڪڏهن

لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَهَدَى النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

گهري ها الله تہ البتہ هدايت ڪري ها سيني ماڻهن کي ۽ هميشه آهن اهي شخص جو ڪفر ڪيائون

تُصِيْبُهُمْ بِمَا صَنَعُوْا قَارِعَةٌ اَوْ تَحُلُّ قَرِيْبًا مِّنْ دَارِهِمْ

پهچندي رهندي انهن کي سببان ان جي جو ڪيائون سزا يا لهندي ويجهو گهرن انهن جي کان

حَتّٰى يَاْتِيَ وَعْدُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿٣١﴾ ع وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ ٤ع٥ ١٠

تانجو اچي وعدو الله جو بيشڪ الله نہ ٿو مخالفت ڪري وعدي جي ۽ البت تحقيق چٿر ڪئي وئي

بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَمْلَيْتُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ قف

رسولن سان اڳي توکان پوءِ مهلت ڏني مون انهن کي جو ڪفر ڪيائون ان کان پوءِ پڪڙيو مون انهن کي

فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ﴿٣٢﴾ اَفَمَنْ هُوَ قَآئِمٌ عَلٰى كُلِّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ ج وَ

پوءِ ڪهڙي طرح هو عذاب منهنجو ڇا پوءِ اهو جيڪو نظر داري ڪندڙ آهي هر نفس تي جيڪي ڪري ٿو ۽ بنايائون

جَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ قُلْ سَمُّوْهُمْ ؕ اَمْ تُنَبِّئُوْنَهٗ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِى

الله جي لاءِ شريڪ فرماءِ تہ: نالا تہ وٺو انهن جا يا خبر ڏيو ٿا ان جي جيڪو نہ ٿو ڄاڻي

الْاَرْضِ اَمْ بِظَاهِرٍ مِّنَ الْقَوْلِ ؕ بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مَكْرُهُمْ

زمين ۾ يا ظاهري ڳالهہ سان بلڪ سينگاريو ويو انهن لاءِ جو ڪفر ڪيائون فريب انهن جو

وَصُدُّوْا عَنِ السَّبِيْلِ ۚ وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَالَـهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾

۽ روڪيا ويا واٽ کان ۽ جنهن کي گمراهه ڪري الله پوءِ ناهي ان لاءِ ڪو هدايت ڪندڙ.

تفسير

هنن ڪان پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي هڪ مطالبي جو اجمالي بيان هو ته اهي گهرن ٿا ته ڪا نئين نشاني نازل ٿئي ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي مطالبن جي وڌيڪ وضاحت ڪرڻ سان گڏ اهو ٻڌايو ويو آهي ته قرآن ڪريم کان وڌيڪ نشاني ڪهڙي آهي؟ ۽ جيڪڏهن انهن وارا مطالبا مڃيا ويندا ته به الله جل جلاله کي خبر آهي ته اهي ايمان نه آڻيندا.

شان نزول

طبراني، ابو الشيخ، ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ ابن ابي حاتم ۽ ابوالشيخ ۽ ابن مردويه عطيته العوفي رضي الله عنه کان روايتون آنديون آهن ته مڪه جي مشرڪن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن کان مطالبو ڪيو هو ته: مڪه مڪرمه مان جبل ڪڍي زمين پوڪڻ جي لاءِ ميدان هموار ڪري ڏي ته، پوک پوکيون، يا اسان جا مري ويل ابا، ڏاڏا جيئرا ڪري ڏي، ۽ اسان سان ڳالهائين ته پوءِ اسين ايمان آڻيندا سون، ۽ اها ڳالهه مسلمانن حضور عليه الصلوة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪئي ته انهن جي سمجهائڻ لاءِ هي آيتون نازل ٿيون (١)

فرمان الاهي آهي "وَلَوْ اَنَّ قُرْاٰنًا سُيِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ اَوْ قُطِّعَتْ بِهِ الْاَرْضُ اَوْكُلِّمَ بِهِ الْمَوْتٰى" ۽ جيڪڏهن يقينًا قرآن سان جبل هلايا وڃن ها يا ان سان زمين ٽڪرا ٽڪرا ڪئي وڃي ها يا ان سان مئلن کان ڳالهرايو وڃي ها (ته به ايمان نه آڻين ها) مطلب ته: ڪافرن جو علاج انهن جا اجايا مطالبا مڃڻ ناهي اهي بهاني باز آهن ڇو ته جيڪڏهن قرآن پاک سان جبل هلايا وڃن ها ۽ مڪه مڪرمه جي زمين ٽڪرا ٽڪرا ڪري هموار ميدان بنايو وڃي ها ۽ مئلن کي جيئرو ڪري هنن سان ڳالهرائجي ها ته به

(١) الدر المنثور صه ٦٥١. ٦٥٢ جلد ٤

هي بي عقل ايمان نہ آڻين ها "بَلْ لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِيْعًا" بلڪ اختيار سمورو الله جي لاءِ ثابت آهي مطلب تہ: الله جل جلاله جي اختيار ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي اهي انهن جا مطالبا پورا ڪرڻ ان جي اڳيان آسان آهن سندس امر "ڪُنْ" سان سيڪنڊ کان اڳ ۾ سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو پر اهي مطالبا ان جي ڪري پورا نہ ٿو ڪري جو ڪيس علم آهي تہ مطالبات مڃڻ کان پوءِ بہ اهي ايمان نہ آڻيندا "اَفَلَمْ يَايْئَسِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْآ اَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَهَدَى النَّاسَ جَمِيْعًا" ڇا پوءِ ايمان وارن نہ ڄاتو آهي تہ جيڪڏهن الله گهري تہ سڀني ماڻهن کي هدايت ڪري ڇڏي هتي "لَمْ يَايْئَسْ" جي معنيٰ "لَمْ يَعْلَمْ" آهي (١)

مطلب تہ: ڇا مسلمانن کي اجان اها ڳالهہ علم ۾ نہ آئي آهي تہ: جيڪڏهن الله جل جلاله گهري ها تہ دنيا تي سڀني کي هدايت ڏئي ڇڏي ها پر سندس حڪمت جي تقاضا اها نہ آهي تہ ماڻهن کي جبرًا مسلمان رکي. اهو گهري ٿو تہ ماڻهن کي اسلام قبول ڪرڻ جو اختيار ڏي ۽ اهي بخوشي مسلمان ٿين (٢) "وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا تُصِيْبُهُمْ بِمَا صَنَعُوْا قَارِعَةٌ اَوْ تَحُلُّ قَرِيْبًا مِّنْ دَارِهِمْ" ۽ جن ڪفر ڪيو آهي انهن کي هميشه سندن ڪردار جي ڪري مصيبت پئي پهچندي يا سندن گهرن کي ويجهو لهندي مطلب تہ غلط مطالبا ڪرڻ وارا ڪافر انهن بهانن سان جان ڇڏائي نہ سگهندا انهن تي سندن ڪردار جي ڪري هميشه پيون مصيبتون پونديون ڪڏهن ڏڪار ايندن تہ ڪڏهن مسلمانن جي هٿان جنگين ۾ مارون کائيندا ذليل ٿيندا قيدي بنجندا يا مٿن سڌي مصيبت نہ ايندي پر سندن ويجهن ڳوٺن تي ايندي جنهن کي ڏسي عبرت حاصل ڪري سگهندا ۽ سوچيندا تہ سندن عاقبت ۽ انجام بہ اهڙو ئي بنجندو.

"حَتّٰى يَاْتِيَ وَعْدُ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ" تان جو الله جو وعدو اچي. بلاشڪ الله وعدي جي مخالفت نہ ٿو ڪري هتي "وَعْدُ اللّٰهِ" مان مراد مڪه مڪرمه جي فتح ٿيڻ وارو وعدو آهي (٣)

مطلب تہ انهن مشرڪن تي اهي مصيبتون تيستائين ايندي رهنديون جيستائين الله جو مڪه مڪرمه کي فتح ڪرڻ وارو وعدو پورو ٿئي ۽ الله جل جلاله ڪڏهن بہ وعدي برخلافي نہ ڪندو آهي. مڪه مڪرمه فتح ٿيندو ۽ جزيرة العرب ۾ ڪافر رهندو ئي نہ

(١) المراغي صہ ١٠٥ جزء١٣ جلد٥ ابو السعود صہ٢٢ جزء٥ (٢) معارف القرآن صہ ١٩٣جلد٥ (٣) البحر المحيط صہ ٣٩٣جلد٥

هر هنڌ الله جل جلاله ۽ ان جي محبوب نبي عليه الصلواة والسلام کي مڃڻ وارا ٻانها هوندا. "وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَأَمْلَيْتُ لِلَّذِينَ كَفَرُوا ثُمَّ أَخَذْتُهُمْ فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ" ۽ البت تحقيق تو کان اڳ ۾ (آيل) رسولن سان (به) چٿرون ڪيون ويون هيون پوءِ مون ڪافرن کي ڍر ڏني ان کان پوءِ انهن کي پڪڙيم پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هو؟ مطلب ته: منهنجي طرفان سزا ۾ دير ڪرڻ تي ائين نه سمجهو ته ڪافر بچي ويندا. اڳين رسولن عليهم الصلواة والسلام جي امتن به پنهنجن نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام ــــــــــــ سان چٿرون ٿي ڪيون پوءِ انهن کي ڍر ڏئي اهڙو پڪڙيم جو سڄي دنيا ڏٺو ته منهنجو عذاب ڪيئن هو. اجا تائين انهن کي ملندڙ عذاب جا داستان دنيا ۾ بيان ٿي رهيا آهن. "أَفَمَنْ هُوَ قَائِمٌ عَلَىٰ كُلِّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ" ڇا پوءِ اهو (الله) جيڪو هر نفس جي ڪمائيءَ تي نظر رکندڙ آهي (ان وانگر آهي؟ جنهن ۾ اها صفت ناهي) هن عبارت ۾ "أَفَمَنْ" کان "بِمَا كَسَبَتْ" تائين جمله جي خبر محذوف آهي ۽ استفهام انڪاري ۽ فا محذوف تي عطف ڪرڻ لاءِ آيل آهي تقديراً هيئن آهي: اتشركون بالله اصناما فتجعلون "من هو قائم على كل نفس" كمن ليس كذالك وهو جماد عاجز عن نفسه يعني ليس كذالك فلاتشركوا به (١)

ڇا الله سان بتن کي شريڪ ٿا بڻايو پوءِ ان (پاڪ الله) کي جيڪو هر نفس جي ڪمايل تي نظر رکندڙ آهي ان وانگر ٿا بڻايو جيڪو اهڙو ناهي، بي ساه شي، پنهنجي سرسنڀالڻ لاءِ به عاجز آهي. يعني ائين ناهي پوءِ ان (الله) سان ڪنهن کي شريڪ نه بڻايو هن آيت به مثال ڏئي مشرڪن جي جهالت ۽ بي عقليءَ کي واضح ڪيو آهي "وَجَعَلُوا لِلَّهِ شُرَكَاءَ قُلْ سَمُّوهُمْ أَمْ تُنَبِّئُونَهُ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي الْأَرْضِ أَمْ بِظَاهِرٍ مِّنَ الْقَوْلِ" ۽ الله جي لاءِ شريڪ بڻايائون فرماءِ ته: انهن جا نالا ته وٺو يا ان (الله) کي زمين جون اهي خبرون ٿا ٻڌايو جيڪي نه ٿو ڄاڻي يا ظاهري چوڻ آهي مطلب ته الله جي لاءِ شريڪ اهڙا بڻايا اٿن جيڪي نه ٻڌن ٿا نه ڏسن ٿا نه ڪجهه ڪري سگهن ٿا بي خبر ۽ بي حس بتن کي معبود بالحق جو شريڪ بڻايو اٿن (اي محبوب! عليڪ الصلواة والسلام تون) فرماءِ ته انهن جا نالا ته ٻڌايو جن کي اسان سان شريڪ بڻايو اٿو انهن ئي لات، مناة ۽ عزىٰ جا نالا وٺندؤ جيڪي انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا آهن ڇا اهي به عبادت جا لائق ٿي سگهن ٿا؟ ڪجهه ته عقل کان ڪم وٺو جيڪڏهن الله جل جلاله جا (معاذ الله

(١) المظهري صہ ٢٤٢ جلد ٥

ثم معاذالله) ڪي شريڪ هجن ها تہ ان کي خبر نہ هجي ها؟ يا اهو بي خبر آهي اوهان ان کي اهي زمين ۾ رهندڙ شريڪ ٻڌايو ٿا؟ (نہ هرگز نہ، يقيناً اهو عليم، خبير آهي يا ظاهري قول سان هٿرادو بتن کي ان جو شريڪ بنائي؟ انهن جا نالا رکيا اٿو؟ "بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِينَ كَفَرُوا مَكْرُهُمْ وَصُدُّوا عَنِ السَّبِيلِ ۗ وَمَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَمَا لَهُ مِنْ هَادٍ" بلڪ جن ڪفر ڪيو انهن لاءِ سندن فريب سينگاري پيش ڪيو ويو ۽ رستي کان روڪيا ويا. ۽ جنهن کي الله گمراهہ ٿو ڪري ان لاءِ ڪريہ هدايت ڪندڙ ناهي يعني شرڪ جي حمايت ۽ توحيد جي مقابلي ۾ ايتري جدوجهد خالي نفس جو ڌوڪو ۽ فريب آهي جنهن سان حق جي واٽ کان روڪيا ويا آهن ۽ جنهن کي الله گمراه ٿو ڪري ان لاءِ هدايت جا رستا کلڻ ممڪن ئي ناهن الله ان کي هدايت ٿو عطا ڪري جيڪو هدايت جي رستن جو طالب آهي.

فائدا

مذڪوره آيات جي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا ١. "بَل لِّلَّهِ الْأَمْرُ جَمِيعًا" مان واضح ٿيو تہ هدايت ۽ ايمان صرف الله جل جلالہ جي فضل، ڪرم ۽ توفيق سان ملندا آهن جيستائين اهو نہ ٿو گهري معجزن ۽ ڪرامتن ڏسڻ سان بہ هدايت نصيب نہ ٿيندي آهي.

٢. "اَفَلَمْ يَيْأَسِ الَّذِينَ آمَنُوا" (ڇا ايمان وارن نہ ڄاتو) جي سمجهڻ سان اهو واضح ٿيو تہ الله جل جلالہ ۽ ان جي پياري نبي عليه الصلواة والسلام جي بي ادب، گستاخ، ڪافر، ۽ بچڙي عقيدي واري تي رحم ڪرڻ، يا انهن لاءِ رحم جي دعا گهرڻ ناجائز آهي.

٣. "إِنَّ اللَّهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيعَادَ" (بيشڪ الله وعدي برخلافي نہ ٿو ڪري) مان واضح ٿيو تہ وعدي جي مخالفت ڪرڻ عيب آهي ۽ الله عيب کان پاڪ آهي ان جي ڪري وعدي برخلافي نہ ڪندو ۽ جهڙي طرح وعدي برخلافي عيب آهي اهڙي طرح ڪوڙ هڻڻ بہ عيب آهي الله جل جلالہ ڪوڙ هڻڻ کان بہ پاڪ آهي ڪوڙ کي الله جل جلالہ جي لاءِ ممڪن چوڻ رب العزة جل جلالہ جي لاءِ عيب کي ممڪن چوڻ جي برابر ۽ سندس شان جي توهين ۽ ڪفر آهي.

لَهُمْ عَذَابٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ لَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَقُّ ۚ وَ

انهن لاءِ عذاب آهي حياتي دنيا جي ۾ ۽ البت آخرت جو عذاب تمام سخت آهي ۽

مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٣٤﴾ مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ۚ تَجْرِيْ

ناهي انهن لاءِ الله کان کو بچائيندڙ مثال بهشت جو جو وعدو ڏنا ويا پرهيزگار وهن ٿيون

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ اُكُلُهَا دَآئِمٌ وَّ ظِلُّهَا ۚ تِلْكَ عُقْبَى الَّذِيْنَ

هيٺان انهن جي نهرون ميوو انهن جو هميشه آهي ۽ ڇانو انهن جو اها پڇاڙي انهن جي آهي جو

اتَّقَوْا ۖ وَّ عُقْبَى الْكٰفِرِيْنَ النَّارُ ﴿٣٥﴾ وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ

پرهيزگار ٿيا ۽ پڇاڙي ڪافرن جي باهه آهي ۽ اهي جو ڏنوسون انهن کي ڪتاب

يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَ مِنَ الْاَحْزَابِ مَنْ يُّنْكِرُ بَعْضَهٗ ۚ

خوش ٿا ٿين ان تي جو نازل ڪيو ويو تو ڏانهن ۽ جماعتن مان ڪو اهو آهي جو انڪار ٿو ڪري ان جي بعض جو

قُلْ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ وَلَآ اُشْرِكَ بِهٖ ۚ

فرماءِ ته: مان ته صرف امر ڪيو ويو آهيان هي ته عبادت ڪيان الله جي ۽ نه شريڪ ڪيان ان سان

اِلَيْهِ اَدْعُوْا وَ اِلَيْهِ مَاٰبِ ﴿٣٦﴾

ان ڏانهن سڏيان ٿو ۽ ان ڏانهن موٽڻ منهنجو آهي

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ڪافرن جي غلط سوچ ۽ ڪفر جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن تي اچڻ واري عذاب جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "لَهُمْ عَذَابٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَقُّ ۚ وَمَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ" انهن لاءِ

دنيا جي حياتيءَ ۾ عذاب آهي ۽ البت آخرت جو عذاب تمام سخت آهي ۽ انهن لاءِ الله کان کوبہ بچائيندڙ ناهي مطلب تہ انهن ڪافرن کي دنيا ۾ بہ قتل، قيد ڪرڻ ۽ ٻين آسماني ۽ زميني آفتن سان عذاب ڪيو ويندو ۽ آخرت وارو عذاب تہ تمام سخت هوندو جيڪو ختم ئي نہ ٿيندو ۽ انهن لاءِ ڪو بچائيندڙ نہ هوندو ڇو تہ شفاعت بہ ان جي اذن کان سواءِ نہ هوندي ۽ ڪافر لاءِ تہ اذن شفاعت ئي نہ هوندو (١)

"مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِي وُعِدَ الْمُتَّقُونَ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ أُكُلُهَا دَائِمٌ وَظِلُّهَا تِلْكَ عُقْبَى الَّذِينَ اتَّقَوْا وَّعُقْبَى الْكَافِرِينَ النَّارُ" ان جنت جي صفت جنهن جو متقين کي وعدو ڏنو ويو آهي هيءَ آهي تہ ان جي (محلاتن جي) هيٺان نهرون ٿيون وهن ۽ ان جو ڪاڌو ۽ ڇانو هميشه هوندا اها انهن جي عاقبت (۽ انجام) آهي جيڪي متقي بنيا ۽ ڪافرن جي عاقبت باهہ آهي مطلب تہ بهشت وارن جون سڀ نعمتون ابدي آهن نہ ختم ٿينديون نہ خراب ٿينديون محدث بزار ۽ طبراني حضرت ثوبان رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "لَا يَنْزِعُ رَجُلٌ مِنْ أَهْلِ الْجَنَّةِ ثَمَرَهَا إِلَّا أُعِيدَ فِي مَكَانِهَا مِثْلُهَا" (٢)

يعني ڪوبہ جنتي جنت مان ميوو پٽيندو تہ ان جي جاءِ تي اهڙو ٻيو ميوو ورائي پيدا ڪيو ويندو ۽ ڪافرن جي عاقبت ۽ انجام ۽ ڪين ملڻ واري سزا جهنم جي باهہ آهي. "وَالَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ يَفْرَحُونَ بِمَا أُنْزِلَ إِلَيْكَ وَمِنَ الْأَحْزَابِ مَنْ يُنْكِرُ بَعْضَهُ" ۽ جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي اهي ان تي خوش ٿا ٿين جيڪو توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ جماعتن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو ان جي بعض جو انڪار ڪري ٿو- حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي تہ "اَلَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ" مان مراد اهي اهل ڪتاب آهن جن ايمان آندو هو جيئن حضرت عبدالله بن سلام، حضرت ڪعب الاحبار ۽ سندن تابع وغيرهم يا جيئن نجران مان چاليهن (٤٠) ڄڻن ۽ يمن مان اسي (٨٠) ڄڻن ۽ حبش جي سر زمين مان ٻٽيهن (٣٢) ڄڻن ايمان آندو هو اهي قرآن ڪريم جي نازل ٿيڻ تي خوش ٿيا هئا ڇو تہ قرآن ڪريم سان ڪين وڏيڪ عبادت ڪرڻ جو موقعو مليو هو. ۽ "وَمِنَ الْأَحْزَابِ مَنْ يُنْكِرُ بَعْضَهُ" مان مراد باقي نہ ايمان آڻيندڙ اهل ڪتاب ۽ مشرڪ هئا جيڪي قرآن پاڪ ٻڌڻ تي ئي راضي نہ هئا جيئن ڪعب بن اشرف ۽ ان جا ساٿي ۽ ٻيا ڪافر (٣)

---

(١) المراغي صہ١٠٨ جزء١٣ جلد٥

(٢) المظهري صہ ٢٤٣ جلد٥ (٣) التفسير الڪبير صہ٦٠ جزء ١٩ البيضاوي ڪامل صہ ٣٣٢

"قُلْ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَاللّٰهَ وَلَآ اُشْرِكَ بِهٖ اِلَيْهِ اَدْعُوْا وَاِلَيْهِ مَاٰبِ" فرماءِ ته: مان ته صرف هي امر ڪيو ويو آهيان ته الله جي عبادت ڪيان ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نه بنايان ان ڏانهن ئي مان سڏيان ٿو ۽ ان ڏانهن ئي منهنجو موٽڻ آهي هن جاءِ تي هر قسم جي شرڪ ۽ باطل معبودن جي نفي ڪئي وئي آهي پوءِ اهي سج، چنڊ، تارا، بت، ارواح علويه هجن يا مجوسين جي قول وانگر يزدان ۽ اهرمن هجن يا ٿنوين جي بقول روشني ۽ انڌيرو هجي الله جل شانه کان سواءِ ڪوبه عبادت جو لائق ناهي ۽ ان ڏانهن ئي مان سڏيان ٿو هي محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي طرفان پنهنجي نبي هجڻ جو اشارو آهي يعني مان صرف پاڻ الله جل جلاله جي عبادت نه ٿو ڪيان پر ان ڏانهن سڏيندڙ به آهيان ۽ ان ڏانهن ئي منهنجو موٽڻ آهي هن جمله ۾ ، حشر، نشر ۽ قيامت ڏانهن اشارو آهي ۽ جڏهن انسان هنن ٿورن لفظن تي غور ٿو ڪري ۽ سوچي ٿو ته ڪيس سمجهه ۾ ٿو اچي ته اهو دين ۾ اعتبار ڪيلن سيني مطلبن تي شامل آهن.

فائدا

هنن آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١. "لَهُمْ عَذَابٌ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" انهن (ڪافرن لاءِ ئي دنيا جي حياتيءَ ۾ عذاب آهي) مان واضح ٿيو ته دنيا ۾ هلندڙ مصيبتون ڪافرن لاءِ عذاب ۽ مومنن لاءِ درجات جي بلنديءَ جو باعث آهن اهو "لَهُمْ" ۾ تخصيص واري لام ۽ هم کي مقدم آڻڻ مان ثابت ٿي رهيو آهي.

٢. "وَمَالَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ" (۽ انهن لاءِ الله جي مقابلي ۾ عذاب کان ڪو بچائيندڙ ناهي) مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪافرن ۽ بدعقيده گستاخن کان بالڪل دور رهجي انهن جي طور طريقي، محفل، صحبت، وعظ، نصيحت ۽ ڪتابن کان بچڻ گهرجي ڇو ته جڏهن انهن لاءِ ڪو بچائيندڙ ناهي ته انهن سان محبت رکندڙن، دوستن ۽ صحبتين کي به ڪو بچائيندڙ نه هوندو.

٣. "وُعِدَالْمُتَّقُوْنَ" (متقي وعدو ڏنا ويا) مان واضح ٿيو ته ايمان کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ اهم تقويٰ آهي ڇو ته جنت جو وعدو متقين کي ڏنو ويو آهي پيا ان ۾ انهن جي طفيلي يا شفاعت ۽ پيارن جي وسيله سان داخل ٿيندا.

۴. "يَفۡرَحُوۡنَ بِمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ" (جيڪو توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ان تي خوش ٿا ٿين) مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ جي نعمت تي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ رب العزة جل جلالہ کي پسند آهي. جيڪڏهن قرآن پاڪ تي خوش ٿيڻ جائز آهي تہ صاحب قرآن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي ملڻ تي خوشي ملهائڻ بہ سهڻو ڪم آهي ان جي ڪري پڪا سني مسلمان آقا جي ميلاد جي عيد ملهائڻ کي محبوب عمل سمجهندا آهن.

۵. دنيا ۽ آخرت جو عذاب انهن لاءِ آهي جيڪي ڪفر تي مري ويا پر جيڪي مذڪوره آيتن جي نزول وقت تہ ڪافر هئا پر پوءِ مسلمان ٿي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جا سچا اصحابي بڻيا اهي ايمان جي صدقي جنت جا صاحب ۽ حقدار بڻيا مذڪور سزا صرف ڪافرن لاءِ بيان ٿي آهي.

وَكَذٰلِكَ اَنۡزَلۡنٰهُ حُكۡمًا عَرَبِيًّا ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعۡتَ اَهۡوَآءَهُمۡ بَعۡدَ

۽ اهڙي طرح نازل ڪيوسون ان کي حڪم عربي (۾) ۽ البت جيڪڏهن تابعداري ڪئي تو انهن جي سڌن جي پڄاڻان ان جي

مَا جَآءَكَ مِنَ الۡعِلۡمِ ۙ مَالَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِيٍّ وَّلَا وَاقٍ ﴿۳۷﴾ ع وَلَقَدۡ

جو آيو تو وٽ علم تہ ناهي تولاءِ الله جي طرفان ڪو مددگار ۽ نہ ڪو بچائيندڙ ۽ البت تحقيق

اَرۡسَلۡنَا رُسُلًا مِّنۡ قَبۡلِكَ وَجَعَلۡنَا لَهُمۡ اَزۡوَاجًا وَّذُرِّيَّةً ؕ وَمَا

موڪليوسون رسول اڳي توکان ڏنيوسون انهن کي زالون ۽ اولاد ۽ نہ ٿو

كَانَ لِرَسُوۡلٍ اَنۡ يَّاۡتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿۳۸﴾

هجي واسطي ڪنهن رسول جي تہ آڻي ڪو معجزو مگر الله جي اذن سان واسطي هر مدي جي لکت آهي

يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثۡبِتُ ۖۚ وَعِنۡدَهٗۤ اُمُّ الۡكِتٰبِ ﴿۳۹﴾

ميٽي ٿو الله جيڪي گهري ۽ ثابت ٿو رکي ۽ ان وٽ آهي اصل ڪتاب

وَاِنۡ مَّا نُرِيَنَّكَ بَعۡضَ الَّذِيۡ نَعِدُهُمۡ اَوۡ نَتَوَفَّيَنَّكَ

۽ جيڪڏهن ڏيکاريون توکي بعض اهو جو وعدو ٿا ڏيون انهن کي يا وفات ڪرايون توکي

فَاِنَّمَا عَلَيۡكَ الۡبَلٰغُ وَ عَلَيۡنَا الۡحِسَابُ ﴿۴۰﴾

پوءِ توتي صرف (پيغام) پهچائڻ آهي ۽ اسان تي حساب آهي.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافرن جي لاءِ ڪو بچائيندڙ نہ هوندو ۽ هتي مسلمانن کي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ: جيڪڏهن اوهان بہ انهن جي اتباع ڪئي تہ اوهان لاءِ بہ ڪو بچائيندڙ ميدان ۾ نہ ايندو ارشاد عالي آهي "وَكَذٰلِكَ اَنۡزَلۡنٰهُ حُكۡمًا عَرَبِيًّا" ۽ اهڙي طرح اسان ان کي عربي (زبان ۾) حڪم بنائي نازل ڪيو مطلب تہ: جيئن اهل ڪتاب کي توراة، انجيل، ۽ زبور انهن جي ٻولين ۾ لاهي ڏنا هئا سين تيئن اوهان ڏانهن قرآن پاڪ عربي زبان ۾ محڪم ڪري لاٿو اٿئون فرق هي آهي تہ اڳيان ڪتاب وقتي ۽ غيرمحڪم هئا ۽ قرآن ڪريم محڪم، مضبوط، اٽل ۽ قيامت تائين قائم رهندڙ آهي قرآن پاڪ الاهي ڪلام هجڻ، آسمان کان رمضان شريف ۾ نازل ٿيڻ، رب العزة جي طرفان قانون هجڻ ۾ ٻين اڳين نازل ڪيلن ڪتابن وانگر آهي پر دائمي پيغام حق هجڻ ۾ ٻين سان مشابهہ ناهي ۽ قرآن پاڪ کي "حُكۡمًا" ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان ۾ حلال، حرام ۽ سيني انهن شين جو بيان جن لاءِ عاقل، بالغ انسان محتاج آهن على وجه الحق چٽي امر سان آندل آهي (١)

"وَلَئِنِ اتَّبَعۡتَ اَهۡوَآءَهُمۡ بَعۡدَ مَا جَآءَكَ مِنَ الۡعِلۡمِ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِيٍّ وَّلَا وَاقٍ" ۽ جيڪڏهن تو انهن جي خواهشن جي ان کان پوءِ جو تو وٽ علم آيو پيروي ڪئي تہ تنهنجي لاءِ الله جي مقابلي ۾ ڪوبہ مددگار ۽ بچائيندڙ نہ هوندو هن آيت ۾ خطاب نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان آهي پر ان مان مراد سندن امت آهي (٢)

مطلب تہ! اي مسلمانو! ان جي باوجود جو اوهان کي اهو علم ٿي چڪو آهي تہ توراة، انجيل ۽ زبور منسوخ ٿي چڪا آهن بيت المقدس ڏانهن منهن ڪرڻ جي بجاءِ بيت الله ڏانهن منهن ڪرڻ جو حڪم اچي چڪو آهي. انهن يهودين،

(١) المراغي صہ١١٣ جزء ١٣جلد٥ (٢) القرطبي صہ٣٢٧ جلد٩

نصارن ۽ بد مذهبن گستاخن جي تابعداري ڪئي تہ پوءِ اوهان ڪي دنيا ۽ آخرت جي عذابن کان ڪوبہ بچائيندڙ نہ هوندو الله جل جلاله جي بارگاه ۾ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ غوث، قطب، ابدال، اوتاد انهن جا سفارشي ۽ مددگار آهن جيڪي گنهگار هجڻ سان گڏ سچا مومن ۽ پڪا مسلمان آهن جن ڪي غلط عقائد سان پري جو بہ واسطو ناهي (١) وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ وَجَعَلْنَا لَهُمْ اَزْوَاجًا وَّذُرِّيَّةً ۽ البت تحقيق اسان تو کان اڳ ۾ رسول موڪليا هئا ۽ انهن کي زالون ۽ اولاد ڏنو هو سون.

شان نزول

مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ: جڏهن يهودين حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي شادين ڪرڻ ۽ ڪين اولاد هجڻ کي عيب سمجهيو تڏهن الله تعالىٰ هي آيت نازل ڪئي (٢)

مطلب تہ: اي محبوب! (عليڪ الصلواة والسلام) اوهان کان اڳ ۾ جيڪي نبي اسان مبعوث فرمايا هئا انهن کي بہ اسان زالون ۽ اولاد ڏنو هو جڏهن انهن کي مڃڻ جي دعوىٰ ڪن ٿا ۽ انهن تي اعتراض نہ ٿا ڪن تہ پوءِ اوهان تي اعتراض ڇو ٿا ڪن؟ "وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ" ۽ ڪنهن بہ رسول جي لاءِ (ممڪن) ناهي جو الله جي اذن کان سواءِ ڪو معجزو (ظاهر ڪري) آڻي هر ڪنهن مدي لاءِ لکت آهي مطلب تہ: اي حبيب پاڪ! (عليڪ الصلواة والسلام) اوهان ۽ اوهان کان اڳي جيترا پيغمبر عليهم الصلواة والسلام آيا ڪنهن کي بہ الله جي اذن کان سواءِ اختيار ناهي جو ڪو معجزو ظاهر ڪري يا ڪا نشاني آڻي سگهي سمجهڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ الله جي اذن کان سواءِ ڪجهہ ڪرڻ جي نفي آهي. پر انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ عظام کان جيڪو ڪجهہ معجزي يا ڪرامت طور ظاهر ٿئي ٿو اهو سڀ الله جي اذن سان آهي ۽ تمام گهڻو آهي پر تفصيلي دلائل جي هتي گنجائش ناهي الله جي هر حڪم ۽ مدي جي لکت هوندي آهي مطلب تہ سڀ ڪجهہ لوح محفوظ ۾ لکيل آهي نہ گهٽ ٿيندو آهي نہ زياده ۽ نہ اڳتي ٿيندو آهي نہ پوئتي (٣) "يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتَابِ" الله جيڪي گهري تو ميٽي ٿو ۽ (جيڪي گهري ٿو) ثابت رکي ٿو ۽ ان وٽ ئي اصل ڪتاب آهي هي در اصل منڪرن جي طرفان هڪ اعتراض جو جواب آهي جيڪي چوندا هئا تہ قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيل

(١) نعيمي صہ٤١١ جلد١٣ (٢) تفسير ابو السعود صہ٢٧ جزء٥ (٣) تنويرالاذهان صہ٢٦٣ جلد١

احڪام انهن احڪام جي خلاف آهن جيڪي اڳي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيل هئا جيڪڏهن قرآن پاڪ به الله جل جلاله جي طرفان نازل ڪيل هجي ها ته انهن جي خلاف نه هجي ها. جواب ۾ سمجهايو ويو آهي ته: الله جل جلاله پنهنجن ٻانهن جي ڀلائي وڌيڪ ڄاڻي ٿو جيستائين پهريان نازل ڪيل احڪام ماڻهن جي بهتري، فوز ۽ فلاح جي لاءِ ضمانت هئا ته انهن کي باقي رکيو ويو ۽ جڏهن حالات مٽجڻ سان انهن جي افاديت نه رهي تڏهن انهن جي جاءِ تي اهڙا احڪام نازل ڪيا ويا آهن جيڪي موجوده حالات ۾ انساني معاشري جي لاءِ خير ۽ برڪت جو باعث آهن حڪيمانه لحاظ سان به اها ردو بدل اعتراض جي قابل ناهي اعتراض جي قابل ته اها ڳالهه هئي جو انهن احڪامن کي ائين ئي برقرار رکيو وڃي ها جن جي افاديت هاڻي ختم ٿي چڪي هئي ۽ هاڻي اهي انساني ترقيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي پون ها ۽ سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان هن آيت جو هي تفسير منقول آهي ته: جيڪو لوح محفوظ ۾ لکيل آهي ان مان جنهن شيءِ کي الله ميٽڻ ٿو گهري ته ميٽي ٿو ۽ جنهن کي ثابت رکڻ ٿو گهري ثابت رکي ٿو. (١)

تقدير جا قسم ۽ ان ۾ تبديلي ممڪن آهي يا نه؟

قرآن پاڪ جي مفسرن لکيو آهي ته: ڪيترين صحيح حديثن مان ثابت آهي ته نيڪ عملن ۽ دعا سان تقدير ۾ تبديلي ايندي آهي. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ آهي ته: مائٽي ڳنڍڻ عمر وڌڻ جو سبب هوندي آهي ۽ مسند امام احمد جي روايت آهي ته: ڪڏهن ڪڏهن انسان اهڙا گناهه ڪري ٿو جن جي ڪري رزق کان محروم ڪيو ويندو آهي ۽ دعا سان به تقدير بدلجي ويندي آهي ۽ ان کي تقدير معلق سڏيندا آهن ۽ ٻي ان کان به مٿي آهي جنهن ڏانهن "وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ" ۾ اشارو آيل آهي ان کي مبرم سڏيندا آهن علامه ابن ڪثير مختلف اقوال آڻي لکيو آهي ته: ومعنى هذه الاقوال ان الاقدار ينسخ الله ما يشاءُ منها ويثبت منها ما يشاءُ (٢)

يعني سيني قولن جو مقصد هي آهي ته الله تقديرن مان جنهن کي گهري ٿو ميٽي ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو ثابت رکي ٿو مفتي شفيع ديوبندي لکيو آهي ته مذڪوره آيت ۾ ان مضمون کي بيان ڪيو ويو آهي ته تقدير واري ڪتاب ۾ لکيل عمر، رزق، مصيبت ۽ راحت وغيره ۾ جيڪو تغير ۽ تبدل ڪنهن عمل يا دعا سان

(١) مظهري صـ٢٤٥جلد٥ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٥١٩جلد٢

ٿيندو آهي ان مان مراد اهو ڪتاب آهي جيڪو ملائڪن جي هٿ ۾ يا انهن جي علم ۾ هوندو آهي ڪڏهن ڪڏهن ڪو حڪم ڪنهن خاص شرط سان معلق ۽ وابسته هوندو آهي جڏهن اهو شرط نه ليندو آهي ته اهو حڪم به موجود نه ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن اهو شرط ملائڪن وٽ لکيل تحرير جي صورت ۾ هوندو آهي ۽ ڪڏهن لکيل نه هوندو آهي صرف علم الاهيءَ ۾ هوندو آهي ۽ جڏهن اهو حڪم بدلجي ويندو آهي ته سڀ حيرت ۾ پئجي ويندا آهن اهڙي قسم جي تقدير کي معلق چوندا آهن جنهن ۾ هن آيت جي تصريح مطابق محو ۽ اثبات ٿيندو رهندو آهي پر آيت جي آخري جمله "وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ" ٻڌايو آهي ته ان معلق تقدير ڪان مٿان هڪ تقدير مبرم به آهي جيڪا "اُمُّ الْكِتٰبِ" ۾ لکيل الله جل جلاله وٽ آهي. اها صرف علم الاهيءَ سان مخصوص آهي ان ۾ اهي احڪام لکيا ٿا وڃن جيڪي اعمال شرائط يا دعا ڪان پوءِ آخري نتيجي طور هوندا آهن انهن ۾ محو ۽ اثبات نه ٿيندو آهي(١)

ابن مردويه ۽ ابن عساڪر حضرت علي رضي الله تعالىٰ عنه ڪان روايت آندي آهي ته: ان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ هن آيت جي تفسير ٻڌائڻ لاءِ عرض ڪيو! پاڻ ڪيس فرمايائون ته "لَاُقِرَّنَّ عَيْنَكَ بِتَفْسِيْرِهَا وَلَاُقِرَّنَّ عَيْنَ اُمَّتِيْ بَعْدِيْ بِتَفْسِيْرِهَا اَلصَّدَقَةُ عَلٰى وَجْهِهَا وَبِرُّ الْوَالِدَيْنِ" وَاصْطِنَاعُ الْمَعْرُوْفِ يُحَوِّلُ الشَّقَاءَ سَعَادَةً وَيَزِيْدُ فِى الْعُمُرِ وَيَقِيْ مَصَارِعَ السُّوْءِ" (٢)

يعني مان ان آيت جو تفسير ٻڌائي تنهنجون ۽ مون ڪان بعد منهنجي امت جون اکيون ٺاريندس صحيح نموني صدقو ڏيڻ، والدين سان نيڪي ڪرڻ، ۽ چڱائيءَ جو ڪم ڪرڻ، برائيءَ کي نيڪ بختيءَ سان بدلائي عمر وڌائي، تڪليف وارين جاين ڪان بچائيندو آهي.

صحيحين ۾ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته: مون نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڪان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته: من سره ان يبسط له في رزقه وينساله في اثره فليصل رحمه" جنهن کي هيءَ ڳالهه پسند ٿي اچي ته ان جو رزق ڪشادو ڪيو وڃي يا سندن موت پوئتي ڪيو وڃي اهو پنهنجي مائٽي مٽي ڳنڍي. (٣)

انهن سڀني روايتن مان واضح آهي ته تقدير معلق ۾ تبديلي ٿيندي آهي.

---

(١) روح المعاني صہ١٧١جزء١٣ جلد٥(٢) ضياءُ القرآن صہ٤٩٥جلد٢

(٣) معارف القرآن صہ٢٠٤جلد٥

تقدير مبرم ۾ تبديليءَ جو حڪم

اڪثر ڀلارن فرمايو آهي تہ ان ۾ تبديلي نہ ٿيندي (١) ۽ حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني عليه الرحمتہ جن کان منقول آهي تہ مان: مبرم ۾ بہ تبديلي ڪرائي سگهان ٿو. پر محقق علماءَ جو فرمان آهي تہ: ان مان بہ اها تقدير مراد آهي جيڪا لوح محفوظ ۾ مبرم آهي پر الله جل شانه جي علم ۾ اها بہ معلق آهي (٢)

حضرت امام رباني عليه الرحمتہ جي دعا جو اثر

علامہ ثناءُ الله پاني پتي لکيو آهي تہ! هڪ ڀيري حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ڪشف جي نگاه سان ڏٺو تہ سندس ٻن صاحبزادن خواجه محمد سعيد ۽ خواجہ محمد معصوم جي استاد ملا طاهر لاهوري جي پيشانيءَ تي شقي (بدبخت) لکيو پيو آهي پاڻ اها ڳالهہ پنهنجن ٻنهي پٽن کي ٻڌايائون انهن ٻنهي پٽن کين عرض ڪيو تہ: اوهان دعا گهرو تہ الله جل شانه اسان جي استاد جي پيشانيءَ ۾ بدبخت هجڻ جي بجاءِ نيڪ بخت لکي ڇڏي. پاڻ فرمايائون تہ مون لوح محفوظ ۾ ڏٺو آهي تہ اها تقدير مبرم آهي ان کي بدلائي نہ ٿو سگهجي سندن فرزندن وري بہ اصرار ڪيو ڪين ياد آيو تہ حضرت غوث الثقلين سيد عبدالقادر جيلاني عليه الرحمتہ فرمايو آهي تہ: منهنجي دعا سان تقدير مبرم بہ بدلجي وڃي ٿي پوءِ پاڻ دعا گهريائون تہ: اي منهنجا الله! تنهنجي رحمت ڪشادي ۽ تنهنجو فضل ڪنهن هڪ تي بند ٿيندڙ ناهي مان تو ۾ اميد رکي تنهنجي ڪشادي فضل مان دعا ٿو گهران ملا طاهر جي پيشانيءَ مان شقاوت ميٽي سعادت لکڻ لاءِ منهنجي دعا ائين مقبول ڪر جيئن سيد، سند (حضرت عبدالقادر جيلاني) رضي الله عنه جي دعا قبول ڪئي هيئي، ان کان بعد ڏٺائون تہ شقي جي بجاءِ سعيد لکيو پيو هو (٣)

"وَاِنْ مَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ وَعَلَيْنَا الْحِسَابُ" ۽ جيڪڏهن ان جو بعض تو کي ڏيکاريون جنهن جو اسان انهن کي وعدو ڏيون ٿا يا تو کي وفات ڪرايون. تہ پوءِ توتي صرف (پيغام) پهچائڻ آهي ۽ اسان تي حساب آهي. مطلب تہ: اي محبوب! (عليڪ الصلواة والسلام) ڪفر کي ضرور شڪست ملندي حق بلند ٿيندو ان مان ڪجهہ اوهان جي هن (ظاهري) حياتيءَ ۾ پورو ٿيندو ۽ اوهان ڏسندا

---

(١) تنوير الايمان صہ ٦٠ پ ١٣ (٢) فتاوىٰ واحدي ص ٣جلد١

(٣) المظهري صہ٢٤٦جلد٥

۽ ڪجھ اوهان جي (ظاهري) رحلت کان پوءِ ظاهر ٿيندو. اوهان انهن ڪافرن جي ظلمن کان پريشان نہ ٿيو حق جو پيغام پهچائڻ اوهان تي ۽ ان جو حساب وٺڻ اسان تي آهي.

أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّا نَأْتِي الْأَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ أَطْرَافِهَا ۚ وَاللَّهُ

ڇا نہ ڏٺائون تہ تحقيق اسين اچون ٿا زمين کي گهٽايون ٿا ان کي پاسن ان جي کان ۽ الله

يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهِ ۚ وَهُوَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿٤١﴾ وَقَدْ مَكَرَ

حڪم ٿو فرمائي ناهي ڪو پوئتي ڪندڙ واسطي حڪم ان جي ۽ اهو جلد حساب ڪندڙ آهي ۽ تحقيق رٿ رٿي

الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلَّهِ الْمَكْرُ جَمِيعًا ۖ يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُ كُلُّ

انهن جو اڳي انهن کان هئا پوءِ الله جي لاءِ آهي رٿ سموري ڄاڻي ٿو جيڪي ڪمائي ٿو هر

نَفْسٍ ۗ وَسَيَعْلَمُ الْكُفَّارُ لِمَنْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٤٢﴾ وَيَقُولُ الَّذِينَ كَفَرُوا

نفس ۽ جلد ڄاڻندا ڪافر تہ ڪنهن لاءِ آخرت جو گهر آهي ۽ چون ٿا اهي جو ڪفر ڪيائون تہ

لَسْتَ مُرْسَلًا ۚ قُلْ كَفَىٰ بِاللَّهِ شَهِيدًا بَيْنِي وَبَيْنَكُمْ

ناهين تون پيغمبر فرماءِ تہ! ڪافي آهي الله شاهد منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾

وَمَنْ عِنْدَهُ عِلْمُ الْكِتَابِ ﴿٤٣﴾ ع

۽ اهو جو ان وٽ ڪتاب جو علم آهي.

ع٦ ٢

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ: اي محبوب! اوهان تي پيغام پهچائڻ آهي ۽ اسان تي حساب آهي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ ان حساب ۾ دير نہ ڪندا آهيون حساب ڪرڻ ۾ تڪڙا آهيون فرمان ايزدي آهي "أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّا نَأْتِي

الْأَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ أَطْرَافِهَا" ڇا نہ ڏٺائون تہ اسين زمين کي ان جي سيني طرفن کان گھٽائيندا اچون ٿا مطلب تہ هيءَ وسيع ڪشادي زمين جنهن تي ڪفر ۽ شرڪ جو انڌيرو ڇانيل آهي اتي اسلام جو سج روشني ڪندو ۽ ڪفر جو انڌيرو ڪٽندو ويندو مسلمانن جي فتوحات جو سلسلو شروع ٿيندو ۽ زمين کي چئني طرفن کان فتح ڪندا ڪفر کي سوڙهو ڪندا ايندا ۽ ان جو وسيع دائرو نهايت ٿورو ٿي ويندو. زمين کي چئني پاسن کان گھٽائڻ جو مطلب اسلام جو ان کي گھيرو ڪرڻ آهي "وَاللَّهُ يَحْكُمُ لَامُعَقِّبَ لِحُكْمِهِ" ۽ الله حڪم ٿو ڪري ان جي حڪم کي ڪوبہ پوئتي ڪندڙ ناهي مطلب تہ: ان جو تڪويني حڪم ۽ فيصلو اٽل آهي جڏهن وقت ايندو تہ ڪنهن کي بہ طاقت ناهي جو ان جي فيصلي ۽ حڪم کي پوئتي ڪري سگھي "وَهُوَ سَرِيعُ الْحِسَابِ" ۽ اهو حساب جو تڪڙو آهي يعني اهو ڪافرن کي سزا ۽ مومنن کي ثواب ڏيڻ ۾ دير نہ ڪندو ۽ نہ اهو سوچي پوءِ حساب ڪندو. اهو عام انسانن وانگر سوچڻ ۽ اڳرين تي حساب ڪرڻ کان بلند ۽ بالا آهي (١)

"وَقَدْ مَكَرَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلَّهِ الْمَكْرُ جَمِيعًا يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ وَسَيَعْلَمُ الْكُفَّارُ لِمَنْ عُقْبَى الدَّارِ" ۽ جيڪي انهن کان اڳي گذريا انهن بہ فريب ڪيا هئا پوءِ الله جي (قدرتي هٿ ۾ آهي) سمورن فريبن جي سزا ڏيڻ جيڪو بہ هر نفس ڪري ٿو (الله اهو) ڄاڻي ٿو ۽ ڪافر جلد ڄاڻندا تہ آخرت جو گھر ڪنهن جي لاءِ (خوشيون بخشيندڙ آهي) مطلب تہ هن کان پهريان بہ ڪافرن ۽ باطل جي پوڄارين سچ ۽ حق کي هيٺ ڏيکارڻ لاءِ مڪر ۽ فريب سان ڪوششون ڪيون هيون پر الله جل جلالہ پنهنجي قاهر قدرت سان انهن کي نيست ۽ نابود ڪري ڏيکاريو ڇو تہ ان جي قدرتي هٿ ۾ سيني مڪرن کي ناڪام بنائڻ جو اختيار آهي سڀ پاور ان جا آهن ڪوبہ نفس ڪو ڪم ڪري ٿو ڪليل ڪري يا لڪل رب العزة جل جلالہ سڀ ڄاڻي ٿو نہ ان جي اڳيان ٻين جا فريب هلي سگھندا نہ ان جي اذن کان سواءِ ڪنهن کي ڪو نقصان ڏئي سگھندا. ۽ ڪافر جلد ڄاڻندا تہ آخرت ۾ بهاريون ۽ سڪون ڏيندڙ گھر جنت ڪنهن جي لاءِ آهي؟ (٢)

"وَيَقُولُ الَّذِينَ كَفَرُوا لَسْتَ مُرْسَلًا قُلْ كَفَىٰ بِاللَّهِ شَهِيدًا بَيْنِي وَبَيْنَكُمْ وَمَنْ عِنْدَهُ عِلْمُ الْكِتَابِ" ۽ ڪافر چون ٿا تہ تون رسول ناهين فرماءِ تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ الله شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ جنهن وٽ ڪتاب جو علم آهي (اهي بہ شاهديءَ جي لاءِ ڪافي آهن.)

(١) القرطبي صہ٣٣٤جلد٩ (٢) زاد المسير صہ٣٤١ جلد٤

شان نزول

ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته يمن کان عيسائين جو هڪ عالم مدينه منوره ۾ آيو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان کي فرمايو ته: انجيل ۾ ڏٺو اٿئي ته مان الله جو رسول آهيان؟ ان چيو ته نه: پوءِ الله جل جلاله هيءَ آيت نازل ڪئي (١)

مطلب ته (اي حبيب! عليه الصلواة والسلام دشمنن جي انڪار سان ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن اهي اوهان کي الله جل شانه جو رسول نه ٿا مڃين ته اوهان بي فڪر رهي ڪين ٻڌايو ته منهنجي رسالت جو الله شاهد آهي ۽ اهو هڪ ئي ڪافي آهي پر ان هوندي به اهل ڪتاب جا عالم به منهنجي رسول هجڻ جا شاهد آهن.

"وَمَنْ عِنْدَهٗ عِلْمُ الْكِتَابِ" (۽ جنهن وٽ ڪتاب جو علم آهي) مان مراد ڪير آهي؟

ان ۾ مفسرن جا مختلف قول آهن ١. ته ان مان مراد توراة، انجيل جا مسلمان ٿيندڙ عالم آهن ڇو ته اهي انهن ڪتابن ۾ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جون صفتون ڏسندا هئا ۽ يقين رکندا هئا ته پاڻ الله جل شانه جا سچا رسول ۽ برحق نبي آهن جيئن حضرت عبدالله بن سلام، حضرت سلمان فارسي ۽ حضرت تميم داري رضي الله عنهم ٢. ته ان مان مراد خاص حضرت عبدالله بن سلام آهي حسن، مجاهد، عڪرمه، ابن زيد، ابن السائب ۽ مقاتل جو اهو قول آهي.

٣. ته ان مان مراد جبريل عليه السلام آهي (٢) ٤. ته هتي "الْكِتَابِ" مان مراد قرآن ڪريم آهي "مَنْ عِنْدَهٗ" مان مراد اهي متقي مومن آهن جن کي هن ڪتاب جو علم عطا ڪيو ويو آهي اهي هن جي صحيح معنىٰ، اسرار، نڪات ۽ اهڙي نظم کي ڏسي جنهن جي مثال پيش ڪرڻ کان انسان طاقت عاجز آهي شاهدي ڏين ٿا ته ان ڪتاب کي آڻيندڙ محبوب الله جل جلاله جو سچو ۽ برحق رسول آهي (٣) انهن مومنن مان سرفهرست حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر الفاروق، حضرت عثمان ذوالنورين ۽ حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنهم آهن (٤)

الحمدلله اڄ ٢٧ ذوالقعده ١٤٢٠هه الموافق ٥ مارچ ٢٠٠٠ع آچر ڏينهن ٨ لڳي ايڪيهن منٽن تي سورة الرعد جو تفسير لکي پورو ڪيم رب ڪريم جي بارگاه ۾ عرض آهي ته باقي تفسير به جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي.

(١) الدرالمنثور صـ٦٦٧جلد٤ ٢) زاد الميسر صـ٣٤٢جلد٤ (٣) البحر المحيط صـ٤٠١ جلد٥
(٤) ضياءُ القرآن صـ٤٩٧جلد٢

سورة ابراهيم جو تعارف

هن سورة مباركه جي تفسير ۾ هنن ستن (٧) ڳالهين کي ذهن نشين ڪرڻو آهي.

١. نالو . هن جو نالو سورة ابراهيم آهي. ڇو ته هن جي ڇهين رڪوع ۾ سيدنا ابراهيمؑ خليل علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو نالو مبارڪ آهي.

٢. رڪوعن، آيتن ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة ۾ ست (٧) رڪوع، ٻاونجاهہ (٥٢) آيتون، هڪ سئو ايڪهٺ (١٦١) ڪلما ٽي هزار چار سئو چوٽيهہ (٣۴٣۴) حرف آهن (١)

٣. مڪيه آهي يا مدنيه؟ هيءَ سورة مبارڪه مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي ان جي ڪري مڪيه آهي (٢) علامه سيوطيءَ ۽ علامه رازيءَ لکيو آهي ته هن سورة جون ٻه آيتون ٢٨. ٢٩. مدنيه آهن (٣)

۴. نزول جو زمانو. هيءَ سورة ان سال نازل ٿي هئي جڏهن ڪافرن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام ۽ سندن اصحابن رضي الله عنهم کان هر قسم جا تعلقات قطع ڪري وڌي زور، شور سان سندن مخالفت شروع ڪئي هئي ۽ ڪين صاف لفظن ۾ چيو هو ته اهي سندس دين واري دعوت کي ڪڏهن به قبول نه ڪندا ۽ اهي ڌمڪيون به ڏيڻ لڳا هئا ته جيڪڏهن اوهان اسلام کان باز نه آيا ته اوهان کي ساٿين سميت مڪه مڪرمه مان نيڪالي ڏئي ڪڍيو ويندو. اسين پنهنجي هن مرڪزي شهر ۾ اوهان جي ان حالت ۾ موجودگي گهڻي دير تائين برداشت ڪري نه سگهندا سون اهي صرف زباني ڌمڪيون نه هيون پر انهن ان سلسلي ۾ باقاعده منصوبا ناهڻ شروع ڪيا هئا تانته انهن ڌمڪين تي عمل به ڪيو وڃي ۽ ان لحاظ سان نتيجو اهو ٿو نڪري ته هيءَ سورة حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي مڪه مڪرمه ۾ رهائش جي آخري دور ۾ نازل ٿي هئي. والله اعلم

٥سورة الرعد سان مناسبت

هن سورة جي سورة الرعد سان مناسبت ٻن وجهن جي ڪري آهي "١" اڳئينءَ سورة ۾ ٻڌايو ويو ته الله جل جلاله قرآن ڪريم کي "حُكْمًا عَرَبِيًّا" ڪري نازل فرمايو

---

(١) ضياءُ القرآن صـ ۴٩٩ جلد٢ (٢) المراغي صـ ١٢٢ جزء١٣ جلد٥
(٣) الدرالمنثور صـ٣ جلد ٥ التفسير الكبير صـ ٧٢ جزء١٩

آهي ان حڪم جو ذڪر نہ هو هن سورة ۾ ان حڪم ڪي صراحت سان ذڪر ڪيو ويو آهي

"٢" اڳئين سورة ۾ بيان ٿيل آهي تہ "رسول جي لاءِ (ذاتي طور) اهو اختيار ناهي جو ڪا نشاني آڻي سگهي" ۽ هن سورة ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو نہ صرف هن رسول عليه الصلواة والسلام جي لاءِ حڪم آهي پر اڳيان پيغمبر عليهم الصلواة والسلام بہ ائين ئي ٻڌائي ويا هئا.

"٣" اڳئين سورة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي امر ٿيل هو تہ الله جل جلالہ تي توڪل ڪندو رهي ۽ هن سورة ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو امر اڳين پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام کي بہ ٿيل هو

"٤" اڳئين سورة ۾ حق ۽ باطل کي مثال سان سمجهايو ويو هو ۽ هن ۾ ٻہ ٻيا مثال ڏنا ويا آهن

"٥" اڳئين سورة ۾ آسمان کي بغير ٿنڀ جي مٿي بيهارڻ، زمين وڇائڻ. سج ۽ چنڊ کي مسخر ۽ مطيع ڪرڻ جو ذڪر هو تہ هن سورة ۾ بہ ساڳيو ذڪر آيل آهي

"٦" اڳئين سورة ۾ ڪافرن جي مڪر جو ذڪر هو هن ۾ ان ذڪر سان گڏ ڪجهہ وڌيڪ وصفون بيان ڪيل آهن(١)

٦. مضمون . هن سورة جي ابتداء ان حقيقت جي بيان سان ٿي آهي تہ الله جل جلالہ پنهنجي محبوب نبي عليه الصلواة والسلام کي قرآن ڪريم ڏئي ان لاءِ موڪليو آهي تہ ماڻهن کي اونداهين مان ڪڍي هدايت جي روشنيءَ ڏانهن آڻين تانت اهي الله جل جلالہ جي سڌي واٽ تي يقين سان هلن ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ حق جو انڪار ڪندڙ ڀاڻ تہ ڪفر ۽ شرڪ جي مهلڪ مرض ۾ مبتلا آهن پر ٻين کي بہ حق کان روڪي هلاڪ ڪري رهيا آهن.

حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو ذڪر ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ اهو ماڻهن کي هدايت ڪرڻ لاءِ توراة کڻي آيو هو ۽ اوهان قرآن پاڪ کڻي ماڻهن کي الله جون نعمتون ياد ڏياريو ٿا تانت اهي بہ شڪر ڪن مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن کي متنبه ڪيو ويو آهي تہ اوهان بہ اڳين ڪافرن وانگر منهنجي محبوب نبي عليه الصلواة والسلام کي ڌمڪيون ڏيو ٿا مگر ياد رکو جيئن اهي پاڻ هلاڪ ٿي ويا ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪاميابي ملي تيئن اوهان بہ ختم ٿي ويندؤ ۽

(١) المراغي صـ١٢٢جزء١٣ جلد٥

منهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام ۽ سندس تابعدارن کي ڪاميابي ۽ فتح نصيب ٿيندي ۽ جيئن ڪافرن جي گفتگو جي انداز مان لاپرواهي ۽ بيباڪي ظاهر هئي تيئن انهن جي ملامت ڪرڻ ۾ بہ قرآن ڪريم جو اندازِ بيان گهڻو سخت آهي هن سورة مبارڪه ۾ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي حالات جو ذڪر بہ آهي تہ انِ جي پيارو ارين دعائن جو بيان بہ آهي جيڪي سڀ قبول ٿيون ۽ انهن جا آثار مڪه مڪرمه ۾ نمايان طور نظر اچن ٿا سورة جي پڇاڙيءَ ۾ قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي پيش ايندڙ حالات کي پيش ڪري تنبيه ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن اوهان مان ڪو ماڻهو الاهي عذاب کان بچڻ گهري ٿو تہ اهو منهنجي محبوبؐ نبي عليه الصلواة والسلام جي دامن کي مضبوطيءَ سان وٺي ۽ اوهان جا مڪر پلي ڪٽي ايترا مضبوط هجن جو انهن سان جبل بہ پنهنجون جايون ڇڏي وجن مگر مان الله حق جو ۽ حق وارن جو محافظ آهيان اهي مڪر منهنجي اڳيان ڪامياب نہ ٿيندا هن سورة ۾ الله جل جلاله جي ناهيل شين مان سندس توحيد جا دلائل ڏنا ويا آهن ۽ قيامت ۾ اٿڻ، حساب ڏيڻ جو ذڪر ڪري ڪافرن کي سندن ابن ،ڏاڏن ڪافرن جي پويان هلڻ کان ڊيڄاريو ويو آهي تہ متان انهن تي بہ اهو عذاب لهي اچي جيڪو اڳين تي لٿو هو ۽ هن سورة کي جامع ڪلمات "هٰذَا بَلَاغٌ لِّلنَّاسِ" سان پورو ڪيو ويو آهي(١)

٧. **فضائل**:هن سورة جون پلايون بہ گهٽيون آهن مفسر بيضاوي لکيو آهي تہ: جيڪو هن سورة کي هڪ ڀيرو پڙهندو ان کي دنيا ۾ رهندڙ انسانن جي تعداد کان ڏهہ حصا وڌيڪ اجر ملندو(٢)صوفياءِ ڪرام فرمايو آهي تہ: جيڪو هن سورة کي روز ورد ڪري تلاوت ڪندو رهندوان جي قبر ۾ نور هوندو عاملين بزرگن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڪو جادو جي ڪري نامرد ٿي ويو آهي تہ اهو فجر نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ روزانو هيءَ سورة پڙهي ۽ مشڪ ۽ زعفران سان لکي پيئي تہ انشاءَ الله نامردي دور ٿي ويندس ۽ جيڪڏهن ڪو شخص هن سورة مبارڪه جو تعويذ ڪنهن ڪامل،عامل کان لڪائي ٻڌي تہ انشاءَ الله باذن الله ديني ۽ دنيوي گهڻا فائدا حاصل ڪندو رهندو. تقوىٰ ۽ پرهيزگاري شرط آهي(٣)

(١) بحرالعلوم صـ١٩٩جلد٢(٢) بيضاوي ڪامل صـ٣۴۴
(٣) نعيمي صـ٦٢۴جلد١٣

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

رُكُوعَاتُهَا (٧)	سُوۡرَةُ اِبۡرَاهِيۡمَ مَكِّيَّةٌ	اٰيَاتُهَا (٥٢)

الٓرٰ ۟ كِتَابٌ اَنۡزَلۡنَاهُ اِلَيۡكَ لِتُخۡرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمَاتِ اِلَى

الف لام را (هيءَ) ڪتاب آهي نازل ڪيو سون ان کي توڏانهن تانت ڪڍين ماڻهن کي انڌيرن مان

النُّوۡرِ ۙ بِاِذۡنِ رَبِّهِمۡ اِلٰى صِرَاطِ الۡعَزِيۡزِ الۡحَمِيۡدِ ۙ① اللّٰهِ الَّذِىۡ لَهٗ مَا

روشنائيءَ ڏانهن سندن رب جي اذن سان طرف واٽ غالب، ساراهيل جي معبود بالحق اهو جو ان جي ملڪيت آهي جيڪو

فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَوَيۡلٌ لِّلۡكَافِرِيۡنَ مِنۡ عَذَابٍ

آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي ۽ ويل آهي ڪافرن جي لاءِ عذاب

شَدِيۡدِ ۙ② الَّذِيۡنَ يَسۡتَحِبُّوۡنَ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا عَلَى الۡاٰخِرَةِ وَيَصُدُّوۡنَ

سخت جي ڪري اهي جو پسند ڪن ٿا حياتيءَ دنيويءَ کي آخرت تي ۽ روڪين ٿا

عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَيَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا ؕ اُولٰٓـئِكَ فِىۡ ضَلٰلٍۢ بَعِيۡدٍ ③

الله جي واٽ کان ۽ طلب ڪن ٿا ان کي ڏنگو اهي گمراهيءَ، پري واريءَ ۾ آهن

تفسير

سورة الرعد جي آخري آيتن ۾ جيڪي مضمون اختصار سان بيان ڪيا ويا هئاهي هتي تفصيل سان بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "الٓر. كِتَابٌ اَنْزَلْنَاهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمَاتِ اِلَى النُّوْرِ بِاِذْنِ رَبِّهِمْ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ" الر. هي مقطعات حروف آهن جن جي معنيٰ الله جل جلاله ۽ ان جي عطا سان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام ڄاڻن ٿا(١) ۽ حضرت مخدوم نوح هالائي عليه الرحمته ان جي معنيٰ لکي آهي: "منم آن خدائي ڪه مي بينم" (١) يعني مان اهو الله آهيان جيڪو ڏسان پيو - هي ڪتاب آهي ان کي توڏانهن نازل ڪيو

(١) نعيمي صـ٢٢٧ جلد١٣ (٢) فارسي ترجمه مخدوم نوح عليه الرحمته صـ٢٥٦

اٿئون تانت ماڻهن کي اونداهين مان ڪڍي روشنائيءَ ۾ آڻين سندن رب جي اذن سان غالب، ساراهيل جي واٽ ڏانهن - مطلب تہ اسان قرآن ڪريم کي توڏانهن ان لاءِ نازل ڪيو آهي تانت جهان جي سيني انسانن (انهن جي دور ڪان وٺي قيامت تائين اچڻ وارن) کي ڪفر، شرڪ ۽ بدعملن جي اونداهين مان ڪڍي ايمان جي نور ۽ روشنائيءَ ۾ آڻين "بِإِذْنِ رَبِّهِمْ" (سندن رب جي اذن سان) هتي رب جي لفظ آڻڻ ۾ ان طرف اشارو ملي ٿو تہ اهو سڀ انتظام ان جي ڪري ڪيو اٿس جو سيني جو پالڻهار آهي ۽ پاليل شئي تمام پياري هوندي آهي.

سوال: "لِتُخْرِجَ" (تانت تون ڪڍين) ۾ انڌيرن مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻڻ جي نسبت حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن ڪئي وئي آهي حالانڪ انڌيرن مان ڪڍڻ تہ الله جل جلالہ جو ڪم آهي

جواب: "بِإِذْنِ رَبِّهِمْ" اٿي ان شبهي جو ازالو ڪيو ويو آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن الله جي اذن سان انڌيرن مان ڪڍي سگهن ٿا (١) ۽ هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي انڌيرن مان ڪڍڻ لاءِ عرض ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو بالڪل جائز آهي ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ ڪوبہ شخص حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي واسطي کان سواءِ قرآن ڪريم سان بہ انڌيرن مان نڪري نور ڏانهن نہ ايندو ۽ نہ هدايت حاصل ڪري سگهندو ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ! حضور عليه الصلواة والسلام جي ذريعي ئي قرآن ڪريم سان بيا هدايت حاصل ڪندا، حضور عليه الصلواة والسلام پاڻ تہ اول کان ئي هدايت تي آهن ۽ ٻين کي نور ۾ آڻيندا پاڻ تہ اول ئي نور آهن ۽ "إِلَىٰ صِرَاطِ الْعَزِيزِ الْحَمِيدِ" (غالب ساراهيل جي واٽ ڏانهن) ترڪيب ۾ "إِلَى النُّورِ" کان بدل آهي مطلب تہ نور مان مراد الله جل جلالہ جي ٻڌايل واٽ آهي "اللَّهِ الَّذِي لَهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ" اهو معبود بالحق جنهن جي ملڪيت ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي مطلب تہ ساري مخلوق حقيقت ۾ ان جي ملڪيت آهي، بظاهر جيڪڏهن ڪو ڪنهن شئي جو مالڪ ڏسجي ٿو تہ ڀلي هجي پر حقيقي مالڪ صرف الله آهي "وَوَيْلٌ لِّلْكَافِرِينَ مِنْ عَذَابٍ شَدِيدٍ" ۽ ڪافرن جي لاءِ سخت عذاب جي ڪري ويل آهي. يعني اي محبوب! (عليه الصلواة والسلام) اوهان جي مخالفت ڪرڻ ۽ نہ مڃڻ جي ڪري اهي قيامت جي ڏينهن سخت عذاب ۾ هوندا انهن لاءِ هلاڪت ئي هلاڪت آهي (٢)

(١) معارف القرآن صہ٢٠٧جلد٥ (٢) ابن ڪثير صہ٥٢٢جلد٢

"اَلَّذِيْنَ يَسْتَحِبُّوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا" جيڪي دنيا جي حياتيءَ کي آخرت کان وڌيڪ پسند ڪن ٿا ۽ الله جي واٽ کان روڪين ٿا ۽ ان کي ڏنگو طلب ڪن ٿا هن آيت ۾ قرآن پاڪ جي منڪرن ڪافرن جا ٽي حال بيان ڪيا ويا آهن "١" ته اهي دنيوي زندگيءَ کي اخروي زندگيءَ کان زياده پسند ڪن ٿا ان جي ڪري دنيوي لالچ رکي آخرت جو عذاب گوارا ڪن ٿا. "٢" ته پاڻ ته انڌيرن ۾ آهن پر ٻين کي به الله جي واٽ کان روڪي انڌيرن ۾ رکن ٿا "٣" ته اهي پنهنجي باطن بري هجڻ جي ڪري ان فڪر ۾ لڳا رهن ٿا ته الله جي سڌي رستي ۾ ڪا ڏنگائي ۽ خرابي نظر اچي "اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍۢ بَعِيْدٍ" اهي پري واريءَ گمراهيءَ ۾ آهن مطلب ته اهي حق جي رستي کان هٽي گمراهيءَ ۾ ايترو پري وڃي پهتا آهن جو انهن جو سڌيءَ وٽ تي اچڻ مشڪل آهي حضرت ابن عباس جو فرمان آهي ته! جنهن ماڻهوءَ ۾ به اهي مذڪوره ٽئي عادتون هونديون اهو هن آيت جي حڪم ۾ داخل آهي (١)

فائدا

مذڪوره آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿيا "١" "لِتُخْرِجَ النَّاسَ" (تانت تون ماڻهن کي ڪڍين) ۾ انڌيرن مان ڪڍڻ جي حضور عليه الصلواة والسلام ڏانهن نسبت مان ثابت ٿيو ته سندن ئي دامن سان وابسته رهڻ ۾ نجات ۽ ڪاميابي آهي سندن دروازي تي دل سان وڃڻ کان سواءِ هدايت ۽ قلب جو نور حاصل نه ٿيندو "٢" "اَلنَّاسَ" (ماڻهن کي) مان ثابت ٿيو ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام ڪنهن خاص قوم يا قبيلي لاءِ نه پر پوري انسان ذات لاءِ رهبر آهن "النَّاسَ" ۾ نه علائقي جو قيد آهي نه زماني جو ۽ اهو شان صرف ڪين عطا ٿيو آهي ان ۾ ٻيو ڪوبه نبي ساڻن شريڪ ناهي "٣" "اِلَى النُّوْرِ" (نور ڏانهن) مان ثابت ٿيو ته محبوب ڪريم عليه التحية والتسليم جن ڏانهن اچڻ ئي نور ڏانهن اچڻ آهي جو ته پاڻ ايمان وارن کي ڪفر کان جدا ڪري پنهنجي ڪرم جي دامن ۾ پناهه ڏيندڙ آهن "٤" "اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ" مان واضح ٿيو ته! ٻين رستن، يهوديت، عيسائيت، مرزائيت وغيره ڏانهن سڏڻ وارا گهڻا آهن مگر رب العزة جل جلاله جي ٻڌايل رستي ڏانهن سڏيندڙ ۽ ان سان ملائيندڙ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن آهن ٻين جي سڏ تي وڃڻ وارو ٻين سان ملي عذاب ۾ ويندو، حضرت حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم جي سڏ کي لبيڪ چوڻ

(١) القرطبي ص ٣٤٠ جلد٩

وارو اللهﷻ ملي بلند ۽ بهشتي باغن جو بهارون ماڻيندو "٥" "لَهٗ" ۾ لام تمليڪ جو آهي جنهن مان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله جو نه پٽ آهي نه نياڻي نه زال ڇو ته اهي ملڪيت نه هوندا آهن ۽ هر شئي الله جي ملڪيت آهي

وَمَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوۡمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمۡؕ

۽ نه موڪليو سون ڪو رسول مگر ان قوم جي ٻوليءَ سان تانته بيان ڪري انهن لاءِ

فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنۡ يَّشَآءُ وَيَهۡدِیۡ مَنۡ يَّشَآءُؕ وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ

پوءِ گمراهه ڪري ٿو الله جنهن کي گهري ۽ هدايت ٿو ڪري جنهن کي گهري ۽ اهو ئي غالب،

الۡحَكِيۡمُ ﴿۴﴾ وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اَنۡ اَخۡرِجۡ

حڪمت وارو آهي ۽ البت تحقيق موڪليو سون موسىٰ کي نشانين پنهنجن سان ته ڪڍ تون

قَوۡمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ ۙ وَذَكِّرۡهُمۡ بِاَيّٰٮمِ اللّٰهِ ؕ

پنهنجيءَ قوم کي انڌيرن مان روشنيءَ ڏانهن ۽ ياد ڏيار انهن کي الله جا ڏينهن

اِنَّ فِىۡ ذٰ لِكَ لَاٰيٰتٍ لِّـكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوۡرٍ ﴿۵﴾

بيشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن هر صبر ڪندڙ شڪر ڪندڙ جي لاءِ

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن انڌيرن مان ڪڍي نور ۾ آڻين ٿا ۽ هنن آيتن ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي ته ان نور ڏانهن آڻڻ ۽ هدايت ڪرڻ رب العزة جل جلاله جي قدرت جي اختيار ۾ آهي اهو جنهن ۾ هدايت جي نور لاءِ طلب ڏسي ٿو ان کي هدايت نصيب ڪري ٿو ارشاد عالي آهي "وَمَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوۡمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمۡ" ۽ اسان ڪوبه

رسول موڪليو تہ ان جي قوم جي ٻوليءَ سان تانت انهن لاءِ (احڪام الاهي انهن جي ٻوليءَ ۾) بيان ڪري.

هن آيت جي هن حصي ۾ الله جل جلاله جي ان نعمت ۽ سهوليت جو ذڪر آهي تہ الله جل شانه جڏهن بہ ڪنهن قوم ڏانهن ڪو رسول موڪليو آهي تہ ان قوم جي ٻوليءَ وارو موڪليو آهي تانت انهن کي شرعي احڪام سمجهائڻ ۾ آساني رهي هر نبي پنهنجي امت جي ٻولي ڳالهائيندو ۽ سمجهندو هو يا تہ اها ان جي مادري ۽ پيدائشي زبان هوندي هئي يا الله جل جلاله اهڙا اسباب پيدا فرمايا جو اهو ان قوم جي زبان سکي ويو. جيئن حضرت لوط عليه السلام جيتوڻيڪ پاڻ اصل عراق جو رهاڪو هو جتي جي زبان فارسي هئي پر شام ملڪ ڏانهن هجرت ڪرڻ ڪان پوءِ انهن ماڻهن مان شادي ڪيائين ۽ شامين واري زبان ئي سندس زبان بنجي وئي پاڻ شام جي هڪ خطي جا نبي ٿي رهيا (١)

حضور عليه الصلواة والسلام جن سڀ ٻوليون ڄاڻندا آهن

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضرت نبي مڪرم ،محبوب معظم، صلی الله عليه وسلم جن ساري مخلوق،جن، انس، حيوانات، نباتات ۽ جمادات جي لاءِ نبيّ آهن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: وَمَآ اَرْسَلْنَاكَ اِلَّا رَحْمَتً لِّلْعَالَمِيْنَ (٢) اسان تو کي سيني جهانن لاءِ رحمت بنائي موڪليو آهي ٻيءَ آيت ۾ ارشاد آهي "لِيَكُوْنَ لِلْعَالَمِيْنَ نَذِيْرًا" (٣) تانت جهانن جي لاءِ ڊيڄاريندڙ هجي ٽينءَ آيت ۾ فرمان عالي شان آهي "قُلْ يَاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا "(٤)اي انسانو! مان اوهان سيني ڏانهن الله جو رسول آهيان اهڙي طرح نبوي حديثن مان ثابت آهي

امام مسلم حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان ڏڪهي روايت آندي آهي جنهن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو هي فرمان مبارڪ آهي "اُرْسِلْتُ اِلَى الْخَلْقِ كَافَّةً"(٥) مان الله جي ساري مخلوق ڏانهن رسول بنائي موڪليو ويو آهيان نتيجو نڪتو تہ پاڻ ساري مخلوق جي لاءِ الله جا نبيّ آهن ۽ جڏهن هر نبي پنهنجي امت جي ٻولي ڄاڻندو آهي تہ پاڻ صلی الله عليه وسلم جن بہ ساري مخلوق جون ٻوليون ڄاڻن ٿا سيرت نبويه علیٰ صاحبها الصلواة والسلام جي مطالعي ڪندڙن تي بخوبي واضح آهي تہ سندن

(١) معارف القرآن صہ ٢١٢جلد٥ (٢) سورة الانبياءِ آيت ١٠٧ (٣) سورة الفرقان آيت ١ (٤) سورة الاعراف آيت ١٥٨ (٥) مشڪواة المصابيح صہ٥١٢

دربار ۾ اٺن، پکين، گڏھ ۽ ٻين جانورن عرض ڪيا پاڻ اهي سمجهي انهن جا عرض پورا ڪيائون جيڪڏهن انهن جون ٻوليون نہ ڄاڻن ها تہ ڪيئن سمجهن ها پوءِ ائين لکڻ تہ پاڻ اردو اسان جي مدرسي سان واسطي رکڻ کان پوءِ سکيا سخت بي ادبي ۽ گستاخي آهي ۽ گستاخ جي سزا هر پڪو مسلمان مومن سمجهي سگهي ٿو. "اعاذنا الله وجميع المسلمين من سوء الادب مع الحبيب الكريم عليه التحية والتسليم.

قرآن ڪريم عربي ٻوليءَ ۾ ڇو آيو؟

سوال: جڏهن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن ساري مخلوق جا نبي آهن ۽ سيني جون ٻوليون ڄاڻن ٿا تہ ڪين عطا ٿيل قرآن ڪريم صرف هڪ عربي زبان ۾ ڇو نازل ٿيو؟

جواب: جيڪڏهن غور ۽ فڪر کان ڪم ورتو وڃي تہ جواب صاف آهي هر شخص سمجهي سگهي ٿو تہ رسول اڪرم ، حبيب اعظم ، عليه التحية والتسليم جن جي بعثت ۽ دعوت جڏهن تہ اقوام عالم لاءِ عام آهي جن ۾ هزارين ٻوليون رائج آهن تہ انهن جي هدايت لاءِ ٻہ صورتون ممڪن هيون "١" تہ قرآن ڪريم هر قوم جي ٻوليءَ ۾ جدا جدا نازل ٿئي ها ۽ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جون هدايتون بہ هر قوم جي جدا جدا ٻوليءَ ۾ هجن ها الله جل شانه جي ڪامل قدرت جي اڳيان ائين ڪرڻ بہ مشڪل نہ هو پر اقوام عالم جي لاءِ هڪ رسول (عليه الصلواة والسلام) هڪ ڪتاب ۽ هڪ شريعت موڪلڻ جو جيڪو عظيم مقصد سيني ۾ اخلاقي، معاشرتي ۽ ديني وحدت ۽ يڪجهتي پيدا ڪرڻ هو اهو ان صورت ۾ حاصل نہ ٿئي ها ان کان سواءِ جيڪڏهن هر قوم ، هر ملڪ جو قرآن ۽ حديث جدا جدا زبانن ۾ هجن ها تہ ان ۾ قرآن ڪريم جي تحريف جا بي شمار رستا کلن ها ۽ قرآن ڪريم جي تحريف کان محفوظ هجڻ (جنهن کي تسليم ڪرڻ کان سواءِ منڪرن ۽ مخالفن کي بہ ڪو رستو نہ آهي)واري خصوصيت قائم نہ رهي ها ۽ هڪ ئي دين، هڪ ئي ڪتاب جي هوندي ان کي مڃڻ وارن جا مختلف رستا هجن ها ۽ وحدت ملت جو نقطو قائم نہ رهي ها ۽ هاڻي تعبير ۽ تفسير ۾ اختلافات جي باوجود مسلمانن جي قومي وحدت ۽ تشخص موجود آهي ان جي ڪري ضروري هو تہ قرآن پاڪ ڪنهن هڪ زبان ۾ هجي ۽ رسول پاڪ عليه الصلواة والسلام جي زبان بہ اها هجي ۽ ان لاءِ عربي ٻولي ان جي ڪري مخصوص ڪئي وئي جو اها آسمانن جي دفتري ٻولي هجڻ سان گڏ ملائڪن جي بہ ٻولي آهي لوح محفوظ ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو ويو آهي سو بہ عربي ٻوليءَ ۾ آهي جيئن "بَلْ هُوَ قُرْآنٌ مَّجِيدٌ فِي

لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ" مان واضح آهي ۽ جنت جيڪا انسان جو اصلي ۽ دائمي وطن آهي ان ۾ به عربي ٻولي آهي طبراني، المستدرڪ ۾ حاڪم ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اَحِبُّوا الْعَرَبَ لِثَلَاثَةٍ لِاَنِّيْ عَرَبِيٌّ وَالْقُرْآنُ عَرَبِيٌّ وَكَلَامُ اَهْلِ الْجَنَّةِ عَرَبِيٌّ" عربن سان ٽن سببن جي ڪري محبت رکو ڇو تہ مان عربي آهيان ۽ قرآن عربي آهي ۽ جنت وارن جي ٻولي بہ عربي آهي هن روايت کي المستدرڪ ۾ حاڪم صحيح چيو آهي ۽ جنت ۾ حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي زبان بہ عربي هئي ۽ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما ۽ ٻين کان اهي روايتون بہ آيل آهن تہ: اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام ڏانهن جيڪي ڪتاب نازل ڪيا ويا هئا اهي بہ جبريل ڏانهن اصل عربيءَ ٻوليءَ ۾ وحي ڪيا ويا هئا پوءِ جبريل انهن کي هر نبي ڏانهن سندن زبان ۾ ڪٿي تي ويو (١)

۽ شايد اهو ئي سبب آهي جو قرآن پاڪ جيڪو اصل بہ عربي آهي نازل بہ عربيءَ ۾ ٿيو آهي ان جهڙو ڪتاب تہ ڇا پر ان جي هڪ آيت جهڙي آيت پيش ڪرڻ ڪان بہ دنيا وارا قيامت تائين عاجز آهن ۽ ٻين ڪتابن اهڙو چئلنج نہ ڏنو ڇو تہ اهي اصل عربي زبان جي بجاءِ ٻين ٻولين ۾ نازل ٿيا هئا ۽ قرآن پاڪ ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن لاءِ عربي ٻوليءَ کي منتخب ڪرڻ ۾ هڪ اها خاصيت بہ آهي جو اها بيشمار ذاتي صلاحيتن تي بہ مشتمل آهي ۽ الله جل جلالہ ان کي سمجهڻ ۽ سکڻ جي لاءِ انسانن ۾ فطري صلاحيت بہ رکي ڇڏي آهي جنهن جي ڪري هر شخص آسانيءَ سان عربي ڳالهائي ۽ سمجهي ويندو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو اصحاب ڪرام عليهم الرضوان جنهن بہ ملڪ ۾ پهتا تہ اتي جا رهاڪو آسانيءَ سان عربي سکي ويا ۽ سمجهڻ لڳا.

۽ عربي زبان جي خصوصيتن مان هي بہ آهي جو الله جل جلالہ پنهنجي آخري ۽ محبوب نبي عليه الصلواة والسلام کي بہ ان قوم مان مبعوث فرمايو جن جي زبان عربي آهي ۽ حضور عليه السلام جن حق جو پيغام بہ اول، اول انهن کي پهچايو ۽ سندن خدمت ۾ جوءِ چئي اول اول قربان ٿيڻ جي لاءِ بہ اهي پهتا ۽ انهن تي نبوي تعليم جو اهڙو رنگ چڙهيو جو انهن پوري دنيا ۾ هڪ مثالي معاشرو قائم ڪري ڏيکاريو انهن کي ئي

(١) الدرالمنثور صہ٤ جلد ٥

قرآني تعليمات عام ڪرڻ لاءِ فرمايائون "بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً" يعني مون کان هڪ آيت ٻڌو ته به اها ساري امت کي پهچايو ۽ انهن جان نثارن ان هدايت تي عمل ڪندي قرآن ڪريم ۽ ان جي تعليمات کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ لاءِ ايتري محنت ڪئي جو سندن ظاهري رحلت کي پنجويهه سال ئي نه گذريا ته قرآن ڪريم جو آواز مشرق ۽ مغرب تائين ٻڌڻ ۾ آيو ٻئي طرف الله جل شانه نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جي امت کي تقديري ۽ تڪويني طور پڙهڻ، پڙهائڻ، تصنيف، تاليف، تبليغ ۽ اشاعت جو اهڙو ملڪو ۽ جذبو عطا فرمايو جو ان جو مثال دنيا جي اڳيئين تاريخ ۾ نه ٿو ملي ان جي نتيجي ۾ غير عرب قومن نه صرف قرآن ۽ سنت جي علوم حاصل ڪرڻ جو بي پناهه شوق رکيو پر عربي زبان جي ترقي، ترويج ۽ تشهير ۾ عربن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا ۽ هيءَ هڪ حيرت انگيز حقيقت آهي جو هن وقت عربي لغت، محاورات ۽ ان جي قواعد، صرف، نحو (گرامر) تي جيترا ڪتاب دنيا ۾ موجود آهن اهي گهڻا غير عربن جا لکيل آهن قرآن ڪريم ۽ سنت جي جمع ۽ تدوين، تفسير ۽ تشريح ۾ انهن جو حصو عربن کان گهٽ نه آهي اهڙي طرح حضور عليه الصلواة والسلام ۽ قرآن ڪريم جي عربي ٻولي پوري دنيا تي محيط آهي ۽ دين جي دعوت ۽ پيغام بلڪ ڪيترين ڳالهين ۾ عرب ۽ عجم جو فرق ميٽجي ويو هو بلڪ هر قوم ۾ ۽ هر ٻوليءَ ۾ اهڙا علماءَ پيدا ٿيا جن قرآن ۽ سنت جي تعليمات کي پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ گهر گهر پهچايو ۽ هن رسول کي پنهنجي قومي زبان سان موڪلڻ ۾ جيڪا حڪمت هئي اها حاصل ٿي. آخر ۾ ٻڌايو ويو ته اهو رسول پنهنجي قوم جي ٻولي ڳالهائيندڙ ان جي ڪري موڪليو ويو تانت انهن لاءِ دين کي آسانيءَ سان بيان ڪري ۽ سمجهائي " فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ " پوءِ الله جنهن کي گهري ٿو گمراهه ٿو ڪري ۽ جنهن کي گهري ٿو هدايت ٿو ڪري ۽ اهوئي غالب، حڪمت وارو آهي. مطلب ته هدايت ۽ گمراهي ڪنهن انسان جي وس ۾ نه آهي. الله عليم بذات الصدور ٻانهي جي طبيعت ۽ خواهشات کي ڄاڻي ٿو جيڪو حق لاءِ طلب ۽ تڙپ رکي ٿو ان کي هدايت ڪري ٿو ۽ جيڪو ٻراين جو فڪرمند آهي ان کي هدايت جي بجاءِ گمراهي ملندي آهي. " وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اَنْ اَخْرِجْ قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى

النُّوۡرِ وَذَكِّرۡهُمۡ بِاَيّٰمِ اللّٰهِ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوۡرٍ" البت تحقيق اسان موسیٰ کـي پنهنجين نشانين سان موڪليو تہ پنهنجي قوم کي انڌيرن مان روشنيءَ ڏانهن ڪڍ ۽ انهن کي الله جا ڏينهن ياد ڏيار يقينًا ان ۾ هر صبر ڪندڙ، شڪر ڪندڙ جي لاءِ نشانيون آهن مطلب تہ اسان موسیٰ (عليه الصلواة والسلام) کي پنهنجي طرفان نشانيون (معجزا) ڏئي رسول بنائي موڪليو هو تہ پنهنجي قوم کي انڌيرن مان ڪڍي روشنائيءَ ڏانهن آڻ ۽ انهن کي گذريل واقعا ۽ الله جي نعمتن وارا ڏينهن ياد ڏيار - يقينًا هر صبر ڪندڙ، شڪر ڪندڙ لاءِ ان ۾ نشانيون آهن. هتي موسیٰ علیٰ نبيناوعليه الصلواة والسلام کي جن آيات (نشانين) ملڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ان مان توراة جون آيتون بہ مراد ٿي سگهن ٿيون تہ حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام کي مليل معجزا بہ مراد ٿي سگهن ٿا ڪيس ٩ معجزا خاص طور عطا ٿيل هئا جن مان لٺ جو نانگ بنجڻ ۽ هٿ جو روشن ٿيڻ تہ قرآن ڪريم ۾ ڪيترن مقامن تي مذڪور آهي.

هڪ نڪتو

هن آيت ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي حڪم ٿيل هو تہ پنهنجي قوم کي انڌيرن مان روشنيءَ ڏانهن ڪڍ ۽ هن سورة جي منڍ ۾ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن کي حڪم آهي تہ "لِتُخۡرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ" تانت سڀني ماڻهن کي اونداهين مان روشنيءَ ڏانهن ڪڍين. ان ۾ هن ڳالهہ ڏانهن رهنمائي ڪئي وئي آهي تہ حضرت موسیٰ عليه الصلواة والسلام جي نبوت ۽ بعثت صرف پنهنجيءَ بني اسرائيل ۽ مصري قومن لاءِ هئي ۽ حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي بعثت دنيا جي سڀني انسانن ۽ قومن لاءِ آهي.

" اَيّٰمِ اللّٰهِ" (الله جا ڏينهن) مان مراد ڇا آهي؟

ايام يوم جو جمع آهي - يوم جي معنیٰ ڏينهن ۽ ايام الله مان بہ معنائون مراد آهن (١) اهي ڏينهن جن ۾ اڳيون امتون عذاب سان هلاڪ، تباهہ ۽ برباد ڪيون ويون يا جيئن حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم وارا فرعون جي قهري ڪاروائين جو شڪار رهيا ۽ انهن جي ياد ڏيارڻ سان سندس قوم کي ڪفر جي سزا ۽ برو انجام ذهن ۾ ايندو ۽ ڊڄي ڪري ڪفر کان بچندا (٢) اهي ڏينهن جن ۾ الله جل

جلالـه انهن تي احسان ۽ مهربانيون فرمايون جو فرعونين جي عذابن کان آزاد ٿيا ۽ منُّ ۽ سلوىٰ جهڙا کاڌا ملين وغيره وغيره. اهي ان جي ڪري ڪين ياد ڏياريا ٿا وڃن تہ احسان جو قدر ڪندي محسن ڏانهن موٽن ۽ مخالفت ۽ بي فرمانيءَ کان شرمائجن.

فائدا: مذڪوره آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١: "لِتُخۡرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ" (تانت ماڻهن کي انڌيرن مان روشنيءَ ڏانهن ڪڍين) مان ثابت ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن ڪنهن ڪم جي مجازاً نسبت ڪرڻ مثلاً شفا ڏين، فائدو ڏين، فيض ڏين وغيره چوڻ جائز آهي ڇو تہ "لِتُخۡرِجَ" ۾ انڌيرن مان ڪڍڻ جي نسبت رب العزت جل جلالہ پاڻ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن ڪئي آهي ائين چوڻ شرڪ، ڪفر ۽ ناجائز ناهي.

٢: "اِلَى النُّوۡرِ" (نور ڏانهن) مان مراد پاڻ ڏانهن ۽ پنهنجي هدايتن ڏانهن ڪڍڻ آهي. جنهن مان نتيجو نڪري ٿو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن پاڻ بہ نور آهن تہ سندن فرمان ۽ هدايتون بہ نور آهن پاڻ خِلقتًا جسماني طرح بہ نور آهن جيئن نبوي احاديث مان واضح آهي ڏسو مون عاجز جو ان موضوع تي لکيل ڪتاب "مفتاح السرور" اهوئي سبب آهي جو ظلمٰت جمع جي مقابلي ۾ "نُوۡرِ" واحد آندو ويو آهي.

(٣) "ذَكِّرۡهُمۡ بِاَيّٰٮمِ اللّٰهِ" (انهن کي الله جا ڏينهن ياد ڏيار) مان ثابت ٿيو تہ جن ڏينهن ۾ نعمتون نصيب ٿين اهي ملهائڻ، ياد ڏيارڻ واجب آهن ڇو تہ "ذَكِّرۡ" امر جو صيغو آهي ۽ امر اصلي معنىٰ ۾ وجوب لاءِ هوندو آهي. ان جي ڪري اهل السنة والجماعة وارا محفل ميلاد، شب معراج وغيره ڏي محبت ۽ پيار سان ملهائيندا آهن انهن کان روڪڻ وارا هن آيت جي مخالفت ڪري گنهگار ٿي رهيا آهن. علامه ابن العربي لکيو آهي تہ: مون کي منهنجي ڪن صوفي بزرگن ٻڌايو تہ: انهن مان هڪ بزرگ پنهنجا اهي ڏينهن جن ۾ ڪيس قلب جي صفائي گهٽي محسوس ٿيندي هئي هن طرح ڳڻيندو هو جو ان ڏينهن ۾ هڪ اکروٽ نڪر جي ڪني ۾ وجهي ان جو منهن بند ڪري ڇڏيندو هو. جڏهن ڪو ماڻهو ڪانئس پڇندو هو تہ تنهنجي عمر گهڻا ڏينهن آهي تہ ان ڪني کي کولي ان مان اکروٽ ڪڍي ڳڻي چوندو هو تہ هيترا ڏينهن منهنجي عمر آهي. مطلب تہ حقيقي ۽ صحيح ڏينهن عمر جا اهي آهن. (١)

(١) احڪام القرآن ص١١١٦ جلد

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ اَنْجٰكُمْ

۽ (ياد ڪر) جڏهن فرمايو موسىٰ واسطي قوم پنهنجي ته ياد ڪيو الله جي نعمت پنهنجي مٿان جڏهن ڇڏايائين اوهان کي

مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ وَيُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ

فرمانبردارن فرعون جي کان چڪائين پيا اوهان کي سخت عذاب ۽ ڪهن پيا پٽن اوهان جن کي

وَ يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ۭ وَ فِيْ ذٰلِكُمْ بَلَاۗءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ۝ ع١٣

۽ جيئرو ڇڏين پيا عورتن اوهان جن کي ۽ ان ۾ آزمائش آهي طرفان رب اوهان جي وڏي

وَ اِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ

۽ جڏهن اعلان ڪيو رب اوهان جي ته البت جيڪڏهن شڪر ڪندؤ اوهان ته البت ضرور وڌائيندس اوهان کي

وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ ۝ وَقَالَ مُوْسٰٓى

۽ البت جيڪڏهن بي شڪري ڪندؤ اوهان ته بيشڪ عذاب منهنجو البت سخت آهي ۽ فرمايو موسىٰ ته

اِنْ تَكْفُرُوْٓا اَنْتُمْ وَ مَنْ فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ

جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ اوهان ۽ اهي جو زمين ۾ آهن مڙئي

فَاِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۝

پوءِ بلاشڪ الله البت بي پرواه ساراهيل آهي.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ ارشاد ٿيو ته: اسان حضرت موسىٰ علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام کي ان جي لاءِ موڪليو هو ته پنهنجيءَ قوم کي الله جل جلاله جون نعمتون ياد ڏياري ۽ هنن آيتن ۾ ان جي طرفان نعمتن ياد ڏيارڻ جو

ذکر کندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِذْ قَالَ مُوْسىٰ لِقَوْمِهِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ اَنْجٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ وَ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ وَ فِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ". ۽ (ياد ڪر) جڏهن موسىٰ پنهنجي قوم کي فرمايو ته پنهنجي مٿان الله جي نعمت ياد ڪيو جڏهن اوهان کي فرعون جي فرمانبردارن (لشڪرين) کان ڇڏايائين جيڪي اوهان کي سخت عذاب چکائيندا هئا ۽ اوهان جي پٽن کي کهندا ۽ اوهان جي عورتن (ڌيئرن) کي ڇڏيندا هئا ۽ ان ۾ اوهان جي رب جي طرفان وڏي آزمائش آهي. ياد رکڻ گهرجي ته لفظ "بَلَآءٌ" جي معنىٰ آزمائش به آهي ته احسان به. ان جي ڪري ڪي مترجم معنىٰ لکي ويا آزمائش. ۽ ڪي احسان. احسان مراد وٺڻ سان مطلب ٿيندو ته: جيئن فرعون ۽ ان جي لشڪرين جي اوهان جي پٽن کي کهي ڇڏڻ ۽ عورتن (ڌيئرن) کي جيئرو ڇڏڻ اوهان لاءِ سخت عذاب هو تيئن انهن جي ظلم کان نجات ڏياري اوهان کي سک واري زندگي ڏيڻ الله جل جلاله جي طرفان وڏو احسان آهي ان کي هميشه ياد ڪندا ڪيو (١) ۽ جيڪڏهن "بَلَآءٌ" مان مراد آزمائش ورتي ويندي جيئن ڪي مترجم حضرات لکي ويا آهن ته پوءِ مطلب ٿيندو ته انهن ڏکن ۽ تڪليفن کان نجات ڏيارڻ ۾ به اوهان لاءِ آزمائش آهي ته رب العزة جل جلاله جي ان نعمت کي ياد ڪري ان جو قدر ڪيو ٿا يا نه. امتحان ۽ آزمائش جيئن ڏک سان ٿيندي آهي تيئن سک سان به ٿيندي آهي (٢) "وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَ لَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ" ۽ (ياد ڪيو) جڏهن اوهان جي رب اعلان فرمايو ته البت جيڪڏهن اوهان شڪر ڪندؤ ته مان اوهان کي ضرور وڌائيندس ۽ البت جيڪڏهن اوهان بي شڪري ڪندؤ ته بي شڪ منهنجو عذاب تمام گهڻو سخت آهي. بي شڪر ٻانهي کان نعمت کسجي ويندي.

شڪر گذار تي مهرباني

حديث پاڪ ۾ آيو آهي ته هڪ ڀيري نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ هڪ سائل اچي عرض ڪيو، پاڻ ان کي کجور جي هڪ ڳڙ ي عطا فرمايائون ته ان نه ورتي يا وٺي اڇلائي ڇڏي. وري ٻيو سائل آيو پاڻ ان کي به کجور جي هڪ ڳڙ ي عنايت ڪيائون ته اهو چوڻ لڳو "سُبْحَانَ اللّٰهِ تَمَرَةٌ مِّنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ" مطلب ته هي رسول الله ﷺ جن جي طرفان تبرڪ آهي پاڻ (ان جي ان شڪر ادائيءَ کان راضي ٿي) ٻانهيءَ

(١) حاشيه جوناگڙهي ص٦٩٥ (٢) المراغي ص١٣١ جزءِ ١٣ جلد ٥

کي حکم ڏنائون تہ: ام سلمه (رضي الله عنها) جيکي چاليهہ (٤٠) درهم رکيا آهن اهي هن شکر گذار (سائل) کي ڏياري ڇڏ. (١)

"وَقَالَ مُوسَىٰٓ إِن تَكۡفُرُوٓاْ أَنتُمۡ وَمَن فِي ٱلۡأَرۡضِ جَمِيعٗا فَإِنَّ ٱللَّهَ لَغَنِيٌّ حَمِيدٌ" ۽ موسىٰ فرمايو تہ: جيڪڏهن اوهان ۽ (ٻيا بہ) جيکي زمين ۾ آهيو سيئي بي شکري ڪندؤ تہ پوءِ يقيناً الله بلاشڪ شاهوڪار ساراهيل آهي. مطلب تہ نعمت جي بي قدري ۽ شکر نہ ڪرڻ جي سزا اوهان کي ملندي الله جل جلالہ جو ڪوبہ نقصان نہ ٿيندو اهو ساراهيل شاهوڪار آهي اوهان سڀ روءِ زمين تي رهڻ وارا ڇا بہ ڪيو رب العزة جل جلالہ جي شان ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي نہ ٿيندي اهو اوهان جي شکر ڪرڻ جو محتاج ناهي.

هڪ سمجهدار عورت جو واقعو

هڪ ڀيري هڪ عابد، صالح، غريب نوجوان وٽ هڪ ملائڪ انساني صورت ۾ آيو ۽ اچي چيائينس تہ: اي نوجوان! تنهنجي مقدر ۾ هڪ وقت دولت اچڻي آهي هاڻي تنهنجي مرضي آهي هاڻي جوانيءَ ۾ وٺين يا پيرسن ٿيڻ کان پوءِ وٺين؟ هاڻي وٺندين تہ پيرسنيءَ ۾ وري نہ ملنديئي. جوان عابد سوچيو تہ هينئر جواني تہ محنت مزدوري ڪري ڏکي سکي گذاري ويندس ان جي ڪري اها دولت پيرسنيءَ جي دور ۾ وٺڻ گهرجي پر ملائڪ سگوري کي چيائين تہ: جواب ڏيڻ لاءِ مون کي ايتري مهلت ڏي جو مان پنهنجي گهرواريءَ سان صلاح مشورو ڪري وٺان گهرواريءَ کان پڇيائين ان چيس تہ هاڻي وٺڻ گهرجي. عابد چيس تہ ڇو؟ چيائينس تہ: پوڙهي هجڻ جي حال ۾ تہ غريبي تمام ڏکي آهي. عورت چيس تہ: اسين جوانيءَ ۾ ملندڙ نعمت جو شکر ڪنداسون تہ الله جل جلالہ ان شکر جي ڪري اها نعمت ايتري وڌائيندو جو پوڙهائپ جي حال ۾ بہ هلندي رهندي ۽ هيءَ مذڪوره آيت پڙهيائين ان جي اها دعا مقبول ٿي ۽ بئي پوڙهائپ جي عمر ۾ بہ سک سان وقت گذاريندا رهيا. (٢)

فائدا: هنن آيتن سمجهڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿيا.

١- "اذۡكُرُواْ نِعۡمَةَ ٱللَّهِ عَلَيۡكُمۡ" (پنهنجي مٿان الله جي نعمت ياد ڪيو) مان ثابت ٿيو تہ هر اها شئي يا ڪم جنهن مان مسلمانن کي نفعو يا ڀلائي پهچي اها الله جي نعمت آهي پوءِ اها دنيوي هجي يا اخروي ان نعمت جو شکر ڪرڻ گهرجي ۽

(١) حاشيه عثمانيه ص٣٣٩ (٢) نعيمي ص٤٦٠ جلد١٣

شڪراني طور اهي يادون ملهائڻ بہ نهايت اهم آهن. جيئن "وَذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰمِ اللّٰهِ" (۽ انهن کي الله جي ڏينهن سان نصيحت ڪر) مان واضح ٿيو. انهن نعمتن ملڻ تي الله جي شڪراني طور سجدو ڪرڻ، مٺائي وغيره تقسيم ڪرڻ سهڻو عمل اهي. دنيوي شيطاني ڪم نہ ڪجن. حضرت نبي ڪريم ﷺ جو ملڻ بہ نعمت الـهـي آهي ان تي بہ خوشيون ۽ ميلاد جا جشن ملهائڻ الله جي نعمت کي ياد ڪرڻ آهي.

٢- فرعون کي ٻوڙڻ جي ذڪر ڪان پوءِ "لَئِنْ شَكَرْتُمْ" (جيڪڏهن اوهان شڪرڪندؤ تہ مان اوهان کي ضرور وڌائيندس) مان ثابت ٿيو تہ ڪافر، منافق، بدعقيده ۽ ظالم جي موت تي الله جل جلالہ جو شڪر ڪرڻ گهرجي انهن جي موت تي غم ڪرڻ گناهہ آهي. ڪي ڪي مسلمان ليبر ڪافرن ليڊرن جي موت تي غم جو اظهار ڪندا آهن اهو صرف سياسي طرح زباني هجي دل سان نہ هجي دل سان ڏک ڪرڻ سخت گناهہ آهي.

٣- مذڪوره آيتن مان اِشارة النص سان ثابت ٿيو تہ گذشته امتن جون اهي پليون ڳالهيون ۽ عبادتون جن کي خصوصيت ۽ ترديد ڪان سواءِ قرآن ڪريم ذڪر ڪيو آهي اهي سيئي ڪم مسلمانن کي بہ ڪرڻا آهن. اهوئي سبب آهي جو فرعون جي ٻوڙڻ واري ڏينهن عاشوري جو روزو اڳين مسلمانن تي فرض هو ۽ اسان محمدي امت (علىٰ نبيها الصلواة والسلام) لاءِ اهو روزو تا قيامت نبوي سنت، مستحب آهي. مذڪوره واقعات کي بار بار ذڪر ڪرڻ ۾ اها بہ هڪ حڪمت آهي.

٤- تماشا بينيءَ ۾ اجايو وقت ضايع ٿئي ٿو اهو قطعًا نہ ڪرڻ گهرجي شرعًا منع آهي پر خاص ڪري ڪنهن يادگار ڏينهن ۾ تماشا ۽ رانديون مقرر ڪرڻ زياده حرام آهن پوءِ تہ اهي ناشڪريءَ ۽ نعمت جي ڪفران ۾ شامل آهن. (١)

اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّ عَادٍ وَّ ثَمُوْدَ ۛ۬

ڇا نہ آئي اوهان وٽ خبر انهن جي جيڪي (گذريا) اڳي اوهان ڪان نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود

وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۛ۬ لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ۭ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ

۽ انهن جي جيڪي انهن ڪان بعد آيا نہ ٿو ڄاڻي انهن کي مگر الله آيا انهن وٽ رسول انهن جا روشن

(١) نعيمي ص٤٦١ جلد١٣

مع عند المتقدمين ١٢

بِالْبَيِّنٰتِ فَرَدُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ فِيْٓ اَفْوَاهِهِمْ وَقَالُوْٓا اِنَّا كَفَرْنَا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ

دليلن سان پوءِ وڏائون هٿ پنهنجا واتن پنهنجن ۾ ۽ چيائون تہ اسان ضرور كفر كيو ان جو جو موكليا ويئو اوهان

بِهٖ وَ اِنَّا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٩﴾

ان سان ۽ بلاشڪ اسين البت شڪ ۾ آهيون ان كان جو سڏيو ٿا اوهان اسان كي ان ڏانهن شڪ ۾ وجهندڙ.

تفسير

پهريان آيل آيتن ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام جو ذكر كري حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي دور وارن كافرن كي متنبه كيو ويو هو تہ جيكڏهن اوهان بہ ايمان نہ آڻيندؤ تہ الهي عذاب لاءِ تيار رهو ۽ هتي ان ئي مقصد لاءِ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جو ذكر آندو ويو آهي. فرمان عالي شان آهي. "اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّ ثَمُوْدَ ڛ وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ " ڇا اوهان وٽ انهن جي خبر نہ آئي آهي جيكي اوهان كان اڳي گذريا (حضرت) نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود ۽ انهن جي جيكي انهن كان پوءِ آيا. هي بہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام جي ارشاد جو بيان آهي. پاڻ پنهنجيءَ قوم كي فرمايو هيائون تہ: ڇا گذريل قومن جا واقعا اوهان تائين نہ پهتا آهن؟ ان كان پوءِ انهن ٽن قومن جو ذكر كيائون جن جي حالات كان نہ بني اسرائيل بي خبر هئا ۽ نہ مصر جا رهاكو بي علم هئا ۽ جڏهن تہ باقي قومن جو حال ايترو مشهور نہ هو ان جي كري انهن لاءِ "وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ " سان اشارو كيو ويو.

سوال۔ آيت مباركه جي لفظ "اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ " مان واضح ٿيو تہ انهن وٽ اهي واقعا پهتل هئا پوءِ اڳتي ڇو ارشاد ٿيو تہ: انهن كي صرف الله ڄاڻي ٿو.

جواب۔ انهن كي اجمالي طور اهي واقعا معلوم هئا تفصيل سان صرف الله ڄاڻي ٿو. ان جي كري ائين فرمان ٿيو آهي. (١)

"لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ڛ" انهن كي صرف الله ڄاڻي ٿو. يعني انهن جو عدد

(١) كمالين شرح اردو جلالين ص٢٥ جلد٣

(تفصيلي احوال) الله جل جلاله ئي جاڻي ٿو (١)

"جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ فَرَدُّوۡۤا اَيۡدِيَهُمۡ فِيۡۤ اَفۡوَاهِهِمۡ وَقَالُوۡۤا اِنَّا كَفَرۡنَا بِمَاۤ اُرۡسِلۡتُمۡ بِهٖ وَاِنَّا لَفِيۡ شَكٍّ مِّمَّا تَدۡعُوۡنَنَاۤ اِلَيۡهِ مُرِيۡبٍ" انهن وٽ سندن رسول روشن دليلن (معجزن) سان آيا پوءِ پنهنجا هٿ پنهنجن واتن ۾ وڌائون ۽ چوڻ لڳا ته جنهن (پروگرام) سان اوهان موڪليا ويا آهيو بلاشڪ اسين ان جو انڪار ڪيون ٿا ۽ جنهن شڪ ۾ وجهندڙ (ڳالهه) ڏانهن اوهان اسان کي سڏيو ٿا (ان جي باري ۾) يقينًا اسين شڪ ۾ آهيون. مطلب ته انهن وٽ سندن طرف موڪليل پيغمبر عليهم السلام حجتون، دليل ۽ معجزا کڻي آيا. ڪوبه رسول سڳورو معجزن کان سواءِ نه آيو. مگر جڏهن انهن سيني نبين عليهم الصلواة والسلام جي مبارڪ نالن جو ئي تفصيل معلوم نه آهي تڏهن انهن کي مليل معجزا به معلوم نه آهن - ڪافرن پنهنجا هٿ وات ۾ وڌا، " جو مطلب ته ڪاوڙ ۽ حيرت ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ائين ڪندا هئا. يا مطلب ته پنهنجا هٿ نبين عليهم الصلواة والسلام جي وات مبارڪ تي ڏيندا هئا ته اها حق جي ڳالهه نه ڪيو. پر پهريون تفسير قوي آهي ۽ حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله عنهما کان منقول آهي اهي ڪافر نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کي ائين به چوندا هئا ته اوهان جيڪو پيغام آندو آهي ان جي انڪار ڪرڻ ۽ ان جي ڪوڙي هجڻ جو اسان کي يقين آهي ۽ جنهن ايمان ڏانهن اسان کي سڏيو ٿا ان ۾ اسان کي پورو پورو شڪ آهي. آيت ۾ جنهن ڳالهه جو ڪفر بيان ٿيو اها ئي آهي ۽ جنهن ۾ شڪ ۾ ظاهر ڪيو اهو ئي آهي (٢) مريب - جي معنىٰ اهڙي ڳالهه جنهن تي اطمينان نه ٿئي شڪ ۾ وجهيو ڇڏي. (٣)

فائدا

مذڪوره آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا ذهن ۾ آيا ١- "اَلَمۡ يَاۡتِكُمۡ نَبَؤُا الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ" (ڇا اوهان وٽ اوهان کان اڳين جي خبر نه آئي) مان ثابت ٿيو ته اڳين جو احوال ڄاڻڻ جنهن کي علم تاريخ سڏيو ويندو آهي سهڻو ڪم ۽ اسلام ۾ جائز آهي. ها جيڪڏهن ڪا تاريخ قرآن ۽ حديث جي خلاف هوندي ته اها مقبول ناهي ان ۾ مؤرخ جي بد دیانتي جو دخل تصور ڪيو ويندو.

(١) بحر العلوم ص٢٠١ جلد٢ (٢) نور العرفان ص٤٠٨- القرطبي ص٣٤٥ جلد٩
(٣) بيضاوي ڪامل ص٣٣٥

٢- "لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ" (انهن کي الله ئي ڄاڻي ٿو) مان ثابت ٿيو تہ سڀني نبين عليهم الصلواة والسلام) جو علم الله جل جلاله کي آهي ۽ ان جي عطا سان حضور عليه الصلواة والسلام کي بہ آهي. ڇوتہ معراج واري رات سڀني سندن پويان نماز پڙهي ۽ ساڻن ملاقات ڪئي هئي.

مسئلا

١- جيستائين ڪنهن شخص کي پنهنجو خانداني نسب نامه نهايت يقيني طريقي سان معلوم نہ هجي تيستائين پنهنجي نسب جو شجرو ڪنهن کي نہ ٻڌائي ۽ نہ لکي تانت ڪوڙ بہ نہ ٿئي ۽ غير ڏانهن نسبت بہ نہ ٿئي. غير ڏانهن نسبت ڪرڻ پنهنجي ماءُ کي گار ڏيڻ آهي. ٢- ڪنهن جو نسب نامه صحيح نموني حضرت آدم علیٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام تائين ملائڻ مستند ۽ معتبر حوالي سان ثابت ناهي ان جي ڪري حضرت ابن مسعود رضي الله عنه فرمايو آهي تہ: كَذَبَ النَّسَّابُوْنَ. نسب جا سلسلا (حضرت آدم تائين) بيان ڪرڻ وارا ڪوڙ ڳاهڻن ۽ حضرت عروة بن زبير رضي الله عنه فرمايو آهي تہ: معد بن عدنان کان مٿي ڪنهن کي بہ نسب جي سلسلي جي خبر نہ آهي. ۽ ابو عبيد ۽ ابن المنذر حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: عدنان ۽ اسماعيل جي وچ ۾ ٽيهہ پيڙهيون آهن جن جي ڪنهن کي خبر ئي ناهي (١) فقهاءِ ڪرام هٽ جي ڳاهيل نسب نامي کي حرام سڏيو آهي (٢)

٣- قرآن ڪريم ۽ حديث پاڪ جو ڪوبہ قانون يا حڪم ٻڌي يا ڪنهن عالمِ دين کان ڪو شرعي مسئلو ٻڌي غصو، نفرت يا غرور، تڪبر ۽ ڪج بحثي ڪرڻ سخت ناجائز ۽ حرام آهي ۽ ائين ڪرڻ الله جل جلالہ کي سخت ناپسند آهي ان بيهودي عادت کي ڪفر جي نشاني قرار ڏنو ويو آهي. هن هلندڙ دور ۾ جاهل ۽ شيطاني مزاج ماڻهن علماءِ سان دشمنيءَ جي آڙ ۾ الله جل جلالہ جي صاف احڪام ۽ شرعي قوانين جي مخالفت شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ هر مسئلي تي اخبار ۽ رسالن جي ذريعي مرد ۽ عورتون احتجاج ڪن ٿا ڪڏهن عورتن جي شاهديءَ جو مسئلو ڪڍن ٿا تہ ڪڏهن پردي جي مخالفت ڪئي وڃي ٿي. مسلمان جي حيثيت سان انهن سڀني ڳالهين کان پري رهڻ گهرجي.

(١) الدر المنثور ص٩ جلد٥ (٢) نعيمي ص٤٦٩ جلد١٣

قَالَتْ رُسُلُهُمْ اَفِی اللّٰهِ شَكٌّ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

فرمايو انهن جي رسولن ڇا الله ۾ شڪ آهي؟ جيڪو پيدا ڪندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو

يَدْعُوْكُمْ لِيَغْفِرَلَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرَكُمْ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّىؕ

سڏي ٿو اوهان کي تانت بخشي اوهان کي گناهه اوهان جا ۽ مهلت ڏي اوهان کي مدي مقرر تائين

قَالُوْۤا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَاؕ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَصُدُّوْنَا عَمَّا كَانَ

چيائون ته ناهيو اوهان مگر بشر اسان جهڙا ارادو ڪيو ٿا هي ته روڪيو اسان کي ان کان جو

يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا فَاْتُوْنَا بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ⑩ قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اِنْ

عبادت ڪندا هئا (انهن جي) ابا ڏاڏا اسان جا پوءِ آڻيو اسان وٽ دليل روشن چيو انهن کي سندن رسولن ته ناهيون

نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَمُنُّ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ

اسين مگر (ظاهر) بشر اوهان جهڙا ۽ پر الله احسان ٿو ڪري ان تي جنهن کي گهري ٿو

عِبَادِهٖؕ وَ مَا كَانَ لَنَاۤ اَنْ نَّاْتِيَكُمْ بِسُلْطٰنٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِؕ

ٻانهن پنهنجن مان۾ نه ٿو هجي اسان لاءِ ته آڻيون اوهان وٽ ڪو دليل مگر الله جي اذن سان

وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ⑪

۽ الله تي پوءِ گهرجي ته توڪل ڪن توڪل ڪندڙ

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي مبعوث هجڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي محبت ڀري تبليغ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اَفِي اللّٰهِ شَكٌّ فَاطِرِ

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَدْعُوْكُمْ لِيَغْفِرَ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرَكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى" انهن کي سندن رسولن (عليهم الصلواة والسلام) فرمايو تہ ڇا الله ۾ شڪ آهي؟ جيڪو آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي. اوهان کي سڏي ٿو تانت اوهان کي اوهان جا گناه بخشي ۽ اوهان کي مقرر مدي تائين مهلت ڏي. مطلب تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام پنهنجي پنهنجي دور جي ڪافرن کان اهي شڪ ۽ بهاني بازيءَ واريون ڳالهيون ٻڌي انهن کي فرمايو تہ: ڇا اوهان الله جل جلاله جي واحد ذات ۾ شڪ ڪيو ٿا يا ان جي خالقيت واري صفت ۾ شڪ رکو ٿا؟ حالانڪ ان جو وجود، ان جو هڪ هجڻ، ان جي خالقيت واري صفت لاءِ بين ڪروڙن دليلن کان سواءِ هي هڪ دليل ئي ڪافي آهي جنهن کي اوهان جا ابا ڏاڏا بہ تسليم ڪري ويا تہ الله ئي آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪندڙ آهي. ۽ اهو ايترو مهربان ۽ ڪريم بہ آهي جو اوهان جي ڪفر، عناد ۽ ايتريءَ سرڪشيءَ جي باوجود انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام) کي موڪلي انهن جي ذريعي اوهان کي سڏي ٿو تانت اوهان جا گناه بخش فرمائي. گناهن مان مراد تہ سيئي حقوق العباد بہ بخشي ٿو (١) ۽ اوهان کي مقرر ڪيل مدت تائين مهلت ڏي ٿو تہ شايد اوهان ايمان قبول ڪري پڪا ۽ سچا مسلمان ٿيو ۽ نيڪ ۽ صالح عمل ڪيو. "قَالُوْٓا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَصُدُّوْنَا عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا فَاْتُوْنَا بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ" چيائون تہ اوهان تہ صرف اسان جهڙا بشر آهيو اوهان ارادو ڪيو آهي تہ اسان کي انهن (باطل معبودن بتن) کان روڪيو جن جي اسان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا پوءِ اسان وٽ روشن دليل آڻيو. مطلب تہ انهن ڪافرن الله جل شانه جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام جي مدلل ۽ فصاحت ڀري نصيحت ٻڌي مڃڻ جي بجاءِ چيو تہ: اوهان تہ اسان جهڙا بشر آهيو اوهان جي هر ادا، هر ڪم شادي، کاڌو، پيتو وغيره سڀ اسان جهڙا آهن نبوت ۽ رسالت اوهان کي ڪيئن ملي. جيڪڏهن الله نبوت عطا ڪري ها تہ اسان کي عطا ڪري ها. اسين تہ اهو ٿا سمجهون تہ اوهان صرف اسان کي پنهنجن انهن معبودن (بتن) جي عبادت کان روڪيو ٿا جن جي عبادت اسان جا وڏا. ابا ڏاڏا ڪري ويا. پلا جيڪڏهن اوهان پنهنجي ان نبوت ۽ رسالت واري دعوىٰ ۾ سچا آهيو تہ پوءِ اسان کي اسان جو طلب ڪيل معجزو ڏيکاريو. ٻيا معجزا جيڪي اوهان ڏيکاريو ٿا انهن تي اسان کي اعتماد ناهي ٿي سگهي ٿو اهو اوهان جي جادو جو اثر هجي

(١) نعيمي ص٤٧٩ جلد١٣

"قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اِنْ نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَمُنُّ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَمَا كَانَ لَنَآ اَنْ نَّاْتِيَكُمْ بِسُلْطَانٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ" انهن کي سندن رسولن (عليهم الصلواة والسلام) فرمايو تہ اسين تہ صرف اوهان جهڙا بشر آهيون پر الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو ان تي احسان ڪري ٿو ۽ اسان کي نہ ٿو گهرجي جو اوهان وٽ الله جي اذن کان سواءِ دليل آڻيون. ۽ الله تي ئي توڪل ڪندڙ توڪل ڪن. مطلب تہ انهن ڪافرن کي انهن ڏانهن موڪليل رسولن عليهم الصلواة والسلام فرمايو تہ: اسين (ظاهر ۾) تہ اوهان جهڙا بشر آهيون نہ ملائڪ آهيون نہ جن پر اسان جي ان ظاهري بشريت کي ڏسي اوهان جيڪو اسان جي نبوت ۽ رسالت جو انڪار ڪيو ٿا سو غلط آهي. الله جل جلاله جي مرضي آهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو ان تي احسان ڪري ان کي نبوت ۽ رسالت عطا ڪري ٿو. ۽ اوهان جيڪو دليل (معجزو) طلب ڪيو ٿا اهو الله جي اختيار ۾ آهي ان جي اذن کان سواءِ اسين اهو نہ آڻي سگهنداسين. اسين اوهان کي دعوت فڪر ڏيون ٿا سوچي سمجهي فيصلو ڏيو ۽ الله جل جلاله تي توڪل ۽ ڀروسو ڪيو ڇوتہ اهو مومنن جوئي ڪم آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "اَفِي اللّٰهِ شَكٌّ" (ڇا الله ۾ شڪ آهي) مان ثابت ٿيو تہ نبي (پاڪ عليه الصلواة والسلام) ۾ شڪ ڪرڻ الله جل جلاله ۾ شڪ ڪرڻ آهي. ڇوتہ مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن ۽ يهودين ۽ نصارن حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي نبوت، رسالت، صفات، شان، قوت ۽ اختيار ۾ شڪ ڪيو هو جنهن کي الله جي ذات ۾ شڪ قرار ڏنو ويو آهي.

٢- "يَدْعُوْكُمْ" (اوهان کي سڏي ٿو) مان ثابت ٿيو تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ علماء ۽ اولياء جو دين لاءِ سڏڻ جڻ تہ الله جو سڏڻ آهي ڇوتہ ڪافرن کي اسلام ڏانهن سڏڻ وارا بہ اهي ئي آهن. انهن جي سڏ کي الله جل جلاله پنهنجو سڏ ڪري بيان فرمايو آهي.

٣- "اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا" (اوهان تہ صرف اسان جهڙا بشر آهيو) مان واضح ٿيو تہ نبين عليهم الصلواة والسلام کي پاڻ جهڙو ڇوڻ يا سمجهڻ ڪافرن جو طريقو آهي. انبياءِ ڪرام کي ادب ۽ احترام سان ياد ڪجي. ڪن ڪن جاين تي اهو بہ آيو آهي تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام پاڻ کي بشر چيو آهي پر اهو تواضع ۽ انڪساري طور چيو ويو آهي. انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي حقيقت نوري آهي.

مسئلو: اسلام ۾ قوم يا وطن پرستي منع آهي ۽ قوم پرستيءَ جو مطلب آهي تہ قرآن ڪريم ۽ حديث پاڪ جي مقابلي ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن يا انهن جي رسم ۽ رواج کي زياده اهميت ڏني وڃي. حلال يا حرام ڪرڻ الله جل جلالہ جو اختيار آهي ان جي اجازت سان نبي عليہ الصلواة والسلام بہ ڪنهن کي حلال يا حرام قرار ڏئي سگهي ٿو.

وَمَا لَنَآ اَلَّا نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ وَ قَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ؕ

۽ ڇا آهي اسان کي جو نہ توڪل ڪيون الله تي ۽ تحقيق هدايت ڪيائين اسان کي اسان جي سڌن رستن جي

وَلَنَصْبِرَنَّ عَلٰى مَآ اٰذَيْتُمُوْنَا ؕ وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ

۽ البت ضرور صبر ڪنداسون ان تي جو ايذاءُ ڏيو ٿا اوهان اسان کي ۽ الله تي پوءِ گهرجي تہ توڪل ڪن

الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿۱۲﴾ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ ١٤ع٢

توڪل ڪندڙ ۽ چيو انهن جو ڪفر ڪيائون واسطي رسولن پنهنجي تہ البت ضرور ڪڍي ڇڏينداسون اوهان کي

مِّنْ اَرْضِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ فَاَوْحٰٓى اِلَيْهِمْ

زمين پنهنجيءَ مان يا البت ضرور واپس موٽندؤ دين اسان جي ۾ پوءِ وحي موڪليو انهن ڏانهن

رَبُّهُمْ لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۳﴾ وَلَنُسْكِنَنَّكُمُ الْاَرْضَ

رب انهن جي تہ البت ضرور هلاڪ ڪنداسون ظالمن کي ۽ البت ضرور رهائينداسون اوهان کي زمين ۾

مِنْ بَعْدِهِمْ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِيْ وَ خَافَ وَعِيْدِ ﴿۱۴﴾

انهن کان پوءِ اهو ان لاءِ آهي جو ڊڄي ٿو منهنجي اڳيان بيهڻ کان ۽ ڊڄي ٿو وعدي عذاب منهنجي کان.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي ديني دعوت جو ڪجهہ حصو ذڪر ڪيل هو ۽ ڪجهہ هنن آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو

آهي هي آيتون جڻ تہ انهن جو تتمه آهن ارشاد مبارک آهي "وَمَا لَنَآ اَلَّا نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ؕ وَلَنَصْبِرَنَّ عَلٰى مَآ اٰذَيْتُمُوْنَا ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ" ۽ ڇا آهي اسان کي؟ جو الله تي توکل نہ ڪيون ۽ حالانڪ ان اسان کي اسان جي سڌن (شريعت وارن) رستن جي هدايت ڪئي آهي ۽ اوهان جيڪو بہ اسان کي ايذايو ٿا ان تي ضرور صبر ڪنداسون ۽ الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي. جڳائي ٿو تہ توکل ڪندڙ توکل ڪن. مطلب تہ: اي ڪافرو! اوهان پورو پورو زور لائي اسان تي ظلم ڪندا رهو اسين استقامت ۽ مستقل مزاجي سان اوهان جي ايذائن، ظلم ۽ تڪليفن کي برداشت ڪندي صبر ڪنداسون ڇوتہ اسان جي پنهنجي الله جل جلاله تي توکل ۽ پورو ڀروسو آهي ۽ جنهن جو بہ ان تي ڀروسو آهي اهو نہ گهبرائيندو ۽ نہ مايوس ٿيندو. هر توکل ڪندڙ کي ان جي پاک ذات عالي صفات تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي.

"وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنُخْرِجَنَّكُمْ مِّنْ اَرْضِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ" ۽ ڪافرن چيو تہ اسين اوهان کي پنهنجيءَ زمين مان ضرور تڙي ڪڍنداسون يا اوهان اسان جي دين ڏانهن موٽي ايندؤ. جڏهن ايمان وارن جو مٿيون مذڪور بيان ڪافرن ٻڌو تڏهن انهن کي چوڻ لڳا تہ: توکل وغيره وارين ڳالهين ڇڏيو بزرگي بيان نہ ڪيو هاڻي اوهان جي لاءِ بہ رستا آهن يا تہ مات ڪري وهو ۽ جيڪي اسان جي دين کي ڇڏي ويا آهيو اهي واپس اسان جي دين ۾ اچو يا تہ اسين اوهان کي هن سرزمين مان تڙي ڪڍي ڇڏينداسون. "فَاَوْحٰٓى اِلَيْهِمْ رَبُّهُمْ لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ وَلَنُسْكِنَنَّكُمُ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ" پوءِ انهن ڏانهن سندن رب وحي ذريعي پيغام موڪليو تہ اسين ظالمن کي ضرور هلاڪ ڪنداسون ۽ انهن کان پوءِ اوهان کي زمين ۾ رهائينداسون. مطلب تہ الله جل جلاله انهن ايمان وارن کي (نبين عليهم الصلواة والسلام ڏانهن) وحي موڪلي ٻڌايو تہ: اوهان مايوس نہ ٿيو اهي ظالم اوهان کي اتاهين ڪڍي نہ سگهندا. اسان جو پڪو فيصلو آهي تہ انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏينداسون ۽ انهن کان پوءِ ان زمين ۾ اوهان کي رهائي زمين کي آباد ڪنداسون. نہ اهي هوندا نہ اوهان کي ايذائيندا.

"ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِيْ وَخَافَ وَعِيْدِ" اهو ان جي لاءِ آهي جيڪو منهنجي اڳيان بيهڻ (واري ڏينهن) کان ڊڄي ٿو ۽ منهنجي (طرفان ڏنل) عذاب واري وعدي کان بہ ڊڄي ٿو. مطلب تہ مذڪوره ڪاميابي اهي ماڻهو حاصل ڪندا جن ۾ خوفِ خدا هوندو اهي هميشه ان ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي ڊڄندا آهن تہ الله جل جلاله وٽ حاضري ضرور ٿيندي گناهہ ڪنداسون تہ ان جي سامهون ڇا چونداسون ۽ اهي گناهن تي ڪيل عذاب واري

وعدي کان بہ ڊڄندا آهن تہ اهو سخت عذاب ڪٽان برداشت ڪري سگهنداسون.

فائدا: هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا.

١- وَمَا لَنَآ اَلَّا نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ" (۽ اسان ڪي ڇا آهي جو الله تي توڪل نہ ڪيون) مان واضح ٿيو تہ مالڪ مٿي تي ڀروسو ۽ توڪل نهايت اهم عبادت آهي.

٢- "وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ" الاية(۽ ڪافرن پنهنجن رسولن (علىٰ نبينا و عليهم الصلواة والسلام) ڪي چيو تہ اسين اوهان ڪي البتہ ضرور ڪڍنداسون)مان واضح ٿيو تہ بي دين هميشه ديندارن ڪي نہ سهندا ۽ نہ انهن ڪي سک سان ساهہ کڻڻ ڏيندا. رب العزة پنهنجي پيارن جي پاڻ حفاظت ڪندو آهي. ۽ اهوئي ظالمن ڪي هلاڪ ڪري صالحن ڪي سندن جايون ڏيندو آهي.

نهايت اهم مسئلو

"اَوْلَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا" (يا اوهان اسان جي دين ۾ واپس موٽي ايندؤ) جو تفسير ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ: ڪفر جو مشورو ڏيڻ ڪفر ۽ گناهہ جو مشورو ڏيڻ گناهہ آهي لهذا جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن عورت ڪي ظالم مڙس کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام ڇڏي ڪفر قبول ڪرڻ جو مشورو ڏيندو تہ اهو پاڻ مرتد ڪافر ٿي ويندو ۽ ان جو پنهنجو نڪاح ٽٽي ويندو. (١)

فائدو: "لَنُخْرِجَنَّكُمْ مِنْ اَرْضِنَا" (اسين اوهان ڪي ضرور پنهنجيءَ زمين مان ڪڍي ڇڏينداسون) مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ قانوني ۽ شرعي جرم کان سواءِ ڪنهن ڪي بہ سندس گهر يا ملڪيت مان بي دخل ڪري ڪڍڻ وڏو گناهہ ۽ ڪافرن جو طريقو آهي ۽ ان ڪي بي دخل ڪرڻ سان ان جو مالڪ هجڻ وارو حق ختم نہ ٿيندو. اهڙي طرح سڌو سنئون ڪڍڻ جي بجاءِ اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ جن سان مجبور ٿي نڪري اهو بہ گناهہ آهي.

وَاسْتَفْتَحُوْا وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿١٥﴾ مِّنْ

۽ فتح جي طلب ڪيائون ۽ نامراد ٿيو هر هٺيلو سرڪش

وَّرَآئِهٖ جَهَنَّمُ وَيُسْقٰى مِنْ مَّآءٍ صَدِيْدٍ ﴿١٦﴾

پويان ان جي جهنم آهي ۽ پيارِيو ويندو پاڻي پونءِ وارو

(١) نعيمي ص٩٤٠ جلد١٣

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَيَاْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ

ڍڪ ڍڪ ڪري پيئندو ان کي ۽ نہ ٿو ويجهو ٿئي ته گهيت ڏئي پئي ان کي ۽ ايندو ان وٽ موت هر

مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ۭ وَمِنْ وَّرَآئِهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿١٧﴾

پاسي کان ۽ ناهي اهو مرندڙ ۽ پويان ان جي عذاب سخت آهي

مَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ ۨاشْتَدَّتْ

مثال انهن جو جن ڪفر ڪيو رب پنهنجي سان عمل انهن جا ڇار وانگر آهن جو اڏائي ويو

بِهِ الرِّيْحُ فِيْ يَوْمٍ عَاصِفٍ ۭ لَا يَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا

ان کي واءُ آنڌيواري ڏينهن ۾ نہ قادر ٿيندا ان مان جو ڪمايائون

عَلٰي شَيْءٍ ۭ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿١٨﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ

ڪنهن شيءِ تي اها ئي گمراهي پرانهين آهي ڇا نہ ڏٺو تو تہ بيشڪ الله

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ

پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين حق سان جيڪڏهن گهرندو تہ ختم ڪندواوهان کي

وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٩﴾ لا وَّمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿٢٠﴾

۽ آڻيندو مخلوق نئين ۽ ناهي اها ڳالهہ الله تي غالب

وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِيْعًا فَقَالَ الضُّعَفٰۗؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا

۽ حاضر ٿيندا الله وٽ مڙئي پوءِ چوندا هيٺا انهن لاءِ جو هٺ ڪيائون تہ

اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا مِنْ

تحقيق اسين هئاسون اوهان جا تابعدار پوءِ ڇا اوهان ٽاريندڙ آهيو

عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا اللّٰهُ

اسان تان الله جي عذاب مان ڪا شيءِ ٽاريندا تہ جيڪڏهن هدايت ڪري ها اسان کي الله

لَهَدَيْنٰكُمْ ۭ سَوَاۗءٌ عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ صَبَرْنَا مَا لَنَا مِنْ مَّحِيْصٍ ۝ۧ٢١

تہ البت هدايت ڪيون ها اسين اوهان کي برابر آهي اسان تي بي صبري ڪيون يا صبر ڪيون ناهي اسان لاءِ ڪا بچاءَ جي جاءِ

تفسير

اڳ ۾ مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جو اهو گستاخانہ قول ذڪر ڪيو ويو جيڪو انهن نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي گستاخي ڪندي چيو هو تہ اسين اوهان کي پنهنجي علائقي جي سرزمين مان ڪڍي ڇڏينداسون ۽ هتي انهن نبين عليهم الصلواة والسلام جي فتح ۽ ڪاميابيءَ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاسْتَفْتَحُوْا وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ مِّنْ وَّرَاۗىِٕهٖ جَهَنَّمُ وَيُسْقٰى مِنْ مَّاۗءٍ صَدِيْدٍ يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَيَاْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ۭ وَمِنْ وَّرَاۗىِٕهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ" ۽ (انبياءِ ڪرام) فتح گهري ۽ هر هٺيلو سرڪش تباهہ ٿيو. ان جي پويان جهنم آهي ۽ پونءِ وارو پاڻي پياريو ويندو. ان کي ڍڪ ڍڪ ڪري پيئندو ۽ ان کي ڳيت ڏئي پي نہ سگهندو ۽ هر طرف کان ان وٽ موت ايندو ۽ اهو مئل نہ هوندو ۽ ان جي پويان سخت عذاب آهي مطلب تہ جڏهن الله جل جلالہ جي بارگاهہ ۾ نبين ڀلارن عليهم الصلواة والسلام فتح ۽ ڪاميابيءَ لاءِ دعائون گهريون تہ اهي مقبول ٿيون ۽ هر هٺيلو ۽ سرڪش ناڪام ۽ نامراد ٿي تباهہ ٿي ويو ۽ اهو تہ انهن جو دنيا ۾ حال ٿيو ان کان پوءِ اڳتي آخرت ۾ تہ اجان بہ سختي ٿيندين جو سخت اڃ لڳندين ۽ صاف پاڻيءَ جي بجاءِ پونءِ وارو گرم پاڻي پياريا ويندا ۽ اهو پيئڻ آسان نہ هوندو بلڪ وڏي تڪليفن سان ڳيٽون ڏئي پيئندا. احمد، ترمذي، نسائي صفة النار ۾، ابن ابي الدنيا، ابو يعلىٰ، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، طبراني، حلية الاولياء ۾ ابونعيم صحيح سند سان،ابن مردوديہ ۽ البعث والنشور ۾ بيهقيءَ حضرت ابوامامہ رضي الله عنہ کان ۽ ان نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام کان روايت آندي آهي تہ

"يُسْقٰى مِنْ مَّآءٍ صَدِيْدٍ يَّتَجَرَّعُهٗ" (پونءِ واري پاڻيءَ مان پياريو ويندو ۽ ڍڪ ڍڪ ڪري ڍُڪيتون ڏئي پيئندو) جو مطلب آهي تہ اهو پونءِ وارو پاڻي ايترو تيز هوندو جو اجان منهن ڪي ويجهو ڪندو تہ منهن ڪي ساڙي وجهندس ۽ مٿي جي مخ بہ ڪري پونديس جڏهن ان مان ڍڪ پريندو تہ آنڊا ٽڪرا ٽڪرا ٿي پوئين پاسي مان ٻاهر نڪري ايندس. ابن ابي شيبه حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: ان جي پيئڻ سان گوشت کل کان جدا ٿي ڪرڻ شروع ٿي ويندو. ابن ابي شيبه حضرت حسن بصري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ ان پونءِ ۾ ايتري بدبوءِ هوندي جو جيڪڏهن ان مان هڪ دلو زمين تي اڇي تہ ان بدبوءِ جي ڪري سڄي دنياتباهہ ٿي وڃي (١) ۽ ان جي پيئڻ جي ڪيفيت ڇا هوندي؟ پيئندڙ ڪي هر طرف کان موت جو منهن ڏسڻو هوندو ان تي مٿي کان وٺي پيرن تائين بدن جي هر هڪ عضوي تي سڪرات جي حالت طاري هوندي. ابن ابي شيبه، ابن جرير، ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم حضرت ابراهيم نخعيءَ کان روايت آندي آهي تہ موت واري سڪرات انهن کي وار وار مان محسوس ٿيندي ۽ مئل بہ نہ هوندو جو ان عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي. ابن جريج فرمايو آهي تہ انهن جو ساهہ نرگهٽ ۾ اڇي ڦاسي پوندو نہ ٻاهر ويندو نہ واپس اندر ٿيندو ۽ ابن المنذر حضرت فضيل بن عباس کان آندو آهي تہ سندن دم گهٽجي ويندو (١) ۽ هڪ عذاب جي پويان ٻيو عذاب ايندو رهندو. جيڪو ڦهرئين کان نهايت شديد ۽ سخت هوندو (٢)

"مَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ ۣاشْتَدَّتْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ يَوْمٍ عَاصِفٍ ۭ لَا يَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا عَلٰي شَيْءٍ ۭ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ" انهن جو مثال جن پنهنجي رب جو ڪفر ڪيو سندن اعمال ڇار وانگر آهن جنهن کي جهولي واري ڏينهن ۾ واءُ اڏائي ڪنيو ٿو وڃي جيڪي ڪمائي ڪيائون ان مان ڪنهن ذري تي بہ قادر نہ هوندا اهائي پر انهين گمراهي آهي. بعضي ڪافرن کي اهو خيال ٿي سگهيو ٿي تہ: نيٺ اسان بہ دنيا ۾ گهڻائي سٺا ڪم، صدقا، خيرخيرات ڪيا آهن. ماڻهن سان سهڻي اخلاق سان پيش آيا آهيون. ڪيترن ماڻهن کي ڏکن ۾ ڪم آيا آهيون ڇا اهو سڀ ڪجهہ ڪيل، ڪمايل اسان جو ضايع ٿي ويندو؟ مذڪوره آيت ۾ انهن کي مثال ڏئي سمجهايو ويو آهي تہ: جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي سچي، معبود بالحق، الله جل جلالہ جي سڃاڻ ناهي فرضي ۽ وهمي باطل معبودن جي پوڄا ڪري ٿو ان جا سيئي اعمال بي روح ۽

(١) الدر المنثور ص١٥ جلد٥ (٢) مظهري ص٢٦١ جلد٥

اهڙا بي وزن آهن جيئن باه ڪائين کي ساڙي ڇڏيندي آهي پوءِ انهن جي چار بي وزن هوندي آهي جنهن کي جهولي وارو واءُ اڏائي ڇڏي. قيامت جي ڏينهن ڪفار نيڪ عملن کان بالڪل خالي هٿين هوندا حالانڪ نيڪ عمل جي وڏ ۾ وڏ ضرورت بہ اتي هوندي. ڪافر دنيا ۾ ڪيل نيڪيون ڏسندا ئي ڪونہ جن جي ذريعي ثواب ڏسن يا عذاب ۾ هلڪائي محسوس ڪن. (١) ۽ انهن ڪافرن جي اها گمراهي تہ حق ۽ صواب کان تمام گهڻو پري آهي. ان گمراهيءَ کي "بعيد" پرانهين ان جي ڪري سڏيو ويو جو مرڻ تائين بہ ان کان جدا نہ ٿيا (٢) "اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ" ڇا اوهان نہ ڏٺو آهي تہ الله آسمان ۽ زمين حق سان پيدا فرمايا آهن؟ هن ۾ خطاب حضور (پر نور عليه الصلواة والسلام) جن سان آهي ۽ حق مان مراد عبث جو مقابل آهي. مطلب تہ اي محبوب! (عليه الصلواة والسلام) اوهان ڏسي ڇڏيو آهي تہ الله جل جلالہ آسمان ۽ زمينون اجايا پيدا نہ ڪيا آهن انهن جو پيدا ڪرڻ حق سان آهي انهن ۾ ڪيترين حڪمتون رکيل آهن. هن آيت ۾ استفهام تقريري آهي (٣) ۽ ڪن مفسرن فرمايو آهي تہ "اَلَمۡ تَرَ" ۾ خطاب عام آهي حضور عليه الصلواة والسلام جن سان خاص ناهي پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ: اي فڪر ۽ تامل جا صاحب! تون غور ڪري ڏس تہ آهي آسمان ۽ زمينون اجايا نہ ناهيا ويا آهن ۽ جيڪو انهن کي ناهي اهوئي عبادت جو لائق آهي ان ڪان سواءِ ٻئي ڪي معبود مڃڻ شرڪ ۽ ڪفر آهي (۴) "اِنۡ يَّشَاۡ يُذۡهِبۡكُمۡ وَيَاۡتِ بِخَلۡقٍ جَدِيۡدٍ" جيڪڏهن گهرندو تہ اوهان کي ختم ڪندو ۽ نئين مخلوق آڻيندو. جمهور مفسرن جو فرمان آهي تہ: هن حصي ۾ عام ماڻهن سان خطاب آهي. مطلب تہ اي انسانو! جيڪو الله جل جلالہ آسمان ۽ زمينون پيدا ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن گهري تہ اوهان کي ختم ڪري اوهان جي جاءِ تي ٻيا (فرمانبردار) انسان آڻي سگهي ٿو (۵)

"وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيۡزٍ" ۽ اها ڳالهہ الله جي لاءِ اوکي ناهي - مقصد تہ: اي ڪافرو! اوهان جي جاءِ تي ٻين کي آڻڻ الله جل جلالہ جي لاءِ مشڪل يا نہ ٿيڻ جهڙو ڪم نہ آهي. آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ ڏي نهاري عبرت پرايو. جنهن خالق اڪبر ايڏا وڏا آسمان ۽ ايڏي وڏي زمين حڪمت سان پيدا ڪئي ان انسان کي اجايو پيدا نہ ڪيو آهي ان جي پيدا ڪرڻ ۾ بہ ڪيترين حڪمتون آهن ۽ ان حڪمتن کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ قيامت جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو آهي، "وَبَرَزُوۡا لِلّٰهِ جَمِيۡعًا فَقَالَ

(١) روح المعاني ص٢٠۴ جزء١٣- جلد٥ (٢) القرطبي ص٣٥۴ جلد٩ (٣) جلالين ص٢٠٧ (۴) الصاوي ص٢٦٣ جزء٣ جلد١ (٥) البحر المحيط ص۴١٦ جلد٥

الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا مِنْ عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا اللّٰهُ لَهَدَيْنٰكُمْ سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ صَبَرْنَا مَا لَنَا مِنْ مَّحِيْصٍ" ۽ سيئي الله (جي دربار ۾ حاضريءَ) لاءِ ظاهر ٿيندا پوءِ ضعيف متڪبرن کي چوندا تہ اسين اوهان جا پوءِ لڳ هئاسون پوءِ ڇا اوهان اسان تان الله جي عذاب مان ڪا شئي ٽاريندڙ آهيو؟ (اهي جواب ۾) چوندا تہ جيڪڏهن الله اسان کي هدايت (نصيب) ڪري ها تہ اسين (بہ) اوهان کي هدايت ڪيون ها (هاڻي) اسان جي حق ۾ برابر آهي بي صبري ڪيون يا صبر ڪيون اسان جي لاءِ ڪابہ بچاءَ جي جاءِ ناهي. مطلب تہ جڏهن قيامت جي ڏينهن سيئي ماڻهو محشر جي ميدان ۾ نڪري ايندا تہ جيڪي غريب ۽ نادار وڏيرن، متڪبرن جا پوئلڳ هوندا ۽ انهن کي ڪفر ڪندي ڏسي پاڻ بہ ڪافر رهياسي ڪين چوندا تہ اسين اوهان جا پوئلڳ هئاسون جيئن اوهان چيو ۽ ڪيو تيئن اسين بہ ڪندا رهيا سين اڄ عذاب الهي ۾ ڦاٿا آهيون. اوهان اسان تان عذاب دفع ڪندؤ؟ اهي بي دين ڪافر ۽ فاسق وڏيرا غريبن کي چوندا تہ اسين پاڻ کي ڪونہ ٿا بچائي سگهون اوهان کي ڪٿان بچائينداسون (١) ۽ اهي ڪافر وڏيرا بي ادبي ڪندي چوندا تہ: جيڪڏهن الله اسان کي هدايت ڪري ها تہ اسين بہ اوهان کي هدايت ڪيون ها. دنيا ۾ صبر جو بدلو اجر هو پر هتي ڪجهہ ڪيون يا نہ ڪيون ڇوٽڪارو نہ ملندو ڇو تہ دار العمل نہ دارالجزاء آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا سمجهہ ۾ اچن ٿا.

١- "وَاسْتَفْتَحُوْا" (۽ فتح جي دعا گهريائون) مان واضح ٿيو تہ ڪافرن جي مٿان غالب ٿيڻ، فتح حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي هلاڪ ٿيڻ لاءِ دعا گهرڻ جائز آهي. ها دنيوي عداوت جي ڪري ڪنهن لاءِ اهڙي دعا نہ گهرجي.

٢- "اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادٍ" (انهن ڪافرن جا عمل ڇار وانگر آهن) مان واضح ٿيو تہ عملن جو مدار ايمان ڪامل تي آهي جنهن جا عقائد سهڻا آهن ان جا عمل بہ ڪارگر آهن جنهن جا عقائد گندا ۽ گستاخانہ آهن انهن جا اعمال ڪنهن بہ ڪم جا نہ آهن عقائد اصل آهن عمل فرع اصل کان سواءِ فرع ڪيئن بيهندو؟

٣- "اَلَمْ تَرَ" (ڇا اوهان نہ ڏٺو) ۾ استفهام تقريريءَ مان ثابت ٿيو تہ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن ساري ڪائنات جي پيدا ٿيڻ کان پهريان روح ۽ نوري جسم سان پيدا ٿي چڪا هئا ۽ جهانن جا سڀ واقعا ملاحظو فرمائي رهيا هئا

(١) ڪمالين شرح اردو جلالين ص٢٦٨ جلد٣

ان جي ڪري ڪيترن مقامن تي ڪين "اَلَمْ تَرَ" سان خطاب ڪيو ويو آهي يا ڪيترن مقامن تي "اُذْكُرْ" (ياد ڪر) مقدر ڪيو ويندو آهي. ۽ ياد اها شئي ڏياري ويندي آهي جيڪا پڙهيل هجي يا ٻڌل هجي يا ڏٺل هجي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن نـہ ڪو ڪتاب پڙهيا نـہ ڪنهن توراة، انجيل، زبور جي پڙهيل سان صحبت ڪري اهي واقعات ٻڌا هئا چوتہ مڪه مڪرمه جي سرزمين تي نـہ اهي ڪتاب موجود هئا نـہ انهن جو پڙهڻ وارو موجود هو بلڪ انهن ڪتابن ۾ ڪيترا سچا ۽ حقيقي واقعا حضور ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ملاحظو فرمايا هئا پر الله جل جلاله جي محبت ۾ اعلىٰ مقام تي فائز رهڻ جي ڪري سندن ذهن مبارڪ مان جڻ تـہ وسريل هئا الله جل جلاله ڪين ياد ڏياريندو رهيو آهي. مگر ڪتي ڪتي بني اسرائيل ڪي بہ اهي واقعا ياد ڏياريا ويا آهن سو صرف ان جي ڪري جو انهن اهي توراة ۾ پڙهيا ۽ پنهنجن مذهبي اڳواڻن جي صحبت ۾ رهي ٻڌا هئا.

٤- "فَقَالَ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا" الاية (ضعيف متڪبرن ڪي چوندا) هن سموري گفتگو مان واضح ٿيو تـہ ڪافر سردار پنهنجي پوئلڳن ڪي ڪو فائدو نـہ ڏيندا. پر مومن ۽ متقي شخص پنهنجن پوئلڳن ڪي شفاعت ڪري ڇڏائيندا ۽ فائدو ڏيندا بلڪ قرآن ڪريم ۽ نبوي احاديث مان ثابت آهي تـہ بارگاه ايزديءَ جي مقبول ٻانهن جون دعائون دنيا ۾ بہ فائدو ڏين ٿيون.

٥- "لَوْ هَدٰىنَا اللّٰهُ لَهَدَيْنٰكُمْ" (جيڪڏهن الله اسان ڪي هدايت ڪري ها تـہ اسين بہ اوهان ڪي هدايت ڪيون ها). مان ثابت ٿيو تـہ ائين چوڻ ۽ الله جل جلاله ڏي گمراهہ ڪرڻ جي نسبت ڪرڻ ڪافرن جو طريقو آهي. الله جل شانه ٻانهن جي هدايت لاءِ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام موڪليا. ۽ انهن ڪان پوءِ رباني علماءَ، اولياءِ ۽ صالح ٻانهن جي ذريعي هدايت جا پيغام روءِ زمين تي ملي رهيا آهن. جنهن ڪي بہ سچ ۽ حق جي واٽ وڻي آهي ان لاءِ رستو کليو پيو آهي.

وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ الْاَمْرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ وَعْدَ الْحَقِّ

۽ چوندو شيطان جڏهن فيصلو ڪيو ويندو امر تـہ بيشڪ الله وعدو ڏنائين اوهان ڪي وعدو سچو

وَوَعَدْتُّكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ ؕ وَمَا كَانَ لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّآ

۽ وعدو ڏنو مون اوهان ڪي پوءِ وعدي خلافي ڪيم اوهان سان ۽ نـہ هو واسطي منهنجي اوهان تي

اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ لِيْ ۚ فَلَاتَلُوْمُوْنِيْ وَلُوْمُوْآ

کو زور مگر هي تہ سڏيو مون اوهان کي پوءِ قبول کيو اوهان مون لاءِ پوءِ نہ ملامت کيو مون کي

اَنْفُسَكُمْ مَآاَنَا بِمُصْرِخِكُمْ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُصْرِخِيَّ ؕ

۽ ملامت کيو پنهنجي پاڻ کي ناهيان مان دانهن ورنائيندڙ اوهان جي ۽ ناهيو اوهان دانهن ورنائيندڙ منهنجي

اِنِّيْ كَفَرْتُ بِمَآ اَشْرَكْتُمُوْنِ مِنْ قَبْلُ ؕ

بلاشک مون انکار کيو ان جو جيکو شريک بنايو اوهان مون کي اڳي

اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٢﴾

بيشک ظالم انهن لاءِ ئي عذاب دردناک آهي

تفسير

هنن آيتن کان پهريان انهن ڳالهين جو ذکر هو جيکي کافر ۽ متکبر وڏيرا پنهنجن مسکينن پوئلڳن سان کندا هئا ۽ هتي انهن سيني جي اڳواڻ شيطان جي گفتگو کي بيان کيو ويو آهي فرمان آهي "وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ الْاَمْرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ وَعْدَ الْحَقِّ وَوَعَدْتُّكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ ۭ وَمَا كَانَ لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّآ اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ لِيْ" ۽ جڏهن فيصلو کيو ويندو تڏهن شيطان چوندو تہ بيشک الله اوهان سان حق جو وعدو کيو ۽ مون بہ اوهان سان وعدو کيو پوءِ مون وعدي جي مخالفت کئي ۽ منهنجي اوهان جي مٿان کا حاکميت کانہ هئي مگر مون اوهان کي سڏيو پوءِ اوهان منهنجي سڏ کي قبول کيو - مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ۽ مومنن جا شفاعت کندڙ ميدان ۾ اچي انهن کي جڏائي بهشت ۾ وٺي ويندا تڏهن کافر پاڻ ۾ چوندا تہ مومنن کي تہ شفاعت کرڻ وارا ملي ويا اسين کنهن کي چئون؟ سوچي سمجهي چوندا تہ شيطان اسان کي گمراهہ کيو هو ۽ اسان ان جي سڏ کي جيءُ چيو هو هلو تہ ان کي ڏسون ۽ کيس چئون تہ اسان لاءِ سفارش کري. جڏهن ان کي هٿ کري شفاعت لاءِ چوندا تڏهن اهو کين جيکو جواب ڏيندو سو هن آيت ۾ بيان ٿيل

آهي (١) مطلب تہ جڏهن فيصلو ٿي ويندو تہ ڪافر جهنم ڏانهن وڃن ۽ اهي جهنم ۾ پهچي شيطان ڪي ڀڏل ڏسي چوندا تہ تو اسان سان ڪهڙا وعدا ڪيا هئا؟ هاڻي اسان لاءِ ڇا ٿو ڪرين؟ تہ جواب ڏيندي چوندو تہ الله جل جلالہ اوهان کي پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي سچو ۽ حق وارو دين پهچايو ۽ ان دين جي قبول ڪرڻ وارن کي بهشت جو سچو ۽ حق جو وعدو ڏنو هو اهو الله تعالىٰ پورو ڪيو ۽ مون اوهان کي ڪوڙا دلاسا ڏئي وعدي برخلافي ڪئي آهي پر مون اوهان کي زوري ءِ تہ ڪافر ڪونہ بنايو هو؟ مون صرف اوهان کي ڪفر ۽ برائين ڏانهن سڏيو اوهان قبول ڪيو. جيڪڏهن اوهان انڪار ڪري مون کي نہ مڃيو ها تہ مان اوهان کي ڇا ڪيان ها. مون اوهان جي مٿان ڪا سلطنت ۽ حاڪميت تہ ڪونہ ٿي رکي. "فَلَا تَلُوۡمُوۡنِیۡ وَلُوۡمُوۡۤا اَنۡفُسَکُمۡ" پوءِ مون کي ملامت نہ ڪيو ۽ پنهنجي پاڻ کي ملامت ڪيو جو اوهان منهنجي حاڪميت نہ هجڻ جي باوجود منهنجو چوڻ مڃيو قصور سڄو اوهان جو آهي منهنجو ناهي. "مَاۤ اَنَا بِمُصۡرِخِکُمۡ وَمَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُصۡرِخِیَّ ؕ اِنِّیۡ کَفَرۡتُ بِمَاۤ اَشۡرَکۡتُمُوۡنِ مِنۡ قَبۡلُ" مان اوهان جي دانهن ورنائيندڙ ناهيان ۽ نہ اوهان منهنجي دانهن ورنائيندڙ آهيو بيشڪ مان ان جو انڪار ٿو ڪيان جنهن سان اوهان مون کي اڳ ۾ الله جو شريڪ بنايو هو مطلب تہ اوهان هن قيامت جي ڏينهن اڄ کان اڳي الله جل جلالہ جي فرمان کي نہ مڃي مون کي الله جو شريڪ بنايو مان ان جو بالڪل انڪار ٿو ڪيان "مِنۡ قَبۡلُ" ۾ آيل "مِنۡ" جو لفظ "کَفَرۡتُ" جي لفظ سان متعلق آهي (٢)

"اِنَّ الظّٰلِمِیۡنَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِیۡمٌ" بلاشڪ ظالمن جي لاءِ ئي دردناڪ عذاب آهي انهن جو اتي نہ ڪو شفاعت ڪندڙ هوندو نہ ڇڏائيندڙ هتي "ظٰلِمِیۡنَ" مان مراد ڪافر آهن (٣)

فائدا: مذڪوره آيت سمجهڻ سان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

"١" قيامت جي ڏينهن ڪافر شيطان کي سڃاڻندا حالانڪ دنيا ۾ ان کي ڏٺو بہ نہ هوندائون جڏهن ان کي ڇڏائڻ ۽ سفارش ڪرڻ لاءِ چوندا تہ اهو انڪار ڪري وهندو جيڪڏهن ڪافر ايتري سڃاڻپ رکندا تہ الله جل جلالہ جا مومن ٻانها بہ پنهنجي محبوب نبي عليه الصلواة والسلام ۽ اصحاب ڪرام، ائمہ عظام، اولياء کي سڃاڻندا ۽ انهن جي شفاعتن سان مرادون ماڻيندا.

(١) البحر المحيط صـ٤١٨ جلد ٥ (٢) المظهري صـ٢٦٦ جلد ٥
(٣) الصاوي صـ ٢٦٤ جزء٢ جلد ١

"٢" "وَوَعَدْتُكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ" (۽ اوهان سان وعدو ڪري ان جي برخلافي ڪيم) مان واضح ٿيو تہ جيڪا صلاحيت ڪنهن ۾ ناهي اهو ان جي نہ پاڻ دعوىٰ ڪري نہ ٻين کان ڪرائي ۽ نہ ان تي خوش ٿئي ان جي ڪري جيڪو پير پاڻ کي سجدا ڪرائي يا نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي اولاد مان نہ هجي ۽ آل رسول (عليه الصلواة والسلام) سڏائي ان جو اهو ڪم بہ بالڪل ناجائز ۽ قطعي حرام آهي يا جاهل شخص پاڻ کي عالم سڏائي يا غير مفتي مفتي سڏرائي انهن سڀني جو انجام بہ اهڙو ئي ٿيندو. جيئن غير ڊي سي ڊي سي سڏائيندڙ يا غير ايس پي ايس پي سڏائيندڙ وقت جي حڪومت جو مجرم ۽ سزا جو حقدار آهي تيئن نالائق شخص پنهنجي لاءِ اسلامي مخصوص خطابات کي استعمال ڪندڙ رب العزة جل جلاله جي حقيقي ۽ دائمي حڪومت جو مجرم ۽ قدرتي سزا جو حقدار آهي.

"٣" دنيا ۾ اهڙا ڪم ڪرڻ جن جي ڪري آخرت ۾ ملامت ڪرڻي پوي حرام آهن اهڙن ڪمن جي ڪري آخرت ۾ ذلت ۽ رسوائي نصيب ٿيندي. (اعاذنا الله منه)

وَاُدْخِلَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ

۽ داخل ڪيا ويندا اهي شخص جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون بهشتن ۾ وهن ٿيون

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ؕ تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا

هيٺان انهن جي نهرون هميشه رهندا انهن ۾ پنهنجي رب جي اذن سان ڪيڪار انهن جي ان ۾

سَلٰمٌ ﴿٢٣﴾ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ

سلام آهي ڇا نہ ڏٺو تو تہ ڪيئن بيان ڪيو الله مثال ڪلمو پاڪ وڻ

طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّفَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿٢٤﴾ تُؤْتِيْٓ اُكُلَهَا

پاڪ وانگر آهي پاڙ ان جي مضبوط آهي ۽ ٽاري ان جي آسمان ۾ آهي ڏي ٿو ميوو پنهنجو

كُلَّ حِيْنٍ بِاِذْنِ رَبِّهَا ؕ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ

هر وقت پنهنجي رب جي اذن سان ۽ هٽي ٿو ٻڌائي الله گهڻا مثال ماڻهن جي لاءِ تانت اهي

يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٥﴾ وَمَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ كَشَجَرَةٍ خَبِيْثَةِ اجْتُثَّتْ مِنْ

نصيحت حاصل ڪن ۽ مثال ڪلمي پليد جو مثل وڻ پليد جي آهي جيڪو ڪاٽيو ويو

فَوْقِ الْاَرْضِ مَا لَهَا مِنْ قَرَارٍ ﴿٢٦﴾

زمين جي مٿان ناهي ان جي لاءِ ڪو قرار

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن ۽ انهن جي اڳواڻن جي گفتگو جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ جنت وارن جي حالتن ڪي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاُدْخِلَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا اهي انهن جنتن ۾ داخل ڪيا ويندا جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهن ۾ پنهنجي رب جي اذن سان هميشه رهندا يعني جن شخصن ايمان وارين ڳالهين تي ايمان آڻي، قرآن ڪريم ۽ حديث پاڪ تي يقين رکي ساري زندگي سهڻا عمل ڪيا اهي اهڙن بهشتن ۾ داخل ڪيا ويندا جن ۾ نهايت سهڻيون نهرون وهندڙ هونديون ۽ اهي الله جل جلاله جي اذن سان ان ۾ هميشه رهيا پيا هوندا ڪڏهن بہ ان مان نہ نڪرندا "تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ" انهن جي انهن بهشتن ۾ (هڪ ٻئي ڪي) سلام سان ڪيڪار هوندي يعني بهشت ۾ ملڻ ۽ ملاقات ڪرڻ وقت هڪ ٻئي ڪي سلام سان ڀليڪار ۽ خوش آمديد چوندا قرآن ڪريم جي آيتن مان ثابت آهي تہ: بهشت ۾ ٽي سلام هوندا

"١" رب العزة جي طرفان "سَلٰمٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ" (١)

مهربان رب جي طرفان سلام آهي

"٢" ملائڪن جي طرفان "وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ" (٢)

(١) سورة يٰسٓ آيت ٥٨ (٢) سورة الرعد آيت ٢٣. ٢٤

۽ انهن وٽ ملائڪ هر دروازي کان داخل ٿيندا (چوندن ته) اوهان تي سلام آهي.

"٣" هڪ ٻئي سان ملڻ وقت "يُلَقَّوْنَ فِيهَا تَحِيَّةً وَسَلَامًا" (١) ۽ ان بهشت ۾ مرحبا ۽ سلام سان ملاقات ڪيا ويندا.

"أَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللَّهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ أَصْلُهَا ثَابِتٌ وَفَرْعُهَا فِي السَّمَاءِ تُؤْتِي أُكُلَهَا كُلَّ حِينٍ بِإِذْنِ رَبِّهَا" ڇا تو نه ڏٺو ته الله ڪيئن مثال ڏئي بيان فرمايو آهي ته پاڪ ڪلمه پاڪ وڻ وانگر آهي ان جي پاڙ مضبوط آهي ۽ ان جي ٽاري آسمان ۾ آهي پنهنجي رب جي اذن سان هر وقت پنهنجو ميوو ڏيندو آهي، مطلب ته جيئن پاڪ وڻ جون پاڙون زمين ۾ مضبوط هونديون آهن ۽ ان جون ٽاريون آسمان سان لڳن ٿيون تيئن حق واري پاڪ ڪلمي جي پاڙ دل ۾ مضبوط هوندي آهي ۽ ان جون ٽاريون (احڪام) ساري بدن تي طاري هوندا آهن جو هٿن، پيرن، ڪنن ۽ اکين کي براين کان روڪيندو آهي "شَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ" مان مراد کجي ۽ "كَلِمَةً طَيِّبَةً" مان مراد لاالـه الاالله آهي (٢)

۽ جيئن پاڪ وڻ هر وقت الله جي اذن سان ميوو ڏيندو آهي تيئن پاڪ ڪلمه به حياتيءَ ۾ نيڪ عملن، موت جي وقت سهڻي خاتمي ۽ حشر ۾ حساب ۾ آسانيءَ ۽ ڪاميابيءَ جو ميوو ڏيندو آهي "وَيَضْرِبُ اللَّهُ الْأَمْثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُونَ" ۽ الله ماڻهن لاءِ مثال هٿي بيان ٿو ڪري تانت اهي نصيحت حاصل ڪن ڇو ته مثال ڏئي سمجهائڻ ۾ ڳالهه زياده سمجهه ۾ اچي ٿي ۽ معنوي ڳالهين کي محسوسات سان بيان ڪرڻ سمجهڻ لاءِ آسان آهي "وَمَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيثَةٍ كَشَجَرَةٍ خَبِيثَةٍ اجْتُثَّتْ مِنْ فَوْقِ الْأَرْضِ مَا لَهَا مِنْ قَرَارٍ" ۽ پليد ڪلمي جو مثال پليد وڻ وانگر آهي جيڪو زمين کان مٿان ڪاٽيو ويو آهي ان جي لاءِ بيهي قرار وٺڻ ناهي "كَلِمَةٍ خَبِيثَةٍ" مان مراد شرڪ آهي (٣) ۽ ان مان مراد هر قسم جو باطل قول آهي (۴) ۽ "شَجَرَةٍ خَبِيثَةٍ" (پليد وڻ) مان مراد ٿوه آهي (٥) قرآن پاڪ ان پليد وڻ جو حال هيئن بيان ڪيو آهي ته ان جون پاڙون زمين ۾ ايتريون مضبوط ناهن جيڪڏهن ڪو ان کي ڇڪي ته پاڙن سوڌو ٻاهر هليو ايندو "اجْتُثَّتْ مِنْ فَوْقِ الْأَرْضِ" (زمين جي مٿان ڪاٽيو ويو) جو اهو ئي مطلب آهي ڪافر جي عملن کي ان ٿوه سان تشبيه ڏيڻ جو ظاهري وجهه هي آهي ته اول ته ان جي عقائد جو ڪو بنياد نه هوندو آهي هر هر پيو ڦيرائيندن ۽ ٻيو ته ان جا عمل آخرت ۾ الله جل جلاله وٽ ڪم

(١) سورة الفرقان آيت٧٥ (٢) معارف القرآن صـ٢٣۴ جلد٥ (٣) تفسير غريب القرآن صـ٢٣٢ (۴) في ظلال القرآن صـ٢٠٩٨ جلد۴ (٥) تاج التفاسير صـ٢٣٢

اڃڻ وارا ناهن ۽ "كَلِمَةٍ طَيِّبَةٍ" تي ايمان رکڻ وارن جي رب العزة جل جلاله دنيا ۾ به تائيد ڪندو آهي جنهن جي ڪري اهي مرڻ تائين ان تي مضبوطيءَ سان قائم رهن ٿا. انهن جي خلاف ڪيترا به حادثا درپيش اچن پر اهي ان تان نه هٽندا.

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا.

١. "تَحِيَّتُهُمْ فِيهَا سَلَامٌ" (بهشت ۾ انهن جي ڪيڪار سلام هوندي) مان واضح ٿيو ته جنت وارن جي ٻولي به عربي هوندي ڇو ته اها محبوب عليه الصلواة والسلام جي محبوب ٻولي آهي.

٢. "مَالَهَا مِنْ قَرَارٍ" (ان لاءِ ڪو قرار ناهي) مان ثابت ٿيو ته باطل عقيدي وارو هڪ ڳالهه تي نه بيهندو صبح جو هڪ عقيدو ٻڌائيندو ته شام جو ٻيو.

٣. هر مسلمان ڪي ٻئي مسلمان سان ملاقات واري وقت سلام چوڻ لازمي سنت آهي. ۽ سلام جو جواب ڏيڻ فرض آهي پر وڏيڪ ثواب ۾ درجو. اول سلام ڪندڙ ڪي ملندو ۽ سلام واري عبادت جنت ۾ به جاري هوندي هر مسلمان ڪي سلام ڪرڻ وقت اهي لفظ استعمال ڪرڻ گهرجن جن جو ذڪر قرآن ۽ حديث ۾ آيل آهي ۽ اهو آهي السلام عليكم ۽ وعليكم السلام ان ۾ تبديلي ڪرڻ يا ڪافرن جا الفاظ ڳنڍڻ ناجائز آهن ها پنهنجي ملڪ ۾ ذمي ڪافرن يا ٻئي ملڪ ۾ ڪافرن ڪي ڪيڪار وقت اهي لفظ (بشرطيڪ اسلامي عقائد جي خلاف نه هجن) ڳالهائڻ جائز آهن (١)

۴. "كَلِمَةٍ خَبِيثَةٍ" (پليد ڪلمو) مان واضح ٿيو ته ديني ڳالهه سمجهائڻ لاءِ دنياوي شين ۽ ڳالهين ڪي مثال بنائڻ جائز آهي ان ۾ دين جي بي ادبي ناهي.

سلام چوڻ جي ابتداء

علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي ته: سلام جي شروعات سيدنا آدم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کان ٿي. جيئن وهب بن منبه کان روايت آهي ته: ان آدم لما راى ضياء نور نبينا صلى الله عليه وسلم سأل الله عنه فقال هو نور النبي العربي محمد من اولادك. فالانبياء كلهم تحت لوائه فاشتاق آدم الى رؤيته فظهر نور النبي عليه السلام في انملة مسبحة آدم فسلم عليه فرد الله سلامه من قبل النبي عليه السلام فمن هنا بقي السلام سنة لصدوره عن آدم وبقي رده فريضة لكونه عن الله تعالیٰ (٢)

(١) نعيمي ص ٧٣١ جلد١٣ (٢) روح البيان ص ٤١٢ جلد۴

يعني جڏهن حضرت آدم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام اسان جي نبي جي نور جون تجليون ڏٺيون تہ الله جل جلالہ کان عرض ڪري پڇيائين تہ اهو ڇا آهي؟ الله جل شانه فرمايس تہ! اهو تنهن جي اولاد مان ان نبي، عربي، محمد جو نور آهي جو (قيامت ۾) بيا سڀ نبي (عليهم الصلواة والسلام) ان جي جهنڊي جي هيٺان هوندا. پوءِ حضرت آدم سندن ڏسڻ جو اشتياق ڏيکاريو تہ (الله جي قدرت سان) اهو نور سندس تسبيح پڙهندڙ آڱر مان ظاهر ٿيو. حضرت آدم ان کي سلام چيو تہ رب العزة جل شانه پاڻ ان نبوي نور جي پاران کيس سلام جو جواب ڏنو پوءِ ان وقت کان وٺي سلام چوڻ سنت بڻيو جو حضرت آدم نبي کان صادر ٿيو ۽ ان جو جواب فرض بڻيو ڇو تہ الله جل جلالہ جي طرفان ڏنو ويو

يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

ثابت ٿو رکي الله انهن کي جو ايمان آندائون پڪي قول سان حياتيءَ دنيا جيءَ ۾

وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَ يُضِلُّ اللّٰهُ الظّٰلِمِيْنَ ۙ وَيَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ﴿٢٧﴾

۽ آخرت ۾ ۽ گمراھ ٿو ڪري الله ظالمن کي ۽ ڪري ٿو الله جيڪي گهري

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ بَدَّلُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ كُفْرًا وَّاَحَلُّوْا قَوْمَهُمْ

ڇا نہ ڏٺو تو انهن ڏانهن جن مٽايو الله جي نعمت کي بي شڪريءَ سان ۽ داخل ڪيائون قوم پنهنجيءَ کي

دَارَ الْبَوَارِ ﴿٢٨﴾ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۭ وَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٢٩﴾ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا

هلاڪت واريءَ جاءِ ۾ (يعني) جهنم ۾ داخل ٿيندا ان ۾ ۽ بري آهي رهڻ جي جاءِ ۽ ٺاهيائون الله جي لاءِ شريڪ

لِّيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ قُلْ تَمَتَّعُوْا فَاِنَّ مَصِيْرَكُمْ اِلَى النَّارِ ﴿٣٠﴾

تانت گمراھ ڪن ان جي واٽ کان فرماءِ تہ فائدا وٺو پوءِ يقينًا موٽڻ اوهان جو باهہ ڏانهن آهي.

تفسير

اڳ ۾ مذڪوره آيتن ۾ "اَلَمْ تَرَ" فرمائي حضور عليه الصلواة والسلام جن

جو توجه الاهي قدرت ۽ ڪلام ڏانهن مبذول ڪرايو ويو ۽ هتي "اَلَمْ تَرَ" آٽي سندن توجه ڪافرن جي انهن حرڪتن ڏانهن ڇڪايو ويو آهي جيڪي اهي پردي جي پويان ڪندا هئا فرمان الاهي آهي "يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِى الْاٰخِرَةِ" الله ايمان وارن کي پڪي قول سان دنيا واريءَ حياتيءَ ۽ آخرت ۾ ثابت ٿو رکي. مطلب تہ "ڪَلِمَةٍ طَيِّبَةٍ" "شَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ" وانگر سرسبز، شاداب ۽ سدا بهار آهي جنهن جي ذريعي الله جل جلالہ انهن خوش نصيب ايمان وارن ۾انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ ثابت ۽ مُضبوط رکي ٿو. دنيا جي حياتيءَ ۾ هن طرح جو ان سان انهن کي معرفت جي اعلىٰ مقام تي پهچائي ٿو ڪي غوث قطب تہ ڪي ابدال ۽ اوتاد بنجندا. ڪي مفسر، محدث تہ ڪي عابد ۽ زاهد بنجندا آهن ۽ آخرت مان مراد عالم برزخ يعني قبر وارو جهان آهي

قبر جو ثواب ۽ عذاب قرآن پاڪ ۽ حديث مان ثابت آهي

مفسرن پلارن ۽ محدثن سڀني لکيو آهي تہ هن آيت ۽ ان جي متعلق آيل نبوي ارشادات مان ثابت آهي تہ: قبر ۾ ثواب ۽ عذاب ملڻ حق آهي. جيئن هنن روايتن مان واضح آهي.

روايت١. طيالسي، بخاري، مسلم، ابو داود، ترمذي، نسائي ابن ماجه، ابن جرير، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويه حضرت براء بن عازب رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جن فرمايو "جڏهن مسلمان کان قبر ۾ سوال ڪيو ويندو تہ! اَشْهَدُ اَنْ لَّآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ واري شاهدي ڏيندو ۽ اهو ئي هن آيت "يُثَبِّتُ اللّٰهُ" آيت ۾ بيان ٿيل آهي" اهڙي طرح امام احمد بن حنبل ڪتاب الزهد ۾، هناد بن السري، عبد بن حميد، حاڪم ۽ ڪتاب عذاب القبر ۾ بيهقيءَ بہ ساڳئي صحابي حضرت براء بن عازب رضي الله عنه کان روايت آندي آهي

روايت٢. طبراني الاوسط ۾ ۽ ابن مردويه حضرت ابي سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ: مون حضور عليه الصلواة والسلام کان مذڪوره آيت جي تفسير ۾ ٻڌو تہ "وَفِى الْاٰخِرَةِ" مان مراد قبر آهي

روايت٣. ابن المنذر، طبراني ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: مذڪوره آيت ۾ "وَفِى الْاٰخِرَةِ" مان مراد قبر وارو سوال جواب آهي تہ: تنهنجو رب ڪير آهي؟ تنهنجو دين ڪهڙو آهي تنهنجو نبي (عليه الصلواة

والسلام) ڪير آهي؟

روايت۴. محدث بزار ام المومنين سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت ڪئي آهي تہ: مون عرض ڪيو! يارسول الله ! ماڻهو قبرن ۾ آزمايا وڃن ٿا اتي مون ضعيف جو ڇا حال هوندو؟ پاڻ مذڪوره آيت پڙهي ٻڌايائون (جنهن ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ الله جل جلالہ ايمان وارن کي ثابت قدم رکندو (١) مذڪوره احاديث مان ثابت ٿيو تہ قبر ۾ ثواب ۽ عذاب ملڻ حق آهي علامه ابن ڪثير تقريبًا چاليهن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کان معتبر سندن سان ان مضمون واريون حديثون لکيون آهن ۽ محدث سيوطيءَ پنهنجي منظوم رسالہ "التثبيت عندالتبييت" ۽ شرح الصدور ۾ ستر (٧٠) حديثن جا حوالا نقل ڪري انهن روايتن کي متواتر فرمايو آهي (٢)

۽ متواتر روايت تي ايمان آڻڻ ائين فرض آهي جيئن قرآن ڪريم جي آيت، نص قطعيءَ تي ايمان آڻڻ فرض آهي. نتيجو اهو نڪتو تہ قبر ۾ ثواب ۽ عذاب جو مڃڻ بہ فرض ۽ قطعي عقيدو آهي. علامه قرطبي ان آيت جي تفسير ۾ اهو عقيدو ذڪر ڪري لکيو آهي تہ حضرت عبدالله بن رواحه رضي الله عنه ان ئي بيان تي شعر بہ چيو آهي (٣) مذڪوره آيتن جو خلاصو هي آهي تہ: ايمان وارن کي ڪلمه طيبه جي ڪري دنيا ۾ هڪ نقطه نظر، هڪ مستحڪم نظام فڪر، ۽ هڪ جامع نظريو ملي ٿو جيڪو هر مشڪل جي حل لاءِ ڪنجي آهي ان ڪلمه کي صحيح معنىٰ ۾ سمجهي ايمان آڻيندڙ کي سيرت جي مضبوطي ۽ ايمان جو اهڙو استحڪام ملي ٿو جنهن کي زماني جون گردشون متزلزل ڪري نہ سگهنديون ان کي زندگي گذارڻ جا اهڙا ٺوس اصول ملندا آهن جن سان ان کي هڪ طرف قلب جو سڪون ۽ دماغ جو اطمينان ملي ٿو تہ ٻئي طرف ان کي سعي، عمل ۽ جدوجهد جي رستن ۾ ڀٽڪڻ، ٺوڪرون کائڻ کان بچاءِ حاصل ٿئي ٿو. وري جڏهن اهو موت جي منزل کان لنگهي اڳئين جهان جي ابتدائي مرحلي قبر ۾ پهچي ٿو تہ اتي ان کي ڪنهن قسم جي حيراني ۽ پريشاني لاحق نہ ٿيندي آهي ڇو تہ اتي ان کي جيڪو ڪجهہ پيش اچي ٿو اهو ڪيس دنياوي حياتيءَ ۾ ئي ذهن نشين ڪيل هو جڻ تہ اهو جنهن منزل ۾ پهتو آهي ان کي طي ڪرڻ جي لاءِ اڳئي تيار ۽ واقف هو اتي ڪيئن ڪوبہ اهڙو مرحلو پيش نہ ٿو اچي جنهن جي ان کي پهريان خبر نہ

(١) الدر المنثور صـ٢٦ کان ٢٩ جلد٥ (٢) معارف القرآن صـ٢٣٦ جلد٥
(٣) القرطبي صـ٣٦٣ جلد٩

هجي ۽ ان جي لاءِ ذهني طرح تيار نہ هجي. ان جي ڪري اتي هر منزل ڪان پوري ثابت قدمي سان لنگهي ويندو اتي مومن جو حال ان ڪافر ڪان مختلف هوندو جنهن ڪي مرڻ سان ئي پنهنجي توقعات جي خلاف اوچتو هڪ نئين صورت حال پيش ايندي جنهن کي ڏسي حيران ٿي ويندو "وَيُضِلُّ اللّٰهُ الظّٰلِمِيْنَ" ۽ الله ظالمن کي گمراه ٿو ڪري - دنيا ۾ هن طرح جو انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جي تعليمات ڪان پري، ولين سڳورن ڪان جدا ۽ علماءِ دين جي مجلسن ڪان پڄندا رهندا، دماغ ۾ انتشار هوندن، بي اطميناني، پريشاني ۽ دنيوي تفڪرات جي هجوم ڪان بي چين هوندا ۽ جڏهن موت جي منزل سامهون ڏسندا تہ پوءِ سندن پريشاني ۽ حيرانيءَ جي ڪا حد نہ رهندي ۽ قبر ۾ پڇيل هر سوال جي جواب ۾ لاادري (ڪابہ خبر نہ اٿم) چوندا رهندا

"وَيَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ" ۽ الله جيڪو گهري ٿو ڪري ٿو. مطلب تہ خير ۽ شر، توفيق ۽ بي توفيقي، هدايت ۽ گمراهي سيئي الله جل جلالہ جي حڪمت ڇا فيصلا آهن جيڪو گهري ٿو ڪري ٿو.

"اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ بَدَّلُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ كُفْرًا وَّاَحَلُّوْا قَوْمَهُمْ دَارَ الْبَوَارِ جَهَنَّمَ يَصْلَوْنَهَا وَبِئْسَ الْقَرَارُ" ڇا تو انهن کي نہ ڏٺو. جن الله جي نعمت کي ڪفر سان بدلايو ۽ پنهنجي قوم کي هلاڪت واري گهر ۾ داخل ڪيو جهنم ۾ پهچندا ۽ اها رهائش بري آهي مطلب تہ اسان انهن کي فائدا، برڪتون، انوار ۽ تجليات حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر طرح جون نعمتون عطا ڪيون پر انهن پنهنجي بدنصيبيءَ جي ڪري سرڪشي ڪندي انهن نعمتن جو ڪفر ۽ بي شڪري ڪري پاڻ بہ هلاڪ ٿيا ۽ پنهنجي قوم وارن ۽ ماتحتن کي بہ هلاڪت جي گهر ۾ داخل ڪيو جهنم ۾ داخل ٿيندا جيڪو انتهائي بري رهائش گاهہ آهي جيڪو ٿورو بہ عقل رکي ٿو اهو ان ۾ وڃڻ لاءِ قطعًا راضي نہ رهندو پر اهل دل، اهل ايمان جي زندگي پياري هوندي آهي. سندن ننڍ پڻ علم حاصل ڪرڻ ۾، جواني عبادت ۾ پير سني خدا جي خوف ۽ استغفار پڙهڻ ۾ گذرندي آهي پر ڪافر جي ننڍ پڻ سستيءَ ۾، جواني غفلت ۽ مستيءَ ۾، پير سني بتن جي اڳيان ذڪن ڪائڻ ۾ گذرندي آهي.

"وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ قُلْ تَمَتَّعُوْا فَاِنَّ مَصِيْرَكُمْ اِلَى النَّارِ" ۽ الله جي لاءِ شريڪ بنايائون تانتہ ان جي واٽ ڪان گمراه ڪري ٿيڙين فرماءِ تہ فائدو وٺو پوءِ يقينًا اوهان جو باه ڏانهن موٽڻ آهي مطلب تہ انهن الله جل جلالہ جي احسانات

کان متاثر ٿي ان حقيقي منعم جي شڪر گذاري ۽ اطاعت شعاريءَ ۾ لڳڻ جي بجاءِ الله جل جلاله جي مقابلي ۾ بيا باطل معبود ٺاهي الله جل شانه جا اختيار انهن کي ورهائي ڏنا ۽ عبادت جيڪا خالق اڪبر وحده لاشريڪ له جو حق آهي سا به باطل معبودن بتن وغيرها جي حوالي ڪري ٻين کي به حق جي رستي کان گمراه ڪري ڇڏڻ لڳا. الله سائين فرمايو ته: اي محبوب! عليه الصلواة والسلام اوهان انهن کي فرمايو ته: عارضي حياتيءَ جا ٻه ڏينهن عيش عشرت ڪندي گذاريو اوهان جو جهنم جي باهه ڏانهن موٽڻ اچڻ يقيني آهي

فائدا

هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا "١" قبر جو عذاب حق آهي جيڪو ڪافر جي لاءِ ته يقيني آهي پر ڪيترن گناهن جيئن چغلخوري. پيشاب کان پرهيز نه ڪرڻ وغيره جي ڪري مسلمان کي به ٿي سگهي ٿو.

"٢" "بَدَّلُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ كُفْرًا" (الله جي نعمت کي ڪفر سان بدلايائون) مان واضح ٿيو ته ناشڪري اصل ۾ ڪافرن جي نشاني آهي ۽ نعمت کي استعمال نه ڪرڻ، يا غلط استعمال ڪرڻ سڀ ناشڪريءَ ۾ داخل آهي. ۽ اهي سڀ حرڪتون نعمت بدلائڻ ۾ داخل آهن

٣. "جَهَنَّمَ يَصْلَوْنَهَا" (جهنم ۾ داخل ٿيندا) مان ثابت ٿيو ته جهنم اصل ۾ ڪافرن جي جاءِ ۽ رهائشگاه آهي پر گنهگار مسلمان ان ۾ عارضي طور داخل ٿيندو جڏهن ته ان جي گذر گاه آهي.

٤. حضور عليه الصلواة والسلام جن به الله جي نعمت آهن انهن جو ذڪر ڪرڻ، شان ٻڌائڻ به نعمت جو قدر ڪرڻ آهي ۽ اهو احسان نه ٻڌائڻ الله جي نعمت کي تبديل ڪرڻ ۽ ناشڪري آهي.

قُلْ لِّعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَيُنْفِقُوْا مِمَّا

فرماءِ منهنجي ٻانهن کي جن ايمان آندو ته قائم ڪن نماز ۽ خرچ ڪن ان مان جو

رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا

رزق ڏنو سون انهن کي ڳجهو ۽ ظاهر هن کان اڳي جو اچي اهڙو ڏينهن جو ناهي واپاران ۾ ۽ نه

خِلٰلٌ ﴿٣١﴾ اَللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ

دوستي سچومعبود جنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين ۽ لاٿائين آسمان مان

مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْفُلْكَ

پاڻي پوءِ ڪڍيائين ان سان ميون مان رزق اوهان جي لاءِ ۽ مطيع ڪيائين اوهان جي لاءِ ٻيڙيون

لِتَجْرِیَ فِی الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْاَنْهٰرَ ﴿٣٢﴾ وَسَخَّرَ لَكُمُ

تانته هلن سمنڊ ۾ ان جي امر سان ۽ مطيع ڪيائين اوهان جي لاءِ نهرون ۽ مطيع ڪيائين اوهان جي لاءِ

الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ دَآئِبَیْنِ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّیْلَ وَالنَّهَارَ ﴿٣٣﴾ وَاٰتٰىكُمْ

سج ۽ چنڊ مسلسل هلندڙ ۽ مطيع ڪيائين اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن ۽ ڏنائين اوهان کي

مِّنْ كُلِّ مَا سَاَلْتُمُوْهُ ؕ وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ؕ اِنَّ

هر ان (شيءِ) مان جو گهريو اوهان ان کان ۽ جيڪڏهن ڳڻيندؤ نعمتون الله جون ته نه ڳڻي سگهندؤ ان کي بيشڪ

الْاِنْسَانَ لَظَلُوْمٌ كَفَّارٌ ﴿٣٤﴾ ع

انسان البت ظلم ڪندڙ، بي شڪر آهي

تفسير

هن ڪان پهريان الله جل جلاله جي طرفان حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن سان خطاب هو ۽ هنن آيتن ۾ سندن مومنن امتين سان خطاب ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "قُلْ لِّعِبَادِیَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا یُقِیْمُوا الصَّلٰوةَ وَیُنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِیَةً مِّنْ قَبْلِ اَنْ یَّاْتِیَ یَوْمٌ لَّا بَیْعٌ فِیْهِ وَلَا خِلٰلٌ" منهنجي انهن ٻانهن کي فرماءِ جن ايمان آندو ته نماز قائم ڪن ۽ جيڪي اسان انهن کي رزق ڏنو آهي ان مان ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳي جنهن ۾ نه واپار هوندو نه دوستي لڪل ۽ ظاهر خرچ ڪن الله جل جلاله هن آيت ۾

پنهنجن مومنن ٻانهن کي نيڪن عملن جي ترغيب ڏياري آهي ۽ اهو ٻڌايو آهي تہ اوهان جي اڳيان اهڙو ڏينهن اچي رهيو آهي جنهن ۾ نہ تجارت هوندي نہ (دنياوي) دوستن جي دوستي هلندي ان ڏينهن لاءِ نماز ۽ ظاهر ۽ لڪل خير خيرات وارا عمل ڪري پنهنجي لاءِ زاد راه بنايو - اچڻ واري ڏينهن مان مراد بظاهر تہ قيامت جو ڏينهن آهي ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان مان مراد مرڻ وارو ڏينهن هجي ڇو تہ ان وقت نہ ڪا تجارت ٿي ڪم ڏي نہ دوستي ٿي بچائي سگهي.

ڪم نہ اچڻ واري دوستيءَ مان مراد ڇا آهي؟

مفسرين ڪرام لکيو آهي تہ: ڪم نہ اچڻ واريءَ دوستيءَ مان مراد صرف دنيوي دوستيون آهن پر جن ماڻهن جي دوستي ۽ تعلقات خاص الله جل جلاله جي راضي ڪرڻ ۽ ان جي دين جي خدمتن لاءِ آهن انهن جي دوستي ان وقت بہ ڪم ايندي جو الله جل جلالہ جا نيڪ ۽ مقبول ٻانها ٻين جي شفاعت ڪندا ، جيئن گهڻين حديثن ۾ نقل ڪيل آهي. ۽ قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي "اَلْاَخِلَّاۗءُ يَوْمَىِٕذٍۢ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ" ان ڏينهن دوست هڪ ٻئي جا دشمن هوندا مگر متقي (ٻانها دشمن نہ هوندا هڪ ٻئي جا دوست هوندا) ۽ انهن جي دوستي ڪم اچڻ واري شيءِ آهي (١)

"اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَاَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْفُلْكَ لِتَجْرِيَ فِي الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْاَنْهٰرَ وَسَخَّرَ لَكُمُ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ دَاۗىِٕبَيْنِ وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ" معبود بالحق جنهن آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا ۽ آسمان مان پاڻي لاهي ان سان اوهان جي رزق لاءِ ميوا پيدا ڪري ڪڍيائين ۽ اوهان جي لاءِ ٻيڙيون مطيع ڪيائين تانتہ ان جي امر سان سمنڊ ۾ هلن ۽ اوهان جي لاءِ نهرون مطيع ڪيائين ۽ اوهان جي لاءِ مسلسل هلندڙ سج ۽ چنڊ مطيع ڪيائين ۽ اوهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن مطيع ڪيائين هِنن آيتن ۾ انسان کي اهي نعمتون ياد ڏياريون ويون آهن جن سان الله جل جلالہ ان کي نوازيو آهي ارشاد آهي تہ الله جل شانہ جي ذات ئي آهي جنهن آسمان ۽ زمينون پيدا ڪيون آهن جنهن تي انساني وجود جي ابتداء ۽ بقاء موقوف آهي ۽ آسمان کان مينهن جي صورت ۾ پاڻي لاهي ان جي ذريعي قسمين قسمين ميوا پيدا ڪيائين تانتہ اهي اوهان جو رزق بنجي سگهن "مِنَ الثَّمَرٰتِ" ثمرات ثمرة جو جمع آهي هر شيءِ مان حاصل ٿيندڙ

(١) معارف القرآن صہ ٣٤٣جلد ٥

نتيجي ڪي ان جو ثمرة سڏيو ويندو آهي ان جي ڪري "ثمرات" جي لفظ ۾ اهي سيئي شيون شامل آهن جيڪي انسان جي غذا ٿيون بنجن ۽ اهي شيون بہ جيڪي ان جو لباس ۽ رهڻ وغيره لاءِ ڪم اچن ٿيون ڇو تہ هن آيت ۾ آيل لفظ رزق انسان جي انهن سيني ضرورتن تي حاوي ۽ شامل آهي (١)

ارشاد ٿيو آهي تہ: الله جل جلالہ اوهان جي لاءِ ٻيڙيون (۽ بحري جهاز وغيره) مسخر ۽ مطيع ڪيا آهن جيڪي دريائن ۾ سندس حڪم سان هلن ٿا "سَخَّرَ" (مطيع ڪيائين) لفظ جيڪو هتي استعمال ٿيو آهي ان مان مراد آهي تہ الله جل جلالہ اوهان جي لاءِ انهن جو استعمال ڪرڻ آسان ڪيو آهي ٻيڙين ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاٺ، لوهُ ۽ ناهڻ لاءِ ايندڙ اوزار ۽ ناهيندڙن کي اهو عقل ۽ سمجهہ سڀ ان جا عطا ڪيل آهن ان کان بعد سج ۽ چنڊ جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي مسلسل هلندا رهن ٿا "دَآئِبَيْنَ" جي معنىٰ جارِيين في فلكهما لايفتران ابدا حتى نهايتہ الحياة الدنيا (٢) پنهنجي فلڪ ۾ هميشه هلندڙ آهن دنيا جي حياتيءَ تائين نہ رڪجندا علامه حسنين محمد محلوف ان جي معنىٰ ۾ لکيو آهي دائبين في منافعهما لكم (٣) اهي هميشه اوهان کي نفعا ڏيڻ ۾ مشغول آهن مسخر ڪرڻ جي معنىٰ اها نہ آهي تہ اهي اوهان جي اشاري تي هلندا ڇو تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ هر انسان انهن لاءِ جدا حڪم ڪري ها ۽ سڄو نظام درهم برهم ٿي وڃي ها "وَآتَاكُمْ مِّنْ كُلِّ مَاسَأَلْتُمُوْهُ" ۽ جيڪي بہ اوهان ان کان گهريو اوهان کي ڏنائين مطلب تہ اوهان قال يا حال جي زبان سان جيڪي شيون طلب ڪيون انهن مان هر شيءِ جو جيترو قدر حصو سندس حڪمت ۽ مصلحت جي موافق هو اهو مجموعي طور تي اوهان سيني کي عطا فرمايائين. "وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَاتُحْصُوْهَا" ۽ جيڪڏهن اوهان الله جي نعمتن کي ڳڻيندؤ تہ ڳڻي نہ سگهندؤ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ انسان جو وجود ئي هڪ ننڍو جهان آهي ان جي اک، نڪ، ڪن، هٿ، پير ۽ بدن جي هر سنڌ بلڪ هر هڪ رڳ ۾ رب العزة جل شانه جون نهايت ڪان گهڻيون نعمتون لڪل آهن جن سان هي. هلندڙ ڦرندڙ سوين مشينن جو ڪارخانو هر وقت مشغول آهي "اِنَّ الْاِنْسَانَ لَظَلُوْمٌ كَفَّارٌ" بلا شڪ انسان وڏو بي انصاف ۽ وڏو بي شڪر آهي هتي انسان مان مراد عام انسان آهن يا ڪافر مراد آهن (۴) يعني هجڻ تہ ائين کپندو هو تہ سيئي انسان پنهنجون پيشانيون ان مالڪ، حي، قيوم

(١) المظهري صہ٢٧٣ جلد٥ معارف القرآن صہ٣۴٢ جلد٥ (٢) ايسر التفاسير صہ۴٨٢ جلد٢
(٣) تفسير وبيان ڪلمات القرآن صہ٢٥٩ (۴) بحر العلوم صہ ٢٠٨ جلد٢

جي دروازي تي جهڪيل رکن ها ان جي حمد ۽ ثنا سان سندن زبانون تر ۽ تازيون رهن ها پر عام انسان يا ڪافر انصاف جي ان تقاضا کان منهن موڙي بي انصاف ۽ بي شڪر رهن ٿا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا "١" "قُلْ لِّعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (منهنجن ايمان وارن ٻانهن کي فرماءِ) ۾ ايمان وارن کي منهنجا ٻانها سڏڻ مان ثابت ٿيو ته اشرف الخلق انسانن مان به رب العزة جل شانه کي وڌيڪ پيارا اهي آهن جن ايمان ڪامل رکيو آهي ڇو ته "لِعِبَادِيَ" واري نسبت دنيا جي سڀني نسبتن کان وڌيڪ اهم ۽ پياري آهي.

٢. "اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ" (آسمان مان پاڻي لاٿائين) مان واضح ٿيو ته هر قسم جو پاڻي اصل مٿان اچي ٿو. پوءِ اهو پلي دريائن جي صورت ۾ هجي يا کوهن جي صورت ۾.

مسئلو

"اِنَّ الْاِنْسَانَ لَظَلُوْمٌ كَفَّارٌ" (بلاشڪ انسان گهڻو نا انصاف گهڻو بي شڪر آهي) مان ثابت ٿيو ته نالي وٺڻ کان سواءِ ڪنهن جا عيب بيان ڪرڻ منع ناهن ذاتي نالو وٺي ڪنهن جا عيب بيان ڪرڻ گلا آهي. جيڪا شرعًا منع ۽ وڏو گناهه آهي.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّ اجْنُبْنِيْ وَ بَنِيَّ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چيو ابراهيم ته اي منهنجا پالڻهار! ڪر تون هن شهر کي امن وارو ۽ پري رک مون کي ۽ پٽن منهنجن کي

اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ ﴿٣٥﴾ رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ

هن ڳالهه کان ته عبادت ڪيون بتن جي اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ انهن گمراه ڪيو گهڻن ماڻهن کي

فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ

پوءِ جيڪو تابع ٿيو منهنجو پوءِ بيشڪ اهو مون مان آهي ۽ جنهن بي فرماني ڪئي منهنجي پوءِ بيشڪ تون بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿٣٦﴾ رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ

،مهربان آهين اي اسان جا پالڻهار! بلاشڪ مون رهايو بعضي اولاد پنهنجي کي واديءَ غير آباد ۾

عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ

تنهنجي عزت واري گهر وٽ اي اسان جا پالڻهار! تانت قائم ڪن نماز پوءِ ڪرتون

اَفْئِدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ

دلين ڪن ماڻهن جي ڪي تہ لڙي پون انهن ڏانهن ۽ رزق ڏي انهن کي ميون مان

لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٧﴾ رَبَّنَآ اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَمَا نُعْلِنُ ۭ وَمَا

تانت اهي شڪر ادا ڪن اي اسان جا پالڻهار! بلاشڪ تون ڄاڻين ٿو جيڪي لڪايون ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪيون ٿا ۽ نہ ٿي

يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاۗءِ ﴿٣٨﴾ اَلْحَمْدُ

ڳجهي رهي الله کان ڪابہ شئي زمين ۾ ۽ نہ آسمان ۾ سڀ ساراهہ

لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ لِيْ عَلَي الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ ۭ اِنَّ رَبِّيْ

الله جي لاءِ آهي جنهن عطا ڪيا مون کي ٻڍڙائپ ۾ اسماعيل ۽ اسحاق بيشڪ رب منهنجو

لَسَمِيْعُ الدُّعَاۗءِ ﴿٣٩﴾

البت دعا ٻڌندڙ آهي

تفسير

هنن آيتن کان پهريان آيل آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ آسمان، زمينون ۽ انهن ۾ جيڪي بہ ننديون ۽ وڏيون شيون آهن سڀ الله جل جلالہ جي قدرتي قبضي ۾ آهن ۽ هنن آيتن ۾ حضرت ابراهيم جي دعا کي ذڪر ڪري ثابت ڪيو ويو آهي تہ سڀئي انسان بہ ان جي قبضه قدرت ۾ آهن فرمان الاهي آهي "وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّاجْنُبْنِيْ وَبَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ ۭ رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّىْ ۚ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" ۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم چيو تہ:

اي منهنجا پالڻهار! هن شهر کي امن وارو بناءِ ۽ مون کي ۽ منهنجن پٽن کي هن ڳالهہ کان پري رک جو بتن جي عبادت ڪيون اي منهنجا پالڻهار! انهن بتن گهڻن ماڻهن کي گمراه ڪيو آهي پوءِ جيڪو منهنجو پوئلڳ ٿيو اهو يقينًا مون مان آهي ۽ جنهن منهنجي بي فرماني ڪئي پوءِ يقينًا تون ئي بخشڻهار، مهربان آهين عام انسان جي حال بيان ڪرڻ کان پوءِ الله جل جلاله جي خليل حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو حال بيان ڪندي سندس دعا جو ذڪر ٿي رهيو آهي تہ: ان بارگاه ايزديءَ ۾ عرض ڪيو يا الله! هن شهر کي امن وارو بناءِ جنهن ۾ تنهنجي انوار جي تجلي گاه وارو حصو آهي ۽ اها وادي آهي جيڪا تنهنجي قدرتي جلون جو مرڪز آهي اتي اچڻ وارا سلامتيءَ سان رهن ۽ مونکي ۽ منهنجي پٽن کي بتن جي عبادت کان ايترو پري رک جو ان جو تصور بہ نہ ڪري سگهون يا الله! انهن بتن گهڻن ماڻهن کي گمراه ڪري ڇڏيو. آخر ۾ فرمايائين تہ: جيڪو منهنجو پوئلڳ ٿيو اهو تہ منهنجي ٽولي مان آهي پر جيڪو بي فرمان ٿيو اهو تنهنجي حوالي آهي تون بخشڻهار مهربان آهين ان لاءِ جيڪو فيصلو ڪندين سو تنهنجي حڪمت جي تقاضا تي پورو هوندو ان کي هدايت ڏئي بخشيندين تہ تو لاءِ محال ناهي. "رَبَّنَآ اِنِّيۡٓ اَسۡكَنۡتُ مِنۡ ذُرِّيَّتِيۡ بِوَادٍ غَيۡرِ ذِيۡ زَرۡعٍ عِنۡدَ بَيۡتِكَ الۡمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ فَاجۡعَلۡ اَفۡـئِدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهۡوِىۡۤ اِلَيۡهِمۡ وَارۡزُقۡهُمۡ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمۡ يَشۡكُرُوۡنَ" اي اسان جا پالڻهار! مون پنهنجو ڪجهہ اولاد غير آباد واديءَ ۾ تنهنجي عزت واري گهر وٽ رهايو آهي تانت نماز قائم ڪن پوءِ تون ڪجهہ ماڻهن جي دلين کي اهڙو بناءِ جو انهن ڏانهن رغبت ڪن ۽ انهن کي ڪجهہ ميون جو رزق ڏي تانت اهي شڪر ڪندا رهن - محدث بخاري حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان هڪ ڊگهي روايت آندي آهي جنهن جو خلاصو هي آهي تہ: الله جل جلاله نوانوي (٩٩) سالن جي عمر ۾ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي سيده هاجره رضي الله عنها مان هڪ پٽ عطا فرمايو جنهن جو نالو مبارڪ اسماعيل (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) رکيو ويو حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام الله جل شانه جي حڪم سان پنهنجي ان کير پياڪ پٽ ۽ سندس والده سيده هاجره رضي الله عنها کي وٺي ان مقام تي آيو جتي هاڻي مڪه مڪرمه آباد آهي ۽ اتي پاڻي بالڪل ناياب هو. پاڻ پنهنجي ان پٽ ۽ اهليه کي اتي رهائي انهن وٽ کجور جو هڪ ٿيلهو ۽ پاڻيءَ جي کلي رکي اتاهين روانو ٿيو. سيده هاجره رضي الله عنها سندس پويان ڊوڙندي ڪيس عرض ڪيو تہ

"اسان کي هن ويران واديءَ ۾ ڇڏي ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ بيبي سائڻ ڪئين ڀيرا اها ڳالهه دهرائي پر حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ان کي منهن مبارڪ موڙي به نه ڏنو. حضرت هاجره ڪيس وري عرض ڪيو ته: االله امرك بهذا؟ ڇا الله تعالیٰ تو کي هي امر فرمايو آهي؟ پاڻ فرمايائين ته ها حضرت هاجره رضي الله عنها اهو ٻڌي نهايت اطمينان سان چيو ته: اذا لايضيعنا" جيڪڏهن ان امر ڪيو آهي ته اهو اسان کي ضايع نه ڪندو پوءِ بيبي سائڻ موٽي پنهنجي پياري پٽ ڏانهن آئي پر جڏهن سيدنا حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پر ۾ هڪ جبل جي چوٽيءَ تي پهتو جتي ڪيس حضرت سيده هاجره نه ٿي ڏسي سگهي ته پاڻ اتي قبله ڏانهن منهن ڪري هيءَ دعا گهريائين (جيڪا هنن آيتن ۾ ذڪر ڪيل آهي) هوڏانهن حضرت بيبي هاجره حضرت اسماعيل (علیٰ نبينا وعليه الصلواة نئڙي) کي ڪير پيارينديه رهي ۽ آهستي آهستي جڏهن ڪليءَ وارو پاڻي ۽ ڪجور ختم ٿي ويا ۽ سيده پاڻ به اڃايل ٿي ۽ ننڍڙي پٽ جي بـ زبان مبارڪ خشڪ ڇپن تي ڦرڻ لڳي ته اهو منظر سائڻ سهي نه سگهي اتي پر ۾ ئي صفا نالي ننڍڙو جبل هو ان خيال سان ان جي مٿان چڙهي ته شايد ڪٿي پاڻي نظر اچي پر نظر نه آيو ٻچي جو فڪر به هو هيٺ لهي ڊوڙي مروه تي چڙهي ته شايد اتاهين کو پاڻي نظر اچي ان جاچ دوران ست ڀيرا ٻنهي جبلن جي وچ ۾ آئي وئي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته: فذاک سعي الناس بينهما" ان وجه جي ڪري ماڻهو ٻنهي جبلن جي وچ ۾ ڊوڙندا آهن جڏهن سيده آخري ڀيرو مروه تي چڙهي ته ڪيس هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو پاڻ هڪدم ان ڏانهن ڪن ڏنائين ته: هڪ ملائڪ زمين تي پنهنجو پر هنيو ۽ زمين مان پاڻي ڦوهارا هڻي نڪتو سيده اتي پهچي ان پاڻيءَ جي چئو طرف حد لڳائي پنهنجي ڪليءَ کي ڀري رکيو ۽ اهو پاڻي ڦوهارا هڻي وڌندو رهيو سيده هاجره ڪيس روڪيو جيڪڏهن نه روڪي ها ته اهو وهندڙ چشمو وڏو ٿي وڃي ها سيده پاڻ ان (زم زم) جي ننڍڙي چشمي مان پاڻي پيتو ۽ پنهنجي پٽ کي پنهنجو کير پياريو ملائڪ ڪيس چيو ته: تون ڪوبه خوف نه ڪر هتي بيت الله آهي ان کي تنهنجو هي پٽ ۽ سندس پيءُ (حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) تعمير ڪندا ۽ الله پنهنجن پيارن کي ضايع نه ڪندو آهي (١)

حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ان دعا سان گڏ هيءَ دعا به گهري ته

(١) ضياءُ القرآن صـ٥٢٠ جلد٢

ياالله! مون پنهنجو ڪجهہ اولاد هتي ان جي ڪري بہ رهايو آهي تہ اهي نماز قائم ڪن يا الله! تنهنجو گهر جنهن واديءَ ۾ آهي اتي ڪا بہ آبادي ناهي نہ زراعت جو انتظام آهي نہ پاڻي آهي ۽ نہ زمين آباديءَ جي لاءِ موزون آهي تہ تون هتي رهڻ وارن جي رزق جو انتظام ڪر ۽ پنهنجي ٻانهن جي دلين ۾ هتي جي رهاڪن لاءِ محبت پيدا ڪر تانت اهي ڇڪجي ڇڪجي هتي اچن ۽ هتي جي رهاڪن جي زندگيءَ جي لاءِ ضروري سامان ۽ اسباب مهيا ٿين - هيءَ دعا انهن جي لاءِ گهري ٿي وئي جن کي اتي سائي گاه جو هڪ تيلو بہ نظر نہ ٿي آيو حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام الله جل شانه جي قدرت ۽ سندس بخششن کان چڱيءَ طرح واقف هو ان کي اهو يقين هو تہ الله جل جلالہ جيئن گهري تيئن ڪري سگهي ٿو پوءِ سندس دعا اهڙي مقبول ۽ مستجاب ٿي جو مڪه مڪرمه جي بازارن ۾ هر قسم جا نہ صرف تازا تازا ميوا موجود آهن پر ساري دنيا جي مصنوعاتن جا ڍير لڳا پيا آهن ۽ اها ڪيفيت قيامت تائين جاري رهندي (انشاءَ الله العزيز) آخر ۾ فرمايائين تہ: اهو سڀ ڪجهہ ان جي ڪري گهران ٿو تانت (تنهنجي توفيق عطا ڪرڻ سان) اهي شڪر گذار ٻانها بنجي پون "رَبَّنَآ اِنَّكَ تَعۡلَمُ مَا نُخۡفِىۡ وَمَا نُعۡلِنُ‌ؕ وَمَا يَخۡفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنۡ شَىۡءٍ فِى الۡاَرۡضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ" اي اسان جا پالڻهار! يقينًا تون اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو جيڪو اسين لڪ ۾ ڪيون ٿا ۽ جيڪو ظاهر ڪيون ٿا ۽ زمين ۽ آسمان ۾ الله کان ڪا بہ شيءِ لڪل نہ ٿي رهي يعني اسان جي ضرورتن، امرن، احوالن ۽ مصلحتن کي تون يقينًا ڄاڻين ٿو ۽ تون اسان تي اسان جي سرن کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين اسان کي طلب ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي پر ان هوندي بہ دعائون ان لاءِ ٿا گهرون تہ تنهنجي اڳيان پنهنجو عبد هجڻ، تنهنجي رحمت جو محتاج هجڻ ظاهر ڪيون ۽ تنهنجو انعام جلد حاصل ڪيون حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي تہ ان (جيڪي لڪايون ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪيون ٿا) مان مراد حضرت اسماعيل ۽ ان جي والده جي جدائيءَ تي طاري ٿيندڙ وجدان آهي (١) ۽ "مِنۡ شَىۡءٍ" ۾ من استغراق جي لاءِ آهي. ۽ هڪ قول مطابق اهو حضرت ابراهيم علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام جي دعا جو حصو آهي ۽ اڪثر مفسرن جو قول آهي تہ اهو الله جل جلالہ جو فرمان آهي. (٢) "اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ وَهَبَ لِىۡ عَلَى الۡكِبَرِ اِسۡمٰعِيۡلَ وَاِسۡحٰقَ‌ؕ اِنَّ رَبِّىۡ لَسَمِيۡعُ الدُّعَآءِ" سڀ ساراه ان الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن مون کي ٻڍاپڻ ۾ اسمٰعيل ۽ اسحٰق ڏنا بيشڪ منهنجو رب

(١) مظهري صہ ٢٧٨جلد٥ (١) ساڳيو حوالو

يقينًا دعا ٻڌندڙ آهي. هن حصي ۾ حضرت ابراهيم الله جل جلاله جي طرفان ٿيل اڳين احسانن جو شڪر ڪيو آهي تہ الله اڳ ۾ بہ مون تي هي مهربانيون ڪيون جو مان پوڙهو ٿي چڪو هوس ۽ منهنجي گهرواري بہ صفا سنڍ هئي ۽ عام طور اولاد ٿيڻ جو وقت ٿي گذري ويو هو. پر ان حال ۾ ان مون کي اسمٰعيل ۽ اسحٰق (علىٰ نبينا و عليهما الصلواة والسلام) پٽ عطا فرمايا ۽ مون کي يقين آهي تہ اهو دعا ٻڌندڙ آهي. روايت ۾ آهي تہ جڏهن ڪيس حضرت اسمٰعيل پٽ ڄائو هو تہ سندس عمر مبارڪ نوانوي (٩٩) سال هئي ۽ جڏهن حضرت اسحٰق ڄائو تہ سندس عمر مبارڪ هڪ سؤ ٻارهن (١١٢) سال هئي. ۽ هن جاءِ تي "عَلَى الْكِبَرِ" (ٻڍڙائپ ۾) آٿي ان ڳالهہ کي واضح ڪيائين تہ منهنجي اها عمر اولاد ٿيڻ جي ٿي ڪانہ هئي پر پوءِ بہ اهڙا عظيم فرزند عطا ڪيائين اهو ان جو وڏو ڪرم آهي. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "رَبَّنَا لِيُقِيمُوا الصَّلٰوةَ" (اي اسان جا رب! تانت نماز قائم ڪن) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي قرب حاصل ڪرڻ جي لاءِ سڀني عبادتن کان افضل ۽ اعلىٰ عبادت نماز آهي ان جي ڪري ئي حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) فرمايو تہ مان هن غيرآباد واديءَ ۾ پنهنجي اهليه ۽ پٽ کي ان ڪري ٿو رهايان تانت نماز قائم ڪن.

٢- "اِنَّ رَبِّيْ لَسَمِيْعُ الدُّعَآءِ" (بلاشڪ منهنجو رب يقينًا دعا ٻڌندڙ آهي) مان ثابت ٿيو تہ نبي سڳوري جي دعا مقبول هوندي آهي ۽ ٻيو ڪوبہ ان جي برابر نہ هوندو. ڪي ڪي جاهل ماڻهو اولياءِ ڪرام کي انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام کان بہ وڌيڪ مقبول سمجهندا آهن جيڪو نہ صرف سخت گناه پر ڪفر آهي. اهڙيون من گهڙت ڳالهيون ناهي ٻڌائڻ جن ۾ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي توهين ۽ تنقيص نظر اچي بالڪل ڪفر آهي (اعاذنا الله منها وجميع المسلمين)

٣- "وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ" (۽ منهنجي اولاد مان) ۾ من تبعيض جي آڻڻ مان ثابت ٿيو تہ جيڪڏهن رب العزة جل شانه ڪنهن کي اولاد گهڻو ڏي تہ انهن مان ڪي ديني خدمتن سان لڳائي تہ ڪي دنيوي ضرورتن کي پوري ڪرڻ سان لڳائي. تانت ٻئي ڪم سهڻي نموني هلي سگهن.

۴- "وَارْزُقْهُمْ مِنَ الثَّمَرَاتِ" (۽ انهن کي ميون مان رزق ڏي) مان واضح ٿيو تہ

(١) مدارڪ ص ٦٢۴ جز ٢ جلد ١

رب العزة جل شانه کان رزق، روزي ۽ دنيوي حاجتون گھرڻ بہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي سنت آهي.

رَبِّ اجْعَلْنِي مُقِيمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿٤٠﴾

اي منهنجا رب! بناءِ مون کي نماز قائم ڪندڙ ۽ منهنجي اولاد مان اي اسان جا رب! ۽ قبول ڪر منهنجي دعا

رَبَّنَا اغْفِرْلِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿٤١﴾

اي اسان جا رب! مون کي بخش ڪر ۽ منهنجي پيءُ ماءُ کي ۽ مومنن کي جنهن ڏينهن قائم ٿيندو حساب.

تفسير

هنن آيتن کان پھريان حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي دعا مان حلال رزق گھرڻ واري حصي جو ذڪر هو ۽ هتي ان حصي جو بيان آهي جنهن ۾ سهڻن عملن جي توفيق ملڻ جي گھر ڪيل آهي. فرمان عالي شان آهي "رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ" اي منهنجا رب! مون کي نماز قائم ڪندڙ بناءِ ۽ منهنجي اولاد مان (بہ نماز قائم ڪندڙ) بناءِ. اي اسان جا رب! ۽ منهنجي دعا مقبول فرماءِ - دعا جي هن حصي ۾ حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) نماز کي خصوصي طرح ان جي ڪري بيان فرمايو آهي جو ان سان مومن ۽ ڪافر جو فرق ٿيندو آهي ۽ ظاهري ۽ باطني برايون ڇڏرائي قلب کي پاڪ ڪرڻ ۾ ان جو وڏو اثر آهي. "۽ دعا قبول ڪر" ۾ دعا مان مراد عبادت بہ آهي مطلب تہ منهنجي عبادت قبول ڪر ۽ حديث پاڪ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جو فرمان آهي "اِنَّ الدُّعَاءَ هُوَ الْعِبَادَةُ" (١) بلاشڪ دعا ئي عبادت آهي "رَبَّنَا اغْفِرْلِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ" اي اسان جا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي والدين کي ۽ سيني مومنن کي ان ڏينهن بخش فرمائجان جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو، علامه ثناء الله پاني پتي هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ:

(١) المراغي ص١٦٢ جزء١٣ جلد٥

هذه الاية تدل على ان والديه عليه السلام كانا مسلمين و انما كان آزر عما له و كان اسم ابي ابراهيم تارخ كما ذكرنا في سورة البقرة ولاجل دفع توهم آزر قال "والدي" يعني من ولداني حقيقة ولم يقل ابوي (١) يعني هيءَ آيت هن ڳالھ تي دلالت ٿي ڪري تہ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام) جا پيءُ ماءُ مسلمان هئا ۽ آزر سندس چاچو هو ۽ حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي پيءُ جو نالو تارخ هو جيئن اسين سورة البقرة ۾ بيان ڪري آيا آهيون ۽ آزر جي وهم دفع ڪرڻ جي لاءِ ٿي فرمايائين تہ "منهنجي والدين کي بخش ڪر" يعني جن حقيقةً مون کي ڄڻيو آهي ۽ والدي جي بجاءِ "ابوي" نہ فرمايائين. ڇو تہ مجازًا چاچي کي بہ اب سڏيو ويندو آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- دعا جي آداب مان هي آهي تہ الله جل جلالہ جي حمد سان شروع ڪجي جيئن حضرت ابراهيم (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) مالڪ جو حمد ڪيو.

٢- دعا ۾ رب جو لفظ گهڻو آڻڻ سان بہ دعا مقبول ۽ مستجاب ٿيندي آهي. جيئن سيدنا ابراهيم (علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام) اهوئي لفظ بار بار آندو آهي.

٣- دعا ۾ آه و زاري ڪرڻ سان قرب خداوندي جي مقبوليت جو شرف ملندو آهي. بانهو پاڻ کي جيترو گهڻ ۽ محتاج سمجهي عرض ڪندو ان تي رب العزة جو اوترو ڪرم گهڻو ٿيندو.

وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ۗ اِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمْ

۽ هرگز نہ سمجھہ الله کي غافل ان ڪان جيڪي ظالم ڪن ٿا تحقيق ڍر ٿو ڏي انهن کي

لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ الْاَبْصَارُ ﴿٤٢﴾ مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ

ان ڏينهن جي لاءِ جو کلي پونديون ان ۾ اکيون ڊوڙندڙ مٿي ڪندڙ مٿن پنهنجن کي

لَا يَرْتَدُّ اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ ۚ وَ اَفْـِٕدَتُهُمْ هَوَآءٌ ﴿٤٣﴾ وَاَنْذِرِ النَّاسَ يَوْمَ

نہ موٽندي انهن ڏانهن اک انهن جي ۽ دليون انهن جون اڏامندڙ هونديون ۽ ڊيجار ماڻهن کي ان ڏينهن کان

(١) المظهري ص٢٧٩ جلد ٥

يَأْتِيهِمُ الْعَذَابُ فَيَقُولُ الَّذِينَ ظَلَمُوا رَبَّنَآ اَخِّرْنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ

جو ايندو انهن وٽ عذاب پوءِ چوندا اهي جو ظلم ڪيائون تہ اي اسان جا پالڻهار! مهلت ڏي اسان کي مدت

قَرِيبٍ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَنَتَّبِعِ الرُّسُلَ اَوَلَمْ تَكُوْنُوْٓا اَقْسَمْتُمْ

ويجهيءَ تائين تہ قبول ڪيون سڏ تنهنجي کي ۽ تابعداري ڪيون رسولن جي ڇا نہ قسم کڻندا هيئو اوهان

مِّنْ قَبْلُ مَا لَكُمْ مِّنْ زَوَالٍ ﴿٤٤﴾ وَسَكَنْتُمْ فِيْ مَسٰكِنِ الَّذِيْنَ

اڳ ۾ تہ ناهي اوهان لاءِ ڪو زوال ۽ رهيئو اوهان جاين انهن جي ۾ جو

ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَضَرَبْنَا لَكُمُ

ظلم ڪيائون سرن پنهنجن تي ۽ ظاهر ٿيو اوهان لاءِ تہ ڪيئن ڪيوسون انهن سان ۽ بيان ڪياسون اوهان جي لاءِ

الْاَمْثَالَ ﴿٤٥﴾ وَقَدْ مَكَرُوْا مَكْرَهُمْ وَعِنْدَ اللّٰهِ مَكْرُهُمْ وَاِنْ كَانَ

مثال ۽ تحقيق مڪر هلايائون (وڏو) مڪر پنهنجو ۽ الله وٽ رٿ انهن جي آهي ۽ ناهي

مَكْرُهُمْ لِتَزُوْلَ مِنْهُ الْجِبَالُ ﴿٤٦﴾

مڪر انهن جو تانت هليا وڃن ان سان جبل

تفسير

سورة ابراهيم ۾ نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جي قومن جي حالات ۽ معاملات جو ڪجهه ذڪر ۽ الهي احڪام جي مخالفت ڪرڻ جو برو انجام ۽ آخر ۾ حضرت ابراهيم على نبينا وعليه الصلواة والسلام جو بيان آيو آهي جنهن بيت الله جي تعمير ڪئي ۽ جنهن جي اولاد لاءِ الله جل شانہ مڪه مڪرمه جي شهر کي آباد ڪيو ۽ اتي جي رهڻ وارن جي لاءِ هر طرح جو امن، امان ۽ ڪين غيرمعمولي معاشي سهوليتون عطا فرمايائين ۽ ان جي فرزند جليل حضرت اسمٰعيل

جي اولاد سان قرآن ڪريم ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جو اولين خطاب آهي ۽ هن آخري رڪوع ۾ خلاصہ طور ان ئي مڪه مڪرمه وارن کي گذريل قومن تي اچڻ وارين حالتن سان عبرت حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪري ۽ اجان بہ هوش ۾ نہ اچڻ جي صورت ۾ قيامت جي دردناڪ عذابن کان ڊيڄاريو ويو آهي. ارشاد مبارڪ آهي "وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ" ۽ جيڪي ڪجهہ ظالم ڪن ٿا الله کي ان کان بي خبر نہ سمجهہ. مطلب تہ ظالم ۽ مجرم شخص الله جل جلاله جي ڍر ۽ مهلت ڏيڻ جي ڪري بي فڪر نہ رهن تہ ڪين ظلم ڪرڻ جي باوجود ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿئي بلڪ اهي جو ڪجهہ ڪري رهيا آهن الله جل جلاله جي نظر ۾ آهي. ان جي طرفان ڍر ڏيڻ ۾ حڪمت آهي جيڪا پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. "لَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا" (الله کي غافل نہ سمجهہ) ۾ بظاهر خطاب هر ان شخص جي لاءِ آهي جنهن کي سندس غفلت ۽ شيطان ڌوڪي ۾ رکيو آهي. يا ان ۾ خطاب حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن سان آهي پر ان مان مقصد امت جي غافلن کي متنبه ڪرڻ آهي ڇوتہ حضور عليه الصلواة والسلام جن الله جل جلاله کي بي خبر سمجهن (معاذ الله) اهو ممڪن ئي ناهي(١)

"اِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمْ لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ الْاَبْصَارُ"

انهن کي ان ڏينهن جي لاءِ ڍر ٿو ڏي جنهن ۾ اکيون ڪليل رهنديون. مطلب تہ ان ڏينهن جي هيبت جي ڪري اکيون بند نہ ڪندا ڪليل هونديون ۽ ڪن مفسرن ان جو مطلب هي ورتو آهي تہ: اکيون سندن ٻاهر نڪري پونديون "مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ" ڊوڙندڙ، پنهنجا مٿا مٿي ڪندڙ، سندن نظر سندن سرن ڏانهن نہ موٽندي ۽ سندن دليون اڏامندڙ هونديون مطلب تہ خوف ۽ هيبت کان مٿا مٿي ڪري بي حساب ڊوڙندا هلندا نہ اک بند ڪندا نہ ڇنڀيندا ۽ سندن دليون خالي ۽ بدحواس هونديون ڇڻ سينن مان نڪري اڏامن ٿيون "وَاَنْذِرِ النَّاسَ يَوْمَ يَاْتِيْهِمُ الْعَذَابُ فَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رَبَّنَا اَخِّرْنَا اِلٰى اَجَلٍ قَرِيْبٍ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَنَتَّبِعِ الرُّسُلَ" ۽ ماڻهن کي ان ڏينهن کان ڊيڄار جو انهن تي عذاب ايندو پوءِ جن ظلم ڪيو آهي اهي چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ويجهي مدت تائين مهلت ڏي تہ اسين تنهنجي سڏ کي قبول ڪيون ۽ رسولن (عليهم الصلواة والسلام) جي تابعداري ڪيون. مذڪوره حالات بيان ڪرڻ کان پوءِ هي خطاب حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام سان آهي تہ: اوهان پنهنجي مخاطبين کي ان ڏينهن جي عذاب کان ڊيڄاريو جنهن ۾ ظالم ۽ مجرم

(١) معارف القرآن ص٢٦٠ جلد ٥

شخص مجبور ٿي پڪاريندا ته: اي پروردگار! اسان کي اجان ڪجهه وقت مهلت ڏي يعني وري هٿن ڏينهن لاءِ دنيا ۾ موڪل ته اسين تنهنجي فرمان کي قبول ڪري تنهنجن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي اتباع ڪري ان عذاب کان نجات حاصل ڪيون" الله جل جلاله جي طرفان ڪين جيڪو جواب ملندو ان جو ذڪر هيٺن تي رهيو آهي "أَوَلَمْ تَكُونُوٓا أَقْسَمْتُم مِّن قَبْلُ مَا لَكُم مِّن زَوَالٍ" ڇا اوهان اڳ ۾ قسم نه ڪنيو هو؟ ته اوهان لاءِ ڪوبه زوال ناهي. مطلب ته: هينئر ائين چوٿا چئو، اڳ ۾ ته اوهان قسم کڻي چوندا هيئو ته: اسان کي ۽ اسان جي مال ۽ دولت کي ڪوبه لوڏو ناهي ۽ نه اسين ختم ٿينداسون اهو انهن جي جهٽڪڻ ۽ تنبيه ڪرڻ خاطر چيو ويندو (١) "وَسَكَنتُمْ فِي مَسَٰكِنِ ٱلَّذِينَ ظَلَمُوٓا أَنفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَضَرَبْنَا لَكُمُ ٱلْأَمْثَالَ" ۽ اوهان انهن جي جاين ۾ رهيئو جن پنهنجن سرن تي ظلم ڪيو ۽ اوهان جي لاءِ ظاهر ٿيو ته اسان انهن سان ڪيئن ڪيو ۽ اوهان جي لاءِ مثال هنياسون.ظاهر هي آهي ته هي عرب جي انهن مشرڪن سان خطاب آهي جن جي لاءِ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي حڪم ٿيو هو ته "أَنذِرِ ٱلنَّاسَ" (ماڻهن کي ڊيڄار) هن خطاب ۾ انهن کي متنبه ڪيو ويو آهي ته: اڳين قومن جون حالات ۽ انقلابات اوهان جي لاءِ بهترين نصيحت ڪندڙ آهن پر عجب آهي جو اوهان انهن مان عبرت نه ٿا وٺو حالانڪ اوهان انهن هلاڪ ٿيلن قومن جي گهرن ۽ جاين ۾ رهو ڪيو ٿا ۽ اوهان کي ڪجهه حالتن جي مشاهدي سان ۽ ڪجهه متواتر خبرن سان معلوم ٿي چڪو آهي ته الله جل جلاله انهن تي سندن ئي بي فرمانين جي ڪري سخت عذاب نازل ڪيو هو. ۽ اسين اوهان کي به سڌي رستي تي آڻڻ جي لاءِ ڪيترا مثال هٿي ٿا ٻڌايون. (پر اوهان اجان ته ڪونه ٿا سڌرو) "وَقَدْ مَكَرُوا مَكْرَهُمْ وَعِندَ ٱللَّهِ مَكْرُهُمْ وَإِن كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُولَ مِنْهُ ٱلْجِبَالُ" ۽ تحقيق پنهنجو (وڏو) مڪر هلاياڻون ۽ الله وٽ سندن مڪر (ٽوڙڻ جو پاور) آهي ۽ انهن جو مڪر اهڙو ناهي جو ان سان جبل هلي پون "عِندَ ٱللَّهِ مَكْرُهُمْ" جي معنىٰ: وعندالله جزاءُ مكرهم (٢) الله وٽ سندن مڪر جي سزا آهي "إِن كَانَ" ۾ اڪثر مفسرن وٽ ان نافيه آهي (٣) مطلب ته ڪافرن سچي دين کي مٽائڻ ۽ حق جي دعوت کي قبول ڪندڙن کي ايذائڻ ۽ تڪليفون ڏيڻ لاءِ ڀرپور تدبيرون ڪيون ۽ الله وٽ انهن جي انهن تدبيرن جي سزا تيار آهي. اهي تدبيرون

(١) المراغي ص١٦٦ جزء١٣ جلد٥ (٢) روح المعاني ص٢٥٠ جزء١٣ جلد٥
(٣) معارف القرآن ص٢٦١ جلد٥

اهڙيون ناهن جو انهن سان جبل هلي پون. ان جبلن مان مراد حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جو عزم ۽ استقلال آهي جنهن تي ڪافرن جي ڪابہ چال اثرانداز ناهي (١) علامه شهاب الدين آلوسي عليه الرحمة هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ: "جِبَالُ" مان مراد الله جون آيتون، شريعتون ۽ رسولن عليهم الصلواة والسلام جي هٿن مبارڪن تي ظاهر ٿيندڙ معجزا آهن جيڪي رسوخ ۽ ثبات ۾ انهن جي مڪر کي حقير سمجهڻ ۾ جبلن وانگر مضبوط آهن ۽ هنن جا مڪر انهن کي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "اَنْذِرِ النَّاسَ" (ماڻهن کي ڊيڄار) ۾ مطلق ماڻهن جو ذڪر ڪري ثابت ڪيو ويو تہ حضو پر نور عليه الصلواة والسلام جن قيامت تائين اچڻ وارن سڀني انسانن جا رسول آهن ۽ ڪائنڻ پوءِ ڪنهن بہ قسم جو نبي نہ ايندو.

٢- "فَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا" (پوءِ ظالم چوندا) مان ثابت ٿيو جيئن الله جل جلاله جي فرمانبردارن ٻانهن جا صالح، متقي، ولي وغيره مختلف القاب آهن تيئن ڪافرن جا بہ برائيءَ جي ڪري گمراه، بي دين، غضب ڪيل، فاسق، فاجر ۽ ظالم مختلف القاب آهن.

٣- "اَنْذِرِ النَّاسَ" (ماڻهن کي ڊيڄار) مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ جيئن حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڪافرن کي ڊيڄاريو تيئن سندن اتباع ڪندي مبلغ، علماء ۽ خطيب حضرات بہ وعظ، خطابت ۽ دين جي دعوت ڏيندي گناهگارن مسلمانن ۽ ڪافرن کي الهي عذاب ۽ ان جي سخت پڪڙ کان ڊيڄارين ۽ مذاق ۽ چرچي بازيءَ کان پرهيز ڪندي پنهنجن محفلن کي انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ رباني علماء جي محفلن واري رنگ ۾ رڱي ڇڏين.

فَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ مُخْلِفَ وَعْدِهٖ رُسُلَهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٤٧﴾

پوءِ هرگز نہ سمجھ تون الله کي مخالفت ڪندڙ وعدي پنهنجي جي رسولن پنهنجن سان بيشڪ الله غالب

يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ وَالسَّمٰوٰتُ وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ

بدلي وڃڻ وارو آهي جنهن ڏينهن مٽائي ويندي هيءَ زمين ٻيءَ زمين سان ۽ آسمان ۽ ظاهر ٿي ايندا الله،

(١) معارف القرآن ص٢٦١ جلد٥ (١) روح المعاني ص٢٥٠ جزء١٣ جلد٥

الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿٤٨﴾ وَتَرَى الْمُجْرِمِينَ يَوْمَئِذٍ مُّقَرَّنِينَ فِي الْأَصْفَادِ ﴿٤٩﴾

هڪ، غالب جي لاءِ ۽ ڏسندين گنهگارن کي ان ڏينهن جڪڙيل زنجيرن ۾

سَرَابِيلُهُمْ مِّنْ قَطِرَانٍ وَّتَغْشَىٰ وُجُوهَهُمُ النَّارُ ﴿٥٠﴾ لِيَجْزِيَ

ڪپڙا انهن جا گندرف مان هوندا ۽ وڪوڙي ويندي منهن انهن جي کي باھ تانت بدلو ڏي

اللَّهُ كُلَّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ ۚ إِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿٥١﴾

الله هرنفس کي جيڪي ڪمايائين بيشڪ الله تڪڙو حساب ڪرڻ وارو آهي

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ فرمايو ويو ته اسان نموني، نموني جا مثال ڏئي حق سمجهايو تانت ڪافر ٻڌي سڌي رستي تي اچن پر اهي اچڻ وارا نه ٻڌيا ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته اي نه اچڻ وارا! تون ائين نه سمجهه ته الله جل جلاله پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام سان ڪيل وعدا پورا نه ڪندو. اهو پنهنجا وعدا ضرور پورا ڪندو ۽ ڪافرن جي مستي ختم ٿي ويندي ارشاد آهي: "فَلَا تَحْسَبَنَّ اللَّهَ مُخْلِفَ وَعْدِهِ رُسُلَهُ ۗ إِنَّ اللَّهَ عَزِيزٌ ذُو انْتِقَامٍ" پوءِ الله کي پنهنجن رسولن (عليهم الصلواة والسلام) سان ڪيل وعدي جي مخالفت ڪندڙ، اصل نه سمجهه، يقينا الله غالب، بدلي وٺڻ جو مالڪ آهي.

مطلب ته: ڪوبه ماڻهو ائين نه سمجهي ته الله جل جلاله جيڪي فتح، مدد ۽ ڪاميابي جا وعدا پنهنجن پانهن سان ڪيا آهن اهي پورا نه ڪندو يقين ڄاڻو ته: الله جل جلاله غالب ۽ پانهن ڪان سندن براين جو انتقام وٺڻ وارو آهي پنهنجن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي دشمنن ڪان ضرور انتقام وٺندو. "يَوْمَ تُبَدَّلُ الْأَرْضُ غَيْرَ الْأَرْضِ وَالسَّمٰوٰتُ وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ" جنهن ڏينهن هي زمين بدلائي ٻي زمين آندي ويندي ۽ آسمان به مٽايا ويندا ۽ سيئي هڪ غالب، الله جي اڳيان ظاهر (روبرو) اچي بيهندا. زمين ۽ آسمان جي بدلائڻ مان مراد آهي ته انهن جون صفتون، شڪليون ۽ صورتون مٽايون ويندون جيئن قرآن ڪريم جي ٻين آيتن ۽ حديث جي روايتن مانِ روشن آهي. ته ان ڏينهن نه ڪنهن مڪان جي آڙ هوندي نه وڻ وغيره جي ڇانو ۽ نه ڪو جبل هوندو نه ڪو ڏڙو ساري زمين هڪ سطح جي ليول تي برابر بنائي ويندي نه ڪڏا هوندا نه غار رهندا ۽ آسمانن ۽ زمين جي تبديليءَ مان مراد هيءَ به ٿي سگهي ٿي ته هن زمين جي جاءِ تي ٻي زمين ۽ هن آسمان جي جاءِ تي ٻيو آسمان ناهيو وڃي. فن حديث جي امام حضرت بيهقي عليه الرّحمة صحيح سند سان حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه ڪان هن آيت جي باري ۾ نقل ڪيو آهي ته سيدنا رسول الله ﷺ جن فرمايو: محشر واري زمين بالڪل نئين چانديءَ وانگر سفيد هوندي ۽ اها زمين اهڙي هوندي جنهن تي ڪنهن ماڻهوءَ ڪو گناهه نه ڪيو هوندو. ڪنهن تي ڪنهن جو نا حق خون نه وهيو هوندو. مسند امام احمد ۽ تفسير ابن جرير ۾ به حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت ڪيل حديث ۾ اهڙو ئي مضمون آيل آهي (١) ۽ سيئي هڪ الله، قهار جي حڪم سان ظاهر ٿي بيهندا. جو مطلب ته پنهنجن قبرن مان نڪري باري تعالیٰ جي بارگاه ۾ پيش ٿيندا. (٢) "وَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ مُّقَرَّنِيْنَ فِي الْأَصْفَادِ" ۽ ان ڏينهن مجرمن کي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏسندين مطلب ته هڪ قسم جا ڪيترا مجرم گڏي زنجيرن ۾ ٻڌا ويندا جيئن ٻيءَ آيت ۾ ارشاد آهي "اُحْشُرُوا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَاَزْوَاجَهُمْ" (٣) جن ظلم ڪيو آهي انهن کي ۽ سندن جوڙ وارن کي گڏ اٿاريو ٽيئن آيت ۾ ارشاد آهي "وَاِذَا النُّفُوْسُ زُوِّجَتْ" (٤)

۽ جڏهن وجود پاڻ ۾ ملايا ويندا. "سَرَابِيْلُهُمْ مِّنْ قَطِرَانٍ وَّتَغْشٰى وُجُوْهَهُمُ النَّارُ" سندن

(١) معارف القرآن ص ٢٦٢ جلد ٥ (٢) المراغي ص١٢٩ جزء١٣ جلد ٥
(٣) سورة صافات آيت ٢٢ (٤) سورة التڪوير آيت ٧

ڪپڙا گندرف مان هوندا ۽ سندن منهن کي باهہ وڪوڙي ويندي. جهنم جي باهہ تہ سڄي جسم کي ساڙيندي پر منهن کي خصوصيت سان ان جي ڪري ذڪر ڪيو ويو آهي جو اهو حواس جي جاءِ ۽ انسان جي ظاهري عضون ۾ سيني کان وڌيڪ شرف وارو حصو آهي جيئن اها ئي خصوصيت ملحوظ رکي "تَطَّلِعُ عَلَى الْأَفْئِدَةِ" (١) (دلين تي پهچندي) ۾ دل جو ذڪر ڪيل آهي.

"لِيَجْزِيَ اللَّهُ كُلَّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ إِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ" تانت الله هر نفس کي سندس ڪمائيءَ جو بدلو ڏي. يقينًا الله حساب ڪرڻ ۾ جلدي ڪندڙ آهي. مطلب تہ قيامت جي ڏينهن هر نفس کي سندس ڪيل عمل جي جزا يا سزا ملندي ۽ الله جل جلالہ وٽ حساب ۾ دير ناهي اهو سيني انسانن ۽ جنن جي ذري ذري کي ڄاڻندڙ آهي ان کان ڪا بہ شئي لڪل ناهي. مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ: محشر جي ميدان قائم ٿيڻ کان پوءِ زمين، سج، چنڊ، جبل وغيره جهنم ۾ وڌا ويندا ۽ آسمان کي جنت ۾ وڇايو ويندو. دنيا ۾ ناهيل مسجدون، ديني مرڪز ۽ الله جل جلالہ جي نالي تي وقف ڪيل ايراضي گڏ ڪري جنت ۾ اهل جنت لاءِ مسجد ناهي ويندي جنهن جو محراب رياض الجنة کي بنايو ويندو ۽ احد جبل کي ان مسجد جي دروازي تي روشن مينار بنايو ويندو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جي فراق ۾ روئندڙ ڪجيءَ جي ٿڙ کي عصا بنائي رکيو ويندو. ۽ آيت ۾ جيڪو فرمايو ويو آهي تہ "مجرمن کي ٻڌل ڏسندين" اهو ڏسڻ عوام جو هوندو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن تہ شروعات کان ئي عرفاني نگاه سان سڀ ڪجهہ ڏسي رهيا آهن جيئن معراج سان واسطو رکندڙ حديثن مان ثابت آهي. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١- "وَتَرَى الْمُجْرِمِينَ" (۽ مجرمن کي ڏسندين) مان واضح ٿيو تہ ظاهري اسباب باطن جون نشانيون آهن قيامت جي ڏينهن الله جل شانہ ڪافرن جي بدن تي اهڙيون نشانيون هٽائيندو جو انهن سان اهي پري کان سڃاتا ويندا. ۽ اهي انهن سان وڌيڪ رسوا ۽ ذليل ٿيندا. اهڙي طرح ايمان وارن تي سندن نيڪ عملن جون نشانيون هونديون جيئن متعدد حديثن مان ثابت آهي.

٢- "إِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ" (يقينًا الله حساب ۾ جلدي ڪندڙ آهي) مان ثابت ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن حساب ۾ گهڻي دير نہ لڳندي. پر هزار يا پنجاهہ هزار سال جي ڏينهن ۾ ٻيو ڇا ٿيندو؟ مفسرن لکيو آهي تہ حساب تہ جلد ٿي ويندو باقي

(١) تفسير نعيمي ص٦١٢ جلد١٣ (٢) نعيمي ص٦١٣ جلد١٣

ڏينهن جي رهيل حصي ۾ مصطفىٰ كريم عليه الصلواة والسلام جي شان ۽ تعريف جو ذكر هلندو (١).

٣- "تُبَدَّلُ الْأَرْضُ" (زمين مٽائي ويندي) مان واضح ٿيو تہ رب العزة جل شانه جي دربار ۾ وڏ نفرت ظلم كان آهي جو قيامت جي ڏينهن الله جل شانه اها زمين ئي مٽائي ڇڏيندو جنهن تي ظلم ٿيا هوندا ۽ اهي آسمان بہ مٽايا ويندا جن جي دروازن كان گناهن وارا دفتر گذريا هوندا. پوءِ اندازو لڳايو تہ رب العزة جل جلاله كي انهن ظالمن كان كيتري قدر نفرت هوندي ۽ انهن لاءِ كيڏي نہ ڳري سزا مقرر كئي هوندائين مسلمانن كي بہ گهرجي تہ ظلم ۽ ظالم ٻنهي كان نفرت كن ۽ جيكڏهن عام مخلوق سان ظلم كرڻ ايترو برو آهي تہ انبياءِ عظام عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جي تابعدارن صحابن، اهلبيتن ۽ اولياءِ عظام جي حقوق سان هٽ چراند كري ظلم كرڻ تہ اجان وڌيک برو ۽ نفرت جي قابل آهي.

۴- عام ڳالهيون، باطل خيالات ۽ گمان دل ۾ آڻڻ تي شرعًا پكڙ ناهي جيستائين اهي عمل ۾ نہ آندا وڃن پر برا عقيدا خيال ۾ ركڻ تي بہ پكڙ آهي انهن كان هر حال ۾ بچڻ ضروري آهي.

٥- كافرن جي ظاهري شكل، صورت ۽ لباس اختيار كرڻ كان بہ مسلمانن كي پاسو كرڻ گهرجي جڏهن تہ اسلام انهن كي هر تعليم ڏني آهي. پر كافرن جا خصوصي نشان، جيئن هندن جو تلک لڳائڻ، انگريزي طرح وار ركڻ، سكن وانگر مڇون وڌڻ ۽ ڏاڙهيءَ كي ويڙهڻ، عيسائين جي ٽائي (صليب جو نشان) ٻڌڻ ڏاڙهيون ۽ مڇون كوڙڻ وغيره بالكل حرام آهن ۽ جڏهن قيامت جي ڏينهن كافرن كي مسلمانن كان ظاهر ۾ بہ جدا كيو ويندو تہ دنيا ۾ مسلمان انهن سان مشابهت ڇو ركن؟.

هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنْذَرُوْا بِهٖ وَلِيَعْلَمُوْٓا

هيءَ پيغام پهچائڻ آهي ماڻهن لاءِ ۽ تانتہ ان سان ڊيجاريا وڃن ۽ تانت ڄاڻن تہ

اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٥٢﴾ ع ٧

بلاشک اهوئي معبود هک آهي ۽ تانت نصيحت وٺن عقل وارا

(١) نعيمي ص٦١٣ جلد١٣

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي ديني دعوت جو ذڪر هو ۽ هتي ان جو مقصد بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنْذَرُوْا بِهٖ وَلِيَعْلَمُوْٓا اَنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ" هي ماڻهن ڪي پيغام پهچائڻ آهي ۽ تانت ان سان ڊيڄاريا وڃن ۽ تانت ڄاڻن تہ (الله جل جلاله ئي سچو) هڪ معبود آهي ۽ تانت عقل وارا نصيحت حاصل ڪن. مطلب تہ: انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ خصوصا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي مٿان قرآن پاڪ نازل ڪري حق جو پيغام ان جي ڪري ماڻهن ڪي پهچايو ويو آهي تانت اهي غفلت جي ننڊ مان جاڳي الله جل جلاله جي آيتن ۾ غور ڪن جنهن جي ذريعي ڪين وحدانيت جو ڪامل يقين حاصل ٿئي ۽ عقل ۽ فڪر ڪان ڪم وٺي نصيحت تي عمل پيرا رهن.

فائدا هن آيت ڪريمه ڪي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ" (هي ماڻهن ڪي پيغام پهچائڻ آهي) مان واضح ٿيو تہ: قرآن پاڪ جا اصل مخاطب انسان آهن جيتوڻيڪ جنن لاءِ بہ اهوئي پيغام آهي. انسان گهڻي مخلوق ڪان شان ۽ شرف ۾ وڌيڪ آهي.

٢- وَلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ" (۽ تانت عقل وارا نصيحت وٺن) مان واضح ٿيو تہ: حقيقت ۾ عقلمند اهي آهن جيڪي قرآن ڪريم ڪي سمجهي نصيحت حاصل ڪن ۽ قرآن پاڪ جا دلائل ذهن نشين ڪري رب العزة جل جلاله جي توحيد تي ڪامل يقين رکن.

٣- قرآن پاڪ جون سيئي آيتون تبليغ جي لاءِ آهن ڪنهن بہ حصي ڪي لڪائڻ حق ڪي لڪائڻ آهي. علماءِ جي ذميداري آهي تہ ديني ڳالهہ ٻڌائڻ ۾ رياءِ ۽ رعايت نہ ڪن ائين ڪرڻ حرام ۽ وڏو گناهہ آهي علماءِ ڪرام جي ديني ذميداري آهي تہ ڪنهن گهبراهٽ کان سواءِ حق بيان ڪن ۽ هر مسلمان مرد ۽ عورت ڪي قرآن پاڪ جا احڪام سمجهڻ فرض آهن. الحمدلله جو اڄ مورخہ ٣ صفر المظفر ١٤٢١هہ الموافق ٨ - ٥ - ٢٠٠٠ع آچر جي ڏينهن صبح جو ست لڳي پنجاهہ منٽن تي سورة ابراهيم جو تفسير لکي پورو ڪري سورة الحجر جو تفسير لکڻ شروع ڪيم رب العزت جل شانه جي بارگاهہ ۾ دلي دعا آهي تہ حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي صدقي باقي رهيل تفسير جو جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪري. آمين

محمد ادريس الداهري عفي عنه

سورة الحجر جو تعارف

هن سورة مبارڪه جي تعارف ۾ هي ڇهه ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

١. نالو. هن سورة مبارڪه جو نالو الحجر آهي ۽ هي لفظ هن سورة جي آيت ٨٠ع ۾ ذڪر ڪيل آهي.

٢. رڪوعن، آيتن، ڪلمات ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة پاڪ ۾ ڇهه (٦) رڪوع، نوانوي (٩٩) آيتون، ڇهه سئو چوونجاهه (٦٥٤) ڪلما ۽ ٻه هزار ست سئو سٺ (٢٧٦٠) حرف آهن(١)

٣. اڳئين سورة سان مناسبت ۽ ربط: هن سورة جي اڳئين سورة سان ٽن وجهن جي ڪري مناسبت آهي "١" ته: ان جي ابتدائي آيتن ۾ قرآن ڪريم جو شان بيان ڪيو ويو ته هن جي به ابتداءَ ۾ قرآن ڪريم جو شان آيل آهي "٢" ان ۾ ڪافرن جو بيان، مثال ۽ ڪائنات جي تخليق جو ذڪر هو ۽ هن سورة ۾ به اهو ذڪر ڪجهه وڌيڪ وضاحت سان آندو ويو آهي "٣" ان سورة ۾ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن ۽ مؤمنن کي تسلي ڏنل هئي ته پريشان نه ٿيو ڪاميابي اوهان جي آهي هن ۾ به اهڙي تسليءَ جو ذڪر ڪيل آهي جڻ ته هيءَ سورة انهيءَ جو تتمه آهي يا اها اجمال هئي ۽ هيءَ ان جو تفصيل آهي (٢)

"٤" ته ٻنهي سورتن ۾ آسمانن ۽ زمينن جي وصف بيان ٿيل آهي "٥" ته ٻنهي سورتن ۾ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام جو تفصيلي قصو آيل آهي "٦" ٻنهي سورتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته عاقبت ۽ انجام متقين جي لاءِ آهي (٣)

٤. نزول جو زمانو: هن سورة مبارڪه جي مضمونن تي غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو ته هي ان دور ۾ نازل ٿي هئي جنهن ۾ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن مضبوط دليلن سان اسلام جي حقانيت کي اهڙو ثابت ڪيو هو جو شڪ ۽ شبها پيش ڪندڙن ڪافرن جا منهن بند ٿي ويا هئا ۽ صرف ضد ڪندي چوندا هئا ته: جيڪڏهن اوهان اسان کي آسمان تي وٺي هلو ته به ايمان نه آڻيندا سون.

٥. مڪيه آهي يا مدنيه: ابن مردويه حضرت عبدالله بن عباس ۽ عبدالله بن زبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته: هيءَ سورة مڪيه آهي ۽ حضرت حسن بصريءَ کان روايت آهي ته هيءَ سورة ٻن آيتن "١" وَلَقَدْ آتَيْنَاكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِي

(١) ضياءُ القرآن ص٥٢٤ ج٢ (٢) نعيمي ص٦١٦ جلد١٣ (٣) المراغي ص٢ جزء ١٤ جلد٥

وَالْقُرْآنَ الْعَظِيمِ " "٢" كَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَى الْمُقْتَسِمِيْنَ الَّذِيْنَ جَعَلُوا الْقُرْاٰنَ عِضِيْنَ" کان سواءِ مکيه آهي (١)

٦. **مضمون:** هن سورة ۾ سندس نزول جي وقت موجود ماڻهن کي متنبه ڪيو ويو آهي ته: جيڪڏهن اوهان ايمان نه ٿا آڻيو ته اوهان جو انجام به اهڙو ٿيندو جهڙو اوهان کان اڳ ۾ ايمان نه آڻيندڙن جو ٿيو هو مهلت جو وقت هاڻي ختم ٿيندو پيو وڃي ان جي ڪري تيار رهو ته اوهان جو نالو نشان به حضرت لوط (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي قوم ۽ حجر وارن وانگر مٽايو ويندو ان ڏڙڪي ۽ ڌمڪيءَ سان گڏو گڏ انهن کي غور ۽ فڪر جي دعوت به ڏني وئي آهي ۽ انهن جي اڳيان الله جل شانه جي توحيد، حضور عليه الصلواة والسلام جي رسالت ۽ قرآن پاڪ جي الاهي ڪلام هجڻ جا دليل به پيش ڪيا ويا آهن ان وچ ۾ انسان جي پيدائش جي متعلق اسلامي نظريو وضاحت سان بيان فرمايل آهي سورة جي ابتدائي آيتن ۾ ان جي طريقه ڪار، ۽ طرز عمل جو نفسياتي تجزيه به ڪيو ويو آهي ۽ اهو به فرمان آهي ته: اسلام جي صداقت تي روشن دلائل جي هوندي اهي حق کي ڇو نه ٿا قبول ڪن؟ ۽ اهو سڀ جهڻ جي باوجود ته سندن عقائد ۽ نظريو بالڪل باطل آهي ان تان دست بردار ڇو نه ٿا ٿين؟ ۽ ان جو وجه به ٻڌايو ويو آهي ته اهي عياشيءَ، فسق ۽ فجور جا ايترا دلداده آهن جو ڪنهن به قيمت تي ان کان هٽن نه ٿا شيطان سندن سامهون حسين ۽ دلڪش توقعات جو اهڙو خوبصورت محل تعمير ڪيو آهي جنهن کان پوءِ اهي ڪنهن ٻئي طرف توجه ڪرڻ جي ضرورت به محسوس نه ٿا ڪن ۽ هيءَ حقيقت آهي ته انسان جڏهن انهن مختلف مرضن ۾ مبتلا ٿيندو آهي ته پوءِ ڪابه نصيحت ان تي اثر انداز نه رهندي آهي ان جي ڪري الله جل شانه پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي فرمايو "ذَرْهُمْ يَاْكُلُوْا وَيَتَمَتَّعُوْا وَيُلْهِهِمُ الْاَمَلُ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ" (انهن کي ڇڏي ڏي ته کائين، ۽ فائدا وٺن ۽ انهن کي (ڪوڙي) اميد غافل رکي پوءِ جلد ڄاڻندا)

(١) روح المعاني صـ٢ جزء ١۴ جلد ٥

وَسِتُّ رُكُوْعَاتٍ	سُوْرَةُ الْحِجْرِ مَكِّيَّةٌ	اٰيَاتُهَا تِسْعٌ وَّ تِسْعُوْنَ
۽ ڇهه رڪوع آهن	سوره حجر مڪيه آهي	هن ۾ نوانوي (٩٩) آيتون

الٓرٰ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ وَقُرْاٰنٍ مُّبِيْنٍ ①

الف، لام، را. هي آيتون (آهن) ڪتاب جون ۽ قرآن روشن جون

تفسير

سورة ابراهيم جي آخري آيتن ۾ قيامت جي حالات، آسمانن ۽ زمينن جي تبديل جو بيان هو ۽ هن آيت ۾ ان حالات کي بيان ڪنديقرآن ڪريم جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي (١)

"الٓرٰ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ وَقُرْاٰنٍ مُّبِيْنٍ" الف، لام، را، هي ڪتاب ۽ روشن قرآن جون آيتون آهن "الر" هي مقطعات حروف آهن جمهور مفسرن ان جي معنىٰ الله جل جلاله جي حوالي ڪندي فرمايو ته: ان مان جيڪا مراد آهي سا الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ حضرت مخدوم نوح هالائي عليه الرحمته ان جو ترجمو ڪندي لکيو آهي ته: منم خدائي ڪه مي بينم (٢)

مان سچو معبود آهيان جيڪو ڏسان ٿو. هي ان ڪتاب جون آيتون آهن جو اهو ئي افاديت ۽ جامع هجڻ جي اعتبار سان صحيح معنىٰ ۾ ڪتاب چورائڻ جو مستحق آهي ۽ روشن ڪتاب جو مقصد حق ۽ باطل ۾ تميز ڪندڙ حلال ۽ حرام کي واضح بنائيندڙ، جنهن جي روشني انساني زندگيءَ جي سڀني شعبن کي منور ڪري رهي آهي ڪتاب ۽ قرآن مبين ٻئي ان الاهي ڪلام جون صفتون آهن جيڪو حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن تي نازل ڪيو ويو اهو ڪامل ڪتاب به آهي ته قرآن واضح به آهي "قرآن" ۾ تنوين تعظيم جي آهي يعني عظمت ۽ عزت وارو قرآن جيڪو هدايت کي گمراهيءَ کان جدا ڪري کولي کولي بيان فرمائي ٿو. (٣)

فائدو: هن آيت مان هي فائدو ذهن نشين ٿئي ٿو قرآن مجيد جي نزول کان پوءِ هاڻي "اَلْكِتٰبِ" مان مراد غالبًا قرآن ڪريم آهي.

(١) البحر المحيط ص٣٤٣ جلد٥ (٢) فارسي ترجمه مخدوم نوح عليه الرحمته ص٢٦٢ (٣) بيضاوي ڪامل ص٣٤٤

رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ۝٢ ذَرْهُمْ

گهڻو ئي خواهش ڪندا اهي شخص جن ڪفر ڪيو تہ جيڪڏهن هجن ها مسلمان ڇڏي ڏي انهن کي تہ

يَاْكُلُوْا وَيَتَمَتَّعُوْا وَيُلْهِهِمُ الْاَمَلُ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ۝٣

(دنيا ۾) کائين ۽ فائدا وٺن ۽ غافل رکي انهن کي (ڪوڙي) اميد پوءِ جلد ڄاڻندا

وَمَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا وَلَهَا كِتَابٌ مَّعْلُوْمٌ ۝۴

۽ نہ هلاڪ ڪيو سون ڪو ڳوٺ مگر حالانڪ ان لاءِ وقت لکيل مقرر آهي

مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ۝٥

نہ ٿي اڳتي وڌي ڪا قوم مدت پنهنجيءَ کان ۽ نہ پوئتي هٽن ٿا

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جو ڪفر تي مضبوط رهڻ بيان ڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو تو وڃي تہ اهي هاڻي نہ ٿا سمجهن پر قيامت جي ڏينهن گهڻو پڇتائيندا. ارشاد رباني آهي "رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ" ڪافر گهڻو ئي خواهش رکندا تہ ڪاش اهي مسلمان هجن ها. اها تمنا ڇهن وقتن تي ڪندا "١" دنيا ۾ ان وقت جڏهن اسلامي فتوحات ۽ ڪفر جي بربادي ڏسندا "٢" ان وقت جڏهن موت وارا ملائڪ ڏسندا "٣" ان وقت جڏهن قبر جو عذاب ڏسندا "۴" ان وقت جڏهن محشر جي ميدان ۾ حساب ڪتاب مڪمل ٿيندو، بهشتين کي بهشت ڏانهن ۽ پاڻ کي جهنم ڏانهن ويندي ڏسندا "٥" ان وقت جڏهن سزا مليل گنهگارن مسلمانن کي دوزخ کان آزاد ٿي نڪرندي ڏسندا تہ جهنم جو دروازو کليو پيو آهي مسلمان نڪري رهيا آهن ۽ وري ڪافرن لاءِ هميشه اهو دروازو بند ڪيو ويندو "٦" ان وقت جڏهن جهنم جي عذاب ۾ احساس ڏيارڻ لاءِ وقفو ملندن (١)

(١) نعيمي صہ٧ جلد١۴

طبراني پنهنجي سند سان صالح بن ابي شريف کان روايت آندي آهي تہ مون (حضور عليه الصلواة والسلام جي اصحابي) ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان پڇيو تہ: تو هن آيت "رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" الايتہ جي متعلق نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان ڪجهہ ٻڌو؟ ان فرمايو تہ: هائو پاڻ ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو تہ: جڏهن الله جل شانه گنهگارن مسلمانن کي باهہ ۾ داخل ڪندو تہ (اتي داخل ٿيل) مشرڪ کين چوندا تہ اوهان تہ دنيا ۾ پاڻ کي الله جا دوست سمجهندا هيئو پوءِ اسان سان گڏ جهنم جي باهہ ۾ ڪيئن داخل ٿيا آهيو؟ پوءِ جڏهن انهن جو اهو چوڻ الله جل شانه ٻڌندو تہ (پنهنجن مقبول ٻانهن کي) شفاعت ڪرڻ جو اذن ڏيندو پوءِ ملائڪ، انبياء(سڀ‌گورا عليهم الصلواة والسلام) ۽ ايمان وارا انهن جي شفاعت ڪندا تان جو اهي الله جي اذن سان باهہ کان ٻاهر نڪرندا ۽ جڏهن مشرڪ انهن کي نڪرندي ڏسندا تڏهن خواهش ڪندا تہ ڪاش اهي بہ مسلمان هجن ها (تہ هنن وانگر باهہ مان نڪري وڃن ها) (١)

طبراني شريف ۾ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان بہ روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو. "اِنَّ نَاسًا مِنْ اُمَّتِيْ يَدْخُلُوْنَ النَّارَ بِذُنُوْبِهِمْ فَيَكُوْنُوْنَ فِي النَّارِ مَاشَآءَ اللّٰهُ اَنْ يَّكُوْنُوْا ثُمَّ يُعَيِّرُهُمْ اَهْلُ الشِّرْكِ فَيَقُوْلُوْنَ مَانَرَايٰ مَا كُنْتُمْ تُخَالِفُوْنَا فِيْهِ مِنْ تَصْدِيْقِكُمْ وَاِيْمَانِكُمْ نَفَعَكُمْ فَلَا يَبْقٰى مُوَحِّدٌ اِلَّا اَخْرَجَهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ" ثُمَّ قَرَءَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ" (٢) يعني منهنجيءَ امت مان ڪي ماڻهو پنهنجن گناهن جي ڪري (جهنم جي) باهہ ۾ داخل ٿيندا ۽ جيترو الله گهريو ان ۾ هوندا پوءِ مشرڪ انهن کي طعنا هڻندا تہ اوهان اسان جي مخالفت ڪري جيڪا تصديق ۽ ايمان قبول ڪيو هو اسين تہ ڪونہ ٿا ڏسون جو ان اوهان کي نفعو ڏنو هجي؟ (ان چوڻ کان) پوءِ ڪوبہ الله کي هڪ مڃڻ وارو باهہ ۾ نہ رهندو. سڀني کي الله باهہ مان ٻاهر ڪڍندو ائين فرمائڻ کان پوءِ پاڻ مٿين آيت پڙهيائون.

"ذَرْهُمْ يَاْكُلُوْا وَيَتَمَتَّعُوْا وَيُلْهِهِمُ الْاَمَلُ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ" انهن کي ڇڏي ڏي تہ کائين ۽ مزا وٺن ۽ (ڪوڙي) اميد کين غافل رکي پوءِ جلد ڄاڻندا مطلب تہ انهن کي ڇڏي ڏيو انهن جو غم نہ ڪيو جيڪي وٽين کائين پين جلد موت ايندن پوءِ ڄاڻندا تہ. ڇا ڪري رهيا هئا انهن کي ڊگهين اميدن، نفساني خواهشن ۽ شيطاني وسوسن موت

(١) تفسير ابن ڪثير صہ ٥٤٦ جلد٢ (٢) القرطبي صہ٢ جلد١٠

كان غافل كري ڇڏيو هو مرڻ کان پوءِ ڄاڻندا تہ ڪفر باطل ۽ اسلام حق آهي "وَمَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا وَلَهَا كِتَابٌ مَّعْلُوْمٌ" ۽ اسان ڪوبہ ڳوٺ هلاڪ نہ ڪيو مگر ان لاءِ مقرر ٿيل مدولکيل هو. هتي هي راز بيان ڪيو ويو آهي تہ انهن ڪافرن کي عذاب ڪرڻ ۾ تاخير ان جي ڪري ٿي رهي آهي جو اسين جنهن بہ ڳوٺ کي هلاڪ ڪندا آهيون تہ انهن تي عذاب اچڻ جو وقت مقرر ڪيل، لکيل هوندو آهي جڏهن اهو ايندو تہ هلاڪ ٿي ويندا هنن تي اجان اهو وقت نہ آيو آهي ان جي ڪري ڪين عذاب نہ تو ڪيو وڃي (١)

"مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ" ڪابہ قوم پنهنجي مدي کان اڳتي نہ وڌندي ۽ نہ پوئتي ٿيندا هتي اجل مان مراد تقدير مبرم آهي جنهن ۾ تبديلي نہ ٿيندي آهي پر تقدير معلق ۾ تبديلي ٿيندي آهي. جيئن حضرت يونس علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم تي آيل عذاب سندن ايمان آڻڻ جي ڪري ٽري ويو يا حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي دعا سان حضرت داود علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي عمر سٺ سال مان سئو سال ٿي لهذا اهي سيئي تبديليون تقدير معلق ۾ آهن قرآن ڪريم جي آيتن ۾ تعارض ناهي (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن سمجهڻ مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا "١" "رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" مان واضح ٿيو تہ مسلمان ٿيڻ جي خواهش ۽ تمنا اها مفيد آهي جيڪا نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي فرمان يا علماءِ دين جي دعوت ۽ اولياءِ ڪرام جي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ سان پيدا ٿئي باقي قبر ۽ حشر ۾ الاهي عذاب ڏسي مسلمان ٿيڻ جي تمنا ڪرڻ مفيد نہ رهندي "٢" ڪافر تہ مسلمان ٿيڻ جي تمنا ڪندا پر الحمد لله مسلمان ڪيترا بہ ڏک ڏسي پر اهو ڪافر ٿيڻ جي خواهش ڪڏهن بہ نہ ڪندو اهو سڀ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جو عالمگير فيض آهي.

"٣" ڪافر مان مراد هر قسم، هر جنس ۽ هر نوع جو ڪافر آهي پوءِ اهو مشرڪ، بت پرست هندو هجي يا يهودي، عيسائي ۽ قادياني هجي اهي سڀ قيامت جي ڏينهن مسلمان ٿيڻ جي خواهش ڪندا "٤" "يُلْهِهِمُ الْاَمَلُ" (انهن کي ڊگهي اميد غافل ٿي رکي) ڊگهي اميد مان مراد هيءَ آهي تہ انسان دنيا جي محبت ۾ اونهون وڃي موت ۽ آخرت کان بي فڪر ٿي ڊگها منصوبا رٿي پر جيڪي منصوبا ديني مقاصد جي لاءِ يا قوم ۽ ملڪ جي آينده مفاد جي لاءِ ناهيا وڃن اهي ان ۾ داخل ناهن ڇو تہ اهي آخرت جي فڪر جي هڪ صورت آهن "٥" علامه قرطبي لکيو آهي تہ:

(١) تنوير الاذهان صہ ٢٦٣ جلد٢ (٢) نورالعرفان صہ ٤١٧

ذَرْهُمْ يَاكُلُوْا وَيَتَمَتَّعُوْا" آيت سڳوري جهاد جي حڪم اچڻ سان منسوخ ڪيل آهي.

بد بختيءَ جون نشانيون

محدث بزار حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو: اَرْبَعَةٌ مِنَ الشِّقَاءِ جُمُوْدُ الْعَيْنِ وَقَسَاوَةُ الْقَلْبِ وَطُوْلُ الْاَمَلِ وَالْحِرْصُ عَلَى الدُّنْيَا" چار ڳالهيون بدبختيءَ مان آهن "١" اک جو روئڻ ڪان بند رهڻ "٢" قلب جي قساوت "٣" ڊگهي اميد "۴" دنيا جو حرص- هن روايت آڻڻ ڪان پوءِ مفسر قرطبيءَ لکيو آهي تہ: ڊگهي اميد رکڻ هلاڪ ڪندڙ مرض آهي ۽ اهو جڏهن دل ۾ ويهي ويو تہ مزاج خراب ڪندو ۽ ان جو علاج بہ ڏکيو ٿي ويندو نہ اهو مرض ڇڏيندو ۽ نہ ان جو علاج ٿي سگهندو بلڪ ان مرض طبيبن کي ٿڪائي وڌو ۽ ان ڪان ڇڏائڻ جي اميد وڏن حڪيمن کي بہ ناهي. ۽ ڊگهي اميد جي حقيقت آهي. دنيا جي حرص ۾ ڪاهي پوڻ ۽ ان جي محبت ۾ ڦاسي آخرت ڪان منهن موڙڻ- نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جو فرمان آهي تہ "نَجَا اَوَّلُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ بِالْيَقِيْنِ وَالزُّهْدِ وَيَهْلِكُ اٰخِرُهَا بِالْبُخْلِ وَالْاَمَلِ" هن امت جا پهريان يقين ۽ زهد جي ڪري نجات حاصل ڪري ويا ۽ (هن امت جا پويان بخل ۽ ڊگهي اميد جي ڪري هلاڪ ٿي ويا حضرت ابو درداء رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ ان دمشق جي جامع مسجد جي منبر تي بيهي فرمايو: اي دمشق وارؤ! ڇا اوهان پنهنجي هڪ خير خواه ڀاءُ جي ڳالهہ ٻڌندؤ؟ اوهان ڪان اڳي جيڪي گذري ويا اهي گهڻو مال گڏ ڪندا مضبوط محلاتون ٺاهيندا ۽ ڊگهي اميد رکندا هئا پوءِ اِهي سڀ هلاڪ ٿي ويا ۽ انهن جون جايون قبرون آهن ۽ انهن جي اميد ڌوکو رهي هي عاد جي قوم اوهان کي ويجهي رهي جن پنهنجن شهرن کي اهل، مال، گهوڙن ۽ مردن سان ڀري ڇڏيو هو پوءِ آهي ڪو جو انهن جو رهيل سامان مون ڪان ٻن درهمن ۾ خريد ڪري حضرت حسن بصري عليه الرحمة بہ فرمايو آهي تہ: جيڪو ڊگهيون اميدون رکندو ان جو عمل ضرور خراب ٿيندو. (١)

وَقَالُوْا يَآ اَيُّهَا الَّذِيْ نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ اِنَّكَ لَمَجْنُوْنٌ ۝٦ لَوْ مَا

۽ چيائون تہ اي اها ذات جو نازل ڪيو ويو ان تي قرآن بيشڪ تون البت چريو آهين ڇو نہ ٿو

(١) القرطبي صہ٣ جلد١٠ معارف القرآن صہ٢٦٨ جلد٥

تَاْتِيْنَا بِالْمَلٰٓئِكَةِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝٧ مَا نُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ

آڻين اسان وٽ ملائڪ جيڪڏهن آهين تون سچن مان نہ ٿا لاهيون ملائڪ

اِلَّا بِالْحَقِّ وَمَا كَانُوْٓا اِذًا مُّنْظَرِيْنَ ۝٨ اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا

مگر حق سان ۽ نہ هوندا ان وقت مهلت ڏنل بيشڪ اسان ئي لاٿو آهي قرآن ۽ بيشڪ اسين ئي

لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ۝٩ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِيْ شِيَعِ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٠ وَمَا

ان جي لاءِ البت حفاظت ڪندڙ آهيون ۽ البت تحقيق رسول موڪليا سون تو کان اڳي پهرين ٽولن ۾ ۽ نہ ٿي

يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝١١ كَذٰلِكَ نَسْلُكُهٗ

آيو انهن وٽ ڪو رسول مگر هئا جو ان سان چٿر ٿي ڪيائون اهڙي طرح عادت بنايون ٿا ان کي

فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ۝١٢ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَقَدْ خَلَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣

مجرمن جي دلين ۾ نہ ايمان آڻيندا ان تي ۽ تحقيق گذريو طريقو پهرين جو

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافر الله جل جلاله جي طاقت، قوت ۽ شان جا منڪر آهن ۽ هتي ڪافرن جي طرفان نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي معجزات، ڪمالات ۽ عظمت کي ڏسڻ جي باوجود مٿن عيب لڳائڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي: فرمان ايزدي آهي "وَقَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْ نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ اِنَّكَ لَمَجْنُوْنٌ" ۽ (ڪافرن) چيو تہ: اي اها (پاڪ) ذات جنهن تي قرآن نازل ڪيو ويو آهي بيشڪ تون تہ چريو آهين (معاذالله ثم معاذالله) هيءَ گستاخي مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشي ڪافرن ڪئي هئي. جن حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن کي چريو سڏيو هو ۽ اهو سڀ ڪجهہ چٿر طور ڪندا هئا پر منهن هڪ ٻئي ڏانهن ڪري ۽ آواز بئي پاسي ڪيندا هئا انهن جو مقصد هي هو تہ: دنيا جي نعمتن،

لذتن، عيش ۽ عشرت کي فاني سڏڻ ۽ اسان جن ابن،ڏاڏن جي (باطل) معبودن بتن کي ڪوڙو چوڻ ڪا عقلمندي آهي؟ ڪهڙو عقلمند آخرت جي اڻ ڏٺل ڳالهين تي اعتماد ڪري هتي جا مزا ڇڏيندو؟ پر حقيقت هيءَ آهي تہ اهي ڪافر خود چريا ۽ بيوقوف هئا ڇو تہ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جيڪو ڪجهہ قرآن پاڪ مان ارشاد فرمايو اها ابدي حقيقت آهي دنيا جي فنائيت ۽ بي وفائي تہ سڀ ڪو انسان اکين سان ڏسي رهيو آهي پوءِ ان کي دائمي سمجهندڙ بيوقوف نہ آهي تہ ٻيو ڪير بي وقوف آهي؟ "لَوْ مَا تَأْتِينَا بِالْمَلَائِكَةِ إِنْ كُنْتَ مِنَ الصَّادِقِينَ" جيڪڏهن سچو آهين تہ اسان وٽ ملائڪ ڇو نہ ٿو آڻين؟ هي انهن ڪافرن جو مطالبو هو تہ: جيڪڏهن تون واقعي سچو رسول آهين تہ اسان وٽ ملائڪ وٺي اچ اهي اچي تنهنجي صداقت جي شاهدي ڏين (١)

انهن جي مطالبي جي جواب ۾ ارشاد ٿي رهيو آهي "مَا نُنَزِّلُ الْمَلَائِكَةَ إِلَّا بِالْحَقِّ وَمَا كَانُوا إِذًا مُنْظَرِينَ" ۽ ملائڪن کي حق کان سواءِ نہ لاهيندا آهيون ۽ ان وقت مهلت ڏنل نہ هوندا "إِلَّا بِالْحَقِّ" ۾ حق لفظ مان مراد عذاب ڪرڻ جو فيصلو آهي ۽ بعض مفسرن ان مان مراد قرآن يا رسالت لکي آهي. (٢)

علامه ناصر الدين عبدالله بن عمر شيرازي عليه الرحمتہ هن جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: اسين ملائڪ ان وجه جي ڪري لاهيندا آهيون جنهن جي تقاضا اسان جي حڪمت ڪندي آهي ۽ اوهان ڪافرن جي چوڻ مطابق ملائڪ لاهڻ الاهي حڪمت جي تقاضا ناهي ڇو تہ ملائڪن جي لهڻ کان پوءِ نہ مڃڻ وارن کي مهلت نہ ملندي، هڪدم هلاڪ ڪيا ويندا ۽ اسين اوهان کي فورًا هلاڪ ڪرڻ نہ ٿا گهرون ڇو تہ اوهان جي اولاد مان اهڙا فرد ايندا جن کي ايمان جي نعمت نصيب آهي (٣)

علامه اسماعيل حقي لکيو آهي تہ: ڪافرن طلب ڪئي هئي تہ: ملائڪ لهي اچي شاهدي ڏين سو اها طلب ئي غلط هئي ملائڪن جو لهڻ الله جل جلاله جي نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾ هوندو آهي. نبين عليهم الصلوٰة والسلام کان سواءِ ٻين صالحن ۽ انهن سان بہ ملائڪ تعلق گهٽ رکندا آهن تہ ڪافر ڪير آهن؟ جو انهن وٽ ملائڪ لهي اچي شاهدي ڏين (٤)

"إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ" يقينًا اسان ئي قرآن نازل ڪيو آهي ۽

---

(١) القرطبي صہ۴جلد١٠ (٢) القرطبي صہ۴ جلد١٠ (٣) البيضاوي ڪامل صہ٣۴۴
(۴) روح البيان صہ۴۴٣ جلد۴

يقينًا اسين ئي ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون مطلب تہ قرآن ڪريم کي اسان نازل ڪيو آهي ۽ اها دعويٰ دليل کان سواءِ ناهي پر قرآن ڪريم جو معجزو هجڻ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ اهو اسان نازل ڪيو آهي قرآن پاڪ جي معجزي هجڻ جو هڪ اهو دليل تہ ڪيترين سورتن ۾ بيان ٿيل آهي جو ڪو انسان بہ ان جي هڪ ننڍڙيءَ سورة جهڙي سورة ناهي نہ سگهيو ۽ نہ ناهي سگهندو. ٻيو دليل هتي بيان ٿي رهيو آهي تہ: اسين ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون ڪير بہ ان ۾ گهٽ وڌ تائي ڪري نہ ٿو سگهي جيئن ٻين آسماني ڪتابن ۾ ڪئي وئي ٻهريون معجزو تہ: قرآن پاڪ جي فصاحت، بلاغت ۽ جامعيت جو مقابلو ڪير بہ نہ ٿو ڪري سگهي ان کي تہ اهل علم ئي سمجهندا مگر گهٽ وڌ نہ ڪري سگهڻ تہ هڪ جاهل بہ سمجهي سگهي ٿو.

قرآن پاڪ جي حفاظت واري وعدي ۾ حديث پاڪ جي حفاظت بہ شامل آهي

سيئي اهل علم ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ قرآن نہ صرف الفاظ جو نالو آهي ۽ نہ صرف معنيٰ جو ٻنهي جي مجموعي کي قرآن سڏيو ويندو آهي.۽ ظاهر آهي تہ قرآن جي معنيٰ اها ئي آهي جنهن کي حضور عليه الصلوٰة والسلام جن حديث پاڪ جي ذريعي بيان فرمايو ۽ پاڻ ان جي لاءِ مبعوث ڪيا ويا: ارشاد الاهي آهي "لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَانُزِّلَ اِلَيْهِمْ" (١) (تانت ماڻهن جي لاءِ ان ڪلام جي مفهوم بيان ڪرين جيڪو انهن ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي) ۽ هن آيت "يُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ (٢) مان بہ اها ئي مراد آهي. پاڻ فرمايو اٿن "اِنَّمَا بُعِثْتُ مُعَلِّمًا" (٣)

مان تہ پڙهائيندڙ بنائي موڪليو ويو آهيان ۽ جڏهن ڪين قرآن پاڪ جي تعليم ۽ معنيٰ بيان ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ويو آهي تہ جيڪو ڪجهہ بيان فرمايائون ان جو محافظ بہ الله آهي ۽ ان بيان ڪيل جو نالو حديث آهي جنهن کي مطلقًا غيرمحفوظ چوڻ حقيقت ۾ قرآن ڪريم کي غيرمحفوظ چوڻ آهي ڇو تہ قرآن پاڪ لفظن ۽ معنيٰ ٻنهي جو نالو آهي پوءِ ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو الفاظ محفوظ ۽ معنيٰ غيرمحفوظ هجي ۽ آيت جي آخر ۾ "وَاِنَّا لَهٗ لَحَافِظُوْنَ" جملہ اسميه آهي جيڪو دوام ۽ استمرار تي دلالت ڪندڙ آهي (٤)

مطلب تہ اها حفاظت هميشه هوندي قرآن ڪريم جا الفاظ، معنيٰ ۽ احڪام هميشه

(١) سورة النحل آيت ٤٤ (٢) سورة آلعمران آية ١٦٤ (٣) معارف القرآن ص٢٧٢ جلد ٥ (٤) تفسير القاسمي ص٤٩ جزء ١٠

محفوظ آهن گهڻيئي ڪير ڪيتري به مٽائڻ جي ڪوشش ڪري ناڪام رهندو.

يورپي اسڪالر به تسليم ڪن ٿا ته قرآن پاڪ ۾ تغير،تبدل ۽ تحريف ناممڪن آهي

يورپي مستشرقن ۽ اسڪالرن به پنهنجي وسيع علم، گهڻي ذهانت سان ڪيتريون زندگيون قرآن ڪريم جي ان دعوئ کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ صرف ڪيون مگر نيٺ اهي به اها ڳالهه مڃڻ تي مجبور ٿيا ته هي ڪتاب هر قسم جي تحريف ۽ تغير کان پاڪ آهي ميور ڪان وڏيڪ اسلام جو دشمن ڪير هوندو اسلام ۽ ان جي بانيءَ جي خلاف ان جو زهر اوڳاڇڻ دنيا ۾ مشهور آهي پر ان کي به لکڻو پيو ته:

"غالبًا دنيا ۾ ڪو به ٻيو اهڙو ڪتاب ناهي جنهن جو متن ٻارهن صدين تائين هر قسم جي تحريف کان پاڪ رهيو هجي". (١) آرنلڊ ۽ ڪيترن مشهور فرنگي اسڪالرن به اها ڳالهه تسليم ڪئي آهي (٢)الغرض ته قرآن پاڪ قيامت اچڻ تائين هر شخص جي لاءِ مڪمل ضابطهٴ حيات آهي ۽ الله جل جلاله جي آخري نبي حضرت حبيب ڪريم عليه التحيته والتسليم تي نازل ڪيل آهي. جيئن حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي نبوت ابدي ۽ باقي آهي تيئن قرآن ڪريم به ابدي باقي ڪتاب آهي ان ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نه ٿي سگهندي جيڪڏهن ڪو ڦيرڦار جي ڪوشش ڪندو ته ظاهر ٿي پوندو لڪائي نه سگهندو.

شيعن جو باطل عقيدو

مذڪوره حوالن ۽ تفسيري وضاحت جي خلاف شيعن جو ڪفريه عقيدو آهي ته: قرآن ڪريم۾ڦيرڦار ٿيل آهي مذڪوره آيت جي وضاحت ڪندي فرمان علي شيعي لکيو آهي: ان جو اهو مطلب نه آهي ته هن ۾ ڪوبه تغير تبدل نه ٿو ڪري سگهي چو ته هي ڳالهه ظاهر آهي ته اڄ تائين قرآن مجيد ۾ ڇا ڇا نه ڦيرون قاريون ٿيون آهن گهٽ ۾ گهٽ هن ڳالهه ۾ ته شڪ ئي ناهي ته ترتيب بالڪل بدلايل آهي(٣)

مسلمانن جي خدمت ۾ گذارش

مذڪوره حوالي ڪان سواءِ شيعن جي ڪيترن ٻين ڪتابن ۾ به اها ڳالهه صاف لکيل آهي ته: موجود قرآن ڦيرايل ۽ اڌ پورو آهي (معاذ الله ثم معاذالله) ان

(١) ضياء القرآن ص٣٢ ٥ جلد٢ (٢) حاشيه دريا بادي ص٣٧ ٥ (٣) فرمان علي شيعه جو مترجم قرآن ڪريم ص٣٧٠

جي ڪري شيعي مذهب وارن کان پري رهو جن جو قرآن ڪريم تي بہ اعتماد نہ آهي اهي اوهان سان ڇا نباهيندا قرآن جي منڪرن کان بچو، بچو، "وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ فِيۡ شِيَعِ الۡاَوَّلِيۡنَ" ۽ يقينًا اسان تو کان اڳي پهرين قومن ۾ بہ رسول موڪليا هئا مطلب تہ جيئن اوهان کي هنن ڏانهن رسول بنائي موڪليو اٿئون تيئن اوهان کان اڳي بہ پهرين قومن ڏانهن رسول موڪليا هئا سون مگر انهن بہ رسولن سڳورن عليهم الصلواة والسلام جون ائين ئي گستاخيون ڪيون هيون جيئن هي ڪري رهيا آهن شيع. شيعة جو جمع آهي جنهن جي معنىٰ آهي هڪ اهڙو ٽولو. جيڪو ڪنهن ڳالهہ يا عقيدي تي متفق هجي (۱) ان جو اصل شياع آهي المنجد واري لکيو آهي تہ: شياع اهي ننڍيون ڪاٺيون آهن جن سان وڏين کي ٻاريو ويندو آهي (۲)

وَمَا يَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ" ۽ انهن وٽ ڪوبہ رسول آيو ٿي تہ ان سان چٿر ڪندا هئا. مطلب تہ نبين عليهم الصلوٰة والسلام ۽ انهن جي تابعدارن تي چٿر ڪرڻ هاڻي کان نہ پر ڪافرن جو پراڻو دستور آهي "كَذٰلِكَ نَسۡلُكُهٗ فِيۡ قُلُوۡبِ الۡمُجۡرِمِيۡنَ" اسين ان کي اهڙي طرح مجرمن جي دل ۾ داخل ڪندا آهيون. يعني جيئن انهن انڪار ۽ چٿر کي پنهنجي عادت بنايو آهي تيئن اسان بہ سندن دلين کي دين سمجهڻ ۽ مڃڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي "لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ وَقَدۡ خَلَتۡ سُنَّةُ الۡاَوَّلِيۡنَ" ان تي ايمان نہ آڻيندا ۽ پهرين جي روش بہ گذري چڪي آهي هن مان اشارةً معلوم ٿيو تہ جنهن دل ۾ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي عداوت هوندي ان کي ايمان جي دولت نصيب نہ ٿيندي. ايمان واري جي دل ۾ پهريان پهريان نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي عظمت پيدا ٿيندي آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا "۱" "اِنَّكَ لَمَجۡنُوۡنٌ" (بلا شڪ تون چريو آهين) مان واضح ٿيو تہ: حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي توهين ۽ شان جي تنقيص ڪندڙ ڪافر آهي ڏسو حضور عليه الصلوٰة والسلام جن، عقل اول، عقل جا مخزن ۽ عقل ۽ شعور جا قاسم آهن پر جن ڪين تسليم نہ ڪيو اهي ڪافر ڪين مجنون چوڻ لڳا.

"۲" "لَوۡ مَا تَاۡتِيۡنَا بِالۡمَلٰٓئِكَةِ" (اسان وٽ ملائڪ ڇو نہ ٿو آڻين) مان اشارةً

(۱) تنوير الاذهان صہ ۲۸۲ جلد ۲ (۲) ضياءُ القرآن صہ ۵۳۲ ج ۲

ثابت ٿيو تہ: ڪافر حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي هٿان بيا ڪيترا معجزا ڏسي چڪا هئا صرف ملائڪ نہ ڏٺا هيائون تڏهن اهو مطالبو ڪري رهيا هئا نہ تہ چون ها تہ پٿرن ڪان ڪلمہ پڙهايو انن ڪان سجدا ڪرايو وغيره وغيره.

"٣" "مَانُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ اِلَّا بِالْحَقِّ" (اسين ملائڪن کي حق سان نازل ڪيون ٿا) مان ثابت ٿيو تہ: الله جل جلاله جا نوري ملائڪ زمين تي لهي اچن ٿا انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي خدمت ۾ وحي الاهي آڻيندا آهن اولياءَ الله وٽ رحمت ۽ راحت ۽ عام مومنن وٽ قلبي سڪون ڪٺي اچن ٿا. ۽ ڪافرن وٽ الاهي عذاب سان ايندا آهن.

مسئلا

"١" الله جل شانہ جي طرفان جيڪا بہ شيءِ اچي اها حق آهي خواه شريعت يا طريقت هجي يا ملائڪ هجن يا حياتي ۽ موت هجي ڪنهن ۾ بہ شڪ ڪرڻ يا ان کي بي وقت چوڻ يا ظالم ۽ قاتل چوڻ حرام آهي جيئن ڪي جاهل موت کي بي وقت ۽ ملڪ الموت کي ظالم چوندا آهن.

"٢" قرآن ۾ نہ ڪو تحريف ڪري سگهندو نہ تبديلي ائين چوڻ تہ صحابہ ڪرام حضرت علي رضي الله عنه جي شان واريون آيتون تبديل ڪري ڇڏيون ڪفر آهي ۽ ائين چوندڙ ڪافر آهي "٣" نبوي احاديث بہ محفوظ آهن انهن جو منڪر بي دين ۽ متواتر حديث جو منڪر ڪافر آهي (١)

وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ ﴿١٤﴾

۽ جيڪڏهن کوليون ها اسان انهن تي دروازو آسمان جو پوءِ هميشه ان مان چڙهندا رهن تہ

لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ ﴿١٥﴾ ع١

البت چون ها تہ رڳو منڊ هنيون ويون آهن اکيون اسان جون بلڪ اسين جادو ڪيل قوم آهيون

وَلَقَدْ جَعَلْنَا فِى السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّزَيَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٦﴾

۽ البت تحقيق ناهيا سون آسمان ۾ برج ۽ سينگاريا سون اهي ڏسندڙن جي لاءِ

(١) نعيمي صہ٢٠ جلد١٤

وَحَفِظْنٰهَا مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ⑰ اِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ

۽ حفاظت ڪئي سون انهن جي هر شيطان تڙيل کان مگر جنهن چوريءَ ٻڌو

فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِيْنٌ ⑱ وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا

پوءِ پويان پيو ان جي امڙ چٽو ۽ زمين پکيڙيو سون ان کي ۽ رکيا سون ان ۾

رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُوْنٍ ⑲

جبل ۽ ڄمائي سون ان ۾ هر شيءِ اندازي ڪيل

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان ملائڪن جي لهي اچڻ واري مطالبي جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ٿو وڃي ته ملائڪن جو لهي اچڻ ته درڪنار پر جيڪڏهن انهن لاءِ آسمان مان دروازو کوليو وڃي ۽ هميشه ان مان چڙهندا رهن ته به ايمان نه آڻيندا ۽ چوندا ته اسان جون اکيون جادو ڪيل آهن فرمان عالي شان آهي "وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ" ۽ جيڪڏهن اسين انهن جي لاءِ آسمان مان دروازو کوليون ها پوءِ ان مان هميشه چڙهندا رهن ها ته به چون ها ته اسان جون اکيون منڌ هيون ويون آهن بلڪ اسين جادو ڪيل قوم آهيون. هن آيت مبارڪه ۾ ڪافرن جي هٺ ۽ تڪبر جو بيان آهي ته ڪفر انهن جي دلين ۾ اهڙو ته مضبوط پاڙون هنيون بيٺو آهي جو جيڪڏهن انهن جي لاءِ آسمان مان دروازو کولي ڇڏجي ۽ ڏاڪڻ جي ذريعي ان مان لنگهي مٿي اچن ۽ اسان جي قدرت جا روشن دلائل پنهنجن اکين سان ڏسن ته به اهي حق کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نه ٿيندا ۽ چوڻ لڳندا ته هي جيڪو ڪجهه اسين ڏسون ٿا حقيقت ناهي پر منتر پڙهي اسان جون اکيون مُنديون ويون آهن آهي ڪجهه به ڪونه پر اسان کي ائين نظر اچي رهيو آهي. "وَلَقَدْ جَعَلْنَا فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّزَيَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِيْنَ" ۽ البت تحقيق اسان آسمان ۾ برج بنايا آهن ۽ انهن کي ڏسندڙن جي لاءِ سينگاريو اٿئون.

بروج جي معنىٰ ۾ ان مان مراد ڇا آهي؟

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ بروج برج جو جمع آهي ۽ ان جون ٻہ معنائون آهن "١" لغوي "٢" اصطلاحي. لغوي معنىٰ آهي ظاهر ٿيڻ عورت جڏهن پردي مان نڪري پنهنجي جسم کي نمائش طور پيش ڪندي آهي تہ چيو ويندو آهي تبرجت المرٔة ۽ ان ئي معنىٰ جي لحاظ سان پري ڪان نظر ايندڙ شين لاءِ برج جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي جيئن قلعہ، محل، شاهراه وغيره ۽ ان ئي لحاظ سان وڏن ڏن تارن کي بہ جيڪي پري ڪان نظر ايندا برج سڏيو ويندو آهي ۽ انهن برجن جا نالا هي آهن "١" الحمل "٢" الثور "٣" الجوزا "۴" السرطان "٥" الاسد "٦" السنبلة "٧" الميزان "٨" العقرب "٩" القوس "١٠" العدي "١١" الدلو "١٢" الحوت (١) ابو صالح فرمايو آهي تہ: ان مان مراد سبع سيارات (آسمان ۾ هلندڙ ست تارا آهن (٢)

مفتي محمد شفيع لکيو آهي تہ: هتي آسمان مان مراد آسماني فضا آهي جنهن کي هلندڙ دور ۾ خلاء سڏيو وڃي ٿو سماء جي معنىٰ آسمان جو جسد بہ آهي تہ خلاءَ بہ. اهو لفظ قرآن پاڪ ۾ ٻنهي معنائن لاءِ آيل آهي(٣) (۽ اسان ان کي ڏسندڙن لاءِ سينگاريو آهي) جو مطلب تہ: آسمان جي برجن کي اسان ائين خوفناڪ بنائي نہ ڇڏيو آهي پر اسان انهن ۾ روشن تارا رکيا آهن ۽ ان نموني سڄو جهان چمڪي رهيو آهي ان ۾ اسان جذب ڪندڙ ۽ ڇڪيندڙ جلوا بہ رکيا آهن(۴) "وَحَفِظْنٰهَا مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ" ۽ اسان انهن کي هر هڪ تڙيل شيطان ڪان محفوظ رکيو آهي.

سوال: حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام ڪان اڳي بہ آسمان شيطانن ڪان محفوظ هئا يا نہ؟

جواب: ان ۾ علماءِ ڪرام جا ٻہ قول آهن "١" حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ڪان اڳي شيطان آسمان تي چڙهي ويندا هئا ۽ اتاهين ملائڪن جون ڳالهيون ٻڌي دنيا جي ٻوڙن کي اچي ڪجهہ سچ ڪجهہ ڪوڙ ملائي ٻڌائيندا هئا. حضرت حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم جن جي اچڻ ڪان پوءِ سندن اچڻ مڪمل بند ٿي ويو جيڪڏهن ڪو مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪندو بہ تہ ان کي اُمڙ لڳايو ويندو "٢" تہ اڳي بہ چڙهي نہ ويندا هئا پر ايتري سختي نہ هوندي هئي. نبي

(١) القرطبي ص٩جلد١٠ (٢) روح المعاني ص٢٣جزء١۴جلد٥ (٣) معارف القرآن ص٢٧۴جلد٥ (۴) تفهيم القرآن ص٥٠٠ جلد٢

ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي تشريف آوريءَ کان پوءِ انهن جي مٿي وڃڻ کي سختيءَ سان روڪيو ويو آهي(١)

"اِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِيْنٌ" مگر جنهن چوريءَ ٻڌو ته پوءِ چٽو امڙ ان جي پويان پوندو آهي مطلب ته شيطان آسمان تي وڃڻ کان روڪيل آهن پر جيڪڏهن ڪو مٿي ويجهو وڃي چوريءَ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندو ته پوءِ ان کي اهڙو ٻرندڙ چٽو امڙ لڳندو جو يا مري ويندو يا زخمي ٿي واپس ٿيندو(٢)

"وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُوْنٍ" ۽ اسان زمين کي پکيڙيو ۽ ان ۾ جبل رکيا سون ۽ ان ۾ هر شئي اندازي سان ڄمائي اٿئون- زمين کي پکيڙي ان ۾ هر شيءِ کي پنهنجي حڪمت جي تقاضا تي رکيو اٿئون ۽ هر شيءِ کي اوترو مقدار ڏنو ويو آهي جيڪو ان لاءِ مناسب آهي نه ان ۾ گهٽتائيءَ جي گنجائش آهي نه زيادتيءَ جي اوهان ڪنهن به شيءَتي سرسري نظر وجهندؤ ته اوهان کي ان حڪمت واري انداز جو خود بخود احساس ٿيندو. هر شيءِ جي لاءِ پوءِ اها جاندار هجي يا بي جان. نباتات هجي يا جمادات، مقدار مقرر ۽ خاصيتون معين آهن ڪٿي به اوهان کي ردو بدل نظر نه ايندي ڪٽڪ جي سلي تي ڏاڙهون فٽ نه ٿيندو جهرڪيءَ جي شڪل ۽ جسم مقرر آهي ان ۾ تبديلي نه ٿي سگهندي شينهن جهڙي سگهي جانور جو به قد مقرر آهي اهو وڏي هاٿيءَ جي صورت ۾ نه اچي سگهندو. ۽ نه هاٿي پاڻ کي گهٽائي ٻليءَ جو جسم رکي سگهندو.

فائدا

مذڪوره آيات مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

"١ "وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا" (۽ جيڪڏهن اسين انهن لاءِ آسمان مان دروازو کوليون ها) مان اشارو ملي ٿو ته حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جي دشمنيءَ سان ويران ٿيل زمين ۾ ڪيتري به ڪوشش ڪئي وڃي الله جل شانه جي توحيد جو گل پيدا نه ٿيندو.

"٢" "وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ" (۽ اسان ان ۾ مضبوط جبل رکيا) مان ثابت ٿيو ته زمين چري ڦري نه ٿي. ڇو ته زمين کي چرڻ ڦرڻ کان روڪڻ لاءِ ته مٿس اهي وزني جبل رکيا ويا آهن ان جي ڪري علماءِ اسلام سائنس جي ان زمين جي ڦرڻ واري نظريه کي

(١) الخازن صه٩١.٩٢ جلد٢ (٢) تفسير القاسمي صه٥١ جزء ١٠

قبول نہ ڪيو آهي بلڪ علماءِ اسلام جو قول آهي تہ اهو نظريہ ئي غلط آهي (١)
"٣" جادو جو اثر ٿئي ٿو ۽ جادو جو علم بہ آهي پر انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي معجزي يا ڪنهن شيءِ کي جادو سڏڻ حرام آهي.

وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيهَا مَعَايِشَ وَمَنْ لَّسْتُمْ لَهٗ بِرَازِقِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَاِنْ

۽ پيدا ڪياسون اوهان لاءِ ان ۾ رزق جا سامان ۽ ان لاءِ جو ناهيو اوهان واسطي ان جي رزق ڏيندڙ ۽ ناهي

مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ وَمَا نُنَزِّلُهٗٓ اِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٢١﴾

ڪابہ شيءِ مگر اسان وٽ ان جا خزانا آهن ۽ نہ ٿا لاهيون ان کي مگر اندازي معلوم سان

وَاَرْسَلْنَا الرِّيٰحَ لَوَاقِحَ فَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً

۽ موڪليون ٿا هوائن کي (ڪڪر) ڪڻندڙ بنائي پوءِ لاهيون ٿا آسمان مان پاڻي

فَاَسْقَيْنٰكُمُوْهُۚ وَمَآ اَنْتُمْ لَهٗ بِخٰزِنِيْنَ ﴿٢٢﴾ وَاِنَّا لَنَحْنُ نُحْيٖ

پوءِ پياريون ٿا اوهان کي اهو ۽ ناهيو اوهان ان جو ذخيرو بنائيندڙ ۽ بلاشڪ اسين ئي جياريون ٿا

وَنُمِيْتُ وَنَحْنُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ

۽ ماريون ٿا ۽ اسين ئي والي آهيون ۽ البت تحقيق ڄاتو سون اڳتي وڌندڙن کي اوهان مان

وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَاْخِرِيْنَ ﴿٢٤﴾

۽ البت تحقيق ڄاتو سين پوئتي ٿيندڙن کي

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ زمين ۽ ان تي رکيلن جبلن ۽ ميون جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اي انسانو! اهو سڀ ڪجهہ اوهان جي

(١) نعيمي ص٣٠ جلد١٤

روزي رزق جي لاءِ پيدا ڪيو اٿئون. فرمان عالي شان آهي "وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيهَا مَعَايِشَ وَمَنْ لَّسْتُمْ لَهٗ بِرٰزِقِيْنَ" ۽ اسان ان ۾ اوهان ۽ انهن جي لاءِ جن کي اوهان رزق ڏيندڙ ناهيو رزق جا (اسباب ۽) سامان بنايا آهن مطلب ته اوهان کي ۽ اوهان کان سواءِ ٻي جيڪا به مخلوق آهي جيئن،پکي، درندا، جانور وغيره انهن سڀني کي رزق جا سامان ۽ اسباب اسان پيدا ڪري ڏنا آهن اوهان ته صرف رڌڻ پچائڻ ۽ کائڻ وارا آهيو. پاڻي، اناج، ڦل، فروٽ، زمين مان ٻاهر ڪڍڻ وارا ۽ انهن ۾ کائڻ جي لذت رکڻ وارا اسين آهيون "وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ وَمَا نُنَزِّلُهٗٓ اِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ" ۽ ڪابه شي ناهي مگر اسان وٽ ان جا خزانا آهن ۽ اسين ان کي معلوم اندازي سان لاهيون ٿا يعني اسان وٽ هر شيءِ جا ڀريل خزانا آهن ڪنهن به شئي جي کوٽ ناهي پر اهي اسين پنهنجي حڪمت عمليه سان لاهي جنهن کي جيترو گهرندا آهيون ان کي اوترو ڏيندا آهيون ابن ڪثير لکيو آهي ته: الله جل جلاله وٽ هر شئي جا خزانا آهن پنهنجي حڪمت بالغه ۽ رحمت (ڪامله) جي موافق هر ڪنهن کي ان مان عطا ڪري ٿو. حڪم بن عيينه کان منقول آهي ته: هر هڪ سال ۾ هڪ جيتري مينهن وسائڻ جو پروگرام هوندو آهي پوءِ ڪڏهن ڪهڙي علائقي ۾ ته ڪڏهن ڪهڙي ۾ ۽ اسان کي اها روايت به پهتل آهي ته: مينهن سان گڏ ماڻهن ۽ شيطانن کان وڌيڪ گهڻا ملائڪ گڏ هوندا آهن جيڪي ڦڙا ڳڻيندا آهن ۽ اها ڄاڻ به رکندا آهن ته ڪٿي ڪٿي وسيا. ۽ محدث بزار حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: حضور عليه الصلوٰة والسلام جن فرمايو: "خَزَائِنُ اللهِ الْكَلَامُ فَإِذَا أَرَادَ شَيْئًا قَالَ لَهُ كُنْ فَكَانَ" (١)

يعني خزانن مان مراد الله جو فرمان آهي جڏهن ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندو آهي ته ان کي "كُنْ" فرمائيندو آهي ته اها شئي ٿي پوندي آهي "وَاَرْسَلْنَا الرِّيٰحَ لَوَاقِحَ فَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَسْقَيْنٰكُمُوْهُ وَمَآ اَنْتُمْ لَهٗ بِخٰزِنِيْنَ" ۽ اسان هوائن کي (ڪڪرن جا) بار کڻندڙ بنائي موڪليو پوءِ آسمان مان پاڻي لاهي اهو اوهان کي پياريو سون ۽ اوهان ان کي خزانا بنائي رکندڙ ناهيو- هن آيت مبارڪه ۾ قدرت الاهيه جي ان حڪيمانه نظام ڏانهن اشارو آهي جنهن جي ذريعي روءِ زمين تي رهندڙن سڀني انسانن ۽ جانورن جي لاءِ ضرورت جي مطابق پاڻيءَ پهچائڻ جو اهڙو مضبوط ۽ محڪم نظام قائم ڪيو ويو آهي جو هر شخص کي هر جاءِ تي هرحال ۾ سندس ضرورت مطابق پيئڻ، ڌوئڻ، وهنجڻ ۽ پوکن ۽ وڻن کي ڀؤڪرائڻ لاءِ بلا قيمت پاڻي ملي ٿو ۽ کوه کٽائڻ يا پائيپ وغيره لڳائڻ تيّ جيترو به خرچ اچي

(١) تفسير ابن ڪثير صہ ٥٤٨. ٥٤٩ جلد٢

ٿو اهو پنهنجي سهوليت حاصل ڪرڻ جي قيمت آهي پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي جي به
ڪير قيمت ادا ڪري نه ٿو سگهي ۽ نه ڪنهن ڪان گهري وئي آهي. هن آيت ڪان
پهريان ته اهو ذڪر ڪيو ويو ته قدرت الاهيه ڪهڙي نموني سمنڊ جي پاڻيءَ کي
پوريءَ زمين تي پهچائڻ جو انتظام ڪيو آهي جو سمنڊ ۾ بخارات پيدا ڪرڻ
فرمايائين جن سان مينهن جو مواد (مان سون) پيدا ٿيو ۽ مٿان هوائون هلايائين
جن کي ڪڪرن جي شڪل ۾ تبديل ڪري پاڻيءَ سان ڀريل جبلن جيڏا جهاز پيدا
فرمايائين پوءِ انهن پاڻيءَ سان ڀريلن ڪڪرن کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي جتي
پهچائڻو هو پهچايائين ۽ سندس فرمان سان جنهن علائقي تي جيترو پاڻي
وسائڻو هو وسارايائين اهڙي نموني هي سمنڊ جو پاڻي زمين جي هر هڪ ڪنڊ ۾
رهندڙن انسانن ۽ جانورن کي گهر ويٺي پهچي وڃي ٿو ان نظام جي ذريعي پاڻيءَ
جي ذائقي ۽ ٻين ڪيفيتن ۾ عجيب ۽ غريب تبديلي پيدا ڪئي وڃي ٿي ڇو ته الله
جل شانه پنهنجي حڪمت بالغه سان سمنڊ جي پاڻيءَ کي انتهائي ڪارو ۽ اهڙو
نمڪين بنايو آهي جو ان مان هزارين ٽن لوڻ ڪڍي استعمال ڪيو ٿو وڃي ۽ ان ۾ هيءَ
حڪمت آهي جو هي پاڻيءَ جو عظيم الشان ڪره جنهن ۾ ڪروڙين قسمن جا جانور
رهن ٿا ۽ ان ۾ ئي مرن ۽ سڙن ٿا ۽ ساري زمين جو گندو پاڻي به نيٺ ان ۾ وڃي
پوي ٿو. جيڪڏهن هيءُ پاڻي مٺو هجي ها ته هڪ ڏينهن ۾ سڙي ختم ٿي وڃي
ها ۽ ان ۾ ايتري بدبو ٿئي ها جو سڪيءَ تي رهڻ وارن جي حياتي ۽ تندرستي
مشڪل ٿي پوي ها ان جي ڪري قدرت الاهيه ان کي اهڙو تيزابي ڪارو بنايو جو
سڄي دنيا جون غلاظتون ان ۾ پهچي صفا ختم ٿيو وڃن ٿيون الغرض ته ان حڪمت
جي بناء تي سمنڊ جو پاڻي ڪارو بلڪ ڪڙو بنايو ويو جو نه ٿو پي سگهجي ۽ نه ٿي
ان سان اڃ لهي قدرتي نظام جيڪي ڪڪرن جي شڪل ۾ پاڻيءَ جا هوائي جهاز
تيار ڪيا آهن جو انهن کي صرف سمنڊ جي پاڻيءَ جو خزانو نه بنايو اٿس بلڪ
بخارات (مان سون) تي اٿڻ جي حالت ڪان وٺي زمين تي وسڻ جي وقت تائين ان ۾
ظاهري مشينن ڪان سواءِ اهڙا انقلابات پيدا فرمايا اٿس جو ان ڪان لوڻ جدا ٿي ويو
۽ اهو مٺو پاڻي بنجي ويو اهڙو اشارو سورة المرسلات ۾ به آيل آهي: "وَاَسْقَيْنٰكُمْ مَّآءً
فُرَاتًا" (١) ۽ اسان اوهان کي مٺو پاڻي پياريو. فرات ان پاڻيءَ کي چئبو آهي جيڪو
مٺو ۽ اڃ لاهيندڙ هجي مطلب ته اسان سمنڊ جي ڪڙي ۽ ڪاري پاڻيءَ کي ڪڪرن
جي مشينن مان لنگهائي مٺو ۽ اڃ لاهيندڙ بنائي ڇڏيو زمين جي مٿان رهندڙن
انسانن ۽ جانورن جي لاءِ مٺي ۽ اڃ لاهيندڙ ۽ فصل پيدا ڪندڙ پاڻيءَ کي
پهچائڻ جي انتظام ڪرڻ سان گڏ ان کي سال ۾ اهڙي نموني وسائڻ جو انتظام به

کيل آهي جو هر روز وسڻ جي ڪري ماڻهو ان مان پيدا ٿيندڙ تڪليفن کان بہ محفوظ رهن ۽ پلاجيڪڏهن سال جي خاص خاص مهينن ۾ ايتري برسات پوي جو باقي مهينن لاءِ ڪافي ٿي وڃي ها ۽ هر شخص پنهنجي حصي جو پاڻي ٽانڪيءَ وغيره ۾ رکي ڇڏي ها تہ ظاهر آهي تہ اهو پاڻي بہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سڙي اهڙو خراب ٿي وڃي ها جو پيئڻ جي لائق بہ نہ رهي ها ان جي ڪري قدرت الاهيه ان کي صاف سٺو باقي رکڻ ۽ بوقت ضرورت هر جاءِ تي ملڻ جي لاءِ هڪ بيو عجيب ۽ غريب انتظام ڪرڻ فرمايو. تہ جيڪو پاڻي وسايو وڃي ٿو ان جو ڪجهہ حصو تہ فوري طور تي وڻن، پوکن، انسانن ۽ جانورن جي اڄ لاهڻ ۾ ڪم اچي ٿو ڪجهہ کليلن تلائن ۽ ڍنڊن ۾ محفوظ ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي گهڻي حصي کي برف جي شڪل ۾ جبلن جي چوٽين تي جميل سمنڊ ڪري رکيو ٿو وڃي جتي نہ ڌوڙ ۽ غبار ٿو پهچي نہ ڪا غلاظت ٿي وڃي ۽ اتي بہ اهو جيڪڏهن وهندڙ پاڻيءَ جي صورت ۾ رهي ها تہ ان ۾ هوائن جي ذريعي ڌوڙ، غبار ۽ ٻين خراب شين جي پهچڻ جو خطرو رهي ها ۽ انهن سان اهو پاڻي خراب ٿي وڃي ها پر قدرت الاهيه پاڻيءَ جي ان عظيم خزاني کي برف بنائي جبلن جي چوٽين تي رکي ڇڏيو آهي جتان ٿورو ٿورو ٿي جبلن ۾ اندر لهي ٿو ۽ پوءِ چشمن ۽ ندين جي صورت ۾ هر جاءِ تي پهچي ٿو ۽ جتي اهي چشما ناهن تہ اتي اهو پاڻي زمين ۾ اسان جي رڳن وانگر وهندو رهي ٿو ۽ کوهہ کوٽڻ يا پائيپ لڳائڻ سان نڪري اچي ٿو مطلب تہ الله جل جلالہ جو هي پاڻي پهچائڻ وارو نظام پنهنجي اندر ڪيترين نعمتون رکي ٿو "١" پاڻيءَ جو پيدا ڪرڻ نعمت "٢" ڪڪرن جي ذريعي ان کي زمين جي هر خطي ۾ پهچائڻ نعمت "٣" ان کي انسان جي پيئڻ لاءِ مناسب بنائڻ نعمت "۴" انسان کي ان جي پيئڻ جو موقعو ڏيڻ نعمت "٥" ضرورت مطابق ان کي گڏ ڪرڻ محفوظ رکڻ جو انتظام نعمت "٦" انسان کي پيئڻ لاءِ موقعو ميسر ڪرڻ ڇو تہ ڪڏهن ڪڏهن پاڻيءَ جي هوندي بہ اهڙيون آفتون ۽ رڪاوٽون سامهون هونديون آهن جو انسان پاڻي پي نہ سگهندو آهي. قرآن پاڪ جي هن آيت " فَأَسْقَيْنَاكُمُوهُ وَمَا أَنتُمْ لَهُ بِخَازِنِينَ" (پوءِ اسان اوهان کي اهو پياريو ۽ اوهان ان کي خزانو ڪري رکندڙ ناهيو) ۾ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي.

"فَتَبَارَكَ اللَّهُ أَحْسَنُ الْخَالِقِينَ"

"وَإِنَّا لَنَحْنُ نُحْيِي وَنُمِيتُ وَنَحْنُ الْوَارِثُونَ" ۽ يقيناً اسان ئي جياريون ۽ ماريون ٿا ۽ اسان ئي وارث آهيون مطلب تہ جيئن هوائن ۽ ڪڪرن ذريعي پاڻي

پهچائڻ جو انتظام اسين ڪيون ٿا تيئن جيارڻ ۽ مارڻ به اسان جي قدرت ۾ آهي ۽ سڀ فنا ٿي ويندا ته به اسان جي ذات عالي صفات باقي رهندي ۽ اسين سڀني جي فنا ٿيڻ کان پوءِ سڀني جا وارث آهيون "وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَاْخِرِيْنَ" ۽ البت يقينًا اسين (اوهان مان) اڳتي وڌندڙن کي به ڄاڻون ٿا ۽ البت يقينًا اسين پوئتي ٿيندڙن کي به ڄاڻون ٿا. هن آيت کان اڳ ۾ الله جل جلاله جي قدرت جو ڪمال ثابت ڪيو ويو ۽ هن ۾ سندس علم جو ڪمال بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته: اسان جي ڪامل ۽ محيط علم ۾ ڪنهن غلطيءَ، نقص ۽ خطا جو امڪان ئي ناهي نه ماضيءَ ۾ نه مستقبل ۾ مشرڪ ۽ جاهل قومن ڪي گهٽيون نوڪرون الله جل جلاله جي ان ٻن صفتن ۾ لڳيون هيون "اَلْمُسْتَقْدِمِيْنَ" ۽ "اَلْمُسْتَاْخِرِيْنَ" مان مراد ۾ مختلف قول آهن "١" ته "اَلْمُسْتَقْدِمِيْنَ" مان مراد گذريل نسل آهن ۽ "اَلْمُسْتَاْخِرِيْنَ" مان مراد بعد ۾ اچڻ وارا نسل آهن

"٢" ته "اَلْمُسْتَقْدِمِيْنَ" مان مراد نيڪين ۾ اڳتي وڌندڙ آهن ۽ اَلْمُسْتَاْخِرِيْنَ" مان مراد نيڪين ۾ پوئتي پوندڙ آهن (۽ هن عاجز به ترجمه ان لحاظ سان ڪيو آهي) (١)

اول وقت ۽ پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جو شان

مفسر قرطبي هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي ته: اول وقت ۾ ۽ پهرين صف ۾ بيهي نماز پڙهڻ پلو ڪم آهي نبي پاڪ عليه الصلٰوة والسلام جن فرمايو آهي "لَوْ يَعْلَمُ النَّاسُ مَا فِي النِّدَاءِ وَالصَّفِّ الْاَوَّلِ ثُمَّ لَمْ يَجِدُوْا اِلاَّ اَنْ يَّسْتَهِمُوْا عَلَيْهِ لَاسْتَهَمُوْا" يعني جيڪڏهن ماڻهن کي علم هجي ها ته ٻانگ ڏيڻ ۽ پهرين صف ۾ (بيهڻ جو) ڪيترو ثواب آهي ان کان پوءِ ان لاءِ ڪُٽي وجهڻ کان سواءِ ڪو رستو نه لهن ها ته ڪٽو به وجهن ها پوءِ جيڪو شخص سچ لڙڻ وقت آيو ۽ پهرين صف ۾ امام جي پر ۾ اچي بيٺو ته ان کي ٽي مرتبا حاصل ٿيا "١" اول وقت ۾ اچڻ "٢" پهرين صف ۾ بيهڻ "٣" ۽ امام جي پاڙي ۾ رهڻ (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا "١" الله وٽ هر شيءِ جي خزانن هجڻ جو مطلب آهي ته: اهو هر شيءِ کي پيدا ڪرڻ تي قادر آهي اهو مطلب نه آهي ته گودام پري رکيا اٿس انهن مان ٿورا ٿورا ڪري لاهيندو ويندو آهي جيئن آريه، هندو ۽ ڪجهه عيسائي اهو باطل عقيدو رکندا آهن جڏهن اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته پوءِ:

(١) القرطبي ص٢٠ جلد١٠

" لَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ" (مان اوهان کي نہ تو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن) جي معنىٰ بہ سمجھہ ۾ اچي ويندي ان جو مطلب آهي تہ مان الله جي خزانن کي پيدا ڪرڻ وارو نہ آهيان. اهو مطلب ناهي تہ مون وٽ ڪجھہ بہ ناهي. جيڪڏهن ڪو ائين چوندو تہ پوءِ اهو حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي هن حديث مبارڪ "اُوْتِيْتُ مَفَاتِيْحَ خَزَآئِنِ الْاَرْضِ"(١) (مون کي زمين جي خزانن جون ڪنجيون ڏنيون ويون آهن) جي ٽڪر ۾ ايندو

"٢" نماز جي لاءِ اول وقت ۾ اچي پهرين صف ۾ بيهڻ افضل ۽ اصحاب ڪرام جي سنت آهي

وَاِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَحْشُرُهُمْ ۭ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنَا

۽ بيشڪ رب تنهنجو اهو ئي اٿاريندو انهن کي بيشڪ اهو ئي حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي ۽ البت تحقيق پيدا ڪيو سون

الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٦﴾ وَالْجَاۗنَّ خَلَقْنٰهُ مِنْ

انسان کي کڙکندڙ، گنديءَ، ٻوهيل مٽيءَ مان ۽ جنن کي پيدا ڪيو سون انهن کي

قَبْلُ مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾ وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اِنِّىْ

اڳ ۾ باهہ جي واريءَ مان ۽ جڏهن چيو رب تنهنجي ملائڪن کي تہ بيشڪ مان

خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٨﴾ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ

پيدا ڪندڙ آهيان انسان کي کڙکندڙ، گنديءَ، ٻوهيل مٽيءَ مان پوءِ جڏهن پورو پورو ناهيو مون ان کي

وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَسَجَدَ الْمَلٰۗىِٕكَةُ

۽ ڦوڪيو مون ان ۾ روح پنهنجو پوءِ ڪري پئو ان لاءِ سجدو ڪندڙ پوءِ سجدو ڪيو ملائڪن

كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٣٠﴾ اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ اَبٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣١﴾

سيني انهن گڏ ٿي مگر شيطان انڪار ڪيائين هن ڳالهہ جو تہ هجي سجدي ڪندڙن سان گڏ

(١) نعيمي صہ٤٢ جلد١٤

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ آيل آيتن ۾ دنيوي زندگيءَ ۽ ان جي لاءِ ڪيل انتظامات جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ آخرت جي لاءِ اٿڻ ۽ اتي پيش ايندڙ حالات جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَإِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَحْشُرُهُمْ إِنَّهُ حَكِيمٌ عَلِيمٌ" ۽ بلاشڪ تنهنجو رب انهن کي (قبرن مان ميدان محشر جي لاءِ) اٿاريندو. بلاشڪ اهو حڪمت وارو ،ڄاڻندڙ آهي.

يعني ذرو ذرو ان جي علم ۾ آهي جڏهن سندس حڪمت جي تقاضا ٿيندي تہ سيني کي هڪ ئي وقت انصاف جي لاءِ اٿاري گڏ ڪندو ان جي اڳيان ڪابہ دشواري نہ آهي قبرن مان، جانورن جي پيٽن مان،سمنڊ جي تري مان،هوائي فضا مان مقصد تہ جتي بہ ڪو ذرو هوندو ان کي ظاهر ڪري آڻيندو ان جي علم محيط ۽ ڪامل قدرت جي اڳيان اهو مشڪل ناهي

"صَلْصَالٍ" ۽ "حَمَإٍ مَّسْنُونٍ"

صَلْصَالٍ"جي معنىٰ سڪل، ڪڙڪندڙ مٽي ۽"حَمَإٍ مَّسْنُونٍ"جي معنىٰ ڪاري بدبودار ڳوهيل (١) انسان جي پيدائش جي متعلق هتي اهي لفظ آيا آهن "١" "صَلْصَالٍ" "٢" حما مسنون. مان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اول انسان جو پتلو ڪاري بدبودار گاري مان ٺاهيو ويو ۽ اهو جڏهن سڪي ڪڙڪڻ لڳو تہ اهو مختلف حالتن جي طاري ٿيڻ کان پوءِ اهڙيءَ ڪيفيت تي پهتو جو ان ۾ روح ڦوڪيو وڃي. امام راغب اصفهاني لکيو آهي تہ " حَمَإٍ مَّسْنُونٍ" ۽ " طِينٍ لَّازِبٍ" وغيره الفاظ ظاهر ڪن ٿا تہ: مٽي ۽ پاڻي ملائي هوا سان خشڪ ڪيا ويا ۽ " فَخَّارِ" جو لفظ دلالت ڪري ٿو تہ ان کي ڪنهن حد تائين باهہ سان پچايو ويو ۽ اهوئي باهہ وارو اثر انسان ۾ شيطانيت جي منشا آهي. (٢)

مطلب هي نڪتو تہ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام جي جسم کي اهڙيءَ طرح مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو جيڪا پهريان ڪارو، بدبودار، سڙيل گارو هئي ۽ پوءِ سڪي باهہ جي اثر جي ڪري ڪڙڪندڙ ٿي. (٣) " وَالْجَآنَّ خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَّارِ

(١) ايسر التفاسير ص ٥٠٠ جلد ٢ (٢) المفردات صـ ٣ نور العرفان صـ ٤١٩

"السَّمُوْمِ" ۽ اسان جانّ کي ان کان اڳي باهہ جي جر مان پيدا ڪيو - سموم باهہ جو انتهائي لطيف حصو جر جيڪو هواسان مليل هوندو آهي. ان مان انسان کان اڳي جنّ پيدا ڪيوسين.

مطلب تہ انسانن جو پيءُ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام اهڙي ماده مان پيدا ڪيو ويو جنهن ۾ مٽيءَ جو عنصر غالب هو ۽ (جنن جو اصل) جانّ ان مادي مان پيدا ڪيو ويو جنهن ۾ باهہ جو عنصر غالب هو شيطان بہ ان قسم مان هو (١) "وَإِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلَائِكَةِ إِنِّي خَالِقٌ بَشَرًا مِنْ صَلْصَالٍ مِنْ حَمَإٍ مَسْنُونٍ" ۽ (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي رب ملائڪن کي فرمايو تہ بلاشڪ مان بشر کي کڙڪندڙ گنديءَ ڳوهيل مٽيءَ مان پيدا ڪندڙ آهيان.

الله جل شانه ملائڪن کي هيءَ ڳالهہ حضرت آدم عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي پيدا ڪرڻ کان پهريان ٻڌائي هئي ۽ ابليس بہ انهن ۾ هو پر جڏهن اڪثريت ملائڪن جي هئي ان جي ڪري انهن جوئي ذڪر ڪيو ويو آهي. "فَإِذَا سَوَّيْتُهُ وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُوحِي فَقَعُوا لَهُ سَاجِدِينَ فَسَجَدَ الْمَلَائِكَةُ كُلُّهُمْ أَجْمَعُونَ إِلَّا إِبْلِيسَ أَبَىٰ أَنْ يَكُونَ مَعَ السَّاجِدِينَ" پوءِ مون جڏهن ان کي پورو پورو ناهيو ۽ ان ۾ مون پنهنجو روح ڦوڪيو تہ پوءِ اوهان ان جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پئو پوءِ شيطان کان سواءِ ٽوٽل سڀني ملائڪن سجدو ڪيو (شيطان) سجدي ڪندڙن سان گڏ هجڻ کان انڪار ڪيو.

انساني بدن ۾ روح ڦوڪڻ ۽ ان کي ملائڪن کان سجدي ڪرائڻ جو مختصر تحقيق

پراڻي دور کان علماءَ جو ان ۾ اختلاف هلندو ٿو اچي تہ روح جسم آهي يا مجرد جوهر؟ امام غزالي، امام رازي ۽ عام صوفياءِ ۽ فلاسفه جو قول هي آهي تہ روح جسم ناهي جوهر مجرد آهي امام رازي ان جا ١٢ دلائل ڏنا آهن ۽ امت جي جمهور علماءَ جو قول آهي تہ روح هڪ لطيف جسم آهي. نفخ جي معنيٰ آهي ڦوڪ ڏيڻ. جيڪڏهن جمهور جي قول مطابق روح لطيف جسم آهي تہ پوءِ ان جو ڦوڪڻ تہ ظاهر آهي ۽ جيڪڏهن جوهرمجرد مڃيو وڃي تہ پوءِ ڦوڪڻ جي معنيٰ آهي ان جو جسم سان تعلق پيدا ڪرڻ.

(١) حاشيه عثمانيه صــ ٣٤٩

روح جا قسم

مفسر قرآن علامه ثناءُالله پاني پتي عليه الرحمهٗ فرمايو آهي تہ روح بہ قسم آهي. "١" علوي "٢" سفلي. علوي روح مادي کانسواءِ الله جي هڪ مخلوق آهي جنهن جي حقيقت جو ادراڪ مشڪل آهي ڪشف جي صاحبن کي ان جو اصل مقام عرش کان مٿان نظر ايندو آهي ڇوتہ اهو عرش کان بہ زياده لطيف آهي ۽ اهوئي علوي روح ڪشف جي نگاهہ سان هيٺ ۽ مٿي پنجن درجن ۾ محسوس ڪيو ويندو آهي. "١" قلب "٢" روح "٣" سر "٤" خفي "٥" اخفیٰ ۽ اهي سيئي ان عالم امر جي لطائف مان آهن جنهن ڏانهن قرآن ڪريم "قُلِ الرُّوحُ مِنْ أَمْرِ رَبِّيْ" (فرماءِ تہ روح منهنجي رب جو امر آهي) ۾ اشارو فرمايو آهي ۽ سفلي اهو لطيف بخار آهي جيڪو انساني بدن جي چئن عنصرن "١" باهہ "٢" پاڻي "٣" مٽي "٤" هوا. مان پيدا ٿيندو آهي ۽ ان سفلي روح کي نفس سڏيو ويندو آهي ۽ الله جل جلالہ ان روح سفليءَ کي مذڪوره علوي ارواح جو آئينو بنايو آهي جهڙي طرح جڏهن آئينو سج جي سامهون جهلبو آهي تہ پري هجڻ جي باوجود ان ۾ سج جو عڪس ايندو آهي ۽ روشنيءَ جي ڪري اهو بہ سج وانگر چمڪندو آهي ۽ ان ۾ سج جي حرارت بہ ايندي آهي جيڪا ڪپڙي کي ساڙي سگهندي آهي اهڙي طرح علوي ارواح بہ جيتوڻيڪ پنهنجي تجرد جي ڪري نهايت اعلیٰ، ارفع ۽ پر انهين پنڌ تي آهن پر انهن جو عڪس هن سفلي روح جي آئيني ۾ اچي ان ۾ علوي ارواح جون ڪيفيتون ۽ آثار منتقل ڪندو آهي ۽ اهي آثار جيڪي نفس ۾ پيدا ٿيندا آهن ارواح جزئيہ چورائيندا آهن پوءِ اهو سفلي روح جنهن کي نفس چوندا آهن ارواح علويہ کان حاصل ڪيل ڪيفيات ۽ آثار سان گڏ انساني بدن ۾ سڀ کان پهريان قلبي ٽڪري سان تعلق پيدا ڪندو آهي ۽ ان تعلق جو نالو حياتي ۽ زندگي آهي. ان سفلي روح جي تعلق سان سڀ کان پهريان انسان جي قلب ۾ حياتي ۽ اهي ادراڪات پيدا ٿيندا آهن جن کي ان علوي ارواح کان حاصل ڪيو آهي اهو سفلي روح پوري بدن ۾ پکڙيل باريڪ رڳن ۾ سرايت ڪندو آهي ۽ ان لحاظ سان اهو انساني سڄي بدن جي هر هڪ حصي ۾ پهچي ويندو آهي ۽ بدن انسان ۾ ان سفلي روح جي سرايت ڪرڻ کي ئي روح ڦوڪڻ سڏيو ويو آهي ڇو تہ اهو ڪنهن شيءِ ۾ ڦوڪ ڏيڻ سان وڏيڪ مشابهہ آهي (١) مذڪوره آيت ۾ الله جل شانه روح کي پاڻ ڏانهن "مِنْ رُّوْحِيْ" نسبت ان جي ڪري

(١) المظهري صـ ج ٥

ڪئي آهي تہ انسان جي روح جو مخلوق ۾ اعلىٰ ۽ اشرف هجڻ واضح ٿئي ٿو تہ اهو روح مادي ڪانسواءِ الاهي امر سان پيدا ٿيو آهي ۽ ان جي ڪري ئي انسان جو نفس الاهي نور سان منور ٿيو آهي ۽ ان جي ڪري بہ جو ان انساني روح ۾ رحماني تجليات جي قبول ڪرڻ جي اهڙي استعداد ۽ صلاحيت موجود آهي جيڪا ان ڪانسواءِ ٻئي ۾ ناهي ۽ انسان جي پيدائش ۾ غالب عنصر مٽيءَ جي هجڻ جي ڪري ڪيس مٽيءَ مان پيدا ڪيل سڏيو ويو آهي پر حقيقت ۾ اهو ڏهن شين جو جامع آهي جن مان پنج عالم خلق مان آهن ۽ پنج عالم امر مان - عالم خلق مان. "١" مٽي "٢" پاڻي "٣" باهہ "۴" هوا "٥" پنجون انهن چئني مان پيدا ٿيندڙ لطيف بخار آهي جنهن کي روح سفلي يا نفس سڏيو ويندو آهي ۽ عالم امر جون پنج شيون اهي آهن جن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو ويو آهي يعني قلب، روح، سر، خفي، اخفىٰ ان ئي جامعيت جي ڪري انسان الاهي خلافت جو حقدار بڻيو ۽ معرفت جي نور، عشق جي باهہ ۽ محبت جو متحمل ٿيو جنهنجو نتيجو ڪيفيت ڪان سواءِ الاهي معيت جو حصول آهي ۽ انسان کي تجليات الاهيہ ۽ بي ڪيف معيت جو جيڪو درجو حاصل آهي ان جي ڪري ڪيس ملائڪن کان سجدو ڪرايو ويو. حڪم ٿيو " فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ" پوءِ ان ڏانهن (منهن ڪري) سجدي ۾ ڪري پئو.

فائدا ١: فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ" (پوءِ ان جي طرف (منهن ڪري سجدي ۾ ڪري پئو) ۾ فاءَ تعقيب جي آهي مطلب تہ آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي بدن ۾ روح ڦوڪجڻ کان پوءِ ان ڏانهن منهن ڪري سجدو ڪيو. هن مان ثابت ٿيو تہ سجدو جسم ۽ روح ٻنهي کي ڪيو ويو هو صرف جسم کي سجدو ڪرڻ جو حڪم نہ هو .

٢: " مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ " (باهہ جي ڄر مان) مان واضح ٿيو تہ شيطان باهہ جي نهايت لطيف حصي ڄر مان پيدا ٿيل آهي ۽ اهو انسان جي جسم ۾ آسانيءَ سان سرايت ڪري رت وانگر هلندو آهي ان جي شر کان محفوظ رهڻ جي لاءِ هميشه الله تعالىٰ کان پناهہ وٺڻ گهرجي.

قَالَ يٰۤاِبْلِيْسُ مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ لَمْ

(الله) فرمايو تہ اي شيطان! ڇا ٿيو توکي جو نہ هئين سجدي ڪندڙن سان گڏ ڇيائين تہ ناهيان

اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٣٣﴾

✽ مان تانت سجدو ڪيان ان بشر لاءِ جو پيدا ڪيو تو ان کي ڪڙڪندڙ گنديءَ ڳوهيل مٽيءَ مان

قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ۝٣٤ وَّاِنَّ عَلَيْكَ اللَّعْنَةَ اِلٰى

(الله) فرمايو، پوءِ نڪر تون ان مان پوءِ بيشڪ تون تڙيل آهين ۽ بيشڪ توتي لعنت آهي .

يَوْمِ الدِّيْنِ ۝٣٥ قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ۝٣٦ قَالَ

قيامت جي ڏينهن تائين چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! پوءِ مهلت ڏي مونکي ان ڏينهن تائين جو اٿاريا ويندا. (الله) فرمايو

فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ۝٣٧ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ۝٣٨ قَالَ رَبِّ

ته پوءِ بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين تائين ڏينهن وقت معلوم جي چيائين ته اي منهنجا پالڻهار!

بِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ

ان سبب جي ڪري جو تو مون کي گمراھ ڪيو آهي البته ضرور سينگاريندس انهن لاءِ (گناهن کي) زمين ۾

وَلَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ۝٣٩ اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ ۝٤٠

۽ البت ضرور گمراھ ڪندس سڀني کي مگر ٻانهن تنهنجن کي انهن مان (جيڪي) سچا (هوندا).

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ شيطان جي سرڪشيءَ جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ شيطان جي طرفان ان سرڪشيءَ جي وجه ٻڌائڻ جو بيان آهي: فرمان ايزدي آهي " قَالَ يَآ اِبْلِيْسُ مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ" (الله) فرمايو ته: اي شيطان! توکي ڇا ٿيو جو سجدي ڪندڙ سان گڏ نه ٿئين؟ يعني سبب ڇا آهي " قَالَ لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ" (شيطان) چيو ته جنهن بشر کي تو ڪڙڪندڙ، گندي، ڳوهيل مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي مون کان نه ٿيندو ته مان ان کي سجدو ڪيان هن جواب مان معلوم ٿئي ٿو ته: شيطان پليد جي نظر صرف " حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ" تي پئي هئي. وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ" جا اسرار ۽ راز ان کي سمجهه ۾ ئي نه آيا هئا.

دور حاضر وارا عبرت حاصل ڪن

جيئن شيطان جي نظر حقيقت ڏانهن نہ وئي ۽ هميشه لاءِ ملعون بنجي ويو تيئن هلندڙ دور ۾ ڪي ڪي ماڻهو حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي اعليٰ مقام ۽ بلند حقيقت ڪي سوچڻ جي بجاءِ صرف ظاهري بشريت جي ڳالهہ ڪندا آهن اهي هن واقعي مان عبرت وٺن، متان سندن بہ اهو حال ٿئي "قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ۙ وَّاِنَّ عَلَيْكَ اللَّعْنَةَ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ" (الله) فرمايو تہ: پوءِ ان مان نڪري وڃ يقينًا تون تڙيل آهين ۽ قيامت جي ڏينهن تائين توتي لعنت آهي - مطلب تہ سجدي کان انڪار ڪرڻ جي ڪري جنهن بلند مقام (بهشت يا آسمان) تي پهتو هئين هاڻي تولاءِ اتي رهڻ جي اجازت ناهي نڪري وڃ تون تڙيل آهين ۽ توتي قيامت تائين الله جل جلالہ ۽ ان جي پيارن ٻانهن جي طرفان لعنت آهي.

" قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْۤ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ " (شيطان) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! پوءِ مونکي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي (جنهن ۾ سڀئي قبرن مان) اٿاريا ويندا (الله جل شانه ان کي) فرمايو تہ "تون معلوم وقت جي ڏينهن تائين مهلت ڏنل آهين" مطلب تہ شيطان ڊگهي مهلت گهري جيڪا کيس ملي. علامه قرطبي لکيو آهي تہ شيطان کي اها مهلت سندس مقبوليت جي ڪري نہ پر کيس وڌيڪ عذاب ۾ ڦاسڻ لاءِ ملي آهي ۽ معلوم وقت جي ڏينهن مان مراد اسرافيل عليه السلام جي پهرين ڦوڪ وارو وقت آهي جنهن سان سموري مخلوق مري ويندي ۽ الله جل شانه جو شيطان سان اهو گفتگو (عليٰ وجه التغليظ) سختيءَ ڪرڻ جي انداز ۾ هو (١).

"قَالَ رَبِّ بِمَاۤ اَغْوَيْتَنِيْ لَاُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَلَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ۙ اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ" (شيطان) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! ان سببان جو تو مونکي گمراهہ ڪيو مان بہ انهن لاءِ ضرور زمين ۾ (برين ڳالهين) سينگاري پيش ڪندس ۽ ضرور ضرور انهن سڀني کي گمراهہ ڪندس. مگر انهن مان تنهنجا مخلص ٻانها - (محفوظ رهندا) يعني حضرت آدم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي اڳيان سجدي نہ ڪرڻ جي ڪري مان گمراهن جي لسٽ ۾ آندو ويو ۽ مردود بنايو ويو آهيان آءٌ بہ ان جي اولاد لاءِ دنيا جا سامان ۽ گناهن جون ڳالهيون سينگاريندس ۽ سڀني کي گمراهہ ڪندس پر انهن مان ڪي تنهنجا خالص ۽ سچا ٻانها

(١) القرطبي صــ ٢٧ جلد ١٠

هوندا جن تي منهنجو ڪوبه اثر رسوخ نه هلندو ۽ نه اهي منهنجي وسوسن ۾ ايندا. (١)

"بِمَآ اَغْوَيْتَنِىْ" جي لفظي تشريح

ب سببية جي " اَغْوَيْتَ" اغواء ڪان ورتل مختلف معنائن ۾ ايندو آهي. ١-: ڪنهن کي اهڙو حڪم ڏيڻ جنهن جي نافرماني ان جي گمراهيءَ جو سبب بنجي. ٢- : ڪنهن کي گمراهيءَ جي سزا ڏيڻ. ٣- : ڪنهن کي سڌي واٽ ڪان ٿيڙڻ - هتي ٻي معنىٰ مراد وٺڻ وڌيڪ مناسب آهي. مقصد ته مونکي گمراهه ٿيڻ جي سزا يقيناً ملڻي آهي ان جي ڪري مان به انسانن سان جهيڙو جاري رکندس. (٢) هي شيطان جو گستاخانه لهجوئي هيو جنهن جي ڪري هميشه لاءِ ملعون بڻجي ويو. پر حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پنهنجي دعا ۾ ظاهري غلطيءَ جي پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي.

رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا..... (اي اسان جا پالڻهار! اسان پنهنجي سرن تي پاڻ ظلم ڪيو) ان جي ڪري مالڪ مٿي ڪيس وري به بلند مقام تي رکيو. انسان کي گهرجي ته هر قصور جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪري ۽ اهوئي هدايت وارو رستو آهي ۽ اهائي مخلصين جي جماعت آهي جن ڪان شيطان اٽنديئي هٿ ڪنيو هو ته اهي منهنجي چمبي ۾ نه ايندا. شيطان ويڙهه ته انهن سان به ڪندو ۽ ڪري ٿو پر مالڪ مٿي جي فضل سان اهي محفوظ رهيا ۽ رهندا.

مغفرت ملڻ جي بشارت

حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو: اِنَّ اِبْلِيْسَ قَالَ يَا رَبِّ وَعِزَّتِكَ وَجَلَالِكَ لَاَزَالُ اُغْوِيْ بَنِيْ آدَمَ مَادَامَتْ اَرْوَاحُهُمْ فِيْ اَجْسَامِهِمْ وَقَالَ الرَّبُّ وَعِزَّتِيْ وَجَلَالِيْ لَاَزَالُ اَغْفِرُلَهُمْ مَااسْتَغْفَرُوْنِيْ" (٣) يعني شيطان (بارگاهه ايزدي ۾ عرض ڪندي) چيو ته اي منهنجا پالڻهار! تنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم آهي ته: جيستائين انسانن جا ارواح سندن جسمن ۾ هوندا مان ڪين گمراهه ڪندو رهندس رب العزت جل جلاله فرمايس ته: مون کي به پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم آهي ته جيستائين مون کان به جيستائين مغفرت طلب ڪندا رهندا ته مان به ڪين بخش ڪندو رهندس".

---

(١) تنوير الايمان صـ ١٢ پ١٤ (٢) ضياءُ القرآن ص ١١٦ جلد ٢
(٣) القرطبي صـ ٢٧ جلد ١٠

قَالَ هٰذَا صِرَاطٌ عَلَيَّ مُسْتَقِيْمٌ ﴿٤١﴾ اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ

فرمايو (الله تہ) هي رستو مون ڏانهن سڌو آهي بيشڪ منهنجا ٻانها ناهي تنهنجو

عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ اِلَّا مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَاِنَّ

انهن تي ڪو غلبو مگر جيڪو تابع ٿيو تنهنجو گمراهن مان ۽ بيشڪ

جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٣﴾ لَهَا سَبْعَةُ اَبْوَابٍ لِكُلِّ بَابٍ

جهنم وعدي جي جاءِ انهن مڙني جي آهي ان جا ست دروازا آهن هڪ هڪ دروازي جي لاءِ

مِّنْهُمْ جُزْءٌ مَّقْسُوْمٌ ﴿٤٤﴾ ع

انهن مان حصو ورهايل آهي.

تفسير

هنن ڪان پهريان مذڪوره آيتن ۾ شيطان جي ڏڱين ڳالهين ۽ آئنده جي لاءِ اميدن جو ذڪر هو ۽ هتي ان جي مڪر ۽ فريب ڪان بچڻ وارن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " قَالَ هٰذَا صِرَاطٌ عَلَيَّ مُسْتَقِيْمٌ " (الله جل شانه فرمايو تہ: هي مون ڏانهن سڌو رستو آهي.

"هٰذا...." (هيءُ) ۾ اخلاص ڏانهن اشارو آهي. مطلب تہ اخلاص ئي مون وٽ عزت ڏيندڙ ثواب وارو آهي. (١) "اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ" بلاشڪ جيڪي منهنجا ٻانها آهن توڪي انهن تي ڪنهن بہ قسم جو غلبو ناهي. تون ڪيترا بہ وس هلائيندي اهي تنهنجي مڪر ۽ چڪر ۾ نہ ايندا. اِلَّا مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْغٰوِيْنَ .... مگر جن تنهنجي تابعداري ڪئي اهي گمراهن مان آهن. مطلب تہ ڪو بہ شخص گناهہ ڪرڻ تي مجبور ناهي انسان جڏهن پاڻ شيطان ڏانهن لاڙو ڪندو آهي تہ پوءِ الاهي توفيق ان جو ساٿ نہ ڏيندي آهي شيطان جي وس جي انتها

(١) التفسير الكبير صـ ١٨٩ جزءُ ١٩

اها آهي تہ ڏنا ۽ دلاسا گهڻا ڏيندو آهي ۽ پيو ڪجهہ بہ ان جي وس واڪ ۾ ناهي
" وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ اَجْمَعِيْنَ " ۽ بلاشڪ جهنم انهن سيني جي وعدي واري جاءِ
آهي: يعني شيطان ۽ ان جي سيني تابعدارن جي جاءِ جهنم آهي (٢). لَهَا
سَبْعَةُ اَبْوَابٍ لِكُلِّ بَابٍ مِّنْهُمْ جُزْءٌ مَّقْسُوْمٌ " ان جا ست دروازا آهن انهن مان هرهڪ
دروازي جي لاءِ ورهايل حصو آهي. يعني جنهن جا جهڙا عمل هوندا اهو اهڙي دروازي
کان لنگهندو ۽ عملن جي لحاظ سان ئي جهنم جي اندر رهندو.

فائدا مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا: ١-: اِنَّ عِبَادِيْ
لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ (بلاشڪ منهنجن ٻانهن تي تنهنجو غلبو ناهي) مان ثابت
ٿيو تہ الله جااولياء گناهن کان محفوظ هوندا آهن.

معصوم ۽ محفوظ ۾ فرق

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ معصوم اهو آهي جو ڪنهن بہ قسم جو
ننڍو يا وڏو گناهہ ڪري ئي نہ سگهي ان ۾ گناهہ جو مادو ئي پيدا ڪيل نہ
هجي ۽ محفوظ اهو آهي جيڪو گناهہ ڪري تہ سگهي ٿو پر قدرتي حفاظت هجڻ
جي ڪري نہ ٿو ڪري ۽ نيڪ شخص اهو آهي جيڪو گناهہ ڪرڻ کان پوءِ فورًا توبه
ڪري فاسق اهو آهي جيڪو گناهہ ڪري توبه ئي نہ ڪري. ٢-: هٰذَا صِرَاطٌ عَلَيَّ
مُسْتَقِيْمٌ". هي مون ڏانهن سڌو رستو آهي. مان واضح ٿيو تہ اعمال بہ اهي ڪم
جا آهن جيڪي صراط مستقيم تي رهي ڪيا وڃن جيڪو عمل حضرت حبيب
پاڪ عليه الصلواة والسلام جي محبت ۽ ادب کان خالي آهي اهو ڪنهن بہ ڪم جو
نہ آهي. ٣-: " لَمَوْعِدُهُمْ اَجْمَعِيْنَ" (جهنم) سيني جي جاءِ آهي)مان واضح ٿيو تہ
شيطان جا سمورا تابعدار جهنم ۾ پوندا پر جيڪي ڪافر هونداسي ان مان نہ
نڪرندا، گنهگار الله جل شانه جي خصوصي رحمت يا شفاعت سان نڪري ايندا.
قاديانين مرتدن، ڪافرن جو خيال غلط آهي تہ ڪافر بہ نڪري جنت ۾ يا
اعراف نالي مقام ۾ رهندا. (٢)

عام متقي مسلمان عام ملائڪن کان افضل آهن

مفتي اقتدار احمد صاحب البحرالرائق ص ٣٥٤ جلد ١ جي حوالي سان
لکيو آهي تہ: عام متقي مسلمان عام ملائڪن کان افضل آهن. (٣) والله اعلم

(١) صفوة التفاسير صـ ١١٠ جلد ٢ (٢)نعيمي صـ ٧٥ جلد ١٤ (٣)نعيمي صـ ٧٥ جلد ١٤

إِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٤٥﴾ اُدْخُلُوْهَا بِسَلَامٍ اٰمِنِيْنَ ﴿٤٦﴾

بيشڪ پرهيزگار بهشتن ۽ چشمن ۾ هوندا داخل ٿيو انهن ۾ سلامتيءَ سان امن وارا هوندڙ

وَنَزَعْنَا مَا فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ اِخْوَانًا عَلٰى سُرُرٍ

۽ ڪڍنداسون جيڪو سينن انهن جي ۾ هوندو ڪينو ڀائر ٿي تختن تي

مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٤٧﴾ لَا يَمَسُّهُمْ فِيْهَا نَصَبٌ وَّمَا هُمْ مِّنْهَا بِمُخْرَجِيْنَ ﴿٤٨﴾

سامهون وهندڙ نه پهچندي انهن کي ان ۾ ڪا تڪليف ۽ نه اهي ان مان ڪڍيل هوندا.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان جهنم وارن جو ذڪر ٿيو ۽ هتي جنت وارن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ" بيشڪ پرهيزگار بهشتن ۽ چشمن ۾ هوندا. متقي اهو آهي جو برن عقيدن ۽ بڇڙن عملن کان محفوظ رهي. انهن لاءِ فرمان آهي ته اهڙن بهشتن ۾ هوندا جن ۾ کير ۽ ماکيءَ وغيره جا چشما جاري هوندا (١) "اُدْخُلُوْهَا بِسَلَامٍ اٰمِنِيْنَ" انهن ۾ سلامتيءَ ۽ امن سان داخل ٿيو - هي ملائڪن سڳورن جو قول هوندو جيڪي بهشت ۾ ويندڙن کي بهشت جي دروازن تي ائين چوندا. يعني هاڻي اوهان کي نه بهشت مان ڪڍيو ويندو ۽ نه اوهان تي بيماري يا ڪو ٻيو درد ايندو نه اوهان موت جو ذائقو چکندؤ (٢)

"وَنَزَعْنَا مَا فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ اِخْوَانًا عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ" ۽ اسين سندن سينن ۾ جيڪو ڪينو هوندو اهو ڪڍي ڇڏينداسون ڀائر بڻجي تختن تي هڪ ٻئي جي سامهون وينا هوندا، حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي ته: جڏهن جنت وارا جنت ۾ داخل ٿيندا ته سڀ کان پهريان سندن سامهون پاڻيءَ جا ٻه چشما پيش ڪيا ويندا. پهرئين مان اهي پاڻي پيئندا ته انهن سيني جي دلين مان هڪ ٻئي سان دنيا ۾ پيش آيل ڪاوڙ جيڪا طبعي طور پچاڙيءَ تائين موجود هئي اها

(١) تفسير حسيني ص ٤٢٥ (٢) نور العرفان ص ٤٢١

نڪري ويندي دليون ڏوپي صاف ٿي ويندو ۽ سيني جي دلين ۾ هڪ ٻئي سان الفت ۽ محبت پيدا ٿيندي. چوٿون هڪ ٻئي سان ڪاوڙ رکڻ به هڪ قسم جي تڪليف آهي ۽ جنت هر قسم جي تڪليفن کان پاڪ آهي ۽ صحيح حديث ۾ جيڪو آيو آهي ته: جنهن شخص جي دل ۾ ڪنهن جي لاءِ ذري برابر به ڪينو هوندو اهو بهشت ۾ داخل نه ٿيندو ان مان مراد اهو ڪينو آهي جيڪو دنيوي غرض ۽ پنهنجي قصد ۽ اختيار سان مرڻ تائين رکيو وڃي ۽ ان جي ڪري ڪينو رکندڙ شخص ٻئي کي نقصان ڏيڻ جي پٺيان هجي. طبعي انقباض جيڪو بشري خاصو ۽ غير اختياري آهي اهو هن ۾ داخل ناهي. (١) "لَا يَمَسُّهُمْ فِيهَا نَصَبٌ وَّمَا هُمْ مِّنْهَا بِمُخْرَجِينَ" انهن کي الهن(بهشتن) ۾ نه ڪا تڪليف پهچندي ۽ نه اهي ان مان ڪڍيا ويندا. هن آيت ۾ جنت جون به خاصيتون بيان ڪيون ويون آهن. ١-: ته ان ۾ ڪنهن کي به ڪا ٿڪاوٽ يا تڪليف محسوس نه ٿيندي جيئن دنيا ۾ ٿيندي آهي. ٢-: ته ان ۾ جنهن کي به آرام، راحت ۽ نعمتون مليون آهي نه ان کان ڪسيون ويندي يون نه گهٽايون وينديون ۽ نه اهي انهن مان ڪڍيا ويندا.

نَبِّئْ عِبَادِيْٓ اَنِّيْٓ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٤٩﴾

خبر ڏي ٻانهن منهنجن کي ته بلاشڪ مان ئي بخشڻهار، مهربان آهيان

وَاَنَّ عَذَابِيْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِيْمُ ﴿٥٠﴾

۽ بيشڪ عذاب منهنجو ئي دردناڪ عذاب آهي.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته متقي بهشتن ۾ هوندا ۽ هتي حڪم ڪيو ويو آهي ته منهنجن ٻانهن کي منهنجي مغفرت جو به ٻڌايو ته بي پرواهه هجڻ جو به ٻڌايو. فرمان عالي شان آهي "نَبِّئْ عِبَادِيْٓ اَنِّيْٓ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ"

(١) معارف القرآن صـ ٢٩٠ جلد ٥

منهنجن ٻانهن کي ۽ خبر ڏي تہ مان ئي بخشڻهار مهربان آهيان.

شان نزول

نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن هڪ ڏينهن (مڪه مڪرمه ۾) باب بني شيبه کان مسجد حرام ۾ داخل ٿي رهيا هئا تہ پاڻ اتي موجود ڪجهہ مسلمانن کي کلندي ڏسي فرمايائون تہ: ڇو پيا کلو؟ ۽ اهو سندن فرمان عتاب آميز لهجي ۾ هجڻ جي ڪري اهي مسلمان سڳورا پريشان ٿي ويا حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن ائين فرمائي پنهنجي رهائش گاه ڏي ويا پر فورًا واپس اچي فرمايائون تہ: جبرئيل هي آيت کڻي آيو آهي جنهن ۾ فرمان آهي تہ: منهنجن ٻانهن کي ٻڌاءِ تہ "مان نهايت بخشڻهار مهربان آهيان"(١) علامه رازي لکيو آهي تہ: الله جل جلاله هن آيت ۾ " عِبَادِيٓ" " اَنِّيٓ" "اَنَا" تي پيرا متڪلم جو ضمير آڻي پنهنجن مڄڻ وارن جي شرف ۽ مان کي ظاهر فرمايو آهي تہ: منهنجن ٻانهن کي مان ئي بخشڻ وارو ۽ انهن تي مهربان آهيان ۽ جڏهن عذاب جو ذڪر ڪيائين تہ: اتي ائين ڪونہ فرمايائين تہ مان ئي عذاب ڪندڙ آهيان، صرف اهو ٻڌايائين تہ منهنجو عذاب دردناڪ عذاب آهي. " نَبِّئۡ " (خبرڏي) ۾ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي زبان پاڪ کان اهو اعلان ڪرائي پنهنجي مغفرت ۽ رحمت جو ڪين شاهد بنايائين. (٢).

فائدو: مذڪوره ٻنهي آيتن مان واضح ٿيو تہ ٻانهي کي الله جي رحمت ۾ يقيني اميد بہ هجي تہ ان جي بي پرواه ذات جو ڊپ بہ هجي ۽ جيڪا بہ شيءِ ٻانهي کان انهن جي خلاف ظاهر ٿئي اها گناه آهي. الايمان بين الخوف والرجاء" ايمان خوف ۽ اميد جي وچ ۾ هوندو آهي تہ مسلمان نہ رحمت کان مايوس رهي ۽ نہ گناهن تي جرئت ڪري بي خوف رهي.

وَنَبِّئۡهُمۡ عَنۡ ضَيۡفِ اِبۡرٰهِيۡمَ ﴿٥١﴾ اِذۡ دَخَلُوۡا عَلَيۡهِ فَقَالُوۡا سَلٰمًا ؕ

وقف لازم

۽ خبر ڏي انهن کي ابراهيم جي مهمانن جي جڏهن داخل ٿيا ان وٽ پوءِ چيائون سلام

(١) ڪمالين شرح اردو جلالين ص ٣٠٤ جلد ٣ - الدر المنثور ص ٨٦ جلد ٥
(٢) التفسير الڪبير ص ١٩٤ جزءِ ١٩

قَالَ اِنَّا مِنْكُمْ وَجِلُوْنَ۝٥٢ قَالُوْا لَاتَوْجَلْ اِنَّا

فرمايو (ابراهيم تہ) بلاشڪ اسين اوهان کان ڊڄندڙ آهيون چيائون تہ ڊڄ بيشڪ اسين

نُبَشِّرُكَ بِغُلَامٍ عَلِيْمٍ۝٥٣ قَالَ اَبَشَّرْتُمُوْنِيْ عَلٰٓى

بشارت ڏيون ٿا توکي پٽ ڄاڻندڙ جي فرمايائين تہ: ڇا بشارت ڏيو ٿا مونکي

اَنْ مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ فَبِمَ تُبَشِّرُوْنَ۝٥٤

هن حال ۾ جو پهتي مون کي ٻڍاپ پوءِ ڇا جي ٿا بشارت ڏيو؟

تفسير

پهريان ٻڌايو ويو تہ مخلص ٻانهن جي دلين ۾ ڪينو رهڻ نہ ڏنو ويندو ۽ هتي انهن مخلصن جي سرتاجن نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَنَبِّئْهُمْ عَنْ ضَيْفِ اِبْرَاهِيْمَ اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلَامًا قَالَ اِنَّا مِنْكُمْ وَجِلُوْنَ" ۽ انهن کي ابراهيم (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي مهمانن جي خبر ڏي. جڏهن ان وٽ پهتا ۽ سلام چيائون. حضرت ابراهيم (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن کي) فرمايو تہ: اسين اوهان کان ڊڄون ٿا. پروڙڻ گهرجي تہ اهو ساڳيو قصو سورة هود جي آيت ٦٩ کان ٧٥ تائين ذڪر ڪيل آهي ۽ اسان احسن البيان جي چوٿين جلد ۾ صـ ٥٤٧ کان ٥٥٠ تائين ان جو تفسير لکي آيا آهيون. پر الله جل جلاله ان کي وري پنهنجي حڪمت جي تقاضاطور آندو آهي تہ: اي حبيب! عليه الصلواة والسلام، انهن کي (حضرت)ابراهيم (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جو قصو ٻڌاءِ. جڏهن ان وٽ ملائڪ ماڻهن جي شڪل ۾ ٿي آيا ۽ اچي کيس سلام چيائون حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پنهنجي مزاج ۽ دستور مطابق انهن وٽ کائڻ جي لاءِ هڪ ڳجل گابو ڪٽي آيو جڏهن انهن نہ کاڌو تہ پاڻ کين مخالف سمجهي فرمايائين تہ: اسين اوهان کان ڊڄون ٿا الاءِ ڇو آيا آهيو؟ حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه

الصلواة والسلام کين ان جي ڪري ائين فرمايو هو جو هڪ ته اهي بي وقتا آيا هئا ٻيو ته ڪاڏو نه ڪاڏائون ۽ ڪاڏو نه ڪاڻ ان وقت دشمنيءَ جي نشاني هوندي هئي.

سوال: حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن ملائڪن کي ڇونه سڃاتو؟

جواب: اصل حڪمت ته رب العزة جل جلاله ٿو ڄاڻي پر اهوضرور نه آهي ته هر ملائڪ کي هر وقت نبي سڳورو عليه الصلواة والسلام سڃاڻي نبوت جو منصب صرف ملائڪ سڃاڻڻ نه آهي. ها ان ملائڪ کي نبي ضرور سڃاڻندو جيڪو الله جل جلاله جو وحي ڪٺي ايندو نه ته وحي مشڪوڪ رهندو. ” قَالُوا لَاتَوْجَلْ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلَامٍ عَلِيْمٍ “ ملائڪن عرض ڪيو ته: ڊڄ يقيناً اسين توکي علم واري پٽ جي بشارت ڏيڻ آيا آهيون. جيڪو صاحبِ نبوت ۽ صاحب علم هوندو.

الله جل جلاله جي عطا سان علم غيب جو ملڻ

هن آيت مان واضح ٿيو ته حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي جيڪو پٽ اچان ڄائو نه هو الله جل شانه ملائڪن کي ۽ ملائڪن جي ذريعي ڪيس علم ڏنو ته هاڻي سندس اهليه جي پيٽ ۾ اچڻ وارو پٽ به هوندو ته نبي، صاحب علم به هوندو ۽ پيٽ ۾ ڇا آهي ان کي ” علم ما في الارحام “ سڏيو ويندو آهي رب العزت جل شانه ان جو به علم پنهنجن پيارن کي ڏيندو آهي. ” قَالَ اَبَشَّرْتُمُوْنِيْ عَلَىٰٓ اَنْ مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ فَبِمَ تُبَشِّرُوْنَ “ (حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن کي) فرمايو ته: ڇا مون کي ان حال ۾ جو مون کي ٻيڍاپ اچي ورتو آهي ڇا جي ٿا بشارت ڏيو. مطلب ته هاڻي ته مون کي اولاد ٿيڻ جو آسروئي نه آهي نه منهنجي اولاد ٿيڻ جي عمر آهي ڪيئن ٿا اها بشارت ڏيو؟ الغرض: ڇا اسين مڙس ۽ زال وري نوجوان ٿينداسون يا معجزي طور اهو پٽ ڄمندو؟ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام خداوندي قدرت جو انڪار نه ڪيو نه ان کي نه ٿيڻ جهڙو ڪم سمجهيو پر ان جي نوعيت معلوم ڪرڻ جي لاءِ يا عجب جو اظهار ڪندي پڇيو.

فائدو

مذڪوره آيتن سمجهڻ مان هي فائدو ذهن نشين ٿئي ٿو. ” نُبَشِّرُكَ بِغُلَامٍ عَلِيْمٍ “ (توکي علم واري پٽ جي بشارت ڏيون ٿا) مان واضح ٿيو ته الله جي عطا سان

ملائڪن کي بہ غيب جي علم مان ڪجھ عطا ڪيو ويو هو تہ حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي پٽ ڄمندو ۽ اهو بہ علم ڏنو ويو هو تہ ان جو نالو اسحاق (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) هوندو جيئن هئي مقام تي آيل آهي ۽ اهو بہ انهن کي علم هو تہ حضرت اسحاق علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام نبي بہ هوندو.

مسئلا

١-: هر مهمان جي حال آهر ميزباني ڪرڻ گهر ڌڻيءَ تي ضروري آهي ان کي سجاڻي يانہ. گهرايل هجي يا پاڻهي آيو هجي مانيءَ جي وقت اچي يا بي وقت اچي. اهو " ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ " مان واضح آهي جو حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سڀ ڪان پهريان اچڻ وارن جي خاطر تواضع ڪندي ڳجل گابو ڪٺي انهن جي اڳيان اچي رکيو ناراض نہ ٿيو تہ اوچتو ۽ بي وقتا ڇو آيا آهيو بلڪ انهن جي نہ کائڻ تي افسوس جو اظهار ڪيائين.

٢-: شرعي قانون مطابق ٻاهران اچڻ واري کي سلام چوڻو آهي جيئن " فَقَالُوْ سَلٰمًا " مان ظاهر آهي. گهر ۾ رهڻ وارن کي جواب ڏيڻ واجب آهي.

اعتراض

حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پٽ جي بشارت ملڻ تي حيرت ۾ ڇو پيو؟ ڇا ڪيس يقين نہ ٿي آيو؟

جواب

اها سمجهاڻي تفسير ڪندي اچي وئي آهي حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي اندر يقين نہ هجي ها تہ اڳتي ڪيئن فرمائي ها تہ الله جي رحمت کان نااميد گمراهہ رهندا آهن ان جي ڪري ملائڪن بہ ڪيس وڌيڪ ڪجهہ نہ عرض ڪيو صرف " لَا تَكُنْ مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ " فرمائي ڪيس نبوت جي علوم ڏانهن متوجہ ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو هو تہ اي ابراهيم! (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ان ڳالهہ جو جواب تہ اوهان جي علم ۾ بہ آهي صرف توجہ ڪري ڏسو اوهان اسان کان وڌيڪ علم وارا آهيو اسين اوهان جي اڳيان وضاحت ڪرڻ لاءِ ڇا ٿينداسون؟ پاڻ پٽ واري عظمیٰ بشارت ملڻ جي ڪري قلبي مڪاشفات ڏانهن متوجہ نہ هئا.

قَالُوْا بَشَّرْنٰكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ ﴿٥٥﴾ قَالَ وَمَنْ

چيائون تہ بشارت ڏني اسان توکي سچي پوءِ نہ هج نااميدن مان چيائين تہ ۽ نہ ٿا

يَّقْنَطُ مِنْ رَّحْمَةِ رَبِّهٖٓ اِلَّا الضَّآلُّوْنَ ﴿٥٦﴾ قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا

نااميد رهن رحمت رب پنهنجي جي کان مگر گمراهہ فرمايائين تہ پوءِ ڪهڙو ارادو اوهان جو آهي اي

الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٥٨﴾ اِلَّآ اٰلَ

موڪليل قاصدو! عرض ڪيائون تہ بلاشڪ اسين موڪليا ويا آهيون مجرم قوم ڏانهن مگر

لُوْطٍ ۭ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٩﴾ اِلَّا امْرَاَتَهٗ قَدَّرْنَآ ۙ

لوط جي آل يقينًا اسين البتہ ڇڏائيندڙ انهن جا آهيون مڙني جا مگر زال ان جي مقدر ڪري ڇڏيو اسان تہ

اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٦٠﴾

بلاشڪ اها پوئتي رهيلن مان آهي

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ الله جل جلالہ جي غفار ۽ رحيم هجڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان رحمت کان نااميد هجڻ کان روڪيو ويو آهي: ارشاد مبارڪ آهي " قَالُوْا بَشَّرْنٰكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ " چيائون تہ اسان توکي سچي خوشخبري ڏني آهي پوءِ نااميد ٿيندڙن مان نہ ٿيءُ. يعني اهو امر ظاهري طرح، عادي اسباب جي لحاظ سان تہ مستبعد ۽ پري آهي پر اوهان انهن تي نظر نہ ڪيو اسين اوهان کي اها خوشخبري الله جل جلالہ جي طرفان ڏئي رهيا آهيون جيڪا بالڪل سچي آهي. " قَالَ وَمَنْ يَّقْنَطُ مِنْ رَّحْمَةِ رَبِّهٖٓ اِلَّا الضَّآلُّوْنَ " فرمايائين تہ: گمراهن کانسواءِ پنهنجي رب جي رحمت کان ڪير مايوس ٿي سگهي ٿو. گمراهن مان مراد حق جي رستي کان ٿڙيل يا

ڪافر آهن. (١) يعني اولاد ھجڻ تي مان تعجب جو اظهار صرف پنهنجي
ٻيڙائپ جي سببان ڪري رهيو آهيان نہ الله جي رحمت مان نااميد هجڻ جي ڪري،
ڇوتہ رحمت خداوندي مان مايوسي گمراهن ۽ ڪافرن جو طريقو آهي. " قَالَ فَمَا
خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ قَالُوْا اِنَّا اُرْسِلْنَا اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ" فرمايائين تہ اي:
(الله جي طرفان) موڪليل فرشتو! اوهان جي اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ عرض ڪيائون
تہ يقينًا اسين مجرم قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون. حضرت ابراهيم علىٰ نبينا
وعليه الصلواة والسلام جن پنهنجي نبوي فراست سان سمجهي ويا تہ هنن ملائڪن
جي آمد صرف مون کي پٽ جي بشارت ڏيڻ لاءِ ناهي پر انهن جي نزول جو ڪو ٻيو
اهم مقصد بہ آهي (٢) تڏهن پڇڻ لڳو تہ: اي الله جل شانه جا موڪليل
قاصدو! اوهان جو خاص مقصد ڇا آهي؟ انهن ڪيس عرض ڪيو تہ: اسين
حضرت لوط (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي خاندان کان سواءِ ٻئي مجرم
ٽولي کي (هلاڪ ڪرڻ) لاءِ موڪليا ويا آهيون).
اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ اَجْمَعِيْنَ اِلَّا امْرَاَتَهٗ قَدَّرْنَآ اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ" لوط جي
خاندان کانسواءِ يقينًا اسين انهن سيني کي ڇڏائيندڙ آهيون. مگر سندس زال (نہ
ڇٽندي ڇوتہ) اسان مقدر ۾ (اهو فيصلو) رکي ڇڏيو آهي تہ اها پوئتي رهيلن مان
آهي. مطلب تہ اسين حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي بي فرمان
قوم کي تباهہ ڪرڻ جي لاءِ موڪليا ويا آهيون ۽ حضرت لوط جو خاندان سندس بي
فرمان زال کانسواءِ ان هلاڪت کان محفوظ رهندو. سندس زال ڪافره آهي ان جي ڪفر جي
ڪري مقدر ۾ اهو فيصلو ٿي چڪو آهي تہ اها پوئتي عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ وارن سان هوندي.

سوال " قَدَّرْنَا " (اسان مقدر ۾ اها ڳالهہ رکي آهي) ۾ مقدر ۾ رکڻ
جي نسبت ڪنهن ڏانهن آهي؟

جواب ان ۾ ٻہ قول آهن. ١-: تہ اهو الله جل جلاله جو فرمان آهي. مطلب تہ
اهو مون رب العالمين جو فيصلو آهي ۽ "نا" جمع متڪلم جو ضمير تعظيم جي
لاءِ آندل آهي ۽ ان صورت ۾ تہ ڪا مشڪل ڳالهہ نہ آهي. ٢-: تہ اهو ملائڪن جو
قول آهي: ان صورت ۾ اعتراض ٿئي ٿو تہ تقدير ۾ رکڻ تہ الله جل شانه جو ڪم
آهي ملائڪن ان کي پاڻ ڏانهن نسبت ڇو ڪيو آهي؟ ان جي جواب ۾ علامہ
زمخشري لکيو آهي تہ اها نسبت ان جي ڪري ڪئي هيائون جو انهن ملائڪن کي

(١) البيان لترجمة القرآن ص ٣٤٣ (٢) المدارك صـ ٢٧٥ جزء ٢ جلد ١

جيڪو بارگاه ايزدي ۾ خصوصي قرب مليل آهي سو ٻين کي ناهي. جيئن بادشاه جا خصوصي مقرب چوندا آهن ته اسان ملڪ لاءِ هي تدبير سوچي آهي هي فيصلو ڪيو آهي وغيره وغيره (١) شبير احمد عثماني صاحب لکيو آهي ته: ظاهر هے ڪہ: "قَدَّرْنَآ اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ" مقوله ملائڪه ڪا هے جو عذاب ليڪر آئے تهے چونڪہ اس وقت وه قضا و قدر ڪا فيصلہ نافذ ڪرنے ڪيلئے سرڪاري ڈيوٹي پر آئے تهے اس ليے تقدير ٹهيرانے ڪي نسبت نيابة اپني طرف ڪردي (٢) عبدالماجد دريابادي صاحب لکيو آهي ته " قَدَّرْنَآ " اس تجويز ڪے عمل ڪے فرشتون نے منسوب اپني جانب ڪيا حالانڪہ يہ فعل براه راست حق تعالىٰ ڪا تها. يہ نسبت مجازي عجب نهين جو فرشتون ڪے مرتبہ قرب و اختصاص ڪے اظهار ڪيلئے هو (٣) غالبًا سيني وڏن تفسيرن اهوئي وجہ لکيو آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن ما هي فائدا ذهن نشين ٿيا : ١-: ته الله جي رحمت مان نااميد نہ ٿجي نااميد رهڻ گمراهن جو ڪم آهي. حڪيم ترمذي نوادر الاصول ۾ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " اَلْفَاجِرُ الرَّاجِيْ لِرَحْمَةِ اللهِ اَقْرَبُ مِنْهَا مِنَ الْعَابِدِ الْقَانِطِ (٤) الله جي رحمت ۾ اميد رکندڙ گنهگار نااميد عابد ڪان رحمت کي وڌيڪ ويجهو آهي.

٢-: "اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ" مان مراد حضرت لوط على نبينا وعليه الصلواة والسلام جون ٻہ نياڻيون ۽ ڪيس مجڻ وارا مومن آهن ڇوته اڳيان " اَجْمَعِيْنَ" جو لفظ ٻيڻو آهي ۽ اهو ٻہ ثابت ٿيو ته آل صرف اولاد کي نہ سڏيو ويندو آهي متبع ۽ پيروي ڪندڙ کي ٻہ آل سڏيو وڃي ٿو جيئن هتي سڏيو ويو آهي آل جي معنىٰ صرف اولاد وٺڻ صحيح نہ آهي.

٣-: الله جل شانه جي ڪنهن ڪم جي نسبت سبب ڏانهن ڪرڻ جائزآهي جيئن " قَدَّرْنَآ" ۾ تقدير جي نسبت ملائڪن پاڻ ڏانهن ڪئي هئي اهڙي طرح ڪنهن ڪم جي نسبت حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام ۽ اولياءِ عظام ڏانهن ڪرڻ جائز آهي مثلاً حضور عليه الصلواة والسلام جن مون کي هيءَ شيءِ عطا ڪئي

(١) الڪشاف صـ ٣٩٤ جلد ٢ (٢) حاشيه عثمانيه صـ ٣٥١ (٣) حاشيه دريابادي صـ ٥٤٣ (٤) الدر المنثور صـ ٨٨ جلد ٥

يا فلاڻي بزرگ تہ ان مان مراد اها آهي تہ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن يا بزرگ ان لاءِ دعا ڪئي ۽ سندن دعا ان جي ملڻ جو سبب بڻبي اهڙي نسبت ڪندڙ ڪي مشرڪ سڏڻ وارا هن آيت ۽ ان جهڙين ٻين آيتن تي غور ڪري پوءِ ڪو فيصلو ڏين.

۴-: ڪنهن جي لاءِ جيڪڏهن ڪو گناهہ مشهور ٿي چڪو آهي جيئن حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم جو ڏوهہ تہ انڪي مجرم سڏڻ جائز آهي ها ان ڪي سزا مشاهدي ڪان پوءِ ڏني ويندي. جيئن حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ اچڻ وارن ملائڪن صورتون بدلايون ۽ نوجوان ڇوڪرا ٿي آيا تانت ان گناهہ جو مشاهدو ڪن ۽ پوءِ عذاب آندو وڃي.

فَلَمَّا جَآءَ اٰلَ لُوْطِ ِۨالْمُرْسَلُوْنَ ﴿٦١﴾ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿٦٢﴾

پوءِ جڏهن آيا لوط جي خاندان وٽ موڪليل ملائڪ تہ فرمايائين بلاشڪ اوهان قوم اڻ سڃاتل آهيو

قَالُوْا بَلْ جِئْنٰكَ بِمَا كَانُوْا فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَاَتَيْنٰكَ

چيائون بلڪ آندوسون تو وٽ اهو جنهن ۾ شڪ ڪندا هئا ۽ آندوسون تو وٽ

بِالْحَقِّ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٦٤﴾ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ

پڪو امر ۽ بيشڪ اسين البت سچا آهيون پوءِ راتئون رات هليو وڃ اهل پنهنجي سان حصي رات جي ۾

وَاتَّبِعْ اَدْبَارَهُمْ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ وَّامْضُوْا حَيْثُ

۽ هل تون پويان پويان انهن جي ۽ نہ پوئتي مڙي ڏسي اوهان مان ڪو هڪڙو ۽ هليا وڃو جتي

تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَقَضَيْنَآ اِلَيْهِ ذٰلِكَ الْاَمْرَ اَنَّ دَابِرَ هٰٓؤُلَآءِ

امر ڪيا ٿا وڃو ۽ فيصلو ڪري موڪليوسون ان ڏانهن اهو امر تہ بلاشڪ پاڙ هنن جي

مَقْطُوْعٌ مُّصْبِحِيْنَ ﴿٦٦﴾

ڪٽيل آهي صبح جو سوير.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذکوره آيتن ۾ حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو ملائکن غائبانہ ذکر کيو هو ۽ هتي انهن جو ساڻس بالمشافهة گفتگو جو ذڪر کندي ارشاد ٿي رهيو آهي " فَلَمَّا جَآءَ اٰلَ لُوْطِ ِالْمُرْسَلُوْنَ" قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ قَالُوْا بَلْ جِئْنٰكَ بِمَا كَانُوْا فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ" پوءِ جڏهن لوط وٽ موڪليل ملائڪ آيا تہ فرمايائين بلاشڪ اوهان اڻ سڃاتل قوم آهيو عرض ڪيائون تہ اسان تو وٽ اها شئي کڻي آيا آهيون جنهن ۾ شڪ ٿي ڪيائون. مطلب تہ جڏهن الله جل شانه جا موڪليل ملائڪ حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ آيا تہ پاڻ انهن کي نئون ڏسي فرمايائين تہ: اوهان تہ اڻ سڃاتل قوم آهيو. جونہ اوهان تي سفر جو نشان آهي ۽ نہ اوهان هن ڳوٺ جا آهيو (١) انهن ڪيس عرض ڪيو تہ اسين اوهان کي پريشان ڪرڻ لاءِ نہ بلڪ اهو الاهي عذاب کڻي آيا آهيون جنهن جو تون ذڪر ڪندو هئين تہ اهي تنهنجي امت وارا ان ۾ شڪ ڪندا هئا ۽ اهو انڪار ڪيل نہ پر توکي خوشي بخشيندڙ ڪم آهي (٢) " وَاَتَيْنٰكَ بِالْحَقِّ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ" ۽ اسان تو وٽ پڪو حڪم آندو آهي ۽ بلاشڪ اسين يقينًا سچا آهيون. يعني اسان تنهنجي قوم کي عذاب ڪرڻ وارو اهو امر آندو آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ نہ آهي(٣) ۽ اسين ان ڳالهہ ۾ سچا آهيون تہ انهن تنهنجي نہ مڃڻ وارن تي عذاب نازل ٿي رهيو آهي (٤) فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَاتَّبِعْ اَدْبَارَهُمْ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ وَّامْضُوْا حَيْثُ تُؤْمَرُوْنَ" پوءِ راتئون رات پنهنجي اهل کي رات جي حصي ۾ وٺي پاڻ انهن جي پويان پويان هل ۽ اوهان مان ڪو هڪ بہ پوئتي مُڙي نہ نهاري ۽ جتي بہ امر ڪيل ٿئي هليا وڃو. يعني هاڻي اسان جو فڪر نہ ڪر تون پنهنجي اهل کي رات جي پوئين حصي ۾ وٺي روانو ٿيءُ ۽ هلڻ وقت سندن پويان پويان اچجانءِ ۽ اوڏانهن وڃو جتي جو امر ڪيا ويا آهيو. ابن ابي حاتم سدي کان روايت آندي آهي تہ

(١) المظهري ص ٣٠٨ جلد ٥ (٢) تفسير ابي السعود ص ٨٣ جزءِ ٥ جلد ٣ (٣) زاد المسير ص ٤٠٦ جلد ٤ (٤) بحرالعلوم ص ٢٢٢ جلد ٢

الله جل شانه کين شام ملڪ ڏانهن موڪليو هو (١) " وَقَضَيْنَا اِلَيْهِ ذَالِكَ الاَمْرَ اَنَّ دَابِرَ هٰؤُلَآءِ مَقْطُوْعٌ مُّصْبِحِيْنَ " ۽ اسان ان ڏانهن اهو امر فيصلو ڪري موڪليو هو تہ صبح جو سوير انهن جي پاڙ پٽيل هوندي. يعني اسان لوط (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ڏانهن اهو وحي موڪليو هو تہ تنهنجي قوم مان نہ مڄڻ وارن جي هلاڪ ڪرڻ جو فيصلو ٿي چڪو آهي صبح جو سوير سندن پاڙ پٽجي ويندي. (٢).

فائدا: هنن آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا: ١-: فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ (پوءِ پنهنجي اهل کي راتئون رات وٺي نڪري وڃ) مان ثابت ٿيو تہ رب العزة جل شانه جتي عذاب موڪليندو آهي اتاهين پنهنجي پيارن کي ڪڍي ڇڏيندو آهي يا تہ اتي عذاب نہ موڪليندو آهي.

٢-: اهو بہ ثابت ٿيو تہ الله جل شانه پنهنجي حڪمت عمليه سان جيڪڏهن پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام کان ڪا ڳالهہ مخفي ۽ راز ۾ رکي ٿو تہ پوءِ اهي ان کي نہ ٿا سڃاڻن جيئن حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ملائڪن کي پهريان نہ سڃاڻي فرمايو " اوهان اڻ سڃاتل قوم آهيو" پر وري هڪدم کين سڃاڻي ويو نہ نالو پڇيائين ۽ نہ اهو پڇيائين تہ ڪٿان آيا آهيو. فورًا جيئن انهن کيس عرض ڪيو تيئن ڪيائين.

٣-: " وَاتَّبِعْ اَدْبَارَهُمْ " (۽ انهن جي پويان پويان هلجانءِ) مان ثابت ٿيو تہ ضرورت جي حالت ۾ يا ڪنهن مصلحت خاطر الله جل شانه جي پيارن ٻانهن کي پٺي ڏئي هلڻ بي ادبي يا ناجائز ناهي جيئن حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پويان هليو ۽ سندس اهل وارا اڳيان پئي هليا. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو بزرگ امر ڪري تہ منهنجي اڳيان هلو يا نماز پڙهايو تہ اها بہ بي ادبي ناهي جيئن ڪڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن اصحابن مان ڪنهن هڪ کي فرمائيندا هئا تہ نماز پڙهاءِ ۽ پاڻ پويان بيهي نماز پڙهندا هئا.

٤-: " وَلَايَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ " (۽ اوهان مان ڪو پوئتي مُڙي نہ نهاري) مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلاله جي ڪنهن حڪم تي عمل ڪرڻ جي صورت ۾ يا عبادت ۾ يا قرآن پاڪ جي تلاوت دوران هيڏي هوڏي نہ نهار جي ان جي ڪري نماز ۾ بہ هيڏي هوڏي نهارڻ منع آهي ۽ قرآن پاڪ پڙهندي سجي کبي نهارڻ

---

(١) فتح القدير ص ١٣٧ جلد ٣ (٢) الجواهر في تفسير القرآن صـ ٨ جزءُ ٨

سان تلاوت ۾ غلطي تي سگهي ٿي ۽ جيڪا لذت ۽ حلاوت اچڻ کپي اها نہ ٿي اچي تلاوت جو مقصد فوت ٿي وڃي ٿو. اهڙي طرح استاد ۽ مرشد جي روبرو ويهي هيڏي هوڏي نهارڻ بي ادبي ۽ فيوضات و برڪات ملڻ کان محرومي ءَ جو باعث آهي. (١)

وَجَآءَ اَهْلُ الْمَدِيْنَةِ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالَ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ ضَيْفِيْ

۽ آيا شهر وارا خوش ٿيا ٿين فرمايائين تہ بلاشڪ هي مهمان منهنجا آهن

فَلَاتَفْضَحُوْنِ ﴿٦٨﴾ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَاتُخْزُوْنِ ﴿٦٩﴾ قَالُوْٓا اَوَلَمْ نَنْهَكَ

پوءِ نہ لڄي بڻايو مون کي ۽ ڊڄو الله کان ۽ نہ خوار ڪيو مونکي چيائون تہ ڇا نہ روڪيو آ اسان توکي

عَنِ الْعَالَمِيْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ هٰٓؤُلَآءِ بَنَاتِيْٓ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿٧١﴾

جهانن کان فرمايائين تہ هي ڌيئرون منهنجون آهن جيڪڏهن آهيو (ڇيو) ڪندڙ

لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ لَفِيْ سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٧٢﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ

قسم آهي حياتيءَ تنهنجيءَ جو تہ بلاشڪ اهي البت گمراهيءَ پنهنجيءَ ۾ حيران رهن ٿا پوءِ پڪڙيو انهن کي ڪڙڪي

مُشْرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾ فَجَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ

ان حال ۾ جو هئا سج اڀاريندڙ پوءِ بڻايوسون مٿئين حصي ان جي کي هيٺئون ان جي ۽ وسايوسون انهن تي

حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ﴿٧٤﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُتَوَسِّمِيْنَ ﴿٧٥﴾

پٿر پڪل مٽيءَ مان بلاشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن سمجهندڙن جي لاءِ.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ حضرت لوط (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) وٽ ملائڪن جي اچڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت لوط علىٰ

(١) نعيمي ص ١٠٢ جلد ١٤

نبينا وعليه الصلواة والسلام وٽ سندس قوم جي اچڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي. ارشاد ايزدي آهي "وَجَآءَ اَهۡلُ الۡمَدِيۡنَةِ يَسۡتَبۡشِرُوۡنَ" ۽ شهر وارا خوشيون ڪندا آيا، يعني حضرت لوط (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) اجان نوجوان ڇوڪرن جي شڪل ۾ آيل مهمانن (ملائڪن) کي پناهہ ڏئي لڪائڻ لاءِ سوچي رهيو هو تہ واهلہ نالي سندس ڪافره گهر واريءَ جي چغليءَ هٽڻ ۽ مخبري ڪرڻ تي شهر وارا خوشيون ڪندا ڏڪندا پڄندا آيا، مفسرن لکيو آهي تہ: انهن مردن سان ڪي بي حياءُ عورتون بہ آيون جيڪي انهن جي بري ڪم ۾ مدد ڪنديون هيون ۽ جڏهن مرد لونڊي بازيءَ جي ڪم کان فارغ ٿيندا هئا تہ انهن نوجوانن ڇوڪرن ڪان وري انهن مردن جي روبرو پاڻ زنا ڪرائينديون هيون (١) پر سڀ عورتون اهڙيون نہ هيون ڪي شريف ۽ پاڪيزه زندگي گذارڻ واريون بہ هيون جن مان ڪن جو هيٺ ذڪر اچي رهيو آهي. "قَالَ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ ضَيۡفِيۡ فَلَا تَفۡضَحُوۡنِ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخۡزُوۡنِ" فرمايائين تہ يقينًا هي منهنجا مهمان آهن پوءِ (انهن سان بدسلوڪي ڪري) مون کي لڄي نہ بنايو ۽ الله کان ڊڄو ۽ مون کي خوار نہ ڪيو. ڇوتہ مهمان جي بي حرمتي ميزبان جي بي حرمتي، شرمساري ۽ خواري آهي. (٢)

"قَالُوۡۤا اَوَلَمۡ نَنۡهَكَ عَنِ الۡعٰلَمِيۡنَ" چوڻ لڳا تہ ڇا اسان توکي منع نہ ڪئي هئي تہ ٻين جهان جي معاملي ۾ مداخلت نہ ڪر. جڏهن حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام، ڪين فرمايو تہ هي منهنجا عزت ڀريا مهمان آهن تہ ان ڳالهہ کي مڃڻ جي بجاءِ مٿس ڪاوڙ ڪري چوڻ لڳا تہ اسان توکي ٻين جي پاسداري ڪرڻ کان روڪيو نہ هو؟ "قَالَ هٰٓؤُلَآءِ بَنٰتِيۡۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ فٰعِلِيۡنَ" فرمايائين تہ جيڪڏهن اوهان ڇيو ڪندو تہ هي منهنجيون ڌيئرون حاضر آهن (انهن سان نڪاح ڪيو) هن فرمان سان حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن کي سليم فطرت جو ڏس ڏنو جنهن سان الله جل شانه هي نظام هلائي رهيو آهي ۽ اهو آهي عورتن سان نڪاح ڪري حدود شرعي جي اندر رهي ضرورت پوري ڪرڻ تانت طبعي حالات ۾ ٻنهي جنسن کان برائيءَ کي روڪيندڙ لذت بہ حاصل ٿئي ۽ انساني نسل وڌي جنهن سان حقيقي حياتي ملي. حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام فاسق ۽ فاجر قوم کي ان غلط رستي لاءِ نياڻين جي پيش ڪش نہ ڪئي هئي (٣)

(١) نعيمي ص ١١٠ جلد ١٤ (٢) خزائن العرفان صـ ٢٢٥
(٣) في ظلال القرآن ص ٢١٥٠ جلد ٤

" لَعَمْرُكَ إِنَّهُمْ لَفِيْ سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ" تنهنجي (عظيم) حياتيءَ جو قسم آهي تہ يقينًا اهي پنهنجيءَ گمراهيءَ ۾ حيران آهن. هن آيت ۾ رب العزة جل جلاله حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جي پاڪ زندگيءَ جو قسم کنيو آهي.

حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام ساري مخلوق کان وڌيڪ شاندار آهن

ابن ابي شيبه، حرث بن ابي اسامه، ابويعلىٰ، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، ابن مردويه، ابو نعيم ۽ الدلائل ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: مَا خَلَقَ اللّٰهُ وَمَاذَرَا وَمَابَرَءَ نَفْسًا اَكْرَمَ عَلَيْهِ مِنْ مُّحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمَا سَمِعْتُ اللّٰهَ اَقْسَمَ بِحَيَاةِ اَحَدٍ غَيْرَهٗ قال "لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ لَفِيْ سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ" (١) يعني الله جل جلاله کا بہ شخصيت سندس بارگاهہ ۾ حضرت محمد (صلى الله عليه وسلم) کان وڌيڪ عزت واري نہ خلقي آهي نہ پيدا کئي نہ کنهن کي وجود ڏنو آهي، ۽ مون نہ ٻڌو آهي جو الله جل جلاله حضور عليه الصلواة والسلام جي حياتيءَ کانسواءِ ٻئي کنهن جي حياتيءَ جو قسم کنيو آهي. علامه رازي لکيو آهي تہ: وذالك يدل علىٰ انه اکرم الخلق على الله تعالىٰ (٢) محمد بن علي شوکاني لکيو آهي تہ: قاضي عياض فرمايو آهي تہ: هن ڳالهہ تي اهل تفسير جو اتفاق آهي تہ الله تعالىٰ هتي حضور عليه الصلواة والسلام جي حياتيءَ جو سندن شرف ۽ شان ظاهر ڪرڻ جي لاءِ قسم کنيو آهي. ابوالجوزاءَ فرمايو تہ: اهو ان جي ڪري جو پاڻ ڪريم عليه الصلواة والسلام جن الله وٽ سڀني کان وڌيڪ عزت وارا آهن.

سوال

قرآن ڪريم ۾ الله جل جلاله تہ انجير ۽ زيتون جو بہ قسم کنيو آهي پوءِ ان ۾ شاندار هجڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

جواب

انهن شين جي قسم کڻڻ مان انهن جو سندن هم جنس شين کان پلو هجڻ ثابت آهي. (٣)

(١) الدر المنثور ص٨٩ جلد ٥ (٢) التفسير الكبير صـ٢٠٣ جزء١٩ (٣) فتح القدير صـ١٣٨ جلد ٣

حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قصي کبي بيان کندي محبوب عليه الصلواة والسلام جن سان مخاطب ٿي سندن زندگيءَ جو قسم ان جي لاءِ کنيو ويو آهي جو سندن زندگي مبارڪ مڪه مڪرمه جي مشرڪن جي نگاهه ۾ به بي داغ هئي اها زندگي گواهه طور پيش ڪئي وئي آهي ۽ عربي بلاغت جي اسلوب ۾ قسم هڪ ادبي صنعت ۽ ڪاريگري آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو عرب جي ذوق موافق قرآن ڪريم ۾ مختلف جاين تي قسم سان ڳالهه بيان ڪئي وئي آهي.

(١) علامه ابن ڪثير به لکيو آهي ته: الله تعالىٰ هن آيت ۾ پنهنجي نبي صلوات الله وسلامه عليه جي حياتيءَ جو قسم کنيو آهي وفي هذا تشريف عظيم ومقام رفيع وجاهه عريض (٢) يعني هن قسم کڻڻ ۾ محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي لاءِ وڏو شرف، بلند مقام ۽ وسيع مرتبي جو بيان آهي . اشرف علي صاحب ٿانوي هن آيت تي تفصيلي بحث ڪندي گهڻو ڪجهه لکيو آهي جنهن جو خلاصو هي آهي ته: "لَعَمۡرُكَ" ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جي حياتيءَ جو قسم کنيل آهي ۽ سندن حياتيءَ جون چار حالتون آهن. ١-: سندن نور شريف جي پيدا ٿيڻ کان وٺي ولادت پاڪ. ٢-: ولادت کان دنيا مان رحلت تائين. ٣-:دنيا تان رحلت کان حشر، نشر تائين. ۴-: حشر نشر کان جنت ۾ هميشه رهڻ تائين. ان کان پوءِ لکيو اٿس ته "لَعَمۡرُكَ" مان اهي چار حصا مراد ورتا وڃن ته انهن جو اجان وڏيڪ تفصيل ٿيندو. (٣)

اڳتي هلي لکيو اٿس ته: متاخرين کيليے رحمت هونا تو بعيد نهين ليکن پهلون پر رحمت هونے کيلئے بهي حضور کا ايک وجود سب سے پهلے پيدا فرمايا اور وه وجود نور کا هے که حضور اپنے وجود نوري سے سب سے پهلے مخلوق هوئے هين اور عالم ارواح مين اس نور کي تکميل و تربيت هوتي رهي آخر زمانه مين اس امت کي خوش قسمتي سے اس نور نے جسد عنصري مين جلوه گرو تابان هوکر تمام عالم کو منور فرمايا پس حضور اولاً و آخراً تمام عالم کيلئے باعث رحمت هين حضور کا وجود تمام نعمتون کي اصل هونا عقلاً ونقلاً ثابت هوا. (۴) ان ئي ڪتاب ۾ اڳتي لکيو اٿس: حضور هماري ليے تمام نعمتون کے واسطه هين حتىٰ که هم کو جو روٹيان ڏودفع مل رهي هين اور عافيت اور تندرستي اور هماري علوم يه سب

(١) حاشيه دريابادي ص ۵۴۵ (٢) ابن ڪثير ص ۵۵۵ جلد ٢ (٣) مواعظ ميلاد النبي صلى الله عليه وسلم ص ٢٩ - ٣٩ (۴)مواعظ ميلاد ص ٦٦

حضور هي کي بدولت هين اور يہ نعمتين تہ وه هين جو عام هين اور سڀ کان وڏي دولت ايمان هے جس کا حضور سے هم کو پهچنا بالکل ظاهر هے. (١)
"فَأَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُشْرِقِينَ" پوءِ انهن کي سج اڀرندي ڪڙڪي اچي ورتو. يعني سج اڀرڻ وقت انهن جي مٿان جبرئيل عليه الصلواة والسلام اهڙو ڪڙڪي وارو آواز ڪيو جو سڀ مري هلاڪ ٿي ويا. مشرقين جو لفظ "هم" ضمير کان حال آهي.
(٢) "فَجَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَأَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيلٍ" پوءِ اسان ان جي مٿين حصي کي ان جو هيٺيون حصو بنايو ۽ انهن جي مٿان پڪيءَ مٽيءَ مان نهيل پٿرن جو مينهن وسايو. سجيل جي لفظ جون ٻہ معنائون آهن. ١-: پڪي مٽي جيئن اسان ترجمو لکيو آهي. ٢-: سجيل مان مراد آهي تہ هرهڪ پٿر تي ان ڪافر جو نالو لکيل هو جنهن کي لڳايو ٿي ويو (٣) مطلب تہ ان سدوم شهر جي رهاڪن کي ۽ سندن رهڻ جي زمين کي هيٺ مٿي ڪري اهڙي نموني هلاڪ ڪيو ويو جو سندن نالو نشان ئي نہ رهيو. (حضرت لوط عليه الصلواة والسلام جو تفصيل سان قصو سوره هود ۾ لکيو ويو آهي اتي ڏسڻ گهرجي) "إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِّلْمُتَوَسِّمِينَ" بلاشڪ ان (قصي) ۾ عقل وارن جي لاءِ نشانيون آهن.
متوسمين جي معنيٰ المتفکرين المتفرسين (٤) اهي متفکر جيڪي فراست جا صاحب آهن جيڪي ڪشادي نظر سان شئي جي حقيقت کي سڃاڻن ٿا ۽ ان جي باطن تائين پهچن ٿا.
تفسير حسيني جي صاحب لکيو آهي تہ: هيءُ مومنن جي صفت آهي جيئن آندو اٿن تہ:
فراست جو هڪ واقعو: حضرت خواجہ قطب الاخيار عبدالخالق غجدواني قدس سره وعليه الرحمة جن هڪ ڏينهن معرفت جي موضوع تي ارشاد فرمائي رهيا هئا تہ اوچتو هڪ نوجوان نيڪن زاهدن جي صورت ۾ آيو بزرگن وارو خرقه بغل ۾ ۽ مصلو ڪلهي تي ۽ ڪجهہ دير وهڻ کان پوءِ اٿي عرض ڪيائين تہ حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي ارشاد "اِتَّقُوا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَإِنَّهُ يَنْظُرُ بِنُورِ اللهِ" (٥) مومن جي فراست (باطني نظر) کان ڊڄو يقينًا مومن الله جي نور سان ڏسندو آهي. هن جو مطلب ۽ مراد ڇا آهي؟ حضرت خواجہ صاحب جن کيس فرمايو تہ ان حديث جو مطلب هي آهي تہ "جيڪو (هندن وارو) جٽيو

(١) ساڳيو حوالو ص ٧٥ (٢) جامع البيان ص ٣١ جزءُ ١٤ جلد ٧ (٣) نعيمي ١١٢ جلد ١٤ (٤) تنوير الاذهان ص ٢٩٢ جلد ٢ - زاد المسير ص ٤٠٩ جلد ٤
(٥) تنوير الاذهان ص ٢٩٢ جلد ٢ بحواله ترمذي

اندران لڪائي ٻڌي آيو آهين اهو لاهي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيءُ" ان نوجوان چيو تہ: نعوذ باالله منها جو مان جٽيو ڍڪي آيو هجان. حضرت خواجہ صاحب عليه الرحمة پنهنجي هڪ خادم کي اشارو فرمايو تہ: هن جو ڪڙتو لاهہ. خادم جڏهن ان تان ڪڙتو لاٿو تہ اندران لڪل جٽيو ظاهر ٿي پيو نوجوان هڪدم جٽيو لاهي ڪلمو طيب پڙهي ايمان آندو ان کان پوءِ حضرت خواجہ صاحب قُدس سره پنهنجي مجلس ۾ موجود ماڻهن کي فرمايو تہ " اي دوستو! اچو تہ جيئن هن نوجوان جٽيو ڪٽي ڪڍي ڇڏيو آهي تيئن اسين بہ اندر ۾ موجود (گناهن جي) جٽيي کي ڪٽي ڪڍي ڇڏيون" ان درد ڀرين لفظن کي ٻڌڻ شرط اتي موجود ماڻهن مان دانهون نڪري ويون ۽ حضرت خواجہ صاحب قدس سره وعليه الرحمة جي هٿ تي توبه جي تجديد ڪيائون:

بہ فارسي شعر:

توبه چہ باشد پشيمان آمدن
بردرحق نو مسلمان آمدن

يعني توبه پشيمان ٿي ۽ الله جل شانه جي دروازي تي نئون مسلمان ٿي اچڻ کي چئبو آهي.

عام راتوبه زكار بدبود
خاص را توبه زديد خود بود

بچڙي ڪم کان توبه ڪرڻ عام جي ۽ پاڻ کي ڪجهہ نہ ڏسڻ خاص ماڻهن جي توبه آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا: ١-: متقي مومن کي گهرجي تہ جيترو ممڪن هجي هر قسم جي برائيءَ جا دروازا بند ڪري جيئن حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جن ڪوشش ڪرڻ فرمائي. ٢-: اهو بہ واضح ٿيو تہ شهواني حاجت پوري ڪرڻ جي جاءِ عورت آهي مرد ناهي بزرگن جو فرمان آهي تہ بغير ڏاڙهيءَ جي نوجوان ڇوڪري ڏانهن نهارڻ عورت ڏانهن نهارڻ کان بہ سخت برو آهي(٢) ٣-: حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي فرمان " وَلَاتُخْزُوْنِ " (مون کي خوار نہ ڪيو) مان واضح ٿيو تہ ڪنهن جي بہ مهمان جي عزت حقيقت ۾ ميزبان (مهماني ڪندڙ) جي عزت آهي ۽ مهمان جي بي عزتي حقيقت ۾ ميزبان جي

(١) تفسير حسيني صہ ٤٢٧ (٢) تنوير الاذهان صہ ٢٩١ جلد ٢

بيعزتي آهي. ٣-: مظلومن ،بي ڪسن ۽ مجبورن جي مدد ڪرڻ انبياءِ ڪرام ۽ مرسلين عظام عليهم الصلواة والسلام جو طريقو آهي هر مسلمان ڪي اهو رستو وٺڻ گهرجي. ٤-:حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي طرفان قوم جي نياڻين لاءِ: "هٰٓؤُلَاۗءِ بَنَاتِيْٓ" (هي منهنجيون نياڻيون) فرمائڻ مان ثابت ٿيو ته ڪنهن به قوم جو بزرگ، استاد، مرشد ۽ عالم دين قوم جي پٽن ۽ نياڻين ڪي پنهنجا پٽ يا نياڻيون سڏي سگهي ٿو. ٥-: "لَعَمْرُكَ" (تنهنجي زندگيءَ مبارڪ جو قسم) مان ثابت ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام جو جسم مبارڪ ۽ روح پاڪ ساري مخلوق ڪان اعلىٰ، افضل ۽ الله جل جلاله ڪي سيني ڪان وڌيڪ پيارو آهي جو ان جي زندگيءَ ڪانسواءِ پاڻ ڪنهن جي به زندگيءَ جو قسم نه ڪنيو اٿس.

وَاِنَّهَا لَبِسَبِيْلٍ مُّقِيْمٍ ﴿٧٦﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٧﴾

۽ بيشڪ اهو (سدوم نالي شهر) البته اچ وڃ واري واٽ تي آ بيشڪ ان ۾ البته نشاني آهي ايمان وارن جي لاءِ

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم تي آيل ڪڙڪي دار عذاب جو ذڪر هو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته اهو عذاب جنهن شهر وارن تي نازل ٿيو هو اهو شهر ماڻهن جي عام رستي تي آهي. ارشاد عالي آهي. " وَاِنَّهَا لَبِسَبِيْلٍ مُّقِيْمٍ " ۽ بلاشڪ اهو شهر ماڻهن جي اچ وڃ واري رستي تي آهي. جتان ماڻهو اچن وڃن ٿا اجان ختم نه ٿيو آهي ۽ لنگهندڙ اهي آثار ڏسن ٿا. (١) ۽ اهو رستو اهو آهي جيڪو حجاز ڪان شام ڏانهن ويندو آهي. (٢) "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ" بلاشڪ ان ۾ ايمان وارن جي لاءِ نشاني آهي. مطلب ته انهن شهرن ۽ ڳوٺن جي ويران ۽ برباد ڪرڻ ۾ اهل بصيرت جي لاءِ نشانيون آهن. اهي ان مان نصيحت پرائي براين ۽ بڇڙاين ڪان پري رهندا - اهوئي سبب هو جو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن اهڙين جاين ڪان لنگهندا هئا ته سندن

(١) تفسير القاسمي صـ ٦٢ جزءُ ١٠ جلد ٦ (٢) ضياءُ القرآن صـ ٥٤٧ جلد ٢

مٿان حق جي هيبيت جي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿيندي هئي جنهن جي ڪري پاڻ مٿو مبارڪ جهڪائي پنهنجيءَ سواريءَ کي اتاهين تڪڙو تڪڙو هلائي نڪري ويندا هئا سندن ان عمل اها سنت قائم ڪري ڇڏي آهي تہ جن مقامات تي عذاب آيو آهي انهن کي تماشاگاهہ بنائڻ قلب جي قساوت جو دليل آهي پر انهن مان عبرت حاصل ڪرڻ جو طريقو اهو آهي تہ اتي پهچي پنهنجي ذهن ۾ الله تعاليٰ جي ڪامل قدرت کي حاضر ڄاڻي پنهنجي مٿان ان جي عذاب جو خوف طاري رکجي. حضرت لوط عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي جن ڳوٺن جو تختو اونڌو ڪيو ويو هو اج بہ اردن جي علائقي ۾ سمنڊ جي سطح واري مقام کان ڪافي اونهين هيٺاهين ۾ هڪ عظيم صحرا جي صورت ۾ موجود آهن ان جي هڪ وڏي حصي تي هڪ خاص قسم جو پاڻي اج بہ درياءَ جي صورت ۾ موجود آهي ان پاڻيءَ ۾ ڪا مڇي يا ڪو ڏيڏر ۽ ٻيو جانور وغيره زنده رهي نہ ٿو سگهي ان جي ڪري ان درياءَ کي بحر ميت يا بحر لوط جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو ۽ تحقيق ڪرڻ سان معلوم ٿيو آهي تہ ان ۾ پاڻيءَ جا جزئا ٿورا ۽ تيل جي قسم جا جزئا زياده آهن اج ڪلهہ آثار قديمه وارن اتي ڪجهہ رهائش گاهہ ۽ هوٽل وغيره ناهي ڇڏيا آهن ۽ ماده پرست طبيعتن، آخرت کان غافل ماڻهن ان کي هڪ سير گاهہ سمجهيو آهي ۽ ماڻهو اتي تماشي طور وڃن ٿا قرآن ڪريم ان غفلت شعاري تي تنبيه ڪندي فرمايو تہ: ان ۾ مومنن جي لاءِ (عبرت حاصل ڪرڻ جي) نشاني آهي مطلب تہ اهي واقعا سيني لاءِ عبرت آموز آهن پر انهن مان صحيح سبق مومن وٺن ٿا (١) جغرافي دانن جو ان علائقي جي متعلق چوڻ آهي تہ: ان علائقي جهڙي ويراني روءِ زمين ۾ ڪٿي بہ ڪانہ آهي (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا: ١-:" اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ" (بلاشڪ ان ۾ مومنن جي لاءِ نشاني آهي) مان ثابت ٿيو تہ ايمان الله جل جلاله جي طرفان وڏي نعمت آهي جيئن عقل ۽ علم بہ نعمتون آهن. ٢-: ۽ ان مان اهو بہ واضح ٿيو تہ جيڪو شخص اهڙن واقعن کي اتفاقي حادثو سمجهي اهو گمراهہ آهي ڇوتہ اهو ڪافرن جو نظريو آهي.

(١) معارف القرآن صہ ٢٩٦ جلد ٥ (٢) تفهيم القرآن صہ ٥١٥ جلد ٢

وقف لازم

وَإِنْ كَانَ أَصْحٰبُ الْأَيْكَةِ لَظٰلِمِينَ ﴿٧٨﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ

۽ بيشڪ هئا رهندڙ جهنگل جا البت ظالم پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان

وَإِنَّهُمَا لَبِإِمَامٍ مُّبِينٍ ﴿٧٩﴾

ع٥

۽ بيشڪ اهي ٻئي البت رستي پڌري تي آهن

تفسير

هنن آيتن کان اڳ ۾ حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم جوذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت شعيب علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "وَإِنْ كَانَ أَصْحٰبُ الْأَيْكَةِ لَظٰلِمِينَ" ۽ بيشڪ جهنگل جا رهندڙ ظالم هئا. ايڪة جي معنیٰ الشجر الملتف (١) گهاٽا وڻ بعض مفسرن جو قول آهي تہ اهي مدين جي پر ۾ هئا ان جي ڪري اصحاب الايڪة اصحاب مدين جوئي لقب آهي ۽ بعضي مفسرن فرمايو آهي تہ اهي جدا جدا ٻہ قومون آهن هڪ قوم جي هلاڪت کان پوءِ حضرت شعيب علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ٻئي قوم ڏانهن مبعوث ڪيو ويو. ابن عساڪر هي مرفوع روايت آندي آهي تہ "إِنَّ مَدْيَنَ وَأَصْحَابَ الْأَيْكَةِ أُمَّتَانِ بَعَثَ اللّٰهُ إِلَيْهِمَا شُعَيْبًا" يعني مدين ۽ اصحاب الايڪة ٻہ امتون هيون جن ٻنهي ڏانهن الله تعالیٰ (حضرت) شعيب (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي مبعوث فرمايو هو. (٢)

الغرض تہ اهي جهنگل ۾ رهندڙ حضرت شعيب علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي امت هئا شرڪ، بت پرستي، ڦر مار ۽ تور ماپ ۾ کوٽ ڪرڻ ۽ حضرت شعيب علیٰ نبينا وعليه الصلواة اولسلام کي نہ مڃڻ جي ڪري هلاڪ ڪيا ويا. سندن مزيد احوال سورة هود آيت ٨٧ جي تفسير ۾ لکي آيا آهيون اتي ڏسڻ گهرجي. "وَإِنَّهُمَا لَبِإِمَامٍ مُّبِينٍ" ۽ بلاشڪ اهي ٻئي پڌري رستي تي آهن. يعني حجاز ۽ شام جي جنهن رستي تي حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم جا ڳوٺ هئا

(١) زاد المسير ص ۴١٠ جلد ۴ (٢) معارف القرآن صـ ٢٩٨ جلد ٥

انهن کان ٿورو هيٺ لهي حضرت شعيب علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم جا بہ ڳوٺ هئا. رستي سان ويندڙ کي ٻنهي جا آثار آسانيءَ سان نظر ايندا آهن هتي رستي کي امام ان جي کري سڏيو ويو آهي جو جيئن ماڻهو امام جي پويان هلندو آهي تيئن جيڏانهن رستو ويندو آهي وڃڻ وارو ماڻهو بہ اوڏانهن ويندو آهي (١) ۽ زجاج بہ ائين فرمايو آهي (٢)

وَلَقَدْ كَذَّبَ اَصْحٰبُ الْحِجْرِ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٨٠﴾ وَاٰتَيْنٰهُمْ

۽ البت تحقيق ڪوڙو ڄيو حجر وارن پيغمبرن کي ۽ ڏنيونسون انهن کي

اٰيٰتِنَا فَكَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٨١﴾ وَكَانُوْا يَنْحِتُوْنَ

نشانيون پنهنجيون پوءِ هئا انهن کان منهن موڙيندڙ ۽ گهڙيائون ٿي

مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا اٰمِنِيْنَ ﴿٨٢﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ

جبلن ۾ مضبوط گهر امن وارا ٿي پوءِ پڪڙيو انهن کي ڪڙڪي

مُصْبِحِيْنَ ﴿٨٣﴾ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٤﴾

صبح ڪندڙ پوءِ نہ فائدو ڏنائين انهن کي عملن جو ڪيائون ٿي

تفسير

هنن آيتن کان پهريان آيل آيتن ۾ نبين عليهم الصلواة والسلام کي نہ مڃڻ وارين قومن جو ذکر هو ۽ هتي بہ اهڙيءَ قوم جو ذکر ڪندي ٻڌايو ويو آهي "وَلَقَدْ كَذَّبَ اَصْحٰبُ الْحِجْرِ الْمُرْسَلِيْنَ" ۽ البتہ بيشڪ حجر جي رهاڪن پيغمبرن کي ڪوڙو ڄيو هو. حجر مان مراد ثمود جي قوم جو علائقو آهي جيڪو حجاز ۽ شام جي وچ واريءَ زمين جو نالو آهي هنن ڏانهن حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه

(١) معاني القرآن ص ٩١ ج ٢ (٢) غرائب القرآن بر حاشيه جامع البيان ص ٣١ جزء ١٤

الصلواة والسلام موكليو ويو هو. حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ تبوڪ جي جنگ لاءِ سفر ڪندي اسان جو حجر جي علائقي کان لنگھڻ ٿيو. ماڻھن اتاھين جي کوھن مان پاڻي ڀري ان پاڻيءَ سان ماني پچائڻ لاءِ اٽو ڳوهيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن حڪم ڏنو تہ اهو پاڻي، هاري ڇڏيو ۽ ان سان ڳوهيل اٽو اٺن کي ڏئي ڇڏيو ۽ فرمايائون تہ: پاڻي ان کوهہ مان ڀريو جتان حضرت صالح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ڏاچي پاڻي پيئندي هئي (١) حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان اها بہ روايت آهي تہ: حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن اسان کي هي بہ حڪم فرمايو تہ جڏهن انهن ماڻھن جي جاين ۾ داخل ٿيو جن پنھنجن نفسن تي ظلم ڪيو هو تہ روئندي داخل ٿيو ائين نہ ٿئي جو اهو عذاب اوهان تي بہ اچي وڃي (٢)

انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ عظام جي آثار سان تبرڪ حاصل ڪجي

مفسرن سڀني فرمايو آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي طرفان حضرت صالح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ڏاچيءَ واري کوهہ مان پاڻي ڀرڻ جو حڪم دليل على التبرك بآثار الانبياء والصالحين وان تقادمت اعصارهم وخفيت آثارهم (٣) يعني اهو فرمان نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ صالحن جي آثار سان برڪت حاصل ڪرڻ جو دليل آهي ڪٿي ڪيترا بہ پراڻا دور هجن ۽ سندن نشان لڪي ويا هجن.

سوال

حجر وارن تہ هڪ نبي حضرت صالح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي ڪوڙو چيو هو پوءِ "اَلْمُرْسَلِيْنَ" جمع ڇو آندو ويو؟

جواب

"اَلْمُرْسَلِيْنَ" جمع جو صيغو تعظيم جي لاءِ آندو ويو آهي يا ان جي ڪري جو هڪ نبي کي ڪوڙو چوڻ جڻ تہ سڀني کي ڪوڙو چوڻ آهي. (٢) وَاٰتَيْنٰهُمْ اٰيٰتِنَا فَكَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ" ۽ اسان انهن کي پنهنجون نشانيون ڏنيون پوءِ انهن

(١) ضياءُ القرآن ص ٥٤٨ (٢) جامع البيان صـ ٣٤ جزء ١٤ جلد ٧

کان منهن موڙيندڙ هئا. انهن نشانين مان مراد ۾ ٽي قول آهن. ١-: تہ انهن تي الله جي فرمان جون آيتون لاٿيون ويون هيون. ٢-: تہ انهن لاءِ روشن دلائل قائم ڪيا ويا هئا. ٣-: انهن مان حضرت صالح علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام ڪي معجزانہ طور عطا ٿيل ڏاچي مراد آهي جنهن جي وجود ۾ ڪيترين نشانيون هيون.

١-:پٿر مان نڪرڻ. ٢-: ٻچو ڄڻڻ. ٣-: ايتري وڏي جسم سان هجڻ جو اهڙي ٻي ڪا ڏاچي نہ هئي. ۴-: ايترو کير ڏيڻ جو سيني لاءِ ڪافي ٿي وجي. (٢) الله جل شانہ پنهنجي قدرت ۽ نبي سڳوري جي صداقت جي لاءِ اهي نشانيون انهن جي اڳيان ظاهر فرمايون پر پوءِ بہ اهي منهن موڙي ويٺا ايمان نہ آندائون "وَكَانُوا يَنْحِتُونَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوتًا آمِنِينَ" ۽ امن وارا ٿي جبلن ۾ مضبوط گهر ٺاهيو ويٺا هوندا هئا. يعني دنيوي زندگيءَ تي مغرور ٿي تڪبر ۽ وڏائيءَ جي لاءِ جبلن ڪي ڪٽي عاليشان عمارتون ٺاهي ويٺا هئا ۽ ائين سمجهندا هئا تہ هتي ڪير بہ ڪين ڪجهہ ڪري نہ ٿو سگهي. "فَأَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُصْبِحِينَ فَمَا أَغْنَىٰ عَنْهُمْ مَّا كَانُوا يَكْسِبُونَ" پوءِ صبح جي وقت انهن کي ڪڙڪي دار آواز پڪڙيو ۽ جيڪو ڪجهہ ڪمايو هيائون ان ڪين ڪوبہ فائدو نہ ڏنو. مطلب تہ جڏهن انهن تي عذاب آيو تہ ڪين سندن مال، دولت، مضبوط عمارتن، جسماني قوتن ۽ ٻين اسباب ۽ وسائل ڪوبہ فائدو نہ ڏنو ۽ نہ انهن جي ذريعي الاهي عذاب کي دفع ڪري سگهيا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا: ١-: الله جل جلالہ جي پيارن نبين عليهم السلام کي عطا ٿيل معجزن ۽ ولين جي هٿان ظاهر ٿيل ڪرامتن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ ايمان جي نشاني آهي ۽ انهن کان منهن موڙڻ هلاڪت ۽ بربادي آهي حضرت صالح علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کي عطا ٿيل معجزي کان منهن موڙيندڙ ئي تباهہ ٿي ويا جيئن " فَكَانُوا عَنْهَا مُعْرِضِينَ" (پوءِ انهن کان منهن موڙيندڙ هئا) مان ظاهر آهي. ٢-: "مُصْبِحِينَ" (صبح ڪندڙ) مان واضح ٿيو تہ هلاڪ ٿيندڙ قومن تي عذاب رات جي پوئين حصي ۾ ايندو هو ان جي ڪري مومن کي گهرجي تہ رات جي پوئين حصي ۾ سجاڳ ٿي ڪيلن گناهن جي معافي گهري. استغفار پڙهي تهجد ادا ڪري تہ الاهي عذاب کان محفوظ ۽ مامون

(٢) القرطبي صہ ٤٧ جلد ١٠ خازن صہ ١٠١ جلد ٢ البحر المحيط صہ ٤٦٣ جلد ٥

رهي، رات جو اهو حصو خصوصي رحمت جي نزول جو وقت بہ آهي ان وقت رب العزة جل جلالہ کان دعا گهرڻ سعادت جي نشاني آهي.

وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ

۽ نہ پيدا ڪياسون آسمان ۽ زمين ۽ جو ڪجهہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي مگر حق سان

وَاِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ فَاصْفَحِ الصَّفْحَ الْجَمِيْلَ ﴿٨٥﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

۽ بيشڪ قيامت البتہ ايندڙ آهي پوءِ درگذر ڪر سهڻو درگذر ڪرڻ. بيشڪ رب تنهنجو ئي

الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٦﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَالْقُرْاٰنَ

پيدا ڪندڙ، ڄاڻندڙ آهي ۽ البتہ تحقيق ڏنيون اسان توکي ست آيتون ورائي ورائي پڙهيل ۽ قرآن

الْعَظِيْمَ ﴿٨٧﴾ لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا

عظيم مٿي ڪٽي نہ نهار اکيون پنهنجيون ان ڏانهن جو فائدو ڏنوسون ان سان مختلف طبقن کي

مِّنْهُمْ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٨﴾ وَقُلْ

انهن مان ۽ نہ غمگين ٿيءُ انهن تي ۽ هيٺ ڪر پر پنهنجو مومنن جي لاءِ

اِنِّيْٓ اَنَا النَّذِيْرُ الْمُبِيْنُ ﴿٨٩﴾

۽ فرماءِ تہ بيشڪ مان ئي کليل ڊيڄاريندڙ آهيان.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ انهن ڪافر قومن کي عذاب ڪرڻ جو ذڪر هو جن رب العزة جل شانہ جي وحدانيت، خالقيت ۽ مالڪ هجڻ جو انڪار ڪيو ۽ هتي رب العزة جل جلالہ پنهنجي خالقيت جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمايو " وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ فَاصْفَحِ

الصَّفۡحَ الۡجَمِيۡلَ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الۡخَلّٰقُ الۡعَلِيۡمُ " ۽ اسان آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو ڪجهه انهن ۾ آهي حق سان پيدا ڪيا آهن ۽ يقينًا قيامت اچڻ واري آهي پوءِ سهڻي نموني درگذر فرماءِ يقينًا تنهنجو رب ئي پيدا ڪندڙ، ڄاڻندڙ آهي - يعني زمين، آسمان ۽ جيڪي شيون انهن ۾ موجود آهن الله جل جلاله انهن کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اهڙي نموني مرتب ڪيو آهي جو هزارين صديون گذرڻ کان پوءِ به ڪائنات جي ان ڪارخاني ۾ ڪو به نقص پيدا نه ٿيو آهي ۽ مفسرن هن جي هيءَ معنىٰ به بيان ڪئي آهي ته هتي باطل هميشه نه رهي سگهندو هيءَ فضا حق جي لاءِ سازگار آهي باطل جي لاءِ ناهي (١) اوهان انهن کان سهڻي نموني درگذر فرمايو: مطلب ته: انهن جي ايمان نه آڻڻ جي ڪري بي چين ۽ بيقرار نه ٿيو(٢) ۽ جيڪڏهن اهي اوهان کي تنگ ڪندا رهن نه مڙن ته به اوهان انهن جي ظلم کي برداشت ڪندا رهو. بعضي مفسرن فرمايو آهي ته: هيءَ آيت جهاد واري حڪم سان منسوخ آهي (٣) والله اعلم ۽ جڏهن آسمانن ۽ زمين جي پيدائش جو ذڪر ٿيو ته الله تعالىٰ آخر ۾ وري به پنهنجي خالقيت ۽ علم جي شان جو ذڪر ڪندي فرمايو: بلاشڪ تنهنجو رب ئي پيدا ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي، جنهن کي ڪافرن جي طرفان اوهان کي ايذاءُ ڏيڻ ۽ اوهان جي طرفان صبر ۽ برداشت ڪرڻ جي سڀ خبر آهي ۽ اهو هر هڪ کي سندس عمل جي مطابق بدلو ڏيندو. هن آيت ۾ گويا آخرت جي عقيدي جو بنياد رکيو ويو آهي يعني جنهن خالق اڪبر ساري ڪائنات کي پهريان پيدا فرمايو آهي اهو ان کي ٻيو ڀيرو پيدا ڪري محشر جي ميدان ۾ آڻي سگهي ٿو ۽ جن شين جي وجود جا حصا ۽ جزا منتشر ٿي يا ختم ٿي ويا آهن انهن کي به ڄاڻي ٿو جتي به هوندا سيني کي گڏ ڪري اٿارڻ ان جي لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ناهي. جيئن سورة ياسين ۾ فرمان آهي ته "ڇا جنهن آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا هنن جي مثال پيدا ڪرڻ تي قادر ناهي؟ (٤) "وَلَقَدۡ اٰتَيۡنٰكَ سَبۡعًا مِّنَ الۡمَثَانِيۡ وَالۡقُرۡاٰنَ الۡعَظِيۡمَ" ۽ البت يقينًا اسان توکي ورائي ورائي پڙهيل ست آيتون ۽ عظيم قرآن ڏنو آهي.

"سَبۡعًا مِّنَ الۡمَثَانِيۡ" ڇا آهي؟

ابن جرير طبري لکيو آهي ته: مفسرن جو انهن (ستن ورائي ورائي

(١)ضياءُ القرآن ص ٥٤٩ جلد ٢ (٢) تفسير القرآن بڪلام الرحمان ص ٢٤٠ (٣) البحر المحيط ص ٤٦٥ جلد ٥ - تفسير حسيني ص ٤٢٨ (٤)سورة ياسين آيت ٨١

پڙهيلن) ۾ اختلاف آهي بعض جو قول آهي تہ: انهن مان مراد اهي قرآن ڪريم جون منڍ واريون سورتون آهن جن ڪي طوال سڏيو ويندو آهي ۽ ورائي ورائي پڙهيلن جو مقصد آهي تہ انهن ۾ مختلف حڪمتن جي تقاضا ڪري ساڳيون ڳالهيون ۽ مثال ورائي آندا ويا آهن حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن مسعود ۽ سعيد بن جبير رضي الله عنهم ائين فرمايو آهي ۽ بعض جو فرمان آهي تہ: اهي ست آيتون سورة الفاتحه جون آهن جيڪي نماز ۾ ورائي ورائي پڙهيون وڃن ٿيون. حضرت عمر، حضرت علي، حضرت حسن بصري رضي الله عنهم جو اهو فرمان آهي (١) تفسير جلالين جي شارح لکيو آهي تہ: حديثن جي روشنيءَ ۾ "سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ" مان مراد سورة فاتحه آهي ۽ هتي ان جو خصوصي ذڪر ان جي ڪري ڪيو ويو آهي جو اها ساري قرآن پاڪ جي تعليم جو خلاصو ۽ ايمان ۽ عمل جي زندگيءَ جو نچوڙ آهي. (٢) ۽ بعض جو قول آهي تہ: ستن سورتن ڪي مثاني ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو الله جل جلالہ ٻين نبين کان سواءِ انهن ڪي حضور پرنور عليه السلام جن لاءِ ۽ ٻين امتن کانسواءِ محمدي امت علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي لاءِ مخصوص فرمايو (٣) علامه قرطبي لکيو آهي تہ:حضرت علي،حضرت ابوهريرة، ربيع بن انس، حسن بصري ۽ ابوالعاليه وغيرهم جو قول آهي تہ "سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ" سورة الفاتحه آهي پر ڪيترن حديثن ۾ صراحت سان آيل آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي تہ: الحمدلله (سورة الفاتحة) ام القرآن بہ آهي ام الڪتاب بہ آهي تہ السبع المثاني بہ آهي ۽ "اَلْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ" بہ سورة الفاتحة آهي. (٤)

شان نزول

مفسر قرآن واحدي لکيو آهي تہ: جڏهن قريظه ۽ نضير قبيلن جي يهودين جا مختلف سامانن سان پريل ست تجارتي قافلا مدينه منوره ۾ پهتا تڏهن مسلمانن اهي ڏسي چيو تہ: ڪاش هي قافلا اسان جا هجن ها تہ انهن جي ذريعي قوت حاصل ڪيون ها ۽ انهن مان الله جل شانه جي واٽ ۾ بہ خرچ ڪيون ها. پوءِ الله جل شانه هيءَ آيت نازل ڪري فرمايو تہ: اسان جيڪي ست آيتون نازل ڪري اوهان ڪي ڏنيون آهن اهي اوهان لاءِ هنن ستن قافلن کان ڀليون آهن ۽ "وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ"

(١) جامع البيان ص ٣٦ - ٣٧ جزءُ ١۴ جلد ٧ (٢) ڪمالين شرح اردو جلالين ص ٣١۴ جلد ٣ (٣) احڪام القرآن لابن العربي صـ ١١٣٨ جلد ٣ (۴) القرطبي صـ ٥۴ جلد ١٠

آيه به ان شان نزول تي دلالت ڪري رهي آهي. (١)
لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ" پنهنجون اکيون (مبارڪ) ان ڏانهن متي نه کڻ جيڪو اسان انهن مان مختلف طبقن کي فائدو ڏنو آهي ۽ نه انهن تي غمگين ٿيءُ ۽ مومنن جي لاءِ پنهنجو پر هيٺ ڪرڻ فرماءِ. يعني اوهان کي قرآن عظيم ۽ "سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ" جهڙي عظيم دولت ملي آهي ان جي هوندي دنيوي دولت ۽ مال اسباب اُن جي لائق ئي ناهن جو اوهان پنهنجون نوراني نگاهون کڻي ان ڏانهن نهاريو ۽ اوهان جي دعوت دين کي جيڪڏهن کو قبول نه ٿو ڪري ته اوهان غمگين نه ٿيو اوهان جي شفقت ۽ مهربانين جا مستحق مومن آهن انهن کي نوازيندا رهو - جناح پکيءَ جي پر کي چئبو آهي هتي اهو آٿي ٻڌايو ويو آهي ته جيئن پکي پنهنجن ٻچن کي پر ڏيئي بچائيندو آهي ائين اوهان به مومنن تي مهرباني ڪندا رهو "وَقُلْ اِنِّيْٓ اَنَا النَّذِيْرُ الْمُبِيْنُ" ۽ فرماءِ ته: مان ئي چٽو ڊيڄاريندڙ آهيان. مطلب ته مان کولي بيان ٿو ڪيان ته جيڪو ايمان نه آڻيندو اهو الاهي عذاب ۾ ايندو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا: ١-: "اِلَّا بِالْحَقِّ" (مگر حق سان) مان ثابت ٿيو ته الله جل شانه جي هر پيدا ڪيل شيءِ فائديمند ۽ سندس قدرتي حڪمت جي عين مطابق آهي ڪابه باطل ۽ بيڪار ناهي ڀلي ڪٿي اها انسان جي سمجهه ۾ نه اچي ۽ ان ئي "بِالْحَقِّ" لفظ مان اهو به واضح ٿيو ته الله جل شانه کي به سچا ۽ حق وارا ٻانها پسند آهن ڇوته سارو نظام انهن جي فائدي لاءِ قائم ڪيل آهي. ٢-: حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جو برڪت ۽ رحمت ڀريو ياڪر هر مجبور ۽ بي يارو مددگار مومن لاءِ قيامت تائين ڪليل آهي جيئن "وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ" مان واضح ٿي رهيو آهي.

كَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَى الْمُقْتَسِمِيْنَ ﴿٩٠﴾ الَّذِيْنَ جَعَلُوا الْقُرْاٰنَ عِضِيْنَ ﴿٩١﴾

جهڙي طرح نازل ڪيوسين ورهائيندڙن تي جن ڪيو قرآن کي ڏندن سان ڪٽيل ٽڪرا ٽڪرا

(١) اسباب النزول صـ ٢٠٨

فَوَرَبِّكَ لَنَسْـَٔلَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٢﴾ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾ الربع

پوءِ قسم آهي رب تنهنجي جو تہ البت ضرور پڇنداسون مڙني کان ان جي باري ۾ جو ڪيائون ٿي

فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٩٤﴾ اِنَّا كَفَيْنٰكَ

پوءِ کولي ٻڌاءِ جيڪو امر ڪيو ٿو وڃين ۽ منهن موڙ مشرڪن کان بلاشڪ اسين ڪافي آهيون

الْمُسْتَهْزِءِيْنَ ﴿٩٥﴾ الَّذِيْنَ يَجْعَلُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَسَوْفَ

تولاءِ چٿر ڪندڙن کان جيڪي ڪن ٿا الله سان گڏ معبود ٻيو پوءِ جلد ڄاڻندا ۽ البت تحقيق

يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ ﴿٩٧﴾

ڄاڻون ٿا اسين تہ بيشڪ تون تنگ ٿئي ٿو سينو تنهنجو ان سببان جو چون ٿا

فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَاعْبُدْ رَبَّكَ

پوءِ تسبيح پڙهہ پنهنجي رب جي حمد سان ۽ هج تون سجدي ڪندڙن مان ۽ عبادت ڪر پنهنجي رب جي

حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿٩٩﴾ ع

تانجو اچي تو وٽ يقيني فيصلو

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ قرآن ڪريم عظمت وارو آهي ۽ هتي بيان ڪيو ٿو وڃي تہ ڪافرن ان عظمت واري ڪتاب ڪي بہ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ان جي بي قدري ڪئي. فرمان عاليشان آهي " كَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَى الْمُقْتَسِمِيْنَ الَّذِيْنَ جَعَلُوا الْقُرْاٰنَ عِضِيْنَ " جيئن اسان انهن تي نازل ڪيو جن قرآن ڪي ڏندن (سان ڪٽيل) ٽڪرا ٽڪرا ڪيو. اهي ڪير هئا؟ ان ۾ مختلف اقوال آهن. ١-: مقاتل ۽ فراءُ جو چوڻ آهي تہ اهي سورهن (١٦) ماڻهو

هئا جن کي وليد بن مغيره حج جي ڏينهن ۾ مکه مڪرم جي مختلف رستن تي مقرر ڪيو هو ۽ انهن جي ڊيوٽي اها لڳائي هئي ته اهي هر ايندڙ شخص کي حضور عليه الصلواة والسلام جن کان بدظن ڪري متنفر بنائين ۽ انهن کي چون ته خبردار! هن شخص جي فريب ۾ نه اچو جنهن اسان مان نبوت جي دعوىٰ ڪئي آهي. ٢-: انهن مان مراد اهي آهن جيڪي ڪڏهن چوندا هئا ته اهو مجنون آهي ڪڏهن چوندا هئا ته شاعر آهي ۽ ڪڏهن چوندا هئا ته جادوگر آهي ۽ انهن ماڻهن کي چوندا هئا ته جيڪڏهن اسان جي ڳالهه تي اعتبار نه ٿا ڪريو ته مڪي جي سردار وليد بن مغيره کان پڇو ان کي پوري پوري خبر آهي. وليد بن مغيره مسجد حرام جي دروازي تي ويهي رهندو هو ۽ اهي ٻاهران اچڻ وارا ماڻهو جڏهن ان کان ان جي باري ۾ پڇندا هئا ته اهو طي ٿيل منصوبي جي مطابق پنهنجن مقرر ڪيل ماڻهن جي ڳالهه جي ڀرپور تائيد ڪندو هو. رب العزة جل جلاله انهن سڀني کي ذليل ڪري ماريو انهن کي "اَلْمُقْتَسِمِيْنَ" (ورهائيندڙ) ان جي ڪري سڏيو ويو جو انهن واٽون ورهائي جهليون هيون هر شخص پنهنجي پنهنجي مقرر رستي تي ويهي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جي خلاف زهر ڇنڊيندو هو ۽ بعض علماء فرمايو آهي ته: "مُقْتَسِمِيْنَ" هي هئا. ١-:عاص بن وائل ٢-: عتبه ٣-:شيبه ۴-: ابوجهل ٥-: ابوالبختري ٦-: نضر بن حارث ٧-: اميه بن خلف ٨-: منبه بن الحاج انهن قرآن ڪريم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو جو مطلب ته قرآن ڪريم جي متعلق سندن قول مختلف رهيا ڪن چيو ته شعر آهي ڪن چيو ته جادو آهي ڪي چوڻ لڳا ته پوين وارا ٽوٽا ٽپڻا آهن (١) " فَوَرَبِّكَ لَنَسْئَلَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" پوءِ تنهنجي رب جو قسم آهي ته اسين انهن سڀني کان ان جي باري ۾ پڇا ڪنداسون جيڪو ڪندا هئا. مطلب ته انهن کان سوال ڪيا ويندا ته ڪنهن جي عبادت ڪندا هئا؟ رب العزة جل شانه جي نبين عليهم الصلواة والسلام سان ڪيئن پيش آيا؟ لااله الا الله کي چوڻ تي مڃيائون؟ ان ڪلمه جو حق چوڻ ادا ڪيائون؟

۽ اهڙي نموني جا ڪائنن ڪيترائي سوال ڪيا ويندا "فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ" پوءِ جنهن ڪم جو امر ڪيو ويو آهين اهو کولي بيان ڪر ۽ مشرڪن کان منهن موڙ- يعني جيڪي احڪام اوهان تي نازل ڪيا ويا آهن اهي کولي بيان ڪيو

(١) القرطبي صـ ٥٨ جلد ١٠

جيڪي مشرڪ اوهان کي ان ڪان روڪين ٿا، انهن ڪان منهن موڙي ڇڏيو انهن ڏانهن توجه نہ ڪيو. "اِنَّا كَفَيْنٰكَ الْمُسْتَهْزِئِيْنَ الَّذِيْنَ يَجْعَلُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ" يقينًا اسين اوهان لاءِ انهن چٿر ڪندڙن ڪان ڪافي آهيون جيڪي الله سان گڏ ٻيو معبود بنائين ٿا. پوءِ اهي جلد ڄاڻندا تہ سندن حشر ڇا ٿيندو؟

شان نزول

علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ ڪي ڪي ڪافر نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام تي چٿرون ڪندا هئا ۽ جڏهن حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڪٿان لنگهندا هئا يا طواف ڪندا هئا تہ اهي مٿن چٿرون ۽ چرچا ڪندا هئا رب العزة جل شانه انهن کي مختلف مرضن ۾ مبتلا ڪري هلاڪ ڪري ڇڏيو. انهن جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون آهن. (١) "وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ" ۽ البتہ تحقيق اسين ڄاڻون ٿا تہ جيڪو ڪجهہ ڪافر چون ٿا تہ ان جي ڪري تنهنجو سينو (مبارڪ) تنگ ٿئي ٿو پوءِ پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبيح پڙهندو رهہ ۽ سجدي ڪندڙن ۾ هج. يعني ڪافرن جي شرڪ وارن ڪلمن، قرآن ڪريم جي متعلق طعنن ۽ اوهان جي ذات عالي صفات تي چٿرن ڪرڻ جي ڪري اوهان کي ڏک پهچي ٿو ۽ اها ئي طبعي تقاضا آهي پر اوهان سبحان الله والحمدلله چوندا ڪيو تہ اها تڪليف دور ٿي ويندي ۽ ان جي ذريعي اوهان جي لاءِ رباني امداد نازل ٿيندي. (٢) ۽ سجدي ڪندڙن مان هجڻ جو مطلب تہ نماز پڙهندو رهہ. جيئن ٻيءَ آيت ۾ آهي "وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ (٣) ۽ صبر ۽ نماز سان مدد وٺو. روايت ۾ آهي تہ جڏهن بہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي ڪو ڪم ڏکيو محسوس ٿيندو هو تہ پاڻ نماز پڙهندا هئا (٤) جنهن جي برڪتن سان آساني ٿيندي هئي.

"وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ" ۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪر تانجو تو وٽ يقيني فيصلو اچي. اليقين (يقيني فيصلو) مان مراد دنيا تان رحلت ڪرڻ آهي، مطلب تہ اي محبوب! عليه الصلواة والسلام اوهان رب العزة جل جلاله جي عبادت جو سلسلو شوق ۽ ذوق سان تيستائين جاري رکو جيستائين اوهان جو دنيا تان رحلت

(١) تفسير ابن ڪثير صـ ٥٦٠ جلد ٢ (٢) تنوير الاذهان صـ ٢٩٧ جلد ٢
(٣) سورة البقره آيت ع٤٥ (٤) تنوير الاذهان صـ ٢٩٧ جلد ٢

وارو يقيني وقت نہ اچي. عام مفسرن اليقين جي معنىٰ الموت لکي آهي ۽ اهو لفظ موت جي معنىٰ ۾ قرآن ڪريم ۾ ٻيءَ جاءِ تي بہ آيل آهي "وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ حَتّٰى اَتَانَا الْيَقِيْنُ" (١) ۽ اسين قيامت کي ڪوڙو چوندا هئاسين تانجو اسان وٽ موت آيو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا: ١-: "اِنَّا كَفَيْنٰكَ الْمُسْتَهْزِئِيْنَ" (اسين اوهان لاءِ چٿر ڪندڙ ڪان ڪافي آهيون) مان واضح ٿيو تہ سچن مخلصن مومنن کي بہ مايوس ٿيڻ نہ گهرجي جيئن رب العزة جل شانه انهن کان پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي ڪافي هو تيئن اهل ايمان وارن لاءِ بہ اهوئي ڪافي آهي. ٢-: "فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ" (جيڪو امر ڪيا وڃو ٿا اهو کولي بيان ڪيو) مان واضح ٿيو تہ تقيه ڪرڻ بالڪل حرام ۽ قرآن پاڪ جي هن حڪم جي خلاف آهي شيعن جي ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪرڻ گهرجي. ٣-: "وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ" (۽ پنهنجي رب جي تيستائين عبادت ڪر جيستائين تو وٽ يقيني فيصلو موت اچي) مان صاف صاف ثابت ٿيو تہ دنيا تان رحلت ڪرڻ تائين عبادت فرض آهي ان جي ڪري ڪن صوفي سڏائيندڙن جو چوڻ تہ: اسان تان عبادت معاف آهي قابل قبول ناهي خصوصًا نماز تہ اهڙو اهم فرض آهي جو ڪنهن بہ حالت ۾ معاف ناهي. امام بخاري حضرت عمران بن حصين رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "صَلِّ قَائِمًا فَاِنْ لَّمْ تَسْتَطِعْ فَقَاعِدًا فَاِنْ لَّمْ تَسْتَطِعْ فَعَلٰى جَنْبٍ" (٢) نماز بيهي پڙهہ جيڪڏهن بيهي نہ ٿو سگهين تہ ويهي پڙهہ جيڪڏهن ويهي بہ نہ ٿو سگهين تہ پوءِ پاسي پر ليٽي بہ پڙهہ".

الحمد لله جو اڄ جمعه جي ڏينهن پوڻين پنجين بجے شام جو مورخه٢١ صفر ١٤٢٠هہ موافق ٢٦ - ٥ - ٢٠٠٠ ع تي سورة الحجر جو تفسير لکي پورو ڪري سورة النحل جو تفسير لکڻ شروع ڪيم.

(١) سورة المدثر آيت ٤٦ - ٤٧ (٢) تفسير ابن ڪثير ص ٥٦٠ جلد ٢

سورة النحل جو تعارف

هن سورة مبارڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.
(١) - نالا : هن سورة مبارڪ جا ٻه نالا آهن. ١-: النحل. هي نالو هن ئي سورة جي آيت ٨ ۾ آيل لفظ النحل جي ڪري رکيو ويو آهي ۽ اهوئي مشهور آهي. ٢-: سورة النعم ڇوته هن ۾ الله جل شانه پنهنجن نعمتن جو گهڻو ذڪر فرمايو آهي (١) النحل ڇئبو آهي ماکيءَ جي مک کي. ان نالي رکڻ ۾ هن طرف به اشارو آهي ته جيئن رب العزة جل شانه ماکيءَ جي مک کي الهام ڪري ماکي ناهڻ ۽ اجتماعي صورت ۾ رهي ڪم ڪرڻ جو سليقو عطا ڪيو آهي تيئن پنهنجن خاص ٻانهن کي به الهام طور اهڙي توفيق عطا ڪري سگهي ٿو جيڪي هن ڪتاب (قرآن ڪريم) مان ماکيءَ جهڙا مٺا ۽ نفعو ڏيندڙ فائدا ڪڍي وٺندا ۽ قرآن پاڪ جي مبارڪ ڪلمن کي فائدو ڏيندڙ معنائن تي حمل ڪرڻ سان گڏ پلا اخلاق حاصل ڪري تصفيه ۽ تزڪيه جو رستو هلندا ۽ قرآن پاڪ جون پلايون ۽ برڪتون سجاٽي ان مان اعلىٰ مقصدن تي پهچڻ ئي ڪمال جي نهايت آهي (٢)

٢ : رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن سورة پاڪ ۾ سورهن (١٦) رڪوع - هڪ سؤ اٺاويهه (١٢٨) آيتون ٻه هزار اٺ سٺ چاليهه (٢٨٤٠) ڪلما ۽ ست هزار ست سؤ ست (٧٧٠٧) حر ف آهن. (٣)

٣-: مڪيه آهي يا مدنيه؟ هيءَ سورت مبارڪ آخري ٽن آيتن کانسواءِ مڪيه آهي اهي ٽي آيتون ان وقت نازل ٿيون هيون جڏهن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن احد جي جنگ کان واپس ٿيا هئا. (٤)

٤-: اڳئينءَ سورة سان ربط - اڳئين سورة ۾ ارشاد هو ته: فَوَرَبِّكَ لَنَسْئَلَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ (اسين انهن سڀني کان ضرور پڇنداسون) جنهن ۾ تنبيه ڪئي وئي هئي ته انهن کي محشر جي ميدان ۾ اتاري آندو ويندو ۽ هتي ان لاءِ امر اچڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي (٥)

(١) خازن صـ ١٠٥ جلد ٣ القرطبي ص ٦٥ جلد ١٠ (٢) القاسمي ص ٧٦ جزء١٠ جلد ٦
(٣) خازن ص١٠٥ج٣ (٤) المراغي ص٥١ جزء١٤ جلد ٥ (٥) ساڳيو حوالو الدر المنثور ص ١٠٧ جلد ٥

نزول جو زمانو هيءَ سورة نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي مڪي زندگيءَ جي آخري دور ۾ نازل ٿي هئي (١).

٦-: مضمون هن سورة ۾ آفاقي ۽ انفسي دلائل ڏئي اسلام جي انهن نظريات کي ثابت ڪيو ويو آهي جن کي ڪافر عقل ۽ مشاهدي جي خلاف سمجهندا هئا. هن سورة جا خاص موضوع الوهيت، وحي، بعث ۽ نشور آهن ۽ هن ۾ آسمانن، زمينن، سمنڊن، جبلن، واريءَ جي دڙن، سخت زمين جي بيابانن، موجون هڻندڙن دريائن، انهن ۾ هلندڙن ٻيڙين، سبز باغن ۽ آسمان ۾ هلندڙن، چمڪندڙن تارن وغيرها سان جيڪي انسان پنهنجي حياتيءَ ۾ ڏٺي ۽ ڏسي ٿو الله جل شانه جي وحدانيت، جا دلائل ٻنائي پيش ڪيو ويو آهي ۽ آخر ۾ نه مڃڻ وارن لاءِ عذاب جو بيان ۽ انهن صفتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جو اسلام جي هر مبلغ ۾ هجڻ ضروري آهي.

٧-: فضائل - هن سورة مبارڪ جي فضيلت ۽ شان بحيثيت ڪلام الله هجڻ جي تہ واضح آهي جو هر هڪ حرف پڙهڻ سان ڏهہ نيڪيون نصيب ٿين ٿيون جيئن حديث مبارڪ ۾ آيل آهي، پر هن کي وظيفي طور پڙهڻ سان بہ گهڻا فائدا حاصل ٿين ٿا. جيڪو ماڻهو مجبور، مقهور، مظلوم ۽ دشمنن جي گهيراءُ ۾ هجي اهو پاڻ اڪيلو يا ٻہ ٽي حافظ جيڪي صحيح تلفظ سان پڙهي سگهن وهاري هڪ ئي محفل ۾ هيءَ سورة پاڪ هڪ سو اٺ ڀيرا پڙهن تہ اهي دشمن يا مطيع ۽ فرمانبردار بنجندا يا خداوندي پڪڙ جي ڪري ذليل ۽ خوار ٿيندا (٢)

رُكُوعَاتُهَا ١٦	سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّيَّةٌ	اٰيَاتُهَا ١١٠
هن جا رڪوع سورنهن آهن	سورة ڪهف مڪيه آهي	هن جون آيتون هڪ سو ڏهہ آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جو وڏو مهربان رحم ڪندڙ آهي.

اَتٰۤى اَمْرُ اللّٰهِ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْهُ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا

اچي ويو امر الله جو پوءِ نہ تڪڙو طلب ڪيو ان کي پاڪائي آهي ان جي ۽ مٿاهون آهي ان کان جنهن کي

يُشْرِكُوْنَ ۝ يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ

شريڪ ٿا بنائين لاهي ٿو ملائڪن کي روح (وحي) سان امر پنهنجي سان ان تي جنهن کي

يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖۤ اَنْ اَنْذِرُوْۤا اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ

گهري ٻانهن پنهنجن مان هن سان تہ ڊيڄاريو (ماڻهن کي) بيشڪ شان هي آهي تہ ناهي ڪو عبادت جو لائق

(١) ضياء القرآن ص ٥٥٣ جلد ٢ (٢) نعيمي صـ ٦٠٨ جلد ١٤

إِلَّآ أَنَا فَاتَّقُوْنِ ۝٢ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ

مون کانسواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي تنهنڪري مون کان ئي ڊڄندا رهو. پيدا ڪيائين آسمان ۽ زمين حق سان

تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ۝٣ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ

مٿاهون آهي ان کان جو شريڪ ٿا بنائين ان سان، پيدا ڪيائين انسان کي (منيءَ جي) ڦڙي مان

فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ۝٤

پوءِ اوچتوئي اهو جهيڙاڪار کليل آهي

تفسير

اڳئين سورة ۾ اڳين امتن جي ڪفر، بي فرمانيءَ ۽ تباهه ڪندڙ عذابن جو ذڪر هو ۽ هن سورة ۾ نبوي دور ۾ موجود ڪافرن کي انهن تباهه ٿيلن قومن جي ويران ٿيڻ کي ڏسي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو آهي: فرمان الاهي آهي "اَتٰٓى اَمْرُ اللّٰهِ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْهُ ۭ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ" الله جو امر اچي ويو آهي پوءِ ان کي تڪڙو نه گهرو. جنهن کي الله سان شريڪ بنائين ٿا (الله) ان کان پاڪ ۽ بلند آهي.

شان نزول

مڪه مڪرمه ۾ رهڻ دوران ڪافر بار بار نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم کان مطالبو ڪندا رهيا ته: اسين توکي الله جل جلاله جو برحق نبي نه ٿا تسليم ڪيون تون اسان کي جنهن عذاب جون ڌمڪيون ڏين ٿو اهو جلد آڻائي وٺ. الله جل جلا له وٽ ته هر ڪم سندس حڪمت مطابق پنهنجي پنهنجي وقت تي ٿيندو آهي. ڪافرن جي چوڻ تي رب العزة جل شانه پنهنجا فيصلا بدلائيندو ناهي. هجرت کان پهريان جيڪي ٻارهن سال مڪه مڪرمه ۾ گذريا جيتوڻيڪ انهن ۾ ڪافرن جي طرفان مسلمانن کي طرحين طرحين ايذايو ويو پر رب العالمين عز برهانه ڪين ڍر ڏيندو

رهيو ۽ پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي صبر ۽ انتظار جو حڪم ڪندو رهيو جڏهن مڪه مڪرمه کي ڇڏي هجرت ڪرڻ جو وقت ويجهو آيو ۽ ڪجهه عرصي ڪانپوءِ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن هجرت ڪرڻ وارا هئا تہ ان وقت هي آيتون نازل ٿيون. "اَتٰۤى اَمۡرُ اللّٰهِ" (الله جو امر پهچي ويو). حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ اهي قرآن ڪريم وارا الفاظ ٻڌڻ شرط حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن وهڻ واري جاءِ کان تڪڙا اٿيا ۽ اتي موجود ٻين ماڻهن متوجهي ڪٽي نهاريو- تہ مٿان " فَلَا تَسۡتَعۡجِلُوۡهُ" (پوءِ اهو تڪڙو نہ گهرو) لهي آيو تڏهن سڀ مطمئن ٿيا. جڏهن سڄي آيت لٿي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام پنهنجي اشهد آڱر ۽ ان سان گڏ وچين آڱر ملائي اشارو ڪندي فرمايو تہ " مان ۽ قيامت هنن وانگر آهيون" جيئن هنن آڱرين ۾ قرب ۽ نزديڪي آهي تيئن منهنجي مبعوث هجڻ ڪان پوءِ قيامت بہ قريب آهي (١) آيت ۾ ارشاد آهي تہ: منڪرن ۽ نہ مڃڻ وارن جي لاءِ الاهي عذاب جو امر پهچي ويو آهي. انهن جي غرور ۽ تڪبر کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ان جي بدلي وٺڻ واري تلوار ظاهر ٿي چڪي آهي. علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمة عارفانه انداز ۾ وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: اهو الاهي عذاب جو امر نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن نگاه مبارڪ سان ڏسي رهيا هئا ان جي ڪري "اَتٰۤى" ماضيءَ جو صيغو آندو ويو ۽ جڏهن تہ اجان ظاهر نہ ٿيو هو ان جي ڪري فرمان ٿيو تہ: " فَلَا تَسۡتَعۡجِلُوۡهُ" (اهو تڪڙو نہ گهرو) (٢) ابن جريج هن آيت جي تفسير ۾ فرمايو آهي تہ " اَمۡرُ اللّٰهِ " مان مراد عذاب جو نزول آهي بعض مفسرن ان مان مراد الله تعالىٰ جو پنهنجي نبي سان وعدو ڪرڻ آهي تہ: ڪين دشمنن تي فتح، ڪاميابي ۽ مدد حاصل ٿيندي سندن دشمن کي قتل ڪيا ويندا تہ ڪي قيدي بنايا ويندا ۽ انهن جا مال لٽيا ويندا سندن گهر ۽ جايون ٻين جي حوالي هوندا (٣) ۽ ڪافر جيڪي بہ شيون الله سان شريڪ بنائين ٿا الله ان شرڪ کان پاڪ ۽ انهن شين کان نهايت مٿانهون آهي مطلب تہ الله جل شانه هر نقص ۽ عيب کان پاڪ آهي اتي ڪمال ئي ڪمال آهي ٻي ڪا بہ شيءِ ڪيتري بہ پلي هجي پر اها دنيا تي رهڻ ۾ محتاج آهي. الله جل شانه هر محتاجيءَ کان پاڪ آهي. " يُنَزِّلُ الۡمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوۡحِ مِنۡ اَمۡرِهٖ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖۤ اَنۡ اَنۡذِرُوۡۤا اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاتَّقُوۡنِ" پنهنجي امر سان روح (وحي) سان گڏ پنهنجي

(١) روح المعاني جزء ١٤ جلد ٥ (٢) اضواء البيان ص ٢١٠ جلد ٣ (٣) اسباب النزول للواحدي صـ ٢٠٩

ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو ان تي ملائڪ لاهي ٿو تہ (ماڻهن کي) ڊيڄاريو بلاشڪ مون کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ناهي پوءِ مون کان ڊڄندا ڪيو.

روح مان مراد ڇا آهي؟

قوي قول هي آهي تہ هن آيت ڪريمہ ۾ ذڪر ڪيل " الرُّوْحَ " مان مراد وحي آهي ڇوتہ جيئن غذا سان جسمن جي حياتي قائم آهي. تيئن وحي سان ارواح جي حياتي هوندي آهي اهڙي طرح ٻين آيتن ۾ وضاحت سان آيل آهي(١).

هن آيت ۾ ڪافرن جي اعتراض جو جواب ڏنو ويو آهي جو انهن چيو هو تہ:جيڪڏهن الله جل جلالہ ڪنهن کي نبي بنائڻ گهريو ٿي تہ حضرت عبدالمطلب جي (بظاهر غريب) پوٽي کانسواءِ ٻيو ڪو ڇونہ مبعوث فرمايائين. ڪنهن وڏي مالدار ماڻهوءَ کي نبي بنايو وڃي ها تہ ماڻهو ان جي ڳالهہ غور سان ٻڌن بہ ها تسليم بہ ڪن ها انهن جي هن اعتراض کي رد ڪندي فرمان ٿيو تہ الله جل شانہ جنهن کي گهري ٿو ان تي روح (وحي) نازل ڪري ان کي پنهنجو پيغمبر بنائي ٿو اهو اوهان جي مشوري جو محتاج ناهي جنهن کي نبوت جي لاءِ اهل بنائي ٿو اهوئي سندس نبي بنجي ٿو. " ماڻهن کي ڊيڄاريو" مطلب تہ نبي (عليه الصلواة والسلام) جي اچڻ جو مقصد ئي اهو آهي تہ اهو ماڻهن کي ان حقيقت کان خبردار ڪري الله جل شانہ کانسواءِ ڪوبہ معبود بالحق ناهي اهو هڪ سچو الله آهي ان کان ئي ڊڄڻ گهرجي. " خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ " آسمانن ۽ زمين کي حق سان پيدا فرمايائين جيڪي ان سان شريڪ بنائين ٿا انهن کان نهايت مٿانهون آهي.

هتان کان الله جل جلالہ جي الوهيت، وحدانيت ۽ ربوبيت جي انهن دليلن جو سلسلو شروع ٿي رهيو آهي جيڪي ايترا واضح ۽ يقين پيدا ڪندڙ آهن جو جيڪڏهن ڪو معمولي عقل ۽ فهم رکڻ وارو بہ غور ڪندو تہ ان کي الله جل شانہ جي توحيد جو اعتراف ڪرڻو پوندو ذرا غور ڪيو تہ آسمانن ۽ زمينن جو هي ڪيڏو نہ وسيع ڪارخانو آهي ۽ اهو ڪيترن بي شمار پرزن مان ٺهيل آهي هر پرزو ننڍو هجي يا وڏو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اهڙو سهڻي نموني فٽ ٿيل آهي جو نہ ان جو ڪو نٽ ڍلو ٿو ٿئي نہ ڪا گراري ٿي پڇي ۽ نہ ڪنهن جي هلڻ ۾ ڪو

(١) ضياءُ القرآن صہ ٥٥٥ جلد ٢

فرق ٿو اچي هر شيءِ پنهنجو پنهنجو فرض ادا ڪري رهي آهي جنهن جي ذمي هلڻ آهي اها هلي رهي آهي نہ طرف ٿي بدلائي نہ وڃڻ وارو پاسو جنهن جي ذمي ويهڻ آهي اها اتي ويٺي آهي انسان انهن حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهين تي غور ٿو ڪري تہ سندس دماغ ڪم نہ ٿو ڪري ۽ سوچڻ سان بي اختيار ٿي چوي ٿو: فَتَبَارَكَ اللّٰهُ اَحۡسَنُ الۡخٰلِقِيۡنَ" سيني ناهيندڙن ڪان وڌيڪ سهڻو ناهيندڙ الله برڪت وارو آهي. " خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ نُّطۡفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيۡمٌ مُّبِيۡنٌ" انسان کي (منيءَ جي) ڦڙي مان پيدا فرمايائين پوءِ اوچتو ئي اهو پڌرو جهيڙا ڪار آهي يعني علويات ۽ سفليات جي پيدا ڪرڻ وارو انتظام صحيح ڪري اوهان کي هڪ بي ساهہ ڦڙي مان پيدا ڪرڻ فرمايائين جنهن ۾ نہ ڪنهن قسم جو احساس هو نہ هلي ڦري سگهيو ٿي انسان کي انتهائي عجيب ۽ سهڻي صورت بخشيائين مگر عجب آهي جو اهو احسان فراموش ٿي ڪليءَ طرح هر ڳالهہ ۾ جهيڙو جوٽي ويٺو آهي اهو بہ نہ ٿو سوچي تہ سندس اصل ڇا آهي؟

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا: ١-: " بِالرُّوۡحِ " ۾ وحي کي روح سڏڻ مان ثابت ٿيو تہ جيئن روح جي تعلق سان جسم زنده رهندو آهي تيئن الاهي وحي (قرآن ڪري) سان مومن کي ابدي زندگي ملندي آهي جنهن سان اهو قبر ۽ حشر ۾ بہ تصرف ۽ اختيار جو صاحب هوندو آهي. ٢-: پنهنجي ٻانهن مان ڪن تي ملائڪن جي ذريعي وحي جي نزول ڪان پوءِ حڪم ڪرڻ تہ (ماڻهن کي ڊيڄاريو) مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلاله جي دين جي تبليغ انبياء سڳورا عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن کان تعليم حاصل ڪرڻ وارا اصحاب ڀلارا اولياءِ ڪرام ۽ اهي رباني علماءَ ڪن جن کي شرعي علم ۾ مهارت هجي اڻ پڙهيل ماڻهو غلط معنيٰ ۽ مطلب ٻڌائي پاڻ بہ مجرم ٿيندو تہ ٻڌڻ وارا بہ مجرم بڻجندا بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ معنيٰ ۽ مطلب صحيح نہ ڪرڻ جي ڪري ڪفر تي ويندو آهي. ٣-: " خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ " (آسمان ۽ زمين پيدا ڪرڻ فرمايائين) مان واضح ٿيو تہ معبوُد بالحق اهو آهي جيڪو انهن سيني جو خالق ۽ پيدا ڪندڙ آهي ٻيو ڪوبہ نہ معبود آهي نہ ٻئي کي سجدو ڪرڻ جائز آهي.

ڪي ڪي جاهل ماڻهو پيرن ۽ بزرگن جي مزارن کي سجدا ڪندا آهن اهو

قطعي حرام آهي. ان سجدي کي حلال سمجهڻ ڪفر آهي. علماءِ حق، علماءِ اهل السنة والجماعة تي فرض آهي تہ جاهلن ماڻهن ۽ بي دين پيرن کي سختيءَ سان روڪين. ۴-: "خَلَقَ الْإِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ" (انسان کي نطفه مان پيدا ڪيائين) آٽي انسان کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏيڻ مان ثابت ٿيو تہ: قرآن مجيد جي آيتن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي حديثن ۽ ديني ڳالهين ۾ غور، فڪر ۽ قياس ڪرڻ جائز آهي مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن سان ابي بن خلف ڳڏجي هڪ هڏي ڪٽي اچي اعتراض ڪيو تہ: هن مان انسان ڪيئن پيهر جيئرو ٿي اٿندو. تہ ان کي "مِنْ نُّطْفَةٍ" ۾ غور ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي تہ جيڪو رب العزة جل شانه بي ساهہ ڦڙي مان اهڙو سهڻو انسان پيدا ڪري سگهي ٿو اهو سڙيل هڏي مان بہ پيهر پيدا ڪري سگهي ٿو. ۵-: شرعي سمورا احڪام الاهي قانون سان وابستہ آهن ان جي ڪري قرآن ڪريم ۾ اڪثر قانونن جو ذڪر ڪيل آهي پر ان جي هوندي بہ مسلمان کي قانون کان مٿي الاهي قدرت تي ايمان آڻڻ بہ فرض آهي انسان کي منيءَ جي ڦڙي مان پيدا ڪرڻ قانون الاهي آهي پر حضرت آدم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي ڦڙي کانسواءِ مٽيءَ مان پيدا ڪرڻ قدرت الاهي آهي جنهن تي ايمان آڻڻ بہ فرض آهي.

وَالْاَنْعَامَ خَلَقَهَا لَكُمْ فِيْهَا دِفْءٌ وَّمَنَافِعُ وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ۝

۽ جانور پيدا ڪيائين - اوهان جي لاءِ انهن ۾ بچاءُ ۽ نفعا آهن ۽ انهن مان اوهان کائو ٿا

وَلَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَحِيْنَ تَسْرَحُوْنَ ۝ وَتَحْمِلُ

۽ اوهان لاءِ انهن ۾ سينگار آهي جنهن وقت شام جو واپس آڻيو ٿا ۽ جنهن وقت صبح جو چارڻ لاءِ ڪڍو ٿا ۽ کڻن ٿا

اَثْقَالَكُمْ اِلٰى بَلَدٍ لَّمْ تَكُوْنُوْا بٰلِغِيْهِ اِلَّا بِشِقِّ الْاَنْفُسِ

ڳرا بار اوهان جا ان شهر ڏانهن جو نہ هيئو پهچندڙ ان جا مگر سرن کي تڪليف ڏيڻ سان

اِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝ وَّالْخَيْلَ وَالْبِغَالَ وَالْحَمِيْرَ

بيشڪ پالڻهار اوهان جو البت ٻاجهارو مهربان آهيءَ گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏه

لِتَرْكَبُوْهَا وَزِيْنَةً ۭ وَيَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ⑧ وَعَلَى اللّٰهِ

تانت سوار ٿيو انهن تي ۽ سينگار (ڇاڻو) ۽ پيدا ڪندو جيڪي اوهان نہ ٿا ڄاڻو ۽ الله ڏانهن

قَصْدُ السَّبِيْلِ وَمِنْهَا جَآئِرٌ ۭ وَلَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ⑨ ع

سڌو رستو آهي ۽ انهن مان ڪي غلط (رستا) آهن ۽ جيڪڏهن گهري ها تہ البتہ هدايت ڪري ها اوهان سڀني کي

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيل آيتن ۾ انسان جي پيدا ڪرڻ جو ذڪر هو جيڪو مخلوق ۾ اهم ۽ اصل آهي ۽ هتي بين حيوانن جي پيدا ڪرڻ جو بيان آهي جيڪي انسان جا تابع ۽ زير فرمان آهن - ارشاد الاهي آهي "وَالْاَنْعَامَ خَلَقَهَا لَكُمْ فِيْهَا دِفْءٌ وَّمَنَافِعُ وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ" ۽ (الله جل شانه) جانورن کي پيدا ڪيو آهي. انهن ۾ اوهان جي لاءِ بچاءُ ۽ نفعا آهن ۽ انهن مان کائو ٿا. يعني الله جل جلاله جانور پيدا فرمايا آهن جن مان انسان کي جيڪي فائدا ملن ٿا انهن مان ٻہ هي آهن. ١-: تہ انهن جي اُنَ مان انسان پنهنجا ڪپڙا سبرائي، کل مان چمڙي جا ڪوٽ وغيره تيار ڪرائي، ٽوپيون ۽ موزا جوراب وغيره ٺهرائي سرديءَ کان بچاءُ ۽ تحفظ حاصل ڪري ٿو. ٢-: تہ انهن کي کهي گوشت کائي ٿو ۽ انهن جي کير مان ساري حياتي غذا حاصل ڪري ٿو. کير مان ڏي ڏونرو، مکڻ ۽ گيهہ ٺهندو آهي - ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ "مِنْهَا" ۾ من تبعيض جي آهي جنهن مان ثابت ٿيوّ هر جانور حلال ناهي ڪي حرام آهن جن مان کائڻ کانسواءِ ٻيا نفعا حاصل ٿيندا آهن جيئن گڏهہ خچر وغيره ۽ اهو بہ واضح ٿيو تہ حلال جانورن ۾ بہ ڪي اهڙا حصا آهن جن جو کائڻ حلال ناهي جيئن رت وغيره. "وَلَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَحِيْنَ تَسْرَحُوْنَ" ۽ اوهان لاءِ انهن (جانورن) ۾ ان وقت بہ سينگار آهي جنهن وقت (انهن کي چارڻ کان پوءِ شام جي وقت) واپس ٿا کاهي اچو ۽ جنهن وقت صبح جو چارڻ لاءِ ٻاهر ڪيو ٿا. هن آيت ۾ عربن جي خواهش مطابق فائدو بيان ڪيل آهي جو اهي چوپائي مال جي ڌڻن کي صبح جو چارڻ لاءِ ڪڍي وڃڻ ۽

شام جو سلامتيءَ سان واپس کاهي اچڻ کي پنهنجو سينگار ۽ سونهن سمجهندا هئا. "وَتَحۡمِلُ اَثۡقَالَكُمۡ اِلٰى بَلَدٍ لَّمۡ تَكُوۡنُوۡا بٰلِغِيۡهِ اِلَّا بِشِقِّ الۡاَنۡفُسِ" ۽ اوهان جا ڳرا بار ان شهر تائين کڻي ٿا پهچائين جن وٽ اوهان پنهنجن سرن کي تڪليف ڏيڻ کانسواءِ نه پهچي سگهو ها. هن آيت ۾ به جانورن جي پيدا ڪرڻ جو فائدو بيان ڪيو ويو آهي، ته اهي اوهان جا ڳرا ڳرا بار کڻي اتي ٿا پهچائين جتي پهچڻ آسان ناهي. اڄ ڪالهه هن هلندڙ دور ۾ ٽرڪن، ٽرينن، هوائي ۽ بحري جهازن جي هوندي به انسان انهن جانورن جي ضرورت محسوس ڪري ٿو. دنيا ۾ ڪيتريون اهڙيون انسانن جون آباديون آهن جتي اهي نئين ايجاد واريون سواريون ڪونه آهن يا ڪم ڪري نه ٿيون سگهن پر اهي اٺ گهوڙا وغيره فائدو ڏين ٿا. "اِنَّ رَبَّكُمۡ لَرَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ" بلاشڪ اوهان جو رب البته باجهارو مهربان آهي. جنهن پنهنجي رحم ۽ رافت سان اوهان کي اهڙيون سهوليتون عطا ڪيون آهن "وَّالۡخَيۡلَ وَالۡبِغَالَ وَالۡحَمِيۡرَ لِتَرۡكَبُوۡهَا وَزِيۡنَةً" ۽ گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏهه (به ان پيدا ڪيا آهن) تانته انهن تي سواري ڪيو ۽ (انهن کي پنهنجي لاءِ) سينگار سمجهو. هتي گهوڙن کي خچرن ۽ گڏهن سان گڏ آڻڻ مان ثابت ٿيو ته گهوڙا به صرف سواريءَ ۽ سينگار جي لاءِ پيدا ڪيل آهن ۽ کائڻ جائز ناهن علامه احمد جيون عليه الرحمة لکيو آهي ته: ان هذه الاية هي التي احتج بها ابو حنيفة في حرمة الخيل والبغال والحمير (١) علامه نسفيءَ به ائين لکيو آهي. (٢)

"وَيَخۡلُقُ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ" ۽ اهي پيدا ڪندو جيڪي اوهان نه ٿا ڄاڻو. ان ۾ اهي سڀئي سواريون، جهاز، ٽرينون، ٽرڪون، موٽر، ڪارون وغيره داخل آهن جيڪي قديم زماني ۾ موجود نه هيون ڇوته انهن سڀني شين جو حقيقي خالق اهوئي آهي اهي شيون جن انسانن ناهيون آهن اهي انسان بهالله جل شانه پيدا ڪيا آهن ۽ جانورن جي پيدا ڪرڻ جي لاءِ "خَلَقَ" ماضيءَ جو صيغو آڻي ۽ "مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ" جي پيدا ڪرڻ جي لاءِ "يَخۡلُقُ" مضارع جو صيغو آڻڻ ۾ به ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته موجوده دور واريون نئين ايجادات کانسواءِ به اڃان الاءِ ڇا ڇا پيدا ٿيندو؟ پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. "وَعَلَى اللّٰهِ قَصۡدُ السَّبِيۡلِ وَمِنۡهَا جَآئِرٌ" ۽ الله ڏانهن سڌو رستو آهي ۽ ڪي انهن مان غلط رستا آهن. مطلب ته مذڪوره ۽ لاحقه دلائل مان دين جو سڌو رستو جيڪو الله جل شانه ڏانهن پهچائي ٿو روشن ۽ واضح ٿي چڪو آهي ۽ ڪي ان جي خلاف اهڙا

(١) التفسيرات الاحمدية صـ ٤٩٢ (٢) مدارک صـ ٢٨١ جزءِ ٢

رستا بہ آهن جيڪي غلط ۽ حق کان پري آهن ۽ انهن تي هلڻ وارو ڪڏهن بہ واصل الي الله ٿي نہ سگهندو جيئن يهوديت،نصرانيت، مرزائيت يا مسلمان سڏائيندڙن مان گمراهہ ۽ گستاخ ٽولا ۽ فرقا. جيڪي الله جل شانه حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام ، اصحاب ڪرام، اولياءِ عظام ۽ رباني علماء جي احترام ۽ عزت کي ڪفر ۽ شرڪ سمجهي يا انهن تي بهتان هٽي ماڻهن کي بي ادب بنائيندا وتن ٿا " وَلَوْ شَآءَ لَهَدَاكُمْ اَجْمَعِيْنَ " ۽ جيڪڏهن گهري ها تہ اوهان سڀني کي سڌي واٽ تي هلائي ها. پر اهو ان کي سڌي واٽ نصيب ڪندو آهي جنهن جي دل ۾ ان لاءِ تڙپ ۽ طلب هوندي آهي. مقصد تہ رب العزة جل شانه ڪنهن کي مجبور ڪري سڌي رستي تي هلائي تہ هلائي سگهي ٿو پر سندس حڪمت جي تقاضا اها آهي تہ ٻانهي کي مجبور ڪرڻ جي بجاءِ اختيار ڏنو وڃي تانتہ پلي واٽ وٺي ثواب ۽ اجر جو حقدار بنجي. صراط مستقيم وٺندو تہ جنت ۾ ويندو غلط رستو وٺندو تہ جهنم جي حوالي ٿيندو. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١-: "فِيْهَا جَمَالٌ" (انهن ۾ سينگار آهي) مان ثابت ٿيو تہ جائز طريقي سان سينگار ۽ سونهن ڪرڻ جائز آهي پلو ڪپڙو پائڻ، پلو ڪاڌو گوشت وغيره کائڻ، پلي سواري رکڻ شرعًا منع ناهي. ٢-: علماءِ اسلام کي حق جو پيغام پهچائڻ لازم آهي ان مان ڪو هدايت حاصل ڪري يا نہ ڪري اهو خيال ڪري تہ ماڻهو هدايت حاصل نہ ٿا ڪن حق نہ چوڻ غلط آهي. ٣-: گهوڙن، خچرن ۽ گڏهن جي پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ "لِتَرْكَبُوْهَا وَزِيْنَةً" آڻي اهو اشارو ڪيو ويو آهي تہ اهي صرف سواريءَ ۽ سونهن لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن انهن جو کائڻ منع آهي. حضرت امام ابوحنيفه عليه الرحمہ جو اهو تحقيق آهي گهوڙي جو حرام هجڻ ڪيترين حديثن مان ثابت آهي. (٢)

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّكُمْ مِّنْهُ شَرَابٌ

اهو (الله) ئي آهي جنهن لاٿو آسمان کان پاڻي اوهان جي لاءِ ان مان پيئڻ جو آهي ۽ ان مان جهنگ

وَّمِنْهُ شَجَرٌ فِيْهِ تُسِيْمُوْنَ ⑩ يُنْۢبِتُ لَكُمْ بِهِ الزَّرْعَ

(پيدا ٿيندو) آهي ان ۾ مال چاريندا آهيو جمائي ٿو اوهان لاءِ ان سان پوک

(١) معارف القرآن ص ٣١٠ جلد ٥ (٢) نعيمي صـ ١٧٥ جلد ١٤

وَالزَّيْتُوْنَ وَالنَّخِيْلَ وَالْاَعْنَابَ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرَاتِ ط

۽ زيتون ۽ کجيون ۽ انگور ۽ هر قسم جا ميوا

اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ⑪ وَسَخَّرَ

بيشڪ ان ۾ البته نشاني آهي ان قوم جي لاءِ جيڪي پروڙين ٿا ۽مطيع ڪيائين

لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لا وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ط وَالنُّجُوْمُ

اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا

مُسَخَّرَاتٌ م بِاَمْرِهٖ ط اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

تابع ڪيل آهن امر ان جي سان بيشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ

يَّعْقِلُوْنَ ⑫ لا وَمَاذَرَاَ لَكُمْ فِى الْاَرْضِ مُخْتَلِفًا

جو عقل رکن ٿا ۽ اهو جو پيدا ڪيائين اوهان جي لاءِ زمين ۾ مختلف آهن

اَلْوَانُهٗ اِنَّ فِىْ ذَالِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ⑬

رنگ ان جا بيشڪ ان ۾ البت نشاني آهي ان قوم جي لاءِ جو نصيحت قبول ڪن ٿا.

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ جانورن جي پيدا ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انسان جي زندگيءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻين شين جو ذڪر ڪيو ويو آهي: فرمان مبارڪ آهي " وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّكُمْ مِّنْهُ شَرَابٌ وَّمِنْهُ شَجَرٌ فِيْهِ تُسِيْمُوْنَ " اهو (الله جل شانه) تہ آهي جنهن اوهان جي لاءِ آسمان مان پاڻي لاٿو ان مان پيئڻ لاءِ بہ آهي ۽ ان سان جهنگ (ڇمي ٿو) جنهن ۾ مال چاريو ٿا. مطلب تہ رب العزة جل شانه انسان جي نشو و نما جي سيني تقاضائن کي پوريءَ طرح پيدا ڪيو

آهي. انساني حيواني ۽ نباتاتي زندگيءَ جو دارومدار پاڻيءَ تي آهي تہ اهو ان لاءِ پيدا ڪيائين. انسان اهو پيئندو بہ آهي تہ ان جي ذريعي اهڙو جهنگ چمندو آهي جنهن ۾ انسان مال چاريندو آهي. "يُنۢبِتُ لَكُمۡ بِهِ ٱلزَّرۡعَ وَٱلزَّيۡتُونَ وَٱلنَّخِيلَ وَٱلۡأَعۡنَٰبَ وَمِن كُلِّ ٱلثَّمَرَٰتِۚ" ان مان اوهان جي لاءِ پوک ۽ زيتون ۽ ڪجيون ۽ انگور ۽ هر قسم جا ميوا ڄمائيندو آهي ۽ اهي سيئي شيون انسان جي فائدي واريون آهن " إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَأٓيَةً لِّقَوۡمٍ يَتَفَكَّرُونَ" بيشڪ انهيءَ ۾ ان قوم جي لاءِ نشاني آهي جيڪي پروڙين ٿا. مطلب تہ مذڪوره مختلف شين جي پيدا ڪرڻ ۾ پروڙڻ وارن جي لاءِ الله جل شانه جي خالق، مالڪ هجڻ ۽ ان جي هڪ هجڻ جي بہ نشاني ۽ دليل آهي. "وَسَخَّرَ لَكُمُ ٱلَّيۡلَ وَٱلنَّهَارَ وَٱلشَّمۡسَ وَٱلۡقَمَرَۖ وَٱلنُّجُومُ مُسَخَّرَٰتُۢ بِأَمۡرِهِۦٓۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَأٓيَٰتٖ لِّقَوۡمٖ يَعۡقِلُونَ" ۽ اوهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ مسخر ڪيائين ۽ تارا ان جي امر سان تابعدار آهن يقينًا ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي عقل رکن ٿا. مطلب تہ عقل وارا انهن سيني ۾ غور ڪندا تہ ڪين رب العزة جل شانه جي قدرت جون ڪيتريون ڪليل نشانيون ۽ دليل سامهون ايندا ۽ انهن کي ڏسي ڪري اهو فيصلو ڏيندا تہ اهوئي هڪ عبادت جو حقدار آهي. (١) "وَمَا ذَرَأَ لَكُمۡ فِي ٱلۡأَرۡضِ مُخۡتَلِفًا أَلۡوَٰنُهُۥٓۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَأٓيَةٗ لِّقَوۡمٖ يَذَّكَّرُونَ" ۽ جيڪي اوهان لاءِ زمين ۾ پيدا ڪيائين ان جا رنگ مختلف آهن يقينًا ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشاني آهي جيڪي نصيحت حاصل ڪن ٿا. يعني دنيا ۾ اوهان جي فائدي لاءِ جن جن مختلف قسمن جي رنگ وارين شين کي الله تعالىٰ پيدا ڪيو آهي تن سيني ۾ نصيحت قبول ڪندڙ ماڻهن جي لاءِ وڏي نشاني آهي اهي سمجهن ٿا تہ هي سڀ ڏٽي تعالىٰ جي قدرت جا عجيب ڪرشما آهن.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١-: "يُنۢبِتُ لَكُم بِهِ ٱلزَّرۡعَ" (ان سان اوهان جي لاءِ پوکون ٿو ڄمائي) مان واضح ٿيو تہ معاشي ترقيءَ لاءِ پوکون نهايت اهم آهن باغ لڳائڻ بہ سٺي شيءِ آهي پر پوکن جي ان کان وڌيڪ ضرورت آهي ڇوتہ ان سان اناج پيدا ٿئي ٿو جيڪو انسان جي زندگيءَ جي وڏي ضرورت آهي. ٢-: "سَخَّرَ لَكُمُ" (اوهان لاءِ مطيع ڪيائين) آيت تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو تہ

(١) اضواءُ البيان صـ ٢٢٤ جلد ٣

رب العزة جل شانه جهان جو سارو نظام پانهن لاءِ ناهيو آهي. ان جي ڪري پانهن کي بہ سندس شڪر ۾ ذڪر ۾ رهڻ گهرجي ۽ مصطفیٰ ڪريم عليه الصلواة والسلام سان والهانہ محبت ۽ عشق رکي سندس سنت جي اتباع ڪري الاهي قرب حاصل ڪرڻ گهرجي ڇوتہ عشق مصطفوي عليه الصلواة والسلام ڪانسواءِ ايمان ئي ڪامل نہ رهندو تہ الاهي قرب ڪيئن نصيب ٿيندو.

وَهُوَ الَّذِيْ سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَاْكُلُوْا مِنْهُ لَحْمًا طَرِيًّا وَّتَسْتَخْرِجُوْا

۽ اهو (الله) ئي آهي جنهن مطيع ڪيو سمنڊ کي تانت ڪائو ان مان گوشت تازو (مڇي) ۽ ڪيو ٿا

مِنْهُ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا

ان مان زيور (موتي) ڏيکيو ٿا انهن کي ۽ ڏسندين ٻيڙيون پاڻي چيري هلنديون ان ۾ ۽ تانت طلب ڪيو

مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٤﴾ وَاَلْقٰى فِى الْاَرْضِ رَوَاسِيَ

فضل ان جو ۽ تانت اوهان شڪر ڪندا ڪيو ۽ ڪوڙيائين زمين ۾ بلند مضبوط جبل

اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَاَنْهٰرًا وَّسُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥﴾

متان ڌبي اوهان سان ۽ نهرون ۽ واٽون (ناهيائين) تانت اوهان هدايت وارا ٿيو

وَعَلٰمٰتٍ ۭ وَبِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿١٦﴾ اَفَمَنْ يَّخْلُقُ كَمَنْ

۽نشانيون (پيدا ڪيائين) ۽ تارن سان اهي هدايت حاصل ڪن ٿا ڇا پوءِ جيڪو پيدا ڪري ٿو ان وانگر آهي جيڪو

لَّا يَخْلُقُ ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٧﴾ وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ

پيدا نہ ٿو ڪري ڇا پوءِ نہ ٿا نصيحت وٺو ۽ جيڪڏهن ڳڻيندؤ الله جي نعمتن کي

لَا تُحْصُوْهَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨﴾

تہ نہ ڳڻي سگهندؤ انهن کي بيشڪ الله البت بخشڻهار مهربان آهي.

تفسير

هنن کان پهريان مذکوره آيتن ۾ آسماني ۽ زمين وارين نعمتن جو ذکر هو ۽ هتي سمنڊ ۽ دريائن وارين نعمتن جو بيان کندي ارشاد ٿيو آهي " وَهُوَ الَّذِيْ سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَاْكُلُوْا مِنْهُ لَحْمًا طَرِيًّا " ۽ اهو (الله) ئي ته آهي جنهن سمنڊ کي (اوهان جي لاءِ) مطيع بنايو تانته ان مان تازو گوشت (مڇي وٺي) کائو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته الله جل شانه پانهن جي لاءِ سمنڊ ۽ درياءَ به مطيع ڪري ڇڏيا آهن جو ڪي انهن مان مڇي ۽ پلا ماريو اچن ٿا ته ڪي انهن ۾ ٻيڙيون پيا هلائين. " وَتَسْتَخْرِجُوْا مِنْهُ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ " ۽ ان مان زيور ڪڍو ٿا جيڪي ڍڪيو ٿا. مفسرن لکيو آهي ته: ان زيور مان مراد موتي ۽ مرجان آهن جن کي مرد به استعمال ڪري ته جائز آهي (١) " وَتَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ فِيْهِ " ۽ ان ۾ ٻيڙين کي پاڻي چيري هلندڙ ڏسندين. هي به ان ڪريم جو ڪرم آهي جو ايڏي وڏي پاڻيءَ کي ٻيڙيون چيري هيڏي هوڏي سلامتيءَ سان هلي رهيون آهن. " وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ " ۽ تانته ان جي مهربانيءَ مان طلب ڪيو ۽ تانته اوهان شڪر ڪندا ڪيو. يعني ٻيڙيون درياءَ ۾ هيڏي هوڏي واپار ۽ ڪاروبار لاءِ هلن ٿيون. اوهان انهن جي ذريعي الله جو فضل طلب ڪري شڪر ڪندا رهو " وَاَلْقٰى فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ " ۽ زمين ۾ مضبوط ۽ بلند جبل کوڙيائين ته متان اها اوهان کي ڌوڏي (۽ لوڏي) مطلب ته ممڪن هو جو زمين ڌڏي ۽ لڏي ها ۽ اوهان کي تڪليف اچي ها پر رب العزة جل شانه ڪرم ڪري ان تي وڏا وڏا مضبوط جبل اهڙا کوڙي ۽ کپائي ڇڏيا آهن جو هرويرو نه ڌڏي ٿي نه لڏي ٿي. " وَاَنْهٰرًا وَّسُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ " ۽ نهرون ۽ رستا (بنايائين) ته من اوهان هدايت وارا ٿيو. مطلب ته زمين ۾ وهندڙ نهرون به الله تعالىٰ رکايون آهن جن جي ذريعي آباديون ٿين ٿيون ۽ واٽون ۽ رستا به ان رکايا آهن تانته اوهان غور ڪري سڌو رستو وٺو ۽ الله جا شڪر گذار ٻانها بڻجو " وَعَلٰمٰتٍ " ۽ نشانيون. مطلب ته جبلن، جهنگلن، بيابانن ۽ دريائن ۾ اهڙيون نشانيون رکايون اٿس جن جي ذريعي انسان منزل مقصود تي آسانيءَ سان پهچي ٿو.

(١) تنوير الايمان صـ ٣٠ پ ١٤

"وَبِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ" ۽ تارن سان اهي هدايت حاصل ڪن ٿا يعني مسافر ۽ ٻيڙيون هلائڻ وارا رات جو تارن جي وسيلي رستو لهن ٿا. اهي سڀ الله جون مهربانيون آهن. "اَفَمَنْ يَّخْلُقُ كَمَنْ لَّا يَخْلُقُ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ" ڇا پوءِ جيڪو پيدا ڪري ٿو ان جهڙو آهي جيڪو پيدا نه ٿو ڪري. ڇا پوءِ نصيحت نه ٿا وٺو؟ يعني الله جل شانه ساري ڪائنات جو خالق آهي ۽ ٻت ڪابه شيءِ پيدا ڪري نه ٿا سگهن. ڇا پيدا ڪندڙ نه پيدا ڪندڙ جي برابر آهي؟ ڪڏهن به نه خالق حقيقي ئي عبادت جو لائق آهي ٻيو ڪوبه عبادت جو مستحق ۽ لائق ناهي. اوهان اجان به نصيحت نه ٿا وٺو؟ حالانڪ نصيحت حاصل ڪرڻ جو موقعو ته اوهان کي مليو آهي. "وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا" ۽ جيڪڏهن اوهان الله جون نعمتون ڳڻينداؤ ته ڳڻي نه سگهنداؤ. يعني الله تعالىٰ جون نعمتون بي حساب ۽ بي شمار آهن. جيڪڏهن اوهان انهن کي ڳڻڻ جي ڪوشش به ڪيو ته به ڳڻي پوريءَ نه پوندو. اوهان کي گهرجي ته اوهان پنهنجي حقيقي منعم کي سڃاڻي ان جي شڪر ۾ لڳا رهو "اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" بلاشڪ الله يقينًا بخشڻهار مهربان آهي. مطلب ته اوهان ان جي نعمتن جو ڪٽي پورو شڪريو ادا نه ٿا ڪري سگهو تنهن هوندي به اهو اوهان جا قصور بخشي رحم ڪري اوهان کي نعمتن سان مالامال ڪندو ٿو رهي.

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ⑲ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ

۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪيو ٿا ۽ جن جي عبادت ڪن ٿا

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ⑳ اَمْوَاتٌ

الله کان سواءِ نه ٿا پيدا ڪن ڪا شيءِ ۽ اهي پاڻ پيدا ڪيا ويا آهن مئل آهن

٢ ع ١٢ ٨ غَيْرُ اَحْيَاۗءٍ ۚ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۙ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ㉑ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ

ناهن جيئرا ۽ نه ٿا شعور رکن ته ڪڏهن اٿاريا ويندا معبود اوهان جو معبود

وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ

هڪ آهي پوءِ اهي جو نه ٿا ايمان آڻين آخرت تي دليون انهن جون انڪار ڪندڙ آهن

وَّهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٢٢﴾ لَاجَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ

۽ اهي تڪبر ڪندڙ آهن بلاشڪ يقينًا الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائين ٿا

وَمَا يُعْلِنُوْنَ ؕ اِنَّهٗ لَايُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ﴿٢٣﴾

۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا بيشڪ اهو نہ ٿو محبت رکي پاڻ کي وڏو سمجهندڙن کي.

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ هزارين قسم جي نعمتن ۽ انهن جي پيدا ڪرڻ جو اجمالي ذڪر ڪيو ويو ۽ هتي انهن جي پيدا ڪندڙ رب العزة جل شانہ جي علم جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي "وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ" ۽ جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪيو ٿا الله (اهو سڀ ڪجهہ) ڄاڻي ٿو. مطلب تہ الله جل شانہ جو ايڏو وسيع علم آهي جو اوهان جي ڪابہ لڪل يا ظاهر ڳالهہ ان کان پوشيده ناهي "وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَايَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ" ۽ الله کانسواءِ جن جي عبادت ڪيو ٿا اهي ڪابہ شيءِ پيدا ڪري نہ ٿا سگهن اهي پاڻ ٿي (ٻين جا) ناهيل (يا پيدا ڪيل) آهن "يَدْعُوْنَ" -جي معنىٰ يعبدون علامه آلوسيءَ ۽ علامہ شوڪاني هن آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: الله جل شانہ هتي ڪافرن جي بتن جو عاجز هجڻ بيان ڪندي ٻڌايو آهي تہ: جڏهن اهي ڪابہ شيءِ پيدا نہ ٿا ڪري سگهن بلڪ پنهنجي نهڻ ۾ ٻين جا محتاج آهن تہ اهي ڪيئن عبادت جا لائق ٿي سگهندا. (١) ڪي ڪي عالم هيءَ آيت يا اهڙيون ٻيون آيتون پڙهي انهن مان الله جل شانہ جا نبي سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام ۽ اولياءِ پلارا مراد وٺندا آهن اهو غلط آهي. "اَمْوَاتٌ غَيْرُ اَحْيَاۤءٍ" مئل آهن جيئرا ناهن. يعني جن بتن کي پوڄين ٿا انهن ۾ نہ ارواح آهن نہ اهي ٻڌن ٿا ۽ نہ ڏسن ٿا بي ساهہ جمادات آهن تہ انسان جيڪي انهن کان حياتيءَ واري نعمت سان نوازيل آهن سي سندن عبادت ڇوٿا ڪن؟(٢)

(١) فتح القدير صـ ١٥٦ جلد ٣. روح المعاني صـ ١١٩ جزء١٤ جلد ٥ (٢) القرطبي صـ ٩٤ جلد ١٠.

" وَمَا يَشْعُرُوْنَ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ " ۽ نہ ٿا سمجھن تہ ڪڏھن اٿاريا ويندا. مقصد تہ اهي بي شعور پٿر وغيره عبادت جا لائق ئي ناهن. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ: انهن بي ساهہ بتن کي قيامت جي ڏينهن عارضي طور ساهہ وارو بنائي شيطانن کي بہ ساڻن گڏ ٻڌي ڪانئن پڇيو ويندو تہ ڇا اوهان عبادت جا لائق هيئو؟ اهي پنهنجن پوڄاري ڪافرن کان ۽ انهن جي عبادت کان بيزاري ظاهر ڪندا بعد ۾ بتن، شيطانن سان گڏ مشرڪن کي بہ جهنم جي باهہ ۾ وڌو ويندو. (١) "اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ" اوهان جو معبود هڪ معبود آهي. مٿي دلائل بيان ڪري هن حصي ۾ اصل مقصد بيان ڪيو ويو آهي تہ الله وحده ئي اوهان جو معبود آهي جنهن جي عام ربوبيت، وسعت علمي ۽ ڪائنات جي ذري ذري کي ڏسڻ جا ڪيترا دلائل ۽ شاهد اوهان ڏسي چڪا آهيو. ان ڪان سواءِ آسمانن ۽ زمينن ۾ ڪا بہ اهڙي ٻي شيءِ ناهي جيڪا اوهان جو معبود ٿي سگهي.

"اَلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ" پوءِ جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين انهن جون دليون انڪار ڪندڙ آهن ۽ اهي پاڻ کي وڏو سمجهندڙ آهن. مقصد تہ ڪافرن جون دليون اهڙيون تہ منڪر بنجي چڪيون آهن جو انهن کي نہ ته وعظ اثر ڪري ۽ نہ منجهن ذڪر تو داخل ٿئي ۽ پاڻ کي وڏو سمجهي ايترو تڪبر ڪن ٿا جو حق قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهن. " لَا جَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ؕ " جيڪي بہ لڪل ۽ ظاهر ڪن ٿا بلاشڪ، يقيناً الله ڄاڻي ٿو لاجرم جي معنىٰ تحقيق (٢) مطلب تہ الله جل جلالہ جي نعمتن ۽ معبود بالحق هجڻ جو انڪار دل ۾ رکيو ويٺا آهن ۽ عبادت ڪان نفرت ۽ نبي پاڪ عليه الصلٰوة والسلام جي اتباع ڪان ڪليل انحراف ڪن ٿا الله تعالىٰ اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. "اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ" يقيناً اهو تڪبر ڪندڙن (پاڻ کي وڏو سمجهندڙن) سان محبت نہ ٿو رکي. بلڪ انهن سان سخت بغض ٿو رکي ۽ سندن عمل جي مطابق کين سزا بہ ڏيندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١-: "وَهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ" (۽ اهي تڪبر ڪندڙ آهن) مان ثابت ٿيو تہ تڪبر ڪرڻ ڪافرن جو ڪم آهي مومن جو ڪم ناهي جيڪو مومن تڪبر ڪندو اهو ايمان جي خلاف حرڪت ۾ مصروف آهي ايمان ڪامل ڪانِ محروم ٿي ويندو. ٢-: "مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ" جيڪي لڪائي ٿا ڪن ۽

(١) ايسر التفاسير صـ ٥٢٤ جلد ٢ (٢) تيسير الكريم الرحمان صـ ٢٨ جلد ٣

جيڪي ظاهر ٿا ڪن (سڀ الله ڄاڻي ٿو) مان واضح ٿيو تہ مومن ڪي باطنَ ۽ ظاهر
ٻئي صحيح رکڻا آهن ٻنهي تي رب پاڪ جي نظر آهي. ڪو ماڻهو دعوىٰ ڪري تہ
مان اندر ۾ صاف آهيان درويش فقير آهيان ۽ ظاهر ۾ شرعي حدن جي پائبندي نہ
ڪري تہ اهو غلط ۽ گمراهہ آهي فقير نہ پر نفس ۽ شيطان جو تابعدار آهي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ مَّاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ۙ قَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۙ﴿٢٤﴾

۽ جڏهن چيو ويو انهن کي تہ ڇا نازل ڪيو آهي رب اوهان جي تہ چيائون آڳاٽيون پهرين جون

لِيَحْمِلُوْٓا اَوْزَارَهُمْ كَامِلَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۙ وَمِنْ اَوْزَارِ

تانت کڻن بار پنهنجا پورا قيامت جي ڏينهن ۽ انهن جي بارن مان

الَّذِيْنَ يُضِلُّوْنَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۭ اَلَا سَاۗءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿٢٥﴾ ع

جو گمراهہ ڪن ٿا، انهن کي علم ڪانسواءِ خبردار برو آهي جيڪو بار کڻندا

قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتَى اللّٰهُ بُنْيَانَهُمْ

تحقيق مڪر ڪيو انهن جو اڳ انهن کان هئا پوءِ آيو (امر) الله جو عمارتن انهن جي تي

مِّنَ الْقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيْهِمُ السَّقْفُ مِنْ فَوْقِهِمْ

پيڙهين کان پوءِ ڪري پيون انهن تي ڇتيون مٿان انهن جي

وَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾

۽ آيو انهن تي عذاب اتاهين جو نہ پيا سمجهن.

تفسير

هنن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي برن عقيدن جو بيان هو تہ
اهي بي ساهہ بتن کي پوڄين ٿا ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ بتن جي پوڄا سان گڏ

الله جل شانه جي پياري قرآن پاڪ جي لاءِ به گستاخانه ٻول ٻوليندا هئا. فرمان عالي شان آهي. "وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ مَاذَآ أَنزَلَ رَبُّكُمْ قَالُوٓا أَسَاطِيرُ الْأَوَّلِينَ" ۽ جڏهن انهن کي چيو ٿو وڃي ته اوهان جي رب ڇا نازل فرمايو آهي؟ ته (جواب ۾) چون ٿا پهرين جون آکاڻيون (قصا ۽ ڪهاڻيون) مقصد ته اهي ڪافر ايترا ضدي ۽ متڪبر هئا جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن کان قرآن ڪريم جي متعلق پڇندو هو ته: رب العزة جل جلاله ڇا نازل فرمايو آهي ته قرآن پاڪ جي الهامي مضمونن، معنائن، خوبين ۽ ڀلاين تي غور ڪرڻ ڪانسواءِ قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيل اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جي امتن جي واقعن کي بيان ڪري چوندا هئا ته اهو ته صرف اڳين جون آکاڻيون، قصا ۽ ڪهاڻيون آهن. (١) "لِيَحْمِلُوٓا أَوْزَارَهُمْ كَامِلَةً يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَمِنْ أَوْزَارِ الَّذِينَ يُضِلُّونَهُم بِغَيْرِ عِلْمٍ أَلَا سَآءَ مَا يَزِرُونَ" تانته قيامت جي ڏينهن پورا پورا پنهنجا ۽ جن کي علم ڪانسواءِ گمراهه ڪن ٿا انهن جا بار کڻن. خبردار جيڪو بار کڻندا نهايت بڇڙو آهي. مطلب ته ڪافرن جي مٿئينءَ گفتگو جو نتيجو اهو نڪرندو اهي ڪافر قيامت جي ڏينهن پنهنجن سمورن گناهن جو ڳرو بار ته مٿي تي کڻندا پر بي علميءَ ۽ بي سمجهائيءَ جي ڪري جيترن بين ماڻهن کي گمراهه ڪندا تن جي گناهن جو بار به مٿن پوندو خبردار! اهو بار ڪيترو نه بڇڙو هوندو جيڪو کڻندا. امام احمد ۽ مسلم ۽ اصحاب السنن الاربعة حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو: جيڪو ماڻهو هدايت ڏي سڏي ٿو ته ان لاءِ انهن سڀني جي ثوابن جيترو ثواب هوندو جن سندس تابعداري ڪئي پر ان جي ڪري تابعداري ڪندڙن جي ثواب مان ڪجهه به گهٽايو نه ويندو ۽ جيڪو گمراهيءَ ڏانهن سڏي ٿو ان جي مٿان سندس تابعداري ڪندڙن جو گناهه به هوندو ۽ ان جي ڪري انهن جي گناهن مان ڪجهه به گهٽايو نه ويندو. (٢)

"قَدْ مَكَرَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ فَأَتَى اللَّهُ بُنْيَانَهُم مِّنَ الْقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيْهِمُ السَّقْفُ مِن فَوْقِهِمْ وَأَتَاهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُونَ" يقينًا انهن به مڪر ڪيو هو جيڪي ڪانئن اڳ ۾ هئا پوءِ سندن عمارتن کي پاڙان پٽڻ جي لاءِ الله (جو امر) آيو پوءِ انهن تي

(١) حقاني ص ١٩ جلد ٥ (٢) المظهري صـ ٣٣٥ جلد ٥

مٿان ڇتيون ڪري پيون ۽ انهن وٽ اتاهين عذاب آيو جتان سمجهي نہ سگهيا. يعني ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ ۽ حق جي پيغام کي هيٺ ڪرڻ جي لاءِ جيڪي تدبيرون هلندڙ دور جا ڪافر ڪن ٿا انهن کان اڳ ۾ آيل قومن بہ پنهنجن پنهنجن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي مقابلي ۾ اهڙيون تدبيرون ڪيون هيون ۽ مڪر ۽ ڏوڪي ڏيڻ جا وڏا وڏا محل تعمير ڪيا هيائون پر جڏهن الله جل شانه جو حڪم پهتو تہ ان سندن ڏوڪي وارن محلاتن جون اهڙيون پاڙون ڪڍيون جو مڪر ۽ فريب واريون ڇتيون مٿن ڪري پيون ۽ سندن نڳيون ۽ ڏوڪا هميشه لاءِ ختم ٿي ويا پر بعضي قومن جا ڳوٺ تہ حسي طور بہ ڪري تباهہ ٿي ويا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١-: " قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ " (انهن کان اڳين بہ مڪر ڪيا هئا) مان واضح ٿيو تہ هر مڪر ۽ فريب تہ برو آهي پر الله جل شانه ۽ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي خلاف مڪر ۽ فريب نهايت خراب آهي ۽ ان جي سزا بہ نهايت سخت آهي. ٢-: تفسير دوران ذڪر ڪيل حديث مان ثابت ٿيو تہ گمراهيءَ ڏانهن سڏيندڙن کي سندن پوئلڳن جي سزا بہ ملندي پر انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ رباني علماء کي بہ سندن تابعداري ڪندڙ جي نيڪ عملن جي ثواب جيترو ثواب ملندو. ٣-: " كَامِلَةً " (ڪافرن کي پوري پوري سزا ملندي) مان واضح ٿيو تہ مسلمانن گنهگارن کي پوري پوري سزا نہ ملندي پر سندن ڪجهہ گناهہ شفاعت سان تہ ڪجهہ پويان رهيلن جي دعا ۽ ايصال ثواب سان بخش ڪيا ويندا يا هلڪا ٿيندا. ٤-: " قَالُوْا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ " (چيائون تہ پهرين جون آکاڻيون آهن) مان اشارتًا ثابت ٿئي ٿو تہ: جيڪڏهن ڪو ڪو محقق عالم ڪا حديث يا روايت پيش ڪري تہ ٻڌڻ وارو تحقيق ڪرڻ کان سواءِ هڪدم انڪار نہ ڪري بلڪ ڪتب حديث جي مطالعہ ڪري پوءِ جيڪڏهن غلط نظر اچي تہ پلي غلط چوي. ٥-: " يُضِلُّوْنَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ " (انهن کي علم کانسواءِ گمراهہ ٿا ڪن) مان ثابت ٿيو تہ بي علم جاهل قطعًا دين جي تبليغ نہ ڪري ڇوتہ جاهل غلط مسئلا بيان ڪندو صحيح بيان ڪري نہ سگهندو. (١)

(١) نعيمي صـ ٢٢٤ جلد ١٤

ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰـمَةِ يُخْزِيْهِمْ وَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِ يَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ

تنهن کان پوءِ قيامت جي ڏينهن خوار ڪندو انهن کي ۽ فرمائيندو ڪٿي آهن شريڪ منهن جا جو

تُشَآقُّوْنَ فِيْهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اِنَّ الْخِزْيَ الْيَوْمَ

جهيڙو ٿي ڪيو اوهان انهن جي باري ۾ چيو انهن جو ڏنا ويا علم بيشڪ خواري اڄوڪي ڏينهن ۾

وَالسُّوْٓءَ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٧﴾ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ

۽ برائي ڪافرن تي آهي. اهي جو وفات ڪرائيندا انهن کي ملائڪ (انحال ۾ جو) ظلم ڪندڙ هوندا

اَنْفُسِهِمْ ۠ فَاَلْقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعْمَلُ مِنْ سُوْٓءٍ ؕ بَلٰٓى اِنَّ اللّٰهَ

نفسن پنهنجن تي پوءِ ظاهر ڪندا تسليم ڪرڻ ڪي تہ نہ ٿي ڪئي سون ڪا برائي هائو بيشڪ

عَلِيْمٌۢ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ

الله ڄاڻندڙ آهي اهو سڀ ڪجهہ جيڪو ڪندا هيئو پوءِ داخل ٿيو دروازن جهنم جي کان هميشه رهندڙ

فِيْهَا ؕ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٢٩﴾

ان ۾ پوءِ البت بري آهي جاءِ هٺيلين جي.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ اڳين امتن،مان مشرڪن تي دنيا ۾ آيل عذابن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن تي آخرت ۾ اچڻ وارن عذابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. فرمان الاهي آهي " ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰـمَةِ يُخْزِيْهِمْ وَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِ يَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تُشَآقُّوْنَ فِيْهِمْ" تنهن کان پوءِ قيامت جي ڏينهن انهن کي خوار ڪندو ۽ فرمائيندو تہ اوهان جا باطل معبود ڪٿي آهن جن کي مون سان شريڪ بنائي انهن جي حمايت ۾ منهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام سان جهيڙو ڪنداهيئو؟ اهي اوهان

جي مدد چونہ ٿا ڪن؟ " قَالَ الَّذِينَ اُوتُوا الْعِلْمَ اِنَّ الْخِزْيَ الْيَوْمَ وَالسُّوْٓءَ عَلَي الْكٰفِرِيْنَ " جيڪي علم ڏنا ويا اهي چوندا تہ يقينًا اڄ خواري ۽ برائي ڪافرن تي آهي. مطلب تہ اهي ڪافر تہ ڪو بہ جواب نہ ڏيندا پر انهن جي اها حالت ڏسي اهل علم، انبياءِ عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جا تابع جواب ڏيندي عرض ڪندا تہ اڄ ساري برائي ۽ خواري انهن ڪافرن تي پئي آهي جن حق جي مڃڻ ڪان انڪار ڪيو هو. " اَلَّذِيْنَ تَتَوَفّٰهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيٓ اَنْفُسِهِمْ " جن کي ملائڪ ان حال ۾ وفات ڪرائين ٿا جو اهي پنهنجن سرن تي ظلم ڪندڙ آهن. يعني مرڻ تائين ڪفر ڪري پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪندا رهن ٿا " فَاَلْقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعْمَلُ مِنْ سُوْٓءٍ " پوءِ (تابعداري ۽) تسليم ظاهر ڪندا تہ اسين ڪا بہ برائي نہ ڪنداسون مقصد تہ اڳيون شرارتون، متڪبرانہ ڪيفيتون سڀ ختم ٿي ويندين ۽ پاڻ کي تسليم ڪندڙ ظاهر ڪري چوندا تہ اسين تہ ڪابرائي نہ ڪنداهئاسون " بَلٰٓي اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ " هائو- جيڪو بہ اوهان ڪندا هيئو يقينًا الله سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ آهي هاڻي ڪوڙ ڇو ٿا هڻو؟ اهي چالاڪيون ۽ چالبازيون الله تعالىٰ سان هلي نہ سگهنديون. " فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ " پوءِ جهنم جي دروازن ڪان (ان ۾) داخل ٿيو پوءِ البتہ هٺيلن جي جاءِ نهايت بري آهي. يعني ڪافرن کي چيو ويندو تہ اوهان جهنم ۾ ان جي دروازن ڪان اندر وڃو ان ۾ هميشہ رهيا پيا هوندئو، جهنم متڪبرن ۽ هٺيلن ماڻهن جي هميشہ رهڻ لاءِ ڪيتري بري جاءِ آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- " ثُمَّ يُخْزِيْهِمْ " (تنهن ڪان پوءِ انهن کي خوار ڪندو) ۾ ڪافرن جي خوار ڪرڻ جو خاص ذڪر ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ رب العزت جل جلالہ مومنن کي خوار ڪرڻ ڪان محفوظ رکندو، قيامت ۾ اهي عزت ۽ وقار سان هوندا. ٢- " تَتَوَفّٰهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيٓ اَنْفُسِهِمْ " (انهن کي ملائڪ ان حال ۾ وفات ڪرائيندا جو اهي پنهنجن نفسن تي ظلم ڪندڙ هوندا) مان واضح ٿيو تہ اصل ڪافر اهو آهي جنهن جو موت ڪفر تي ٿئي پر جيڪو شروع ۾ تہ ڪافر هو پر آخر ۾ ايمان آڻي مومن ٿي مري ويو اهو مومنن ۾ داخل آهي انسان کي گهرجي تہ اهو ايمان تي خاتمي ٿيڻ جي دعا گهرندو رهي.

مسئلا

١- جيئري ڪافر تي لعنت يا ان لاءِ بددعا ڪرڻ نہ گهرجي ڇوتہ ممڪن آهي

جو مسلمان ٿي مري، ها جيڪڏهن ڪنهن جو موت يقينًا ڪفر تي ٿيو آهي تہ ان تي لعنت ڪرڻ منع ناهي. ٢- موت ڏسي پوءِ ايمان آڻڻ معتبر ناهي جيئن " فَاَلْقَوُا السَّلَمَ " (پوءِ تسليم ظاهر ڪيائون) مان واضح ٿي رهيو آهي تہ فرعون بہ ٻڏڻ وقت چيو هو تہ: مون موسىٰ ۽ هارون (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) جي رب تي ايمان آندو آهي پر مقبول نہ ٿيو.

وَقِيْلَ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا مَاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ۭ قَالُوْا خَيْرًا ۭ لِلَّذِيْنَ

۽ چيو ويو انهن لاءِ جو متقي ٿيا تہ ڇا هي جيڪو نازل ڪيو آهي رب اوهان جي تہ چيائون ڀلائي انهن جي لاءِ جو

اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ۭ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ ۭ وَلَنِعْمَ دَارُ

نيڪي ڪيائون هن دنيا ۾ ڀلائي آهي ۽ البت گهر آخرت جو ڀلو آهي ۽ البتہ ڀلو آهي

الْمُتَّقِيْنَ ۝ۙ۳۰ جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ لَهُمْ

گهر پرهيزگارن جو بهشت رهڻ جا جو داخل ٿيندا انهن ۾ وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون انهن جي لاءِ

فِيْهَا مَا يَشَاۗءُوْنَ ۭ كَذٰلِكَ يَجْزِي اللّٰهُ الْمُتَّقِيْنَ ۝ۙ۳۱ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ

انهن ۾ اهو آهي جيڪي گهرندا اهڙي طرح بدلو ڏيندو الله پرهيزگارن کي اهي جو وفات ڪرائين ٿا انهن کي

الْمَلٰۗىِٕكَةُ طَيِّبِيْنَ ۙ يَقُوْلُوْنَ سَلٰمٌ عَلَيْكُمُ ۙ ادْخُلُوا الْجَنَّةَ

ملائڪ پاڪ صاف هوندڙ چوندن سلام آهي اوهان تي داخل ٿيو بهشت ۾

بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝۳۲

عوض ان جي جيڪي عمل ڪيا هيو.

تفسير

هنن آيتن کان پهريان مذڪوره آيتن ۾ بيان ٿيو تہ ڪافر جهنم ۾ داخل ڪيا

ويندا ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ مومن بهشتن ۾ داخل ٿيندا ارشاد مبارڪ آهي "وَقِيلَ لِلَّذِينَ اتَّقَوْا مَاذَا أَنزَلَ رَبُّكُمْ ۚ قَالُوا خَيْرًا" ۽ تقويٰ وارن کي چيو ويو تہ: اوهان جي رب ڇا نازل فرمايو آهي؟ تہ (جواب ۾) چيائون، ڀلائي، يعني جڏهن متقين کان قرآن پاڪ جي باري ۾ سوال ڪري پڇيو ٿو وڃي تہ: اوهان جي پالڻهار ڇا نازل فرمايو آهي؟ تہ سهڻو جواب ڏيندي چونِ ٿا تہ الله جل جلالہ اسان جي لاءِ ڀلائي ۽ بهتري نازل ڪئي آهي.

شان نزول

ابن ابي حاتم سعدي کان روايت آندي آهي تہ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو قريشين پاڻ ۾ ميٽنگ ڪري فيصلو ڪيو تہ (حضرت) محمد (ﷺ) زبان جو نهايت مٺو آهي جيڪڏهن ڪوبہ ساڻس ڳالهائي ٿو تہ ان جي عقل تي غالب ٿي وڃي ٿو پوءِ پاڻ مان اهڙا ڀلي نسب وارا ڪجهہ ماڻهو منتخب ڪيو جو رستن تي ويهي ٻاهران ايندڙن وفدن جي اڳواڻن سان ملاقات ڪن ۽ جيڪڏهن اهي ڪائن پڇن تہ: ڏيو خبر اوهان جي رب ڇا نازل ڪيو آهي؟ تہ انهن کي ٻڌائين تہ: رڳي پراڻيون ڳالهيون ۽ گذشتہ قومن جا واقعا - ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي متعلق انهن کي چون تہ معاذ الله ڪوڙو آهي، چٽن، بيوقوفن ۽ ڪم عقلن ڪانسواءِ ان کي مڪہ پاڪ جي ڪنهن بہ معزز ماڻهوءَ تسليم نہ ڪيو آهي پوءِ جيڪي رب العزة جل شانہ جا نوازيل مقدر جا برگزيدا ٻانها هوندا هئا اهي انهن منڪرن کي چوندا هئا تہ اسين پنهنجي وفدن جي اڳواڻي ڪري هيترو ويجها آيا آهيون ۽ هاڻي اوهان جي چوڻ تي واپس وڃون اهو نہ ٿيندو. جڏهن انهن جي ڳالهہ کي رد ڪري اڳتي اچي مسلمانن سان ملندا هئا ۽ انهن کان پڇندا هئا تہ: اوهان جي رب ڇا نازل فرمايو آهي؟ تہ اهي کين چوندا هئا تہ الله جل شانہ ڀلائي نازل فرمائي آهي انهن جي متعلق هي فرمان نازل ٿيو (١) . جنهن جو تفسير لکي آيا آهيون.

"لِّلَّذِينَ أَحْسَنُوا فِي هَٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ۚ وَلَدَارُ الْآخِرَةِ خَيْرٌ ۚ وَلَنِعْمَ دَارُ الْمُتَّقِينَ" انهن لاءِ جنهن دنيا ۾ نيڪي ڪئي ڀلائي آهي ۽ يقيناً آخرت وارو گهر ڀلو آهي ۽ يقيناً پرهيزگارن جو گهر ڀلو آهي مطلب تہ نيڪوڪارن جي لاءِ دنيا جون سڀ ڀلايون، مثلاً فتح، غنيمت جو مال، نيڪ نام، فارغ البالي قلب جو اطمينان وغيره آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ آخرت جي اجر جو وعدو ۽ بشارت آهي آخرت جي ڪيل وعدي جي اظهار جو مقام آهي ۽ اتي

(١) روح المعاني ص ١٣٠ جزءِ ١٤ جلد ٥

جون نعمتون دوام، قيام، تعداد، مقدار، ڪيفيت ۽ نوعيت جي لحاظ سان دنيا جي نعمتن کان ممتاز ۽ نراليون هونديون دنيا جي نعمتن جي انهن سان ڪابہ نسبت نہ ٿي نهي "جَنّٰتُ عَدۡنٍ یَّدۡخُلُوۡنَہَا تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِہَا الۡاَنۡہٰرُ لَہُمۡ فِیۡہَا مَا یَشَآءُوۡنَ ؕ کَذٰلِکَ یَجۡزِی اللّٰہُ الۡمُتَّقِیۡنَ" رهڻ جا بهشت انهن جي هيٺيان نهرون وهن ٿيون انهن جي لاءِ جيڪو ڪجهہ گهرندا اتي موجود آهي الله متقين کي اهڙي طرح بدلو ڏيندو آهي "الۡمُتَّقِیۡنَ" پرهيزگار اهي آهن جن جو ذڪر هڪ آيت ۾ اڳ "لِلَّذِیۡنَ اتَّقَوۡا" سان ڪيو ويو ۽ "جيڪي گهرندا" ٻن لفظن ۾ هڪ نهايت اونهي ۽ اصولي حقيقت بيان ٿي رهي آهي تہ بهشت جي هوا بہ سندن خواهش مطابق هلندي جنهن جي دل جيڪو پسند ڪندي اهو ان جي لاءِ تيار هوندو، هن مختصر ارشاد ۾ هر قسم جي ذوق ۽ شوق رکندڙ جي لاءِ جامع جواب ڏنل آهي.

"الَّذِیۡنَ تَتَوَفّٰىہُمُ الۡمَلٰٓئِکَۃُ طَیِّبِیۡنَ ۙ یَقُوۡلُوۡنَ سَلٰمٌ عَلَیۡکُمُ ۙ ادۡخُلُوا الۡجَنَّۃَ بِمَا کُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ" اهي شخص جو ملائڪ کين ان حال ۾ وفات ڪرائين ٿا جو اهي پاڪ صاف آهن (۽ وفات ڪرائڻ وقت کين ائين بہ) چون ٿا تہ اوهان تي سلام آهي جيڪي (سهڻا) عمل ڪندا هيؤ انهن جي ڪري بهشت ۾ داخل ٿيو. الله جل وعلىٰ هن آيت ۾ ذڪرفرمايو آهي تہ "جيڪي پرهيزگار ٻانها الله جا امر ادا ڪرڻ وارا ۽ منع ڪيلن ڪمن کان پري رهڻ وارا آهن ملائڪ انهن جي ارواح کي ان حال ۾ قبض ڪندا جو اهي شرڪ ۽ گناهن کان پاڪ هوندا ۽ ملائڪ مٿن سلام ڪري کين بهشت جي بشارت ڏيندا.

سوال: رب العزة جل شانه ٻانهن کي وفات ڪرائڻ جي نسبت ڪٿي پاڻ ڏانهن، ڪٿي ملڪ الموت ڏانهن. تہ ڪٿي ٻين ملائڪن ڏانهن ڇو ڪئي آهي؟

جواب: انهن نسبتن ۾ ڪابہ غلطي نہ آهي حقيقت ۾ وفات ڪرائيندڙ الله آهي جو ان جي مشيت ۽ امر کان سواءِ ڪوبہ وفات نہ ٿو ڪري ان جي ڪري ڪٿي وفات ڪرائڻ جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪئي اٿس ۽ ملڪ الموت ان ڪم جي مٿان مقرر ڪيل آهي ڪٿي ان ڏانهن ۽ ٻيا ملائڪ وري ملڪ الموت جا معاون ۽ مددگا رهوندا آهن، ڪٿي انهن ڏانهن نسبت ڪئي وئي آهي. والله اعلم (١).

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- آيت ٣٠ ۾ خير جو لفظ بہ ٻيرا آڻڻ مان واضح ٿيو تہ مومن جي لاءِ زندگيءَ ۾ بہ ڀلائي آهي جو ان ۾ نفس اماره جي مخالفت دل جي موافقت، شريعت جي اطاعت، الله جي عبادت ۽ معرفت سان

(١) اضواءُ البيان ص ٢٦٧ جلد٣

رهندو ۽ ان جي لاءِ وفات ۾ بہ ڀلائي آهي جو رب پاڪ جي رضا تي راضي ٿي جنت ماڻيندو. ۽ آخرت ۾ اها ڀلائي آهي جوجيڪو گهرندو سوڪيس عطا ڪيو ويندو. ٢- "مَايَشَاؤُنَ" (جيڪي گهرندا) مان واضح ٿيو تہ: دنيا ۾ ڪنهن جون بہ سيئي خواهشون پوريون نہ ٿينديون آهن مگر بهشتن وارن جي هرهڪ خواهش پوري ڪئي ويندي دنيا ۾ اسان کي رب العزة جل شانہ جو هر حڪم مڄڻو آهي ۽ آخرت ۾ وري اهو اسان جو هر عرض قبول ڪندو. ٣- "لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ" (جن نيڪي ڪئي انهن جي لاءِ هن دنيا ۾ حسنه آهي) ۾ حسنه جو تفسير ڪندي علامه رازي عليه الرحمه هڪ قول هي بہ لکيو آهي تہ: انهم اتوا بالطاعات فتح الله عليهم ابواب المكاشفات والمشاهدات والالطاف (١) يعني اهي الله جل شانه جي اطاعت ڪندا تہ الله جل شانہ انهن تي مڪاشفن،مشاهدن ۽ مهربانين جا دروازا کولي ڇڏيندو ان مان ثابت ٿيو تہ الله جل شانہ جي فرمانبردارن ۾انهن جو مڪاشفو ۽ مشاهدو حق آهي.

۴- "سَلَامٌ عَلَيْكُمْ" (اوهان تي سلام آهي) مان واضح ٿيو تہ: مسلمان جڏهن مسلمان سان ملاقات ڪري تہ سلام چوڻ ضروري آهي جو ملائڪ سڳورا بہ جڏهن مومن وٽ سندس ساهہ ڪڍڻ لاءِ اچن ٿا تہ سلام چون ٿا هڪ قول مطابق سلام چوڻ سنت موڪده آهي ۽ ان جو جواب ڏيڻ فرض يا واجب آهي.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ اَمْرُ رَبِّكَ

نہ ٿا انتظار ڪن مگر هن جو تہ اچن انهن وٽ ملائڪ يا اچي انهن وٽ امر تنهنجي رب جو

كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا

اهڙي طرح ڪيو انهن جيڪي هئا، اڳي انهن کان ۽ نہ ظلم ڪيو انهن سان الله ۽ پر

اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٣٣﴾ فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ

(پاڻ) نفسن پنهنجن تي ظلم ڪيائون ٿي پوءِ پهتيون انهن کي برايون ان جون جيڪي ڪيائون ۽ گهيراءُ ڪيو انهن جو

(١)التفسير الكبير ص ٢٥ جزءِ ٢٠

مَا كَانُوا بِهِ يَسْتَهْزِءُونَ ﴿٣٤﴾ وَقَالَ الَّذِينَ أَشْرَكُوا لَوْ شَاءَ اللَّهُ

انهيءَ جنهن سان چٿر ڪيائون ٿي ۽ چيو انهن جو شرڪ ڪيائون ته جيڪڏهن گهري ها

مَا عَبَدْنَا مِنْ دُونِهِ مِنْ شَيْءٍ نَحْنُ وَلَا آبَاؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ

الله ته نه عبادت ڪيون ها ان کانسواءِ ڪنهن به شيءِ جي اسين ۽ نه اباڏاڏا اسان جا ۽ نه حرام

دُونِهِ مِنْ شَيْءٍ ۚ كَذَٰلِكَ فَعَلَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ فَهَلْ عَلَى

ڪيون ها اسين ان (جي امر) کانسواءِ ڪا شيءِ اهڙي طرح ڪيو انهن جو (هئا) اڳي انهن کان

الرُّسُلِ إِلَّا الْبَلَاغُ الْمُبِينُ ﴿٣٥﴾

پوءِ ناهي رسولن جي مٿان مگر (پيغام) پهچائڻ پڌرو.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ صرف وفات ڪرائيندڙن ملائڪن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان ڪين عذاب ڪندڙ ملائڪن جي نزول جي خواهش ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ارشاد مبارڪ آهي "هَلْ يَنْظُرُونَ إِلَّا أَنْ تَأْتِيَهُمُ الْمَلَائِكَةُ أَوْ يَأْتِيَ أَمْرُ رَبِّكَ" اهي صرف اهو انتظار ٿا ڪن ته انهن وٽ ملائڪ اچن يا تنهنجي رب جو امر اچي. مڪه مڪرمه ۾ رهندڙ ڪافرن خواهش ڏيکاري هئي ته: جيڪڏهن اوهان سچا آهيو ته الله جل شانه جي طرفان موت لاءِ مقرر ڪيل ملائڪ گهرايو ته اهي اچي اسان جو روح قبض ڪن يا تنهنجي رب جو سڌو امر اچي ۽ اسان کي ختم ڪري ڇڏي. "كَذَٰلِكَ فَعَلَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ" جيڪي ڪافر انهن کان اڳي هئا انهن به ائين ڪيو هو. مطلب ته هنن به پهرين ڪافرن وارو طريقو اختيار ڪيو آهي "وَمَا ظَلَمَهُمُ اللَّهُ وَلَٰكِنْ كَانُوا أَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ" ۽ الله انهن تي ظلم نه ڪيو پر انهن پاڻ تي پاڻهي ظلم ٿي ڪيو. يعني انهن تي جيڪو عذاب آيو هو پنهنجي لاءِ پاڻ گهري پنهنجن سرن تي ظلم ڪيو هيائون الله جل جلاله انهن سان ظلم نه ڪيو هو "فَأَصَابَهُمْ سَيِّئَاتُ مَا عَمِلُوا"

"وَحَاقَ بِهِمْ مَّاكَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ" پوءِ جيڪو ڪجھ ڪيو هيائون انهن جون برايون ڪين پهتيون ۽ جنهن (عذاب جي باري) ۾ چٿرون ڪيائون تي ان ڪين گهيراءُ ڪري ورتو. مطلب تہ جھڙا بڇڙا ڪم ڪندا هئا تهڙا ئي ڪين نتيجا مليا ۽ جنهن عذاب تان ٺٺوليون ۽ مسخريون ڪندا هئا سو عذاب ڪين وڪوڙي ويو، جيئن چوندا آهن تہ جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي. "وَقَالَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْشَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ نَّحْنُ وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ" ۽ مشرڪن چيو تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ ان کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ اسين ڪيون ها نہ اسان جا اباڏاڏا ڪن ها ۽ نہ ان جي امرڪان سواءِ ڪا شيءِ حرام ڪيون ها جيڪي انهن کان اڳي هئا انهن بہ ائين ڪيو هو. حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جڏهن ڪافرن کي شرڪ، بت پرستي ۽ گناهن کان روڪيندا هئا تہ اهي ڪين هن آيت ۾مذڪور جواب ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ اسان جو شرڪ، بت پرستي، گناهہ وغيره ڪرڻ اچ ڪالهہ جو ناهي اهو تہ نهايت پراڻي دور کان اسان جي ابن، ڏاڏن جي رسمن موجب هلندو پيو اچي جيڪڏهن الله جل جلالہ کي اها ڳالهہ ناپسند هجي ها تہ انهن کي ئي اهو ڪم ڪرڻ نہ ڏئي ها ڇوتہ ساري مخلوق سندس قدرتي هٿ ۾ آهي اوهان اسان کي ڇو ٿا جهليو؟ الله جل شانه فرمايو تہ: انهن سندن ابن ڏاڏن بہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام کي ائين چيو هو. اهو ڪو دليل نہ آهي. ڪافرن اهو سڀ ڪجھ ٺٺوليون ڪندي چيو هو. "فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ" پوءِ رسولن (عليهم الصلواة والسلام) تي تہ صرف کليءَ طرح پڌرو پيغام پهچائڻ آهي. يعني الله عز برهانه انهن ڪمن کان خوش ناهي ان تہ شروع کان وٺي پيغمبر سڳورا عليهم الصلواة والسلام موڪليا هئا پر هنن نہ مڃيو ۽ پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام تي صرف کليو پيغام پهچائڻو هو جيڪو انهن پهچايو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- ڪائنات عالم ۾ رب العزة جل شانه جي طرفان هدايت ملڻ جو آخري دروازو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ذات عالي صفات آهي جنهن کي هن پاڪ دروازي کان بہ هدايت نہ ملي اهو صرف عذاب جو انتظار ڪري جيئن "هَلْ يَنْظُرُوْنَ" مان واضح آهي. ٢- "فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ" (پوءِ رسولن (عليهم الصلواة والسلام) تي تہ صرف پيغام پهچائڻ آهي.) مان واضح ٿيو تہ رب العزة جل شانه نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام کي

پيغام پهچائڻ کان پوءِ بي نياز رکيو آهي ڪو مڃيندو تہ سندس ڀلائي آهي نہ مڃيندو تہ عذاب ۾ پاڻ ويندو انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام کي پرواھ نہ آهي.

وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاجْتَنِبُوا

۽ البت تحقيق موڪليوسون هر امت ۾ پيغمبر تہ عبادت ڪيو الله جي ۽ بچو

الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى اللّٰهُ وَمِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ

بتن کان پوءِ ڪي انهن مان اهي آهن جو هدايت ڪئي (انهن کي) الله ۽ ڪي انهن مان اهي آهن جو ثابت ٿي انهن تي

الضَّلٰلَةُ ۭ فَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٦﴾

گمراهي پوءِ سير ڪيو زمين ۾ پوءِ ڏسو تہ ڪهڙي ٿي هئي پڇاڙي ڪوڙو چوندڙن جي

اِنْ تَحْرِصْ عَلٰى هُدٰىهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ يُّضِلُّ

جيڪڏهن حرص ڪندين هدايت انهن جي تي پوءِ بيشڪ الله نہ ٿو هدايت ڏي جنهن کي گمراھ ٿو ڪري

وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٣٧﴾

۽ ناهن انهن جي لاءِ ڪي مددگار

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ انسانن جي ٻن ٽولن جو ذڪر ٿيندو آيو هڪڙا مومن ٻيا ڪافر ۽ هتي ان جو وجه بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ اهي ٻہ ٽولا ڪيئن ٿيا. فرمان عالي شان آهي "وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ" ۽ البتہ يقينًا اسان هر امت ۾ (انهن لاءِ) رسول موڪليو تہ الله جي عبادت ڪيو ۽ بتن کان بچو. هي فرمان ڪافرن جي ان اعتراض جو جواب آهي جو چيو هيائون تہ: جيڪڏهن الله گهري ها تہ اسين ٻين جي عبادت نہ ڪيون ها. رب العزة جل شانہ

فرمايو تہ: اسان هدايت ڪرڻ جي لاءِ هر امت ۾ پيغمبر عليهم الصلواة والسلام موڪليا جن ڪين چيو تہ هڪ الله جي عبادت ڪيو ۽ بتن کان پري رهي انهن جي عبادت کان بچو. پر جڏهن انهن اها ڳالهہ قبول نہ ڪئي تہ الله جل شانہ بہ ڪين هدايت نصيب نہ ڪئي. "فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى اللّٰهُ وَمِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ" پوءِ انهن مان اهي آهن جن کي الله هدايت ڏني ۽ ڪي انهن مان اهي آهن جن تي گمراهي ثابت ٿي. مطلب تہ جن ماڻهن کي الله جل شانہ جي پيغمبرن سڳورن عليهم الصلواة والسلام پيغام پهچايو انهن مان ڪي اهڙا هئا جن ان رباني پيغام کي عقل سليم ۽ تاريخي منظرن جي روشنيءَ ۾ غور ۽ فڪر سان سوچي مڃيو تہ ڪائنات جي رب جل شانہ بہ انهن کي هدايت نصيب ڪئي ۽ ڪي اهڙا هئا جيڪي غرور ۽ تڪبر جي ڪري سوچڻ لاءِ تيار نہ ٿيا تہ انهن کي گمراهيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو. "فَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ" پوءِ زمين ۾ سير ڪري ڏسو تہ جن (حق جي پيغام کي) ڪوڙو چيو انهن جي ڇا حالت ٿي. يعني زمين ۾ عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ گهمو ڦرو ۽ ڏسو تہ جن رب العزة جل شانہ جي نبين عليهم الصلواة والسلام کي نہ مڃيو انهن تي ڪيئن خداوندي قهر ڪڙڪيو ۽ ڪيئن نيست ۽ نابود ٿي ويا جو سندن نشان بہ ڪونہ ٿو ملي. "اِنْ تَحْرِصْ عَلٰى هُدَاهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ يُّضِلُّ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ" جيڪڏهن تون انهن جي هدايت ڪرڻ تي حرص ڪندين تہ پوءِ بلاشڪ الله ان کي هدايت نہ ٿو ڪري جنهن کي گمراهہ ٿو بنائي انهن جي لاءِ ڪي بہ مددگار ناهن. يعني اي حبيب پاڪ! عليه الصلواة والسلام اوهان بحيثيت رحمة للعالمين جي حرص رکو ٿا تہ اهي سڀ مومن مسلمان بنجن پر سندن ٿي سرڪشيءَ ۽ سخت روش جي ڪري رب العزة جل شانہ سندن اکين مان هدايت جو نور ڪڍي ڇڏيو آهي نہ اهي ايمان آڻي هدايت تي ايندا ۽ نہ اوهان انهن لاءِ سوچ رکي پنهنجي وجود اقدس کي پريشان بنايو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا ١- "وَلَقَدْ بَعَثْنَا" کان "اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ" تائين هن حصي مان ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ جي عبادت نهايت اهم آهي نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي بعثت جو اهوئي مقصد هو تہ اهي خلق خدا کي عبادت ڏانهن متوجہ ڪري ڪين رب العزة جل شانہ جي عبادت جو طريقو سيڪارين. ٢- وَاجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ" (۽ بتن کان بچو) مان ثابت ٿيو تہ هر ان شيءِ کان بچاءُ ڪري پري رهجي جنهن کي ويجهي وڃڻ سان الله جل شانہ ناراض ٿئي، برن دوستن ۽ بري

صحبت کان بچڻ سان الله جل شانه راضي ٿيندو آهي. ٣- انبياءِ عليهم الصلواة والسلام اولياءِ عظام ۽ رباني علماءَ جو ڪم آهي دين جي دعوت ڏيڻ ۽ هدايت نصيب ڪرڻ الله جل جلاله جو ڪم آهي، جيڪڏهن ڪو هدايت نہ ٿو وٺي تہ دين جي دعوت بند نہ ڪجي دعوت ڏيڻ جو ثواب ملندو ۽ دعوت ڏيندڙ جو درجو بلند ٿيندو، مايوسي نہ ڪجي. ۴- "اِنْ تَحْرِصْ" (جيڪڏهن حرص ڪندين) مان ثابت ٿيو تہ ديني ڪم ۾ حرص ڪرڻ نہ صرف جائز بلڪ حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي سنت آهي ۽ ان حرص ڪرڻ تي ثواب ۽ درجو ملندو. ۵- "فَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ" (پوءِ زمين ۾ سير ڪيو) مان واضح ٿيو تہ انهن علائقن جو دورو ڪري عبرت حاصل ڪجي ۽ استغفار پڙهجي جن علائقن تي الاهي عذاب آيو ۽ تباهہ ۽ برباد ٿي ويا (٦) "فَانْظُرُوْا" (پوءِ ڏسو) مان فقهاءَ ڪرام دليل ورتو آهي تہ مسلمانن کي دنيوي علوم خاص ڪري علم تاريخ ۽ علم جغرافيہ ۽ سواري سکڻ جيئن پهرئين دور ۾ اٺ گهوڙا هلائڻ جي مشق ۽ هن دور ۾ جهاز، ٽرينون وغيره هلائڻ جي ڄاڻ ضروري آهي تانتہ مسلمان جهاد جي وقت انهن کي صحيح استعمال ڪري سگهي. (١)

وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَا يَبْعَثُ

۽ قسم ڪنيائون الله جا پڪا قسم پنهنجا تہ نہ اٿاريندو

اللّٰهُ مَنْ يَّمُوْتُ بَلٰى وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

الله ان کي جو مرندو هائو وعدو ان تي پڪو آهي ۽ پر اڪثر ماڻهو

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٨﴾ لِيُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِيْ يَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ

نہ ٿا ڄاڻن تانتہ بيان ڪري انهن جي لاءِ اهو جو اختلاف ڪن ٿا ان ۾ ۽ تانتہ ڄاڻن اهي جو

كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰذِبِيْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّمَا قَوْلُنَا لِشَيْءٍ اِذَآ اَرَدْنٰهُ اَنْ

ڪفر ڪيائون تہ بلاشڪ اهي هئا ڪوڙا تحقيق چوڻ اسان جو ڪنهن شيءِ لاءِ جڏهن ارادو ڪيوسون ان جو هي آهي تہ

(١) تفسير نعيمي ص ٢٦٩ جلد ١۴

نَقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٤٠﴾ وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِى اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا

فرمايون ٿاان لاءِ "ٿي پؤ" (پوءِ اها) ٿي پوندي آهي. ۽ جن هجرت ڪئي الله (جي واٽ) ۾ ان کان پوءِ جو

ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً ۭ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ

ظلم ڪيا ويا البت ضرور رهائش ڏينداسون انهن کي دنيا ۾ نهايت سهڻي ۽ البت ثواب آخرت جو وڏو آهي

لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰي رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٤٢﴾

جيڪڏهن ڄاڻن ها جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا.

ع ٥ ١١

وقف لازم

تفسير

گذريل آيتن ۾ ڪافرن کي زمين ۾ سير ڪري عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ حڪم ڪيو ويو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته اهي ڪابه عبرت حاصل نه ٿا ڪن رهندو ڪفر تي ضد ڪري قسم کڻي ٿا وهن. فرمان عالي شان آهي "وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ لَا يَبْعَثُ اللّٰهُ مَنْ يَّمُوْتُ ۭ" ۽ الله جا پڪا قسم کنيائون ته جيڪو مري ٿو وڃي ان کي الله نه اٿاريندو. هي ڪافرن جي ان قول جو بيان آهي جيڪي قسم کڻي يقين سان چوندا هئا ته قيامت نه ٿيندي ۽ ڪو مري وڃڻ وارن کي الله جل شانه قبرن مان اٿاري محشر جي ميدان ۾ آڻيندو. "بَلٰى وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ" هائو ان تي وعدو پڪو آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. مطلب ته اهو چوڻ وارا سراسر غلط آهن رب جو پڪو وعدو آهي ته: مري وڃڻ وارن کي قبرن مان اٿاري محشر جي ميدان ۾ حساب ڪتاب لاءِ ضرور پيش ڪندو. پر جڏهن ته اڪثريت ڪافرن جي آهي ته اهي اها ڳالهه نه ٿا ڄاڻن ۽ نه ٿا سمجهن. "لِيُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِيْ يَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰذِبِيْنَ" تانت انهن لاءِ اها ڳالهه کولي بيان ڪري جنهن ۾ اختلاف ڪن ٿا ۽ تانت جن ڪفر ڪيو آهي اهي يقين ڪن ته بلاشڪ اهي ڪوڙا هئا. مقصد ته قيامت جي ڏينهن جو اچڻ ان جي ڪري ضروري آهي تانت ان ۾ حق ۽ باطل ۾ مڪمل فرق ظاهر ٿئي ۽ باطل جا علمبردار به تسليم ڪن ته حق اهو آهي جيڪو انبياءِ ڪرام عليهم

الصلواة والسلام ۾ سندن تابعدارن بيان ڪيو ۽ اختيار فرمايو ۽ "لِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" (تانت ڪافر ڄاڻن) سان ٻڌايو ويو تہ قيامت جو ڏينهن ان جي ڪري بہ ضروري آهي تہ: ڪافرن کي بہ يقين ٿئي تہ اهي ڪوڙا هئا "اِنَّمَا قَوْلُنَا لِشَيْءٍ اِذَآ اَرَدْنٰهُ اَنْ نَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ" بلاشڪ جڏهن اسين ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندا آهيون تہ ان کي چوندا آهيون "ٿي پؤ" تہ پوءِ اها (موجود) ٿي پوندي آهي. مطلب تہ ڪافر قيامت جي اچڻ جو انڪار ان جي ڪري ٿا ڪن جو سندن خيال ۾ اهو ناممڪن آهي، ان خيال کي رد ڪندي ٻڌايو ٿو وڃي تہ: قيامت قائم ڪرڻ وارو انهن جهڙو عام انسان ناهي جنهن جي وس ڪان اها ڳالهہ ٻاهر آهي پر قيامت قائم ڪندڙ اهو بيمثال ۽ قوت وارو رب العزة جل شانه آهي جيڪو ڪنهن شيءِ لاءِ فرمائيندو آهي "ٿي پؤ" تہ اها فوراً ٿي پوندي آهي. "شيءِ" مان هتي مراد اهاشيءِ آهي جنهن جو موجود هجڻ الاهي علم ۾ مقدر ٿي چڪو آهي ۽ ظاهر ۾ موجود ناهي. (١)

"وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِی الدُّنْيَا حَسَنَةً ۭ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ" ۽ ۽ جن الله جي واٽ ۾ ان کان پوءِ جو ظلم ڪيا ويا هجرت ڪئي انهن کي ضرور ضرور دنيا ۾ نهايت سهڻي رهائش ڏينداسون ۽ جيڪڏهن ڄاڻن ها تہ البت آخرت جو ثواب تمام وڏو آهي. "اَلَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰي رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ" جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا. قيامت جي منڪرن جي حالات بيان ڪرڻ ڪانپوءِ مؤمنن جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ: اهي ٻانها جيڪي اسان تي ايمان آڻڻ جي ڪري ڪافرن جي ظلم جو ايترو نشان بڻيا آهن جو پنهنجون جايون ۽ گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيا انهن کي دنيا ۾ انهن گهرن ڪان بهترين رهائشي جايون عطا ڪنداسون جيئن مدينه منوره جهڙو شاندار شهر انهن جي رهائش گاهہ بڻيو ۽ اهي ظالم نيٺ اچي ڪين پيش پيا ۽ آخرت جو ثواب تہ اجان ايترو وڏو آهي جنهن جو اهي تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهن. حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه جڏهن مڪه مڪرمه مان هجرت ڪندڙ صحابي رضي الله عنه کي سالانو خرچ ڏيندو هو تہ کيس فرمائيندو هو: هيءُ وٺ. الله جل شانه ان ۾ برڪت پيدا ڪري، هيءُ اهو آهي جيڪو الله تعالىٰ توسان دنيا ۾ رهڻ لاءِ وعدو ڪيو هو ۽ جيڪو الله تعالىٰ تولاءِ آخرت ۾ ذخيرو ڪري رکيو آهي اهو اجان گهڻو ڀلو آهي. ان کان پوءِ هيءَ آيت تلاوت ڪندو هو (٢).

(١) ضياءُ القران ص ٥٧١ جلد ٢ (٢) ساڳيو حوالو

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا- ١- "وَعۡدًا عَلَيۡهِ حَقًّا" (ان تي پڪو وعدو آهي) مان واضح ٿيو تہ ڪنهن ڪم ڪي پاڻهن تي واجب ڪرڻ الله جل شانه جو ڪم آهي پر رب العزة جل مجده جي مٿان ڪير بہ ڪنهن ڪم ڪي واجب ڪري نہ ٿو سگهي. ها پاڻ پنهنجي ڪرم سان پاڻهن لاءِ پنهنجي مٿان ڪجھ واجب ڪري تہ اهو سندس شان ڪريمي آهي. ٢- "هَاجَرُوۡا فِى اللّٰهِ" (الله جي واٽ ۾ هجرت ڪيائون) مان ثابت ٿيو تہ قيامت تائين اها هجرت ثواب آهي جيڪا اسلام، ايمان ۽ قرآن ڪريم جي لاءِ ڪئي وڃي ذاتي ۽ دنيوي غرضن جي لاءِ هجرت ۽ وطن ڇڏڻ عبادت ۽ ثواب ۾ داخل ناهي. ٣- "وَلَاَجۡرُ الۡاٰخِرَةِ اَكۡبَرُ" (۽ البت آخرت جو ثواب گهڻو وڏو آهي) مان ثابت ٿيو تہ دنيا ۾ مسلمان ڪي جيڪڏهن ڪنهن نيڪيءَ جو بدلو يا اجورو ملي تہ ان سان آخرت جو ثواب قطعًا گهٽ نہ ٿيندو.

مدينه منوره سهڻو شهر آهي

"لَنُبَوِّئَنَّهُمۡ فِي الدُّنۡيَا حَسَنَةً" (انهن کي دنيا ۾ ضرور نهايت سهڻي جاءِ ۾ رهائينداسون) مان مفسرن دليل ورتو آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جڏهن مدينه منوره ۾ رهيا تہ هاڻي اهو شهر دنيا جي شهرن کان افضل ۽ اعلىٰ آهي. حضرت امام مالڪ عليه الرحمة ان جا ڪيترا دلائل پيش ڪيا آهن. (١)

وَمَاۤ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوۡحِيۡۤ اِلَيۡهِمۡ فَسۡـَٔلُوۡۤا اَهۡلَ

۽ نہ رسول ڪري موڪلياسون اڳي توکان مگر مرد جو وحي ڪيون پيا انهن ڏانهن پوءِ پڇو

الذِّكۡرِ اِنۡ كُنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٤٣﴾ بِالۡبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ ؕ وَاَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ

ياد ڪرڻ وارن کان جيڪڏهن آهيو اوهان نہ ٿا ڄاڻو روشن دليلن ۽ ڪتابن سين ۽ نازل ڪيوسون توڏانهن

الذِّكۡرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيۡهِمۡ وَلَعَلَّهُمۡ يَتَفَكَّرُوۡنَ ﴿٤٤﴾ اَفَاَمِنَ الَّذِيۡنَ النصف

ذڪر تانت بيان ڪرين اهو جيڪي نازل ڪيو ويو انهن ڏانهن ۽ تانت اهي فڪر ڪن ڇا پوءِ امن وارا ٿيا اهي جو

(١) نعيمي ص ٢٨٢ جلد ١٤

مَكَرُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ

رٿ ڪيائون برايون جي تہ غرق ڪري ڇڏي الله انهن کي زمين ۾ يا اچي انهن وٽ

الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٤٥﴾ اَوْ يَاْخُذَهُمْ فِيْ تَقَلُّبِهِمْ فَمَا

عذاب اتاهين جو نہ سمجهن يا وٺي انهن کي گهمڻ ڦرڻ انهن جي ۾ پوءِ ناهن

هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٤٦﴾ اَوْ يَاْخُذَهُمْ عَلٰى تَخَوُّفٍ

اهي عاجز ڪندڙ يا وٺي انهن کي ڊپ جي حالت ۾

فَاِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٤٧﴾

پوءِ بيشڪ رب اوهان جو البت ٻاجهارو مهربان آهي.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ اسان هر قوم ۾ پيغمبر سڳورا عليهم الصلواة والسلام موڪليا جن انهن کي الاهي احڪام ٻڌايا پر گهڻن ماڻهن نہ سمجهيو ۽ هتي بيان ڪيو ٿو وڃي تہ انهن جو اهو نہ سمجهڻ ان جي ڪري نہ هو جو پيغمبر سڳورا جنّ هئا يا ملائڪ يا پردي دار عورتون جن کان سمجهڻ ناممڪن هيو. رب العزة جل جلالہ جيڪي بہ پيغمبر عليهم الصلواة والسلام موڪليا اهي مرد هئا جن کان سمجهڻ ۽ سکڻ بالکل آسان هو. فرمان الاهي آهي" وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ " ۽ اسان توکان اڳي رسول صرف مرد موڪليا هئا جن ڏانهن وحي ڪيون پيا.

شان نزول

مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشي مشرڪن چيو تہ: الله جل جلالہ جو شان ناهي تہ هڪ بشر کي رسالت سان نوازي موڪلي. انهن جي

رد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي. (١) جنهن ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ: اسان اڳ ۾ جيڪي پيغمبر (عليهم الصلواة والسلام) موڪليا هئا اهي بہ مرد هئا ملائڪ يا جنَّ يا عورتون نہ هيون.

نبي جي موڪلڻ جو مقصد امت کي دين سمجهائڻ آهي ۽ اهو تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن نبي انساني نوع مان مرد هوندو. هڪ ملائڪ عذاب جو پيغام ڪٺي اچي سگهي ٿو پر نبي جا فرائض سرانجام ڏئي نہ ٿو سگهي.

"فَاسْئَلُوٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَاتَعْلَمُوْنَ" جيڪڏهن اوهان نہ ٿا ڄاڻو تہ پوءِ ذڪر وارن کان پڇو. اهل الذڪر مان مراد اهل ڪتاب جا مومن آهن. حضرت سفيان جو اهو قول آهي مطلب تہ اي نہ ڄاڻڻ وارو! اوهان بي علم آهيو تہ اهل ڪتاب مان انهن کان پڇو جيڪي ڄاڻن بہ ٿا تہ مؤمن بہ آهن. اهي اوهان کي ٻڌائيندا تہ: انسانن ڏانهن پيغمبر مرد هئا جنَّ يا ملائڪ يا عورتون نہ هيون. "بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ" روشن دليلن ۽ ڪتابن سان. علامه قرطبي لکيو آهي تہ: هن جو تعلق "اَرْسَلْنَا" سان آهي ۽ ڪلام ۾ تاخير ۽ تقديم آهي مطلب تہ اسان روشن دليل ۽ ڪتابن سان. جن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام کي موڪليو اهي مرد هئا. (٢) "وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ وَلَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ" ۽ اسان توڏانهن ذڪر نازل ڪيو آهي تانت ماڻهن لاءِ انهن کي کولي بيان ڪرين جيڪو انهن ڏانهن لاٿو ويو آهي ۽ تانت اهي فڪر ڪن هتي "الذكر" مان مراد قرآن ڪريم آهي. جيڪو اڳين امتن جي ضروري احوال ۽ شريعتن جو محافظ، انبياءِ سابقين جي علوم جو جامع، هميشه جي لاءِ احڪام الاهيہ ۽ فلاح دارين جي طريقن کي ياد ڏيارڻ وارو ۽ غافلن کي بيدار ڪندڙ آهي. (٣) اي حبيب پاڪ! عليڪ الصلواة والسلام- اوهان قرآن ڪريم کي کولي کولي بيان ڪيو تانت اهي غور ۽ فڪر ڪن.

"اَفَاَمِنَ الَّذِيْنَ مَكَرُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَايَشْعُرُوْنَ" ڇا پوءِ جن برايون رٿيون آهي هن ڳالهہ کان امن وارا آهن تہ الله انهن کي زمين ۾ ڳهرائي ڇڏي يا انهن وٽ عذاب اتاهين اچي جتان سمجهن نہ ٿا. مطلب تہ ڪافر اسلام ۽ اسلام جي لاءِ سڏيندڙ نبي عليه الصلواة والسلام جي خلاف سازشون ڪرڻ ۾ ايترا مصروف آهن جو پنهنجي سر جو بہ خيال نہ ٿا ڪن ڇا اهي ايترا بي خوف

(١) تنوير الاذهان ص ٢٠٧ جلد ٢ (٢) القرطبي ص ١٠٨ جلد ١٠
(٣) تفسير القاسمي ص ١١٢ جزءِ ١٠ جلد ٦

آهن؟ جو اهو بہ نہ ٿا سوچين تہ متان الله جل جلالہ مٿن ناراض ٿي کين زمين ۾ ڳهرائي ڇڏي يا ان جو عذاب اتاهين اچي ڪڙڪي جتان سوچين بہ نہ ٿا. "اَوۡ يَاۡخُذَهُمۡ فِيۡ تَقَلُّبِهِمۡ فَمَا هُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ اَوۡ يَاۡخُذَهُمۡ عَلٰى تَخَوُّفٍ" يا انهن کي سندن ڪاروباري ڦيرگير ۾ پڪڙي پوءِ اهي عاجز ڪندڙ ناهن يا کين ڊپ جي حالت ۾ پڪڙي. يعني اهو ضروري ناهي تہ الله جل جلالہ انهن ڪافرن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ پهريان اهتمام ڪري يا مقابلي جي لاءِ فوجون روانيون ڪيون وڃن الله جل شانہ تہ ان تي قادر آهي جو اوهان کي ڪم ڪار ڪندي، ڪاروبار هلائيندي يا آرام وارن بسترن تي اٿلندي پاسا ورائيندي هڪدم پڪڙي ۽ بالڪل عاجز ۽ بي وس بنائي ڇڏي. ان کي اها سڀ طاقت آهي اهو اوهان کي عاجز ڪري سگهي ٿو اوهان ان کي عاجز ڪري نہ ٿا سگهو. يا اوهان کي اوچتو نہ پڪڙي پر ڪنهن ذريعي اطلاع ڏئي خوف جي حالت ۾ پڪڙي بعضي مفسرن "تَخَوُّفٍ" جي معنىٰ تنقص ڪئي آهي پوءِ مطلب ٿيندو تہ: هي بہ ممڪن آهي جو الله جل جلالہ اوهان کي هڪدم هلاڪ ۽ برباد نہ ڪري پر اوهان کي آهستي آهستي گهٽائيندو وڃي تان جو هلاڪ ٿي وڃو. (١)

"فَاِنَّ رَبَّكُمۡ لَرَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ" پوءِ بلاشڪ اوهان جو رب البت ٻاجهارو مهربان آهي، مقصد تہ اوهان کي جيڪا مهلت ڏني وئي آهي اها ان جي ڪري ناهي تہ اهو اوهان کي سزا ڏئي نہ ٿو سگهي پر اهو سڀ ڪجهہ ان جي ڪري آهي جو الله جل شانہ نهايت ٻاجهارو، مهربان آهي اهو اوهان کي ان جي ڪري دير ٿو ڏئي تہ شايد اوهان توبہ تائب ٿي موٽي اچو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "بِالۡبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ" مان واضح ٿيو تہ الله جل جلالہ پنهنجن پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام کي معجزن سان گڏ پنهنجو ڪلام ۽ قانون بہ عطا ڪيو هو. ٢- "لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيۡهِمۡ" (تانتہ تون ماڻهن لاءِ اهو کولي کولي بيان ڪرين جيڪو سندن طرف نازل ڪيو ويو آهي) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم کولي بيان ڪرڻ جي لاءِ نازل ٿيو آهي. شيعن جو چوڻ تہ اصلي قرآن امام مهدي ڪٿي غار ۾ لڪي ويو آهي ڪفريہ عقيدو آهي. ٣- "لَعَلَّهُمۡ يَتَفَكَّرُوۡنَ" (تانتہ اهي فڪر ڪن) مان واضح ٿيو تہ قاري ۽ حافظ کان دين جي عالم جو درجو اعلىٰ ۽ افضل آهي ڇوتہ اهو قرآن ڪريم ۾ غور ۽ فڪر ڪري اصل مقصد کي ماڻي ٿو، ۽ اهو بہ ظاهر ٿيو تہ قرآن ڪريم جي تلاوت کان بہ زياده اهم ان

(١) التفسير الكبير ص ٣٩ جزء ٢٠

۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ آهي ۽ اهوئي نزول قرآن جو اولين مقصد آهي. ۴- "اَنْ يَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ" (الله انهن کي زمين ۾ ڳهرائي ڇڏي) مان واضح ٿيو ته بي فرمانن تي انفرادي عذاب هاڻي به اچي سگهي ٿو جنهن عذاب جي نه اچڻ جو وعدو ٿيل آهي اهو اجتماعي عذاب آهي جيئن اڳين امتن تي هڪ ئي وقت ۾ آيو هو ۵- فَاسْئَلُوْا اَهْلَ الذِّكْرِ" (پوءِ اهل ذڪر کان پڇو) مان واضح ٿيو ته هر مسلمان کي مجتهدن امامن جي تقليد ڪري سندن تحقيق سان قرآن ۽ حديث مان ثابت ڪيلن مسئلن تي عمل ڪرڻ گهرجي. غير مقلد به ڪيترن مسئلن ۾ اندروني طور امامن مجتهدن جي تحقيق تي عمل ڪندا آهن. (١)

اَوَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ يَّتَفَيَّؤُا ظِلٰلُهٗ عَنِ الْيَمِيْنِ

ڇا نه ڏٺائون ان ڏانهن جو پيدا ڪئي الله هر شيءِ جهڪن ٿا پاڇا ان جا سڄي کان

وَالشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَهُمْ دٰخِرُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَا فِى

۽ کٻي کان سجدا ڪندڙ الله جي لاءِ ۽ اهي عاجزي ڪندڙ آهن ۽ الله جي لاءِ سجدو ڪن ٿا اهي جو

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ مِنْ دَآبَّةٍ وَّالْمَلٰٓئِكَةُ وَهُمْ

آسمانن ۾ آهن ۽ اهي جو زمين ۾ آهن جاندار ۽ ملائڪ ۽ اهي

لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۴۹﴾ يَخَافُوْنَ رَبَّهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ وَيَفْعَلُوْنَ

نه ٿا تڪبر ڪن ڊڄن ٿا رب پنهنجي کان مٿان پنهنجي ۽ ڪن ٿا اهو

مَا يُؤْمَرُوْنَ ﴿۵۰﴾ السجدة ۩ وَقَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوْٓا اِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ج

عـ ع ج ۶ السجدة ۳

جيڪو امر ڪيا ٿا وڃن ۽ فرمايو الله ته نه وٺو معبود ٻه

اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿۵۱﴾

اهو ته صرف معبود هڪ آهي پوءِ خاص مون کان پوءِ ڊڄو مون کان.

(١) نعيمي ص ٢٩٣ جلد ١۴

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ڪافرن جي بت پرستيءَ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ٿو وڃي تہ مشرڪ انسانن کان سواءِ هرشيءِ سڄي، معبود بالحق، الله جل جلالہ جي عبادت ڪري ٿي. فرمان الاهي آهي "اَوَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ يَّتَفَيَّؤُا ظِلٰلُهٗ عَنِ الْيَمِيْنِ وَالشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَهُمْ دٰخِرُوْنَ" ڇا انهن شين ڏانهن نہ ڏنائون؟ جيڪي الله پيدا ڪيون آهن، انهن جا پاڇا سڄي ۽ کٻي پاسي عاجزي ڪندي الله جي لاءِ جهڪن ٿا، يعني ڇا هي ماڻهو ان تي غور نہ ٿا ڪن تہ هر شيءِ تڪويني طور تانجو پاڇي وارين شين جو پاڇو بہ الله جل شانہ جو مطيع ۽ فرمابردار آهي "سُجَّدًا لِّلّٰهِ" جي معنىٰ ڪندي علامہ رازي لکيو آهي المراد من السجود الا ستسلام والانقياد (١) سجدي مان مراد حڪم مڃڻ ۽ فرمانبردار ٿيڻ آهي. سڀ الله جل جلالہ جي تدبير سان هلي رهيا آهن "وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ مِنْ دَآبَّةٍ وَّالْمَلٰٓئِكَةُ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ" ۽ جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي جاندار شيون زمين ۾ آهن ۽ ملائڪ الله جي لاءِ سجدو ڪن ٿا ۽ اهي تڪبر نہ ٿا ڪن. پهريان بيٺل، پاڇي وارين شين جي سجدي جو ذڪر ڪيو ويو ۽ هتي عام جاندار شين جي سجدي جو خاص ڪري ملائڪن جي سجدي جو بيان ڪري متنبہ ڪيو ويو تہ اهڙيون مقرب ۽ معظم هستيون بہ الله جل شانہ جي اڳيان سربسجود آهن انهن ۾ ڪو غرور يا وڏائي ناهي جنهن جي ڪري پنهنجي مالڪ جي اڳيان سجدو نہ ڪن. افسوس آهي جو ڪن مغرور انسانن کي پنهنجي مالڪ جي اڳيان سجدو ڪرڻ مشڪل ٿو لڳي حالانڪ انهي جي برتري ۽ پلائي ان ۾ آهي. "يَخَافُوْنَ رَبَّهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ وَيَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ" پنهنجي مٿان پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا ۽ جيڪو امر ڪيا ٿا وڃن اهو پورو ڪن ٿا. مطلب تہ اهي ملائڪ پنهنجي رب کان جيڪو انهن ۽ ساري مخلوق جي مٿان غالب آهي ڊڄن ٿا ۽ سندس هر فرمان کي پورو ڪن ٿا. علامہ شوڪانيؒ لکيو آهي تہ: هنن مذڪوره جملن مان ملائڪ مراد وٺڻ وڌيڪ صحيح آهي ڇوتہ ٻي مخلوق ۾ الله جل شانہ جي عبادت کان تڪبر ڪرڻ وارا ۽ ٻي فرمان بہ هوندا آهن جيئن ڪافر ۽ ٻي فرمان جنَّ وغيره. (٢) "وَقَالَ اللّٰهُ

(١) الڪبير ص ٤٣ جزءِ ٢٠ (٢) فتح القدير ص ١٦٧ جلد ٣).

لَا تَتَّخِذُوٓا اِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۽ الله فرمايو تہ ٻہ معبود نہ بنايو معبود تہ صرف هڪ آهي، يعني جڏهن آسمانن ۽ زمين ۾ رهندڙ ساري مخلوق ان جي اڳيان سربسجود آهي تڏهن ان الله جل جلالہ فرمايو آهي تہ: ٻہ معبود نہ بنايو معبود صرف هڪ (الله جل شانه) آهي. جيڪو ساري جهان جو مالڪ ۽ خالق آهي.

"فَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ" پوءِ خاص مون کان ئي ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت سينگاريو ٻئي ڪنهن جي ناراض يا راضي ٿيڻ جي پرواهہ نہ ڪيو دنيا ۾ اچڻ واريون تڪليفون عارضي آهن دائمي ناهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- ٻانهي کي چڱن ۽ برن عملن ڪرڻ جو اختيار ڏنل آهي، باقي سڀ قدرت واري رب جي قدرتي هٿ ۾ آهي، ٻانهو تہ ايترو عاجز آهي جو ڪنهن شيءِ جي پاڇن کي بہ اڳي، پوئتي يا گهٽ وڌ نہ ٿو ڪري سگهي اهي پاڇا بہ رب العزة جل شانه جا فرمانبردار آهن. ٢- "وَيَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ" (۽ جيڪو امر ڪيا ٿا وڃن اهو پورو ڪن ٿا) هن آيت جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ: سيئي انسان غوث، قطب علما ۽ اوليا. شريعت جا پابند آهن. امر ۽ نهي ٻنهي جي اطاعت ڪرڻ مٿن فرض آهي. باقي انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام تہ هر قسم جي گناهن کان پاڪ آهن انهن کان گناهہ ٿيڻ ناممڪن ۽ محال آهي انهن کي جيڪو نهي جو حڪم ڪيو ويو آهي ان مان مقصد سندن امت کي نهي ڪرڻ آهي ۽ ملائڪن کي جيڪي امر ڪيا ٿا وڃن اهي انسانن کان جدا ۽ نرالا آهن(١)

(٣) "وَقَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوٓا اِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ" (۽ الله فرمايو تہ ٻہ معبود نہ بنايو) هن ۾ باري تعالىٰ جي توحيد جو درس ڏنو ويو آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: توحيد ۽ رسالت مصطفوى (علىٰ صاحبها الصلواة والسلام) جي لاءِ هر شيءِ مڪلف آهي حيوانات، جمادات، نباتات سيئي ذميدار آهن جيئن حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي "اُرْسِلْتُ اِلَى الْخَلْقِ كَافَّةً" (٢) مان ساري مخلوق جي لاءِ نبي ڪري موڪليو ويو آهيان".

وَلَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَهُ الدِّيْنُ وَاصِبًا ۭ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ

۽ ان جي ملڪيت آهي جو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ ان جوئي دين آهي مضبوط ڇا پوءِ الله جي غير کان

(١) نعيمي ص ٣٠٩ جلد ١۴ (٢) مشكواة المصابيح ص ٥١٢

تَتَّقُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَمَابِكُمْ مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ

ڊڄو ٿا ۽ جيڪا بہ اوھان وٽ نعمت آھي پوءِ اللّٰہ جي طرفان آھي ان کان پوءِ جڏھن پھچي ٿي اوھان کي تڪليف

فَاِلَيْهِ تَجْـَٔرُوْنَ ﴿٥٣﴾ ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ عَنْكُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْكُمْ

تہ پوءِ ان ڏانھن زاري ڪيو ٿا تنھن کان پوءِ جڏھن لاھي ٿو تڪليف اوھان کان تہ اوچتوئي ٽولو ھڪ اوھان مان

بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٥٤﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَتَمَتَّعُوْا فَسَوْفَ

رب پنھنجي سان شرڪ ڪن ٿا تانتہ ڪفر ڪن ان جو جيڪو ڏنو اسان انھن کي پوءِ نفعو وٺو پوءِ جلد

تَعْلَمُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَيَجْعَلُوْنَ لِمَا لَا يَعْلَمُوْنَ نَصِيْبًا مِّمَّا رَزَقْنٰهُمْ تَاللّٰهِ

ڄاڻندؤ ۽ ڪن ٿا ان لاءِ جونہ ٿا ڄاڻن ڀاڱو ان مان جو رزق ڏنوسون انھن کي اللّٰہ جو قسم آھي

لَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَفْتَرُوْنَ ﴿٥٦﴾

تہ البتہ ضرور پڇا ڪيا ويندؤ ان جي باري ۾ جو ٿي بھتان ھڻيو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حڪم ھو تہ "مون کان ئي ڊڄندا رھو" ھاڻي ھنن آيتن ۾ ان جا دليل ڏنا ٿا وڃن تہ جڏھن ھر شيءِ ان جي ملڪيت آھي تہ اھوئي ان جو لائق آھي تہ ان کان ڊڄجي، فرمان عالي شان آھي "وَلَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَهُ الدِّيْنُ وَاصِبًا ۭ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَتَّقُوْنَ" ۽ جو ڪجھہ آسمانن ۽ زمين ۾ آھي ان جي ملڪيت آھي ۽ ان جو دين (قانون) مضبوط آھي ڇا پوءِ اللّٰہ جي غير کان ڊڄو ٿا؟. ھتي دين مان مراد اطاعت ۽ اخلاص آھي "وَاصِبًا" جي معنىٰ ھميشہ ۽ مضبوط (١) ھي رب العزۃ جل شانہ جي معبود بالحق ھجڻ جي دلائل مان ھڪ دليل آھي مطلب تہ جڏھن آسمانن ۽ زمين ۾ رھندڙ ھر شيءِ ان جي قبضہ قدرت ۾ آھي ۽ ان جو دين ۽ قانون مضبوط ۽ مستحڪم آھي تہ ان کان ڊڄو ان جي اطاعت ڪيو ان جي غير کان ڇو ٿا ڊڄو؟

(١) القرطبي ص ١١٥ ج ١٠

"وَمَا بِكُمْ مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَاِلَيْهِ تَجْـَٔرُوْنَ" ۽ اوهان وٽ جيڪا به نعمت آهي اها الله جي طرفان آهي تنهن کان پوءِ جيڪڏهن اوهان کي تڪليف پهچي ٿي ته به ان ڏانهن زاري ڪيو ٿا. مقصد ته ڪنهن کي ڪا به نعمت نصيب ٿئي ٿي ته اها الله جل شانه جي طرفان آهي بظاهر ڪٿي ڪنهن ٻئي جي هٿان ملي پر حقيقي منعم الله جل جلالـه آهي ۽ جڏهن اوهان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته به ان جي دربار ۾ زاري ڪري پناهه گهرندا آهيو ۽ ان وقت اوهان کان بت، مندر ۽ ديوتائون سڀ وسري وڃن ٿا ته ابتدا کان ئي ان جي توحيد مڃي ان جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جي فرمان کي ڇونه ٿا مڃيو؟ "ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ عَنْكُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْكُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ" تنهن کان پوءِ جڏهن اوهان تان تڪليف لاهي ٿو ته اوچتوئي اوهان مان هڪ ٽولو پنهنجي رب سان شرڪ ٿو ڪري. يعني تڪليف لاهڻ کان پوءِ اوهان مان ڪي اهڙا آهن جيڪي الله جل شانه سان ٻئي کي شريڪ بنائين ٿا "لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَتَمَتَّعُوْا فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ" تانته جيڪي ڪين ڏنو اٿئون ان جي بي شڪري ڪن. پوءِ نفعو وٺي وٺو جلد ڄاڻندؤ، يعني الله جل شانه جي نعمت جي بي شڪري ڪندي ان سان ٻين کي شريڪ بنايو اٿو. جيڪي عارضي نفعو وٺڻو اٿو وٺي وٺو جلد ڄاڻندؤ ته اوهان جو ڪهڙو حشر ٿيندو. "وَيَجْعَلُوْنَ لِمَا لَا يَعْلَمُوْنَ نَصِيْبًا مِّمَّا رَزَقْنٰهُمْ تَاللّٰهِ لَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَفْتَرُوْنَ" ۽ جيڪو اسان انهن کي رزق ڏنو آهي ان مان ان جي لاءِ ڀاڱو ٿا مقرر ڪن جيڪي نه ٿا ڄاڻن، الله جو قسم آهي ته جيڪي بهتان هڻو ٿا ان جي باري ۾ اوهان کان ضرور پڇا ڪئي ويندي. يعني اوهان سچي دين اسلام جي مقابلي ۾ پنهنجي باطل دين ڪفر ۽ شرڪ جي بچاءَ جي لاءِ جيڪي به ڪوڙ ناهيندا ۽ بهتان ٻڌندا آهيو انهن سيني جي اوهان کان پڇا ڪئي ويندي، جڏهن ته ڪافرن جي اها هر ڳالهه افتراءِ ۽ بهتان هئي ان جي ڪري هتي "تَفْتَرُوْنَ" آندو ويو آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "وَلَهُ الدِّيْنُ وَاصِبًا" (۽ ان جو دين مضبوط آهي) مان ثابت ٿيو ته الله جو دين مضبوط مستحڪم ۽ نه ٽٽڻ وارو آهي، هر شيءِ کي فنا آهي پر رب العزة جل شانه جي دين کي فنا نه آهي اهو باقي ۽ موجود رهڻ وارو آهي. مفسرن پلارن لکيو آهي ته: جڏهن دين فاني نه آهي ته ان تي عمل ڪندڙ رباني علماءِ ۽ اولياءِ به ان صفت سان موصوف هجڻ جي ڪري عام مئلن ۾ شامل نه آهن انهن کي به رب العزة جل شانه هڪ قسم جي عجيب حياتي عطا

کندو آهي جيکا عقل ۽ شعور کان بلند آهي. (١) ٢- "وَمَا بِكُمْ مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ" (۽ اوهان وٽ جيکا بہ نعمت آهي اها الله کان آهي) مان ثابت ٿيو تہ اوهان کي جيکا بہ نعمت ملي کٿان ۽ کنهن جي هٿان بہ ملي تہ ان کي رب العزة جل شانه جي طرفان سمجهو خواهہ اها نعمت روحاني هجي يا جسماني ديني هجي يا دنيوي شريعت جي هجي يا طريقت ۽ معرفت ۽ حقيقت جي. کنهن کان کا شيء گهرڻ کي عيب نہ سمجهو۽نہ ناجائز ڄاڻو بلڪ گهرڻ کان پوء جيکو کجهہ اوهان کي ملي ان کي بہ الله جل شانه جو عطا سمجهو . مثلاً ڊاڪٽر، پوليس وغيره کان مدد گهرڻ يا انبياءِکرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ کرام کان کجهہ گهرڻ کان بعد جيکو کجهہ ملي ان کي رب العزة جل شانه جي طرفان عنايت ۽ فضل سمجهي ان ڏانهن نسبت ڪريو تہ هي اسان جي رب جي مهرباني آهي. جيئن سيدنا سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي حکم سان سندس دربار۾ موجود ولي آصف بن برخيا سيده بلقيسہ جو تخت آڻي رکيو تہ پاڻ ڏسي فرمايائون تہ: " هيءُ منهنجي رب جو فضل آهي.

٣- "وَيَجْعَلُوْنَ لِمَا لَا يَعْلَمُوْنَ نَصِيْبًا" (۽ ان جي لاءِ حصو مقرر کن ٿا جنهن کي ڄاڻن نہ ٿا) مان واضح ٿيو تہ مندر، گرجا گهر وغيره جي لاءِ مسلمانن کي چندو ڏيڻ سخت حرام آهي بلڪ اهو کافرن ۽ مشرکن جو طريقو ۽ انهن جي باطل مذهب جي تائيد ۽ مدد ڪرڻ آهي.

وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ الْبَنَاتِ سُبْحٰنَهٗ وَلَهُمْ مَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِذَا بُشِّرَ

۽ناهين ٿا الله جي لاءِ ڌيئرون پاڪائي آهي ان جي ۽ انهن جي لاءِ اهو آهي جيکي پسند کن ٿا ۽ جڏهن بشارت ڏنو وڃو

اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّ هُوَ كَظِيْمٌ ﴿٥٨﴾ يَتَوَارٰى مِنَ

هڪڙو انهن مان ڌيءِ جي تہ هميشه رهيو منهن ان جو ڪارو ۽ اهو ڪاوڙڪائيندڙ آهي لڪي ٿو

الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِى

قوم کان ان کي بري سمجهڻ جي ڪري جنهن جي بشارت ڏنو ويو ڇا روکي رکي ان کي ذلت سان؟

(١)نعيمي ص ٣٢٤ جلد ١٤

التُّرَابِ ۗ اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٥٩﴾ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ

يا پوري ڇڏي ان کي مٽيءَ ۾؟ خبردار برو آهي اهو جو فيصلو کن ٿا انهن جي لاءِ جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين آخرت تي صفت

السَّوْءِ ۚ وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى ۗ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٠﴾ ع

بري آهي ۽ الله جي لاءِ شان بلند آهي ۽ اهوئي غالب، حڪمت وارو آهي.

تفسير

اڳ ۾ مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي هٺرادو ناهيلن عقيدن جوذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي مختصر فهرست ٻڌائي وئي آهي تہ هي مشرڪ ڪهڙو ڪهڙو بهتان ناهين ٿا فرمان مبارڪ آهي " وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ الْبَنٰتِ سُبْحٰنَهٗ وَلَهُمْ مَّا يَشْتَهُوْنَ وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ " ۽ الله جي لاءِ ڌيئرون تجويز ڪن ٿا ان جي لاءِ (ڌيئرن هجڻ کان) پاڪائي آهي، انهن جي لاءِ اهو آهي جيڪو پسند ڪن ٿا ۽ جڏهن انهن مان هڪڙو نياڻيءَ جي (ڄمڻ جي) خوشخبري ڏنو وڃي ٿو تہ سڄو وقت ان جو منهن ڪارو رهي ٿو ۽ اهو ڪاوڙ ڪائيندڙ آهي. هيءَ ڪافر جي حالت هئي جو جڏهن انهن مان ڪنهن جي گهر ۾ ڌيءُ ڄمندي هئي تہ ان عار ۽ شرم جي ڪري پيءُ جو منهن ڪارو محسوس ٿيندو هو " يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ۭ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِي التُّرَابِ ۭ اَلَا سَاۗءَ مَا يَحْكُمُوْنَ " ان بشارت ملڻ کي برو سمجهڻ جي ڪري قوم کان لڪندو وتندو هو (۽ سوچيندو هو) تہ ان ٻار کي ذلت ۽ خواريءَ جي حالت ۾ رکي يا ڪيس مٽيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏي. خبردار جيڪو فيصلو ڪن ٿا نهايت برو آهي. يعني ان نياڻيءَ جو پيءُ ان جي ڄمڻ جي خوشخبري کي خوشخبري نہ سمجهندو هو پر شرم ساريءَ ۽ ان خبر کي برو سمجهڻ جي ڪري پنهنجي قوم کان لڪندو ۽ سوچيندو وتندو هو تہ: ان کي پاڻ وٽ زنده ڇڏيان حالانڪ سندس نظر ۾ اها خواري ۽ ذلت هئي يا ان جيئري کي ڪڏ کٽي مٽيءَ ۾ پوري ڇڏيان؟ رب العزة جل شانه فرمايو تہ: ڪافرن جو اهو فيصلو نهايت برو آهي، يعني الله جل شانه جي لاءِ ڌيئرون تجويز ڪرڻ ۽ پنهنجي لاءِ انهن کي عيب سمجهي پٽ پسند ڪرڻ انتهائي شرمناڪ ۽

برو فيصلو آهي. (١)

"لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ السَّوْءِ ۚ وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" (انهن جي لاءِ جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين بري صفت آهي ۽ الله جي لاءِ بلند شان آهي ۽ اهوئي غالب، حڪمت وارو آهي مقصد تہ افلاس ۽ غربت جي ڊپ کان پنهنجي جيئرين، نياڻين کي نهايت بي دردي سان کڏ ۾ وجهي پورڻ ڪيڏي نہ بري صفت ۽ بڇڙي ڳالهہ آهي ۽ الله جل شانہ جون سيئي صفتون اعلىٰ آهن نہ اهو اوهان وانگر اولاد جو محتاج آهي ۽ نہ اوهان وانگر سخت ۽ بي رحم آهي اهو غني ، قدير ۽ هر سهڻي صفت سان موصوف آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا" (سارو وقت ان جو منهن ڪارو رهي ٿو) مان واضح ٿيو تہ نياڻين جي ڄمڻ تي ناراض ٿيڻ ڪافرن جو طريقو آهي. ها ان ارادي سان پٽن جي ڄمڻ جي خواهش ڪرڻ تہ رب العزة جل جلالہ انهن کي باعمل عالم بنائي، ڪين تقوىٰ ۽ پاڪيزگي نصيب ڪري انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جو طريقو آهي. ٢- "وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى" (۽ الله جو شان اعلىٰ آهي) مان ثابت ٿيو تہ رب العزة جل شانہ جي حق ۾ اهڙا الفاظ يا القاب استعمال نہ ڪجن جيڪي عام يا خاص ماڻهن جي لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن مثلاً الله صاحب، الله ميان وغيره. (٢)

مسئلا

١- نياڻين کي انهن حقن کان محروم ڪرڻ جيڪي قرآن ڪريم ۽ حديث پاڪ بيان ڪيا آهن ۽ انهن کي ورثو نہ ڏيڻ نهايت ظلم ۽ الاهي عذاب ۽ قهر جو سبب آهي، عام وڏيرا ۽ ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ائين ڪن ٿا اهو بالڪل حرام ۽ قطعي طرح ناجائز آهي. نبوي احاديث (علىٰ قائلها الصلواة والسلام) ۾ ان پيءُ جو وڏو شان آيو آهي جيڪو نياڻين تي مهربان ۽ شفيق هوندو آهي.

نياڻين سان پيار ڪرڻ جهنم جي باهہ کان بچاءُ آهي

نبوي حديثون:

١- صحيح مسلم شريف ۾ حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي

(١) القرطبي ص ١١٨ جلد ١٠ (٢) نعيمي ص ٣٤٤ جلد ١٤

ته: مون وٽ هڪ عورت آئي جنهن سان گڏ سندس ٻه نياڻيون به هيون مون کان خيرات گهريائين پر مون وٽ صرف هڪ کارڪ هئي جيڪا مون ان کي ڏني ۽ ان انهيءَ کارڪ کي ٻه حصا ڪري ٻنهي نياڻين کي ورهائي ڏني پر پاڻ ڪجهه به نه کاڌائين ۽ ٻنهي نياڻين کي وٺي هلي وئي، جڏهن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن مون وٽ آيا ته مون کين اها ڳالهه ٻڌائي تڏهن پاڻ فرمايائون ته: مَنِ ابْتُلِيَ مِنَ الْبَنَاتِ بِشَيْءٍ فَاَحْسَنَ اِلَيْهِنَّ كُنَّ لَهٗ سَتْرًا مِنَ النَّارِ" جيڪو نياڻين ملڻ سان آزمايو ويو ۽ انهن سان احسان ڪيائين ته اهي ان جي لاءِ جهنم جي) باهه کان بچاءُ هونديون .٢- صحيح مسلم شريف ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: مَنْ عَالَ جَارِيَتَيْنِ حَتّٰى تَبْلُغَا جَاءَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَنَا وَهُوَ" جيڪو شخص ٻن نياڻين کي عيال ۾ رکي ايترو وقت پالي جو بالغ ٿين ته اهو قيامت جي ڏينهن مون سان گڏ هوندو. اهو فرمائي پوءِ پنهنجون آڱريون ڳنڍيائون. ٣- محدث ابو نعيم حضرت عبدالله رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ كَانَتْ لَهٗ بِنْتٌ فَاَدَّبَهَا فَاَحْسَنَ تَاْدِيْبَهَا وَعَلَّمَهَا فَاَحْسَنَ تَعْلِيْمَهَا وَاَسْبَغَ عَلَيْهَا مِنْ نِّعَمِ اللّٰهِ الَّتِيْ اُسْبِغَ عَلَيْهِ كَانَتْ لَهٗ سَتْرًا اَوْ حِجَابًا مِنَ النَّارِ"(١) جنهن کي نياڻي آهي پوءِ انکي ادب سيکاري ۽ نهايت سهڻي نموني سيکاري ۽ ان کي پڙهائي ۽ ان جي پڙهائي تمام سهڻي ڪري ۽ ان جي مٿان انهن نعمتن مان پلٽائي جيڪي الله مٿس ڪيون آهن ته اها ان جي لاءِ(جهنم جي) باهه کان پردو يا پناهه هوندي.

مسئلو

٢- هر جائز ڪم ۾ رڪاوٽ وجهڻ يا الله جل شانه جي راضي ڪرڻ واري ڪم ۾ رخنو وجهڻ، شرم محسوس ڪندي احڪام الاهيه کي ظاهر نه ڪرڻ گناهه آهي فقهاء ڪرام لکيو آهي ته:عذرکان سواءِ فرضي عبادت لڪي ڪرڻ گناهه آهي (٢).

(١) القرطبي ص ١١٧ - ١١٨ جلد ١٠
(٢) نعيمي ص ٣٣٦ جلد ١٤

وَلَوْيُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰـكِنْ

۽ جيڪڏهن پڪڙي ها الله ماڻهن کي سببان ظلم انهن جي تہ نہ ڇڏي ها ان تي ڪو چرندڙ ۽ پر

يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّىۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً

دِر ٿو ڏي انهن کي مدي مقرر تائين پوءِ جڏهن ايندو مدو انهن جو تہ نہ پوئتي ٿيندا هڪ گهڙي

وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَتَصِفُ اَلْسِنَتُهُمُ

۽ نہ اڳتي ٿيندا ۽ ڪن ٿا الله جي لاءِ اهو جو پاڻ پسند نہ ٿا ڪن ۽ بيان ٿيون ڪن زبانون انهن جون

الْكَذِبَ اَنَّ لَهُمُ الْحُسْنٰىؕ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَاَنَّهُمْ

ڪوڙ تہ بلاشڪ انهن جي لاءِ ڀلائي آهي بلاشڪ يقينًا انهن جي لاءِ باهہ آهي ۽ بيشڪ اهي

مُّفْرَطُوْنَ ﴿٦٢﴾ تَاللّٰهِ لَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَزَيَّنَ لَهُمُ

جلد اڳتي موڪليل آهن. الله جو قسم آهي تہ البت تحقيق رسول موڪليا سون امتن ڏانهن تو کان اڳي پوءِ سينگاريا انهن لاءِ

الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَهُوَ وَلِيُّهُمُ الْيَوْمَ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾

شيطان عمل انهن جا پوءِ اهو مددگار انهن جو آهي اڄ ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي.

تفسير

اڳ ۾ آيل آيتن ۾ ڪافرن جي غلط عقيدن ۽ اعمال جو ذڪر هو جيڪي ساري معاشري جي لاءِ ظلم هئا ۽ هنن آيتن ۾ اهو بيان ڪيو ٿو وڃي تہ: الله جل جلالہ جي هيءَ انتهائي مهرباني آهي جو ايتري ظلم ڪرڻ جي باوجود انهن کي پڪڙي نہ ٿو ڪين مهلت ٿو ڏي تہ من سڌرن ارشاد الاهي آهي. "وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّىۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ" ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ظلم ڪرڻ جي ڪري پڪڙي ها تہ

زمين تي ڪو چرندڙ (جاندار) نہ ڇڏي ها ۽ پر انهن کي مقرر ڪيل مدي تائين ڍر ڏئي ٿو پوءِ جڏهن سندن (لاءِ مقرر ڪيل) مدو ايندو تہ هڪ گهڙي بہ نہ پوئتي ٿيندا ۽ نہ اڳتي ٿيندا. هتي ظلم مان مراد هر قسم جو ڪفر ۽ گناهہ آهي (١) "دَآبَّةٍ" مان مراد هر جاندار شيءِ آهي. مطلب هي آهي تہ: رب العزة جل شانه پنهنجي حڪمت سان ظلم جي باوجود بہ ظالم کي مهلت ڏئي ٿو تہ اهو سڌرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪڏهن ظالمن کي پڪڙي ها ۽ انهن جي ظلم جي ڪري عذاب موڪلي ها تہ سڀ هلاڪ ٿي وڃن ها پر اهو وڏو ڪريم آهي هميشه عفو ۽ درگذر کي پسند ڪندو آهي ۽ اهو معافي ڏيڻ ۽ درگذر ڪرڻ جو سلسلو تيستائين هلي ٿو جيستائين انهن بي فرمانن جي لاءِ مقرر ڪيل مدو اچي.جڏهن اهو مقرر ڪيل مدو ايندو تہ پوءِ ڪنهن بہ قسم جي تقديم ۽ تاخير نہ ٿيندي.

سوال: رب العزة جل شانه زمين تي رهندڙن ظالمن کي هلاڪ ڪري ڇڏي ها تہ نيڪوڪار ۽ جاندار شيون تہ سلامت رهن ها پر ائين چو فرمايائين تہ ڪو بہ جاندار نہ رهي ها، ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟

جواب: الاهي عذاب اچڻ کان پوءِ بدڪار ۽ ظالم هلاڪ ڪيا وڃن تہ نيڪوڪارن جو وجود بي معنيٰ رهجي ويندو،ڇوتہ جيڪڏهن انڌيرو نہ هجي تہ روشني ڪهڙي ڪم جي؟ جيڪڏهن ظالم نہ هجي ها تہ انصاف جا دروازا ڪيئن کلن ها؟ جيڪڏهن ڪو مفلس ۽ مسڪين نہ هجي ها تہ سخي ڪنهن جي لاءِ سخاوت ڪري ها؟ جيڪڏهن مصيبت جا ماريل نہ هجن ها تہ همدردي ۽ شفقت ڪنهن سان ٿئي ها ۽ اشرف الخلق انسان نہ رهن ها تہ پوءِ ٻين جاندارن جي ڪهڙي ضرورت رهي ها؟ اهي تہ پيدا ئي انسان جي لاءِ ٿيا آهن. "وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَتَصِفُ اَلْسِنَتُهُمُ الْكَذِبَ اَنَّ لَهُمُ الْحُسْنٰىؕ لَاجَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَاَنَّهُمْ مُّفْرَطُوْنَ" ۽ الله جي لاءِ اهو تجويز ڪن ٿا جيڪوپاڻ پسند نہ ٿا ڪن ۽ انهن جون زبانون ڪوڙ ٿيون هڻن تہ بلاشڪ انهن جي لاءِ ئي ڀلائي آهي پڪ، يقينًا انهن جي لاءِ ئي (جهنم جي) باهہ آهي ۽ بيشڪ اهيئي ان لاءِ اڳتي موڪليل آهن. يعني نياڻين جو اولاد پنهنجي لاءِ پسند نہ ٿا ڪن ۽ ملائڪن کي الله جل شانه جون نياڻيون چوندا آهن ۽ سندن زبانون ڪوڙ هڻنديون آهن تہ سندن لاءِ ئي ڀلائي آهي."الْحُسْنٰى" مان مراد پٽ آهن ٻيو قول آهي تہ "الْحُسْنٰى" مان مراد سهڻو بدلو آهي، سندن ان قول کي رد ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ - انهن جي لاءِ ئي جهنم جي

(١) روح المعاني ص ١٧٠ جزءِ ١٤ جلد ٥

باهہ لازمي ۽ يقيني آهي "مُفْرَطُوْنَ" جي معنىٰ ٻڌي ڏنل ۽ وساريل يعني باهہ ۾ اڇلائي پوءِ کين وساريو ويندو. سدائين سڙندا رهندا ڪير بہ کين ياد نہ ڪندو. اهو ابن الاعرابي، ابو عبيده، ڪسائي، فراء، سعيد بن جبير ۽ مجاهد جو قول آهي ۽ قتادة ۽ حسن جو قول آهي تہ "مُفْرَطُوْنَ" جي معنىٰ "معجلون الي النار مقدمون اليها" باهہ ڏانهن تڪڙا ۽ اڳ ۾ موڪليل جهنم وارن جا اڳواڻ(١) . "تَاللّٰهِ لَقَدْ اَرْسَلْنَا اِلٰى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطَانُ اَعْمَالَهُمْ فَهُوَ وَلِيُّهُمُ الْيَوْمَ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" الله جو قسم آهي تہ اسان توکان اڳ ۾ بہ امتن ڏانهن رسول (عليهم الصلواة والسلام)موڪليا هئا پوءِ انهن (امتن) لاءِ شيطان سندن اعمال سينگاريا اهو اڄ بہ سندن مددگار آهي حالانڪ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

هن ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏياريندي ٻڌايو ويو آهي تہ: اوهان ڳڻتي ۽ فڪر نہ ڪيو تہ اوهان جي قوم وارا اوهان جو انڪار ڪن ٿا اسان جيڪي رسول اوهان کان اڳ ۾ موڪليا هئا انهن جي امتن بہ سندن طرف موڪليلن، پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جو انڪار ڪيو هو ۽ شيطان سندن گمان مطابق اڄ بہ سندن مددگار آهي جيڪو کين عذاب ۽ تڪليفن کان ڇڏائيندو. پر ائين ناهي انهن لاءِ نهايت دردناڪ عذاب آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. (١) وَلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰىٓ اَجَلٍ مُّسَمًّى" (۽ پر انهن کي مقرر ڪيل مدي تائين مهلت ٿو ڏي) مان ثابت ٿيو تہ ڪوبہ گناهہ ڪري تہ ان تي فوراً سزا نہ ملڻ جي ڪري مغرور نہ ٿئي الله جل جلالہ گنهگار ڇا ڪافرن کي بہ دنيا ۾ پنهنجي حڪمت جي تقاضا ڪري ڍر ڏيندو آهي تہ شايد اهي سڌري پون. (٢) "مَا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ" (زمين تي ڪوبہ چرندڙ نہ ڇڏي ها) مان واضح ٿيو تہ ڪڏهن ڪڏهن سُڪن سان گڏ ساوا بہ ٻري ويندا آهن. پوءِ نيڪو ڪارن کي تڪليفن ۾ ڏسي ائين نہ چئجي تہ هي بہ الله جل جلالہ جي غضب هيٺان آيل آهي. (٣) "فَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطَانُ اَعْمَالَهُمْ" (پوءِ شيطان انهن جي لاءِ سندن (برا) اعمال سينگاري پيش ڪيا) مان واضح ٿيو تہ نهايت خطرناڪ ڳالهہ هي آهي جو انسان گناهہ کي گناهہ نہ سمجهي ۽ ناجائز کي جائز سمجهي.قطعي حرام کي حلال سمجهڻ ڪفر آهي.گناهہ کي گناهہ سمجهي ڪندڙ فاسق آهي پر ان کي حلال سمجهندڙ ڪافر آهي.

(١)القرطبي ص ١٢١ جلد ١٠

وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتَابَ اِلَّا لِتُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِي اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۙ

۽ نه نازل ڪيوسون توتي ڪتاب مگر تانت بيان ڪرين انهن جي لاءِ اهو جو اختلاف ڪيائون ان ۾

وَهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَاللّٰهُ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً

۽ هدايت ۽ رحمت ڪري ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا ۽ الله نازل ڪيو آسمان کان

فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۭاِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٥﴾ ع

پاڻي پوءِ آباد ڪيائين ان سان زمين ان جي برباد هجڻ کان پوءِ بيشڪ ان ۾ البت نشاني آهي ان

وَاِنَّ لَكُمْ فِى الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ۭنُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهٖ مِنْ

قوم جي لاءِ جيڪي ٻڌن ٿا ۽ بيشڪ اوهان جي لاءِ چوپاين جانورن ۾ البت عبرت آهي پياريون ٿا

بَيْنِ فَرْثٍ وَّدَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَاۗىِٕغًا لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَمِنْ ثَمَرٰتِ

اوهان کي ان مان جو پيٽن انهن جي ۾ آهي وچان ڇيڻي ۽ رت جي کير خالص، پيئڻ ۾ آسان

النَّخِيْلِ وَالْاَعْنَابِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْهُ سَكَرًا وَّرِزْقًا حَسَنًا ۭاِنَّ فِيْ

پيئندڙن جي لاءِ ۽ ميون کجيءَ جي مان ۽ انگورن مان ٺاهيو ٿا ان مان نيوڙو ۽ رزق سهڻو بيشڪ

ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾

ان ۾ البت نشاني آهي ان قوم جي لاءِ جيڪي عقل رکن ٿا.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيل آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته: جيڪڏهن الله جل جلاله ظالمن کي سندن ظلم جي ڪري پڪڙي ها ته زمين تي ڪوبه چرندڙ نه ڇڏي ها ۽ هتي ان پڪڙ نه ڪرڻ جو وجه بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته اها ڊپ انهن جي لاءِ هدايت بيان ڪرڻ ۽ متن

رحم ڪرڻ جي ڪري هئي. فرمان ايزدي آهي " وَمَا اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتَابَ اِلَّا لِتُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِي اخْتَلَفُوْا فِيْهِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ " ۽ اسان توتي ڪتاب صرف انجي لاءِ نازل ڪيو آهي تانته انهن لاءِ اها ڳالهه بيان ڪرين جنهن ۾ اختلاف ڪيو اٿن ۽ (اهو ڪتاب) ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا هدايت ۽ رحمت آهي، يعني اي حبيب ڪريم! اوهان تي قرآن صرف ان جي ڪري لاٿو ويو آهي ته جن سچن اصولن ۾ ماڻهو اختلاف ڪن ٿا اهي ڪين بيان ڪري ٻڌايو ته حق ڇا آهي ناحق ڇا؟ حلال ڇا آهي؟ ۽ حرام ڇا؟ هدايت ڇا آهي؟ ۽ گمراهي ڇا؟ ۽ اسان قرآن ڪريم ڪي انهن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت ڪري لاٿو آهي، جيڪي مومن آهن. ڇوته اهي ئي ان مان نفعو حاصل ڪن ٿا (١). "وَاللّٰهُ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ" ۽ الله آسمان کان پاڻي لاٿو پوءِ ان سان زمين کي برباد رهڻ کان پوءِ آباد ڪيائين. يقينًا ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشاني آهي جيڪي ٻڌن ٿا. مقصد ته زمين ۾ جيڪا فصل ۽ ٻوٽا ڄمائڻ واري قوت خشڪ هجڻ جي ڪري ڪمزور ٿي وئي هئي الله جل جلاله مينهن وسائي ان ۾ اها قوت پيدا ڪئي ۽ جيڪي ماڻهو اهي دليل دل سان ٻڌن ٿا انهن جي لاءِ انهن ۾ الله جل جلاله جي قدرت، صفت ۽ توحيد جي کليل نشاني موجود آهي. (٢)

"وَاِنَّ لَكُمْ فِى الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهٖ مِنْ بَيْنِ فَرْثٍ وَّدَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآئِغًا لِّلشَّارِبِيْنَ" ۽ بلاشڪ اوهان جي لاءِ چوپائي مال ۾ يقينًا عبرت آهي اسين اوهان کي انهن جي پيٽن مان ڇيڻي ۽ رت جي وچان خالص ۽ پيئندڙن جي لاءِ آسان ٿيندڙ، کير (ڪڍي) پياريون ٿا. "بِطُوْنِهٖ" ۾ " ہ" ضمير الانعام ڏانهن وري ٿو حالانڪ الانعام لفظ جي جمع مونث هجڻ جي ڪري ان جي تقاضا اها هئي ته اتي "ها" ضمير اچي ها جيئن سورة المومنون " آيت ٢١ ۾ "نُسْقِيْكُمْ مِمَّا فِيْ بُطُوْنِهَا" ۾ آهي پر مفسر قرآن علامه قرطبي لکيو آهي ته: سورة المومنون ۾ معنىٰ جي لحاظ سان مونث ۽ هتي لفظ جي رعايت سان مذڪر جو ضمير آندو ويو آهي ۽ عرب جي محاورات ۾ ان جا ببشمار مثال ملن ٿا. (٣)

ڇيڻي ۽ رت جي وچان کير ڪڍڻ جي متعلق مفسرن فرمايو آهي ته : جڏهن ڪوبه جانور غذا کائي ٿو ۽ اها ان جي معدي ۾ جمع ٿئي ٿي ته معدو ان کي پچائي ٿو ۽ معدي جي

(١)خازن ص ١٢١ جلد ٢ (٢) بيان القرآن مع معارف القرآن ص ٣٤٦جلد ٥
(٣) القرطبي ص ١٢٣ - ١٢٤ ج ١٠

ان عمل جي ڪري ان ڪاڏل غذا جو فضول حصو معدي ۾ هيٺ ويهي ٿو وڃي ۽ ان جي مٿان ڪير ۽ ان جي مٿان رت ٿو بيهي ۽ ان ڪان پوءِ رب العزة جي قدرت سان اهو ڪم جگر جي حوالي ڪيو ٿو وڃي جيڪو انهن ٽنهي قسمن کي جدا جدا مقامات ۾ تقسيم ڪري ٿو رت کي جدا ڪري رڳن ۾ منتقل ڪري ٿو ۽ ڪير کي جدا ڪري ٿڻن ۾ پهچائي ٿو باقي معدي ۾ صرف غذا جو فضول حصو رهي ٿو جيڪو ڇيڻي جي صورت ۾ ٻاهر نڪري ٿو. مگر علامه رازي عليه الرحمه لکيو آهي ته: هي قول حس ۽ تجربه جي موافق ناهي ڇوته جيڪڏهن رت مٿان هجي ها ته ڦيءِ ڪرڻ وقت به اهو ٻاهر اچي ها پر ڦيءَ ڪرڻ وقت نه.ان مان غذا جا حصا ايندا آهن ان جي ڪري اسان وٽ آيت مان مراد هيءَ آهي ته: ڪير رت جي جزن مان نهي ٿو ۽ رت معدي ۾ پهتل کاڌي جي لطيف جزن مان تيار ٿئي ٿو ۽ ان رت جي مٿان وري اهڙي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي جنهن سان انهن ڪثيف جزن مان نڪري صاف سٿو ڪير ٿو نهي جيڪو پيئندڙن ٻچڙن سان گڏ وڏن جي لاءِ به موافق غذا بنجي ٿو(١) آيت جو مطلب هي آهي ته الله جل جلاله جي هيءَ نعمت به ڪيڏي وڏي آهي جو هڪ جانور گاهه کائي ٿو مثلاً مينهن، ڳئون وغيره اهو سمورو ان جي نڙيءَ مان لهي معدي ۾ پهچي ٿو معدو هڪ آهي ۽ ان ۾ پهچندڙ غذا کي هضم ڪرڻ جي مختلف مرحلن مان ڪڍندڙ اسباب ۽ عوامل به ساڳيا آهن پر ان جو ڪجهه حصو ڇيڻو بنجي ٿو ڪجهه رت بنجي جسم جي سمورن عضون ۾ ايتري مقدار ۾ پهچي ٿو جيتري ان کي ضرورت آهي پر رت ۽ ڇيڻي کان سواءِ هڪ ٽين شيءِ به ان مان تيار ٿئي ٿي جيڪا رنگ، بوءِ ذائقي ۾ انهن ٻنهي کان مختلف آهي اهو آهي خالص، اڇو ڪير اوهان ڪوشش ڪري انکي سنگهي ڏسو ته ڇا ان ۾ ڇيڻي جي بدبوءِ جو ڪو ذرو آهي يا غور سان ڏسو ته ان ۾ رت جي ڪا ذري برابر ڳاڙهاڻ آهي جڏهن ناهي ته پوءِ سوچيو ته ان عظيم طاقت وارو ڪير آهي؟ جيڪو ڇيڻي ۽ رت مان اهڙي پاڪ ۽ صاف شيءِ ڪڍي ٿو جيڪا نهايت لذيذ ۽ پلي ذائقي واري آهي جو خود بخود نڙيءَ کان هيٺ لهي ٿي وڃي، هر شيءِ پنهنجي خالق جي ثنا ۾ مشغول آهي مگر اي بي شڪر انسان ! تون پنهنجي ڪريم رب کي نه ٿو سڃاڻين ۽ هر وقت سرڪشيءَ ۽ بي فرمانيءَ جي لاءِ تيار بيٺو آهين. "وَمِنْ ثَمَرَاتِ النَّخِيلِ وَالأَعْنَابِ تَتَّخِذُونَ مِنْهُ سَكَرًا وَرِزْقًا حَسَنًا إِنَّ فِي ذَالِكَ لَآيَةً لِقَوْمٍ يَعْقِلُونَ" ۽ ڪجيءَ جي ميون ۽ انگورن مان نپوڙو ناهيو ٿا ۽ سهڻو رزق - يقيناً ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشاني آهي جيڪي عقل رکن ٿا. هتي راجح قوي قول مطابق "سَكَرًا" مان مراد ڪجور ۽ انگورن مان نڪرڻ واري مني رس آهي. (٢)

(١) الڪبير ص ٦٥ جزءُ ٢٠ (٢) ضياءُ القرآن ص ٥٨١ جلد ٢

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.١- قرآن كريم صرف كپڙاويڙهي المارڙيءِ ۾ ركڻ، پري كان ٻانهون ٻڌڻ ۽ پينگهي ۾ ركي لوڏڻ جي لاءِ نہ آيو آهي پر تلاوت كرڻ سان گڏ هر اختلافي مسئلي جي رهنمائي كرڻ لاءِ نازل ٿيو آهي. ٢- "لِتُبَيِّنَ لَهُمُ" (تانت انهن جي لاءِ بيان كرين) مان واضح ٿيو تہ قرآن كريم جي تشريح ۽ صحيح تفسير بہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جاڻن ٿا ۽ بيان كيو اٿن ڇوتہ رب العزة جل شانه كين فرمايو آهي تہ: اوهان انهن لاءِ اهي مسئلا بيان فرمايو جن ۾ اهي اختلاف كن ٿا ٣- "رِزْقًا حَسَنًا" كي "سَكَرًا" كان جدا بيان كرڻ مان واضح ٿيو تہ كجور ۽ انگورن جي مٺيءَ رس مان جيكڏهن شراب ناهيو وڃي يا "سَكَرًا" مان مراد جمهور مفسرن جي قول مطابق سڌو شراب ورتو وڃي تہ اهو رزق حسن ناهي، پر نهايت گندو ۽ پليد آهي. ۴- "سَكَرًا" مان مراد هك قول مطابق مٺي رس ان جي كري آهي جو ان كي الله جي نعمتن مان شمار كيو ويو آهي پليد شراب الله جي نعمت ناهي، ان جي كري حضرت امام اعظم ابو حنيفه ۽ امام يوسف عليهما الرحمة (جن كي فقيهن جي اصطلاح ۾ شيخين سڏيو وڃي ٿو) وٽ كجور ۽ انگورن جو نپوڙو مسلمان جي لاءِ حلال ۽ پاك آهي ۽ اهوئي صحيح ۽ حق آهي.(١)

اعتراض

" هُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ" مطلب تہ قرآن كريم مومنن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي، ڇو چيو ويو آهي؟ حالانك ٻي آيت ۾ ارشاد آهي "فِيْهِ هُدًى لِّلنَّاسِ" ان ۾ ماڻهن جي لاءِ هدايت آهي ۽ "اَلنَّاسِ" ۾ مسلمان ۽ كافر سڀ داخل آهن؟

جواب

مفسرن ان جا بہ جواب ڏنا آهن ١- تہ " هُدًى وَّرَحْمَةً" جو تعلق "لِتُبَيِّنَ لَهُمُ" سان آهي يعني اي حبيب كريم ! عليك الصلواة والسلام اسان هي كتاب صرف ان جي كري نازل كيو آهي تانت اوهان ان سان كافرن جي اڳيان انهن مسئلن جي حقيقت بيان كيو جن ۾ اهي اختلاف كن ٿا ۽ اهو بہ بيان كيو تہ هي كتاب ايمان آڻيندڙن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي. ٢- تہ "يُّؤْمِنُوْنَ" مضارع جو صيغو مستقبل جي معنىٰ ۾ آهي يعني جيكي بہ ايمان آڻيندا اهي هدايت ۽ رحمت حاصل كندا پوءِ تہ

(١) نعيمي ص ٣٦۴ جلد ١۴

سيئي اعتراض دفع ٿي ويندا.

وَاَوۡحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحۡلِ اَنِ اتَّخِذِىۡ مِنَ الۡجِبَالِ بُيُوۡتًا وَّمِنَ

۽ وحي ڪيو رب تنهنجي ماکيءَ جي مک ڏانهن تہ ناهہ تون جبلن ۾ گهر ۽

الشَّجَرِ وَمِمَّا يَعۡرِشُوۡنَ ﴿٦٨﴾ ثُمَّ كُلِىۡ مِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسۡلُكِىۡ

وڻن ۾ ۽ ان ۾ جيڪي ڇتيون ناهين ٿا تنهن کان پوءِ کاءُ هر قسم جي ميون مان پوءِ پنهنجي

سُبُلَ رَبِّكِ ذُلُلًا‌ ؕ يَخۡرُجُ مِنۡۢ بُطُوۡنِهَا شَرَابٌ مُّخۡتَلِفٌ

رب جي (فضائي) رستن سان رواني ٿي آسان ٿيندڙ نڪري ٿي پيٽن ان جي مان اهڙي پيئڻ واري شيءِ جو مختلف

اَلۡوَانُهٗ فِيۡهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ‌ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿٦٩﴾

آهن رنگ ان جا ان ۾ شفاءِ آهي ماڻهن جي لاءِ بلاشڪ ان ۾ البتہ نشاني آهي ان قوم جي لاءِ جيڪي فڪر ڪن ٿا.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ زمين مان پيدا ٿيندڙ نعمتن جو ذڪر هو ۽ هتي هڪ ضعيف جيت ماکيءَ جي مک مان پيدا ٿيندڙ ماکيءَ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "وَاَوۡحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحۡلِ اَنِ اتَّخِذِىۡ مِنَ الۡجِبَالِ بُيُوۡتًا وَّمِنَ الشَّجَرِ وَمِمَّا يَعۡرِشُوۡنَ" ۽ تنهنجي رب ماکيءَ جي مکين ڏانهن وحي ڪيو تہ جبلن ۽ وڻن ۽ جيڪي ڇتيون ماڻهو ناهين ٿا انهن ۾ گهر ناهيو، هتي وحي ڪرڻ مان مراد الهام ۽ دل ۾ القاءِ آهي (١) يعني الله جل جلالہ ماکيءَ جي دل ۾ اهڙي سمجهہ وڌي جو اها جبلن، وڻن ۽ گهرن ۽ جاين جي ڇتين ۾ اهڙا گهر ٺاهي جو عقل وارا انسان بہ حيران آهن. ان جي ننڍي ماناري ۾ بي حساب قدرتي ڪرشما نظر اچن ٿا هڪ قسم جي بازار موجود آهي ان ۾ مسدس (ڇهن ڪنڊن وارا) ننڍڙا ننڍڙا خانا آهن جنهن جا سڀ پاسا ۽ ڪنڊون برابر آهن

(١) المراغي ص ١٠٣ جزءِ ١۴ جلد ٥

انسانن مان ڪوبہ ماهر انجنيئر مسطر ۽ اوزار جي مدد کان سواءِ اهڙا مسدس خانا ناهي نہ سگهندو وري ان جي مختلف حصن تي نظر وجهو تہ ڪٿي انهن جي ننڍن ٻچن جي رهائش آهي تہ ڪٿي ماکيءَ جو ذخيرو ٿي رهيو آهي ڪٿي ميڻ تيار ٿي رهي آهي تہ ڪٿي انهن جي خوراڪ جو گودام آهي ان کان پوءِ انهنجي حيرت ۾ وجهندڙ نظم ۽ نسق کي ڏسو جنهنجي ما تحت اهي گهڻي تعداد واريون مکيون آباد آهن.

ڪنهن متمدن، ترقي يافتہ ملڪ جي تربيت ڏنل فوج بہ انهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڪامياب ناهي انهن ۾ هڪڙي مک ٻين سڀني جي سردار آهي ۽ ٻيون سندس فرمانبردار آهن ۽ ان جي حڪم بجا آڻڻ ۾ ذرا برابر بہ ڪوتاهي نہ ٿيون ڪن ڪي خوراڪ آڻڻ جي لاءِ مقرر آهن تہ ڪي پهريدار آهن ڪنهن بہ ٻئي کي اندر پير رکڻ جي اجازت ناهي جيڪي خوراڪ آڻڻ تي مقرر آهن اهي پنهنجي ماناري کان پري پري مقامات تي وڃن ٿيون ۽ اتي سڄو ڏينهن مختلف گلن، مکڙين ۽ پنن وغيره جي رس چوسبنديون رهنديون آهن ۽ وري ايترو پرانهون پنڌ طي ڪري سڌو پنهنجي ماناري تي پهچنديون آهن نہ واٽ ڀلجنديون آهن نہ دير ڪنديون آهن ۽ نہ پنهنجي ذمي لڳايل فرض ۾ ڪوتاهي روا رکنديون آهن. جيئن اڳتي بيان ٿي رهيو آهي. "ثُمَّ كُلِي مِنْ كُلِّ الثَّمَرَاتِ فَاسْلُكِي سُبُلَ رَبِّكِ ذُلُلًا" ان کان پوءِ هر قسم جي ميون کان پوءِ پنهنجي رب جون آسانيءَ سان واٽون وٺي اڏامي هل. علامه احمد مصطفىٰ مراغي لکيو آهي تہ: ماکيءَ جون مکيون تمام گهڻي تعداد ۾ گڏ رهنديون آهن. جن مان ڇئن سون کان پنجن سون تائين نر ۽ ٻيون ماديون هونديون آهن انهن ۾ جيڪا فرمانروا ۽ سڀني جي مٿان آهي ان کي ملڪه يا يعسوب سڏيندا آهن ۽ انهن مان ١٥ هزار کان ٥٠ هزار تائين اهڙيون هونديون آهن جن کي شغالات، (ڪمائيندڙيون) سڏيو ويندو آهي. سندن مٿان فرمانروا ملڪه جو ڪم آهي تہ اها آنالاهيندي آهي جنهن مان ٻچا نڪرندا آهن اها سڀني جي ماءُ آهي ۽ انهن ۾ جيڪي نر آهن اهي مادين تي سوار ٿيندا آهن انهن جو ٻيو ڪو ڪم نہ هوندو آهي باقي ملڪه ۽ نرن ۽ ماناري جي خدمت مادين جي ذمي آهي. (١)

"يَخْرُجُ مِنْ بُطُونِهَا شَرَابٌ مُخْتَلِفٌ أَلْوَانُهُ فِيهِ شِفَاءٌ لِلنَّاسِ" انهن جي پيٽن مان پيئڻ جي شيءِ نڪري ٿي جنهن جا رنگ مختلف آهن ان ۾ ماڻهن جي لاءِ شفاء آهي. ڇو تہ اها ڪيترن مرضن جو علاج آهي.

(١) المراغي ص ١٠٤ جزء ١٤ جلد ٥

ماکيءَ جي لاءِ محبوب عليه الصلواة والسلام جا ارشاد

(١) ابن ماجه، ابن مردويه، حاڪم ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عله وسلم جن فرمايو: عَلَيْكُمْ بِالشِّفَاءَ يْنِ الْعَسَلِ وَالْقُرْاٰنِ" ٻن شفائن کي لازم ڪري وٺو. (١) ماکي (٢) ۽قرآن (ڪريم). (٢) امام احمد، بخاري، مسلم ۽ ابن مردويه حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: هڪ شخص نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ: يا رسول الله! منهنجي ڀاءُ جو پيٽ هلي پيو آهي (دست ٿي پيا اٿس) پاڻ فرمايائون تہ"ماکي پيارِيس" ماکي پياري موٽي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ : دست وڌي ويا اٿس پاڻ ٻيو دفعو فرمايائونس تہ: "ماکي پيارِيس" ٻيو پيرو ماکي پياري موٽي اچي عرض ڪيائين تہ: اڃان بہ دست وڌي ويا اٿس پاڻ فرمايائون تہ "الله سچو آهي تنهنجي ڀاءُ جو پيٽ ڪوڙو آهي وري وڃي ماکي پيارِيس" پوءِ ويو (ٽيون پيرو) ماکي پياريائين تہ چاڪ ٿي ويو.

٣- ابن ماجه، ابن السني ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو: جيڪو هر مهيني ۾ ٣ ڏينهن صبح جو ماکي چٽيندو تہ ان کي ڪابہ وڏي مصيبت نہ پهچندي "شِفَآءٌ" ۾ تنوين تعظيم جي آهي جيڪا ان ڳالهہ تي دلالت ٿي ڪري تہ ماکيءَ ۾شفاءِ عظيم ۽ ممتاز نوعيت جي آهي ۽ الله جل شانه جا اهڙا ٻانها بہ آهن جن کي پنهنجي رب جي ان فرمان تي ايترو مضبوط اعتقاد ۽ مستحکم عقيدو هوندو آهي جو اهي جسم ۾ ٿيندڙ ڦٽن ۽ ڦرڙين جو ۽ اک جي درد جو علاج بہ ماکيءَ سان ڪندا آهن. حميد بن زنجويه حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: اهو هر قسم جي ڦٽ تي ماکيءَ جو ليپ ڪندو هو، بعضي ماڻهن کيس عرض ڪيو تہ: ڦٽ تي ماکي ڇوٽا هڻو؟ پاڻ فرمايائون تہ: ڇا الله جل شانه جوارشاد ناهي؟ "فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ" ان ۾ ماڻهن جي لاءِ شفاءِ آهي. (١)

"اِنَّ فِيْ ذَالِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ "بلاشڪ ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشاني آهي جيڪي فڪر ڪن ٿا. الله جل شانه پنهنجي ڪامل قدرت جا مثال ڏيڻ کان پوءِ انسان کي وري غور ۽ فڪر ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي تہ: منهنجي قدرت جي انهيءَ ڪمال ۾ غور ۽ فڪر ڪري ڏسو تہ: مان ڪئن برباد زمين کي مينهن وسائي آباد ڪيان ٿو ۽

(١) اورد هٰذه الروايات الاربعة في الدرالمنثور ص ١٤٤ - ١٤٥ جلد ٥

ڇيٽي ۽ رت جي وچان اوهان لاءِ صاف ۽ ستوکير ڪيان ٿو. انگورن ۽ ڪجور مان منو رس ڪيان ٿو ۽ هڪ ننيڙي زهريلي مک مان اهڙي مني ماکي ٿو ڪيان جنهن ۾ لذيذ غذا ۽ شفاءِجو سامان رکان ٿو، ڇا اجان بہ اوهان مون کي ڇڏي بتن ۽ ديوتائن جي عبادت ڪندو؟ صنعت ۽ ڪاريگريءَ جا هي بيشمار شاهڪار، حڪمت ۽ تدبير جا هي حيرت انگيز ڪارناما، عقل ۽ دانش جا بهترين فيصلا پنهنجي زبان حال سان سڏي ڇئي رهيا آهن تہ اسان جو هڪ خالق آهي وحده لاشريڪ لہ اهوئي عبادت جولائق آهي. اهوئي مشڪلاتون ٽاريندڙ ۽ شڪر ۽حمد جو حقدار آهي.

مسئلو

علامه سيوطي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: هنن آيتن مان دليل ٿو ملي تہ: ماکيءَ جا مکا جيتوڻيڪ وڻن ۽ گلن کي ڪائي تڪليف ڏين ٿا پر انهن کي پالڻ جائز آهي، ڇوتہ رب العزة جل شانه انهن کي گهمڻ ڦرڻ ۽ هر قسم جي ميون مان ڪائڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ ان لاءِ رستا آسان ڪيا آهن. (١)

فائدا

مذکوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.١- تہ الله جل شانه انسانن کانسواءِ ٻين جاندارن ۾ بہ عقل ۽ شعور رکيو آهي پر ان جا درجا مختلف آهن انسانن جو عقل سيني حياتيءَ وارين شين جي عقل کان زياده ڪامل آهي ان جي ڪري ئي اهو شرعي احڪام جي لاءِ مڪلف آهي اهوئي سبب آهي جوجيڪڏهن ڪنهن جي عقل ۾ فتور پيدا ٿئي ۽ مجنون بنجي وڃي تہ اهو بہ ٻيءَ مخلوق وانگر شرعي احڪام جو ملڪف نہ ٿو رهي. (٢)

٢- " فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ" (ان ۾ ماڻهن جي لاءِ شفاءآهي) مان ثابت ٿيو تہ بيماريءَ جي تڪليف کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دوا ڪرڻ جائز آهي ان جي ڪري الله جل شانه ان کي انعام طور بيان فرمايو آهي ۽ جيئن دواسان علاج جائز آهي تيئن ڦيٽي سان علاج ڪرڻ بہ جائز آهي. هڪ اصحابي رضي الله عنه نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان سوال ڪيو تہ: هي جيڪو اسين ڦيٽي ۽ جهاڙ جو عمل ڪيون ٿا يا دوا سان علاج ڪيون ٿا، اهڙيءَ طرح پنهنجي بچاءَ ۽ حفاظت جي لاءِ انتظام ڪيون ٿا ڇا اهي الله جل شانه جي تقدير کي مٽائي سگهن ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ: اهي خود الله

(١)الاڪليل ص ١٦٣ (٢) معارف القرآن ص ٣۵۴ جلد ۵

جي تقدير آهن. (١) ٣- بعضي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم يا صوفياءِ ڪرام کان آيو آهي تہ اهي علاج کي پسند نہ ڪندا هئا، سو اهڙي قسم جا واقعا علاج جي ناجائز هجڻ جو دليل ناهن. ٿي سگهي ٿو تہ سندن طبيعت انکي گوارا نہ ڪيو هجي. علاج ڪرائڻ جو جواز قرآن پاڪ ۽ نبوي احاديث مان ثابت آهي. (٢) ٤- ماکيءَ جي مکن کانسواءِ بہ مک مارڻ جائز آهي. (٣) ٥- ماکيءَ جي مک مان فائدو ملڻ جي ڪري انکي خصوصيت سان بيان ڪرڻ مان ثابت ٿيو تہ: انسانن مان الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ اهي وڌيڪ پسند آهن جن جي وجود مان ٻين کي فائدو پهچي ٿو. جن جي ذريعي ماڻهن کي عقل، علم، شعور، الاهي معرفت، شريعت، طريقت ۽ قرآن ۽ حديث جو فهم ملي ٿو اهي رباني علماءِ اولياءِ ٻين کان درجي ۽ فضيلت جي لحاظ سان بلند ۽ بالا آهن. ٦- مذڪوره آيتون قيامت واري زندگيءَ جو قوي دليل آهن ڇوتہ جيڪو الله جل شانه مختلف گلن جي مختلف رس کي گڏي عجيب ماکي پيدا ڪري ٿو اهو انسانن جي مختلف ۽ منتشر هڏين ۽ جزن کي گڏ ڪري ميدان محشر جي لاءِ اٿاري ۽ اتي آڻي سگهي ٿو.

مسئلو

ماکيءَ جي مک کانسواءِ دنيا ۾ ڪو بہ اهڙو جاندار جيت يا حيوان ناهي جو پاڻ حرام هجي، شريعت ۾ ان جو کائڻ حلال نہ هجيءَ ان مان نڪتل شيءِ حلال هجي. ماکيءَ جي مک کائڻ حرام آهي پر ان جي پيٽ مان نڪتل ماکي نہ صرف حلال مگر دردن جي دوا ۽ مرضن کان شفا آهي. (٤)

وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ ثُمَّ يَتَوَفّٰىكُمْ ۣ وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى

۽ الله پيدا ڪيو اوهان کي تنهن کان پوءِ وفات ڪرائيندو اوهان کي ۽ ڪو اوهان مان اهو آهي جو موٽايو ٿو وڃي

اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ عِلْمٍ شَيْـًٔا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ۝۷۰ ٩ ع ٥ ١٥

ضعيف عمر ڏانهن تانت نہ ڄاڻي ڄاڻڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ بيشڪ الله ڄاڻندڙ، قدرت وارو آهي.

(١) القرطبي ص ١٣٨ جلد ١٠ (٢) معارف القرآن ص ٣٥٥ جلد ٥ (٣) القرطبي ص ١٣٤ جلد ١٠ (٤) نعيمي ٤٨١ جلد ١٤

تفسير

هنن‌کان اڳين آيتن ۾ الله جل شانه پاڻيءَ، ساون سلن، چوپاين ۽ ماکيءَ جي مک جا مختلف احوال بيان ڪري انسان کي پنهنجي ڪامل قدرت ۽ انعامات ڏانهن متوجه ڪرڻ فرمايو ۽ هاڻي هن آيت سان ان کي سندس اندروني حالات تي غور ۽ ذڪر ڪرڻ جي دعوت ڏيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ ثُمَّ يَتَوَفّٰكُمْ ۣوَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ عِلْمٍ شَيْـــًٔا ۭاِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ" ۽ الله اوهان کي پيدا فرمايو تنهن کان پوءِ اوهان کي وفات ڪرائيندو ۽ اوهان مان ڪو اهو آهي جيڪو ضعيف عمر ڏانهن موٽايو ٿو وڃي تانت ڄاڻ رکڻ کان پوءِ ڪجهه به نه ڄاڻي بلاشڪ الله ڄاڻندڙ قدرت وارو آهي. مطلب ته الله جل جلاله اوهان کي وجود جي نعمت سان نوازيو ۽ جڏهن گهري ٿو ته اوهان کي ڏنل عمر پوري ٿيڻ کان پوءِ وفات ڪرائي ٿو هي سڀ ڪجهه ان جي ڪامل قدرت جو ڪرشمه آهي ۽ ڪي اهڙا ماڻهو آهن جن کي موت کان اڳ ۾ ٻيڍڙائپ جي اهڙي درجي تي پهچايون ٿا جو ان جو هوش ۽ حواس صحيح نه ٿا رهن جيڪا شيءِ سندس ڄاڻ ۾ هئي سا ذهن مان نڪريو ٿي وڃيس نه ڪا ڳالهه آسانيءَ سان سمجهي ٿو نه ياد رکي ٿو سگهي. "وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ" (اوهان مان ڪو اهو آهي جيڪو ضعيف عمر ڏانهن موٽايوٿو وڃي) مان اهو اشارو به ملي ٿو ته: انسان تي پهريان به ضعف ۽ ڪمزوريءَ جو هڪ وقت گذري چڪو آهي. جيڪو سندس ننڍڙائپ وارو دور هو ۽ ان ۾ به هن کي ايتري سمجهه نه هئي سندس قوتون بالڪل ضعيف ۽ نه هجڻ جي برابر هيون پنهنجي اچ ۽ بک لاهڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ ۾ ٻين جو محتاج هوندو هو "اَرْذَلِ الْعُمُرِ" (ضعيف عمر) مان مراد اها عمر آهي جنهن ۾ انسان جون سيئي دماغي ۽ جسماني قوتون ڪم ڇڏي ٿيون وڃن ۽ اهڙي عمرکان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن پناهه گهري آهي حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه‌کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن هيءَ دعا گهرندا هئا "اَعُوْذُ بِكَ مِنَ الْبُخْلِ وَالْكَسَلِ وَالْهَرَمِ وَاَرْذَلِ الْعُمُرِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ وَفِتْنَةِ الدَّجَّالِ وَفِتْنَةِ الْمَحْيَا وَالْمَمَاتِ" "١" (يا الله!) مان

(١) ابن ڪثير ص ٥٧٧ جلد ٢

توسان بخيليءَ، سستيءَ، پوڙهائپ، ضعيف عمر، قبر جي عذاب، دجال جي فتني ۽ حياتيءَ ۽ موت جي فتني کان پناهه ٿو وٺان. "اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌ قَدِيۡرٌ" بلاشڪ الله گهڻو ڄاڻندڙ گهڻي قدرت وارو آهي. جيڪو پنهنجي ازلي ابدي علم سان هر شخص جي عمر ڄاڻي ٿو ۽ پنهنجي ڪامل قدرت سان جيئن گهري ٿو ڪري ٿو جيڪڏهن گهري ته طاقت ور نوجوان کي ڪمزور ڪري ۽ جيڪڏهن گهري ته سوَ سال عمر واري کي به طاقت وارو ۽ قوي رکي هي سڀ ڪجهه ان جي قدرتي هٿ ۾ آهي جنهن جو ڪوبه شريڪ ناهي.

وَاللّٰهُ فَضَّلَ بَعۡضَكُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ فِى الرِّزۡقِ ۚ فَمَا الَّذِيۡنَ فُضِّلُوۡا

۽ الله وڌايو ههڪڙن کي اوهان مان ٻين تي رزق ۾ پوءِ ناهن اهي جو وڌايا ويا

بِرَآدِّيۡ رِزۡقِهِمۡ عَلٰى مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُهُمۡ فَهُمۡ فِيۡهِ سَوَآءٌ ؕ

موٽائيندڙ رزق پنهنجي جا انهن تي جو مالڪ ٿيا هٿ انهن جا پوءِ اهي ان ۾ برابر آهن

اَفَبِنِعۡمَةِ اللّٰهِ يَجۡحَدُوۡنَ ﴿٧١﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَزۡوَاجًا

ڇا پوءِ الله جي نعمت جو انڪار ڪن ٿا ۽ الله ٺاهيون اوهان لاءِ اوهان (جي جنس) مان زالون

وَّجَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ بَنِيۡنَ وَحَفَدَةً وَّرَزَقَكُمۡ مِّنَ

۽ ناهيائين اوهان لاءِ زالن اوهان جن مان پٽ ۽ پوٽا (اڳتي ايندڙ نسل) ۽ رزق ڏنائين اوهان کي

الطَّيِّبٰتِ ؕ اَفَبِالۡبَاطِلِ يُؤۡمِنُوۡنَ وَبِنِعۡمَتِ اللّٰهِ هُمۡ يَكۡفُرُوۡنَ ﴿٧٢﴾

پاڪ شين ڇا پوءِ باطل تي ايمان آڻين ٿا ۽ الله جي نعمت جي اهي بي شڪري ڪن ٿا

وَيَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمۡلِكُ لَهُمۡ رِزۡقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ

۽ عبادت ڪن ٿا الله کانسواءِ ان جي جيڪو نه ٿو مالڪ ٿئي انهن جي لاءِ رزق جو آسمانن

وَالۡاَرۡضِ شَيۡـًٔا وَّلَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ ﴿٧٣﴾ ۚ

۽ زمين مان ڪجهه به ۽ نه ٿا طاقت رکن.

تفسير

هنن کان پهريان آيل آيتن ۾ مختلف رزقن جوبيان هو ۽ هتي رزق ڏنلن جو بيان کندي ارشاد ٿي رهيو آهي. وَاللّٰهُ فَضَّلَ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ فِى الرِّزْقِ فَمَا الَّذِيْنَ فُضِّلُوْا بِرَآدِّيْ رِزْقِهِمْ عَلٰى مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ اَفَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ" ۽ الله اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان رزق ۾ وڌايو آهي پوءِ جيڪي (رزق ۾) وڌايا ويا اهي پنهنجو رزق انهن ملڪيت ۾ آندل ٻانهن ڏانهن نہ ٿا موٽائين. پوءِ ان ۾ انهن سان برابر هجن. ڇا پوءِ الله جي نعمت جو انڪار ڪن ٿا. يعني الله جل جلاله جي ڏنل روزي سيني جي لاءِ برابر ناهي ان پنهنجي حڪمت بالغہ سان جنهن کي جو ڪجهہ ڏنو آهي اها پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. هي مثال انهن بتن جي پوڄارين لاءِ هنيو ويو آهي جيڪي پئسن تي خريد ڪيل غلام رکندا هئا. مطلب تہ جڏهن اوهان جا مملوڪ غلام اوهان سان برابر ناهن تہ پوءِ منهنجي مملوڪ ۽ مخلوق کي مون سان برابر ڪيئن ٿا بنايو (١) "وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ بَنِيْنَ وَحَفَدَةً وَّرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبَاتِ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ هُمْ يَكْفُرُوْنَ" ۽ الله اوهان جي لاءِ اوهان (جي جنس) مان زالون بنايون ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جي زالن مان پٽ ۽ پوٽا پيدا فرمايائين ۽ اوهان کي پاڪ شين جو رزق ڏنائين ڇا پوءِ باطل تي ايمان آڻين ٿا ۽ اهي الله جي نعمت جي بي شڪري ڪن ٿا يعني مذڪوره نعمتون ڪين الله جل جلالہ عطا ڪري ٿو پر ان کي وساري اهي سڀ مهربانيون بتن جون سمجهن ٿا. اها مراد بہ ٿي سگهي ٿي تہ فاني ۽ بي بقا زندگانيءَ جي شخصي ۽ نوعي بقا جي اسباب کي تہ مڃين ٿا ۽ الله جل شانہ جي سڀ کان وڏي نعمت نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام ۽ سندس تعليم جو انڪار ڪن ٿا. "وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَالَا يَمْلِكُ لَهُمْ رِزْقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ شَيْئًا وَّلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ" ۽ الله کان سواءِ ان جي ٿا عبادت ڪن جيڪي سندن لاءِ آسمانن ۽ زمين ۾ رزق جا ڪجهہ بہ مالڪ ناهن ۽ نہ ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. هتي رب العزة جل شانہ کي ڇڏي ڪافر جن بتن جي پوڄا ڪن ٿا انهن جي متعلق ٻڌايو ٿو وڃي تہ ان جو آخر وجه ڪهڙو آهي؟ نہ انهن بتن کين پيدا ڪيو آهي ۽ نہ اهي سندن رزق جو انتظام ڪري سگهن ٿا ڇوتہ آسمانن ۽ زمينن ۾ اهڙي ڪابہ شيءِ ناهي جنهن جا اهي مالڪ

(١) القرطبي ص ١٤٢ جلد ١٠

آهن جڏهن نہ انهن جو ڪجهہ آهي ۽ نہ اهي ڪجهہ ڏئي سگهندا تہ پوءِ انهن جي عبادت ڪرڻ بالڪل بيوقوفن ۽ نااهلن جو ڪم آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. (١) "وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنْ أَزْوَاجِكُمْ بَنِيْنَ وَحَفَدَةً" (۽ اوهان جي لاءِ اوهان جي زالن مان پٽ ۽ پوٽا پيدا فرمايائين) مان ثابت ٿيو تہ پٽ جو اولاد هجڻ الله جي نعمت آهي ۽ ان جي ملڻ تي شڪر ڪرڻ گهرجي ۽ اولاد جي ملڻ تي شڪر هي آهي تہ پنهنجي اولاد کي اسلام، قرآن ڪريم، حديث شريف، سچن ۽ صحيح عقيدن، اخلاق حسنہ ۽ عبادت ۽ ذڪر الاهي ڏانهن لڳايو وڃي جيڪو شخص پنهنجي اولاد کي دين کان جاهل رکندو اهو الله جل جلالہ جي ان نعمت جو بي شڪر سمجهيو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن پڇا ڪيو ويندو. (٢) "وَرَزَقَكُمْ" (۽ اوهان کي رزق ڏنائين) مان واضح ٿيو تہ رزق ڏيندڙ حقيقت ۾ الله آهي. پر جيئن رزق حاصل ڪرڻ جي لاءِ ظاهري ذريعا بہ پاڻ پيدا ڪيا اٿس ۽ انهن کي اختيار ڪرڻ يا انهن لاءِ ڪٿي ۽ ڪنهن وٽ، وڃڻ ناجائز يا شرڪ ناهي تيئن روحاني نعمتون ڏيڻ وارو بہ حقيقت ۾ پاڻ آهي پر انهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام، اولياءِ ڪرام ۽ علماءِ ڪرام جي دروازن تي وڃڻ جو ڏس بہ پاڻ ڏنو اٿس. انهن هستين جي دروازن تي وڃڻ ۽ سندن ذريعي روحاني نعمتون حاصل ڪرڻ يا دعا لاءِ درخواست ڏيڻ بہ شرعًا منع ناهي ۽ نہ ڪفر يا شرڪ آهي. (١)

فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْأَمْثَالَ ۚ إِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَأَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧٤﴾ ضَرَبَ

پوءِ نہ هٽو الله جي لاءِ مثال بيشڪ الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نہ ٿا ڄاڻو هنيو

اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّمَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا

الله هڪ مثال ٻانهو ملڪيت ڪيل نہ ٿو قادر ٿئي ڪنهن بہ شيءِ تي ۽ اهو شخص جو رزق ڏنوسون ان کي پاڻ وٽان

رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّجَهْرًا ۖ هَلْ يَسْتَوٗنَ ۚ

رزق سهڻو پوءِ اهو خرچ ٿو ڪري ان مان لڪل ۽ ظاهر ڇا برابر ٿي سگهن ٿا؟

(١) نعيمي ص ٣٩٦ جلد ١٤

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيْنِ

سڀ ساراهه الله جي لاءِ ثابت آهي بلڪ گهڻا انهن مان نه ٿا ڄاڻن ۽ هنيو الله مثال ٻن مڙسن جو

اَحَدُهُمَآ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّهُوَ كَلٌّ عَلٰى مَوْلٰـهُ اَيْنَمَا

هڪڙو انهن مان گونگو آهي نه ٿو قادر ٿئي ڪنهن شيءِ تي ۽ اهو بار آهي سردار پنهنجي تي جيڏانهن به ٿو

يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ هَلْ يَسْتَوِيْ هُوَ وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَهُوَ

موڪلي ان کي نه نه ٿو آڻي چڱائي ڇا برابر ٿو ٿئي اهو ۽ جيڪو امر ٿو ڪري انصاف جو؟

عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٧٦﴾

۽ اهو واٽ سڌي تي آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه آسمان، زمين ۽ انهن ۾ رهندڙن وڏين شين جو ذڪر ڪندي فرمايو ته: انهن مان ڪنهن به رب العزة جل شانه سان شريڪ هجڻ جي دعويٰ نه ڪئي ۽ هتي بيان ڪيو ٿو وڃي ته: پوءِ اوهان جڏهن نه ٿا ڄاڻو ته الله جل شانه سان شريڪ ڪيئن ٿابنايو؟ ارشاد عالي آهي " فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ" پوءِ الله جي لاءِ مثال نه هڻو يقينًا الله ڄاڻي ٿو ۽ اوهان نه ٿا ڄاڻو، يعني ڪنهن کي الله جو مٽ ۽ مثال نه سڏيو ۽ نه ڪنهن جهڙو سمجهو الله تعالىٰ سڀ حقيقتون ڄاڻي ٿو ۽ اوهان خالق جي عظمت جو قدر نه ٿا ڄاڻو. (١)

"ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّمَنْ رَّزَقْنٰـهُ مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّجَهْرًا هَلْ يَسْتَوٗنَ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ" الله هڪ مثال هنيو آهي ٻانهو ملڪيت ڪيل جيڪو ڪنهن شيءِ تي به قادر ناهي ۽ جنهن کي اسان پاڻ وٽان سهڻو رزق ڏنو آهي پوءِ اهو ان مان لڪ ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪري ٿو ڇا (اهي) برابر

(١)صفوة التفاسيرص ١٣٤ جلد ٢

تين ٿا؟ سڀ تعريف الله جي لاءِ آهي بلڪ انهن مان گهڻا نه ٿا ڄاڻن. مطلب ته هڪ اهو شخص آهي جيڪو آزاد ناهي ٻئي جو غلام آهي ڪنهن به طرح جي قدرت ۽ اختيار نه ٿو رکي هر هڪ ڳالهه ۾ مالڪ جي اجازت جو محتاج آهي ۽ ٻيو آزاد ۽ بااختيار آهي ان کي الله جل جلاله پنهنجي فضل سان گهڻو ڪجهه عطا فرمايو آهي ان مان لڪ ۽ ظاهر ۾ جيئن گهري ٿو خرچ ڪري ٿو، ڪير به ان جي هٿ کي روڪڻ وارو ناهي ڇا هي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟ هر سمجهدار چوندو ته نه ڪڏهن به برابر ناهن، جڏهن اهي برابر ناهن ته رب العزة جل جلاله جيڪو هر شيءِ جو حقيقي مالڪ آهي سڀ تعريفون ۽ ساراه ان جي لاءِ ثابت آهي هر خزانو ان جو آهي جنهن کي گهري ٿو نوازي ٿو ان سان ڪير به مزاحمت ڪرڻ وارو ناهي ڪائنات جي ذري ذري تي ان جو ڪلي اختيار ۽ ڪامل قبضو آهي ان سان بي ساهه بتن کي برابر ڪرڻ ڪيڏو نه وڏو ظلم آهي ۽ ائين ڪرڻ پاڻ کي پاڻهي هلاڪ ۽ تباهه ڪرڻ آهي. مفسرن لکيو آهي ته مملوڪ عبد مان مراد ابوجهل بن هشام ۽ سهڻي رزق ڏنل مان مراد حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه آهي. (١) ۽ علامه رازي لکيو آهي ته عبد مملوڪ مان مراد حضرت عثمان بن عفان رضہ الله عنه جو ٻانهو آهي. ۽ جنهن کي سهڻو رزق ڏنو ويو آهي ان مان مراد پاڻ حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه آهي. (٢)

"ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيْنِ اَحَدُهُمَآ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّهُوَ كَلٌّ عَلٰى مَوْلٰىهُ اَيْنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ هَلْ يَسْتَوِيْ هُوَ وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَهُوَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" الله ٻن مردن جو مثال هڻي ٻڌايو آهي هڪڙو گونگو آهي جيڪو ڪنهن به شيءِ تي قادر ناهيءِ اهو پنهنجي سردار تي بار آهي جيڏانهن ان کي موڪلي ٿو ته ڇڱائي نه ٿو آڻي ڇا اهو ۽ جيڪو عدل جو امر ٿو ڪري ۽ اهو سڌيءَ واٽ تي آهي برابر تين ٿا؟ هتي الله جل جلاله ٻن ماڻهن جو مثال بيان ٿو فرمائي. ١- هڪڙو گونگو بي سمجهه هجي ان کي نه ڪو اختيار هجي ۽ نه ڪا طاقت ۽ اهڙو بيوقوف ۽ نڪمو هجي جو پنهنجي مالڪ تي بار هجي جيڏانهن به موڪليس ته ڪا به ڇڱائي نه آڻي. ٢- حڪيم، داناءُ ۽ برگزيدو جيڪو پاڻ ته سڌيءَ واٽ تي هجي پر ٻين کي به عدل، انصاف ۽ نيڪو ڪاريءَ جو امر ڪري ٻڌايو ته اهي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا. نه هرگز نه، جيڪڏهن اهي برابر نه ٿا ٿي سگهن ته ڪافرن جا باطل معبود بت وغيره جيڪي انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا آهن اهي الله جل شانه قادر، مختار ۽ هر شيءِ جي حقيقي مالڪ سان ڪيئن برابر ٿي

(١) خازن ص ٨٦ جزءُ ٤ (٢) التفسير الڪبير ص ٨٤ جزءُ ١٩ جلد ١٠

سگهندا؟ پوءِ حيرت ۽ عجب آهي انهن ڪافرن تي جيڪي اهڙي ڪريم ۽ قادر رب ڪي ڇڏي بتن کي پوڄين ٿا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ" (پوءِ الله جي لاءِ مثال نہ هڻو) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ پنهنجي ذات، صفات، افعال ۽ اقوال ۾ بي مثل ۽ بي مثال آهي ڪنهن کي بہ ان جو مثال ۽ برابر سمجهڻ ڪفر آهي ٢- جيڪو شخص زبان سان رب العزة جل جلالہ ۽ ان جي حبيب عليہ الصلواة والسلام جو شان بيان نہ ٿو ڪري ۽ دنيا جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ هوشيار آهي اهو سمجهو تہ گونگو آهي. ٣- "هَلْ يَسْتَوِيْ هُوَ وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ" (ڇا اهو ۽ اهو برابر آهن جيڪو عدل جو امر ٿو ڪري) مان واضح ٿيو تہ متقي مومن ۽ ڪافر برابر ناهن. جڏهن اهي برابر ناهن تہ امتي ۽ نبي عليہ الصلواة والسلام ڪيئن برابر ٿي سگهندا.؟ ان جي ڪري مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ خاص ڪري حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کي پاڻ جهڙو چوڻ يا سمجهڻ حرام بلڪ ڪفر آهي. (١) ٤-مذڪوره آيت مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ مومن ۽ ڪافر هڪ ٻئي جا ولي ۽ وارث نہ ٿي سگهندا، دين کان انڪار ڪندي ۽ مرتد ٿيندي ئي سڀ وراثتون ختم ٿي وڃن ٿيون.

وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَمَآ اَمْرُ السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمْحِ

۽ الله جي لاءِ آهي غيب آسمانن ۽ زمين جو ۽ ناهي امر قيامت جو مگر ڇنڀڻ

الْبَصَرِ اَوْ هُوَ اَقْرَبُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٧٧﴾ وَاللّٰهُ

اک جي وانگر يا اهو وڌيڪ ويجهو آهي بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي ۽ الله

اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ شَـيْـــًٔا ۙ وَّجَعَلَ لَكُمُ

ڪڍيو اوهان کي پيٽن مائرن اوهان جي مان نہ ٿا ڄاڻو ڪجهہ بہ ۽ ٺاهيائين اوهان لاءِ

(١) نعيمي ص ٤٠٨ جلد ١٤

السَّمۡعَ وَالۡاَبۡصَارَ وَالۡاَفۡـِٕدَةَ ۙ لَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۷۸﴾ اَلَمۡ يَرَوۡا اِلَى

كن ۽ اكيون ۽ دليون تانت اوهان شكر كندا رهو چا نہ ڏنائون

الطَّيۡرِ مُسَخَّرٰتٍ فِىۡ جَوِّ السَّمَآءِ ؕ مَا يُمۡسِكُهُنَّ اِلَّا اللّٰهُ ؕ اِنَّ فِىۡ

پکين ڏانهن مطيع كيل آسمان جي فضا ۾ نہ ٿو جهلي سگهي انهن کي مگر الله بيشڪ ان ۾ البت

ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۷۹﴾

نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ الله جل جلالہ جا ڪي اهڙا ٻانها آهن جيڪي سندس رضا طلبي جي لاءِ لڪ ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪن ٿا. هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اهو سڀ ڪجهہ رب العزة جل شانه کان لڪل ناهي ڇوتہ آسمانن ۽ زمين وارين ڳجهيون ڳالهيون ۽ مخفي شيون سڀ اهو ڄاڻي ٿو فرمان ايزدي آهي. "وَلِلّٰهِ غَيۡبُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ وَمَاۤ اَمۡرُ السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمۡحِ الۡبَصَرِ اَوۡ هُوَ اَقۡرَبُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ" ۽ الله جي لاءِ ئي آسمانن ۽ زمين ۾ غيب جو علم آهي ۽ قيامت جو امر صرف اک ڇنڀ وانگر يا اجان وڌيڪ ويجهو آهي يقيناً الله هر شيءِ تي قادر آهي. هن کان پهريان ٻتن جي ٻي وس هجڻ ۽ الله جل شانه جي عظمت ۽ ڪمال ڪي مثال ڏئي سهڻي انداز ۾ سمجهايو ويو ۽ هتي الله جل مجده جي علم ۽ قدرت جو دليل پيش ڪيو ٿو وڃي تہ ان جي پاڪ ذات اها آهي جو آسمانن ۽ زمين جا سڀ غيب بالذات ۽ بالاستقلال ان سان خاص آهن،پر انهن سيني کي ڪنهن جي عطا ڪانسواءِ ڄاڻي ٿو، ان ڪانسواءِ ڪير بہ پنهنجي عقل ۽ حواس سان غيب نہ ٿو ڄاڻي . قيل الغيب هو مالايدرک بالحس ولايفهم بالعقل" (١) غيب جي ڄاڻائڻ جو هڪ ئي اهو ذريعو آهي جو الله جل شانه ڪنهن کي ڄاڻائي، يعني لايعلم الغيب احد غيره تعالیٰ الابتعليمه (٢) اهڙي طرح علامه ابن

(١) البحر المحيط ص ٥٢٠ جلد ٥ (٢) مظهري ص ٣٥٩ جلد ٥

ڪثير ۾ لکيو آهي (١) انبياءِ ڪرام خصوصًا جبيب ڪريم عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ غيب جي علم جو عقيدو به اهو اهي ته ڪين الله جل شانه ان علم سان نوازيو ۽ عطا ڪيو آهي ان جي عطا ۽ عنايت کانسواءِ ڪوبه غيب جي خبر نه ٿو رکي.

رب العزة جل جلاله جي قدرت جو هي جهان آهي جو جڏهن اهو قيامت قائم ڪرڻ گهرندو ته زمينن، آسمانن، سج، چنڊ ۽ تارن ، جبلن ۽ سمندن کي ختم ڪرڻ ۾ ان کي سال يا مهينا درڪار ناهن پر گهٽ ۾ گهٽ مدت جنهن جو اوهان اک ڇنڀ سان تصور ڪري سگهو ٿا ايتري وقت بلڪ ان کان به گهٽ وقت ۾ سڀ ڪجهه فنا ڪري قيامت قائم ڪري ڇڏيندو. يقينًا اهو هر شيءِ تي قادر آهي ۽ جڏهن ان جي قدرت ايتري قاهر آهي ته عبادت جو به صرف ۽ صرف اهو حقدار آهي. "وَاللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا ۙ وَّجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ۙ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ" ۽ الله اوهان کي مائرن جي پيٽن مان ان حال ۾ ڪڍيو جو اوهان ڪابه شيءِ ڄاڻندا نه هيئو ۽ اوهان جي لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ناهيائين تانت اوهان شڪر ڪندا رهو. يعني ان مالڪ مٺي جي ڪرمنوازي آهي جو ان اوهان کي انساني شڪل ۾ پيدا ڪيو ۽ جڏهن اوهان پيدا ٿيئو ته اوهان جي ناداني ۽ جو اهو حال هو جو پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ کي به ڪونه ٿي سڃاڻُو جن جي ذريعي اوهان کي وجود مليو ان خالق ڪريم اوهان کي ، ڪن، اکيون ۽ سمجهڻ واري دل عطا ڪري حواس جهڙي دولت سان مالامال ڪيو تانت اوهان ان جي نعمتن جو احساس ڪندي ان جي بي پايان عنايتن جو اعتراف ڪري شڪر ادا ڪندا رهو. "اَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ مُسَخَّرٰتٍ فِيْ جَوِّ السَّمَاۗءِ ۭ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا اللّٰهُ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ" ڇا آسمان جي فضا ۾ مطيع ڪيل پکين ڏانهن نه ڏٺائون جو الله کانسواءِ ڪوبه انهن کي جهلي بيهارڻ وارو ناهي. يقينًا ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي ايمان آڻين ٿا. هتي رب ڪريم جل مجده پنهنجي قدرت جي هڪ عجيب نشانيءَ ڏانهن متوجه ڪيو آهي. اها هيءَ آهي ته: اوهان ڪابه شيءِ ڪيتري زور سان به آسمان ڏانهن اڇلايو ته اها ڪجهه مٿي وڃي هيٺ لهڻ شروع ڪندي ۽ زمين ۾ رکيل قدرتي ڪشش ان کي ڇڪي آڻيندي پر آسمان جي فضا ۾ محور هندڙن، پرواز ڪندڙن پکين جي طرف متوجه ٿيو اهي هيٺ ڇونه ٿا ڪرن انهن کي زمين جي ڪشش ڇونه ٿي ڇڪي جڏهن پرن کي هلائي بند ٿا ڪن ته به هيٺ نه ٿا ڪرن، اهو ڪير آهي جنهن انهن کي اهي پر عطا ڪيا آهن ۽ ڪين ڪري پوڻ کان بچائي ٿو اهو الله جل

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٥٧٩ جلد ٢

جلاله ئي آهي جنهن کين ان نعمت سان نوازيو آهي ۽ ايمان وارن جي لاءِ پکين جي ان حالات ۾ به قدرت واري کي مڃڻ جي لاءِ نشاني موجود آهي. مگر افسوس اهو آهي ته مومن سڏائڻ وارا هلندڙ دور ۾ کاغذي لغڙ ناهي اڏائيندا رهيا ۽ ٻين قومن ان رهنمائيءَ مان فائدو وٺي جهاز ۽ خبر ناهي ڇا ڇا تيار ڪري ورتو آهي. ڪيترن ته آسماني فضائن ۾ چنڊ وغيره تي تعميراتي پروگرام شروع ڪيا آهن.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- " لِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (الله جي لاءِ آسمانن ۽ زمين جي غيب (جو علم) آهي)مان واضح ٿيو ته بالذات ۽ بالاستقلال غيب جو علم الله جل جلاله سان خاص آهي. انبياءِ ڪرام خصوصًا حضرت حبيب ڪريم عليهم الصلواة والسلام کي علم غيب عطائي آهي جيئن ٻين آيتن ۽ نبوي احاديث مان واضح آهي . ٢- رب العزة جل جلاله جون صنعتون ٻه قسم آهن بعضي قانوني بعضي قدرتي قانون هي آهي ته ڪو ٻه ڄمندڙ ڄمڻ وقت ڪجهه نه ٿو ڄاڻي. جيئن لَاتَعْلَمُوْنَ شَيْئًا "مان ظاهر آهيۦ قدرتي هي آهن جو انبياءِڪرام عليهم الصلواة والسلام عالم ارواح ۽ والده جي وجود ۾ به ڪيترين ڳالهيون ڄاڻندا هئا. حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ڄمندي ئي اعلان ڪيو هو ته "اِنِّيْ عَبْدُاللّٰهِ اٰتٰنِيَ الْكِتٰبَ وَجَعَلَنِيْ نَبِيًّا" مان الله جو ٻانهوآهيان مون کي ڪتاب ڏنو اٿس ۽ مون کي نبي بنايو اٿس. لهذا ڪنهن به مسلمان کي ڪنهن وقت به نه قدرت الاهي جو انڪار ڪرڻ گهرجي نه قانون جو جيڪي بدبخت ۽ بيوقوف ماڻهو الله جل شانه جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ ڪرام کي عطا ڪيل ڪمالات ۽ ڪرامات جو انڪار ڪن ٿا اهي حقيقت ۾الله جل مجده جي قدرت جا منڪر آهن. انبياءِڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ عظام الله جي قدرت جا ۽ عام ماڻهو قانون جا مظهر آهن. اهو فرق ضرور ذهن ۾ وهارڻ گهرجي. ٣- "جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْئِدَةَ" (اوهان جي لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ناهيائين) ۾ ڪنن کي اڳ ۾ ان جي ڪري آندو ويو آهي جو اهي علم جي ٻڌڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو آهن ۽ علم ئي هدايت ۽ الاهي معرفت جو سرچشمو آهي. ان جي ڪري ڪو به نبي سڄورو عليه الصلواة والسلام يا غوث ۽ قطب ٻوڙو نه رهيو آهي. ٤- رب العالمين عزبرهانه سيني شين جو حقيقي مالڪ آهي ۽ مخلوق مان صرف انسان زمين جي ڪجهه شين جا عطائي مالڪ آهن.انسان ڪانسواءِ باقي جاندار، جن ۽ ملائڪ به

ڪنهن شيءِ جا مالڪ ناهن.

ذاتي مالڪ ۽ عطائي مالڪ ۾ فرق

ذاتي مالڪ اهو آهي جو جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ڪي ڪنهن شيءِ جو مالڪ بنائي ته سندس تصرف ۽ قبضو ختم نه ٿئي ۽ عطائي مالڪ اهوآهي جوجيڪڏهن ڪنهن ٻئي ڪي مالڪ بنائي ته سندس ملڪيت ۽ تصرف ختم ٿي وڃي. مثلاً انسان ڪاشيءِ ڪنهن ڪي وڪڻي ڏي يا هبه ڪري قبضو به ڏئي ڇڏي ته ان جي ملڪيت به ختم ۽ تصرف به ختم. مگر الله جل جلاله پنهنجن ٻانهن ڪي جيڪو ڪجهه عطا ڪري ٿو ان ۾ سندس ملڪيت ۽ تصرف قائم ۽ دائم آهي اهو ختم ٿيڻ وارو ناهي. ۴-اِنَّ اللّٰہَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ (الله هر شيءِ تي قادر آهي) مان ثابت ٿيو ته رب ان تي قادر آهي جنهن ڪي شيءِ سڏجي. باقي جيڪا شيءِ ئي ناهي جيئن سندس شريڪ ته ان تي قادر ناهي، الله جل مجده پنهنجي شريڪ ٿاهڻ تي قادر ناهي. اهڙي طرح ڪوڙ به شيءِ ناهي ته ان ڪي الله جل شانه لاءِ ممڪن چوڻ به غلط بلڪ حرام آهي.

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ بُيُوۡتِكُمۡ سَكَنًا وَّجَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ جُلُوۡدِ

۽ الله ئاهيائين اوهان لاءِ گهرن اوهان جن مان وهڻ جي جاءِ ۽ ئاهيائين اوهان جي لاءِ ڪلن

الۡاَنۡعَامِ بُيُوۡتًا تَسۡتَخِفُّوۡنَهَا يَوۡمَ ظَعۡنِكُمۡ وَيَوۡمَ اِقَامَتِكُمۡ ۙ

چوپاين جي مان گهرن ڪي جو هلڪو ٿا سمجهو انهن ڪي منجهه ڏينهن سفر پنهنجي ۽ منجهه ڏينهن گهرن ۾ رهڻ پنهنجي

وَمِنۡ اَصۡوَافِهَا وَاَوۡبَارِهَا وَاَشۡعَارِهَاۤ اَثَاثًا وَّمَتَاعًا اِلٰى حِيۡنٍ ﴿۸۰﴾

۽ انهن جي ان مان ۽ انهن جي ڏاس مان ۽ انهن جي وارن مان گهر جو سامان ۽ استعمال جون شيون مقرر وقت تائين

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمۡ مِّمَّا خَلَقَ ظِلٰلًا وَّجَعَلَ لَكُمۡ مِّنَ الۡجِبَالِ

۽ الله ئاهيائين اوهان جي لاءِ ان مان جو پيدا ڪيائين ڇانئون ۽ پيدا ڪيائين اوهان جي لاءِ جبلن ۾

اَكۡنَانًا وَّجَعَلَ لَكُمۡ سَرَابِيۡلَ تَقِيۡكُمُ الۡحَرَّ وَسَرَابِيۡلَ تَقِيۡكُمۡ

پناهه گاهون ۽ پيدا ڪيائين اوهان لاءِ اهڙا ڪپڙا جو بچائين اوهان ڪي گرميءَ کان ۽ اهڙا لوهه جا لباس جو بچائيندا اوهان ڪي

بَأْسَكُمْ ۚ كَذَٰلِكَ يُتِمُّ نِعْمَتَهُ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُونَ ﴿٨١﴾

اوهان جي جنگ ۾ اهڙي طرح پوري ڪري ٿو نعمت پنهنجي اوهان تي تانته اوهان فرمانبردار رهو.

تفسير

اڳين مذڪوره آيتن ۾ الله تعاليٰ ٻانهن کي ٽن قسمن جي نعمتن ڏيڻ جو ذڪر فرمايو جن ۾ انسان جي عمل درآمد جو ڪوبہ دخل نہ هو. (١) رزق (٢) اولاد (٣) ظاهري ۽ باطني اعضا ۽ هتي چوٿين نعمت جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ شروعات کان ئي انساني صنعت، عقل ۽ فراست جو پورو دخل آهي يعني گهر ۽ تنبو وغيره جنهن ۾ انسان الله جل شانه جي پيدا ڪيل سامان کي ترتيب سان تيار ڪري ٿو. فرمان عاليشان آهي " وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْۢ بُيُوْتِكُمْ سَكَنًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنْ جُلُوْدِ الْاَنْعَامِ بُيُوْتًا تَسْتَخِفُّوْنَهَا يَوْمَ ظَعْنِكُمْ وَيَوْمَ اِقَامَتِكُمْ ۙ وَمِنْ اَصْوَافِهَا وَاَوْبَارِهَا وَاَشْعَارِهَآ اَثَاثًا وَّمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ " ۽ الله اوهان جي لاءِ اوهان جي گهرن ۾ آرام جو هنڌ بڻايو ۽ اوهان جي لاءِ چوپاين جانورن جي کلن مان اهڙا گهر (تنبو، شاميانا وغيره) ناهيائين جن کي اوهان پنهنجي سفر واري ڏينهن ۽ گهرن ۾ رهڻ واري ڏينهن ۾ هلڪو سمجهو ٿا ۽ انهن جي اُن، ڏاس ۽ وارن مان گهريلو سامان ۽ نفعو وٺڻ جون شيون مقرر وقت تائين تيار ڪيو ٿا يعني الله تعاليٰ اوهان جي مٿان ايترو مهربان آهي جو اوهان جي لاءِ اوهان جي گهرن ۾ سڪون وارا آرام گاهہ ناهيا اٿس ۽ اهو بہ ان جو اوهان جي لاءِ انعام آهي جو چوپاين جانورن جي کلن مان اوهان جي لاءِ تنبن ۽ شاميانن جي صورت ۾ اهڙا گهر تيار فرمايائين جن کي اوهان سفر ۽ گهر ۾ رهڻ جي وقت هلڪو سمجهي استعمال ڪيو ٿا ۽ انهن جانورن جي اُن ۽ ڏاس ۽ وار بہ ڪم آڻيو ٿا جتيون، ڪپڙا، ڪمبل وغيره تيار ڪري گهرن ۾ ۽ ٻاهر پايو ٿا. "اصواف" رڍن جا وار آهن" "اوبار" اٺن جا وار ۽ "اشعار" ٻڪرين جا وار آهن. "اثاثا" گهريلو سامان ۽ متاع اهو سامان جنهن سان مرڻ تائين فائدو حاصل ڪجي. (١)

"وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّمَّا خَلَقَ ظِلٰلًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْجِبَالِ اَكْنَانًا وَّجَعَلَ لَكُمْ

(١) تفسير القرآن للسمعاني ص ١٩٢ جلد ٣

"سَرَابِيْلَ تَقِيْكُمُ الْحَرَّ وَسَرَابِيْلَ تَقِيْكُمْ بَأْسَكُمْ" ۽ الله اوهانجي لاءِ پنهنجي مخلوق مان چانئون پيدا كيونءِ اوهان جي لاءِ جبلن ۾ چرون (پناھ گاھون) ٺاهيون ۽ اوهان جي لاءِ اهڙا ڪپڙا ٺاهيائين جيڪي اوهان کي گرميءَ کان بچائين ٿا ۽ اهڙالوهي لباس (زرهون) تيار ڪيائين جيڪي اوهان کي جنگ دوران بچائين ٿا. مطلب ته الله جل شانه اوهان لاءِ چانئون پيدا ڪيون آهن وڻن جي ڇانو، پٽين جي ڇانو، گهرن جي ڇانو،هي سڀ الله جل شانه جي مهرباني آهي گرميءَ جي موسم ۾ سخت اس هجي ۽ سخت گرم هوا پئي لڳي اوهان ڪنهن گهاٽي وڻ جي پاڇي ۾ ڇانو ۾ وهو ته پوءِ اوهان کي احساس ٿيندو ته اها نعمت ڪيتري وڏي آهي ۽ جبلن کي به صرف سخت پٿر نه بناياائين جو اوهان کي انهن ۾ سفر ڪندي مينهن وسي يا برف جو طوفان اچي ته ڪٿي مٿو به نه لڪائي سگهو پر انهن ۾ اهڙا غار ۽ چرون به رکيائين جتي اوهان پناھ وٺي آرام به ڪري سگهو يا رات رهي سگهو ان نعمت جو قدر انهن کان پڇو جيڪي جابلو علائقن ۾ رهن ٿا يا جن ڪڏهن جابلو علائقن جو سفر ڪيو آهي ۽ اهو به ان جو ڪرم آهي جو اوهان جي لاءِ اهڙا ڪپڙا پيدا فرمايائين جيڪي اوهان کي گرميءَ (سردي)کان بچائين ۽ اهڙا (لوھ جا) ڪپڙا (زرهون)پيدا فرمايائين جيڪي اوهان کي جنگ جي دوران دشمنن جي ڌڪن کان محفوظ رکن ٿا علامه ابو حيان اندلسي لکيو آهي ته "تَقِيْكُمُ الْحَرَّ" کان پويان"البرد" مقدر آهي.(١) ۽ هن جومطلب بيان ٿي چڪو آهي،جڏهن رب العزة جل شانه اهڙو ڪريم آهي ۽ اهو پنهنجون نعمتون اوهان تي پوريون ٿو ڪرڻ فرمائي ته اوهان انجا فرمانبردار ٿيو ان جي حضور ۾ جهڪي پئو، ان جي احڪام جي اطاعت ڪيو احسان شناسيءَ جي تقاضا اها آهي ۽ اهائي اوهان جي لاءِ زيب ۽ زينت آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.(١)"وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ" (۽ مقرر وقت تائين نفعي وٺڻ جي لاءِ) مان واضح ٿيو ته دنيا ۽ دنيا وارا جسم غير مستحڪم ۽ جلد فنا ٿيڻ وارا آهن پر آخرت جي هر شيءِ انتها مضبوط ۽ قوي آهي لهذامسلمانن کي گهرجي ته آخرت جي سنوارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ محنت ۽ جدوجهد ڪن. (٢)"وَجَعَلَ لَكُمْ سَرَابِيْلَ" (۽ اوهان جي لاءِ لباس پيدا ڪيائين) مان روشن ٿيو ته: لباس صرف انسان جي لاءِ پيدا ڪيل آهي اهو جنن ۽ ملائڪن کي ان جي ڪري نه ڏنو

(١)النهر الماد من البحر ص ٥٢٣ جلد ٥

ويو جو انهن کي سردي، گرمي ۽ مٽي وغيره نقصان نہ ٿي ڏئي سگهي ۽ ٻين جانورن کي وار ۽ کل اهڙي آهي جو انهن کي بہ سردي گرمي ايترو نہ ٿي ونئي ۽لباس انسان جي لاءِ سينگار بہ آهي جنهن سان اهو تمام سهڻو لڳي ٿو. ٣: رب العزة جل شانه ساري مخلوق کان وڌيڪ نعمتون انسان کي عطا ڪيون آهن خاص ڪري مومنن کي يعني نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام، قرآن ڪريم ۽ روحاني تعليم ڏيڻ جي لاءِ رباني علماءِ اولياء سڳورا. لهذا انسانن کي خاص ڪري مسلمانن کي الله جل شانه جو شڪر وڌيڪ ڪرڻ گهرجي. ۴: "جَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ جُلُوۡدِ الۡاَنۡعَامِ". (اوهان جي لاءِ چوپاين جي کلن مان پيدا فرمايائين الخ) مان واضح ٿيو تہ: هر حلال جانور مثلاً: اٺ، ٻڪري، رڍ، مينهن ۽ ڍڳئون وغيره جون کلون وار، اُن وغيره پاڪ آهن مسلمانن، مردن توڙي عورتن کي انهن جو استعمال ڪرڻ حلال آهي.

فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَاِنَّمَا عَلَيۡكَ الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿٨٢﴾ يَعۡرِفُوۡنَ نِعۡمَتَ اللّٰهِ

پوءِ جيڪڏهن منهن ڦيرائين پوءِ توتي صرف پيغام پهچائڻ آهي ڪليل طرح سڃاڻن ٿا الله جي نعمت کي

ثُمَّ يُنۡكِرُوۡنَهَا وَاَكۡثَرُهُمُ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿٨٣﴾ وَيَوۡمَ نَبۡعَثُ

تنهن کان پوءِ انڪار ڪن ٿا ان جو ۽ گهڻا انهن مان ڪافر آهن ۽ ان ڏينهن اٿاريندا سون

مِنۡ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيۡدًا ثُمَّ لَا يُؤۡذَنُ لِلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَلَا هُمۡ يُسۡتَعۡتَبُوۡنَ ﴿٨٤﴾

هر امت مان شاهد ان کان پوءِ نہ اجازت ڏني ويندي انهن کي جو ڪفر ڪيائون ۽ نہ اهي توبه جي مهلت ڏنا ويندا

وَاِذَا رَاَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوا الۡعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنۡهُمۡ وَلَا هُمۡ يُنۡظَرُوۡنَ ﴿٨٥﴾

۽ جڏهن ظالم عذاب ڏسندا تڏهن کائن (عذاب) نڪي هلڪو ڪبو ۽ نڪي انهن کي مهلت ڏبي

وَاِذَا رَاَ الَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡا شُرَكَآءَهُمۡ قَالُوۡا رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا

۽ (ياد ڪر) جڏهن ڏسندا اهي جو شرڪ ڪيائون (هٿرادو) شريڪن پنهنجن کي ترچوندا اي اسان جا رب اهي آهن شريڪ بنايل اسان وارا

الَّذِيۡنَ كُنَّا نَدۡعُوۡا مِنۡ دُوۡنِكَ ۚ فَاَلۡقَوۡا اِلَيۡهِمُ الۡقَوۡلَ اِنَّكُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ ﴿٨٦﴾

جن کي پوڄيندا هئاسون توکان سواءِ پوءِ ورائيندا انهن ڏانهن جواب تہ بيشڪ اوهان البت ڪوڙا آهيو.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن ڪي الاهي انعام ۽ مهربانيون ذهن نشين ڪرايون ويون ته شايد اهي مڃي مسلمان ٿين ۽ هتي حضرت حبيب ڪريم عليه الصواة والسلام جن ڪي سمجهايو ويو ته انهن جي منهن موڙڻ تي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ئي ناهي.اوهان تي پيغام پهچائڻ آهي اهو پهچايو وڏيڪ پاڙهي پنهنجي حالت ڏسندا . ارشاد ايزدي آهي. "فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ"پوءِ جيڪڏهن منهن ڦيرائيندا ته پوءِ توتي صرف ڪليءَ طرح پيغام پهچائڻ آهي مطلب ته جيڪڏهن ايترين مهربانيون ڏسي به ايمان آڻڻ کان منهن موڙين ٿا ته اوهان پريشان نه ٿيو اوهان جي ذمي جيڪو پيغام پهچائڻ آهي اهو سهڻي نموني پهچايو پيا (١).

"يَعْرِفُوْنَ نِعْمَةَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنْكِرُوْنَهَا وَاَكْثَرُ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ" الله جي نعمت کي سڃاڻن (به) ٿا ان کان پوءِ ان جو انڪار ڪن ٿا ۽ انهن مان گهڻا ڪافر آهن. يعني انهن جي انڪار جو سبب اهو ناهي ته اوهان انهن کي صحيح نموني سمجهايو ناهي يا اهي پنهنجي رب جي مهربانين کان بي خبر آهن اوهان ته انهن کي سهڻي نموني سمجهايو آهي ۽ اهي به الله جي نعمتن کي سڃاڻي چڪا آهن پر ان هوندي به انهن مان گهڻا عمدًا ڪافر آهن. "وَيَوْمَ نَبْعَثُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا ثُمَّ لَا يُؤْذَنُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ" ۽ (ياد ڪر) جنهن ڏينهن هر امت مان شاهد اٿارينداسون تنهن کان پوءِ ڪافرن کي نه موڪل ڏني ويندي ۽ نه اهي توبه جي مهلت ڏنا ويندا. مطلب ته ياد رکو، اهو ڏينهن به اچڻ وارو آهي جڏهن سيئي اڳيون ۽ پويون امتون احڪم الحاڪمين جي عدالت ۾ پيش ٿينديون ۽ هر امت جو نبي انهن جي مٿان شاهد طور بيهاريو ويندو تانت پنهنجي امت جي نيڪ ۽ بري، فرمانبردار ۽ بي فرمان جي متعلق شاهدي ڏي ان وقت منڪرن کي نه ڳالهائڻ جي اجازت هوندي نه توبه ڪرڻ يا معذرت پيش ڪرڻ جي موڪل ڏني ويندي ڇوته قيامت جو ڏينهن دار الجزاءآهي. دارالعمل ناهي. "وَاِذَا رَاَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الْعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ" ۽ جڏهن ظالم عذاب ڏسندو ته پوءِ نه انهن کان عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نه اهي مهلت ڏنا ويندا.مطلب ته جهنم ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪافر بالڪل بي بس ۽ بي اختيار هوندا نه انهن تان عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نه ڪين

(١)بحر العلوم ص ٢٤٥ جلد ٢

كنهن بہ قسم جي كاڍر ۽ مهلت ملندي. "وَاِذَا رَاَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا شُرَكَآءَهُمْ قَالُوْا رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا الَّذِيْنَ كُنَّا نَدْعُوْا مِنْ دُوْنِكَ فَاَلْقَوْا اِلَيْهِمُ الْقَوْلَ اِنَّكُمْ لَكٰذِبُوْنَ" ۽ جڏهن مشرڪ پنهنجن (خداوند ڪريم سان ٺاهيلن) شريڪن کي ڏسندا تہ (الله جل جلالہ کي) عرض ڪندا اي اسان جا پالڻهار ! هي اسان جا اهي (هٿرادو بنايل) شريڪ آهن جن جي توکان سواءِ (بلڪ تنهنجي مقابلي ۾) عبادت ڪندا هئاسون، پوءِ اهي (باطل معبود) انهن (ڪافرن)کي جواب ڏيندي چوندا تہ بلاشڪ پڪ اوهان يقينًا ڪوڙا آهيو. يعني ڪافرجهنم ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي باطل معبودن بتن وغيرهم کي بہ سڙندي ڏسندا تہ الله جل شانہ کي عرض ڪندا، اي اسان جا سچا ۽ حقيقي پالڻهار ! هي تہ اسان جا اهيئي ڪوڙا معبود آهن جن کي اسان توسان شريڪ بنايو هو جن کي تنهنجي مقابلي ۾ پوڄيندا هئاسون لهذا اسان واري عذاب مان انهن کي بہ حصو ڏئي اسان تي عذاب هلڪو ڪر. اهو ٻڌنديئي انهن جا باطل معبود الله جي اذن سان ڳالهائي ڪين جواب ڏيندا تہ: اوهان بالڪل ڪوڙا آهيو اسان اوهان کي ڪڏهن چيو هو تہ: اسان جي پوڄا ڪيو، اوهان پاڻهي پاڻ اسان جي پوڄا شروع ڪئي هئي ۽ هاڻي وري اسان ڏانهن عذاب موڪلڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "فَاِنْ تَوَلَّوْا" (پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين) آيت مان واضح ٿيو تہ جيڪو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان منهن موڙي ٿو اهو پاڻ کي تباهہ ٿو ڪري حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي.پاڻ الله جل جلالہ کان سواءِ ڪنهن جا بہ محتاج ناهن ساري دنيا سندن دروازي پاڪ تي اچڻ ۽ فيض وٺن جي محتاج آهي. حضرت فريد الدين عطار عليه الرحمه جو قول آهي:

آنکہ آمد نہ فلک معراج او

انبياءو اوليا محتاج او

يعني اهو محبوب نبي عليه الصلواة والسلام جنهن جو معراج ستن آسمانن، عرش، لوح،قلم ۽ ڪرسي (کان بہ مٿي) هو، بيا انبياءِ عليهم الصلواة والسلام ۽ اوليا سڀورا ان جا محتاج آهن. ٢- "يَعْرِفُوْنَ نِعْمَتَ اللّٰهِ" (الله جي نعمت سڃاڻين ٿا) مان واضح ٿيو تہ الله جل جلالہ جيڪي نعمتون، مثلاً، ايمان، قرآن، نبوي حديثون، عبادت، ذڪر الاهي، خصوصًا حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي ذات

اقدس. مومن کي ڏنيون آهن اهڙيون نعمتون کنهن کي بہ نہ عطا ٿيون آهن. ٣- دردناک عذاب، ذلت ۽ عذاب ۾ هلڪائي نہ ٿيڻ صرف ڪافرن جي لاءِ آهي فاسق ۽ فاجر جيتوڻيک کجهہ عرصي لاءِ جهنم ۾ويندا پر دعائن، شفاعتن ۽ نيک اعمال جي ذريعي ايصال ثواب سان انهن جي لاءِ عذاب هلڪو تہ ڇا پر معاف بہ ٿي ويندو جيئن "فَلَايُخَفَّفُ" پوءِ انهن تان عذاب هلڪو نہ ڪيو ويندو. خاص ڪافرن جي لاءِ آيل آهي.

وَاَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِ ِالسَّلَمَ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا

۽ پيش ڪندا الله ڏانهن ان ڏينهن عاجزي ۽ غائب ٿيندو انهن کان اهو جيڪو

يَفْتَرُوْنَ ﴿٨٧﴾ اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ زِدْنٰهُمْ

بهتان هڻندا هئا اهي شخص جن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون الله جي واٽ کان وڌائينداسون انهن کي

عَذَابًا فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يُفْسِدُوْنَ ﴿٨٨﴾ وَيَوْمَ نَبْعَثُ

عذاب تي عذاب ان سببان جو فساد ڪندا هئا ۽ جنهن ڏينهن اٿارينداسون

فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا عَلَيْهِمْ مِّنْ اَنْفُسِهِمْ وَجِئْنَا بِكَ

هر امت مان شاهد انهن تي انهن مان ۽ آڻينداسون توکي

شَهِيْدًا عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ ۭ وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا

١ شاهد بنائي هنن تي ۽ نازل ڪيوسون توتي ڪتاب بيان ڪري

لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿٨٩﴾ ع ركوع ١٤

هر شيءِ جي لاءِ ۽ هدايت ۽ رحمت ۽ بشارت واسطي مسلمانن جي.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي ميدان حشر واري گفتگو جو ذڪر هو

جيڪا اهي پنهنجي باطل معبودن سان ان اميد تي ڪندا تہ شايد ان ذريعي ڪين نجات ملي ۽ هاڻي هتي باطل معبودن کان مايوسي کان پوءِ بارگاهہ ايزديءَ ۾ سندن طرفان عاجزي ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَاَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِ ۨالسَّلَمَ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ" ۽ ان (قيامت جي) ڏينهن الله ڏانهن عاجزي پيش ڪندا ۽ جيڪي بهتان ناهي هڻندا هئا اهي ڪانئن غائب ٿي ويندا. يعني ڪافر ظالم ان وهم ۾ مبتلا هئا تہ سندن باطل معبود ، ڪين ڇڏائيندا پر قيامت جي ڏينهن اهي ڪين لپندا ئي ڪونہ ۽ نہ سندن ڪا مدد ڪري سگهندا. " اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ زِدْنٰهُمْ عَذَابًا فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يُفْسِدُوْنَ" جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ کان روڪيو انهن کي ان سببان جو فساد ڪندا هئا عذاب تي عذاب وڌائينداسون. اهو عذاب تي عذاب ڇا هوندو؟ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو آهي تہ اهي وڇون هوندا جن جا ڏنگ ڊگهين کجين جيڏا هوندا. ابن مردويه حضرت براء رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن بہ ائين فرمايو آهي. (١) "وَيَوْمَ نَبْعَثُ فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا عَلَيْهِمْ مِّنْ اَنْفُسِهِمْ وَجِئْنَا بِكَ شَهِيْدًا عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ" ۽ ان (قيامت جي) ڏينهن هر امت تي انهن مان ئي شاهد اٿارينداسون ۽ اوهان کي هنن تي شاهد ڪري آڻينداسون. يعني هر امت جي مٿان سندن طرف موڪليل نبي سڳورو عليه الصلواة والسلام شاهد ڪري اٿاريو ويندو. جيڪو شاهدي ڏيندو تہ هنن منهنجي سڏ کي جيءَ نہ ڇيو ۽ منهن جو فرمان نہ مڃيو ۽ اي حبيب پاڪ ! عليڪ الصلواة والسلام ! اوهان کي هنن تي شاهد ڪري آڻينداسون، اڪثر مفسرن جي بقول "هٰٓؤُلَآءِ" (هنن) مان مراد سندن امت آهي جنهن ۾ سندن وقت ۾ موجود تہ داخل آهن پر اهو بہ بعيد ناهي تہ قيامت تائين اچڻ وارا امتي سڀ ان ۾ شامل آهن. (٢) "وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ" ۽ اسان توتي ڪتاب هر شيءِ جوبيان ۽ هدايت ۽ رحمت ۽ مسلمانن جي لاءِ بشارت ڪري نازل فرمايو آهي. هتي قرآن ڪريم کي هر شيءِ جي لاءِ بيان سڏڻ مان مراد آهي تہ انهيءَ ۾ سيني مسئلن جا اصول بيان ٿيل آهن ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ نبوي حديثون اجماع ۽ شرعي قياس سان مسئلا بيان ڪيا ويندا آهن. (٣)

فائدو

مذڪوره آيتن مان هي فائدو ذهن ۾ اچي ٿو. ١- "وَاَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِ ۨالسَّلَمَ" (۽ ان ڏينهن الله جي بارگاهہ ۾ عاجزي پيش ڪندا) مان ثابت ٿيو تہ ڪم ۽

(١) المظهري ص ٣٦٣ جلد ٥ (٢) روح المعاني ص ٢١٣ جزء ١٤ جلد ٥ (٣) معارف القرآن ص ٣٧٤ جلد ٥

عمل اهوئي بهتر آهي جيڪو پنهنجي وقت، موقعي ۽ محل جي مناسب ڪيو وڃي، ڪافر به جيڪڏهن دنيا ۾ الله جل شانه ڏانهن رجوع ڪن ها ته مقبول ٿئي ها. وقت گذاري الاهي عذاب ڏسي پوءِ رجوع ڪندا ته ڇا ٿيندو نه اهو رجوع مقبول رهندو نه توبه منظور ٿيندي.

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآءِ ذِي الْقُرْبٰى

بلاشڪ الله امر ٿو ڪري عدل ۽ احسان جو ۽ قرابت دارن جي ڏيڻ جو

وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ

۽ روڪي ٿو بيحيائيءَ ۽ برائيءَ ۽بغاوت کان نصيحت ٿو ڪري اوهان کي تانت اوهان

تَذَكَّرُوْنَ ﴿٩٠﴾ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عَاهَدْتُّمْ وَلَا تَنْقُضُوا

نصيحت حاصل ڪيو ۽ وفاداري ڪيو الله جي عهد جي جڏهن عهد ڪيو اٿو ۽ نه ڀڃو

الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ۭ

قسمن کي پڪي ڪرڻ کان پوءِ تحقيق ڪيو اوهان الله کي پنهنجي مٿان ذمي وارو

اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٩١﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّتِيْ نَقَضَتْ غَزْلَهَا

بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ڪيو ٿا ۽ نه هجو ان (عورت) وانگر جنهن ڇني ڇڏيو ڪتيل ڌاڳي پنهنجي کي

مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ اَنْكَاثًا ۭ تَتَّخِذُوْنَ اَيْمَانَكُمْ دَخَلًۢا بَيْنَكُمْ

پڄاڻان مضبوط ڪرڻ جي ٽڪرا ٽڪرا ونو ٿا قسمن پنهنجن کي خيانت ڪري پاڻ ۾

اَنْ تَكُوْنَ اُمَّةٌ هِيَ اَرْبٰى مِنْ اُمَّةٍ ۭ اِنَّمَا يَبْلُوْكُمُ اللّٰهُ بِهٖ ۭ

ته هجي هڪ جماعت اها وڌيڪ نفعي واري ٻي جماعت کان تحقيق آزمائي ٿو اوهان کي الله ان سان

وَلَيُبَيِّنَنَّ لَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٢﴾

۽ البت کولي بيان ڪندو اوهان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن اهو جو ان ۾ ٿي اختلاف ڪيو.

تفسير

پهريان مذكوره آيتن ۾ قيامت جي ڏينهن پيش ٿيندڙ شاهدين جو ذكر ٿيو جنهن مان الاهي عدالت جو شان معلوم ٿيو ۽ هتي پانهن كي عدل ۽ انصاف قائم كرڻ جو حكم ڏيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآءِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ" بلاشڪ الله عدل ۽ احسان ۽ قرابتدارن كي ڏيڻ جو امر ٿو كري ۽ بيحيائيءَ برائيءَ ۽ بغاوت كان روكي ٿو. اوهان كي نصيحت ٿو كري تانته اوهان نصيحت حاصل كيو. محدث سعيد بن منصور، امام بخاري الادب المفرد ۾، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، طبراني، حاكم ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي، عليهم الرحمة والغفر ان حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه كان روايت آندي آهي ته: قرآن كريم ۾ عظمت واري آيت "اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ" (آيت الكرسي) آهي ۽ نيكي ۽ برائيءَ كي بيان كرڻ جي لحاظ سان جامع آيت - سورة النحل جي آيت "اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ" آيه - آهي الخ. ۽ ابن النجار پنهنجي تاريخ ۾ آندو آهي ته سيدنا علي بن ابي طالب رضي الله عنه ماڻهن جي هڪ ميڙ كان ان حال ۾ اچي لنگهيو جو اهي كنهن موضوع تي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا پاڻ انهن كان پڇيائين ته ڇا جي باري ۾ پيا ڳالهايو؟ انهن عرض كيو ته "ماڻهپي جي باري ۾" پيا بحث كيون ته ماڻهپو ۽ مروت ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته: ڇا الله جل شانه جو سندس پاڪ كتاب ۾ بيان كيل ارشاد كافي ناهي؟ فرمايو اٿس "اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ" آية ان ۾ عدل، انصاف، احسان ۽ فضل سڀ كجهه بيان كيل آهي. ان كان پوءِ ڇا باقي رهيو؟ (١)

حضرت عكرمه رضي الله عنه كان روايت آهي ته: نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن هي آيت "اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ" الاية وليد بن مغيره كي پڙهي ٻڌائي ان كين عرض كيو ته: اها وري پڙهي ٻڌايو "پوءِ نبي كريم صلى الله عليه وسلم جن كيس وري پڙهي ٻڌائي" ٻڌي عرض كيائين ته: هن ۾ تمام گهڻو مٺاڻ ۽ تازگي آهي ۽ هي انسان جو قول ناهي. (٢)

(١) الدر المنثور ص ١٦٠ جلد ٥ (٢) بحر العلوم ص ٢٤٧ جلد ٢

هن آيت ۾ مذڪوره احڪام

هن آيت مبارڪه ۾ ١- پهريون عدل جوبيان ٿيو آهي ان مان مراد اخلاقي، معاشرتي، معاشي، قانوني، سياسي ۽ تمدني حقوق پوريءَ ايمانداريءَ سان ادا ڪرڻ آهن. (١) ابن ابي طلحه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته: ان مان مراد شهادت جو ڪلمو آهي ۽ ضحاڪ جو قول آهي ته عَدل مان مراد حق آهي. سفيان بن عيينه جو ارشاد آهي ته: ان مان مراد الله جي لاءِ عملُ ڪرڻ ۾ ظاهر ۽ باطن برابر رکڻ آهي. ٢- ٻيو احسان جو ذڪر آيو آهي. سيدنا ابن عباس فرمايو آهي ته احسان مان مراد الله جل شانه جا فرائض ادا ڪرڻ ۽ اهڙي طرح عبادت ڪرڻ آهي جڻ ته الله جل شانه کي ڏسين پيو پلا جيڪڏهن تون نه ٿو ڏسين ته اهو ته توکي ڏسي رهيو آهي ۽ جيڪا شيءِ پنهنجي لاءِ پسند ڪرين اها ٻين ماڻهن جي لاءِ به پسند ڪر.جيڪڏهن اهي مومن آهن ته تون اها ڳالهه پسند ڪر ته ايمان ۾ مضبوط ٿين ۽ جيڪڏهن ڪافر آهن ته مومن بڻجن. (٢) ۽ حقيقت هيءَ آهي ته ڪنهن به معاشري جو صحيح بنياد جڏهن انهن ٻن شين عدل ۽ احسان تي قائم ٿيندو تڏهن اهو ڪامياب ويندو جتي عدل ۽ احسان ناهي اتي ڪنهن به قسم جو سڪون ۽ اطمينان نه هوندو امن امان تڏهن قائم ٿيندو جڏهن هرهڪ بادشاهه توڙي گداڪي پورو حق ملي ۽ قانون جي اڳيان سڀ هڪ جهڙا هجن صرف اهو به ڪافي ناهي پر هر فرد پنهنجي ساٿيءَ سان برتاءُ ڪرڻ ۾ احسان کي پيش نظر رکي يعني ان کي حق کان وڌيڪ ڏي.

جيڪڏهن ان کان ڪاڪوتاهي ٿي وڃي ته هر وقت ان کي سزا ڏيڻ جي لاءِ زور نه رکي پر معاف ڪرڻ جي به طبيعت رکي ان طرح سان هن معاشري ۾ صرف هي ناهي ته حسد ۽ بغض جا شعلا نه ڀڙڪندا پر پيار ۽ محبت جي اهڙي پياري هوا لڳندي جيڪا سندن دلين جي مڪڙين کي مهڪائي ڇڏيندي. ٣- ٽيون قرابت دارن کي ڏيڻ جو حڪم آيو آهي.مٽن مائٽن جي سنڀال لهڻ، انهن سان شفقت سان پيش اچڻ به رب العزة جل شانه کي پسند آهي ائين نه ٿئي جو ماڻهو پاڻ عيش عشرت سان زندگي گذاري ۽ غريب، مسڪين،مائٽ ۽ مٽ مائيءَ جا محتاج لڳا پيا هجن شريعت ۾ والدين تي اولاد کي سٺي نموني پالڻ،پڙهائڻ ۽ سندن سهڻي تربيت ڪرڻ فرض آهي ته والدين جي ٻيڙائپ ۽ محتاجيءَ جي دوران وري اولاد تي انهن جي خدمت ڪرڻ به فرض

(١) تفهيم القرآن ص ٥٦٥ جلد ٢ (٢) زاد المسير ص ٤٨٣ جلد ٤.

آهي صرف اهو ناهي بلڪ قرابت جو هي سلسلو جيترو وڏندو ويندو ايتريون ذميداريون بہ وڌنديون اسلام جو ورثي وارو نظام ان خانداني ڪفالت جي هڪ عملي صورت آهي. "وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَاۗءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ" ۾ ٽن ڪمن کان روڪيو ويو آهي. ١:- "اَلْفَحْشَاۗءِ" (بيحيائي) ان مان مراد هر اهو قول يا فعل آهي جنهن جي قباحت شديد آهي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ "اَلْفَحْشَاۗءِ" مان مراد زنا آهي. (١) - ٢:- "اَلْمُنْكَرِ" اهو قول ۽ فعل آهي جنهن جي حرام ۽ ناجائز هجڻ تي اهل شريعت جو اتفاق هجي ان جي ڪري اجتهادي اختلافات ۾ ڪنهن بہ پاسي کي منڪر نہ ٿو چئي سگهجي ۽ منڪر لفظ ۾ سيئي گناهہ ظاهري ۽ باطني عملي ۽ اخلاقي داخل آهن. ٣:- "اَلْبَغْيِ" جي اصل معنىٰ حدکان تجاوز ڪرڻ آهي ۽ هتي ان مان مراد ظلم ۽ زيادتي آهي .

سوال: ڇا "اَلْفَحْشَاۗءِ" ۽ "اَلْبَغْيِ" "اَلْمُنْكَرِ" جي معنىٰ ۾ داخل ناهن؟ جو جدا بيان ڪيا ويا.

جواب: "المنڪر" ۾ ٻئي داخل آهن پر فحشاءَ کي ان جي انتهائي برائيءَ جي ڪري جدا ۽ اڳ ۾ آڻي بيان ڪيو ويو ۽ "اَلْبَغْيِ" ان جي ڪري جدا بيان ڪيو ويو جو ان جو اثر ٻين تي پوي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان جي ڪري جنگيون ۽ جهيڙا بہ ٿي پوندا آهن. الغرض تہ هن آيت ۾ انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي لاءِ مڪمل ڪاميابيءَ جو اڪسير بيان ڪيل آهي. آيت جي آخر ۾ ٻڌايو ويو تہ: الله اوهان کي ٽي امر ۽ ٽي نهي جون ڳالهيون ٻڌائي نصيحت ٿو ڪري تانت اوهان نصيحت پرائي الله جل جلالہ کي راضي بنايو ۽ اهي ڪم ڪيو جنهن ۾ اوهان جي دين ۽ دنيا جو فائدو آهي. "وَاَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عَاهَدْتُّمْ وَلَا تَنْقُضُوا الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ" ۽ جڏهن الله سان عهد ڪيو اٿو تہ اهو پورو ڪيو ۽ پڪي ڪرڻ کان پوءِ قسم نہ ڀڃو حالانڪ اوهان الله کي پنهنجي مٿان ذميوار (شاهد) بنايو آهي يقينًا اوهان جيڪو ڪجهہ ڪيو ٿا الله ڄاڻي ٿو. هن آيت ۾ الله تعالىٰ مسلمانن کي هدايت ڪري ٿو: جنهن سان بہ ڪو عهد يا وعدو الله جل جلالہ جو قسم کڻي ڪيو تہ اهو پورو ڪندا ڪيو قسم کڻي پڪا وعدا ڪري ڀڃڻ لاءِ نہ سوچيو ڇوتہ ان وعدي نباهڻ جي لاءِ اوهان الله جل شانہ جي نالي قسم کڻي الله کي ذميوار يا شاهد بنايو آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ عهد جو لفظ سيني معاملات ۽ معاهدات کي شامل آهي جن جو زبان سان التزام ڪيو ويندو آهي. عهد کي ڀڃندڙ وڏو گنهگار آهي. نبي

(١) المظهري ص ٣٦٤ جلد ٥

ڪريم عليه الصلواة والسلام جو فرمان مبارڪ آهي تہ: ” قيامت جي ڏينهن عهد ٽوڙيندڙ جي پٺيءَ تي هڪ جهنڊو کڙو ڪيو ويندو جنهن جي ڪري محشر جي ميدان ۾ خوار ٿيندو (١)

”وَلَا تَكُونُوا كَالَّتِي نَقَضَتْ غَزْلَهَا مِنْ بَعْدِ قُوَّةٍ أَنْكَاثًا“ ۽ ان (عورت) وانگر نہ ٿيو جنهن پنهنجي ڪتيل سٽ کي مضبوط ڪرڻ ڪان پوءِ ڇني ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو يعني عهد ڪري ڀڃڻ ائين بيوقوفي آهي جيئن ڪا عورت سڄو ڏينهن سٽ ڪتي مضبوط بنائي شام جو ان کي ڇني ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي (مڪه مڪرمه ۾ هڪ چري عورت ائين ڪندي هئي.) (٢) مقصد هي اهي تہ هڪ ٻئي سان ڪيل معاهدن کي ڪچي ڌاڳي وانگر نہ سمجهو جو هر هر ڇني ڇڏيو.

”تَتَّخِذُونَ أَيْمَانَكُمْ دَخَلًا بَيْنَكُمْ أَنْ تَكُونَ أُمَّةٌ هِيَ أَرْبَىٰ مِنْ أُمَّةٍ“ پنهنجن قسمن کي پاڻ ۾ دخل ڏيڻ جو بهانو نہ بنايو تانت هڪڙي جماعت ٻئي ڪان وڌيڪ فائدو کڻندڙ هجي مقصد تہ معاهدن ۽ قسمن کي فريب، مڪاري، دغا ۽ هڪ ٻئي کي ڌوڪو ڏئي ظاهري مفاد حاصل ڪرڻ جو ذريعو نہ بنايو ۽ نہ هڪ ٻئي جي حق ڪائڻ لاءِ قسم کڻي قسم کي بهاني طور استعمال ڪيو. ”إِنَّمَا يَبْلُوكُمُ اللَّهُ بِهِ“ الله ان سان اوهان کي صرف آزمائي ٿو يعني دنيا جي قومن مان الله تعالىٰ ڪنهن کي قوي تہ ڪنهن کي ضعيف صرف ان جي ڪري بنايو تہ اوهان کي آزمائي ۽ وعدي ۽ عهد جي وفا ڪرڻ جوحڪم بہ امتحان لاءِ آهي. ”وَلَيُبَيِّنَنَّ لَكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مَا كُنْتُمْ فِيهِ تَخْتَلِفُونَ“ ۽ جنهن ۾ اوهان اختلاف ڪيو ٿا قيامت جي ڏينهن ان کي ضروري کولي بيان فرمائيندو. مقصد تہ هتي امتحان آهي رزلٽ ۽ نتيجو قيامت جي ڏينهن کلي سامهون ايندو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. (١) ”وَإِيتَاءِ ذِي الْقُرْبَىٰ“ (۽ قرابت دارن کي ڏيڻ) مان ثابت ٿيو تہ انسان تي ذارين ڪان وڌيڪ پنهنجن مائٽن مٽن جو حق آهي پهريان مٽن مائٽن جون حاجتون پوريون ڪري پوءِ ڪنهن ٻئي جي ضرورت ڏانهن متوجہ رهي. (٢) هر اهڙو ڪم جيڪو شرمساريءَ جو سبب بنجي ۽ حيا ۽ مروت جي خلاف هجي ان ڪان پري رهجي. جيئن ”الْفَحْشَاءِ“ جي عموم مان معلوم ٿي رهيو آهي. (٣) ” وَلَيُبَيِّنَنَّ لَكُمْ “ (۽ اوهان جي لاءِ ضروري کولي بيان ڪندو) مان واضح ٿئي ٿو تہ ڪافرن جا گناهہ کولي بيان ڪيا ويندا ۽ مومنن جي

(١) معارف القرآن ص ٣٨٣ جلد ٥ (١) حاشيه عثمانيه ص ٣٦٧

نيڪين جا اعلان ڪرايا ويندا. مومنن جي گناهن جي پردي داري ڪئي ويندي ڇوته مذڪوره جمله خصوصي طور ڪافرن جي بيان ۾ آيل آهي. ۴- "وَلَا تَنْقُضُوا الْأَيْمَانَ" (۽ قسم نه ڀڃو) مان واضح ٿيو ته قسم جا گهڻا قسم آهن. مفسرن انهن جي وضاحت هن طرح ڪئي آهي.

قسم چار قسم آهن

(١) فوري قسم ٢- لغو ٣- غموس ۴- منعقده - وعدي ۽ عهد ۾ اهوئي آخري قسم ڳالهايو ويندو آهي ان جي پوري نه ڪرڻ ۽ ڀڃڻ تي ڪفارت واجب آهي ان کي پورو ڪرڻ ۽ نباهڻ واجب آهي. (١)

تنبيه: الله جل جلاله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو به ڇونه نبي عليه الصلواة والسلام يا ولي هجي قسم کڻڻ قطعي ناجائز ۽ حرام آهي. (٢).

وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّضِلُّ

۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته البت بنائي ها اوهان کي امت هڪڙي ۽ پر گمراه ٿو ڪري

مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَلَتُسْـَٔــلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾

جنهن کي گهري ۽ هدايت ٿو ڪري جنهن کي گهري ۽ البته ضرور پڇا ڪيا ويندؤ ان جي باري ۾ جيڪي ڪيو پيا

وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اَيْمَانَكُمْ دَخَلًۢا بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعْدَ

۽ نه بنايو قسمن پنهنجن کي دخل جو بهانو پاڻ ۾ پوءِ ترڪي پئي قدم

ثُبُوْتِهَا وَتَذُوْقُوا السُّوْۗءَ بِمَا صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ

ثابت هجڻ کان پوءِ ۽ چکو سزا ان جي بدلي جو روڪيو پيا الله جي واٽ کان

وَلَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٩٤﴾ وَلَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَـمَنًا قَلِيْلًا ۭ

۽ اوهان جي لاءِ عذاب وڏو آهي ۽ نه خريد ڪيو الله جي عهد جي بدلي ۾ ملهه ٿورو

(١) نعيمي ص ۴٧١ جلد ١۴ (٢) ساڳيو حوالو

اِنَّمَا عِنۡدَاللّٰهِ هُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٩٥﴾

بلاشڪ جيڪو الله وٽ آهي اهو ڀلو آهي اوهان جي لاءِ جيڪڏهن آهيو جو ڄاڻو ٿا.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ بيان ٿيو ته انسان مختلف جماعتون آهن هتي بيان ڪيو ويو آهي ته اهو سڀ ڪجهه ڪنهن حڪمت جي تحت آهي جيڪڏهن الله تعالىٰ بي مخلوقات وانگر انسانن کي بہ زوريءَ بي وس بنائي هڪ امت رکي ها تہ رکي سگهيو ٿي. فرمان عالي شان آهي. "وَلَوۡشَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمۡ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰـكِنۡ يُّضِلُّ مَنۡ يَّشَآءُ وَيَهۡدِيۡ مَنۡ يَّشَآءُ" ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اوهان کي هڪ امت بنائي ها ۽ پر جنهن کي گهري ٿو گمراهه ٿو ڪري ۽ جنهن کي گهري ٿو هدايت ٿو ڪري. مقصد تہ الله جل شانه انسان کي بي وس ۽ بي اختيار بنائي هڪ رستي تي رکي ها تہ ڪري سگهي ٿو ان جي قدرت کان اها ڳالهه ٻاهر ناهي پر ان پنهنجي حڪمت سان انسان کي غير انسان کان جدا رکڻ لاءِ اختيار ڏنو آهي ان جي ڪري انسانن جون واٽون مختلف رهيون آهن جيڪڏهن الله جل شانه جي پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي سمجهائڻ،ٻڌائڻ ۽ پيغام الاهي پهچائڻ جي باوجود سڌي واٽ نہ ٿو وٺي ۽ غلط رستو اختيار ٿو ڪري تہ رب العزة جل شانه کي ان جي ڪهڙي پرواهہ آهي اهو ڪيس گمراهہ ٿيڻ کان زوريءَ نہ ٿو روڪي هلي هلي نيٺ جهنم ۾ داخل ٿيندو ۽ جيڪو الله جل جلالـه جي پيارن جو فرمانبردار ٿي هدايت تي هلڻ جي تمنا ٿو رکي تہ رب پاڪ ان کي هدايت جي لاءِ رستا کولي ٿو ڏي ۽ اهڙا اسباب ۽ ذريعا مهيا ٿو ڪري جنهن سان اهو الله جو مقبول ۽ محبوب ٿي پنهنجي ٿو وڃي. "وَلَتُسۡـَٔلُنَّ عَمَّا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ" ۽ اوهان جيڪي عمل ڪيو ٿا انهن جي باري ۾ضرور پڇا ڪئي ويندي. مطلب تہ حساب ڪتاب ۽ عمل جي جزا يا سزا ڏيڻ لاءِ اوهان کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي. (١)

"وَلَا تَتَّخِذُوۡۤا اَيۡمَانَكُمۡ دَخَلًاۢ بَيۡنَكُمۡ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعۡدَ ثُبُوۡتِهَا وَتَذُوۡقُوا السُّوۡٓءَ بِمَا

(١) البحر المحيط ٥٣٢ جلد ٥

صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَلَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ. ۽ پاڻ ۾ دخل ڏيڻ جي لاءِ قسمن کي (بهانو) نہ بنايو پوءِ ثابت رهڻ کان پوءِ قدم ترڪي نہ وڃي ۽ ان جي ڪري جو الله جي واٽ کان روڪيو ٿا عذاب چکندؤ ۽ اوهان لاءِ وڏو عذاب آهي يعني ڪوڙ ۽ ڌوڪي ڏيڻ لاءِ قسم کنيو آهي هاڻي ڪيئن مسلمان ٿيون؟ ۽ اهڙي طرح مسلمان بہ ائين نہ چوي تہ مان گناهہ جي لاءِ قسم کنيو آهي هاڻي اهو ڇڏي نيڪ ڪم ڪيئن ڪيان؟ پوءِ اسلام آڻڻ جي ڪري جيڪو قدم ثابت ۽ مضبوط ٿيو هو اهو ترڪي ويندو ۽ ان جي ڪري جو اوهان الله جي رستي کان روڪيو پيا سخت بري سزا چکندؤ ۽ اوهان لاءِ وڏو عذاب تيار آهي. "وَلَاتَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا" ۽ الله جي عهد جي عوض (دنيا جو عارضي ۽ فاني) ٿورو ملهہ نہ خريد ڪيو. اهڙي نموني جو دنيا جي لالچ ۾ اچي ميثاق واري وعدي کي ٽوڙي ڇڏيو. "اِنَّمَا عِنْدَاللّٰهِ هُوَ خَيْرٌلَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ" بيشڪ جيڪو ڪجهہ (اوهان جي لاءِ) الله وٽ آهي جيڪڏهن ڄاڻو ٿا تہ اهو اوهان جي لاءِ ڀلو آهي. دنيا ۾ اوهان کي فتح، مدد ۽ غنيمت ملندي ۽ آخرت ۾ رب العزة جل شانه جي رضا ۽ وڏو ثواب عطا ٿيندو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- " وَلَوْشَآءَ اللّٰهُ" (۽ جيڪڏهن الله گهري ها) مان ثابت ٿيو تہ الله جل شانه جي حڪمت انساني عقل ۽ سمجهہ کان مٿي آهي اها هر ڪو ڀانهو نہ ٿو سمجهي سگهي. جهڙي طرح مخلوق جسماني ۽ مادي لحاظ سان مختلف آهي اهڙي طرح ايماني، مذهبي ديني ۽ روحاني لحاظ سان سڀ مختلف آهن. مسلمانن کي مسلمان هجڻ ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي امتي ٿيڻ تي لکين شڪر ڪرڻ گهرجن ۽ پنهنجي دين ۽ ايمان جي حفاظت ڪرڻ ضروري سمجهڻ گهرجي. هن آيت مان الله جل جلالہ جي بي نياز هجڻ واري صفت جو بہ ظهور ٿي رهيو آهي ڪو مسلمان ٿيندو تہ سندس ڀلائي آهي نہ ٿيندو تہ مالڪ الملڪ کي ڪا پرواهہ ناهي. ٢- "وَلَتُسْـَٔلُنَّ" (۽ اوهان ضرور پڇا ڳاڇا ڪيا ويندو) مان واضح ٿيو تہ قيامت ۾ ٻانهي کان سوال ڪيا ويندا مگر اهي سندس ذهن ۾ سندس ئي اعمال کي تازو ذهن نشين ڪرڻ جي لاءِ ڪيا ويندا. باقي الله جل شانه تہ ٻانهي جي هر حال کان هميشه باخبر آهي. (٣) " ثَمَنًا قَلِيْلًا" (ٿورو ملهہ نہ وٺو) مان واضح ٿيو تہ اسلام ۽ ايمان جي مقابلي ۾ ڪا بہ ٻي نعمت ناهي جيڪڏهن ڪنهن کي روءِ زمين جي

بادشاهي ملي تہ بہ اها اسلام ۾ الله جل شانه سان ڪيل عهد جي مقابلي ۾ ڪجهہ ناهي. انسان هر شيءِ کان مٿي رب العزة جل شانه جي راضي ڪرڻ کي اهميت ڏي.

مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ۗ وَلَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ

جيڪو اوهان وٽ آهي ختم ٿي ويندو ۽ جيڪو الله وٽ آهي باقي آهي ۽ البت ضرور بدلو ڏينداسون انهن کي جن

صَبَرُوْٓا اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا

صبر ڪيو سندن ثواب جو عوض سهڻي ان ڪم جي جيڪو ڪندا هئا جنهن بہ ڪيو نيڪ عمل

مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ

مرد يا عورت حالانڪ اهو مومن آهي پوءِ البت ضرور حياتي ڏينداسون ان کي حياتي پاڪ

وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٧﴾ فَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ

۽ البت ضرور بدلو ڏينداسون انهن کي سندن ثواب جو نهايت سهڻو ان جي بدلي جو ڪندا هئا پوءِ جڏهن پڙهين قرآن

فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٩٨﴾ اِنَّهٗ لَيْسَ لَهٗ سُلْطٰنٌ

تہ پوءِ پناهہ گهر الله سان شيطان تڙيل کان بيشڪ شان هي آهي تہ ناهي ان جي لاءِ طاقت

عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٩٩﴾ اِنَّمَا سُلْطٰنُهٗ

انهن تي جن ايمان آندو ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا بيشڪ غلبو ان جو انهن تي آهي جيڪي دوست رکن ٿا ان کي

عَلَى الَّذِيْنَ يَتَوَلَّوْنَهٗ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِهٖ مُشْرِكُوْنَ ﴿١٠٠﴾ ع

۽ انهن تي جيڪي اهي ان سان شرڪ ڪندڙ آهن.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ناجائز طريقي سان دولت گڏ ڪرڻ کان منع ڪئي

وئي ۽ هنن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اها دولت بلڪ هر شيءِ ختم ٿي ويندي بقا تہ صرف ان حلال ملڪيت کي آهي جيڪا ان جي رضا ۾ استعمال ڪئي وڃي فرمان الاهي آهي "مَاعِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَاللّٰهِ بَاقٍ" جيڪو اوهان وٽ آهي ختم ٿي ويندو ۽ جيڪو الله وٽ آهي هميشه رهندڙ آهي مقصد تہ اي انسانو! اوهان وٽ جيڪو ڪجهہ، عقل فهم، علم، تدبير، سياست، چالاڪي ۽ چالبازي سان گڏ ڪيل دولت آهي سڀ فنا ۽ ختم ٿي ويندي۽ باقي رهڻ واري اها شيءِ آهي جيڪا الله وٽ آهي ان جو فضل، ڪرم، رحمت، رضا، خوشنودي، ٻانهن جا نيڪ اعمال، انهن جو ثواب، اخروي عزت، شان ۽ شوڪت وغيره، تہ پوءِ ڪوشش بہ ان لاءِ ڪرڻ گهرجي جيڪا باقي آهي فاني ۽ حقير شيءِ جي لاءِ ڇو پريشان ٿجي؟ "وَلَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْٓا اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَاكَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" ۽ جن صبر ڪيو انهن کي جيڪو ڪجهہ (نيڪ عمل) ڪيائون ٿي ان جو تمام سهڻو اجر ڏينداسون يعني جن الله سان ڪيل عهد کي نباهڻ لاءِ غم، بيمارين مصيبتون برداشت ڪرڻ تي صبر ڪيو انهن کي انهن سهڻن عملن تي تمام سهڻو بدلو ۽ ثواب ڏينداسون. (١)

" مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَاكَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" جنهن بہ مرد يا عورت انحال ۾ جو اهو ايمان وارو آهي نيڪ عمل ڪيا تہ ان کي سهڻيءَ حياتيءَ سان زنده رکنداسون ۽ انهن کي جيڪي (نيڪ عمل) ڪيائون ٿي انهن جو اجر تمام سهڻو ڏينداسون. "حَيٰوةً طَيِّبَةً" مان معلوم ٿيو تہ نيڪين جو سهڻو بدلو دنيا ۾ بہ ملي ٿو ۽ پاڪ صاف زندگي ملڻ بہ الله جل شانه جي نعمت آهي ۽ "وَهُوَ مُؤْمِنٌ" حالانڪ اهو ايمان وارو آهي، مان معلوم ٿيو تہ هر نيڪيءَ جي لاءِ اول شرط ايمان آهي علامه طنطاوي لکيو آهي تہ: مومن جيڪڏهن مالدار آهي تہ بہ سٺي زندگي نصيب اٿس جو اهڙن ڪمن کان بچي ٿو جيڪي ڪيس سجو بنائي ڇڏين ۽ جيڪڏهن مسڪين آهي تہ بہ قناعت، الله جي رضا تي راضي رهڻ ۽ آخرت ۾ اجر عظيم جي اميد رکڻ سان خوش آهي.بي فڪر زندگي گذاري ٿو. (٢) حضرت ابن عباس فرمايو آهي تہ "حَيٰوةً طَيِّبَةً" حلال رزق آهي ۽ ضحاڪ جو قول آهي تہ: جيڪو حلال کائي، حلال پئي ۽ حلال پائي اها حيوة طيبه آهي. (٣)

"فَاِذَا قَرَاْ تَ الْقُرْاٰنَ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ" پوءِ جڏهن قرآن پڙهين تہ الله سان تڙيل شيطان کان پناهہ گهرندو ڪر، هي قرآن ڪريم جي تلاوت جي آداب

(١) الجواهر في تفسير القرآن ص ١٦٧ جزءُ ٨ (٢) ساڳيو حوالو. (٣) الدرالمنثور ص ١٦٤ جلد ٥

جي تعليم آهي. مقصد تہ قرآن پاڪ جي تلاوت شروع ڪرڻ کان پھريان بارگاھہ ايزدي کان ترڳل شيطان جي وسوسن کان پناھ گھرو تانت قرآن پاڪ سمجھي سگھو مفسر خازن لکيو آهي تہ: هتي خطاب نبي پاڪ عليه الصلوٰاة والسلام جن سان آهي ۽ ان مان مراد سندن امت آهي ڇو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن ان ڳالھہ جا محتاج نہ هئا. جڏهن اھو حبيب عليه الصلواة والسلام پاڻ ئي پناھ گھري تہ ٻيو تہ پناھہ گھرڻ جي لاءِ وڌيڪ حقدار آهي ۽ جڏهن شيطان وسوسا وجھڻ جي ڪوشش ڪندڙ آهي ۽ الله سان پناھہ وٺڻ انھن کان بچائيندڙ آهي تڏهن اھو امر ڪيو ويو آهي

سوال

آيت مبارڪ ۾ " اِسْتَعِذْ " جي لفظ تي آيل "فَا" مان معلوم ٿو ٿئي تہ قراءت کان پوءِ اعوذبالله پڙهجي ڇوتہ الفاءِ للتعقيب "فا" پويان اچڻ جي لاءِ ھوندي آهي. حالانڪ اسان وٽ اول اعوذ بالله پڙهي پوءِ قراءت ۽ تلاوت ڪبي آهي.

جواب

ان "فاءِ" واري مراد ڪي ذهن ۾ رکي ڪيترا ماڻھو قرأت ۽ تلاوت کان پوءِ اعوذ بالله پڙهندا آهن پر اڪثر اصحابن ،تابعين، امامن ۽ فقيهن جومذهب آهي تہ: اعوذبالله اول پڙهي پوءِ تلاوت ڪئي ويندي ۽ " قَرَءْتَ الْقُرْاٰنَ " جي معنىٰ: جڏهن قرأت جو ارادو ڪرين تہ پوءِ اعوذبالله پڙهي تلاوت ڪر جيئن "اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ " ۾ مراد آهي تہ جڏهن نماز جو ارادو ڪيو تہ پوءِ پنھنجا منھن ڌوئو. مطلب تہ وضو ڪيو ۽ شيطان وسوسو بہ تلاوت ۾ وجھندو آهي تہ ان کان اڳ ۾ اعوذ پڙهجي. تلاوت پوري ٿيڻ کان پوءِ مقصد حاصل نہ ٿيندو فقھا ڪرام جو فرمان آهي تہ تلاوت جي لاءِ پوءِ اھا نماز ۾ هجي يا ٻاھر اعوذ پڙهڻ سنت آهي ۽ شيطان مان مراد ابليس آهي ۽ ڪي مفسر فرمائين ٿا تہ: ان مان مراد سڀئي سرڪش شيطان آهن جو تہ اھي سڀ وسوسا وجھي سگھن ٿا. (١)

"اِنَّهٗ لَيْسَ لَهٗ سُلْطٰنٌ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ" بلاشڪ ان شيطان کي انھن تي غلبو (۽ طاقت) ناهي جن ايمان آندو آهي ۽ پنھنجي رب تي توڪل ڪن ٿا. مقصد تہ شيطان جو تسلط ۽ غلبه انھن الله جي پيارن ٻانھن تي نہ ٿو هلي جيڪي دل سان ايمان آڻي سچا مومن بنجي پنھنجي رب ڪريم تي توڪل ڪن ٿا. عملي دنيا ۾

(١) تفسير خازن ص ١٣٤ جلد ٢

انهن تي ڪيترين بہ تڪليفون، مصيبتون ۽ ڏک اچن ٿا تہ انهن ڏي توجه نہ ڪندي پنهنجي منزل مقصود ڏانهن وڌندا رهن ٿا. ”إِنَّمَا سُلْطَٰنُهُۥ عَلَى ٱلَّذِينَ يَتَوَلَّوْنَهُۥ وَٱلَّذِينَ هُم بِهِۦ مُشْرِكُونَ“ ان جو غلبو تہ صرف انهن تي آهي جيڪي ان سان دوستي رکن ٿا ۽ جيڪي ان سان شرڪ ڪندڙ آهن. مطلب تہ شيطان پليد تہ صرف انهن بدنصيب ۽ بدبختن کي پنهنجي چنبي ۾ رکي ٿو جيڪي ان جي فريب ۽ مڪر جي دام ۾ ڦاسي ان جي دوستيءَ جو دم هڻن ٿا ان جي اشاري تي نچن ٿا ۽ جيڪڏهن اهو ڪين الله جل شانه سان ڪنهن کي شريڪ بنائڻ لاءِ حڪم ٿو ڪري تہ ان جي چوڻ تي لڳي غير کي الله سان شريڪ بنائين ٿا.

سوال

شيطان پليد کان پناهہ گهرڻ جو حڪم صرف تلاوت قرآن وقت ڇو ڪيو ويو آهي حالانڪ اهو وسوسا تہ ٻي عبادت ۾ بہ وجهي سگهي ٿو بلڪ وجهي ٿو؟

جواب

ان جو جواب اهو آهي جو قرآن جي تلاوت کان شيطان ڀڄڻ تي مجبور ٿيندو آهي اهو ڪوشش ڪندو آهي تہ تلاوت بند ڪري ۽ مون کي پٺتو نہ پوي. بعضي خاص آيتون ۽ سورتون تہ خصوصي طور شيطان جي اثر کي گهٽائڻ جي لاءِ مجرب آهن جن جو مؤثر ۽ مفيد هجڻ شرعي نصوص سان ثابت آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا (١) ”بِأَحْسَنِ مَا كَانُوا۟ يَعْمَلُونَ“ مان واضح ٿيو تہ: قيامت جي ڏينهن مومن جو شان تمام وڏو هوندو جو سندس عمل تہ سندس حال آهر هوندو مگر ڪيس بدلو رب العزة جل شانه پنهنجي شان ڪريميءَ جي لحاظ سان تمام سهڻو عطا ڪندو. (٢) ”حَيَوٰةً طَيِّبَةً“ مان واضح ٿيو تہ سهڻي زندگيءَ جو ملڻ مومن جي لاءِ سندس نيڪ عمل جو ٿورڙو بدلو هوندو ڪيس نيڪ عمل جو پورو بدلو ۽ اجر قيامت جي ڏينهن ملندو. (٣) ”فَٱسْتَعِذْ بِٱللَّهِ“ (الله کان پناهہ گهر) مان ثابت ٿيو تہ قرآن ڪريم جي تلاوت کان پهريان ”أَعُوذُ بِٱللَّهِ“ پڙهڻ الاهي امر آهي مگر نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي عمل مبارڪ مان ثابت آهي تہ تلاوت کان پهريان اعوذ پڙهڻ سنت آهي، ڇوتہ صحيح احاديث مان ثابت آهي تہ پاڻ اهو ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو اٿن اعوذ پڙهڻ جي سنت هجڻ تي ابن جرير طبري اجماع نقل ڪيو آهي.

مسئلا

١- نمازِ ۾ اعوذ صرف پهرين رڪعت ۾ پڙهجي يا سيني رڪعتن ۾. فقهاءِ ائمه جو ان ۾ اختلاف آهي حضرت امام اعظم وٽ صرف پهرين رڪعت ۾ اعوذ پڙهجي. (١). ٢- تلاوت ڪرڻ وقت اعوذ بالله" پڙهجي مگر قرآن ڪريم لکڻ وقت صرف بسم الله لکجي ڇوته سڄي قرآن پاڪ ۾ هر سورت جي اڳيان بسم اللهالرحمٰن الرحيم لکيل آهي اعوذبالله ڪٿي به لکيل نه آهي. الله جل جلاله به فرمايو آهي ته " جڏهن قرآن پڙهين ته پوءِ شيطان تڙيل کان پناهه گهر". ٣- قرآن ڪريم کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪتاب کي پڙهڻ وقت اعوذ پڙهڻ سنت ناهي بسم الله سان پڙهڻ شروع ڪجي. (٢)

وَإِذَا بَدَّلْنَآ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ ۙ وَّاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُنَزِّلُ

۽ جڏهن بدلايون ٿا هڪ آيت کي بجاءِ ٻي آيت جي ۽ الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان جي باري ۾ جيڪو نازل ٿو ڪري

قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مُفْتَرٍ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝١٠١ قُلْ

چيائون بلاشڪ تون ته پنهنجو ٺاهيندڙ آهين بلڪ اڪثر انهن جا نه ٿا ڄاڻن فرماءِ ته:

نَزَّلَهٗ رُوْحُ الْقُدُسِ مِنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ لِيُثَبِّتَ الَّذِيْنَ

لاٿو ان کي روح القدس طرفان رب تنهنجي حق سان تانت ثابت رکي انهن کي جن

اٰمَنُوْا وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ۝١٠٢ وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّهُمْ

ايمان آندو ۽ هدايت ۽ خوشخبري آهي مسلمانن جي لاءِ ۽ البته تحقيق ڄاڻون ٿا اسين ته بيشڪ اهي

يَقُوْلُوْنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ۭ لِسَانُ الَّذِيْ يُلْحِدُوْنَ اِلَيْهِ

چون ٿا بلاشڪ سيکاري ٿو ان کي هڪ انسان زبان ان جي جو نسبت ڪن ٿا ان ڏانهن

اَعْجَمِيٌّ وَّهٰذَا لِسَانٌ عَرَبِيٌّ مُّبِيْنٌ ۝١٠٣

عجمي آهي ۽ هيءُ زبان عربي چٽي آهي.

(١) المظهري ص ٣٧٠ جلد ٥ (٢) معارف القرآن ص ٣٨٩ جلد ٥

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ صابرن جي اجر ۽ ثواب جو ذڪر هو ۽ هتي اشارتًا بيان ڪيو ويو آهي تہ اسلام ، قرآن ۽ ان جي آيتن ۾ نسخ جي ڪري ڪافر جيڪي طعنا هڻن ٿا اهي ٻڌي برداشت ڪندڙن کي بہ صابرن وارو اجر ۽ ثواب ملندو. فرمان ايزدي آهي "وَإِذَا بَدَّلْنَا آيَةً مَّكَانَ آيَةٍ وَاللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا يُنَزِّلُ قَالُوا إِنَّمَا أَنْتَ مُفْتَرٍ بَلْ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُونَ" ۽ جڏهن هڪ آيت بدلائي ان جي بجاءِ ٻي آيت ٿا آڻيون حالانڪ الله جيڪو نازل ڪري ٿو ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي تہ (اي حبيب پاڪ ! عليك الصلواة والسلام ڪافر اوهانکي چون ٿا تہ) تون تہ هٿ سان ناهيندڙ آهين. (ائين آهي ڪونہ) پر انهن مان گهڻا ڄاڻن ئي ڪونہ ٿا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هڪ آيت جي بدلي ۾ ٻي آيت لاهڻ مان مراد آهي هڪ حڪم ڪان پوءِ ٻيو حڪم لاهڻ، قرآن ڪريم ۾ مختلف مقامات تي ڪڏهن هڪ مضمون کي هڪ مثال سان سمجهايو ويو آهي تہ ڪڏهن اهوئي مضمون سمجهائڻ جي لاءِ ٻئي مثال کان ڪم ورتو ويو آهي هڪ ئي قصو بار بار آيو آهي ۽ هر ڀيري ان کي مختلف لفظن سان بيان ڪيو ويو آهي هڪ ئي معاملي جو ڪڏهن هڪ پاسو بيان ڪيو ويو آهي تہ ان ئي جو ڪڏهن ٻيو پاسو ذڪر ڪيو ويو آهي هڪ ئي ڳالهہ جي لاءِ ڪڏهن هڪ دليل ڏنو ويو آهي تہ ان ئي ڳالهہ جي لاءِ ڪڏهن ٻيو دليل آندو ويو آهي هڪ ئي ڳالهہ ڪٿي مجمل بيان ڪيل آهي تہ ڪٿي مفصل، اهائي ڳالهہ هئي جيڪا ڪافرن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي ۽ اعتراض ڪيو هيائون تہ آيتون مٺ سٺ ڇو ٿيون نازل ٿين؟ انهن جي سمجهائڻ جي لاءِ رب العزة جل شانه فرمايو تہ: مان وڌيڪ ڄاڻان ٿو تہ ڪهڙي حڪمت تحت ان طرح آيتون نازل ٿو ڪيان. ڪافر بي سمجهہ آهن جيڪي منهنجي پياري نبي عليه الرحمه کي چون ٿا تہ: تون قرآن پاڪ پاڻ ٺو ناهين، انهن مان گهڻا بي علم آهن جن کي حقيقت جي ڄاڻ ئي ناهي. حاذق حڪيم مريض کي ڪڏهن هڪ دوا پياريندو آهي تہ ڪڏهن اها مٽي ٻي پياريندو آهي شريعت مطهره بہ ٻانهن جي لاءِ مصلحت،پلائي ۽ سندن باطني مرضن جي دوا آهي جنهن کي رب ڪريم پنهنجي حڪمت سان بدلائي تہ ان تي اعتراض ڇو ڪجي. (١)

(١)روح المعاني ص ٢٣١ جزء١٤ جلد ٥

"قُلْ نَزَّلَهُ رُوْحُ الْقُدُسِ مِنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ لِيُثَبِّتَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ" فرماءِ تہ: ان کي روح القدس تنهنجي رب جي طرفان حق سان لاٿو آهي تانتہ ايمان وارن کي ثابت رکي ۽ مسلمانن جي لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهي هتي "رُوْحُ الْقُدُسِ" جو لفظي ترجمہ آهي "پاڪ روح" يا "پاڪائيءَ جو روح" ۽ اصطلاح ۾ هي حضرت جبرئيل جو لقب آهي.هي وحي آڻيندڙ ملائڪ جي نالي ذڪر ڪرڻ جي بجاءِ ان جو لقب استعمال ڪرڻ مان مقصد ٻڌندڙن کي ان حقيقت کان خبردار ڪرڻ آهي تہ: قرآن ڪريم کي هڪ اهڙي پاڪ روح لاٿو آهي جيڪو بشري ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کان پاڪ آهي اهو نہ خيانت ڪندڙ آهي جو الله جل شانه هڪ حڪم موڪلي ۽ هو ان ۾ پنهنجي طرفان گهٽ وڌ تائي ڪري ڪجهہ ٻيو ڪٽي اچي ۽ نہ ڪوڙو آهي جو هٿ سان ڳالهيون ٺاهي چوي تہ هي الله جل شانه جو ڪلام آهي نہ بدنيت آهي جو پنهنجي ڪنهن نفساني غرض جي بناتي ڌوکي ۽ فريب کان ڪم وٺي اهو سراسر هڪ مقدس ۽ مطهر روح آهي جيڪو الله جوڪلام پوري امانت سان لاهي ڪٽي اچي ٿو. تانتہ ايمان وارن کي ايمان تي ثابت قدم ۽ مضبوط رکي ۽ اهو قرآن پاڪ مسلمانن جي لاءِ هدايت ۽ جنت جي بشارت آهي. "وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ لِسَانُ الَّذِيْ يُلْحِدُوْنَ اِلَيْهِ اَعْجَمِيٌّ وَّهٰذَا لِسَانٌ عَرَبِيٌّ مُّبِيْنٌ" ۽ اسين يقينًا ڄاڻون ٿا تہ بلاشڪ اهي ڪافر چون ٿا تہ ان کي هڪ انسان ٿي سيکاري ٿو جنهن ڏانهن ان جي نسبت ڪن ٿا ان جي زبان عجمي آهي ۽ هي زبان عربي چٽي آهي. مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ فاکه بن مغيره ڪافر جو جبر نالي هڪ نصراني مذهب وارو غلام مسلمان ٿيو هو. حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام سان مجلس ۾ وهندو ڪندو هو. جڏهن نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن گذريل انبياءِ عليهم الصلواة والسلام جا واقعا، حالات ۽ ايندڙ زماني جون ڳالهيون بيان فرمائيندا هئا. (حالانڪ پاڻ ڪنهن وٽ پڙهيا بہ نہ هئا) تہ ڪافر چوندا هئا اهو جبرنالي غلام ،کيس اهي واقعا ٻڌائي ۽ پڙهائي ٿو. جبر نالي غلام کي سندس ڪافر سردار مارون بہ ڏيندو هو تہ (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) کي اهي ڳالهيون تون ٿو پڙهائين. اهوکيس چوندو هو تہ: مان تہ حضرت محمدعليه الصلواة والسلام کان هدايت ۽ علم حاصل ٿو ڪيان.مان کيس ڇا ٿو سيکاري سگهان؟. (١)

ان جي متعلق ارشاد ٿيو آهي تہ: ڪافر جنهن جي لاءِ چون ٿا تہ نبي پاڪ عليه الصلواة

(١)القرطبي ص ١٧٧ جلد ١٠

والسلام کي پڙهائي ٿو. ان جي زبان ئي عجمي غير عربي آهي جيڪو پاڻ صحيح نموني عربي ڳالهائي نہ ٿو سگهي اهو حضور پرنور عليه الصلواة والسلام کي اهڙي فصيح، چٽي عربيءَ ۾ ڪيئن پڙهائي سگهندو؟ يا اهڙو ڪلام ڪٿان ناهي ڏيندو؟ بلڪ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ اهو حضور عليه الصلواة والسلام کي پنهنجي پويان هلائي ها يا پاڻ ڪلمہ پڙهي مسلمان ٿي اسلام جي لاءِ مارون کائي ها؟

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "وَإِذَا بَدَّلْنَآ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ" (۽ جڏهن هڪ آيت جي جاءِ تي ٻي آيت بدلائي آڻيون ٿا) ان مان واضح ٿيو تہ: قرآن ڪريم جي آيتن مان ڪي منسوخ تہ ڪي ناسخ رهيون آهن ۽ ان کي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام ۽ سندن سڀني اصحابن تسليم ڪيو، بعد ۾ اچڻ وارن مسلمانن بہ اها حقيقت مڃي آهي. هاڻي جيڪو شخص ان جو منڪر ٿيندو اهو ڪافر ٿي ويندو.
٢- "لِيُثَبِّتَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (تانت ايمان وارن کي ثابت رکي) مان واضح ٿيو تہ اسلام ۽ اسلامي شريعت تي ثابت قدم رهڻ مومن هجڻ جي نشاني بلڪ ثبوت آهي. ڪڏهن ڪيڏانهن وڃڻ، ڪڏهن سني تہ ڪڏهن غيرسنين جي عقيدن کي مڃڻ منافقي بلڪ ڪفر صريح آهي. رب العالمين جل شانه غلط عقيدن کان بچائي

إِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيَاتِ اللّٰهِ لَا يَهْدِيْهِمُ اللّٰهُ وَلَهُمْ عَذَابٌ

بيشڪ اهي شخص جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين الله جي آيتن تي نہ هدايت ڪندو انهن کي الله ۽ انهن جي لاءِ عذاب

اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ إِنَّمَا يَفْتَرِى الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ج

دردناڪ آهي بلاشڪ ناهين ٿا ڪوڙ اهي جو نہ ٿا ايمان آڻين آيتن الله جي

وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٠٥﴾ مَنْ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِهٖٓ اِلَّا مَنْ

تي ۽ اهيئي ڪوڙا آهن جنهن ڪفر ڪيو الله جو پڇاڻان ايمان آڻڻ ان جي مگر جيڪو

اُكْرِهَ وَقَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ وَلٰكِنْ مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ

مجبور ڪيو ويو ۽ دل ان جي مطمئن آهي ايمان تي ۽ پر جنهن کوليو ڪفر سان

صَدۡرًا فَعَلَيۡهِمۡ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ۝١٠٦

سيني کي پوءِ انھن تي غضب آھي طرفان الله جي ۽ انھن جي لاءِ عذاب وڏو آھي.

تفسير

پھريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جا اھي طعنا بيلن ڪيا ويا جيڪي اھي چٽر ۽ ڪفر ڪندي قرآن ڪريم تي ڪندا ھئا ۽ ھنن آيتن ۾ انھن جي ان ڪفر جي وبال ۽ مصيبت جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رھيو آھي. "اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۙ لَا يَهۡدِيۡهِمُ اللّٰهُ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ" "بلاشڪ جيڪي الله جي آيتن تي ايمان نہ ٿا آڻين انھن کي الله ھدايت نہ ڪندو ۽ انھن جي لاءِ دردناڪ عذاب آھي. يعني قرآن ڪريم آھي تہ سيني جي لاءِ ھدايت پر جيڪي ان تي ايمان نہ آڻيندا الله جل شانہ کي انھن جي پرواھہ ناھي اھو انھن کي ھدايت نہ ڪندو ۽ انھن جي لاءِ دردناڪ عذاب آھي. "اِنَّمَا يَفۡتَرِي الۡكَذِبَ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡكٰذِبُوۡنَ" بلاشڪ ڪوڙ ناھڻ وارا اھي آھن جيڪي الله جي آيتن تي ايمان نہ ٿا آڻين ۽ اھيئي ڪوڙا آھن يعني ڪوڙ اھي ھڻندا ۽ ناھيندا جيڪي ڪائنات ۾ قائم ڪيل الله جل شانہ جي حجت ۽ نشانين کي سچو نہ چوندا ۽ ان طرفان پنھنجي ذات واجب الوجود جي وحدانيت لاءِ قائم ڪيلن دليلن کي نہ مڃيندا ڇوتہ انھن کي سچ تي ملندڙ ثواب جي اميد ناھي ۽ ڪوڙ تي ڏيندڙ عذاب جو يقين ناھي. اي مشرڪو! ۽ ڪافرو! اھي تہ اوھان جون عادتون آھن ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن تہ انھن رذيل خصلتن کان ھميشہ پاڪ صاف آھن ۽ ان جي اتباع ڪندي مومن بہ انھن قبيح ڳالھين کان پري آھن ۽ اھوئي وجہ آھي جو انھن ڪافرن جي لاءِ صراحت سان فرمايو ويو تہ: "اھيئي ڪوڙا آھن" ۽ آيت جي شروع ۾ بيان ٿيوتہ ڪوڙ ھڻ ڪافر جو ڪم آھي نہ مومن جو. "مَنۡ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ اِيۡمَانِهٖۤ اِلَّا مَنۡ اُكۡرِهَ وَقَلۡبُهٗ مُطۡمَئِنٌّۢ بِالۡاِيۡمَانِ وَلٰـكِنۡ مَّنۡ شَرَحَ بِالۡكُفۡرِ صَدۡرًا فَعَلَيۡهِمۡ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ" جنھن ايمان کان پوءِ الله جو ڪفر ڪيو ان کان سواءِ جيڪو مجبور ڪيو ويو حالانڪ ان جي دل ايمان سان مطمئن آھي ۽ پر جن ڪفر سان سينو کوليو پوءِ انھن تي الله جي طرفان غضب آھي ۽ انھن لاءِ وڏو عذاب آھي.اول جڏھن الله جل شانہ ڪيل

كافرن جو بيان كيو جيكي حضور پر نور عليه الصلواة والسلام كي (معاذ الله ثم معاذالله) كوڙو ۽ هٿ سان قرآن ٺاهيندڙ چوندا هئا ۽ انهن جي ترديد كندي انهن كي ئي كوڙو سڏيو ويو ته ان جي پويان انهن مسلمانن جو ذكر آندو ويو آهي جيكي دل سان مومن ۽ ايمان تي مطمئن آهن پر مجبوري جي حالت ۾ كفر جو جملو كڍي وهن ٿا. انهن تي نه عذاب آهي نه عتاب.

شان نزول

ابن مردويه، ابن جرير، ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ روايت آندي آهي ته مشركن حضرت عمار اصحابي رضي الله عنه كي وٺي مجبور كري ان كان كفر جا جملا چورايا پوءِ جڏهن ڇٽڻ كان پوءِ رسول الله صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته پاڻ ان كان پڇيائون ته: پوئتي جو احوال ڏي "عرض كيائين ته انتهائي بروحال آهي جو مون كان زبردستي كفر جا كلما چورايا اٿن پاڻ پڇيائونس ته: تون پنهنجي دل كي كيئن ٿو سمجهين؟ عرض كيائين ته: منهنجي دل ايمان تي مطمئن آهي. ان جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي. (١)

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا . ١- "اِنَّ الَّذِيْنَ لَايُؤْمِنُوْنَ" الاية (بلاشك جيكي ايمان نه ٿا آڻين) مان واضح ٿيو ته قرآن پاك مان هدايت ان كي حاصل ٿيندي جيكو ادب، الفت ۽ محبت سان ان كي ٻڌندو ۽ پڙهندو. بي ادب ۽ محبت كان خالي ايمان نه آڻڻ واري كي كجهه به نصيب نه ٿيندو. ٢- "وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ" (۽ اهيئي كوڙا آهن) مان واضح ٿيو ته كوڙ كافر جو كم آهي نبي پاك عليه الصلواة والسلام جن كوڙ كي ويجها به نه ويا ۽ نه ويندا. نبي پاك عليه الصلواة والسلام جن ڏانهن كوڙ جي نسبت كرڻ كي به الله جل شانه پسند نه فرمايو. پوءِ جيكي عالم سڏائيندڙ لكن ٿا ته الله جل شانه كوڙ هڻي سگهي ٿو انهن جو حشر ڇا ٿيندو؟ (٣) "وَلٰكِنْ مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ صَدْرًا" (۽ پر جنهن كفر سان سينو كوليو) مان ثابت ٿيو ته خوش طبعي، پوگ ۽ مذاق ۾ جيكڏهن كنهن كفر جو كلمو چيو ته اهو به كافر ٿي ويندو. (٢)

(١) المراغي ص ١٤٦ جزءِ ١٤ جلد ٥ (٢) نعيمي ص ٥٢١ ج ١٤

ذَالِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ

اها (سزا) ان جي ڪري آهي جو يقينًا انهن پسند ڪئي حياتي دنياواري آخرت جي بدلي ۾ بيشڪ الله

لَايَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠٧﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى

نہ ٿو هدايت ڪري ڪافر قوم کي اهي ئي تہ اهي آهن جو مهر هنئي الله

قُلُوْبِهِمْ وَسَمْعِهِمْ وَاَبْصَارِهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿١٠٨﴾

دلين انهن جي تي ۽ ڪنن انهن جي تي ۽ اکين انهن جي تي ۽ اهيئي غافل آهن

لَاجَرَمَ اَنَّهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٠٩﴾ ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ

بلاشڪ پڪ آهي آخرة ۾ اهي ئي نقصان وارا آهن تنهن ڪان پوءِ يقينًا رب تنهنجو انهن لاءِ جن

هَاجَرُوْا مِنْ بَعْدِ مَا فُتِنُوْا ثُمَّ جٰهَدُوْا وَصَبَرُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْ

هجرت ڪئي. پڄاڻا ان جي جو فتني ۾ وڌا ويا ان ڪان پوءِ جهاد ڪيائون ۽ صبر ڪيائون بيشڪ تنهنجو رب

بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٠﴾ ع

پڄاڻان ان جي البت بخشڻهار مهربان آهي.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي ظاهر ظهور وڏي دليريءَ سان ڪفر جو ذڪر هو ۽ هتي ان جو وجه بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ: ذَالِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ لَايَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ" اهو ان جي ڪري جو بلاشڪ انهن دنيا جي حياتيءَ کي آخرة کان وڌيڪ پسند ڪيو ۽ يقينًا الله ڪافر قوم کي هدايت نہ ٿو ڪري. رب العزة جل جلالہ هتي انهن جي ڪفر ڪرڻ جا ٻہ سبب بيان فرمايا آهن.

١- ظاهري سبب ۽ اهو سندن طرفان ڪفر اختيار ڪرڻ ۽ آيات الاهي ۾

تدبر نہ ڪرڻ آهي. ٢- حقيقي سبب ۽ اهو سندن ئي دلي ارادن ڪي ڏسي. الله تعالىٰ جي طرفان ڪين هدايت نہ ڏيڻ اهي. " أُولَٰئِكَ الَّذِينَ طَبَعَ اللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ وَسَمْعِهِمْ وَأَبْصَارِهِمْ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْغَافِلُونَ" اهي ئي اهي آهن جن جي دلين تي ۽ جن جي ڪنن تي ۽ جن جي اکين تي الله مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ اهي ئي غافل آهن. يعني نہ حق سمجهن ٿا ۽ نہ حق ٻڌن ٿا ۽ نہ حق ڏسن ٿا ۽ جنهن خالق ڪي چوپايا جانور بہ سڃاڻن، ڄاڻن ۽ مڃين ٿا. هي ان ڪان غافل آهن. "لَا جَرَمَ أَنَّهُمْ فِي الْآخِرَةِ هُمُ الْخَاسِرُونَ" بلاشڪ پڪ اهيئي آخرت ۾ خساري وارا آهن. جن پنهنجون قيمتي حياتيون ضايع ڪري انهن ڪمن ۾ صرف ڪيائون جن ڪين دردناڪ عذاب جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ اهڙو ڪو بہ عمل نہ ڪيائون جيڪو ڪين ڇڏائي ۽ حقيقي ڪاميابي عطا ڪري، ان جي برعڪس گنهگارن مومنن بہ پنهنجي حياتيءَ جواڪثر حصو شهوتن ۽ گناهن ۾ گذاريو پر پنهنجي رب جي وحدانيت مڃڻ ۽ ان جي پيغمبر عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ جي ڪري عذاب ڪان ڇٽي بهشت ۾ پهچندا. (١)

"ثُمَّ إِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِينَ هَاجَرُوا مِنْ بَعْدِ مَا فُتِنُوا ثُمَّ جَاهَدُوا وَصَبَرُوا إِنَّ رَبَّكَ مِنْ بَعْدِهَا لَغَفُورٌ رَحِيمٌ" ان ڪان پوءِ جن بہ آزمائشن ۽ فتنن ۾ اچڻ ڪان پوءِ هجرت ڪئي تنهن ڪان پوءِ جهاد ۽ صبر ڪيائون بلاشڪ تنهنجو رب ان ڪان پوءِ البت بخشڻهار، مهربان آهي.

شان نزول

ابن سعد طبقات ۾ آندو آهي : حضرت عمار بن ياسر، حضرت صهيب، حضرت ابوفڪيهه، حضرت بلال، حضرت عمار بن فهيرة ۽ ٻين مسلمانن ڪي ڪافر ايترو ماريندا هئا جو بيهوش ٿي ويندا هئا ۽ خبر نہ پوندي هين تہ ڇا پيا ڳالهائين؟ انهن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي هئي "(٢) .مطلب تہ جن فتنن ۾ اچي آزمائشن ۾ پئجي ڏک ڏٺا ۽ هجرت ڪري وطن ڪان بي وطن ٿيا. نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن سان گڏجي ڪافرن سان جنگ ڪيائون ايمان آڻڻ، اطاعت ڪرڻ ۽ جهاد جي دوران ملڻ وارين تڪليفن تي صبر ڪيائون انهن ڪان جيڪڏهن بالغرض ڪا غلطي بہ ٿي وئي تہ الله بخشڻهار ، مهربان آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "اِسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا" (دنيا جي حياتيءَ سان محبت رکيائون) مان اشارةً ثابت ٿيو تہ مومن ڪي دنيا

(١) المظهري ص ٣٨٢ جلد ٥ (٢) المظهري ص ٣٨٢ جلد ٥

جي حياتيءَ سان محبت رکڻ جائز بلڪ بهتر آهي ۽ ڪافر ۽ فاسق جي دنيا جي حياتيءَ سان محبت رکڻ گناهه آهي ڇو تہ مومن ان حياتيءَ ۾ نيڪ ۽ صالح عمل ڪندو ۽ ڪافر ڪفر ۽ فاسق فسق ۽ فجور جا ڪم ڪندو. (٢) "أُولَـٰئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ" (اهيئي غافل آهن) مان ثابت ٿيو تہ غفلت ڪفر جي نشاني آهي ۽ دل جو غفلت ڪان پاڪ هجڻ انسان جي خوشنصيبي آهي.

يَوْمَ تَاْتِيْ كُلُّ نَفْسٍ تُجَادِلُ عَنْ نَّفْسِهَا وَتُوَفّٰى

ان ڏينهن ايندو هر نفس جهيڙو ڪندو پنهنجي پاران ۽ پورو بدلو ڏنو ويندو

كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١١١﴾ وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا

هر نفس جيڪو بہ عمل ڪيائين ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا ۽ هنيو الله مثال

قَرْيَةً كَانَتْ اٰمِنَةً مُّطْمَئِنَّةً يَّاْتِيْهَا رِزْقُهَا رَغَدًا مِّنْ

ڳوٺ جو جيڪو هو امن وارو، بي فڪر اچي پيو ان کي رزق سندس ڪشادو

كُلِّ مَكَانٍ فَكَفَرَتْ بِاَنْعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا اللّٰهُ لِبَاسَ

هر جاءِ ڪان پوءِ بي شڪري ڪيائين الله جي نعمتن جي پوءِ چکايو ان کي الله لباس

الْجُوْعِ وَالْخَوْفِ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ

بک ۽ ڊپ جو ان سببان جو ڪندا هئا ۽ البت تحقيق آيو انهن وٽ

رَسُوْلٌ مِّنْهُمْ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ وَهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١١٣﴾

(شان وارو) رسول انهن مان پوءِ ڪوڙو ڄاڻون ان کي پوءِ ورتو انهن کي عذاب ۽ اهي ظالم آهن

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ڪافرن جي دنيا لاءِ ڪيل محنت جو ذڪر هو ۽

هنن آيتن ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي سندن محنتون ۽ گڏ ڪيل مال قيامت جي ڏينهن ڪم نہ ايندا. فرمان ايزدي آهي "يَوْمَ تَأْتِيْ كُلُّ نَفْسٍ تُجَادِلُ عَنْ نَّفْسِهَا وَتُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَهُمْ لَايُظْلَمُوْنَ "اِن ڏينهن هر نفس پنهنجي پاران جهيڙو ڪرڻ ايندو ۽ هر نفس جيڪي ڪجهہ ڪيو هوندو ان جو ڪيس پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ اهي ظلم نہ ڪيا ويندا. هتي "يَوْمَ" کان پهريان اذڪر مقدر آهي ۽ خطاب نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان آهي مطلب تہ اي محبوب! (عليه الصلواة والسلام) اهو ڏينهن ياد فرماءِ. جڏهن هر نفس پنهنجي ڇڏائڻ جي لاءِ جهيڙو ڪندو. مقصد تہ عذر ۽ بهانا پيش ڪندو تہ ڇٽي پوان. ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن جهنم اهڙو ڪڙڪو ڪندو جو ملائڪ مقرب ۽ نبي مرسل تانجو حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جن بہ پنهنجن گوڏن مبارڪن تي ويهي رهندا ۽ حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام فرمائيندو تہ يا الله ! منهنجي سر جي پارت اٿئي (١)

"وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلاً قَرْيَةً كَانَتْ اٰمِنَةً مُّطْمَئِنَّةً يَّاْتِيْهَا رِزْقُهَا رَغَدًا مِّنْ كُلِّ مَكَانٍ فَكَفَرَتْ بِاَنْعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا اللّٰهُ لِبَاسَ الْجُوْعِ وَالْخَوْفِ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ" ۽ الله هڪ ڳوٺ (وارن) جو مثال ڏئي بيان فرمايو آهي تہ اهي امن وارا، بي فڪر هئا، انهن جو رزق هر طرف کان ڪشادو ايندو هو. پوءِ الله جي نعمت جي بي شڪري ڪيائون تہ الله انهن کي ڊپ جو لباس چکايو (ڍڪايو) انهن عملن جي ڪري جيڪي ڪندا هئا، هتي جنهن ڳوٺ جو مثال ڏنو ويو آهي ان ۾ بہ قول آهن. ١- تہ ان مان مراد ڪو خاص ڳوٺ ناهي بلڪ ڪوبہ ڳوٺ ڪوبہ شهر جنهن جي رهاڪن الله جل جلالہ جي بي فرماني ڪري پنهنجي پاڻ کي قسمين قسمين مصيبتن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هجي. ٢- تہ ان مان مراد مڪه مڪرمه آهي. بيت الله شريف جي ڪري هن شهر کي جيڪا عزت ۽ شرف حاصل هو اهو بيان جو محتاج ناهي هتي هر طرح جو امن، امان هو ڪو بہ حملو ڪندڙ هن شهر تي حملي ڪرڻ جي جرئت ڪري نہ ٿي سگهيو ان جا رهاڪو جتي جتي ويندا هئا تہ ماڻهوڪين جيءَ ۾جايون ڏيندا هئا ڪوبہ چور يا ڌاڙيل انهن تي هٿ ڊگهو نہ ڪندو هو انهن جي لاءِ ڪاڌي پيتي جون سڀ شيون آسانيءَ سان دستياب هونديون هيون، تانجو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن تشريف فرما ٿيا پوءِ ان جي بجاءِ جو

(١) تنويرالاذهان ص ٢٢٢ جلد ٢

مڪه مڪرمه وارا ايمان سان مشرف ٿي الله جل جلالہ جي عنايتن جا وڏيڪ حقدار بنجن ها انهن بي فرماني ڪئي ۽ الاهي نعمتن جي شڪر ڪرڻ جي بجاءِ بي شڪر بڻيا ۽ اسلام جي خلاف جنگين ۾ شروع ٿي ويا جنهن جي ڪري امن، امان ختم ٿي ويو ۽ هر گهر ۾ پريشانيون ئي پريشانيون اچڻ لڳيون. واپاري سلسلا ناڪام ٿيڻ جي ڪري ڪين قحط ... ائين وڪوڙي ورتو جڻ تہ اهو سندن لباس بنجي ويو هو. هن آيت ۾ انهن جي اها حالت بيان ٿي رهي آهي. (١) عذاب ۽ بک جي حالت چڪائڻ جي لاءِ لباس جو لفظ حالانڪ لباس چڪڻ واري شيءِ نہ پر بدن تي ڍڪڻ واري شيءِ آهي ان جي ڪري استعمال ڪيو ويو آهي جو ان مان مراد عذاب جو محيط ۽ همه گير هجڻ آهي. مطلب تہ اها بک ۽ عذاب انهن تي مسلط ڪيو ويو. (٢) مڪه مڪرمه جي سردارن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪري موڪليو تہ: ڪفر جا قصور وار تہ اسين مرد آهيون عورتون ۽ ننڍڙا ٻچا تہ بي قصور آهن.

پوءِ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن انهن ڏانهن مدينه طيبه مان ڪاڌي وغيره جو سامان موڪلي ڏنو (٣) ابو سفيان ان وقت ڪافر هجڻ جي حالت ۾ بہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي عرض ڪري موڪليو تہ: اوهان تہ مائٽي ڳنڍڻ، غلطيون معاف ۽ درگذر ڪرڻ جي تعليم ڏيو ٿا. هيءُ اوهان جي قوم هلاڪ ٿي رهي آهي الله تعالىٰ ڪان دعا گهرو تہ: هي ڏڪار دفع ٿي وڃي ان عرض ڪرڻ جي ڪري حضور عليه الصلواة والسلام جن دعا گهري ۽ ڏڪار دفع ٿي ويو. (٤)

"وَلَقَدْ جَآءَ هُمْ رَسُوْلٌ مِّنْهُمْ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَ هُمُ الْعَذَابُ وَهُمْ ظَالِمُوْنَ" ۽ البت تحقيق انهن وٽ انهن مان رسول آيو پوءِ ان کي ڪوڙو چيائون پوءِ انهن کي عذاب پڪڙيو ۽ اهي ظالم هئا. يعني مڪه مڪرمه وارن وٽ انهن مان اهڙو (شاندار) رسول آيو جنهن جي نسب، اخلاق، ڪردار ۽ امين هجڻ کي چڱي طرح ڄاڻن ۽ سڃاڻن ٿا. جنهن انهن کي اهي امر ڪيا جنهن ۾ سندن فائدو آهي ۽ ڪين اهڙن ڪمن ڪان روڪيو جنهن ۾ سندن نقصان آهي پر هنن سندس هدايتن کي قبول ڪرڻ جي بجاءِ ان کي ڪوڙو چيو ۽ ان ئي حال ۾ جو اهي ظالم هئا ڪين عذاب پڪڙيو. هتي عذاب مان مراد اهائي ڏڪار واري حالت آهي. (٥)

(١) المظهري ص٣٨٤ جلد ٥ (٢) معارف القرآن ص ٣٩٩ جلد ٥ (٣) المظهري ص ٣٨٥ جلد ٥ (٤) معارف القرآن ص ٣٩٩ جلد ٥ (٥) فتح القدير ص ٢٠٠ جلد ٣.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ" (۽ اهي ظلم نہ ڪيا ويندا) مان واضح ٿيو تہ اسلامي شريعت جا سيئي قانون عين انصاف ۽ حق آهن پلي سزائون ۽ تعزيرات هجن يا ڪنهن ٻيءَ صورت ۾ ۽ جيڪي بگڙيل ذهن انهن سزائن تي اعتراض ڪندا آهن اهي غلط آهن. ٢- "قَرْيَةً كَانَتْ اٰمِنَةً مُّطْمَئِنَّةً" (امن وارو، بي فڪر ڳوٺ هو) مان ثابت ٿيو تہ مڪه مڪرمه قيامت تائين محفوظ ۽ مامون آهي. اتي جي ماڻهن، جانورن بلڪ ساون سلن ڪي وڍڻ بہ حرام آهي امام مالڪ عليه الرحمه وٽ مدينه منوره جي حرم جو بہ اهو حڪم آهي جو اتي گاهہ، فروٽ وغيره ضروري شين ڪان سواءِ ڪنهن بہ سائي سلي کي ڪجهہ ڪرڻو ناهي. (١) ٣- "بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ" (ان سببان جيڪي ڪيائون ٿي) مان واضح ٿيو تہ: الله جل جلالہ جي بي شڪري نہ ڪجي ڇوتہ ڪڏهن ڪڏهن ان جي ڪري دنيا ۾ بہ الاهي عذاب ايندو آهي.

فَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۪ وَّاشْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ

پوءِ ڪائو ان مان جو رزق ڏنو اوهان کي الله حلال، پاڪ ۽ شڪر ڪيو الله جي نعمت جو

اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١١٤﴾ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ

جيڪڏهن اوهان خاص ان جي عبادت ڪيو ٿا بلاشڪ حرام ڪيائين اوهان تي مردار

وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ

۽ رت ۽ گوشت سوئر جو ۽ اهو جو ڪهڻ وقت پڪاريو ويو الله جي غير لاءِ ان تي پوءِ جيڪو مجبور ڪيو ويو

غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٥﴾ وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَا

نہ بغاوت ڪندڙ ۽ نہ تجاوز ڪندڙ پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي ۽ نہ چئو ان جي لاءِ جو

(١) نعيمي ص ٥۴٥ جلد ١۴

تَصِفُ اَلۡسِنَتُكُمُ الۡكَذِبَ هٰذَا حَلٰلٌ وَّهٰذَا حَرَامٌ

بيان ٿيون ڪن زبانون اوهان جو ڪوڙ تہ هي حلال آهي ۽ هيءُ حرام آهي

لِّتَفۡتَرُوۡا عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ يَفۡتَرُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ

تانت هڻو الله تي ڪوڙ بيشڪ جيڪي ناهي ٿا هڻن الله تي

الۡكَذِبَ لَا يُفۡلِحُوۡنَ ؕ﴿۱۱۶﴾ مَتَاعٌ قَلِيۡلٌ وَّلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۱۱۷﴾

ڪوڙ نہ ڪامياب ٿيندا سامان آهي ٿورو ۽ انهن جي لاءِ عذاب دردناڪ آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ اهڙي ڳوٺ جو ذڪر ٿيو جنهن جي رهاڪن الله تعالىٰ جي نعمت جي بي شڪري ڪئي ۽ عذاب ۾ آيا ۽ هنن آيتن ۾ الله جل جلاله جي نعمتن کي صحيح استعمال ڪرڻ جو فرمان تي رهيو آهي. ارشاد مبارڪ آهي. " فَكُلُوۡا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا وَّاشۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ اِيَّاهُ تَعۡبُدُوۡنَ " پوءِ الله جيڪو حلال پاڪ رزق اوهان کي ڏنو آهي اهو کائو ۽ الله جي نعمت جو شڪر ڪيو جيڪڏهن خاص ان جي عبادت ڪيو ٿا. يعني ساهہ وارين شين ۽ سبزين، پاڄين، اناج وغيره مان جيڪي بہ شيون الله تعالىٰ حلال پاڪ بنايون آهن اهي کائو ۽ انهن نعمتن ملڻ تي شڪر ڪندا ڪيو. جيڪڏهن عبادت ۾ خاص ان جي رضا جا طالب آهيو تہ جنهن کي اهو حلال فرمائي ان کي حلال سمجهي استعمال ڪيو ۽ جنهن کي اهو حرام چوي ان کي حرام سمجهي ڇڏي ڏيو. "١" "اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيۡكُمُ الۡمَيۡتَةَ وَالدَّمَ وَلَحۡمَ الۡخِنۡزِيۡرِ وَمَاۤ اُهِلَّ لِغَيۡرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ" بيشڪ اوهان تي مردار ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور حرام ڪيائين جنهن تي ڪهڻ جي وقت الله کان سواءِ ٻئي جو نالو ورتو وڃي. مطلب تہ انهيءَ خطرناڪ ڏڪار کان پوءِ سچي توبه ڪري مسلمان ٿيڻ وارؤ! هاڻي هن پاڪ حلال روزيءَ مان

(١) بحر العلوم ص ٢٥٤ جلد ٢

کاٺو ۽ روزي ڏيندڙ جو شڪر ڪيو. ان اوهان تي مردار، رت ۽ سوئر جو گوشت حرام ڪيو آهي ۽ اهو حلال جانور بہ حرام ڪيو آهي جنهن جي ڪهڻ وقت الله جل جلاله جي نالي جي بجاءِ مڪه جي مشرڪن وانگر لات، منات عزىٰ يا ٻئي ڪنهن جو نالو ورتو وڃي.

"مَا اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰهِ" مان مراد ڇا آهي؟

سمجهڻ گهرجي تہ هن ڪان تي پيرا اڳ ۾ بہ اهڙو جملو اچي چڪو آهي ۽ هتي چوٿون ۽ آخري ڀيرو آيو آهي ان جي ڪري اهو خصوصي طور بيان ڪرڻ ضروري آهي ڇوتہ ان کي صحيح طور سمجهڻ سان ڪيترا جهيڙا جهڳڙا ختم ٿي وڃن ٿا. جيڪي ڪنهن ولي ڪامل يا والدين وغيرهما جي روح کي ثواب پهچائڻ جي نيت سان الله جل جلاله جو نالو وٺي ڪٺا وڃن ٿا.هن جملي کي پنهنجي راين سان جهيڙي جي جاءِ بنائڻ جي بجاءِ نبوي سنت علىٰ صاحبها الصلواة والسلام ۽ عربيءَ ٻوليءَ جي روشنيءَ ۾سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي. ممڪن آهي جو اهي خدا جو خوف رکندي حق کي تسليم ڪري اختلاف ختم ڪن انهيءَ جملي جي جيڪي مفهوم ۽ مراد سلف صالحن ۽ اڳين عالمن پاڻ سمجهي ۽ سمجهائي آهي اها هيءَ آهي تہ: جيڪڏهن ڪنهن حلال جانور کي الله تعالىٰ کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو وٺي ڪٺو وڃي تہ اهو جانور حرام آهي جيئن مشرڪ باسم اللات والعزىٰ چئي جانورن کي ذبح ڪندا هئا امام ابوبڪر جصاص حنفي عليه الرحمه پنهنجي جڳ مشهور تفسير احڪام القرآن ۾ هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي: ولاخلف بين المسلمين ان المراد به الذبيحة اذا اهل لغير الله عند الذبح. (١) يعني ان مان مراد اهو ڪٺل جانور آهي جنهن جي ڪهڻ وقت ان جي مٿان الله جل شانه کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو نالو ورتو وڃي. فقيه ابوالليث سمرقندي عليه الرحمه لکيو آهي "وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ" اي ذبح بغير اسم الله (٢) يعني ان جي معنىٰ آهي تہ: جيڪوالله جي اسم کان سواءِ ٻئي جو نالو وٺي ڪٺو ويو. علامه طنطاوي جوهري هن جملي جي معنىٰ ڪندي لکيو آهي.وماذبح بغير اسم الله عمداً اوللاصنام. (٣) جيڪو ڄاڻي واڻي الله جي اسم کان سواءِ ٻئي جي نالي سان

(١) ضيـاء القرآن ص٦٠٩ ج ٣ (٢) تفسير بحر العلوم ص ٢٥٤ جلد ٢
(٣) الجواهر في تفسير القرآن ص ١٦٩ جزءُ ٨ جلد ٤

ڪنو ويو يا بتن جي نالي سان ڪنو ويو. سنڌ جي ڪامل ،اڪمل، مڪمل، ولي حضرت مخدوم نوح عليه الرحمه معنىٰ ڪندي لکيو آهي. "وآنچه بنام غير خدائي ذبح ڪرده شود. (١) المقصد ته اڳين مفسرن هن جملي جي اهائي معنىٰ ۽ مفهوم لکي آهي پر پوئين دور ۾ ڪن عالمن سلف صالحن ۽ اڳين مفسرن سان اختلاف ڪندي هن آيت مان هڪ نئين مفهوم مراد ورتي ۽ هن جملہ جي معنىٰ ڪئي آهي ته: جنهن جانور تي غير الله جو نالو ورتو وڃي ۽ ان نالي سان مشهور ڪري پوءِ ڀلي ڪٺي الله جي نالي سان ڪنو وڃي تڏهن به حرام آهي.

مگر اسين ڪين چئون ٿا ته هن جملي جي مراد جيڪڏهن اها ورتي وڃي جيڪا اوهان ونو ٿا ته پوءِ جنهن به جانور تي ڪنهن بہ جانور تي ٻئي جو نالو رکيو وڃي مثلاً هي فلاڻي جو ڏاند آهي يا فلاڻي جو اٺ يا ڇيلو آهي ته اهو به بسم الله اڪبر پڙهي ڪهڻ سان حلال نه رهي ها حالانڪ ائين اوهان به نه چوندؤ قرآن ڪريم ۾ الله جل جلاله بحيره، سائبه، وصيله ۽ حام جو ذڪر ڪيو آهي عرب ڪافر انهن کي بتن جي نالي ڪري انهن جي نالي سان ئي مشهور ڪندا هئا. پر انهن کي به جيڪڏهن الله جي نالي سان ڪنو ويو ته حلال آهن. فتاوي عالمگيريءَ ۾ صراحت سان بيان ٿيل آهي ته: مسلم ذبح شاة المجوسي لبيت نارهم اوالڪافر لآلهتهم توڪل لانه سمى الله (٢) يعني مجوسيءَ پنهنجي باهہ جي گهر - (عبادت گاهہ) لاءِ يا ڪافر پنهنجن بتن لاءِ - ڪا ٻڪري مقرر ڪئي ۽ مسلمان الله جونالو وٺي اها ڪني ته اها ڪائڻ جائز آهي. هن مان واضح ٿيو ته ڪابہ شيءِ صرف غير الله جي نالي رکڻ سان حرام نه ٿيندي فتح الباري واري حضرت علي المرتضىٰ رضي الله تعالىٰ عنه کان "اُهِلَّ" جي معنىٰ ۽ مفهوم به اسان واري نقل ڪئي آهي. (٣) حضرت علي رضي الله عنه جو قول مبارڪ اسان سيني جي لاءِ حجت ۽ قوي دليل آهي. علامه نووي عليه الرحمه مسلم شريف جي انهن لفظن "لَعَنَ اللّٰهُ مَنْ ذَبَحَ لِغَيْرِ اللّٰهِ" (جنهن الله جي غير لاءِ ڪا شيءِ ڪني ان تي الله لعنت ڪئي آهي) جي هيءَ معنىٰ ڪئي آهي: اماالذبح لغير الله ان يذبح باسم غير الله" يعني غير الله جي لاءِ ذبح هيءَ آهي جو الله جي اسم ڪان سواءِ ٻئي جي نالي سان ڪهي. (٤) حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي عليه الرحمه هن طرح معنىٰ لکي آهي. وآنچه ذڪر ڪرده شدنام غير خدا برذبح وي . (٥) ڇا شاهہ ولي الله عليه الرحمه کي به اها صحيح معنىٰ سمجهہ ۾ نہ آئي؟ بخاري ۽

(١) فارسي ترجمه حضرت مخدوم نوح عليه الرحمه ص ٢٨١
(٢) فتاوي عالمگيري ڪتاب الذبائح ص٣٨٦ (٣) ضياءُ القرآن ص ٦١١ جلد ٢ (٤) ساڳو حوالو. (٥) ترجمه شاه ولي الله- فارسي - ص ٤٠٧ مطبوعہ سعودي عربيه.

مسلم صحيح روايت سان آندو آهي تہ: حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنه نبي كريم صلى الله عليه وسلم جي ارشاد ۽ اجازت سان پنهنجي والده جي روح كي ثواب پهچائڻ جي لاءِ كوهہ كڻايو ۽ ان تي پنهنجي ماءُ جو نالو "بير ام سعد" ركيو. (١) ڇا ان نالي ركڻ سان ان كوهہ جو پاڻي حرام ٿي ويو؟ يا نالو ركندڙ معاذ الله گنهگار يا كافر بنجي ويو؟ نہ هرگز نہ. "فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَإِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ" پوءِ جيكو ان حال ۾ جو نہ بغاوت كندڙ آهي ۽ نہ تجاوز كندڙ (انهن شين جي كائڻ تي) مجبور كيو ويو. پوءِ يقينا الله بخشڻهار، مهربان آهي. مطلب تہ جيكو شخص بک جي انتهائي سخت حالت ۾ آهي سندس مرڻ جو خطرو آهي تہ اهو انهن حرام كيلن شين مان صرف ايترو كائي سگهي ٿو جنهن سان زنده رهي حلال كاڌي تائين پهچي سگهي.

هک ضروري و ضاحت

ذهن نشين كرڻ گهرجي تہ هتي انهن شين جو ذكر آهي جن جي حرام يا حلال هجڻ جو ذكر مكه مكرمه جو رهندڙ مشركن ۾ هليو ٿي پنهنجي خيال سان كنهن كي حلال تہ كنهن كي حرام چوندا هئا الله جل جلاله "إِنَّمَا" جو لفظ حصر إضافي جي لاءِ آڻي ٻڌايو تہ حلال يا حرام كرڻ جو اختيار اوهان كي ناهي حلال يا حرام كرڻ تہ الله جو اختيار آهي جنهن انهن كي پيدا فرمايو اهي. انهن شين كان سواءِ بہ كيتريون ٻيون شيون حرام آهن جن جو حرام هجڻ نبوي حديثن علىٰ قائلها الصلواة والسلام يا ٻين شرعي دليلن سان ثابت آهي. انهن جي هتي نفي ناهي(٢)

"وَلَا تَقُولُوا لِمَا تَصِفُ أَلْسِنَتُكُمُ الْكَذِبَ هَٰذَا حَلَالٌ وَهَٰذَا حَرَامٌ لِّتَفْتَرُوا عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ إِنَّ الَّذِينَ يَفْتَرُونَ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُونَ" ۽ جيكو كوڙ اوهان جون زبانون ناهي هڻن ٿيون ان سان نہ چئو تہ هي حلال آهي ۽ هي حرام آهي تانت الله تي كوڙ هڻو يقينًا جيكي الله تي كوڙ هڻن ٿا كامياب نہ ٿيندا. يعني پنهنجي طرفان كنهن كي حلال يا حرام چوڻ الله تعالىٰ تي كوڙ هڻڻ آهي ۽ الله جل جلاله تي كوڙ هڻندڙ كڏهن بہ كامياب نہ ٿيندا. "مَتَاعٌ قَلِيلٌ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ" هي ٿورو سامان آهي ۽ انهن جي لاءِ دردناک عذاب آهي يعني پنهنجي طرفان حلال ۽ حرام كرڻ وارا ٿورو وقت دنيوي لذتون ۽ مزا ماڻيندا انهن جي لاءِ رب العزة جل جلالہ دردناک عذاب تيار كري ڇڏيو آهي. (٣)

(١) مشكواة المصابيح ١٦٩ (٢) حاشيه دريابادي ص ۵٧۴ (٣) الكشاف ص ۴٣٣ جلد ٢

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. (١) فَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا" (پوءِ الله جيڪو اوهان کي حلال پاڪ رزق ڏنو آهي ان مان کائو) مان واضح ٿيو ته حرام کان پري رهجي. حلال سنو ڪاڏوڪائڻ شرعًا منع نه آهي ۽ حرام کي ڇڏڻ، ان کان پري رهڻ ۽ نفرت ڪرڻ جو نالو تقويٰ آهي حلال کي ڇڏڻ تقويٰ ناهي.
(١) شرعي دليل ڪانسواءِ ڪنهن شيءِ کي حرام چوڻ الله جل جلاله تي ڪوڙ هڻڻ آهي ۽ ڪوڙ ڪامياب نه ٿيندو. جيڪي ماٺهومحفل ميلاد، يا غوث پاڪ جي روح کي ايصال ثواب جي ارادي سان ڪيل يارهين شريف کي حرام ٿا چون اهي هن آيت تي ٿڌي ذهن سان غور ڪن.

وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِنْ

۽ انهن تي جيڪي يهودي بڻيا حرام ڪيوسون جيڪو بيان ڪيوسون توتي

قَبْلُ ۚ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١١٨﴾

اڳ ۾ ۽ نه ظلم ڪيوسون انهن تي ۽ پر نفسن پنهنجن تي ٿي ظلم ڪيائون

ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ عَمِلُوا السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ

تنهن ڪان پوءِ بلاشڪ رب تنهنجو انهن جي لاءِ جو ڪيائون برائي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ تنهن ڪان پوءِ توبه ڪيائون

١٥ ع ٩ ٢١ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٩﴾ ع

۽ (پاڻ کي) صالح بنايائون بيشڪ رب تنهنجو ان کان بعد البت بخشڻهار، مهربان آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ فرمايو ويو ته حلال نعمتون مزي سان کائو ۽ حرام کان بچو ۽ هتي اهو بيان ڪيو ويو آهي ته گذريل وقت جي يهودين پنهنجي پاڻ تي ڪي ڪي

شيون پاڻ حرام ڪيون هيون ۽ اهو وڏو گناهہ آهي ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪيو. ارشاد باري تعالىٰ آهي. "وَعَلَى الَّذِينَ هَادُوا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۖ وَمَا ظَلَمْنَاهُمْ وَلَٰكِنْ كَانُوا أَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ" ۽ يهودي بنجڻ وارن تي اسان اهي شيون حرام ڪيون هيون جيڪي اوهان کي اڳ ۾ بيان ڪري ٻڌايون اٿئون ۽ اسان انهن تي ظلم نہ ڪيو هو ۽ پر پنهنجن سرن تي پاڻ ظلم ٿي ڪيائون. هن آيت ۾ آيل مضمون جو تفسير سورة الانعام جي آيت ١٤٧ "وَعَلَى الَّذِينَ هَادُوا حَرَّمْنَا. الايه" جي تفسير ۾ بيان ٿي چڪو آهي احسن البيان ص ٤١٦ جلد٣ ۾ ڏسڻ گهرجي مختصر مطلب هي آهي تہ يهودين تي ڪي اهڙا جانور بہ حرام ڪيا ويا هئا جيڪي پاڪ ۽ صاف هئا تانتہ انهن کي سندن برن عملن جي سزا ڏني وڃي "ثُمَّ إِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِينَ عَمِلُوا السُّوءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوا مِنْ بَعْدِ ذَٰلِكَ وَأَصْلَحُوا إِنَّ رَبَّكَ مِنْ بَعْدِهَا لَغَفُورٌ رَحِيمٌ" تنهن کان پوءِ تنهن جو رب انهن جي لاءِ جن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ برا ڪم ڪري ان کان پوءِ توبه ڪيائون ۽ پاڻ کي صالح بنايائون يقينًا تنهن جو رب ان کان بعد البتہ بخشڻهار، مهربان آهي. مطلب تہ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ گناهہ ڪرڻ وارا جيڪڏهن سچي دل سان توبه ڪندا ۽ براين کان بچي پاڻ کي صالح بنائيندا تہ يقينًا الله انهن کي بخشيندو اهو وڏو بخشڻهار مهربان آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "كَانُوا أَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ" (پنهنجن نفسن تي پاڻ ٿي ظلم ڪيائون) مان واضح ٿيو تہ يهودين گناهہ ڪيا ان جي ڪري انهن لاءِ ڪي پاڪ شيون بہ حرام ڪيون ويون نہ صرف انهن لاءِ پر هر ماڻهوءَ جي گناهہ ڪرڻ جي ڪري رزق گهٽجي ٿو برڪت نہ ٿي رهي لهذا مسلمانن کي گناهن کان پري رهڻ گهرجي. ٢- اهو بہ ثابت ٿيو تہ توبه کان پوءِ ضروري آهي تہ انسان پاڻ کي سڌاري اها ئي توبه مقبول آهي. صرف زباني توبه چوڻ سان مقصد حاصل نہ ٿيندو.

مسئلو

تفسير نعيمي جي صاحب لکيو آهي تہ: جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏاڙهي ڪوڙي يا ڪترائي ٿو تہ ان جي امامت ڪرائڻ ناجائز آهي. اهو فرض، واجب، تراويح وغيره ۾ امامت ڪرائي نہ ٿو سگهيءَ نہ ان کي امام بنائجي بعضي حافظ لالچ جي ڪري صرف رمضان شريف ۾ ڏاڙهي رکندا آهن انهن جي امامت بہ ناجائز آهي. (١)

(١) نعيمي ص ٥٧٢ جلد ١٤

اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيْفًا ؕ وَلَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٢٠﴾ شَاكِرًا

بيشڪ ابراهيم هو اڳواڻ، فرمانبردار الله جي لاءِ ۽ نہ هو مشرڪن مان شڪر ڪندڙ هو

لِّاَنْعُمِهٖ ؕ اِجْتَبٰهُ وَهَدٰهُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٢١﴾ وَاٰتَيْنٰهُ فِى

ان جي نعمتن جو برگزيدو بنايائين ان کي ۽ هدايت ڪيائين ان کي واٽ سڌيءَ ڏانهن ۽ ڏني سون ان کي

الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَاِنَّهٗ فِى الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٢٢﴾ ثُمَّ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ

دنيا ۾ خوبي ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ البت صالحن مان آهي ان ڪان پوءِ وحي ڪيوسون توڏانهن

اَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٢٣﴾

تہ تابعداري ڪر ابراهيم جي ملت جي حق تي هلندڙ، باطل ڪان منهن موڙيندڙ ۽ نہ هو مشرڪن مان.

تفسير

اڳين آيتن ۾ يهودين جي ظلم ۽ گناهن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي شان ۽ فرمانبردار هجڻ جو ذڪر آهي چوتہ يهودي بہ پاڻ کي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو پوئلڳ چورائيندا آهن. فرمان الاهي آهي "اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيْفًا ؕ وَلَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" بلاشڪ ابراهيم الله جو فرمانبردار ٻين ماڻهن جو اڳواڻ، حق تي هلندڙ، باطل ڪان منهن موڙيندڙ ۽ مشرڪن مان نہ هو. هن ۾ يهودين جي ان قول ۽ خيال جو رد آهي جو اهي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جا تابع سڏائيندڙ هئا. گوياڪہ الله تعالىٰ فرمايو تہ: اوهان بي فرمان آهيو. ابراهيم فرمانبردار، دنيا جو اڳواڻ، باطل دينن کي ڇڏي حق جي دين تي هلندڙ ۽ ٻين کي هلائيندڙ هو. مشرڪن مان نہ هو. "شَاكِرًا لِّاَنْعُمِهٖ ؕ اِجْتَبٰهُ وَهَدٰهُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" ان جي نعمتن جو شڪر گذار (الله تعالىٰ) ان کي برگزيدو بنايو ۽ ان کي سڌيءَ واٽ ڏانهن هدايت ڪئي هئي. يعني حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پنهنجي رب جي نعمتن

جوشڪر ڪندو رهندو هو الله تعاليٰ ان کي برگزيدو نبي بنائي سڌي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪئي. اهو الله جي عبادت ڪندڙ، رب کي هڪ ۽ حق مڃڻ وارو هو "وَاٰتَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ" ۽ اسان دنيا ۾ ان کي خوبيون ڏنيون ۽ يقينًا اهو آخرت ۾ صالحن مان آهي. يعني اسان جي طرفان عطا ڪيل خوبين جي ڪري دنيا ۾ به ان جو سهڻو ذڪر ٿو هلي ته آخرت ۾ به نهايت بلند ۽ بالامقام تي رهايو ويندو. "وَمِنَ الصَّالِحِيْنَ" جو مطلب " من اصحاب الدرجات الرفيعة" (١) بلند درجن وارن مان. "ثُمَّ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ اَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ اِبْرَاهِيْمَ حَنِيْفًا وَّمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" تنهن کان پوءِ تو ڏانهن وحي ڪيوسون ته ابراهيم جي ملت جي تابعداري ڪر. جيڪو حق تي هلندڙ، باطل کان منهن موڙيندڙ ۽ مشرڪن مان نه هو. هن آيت ۾ يهودين ۽ عيسائين جي ان قول جو ٻيو پيرو رد ڪيو ويو آهي. جيڪي حضرت ابراهيم کي يهودي يا عيسائي چوندا هئا پر يهودي يا عيسائي نه هو. اهو خالص موحد حق تي هلندڙ باطل دينن کان منهن موڙيندڙ ۽ مشرڪن مان نه هو. اي حبيب ! عليك الصلواة والسلام اوهان به ان جي دين جي اتباع ڪيو ۽ ٻين کي به ان تي هلايو .

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "وَلَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" (۽ مشرڪن مان نه هو) مان ثابت ٿيو ته الله جل شانه جي بارگاهه ۾ جيترو شان ۽ عظمت انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام کي حاصل آهي ايترو ٻيءَ ڪنهن به مخلوق کي ناهي يهودين ۽ عيسائين حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي لاءِ چيو ته يهودي يا عيسائي هو ته الله جل جلاله قرآن ڪريم ۾ صاف لفظن ۾ انهن جو رد فرمايو ۽ پنهنجي نبي جي پاران جواب عنايت ڪيو. "اِجْتَبٰهُ" (ان کي برگزيدو بنايائين) ماضيءَ جي صيغي کي "فَا" تعقيب جي ڪان سواءِ آڻڻ مان ثابت ٿيو ته انبياءِ سڀ ڪورا اول کان ئي برگزيدا آهن. شڪر يا ٻئي عمل جي ڪري برگزيدا نه بنجندا آهن.

اِنَّمَا جُعِلَ السَّبْتُ عَلَى الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۭ وَاِنَّ رَبَّكَ

بلاشڪ (مقرر) ڪيو ويو ڇنڇر انهن تي جو اختلاف ڪيائون ان ۾ ۽ بيشڪ تنهن جو رب

(١) صفوة التفاسير ص ١٤٨ جلد ٢

لَيَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۱۲۴﴾ اُدْعُ

البت فيصلو كندو انهن ۾ قيامت جي ڏينهن ان جي باري ۾ جو انهيءَ ۾ ئي اختلاف كيائون سڏ تون

اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ

طرف واٽ رب پنهنجي حكمت ۽ نصيحت سهڻيءَ سان ۽ ڳالهيون كر انهن سان ان (لهجي) سان جو

هِيَ اَحْسَنُ ۭ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ

اهو تمام سهڻو آهي بيشڪ رب تنهنجو اهو وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي ان كي جيكو گمراهه ٿيو واٽ انهيءَ جي كان

وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿۱۲۵﴾

۽ اهو وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي هدايت وارن كي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ اها ڳالهه كئي وئي تہ يهودين تي كي شيون سندن ظلم جي كري حرام كيون ويون ۽ هتي واضح كيو ويو آهي تہ انهن جو ظلم هي هو. فرمان الاهي آهي. "اِنَّمَا جُعِلَ السَّبْتُ عَلَى الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ" بلاشڪ ڇنڇر جو ڏينهن انهن تي مقرر كيو ويو جن ان ۾ اختلاف كيو هو هن آيت جي مراد ۾ مختلف قول آهن.

١- تہ پنهنجي نبي سان اختلاف كيائون. كلبيءَ جو قول آهي تہ: حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام فرمايائين تہ:ستن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن الله جل جلاله جي عبادت لاءِ مخصوص كيو ۽ پاڻ كين جمعي جي ڏينهن لاءِ فرمايائون پوءِ انهن جمعه جو انكار كري ڇنڇر جي ڏينهن لاءِ ضد كيو هتي ان جو ذكر آيو آهي. ٢- ان مان مراد آهي تہ يهودين كي ڇنڇر جي ڏينهن جي تعظيم ۽ احترام جي لاءِ حكم كيو ويو پوءِ انهن ان ۾ اختلاف كيو. هكڙن ڇنڇر جي ڏينهن ۾ مڇيءَ مارڻ جي شكار كي حلال سمجهي شكار كيو ٻين حرام سمجهي نہ كيو هتي اهو ذكر تي

رهيو آهي. (١) "وَاِنَّ رَبَّكَ لَيَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ" ۽ بيشڪ تنهنجو رب جنهن ڳالهه تي اختلاف ٿي ڪيائون (ان جو) انهن ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو. يعني انهن جي اختلاف وارين ڳالهين جو الله تعالیٰ فيصلو ڪندو ته حق تي ڪير آهي ۽ ناحق تي ڪير؟ پوءِ جيڪو جنهن سزا يا جزا جو لائق هوندو ان ڪي اها ملندي. (٢) "اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ" پنهنجي رب جي رستي ڏانهن حڪمت ۽ سهڻي نصيحت سان سڏ ۽ انهن سان ان لهجي سان ڳالهيون ڪر جيڪو تمام سهڻو آهي. "رب جي رستي" مان مراد اسلام ۽ "حڪمت ۽ موعظه حسنه" مان مراد قرآن ڪريم آهي (٣). بعضي مفسرن لکيو آهي ته: "اَلْحِكْمَةِ" مان مراد اها قطعي حجت آهي جنهن سان حق وارا عقيدا ثابت ٿين ۽ "اَلْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ" مان مراد اهڙا دليل ڏئي سمجهائڻ آهي جنهن سان دل نرم ٿئي. (۴) مطلب ته انهن ڪافرن کي دين جي دعوت اهڙن من موهيندڙن دليلن ۽ پياري محبت سان ڏيو جو اهي مڃڻ لاءِ مجبور ٿين "اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ" بلاشڪ تنهنجو رب ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو سندس واٽ کان گمراهه ٿيو ۽ هدايت وارن کي به وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي يعني جنهن واٽ ڏانهن خلق کي سڏڻ لاءِ توکي الله تعالیٰ موڪليو آهي جيڪو ان واٽ کان گمراهه ٿي ويو الله ان کي به وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪو ان تي هلي هدايت وارو ٿيو الله جل جلاله ان کي به وڌيڪ ڄاڻي ٿو پنهي ٽولن مان ڪوبه ان کان لڪل ناهي پوءِ جيڪو جنهن سزا يا جزا جو مستحق هوندو ان کي اها ڏيندو. (٥)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ" (پنهنجي رب جي واٽ ڏانهن سڏ) مان واضح ٿيو ته نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن قيامت تائين اچڻ واري ساري مخلوق جا نبي آهن ڇوته صرف سندن ذات عالي صفات کي ئي حڪم آهي ته الله جي واٽ ڏانهن سڏ. ٢- اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ" الله جل جلاله جي صفت رب کي "كَ" خطاب جي ضمير ڏانهن (جنهن مان مراد نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام آهن) اضافت ڪرڻ سان اهو اشارو ڏنو ويو آهي ته: دين جي دعوت

(١) المظهري ص ٣٨٩ جلد ٥ (٢) المراغي ص ١٦٠ جزءِ ١٤ جلد ٥ (٣) المظهري ص ٣٩٠ جلد ٥ (۴) تنوير الاذهان ص ٢٢٧ جلد ٢ (٥) روح المعاني ص ٢٥٦ جزءِ ١٤ جلد ٥

جو ڪم ربوبيت ۽ تربيت سان تعلق رکي ٿو. دين جي دعوت ڏيڻ ۾ اهڙو طريقو اختيار
ڪرڻ گهرجي جنهن سان ٻڌڻ وارو تنگ نه ٿئي. جنهن کي دعوت ڏني وڃي ان سان نرم
لهجو اختيار ڪجي. جيئن حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون عليهما الصلواة والسلام
کي الله تعالىٰ فرعون ڏانهن دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليندي فرمايو ته: فَقُوْلَا لَهٗ
قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى " (١)

پوءِ ان کي نرميءَ سان چئو شايد اهو نصيحت حاصل ڪري يا (الله کان) ڊڄي. هر دين
جي دعوت ڏيندڙ کي اها تربيت ذهن ۾ رکڻ گهرجي جڏهن فرعون جهڙي ڪافر، پاڻ
کي خدا سڏائيندڙ جي لاءِ ٻن نبين عليهم الصلواة والسلام کي نرم انداز ۾ دعوت
ڏيڻ جو حڪم آهي ته اسين ڪير آهيون. جو سخت لفظن ۾ دين جي دعوت ڏيون؟.
"وَجَادِلْهُمْ" (۽ انهن سان ڳالهيون ڪر) مان ثابت ٿيو ته دين جي دعوت دوران
جيڪڏهن ڪنهن بي دين يا باطل مذهب واري سان مناظرو ڪرڻو پوي ته اهو جائز آهي
مگر مناظرو ڪندڙ ۾ اهڙيون صلاحيتون هجن. بي علم مناظرو نه ڪري متان حق وارن
کي، شرمندو ڪري.

وَاِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ وَلَئِنْ

۽ جيڪڏهن عذاب ڪيو ٿا ته پوءِ اوهان اوترو عذاب ڪيو جيترو ڪيا ويا آهيو ۽ البت جيڪڏهن

صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ ﴿١٢٦﴾ وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ

صبر ڪندؤ اوهان ته البت اهو ڀلو آهي صبر ڪندڙن لاءِ ۽ صبر ڪر ۽ ناهي صبر تنهنجو مگر الله (جي توفيق) سان

وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٧﴾

۽ نه غمگين ٿيءُ انهن تي ۽ نه هج تنگيءَ ۾ ان کان جو رٿين ٿا

١٦ ع ٢٢ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿١٢٨﴾

بيشڪ الله انهن سان گڏ آهي جيڪي پرهيزگار بڻيا ۽ انهن سان جو اهي نيڪي ڪندڙ آهن.

(١) سورة طٰهٰ آيت ٤٤

تفسير

اڳين آيتن ۾ يهودين جي حالات جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ يهودين جي چوڻ تي لڳي مسلمانن کي ايذائيندڙن مشرڪن جي باري ۾ مسلمانن کي سمجهايو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن اوهان انهن تي غالب ٿيو ۽ انهن کي ڪيلن گناهن جي سزاڏيو تہ بہ سندن گناهن آهر ڏجو وڌيڪ نہ ڏجو.

شان نزول

اڪثر مفسرن لکيو آهي تہ: جڏهن احد جي جنگ ۾ڪافرن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي چاچي حضرت حمزه رضي الله عنه جو پيٽ مبارڪ چيريو ۽ منهن مبارڪ تي ڏک هنيا جسم اطهر جا عضوا وڍي جدا جدا ڪري ڇڏيا ۽ پاڻ ڪريم عليه الصلواة والسلام جن اهي ڏٺا تہ کين سخت صدمو پهتو ۽ پاڻ فرمايائون تہ "مان چاچي سڳوري جي پلاند ۾ ستر ڪافرن سان اها حالت ڪندس" تڏهن الله جل جلاله هي آيتون لاٿيون ۽ کين ان پلاندڪان روڪيو ۽ پاڻ الاهي امر تي عمل ڪندي صبر ڪيائون. (١) ارشاد مبارڪ آهي.

"وَاِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَاعُوْقِبْتُمْ بِهٖ" ۽ جيڪڏهن عذاب ڪرڻ گهرو ٿا تہ ايترو جيترو اوهان کي عذاب ڪيو ويو آهي. مطلب تہ جيڪا اوهان کي تڪليف پهتي آهي مخالف تڪليف ڏيندڙن کي بہ جيڪڏهن تڪليف ڏيڻ گهرو تہ ايتري ڏيو وڌيڪ نہ ڏيو. "وَلَئِنْ صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ" ۽ البتہ جيڪڏهن صبر ڪندؤ تہ البت اهو صبر ڪندڙن جي لاءِ ڀلو آهي. مطلب تہ اعلىٰ اخلاق اهو آهي تہ دشمنن جي تڪليف کي ذهن مان ڪڍي صبر ڪجي صابرن سان الله گڏ آهي ۽ صبر وارا حساب کان سواءِ بهشت ۾ ويندا. "وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَاتَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ" ۽ صبر ڪر ۽ تنهن جو صبر تہ صرف الله جي (توفيق) سان آهي ۽ انهن تي غمگين نہ ٿيءُ ۽ ڪافر جيڪي رٿون رٿين ٿا ، انهن جي ڪري تنگدل نہ ٿيءُ. هن آيت ۾ محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي خصوصي طرح صبر جي تلقين ڪئي وئي تہ اي حبيب! عليك الصلواة والسلام اوهان الله جي توفيق سان هر حال ۾ صبر ڪيو اوهان

(١)التفسير الڪبير ص ١٤١ جزءُ ٢٠

سان ڪيترو بہ ظلم ۽ زيادتي ڪئي وڃي پر اوهان صبر جي دامن مان هٿ نہ ڪڍو ۽ اوهان جي ۽ دين اسلام جي خلاف ڪافر جيڪي بہ ڳجها پروگرام رٿين ٿا اوهان انهن ڪان تنگ نہ ٿيو ۽ نہ پريشان ٿيو. پنهنجو الله جل جلالہ اسلام کي اهڙو غلبو عطا ڪندو جو دشمن خود حيران ٿي ويندا. "اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ" يقينًا الله انهن سان گڏ آهي جيڪي متقي بڻيا ۽ انهن سان بہ (گڏ آهي) جيڪي نيڪوڪار آهن. مطلب تہ الله جل شانہ جي مدد ۽ نصرت واري سعادت انهن کي نصيب ٿيندي آهي جيڪي تقوىٰ جي زيور سان سينگاريل، نيڪوڪار، الله جي مخلوق تي محسن ۽ مهربان هوندا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- ڪائنات عالم ۾ اسلام ئي اهڙو اخلاق وارو قانون آهي جنهن ۾ نہ افراط آهي نہ تفريط. ان ۾ هر مزاج جي تشفي ۽ تسلي جو سامان موجود ۽ مهيا آهي. ٢- "وَمِمَّا يَمْكُرُوْنَ" (جيڪي رٿين ٿا) مان اشارتًا واضح ٿيو تہ ڪافر ڪهڙي بہ قسم، رنگ، نسل ۽ ملڪ جو هجي مسلمان جو خير خواهہ نہ ٿيندو مسلمانن کي خاص ڪري حڪمرانن کي انهن جي ڏوڪي ڪان بچڻ جي لاءِ سخت خيال ڪرڻ گهرجي. ٣- "بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ" (جيترو اوهان عذاب ڪيا ويا آهيو) مان ثابت ٿيو تہ هر مجرم کي سزا ان جي جرم آهر ڏجي وڌيڪ نہ ڏجي. بلڪ شرعي حدود ۾ رهندي معاف ڪري ڇڏجي تہ ڀلو آهي. الحمد لله جو اڄ سوا يارهين بجي اڳاري جي رات بمورخہ ٢٠ جمادي الثانيہ ١٤٢١ هـ الموافق ١٩ - ٩- ٢٠٠٠ع تي سورة النحل جو تفسير لکي پورو ڪيم رب ڪريم جل جلالہ جي بارگاهہ ۾ التجا آهي تہ پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جي صدقي باقي رهيل تفسير بہ جلد لکڻ جي سعادت نصيب فرمائي. آمين.



سورة بني اسرائيل جو تعارف

هن سورت پاڪ جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

١:- **نالومبارڪ-** مفسرن هن جا ٽي نالا لکيا آهن. ١- سورة بني اسرائيل، ٢- سورة الاسراء. ٣- سورة سبحان. (٢)

٢:- **نالي رکڻ جو وجه-** تفسير بحرالعلوم جي حاشيه لکندڙن لکيو آهي ته: هن سورت کي "بني اسرائيل" ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان ۾ بني اسرائيل جو ذڪر آهي ۽ ان نالي سان ئي صحابه ڪرام رضي الله عنهم جي دور ۾ مشهور هئي ۽ "اِسْرآ" ۽ "سُبْحَانَ" نالن سان هن سورت کي انهيءَ ڪري سڏيو ويو جو هن جي شروعات ۾ اهي ٻئي لفظ آيل آهن. (٢)

(٣) **رڪوعن، آيتن، ڪلمات ۽ حرفن جو تعداد-** هن سورت پاڪ ۾ ٻارهن (١٢) رڪوع، هڪ سو يارهن (١١١) آيتون، پنج سوٌ ٽيٽيهه ڪلما ۽ ٽي هزار چار سوٌ ست حرف آهن. (٣)

(٤) **مڪيه آهي يامدنيه؟-** ان جي متعلق به مختلف قول آهن مگر جمهور جو ۽ صحيح قول اهو آهي ته اها مڪية آهي. (٤).

(٥) **اڳيئن سورت سان مناسبت-** مفسرن سڳورن مناسبت جا هي ڇهه (٦) وجه لکيا آهن. ١- اڳيئن سورت ۾ ڇنڇر جي ڏينهن جي متعلق يهودين جي اختلاف جو بيان هو ۽ هن ۾ انهن ڇنڇر جي ڏينهن وارن کي مليل شريعت جو ذڪر آهي ابن جرير حضرت ابن عباد رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته: پوري توراة جو خلاصو سورت بني اسرائيل جي پندرنهن (١٥) آيتن ۾ ذڪر ڪيل آهي.

٢:- اڳيئن سورت ۾ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي صبر جي امر ۽ غمگين ٿيڻ کان نهي جو ارشاد هو ۽ هن ۾ ڪين عطا ڪيل شرف ۽ شان جو ذڪر آهي.

٣:- اڳيئن سورت ۾ عام نعمتن جو ذڪر هو ۽ هن ۾ عام سان گڏ خاص نعمتن جو ذڪر آهي.

(١) روح المعاني ص ٢ جزء ١٥ جلد ٥ (٢) بحر العلوم وحاشيته ص ٢٥٧ جلد ٢
(٣) ضياء القرآن ص ٦٢١ جلد ٢ (٤) روح المعاني ص ٢ جزء ١٥ جلد ٥ البحر المحيط ص ٣ جلد ٦

۴:- اڳئين سورت ۾ ہدايو ويو تہ ماڪيءَ ۾ ماڻهن جي لاءِ شفا آهي ۽ هن سورت ۾ بيان ٿيو تہ قرآن ڪريم شفا ۽ رحمت آهي.

۵: - اڳئين سورت ۾ قرابت دارن کي نوازڻ جو ذڪر هو ۽ هن ۾ انهن سان گڏ مسڪينن ۽ مسافرن کي بہ خير، خيرات ڏيڻ جي تلقين ڪيل آهي.

٦:- اڳئين سورت ۾ مطلق قريبن سان مهرباني ڪرڻ جو بيان هو ۽ هن ۾ والدين جي خدمت لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي ڇو تہ اهيئي قرابت جو اصل ذريعو آهن. (١)

٦:- **فضيلت** - هن سورت مبارڪ جو شان ۽ محبوبيت تمام گهڻي آهي امام احمد، ترمذي، نسائي ۽ ٻين محدثن ام المومنين سيده عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ: نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن هر رات هيءَ سورت ۽ سورت "الزمر" تلاوت ڪندا هئا. (٢) مشڪلات جي حل ۽ حاجات جي حاصل ڪرڻ جي نيت سان بہ هن سورت مبارڪ جي تلاوت نهايت مفيد آهي پر تقوىٰ شرط آهي.

٧: مضمون: هن سورت ۾ هي مضمون آيل آهن پهرئين رڪوع ۾ معراج شريف ۽ بني اسرائيل جو تاريخي ذڪر، ٻئي رڪوع ۾ ٻانهن جي نيڪين، برن عملن ۽ انهن جي نتيجي جو بيان، ٽئين رڪوع ۾ والدين ۽ ٻين جي حقوق جو بيان، چوٿين رڪوع ۾ شريعت جا اوامر ۽ نواهي، پنجين رڪوع ۾ الله جل شانہ جي حمد ۽ قدرت جو ذڪر، ڇهين رڪوع ۾، شيطان جي مڪاري ۽ ان کي ختم ڪرڻ جي لاءِ انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي محنتن ۽ مشقتن برداشت ڪرڻ جو ذڪر، ستين رڪوع ۾ سيدنا حضرت آدم علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام کي سجدي ڪرڻ لاءِ امر ۽ ان کان شيطان جي انڪار ۽ انسان جي عظمت جو بيان، اٺين رڪوع ۾ قيامت جي ڏينهن وارن دردناڪ منظرن ۽ انهن جي ذڪر کي پڙهي عبرت وٺي بچاءَ ڪرڻ جي تلقين، نائين رڪوع ۾ نفلي عبادتن جي لاءِ ارشاد ڏهين رڪوع ۾ انساني روح (زندگيءَ) ۽ ايماني روح (قرآن پاڪ) جي ڳالهہ، يارهين رڪوع ۾ محشر جي ميدان ۾ مجرمن جي حليي حالتن ۽ ملائڪن جو ذڪر، ٻارهين رڪوع ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام کي مليل معجزن، فرعون جي حالت، توحيد باري تعالىٰ ۽ شريعت جو بيان ٿيل آهي (٣) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هي آيتون مڪہ مڪرمہ ۾ نازل ٿيون جتي بني اسرائيل نہ رهندا هئا پر انهن سان خطاب مان اهو اشارو ڏيڻو هو تہ مستقبل قريب ۾ انهن کي قرآن پاڪ جو مخاطب بنايو ويندو (۽ بنايو ويو). هن

(١) المراغي ص ٣ جزءُ ١٥ جلد ٥ - روح المعاني ص ٢ - ٣ جزءُ ١٥ جلد ٥
(٢) ساڳيو حوالو. (٣) نعيمي ص ١١ جلد ١٥.

سورت پاڪ جي رڪوع ٢ ۽ ٣ ۾ حيات انسانيءَ جي نظام جا اهي تفصيل بيان ڪيا ويا آهن جيڪي اسلام دنيا جي سڀني قومن جي اڳيان پيش ڪرڻ چاهي ٿو ۽ اهو بہ صاف معلوم ٿي رهيو هو تہ ظلم جو دور عنقريب ختم ٿيندو، حق ۽ ان جا حامي بلند ۽ بالا رهندا. هن سوره مبارڪ ۾ نهايت اهم ڳالهہ معراج شريف جو ذڪر آهي جنهن جي متعلق آيت ڪريمہ جي تفسير ۾ ڪجهہ ذڪر ٿيندو. انشاءَ الله تعالیٰ.

سُوْرَةُ بَنِيْ اِسْرَآئِيْلَ مَكِّيَّةٌ	اٰيَاتُهَا ١١١	وَ رُكُوْعُهَا ١٢
سورة بني اسرائيل مڪيہ آهي،	هن جون آيتون هڪ سؤ يارهن آهن،	هن جا رڪوع ٻارهن آهن.

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ

پاڪ آهي اهو (الله) جنهن سير ڪرايو ٻانهي پنهنجي کي راتئون رات مسجد حرام کان

اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ؕ

مسجد اقصیٰ تائين اها جو برڪت وڌي سون چوڌاري ان جي تانتہ ڏيکاريون ان کي نشانيون پنهنجيون

اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ①

بلاشڪ اهوئي ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي.

تفسير

اڳئينءَ سورت جي آخري آيتن ۾ حضور پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن کي غمگين ٿيڻ کان روڪيو ويو ۽ هن آيت ۾ ڪين مليل عزت ۽ اعلیٰ مقام جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ" اها ذات (هر عيب ۽ نقص کان) پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي کي راتئون رات مسجد حرام کان مسجد اقصیٰ تائين سير ڪرايو تانتہ ان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريون. بلاشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.

شان نزول

ڪيترين روايتن ۾ آيو آهي تہ جڏهن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن معراج شريف کان واپس آيا ۽ پاڻ ان معجزي جو اعلان فرمايائون تڏهن ڪافرن ڪانئن ڪيترا سوال ۽ مطالبا ڪيا پاڻ انهن کي سڀ پورا ڪري ڏيکاريائون تہ بہ انهن نہ مڃيو، چوڻ لڳا تہ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ انهن جي رد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي (١) هن آيت ۾ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي هڪ عظيم الشان معجزي جو بيان آهي، جنهن جو ان وقت جي ڪافرن وانگر اڄان بہ ڪي بيوقوف انڪار ڪندا رهن ٿا، اهو معجزو معراج شريف جي نالي سان مشهور آهي. ان جو تفصيلي ذڪر سيرت جي وڏن ڪتابن ۽ نبوي حديثن جي شرحن ۾ آيل آهي جنهن کي پورو پورو واقعو پڙهڻ جو شوق آهي سو انهن وڏن ڪتابن کي مطالعہ ڪري، هتي ان واقعي جا ڪجھ حصا لکڻ جي سعادت حاصل ڪجي ٿي.

معراج ڇو ڪرايوويو؟

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن کي ويجهي ويجهي عرصي ۾ ٽي صدما پهتا. ١- سندن چاچي ابوطالب سائينءَ وفات ڪئي. ٢- سندن جان نثار گهر واري سيده خديجہ الڪبريٰ وفات ڪئي. ٣- طائف وارن کين سخت تڪليف ڏني ۽ اهي سيئي واقعا هڪ ئي سال ۾پيش آيا. انهن صدمن کان پهتل تڪليف کي دور ڪرڻ جي لاءِ کين معراج شريف سان نوازي سندن ذات جي لاءِ تيار ڪيل نعمتون ۽ سندن صدقي سندن امت کي ملندڙ نعمتون سندن اڳيان پيش ڪيون ويون تانتہ سندن غم دور ٿئي. (٢)

معراج ڪڏهن، ڪهڙي تاريخ ۽ ڪهڙي رات ٿيو؟

انهي ڳالهين ۾ بہ مختلف قول آهن مگر صحيح ۽ مشهور قول هي آهي تہ پاڻ هجرت کان اڳ مڪہ مڪرمہ مان رجب مهيني جي ستاويهين تاريخ سومر جي رات معراج شريف جو مرتبو ماڻيو هيائون. (٣).

(١) تفسير نعيمي ص ٥ جلد ٥. (٢) ضياءالقرآن ص ٦٢٣ جلد ٢.
(٣) معارف القرآن ص ٤٣٠ جلد ٥.

معراج واري رات پاڻ ڪريم عليہ التحية والتسليم ننڊ ۾ هئا يا سجاڳيءَ ۾؟ صرف روح جو معراج هو يا جسم سان گڏ؟

انهيءَ ۾ بہ ڪن ماڻهن جو اختلاف آهي،مگر اڪثر علماء جو تحقيق هي آهي تہ پاڻ اهو سير جسم ۽ روح سان گڏ سجاڳيءَ ۾ ڪيو هيائون ننڊ ۾ نہ هئا. ان دعوىٰ جا هي دليل آهن. ١- تہ هن واقعي کي "سبحان" سان شروع ڪرڻ مان واضح آهي تہ اهو واقعو نهايت عجيب ۽ حيران ڪندڙ آهي ۽ اهو تڏهن آهي جڏهن جسم سان ۽ سجاڳيءَ ۾ هوندو صرف ننڊ ۾ ڪا شيءِ ڏسڻ حيران ڪندڙ ناهي. ٢- تہ جيڪڏهن اها ننڊ ۾ ڏٺل خواب جي ڳالهہ هجي ها تہ مڪہ مڪرمہ جا رهندڙ انڪار نہ ڪن ها ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ تصديق ڪري اعلىٰ مقام نہ ماڻي ها. ڇو تہ ننڊ ۾ ماڻهو الاءِ ڇا ڇا ڏسندو آهي. ٣-ان سير کي بيان ڪرڻ وقت "بِعَبْدِهٖ" ۾ عبد جو لفظ روح ۽ جسم ٻنهي جي مٿان دلالت ڪري ٿو ڇو تہ صرف روح کي عبد نہ سڏيو ويو آهي. ٤- تہ جسم جو ايترو مٿي وڃڻ ممڪن آهي قرآن ڪريم ۾ الله جل جلالہ جو حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي لاءِ ارشاد آهي تہ انهن جي تخت کي هوا کڻي هلندي هئي. جيڪڏهن اهو ممڪن هو تہ حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن جو جسم سان مٿي وڃڻ بہ ممڪن آهي محال ناهي. ٥- تہ الله جل شانہ قرآن ڪريم ۾ "اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ" فرمايو بروح عبده نہ فرمايو. ٦- تہ واضح دليلن ۽ متواتر احاديث ۽ اخبار مان واضح آهي تہ: نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن براق تي سير ڪري بيت المقدس ۾ تشريف فرماٿيا هئا ۽ جيڪڏهن اهو سير صرف روح جو هجي ها تہ براق جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ڇو تہ سواريون تہ صرف جسمن کي کڻنديون آهن. (١)

مذڪوره آيت جي مختصر تشريح

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ آيت جو آغاز "سُبْحَانَ" سان ٿيو آهي جنهن جي معنىٰ آهي تہ: الله تعالىٰ هر قسم جي عيب ۽ نقص کان پاڪ ۽ مبرا آهي "اَسْرٰى" رات جي سير ڪرائڻ کي چوندا آهن. "لَيْلًا" ۾ تنوين تقليل جي آهي. معنىٰ رات جي ٿوري حصي ۾ "بِعَبْدِهٖ" ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جو ذڪر عبد سان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ بہ ٽي حڪمتون آهن. ١- تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جو بي مثل شان

(١) المراغي ص ٦ - ٧ جزء ١٥ جلد ٥.

۾بلند مرتبوڏسي امت انهيءَ غلطيءَ ۾ مبتلا نہ ٿئي جنهن ۾ حضرت عيسيٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي كمالات كي ڏسي عيسائي مبتلا ٿيا هئا. ٢- تہ جڏهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن مقام قاب قوسين تي فائز ٿيا تہ رب العزت جل شانہ کين فرمايو تہ: بِمَ أُشَرِّفُكَ يَا مُحَمَّدُ ! اي محبوب ! (عليہ الصلواة والسلام) مان توکي ڪهڙي لقب سان شرف بخشيان؟ پاڻ جواب ۾ عرض ڪيائون تہ: مون کي پنهنجو عبد سڏڻ سان مشرف بناءِ، ان جي ڪري الله تعالىٰ معراج جي ذڪر وقت کين ان ئي لقب سان ياد فرمايو جيڪو پاڻ پسند ڪيو هيائون: "لِنُرِيَهُ مِنْ اٰيٰتِنَا" تانتہ ان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريون. هنن ڪلمات مبارڪہ سان ان سير جو غرض بيان ڪيو ويو آهي مطلب تہ پاڻ ڪريمن عليہ الصلواة والسلامجن کي اهو سير نهايت اهم مقصد لاءِ ڪرايو ويو. کين هر جاءِ تي الله جل جلالہ جي قدرت جون عجيب نشانيون ڏيکاريون ويون جن کي ڏسڻ سندن ئي مقام جي مناسب هو، قرآن ڪريم جو هي انداز بيان صاف صاف ٻڌائي رهيو آهي تہ هي واقعو خواب جو نہ سجاڳيءَ ۾ هو.

سوال

قرآن ڪريم جي ہي آيت آهي "وَمَا جَعَلْنَا الرُّؤْيَا الَّتِيْ اَرَيْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً لِّلنَّاسِ" (١) ۾ جيڪو خواب اسان اوهان کي ڏيکاريو ان کي صرف ماڻهن جي لاءِ آزمائش بنايوسين. ثابت ٿيو تہ اهو واقعو خواب ۾ هو.

جواب

قرآن پاڪ جي اڪثر مفسرن لکيو آهي تہ: ان آيت جو معراج واري واقعي سان ڪنهن بہ قسم جو تعلق ناهي. اهو ڪنهن ٻئي واقعي جو ذڪر آهي. پر جيڪڏهن هروڀرو ڪو ضد ڪري ٿو ٻيهي تہ ان جي لاءِ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جو ارشاد ڪافي آهي پاڻ فرمايو اٿن تہ: "الرُّؤْيَا" مان مراد سجاڳيءَ جي حالت ۾ ڏسڻ آهي. ڇوتہ جيڪڏهن پاڻ ننڊ ۾ ڏسن ها تہ ان کي آزمائش نہ سڏيو وڃي ها ۽ نہ ان جو ڪير انڪار ڪري ها ڇوتہ خواب ۾ تہ انسان ڇا جوڇا ڏسندو آهي. ستئي آسمان لنگهي مٿي هليو ويندو آهي ڪرسيءَ تي ويٺو هوندو آهي.الله سان هم ڪلام ٿيندو آهي. (٢) علامہ ثناءالله پاني پتي عليہ الرحمہ لکيو آهي تہ: والاكثرون علىٰ ان الله تعالىٰ اسرىٰ بعبده محمد صلي الله تعالىٰ عليہ وسلم ليلة المعراج بجسده في

(١) سورة بني اسرائيل آيت (٢) احكام القرآن لابن العربي ص ١١٩٥ جلد ٣

اليقظه وتواتر الاخبار الصحيحة بذالك وعليہ انعقد الاجماع (١) يعني اڪثريت جو قول ۽ صحيح متواتر حديثن ۽ اجماع سان اها ڳالهہ ثابت آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي "پياري" ٻانهي "حضرت" محمد صلى الله عليہ وسلم جن کي معراج واري رات سڄاڳيءَ ۾ جسم اطهر سان سير ڪرايو هو. "اِنَّهٗ هُوَالسَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ" بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ،ڏسندڙ آهي.علامہ آلوسي عليہ الرحمة هن جملہ جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: الله جل جلالہ پنهنجي ٻانهي کي ايترو مقرب ۽ هن شان سان مخصوص بنايو جو پاڻ ان جي اقوال کي ٻڌي ٿو ۽ سندس احوال کي ڏسي ٿو. (٢)

مسجد حرام ۽ مسجد اقصىٰ

حضرت ابوذر غفاري رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ: سڀني مسجدن کان پهريان ڪهڙي مسجد آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "مسجد حرام" مون وري عرض ڪيو تہ: ان کان پوءِ ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "مسجد اقصىٰ" مون عرض ڪيو تہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪيترو عرصو هو؟ پاڻ فرمايائون تہ "چاليهن سالن جو" پوءِ فرمايائون تہ (مسجدن جي ترتيب تہ اها آهي پر) الله تعالىٰ اسان جي لاءِ ساري زمين کي مسجد بنايو آهي جنهن بہ جاءِ تي نماز جو وقت اچي تہ اتي نماز ادا ڪندا ڪيو. قرآن پاڪ جي عظيم مفسرمجاهد عليہ الرحمة فرمايو آهي تہ: الله تعالىٰ بيت الله واري جاءِ کي ٻـيءَساري زمين کان بہ هزار (٢٠٠٠) سال پهريان،پيدا ڪيو ۽ ان جا بنياد هيٺ ستين زمين جي اندر تائين پهتل آهن ۽ مسجد اقصىٰ جي تعمير حضرت سليمان ڪرائي هئي (٣) مسجد حرام ان مسجد جو نالو آهي جيڪا بيت الله شريف جي چوطرف ناهيل آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پوري حرم کي بہ مسجد حرام سڏيو ويندو آهي ۽ ان ٻيءَ معنىٰ جي لحاظ سان ٻن روايتن جو اهو تعارض بہ ختم ٿو ٿئي جو هڪ روايت ۾ آهي تہ: سندن معراج جي لاءِ روانگي سيده ام هاني جي گهران ٿي هئي ۽ ٻيءَ روايت ۾ آهي تہ سندن روانگي بيت الله شريف جي حطيم کان ٿي هئي. مسجد حرام مان جيڪڏهن عام حرم مراد ورتو ويندو تہ پوءِ تہ سيده ام هاني رضي الله عنها جو گهر بہ ان حدود ۾ اچي ٿو وڃي ۽ پاڻ پهريان اتي هيا اتاهين بيت الله شريف جي حطيم ۾ آيا ۽ اتاهين صفا جبل تي تشريف فرمائي براق تي سوار ٿي معراج شريف جي شروعات ڪيائون. (٤)

(١) المظهري ص ٤٠١ جلد ٥ (٢) روح المعاني ص ١٣ جزءُ ١٥ جلد ٥
(٣) تفسير قرطبي ص جلد ١٠ . (٤) معارف القرآن ص ٤٣١ جلد ٥.

مسجد اقصىٰ ۽ شام ملڪ جون پلايون ۽ برڪتون

"اَلَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ" (جنهن جي چوطرف اسان برڪتون پيدا فرمايون) ۾ "حَوْلَ" مان مراد پورو شام ملڪ آهي، هڪ حديث ۾ آهي تہ: الله تعالىٰ عرش کان فرات درياءَ تائين بابرڪت زمين ٺاهي آهي ۽ ان مان فلسطين جي زمين کي خاص تقدس عطا ڪيو آهي. (١) شام ملڪ ۾ دنياوي برڪتون بہ آهن جو نهايت سرسبز آباد آهي اتي باغات ۽ نهرون گهڻيون آهن۽ ديني برڪتون بہ آهن جو اتي اڳين نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جون مزارون آهن.

حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ الله (جل جلالہ) فرمايو: اي شام ملڪ ! تون سيني شهرن کان منهنجو منتخب ٽڪرو آهين ۽ تو وٽ مان پنهنجن انهن ٻانهن کي پهچائيندس جو اهي بہ منهنجا منتخب ٻانها هوندا - مسند امام احمد ۾ حديث آهي تہ: دجال ساري زمين ۾ ڦرندو پر چئن مسجدن تائين ان جي رسائي نہ ٿيندي ١- مدينہ منوره واري مسجد ٢- مڪہ مڪرمہ واري مسجد ٣- مسجد اقصىٰ ۴- طور سينا جبل واري مسجد. (٢)

سوال

معراج شريف جي منڪر لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

جواب

علامہ احمد جيون عليہ الرحمه لکيو آهي تہ: اهل السنت والجماعت جو بالاجماع قول آهي تہ: مسجد اقصىٰ تائين معراج شريف قرآن ڪريم سان ثابت آهي اهو قطعي دليل آهي ان جومنڪر ڪافر آهي ۽ پهرئين آسمان تائين مشهور حديث سان ثابت آهي ان جو منڪر مبتدع ۽ گمراهہ آهي ۽ ان کان اڳتي آسمانن کان بہ مٿي آحاد حديثن سان ثابت آهي ان جومنڪر فاسق آهي.اهو قول آڻڻ کان پوءِ علامہ موصوف پنهنجو تحقيق اهو لکيو آهي تہ: بيت المقدس کان مٿي وارو سير بہ قرآن ڪريم سان ثابت آهي جيئن سورت النجم ۾ ارشاد ٿيل آهي(٣) ۽ انشاءَ الله تعالىٰ ان جو تفصيلي ذڪر اتي ايندو.

(١)روح المعاني ص ١١ جزءُ ١٥ جلد ٥. (١) معارف القرآن ص ۴٣٢ جلد ٥.
(٣) التفسيرات الاحمدية ص ٥٠٢.

فائدا

هن آيت كريمه مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "سُبْحَانَ" جي لفظ مان واضح ٿيو تہ هر سٺي ڳالهہ تي خوشيءَ يا تعجب جي وقت سبحان الله چئجي. ڇوتہ اها شڪر بہ آهي تہ ان جي گهٽي پڙهڻ ۽ چوڻ سان قلب ۽ روح جي پاڪيزگي ۽ صفائي بہ حاصل ٿيندي آهي. ٢- "لَيۡلًا" (ٿورڙي رات ۾) مان واضح ٿيو تہ رب العزت جل شانہ جي بارگاهہ ۾ رات ڏينهن کان افضل آهي جو معراج جهڙو عجيب ۽ شاندار واقعو بہ رات جو رکيو ويو. ٣- "مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا" (مسجد حرام کان مسجد اقصىٰ تائين) مان اشارتًا واضح ٿيو تہ مسلمان لاءِ مستحب آهي تہ: پنهنجي هر سٺي ڪم کي مسجد ۾ حاضري ڏيڻ سان شروع ڪري ۽ مسجد ۾ حاضري ڏيڻ سان پورو ڪري. (١)

ڪجهہ اعتراضن جا جواب

اعتراض ١:- "اَسۡرٰى" آڻڻ کان پوءِ "لَيۡلًا" ڇو آندو ويو حالانڪ "اَسۡرٰى" بہ رات جي سير کي سڏيو ويندو آهي. رات تہ ان ۾ اچي وئي.

جواب: "اَسۡرٰى" ۾ رات جو ذڪر تہ ضمنًا اچي ويو پر مقدار جي لاءِ ڪو اشارو نہ هو تہ ڪيتري عرصي ۾ "لَيۡلًا" ۾ تنوين تنڪير جي مان واضح ٿيو تہ اهو سڀ ڪجهہ رات جي تمام ٿوري حصي ۾ ٿيو ۽ "لَيۡلًا" جي آڻڻ مان اسرىٰ ۾ ضمنًا آيل رات جو تاڪيد بہ ٿيو تہ اهو سير بالڪل رات جو ٿيو هو ڏينهن جو نہ ٿيو هو.

اعتراض ٢:- نبي ڪريم عليہ التحيہ والتسليم جن جا پيا بہ ڪيترا سهڻا لقب آهن. نبي، رسول، حبيب، رحمت وغيرها انهن سڀني جي هوندي سندن سير کي "بِعَبۡدِهٖ" سان ڇو بيان ڪيو ويو؟ ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟

جواب: ان ۾ اها حڪمت هئي تہ دنيا جي اڳيان واضح ٿئي تہ: عبد، ۽ "عَبۡدِهٖ" ۾ فرق آهي. عبد عام آهي ۽ "عَبۡدَهٗ" هجڻ مصطفىٰ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو مقام آهي، گهرو لقب جدا هوندا آهن تہ بادشاهي لقب جدا.

اعتراض٣:- " بٰرَكۡنَا حَوۡلَهٗ" اسان ان جي چوڌاري برڪتون پيدا ڪيون، ڇو چيو ويو؟ باركنا عليہ يا باركنا فيہ (ان تي يا ان ۾ برڪتون نازل فرمايون اٿئون) ڇونہ آيو؟

(١) نعيمي ص ٢٠ جلد ١٥

جواب: ان جي لاءِ جو هتي نبوت ۽ رزق واري برڪت مراد آهي جيڪا ان جي چؤطرف آهي، انبياءِ ڪرام علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جون مزارون بہ ٻاهران آهن تہ باغات، نهرون وغيره بہ ٻاهر آهن اندر ناهن.

سوال: معراج شريف جو واقعو ڪهڙن ۽ ڪيترن اصحابن کان روايت ڪيل آهي؟

جواب: مفسرن ڀلارن معراج شريف جي واقعي کي روايت ڪندڙن جا هي نالا لکيا آهن. (١) حضرت ابوبڪرصديق (٢) حضرت عمر الفاروق (٣) حضرت عثمان (۴) حضرت علي المرتضىٰ (٥) حضرت عبدالله بن مسعود (٦) حضرت عبدالله بن زبير (٧) حضرت عبدالله بن عمر (٨) حضرت عبدالله بن عباس (٩) حضرت ابوذر غفاري (١٠) حضرت انس بن مالڪ (١١) حضرت مالڪ بن صعصعہ (١٢) حضرت ابو هريره (١٣) حضرت ابو سعيد خدري (١۴) حضرت شداد بن اوس (١٥) حضرت ابي بن ڪعب (١٦) حضرت عبدالرحمان بن قرط (١٧) حضرت ابو حبہ (١٨) حضرت ابو ليلىٰ (١٩) حضرت جابر انصاري (٢٠) حضرت حذيفہ بن يمان (٢١) حضرت بريده بن اسلمي (٢٢) حضرت ابو ايوب انصاري (٢٣) حضرت ابو امامہ (٢۴) حضرت سمرة بن جندب (٢٥) حضرت ابوالحمراء (٢٦) حضرت صهيب رومي (٢٧) حضرت اسامہ بن زيد (٢٨) حضرت ابودرداء (٢٩) حضرت بلال بن سعد (٣٠) حضرت ابو سفيان (٣١) حضرت ام هاني (٣٢) حضرت عائشہ (٣٣) حضرت اسماء بنت ابي بڪر صديق رضي الله عنهم. (١)

وَاٰتَيۡنَا مُوۡسَى الۡكِتٰبَ وَ جَعَلۡنٰهُ هُدًى لِّبَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اَلَّا

۽ ڏنو اسان موسىٰ کي ڪتاب ۽ بڻايوسون ان کي هدايت ٻَني اسرائيل جي لاءِ تہ نہ

تَتَّخِذُوۡا مِنۡ دُوۡنِىۡ وَكِيۡلًا ؕ ۝٢ ذُرِّيَّةَ مَنۡ حَمَلۡنَا مَعَ نُوۡحٍ ؕ اِنَّهٗ كَانَ

وٺو مون کان سواءِ ڪو ڪارساز اولاد انهن جو جيڪي سوارڪراياسين نوح سان گڏ بلاشڪ اهو هو

عَبۡدًا شَكُوۡرًا ۝٣ وَقَضَيۡنَاۤ اِلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ فِى الۡكِتٰبِ

ٻانهو شڪر گذار ۽ فيصلو موڪليوسون بني اسرائيل ڏانهن ڪتاب ۾

(١) تفسيرابن ڪثير ص ٢۴ جلد ٥ نعيمي ص ٢٨ جلد ١٥.

لَتُفْسِدُنَّ فِى الْاَرْضِ مَرَّتَيْنِ وَلَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِيْرًا ④ فَاِذَا

تہ البت ضرور فساد كندؤ زمين ۾ ٻہ ڀيرا ۽ البت ضرور بلند ٿيندؤ (عارضي طور) بلندي وڏي پوءِ جڏهن آيو

جَآءَ وَعْدُ اُوْلٰهُمَا بَعَثْنَا عَلَيْكُمْ عِبَادًا لَّنَآ اُولِىْ بَاْسٍ

وعدو پهريون انهن ٻنهي مان تہ موڪلياسون اوهان تي ٻانها پنهنجا صاحب جنگ

شَدِيْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّيَارِ ۭ وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا ⑤

سخت جا پوءِ گهڙي پيا اندر گهرن ۾ ۽ هو وعدو (تقدير ۾) پورو ڪيل.

تفسير

پهرينءَ مذڪوره آيت ۾ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي سير جي بيان ۾ مسجد اقصىٰ (بيت المقدس) جو ذڪر هو ۽ جڏهن تہ بني اسرائيل جو سندن قول مطابق ان سان گهڻو تعلق آهي ان جي ڪري مسجد اقصىٰ جي ذڪر واري آيت کان پوءِ بني اسرائيل جي ذڪر واريون آيتون ذڪر ڪيون ويون آهن. فرمان عالي شان آهي "وَاٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَجَعَلْنٰهُ هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اَلَّا تَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِيْ وَكِيْلًا" ۽ اسان موسىٰ کي ڪتاب ڏنو ۽ ان کي بني اسرائيل جي لاءِ هدايت بنايوسين تہ مون کان سواءِ ڪنهن کي ٻہ ڪارسازنہ بنايو - يعني اسان (حضرت) موسىٰ (علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام) کي ڪتاب پورو تورات عطافرمايو ۽ ان کي بني اسرائيل (حضرت يعقوب علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام جي اولاد) جي لاءِ هدايت بنايوسين تانتہ ان سان حق جي ۽ ان ۾ جيڪي احڪام ۽ خطاب آهن انهن جي رهنمائي حاصل ڪن، ان ۾ اهو ٻہ بيان ٿيل هو تہ مون کان سواءِ ڪنهن کي ٻہ پنهنجو (حقيقي) ڪارساز نہ بنائين. "ذُرِّيَّةَ مَنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ۭ اِنَّهٗ كَانَ عَبْدًا شَكُوْرًا" انهن جو اولاد جن کي نوح سان گڏ سوار ڪرايوسين بلاشڪ اهو شڪرگذار ٻانهو هو. يعني اوهان انهن جو اولاد آهيو جيڪي (حضرت) نوح (علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام) سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ٻڏڻ کان بچيا هئا جيڪو احسان اوهان جي وڏن تي ڪيو ويو ان کي نہ وساريو. ڏسو تہ

حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام كيترو شكر گذار ٻانهو هو. "وَقَضَيْنَآ اِلٰى بَنِىٓ اِسْرَآئِيْلَ فِى الْكِتَابِ لَتُفْسِدُنَّ فِى الْاَرْضِ مَرَّتَيْنِ وَلَتَعْلُنَّ عُلُوًّا كَبِيْرًا" ۽ اسان بني اسرائيل ڏانهن ڪتاب ۾ فيصلو موڪليو ته البته اوهان زمين ۾ ٻه ڀيرا ضرور فساد ڪندؤ ۽ البته ضرور (عارضي طور) ٻه ڀيرا بلند ٿيندؤ، الله جل جلاله ارشاد فرمايو آهي ته اسان آسمان کان نازل ڪيل تورات يا ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ اڳئي ٻڌايو هو ته بني اسرائيل ٻه ڀيرا ملڪ ۾ طاقتور بنجي وڏو فساد ڪندا ۽ ظلم ۽ تڪبر جو شيوو اختيار ڪري سخت سرڪشيءَ جو مظاهرو ڪندا ۽ ائين ئي ٿيو ۽ هردفعي اهي الله تعاليٰ جي طرفان دردناڪ سزا جو مزوچکندا رهيا "فَاِذَاجَآءَ وَعْدُ اُوْلٰهُمَا بَعَثْنَا عَلَيْكُمْ عِبَادًالَّنَآ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّيَارِ وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا" پوءِ جڏهن پهريون وعدو آيو ته اسان اوهان تي پنهنجا اهڙا ٻانها مسلط ڪري موڪليا جيڪي سخت جنگجو هئا پوءِ گهرن ۾ اندر گهڙي پيا ۽ اهو وعدو تقدير ۾ اول ڪيل هو يعني جڏهن انهن کي سزا ڏيڻ واري پهرئين وعدي جو وقت آيو ته اسان پنهنجا اهڙا ٻانها اوهان تي مسلط ڪري موڪليا جيڪي جنگ ۾ سخت هئا ۽ انهن اوهان جي گهرن ۾ گهڙي اوهان کي سزا ڏني ۽ اهو مقرر ڪيل وعدو پورو ٿيو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- بزرگن جو اولاد هجڻ تڏهن فائديمند آهي جڏهن اولاد جا پنهنجا عقيدا سهڻا هجن ۽ عمل به صحيح ڪن، ظالم، بدڪردار، خاص ڪري انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي بارگاهه جو مردود، بي ادب ۽ گستاخ ڪڏهن به فائدو حاصل ڪري نه سگهندو. ٢- "بَعَثْنَا عَلَيْكُمْ عِبَادًا لَّنَآ" (اوهان تي پنهنجا ٻانها مسلط ڪياسون) مان واضح ٿيو ته برن عقيدن ۽ بڇڙن عملن جي ڪري ظالم بادشاهه مسلط ڪيا ويندا آهن ٣- ڪافرن تي عذاب ضروري ناهي ته آسمان کان اچي اهو عذاب دنيوي بادشاهن جي لشڪرن جي صورت ۾ به ايندو آهي. ٤- "فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّيَارِ" (پوءِ گهرن ۾اندر گهڙي پيا) مان ثابت ٿيو ته مجرم کي پڪڙڻ جي لاءِ ان جي گهر تي ڇاپو هڻڻ يا مجبورًا اندر گهڙي ان کي ٻڌڻ منع ناهي.

ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَاَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ

تنهن کان پوءِ موٽايوسون اوهان جي لاءِ ٻيو وارو، انهن تي ۽ مدد ڪئي سون اوهان جي مالن

وَّبَنِيْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِيْرًا ⑥ اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ

۽ پٽن سان ۽ بنايا سون اوهان لاءِ گهڻا ساٿ ڏيڻوارا جيڪڏهن نيڪي ڪندؤ ته نيڪي ڪندؤ

لِاَنْفُسِكُمْ ۗ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ۭ فَاِذَا جَاۗءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ

پنهنجن سرن لاءِ ۽ جيڪڏهن گناه ڪندؤ ته پوءِ به انهن لاءِ پوءِ جڏهن ايندو وعدو پوين

لِيَسُوْۗءٗا وُجُوْهَكُمْ وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ

تانت بڇڙا ڪن منهن اوهان جا ۽ تانت داخل ٿين مسجد ۾ جيئن داخل ٿيا ان ۾

اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّلِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِيْرًا ⑦

پهرئين ڀيري ۽ تانت پوري طرح هلاڪ ڪن ان کي جنهن تي غالب ٿيا.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ بني اسرائيل جي فسادن ۽ شرارتن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾انهن کي معاف ڪرڻ ۽ انهن تي انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي صدقي ڪيلن انعامن ۽ احسانن جو ذڪر ٿي رهيو آهي: ارشاد مبارڪ آهي "ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَاَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ نَفِيْرًا اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ ۗ وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا" پوءِ انهن جي مٿان اوهان کي ٻيو ڀيرو غلبو ڏنوسون ۽ اوهان جي مالن ۽ پٽن ڏيڻ سان مدد ڪئي سون ۽ اوهان کي ساٿ ڏيڻ وارن سان به گهڻو بنايوسين جيڪڏهن نيڪي ڪندؤ ته پنهنجن سرن لاءِ ۽ جيڪڏهن برائي ڪندؤ ته به انهن لاءِ مطلب ته: اي بني اسرائيلو ! جڏهن اوهان برائي ڪئي ته اوهان تي ظالم بادشاهه مقرر ڪري اوهان کي سزا ڏني سون ۽ جڏهن اوهان نيڪي ۽

تقوىٰ ڏانهن موٽيوَ تہ اوهان کي انهن ظالمن تي غلبو ڏئي اوهان جي مالن ۽ پٽن ڏيڻ سان مدد ڪري اوهان کي ساڻ ڏيڻ وارن جي لحاظ سان گهڻو بنايوسين. "فَإِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْۤءٗا وُجُوْهَكُمْ وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّلِيُتَبِّرُوْا مَاعَلَوْا تَتْبِيْرًا" پوءِ جڏهن پوئين وعدي جو وقت آيو تانت اوهان جي منهن کي بڇڙو بنائين ۽ تانتہ اهي مسجد (بيت المقدس) ۾ اهڙي نموني داخل ٿين جيئن پهرئين ڀيري داخل ٿيا هئا ۽ تانتہ جنهن تي غالب ٿيا هئا ان کي صفا برباد ڪري ڇڏين - يعني اي بني اسرائيلو! جڏهن اوهان دولت مند ٿي گذريل غربت ۽ ذلت وارو زمانو وساري ڇڏيو ۽ اوهان ۾ غرور ۽ تڪبر پيدا ٿيو تہ اوهان نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي گستاخي ۽ بي ادبي ڪئي ڪيترن نبين عليهم الصلواة والسلام کي شهيد ڪيو تہ الله تعالىٰ وري اوهان تي اهڙا ظالم مسلط ڪيا جن اوهان جا منهن ئي بگاڙي ڇڏيا ۽ نهايت ذليل ۽ خوار ٿيئو، انهن اوهان کي سزا ڏيڻ سان گڏ پهرئين ڀيري وانگر اوهان جي عبادت گاهہ (بيت المقدس) ۾ داخل ٿي ٻيج ڌاهہ ڪري ڪيترن ماڻهن کي قتل ڪيو جيڪو بہ سندن هٿ لڳو ٿي ان کي تباهہ ۽ برباد ڪندا ٿي ويا اهو سڀ ڪجهہ اوهان جي ڪيل عمل جي سزا طور هو جيئن اڳ ۾ بہ اوهان کي برن عملن جي ڪري اهڙي سزا ملي هئي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا ١- "ثُمَّ رَدَدْنَا" ۾ "ثم آڻڻ" ۽ انڪان پوءِ "اِنْ اَحْسَنْتُمْ" آيت تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو تہ گناهن کان سچي توبہ ڪري نيڪيون ڪرڻ جي ڪري آخرت جي ثواب سان گڏ دنيا ۾ بہ نعمتون ۽ برڪتون ملن ٿيون بني اسرائيلن جڏهن سچي توبہ ڪري الله جل شانہ جي نبين عليهم الصلواة والسلام جي دامن ورتي تہ مٿن ڪرم جا ڪڪر وسي پيا. (٢) "وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ" (۽ تانتہ مسجد ۾ داخل ٿين)مان اشارتًا ثابت ٿيو تہ انسانن جي گناهن ۽ براين جي ڪري جيڪا مسجدن ۽ ديني ڪتابن جي بي حرمتي ٿئي ٿي، ان جو وبال بہ انسانن تي موٽندو ان جي ڪري انسانن خاص ڪري مسلمانن کي گناهن کان پاسو ڪرڻ ۽ پري رهڻ گهرجي .

عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يَّرْحَمَكُمْ ۚ وَاِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا ۘ

ويجهي (آهي هيءَ ڳالهه جو) رب اوهان جو رحم ڪري اوهان تي ۽ جيڪڏهن وري ڪندؤ تہ وري سزا ڏينداسون

وَجَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا ۝٨ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ

۽ بنايو اٿئون جهنم کي ڪافرن جي لاءِ جيل بيشڪ هيءَ قرآن

يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ

هدايت ٿو ڪري ان (واٽ) ڏانهن جو اها صفا سڌي آهي ۽ بشارت ٿو ڏي مومنن کي جيڪي

يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا كَبِيْرًا ۝٩ وَّاَنَّ الَّذِيْنَ

ڪن ٿا صالح اعمال تہ بيشڪ انهن جي لاءِ ثواب وڏو آهي ۽ بيشڪ جيڪي

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۝١٠ ع

نہ ٿا ايمان آڻين آخرت تي تيار ڪيوسون انهن لاءِ عذاب دردناڪ.

وقف لازم

تفسير

پهريان ذڪرڪيلن آيتن ۾ بني اسرائيل تي ڪيل رحم ۽ ڪرم جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ ڪين متنبهہ ڪيو ويو آهي تہ: جيڪڏهن اوهان نيڪ صالح رهندؤ تہ: الله جي رحمت اوهان سان شامل رهندي ۽ جيڪڏهن نہ تہ ساڳيا عذاب واپس اچي سگهن ٿا .ارشاد عالي آهي "عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يَّرْحَمَكُمْ وَاِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا وَجَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا" هي ڳالهہ پري ناهي جو اوهان تي اوهان جو رب رحمت ڪري ۽ جيڪڏهن اوهان موٽ ڪائيندؤ تہ اسين بہ (عذاب) موٽائينداسون ۽ اسان جهنم کي ڪافرن جي لاءِ جيل بنايو آهي. مقصد تہ ٻيو ڀيرو بہ جيڪڏهن سچي توبہ ڪري گناهن کان پاڻ پليندؤ تہ الله جل جلالہ جي دربار ۾ اها ڳالهہ ويجهي آهي پري ناهي تہ اوهان تي رحم ڪري اوهان کي نعمتون ڏئي نوازي ۽ جيڪڏهن اوهان ٽيون ڀيرو گناهن ڏانهن موٽ

ڪاڏي تہ اسين بہ اوهان تي عذاب موٽائي آڻينداسون، جڏهن بني اسرائيل نہ مڙيا ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي نہ مڃياٺون تڏهن الله جل جلالهکين مسلمانن جي هٿان ذلت ۽ رسوائيءَ جي حالت ۾رکيو قريظہ قبيلي وارا قتل ٿي ويا ۽ بني نضير قبيلي وارا مدينہ منوره کان جلا وطن ٿي نڪتا ۽ باقي جيڪي رهيا هئا هي فديو (جان جي بها) ڀريندا رهيا ۽ نيٺ ختم ٿي ويا(١) ۽ ڪافرن جي لاءِ جهنم کي اهڙو جيل بنايو اٿئون جو ان مان ڪڏهن بہ نہ نڪرندا ان ۾ ابدالآباد پيا هوندا.

"اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا كَبِيْرًا ۙ وَّاَنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا" يقيناً هيءُ قرآن ان واٽ ڏانهن هدايت ڪري ٿو جيڪا صفا سڌي آهي ۽ انهن مومنن کي جيڪي صالح عمل ڪن ٿا اها بشارت ڏي ٿو تہ بلاشڪ انهن جي لاءِ وڏو ثواب اهي ۽ جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين اسان انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪيو آهي.مطلب تہ اي حبيب (عليہ الصلواة والسلام) قرآن پاڪ جيڪو اسان تو، پياري حبيب (عليہ الصلواة والسلام) کي ڏنو آهي اهو دنيا ۾ جيڪي واٽون ۽ رستا ماڻهن اختيار ڪيا آهن انهن مان نهايت سڌي، صاف ۽ حق واري واٽ جي رهنمائي ڪري ٿو ۽ جيڪي مومن هن ۾ ذڪر ڪيل احڪام ۽ شريعت جي پابندي ڪندي صالح اعمال ڪن ٿا انهن کي اها خوشخبري ڏي ٿو تہ انهن جي لاءِ وڏو ثواب آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ ۽ شبهو ناهي. اهو وڏو ثواب بهشت آهي جڏهن ان ۾ داخل ٿيندڙ مومن ڏسندا تہ ساري دنيا ۽ ان ۾ موجود نعمتن کي نهايت گهٽ ۽ ٿورو سمجهندا ۽ جيڪي قرآن پاڪ ۾ کولي بيان ڪيل ڳالهين قبرن مان اٿي حساب ڪتاب جي لاءِ پيش ٿيڻ کي نہ ٿا مڃين اسان انهن جي لاءِ جهنم جو دردناڪ عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي، علامہ صابوني لکيو آهي تہ: قرآن ڪريم الله جو ماڻ ۾ رهندڙ ڪتاب آهي ۽ نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام الله جو ڳالهائيندڙ ڪتاب آهي علامہ موصوف هن آيت جي تفسير ڪندي هيءُ عجيب ڳالهہ لکي آهي.

عجيب ڳالهہ

الله جل شانه جي هڪ صالح ٻانهي سوچيو ۽ فڪر ڪيو تہ: ڇا قرآن ڪريم ۾ اهڙو ڪو دليل آهي جيڪو نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي هن قول جي تائيد

(١) تنويرالاذهان ص ٣٣٣ جلد ٢

ڪري ته ” مومن جو روح سندس جسم مان ائين نڪري ٿو وڃي جيئن اٽي مان وار نڪري“ پوءِ ان صالح ٻانهي تدبر ۽ غور سان قرآن ڪريم پڙهي پورو ڪيو پر اهڙو دليل ڪونه لڌائين جڏهن خواب ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي زيارت فيض بشارت سان مشرف ٿيو ته تڏهن سندن خدمت ۾ عرض ڪيائين ته: يا رسول الله ! الله جل جلاله جو قرآن پاڪ جي باري ۾ ارشاد آهي ”وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتَابٍ مُّبِيْنٍ“ ڪابه آلي ۽ سڪل شيءِ ناهي مگر اها روشن ڪتاب ۾ بيان ٿيل آهي. پوءِ مذڪوره حديث واري ڳالهه مون کي قرآن ڪريم ۾ ته ڪانه ٿي لڀي؟ پاڻ فرمايائون ته ”ان حديث جي مفهوم سورة يوسف ۾ ڳول ، ننڊمان سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ سورة يوسف کي غور سان پڙهيائين ته اها مفهوم هن آيت ۾ نظر آيس ”فَلَمَّا رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَقَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ“ پوءِ جڏهن ان (حضرت) يوسف (علیٰ نبينا وعليه الصلواه والسلام) کي ڏٺائون ته ان کي وڏو سمجهيائون ۽ پنهنجا هٿ وڍي وڌائون، يعني يوسفي جمال ڏسڻ وارين کي پنهنجي هٿن وڍڻ جي خبر نه پئي ته وفات ڪندڙ مومن کي به وفات ڪرڻ وقت اهڙا ديدار ٿين ٿا حق جي ڏسڻ ۾ محو رهڻ جي ڪري ان کي به ساهه پرواز ڪرڻ جي خبر نه ٿي پوي. ان واقعي مان هي سبق ملي ٿو ته: قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندڙ کي گهرجي ته قرآن ڪريم پوري تدبر ۽ غور سان ناهي ناهي سمجهي پڙهي. (١)

قرآن پاڪ ”اَقْوَمُ“ (سڌي رستي) ڏي هدايت ڪري ٿو

مذڪوره آيت ۾ قرآن ڪريم جي لاءِ ارشاد ٿيو آهي ته: اهو ”اَقْوَمُ“ تمام سڌي رستي ڏانهن هدايت ٿو فرمائي. ان مان مراد اهو رستو آهي جيڪو منزل مقصود تائين پهچڻ ۾ آسان ۽ هر خطري کان خالي هجي. (٢) ان مان معلوم ٿيو ته قرآن پاڪ انساني زندگيءَ جي لاءِ جيڪي احڪام ڏي ٿو اهي انهن تنهي وصفن جا جامع آهن انسان جيتوڻيڪ پنهنجي سمجهه جي ڪوتاهيءَ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ان واٽ ۽ رستي کي ڏکيو ۽ پر خطر سمجهي ٿو پر رب العالمين، ڪائنات جي ذري ذري جي علم رکڻ وارو، جنهن جي اڳيان ماضي ۽ مستقبل برابر آهن اهوئي ان حقيقت کي ڄاڻي ٿو ته انسان جو نفعو ڪهڙي ڪم ۽ ڪهڙي صورت ۾ وڌيڪ آهي ۽ انسان پاڻ جڏهن ته سڀني حالتن کان باخبر ناهي ته اهو پنهنجي ڀلي بري کي به پوريءَ طرح نه ٿو سڃاڻي سگهي.

(١)تنوير الاذهان ص ٣٣٣ جلد ٢. (٢) تفسير القرطبي ص جلد ١٠

فائدا

مذکوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.١- ٻانهو توبہ جي ذريعي ٿي الله جل شانہ جي طرفان دائمي نعمتن ۽ قلبي خوشين سان مستفيض ٿيندو آهي. زاري ۽ عاجزي اهڙي صفت آهي جنهن ۾ بہ اها هوندي تہ ان تي خود بخود رحم ايندو آهي اهو "عَسٰى رَبُّكُمْ" مان اشارتًا معلوم ٿي رهيو آهي. ٢- "اِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا" (جيڪڏهن اوهان موٽندؤ تہ اسين بہ موٽنداسون) مان ثابت ٿيو تہ الله جل شانہ جي ڪنهن بہ نبي سڳوري عليہ الصلواة والسلام جي گستاخي سخت ڪفر ۽ اهڙي باهہ آهي جو سيني کي ساڙي ٿي ڇڏي الله جل شانہ جي بارگاهہ ۾ دل جي حضور سان عرض ڪجي تہ اهو انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي بي ادبيءَ کان پناهہ ۾ رکي.٣- "يُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ" (مومنن کي بشارت ٿو ڏي) مان ثابت ٿو ٿئي تہ: هر مومن کي پنهنجي وس آهر نيڪ عمل ڪرڻ گهرجن ڇوتہ ان نيڪ عمل جي ذريعي آخرت جو اجر ۽ دنيا جي نيڪنامي بہ نصيب ٿيندي آهي.

وَيَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالْخَيْرِ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ

۽ دعا گهري ٿو انسان (بي سمجهہ هجڻ جي ڪري) بري شيءِ جي لاءِ مثل دعا گهرڻ ان جي ڀلي شيءِ جي لاءِ ۽ آهي انسان

عَجُوْلًا ⑪ وَجَعَلْنَا الَّيْلَ وَالنَّهَارَ اٰيَتَيْنِ فَمَحَوْنَآ اٰيَةَ

جلد باز ۽ بڻايوسون رات ۽ ڏينهن کي ٻہ نشانيون پوءِ ميٽايوسين نشانيءَ

الَّيْلِ وَجَعَلْنَآ اٰيَةَ النَّهَارِ مُبْصِرَةً لِّتَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ

رات جي کي ۽ بڻايوسين نشانيءَ ڏينهن جي کي روشني ڪندڙ تانت طلب ڪيو ڀلائي

رَّبِّكُمْ وَلِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ ۭ وَكُلَّ شَيْءٍ

پنهنجي رب کان ۽ تانت ڄاڻو تعداد سالن جو ۽ حساب ۽ هر شيءِ کي

فَصَّلْنٰهُ تَفْصِيْلًا ⑫ وَكُلَّ اِنْسَانٍ اَلْزَمْنٰهُ طٰۗىِٕرَهٗ فِيْ عُنُقِهٖ

بيان ڪيوسين ان کي کولي کولي ۽ هر انسان کي لٽڪايوسين ان کي عملنامو ان جو ان جي ڪنڌ ۾

وَنُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتَابًا يَّلْقٰهُ مَنْشُوْرًا ﴿١٣﴾

۽ ڪيندا سين ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن دفتر جو لهندو ان کي کليل.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ انسانن جي ٻن خصلتن جو ذڪر ٿيو. ١- ايماني خصلت. ٢- ڪفر جي حالت ۽ هنن آيتن ۾ انسان جي مختلف حالتن ۽ وقتن جو ذڪر ڪندي فرمان ٿيو آهي. "وَيَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالْخَيْرِ" ۽ انسان بري شيءِ جي لاءِ به ائين ئي دعا گهري جيئن ڀلي شيءِ جي لاءِ دعا گهرندو آهي. هتي انسان مان مراد ڪير آهي؟ ان ۾ ٽي قول آهن. ١- ته ان مان مراد نضر بن حارث ڪافر آهي جنهن چيو هو ته: جيڪڏهن دين اسلام سچو آهي ته الله مون کي ڀلي هلاڪ ڪري ڇڏي. پوءِ ان کي الله جل شانه قتل ڪرائي ڇڏيو. ٢- ته: ان مان مراد هر اهو انسان آهي جيڪو پريشانيءَ جي حالت ۾ پنهنجي سر، اهل، اولاد ۽ مال ملڪيت جي لاءِ بددعائون ڪندي پٽيندو آهي. ٣- ته: ان مان مراد اهو انسان آهي جيڪو الله کان ڪا شيءِ ان خيال ۾ گهرندو آهي ته اها سندس حق ۾ فائدي مند آهي حالانڪ الله کي خبر آهي ته اها سندس جي لاءِ نقصان ڏيندڙ آهي رب پاڪ ان کي اها نه ڏيندو آهي ۽ اهو دعا گهرندو رهندو آهي. (١)

"وَكَانَ الْاِنْسَانُ عَجُوْلًا" ۽ انسان تڪڙ ڪندو آهي. مطلب ته انسان جلد باز آهي ائين سوچيندو آهي ته: هي منهن جو ڪم جلد ڇو نه ٿو ٿئي؟ ان انسان مان مراد حضرت آدم عليه الصلواة والسلام آهي. ابن ابي شيبه، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابن المنذر، ابن عساڪر حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي، ان فرمايو ته الله (جل جلاله) جڏهن آدم عليه السلام کي پيدا ٿي فرمايو ته اول سندس مٿو (مبارڪ) ناهيائين. (۽ جڏهن ان ۾ اکيون به پيدا ڪيائين) ته نهارڻ لڳو ته سندس باقي جسم ڪيئن ٿو نهي (جڏهن ٻيو جسم نهي ويو ۽) باقي سندس پير نه نهيا هئا

(١) التفسيرالڪبير ص ١٦٢ جزءِ ٢٠

۽ ڏينهن جو باقي ايترو حصو وڃي رهيو جيترو وچين نماز وقت رهندو آهي تہ: الله (جل شانہ)کي عرض ڪيائين! يا الله ! رهيل حصو سج لهڻ کان اڳ ۾ تيار ڪرڻ فرماءِ. ان جي لاءِ ارشاد ٿيو تہ: انسان جلد باز آهي.

پاڻ کي ۽ پنهنجي اهل عيال کي پٽڻ (بد دعا) منع آهي

محدث بزار ۽ ابوداؤد حضرت جابر رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت آندي آهي: تہ: رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "لَاتَدْعُوْاعَلٰىٓ اَنْفُسِكُمْ، لَاتَدْعُوْا عَلٰىٓ اَوْلَادِكُمْ، لَاتَدْعُوْا عَلٰىٓ اَمْوَالِكُمْ، لَاتُوَافِقُوْا مِنَ اللهِ سَاعَةً فِيْهَا اِجَابَةٌ فَيَسْتَجِيْبُ لَكُمْ" . (١) يعني پنهنجن نفسن، ٻچن ۽ مالن جي لاءِ بددعا نہ گهرندا ڪيو متان (الله جل جلالہ) جي بارگاهہ ۾ دعا قبول پوڻ واريءَ گهڙيءَ سان موافق ٿي وڃو پوءِ اها اوهان جي بددعا بہ قبول ڪري وڃهي. (۽ پاڻ کي تڪليفن ۾ ڦاسائي ڇڏيو)

"وَجَعَلْنَا الَّيْلَ وَالنَّهَارَ اٰيَتَيْنِ فَمَحَوْنَآ اٰيَةَ الَّيْلِ وَجَعَلْنَآ اٰيَةَ النَّهَارِ مُبْصِرَةً لِّتَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ". ۽ اسان رات ۽ ڏينهن کي بہ نشانيون بنايو پوءِ رات جي نشانيءَ کي ميٽي ڇڏيوسون ۽ ڏينهن جي نشانيءَ کي بہ روشن بنايوسون تانتہ پنهنجي رب کان ڀلائي طلب ڪيو ۽ سالن جو تعداد ۽ حساب، ڄاڻو، يعني اسان رات ۽ ڏينهن کي پنهنجي قدرت ۽ صنعت جون نشانيون بنايو آهي جو انهن جو تاثير گهٽ وڌ ٿئي ٿو. ڪڏهن گرم آهي تہ ڪڏهن سرد ڪڏهن ننڍا آهن تہ ڪڏهن وڏا. انهن تي غور ڪندڙ سمجهي ويندو تہ اهي بذات خود ڪجهہ نہ ٿا ڪري سگهن ۽ انهن کي ان حالت ۾ آڻيندڙ، انهن ۾ اهي اثر پيدا ڪندڙ الله جل جلالہ آهي ۽ جڏهن تہ رات ڏينهن کان اول ٿي اچي ان جي ڪري هن آيت ۾ رات جو ذڪر بہ اول آندو ويو آهي ۽ رات جي نشانيءَ کي ميٽي ڏينهن جي نشانيءَ کي روشن بنائڻ جو مطلب آهي تہ: رات ۾ انڌيرو رکيوسين تانتہ اوهان آرام ڪيو ۽ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪاروبار ۽ ڏنڌو ڪري معاشي ضرورتون پوريون ڪيو ۽ الله جي ڀلائي ۽ فضل طلب ڪندا رهو. فضل مان مراد رزق روزي ۽ معاشي اسباب آهن. (٢) "وَكُلَّ شَيْءٍ فَصَّلْنٰهُ تَفْصِيْلًا" ۽ هر شيءِ کي کولي کولي بيان ڪيو اٿئون. يعني دين ۽ دنيا جي معاملات ۾ جنهن جنهن شيءِ جا اوهان محتاج آهيو اها قرآن ڪريم ۽ لوح محفوظ ۾ کولي کولي بيان ڪئي اٿئون (٣) "وَكُلَّ اِنْسَانٍ اَلْزَمْنٰهُ طٰٓئِرَهٗ فِيْ عُنُقِهٖ وَنُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلْقٰهُ

(١) الدر المنثور ص ٢٤٦ جلد ٥ (٢) بيضاوي ڪامل ص ٣٧٢.
(٣) البحر المحيط ص ١٥ جلد ٦، نورالعرفان ص ٤٥١

"مَنْشُوْرًا" ۽ هر انسان جي ڳچيءَ ۾ سندس عملن وارو دفتر لڙڪائي ڇڏيو اٿئون ۽ قيامت جي ڏينهن انهن جي لاءِ ڪتاب ڪيينداسون جنهن کي کليل لهندو. هتي بيان ٿيو آهي ته هرانسان جي ڳچيءَ ۾ سندس "طَآئِرَ" لڙڪائي ڇڏيو اٿئون. "طَآئِرَ" مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ مختلف قول آهن ١- ته: ان مان مراد عملنامو آهي جيئن ترجمہ ۾ لکيو اٿئون. ٢- ته: ان مان مراد نيڪ بخت يا بدبخت هجڻ آهي. ٣- ته: ان مان مراد انسان کي پهچڻ واريون مصيبتون آهن. (١) ۽ ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن کليل دفتر ڪيينداسون جو مطلب ته: سندس سڀ اعمال هڪ کليل ڪتاب ۾ گڏ لکي ان کي ڏينداسون. جيڪڏهن بدڪار آهيٰ ته ڪپي هٿ ۾، دنيا ۾ پلي اڻ پڙهيل يا عربي زبان کان اڻ واقف هوندو پر قيامت جي ڏينهن پنهنجي دفتر کي پاڻ ته پڙهندو پر ٻيا به پڙهي ويندا. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "وَيَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ" (انسان بريءَ شيءِ جي لاءِ عا ٿو گهري) مان واضح ٿيو ته: سچو مسلمان اهو آهي جيڪو خوشيءَ يا غميءَ ۾ شريعت تي پائبند رهي نه تنگدل ٿئي ۽ نه الله جل جلالہ جي رحمت کان مايوس ٿئي. ڪيترا ماڻهو مايوس ٿي خود ڪشي ڪندا آهن جيڪو اسلام ۽ شريعت جي خلاف ۽ نهايت برو عمل آهي. ٢- "وَجَعَلْنَا الَّيْلَ وَالنَّهَارَ اٰيَتَيْنِ" (۽ اسان رات ۽ ڏينهن کي ٻه نشانيون بنايو آهي) مان ثابت ٿيو ته ساري ڪائنات ۾حقيقي مؤثر الله جل جلالہ آهي هي موسمون وغيره سڀ الله جي قدرت جامظهر آهن. ٣- "لِتَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ" (تانته پنهنجي رب کان فضل طلب ڪيو) مان واضح ٿيو ته: مسلمانن کي تجارت، ڪاروبار، زراعت ۽ معاش جا ذريعا اختيار ڪرڻ ضروري آهن بيڪار ويهڻ خراب ۽ ناجائز آهي ۽ جيئن جسماني غذا جي لاءِ انسان تڙپي ٿو تيئن روحاني غذا حاصل ڪرڻ جي لاءِ صالحن، ڪاملن جي صحبت ڪرڻ به ضروري آهي اهو به الله جو فضل آهي جيڪو ان کان طلب ڪرڻ گهرجي.

(١) زادالمسير ص ١٥ جلد ٥. (٢) تفسير ابن ڪثير ص ٢٧ جلد ٣

اِقۡرَاۡ كِتٰبَكَ كَفٰى بِنَفۡسِكَ الۡيَوۡمَ عَلَيۡكَ حَسِيۡبًا ﴿١٤﴾ مَنِ

پڑهه ڪتاب پنهنجو ڪافي آهين تون پاڻ اڄ پنهنجي مٿان حساب ڪندڙ جيڪو به

اهۡتَدٰى فَاِنَّمَا يَهۡتَدِيۡ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيۡهَا

هدايت وارو ٿيو پوءِ تحقيق هدايت وارو ٿئي ٿو پنهنجي لاءِ جيڪو گمراهه ٿيو پوءِ تحقيق گمراهه ٿئي ٿو پنهنجي مٿان

وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى ؕ وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيۡنَ حَتّٰى نَبۡعَثَ

۽ نه بار کڻندو ڪو بار کڻندڙ بار ٻئي جو ۽ نه (آهيون اسين) عذاب ڪندڙ تان جو موڪليون

رَسُوۡلًا ﴿١٥﴾ وَاِذَاۤ اَرَدۡنَاۤ اَنۡ نُّهۡلِكَ قَرۡيَةً اَمَرۡنَا مُتۡرَفِيۡهَا

پيغمبر ۽ جڏهن ارادو ٿا ڪريون ته هلاڪ ڪريون ڪنهن ڳوٺ کي ته امر ڪريون ٿا اميرن ان ڳوٺ جي کي

فَفَسَقُوۡا فِيۡهَا فَحَقَّ عَلَيۡهَا الۡقَوۡلُ فَدَمَّرۡنٰهَا تَدۡمِيۡرًا ﴿١٦﴾

پوءِ بي فرماني ڪيائون ان ۾ پوءِ ثابت ٿيو انهن تي فيصلو (عذاب جو) پوءِ هلاڪ ڪيوسون ان کي مڪمل هلاڪ.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن جو بيان ڪيو ويو ته! هر انسان جي ڳچيءَ ۾ ان جو عمل نامو لڙڪايو ويندو ۽ هتي اهو ارشاد ٿي رهيو آهي ته! اهو انسان جي پڙهڻ لاءِ هوندو ته پاڻ ڏسي پڙهي، حساب ڪري. فرمان عالي شان آهي

"اِقۡرَاۡ كِتٰبَكَ كَفٰى بِنَفۡسِكَ الۡيَوۡمَ عَلَيۡكَ حَسِيۡبًا" پڙهه پنهنجو ڪتاب تون پاڻ ئي پنهنجي مٿان حساب ڪندڙ ڪافي آهين. يعني تنهنجو عمل نامو پاڻ ئي پنهنجي حقيقت تنهنجي اڳيان ظاهر ڪندو ان جي متعلق توکي ڪنهن کان پڇڻ جي ضرورت ئي نه پوندي "مَنِ اهۡتَدٰى فَاِنَّمَا يَهۡتَدِيۡ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيۡهَا وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى". جيڪو هدايت وارو ٿو ٿئي اهو بلاشڪ پنهنجي لاءِ ٿو هدايت وارو ٿئي ۽ جيڪو گمراهه ٿو ٿئي اهو به پنهنجي مٿان ان جو وبال ٿو وجهي ۽ ڪو به بار کڻندڙ ٻئي

ڪنهن جو بار نہ کڻندو. مطلب تہ الله جل جلالہ هدايت ۽ گمراهي کولي بيان ڪئي آهي هاڻي جيڪو هدايت تي هلندو سو پنهنجو ڀلو ڪندو ۽ جيڪو گمراهہ ٿيندو اهو پنهنجي مٿان پاڻ وبال وجهي ٿو. ۽ قيامت جي ڏينهن ڪير بہ ڪنهن جو بار نہ کڻندو. هر ڪو پنهنجي فڪر ۾ هوندو "وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا" ۽ اسين تيستائين ڪنهن کي بہ عذاب ڪندڙ ناهيون جيستائين (انهن ڏانهن) رسول موڪليون. مطلب تہ الله تعالىٰ برن عملن جي ڪري سزا ڏيندو آهي پر اول، ان قوم يا ڳوٺ وارن ڏانهن پنهنجو رسول موڪليندو آهي جيڪو انهن کي سمجهائي پوءِ جيڪڏهن نہ سمجهندا ۽ نہ مڃيندا آهن تہ انهن تي عذاب موڪليندو آهي. الله جل جلالہ ان جي ڪري ئي وحي ۽ رسالت جو سلسلو شروعات کان ئي جاري رکيو تانتہ جيڪي ڳالهيون انسان صرف عقل ۽ فطرت جي رهنمائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، مثلاً، باري تعالىٰ جو وجود، توحيد تہ نبين عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي انهن جي وڌيڪ تشريح ڪرائي وڃي ۽ جن شين جي ادراڪ ۾ محض عقل ڪافي ناهي، انهن کي وحي جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيو وڃي. انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جي انوار ۽ فيوضات اهڙي فضا پيدا ڪئي جو ڪا بہ عذاب ڪيل قوم دنيا يا آخرت ۾ بي خبر هجڻ جو عذر پيش ڪري نہ سگهندي. "وَإِذَآ أَرَدْنَآ أَنْ نُّهْلِكَ قَرْيَةً أَمَرْنَا مُتْرَفِيْهَا فَفَسَقُوْا فِيْهَا فَحَقَّ عَلَيْهَا الْقَوْلُ فَدَمَّرْنَاهَا تَدْمِيْرًا." ۽ جڏهن اسان ارادو ڪيو تہ ڪنهن ڳوٺ کي (سندن ئي دل ۾ رٿيل براين جي ڪري) هلاڪ ڪريون تہ ان ۾ رهندڙ اميرن کي امر ڪيوسون، پوءِ اهي ان ڳوٺ ۾ ان امر جي نافرماني ڪئي تہ انهن تي (عذاب وارو) فيصلو ثابت ٿيو، پوءِ اسان انهن کي مڪمل طور هلاڪ ڪري ڇڏيو. مطلب تہ اسان کي ڀانهن جي دلي ارادن جو علم آهي تہ اهي برائيءَ جي لاءِ بي تاب آهن پر ان هوندي بہ اسين اتان جي رهاڪو مالدارن ۽ اميرن کي پنهنجن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي سمجهائي انهن جا اهي بهانا (تہ اسان کي ڪنهن ڪونہ سمجهايو) ختم ڪري ڇڏيون ٿا. جڏهن صفا بي فرمان ٿين ٿا تہ پوءِ ڪين هڪدم تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيون ٿا.

سوال: الله جو فرمان تہ جهڙو اميرن، مالدارن جي لاءِ هوندو آهي اهڙو غريبن جي لاءِ پوءِ هتي صرف اميرن جو ذڪر ڇو ڪيو ويو؟

جواب: اميرن جي تخصيص جا بہ وجه ٿي سگهن ٿا. ۱- تہ، انهن جي اثر رسوخ جي ڪري ٻين تي بہ گهڻو اثر پوي ٿو. ۲- تہ، گهڻي غفلت بہ انهن ۾ هوندي آهي.(۱)

(۱) ڪمالين اردو شرح جلالين صـ۴۱۶ جلد ۳.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "اِقْرَاْ كِتَابَكَ" (پنهنجو ڪتاب پاڻ پڙهه) مان واضح ٿيو تہ- قيامت جي ڏينهن هر انسان پنهنجو عمل نامو پاڻ پڙهندو، دنيا ۾ اهو پلي ڪٿي اڻ پڙهيل هوندو پر اتي پڙهي ويندو.

٢- "كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا". اڄ تون پاڻ پنهنجي مٿان حساب ڪندڙ ڪافي آهين) ان مان سبق ٿو ملي تہ جڏهن قيامت جي ڏينهن ٻانهو پنهنجو حساب پاڻ ڪندو تہ دنيا ۾ بہ پنهنجن عملن جو پاڻ محاسبو ڪري ۽ جيڪو پنهنجي عملن ۾ گناهن ڪي ڏسي مغفرت طلب ڪندو رهندو ان جو حساب قيامت جي ڏينهن آسان ٿيندو.

٣- "وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى" (۽ ڪير بار کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو) مان واضح ٿيو تہ: هڪڙو ٻئي جو گناهہ نہ ڪٽي سگهندو پر هڪ جون نيڪيون ٻئي ڪي ڪم اينديون.

٤- "حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا" (تان جو رسول موڪليون). مان واضح ٿيو تہ رب العزة جل شانه ان قوم ڪي عذاب ڪري ٿو جيڪي رسول ڪريم ﷺ جن جي بي فرماني ڪن ٿا.

٥- نبوت جي ذريعي پهتل احڪام جو نالو شريعت ۽ الاهي قانون آهي ۽ ان تي هلڻ صراط مستقيم آهي، شريعت مطهره کان سواءِ ڪابہ واٽ الله جل جلاله جي بارگاهہ ۾ مقبول ناهي.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْ بَعْدِ نُوْحٍ وَكَفٰى بِرَبِّكَ

۽ ڪيترائي هلاڪ ڪياسون (ماڻهو) زمانن ۾ پڇاڙان نوح جي ۽ ڪافي آهي رب تنهنجو

بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًا بَصِيْرًا ⑰ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ

گناهن ٻانهن پنهنجن جي خبر رکندڙ، ڏسندڙ جيڪو بہ ارادو ڪري ٿو تڪڙو- (بدلي ملڻ جو)

عَجَّلْنَا لَهٗ فِيْهَا مَا نَشَآءُ لِمَنْ نُّرِيْدُ ثُمَّ جَعَلْنَا لَهٗ جَهَنَّمَ

تہ تڪڙو بدلو ڏنوسون ان ڪي ان ۾ جيڪي گهرون ٿا ان جي لاءِ جو ارادو ڪريون ٿا ان ڪان پوءِ ناهيو اسان ان جي لاءِ جهنم

يَصْلٰىهَا مَذْمُوْمًا مَّدْحُوْرًا ⑱ وَمَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا

داخل ٿيندو ان ۾ مذمت ڪيل ڌڪو ڏنل ۽ جنهن ارادو ڪيو آخرت جو ۽ محنت ڪيائين ان جي لاءِ

سَعۡيَهَا وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَاُولٰٓئِکَ کَانَ سَعۡيُهُمۡ مَّشۡکُوۡرًا ﴿١٩﴾

مناسب ان جي ۽ اهو ايماندار آهي تہ پوءِ اهي محنت انهن جي قدر ڪيل آهي.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ اعۡمَالَنَا مِنۡ جي پڙهڻ جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ گذريل امتن جون حالتون بيان ڪيون ويون آهن تانتہ اهي بہ پڙهي عبرت پرائين. فرمان مبارڪ آهي "وَکَمۡ اَهۡلَکۡنَا مِنَ الۡقُرُوۡنِ مِنۡۢ بَعۡدِ نُوۡحٍ" ۽ نوح کان پوءِ زمانن ۾ ڪيترائي ماڻهو هلاڪ ڪياسون، يعني جيڪڏهن اوهان اسان جي قانون جو عملي ثبوت ڏسڻ ۽ پڙهڻ چاهيو ٿا تہ حضرت نوح عليه السلام جي دور کان پوءِ وارن دورن تي عبرت جي نگاھہ ڦيرايو تہ اسان ڪيترا ماڻهو هلاڪ ڪري ڇڏيا، جيڪي اسان جا بي فرمان ٿيا "وَکَفٰی بِرَبِّکَ بِذُنُوۡبِ عِبَادِهٖ خَبِيۡرًاۢ بَصِيۡرًا" ۽ پنهنجن ٻانهن جي گناهن جي تنهنجو رب خبر رکندڙ، ڏسندڙ ڪافي آهي، يعني نہ اهو ڪنهن گناھہ کان بي خبر آهي ۽ نہ ڪو گناھہ ان جي قدرتي نگاھہ کان لڪل آهي "مَنۡ کَانَ يُرِيۡدُ الۡعَاجِلَةَ عَجَّلۡنَا لَهٗ فِيۡهَا مَا نَشَآءُ لِمَنۡ نُّرِيۡدُ ثُمَّ جَعَلۡنَا لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصۡلٰهَا مَذۡمُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا" جيڪو دنيا ۾ تڪڙو بدلو طلب ڪري ٿو تہ ان کي دنيا ۾ جيڪو چاهيون ٿا جنهن جي لاءِ ارادو ڪريون ٿا تڪڙو بدلو ڏيون ٿا ان کان پوءِ ان جي لاءِ جهنم مقرر ڪريون ٿا ان ۾ مذمت ڪيل، ڌڪا ڏيئي داخل ڪيو ويندو. هن آيت ۾ ڪافر جي عمل جو ذڪر آهي. جيڪو صرف دنيا جي طلب ئي لاءِ تڙپندو آهي، آخرت جو ڌيان ئي نہ رکندو آهي. ان جي سزا دائمي جهنم آهي ان کي ملائڪ سڳورا خوار خراب ڪري ڌڪا ڏيئي جهنم ۾ اڇلائي ڇڏيندا. "وَمَنۡ اَرَادَ الۡاٰخِرَةَ وَسَعٰی لَهَا سَعۡيَهَا وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَاُولٰٓئِکَ کَانَ سَعۡيُهُمۡ مَّشۡکُوۡرًا" ۽ جنهن ايمان دار آخرت جو ارادو ڪري ۽ ان جي لاءِ مناسب محنت ڪئي تہ انهن جي اها محنت قدر ڪيل آهي. هن آيت ۾ مومن جي عمل جو ذڪر آهي تہ اهو جيڪا بہ مناسب محنت ڪندو ان جو بارگاھہ ايزدي ۾ قدر آهي.

"ان جي مناسب محنت ڪرڻ" مان مراد آهي تہ جيڪي الله امر ڪيو اهو ڪري ۽ جنهن ڪان الله جل جلاله روڪيو آهي اهو نہ ڪري. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١- "مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ" (جيڪو دنيا جو ارادو ٿو ڪري) ان مان واضح ٿيو تہ دنيا ۾ رهي صرف دنيا جي لاءِ ڪم ڪرڻ گناهہ آهي پلي ڪٿي اها عبادت هجي پر دنيا ۾ رهي آخرت جي لاءِ ڪم ڪرڻ عبادت آهي پلي ڪٿي تجارت هجي. ٢- "وَسَعٰى لَهَا سَعْيَهَا" (۽ ان جي لاءِ ان جي مناسب محنت ڪيائين) مان ثابت ٿيو تہ اسلام جي لاءِ محنت ڪرڻ ڪان سواءِ صرف زبان سان مسلمان بڻجڻ يا پاڻ کي شڪر گذار سڏڻ ڪافي ناهي. پڪو مومن اهو آهي جيڪو دين جي لاءِ محنت ۽ مجاهدو ڪري.

٣- "وَهُوَ مُؤْمِنٌ" (۽ اهو ايمان دار آهي). مان واضح ٿيو تہ سيني عملن جي مقبوليت جو دارو مدار ايمان تي آهي ايمان ڪان سواءِ ڪابہ محنت، مشقت، رياضت ۽ عبادت مقبول نہ آهي.

كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَهٰٓؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ۭ وَمَا كَانَ عَطَآءُ

سيني جي مدد ڪريون ٿا هنن جي ۽ انهن جي تنهنجي رب جي بخشش مان ۽ ناهي بخشش

رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿٢٠﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۭ

رب تنهنجي جي روڪيل ڏس تہ ڪيئن پلو بنايوسين هڪڙن کي انهن مان ٻين تي

وَلَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّاَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ﴿٢١﴾ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ

۽ البتہ آخرت وڏي آهي درجن ۾ ۽ وڏي آهي فضيلت ۾، نہ بناءِ الله سان گڏ

اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿٢٢﴾ ع وَقَضٰى رَبُّكَ

معبود ٻيو پوءِ وهين مذمت ڪيل، خوار ڪيل، ۽ فيصلو ڪيو رب تنهنجي تہ

اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۭ اِمَّا يَبْلُغَنَّ

نہ عبادت ڪيو مگر ان جي ۽ پيءُ ۽ ماءُ سان احسان ڪندا ڪريو جيڪڏهن پهچي

(١) روح المعاني ص٤٧ جزء ١٥ جلد ٥

عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَآ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَاتَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ

تو وٽ پوڙهاپ کي هڪڙو انهن مان يا ٻئي اهي پوءِ نہ چؤ انهن ٻنهي لاءِ اف

وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿٢٣﴾

۽ نہ جهڻڪ انهن ٻنهي کي ۽ ڳالهايو انهن ٻنهي سان ڳالهائڻ عزت وارو.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ مختلف ٻانهن جي مختلف ارادن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن ارادن جي مطابق انهن کي ملڻ وارين نعمتن جو ذڪر ڪندي فرمان ٿيو آهي "كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَهٰٓؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ وَمَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا" سيني جي مدد ڪريون ٿا هنن جي ۽ انهن جي تنهنجي رب جي عطاء مان. ۽ تنهنجي رب جي عطا روڪيل ناهي. يعني دنيا ۽ آخرت جي طالبن هر هڪ جي لاءِ اسان دنيا ۾ اسباب پيدا فرمايا آهن ۽ سيني کي روزي ملي رهي آهي. دنيا ۾ زهر بہ موجود آهي تہ ترياق بہ موجود آهي شيطان بہ آهي تہ الله جل جلاله جي سچي دين جا رهنما بہ موجود آهن. دنيا ۾ الله جل جلاله جي عطا ڪنهن کان روڪيل ناهي ان جي عطا مان. مومن، ڪافر متقي ۽ فاسق سيئي فائدا وٺي رهيا آهن. "اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ وَلَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّاَكْبَرُ تَفْضِيْلًا" ڏس تہ انهن مان هڪڙن کي ٻين تي ڪيئن فضيلت ڏني اٿئون ۽ درجن ۽ ڀلائيءَ جي لحاظ سان آخرت وڏي آهي. يعني اي حبيب پاڪ! عليڪ الصلوات والتسليمات" اوهان پنهنجيون بي مثال نوراني نگاهون کڻي ڏسو تہ اسان هن فاني جهان ۾ ڪهڙي طريقي سان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ۽ برتري ڏني آهي اسان هڪڙن کي ديني برتريءَ سان نوازيو آهي تہ ٻين کي دنيوي اعزاز عطا ڪيا آهن.

نبوي نگاهہ جو ڪمال

محقق ۽ رباني علماءَ فرمايو آهي تہ "اُنْظُرْ" ۾ صرف آقاءِ نامدار عليه الصلواة

والسلام جن کي ڏسڻ جو حڪم آهي ۽ جن کي هڪ ٻئي تي برتري مليل آهي اهي هڪ جاءِ تي ناهن پوري دنيا ۾ منتشر آهن، نتيجو هي نڪتو تہ حضور ڪريم صلی الله عليہ وسلم جن جي اڳيان ويجها ۽ پري رهڻ وارا بالڪل روشن آهن، سندن ٿي نگاهہ کي اهو ڪمال عطا ٿيل آهي اڳيان، پويان، اولين، آخرين، موجود بلڪہ مفقود کي بہ ڏسن ٿا. ان جي ڪري "اُنْظُرْ" فرمايو ويو آهي. (١).

اهوئي سبب آهي جو مومنن کي حڪم ڪيو ويو تہ: "رَاعِنَا" نہ چئو "اُنْظُرْنَا" چئو- ۽ جيئن دنيا ۾ سڀ ماڻهو برابر ناهن اهڙي طرح آخرت ۾ بہ سڀ برابر نہ هوندا اتي بہ درجا مختلف هوندا جيڪو مرتبن جي گهٽ وڌ هجڻ جو انڪار ٿو ڪري اهو روشن اک نٿو رکي. "لَاتَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا" الله سان گڏ ٻيو معبود نہ بناءِ پوءِ مذمت ڪيل، خوار ٿي ويهين. مطلب تہ جيڪڏهن درجات ۾ بلند هجڻ ٿو گهرين تہ الله سچي معبود سان ٻيو معبود نہ بناءِ نہ ٻئي ڪنهن کي سچو معبود سمجهہ. نہ تہ دنيا ۾ بدبخت هجڻ سان گڏ ٻنهي جهانن ۾ رسوا ۽ خوار ٿي ويندين. ڪير بہ تنهنجو ساٿي ۽ مددگار نہ هوندو. "وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۚ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَآ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا" ۽ تنهنجي رب فيصلو ڪيو آهي تہ خاص ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريو ۽ پيءُ ماءُ سان احسان ڪيو جيڪڏهن تو وٽ انهن مان هڪڙو يا اهي ٻئي وڏي عمر کي پهچن تہ پوءِ انهن کي اف بہ نہ چئو ۽ نہ انهن ٻنهي کي جهڙڪ ۽ انهن ٻنهي سان عزت سان ڳالهائيندو ڪر.

يعني تنهنجي رب پاڪ فيصلو ڪيو آهي تہ عبادت صرف هڪ الله جل جلالہ جي ڪيو ڇو تہ عقلاً، نقلاً هر لحاظ سان اهوئي عبادت ڪرڻ جي لاءِ لائق آهي اهوئي جسماني ۽ روحاني نعمتن سان نوازيندو آهي. "رَبُّكَ" مان الله تعالیٰ جي ربوبيت واري صفت ظاهر آهي ۽ اها ربوبيت (پرورش) جن ذريعن سان ٿئي ٿي انهن ۾ والدين (پيءُ ۽ ماءُ) جو اهو ڪردار آهي ان جي ڪري فرمان ٿيو تہ: عبادت صرف الله جي ڪيو ۽ والدين سان احسان ڪندا رهو. جيڪڏهن انهن مان هڪڙو يا اهي ٻئي پوڙها ٿي وڃن تہ انهن جي دل آزاريءَ کان بچندي ڪين اف بہ نہ چئو ۽ نہ انهن کي جهڙڪيو ۽ انهن سان عزت ۽ اخلاق سان ڳالهايو. "اُفٍّ" مان مراد آهي تہ ڪو اهڙو هلڪو لفظ بہ نہ ڳالهايو جنهن مان انهن جي دل آزاري ٿئي. هي آيت ۾ فرمان

(١) نعيمي صـ١٢٨ جلد ١٥

مبارڪ آهي "اَنِ اشْكُرْلِيْ وَلِوَالِدَيْكَ". (١).

منهنجو ۽ پنهنجي والدين جو شڪر ڪر. ١- هڪ ان جي ڪري جو الله تعالىٰ رب آهي ۽ والدين مربي. ٢- ٻيو ته ماڻهوءَ جا والدين الله جل شانه جي ربوبيت جو مظهر آهن. (٢) سڀ نعمتون الله جل شانه جي طرفان ملنديون آهن، ٻانهو صرف استعمال ڪندو آهي.

٢- "فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلىٰ بَعْضٍ" (هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏني اٿئون) مان ثابت ٿيو ته جيئن دنيوي لحاظ سان سڀئي ماڻهو برابر نه آهن تيئن اخروي درجن جي لحاظ سان به برابر نه هوندا. "اَكْبَرُ دَرَجَاتٍ" مان به اها ڳالهه واضح نظر اچي رهي آهي.

٣- الله تعالىٰ جي عبادت والدين جي خدمت کان به مقدم آهي جيڪڏهن ڪو ماڻهو فرض يا واجب نماز پڙهي رهيو هجي ۽ والدين مان ڪيس ڪو سڏ ڪري ته نماز نه ٽيجي پوري ڪري پوءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿئي ۽ جيڪڏهن اهي ڪيس ڪٿي پري موڪلڻ گهرن ته: ڪين عرض ڪري ته مان باقي رهيل نماز پوري ڪري پوءِ وڃان ٿو. پوءِ پهريائين سنت مؤڪده پڙهي پوءِ والدين جي حڪم کي ادا ڪري. ۽ جيڪڏهن نفل نماز پڙهندي ماءُ جو سڏ ٻڌي ته نفل ٽيجي ماءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿئي. (١).

وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ

۽ جهڪاءِ انهن ٻنهي جي لاءِ نرميءَ جو پر رحم ڪرڻ سان

وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيَانِيْ صَغِيْرًا ﴿٢٤﴾ رَبُّكُمْ

۽ چئو تون اي منهنجا پالڻهار! رحم ڪر انهن ٻنهي تي جيئن پالياٺون مون کي ننڍڙائپ ۾ اوهان جو رب

اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ۭ اِنْ تَكُوْنُوْا صَالِحِيْنَ فَاِنَّهٗ كَانَ

وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو اوهان جي دلين ۾ آهي جيڪڏهن رهندڙاوهان صالح ٿي پوءِ بيشڪ اهو آهي

لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿٢٥﴾ وَاٰتِ ذَا الْقُرْبىٰ حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ

توبه ڪندڙن جي لاءِ بخشڻهار ۽ ڏي تون قرابت دار کي حق ان جو ۽ مسڪين کي

(١) سوره لقمان آيت ١٤. (٢) المظهري ص٤٣٢ جلد ٥. (٣) نعيمي ص١٣١ جلد ٥

وَابْنَ السَّبِيْلِ وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿٢٦﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْآ

۽ مسافر کي ۽ بالکل اجايو خرچ نہ کر بلاشڪ اجايو خرچ ڪندڙ آهن

اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ۭ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿٢٧﴾

ڀائر شيطانن جا ۽ آهي شيطان پنهنجي رب جو وڏو بي شڪر.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ حقوق العباد بيان ڪرڻ جي دوران والدين جي عظمت جو ذڪر ٿيو ۽ هنن آيتن ۾ اهوئي سلسلو جاري رکندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا". ۽ انهن ٻنهي جي لاءِ رحم ڪرڻ سان نرميءَ جو پر جهڪاءِ- ۽ چئو تہ: اي منهنجا پالڻهار! انهن ٻنهي تي ائين رحم ڪر جيئن مون کي ننڍڙو ڪري پاليو هيائون.

"جَنَاحَ الذُّلِّ" (نرميءَ جو پَر) چوڻ ۾ ڇا حڪمت آهي؟

مفسرن ڀلارن ان لفظ کي آڻڻ جا ٽي وجه لکيا آهن.١: جناح عربي زبان ۾ پکيءَ جي ان پَر کي سڏيندا آهن جن سان اهو اڏامندو آهي ۽ مٿي هوا ۾ هلندو آهي پر جڏهن هيٺ لهندو آهي تہ انهن کي سميٽي بند ڪري لهندو آهي. انسان کي بہ هدايت ڪئي وئي آهي تہ: تون ڪٿي هوا ۾ اڏامي رهيو هجين پر والدين جي فرمان جي اڳيان ائين لهي جهڪي پئو جيئن پکي لهڻ وقت پر جهڪائيندو آهي.

٢- تہ پکي جڏهن پنهنجن آنن ۽ ٻچن جي حفاظت ڪندو آهي تہ انهن تي پنهنجا پر پکيڙيندو ۽ انهن جي حفاظت ڪندو آهي ۽ پنهنجي ساهہ جي پرواهہ نہ ڪندو آهي تہ اي مسلمان! تون بہ والدين جي اهڙي طرح حفاظت ڪر. ٣- تہ پکي جيئن پنهنجن پرن سان اڏامي داڻا وغيره ڪائي پنهنجي قوت ٻچڙن ۽ آنن جي حفاظت ۾ استعمال ڪندو آهي، تيئن اي انسان! تون بہ پنهنجن، هٿن ۽ پيرن سان ڪمائي قوت حاصل ڪري والدين جي خدمت ۽ حفاظت ڪر. عربي محاوري ۾

قلبي محبت ۽ نيازنوڙت سان ڪيل خدمت ڪي پر وڃائڻ سڏيو ويندو آهي. (١).

مطلب هي آهي تہ: والدين جي انتهائي تواضع ۽ انڪساريءَ سان خدمت ڪندو رهہ. ۽ اهڙي محبت سان سامهون ايندو ڪر جنهن مان رحمت شفقت ۽ پيار جي خوشبوءِ اچي. ۽ انهن جي لاءِ شڪر ادا ڪرڻ جي هڪ اها بہ صورت آهي تہ: انهن جي حق ۾ بارگاهہ ايزديءَ ۾ دعائون گهرندو رهہ تہ ياالله! منهنجي مهربان پيءُ ۽ ماءُ تي ائين مهرباني ڪر جيئن انهن مهربان ٿي منهنجي لاءِ نپائڻ ۽ پرورش جو انتظام ڪيو هو ۽ مون ڪي پنهنجي ساهہ سان سانديو هو.

هڪ اهم سمجهاڻي

هن آيت ۾ والدين جي لاءِ دعا گهرڻ جو جيڪو حڪم آهي اها انهن والدين جي لاءِ دعا گهرڻي آهي جيڪي مومن، مسلمان هجن غير مسلمان والدين جي خدمت ڪرڻي آهي پر انهن جي لاءِ اها دعا گهرڻي ناهي. (٢).

والدين جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ نبوي ارشادات

امام احمد، ترمذي، ابن ماجه ۽ حاڪم صحيح سند سان حضرت ابو درداءَ رضي الله تعالىٰ عنه ڪان روايت آندي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو "اَلْوَالِدُ اَوْسَطُ اَبْوَابِ الْجَنَّةِ فَحَافِظْ اِنْ شِئْتَ اَوْضَيِّعْ" پيءُ بهشت جو وچون دروازو (مين گيٽ) آهي پوءِ وٺي تہ (ان جي) نگهباني ڪر يا ضايع ڪر.

٢- ترمذي ۽ حاڪم صحيح سند سان حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله تعالىٰ عنه ڪان روايت آندي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو "رِضَاءُاللهِ فِيْ رِضَاءِالْوَالِدِ وَسَخَطُ اللهِ فِيْ سَخَطِ الْوَالِدِ" الله جي رضا والد جي رضا ۾ آهي ۽ الله جي ڪاوڙ والد جي ڪاوڙجڻ ۾ آهي.

٣- محدث بزار حضرت ابن عمر ۽ ابي سعيد خدري رضي الله تعالىٰ عنهما ڪان روايت ڪئي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "لَايَدْخُلُ الْجَنَّةَ مَنَّانٌ وَّلَاعَاقٌّ وَلَامُدْ مِنُ خَمْرٍ" (٣).

(احسان ڪري) ٽورو ڳائيندڙ. والدين جو بي فرمان ۽ شراب تي هميشگي ڪندڙ، بهشت ۾ داخل نہ ٿيندا.

(١) نعيمي صـ١٣٩ جلد ١٥. (٢) المظهري صـ٤٣١ جلد٥.
(٣) اورد الاحاديث الثلاثة في التفسيرالمظهري صـ٤٣١ جلد٥.

والدين جي بي فرمانيءَ جي سزا دنيا ۾ بہ ملندي آهي.

بيهقيءَ شعب الايمان ۾ ابي بڪره جي روايت سان آندو آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ٻين سڀني گناهن جي سزا الله (جل شانه) جنهن لاءِ گهري ٿو تہ آخرت تائين معاف ڪري ٿو مگر والدين جي حق تلفي ۽ نافرمانيءَ جي سزا آخرت کان اڳ ۾ دنيا ۾ بہ ڏئي ٿو. (١).

والدين غير مسلمان هجن تہ بہ سندن خدمت ڪري سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي

الله جل جلاله انهن ڪافرن والدين جي لاءِ بہ فرمايو آهي تہ: وَصَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوفًا" (٢).

۽ انهن سان دنيا ۾ سٺو سلوڪ ڪجانءِ. اهڙي طرح صحيح بخاريءَ ۾ آهي تہ حضرت بيبي اسماءَ رضي الله تعالىٰ عنها نبي ڪريم ﷺ جن کان عرض ڪري پڇيو تہ: منهنجي مشرڪ ماءُ مون سان ملڻ لاءِ اچي ٿي ڇا منهنجي لاءِ جائز آهي تہ مان ان جي خاطر خواه خدمت ڪريان؟ فرمايائون تہ "صِلِي أُمَّكِ" پنهنجي ماءُ سان مائٽي ڳنڍيندي "سٺو سلوڪ ڪر" (٣).

والدين جي اجازت کان سواءِ جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ جو حڪم

جيستائين جهاد فرض عين نہ ٿئي ۽ فرض ڪفايہ جي درجي ۾ رهي تيستائين ڪنهن بہ پٽ جي لاءِ والدين جي اجازت کان سواءِ جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ جائز ناهي. صحيح بخاري ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آهي تہ: هڪ شخص جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت وٺڻ لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو پاڻ ان کان پڇيائون تہ تنهنجا والدين زنده آهن؟ ان عرض ڪيو تہ "هائو زنده آهن- پاڻ فرمايائون تہ "فَفِيهِمَا فَجَاهِدْ" پوءِ انهن ٻنهي جي (خدمت ڪرڻ) سان جهاد ڪر. مطلب هي آهي تہ: انهن جي خدمت ڪرڻ سان ئي توکي جهاد جو درجو ملندو. ٻي روايت ۾ ان سان گڏ هيئن آهي! ان شخص عرض ڪيو تہ! مان پيءُ ۽ ماءُ کي روئندو ڇڏي آيو آهيان. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ: "وڃ انهن کي ائين کلاءِ جيئن کين روئاري آيو آهين" يعني انهن کي وڃي عرض ڪر تہ مان اوهان جي مرضيءَ جي خلاف جهاد ۾ نہ ويندس. (۴).

(١) معارف القرآن صہ ۴۵٢ جلد ۵. (٢) سورة لقمان آيت ١۵ (٣) القرطبي صہ ج١٠
(۴) القرطبي صہ جلد ١٠.

هن روايت مان معلوم ٿيو تہ جڏهن ڪوبہ ڪم فرض عين يا واجب على العين نہ هجي ڪفايہ جي درجي ۾ هجي تہ ماءُ پيءُ جي اجازت ڪان سواءِ اهو اولاد جي لاءِ جائز ناهي ان ۾ دين جو علم مڪمل حاصل ڪرڻ ۽ دين جي دعوت ۽ پيغام پهچائڻ جي لاءِ سفر ڪرڻ بہ شامل آهي.

والدين سان سهڻي سلوڪ رکڻ جو جيڪو حڪم قرآن ۽ حديث ۾ آيو آهي ان ۾ هي بہ داخل آهي تہ والدين جي قرابت دارن ۽ محبت وارن سان بہ سهڻو سلوڪ رکجي خاص ڪري والدين جي وفات ڪان پوءِ. بخاري عليہ الرحمتہ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعالىٰ عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو "پيءُ سان وڏو سهڻو سلوڪ هي آهي تہ ان جي وفات ڪان پوءِ ان جي دوستن سان سٺو سلوڪ رکجي نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي اهليہ سيده خديجة الڪبرىٰ رضي الله تعالىٰ عنها جي وفات ڪان پوءِ ان جي محبت وارين عورتن ڏانهن ان جي حق ادا ڪرڻ خاطر هديا موڪليندا هئا. (١).

"رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ اِنْ تَكُوْنُوْا صٰلِحِيْنَ فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا" جيڪو اوهان جي دلين ۾ آهي ان کي اوهان جو رب وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪڏهن اوهان صالح ٿيندؤ تہ پوءِ بلاشڪ اهو توبہ ڪري موٽندڙن جي لاءِ بخشڻهار آهي مطلب تہ: اوهان جو پالڻهار اوهان مان هر هڪ جي اندروني ڪيفيت کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي تہ ڪير دل جي خوشيءَ سان رب جي راضي ڪرڻ لاءِ والدين جي خدمت ڪري ٿو ۽ ڪير نٿو ڪري ۽ اوهان پنهنجي صحت، جواني ۽ قوت جي حالت ۾ والدين ۽ انهن جي مَحبت وارن سان صحيح ۽ سهڻي سلوڪ سان هلي صالح بڻجندؤ تہ يقينًا الله جل جلالہ بہ اهڙن توبہ ڪندڙن ۽ انهن جي لاءِ بخشڻهار آهي.

"وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا" ۽ قرابت دار ۽ مسڪين ۽ مسافر کي سندس حق ڏي ۽ بي فائدو ۽ فضول خرچ نہ ڪندو ڪر. يعني اي موءمن ٻانها! تنهنجي ذمي صرف والدين جا حق ناهن انهن ڪان سواءِ مائٽن مٽن، مسڪينن ۽ مسافرن جا بہ حقوق آهن اهي ادا ڪندو ڪر. جيڪي انهن جا توتي لازم ٿين ٿا ۽ پنهنجي ملڪيت اجائي ضايع نہ ڪر ان کي فضول خرچي ۽ بي فائدي کپائڻ ڪان بچاءِ "اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْۤا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا" بلاشڪ اجايو خرچ ڪندڙ شيطانن جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو بي شڪر آهي. مطلب تہ

(١) معارف القرآن صـ٤٥٣ جلد ٥.

غلط رسمن ۽ رواجن ۾ ۽ دين جي خلاف مال ملڪيت لٽائيندڙ شيطان جا پائر آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو بي شڪر آهي ته ان جي چوڻ تي نہ هل، اجايا خرچ ڪندڙ بہ بي شڪر ۽ شيطان جو ساٿي آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا.

١- ”وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا“ (۽ چئو تہ: اي منهنجا رب! انهن ٻنهي تي رحم ڪر) مان واضح ٿيو تہ اولاد تي فرض آهي تہ والدين جي خدمت سان گڏ سندن حق ۾ دعائون بہ گهرندو رهي.

٢- ”وَآتِ ذَا الْقُرْبَىٰ حَقَّهُ“ (۽ قرابت واري کي سندس حق ڏي) مان واضح ٿيو تہ: قرابت دارن سان سهڻو سلوڪ رکڻ گهرجي ۽ جڏهن پنهنجن قرابت دارن جو حق آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي قريبن گهروارين، نياڻين، نياڻين جي اولاد، مسلمان چاچن ۽ انهن جي اولاد سان بہ سهڻي سلوڪ ۽ بلند اخلاق سان پيش ايندي سندن خدمت ڪجي ۽ دنيا کي ڇڏي وڃڻ وارن سان محبت ۽ عقيدت رکجي.

٣- نئين مسلمان کي جنهن جا والدين ڪافر تي مئا، نماز ۾ ”رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ“ الايتہ، دعا نہ پڙهڻ گهرجي ڇوتہ ان ۾ والدين جي مغفرت جي طلب آهي ۽ ڪافر جي لاءِ مغفرت طلب ڪرڻ ناجائز آهي.

وَإِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَاءَ رَحْمَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ تَرْجُوهَا فَقُلْ

۽ جيڪڏهن منهن موڙين انهن کان واسطي طلب ڪرڻ رحمت جي رب پنهنجي کان اميد ٿو رکين ان جي پوءِ چئو

لَّهُمْ قَوْلًا مَّيْسُورًا ﴿٢٨﴾ وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُولَةً إِلَىٰ عُنُقِكَ

انهن کي چوڻ نرم ۽ نہ ڪر هٿ پنهنجو ٻڌل طرف ڪنڌ پنهنجي

وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُومًا مَّحْسُورًا ﴿٢٩﴾ إِنَّ رَبَّكَ

۽ نہ کولي ڇڏ ان کي صفا کولي ڇڏڻ پوءِ وهين ملامت ڪيل تنگي ڏنل بيشڪ رب تنهنجو

يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَشَاءُ وَيَقْدِرُ ۚ إِنَّهُ كَانَ بِعِبَادِهِ خَبِيرًا

ڪشادو ٿو ڪري رزق جنهن لاءِ گهري ۽ تنگ ٿو ڪري بيشڪ اهو آهي ٻانهن پنهنجن جي خبر رکندڙ

بَصِيْرًا ﴿٣٠﴾ ع وَلَاتَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ

ڏسندڙ ۽ نـہ قتل ڪيو اولاد پنهنجو سببان ڊپ غريب هجڻ جي اسين رزق ڏيون ٿا، انهن کي

وَاِيَّاكُمْ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْاً كَبِيْرًا ﴿٣١﴾

۽ خاص اوهان کي بيشڪ قتل ڪرڻ انهن جو هو گناهہ وڏو.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ حقدارن کي سندن حق ڏيڻ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ عذر جي ڪري انهن کان روگرداني جي ڪيفيت ذڪر ٿي رهي آهي، ارشاد عالي آهي "وَاِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَآءَ رَحْمَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ تَرْجُوْهَا فَقُلْ لَّهُمْ قَوْلًا مَّيْسُوْرًا" ۽ جيڪڏهن پنهنجي رب جي طرفان ان رحمت جي طلب ڪرڻ لاءِ جنهن جي اميد ٿو رکين انهن کان منهن موڙين تـہ پوءِ ساڻن نرم لهجي ۾ ڳالهاءِ. مطلب تـہ جيڪڏهن ڪنهن عذر جي ڪري ڪنهن کي ڪجهہ نـہ ٿا ڏيو تـہ جنهن پنهنجي رب جي رحمت جا اميد وار آهيو ان جي رضا طلبيءَ لاءِ انهن قرابت دار يا سائلن سان سهڻي نموني ڳالهايو. ان ۾ انهن جي دل خوش ٿيندي.

شان نزول

مفسرين ڪرام لکيو آهي تـہ: هڪ مومن اصحابياڻي رضي الله تعالىٰ عنها جي اڳيان هڪ يهودياڻيءَ حضرت موسىٰ عليه السلام جن جي سخاوت جي گهڻي تعريف ڪئي ان ايماندار اصحابياڻي رضي الله تعالىٰ عنها فرمايس تـہ: اسان جا آقا نبي ڪريم ﷺ جن ان کان بہ وڌيڪ سخي آهن ۽ ان کي ڪري ڏيکارڻ جي لاءِ پنهنجي پٽ کي نبي پاڪ ﷺ جن جي خدمت ۾ موڪلي عرض ڪيائين تـہ: هن کي ڪجهہ عطا فرمايو: اتفاق سان ان وقت نبي پاڪ ﷺ جن هر شيءِ سخاوت ڪري ڏئي چڪا هئا پر ان سائل کي بہ خالي نـہ ڇڏڻ جي لاءِ پنهنجي قميص مبارڪ لاهي ڏنائون ۽ يهودياڻي ڏسي تمام گهڻو حيران ٿي، پر پاڻ جسم تي قميص نـہ هجڻ جي ڪري گهر مبارڪ ۾ ويٺا رهيا اصحابن سڳورن کي خبر پئي تـہ هڪ

اصحابيءَ پلاري پنهنجي چادر سندن خدمت ۾ موڪلي، پاڻ اها ڍڪي ٻاهر تشريف فرما ٿيا ۽ هي ٻہ آيتون عـ ۲۹، عـ ۳۰ نازل ٿيون. (۱).

۽ بعض مفسرن لکيو آهي تہ! هيءَ آيت حضرت بلال، صهيب، سالم ۽ خباب وغيرهم رضي الله تعالىٰ عنهم جي باري ۾ نازل ٿي هئي جيڪي وقت بوقت حضور ڪريم ﷺ جن ڪان پنهنجون ضروري حاجتون گهرندا هئا جيڪڏهن (اڳ ۾ ورهائي ڇڏڻ جي ڪري) في الفور ڪا شيءِ موجود نہ هوندي هئي تہ پاڻ حياءَ ڪندي انهن ڪان روگرداني ڪري ان انتظار ۾ خاموش رهندا هئا تہ الله تعالىٰ ڪجهہ موڪلي تہ انهن کي عطا ڪيون. انهن جي متعلق هي ٻہ آيتون نازل ٿيون. (۲).

"وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُولَةً إِلَىٰ عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُومًا مَّحْسُورًا" ۽ پنهنجي هٿ کي پنهنجي ڪنڌ سان ٻڌل نہ ڪر ۽ نہ ئي ان کي صفا کولي ڇڏ پوءِ ملامت ڪيل عاجز ٿي ويهين.

يعني جيڪڏهن تون بخل جو عادي ٿي طاقت جي باوجود ڪنهن غريب جي مدد لاءِ هٿ نہ وڌائيندي پنهنجي هٿ کي ڪنڌ سان ٻڌل رکندين تہ ماڻهو تنهنجي ملامت ڪندا ۽ اها ويتو ٻڌندين ۽ جيڪڏهن فضول خرچ ٿيندين تہ نتيجو اهو نڪرندو جو تون مفلس، مسڪين ۽ عاجز ٿي ويندين. ان جي ڪري ٻنهي ڳالهين ڪان بچي وچٿري حالت ۾ رهہ نہ صفا ڪنجوس ۽ نہ صفا فضول خرچ ٿي. "إِنَّ رَبَّكَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَن يَشَاءُ وَيَقْدِرُ ۚ إِنَّهُ كَانَ بِعِبَادِهِ خَبِيرًا بَصِيرًا" بلاشڪ تنهنجو رب جنهن لاءِ گهري ٿو رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ (جنهن لاءِ گهري ٿو) (روزي) تنگ ڪري ٿو. بلاشڪ اهو پنهنجن ٻانهن جي . . خبر رکندڙ (۽ انهن کي) ڏسندڙ آهي. يعني ڪنهن کي رزق ڪشادو ڏيڻ ڪنهن جي روزي تنگ ڪرڻ سڀ ان جي حڪمت تي مبني آهي جنهن کي جنهن حال ۾ گهري ٿو ان ۾ رکي ٿو "وَلَا تَقْتُلُوا أَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ إِمْلَاقٍ ۖ نَّحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَإِيَّاكُمْ ۚ إِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْئًا كَبِيرًا" ۽ پنهنجي اولاد کي غريبيءَ جي ڊپ کان قتل نہ ڪريو اسين انهن کي ۽ اوهان کي رزق ڏيون ٿا يقينًا انهن جو قتل ڪرڻ وڏو گناهہ آهي. هيءَ الله جل جلالہ جي پنهنجي ٻانهن تي خاص مهرباني آهي جيڪو والدين کان بہ وڌيڪ مهربان آهي ۽ انهن کي منع ٿو ڪري تہ غريب ۽ مسڪين هجڻ جي ڪري اولاد کي قتل نہ ڪريو اوهان ۽ اوهان جي اولاد کي رزق ڏيڻ اسان جو ذمو آهي، ۽ انهن ٻچڙن جو قتل ڪرڻ تمام وڏو گناهہ آهي ڇوتہ ان سان دل مان

(۱) تفسير نعيمي ص ۱۵۰ جلد۵ (۲) تفسير خزائن العرفان ص ۴۵۵ المظهري ص ۴۳۴ جلد ۵

رحم نڪري ٿو وجي ۽ اهڙن ننڍڙن بي گناهہ ٻارڙن ڪي بي رحميءَ سان ڪهڻ الله تعاليٰ جي وڏي بي فرماني آهي. (١) حديث پاڪ ۾ آهي تہ: نبي پاڪ ﷺ جن شرڪ کان پوءِ وڏو گناهہ هي بيان فرمايو آهي "اَنْ تَقْتُلَ وَلَدَكَ خَشْيَةَ اَنْ يَّطْعَمَ مَعَكَ" پنهنجي اولاد کي ان ڊپ کان قتل ڪرين تہ توسان گڏجي کائيندو. (٢).

ٻار ڪيرائڻ جو حڪم

مذڪوره آيت مان ثابت ٿيو تہ موجوده دور ۾ جيڪي عورتون ٻار ڪيرائن ٿيون اهي بہ ٻارن جون قاتل قرار ڏنيون وينديون ۽ انهن تي بہ وڏو گناهہ لکيو ويندو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "وَلَاتَقْتُلُوْا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ" (۽ پنهنجي اولاد کي غريب هجڻ جي ڊپ کان قتل نہ ڪريو) مان ثابت ٿيو تہ: انسانن جي گهٽي وڌڻ جي ڊپ کان منصوبہ بندي يا ٻار بند ڪرائڻ بہ منع آهي اهو انهن جاهلن جو فلسفو آهي جيڪي رزق جو ذميدار پاڻ کي سمجهن ٿا. حالانڪہ رزاق الله جل جلاله آهي. (٣). ٢- "اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًۢا بَصِيْرًا" (بلاشڪ اهو پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ، ڏسندڙ آهي) مان واضح ٿيو تہ الله جل جلاله جي ڪنهن بہ فرمان تي اعتراض نہ ڪجي ڇو تہ اهو ان کان لکل ناهي ۽ اعتراض ڪندڙ جي ڪافر هجڻ جو انديشو آهي. (۴).
٣- "قَوْلًا مَّيْسُوْرًا" (نرم قول) مان ثابت ٿيو تہ: ڪنهن بہ سائل کي ڀلي ڪٽي سوال جو عادي ٿي ويو هجي جهڙڪڻ منع آهي ان کي خيرات نہ ڏيڻ جي صورت ۾ بہ نرم لهجي ۾ سمجهائجي.

وَلَاتَقْرَبُوا الزِّنٰٓى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَسَآءَ سَبِيْلًا ﴿٣٢﴾ وَلَاتَقْتُلُوا

۽ نہ ويجها وڃو زنا کي بلاشڪ اها بي حيائي ۽ بري واٽ آهي، ۽ نہ قتل ڪريو

النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَمَنْ قُتِلَ مَظْلُوْمًا

سر کي جيڪو حرام ڪيو الله مگر حق سان ۽ جيڪو قتل ڪيو ويو مظلوم،

(١) تيسيرالڪريم الرحمان صـ٧٨ جلد ٣ (٢) حاشيه جونا ڳڙهي ٧٧۴
(٣) معارف القرآن صـ۴٦٣ جلد ٥ (۴) نعيمي صـ١٥٧ جلد ١٥

فَقَدۡ جَعَلۡنَا لِوَلِيِّهٖ سُلۡطٰنًا فَلَا يُسۡرِفۡ فِّي الۡقَتۡلِؕ اِنَّهٗ كَانَ

پوءِ تحقيق ڪيوسون واسطي وارث ان جي قانوني حق پوءِ نہ زيادتي ڪري قتل ۾ بلاشڪ اهو آهي

مَنۡصُوۡرًا ۝٣٣ وَلَا تَقۡرَبُوۡا مَالَ الۡيَتِيۡمِ اِلَّا بِالَّتِيۡ هِيَ اَحۡسَنُ حَتّٰى

مدد ڪيل ۽ نہ ويجها وڃو مال يتيم جي ڪي مگر ان سان جو اهو وڌيڪ سهڻو آهي تان جو

يَبۡلُغَ اَشُدَّهٗ وَاَوۡفُوۡا بِالۡعَهۡدِۚ اِنَّ الۡعَهۡدَ كَانَ مَسۡئُوۡلًا ۝٣٤

پهچي جوانيءَ پنهنجيءَ کي ۽ وفا ڪيو وعدو بيشڪ وعدو آهي پڇا ڪيل.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ غربت جي ڊپ کان حلالي اولاد جي قتل کان روڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ ان گناهہ کان روڪيو ويو آهي جنهن جي ذريعي حرامي ٻار ڄمن ٿا. فرمان عالي شان آهي "وَلَا تَقۡرَبُوا الزِّنٰٓى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَسَآءَ سَبِيۡلًا" ۽ زنا کي ويجها نہ وڃو يقينًا اها بي حيائي ۽ برو رستو آهي. مطلب تہ! اي عزت، شرافت ۽ اولاد ۾ اعلىٰ مقام جا خواهشمندو! زنا ڪيو تہ نہ پر زنا کي ويجها بہ نہ وڃو يقينًا اها زنا ۽ ان جا اسباب ۽ ذريعا انسان کي بي حياءَ بنائيندڙ آهن ۽ اها بري واٽ آهي. جنهن کي ڪوبہ شريف ۽ سالم طبع ماڻهو اختيار نہ ڪندو. اها هڪ گهڙيءَ جي لذت هزارين قسم جون برايون پيدا ڪندي آهي جن مان ڪجهہ هي آهن.

زنا جي ڪري پيدا ٿيندڙ خرابيون.

١- نسب خراب ٿئي ٿو. ٢- اولاد حرامي بڻجي ٿو. ٣- ڪنزالدقائق جي شرح بحر رائق واري لکيو آهي تہ: حرامي اولاد ڇئن پيڙهين تائين بهشت ۾ نہ ويندو. (١). جيڪڏهن انهن مان ڪير نيڪ هوندو تہ بہ اعراف ۾ رکيو ويندو. ٤- اهو وارث بڻجي نٿو سگهي. ٥- ان جي قوميت برباد هوندي ڪنهن بہ قوم مان نہ هوندو. ٦- ان جي اولاد ۾

(١) البحرالرائق صہ٢٢٤ جلد ٨.

غيرت نہ هوندي. ٧- بزدل هوندو. ٨- گستاخ هوندو.
٩- زنا جي ڪري تمام گهڻيون خطرناڪ بيماريون پيدا ٿين ٿيون. ١٠- زنا مان پيدا ٿيل منحوس هوندو. ١١- حرامي ٻار ڪڏهن بہ الله جو ولي نہ ٿيندو. ١٢- حرام مان پيدا ٿيل امامت نہ ڪرائي سگهندو. ١٣- ان کي علم جو نور نہ ملندو. ١٤- زناڪار عورت جي عظمت تباهہ ٿي ويندي آهي. ١٥- زنا ڪندڙ مرد، عورت ۽ سندن اولاد جي منهن ۾ نور ۽ رونق نہ هوندي. ١٦- زاني عورت کان ماءُ هجڻ جو مقدس رشتو کسيل هوندو آهي. ١٧- زانيہ عورت کي پيءُ پنهنجي ڌيءُ سڏڻ کان گهبرائيندو. ١٨- پاڪ، صاف عورت عام بازاري عورت بڻجي وڃي ٿي. ١٩- سيرت ۽ اخلاق تباهہ ٿي وڃن ٿا. ٢٠- ڪردار ۽ عمل جي سونهن ختم ٿيو وڃي ٿي. ٢١- صحت ختم ٿيو وڃي ٿي. ٢٢- زنا مان پيدا ٿيل ٻار پيءُ جي شفقت کان محروم ٿي وڃي ٿو. ٢٣- زاني مرد ۽ عورت جي معاشري ۾ ڪڏهن بہ عزت نہ ٿيندي آهي. ٢٤- قدرت واري جي طرفان انهن کي ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي ٿو. ٢٥- زناڪاريءَ جي ڪري علائقي ۾ فتنو، فساد ۽ بربادي وڌي ٿي ۽ عام قتل بہ ٿيندو آهي. ٢٦- زال مڙس جا هڪ ٻئي تي عائد ٿيندڙ حقوق برباد ٿين ٿا. ٢٧- زاني مرد توڙي عورت کي مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿيندو ۽ قبر جي تنگي بہ ڏسندا. حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ ٽن ڪمن ڪرڻ وقت ايمان جسم ۽ دل مان نڪري ويندو آهي. ١- شراب پيئڻ وقت. ٢- چوري ڪرڻ وقت. ٣- زنا ڪرڻ وقت.
٢٨- زناڪارن کي آخرت ۾ ذليل ڪندڙ عذاب ملندو. ٢٩- زنا حياتيءَ جي مقصد جي خلاف آهي. مفسرين ڪرام لکيو آهي تہ نڪاح کان سواءِ مرد ۽ عورت جو معروف ڪم ڪرڻ اصل زنا آهي پر ٻين عضون جي بہ زنا هوندي آهي، مثلاً شهوت سان ڪنهن ڏانهن نهارڻ اک جي زنا. شهوت سان ڪنهن کي هٿ لڳائڻ هٿ جي زنا. شهوت سان ڪنهن کي چمي ڏيڻ منهن جي زنا. اهڙي طرح ڪن، نڪ، دل، دماغ ۽ پيرن جي بہ زنا هوندي آهي. (١).

"وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِي حَرَّمَ اللَّهُ إِلَّا بِالْحَقِّ وَمَنْ قُتِلَ مَظْلُومًا فَقَدْ جَعَلْنَا لِوَلِيِّهِ سُلْطَانًا فَلَا يُسْرِفْ فِي الْقَتْلِ إِنَّهُ كَانَ مَنْصُورًا" ۽ جنهن سر (جي قتل) کي الله حرام ڪيو آهي ان کان حق کان سواءِ قتل نہ ڪريو ۽ جيڪو مظلوم ٿي قتل ڪيو ويو ان جي وارث لاءِ اسان قانوني بلندي ڪئي آهي پوءِ اهو قتل ڪرڻ ۾ زيادتي نہ ڪري بلاشڪ اهو مدد

(١) تفسير نعيمي صـ١٦٧ جلد ١٥.

ڪيل آهي.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ عرب جي جزيره ۾ باقاعده ڪا بہ حڪومت نہ هئي، سيئي قبيلا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آزاد هئا ۽ صرف پنهنجي قبيلي جي رئيس ۽ سردار جي حڪم تي عمل ڪرڻ کي ضروري سمجهندا هئا ان جي ڪري جيڪو قبيلو قوت ۽ طاقت ۾ ٻئي قبيلي کان وڌيڪ هوندو هو اهو جيڪو ڪجهہ گهرندو هو ڪندو هو، ان حالات ۾ انسان جي خون جي ڪا قيمت ۽ اهميت نہ رهي هئي اهي جڏهن بہ گهرندا هئا تہ ڪنهن ڪمزور قبيلي تي حملي ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندا هئا ۽ وس آهر انهن جي ڪيترن ئي مڙسن کي تلوار جي هيٺان هلائي ڇڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪمزور قبيلي جي هٿان طاقتور قبيلي جو ڪو فرد قتل ٿي ويندو هو تہ ان جي معاوضي جي ڪا حد مقرر نہ هوندي هئي ۽ طاقتور قاتل هوندو هو تہ ڪمزور جي ڪير دانهن نہ ٻڌندو هو. اسلام جن صالح بنيادن تي معاشري جي تعمير ڪرڻ گهري پيو انهن ۾ اهڙين زيادتين ۽ بي انصافين جي ڪا گنجائش نہ هئي ان جي ڪري هي حڪم نازل ڪري باهمي جنگين، جهيڙن ۽ لٽ مار جي دروازي کي بند ڪيو ويو. جيڪڏهن ڪو شخص قتل ڪري تہ ان قاتل جي طاقت ۽ سندس قبيلي جي قوت کيس قتل ڪرڻ جي سزا کان بچائي نہ سگهندي هئي بلڪ مقتول جي وارث کي اختيار هو وٽيس تہ قاتل کان قصاص وٺي وٽيس تہ خوف بها وٺي صلح ڪري. پر مقتول جي وارثن کي اهو اختيار ڏيڻ سان گڏو گڏ انهن ڳالهہ کان بہ روڪيو ويو تہ قاتل کان حساب وٺڻ ۾ زيادتي نہ ڪن. ان جون بہ ٽي صورتون ٿي سگهن ٿيون. ١- قاتل کي ڇڏي غير قاتل کي قتل ڪرڻ. ٢- هڪ مقتول جي عيوض گهڻن کي قتل ڪرڻ. ٣- قاتل کي قتل ڪرڻ کان پوءِ ان جي لاش کي وڍڻ، ٽڪڻ، ٽڪرا ڪرڻ. ٤- خون بها وٺڻ کان پوءِ قاتل کي قتل ڪرڻ. انهن سيني ڳالهين کان منع ڪئي وئي آهي. هيءَ آيت مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي جتي ان وقت تائين اسلامي نظام قائم نہ ٿيو هو ان جي ڪري هتي صرف ان تي اڪتفا ڪئي وئي تہ مقتول جو وارث قصاص جو مطالبو ڪري سگهي ٿو. مدينه منوره ۾ جڏهن اسلامي حڪومت قائم ٿي تڏهن اهو حڪم ٿيو تہ مقتول جو قصاص يا خون بها وٺي ڏيڻ حڪومت جي ذميداري آهي. (١).

(١) ضياءالقرآن صـ٦٥٨ جلد ٢

"وَلَاتَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّابِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ وَاَوْفُوْا بِالْعَهْدِ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْئُوْلًا" ۽ يتيم جي مال کي ويجها نـ وڃو مگر ان طريقي سان جيڪو گهڻو سهڻو آهي ۽ وعدي وفائي ڪيو بيشڪ وعدي جي پڇا ڪئي ويندي. مطلب تـ اي انسانو! جڏهن اوهان وٽ ڪنهن يتيم جو مال هجي تـ ان کي کائو تـ نـ پر ويجها بـ نـ وڃو. ۽ ان ۾ قطعًا خيانت نـ ڪيو، ها جيڪڏهن ڪو اهڙو سهڻو رستو وٺو جنهن ۾ ان يتيم جي ڀلائي يا سندس مال، ملڪيت ۾ واڌارو ٿئي تـ پوءِ ڀلي ان ۾ هٿ وجهو- ۽ اوهان تي تيستائين ان يتيم جي مال جي ذميداري آهي جيستائين اهو جوان ٿيجي سنڀالڻ جي لائق ٿئي. ۽ اي انسانو! جيڪو وعدو، عهد يا انجام ڪيو اهو پورو ڪندا ڪريو وعدي برخلافي گناهـ آهي. جنهن جي قيامت جي ڏينهن پڇا ڪئي ويندي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ آيا.

١- "اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً وَّسَآءَ سَبِيْلًا": (بلاشڪ اها بي حيائي ۽ برو رستو آهي) مان ثابت ٿيو تـ: زنا قتل کان بـ بڇڙو عمل آهي ڇوتـ قتل ۾ هڪ گناهـ آهي ۽ زاني بي حيائي پکيڙي، انساني نسل کي خراب ڪري وڏن گناهن جو مرتڪب ٿيجي ٿو قاتل کي مقتول جو وارث بخشي سگهي ٿو، مگر زانيءَ جي لاءِ معافيءَ جي ڪا بـ صورت ناهي. ٢- جنهن جا والدين وفات ڪري ويا اهو تيستائين يتيم آهي جيستائين بالغ ٿيجي ۽ بعضي فقيهن فرمايو آهي تـ عقلمند ٿيڻ تائين يتيم آهي جڏهن پنهنجي مال ملڪيت کي سنڀالڻ جي لائق ٿئي تـ پوءِ يتيم نـ چئبو- اهو فائدو "حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ" مان معلوم ٿي رهيو آهي. ۽ ان حڪم ۾ پٽ ۽ نياڻي برابر آهن.

٣- "وَاَوْفُوْا بِالْعَهْدِ" (۽ وعدو وفا ڪيو) مان ثابت ٿيو تـ وعدو وفا ڪرڻ ضروري آهي مگر اهو وعدو جيڪو اسلام ۾ جائز هجي ناجائز وعدي کي ٽوڙڻ ضروري آهي بلڪـ ناجائز وعدو ڪرڻ ئي گناهـ آهي.

مسئلو: جيئن مسلمان کي ناجائز ۽ بي گناهـ قتل ڪرڻ گناهـ آهي تيئن ان ڪافر کي بـ قتل ڪرڻ گناهـ آهي جيڪو ذمي بنجي مسلمانن جي حڪومت جي سنڀال ۾ رهي پيو. امام اعظم عليه الرحمتہ جو اهو مذهب آهي: (١).

وَاَوْفُوا الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ وَزِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ذٰلِكَ

۽ پوري ڪيو ماپ جڏهن ماپ ڪيو ۽ تور ڪريو انصاف سان سڌي اهو

(١) نعيمي صـ١٧٣ جلد ١٥

خَيْرٌ وَّاَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ﴿٣٥﴾ وَلَا تَقْفُ مَالَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ

پلو ۽ سھڻو آھي انجام جي لحاظ سان ۽ پويان ٽُڪو ان جي جو ناھي توکي ان جو علم بيشڪ ڪن

وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْئُوْلًا ﴿٣٦﴾ وَلَا تَمْشِ فِى

۽ اکيون ۽ دل سيئي اھي ھوندا انھن جي باري ۾ پڇا ڪيل ۽ نہ ھل

الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ

زمين تي مغرور ٿي بيشڪ تون ھرگز نہ ڦاڙي سگھندين زمين ۽ ھرگز نہ پھچندين تون جبلن کي

طُوْلًا ﴿٣٧﴾ كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنْدَ رَبِّكَ مَكْرُوْهًا ﴿٣٨﴾

ڊيگھہ ۾ سڀ ڪجھہ اھو برو ان مان تنھنجي رب وٽ ناپسنديدو آھي.

تفسير

پھريائين مذڪوره آيتن ۾ عھد جي پوري ڪرڻ جو ذڪر ھو ۽ ھنن آيتن ۾ ماپ ۽ تور جي پوري ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رھيو آھي "وَاَوْفُوا الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ وَزِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ۚ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّاَحْسَنُ تَاْوِيْلًا" ۽ جڏھن ماپ ڪريو تہ پوري ڪيو ۽ انصاف سان سڌي تور ڪيو اھو پڇاڙيءَ جي لحاظ سان تمام سھڻو آھي. يعني ماپ ۽ تور ۾ گھٽتائي نہ ڪريو. اھا امانت ۾ خيانت آھي پوري سچي ۽ انصاف واريءَ ساھميءَ سان تور ڪريو اھا ڳالھہ انسان جي لاءِ دنيا ۾ بہ ڀلي آھي جو ماڻھن جو اعتماد ۽ ڀروسو رھندو، عزت ۽ نالو ٿيندو. تجارت ۾ واڌارو ۽ ترقي حاصل ٿيندي. "وَلَا تَقْفُ مَالَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ" ۽ ان شيءِ جي پويان نہ پئو جنھن جو توکي علم ناھي. ھن جملي ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي امتن کي ھيءَ تعليم ڏني وئي آھي تہ: معاشرتي يا ٻين معاملن ۾ بغير تحقيق جي ڪنھن ڳالھہ يا شيءِ جي پويان نہ پئو. ذھن ۾ رکڻ گھرجي تہ تحقيق جا درجا مختلف آھن. ١- اھڙي تحقيق جو ڪامل يقين جي درجي کي پھچي ۽ ان جي خلاف ڪو شڪ ۽ شبھو بہ نہ

رهي. ٢- اهڙي تحقيق جيڪا غالب گمان جي درجي کي پهچي ۽ ان جي بر خلاف بہ احتمال هجي. اهڙي طرح احڪام بہ ٻہ قسم آهن.

١- قطعي يقيني عقائد ۽ دين جا اصول انهن جي لاءِ پهرين درجي واري تحقيق جي ضرورت آهي ان ڪان سواءِ ثابت نہ ٿيندا.

٢- ظني جيئن فروعي اعمال جي متعلق احڪام. ان تحقيق ڪان پوءِ مذڪوره آيت جي تقاضا هيءَ آهي تہ: يقيني ۽ قطعي احڪام لاءِ قطعي ۽ يقيني دلائل جي ضرورت آهي. ۽ فروعي امرن ۾ ظني دلائل ڪافي آهن. (١)

"اِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْئُوْلًا" يقينًا ڪن ۽ اکيون ۽ دل انهن سڀني ڪان پڇا ڪئي ويندي.

مطلب تہ ڪنن ڪان پڇا ٿيندي تہ! اوهان سڄي عمر ڇا ٻڌو؟ ۽ اکين ڪان پڇيو ويندو تہ: اوهان ڇا ڏٺو؟ ۽ دل ڪان پڇا ڪئي ويندي تہ تو ڪهڙا خيال پچايا ۽ ڪهڙو عقيدو رکيو. جيڪڏهن اهي سڀئي يا انهن مان ڪو هڪڙو عضوو غلط ڪمن ۾ استعمال ٿيو هوندو تہ ان کي سزا ملندي. "وَلَا تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا" ۽ زمين تي مغرور ٿي نہ هل، يقينًا تون نہ زمين کي ڦاڙي سگهندين ۽ نہ ڊيگهہ ۾ جبلن کي پهچي سگهندين. هتي انسان کي تڪبر ۽ غرور ڪان منع ڪندي ڪيس احساس ڏياريو ويو آهي تہ: تون آڪڙ سان هلي ڪري ڇا ڪري سگهندين؟ تنهنجي هٺ سان هلڻ جي ڪري نہ زمين ڦاٽندي ۽ نہ تون جبل جيڏو ٿي ويندي. تڪبر ڪرڻ جي ڪري ذليل ۽ خوار ٿيڻ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ملندو. "كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنْدَ رَبِّكَ مَكْرُوْهًا" هي سڀ (جن جو ذڪر ٿي چڪو) انهن مان هر بري ڳالهہ تنهنجي رب وٽ ناپسنديده آهي الله جل جلاله تہ: تنهنجو خالق ۽ مالڪ آهي جيڪي ڪم ان کي پسند ناهن اهي ڇڏي اهڙا ڪم ڪر جيڪي ان جي دربار ۾ مقبول ۽ پسنديده آهن.

فائدا

هنن آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- الله جل جلاله ٻانهي کي ٻن قسمن جي روشني سان نوازيو آهي. ١- هڪ حواس جي علم جي روشني. ٢- دل جي روشني. دل جي روشني وري ٻہ قسم آهن. ١- بديهي. ٢- ڪسبي. ٻانهي کي گهرجي تہ انهن کي صحيح نموني رب ڪريم جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪري بهشتي

(١) معارف القرآن صہ ٤٧١ جلد ٥

مزا ماڻي جهنم جي باهہ کان بچي. ٢- ظاهري عضون ۽ قلب جي علمن ۽ عقيدن جي پڇا ٿيندي. دل ۾ ايندڙ وسوسن جي پڇا نہ ٿيندي. ٣- هلڻ ڦرڻ ۾ بہ انسان کي وڏائي ڪرڻ نہ گهرجي. ٤- پنهنجي آقا نبي ڪريم ﷺ جن جي نقش قدم تي هلي انتهائي مٺي طبيعت ۽ سهڻا اخلاق اختيارڪري رب کي راضي بنائجي.

ذَالِکَ مِمَّآ اَوۡحٰٓى اِلَيۡکَ رَبُّکَ مِنَ الۡحِکۡمَةِ ؕ وَلَاتَجۡعَلۡ مَعَ

اهو ان مان آهي جو وحي ڪيو توڏانهن رب تنهنجي حڪمت مان ۽ نہ بناءِ

اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتُلۡقٰى فِيۡ جَهَنَّمَ مَلُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا ﴿۳۹﴾ اَفَاَصۡفٰکُمۡ

الله سان گڏ معبود ٻيو پوءِ اڇلائي وڃو وڃين جهنم ۾ ملامت ڪيل ڌڪا ڏنل ڇا پوءِ چونڊي ڏنائين اوهان کي

رَبُّکُمۡ بِالۡبَنِيۡنَ وَاتَّخَذَ مِنَ الۡمَلٰٓئِکَةِ اِنَاثًا ؕ اِنَّکُمۡ لَتَقُوۡلُوۡنَ

رب اوهان جي پٽ ۽ بنايائين ملائڪن مان نياڻيون بلاشڪ اوهان البتہ چئو ٿا

قَوۡلًا عَظِيۡمًا ﴿۴۰﴾ ع وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا فِيۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لِيَذَّکَّرُوۡا ؕ وَمَا

قول وڏو ۽ البتہ تحقيق هر طرح بيان ڪيوسون هن قرآن ۾ تہ نصيحت وٺن ۽ نٿو

يَزِيۡدُهُمۡ اِلَّا نُفُوۡرًا ﴿۴۱﴾ قُلۡ لَّوۡ کَانَ مَعَهٗۤ اٰلِهَةٌ کَمَا يَقُوۡلُوۡنَ اِذًا

وڌائي انهن کي مگر نفرت فرماءِ جيڪڏهن هجن ها ان سان گڏ ڪي (ٻيا) معبود جيئن چون ٿا تہ

لَّابۡتَغَوۡا اِلٰى ذِى الۡعَرۡشِ سَبِيۡلًا ﴿۴۲﴾

ان وقت البت طلب ڪن ها عرش واري ڏانهن رستو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ انسان جي معاشري ۽ آخرت جي سينگارڻ جي متعلق ڪجهہ

نصيحتون بيان ڪيون ويون ۽ هنن آيتن ۾ انهن نصيحتن جي عظمت بيان ڪئي وئي آهي تہ اهي سڀ الله جل جلالہ جي طرفان وحي موڪلڻ جي ذريعي بيان ڪيون ويون آهن. فرمان مبارڪ آهي "ذٰلِكَ مِمَّآ اَوْحٰٓى اِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ" هي ان مان آهي جيڪو تنهنجي رب حڪمت مان توڏانهن وحي ڪيو آهي. يعني مٿي جيڪي گهڻيون نصيحتون بيان ٿيون اهي حڪمت ۽ تهذيب اخلاق جون ڳالهيون آهن جيڪي اوهان ڏانهن وحي جي ذريعي ۽ امت ڏانهن اوهان جي ذريعي اوهان جي رب موڪليون آهن. "وَلَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتُلْقٰى فِيْ جَهَنَّمَ مَلُوْمًا مَّدْحُوْرًا" ۽ الله سان گڏ ٻيو ڪو معبود نہ بناءِ پوءِ ملامت ڪيل، تڙيل بنائي جهنم ۾ اڇلايو ويندين. يعني اي مشرڪ! الله سان گڏ ٻئي ڪي معبود نہ بناءِ معبود بالحق هڪ الله آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ ناهي "اَفَاَصْفٰىكُمْ رَبُّكُمْ بِالْبَنِيْنَ وَاتَّخَذَ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ اِنَاثًا اِنَّكُمْ لَتَقُوْلُوْنَ قَوْلًا عَظِيْمًا" ڇا پوءِ اوهان جي رب اوهان کي پٽ ڏيڻ سان برگزيدو بنايو ۽ (پاڻ پنهنجي لاءِ) ملائڪن مان نياڻيون بنايائين. يقينًا اوهان وڏي ڳالهہ ٿا چئو. يعني اوهان تمام وڏي ڳالهہ ٿا چئو جو هڪ تہ الله جل جلالہ جي لاءِ اولاد جو عقيدو ٿا رکو ٻيو تہ اولاد بہ نياڻين جو. حالانڪہ اوهان پنهنجي لاءِ نياڻين جي هجڻ کي عيب ٿا سمجهو. ڇا رب العالمين جل جلالہ اوهان کي پٽ ڏيئي نوازيو ۽ پنهنجي لاءِ نياڻيون پسند فرمايائين. اهو تہ وڏو بهتان آهي "وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِيَذَّكَّرُوْا وَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا" ۽ البتہ تحقيق هن قرآن ۾ هر ڳالهہ کولي کولي بيان ڪئي اٿئون تانتہ ماڻهو نصيحت وٺن ۽ اهو انهن کي نفرت کان سواءِ ڪجهہ بہ نٿو وڌائي. يعني اسان هن قرآن ڪريم ۾. توحيد، رسالت، وعدوعيد، قصا، وغيره ان جي لاءِ کولي کولي بيان ڪيا آهن تانتہ ٻڌندڙ ان مان نصيحت پرائين. هر معاملي ۾ قرآن ڪريم کي مشعل راهہ سمجهي ان تي عمل ڪن مگر ڪافرن جا قلب اهڙا انڌا آهن جو جيئن قرآن پاڪ ٻڌن تيئن نفرت ڪندي ان کان ڀڄن ٿا. "قُلْ لَّوْ كَانَ مَعَهٗٓ اٰلِهَةٌ كَمَا يَقُوْلُوْنَ اِذًا لَّابْتَغَوْا اِلٰى ذِى الْعَرْشِ سَبِيْلًا" فرماءِ تہ: جيڪڏهن ان سان گڏ ٻيا معبود هجن ها جيئن چون ٿا تہ اهي ان وقت عرش جي مالڪ (الله جل شانہ) ڏانهن ڪو رستو طلب ڪن ها. مطلب تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيا بہ معبود هجن ها تہ اهي ڪڏهن نہ ڪڏهن الله جل شانہ جي ذات سان ٽڪر ۾ اچن ها ۽ پاڻ ۾ متحد ٿي عرش جي مالڪ ڏانهن چڙهائي ڪن ها پر ائين ڪڏهن ٿيو ناهي ان جي ڪري ٻيو ڪوبہ هڪ سچي الله کان سواءِ معبود نہ آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا.

١- "مِنَ الْحِكْمَةِ" (حڪمت مان) ثابت ٿيو تہ: نبوي تعليم ۽ وحي الاهي جي ذريعي حاصل ٿيندڙ علم حڪمت آهي ٻانهي کي گهرجي تہ پنهنجي دل ۽ دماغ کي گندي هجڻ کان محفوظ رکي تانتہ انهن مان فيض الاهي جا سرچشما جاري ٿين.

٢- "فَتُلْقٰى" (پوءِ اڇلايو وڃين) ۾ آيل فاءَ جزائيه سببيه مان واضح ٿيو تہ جهنم ۾ اڇلايو وڃڻ، ڌڪا کائڻ، ملامت ڪيل هجڻ صرف ڪافرن جي سزا آهي جن الله جل جلالہ سان ٻين کي شريڪ بنايو. مومن گنهگار جيتوڻيڪ جهنم ۾ ويندو پر ڪافر ۽ مشرڪ جهڙو ذليل ۽ خوار نہ هوندو.

٣- "وَلَقَدْ صَرَّفْنَا" (۽ البتہ تحقيق ڪولي ڪولي بيان ڪيوسون) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم جا احڪام فطر تي هر مزاج سان ٺهڪندڙ آهن ان جي ڪري اهي ابدالاباد ۽ عالمگير قانون آهن.

سُبْحَانَهٗ وَتَعَالٰى عَمَّا يَقُوْلُوْنَ عُلُوًّا كَبِيْرًا ﴿٤٣﴾ تُسَبِّحُ لَهُ

پاڪ آهي ۽ مٿاهون ٿيو ان کان جو چون ٿا مٿاهون گهڻو (وڏو) تسبيح ٿا پڙهن ان جي لاءِ

السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ وَالْاَرْضُ وَمَنْ فِيْهِنَّ وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا

آسمان ست ۽ زمين ۽ جيڪي ان ۾ آهي ۽ ناهي ڪا شيءِ مگر

يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا

تسبيح ٿي پڙهي حمد ان جي سان ۽ پر نٿا سمجهو اوهان تسبيح انهن جي بيشڪ اهو آهي بردبار

غَفُوْرًا ﴿٤٤﴾ وَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا بَيْنَكَ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ

بخشڻهار ۽ جڏهن پڙهين ٿو تون قرآن تہ ڪيوسون تنهنجي وچ ۾ ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪي

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا ﴿٤٥﴾ وَّجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ

نٿا ايمان آڻين آخرت تي پردو لڪل ۽ ڪياسون دلين انهن جي تي

اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ وَاِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِي

پردا هن ڳالهہ تان جو سمجهن ان کي، ۽ کنن انهن جي ۾ گهرائي ۽ جڏهن ياد کيو تو رب پنهنجي کي

الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا عَلٰٓي اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا ؀

قرآن ۾ اڪيلو اهو تہ ڦريا پٺين پنهنجين ڏانهن نفرت ڪندڙ

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ ڪافرن جي ان سخت گستاخيءَ ۽ ڪفر جو بيان هو تہ (معاذالله) ملائڪ الله جون نياڻيون آهن ۽ هتي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ: الله تعاليٰ جو شان ان کان گهڻو بلند ۽ بالا آهي اهو اولاد کان پاڪ آهي. فرمان الاهي آهي "سُبْحَانَهٗ وَتَعَالٰي عَمَّا يَقُوْلُوْنَ عُلُوًّا كَبِيْرًا" اهو ڪافرن جي ان (اولاد) واري قول کان پاڪ ۽ تمام گهڻو بلند ۽ بالا آهي. مطلب تہ ان جي ربوبيت، الوهيت ۽ اعليٰ حاڪميت جي شانِ ۾ ڪير بہ شريڪ ناهي. اهو اولاد جي نسبت کان نهايت ارفع ۽ اعليٰ آهي. "تُسَبِّحُ لَهُ السَّمَاوَاتُ السَّبْعُ وَالْاَرْضُ وَمَنْ فِيْهِنَّ وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا" ان جي لاءِ ست ئي آسمان ۽ زمينون ۽ جيڪي ڪجهہ انهن ۾ آهي تسبيح پڙهن ٿا ۽ ڪابہ شيءِ ناهي مگر اها ان جي حمد سان تسبيح پڙهي ٿي ۽ پر اوهان انهن جي تسبيح نٿا سمجهو، يقينًا اهو بردبار بخشڻهار آهي. يعني اي مشرڪؤ ! الله جي پاڪ ذات جي لاءِ ست ئي آسمان، زمينون، ۽ جيڪو ڪجهہ انهن ۾ آهي تسبيح پڙهن ٿا. هر شيءِ ۾ ملائڪ، جن، انسان ۽ سڀ حيوان داخل آهن بلڪہ سڄي مخلوق ان ۾ اچي وئي. هر هڪ پنهنجي مرتبي وجود جي مناسب ۽ مطابق ان جي تسبيح پڙهي ۽ ذڪر ڪري ٿو. خواه قال جي زبان سان ڪري يا حال جي زبان سان، موجودات عالم جو ذرو ذرو پنهنجي حدوث ۽ امڪان جي بنا تي مطلق صانع جي نہ صرف واجب الوجود هجڻ جي بلڪہ سندس هڪ هجڻ جي ڪليل شاهدي ڏئي رهيو آهي محققن، عارفن صراحت سان فرمايو آهي ۽ اهائي ڳالهہ دل کي بہ لڳي ٿي تہ آيت ۾ آيل تسبيح جو

لفظ پنهنجي عموم سان قال واري، حال واري، حقيقي ۽ حڪمي سڀني تسبيحن کي شامل آهي مطيعن جي تسبيح قال واري ۽ حقيقي هوندي آهي ۽ غير مطيعن جي صرف حالي ۽ حڪمي هوندي آهي. ۽ پر نٿا سمجهو ۾ مشرڪن کي خطاب آهي. تہ اوهان جون اکيون پٽي ٻڌل ۽ اوهان جا عقل پردي پيل آهن جو ڪابہ ڳالهہ سمجهو نٿا. ۽ نہ انهن دليلن کي سوچيو ٿا. (١).

الله تعالىٰ بردبار آهي جو اوهان کي تکڙو عذاب نٿو ڪري ۽ بخشڻهار آهي جو جيڪڏهن هاڻي بہ ڪفر ۽ شرڪ کان توبہ ڪندؤ تہ اوهان کي اڳيان قصور بخش ڪري ڇڏيندو "وَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا بَيْنَكَ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا." ۽ جڏهن تون قرآن ٿو پڙهين تہ اسين تنهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ لڪل پردو ڏئي ٿا ڇڏيون، جيڪي آخرت تي ايمان نٿا آڻين. يعني اوهان جڏهن انهن ڪافرن کي ديني دعوت ڏيڻ ۽ توحيد جي عقيدي کي مڃڻ لاءِ قرآن پڙهي ٿا ٻڌايو تہ سندن ئي نيتن کي ڏسي تہ اهي مومن نہ ٿيندا انهن جي ۽ اوهان جي وچ ۾ اهڙو لڪل پردو آڻي ٿا ڇڏيون جو قرآن ڪريم سمجهڻ تہ ڇا ان جو ارادو بہ نٿا ڪن "وَجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا" ۽ اسان انهن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن تہ ان کي سمجهن ۽ انهن جي ڪنن ۾ گهرائي پيدا ڪري ڇڏي اٿون. "اَكِنَّةً" ڪنان جو جمع آهي. اهڙو پردو جيڪو دلين کي ڍڪي. "وَقْرًا" اهڙي ڳرائي يا گهراهٽ جيڪا قرآن ڪريم جي ٻڌڻ کان روڪي. مطلب تہ انهن جون دليون قرآن سمجهڻ کان قاصر ۽ انهن جا ڪن قرآن ڪريم ٻڌي هدايت قبول ڪرڻ کان عاجز آهن "وَاِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِي الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا" ۽ جڏهن پنهنجي اڪيلي رب کي قرآن ۾ ياد ڪرين ٿو تہ نفرت ڪندي پنهنجيون پٺيون ڦيرائي هليا وڃن ٿا. مطلب تہ انهن کي الله جي توحيد واري عقيدي کان ايتري نفرت آهي جو ان کي ٻڌندي ئي نفرت ڪري ڀڄن ٿا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا واضح ٿيا. ١- "وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ" ۽ ڪابہ شيءِ اهڙي ناهي مگر اها ان جي تسبيح پڙهي ٿي) مان ثابت ٿيو تہ ڪافر، جن ۽ انسان کان سواءِ هر شيءِ الله جل شانه جي پاڪائي بيان ڪري ۽ سمجهي ٿي. جانورن مان ڪتو ۽ گڏهہ تسبيح نہ پڙهندا آهن. (٢).

غالبًا ان جو سبب هي آهي تہ گڏهہ شيطان جي ڏسڻ کان سواءِ هينگ نہ ڪندو آهي ۽

(١) التفسير الڪبير صہ٢١٩ جزءِ ٢٠ (٢) فتح القدير صہ٢٣٢ جلد٣

ڪتي جي خلقت ۾ شيطان جي ٽڪ ملڻ جو اثر آهي. (١)
٢- الله جل شانه جي تسبيح "سُبۡحَانَ اللهِ وَبِحَمۡدِهٖ سُبۡحَانَ اللهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ" پڙهڻ نهايت اعليٰ ۽ عمدو ورد آهي جيڪو هر مخلوق پڙهي ٿي. ان جي ڪري انسانن کي بہ اهو گهڻو پڙهڻ گهرجي. ٣- "تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبۡعُ" (ان جي لاءِ ست آسمان تسبيح پڙهن ٿا) مان واضح ٿيو تہ ستن جو انگ الله جل جلالہ کي گهڻو پيارو آهي. آسمان ست، زمينون ست، سياره ست، سمنڊ ست، صفا مروه ۾ ڊوڙڻ ۽ ڪعبه جي طواف جا چڪر ست، حج جي دوران جمرن کي هڻڻ جي لاءِ بہ پٿريون ست، قرآن ڪريم جون منزلون ست، قراءتون ست، جنتون ست، دوزخ جا طبقا ست اصحاب ڪهف ست. (٢).

نَحۡنُ اَعۡلَمُ بِمَا يَسۡتَمِعُوۡنَ بِهٖۤ اِذۡ يَسۡتَمِعُوۡنَ اِلَيۡكَ وَاِذۡ هُمۡ

اسين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيون جو ڪن ڏيئي ٻڌن ٿا ان کي جڏهن ڪن ڏيئي ٻڌن ٿا توڏانهن ۽ جڏهن اهي

نَجۡوٰۤى اِذۡ يَقُوۡلُ الظّٰلِمُوۡنَ اِنۡ تَتَّبِعُوۡنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسۡحُوۡرًا ﴿٤٧﴾ اُنۡظُرۡ

لڪل مشورو ڪندڙ آهن جڏهن چون پيا ظالم تہ نٿا تابعداري ڪيو مگر مڙس جادو ڪيل جي ڏس تہ

كَيۡفَ ضَرَبُوۡا لَكَ الۡاَمۡثَالَ فَضَلُّوۡا فَلَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ سَبِيۡلًا ﴿٤٨﴾

ڪهڙي نموني هنيائون تولاءِ مثال پوءِ گمراهہ ٿيا پوءِ نہ وٺي سگهندا (سڌي) واٽ ۽

وَقَالُوۡۤا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبۡعُوۡثُوۡنَ خَلۡقًا جَدِيۡدًا ﴿٤٩﴾

چيائون تہ ڇا جڏهن هونداسون هڏا ۽ ذرا ذرا ڇا يقينًا اسين البتہ اٿاريل آهيون پيدائش نئين.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ڪافر جي نہ ٻڌڻ ۽ نہ سمجهڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ رب العزة جل شانه پنهنجي ٻڌڻ واري شان کي بيان ڪيو آهي. ارشاد

(١) نعيمي صہ ٢٠٩جلد ١٥ (٢) ساڳيو حوالو

مبارڪ آهي "نَحۡنُ اَعۡلَمُ بِمَا يَسۡتَمِعُوۡنَ بِهٖۤ اِذۡ يَسۡتَمِعُوۡنَ اِلَيۡكَ وَاِذۡ هُمۡ نَجۡوٰۤى اِذۡ يَقُوۡلُ الظّٰلِمُوۡنَ اِنۡ تَتَّبِعُوۡنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسۡحُوۡرًا" اسين وڏيڪ ڄاڻندڙ آهيون جنهن غرض سان هي ٻڌن ٿا جڏهن تو ڏانهن ڪن ڏئي ٻڌن ٿا ۽ جڏهن اهي لڪي صلاح ڪن ٿا جڏهن ظالم چون ٿا ته اوهان جادو ڪيل شخص کان سواءِ ڪنهن جي تابعداري نٿا ڪريو.

ابن اسحاق ۽ بيهقي دلائل النبوة ۾ زهري کان روايت آندي آهي ته: هڪ رات ابو جهل، ابوسفيان ۽ اخنس بن شريق پنهنجن گهرن مان نڪري نبي ڪريم ﷺ جن جي گهر جي ٻاهران اچي سندن تلاوت ٻڌڻ لڳا. هر هڪ جدا جدا ٿي ويٺو ۽ هڪ ٻئي جي خبر ڪانه هين. پوءِ سڄي رات ٻڌندا رهيا تانجو فجر ٿي وئي جڏهن اٿي روانا ٿيا ته رستي ۾ مليا ته هڪ ٻئي کي ملامت ڪندي چوڻ لڳا: "ٻيهر ائين نه ڪجو" جيڪڏهن اوهان کي قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي ڪنهن ڏسي ورتو ته اهو شڪ ۾ پئجي ويندو ته: پاڻ قرآن ٻڌن ٿا اسان کي جهلين ٿا. ان کان بعد هرڪو هليو ويو جڏهن ٻي رات ٿي ته: ٽئي ڄڻا ساڳين جاين تي ويهي قرآن ٻڌڻ لڳا ۽ فجر کان پوءِ وري واٽ تي مليا. ساڳي گفتگو ڪري هليا ويا. ٽين رات ٿي ته به سڄي رات ٻڌي فجر مهل اٿي رستي تي مليا. پوءِ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته: اسين ائين نه مڙنداسين اچو ته نه اچڻ جي لاءِ پڪو عهد ڪريون، پوءِ اهو عهد ڪري هڪ ٻئي کان جدا ٿيا ان کان پوءِ اخنس بن شريق ابوسفيان جي گهر اچي ڪانئس پڇيائين ته: جيڪو ڪجهه ٽي راتيون (حضرت) (مصطفىٰ ﷺ) جن کان ٻڌئي ان جي لاءِ تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ ان چيو ته ڪي اهڙيون ڳالهيون ٻڌم جن کي مان سڃاڻان ٿو ۽ جيڪا انهن مان مراد آهي اها به سڃاڻان ٿو ۽ ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن جو نه اهي سڃاڻان ٿو ۽ نه انهن مان جيڪا مراد آهي سا ٿو سڃاڻان. اخنس چيو ته: مان به ان حال ۾ آهيان. ان کان پوءِ ابوجهل وٽ آيو ۽ ان کان به ساڳيو سوال ڪيائين. ان چيس ته: اسان جو ۽ بني عبدمناف (نبي پاڪ ﷺ جن جي قبيلي) جو شرف ۽ شان جي بلنديءَ ۾ جهيڙو آهي هر ڳالهه ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪندا آيا آهيون پر هاڻي انهن مان هڪ نبوت جي دعوىٰ ڪئي آهي سو ان کي اسين ڪيئن پهچنداسون الله جو قسم آهي ته نه ان تي ايمان آڻينداسون نه ان کي سچو چونداسون. پوءِ اخنس ان وٽان اٿي هليو ويو. (١).

هتي انهن جي ان صلاح ۽ مشوري جو ذڪر هلي رهيو آهي. هڪ روايت ۾ آهي ته هڪ دفعي عتبه ڪافر قريشي سردارن جي دعوت ڪئي. نبي پاڪ ﷺ جن به

(١) الدرالمنثور صـ٢٩٨ جلد٥.

اتي وجي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي. ڪافر پاڻ ۾ آهستي آهستي ڳالهائي چوڻ لڳا تہ: هن ڪي ڪنهن جادو ڪيو آهي تڏهن تہ اهڙيون ڳالهيون ڪري. (١)

الله تعالىٰ فرمايو تہ! اي حبيب پاڪ! ﷺ اهي ڪافر خفيہ طريقي جيڪو ڪجهہ ٻڌن ٿا پاڻ ۾ چون ٿا اسين اهو سڀ ڪجهہ سيني ڪان وڌيڪ ڄاڻون ٿا اهي ظالم حق ۽ انصاف ڪان پري رهي اوهان کي جادو ڪيل چون ٿا. "اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا" ڏس تہ تنهنجي لاءِ ڪيئن ٿا مثال ڏين پوءِ گمراهہ ٿي ويا (سڌي) واٽ وني نٿا سگهن. يعني اهي اوهان کي ڪڏهن جادو ڪندڙ تہ ڪڏهن جادو ڪيل ڪڏهن مجنون تہ ڪڏهن پوپو ٿا چون ۽ اهڙا گمراهہ ٿي ويا آهن جو هدايت وارو رستو وٺي نہ سگهندا. "وَقَالُوْا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا" ۽ چون ٿا تہ ڇا جڏهن اسين هڏا ۽ ذرا ذرا هونداسين نئين طرح پيدا ٿي اٿاريا ويندا سون؟ اهو ڪيئن ٿي سگهندو؟ هي استفهام انڪاري آهي يعني جڏهن اسين هڏا ۽ ذرا ذرا هونداسون تہ وري نئين طرح پيدا ٿي اٿڻ نهايت پرانهين ۽ نہ تيڻ جهڙي ڳالهہ آهي. (٢).

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "اِذْ يَقُوْلُ الظّٰلِمُوْنَ" (جڏهن ظالم چون پيا) مان ثابت ٿيو تہ نبي پاڪ ﷺ جن جو گستاخ ڪير بہ هجي ۽ اها گستاخي ڪٿي ۽ ڪڏهن بہ ڪري اهو وڏو ظالم آهي.

٢- نبي پاڪ ﷺ جن جي گستاخي ڪندڙ جو رد رب العزة جل شانه پاڻ ڪندو آهي جيئن هن آيت ۾ انهن مسحور چوڻ وارن جو رد ڪري ڪين "فَضَلُّوْا" (پوءِ گمراہ ٿيا) سڏيو ويو آهي.

قُلْ كُوْنُوْا حِجَارَةً اَوْ حَدِيْدًا ۝ اَوْ خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ فِيْ صُدُوْرِكُمْ

فرماءِ تہ ٿي پئو پٿر يا لوهہ يا مخلوق ان مان وڏي ٿي لڳي سينن اوهان جن ۾

فَسَيَقُوْلُوْنَ مَنْ يُّعِيْدُنَا قُلِ الَّذِيْ فَطَرَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ

پوءِ عنقريب چوندا تہ ڪير وري پيدا ڪندو اسان کي فرماءِ تہ: اهو (الله) جنهن پيدا ڪيو اوهان کي پهرئين ڀيري پوءِ

(١) ضياءالقرآن صـ٦٦٤ جلد ٢. (٢) تفسير ابي السعود صـ١٧٦ جزء٥.

فَسَيُنۡغِضُوۡنَ اِلَيۡكَ رُءُوۡسَهُمۡ وَيَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هُوَ ؕ قُلۡ

جلد لوڏيندا توڏانهن مٿا پنهنجا ۽ چوندا تہ ڪڏهن آهي اهو؟فرماءِ تہ:

عَسٰٓى اَنۡ يَّكُوۡنَ قَرِيۡبًا ﴿٥١﴾ يَوۡمَ يَدۡعُوۡكُمۡ فَتَسۡتَجِيۡبُوۡنَ

اميد آهي تہ هوندو ويجهو جنهن ڏينهن سڏيندو اوهان کي پوءِ حڪم قبول ڪندؤ

بِحَمۡدِهٖ وَتَظُنُّوۡنَ اِنۡ لَّبِثۡتُمۡ اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿٥٢﴾ ع٥

حمد ان جي سان ۽ گمان ڪندؤ اوهان تہ نہ رهيئو مگر ٿورو وقت.

تفسير

پهريائين ذڪر ڪيل آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ: الله تعالىٰ هر شخص جي هر هڪ ڳالهہ ٻڌندڙ آهي ۽ هنن آيتن ۾ ارشاد ٿي رهيو آهي تہ اي ڪافرو! اوهان ڀلي ساهہ پٿر يا لوهہ ٿي وڃو تہ بہ الله تعالىٰ اوهان جي حال کان باخبر آهي ۽ اهو اوهان کي وري نئين صورت ڏيئي ميدان ۾ آڻي سگهي ٿو. فرمان مبارڪ آهي "قُلۡ كُوۡنُوۡا حِجَارَةً اَوۡ حَدِيۡدًا اَوۡ خَلۡقًا مِّمَّا يَكۡبُرُ فِيۡ صُدُوۡرِكُمۡ ۚ فَسَيَقُوۡلُوۡنَ مَنۡ يُّعِيۡدُنَا ؕ قُلِ الَّذِيۡ فَطَرَكُمۡ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ" فرماءِ تہ: اوهان پٿر يا لوهہ ٿي پئو يا ڪا اهڙي مخلوق جيڪا اوهان جي سينن ۾ وڏي ٿي محسوس ٿئي پوءِ جلد چوندا تہ اسان کي ٻيهو پيرو وري ڪير پيدا ڪندو؟ فرماءِ تہ اهو (الله) جنهن اوهان کي اول پيدا فرمايو. (اهوئي اوهان کي وري پيدا ڪري سگهي ٿو. هن آيت ۾ انهن سان خطاب آهي جيڪي الله جل شانہ جي وجود جا منڪر نہ هئا پر قبرن مان نڪرڻ ۽ محشر جي ميدان جا انڪاري هئا. انهن سوال ڪيو هو تہ: جيڪڏهن اسين پٿر يا لوهہ وغيره ٿي وڃون جيئن قرآن ڪريم فرمايو آهي تہ پوءِ اسان کي ڪير وري وجود ڏيندو؟ الله جل جلالہ فرمايو تہ (اي پيارا حبيب! ڪريم ﷺ) اوهان انهن کي چئو تہ: اوهان کي اهو الله واپس ورائي وجود ڏيندو جنهن اوهان کي اول وجود ڏنو جڏهن اوهان ڪجهہ بہ نہ هئا. ۽ اوهان کي اول پيدا ڪرڻ واري جي قدرت ساڳي قائم ۽ دائم آهي "فَسَيُنۡغِضُوۡنَ اِلَيۡكَ رُءُوۡسَهُمۡ

"وَيَقُوْلُوْنَ مَتىٰ هُوَ" پوءِ جلد اوهان ڏانهن پنهنجا مٿا لوڏيندا ۽ چوندا تہ اهو ڪڏهن آهي؟ مطلب تہ جڏهن قيامت قائم ٿيڻ جي امڪان واري مسئلي تي لاجواب ٿيندا تہ پوءِ ڪنڌ لوڏي سندن اڳيان چوندا تہ پلا اهو قيامت جو ڏينهن ڪڏهن آهي؟ ۽ اهو سندن ڪنڌ لوڏڻ انڪار ۽ منهن موڙڻ جي ارادي سان هوندو. (١). "قُلْ عَسىٰ اَنْ يَّكُوْنَ قَرِيْبًا" فرماءِ تہ: اميد تہ ويجهي آهي يعني اوهان کي جيئرو ڪري قبرن مان اٿارڻ جو وقت پري ناهي ويجهو آهي. (٢).

"يَوْمَ يَدْعُوْكُمْ فَتَسْتَجِيْبُوْنَ بِحَمْدِهٖ وَتَظُنُّوْنَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا" جنهن ڏينهن اوهان کي سڏيندو تہ پوءِ اوهان ان جو حمد ڪندي قبول ڪندؤ. مطلب تہ: جڏهن اوهان کي حساب ڪتاب جي لاءِ قبرن مان نڪري محشر جي ميدان ۾ اچڻ لاءِ سڏيندو تہ: اوهان ان جي سڏ کي سندس قدرت جي ڪمال تي حمد ڪندي جيءِ چوندؤ. قبول ڪنديءِ نڪري ايندؤ ۽ اقرار ڪندؤ تہ اهو اسان جو خالق ۽ قبرن مان اٿاريندڙ آهي. مگر ان وقت اهو حمد ڪرڻ ڪين نفعو نہ ڏيندو. ۽ ڪي مفسر فرمائين ٿا تہ: هي خطاب مومنن سان آهي جيڪي الله جل جلالہ جو حمد ڪندي قبرن مان اٿندا. ۽ اهو گمان ڪندا تہ قبرن ۾ يا دنيا ۾ تمام ٿورو عرصو رهيا هئا. (٣).

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا سمجهہ ۾ اچن ٿا. ١- "قُلْ كُوْنُوْا حِجَارَةً اَوْ حَدِيْدًا" (فرماءِ تہ پٿر يا لوهہ ٿي پئو) مان واضح ٿيو تہ پٿرءِ لوهہ بي ساهہ شيون آهن. حقيقي طرح روح حيوانات ۾ آهي مجازي حياتي جسم نامي جي آهي.

٢- "بِحَمْدِهٖ" (ان جو حمد ڪندي) مان واضح ٿيو تہ مسلمان کي غفلت جي زندگي ڇڏي حمد، تسبيح، عبادت ۽ ذڪر واري زندگي اختيار ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ قبرن مان اٿڻ وقت بہ هر ڪو حمد الاهي ڪندو.

وَقُلْ لِّعِبَادِيْ يَقُوْلُوا الَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ

۽ چئو منهنجن ٻانهن کي تہ ڳالهائين اهو جيڪو گهڻو سهڻو آهي بيشڪ شيطان جهيڙو ٿو وجهي

(١) حاشيہ دريابادي صـ٥٨٨. (٢) المظهري صـ٤٤٧ جلد٥.
(٣) المظهري صـ٤٧٧ جلد ٥.

بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿٥٣﴾ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ

انهن ۾ بيشڪ شيطان آهي انسان جي لاءِ دشمن پڌرو، رب اوهان جو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي

بِكُمْ ؕ اِنْ يَّشَاْ يَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ يَّشَاْ يُعَذِّبْكُمْ ؕ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ

اوهان کي جيڪڏهن چاهيندو ته رحم ڪندو اوهان تي يا جيڪڏهن گهرندو ته عذاب ڪندو اوهان تي ۽ نه

عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿٥٤﴾ وَرَبُّكَ اَعْلَمُ بِمَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

موڪليوسون توکي انهن تي ڪارساز بنائي ۽ رب تنهنجو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي انهن کي جيڪي

وَلَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيّٖنَ عَلٰى بَعْضٍ وَّاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿٥٥﴾

آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ البته تحقيق پلو بنايوسون ڪِن نبين کي ٻين ڪان ۽ ڏنوسون دائود کي زبور.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيل آيتن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن کي ڪافرن سان خطاب جو حڪم هو ۽ هنن آيتن ۾ ڪين مومنن سان خطاب جو حڪم ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقُلْ لِّعِبَادِيْ يَقُوْلُوا الَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِيْنًا" ۽ منهنجن ٻانهن کي فرماءِ ته: اهو ڳالهائين جيڪو تمام سهڻو آهي يقينًا شيطان انهن ۾ جهيڙو ٿو وجهي بلاشڪ شيطان انسان جو پڌرو دشمن آهي. هن آيت ۾ رب العزة جل جلاله محبوب پاڪ ﷺ جن کي فرمايو آهي ته: اوهان منهنجن ٻانهن کي چئو ته ڳالهائڻ ۾ سخت ڪلامي نه ڪن ۽ نه گار گند ڏين ڇو ته ان سان نڪو قلعو فتح ٿيندو ۽ نڪو ٿڌي ذهن سان سوچڻ لاءِ تيار ٿي ويهندو، بلڪه ان گندي گفتگوءَ ذريعي شيطان ماڻهن ۾ جهيڙا ۽ ويڙهه برپا ڪندو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڪئين قبيلا تباهه ٿي ويندا آهن انسان جو ڪليل ۽ چٽو دشمن شيطان آهي ان جي مڪر ڪان بچڻ گهرجي. الله جي ٻانهن کي گهرجي ته اهي دشمن سان به سهڻي انداز ۾ پيش اچن. حضرت امام حسن بصري عليه الرحمته فرمايو آهي ته. سهڻي

ڳالهائڻ جو مطلب آهي جيڪڏهن هو بڙا الفاظ چوي تہ بہ تون نہ چئو. بلڪہ تون ان جي لاءِ مغفرت ۽ رحمت جي دعا ڪندي "يَرْحَمُكَ اللهُ، يَغْفِرُاللهُ لَكَ"، چوندو ڪر. (١).

"رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ، اِنْ يَّشَاْ يَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ يَّشَاْ يُعَذِّبْكُمْ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا" اوهان جو رب اوهان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪڏهن گهري تہ اوهان تي رحم ڪري ۽ جيڪڏهن گهري تہ اوهان کي عذاب ڪري ۽ اسان توکي انهن جي مٿان ڪارساز ڪري نہ موڪليو آهي. يعني الله جل شانه اوهان جي هر حال کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن گهري تہ اوهان کي ايمان آڻڻ جي توفيق عطا ڪري اوهان تي رحم ڪري ۽ جيڪڏهن گهري تہ اوهان کي ڪفر تي موت ڏئي هميشہ واري عذاب ۾ وجهي ڇڏي. (٢). ۽ اسان اوهان کي انهن جي عملن جو محافظ يا سندن معاملن جو ڪارساز ڪري نہ موڪليو آهي. (٣).

"وَرَبُّكَ اَعْلَمُ بِمَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيّٖنَ عَلٰى بَعْضٍ وَّاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا" ۽ تنهنجو رب انهن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ البتہ يقيناً اسان بعضي نبين کي بعض کان ڀلو بنايو آهي ۽ اسان دائود کي زبور ڏنو هو. يعني الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين ۾ موجود مخلوق کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ اهو پنهنجي علم محيط سان نبين عليهم الصلوٰة والسلام کي نبوت سان نوازي هڪڙن کي ٻين کان ڀلو بنائي ٿو. ۽ اسان دائود کي زبور عطا فرمايو.

حضور ڪريم ﷺ جن سيني نبين کان افضل آهن

مفسرن سڀني لکيو آهي تہ: هيءَ آيت انهن ڪافرن جي رد ۾ نازل ٿي آهي جيڪي نبي پاڪ ﷺ جن جي ڀلي هجڻ جا منڪر هئا نبين عليهم الصلواة والسلام جن جي ڀلي هجڻ جا منڪر هئا نبين عليهم الصلواة والسلام جي ذات جسماني تعلقات کان آزاد ٿي نفساني فضائل حاصل ڪيا ۽ ان علم سان سينگاريا ويا جيڪو ڪين وحي جي ذريعي عطا ڪيو ويو هو اهي الله تعالىٰ جي قرب جي مرتبن تي فائز آهن ۽ انهن کان ئي هدايت جا سرچشما جاري ٿيا آهن. الله جل شانه حبيب ڪريم ﷺ جن کي سيني نبين عليهم الصلواة والسلام کان افضل ۽ اعلىٰ بنايو آهي. پاڻ خاتم النبيين آهن، سندن امت ٻين امتن کان ڀلي آهي. ڪين قرآن ڪريم اهڙو پيارو ڪتاب عطا ٿيل آهي جنهن جهڙو ڪوبہ ڪتاب نہ آهي. الله تعالىٰ نبي ڪريم ﷺ جن کي "ثُمَّ دَنٰى فَتَدَلّٰى فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى" جي اعلىٰ مرتبي تي فائز فرمايو. (١).

(١) الدرالمنثور صـ٣٠١ جلد ٥ (٢) الخازن صـ١٦٧ جلد ٣. (٣) معالم التنزيل صـ١٦٧ جلد٥.

حضرت داؤد عليه السلام جن کي عطا ٿيل زبور جو بيان

مفسرين عظام عليهم الرحمة لکيو آهي تہ: زبور الله تعالیٰ جو ڪتاب آهي جيڪو حضرت داؤد عليه السلام تي نازل ٿيو ان ۾ هڪ سئو پنجاهہ (١٥٠) سورتون آهن ۽ اهي سڀئي سورتون صرف دعا حمد ۽ ثناء تي مشتمل آهن انهن ۾ حلال، حرام، فرائض ۽ حدود جو ذڪر ناهي. ۽ هتي زبور جو ذڪر ان جي ڪري آندو ويو آهي جو ان ۾ رسول الله ﷺ جن جي متعلق اهو بيان هو تہ پاڻ پيغمبر هجڻ سان گڏ ملڪ ۽ سلطنت جا صاحب هوندا(١) جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي "وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِى الزَّبُوْرِ مِنْ بَعْدِالذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصَّالِحُوْنَ". (٢).

۽ اسان زبور ۾ ذڪر کان بعد لکيو آهي تہ زمين جا وارث اسان جا صالح ٻانها ٿيندا. هلندڙ دور ۾ جيڪو زبور دنيا ۾ ڪٿي ڪٿي آهي ان ۾ بہ اهو ذڪر موجود آهي. (٣).

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "قُلْ لِّعِبَادِيْ" (منهنجن ٻانهن کي چئو) هي الفاظ مختصر مگر شريعت ۽ طريقت جا جامع آهن عقائد عبادات ۽ معاملات جا تقريبًا سڀ احڪام اهڙي سهڻي نموني سان بيان ڪرڻ گهرجن جو ٻڌندڙ پاڻ ئي متوجہ رهي.

٢- "وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا". (۽ اسان توکي انهن تي ڪارساز ڪري نہ موڪليو آهي) مان واضح ٿيو تہ نبي ڪريم ﷺ جن ڪافرن جا وڪيل ناهن پر مومنن تي مهربان ۽ انهن جا شفيع آهن.

٣- "اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ" (يقينًا شيطان انهن ۾ جهيڙو پيدا ڪندو) مان واضح ٿيو تہ ٻن کي ويڙهائڻ، چغلخوري ڪرڻ شيطان جو ڪم آهي ايمان‌دارن کي اهڙو ڪم ڪرڻ نہ گهرجي.

قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا يَمْلِكُوْنَ كَشْفَ الضُّرِّ

فرماءِ تہ: سڏيو انهن کي جو (معبود) سمجهيا اوهان سواءِ ان (الله) جي پوءِ نہ مالڪ ٿيندا تڪليف ڪولڻ جا

(١) المظهري صـ٤٤٩ جلد ٥ (٢) سورة الانبياء آيت ١٠٥

عَنْكُمْ وَلَاتَحْوِيْلًا ﴿٥٦﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ يَبْتَغُوْنَ اِلٰى

اوهان کان ۽ نہ ڦيرائڻ جا اهي جن کي پوڄين ٿا طلب ڪن ٿا

رَبِّهِمُ الْوَسِيْلَةَ اَيُّهُمْ اَقْرَبُ وَيَرْجُوْنَ رَحْمَتَهٗ وَيَخَافُوْنَ عَذَابَهٗ

رب پنهنجي ڏانهن وسيلو تہ ڪير انهن مان وڌيڪ ويجهو آهي ۽ اميد رکن ٿا رحمت ان جي ۾ ۽ ڊڄن ٿا عذاب ان جي کان

اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحْذُوْرًا ﴿٥٧﴾ وَاِنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اِلَّا نَحْنُ

بيشڪ عذاب رب تنهنجي جو آهي خطرناڪ ۽ ناهي ڪو ڳوٺ مگر اسين

مُهْلِكُوْهَا قَبْلَ يَوْمِ الْقِيَامَةِ اَوْمُعَذِّبُوْهَا عَذَابًا شَدِيْدًا كَانَ

هلاڪ ڪندڙ ان جا آهيون اڳي ڏينهن قيامت جي يا عذاب ڪندڙ ان جا عذاب سخت آهي

ذٰلِكَ فِى الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ﴿٥٨﴾

اهو ڪتاب ۾ لکيل آهي.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ بتن ۽ شيطان کان بچڻ جو حڪم هو ۽ هنن آيتن ۾ ان جي پوئلڳن کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ انهن کي سڏي ڏسو تہ اوهان جي تڪليف نہ لاهي سگهندا. فرمان مبارڪ آهي "قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا يَمْلِكُوْنَ كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَلَاتَحْوِيْلًا" فرماءِ تہ: جن کي ان (الله) کان سواءِ (معبود) سمجهو ٿا انهن کي سڏيو پوءِ اهي نہ اوهان کان تڪليف لاهڻ جا مالڪ ٿي سگهندا ۽ نہ (اهي اوهان کان تڪليف) ڦيرائي سگهندا. مطلب تہ سچو معبود ۽ برحق الله اهو آهي جيڪو ڀانهن تان ڏک لاهي، تڪليفون دفع ۽ دور ڪري اوهان جن بتن ۽ شيطان کي معبود بنائي انهن جي پوڄا ۽ فرمانبرداري ڪريو ٿا انهن کي سڏي ڏسو. يقينًا اهي نہ اوهان جي تڪليف دور ڪري سگهندا ۽ نہ اها تڪليف اوهان کان

ڦيرائي ڪنهن ٻئي ۾ وجهي سگهندا. ۽ جڏهن انهن جو اهو حال آهي تڏهن اهي عبادت جا حقدار ڪيئن ٿي سگهندا؟ "أُولَٰئِكَ الَّذِينَ يَدْعُونَ يَبْتَغُونَ إِلَىٰ رَبِّهِمُ الْوَسِيلَةَ أَيُّهُمْ أَقْرَبُ وَيَرْجُونَ رَحْمَتَهُ وَيَخَافُونَ عَذَابَهُ ۚ إِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحْذُورًا" جن کي پوڄين ٿا اهي پاڻ پنهنجي رب ڏانهن وسيلو طلب ڪن ٿا ته انهن مان ڪير وڌيڪ ويجهو آهي ان جي رحمت ۾ اميد رکن ٿا ۽ ان جي عذاب کان ڊڄن ٿا بلاشڪ تنهنجي رب جو عذاب خطرناڪ آهي.

شان نزول

مذڪوره آيت جي شان نزول ۾ مختلف روايتون آيل آهن.

١- ابن جرير، ابن مردويہ، ابونعيم ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: عربن مان هڪڙا قبيلا جنن جي عبادت ڪندا هئا پوءِ اهي جن مسلمان ٿي ويا ۽ هي عرب انهن جي پوڄا ۾ رهيا. انهن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي.

٢- ابن جرير حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: عرب جا ڪي قبيلا، ملائڪن جي عبادت ڪندا هئا انهن جي باري ۾ هي ارشاد نازل ٿيو آهي.

٣- ابن جرير، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آندي آهي تہ: مشرڪ ملائڪن، حضرت عيسىٰ ۽ حضرت عزيز عليهم السلام جن جي عبادت ڪندا هئا انهن جي بيان ۾ هي فرمان الاهي نازل ٿيو آهي. (١).

جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ: مشرڪ جن کي پنهنجو معبود بنائي سندن پوڄا ڪن ٿا اهي سندن معبود پاڻ ئي الله جل جلاله جي دربار ۾ وسيلو طلب ڪن ٿا تہ ڪير منجهائن الله ڏانهن وڌيڪ ويجهو آهي ان جي رحمت ۾ اميد وار ان جي عذاب کان ڊڄندڙ آهن ڇوتہ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو شڪ ۽ شبهو ناهي تہ الله جل جلاله جو عذاب نهايت اهڙو خطرناڪ آهي جنهن کان ڊڄڻ گهرجي.

وسيلي مان مراد ڇا آهي

ترمذي ۽ ابن مردويه (۽ هي لفظ ان جي روايت جا آهن) حضرت ابوهريرة رضى الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو "سلوالله لي الوسيلة قالوا وما الوسيلة قال القرب من الله ثم قرء يبتغون" الاية. (١).

(١) الدرالمنثور صہ٣٠٥ جلد٥.

مون لاءِ الله کان وسيلو گهرندا ڪريو. (اصحابن) عرض ڪيو تہ: وسيلو ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: الله جي بارگاهہ ۾ ويجهڙائي. ان کان پوءِ مذڪوره آيت پڙهيائون (١) مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ: آيت جي معنيٰ هيءَ آهي تہ: ڪافر جن ملائڪن، نبين حضرت عيسيٰ ۽ عزيزعليهما السلام ۽ جنن وغيرهم کي پوڄين ٿا. اهي پاڻ ان طلب ۽ تلاش ۾ آهن تہ ڪير الله جل شانه جو وڌيڪ مقرب آهي؟ تہ ان جو وسيلو وٺون. (٢). علامه خازن لکيو آهي تہ "ايهم اقرب معناه ينظرون ايهم اقرب الى الله فيتوسلون به" (٣).

يعني ان جي معنيٰ آهي تہ: اهي ڏسن ٿا تہ ڪير الله ڏانهن وڌيڪ ويجهو آهي پوءِ ان کان وسيلو وٺن چاڻ گهرجي تہ وسيلو نيڪ ۽ صالح ٻانها بہ آهن ۽ نيڪ صالح عمل بہ آهن. مفسرن سڀورن ٻئي وسيلا مراد ورتا آهن. نيڪ ٻانهن جو وسيلو تہ مٿين حوالن مان واضح آهي ۽ نيڪ عملن جو وسيلو بہ مفسرن ڀلارن لکيو آهي. علامہ محمد امين شنقيطي لکيو آهي تہ "هوالقرب الى الله بالعمل الصالح". (۴). يعني الله تعاليٰ ڏانهن صالح عمل سان ويجهو ٿيڻ وسيلو آهي. علامہ اسماعيل حقي عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ: اما الانبياء وورثتهم الكمل فوسائط بين الله تعالىٰ وبين الخلق ولابدمن طاعتهم من حيث نبوتهم ووراثتهم ومن التقرب اليهم لتحصيل الزلفىٰ" (٥). يعني انبياءَ (عليه السلام) ۽ انهن جا ڪامل وارث الله تعاليٰ ۽ خلق جي وچ ۾ واسطو آهن انهن جي نبوت ۽ نبوت جي وراثت جي لحاظ سان فرمانبرداري ۽ الله تعاليٰ ڏانهن ويجهي ٿيڻ جي لاءِ تقرب ضروري آهي.

علامه شبير احمد عثماني مذڪوره آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ: ان مين جو زياده مقرب هين وه هي زياده قرب الاهي کے طالب رهتے هين اور سوچتے هين کے کسي سب سے زياده مقرب بندے کي دعا وغيره کو حصول قرب کا وسيلہ بنائين. (٦).
مذڪوره حوالن مان اهائي ڳالهہ ثابت آهي تہ نيڪ عمل ۽ نيڪ ٻانها ٻئي الله جي بارگاه ۾ وسيلو آهن جن جي ذريعي الله تعاليٰ جي محبوبيت، مقبوليت ۽ قرب الاهي حاصل ٿيندو آهي: "وَاِنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اِلَّا نَحْنُ مُهْلِكُوْهَا قَبْلَ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ اَوْمُعَذِّبُوْهَا عَذَابًا شَدِيْدًا كَانَ ذٰلِكَ فِى الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا" ۽ ڪوبہ ڳوٺ ناهي مگر اسين قيامت جي

(١) الدرالمنثور صـ٣٠٦ جلد ٥. (٢) المظهري صـ۴٥٠ جلد ٥.
(٣) الخازن صـ١٦٨ جلد ٣. (۴) اضواءالبيان صـ٦٠٠ جلد ٣.
(٥) روح البيان صـ١٧٥ جلد٥. (٦) حاشيہ عثمانيہ صـ٣٨٢.

ڏينهن کان اڳي ان کي هلاڪ ڪندڙ يا سخت عذاب ڪندڙ آهيون، اهو ڪتاب ۾ لکيل آهي. مطلب ته دنيا ۾ ڪوبه اهڙو ڳوٺ نه هوندو جنهن کي اسين قيامت کان اڳ ۾ هلاڪ ۽ برباد نه ڪنداسون، جو حضرت اسرافيل عليه السلام جي ڦوڪ سان سڀ ڳوٺ ۽ انهن ۾ رهندڙ سڀ هلاڪ ٿي ويندا. بلڪه ان ڦوڪ سان جن ۽ ملائڪ به فنا ٿي ويندا. يا قيامت تائين ٿيندڙن ڪافرن کي ظاهر ۾ زمين تي ۽ باطني طور مرڻ وقت ۽ قبر ۾ نهايت سخت عذاب ڏينداسين. اهو فيصلو اٽل ۽ لوح محفوظ يا قرآن ڪريم ۾ لکيل آهي. (١).

حضرت عبادة بن صامت رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته: مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو: پاڻ فرمايائون ته: الله تعالیٰ اول قلم کي پيدا ڪري ان کي فرمايائين ته "لک" ان عرض ڪيو ته: ڇا لکان؟ (الله جل جلاله) فرمايس ته: تقدير لک ۽ جيڪو قيامت تائين ٿيندو رهندو اهو به لک. اخرجه الترمذي. (٢).

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- "يَبْتَغُوْنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الْوَسِيْلَةَ" (پنهنجي رب ڏانهن وسيلو طلب ڪن ٿا) مان واضح ٿيو ته: الله جي ذات پاڪ ڏانهن تقرب حاصل ڪرڻ جي لاءِ عبادت ۽ عابدن جو وسيلو وٺڻ الله جل شانه جي پيارن جو طريقو ۽ بارگاه ايزديءَ جو مقبول ۽ محبوب رستو آهي.

٢- "يَرْجُوْنَ رَحْمَتَهٗ وَيَخَافُوْنَ عَذَابَهٗ" (ان جي رحمت جي اميد ۽ ان جي عذاب جو خوف رکن ٿا) مان واضح ٿيو ته (الايمان بين الخوف والرجاء) اميد ۽ خوف سان ايمان ڪامل ٿيندو آهي انبياءِ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءِ عظام ۾ اهي ٻئي شيون علیٰ وجه الڪمال موجود آهن.

وَمَا مَنَعَنَآ اَنْ نُّرْسِلَ بِالْاٰيٰتِ اِلَّآ اَنْ كَذَّبَ بِهَا الْاَوَّلُوْنَ ؕ

۽ نه روڪيو اسان کي هن کان جو موڪليون معجزا مگر هن ڳالھ جو ڪوڙو ڪيو انهن کي اڳين

وَاٰتَيْنَا ثَمُوْدَ النَّاقَةَ مُبْصِرَةً فَظَلَمُوْا بِهَا ؕ وَمَا نُرْسِلُ

۽ ڏني اسان ثمود کي ڏاچي روشن (معجزو) ڪري پوءِ ظلم ڪيائون ان سان ۽ نٿا موڪليون

(١) نعيمي صـ٢٥٢ جلد١٥. (٢) المراغي صـ٦٤ جزءُ ١٥ جلد٥

بِالْاٰيٰتِ اِلَّا تَخْوِيْفًا ﴿٥٩﴾ وَاِذْ قُلْنَا لَكَ اِنَّ رَبَّكَ اَحَاطَ

آيتون مگر ڊيڄارڻ جي لاءِ ۽ جڏهن چيوسون توکي تہ بيشڪ تنهنجي رب گهيرو ڪيو

بِالنَّاسِ وَمَا جَعَلْنَا الرُّءْيَا الَّتِيْٓ اَرَيْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً

ماڻهن کي ۽ نہ بڻايوسون ان ڏسڻ کي جيڪو ڏيکاريوسون توکي مگر آزمائش

لِّلنَّاسِ وَالشَّجَرَةَ الْمَلْعُوْنَةَ فِي الْقُرْاٰنِ وَنُخَوِّفُهُمْ

ماڻهن جي لاءِ ۽ وڻ لعنت ڪيل قرآن ۾ ۽ ڊيڄاريون ٿا انهن کي

فَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا طُغْيَانًا كَبِيْرًا ﴿٦٠﴾

پوءِ نٿو وڌائي انهن کي مگر سرڪشي وڏي.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ صالح ٻانها الله تعالىٰ جي قرب حاصل ڪرڻ جي لاءِ وسيلو طلب ڪن ٿا ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ انهن وسيلي وٺندڙ پيارن ٻانهن جي هٿان اسان معجزا ظاهر فرمايا هئا پر سندن امتن نہ مڃيو هو.

شان نزول

حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آهي تہ: هڪ ڀيري مڪه مڪرمه ۾ رهندڙن مشرڪن نبي ڪريم ﷺ جن کان هي معجزو گهريو هو تہ: صفا ۽ مروه کي سونو بنائي ٻين جبلن کي مڪي جي سرزمين کان هٽائي پري ڪيو. انهن جي ان معجزي گهرڻ جي متعلق هي ٻہ آيتون نازل ٿيون هيون. (١).

۽ امام احمد حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما کان هيئن بہ روايت ڪئي آهي تہ: ڪافرن جي ان مطالبي جي ڪري حضور ڪريم ﷺ جن دعا گهري هئي تہ "يا الله! صفا کي سونو بناءِ" الله تعالىٰ جبريل عليه السلام کي موڪليو جنهن اچي ڪين

(١) نعيمي صـ٢٥٧ جلد ١٥.

عرض ڪيو تہ: اللہ اوهان کي سلام چئي فرمايو آهي تہ: جيڪڏهن اوهان گهرو تہ مان صبح جو صفا کي سونو بنايان؟ پر پوءِ بہ جيڪڏهن انهن مان ڪنهن ڪفر ڪيو تہ مان ان کي اهڙو سخت عذاب ڪندس جو اهڙو ڪنهن کي بہ نہ ڪيو هوندم، ۽ جيڪڏهن اوهان گهرو تہ: مان انهن جي لاءِ توبہ ۽ رحمت جا دروازا کوليان؟ پاڻ فرمايائون تہ "يا اللہ! مان انهن لاءِ توبہ ۽ رحمت جا دروازا کولڻ پسند ٿو فرمايان" (١).

فرمان مبارڪ آهي "وَمَا مَنَعَنَآ اَنْ نُّرْسِلَ بِالْاٰيٰتِ اِلَّآ اَنْ كَذَّبَ بِهَا الْاَوَّلُوْنَ" ۽ اسان کي نشانين (معجزن) موڪلڻ کان ڪنهن بہ نہ روڪيو مگر هن ڳالهہ جو ان کي اڳين ڪوڙو ڪيو هو. يعني- اي حبيب ڪريم ﷺ اوهان جي دور جا منڪر جيڪي مقرر ڪيل قدرت جون نشانيون (معجزا) طلب ڪن ٿا انهن جي موڪلڻ کان ہي ڪابہ شيءِ مانع ناهي مگر هيئن آهي جو اڳين امتن وارن بہ اهڙيون فرمائشون ڪري، معجزا گهري ڏسي بہ ايمان نہ آندو هو. هي بہ انهن وانگر معجزا ڏسي ايمان نہ آڻيندا، ۽ ايمان نہ آڻڻ جي صورت ۾ سخت عذاب ڏنا ويندا، جيڪا ڳالهہ اوهان کي ناگوار گذرندي ان جي ڪري انهن جو مطالبو نٿا مڃون "وَاٰتَيْنَا ثَمُوْدَ النَّاقَةَ مُبْصِرَةً فَظَلَمُوْا بِهَا" ۽ اسان ثمود (جي قوم) کي روشن (معجزي طور) ڏاچي ڏني هئي پوءِ ان سان ظلم ڪيائون. يعني ثمود جي قوم وارن کي سندن مطالبي مطابق ڏاچيءَ وارو روشن معجزو عطا ڪيوسون ان کي معجزو تہ تسليم نہ ڪيائون پر ان سان ظلم ڪري ان جون ٽنگون وڍي ڇڏيائون. ۽ الاهي عذاب ۾ اچي ويا. (٢).

"وَمَا نُرْسِلُ بِالْاٰيٰتِ اِلَّا تَخْوِيْفًا" ۽ اسين نشانيون (معجزا) صرف خوف ڏيارڻ لاءِ موڪليون ٿا) مطلب تہ هر معجزو خوف سان ڀريل آهي. جيڪو نہ مڃيندو اهو دنيا ۾ ئي عذاب ۾ ايندو، پر جيڪڏهن دنيا ۾ مهلت ملي بچي ويو تہ معجزي کي نہ مڃڻ جي ڪري آخرت جي سخت سزا ۾ ضرور ايندو. (٣).

"وَاِذْ قُلْنَا لَكَ اِنَّ رَبَّكَ اَحَاطَ بِالنَّاسِ" ۽ جڏهن اسان توکي فرمايو تہ يقينًا تنهنجي رب ماڻهن کي گهيري ۾ رکيو آهي مطلب تہ: اللہ تعالىٰ پنهنجي قوت قاهره، قدرت ۽ علم سان سڀني ماڻهن کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي. اوهان بغير ڊڄڻ جي اسلام جي تبليغ جو فرض ادا ڪندا رهو ڪير بہ اوهان کي ڪجهہ ڪري نہ سگهندو. "وَمَا جَعَلْنَا الرُّءْيَا الَّتِيْٓ اَرَيْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً لِّلنَّاسِ" ۽ اسان جيڪو منظر اوهان کي

(١) ابن ڪثير صـ٤٧ جلد ٣. (٢) تفسير ابي السعود صـ١٨١ جزءُ ٥.
(٣) التفسيرالڪبير صـ٢٣٥ جزءُ ٢٠.

"وَمَا جَعَلْنَا الرُّءْيَا الَّتِيْٓ اَرَيْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً لِّلنَّاسِ" ۽ اسان جيڪو منظر اوهان کي (اوهان جي اکين سان) ڏيکاريو ان کي ماڻهن لاءِ صرف آزمائش بنايوسون. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: هن آيت ۾ روءيا جو لفظ خواب جي معنىٰ ۾ نہ پر جاڳندي ڏسڻ جي معنىٰ ۾ آيو آهي حضرت ابن عباس سعيد بن جبير، حسن بصري، مسروق، قتاده، مجاهد، عڪرمہ، ابن جريج ۽ اڪثر مفسرن جو قول اهو آهي. (١).

علامہ ابوحيان اندلسي لکيو آهي تہ: "قال الجمهور هي روءيا عين ويقظتہ وهي مارأى في ليلتہ الاسراء من العجائب" (٢).

جمهور جو قول آهي تہ سجاڳيءَ ۾ اک سان ڏسڻ آهي ۽ ان مان مراد اهي عجائب آهن جيڪي رسول الله ﷺ جن معراج واري رات ڏٺا هئا. مطلب هي آهي تہ اسان اسراءَ واري رات جيڪو ڪجهہ اوهان کي ڏيکاريوسون اها ماڻهن جي لاءِ آزمائش هئي جنهن سان آزمايا ويا سچن پڪي ايمان آندو ڪچا انڪار ڪري، پڪا ڪافر بڻجي ويا. "وَالشَّجَرَةَ الْمَلْعُوْنَةَ فِي الْقُرْاٰنِ" ۽ قرآن ۾ لعنت ڪيل وڻ کي بہ آزمائش بنايوسون، لعنت ڪيل وڻ مان مراد ٿوهر آهي. ان جو قرآن ۾ ذڪر ڪرڻ تہ جهنم وارن کي کارايو ويندو. اهو بہ ماڻهن جي لاءِ آزمائش آهي. جيڪي ايمان وارا آهن انهن جو ان تي يقين آهي تہ اهو بالڪل هوندو ۽ ڪافر چوڻ لڳا تہ: جهنم جي پڙڪندڙ باهہ ۾ سائو وڻ ڪيئن هوندو؟ اهي ان جو انڪار ڪري ڪفر ۾ وڌيا ۽ آزمائش ۾ ناڪام رهيا مگر ايمان وارا مجي مضبوط ۽ مستحڪم بڻيا. "وَنُخَوِّفُهُمْ فَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا طُغْيَانًا كَبِيْرًا" ۽ اسين انهن کي خوف ٿا ڏياريون پوءِ اهو انهن کي وڏي سرڪشي کان سواءِ ڪجهہ نٿو وڌائي. يعني اسين اهڙيون نشانيون ۽ مثال عطا ڪري انهن کي پنهنجو خوف ٿا ڏياريون پر اهي گهٽجڻ جي بجاءِ وڏي سرڪشيءَ ۾ وڌندا پيا وڃن. مگر اسين انهن کي ڍر ڏيندا ٿا وڃون. ڇوتہ هن امت کي تڪڙو عذاب ڏيڻ جو فيصلو ٿيل ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "وَمَا مَنَعَنَآ اَنْ نُّرْسِلَ بِالْاٰيٰتِ" (۽ اسان کي نشانين (معجزن) موڪلڻ کان ڪنهن شيءِ نہ روڪيو هو) مان واضح ٿيو تہ ايمان آڻڻ جي لاءِ نڪو مطالبو ڪجي ۽ نڪا شرط لڳائجي.

٢- "فَظَلَمُوْا بِهَا" (پوءِ ان سان ظلم ڪيائون) مان واضح ٿيو تہ- الله تعالىٰ جي نبي ان کي عطا ٿيل معجزي، دين ۽ شريعت مان ڪنهن جي بہ گستاخي يا بي

(١) المظهري صـ٢٥٢ جلد ٥. (٢) البحرالمحيط صـ٥٤ جلد ٦.

ادبي ڪرڻ انتهائي ظلم ۽ زيادتي آهي هر مسلمان کي ان کان بچاءَ حاصل ڪرڻ گهرجي.

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ قَالَ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چيو اسان ملائڪن کي ته سجدو ڪيو آدم کي پوءِ سجدو ڪيائون مگر شيطان چيائين ته

ءَاَسْجُدُ لِمَنْ خَلَقْتَ طِيْنًا ۚ﴿٦١﴾ قَالَ اَرَءَيْتَكَ هٰذَا الَّذِيْ كَرَّمْتَ

ڇا سجدو ڪيان ان کي جو پيدا ڪيو تو مٽيءَ مان؟ چيائين ته خبر ڏي ڀي آهي اهو جو عزت وارو بنايئي مون کان

عَلَيَّ ۫ لَئِنْ اَخَّرْتَنِ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَاَحْتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗٓ اِلَّا

البته جيڪڏهن مهلت ڏنئي مون کي قيامت جي ڏينهن تائين ته البته ضرور پاڙان پٽيندس اولاد ان جي کي مگر

قَلِيْلًا ﴿٦٢﴾ قَالَ اذْهَبْ فَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ فَاِنَّ جَهَنَّمَ

ٿورا، فرمايائين ته وڃ پوءِ جيڪو تابع ٿيو تنهنجو انهن مان پوءِ بلاشڪ جهنم

جَزَآؤُكُمْ جَزَآءً مَّوْفُوْرًا ﴿٦٣﴾

سزا اوهان جي آهي پوري پوري سزا.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي سچائيءَ ۾ اڪين سان عجائب قدرت کي ڏسڻ ۽ ان تي ايمان آڻڻ واري امتحان جو ذڪر هو ۽ هتي ملائڪن کي حضرت آدم عليه السلام کي سجدي لاءِ امر ڪري آزمائڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. فرمان مبارڪ آهي "وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ قَالَ ءَاَسْجُدُ لِمَنْ خَلَقْتَ طِيْنًا قَالَ اَرَءَيْتَكَ هٰذَا الَّذِيْ كَرَّمْتَ عَلَيَّ لَئِنْ اَخَّرْتَنِ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَاَحْتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗٓ اِلَّا قَلِيْلًا" ۽ (ياد فرماءِ). جڏهن اسان ملائڪن کي فرمايو ته آدم کي سجدو ڪريو پوءِ شيطان کان سواءِ (سيني) سجدو ڪيو (شيطان) چيو ته ڇا مان ان کي سجدو ڪريان جنهن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو اٿئي؟

خبر ڏي هي اهو آهي جنهن کي مون تي شرف ڏنو اٿئي البتہ جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن تائين مون کي مهلت ڏنئي تہ ٿورن کان سواءِ باقي سندس اولاد کي پاڙان پٽي ڇڏيندس. هن کان پهريائين بيان ٿي چڪو آهي تہ شيطان اوهان جو کليل دشمن آهي ۽ هتي ان دشمنيءَ جي ابتداء بيان ڪري ارشاد ٿي رهيو آهي تہ اسان ملائڪن کي حڪم ڪيو تہ آدم عليہ السلام کي سجدو ڪريو پوءِ سينني سجدو ڪيو شيطان سجدو نہ ڪيو ۽ چوڻ لڳو تہ: مٽيءَ مان پيدا ٿيل کي مان باهہ مان پيدا ٿيل ڪيئن سجدو ڪريان؟ ۽ مون کي اهو تہ ٻڌاءِ تہ هن کي مون کان شرف ۾ ڇو وڌايو اٿئي؟ جيڪڏهن مون کي قيامت قائم ٿيڻ واري ڏينهن تائين مهلت ڏيندين تہ مان ان جي اولاد جي پاڙ پٽي ڇڏيندس ۽ انهن کي ايمان کان محروم رکندس. "قَالَ اذْهَبْ فَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ فَإِنَّ جَهَنَّمَ جَزَاؤُكُمْ جَزَاءً مَّوْفُورًا" (الله تعاليٰ) فرمايو تہ: هليو وڃ جنهن بہ انهن انسانن مان تنهنجي تابعداري ڪئي پوءِ يقيناً جهنم اوهان جي پوري پوري سزا آهي. يعني الله جل شانہ فرمايو تہ توکي اجازت آهي جيڪي بہ ڪرڻو اٿئي ڪر مگر اها ڳالهہ بہ يقيني سمجهہ تہ تنهنجي ۽ تنهنجي پوئلڳن جي سزا جهنم آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا.

١- "لِآدَمَ" آدم کي سجدو ڪيو) ان مان واضح ٿيو تہ سجدو حضرت آدم کي ڪرايو ويو هو. آدم سجدي جي لاءِ قبلو نہ هو. ڪي علماءَ فرمائين ٿا تہ حضرت آدم عليہ السلام سجدي لاءِ قبلو هو.مگر "لِآدَمَ" مان اها مراد نٿي ملي. جيڪڏهن حضرت آدم عليہ السلام قبلو هجي ها ۽ سجدو الله تعاليٰ کي هجي ها تہ "اِليٰ آدَمَ" اچي ها ۽ شيطان بہ قبلو هجڻ تي اعتراض نہ ڪري ها ڇوتہ اهو بہ ملائڪن سان گڏ بيت المعمور ڏانهن منهن ڪري ان کي قبلو سمجهي الله تعاليٰ کي سجدا ڪندو رهيو هو. ان کي اعتراض حضرت آدم عليہ السلام کي سجدي ڪرڻ تي هو.

٢- باهہ مان پيدا ٿيڻ کي مٽيءَ مان پيدا ٿيڻ کان ڀلو سمجهڻ شيطان جي متڪبرانہ مزاج جو نتيجو هو. نہ تہ باهہ مٽيءَ کان ڪيئن سٺي آهي.نہ ان کي الله تعاليٰ سٺو سڏيو نہ ڪنهن نبي سڳوري سٺو سڏيو آهي.

وَاسْتَفْزِزْ مَنِ اسْتَطَعْتَ مِنْهُمْ بِصَوْتِكَ وَاَجْلِبْ عَلَيْهِمْ

۽ گمراھ ڪر جنهن کي گمراھ ڪري سگهين انهن مان آواز پنهنجي سان ۽ چڙهائي ڪر انهن تي

بِخَيْلِكَ وَرَجِلِكَ وَشَارِكْهُمْ فِى الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ وَعِدْهُمْ

سوارن پنهنجن ۽ پيادن پنهنجن سان ۽ ڀائيوار ٿي انهن سان مالن ۾ ۽ اولاد ۾ ۽ وعدو ڪر انهن سان

وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطَانُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٦٤﴾ اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ

۽ نٿو وعدو ڪري انهن سان شيطان مگر ٺڳيءَ جو بيشڪ ٻانها منهنجا ناهي توکي

عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ وَكَفٰى بِرَبِّكَ وَكِيْلًا ﴿٦٥﴾ رَبُّكُمُ الَّذِيْ يُزْجِيْ

انهن تي ڪو غلبو ۽ ڪافي آهي رب تنهنجو ڪم ٺاهيندڙ رب اوهان جو جيڪو هلائي ٿو

لَكُمُ الْفُلْكَ فِى الْبَحْرِ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٦٦﴾

اوهان جي لاءِ ٻيڙيون سمنڊ ۾ تانته طلب ڪريو ان جي فضل مان بيشڪ اهو آهي اوهان سان مهربان.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ شيطان جي طرفان الله تعالىٰ سان ڪيل گفتگوءَ جو بيان هو ۽ هنن ۾ الله تعالىٰ جي طرفان ڪيس مليل جواب جو ذڪر هلي رهيو آهي ارشاد آهي "وَاسْتَفْزِزْ مَنِ اسْتَطَعْتَ مِنْهُمْ بِصَوْتِكَ وَاَجْلِبْ عَلَيْهِمْ بِخَيْلِكَ وَرَجِلِكَ وَشَارِكْهُمْ فِى الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ وَعِدْهُمْ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطَانُ اِلَّا غُرُوْرًا" ۽ انهن مان جنهن کي بہ گمراھ ڪري سگهين پنهنجي آواز سان گمراھ ڪر ۽ انهن جي مٿان پنهنجن سوارن ۽ پيادن (سائين) سان چڙهائي ڪر ۽ انهن سان مالن ۽ اولاد ۾ ڀائيوار ٿي ۽ انهن کي شيطان ٺڳيءَ کان سواءِ ڪوبہ وعدو نٿو ڪري.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: هن آيت ۾ شيطان کي انهن سيني ذريعن اختيار ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي جيڪي ڪنهن کي گمراھ ڪرڻ جي لاءِ اختيار ڪيا وڃن ٿا.

١- پهريون ذريعو شيطاني آواز آهي ۽ ان مان مراد هر ان انسان جو آواز آهي جيڪو الله جل جلالہ جي بي فرمانيءَ ۽ گناهہ ڏانهن سڏي. حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنه جو اهو قول آهي. ۽ مجاهد جو فرمان آهي تہ ان آواز مان مراد راڳ، شرنايون ۽ ساز وغيرہ آهن. (١).

٢- ٻيو تہ پنهنجن هر قسم جي سوارن يا پيادن سائين کي هڪ هنڌ گڏ ڪري حق وارن جي مٿان حملو ڪر. حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما فرمايو آهي تہ جيڪو بہ سوار الله جل شانه جي بي فرمانيءَ لاءِ سواري ڪري ۽ جيڪو بہ پيادو گناهن جي لاءِ پنڌ ڪري انهن کي شيطان جا ساٿي قرار ڏنو ويو آهي. مقصد آهي تہ اي شيطان! پنهنجي هر قسم جي مڪر کي پلي استعمال ڪر. (٢).

٣- ٽيون تہ انهن جي مالن ۽ اولاد ۾ شراڪت ڪر. يعني وڏي محنت ۽ مشقت سان مال اهي ڪمائين ۽ خرچ تنهنجي مرضيءَ مطابق ڪن ۽ اولاد جمي انهن وٽ پر انهن جي تربيت اهڙي نموني ڪئي وڃي جو جڏهن اهي جوان ٿين تہ گناهن ۽ بدڪارين ۾ مصروف رهن.

تفسير خازن لکيو آهي تہ: شيطاني شراڪت واري مال مان اهو مراد آهي جيڪو حرام جي ذريعي ڪمايو يا حرام ۾ خرچ ڪيو وڃي ۽ هڪ قول مطابق اهو رباج آهي ۽ اهو بہ قول آهي تہ ان مان مراد اهي چوپايا جانور آهن جيڪي پنهنجن باطل معبودن لاءِ ڪهندا يا انهن جي نالي ڪري ڇڏيندا هئا ۽ اولاد ۾ شيطاني شراڪت مان مراد زنا جو اولاد آهي ۽ ڪي چون ٿا تہ اهي ٻار مراد آهن جن جا نالا بتن ڏانهن نسبت ڪري عبدالقُريٰ، عبداللات وغيره رکندا هئا. (٣).

انهن سان وعدو ڪر، ان مان مراد آهي تہ انهن کي ڪوڙا دلاسا ڏئي غلط وعدا ڪري، لالچ ۾ آڻي سڄي زندگي گمراہ بنائي ڇڏ" (۽ انهن کي شيطان ڌوڪي کان سواءِ ڪو بہ سچو وعدو نٿو ڏي) ان مان مراد آهي تہ شيطان جا وعدا ڪڏهن بہ اعتماد جي قابل ناهن ان جي مٿان ڪڏهن بہ اعتماد ۽ اعتبار نہ ڪريو. (۴).

"اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطَانٌ وَّكَفٰى بِرَبِّكَ وَكِيْلًا" بلاشڪ منهنجا ٻانها توکي انهن تي ڪو بہ غلبو ناهي ۽ تنهنجو رب ڪارساز هجڻ لاءِ ڪافي آهي "عِبَادِيْ" (منهنجا ٻانها) ۾ اضافت شرف ۽ شان وڏائڻ جي لاءِ آهي ۽ ان مان مراد مخلص ٻانها آهن. (۵).

(١) زادالمسير صہ٥٨ج٥ (٢) زادالمسير صہ٥٨ جلد٥ (٣) خازن صہ١٧٠جلد٣ (۴) ضياءالقرآن صہ٦٧١ جلد٢. (۵) تنويرالاذهان صہ٣٥٥ جلد٢.

مطلب تہ منهنجن سچن ٻانهن تي تنهنجو ڪنهن به قسم جو تسلط ۽ غلبو نہ آهي ۽ الله پنهنجن ٻانهن جي ڪارساز هجڻ لاءِ ڪافي آهي جنهن سندن سعادت جي لاءِ اسباب پيدا فرمايا. ۽ ان جي ڪري اهي محفوظ رهندا ڇوتہ سندن تائيد ۽ حفاظت ڪندڙ الله آهي.

هڪ عجيب واقعو

هڪ ڀيري هڪ يهودي ڪنهن صالح مسلمان وٽ آيو ۽ چيائين تہ اسين عبادت ڪريون ٿا تہ ڪوبہ وسوسو نٿو ٿئي ۽ اوهان مسلمانن کي نماز ۾ وسوسا ڇوٿا اچن؟ مسلمان ان کي جواب ڏيندي فرمايو تہ: اي يهودي! جيڪڏهن ڪٿي ٻہ گهر هجن، هڪ سون، چاندي موتين يا قوتن ۽ سٺن ڪپڙن سان ڀريل هجي، ٻيو خالي ويران هجي، جنهن ۾ ڪابہ شيءِ ناهي تہ چور ڪهڙي گهر ۾ اچڻ پسند ڪندو؟ يهوديءَ چيو تہ ڀريل گهر کي تاڙيندو. صالح مسلمان چيس تہ: اسان جون دليون توحيد، معرفت، ايمان، يقين، تقويٰ ۽ احسان وغيره سان ڀريل آهن تڏهن شيطان اتي داخل ٿيڻ ۽ وسوسن وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ اوهان جون دليون خالي ۽ ويران آهن، تڏهن اوهان کي وسوسا ڪونہ ٿو وجهي. صالح مسلمان جي ان تقرير پرتاثير کي ٻڌي اهو يهودي مسلمان ٿي پيو. "رَبُّكُمُ الَّذِيْ يُزْجِيْ لَكُمُ الْفُلْكَ فِي الْبَحْرِ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا" اوهان جو رب اهو آهي جيڪو اوهان جي لاءِ سمنڊ ۾ ٻيڙيون هلائي ٿو تانتہ سندس فضل مان طلب ڪيو بيشڪ اهو اوهان سان گهڻو مهربان آهي. هن آيت ۾ الله تعالىٰ جي رحمت ۽ ربوبيت جو هڪ ٻيو ڪرشمو بيان ڪيل آهي تہ: الله تعالىٰ بيڪنار سمنڊ جي اونهي پاڻيءَ ۽ طوفان جهڙين موجن کي اوهان جي لاءِ مسخر ڪيو آهي. ڏسو تہ اوهان جا بحري جهاز، لانچون ۽ ٻيڙيون ڪيئن نہ وڏا وڏا وزن کڻي پاڻيءَ جي مٿان هلي رهيون آهن ۽ انهن جي ذريعي الله تعالىٰ اوهان جي لاءِ عالمي تجارت جي شاهراه هموار ڪري ڇڏي آهي. الله تعالىٰ اوهان سان تمام گهڻو مهربان آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا.

١- "بِصَوْتِكَ" (پنهنجي آواز سان) مان واضح ٿيو تہ: شيطان انسان کي جبرًا پڪڙي بي دين ۽ گمراهہ نٿو بنائي سگهي صرف آواز سان ان کي برائيءَ ڏانهن سڏي ٿو پوءِ ڪو ان جو فرمانبردار بڻجي ٿو تہ ڪو ان کان پڄي ۽ بچي ٿو.

٢- "لَيۡسَ لَكَ عَلَيۡهِمۡ سُلۡطَانٌ" (توکي انهن تي کو غلبو ناهي) ان مان ثابت ٿيو تہ شيطان الله جل شانه جي پيارن کي گمراھ ڪري نٿو سگهي بلڪہ ڪيترا ولي تہ شيطان کي ٻڌي قيدي بنائي ڇڏيندا آهن. (١).

٣- "وَكَفَىٰ بِرَبِّكَ وَكِيلًا" (۽ تنهنجو رب ڪارساز هجڻ لاءِ ڪافي آهي) ان مان معلوم ٿيو تہ: الله تعالىٰ جي توفيق کان سواءِ ڪابہ شيءِ شيطان جي مڪر کان بچائڻ واري ناهي ان جي ڪري مسلمانن کي هر وقت الله تعالىٰ کان خير جي توفيق طلب ڪرڻ گهرجي.

٤- "لِتَبۡتَغُوا مِنۡ فَضۡلِهِ" (تانتہ ان جي فضل مان طلب ڪيو) هن مان واضح ٿيو تہ تجارت ڪري حلال روزي ڪمائڻ الله جل جلالہ جو فضل آهي ۽ حرام روزي نہ فضل آهي نہ مهرباني.

٥- "إِنَّهُ كَانَ بِكُمۡ رَحِيمًا" (اهو اوهان سان مهربان آهي) ان مان واضح ٿيو تہ انسان محنت ڪري پر ڀروسو الله جل جلالہ جي رحمت تي رکي. حلال روزيءَ جي لاءِ محنت نہ ڪرڻ گناھ آهي. ۽ پاڪ رزق ڪمائڻ عبادت آهي.

وَإِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِي الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ تَدْعُونَ إِلَّا إِيَّاهُ فَلَمَّا

۽ جڏهن پهچي ٿي اوهان کي تڪليف سمنڊ ۾ تہ گم ٿيو جنهن جي عبادت ڪيو ٿا ان (الله) کان سواءِ پوءِ جڏهن

نَجَّاكُمْ إِلَى الْبَرِّ أَعْرَضْتُمْ وَكَانَ الْإِنْسَانُ كَفُورًا ﴿٦٧﴾ أَفَأَمِنْتُمْ

ڇڏايائين اوهان کي سڪيءَ ڏانهن تہ منهن موڙيندا آهيو ۽ آهي انسان گهڻو بي شڪر ڇا پوءِ بي خوف ٿيئُو اوهان

أَنْ يَخْسِفَ بِكُمْ جَانِبَ الْبَرِّ أَوْ يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ

هن ڳالهہ کان جو ڳهرائي ڇڏي اوهان کي پاسي سڪئي جي ۾ يا موڪلي اوهان تي آنڌي تنهن کان پوءِ

لَا تَجِدُوا لَكُمْ وَكِيلًا ﴿٦٨﴾ أَمْ أَمِنْتُمْ أَنْ يُعِيدَكُمْ فِيهِ تَارَةً أُخْرَىٰ

نہ لهو پنهنجي لاءِ ڪو ڪارساز، ڇا بي خوف ٿيئُو هن ڳالهہ کان جو ورائي اوهان کي ان ۾ ٻيهر ٻيو

(١) نعيمي ص٢٩٠ جلد١٥.

فَيُرْسِلَ عَلَيْكُمْ قَاصِفًا مِّنَ الرِّيحِ فَيُغْرِقَكُمْ بِمَا كَفَرْتُمْ ۙ ثُمَّ

پوءِ موڪلي اوهان تي طوفان هوا جو پوءِ ٻوڙي ڇڏي اوهان کي ان سببان جو ڪفر ڪيُوَ تنهن کان پوءِ

لَاتَجِدُوْا لَكُمْ عَلَيْنَا بِهٖ تَبِيْعًا ﴿٦٩﴾

نہ لهو پنهنجي لاءِ اسان تي ان سببان ڪو پوءِ واري ڪندڙ

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ رب العزة جل جلاله جي ان ڪرم نوازيءَ جو ذڪر هو جيڪا پنهنجن ٻانهن تي درياءَ ۾ سفر جي دوران ڪندو آهي ۽ هنن آيتن ۾ اهو بيان ٿيو آهي تہ سمنڊ ۽ درياءَ جي سفر دوران ڪافر بہ الله تعاليٰ کي ئي سڏيندا آهن ڇوتہ اتي ڪين سندن باطل معبود ڪم نٿا اچن، باري تعاليٰ جو فرمان آهي "وَاِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِي الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ تَدْعُوْنَ اِلَّآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىكُمْ اِلَى الْبَرِّ اَعْرَضْتُمْ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا" ۽ جڏهن اوهان کي سمنڊ ۾ تڪليف پهچي ٿي تہ جن کي ان (الله) کان سواءِ پوڄيندا آهيو اهي اوهان کان گم ٿيو وڃن ٿا پوءِ جڏهن (الله) اوهان کي ڇڏائيندو آهي تہ منهن موڙيندا آهيو ۽ انسان تمام گهڻو بي شڪر آهي. يعني انسان مصيبت مان نڪرندي ئي حقيقي محسن کي وساري ڇڏيندو آهي جيڪو بہ ٿي منٿ اڳ ۾ درياءَ جي ڇولين ۾ الله جل شانه کي ياد ڪري رهيو هو اهو ڪناري تي قدم رکڻ سان بي فڪر ٿي سڀ ڪجهہ فراموش ڪري ويٺو. ان کان وڌيڪ بي شڪري ڪهڙي ٿيندي؟ "اَفَاَمِنْتُمْ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمْ جَانِبَ الْبَرِّ اَوْ يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ لَاتَجِدُوْا لَكُمْ وَكِيْلًا" ڇا اوهان ان ڳالهہ کان بي خوف رهو ٿا تہ اوهان کي سڪيءَ جي ڪنهن پاسي زمين ۾ ڳهرائي ڇڏي يا اوهان تي پٿر وسائيندڙ آنڌي موڪلي؟ پوءِ پنهنجي لاءِ ڪو ڪارسازنہ لهو- مقصد تہ اوهان الله جل شانه جي پڪڙ کان بي خوف نہ رهو. اهو اوهان کي سڪيءَ جي پاسي زمين ۾ ڳهرائي يا اوهان تي پٿر وسائيندڙ آنڌي موڪلي سگهي ٿو. ۽ ان کان پوءِ اوهان کي ڪوبہ اوهان جو ڪم ناهيندڙ نہ ليندو. اهو جئين سمنڊ جي ڇولين ۾ عذاب ڪري سگهي

تو تيئن سگهيءَ ۾ به زلزلو آڻي ڳهرائي سگهي ٿو. "اَمْ اَمِنْتُمْ اَنْ يُّعِيْدَكُمْ فِيْهِ تَارَةً اُخْرٰى فَيُرْسِلَ عَلَيْكُمْ قَاصِفًا مِّنَ الرِّيْحِ فَيُغْرِقَكُمْ بِمَا كَفَرْتُمْ ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ عَلَيْنَا بِهٖ تَبِيْعًا" ڇا اوهان ان ڳالهه کان بي خوف آهيو جو اهو اوهان کي ان سمنڊ ۾ ٻيو پيرو ورائي آڻي اوهان تي هوا جو طوفان موڪلي اوهان جي ڪفر جي ڪري اوهان کي ٻوڙي ڇڏي. تنهن ڪانپوءِ ان جي ڪري اسان تي پنهنجي لاءِ ڪوبه پوءِ واري ڪندڙ نه لهو. يعني اوهان ائين نه سمجهو ته هاڻي وري سمنڊ جو سفر نه ڪنداسون. الله تعالىٰ ڪو اهڙو سبب بنائي جو اوهان کي وري ان سمنڊ ۾ سفر ڪرڻو پوي پوءِ اوهان جي ٿي ڪفر ڪرڻ جي سببان اوهان تي هوا جو طوفان موڪلي اوهان کي غرق ڪري ڇڏي ۽ اوهان اسان کان ان باري ۾ ڪو باز پرسي ۽ پوئواري ڪندڙ نه لهو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "اَنْ يُّعِيْدَكُمْ" (اوهان کي ورائي) ان مان واضح ٿيو ته انسان جي سموري حياتي گهر ۾ هجي يا سفر ۾ بحر ۾ هجي يا بر ۾ آباديءَ ۾ هجي يا جهنگ ۾ پنهنجن ۾ رهي يا پراون ۾ سڀ ڪجهه الله جل شانه جي طرفان آهي انسان جا پروگرام ۽ تدبيرون، منصوبا صرف ظاهري آهن باطن ۾ سڀ قدرتي شاهڪار آهن ان جي ڪري انسان تي لازم ۽ فرض آهي ته هر وقت رب ڪريم جي ذڪر ۾ رهي.

٢- "وَكَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا" (۽ انسان بي شڪر آهي) ان مان واضح ٿيو ته شڪر گذار ٻانهو صرف مسلمان، متقي، مومن آهي مصطفىٰ ڪريم ﷺ جن جي دامن هيٺان اچي زندگي گذاريندڙ شاڪر ٻانهو آهي.

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِى الْبَرِّ وَالْبَحْرِ

۽ البته تحقيق عزت وارو بنايو اسان آدم جي اولاد کي ۽ کنيوسون انهن کي پٽ ۾ ۽ سمنڊ ۾

وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰى كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا

۽ رزق ڏنوسون انهن کي پاڪ شين مان ۽ سٺو بنايوسون انهن کي گهڻن کان انهن مان جو پيدا ڪياسون

تَفْضِيْلًا ۝٧٠ يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۭ بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ

وڏيڪ ان ڏينهن سڏينداسون سيني ماڻهن کي اڳواڻ انهن جي سان پوءِ جنهن شخص کي ڏنو ويو عملنامو

بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ يَقْرَءُوْنَ كِتَابَهُمْ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧١﴾ وَمَنْ

پنهنجي سڄي هٿ ۾ پوءِ اهي پڙهندا ڪتاب پنهنجو ۽ نه ظلم ڪيا ويندا تند جيترو ۽ جيڪو

كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى وَاَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٧٢﴾

هوندو هن (دنيا) ۾ انڌو پوءِ اهو آخرت ۾ (به) انڌو ۽ حق جي واٽ کان گمراهه رهندو.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ انسان جي سفري، حضري سٺين ۽ برين حالتن ۾ رب ڪريم جي قدرتن ۽ ڪرم نوازين جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن ڪرم نوازين جي وجهه ۽ گهڻن انعامن جي خلاصي کي بيان ڪيو ويو آهي. فرمان عالي شان آهي "وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰي كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا" ۽ البته تحقيق اسان انسانن کي عزت وار بنايو ۽ انهن کي پٽ ۽ سمنڊ مان ڪنيوسون ۽ انهن کي پاڪ شين مان رزق ڏنوسون ۽ انهن کي پنهنجي مخلوق مان گهڻن کان وڌيڪ سٺو بنايوسون. "يعني انسان کي سهڻي صورت، ڳالهائڻ، تدبير، عقل ۽ حواس عطا ڪيا اٿئون جن سان ديني، دنيوي ۽ اخروي نفعا ۽ نقصان سمجهي ٿو. پورو قد، معاش ۽ معاد جون تدبيرون ۽ سيني شين تي غلبو ۽ تسلط عطا ڪيوسون. ان جي لاءِ هر طرف ترقيءَ جا رستا کليل آهن ٻي مخلوق کي پنهنجي خدمت ۾ رکي ٿو. سڪيءَ ۾ جانورن جي پٺيءَ تي ٻي ڪنهن گاڏيءَ وغيره تي سواري ڪري ٿو ۽ سمنڊ ۾ ٻيڙين ۽ بحري جهازن جي ذريعي وڏيون منزلون طي ڪري ٿو قسم قسم جي سٺن کاڌن، ڪپڙن، جاين ۽ ٻين آرام جي سامانن مان نفعو حاصل ڪري ٿو الغرض ته الله تعالىٰ انسانن کي ڪيترين ئي حيثيتن سان ٻئي مخلوق کان سٺو بنايو آهي. محمد بن ڪعب جو قول آهي ته: بجعل محمد ﷺ منهم. (١). يعني انسان ان جي ڪري عزت وارو آهي جو الله تعالىٰ (حضرت) محمد مصطفىٰ ﷺ کي انهن مان پيدا فرمايو.

(١) زادالمسير ص٦٣ جلد ٥.

مسئلو

جمهوراهل سنت جو عقيدو هي آهي تہ: انسانن مان جيڪي رسول آهن اهي ٻي ساري مخلوق کان سٺا آهن انهن کان پوءِ اهي ملائڪ جيڪي رسولن ڏانهن ايندا آهن. باقي عام ملائڪ عام انسانن کان سٺا آهن. (١). ۽ مفتي محمد شفيع ديوبندي لکيو آهي تہ: عام صالح مومن جيئن اولياءالله وغيره عام ملائڪن کان افضل آهن. (والله اعلم). (٢).

"يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۢ بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ اُوْتِيَ كِتَابَهٗ بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ يَقْرَءُوْنَ كِتَابَهُمْ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا" ان ڏينهن سيني ماڻهن کي سندن اڳواڻ (جي نالي) سان سڏيندا سون پوءِ جن کي سندن عمل نامو سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو اهي پنهنجو عمل نامو پڙهندا ۽ تند جيترو قدر بہ ظلم نہ ڪيا ويندا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ دنيا ۾ انسان کي جن فضيلتن ۽ ﭘﻼﻳﻦ سان نوازيو ويو آهي انهن جي ذڪر کان پوءِ اهي واقعا بيان ڪيا ـ ٿا وڃن جيڪي ڪيس محشر جي ڏينهن درپيش ايندا. هتي ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن هر انسان کي ان جي امام جي نسبت سان سڏيندا سون. امام عربي لغت ۾ ان شخص کي سڏيو ويندو آهي جنهن جي پيروي ڪئي وڃي پوءِ اهو هدايت تي هجي يا گمراهہ هجي. علامہ رازي لکيو آهي: الامام في اللغة كل من ائتم به قوم كانوا على هدي اوضلالة" (٣).

۽ آيت ۾ امام مان مراد هر امت جو نبي آهي، اهو قتاده ۽ مجاهد جو اهو قول آهي. ۽ بعضي مفسرن جو قول آهي تہ هر شخص پنهنجي پيشوا جي نسبت سان سڏيو ويندو، مومن مسلمان پنهنجي نبي ڪريم ﷺ جن جي نسبت سان اي محمدي! ڪري سڏيو ويندو، گمراهہ ۽ ڪافر پنهنجي اڳواڻن جي نسبت سان، اي فرعونيو! اي نمروديو! اي لينن جا پوئلڳو! ڪري سڏيا ويندا. حق جي پوئلڳن کي سندن عمل نامو سندن سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو جيڪو انهن جي ڪامياب هجڻ جو دليل هوندو، اهي پنهنجي عمل نامي کي پڙهندا ۽ سندن اجر مان هڪ تند جيترو اجر بہ ضايع نہ ٿيندو ڪين پورو پورو اجر ۽ ثواب ڏنو ويندو. "وَمَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِى الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى وَاَضَلُّ سَبِيْلًا" ۽ جيڪو هن (دنيا) ۾ (حق جي ڏسڻ کان) انڌو آهي اهو آخرت ۾ بہ انڌو ۽ واٽ

(١) ضياءُ القرآن صہ٦٧٤ جلد ٢ حاشيہ عثمانيہ صہ٣٨٤.
(٢) معارف القرآن صہ٤٩٤ جلد ٥. (٢) التفسيرالكبير صہ١٧جزءُ ٢١.

کان پليل هوندو. مقصد تہ جنهن هن دنيا ۾ حق جي نور کي نہ ڏٺو هدايت جو سج اڀريو پر ان پنهنجين اکين تي تعصب جي پٽي قائم رکي اهو جڏهن محشر جي ميدان ۾ آندو ويندو تہ سزا طور ان جون ظاهري اکيون بہ انڌيون ٿي پونديون ۽ ان کي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو.

فائدا: مذکوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيٓ اٰدَمَ" مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه انسان کي گهڻيءَ مخلوق کان سٺو بنائڻ لاءِ ٻارهن (١٢) نعمتن سان نوازيو آهي.

١- نبي پاڪ ﷺ جن انهن مان مبعوث ٿيا.

٢- حضرت آدم عليه السلام کي پنهنجي قدرتي هٿ سان پيدا فرمايائين.

٣- دنيا ۽ آخرت جي تدبير جي تعليم ڏنائين. ٤- منهن ۽ ان جي سونهن عطا ڪيائين. ٥- مردن کي ڏاڙهي ۽ عورتن کي وڏن وارن سان نوازيائين. ٦- هڪڙن کي حاڪم ٻين کي محڪوم بنائي نظام درست رکڻ جي واٽ سمجهايائين. ٧- عقل جي دولت ڏنائين. ٨- سهڻي قد ۽ بت سان ڪڙو رکيائين. ٩- لذيذ ۽ پسنديده کاڌا کارايائين. ١٠- هٿ سان کائڻ سيکاريائين. ١١- ڳالهہ ٻولهہ ڪري هڪ ٻئي کي مُدّعيٰ ۽ مقصد سمجهائڻ جي نعمت عطا فرمايائين. ١٢- نبوت ۽ ولايت ملڻ سان سندس مان مٿاهون ڪيائين.

٢- "فَاُولٰٓئِكَ يَقْرَءُوْنَ كِتَابَهُمْ" (پوءِ اهي پنهنجو عمل نامو پڙهندا) ان مان واضح ٿيو تہ: دنيا ۾ اڻ پڙهيل بہ قيامت جي ڏينهن پڙهيل ٿي اٿندا ۽ سڀئي عربي ڳالهائيندا ۽ سمجهندا. پنهنجا عملناما پاڻ پڙهندا.

وَاِنْ كَادُوْا لَيَفْتِنُوْنَكَ عَنِ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ لِتَفْتَرِيَ عَلَيْنَا

۽ جيتوڻيڪ ويجها ٿيا تہ البتہ آزمائش ۾ وجهن توکي ان کان جو وحي ڪيو سون توڏانهن تانتہ ناهہ ناهين اسان تي

غَيْرَهٗ ۖ وَاِذًا لَّاتَّخَذُوْكَ خَلِيْلًا ﴿٧٣﴾ وَلَوْلَآ اَنْ ثَبَّتْنٰكَ

ان کان سواءِ ۽ ان وقت البتہ بنائين ها توکي دوست ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها هيءَ ڳالهہ جو ثابت رکيو اسان توکي

لَقَدْ كِدْتَّ تَرْكَنُ اِلَيْهِمْ شَيْـًٔا قَلِيْلًا ﴿٧٤﴾ اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ

تہ البتہ تحقيق ويجهو هئين جو لڙي پوين انهن ڏانهن شيءِ ٿوري ان وقت البت چکايون ها توکي

ضِعۡفَ الۡحَيٰوةِ وَضِعۡفَ الۡمَمَاتِ ثُمَّ لَاتَجِدُ لَکَ عَلَيۡنَا

ٻيڻي سختي حياتيءَ ۾ ۽ ٻيڻي سختي وفات ۾ ان کان پوءِ نہ لهين ها پنهنجي لاءِ اسان تي

نَصِيۡرًا ﴿٧٥﴾ وَاِنۡ کَادُوۡا لَيَسۡتَفِزُّوۡنَکَ مِنَ الۡاَرۡضِ لِيُخۡرِجُوۡکَ مِنۡهَا

ڪو مددگار جيتوڻيڪ ويجها ٿيا تہ البتہ بي قرار ڪن توکي زمين ۾ تانتہ ڪڍن توکي ان مان

وَاِذًا لَّا يَلۡبَثُوۡنَ خِلَافَکَ اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿٧٦﴾

۽ ان وقت نہ رهندا (پاڻ بہ) پويان تنهنجي مگر ٿورو وقت.

تفسير

اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ بيان ٿيو تہ جيڪو دنيا ۾ انڌو ۽ گمراهہ ۽ ڪافر آهي اهو قيامت ۾ بہ انڌو تي اٿندو ۽ هتي انهن جي گمراهيءَ جو هڪ قسم اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي نبي پاڪ ﷺ جن سان ڏوڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، فرمان مبارڪ آهي "وَاِنۡ کَادُوۡا لَيَفۡتِنُوۡنَکَ عَنِ الَّذِيۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡکَ لِتَفۡتَرِيَ عَلَيۡنَا غَيۡرَهٗ ۖ وَاِذًا لَّاتَّخَذُوۡکَ خَلِيۡلًا" ۽ جيتوڻيڪ ان ڳالهہ کي ويجها اچي پهتا هئا تہ اوهان کي ان (ڪتاب) کان جيڪو اسان توڏانهن وحي ڪيو آهي (برگشته ڪري) آزمائش ۾ وجهن تانتہ تون اسان تي ان کان سواءِ ٻاهہ ٻاهين ۽ ان وقت اهي اوهان کي گهاٽو دوست بنائين ها. الله جل شانه هن آيت ۾ بيان فرمايو آهي تہ! اي حبيب پاڪ ﷺ! اسين اوهان جا مددگار ۽ محافظ آهيون اوهان کي هر قسم جي لغزش کان بچائڻ وارا آهيون نہ تہ انهن ڪافرن ظالمن تہ وڏا وس ڪيا آهن تہ ڪنهن بہ نموني اوهان کي حق بيان ڪرڻ، قرآن ڪريم ٻڌائڻ کان هٽائي، پنهنجي صلاح سان هلائين ۽ اوهان کي گهاٽو ۽ پڪو دوست بنائين ها. "وَلَوۡلَاۤ اَنۡ ثَبَّتۡنٰکَ لَقَدۡ کِدۡتَّ تَرۡکَنُ اِلَيۡهِمۡ شَيۡئًا قَلِيۡلًا" ۽ جيڪڏهن اسين توکي ثابت نہ رکون ها تہ ويجهو هئين جو انهن ڏانهن ٿورو لڙي پوين ها. يعني جيڪڏهن اسين توکي حق تي مضبوط ۽ محڪم نہ رکون ها تہ ٿورو گهڻو انهن جو خيال ڪري انهن ڏانهن لڙين ها پر اسان جي ثابت رکڻ جي

ڪري اوهان انهن جي طرف ٿورو به ڪونه ٿا لڙو هن ۾ اهو اظهار ڪيو ويو آهي ته: اوهان ڪافرن جي ڪفر ۽ مشورن کان صفا پري ۽ معصوم آهيو. اهي اوهان کي ڪجهه به ڪري نٿا سگهن "اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ ضِعْفَ الْحَيٰوةِ وَضِعْفَ الْمَمَاتِ ثُمَّ لَاتَجِدُ لَكَ عَلَيْنَا نَصِيْرًا" ان وقت اسين اوهان کي حياتيءَ ۽ وفات جي حالتن ۾ ٻيڻي سختي ڏيون ها ۽ ان کان پوءِ اوهان اسان تي پنهنجي لاءِ ڪوبه مددگار نه لهو ها. مطلب ته اوهان کان ڪا لغزش نه ٿي ۽ نه ٿيندي پر بفرض محال جيڪڏهن ٿئي ها ته ان تي پڪڙ ۽ سختي به ڏاڍي ٿئي ها دنيا جي حياتي ۽ وفات کان بعد به اها سختي هلي ها ۽ اوهان ڪوبه پنهنجي لاءِ اسان وٽ مددگار نه لهو ها. ڇوته جيڪو جيترو محبوب ۽ پيارو هوندو آهي ان جي لغزش جو به ايترو ئي ڏک ٿيندو آهي. سيدنا ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو آهي ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن معصوم آهن. ڪائنن ڪوبه غلط ڪم نه ٿي سگهندو. هتي سندن امت کي خوف ڏياريو ويو آهي. (١).

"وَاِنْ كَادُوْا لَيَسْتَفِزُّوْنَكَ مِنَ الْاَرْضِ لِيُخْرِجُوْكَ مِنْهَا وَاِذًا لَّا يَلْبَثُوْنَ خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِيْلًا" جيتوڻيڪ ويجها ٿيا هن ڳالهه کي جو توکي زمين مان بي قرار ڪري ڪڍي ڇڏين ۽ ائين جيڪڏهن ٿئي ها ته پاڻ به توکان پوءِ ان ۾ ٿوري عرصي کان وڌيڪ رهي نه سگهن ها. هن آيت ۾ هڪ واقعي جو بيان آهي جنهن جي متعلق به روايتون آيل آهن هڪ ته: هڪ ڏينهن مدينه منوره جا رهاڪو يهودي رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ آيا ۽ عرض ڪيائون ته: اي اباالقاسم! (ﷺ) جيڪڏهن توهان پنهنجي نبوت واري دعوىٰ ۾ سچا آهيو ته پوءِ شام ملڪ ۾ وڃي رهو ڇوته اهو ملڪ ئي محشر جي زمين آهي ۽ اتي ئي انبياءَ سڳورا عليهم السلام اڳ ۾ به آيا هئا پاڻ انهن جي ڳالهه کان بالڪل متاثر نه ٿيا پر جڏهن تبوڪ جي جنگ وقت سندن شام ملڪ ڏانهن سفر ٿيو ته پاڻ اتي رهڻ جو ارادو ڪيائون پر هيءَ آيت "لَيَسْتَفِزُّوْنَكَ" واري نازل ٿي جنهن ۾ ڪين اتي رهڻ کان روڪيو ويو. علامه ابن ڪثير هن روايت کي اطمينان جي قابل نه سمجهيو آهي. ٻيءَ روايت ۾ آهي ته: هڪ ڀيري مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشي ڪافرن نبي ڪريم ﷺ جن کي اتان ڪڍڻ جو پروگرام بنايو هو انهن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ٿي. جنهن ۾ ڪافرن کي تنبيه ڪئي وئي ته: جيڪڏهن نبي پاڪ ﷺ جن کي ڪيندؤ ته سندن نڪرڻ کان پوءِ اوهان به خوش ٿي گهڻي دير رهي نه سگهندؤ. علامه ابن ڪثير ان ئي روايت کي ترجيح ڏني

(١) زادالمسير صـ٦٧ جلد٥.

آهي. ۽ اهو بہ بيان ڪيو اٿس تہ: مڪه مڪرمه جي ڪافرن هن آيت جي سچائي اکين سان ڏٺي جو جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن هجرت ڪرڻ فرمائي تہ سندن هجرت ڪان پوءِ هڪ ڏينهن بہ سڪون سان نہ گذاريائون، ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ جنگ بدر ۾ سندن ستر (۷۰) ناميارا ڪافر ڪسي ويا سندن طاقت ٽٽي وئي ۽ غزوه احزاب ۾ تہ سندن چيلهہ ٽٽي پئي ۽ هجرت جي اٺين سال مڪه مڪرمہ فتح ٿيو. (۱).

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا.

۱- اِذًا لَّاتَّخَذُوۡکَ خَلِیۡلًا" (ان وقت توکي دوست ڪري وٺن ها) ان مان ثابت ٿيو تہ ڪافرن جي دوستي غير يقيني، وقتي ۽ لالچ تي ٻڌل هوندي آهي. الله جل جلالہ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جن کي فرمايو تہ: اهي ڪافر توکي تڏهن دوست بنائيندا جڏهن انهن جي چوڻ تي هلندين. هونءَ توسان عداوت ۽ دشمني رکيو ايندا.

۲- "لَوۡلَاۤ اَنۡ ثَبَّتۡنٰکَ" (جيڪڏهن اسين توکي ثابت نہ رکون ها) ان مان واضح ٿيو تہ الله جل جلالہ پنهنجن پيارن نبين عليهم السلام کي ثابت، مضبوط ۽ محڪم رکندو آهي اهي معصوم آهن ڪابہ طاقت انهن کي غلطيءَ تي آڻي نٿي سگهي.

۳- سيدنا ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنهماجي فرمان مان (تہ هتي امت سان خطاب آهي) ثابت ٿيو تہ الله جل جلالہ پنهنجي حبيب ﷺ جن جي امت مان بہ ڪي پيارا ٻانها گناهن کان محفوظ رکندو آهي. اهي شيطان ۽ ڪافرن جي مڪر ۾ نہ ايندا آهن "اِنَّ عِبَادِیۡ لَیۡسَ لَکَ عَلَیۡهِمۡ سُلۡطٰنٌ" (منهنجن ٻانهن تي تنهنجو غلبو ناهي) ان مان ظاهر آهي.

۴- "ضِعۡفَ الۡحَیٰوةِ وَضِعۡفَ الۡمَمَاتِ" (حياتيءَ ۽ مماتيءَ ۾ ٻيڻي سختيءَ سان سزا) چڪائڻ مان واضح ٿيو تہ ڄاڻي واڻي گناهہ ڪندڙ جي لاءِ ٻيڻي سزا آهي ۽ بي خبريءَ ۾ گناهہ ڪندڙ کي هيڪوڻي.

سُنَّةَ مَنۡ قَدۡ اَرۡسَلۡنَا قَبۡلَکَ مِنۡ رُّسُلِنَا وَلَا تَجِدُ

طريقو انهن جو جيڪي تحقيق موڪليا اسان توکان اڳي رسولن پنهنجن مان ۽ نہ لهندين تون

لِسُنَّتِنَا تَحۡوِیۡلًا ﴿۷۷﴾ اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوۡکِ الشَّمۡسِ اِلٰی ع۸

اسان جي طريقي ۾ ڪا تبديلي قائم ڪر نماز سج لڙڻ کان وٺي

(۱) معارف القرآن صہ ۵۵۰ جلد ۵.

غَسَقِ الَّيْلِ وَ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ

رات اونداهيءَ تائين ۽ قرآن پڙهڻ فجر جي وقت بيشڪ قرآن پڙهڻ فجر جي وقت آهي

مَشْهُوْدًا ﴿٧٨﴾ وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ عَسٰٓى

حاضر ڪيل ۽ ڪجهه رات جو پوءِ تهجد پڙهه ان سان زياده آهي تولاءِ ويجهو آهي

اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿٧٩﴾ وَقُلْ رَّبِّ

جو اٿاريندو توکي رب تنهنجو مقام حمد ڪيل ۾ ۽ چئو تون ته اي منهنجا پالڻهار!

اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّ اَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ

داخل فرماءِ مون کي داخل ڪرڻ سچو ۽ ڪڍ تون مون کي ڪڍڻ سچو ۽ ڪر تون

لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ﴿٨٠﴾

مون لاءِ پاڻ وٽان غلبو مدد وارو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان نبي پاڪ ﷺ جن سان ڏوکي بازيءَ جي پروگرامن رٿڻ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهي ڏوکي بازيءَ وارا پروگرام ڪافرن اڳين نبين عليهم السلام سان به ڪيا هئا اها ڪا نئين ڳالهه ناهي فرمان مبارڪ آهي "سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُّسُلِنَا وَلَاتَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيْلًا" انهن جو طريقو جيڪي اسان توکان اڳي پنهنجن رسولن مان موڪليا ۽ تون اسان جي طريقي ۾ ڪابه تبديلي نه لهندين. يعني اسان جو اڳين نبين عليهم السلام جي دور کان اهو طريقو ۽ دستو رهيو آهي ته جڏهن ڪا قوم پنهنجي نبي کي ايذاءُ پهچائيندي آهي ۽ ان کي وطن ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي ۽ اهو نبي انهن جي ظلم ۽ زيادتيءَ کان تنگ ٿي هجرت ڪندو آهي ته ان قوم

جي مٿان عذاب الاهي جي نزول ۾ ڪا دير نہ ٿيندي آهي اهو اسان جو اهڙو دستور آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا تبديلي نہ ايندي آهي. (١).

"اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ اِلٰى غَسَقِ الَّيْلِ وَقُرْاٰنَ الْفَجْرِ ۭ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا" سج لڙڻ کان ونئي رات جي انڌيري ٿيڻ تائين نماز قائم ڪر ۽ فجر جي وقت قرآن پڙهہ يقينًا فجر جي وقت قرآن پڙهڻ حاضر ڪيل آهي (ان وقت ملائڪ لهي حاضر ٿين ٿا).

نبي ڪريم ﷺ جن ڪي حق جي رستي کان هٽائڻ جي لاءِ ڪافر جيڪي ڪوششون ڪري رهيا هئا انهن جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ الله تعالىٰ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جن ڪي نماز قائم ڪرڻ ڏانهن متوجہ ڪيو آهي تانتہ انهن ڏکوئيندڙ لمحن ۾ عبادت الاهي جي لذتن سان محفوظ ٿيندي ايزدي تائيد جا مزا ماڻين. پنج نمازون تہ معراج واري رات فرض ٿيون هيون پر هتي انهن جا وقت ٻڌايا ٿا وڃن. جن جو تفصيل حضرت جبريل عليه السلام بہ ڏينهن لاڳيتا حاضر ٿي جماعت ڪرائي ٻڌايو هو. (٢). "دُلُوْكِ الشَّمْسِ" جي معنىٰ- زوالهامن كبدالسماء ودحوضها الى جهة المغرب. (٣).

سج جو آسمان جي وچ کان هلي اولهہ واري طرف ڏانهن لڙڻ. ۽ فجر وقت قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ جو بہ حڪم آيو ڇوتہ ان وقت الله جل شانه جا ملائڪ رات ۽ ڏينهن جي ڊيوٽي وارا هڪ هنڌ گڏ حاضر ٿين ٿا. جيئن ترمذي حضرت ابوهريرة رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي. (٤).

"وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ڰ عَسٰٓى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا" ۽ رات جو ان قرآن سان تهجد پڙهہ اهو تنهنجي لاءِ وڌيڪ آهي عنقريب تنهنجو رب توکي ساراهہ ڪيل مقام ۾ اٿاريندو. مطلب تہ ننڍ مان اٿي تهجد ۾ قرآن پڙهندو ڪر اهو اوهان ڪي وڌيڪ حڪم ان جي ڪري ڪيو ويو آهي تہ اوهان ڪي الله تعالىٰ اهڙي مقام ۾ اٿاريندو جنهن جي سڀ ساراهہ ڪندا. ان مقام محمود مان مراد شفاعت عظمىٰ وارو مقام آهي جڏهن ڪوبہ پيغمبر ڳالهائي نہ سگهندو تڏهن نبي ڪريم ﷺ جن الله تعالىٰ ڪي عرض ڪري خلق ڪي تڪليف کان ڇڏائيندا ان وقت مخلوق جي زبان تي سندن تعريف ۽ ثنا هوندي پر خالق بہ سندن شان بيان ڪندو گويا ان وقت محمدي شان جو پورو پورو ظهور هوندو. ۽ مقام محمود جي

(١) بحرالعلوم صـ٢٧٩ جلد ٢. (٢) ضياءالقرآن صـ٦٧٧ جلد ٢.
(٣) ايسرالتفاسير صـ٦١٨ جلد٢. (٤) القرطبي صـ٣٠٦ ج١٠.

اها معنيٰ ۽ مراد صحيح حديثن ۾ آيل آهي بخاري، مسلم ۽ حديث جي ٻين كتابن ۾ نهايت مفصل طريقي سان شفاعت كبريٰ جو ذكر آيل آهي ۽ حديثن جي شارحن حضور كريم ﷺ جن جي شفاعت جا ڏهه قسم ثابت كيا ويا آهن جن جي تفصيل فتح الباري شرح صحيح بخاري ۾ موجود آهي اتي ڏسڻ گهرجي. (١).

ذهن نشين كرڻ گهرجي ته جڏهن عسيٰ لفظ جي نسبت الله تعاليٰ ڏانهن كيل هوندي آهي ته اتي ان مان مراد يقين هوندو آهي.

مقام محمود جي وضاحت

علامه قرطبي لكيو آهي ته مقام محمود مان مراد چار قول آهن.

١- ته ان مان مراد قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي شفاعت كرڻ آهي اهوئي وڌيڪ صحيح قول آهي، جيئن ترمذي حضرت ابوهريرة رضي الله تعاليٰ عنه كان روايت آندي آهي ته رسول الله ﷺ جن كان مقام محمود جي باري ۾ پڇيو ويو پاڻ فرمايائون "هِيَ الشَّفَاعَةُ " اها شفاعت آهي. ترمذي فرمايو آهي ته هيءَ حديث حسن، صحيح آهي.

٢- مقام محمود مان مراد آهي نبي كريم ﷺ جن كي حمد جو جهنڊو عطا كيو ويندو. جيئن حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعاليٰ عنه كان روايت آهي ته "اَنَا سَيِّدُ وُلْدِ آدَمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَلَافَخْرَ وَبِيَدِيْ لِوَاءُالْحَمْدِ وَلَافَخْرَ وَمَا مِنْ نَّبِيٍّ يَوْمَئِذٍ آدَمُ فَمَنْ سِوَاهُ اِلَّاتَحْتَ لِوَائِيْ" مان قيامت جي ڏينهن آدم جي اولاد جو سردار آهيان ۽ فخر ناهي ۽ منهنجي هٿ ۾ حمد جو جهنڊو هوندو ۽ فخر ناهي ۽ ان ڏينهن كوبه نبي آدم ۽ ان كان سواءِ نه هوندو مگر اهو منهنجي جهنڊي جي هيٺان هوندو.

٣- مجاهد ۽ كن ٻين جو قول آهي ته مقام محمود مان مراد آهي ته الله تعاليٰ نبي پاك ﷺ جن كي پاڻ سان گڏ كرسيءَ تي وهاريندو. (ان جي كيفيت رب كريم ئي ڄاڻي ٿو ٻئي كي خبر ناهي) علامه قرطبي لكيو آهي ته هيءَ تاويل محال ناهي ممكن آهي(٢)

٤- قول اهو آهي ته مقام محمود مان مراد سندن شفاعت سان جهنم وارن كي ٻاهر كڍڻ آهي. (١). علامه ثناءالله پاني پتي عليه الرحمة لكيو آهي ته: شفاعت جي ثبوت ۾ حديثون تواتر بالمعنيٰ جي حد كي پهتل آهن. پر خارجي ۽ معتزلا ان جا منكر آهن. (٣).

مفتي محمد شفيع ديوبنديءَ لكيو آهي ته: مسلمان سڏائيندڙن مان خارجي ۽ معتزلا شفاعت جا منكر آهن اهي چون ٿا ته كبيرا گناهه كنهن جي به

(١) حاشيه عثمانيه صه ٣٨٥. (٢) القرطبي صه ٣٠٩ كان ٣١٢ تائين. جلد١٠ (٣) المظهري صه ٤٧٧ جلد ٥.

شفاعت سان معاف نہ ٿيندا پر متواتر حديثون شاهد آهن تہ انبياءَ عليهم السلام بلکہ امت جي صالحن شخصن جي بہ امت جي گناهگارن جي حق ۾ شفاعت مقبول ٿيندي، گهڻن ماڻهن جا گناهہ شفاعت سان معاف ڪيا ويندا. (١).

شفاعت جي لاءِ نبوي ارشادات

١- احمد، ترمذي، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابن مردويہ، ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقي حضرت ابوهريرة رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ ﷺ جن "مقام محمود" جي متعلق فرمايو "هُوَ الْمَقَامُ الَّذِيْ اَشْفَعُ فِيْهِ لِاُمَّتِيْ" (٢). اهو اهو مقام آهي جنهن ۾ مان پنهنجي امت لاءِ شفاعت ڪندس.

٢- ابن ماجه ۽ بيهقي حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو "يَشْفَعُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ الْاَنْبِيَاءُ ثُمَّ الْعُلَمَآءُ ثُمَّ الشُّهَدَآءُ" قيامت جي ڏينهن نبي (سڳورا عليهم السلام) شفاعت ڪندا، ان ڪان پوءِ عالم ان ڪان پوءِ شهيد.

٣- محدث ديلمي حضرت ابن عمر کان مرفوع روايت آندي آهي تہ "يُقَالُ لِلْعَالِمِ اِشْفَعْ فِيْ تَلَامِذَتِکَ وَلَوْ بَلَغْنَ عَدَدَ نُجُوْمِ السَّمَآءِ" عالم کي چيو ويندو تہ: پنهنجن شاگردن جي لاءِ شفاعت ڪر ڇونہ ڪٿي آسمان جي تارن جيترا هجن.

٤- ابوداؤد ۽ ابن حبان حضرت ابودرداءَ رضي الله تعاليٰ عنه کان مرفوع روايت آندي آهي تہ "اَلشَّهِيْدُ يَشْفَعُ فِيْ سَبْعِيْنَ مِنْ اَهْلِ بَيْتِهٖ" شهيد پنهنجي گهر وارن مان ستر (٧٠) ماڻهن جي شفاعت ڪندو انهن کان پوءِ عالم انهن کان پوءِ شهيد.

٥- احمد، طبراني ۽ بيهقي صحيح سند سان حضرت ابي امامه رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو "لَيَدْخُلَنَّ الْجَنَّةَ بِشَفَاعَةِ رَجُلٍ مِنْ اُمَّتِيْ اَکْثَرُ مِنْ رَبِيْعَةٍ وَمُضَرٍ" (٣). منهنجي امت مان هڪ مرد جي شفاعت سان ربيعتہ ۽ مضر (قبيلن جي ماڻهن) کان گهڻا بهشت ۾ داخل ٿيندا.

سوال: جڏهن نبي پاڪ ﷺ جن جي شفاعت سان سيئي گنهگار جهنم مان نڪرندا تہ ٻيا انبياءَ عليهم السلام ۽ صالح ٻانها ڪنهن جي شفاعت ڪندا؟

جواب: مفسرن ان جي جواب ۾ لکيو آهي تہ ٻيا انبياءَ عليهم السلام پنهنجي پنهنجي امت جي لاءِ شفاعت ڪندا ۽ نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجن ۽ ٻين امتن سيني جي سيني شفاعت ڪندا ۽ صالح ٻانها بہ حضور ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪندا پوءِ پاڻ

(١) معارف القرآن صـ٥٠٦ جلد ٥. (٢) الدرالمنثور صـ٣٢٤ جلد ٥
(٣) تفسير مظهري صـ٤٨٠ جلد ٥.

سندن متعلقن جي شفاعت كندا. (١).

سوال: ڇا ملائڪ بہ شفاعت كندا؟

جواب: ها بلڪل كندا پر حضور ڪريم ﷺ جن وڏن گناهن ڪندڙن جي شفاعت كندا ۽ ملائڪ ننڍن گناهن ڪندڙن جي ۽ نيڪن صالحن جي درجات ڪي بلند ڪرائڻ جي شفاعت كندا. (٢).

تهجد جي نماز کان پوءِ مقام محمود جي آڻڻ ۾ حڪمت

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني عليه الرحمته فرمايو آهي تہ: تهجد کان پوءِ مقام محمود ان جي ڪري ذڪر ڪيو ويو آهي جو تهجد ادا ڪرڻ شفاعت جي مقام ملڻ جو ذريعو آهي. (٣).

"وَقُلْ رَّبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّاَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطَانًا نَّصِيْرًا" ۽ چئو تون تہ: اي منهنجا پالڻهار! مون کي سچو داخل ڪرڻ فرماءِ ۽ سچو ڪڍڻ نصيب فرماءِ ۽ مون لاءِ پاڻ وٽان مدد وارو غلبو بناءِ. مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ: نبي پاڪ ﷺ جن کي جڏهن هجرت ڪرڻ جو حڪم مليو تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي هئي. جنهن ۾ کين هيءَ دعا تلقين ڪئي وئي تہ: اي رب ڪريم! منهنجي مڪه مان هجرت بہ سچائيءَ سان گڏ هجي تہ مدينه ۾ داخل ٿيڻ بہ سچائيءَ سان هجي يعني ٻنهي جي پچاڙي چڱي هجي ۽ هر حال ۾ تنهنجي مدد مون سان گڏ هجي. "مُدْخَلَ صِدْقٍ" ان مان مراد مدينہ منوره آهي ۽ "مُخْرَجَ صِدْقٍ" مان مراد مڪه مڪرمه آهي. (۴). علامه صاوي لکيو آهي تہ مدينہ منوره کي طيبه ۽ قبة الاسلام بہ سڏيندا آهن ۽ اهو نبي پاڪ ﷺ جن سان روشن ٿيو آهي. (۵).

هن دعا جي برڪت سان محبوب پاڪ ﷺ جن جي غيبي مدد ۽ تائيد ٿيندي رهي ۽ هجرت دوران الله جل شانه کين پويان پوندڙن ڪافرن جي هر مڪر ۽ ايذاءَ کان محفوظ فرمائي، هر قدم تي سندن بچاءُ ڪيو. بعضي علماءَ جو قول آهي تہ: هر مسلمان کي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ جي شروعات ۾ هيءَ دعا پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ گهرجي ۽ هيءَ هر مقصد لاءِ مفيد آهي.

(١) مظهري صـ٤٨٠ ج٥ معارف القرآن صـ٥٠٧ جلد٥ (٢) حوالو ساڳيو (٣) ساڳيو حوالو.
(۴) معارف القرآن صـ٥٠٨ ج٥. (۵) الصاوي صـ٣٣٦ جزءُ ٢.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- ”سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا“ (انهن جو طريقو جيڪي اوهان کان اڳي رسول بنائي موڪلياسون) ان مان واضح ٿيو تہ: الله جل شانه جا سيئي قانون نبين عليهم السلام جي ذريعي ڌرتيءَ تي پهچندا آهن ايتري قدر جو باري تعالیٰ جي صفتن جو ظهور بہ انهن جي هٿان ٿيندو آهي.

٢- ”مَقَامًا مَّحْمُوْدًا“ جي تفسير مان واضح ٿيو تہ: شفاعت حق آهي ان جو منڪر بدنصيب ۽ گمراهہ آهي وڏن گنهگارن جي مغفرت لاءِ پهريان پهريان نبي پاڪ ﷺ جن شفاعت ڪندا. پوءِ ٻيا انبياءَ عليهم السلام بہ ڪندا. بعد ۾ علماءَ، شهداءَ صلحاءَ وغيرهم بہ شفاعت ڪندا. شفاعت قرآن ڪريم جي ٻارهن (١١) آيتن ۽ چاليهن (٤٠) حديثن سان ثابت آهي. (٣).

٣- وَلَاتَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيْلاً“ (۽ اسان جي طريقي ۾ ڦيرڦار نہ لهندين) ان مان ثابت ٿيو تہ رب العزة جل شانه جي قانون کي ڪير بہ پنهنجو پاور هلائي ڦيرائي نٿو سگهي ها پاڻ پنهنجي مرضيءَ يا پيارن جي دعا ۽ وسيلي سان ڦيرائي تہ ڦيرائي سگهي ٿو جيئن حضرت ابراهيم تي باهہ باغ ٿي ۽ حضرت اسماعيل کي ڪاتيءَ ڪجهہ بہ اثر نہ ڪيو.



(١) نعيمي ص۔ ج١٥

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿٨١﴾

۽ فرماءِ تہ: آيو حق ۽ ويو باطل بيشڪ باطل آهي ئي وڃڻ وارو

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ

۽ نازل ٿا ڪيون قرآن مان اهو جيڪو شفاءَ ۽ رحمت آهي مومنن جي لاءِ

وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿٨٢﴾ وَاِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ

۽ نٿو وڌائي ظالمن کي مگر نقصان ۽ جڏهن نعمت عطا ڪريون ٿا انسان کي

اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَئُوْسًا ﴿٨٣﴾ قُلْ كُلٌّ

تہ منهن موڙيندو آهي ۽ ڦيرائيندو آهي پاسو پنهجو ۽ جڏهن پهچندي آهي ان کي مدائي تہ ٿيندو آهي نااميد،

يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ ؕ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ

فرماءِ تہ هر ڪو ٿو عمل ڪري پنهنجي پيدائشي عادت مطابق پوءِ رب اوهان جو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي

٩ع٤ بِمَنْ هُوَ اَهْدٰى سَبِيْلًا ﴿٨٤﴾ ع

ان کي جو اهو وڌيڪ هدايت واري رستي سان آهي.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ فجر وقت قرآن ڪريم جي پڙهڻ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ قرآن ڪريم ۽ صاحب قرآن حق آهن. ارشاد مبارڪ آهي "وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا" ۽ فرماءِ تہ حق آيو ۽ باطل (هليو) ويو بلاشڪ باطل وڃڻ وارو آهي يعني اي محبوب ڪريم! صلى الله عليه وسلم اوهان سڀني دنيا وارن کي ٻڌايو تہ حق پوري قوت ۽ طاقت سان اچي ويو آهي ۽ ڪفر، شرڪ، گمراهي ۽ باطل ختم ٿي رهيو آهي. ۽ اها ڳالهہ يقيني آهي تہ باطل ختم

ٽيڻ واري شيءِ آهي عارضي ۽ وقتي هوندو آهي هميشہ نہ رهندو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: هيءَ آيت هجرت کان پوءِ مڪه مڪرمه کي فتح ڪرڻ جي باري ۾ نازل ٿي هئي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو آهي تہ جنهن ڏينهن مڪه مڪرمه کي فتح ڪري نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن بيت الله شريف ۾ داخل ٿيا هئا تہ ان وقت بيت الله شريف جي چئو طرف ٽي سئو سٺ (٣٦٠) بت بيهاريل هئا، عالمن سڳورن جو قول آهي تہ: ڪافرن بتن جو اهو خصوصي تعداد ان جي ڪري رکيو هو جو سال جا ڏينهن بہ ٽي سئو سٺ آهن. هڪ هڪ ڏينهن لاءِ انهن جدا جدا بت مقرر ڪيو هو جنهن جي پوڄا ڪندا هئا پوءِ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي لٺ مبارڪ انهن بتن جي پيٽ ۾ هڻئي ٿي تہ اهي ڪرندا ٿي ويا ۽ پاڻ هيءَ آيت پڙهي رهيا هئا، قشيري فرمايو آهي تہ:جڏهن سيئي بت ڪري پيا تہ پاڻ انهن کي ٻيڃڻ جو حڪم فرمايائون. (١).

مسئلو

مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ: نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي طرفان بتن کي ڀڃڻ جو حڪم ڏيڻ مان ثابت ٿيو تہ: جيڪا بہ شيءِ باطل ۽ الله جل جلالہ جي بي فرماني ۽ گناهہ جي لاءِ ٺهي آهي جيئن شرنايون، طنبورا، باجا وغيره اهي سڀ ڀڃڻ گهرجن ۽ اهڙي طرح اهي تصويرون جيڪي مٽيءَ ۽ ڪاٺ وغيره مان ناهيون وڃن ٿيون اهي بہ ڀڃڻ گهرجن انهن جو وڪڻڻ ۽ واپار ڪرڻ بہ ناجائز آهي. نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي تہ "وَاللهِ لَيَنْزِلَنَّ عِيسَى ابْنُ مَرْيَمَ حَكَمًا عَادِلاً فَلَيَكْسِرَنَّ الصَّلِيْبَ وَلَيَقْتُلَنَّ الْخِنْزِيْرَ". الحديث- (الله جو قسم آهي تہ عيسىٰ بن مريم عادل حاڪم ٿي ضرور لهي ايندو، پوءِ صليب کي ڀڃندو ۽ سوئر کي قتل ڪرائي ڇڏيندو).
ان مان بہ اهائي ڳالهہ ثابت ٿي رهي آهي تہ باطل کي ختم ڪجي. ۽ ان ئي طرح آهي جيڪو نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن پردي وارو ڪپڙو هٽايو هو جنهن تي تصوير ٺهيل هئي اهي تصويرن ۽ راندين روندين جا سامان ختم ڪرڻ جي لاءِ دليل آهن. (٢).
"اَلْحَقُّ" مان مراد نبي ڪريم ﷺ يا اسلام يا قرآن پاڪ آهي ۽ "الباطل" مان مراد شرڪ يا بت آهن. (٣) المطلب تہ جيئن حق جي اچڻ جي ڪري.

(١) القرطبي صـ٣١٤ جلد ١٠. (٢) معارف القرآن صـ٥٠٩ جلد ٥. القرطبي صـ٣١٥ جلد ١٠.
(٣) المظهري صـ٤٨٣ جلد ٥. تفسير نعيمي صـ٣٤٨ جلد ١٥.

باطل هليو ويندو آهي، تيئن قرآن ڪريم جي آيتن سان جيڪي ٿوريون ٿوريون ٿي نازل ٿي رهيون آهن روحاني بيماريون دور ٿين ٿيون ۽ دلين مان باطل عقائد، خراب عادتون ۽ شڪ شبها ختم ٿين ٿا، باطني صحت ملي ٿي بلڪ گهڻو وقت انهن آيتن جي تلاوت سان بدني صحت بہ نصيب ٿيندي آهي. قرآن ڪريم جون آيتون پڙهي بيمار کي ڦيڻو رکڻ ۽ تعويذ لکي ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ سان بہ ظاهري بيمارين کان شفاء ملندي آهي حديث پاڪ جون روايتون ان جون شاهد آهن، حديث پاڪ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعالىٰ عنه جي هيءَ روايت موجود آهي تہ: اصحابن سڳورن جي هڪ جماعت سفر ۾ هُئي اتي ڪنهن ڳوٺ جي رئيس کي وڇوءَ ڏنگ هنيو ان جي ساٿين اصحاب ڪرام کان پڇيو تہ: اوهان هن جو ڪجهہ علاج ڪري سگهو ٿا؟ انهن مان ڪنهن ست پيرا سوره فاتحه پڙهي ان تي ڦيڻو ڪيو تہ اهو صحتياب ٿي ويو. اهو واقعو جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو تہ پاڻ ان کي جائز ۽ صحيح قرار ڏنائون اهڙي طرح بين ڪيترين ئي روايتن مان خود نبي ڪريم ﷺ جن کان سوره "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ" ۽ "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ" پڙهي بين تي ڦيڻو وجهڻ ثابت آهي ۽ اصحاب ڪرام ۽ تابعين عظام کان ڦيڻو رکڻ ۽ تعويذ لکي ٻڌڻ ثابت آهي جيئن مفسر قرآن علام قرطبي لکيو آهي. (١).

پوري تفصيل ۽ تشريح اتي ڏسڻ گهرجي. "وَلَايَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا" ۽ ظالمن کي نقصان کان سواءِ ڪجهہ بہ نٿو وڌائي- مطلب تہ قرآن ڪريم جيئن اعتقاد، احترام ۽ محبت سان پڙهندڙ جي لاءِ شفا آهي تيئن قدر نہ ڪندڙ، ايمان نہ آڻيندڙ کي نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نصيب نٿو ٿئي. جيئن جيئن انڪار ڪندو ويندو تيئن تيئن نقصان ۾ وڌندو رهندو. "وَاِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَنَاٰبِجَانِبِهٖ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَئُوْسًا" ۽ اسين جڏهن انسان کي نعمت عطا ڪريون ٿا تہ منهن موڙيندو ۽ پنهنجو پاسو ڦيرائيندو آهي ۽ جڏهن ان کي مدائي پهچندي آهي تہ مايوس ٿيندو آهي. يعني انسان جي حالت عجيب آهي جڏهن اسين ان کي نعمتن سان نوازيندا آهيون تہ انهن جو شڪر ڪرڻ جي بجاءِ منهن موڙي ويهي ٿو رهي ۽ جڏهن ان کي تڪليف ۽ ايذاء ٿو پهچي تہ يڪدم مايوس ٿي ويهي ٿو رهي، مقصد تہ ٻنهي حالتن ۾ پنهنجي حقيقي مالڪ ۽ منعم کان غافل ٿي منهن موڙي ٿو ويهي

(١) القرطبي صـ٣١٦- ٣٢٢ جلد ١٠.

"قُلْ كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ اَهْدٰى سَبِيْلًا". فرماءِ تہ: هر كو پنهنجي پيدائشي عادت تي كم كري ٿو پوءِ اوهان جو رب ان كي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيكو وڌيڪ هدايت واري رستي تي آهي، يعني هر انسان مومن هجي يا مشرڪ، منهن موڙيندڙ هجي يا ٻيو كجهہ، پنهنجي پنهنجي طريقي تي آهي پر ياد رکڻ گهرجي تہ كير بہ الله تعالىٰ جي علم محيط كان ٻاهر ناهي اهو هر هڪ جي طريق عمل، چرپر كان هر طرح باخبر ۽ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي تہ كير هدايت واري رستي تي آهي.

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "جَآءَالْحَقُّ" ۾ الحق مان مراد نبي پاڪ ﷺ جن آهن ۽ پاڻ محبوبيت ۽ مقبوليت جي اعلىٰ مقام تي فائز آهن قرآن پاڪ جي اسلوب ۽ انداز بيان مان بہ اهو واضح ٿئي ٿو ڇوتہ قرآن پاڪ جي لاءِ غالبًا "نَزَّلْنَاهُ" يا "اَنْزَلْنَا" آيو آهي "جَآءَ" جو لفظ حضور پاڪ ﷺ جن جي لاءِ آيو آهي. ٢- قرآن پاڪ جي لاءِ مطلق "شِفَآءٌ" جي لفظ آڻڻ مان واضح ٿيو تہ اهو ديني، دنيوي، روحاني ۽ جسماني هر قسم جي شفاءَ آهي.
٣- "كَانَ يَئُوْسًا" (مايوس ٿو ٿئي) ان مان واضح ٿيو تہ عيش عشرت جي حالت ۾ الله تعالىٰ كي وسارڻ ۽ تكليف پهچڻ جي حالت ۾ بي صبري كرڻ واهيات گفتا ڳالهائڻ كافرن جي نشاني آهي- مسلمانن كي ان كان بچڻ گهرجي.

وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ؕ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ وَمَآ اُوْتِيْتُمْ

۽ پڇن ٿا توكان روح جي باري ۾ فرماءِ تہ روح امر رب منهنجي جو آهي ۽ نہ ڏنا ويئو اوهان

مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٨٥﴾ وَلَئِنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ

علم مان مگر ٿورو ۽ البتہ جيكڏهن گهرون اسين تہ البتہ ضرور وٺي وڃون ان (قرآن) كي جيكو وحي كيوسون

اِلَيْكَ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ عَلَيْنَا وَكِيْلًا ﴿٨٦﴾ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ؕ

توڏانهن ان كان پوءِ نہ لهين پاڻ لاءِ ان سان اسان تي كو كر ناهيندڙ مگر رحمت آهي تنهنجي رب جي طرفان

اِنَّ فَضْلَهٗ كَانَ عَلَيْكَ كَبِيْرًا ﴿٨٧﴾ قُلْ لَّئِنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ

بيشڪ ڀلائي ان جي آهي توتي وڏي فرماءِ تہ البتہ جيكڏهن گڏ ٿيندا انسان

وَالْجِنُّ عَلٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ

۽ جنّ هن تي تہ آڻين مثال هن قرآن جو تہ نہ آڻيندا مثال ان جو

وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا ﴿٨٨﴾

جيتوڻيڪ هجن هڪڙا انهن مان ٻين لاءِ مددگار.

تفسير

پهريان آيل آيتن ۾ ڪافرن جي بي علميءَ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان جو مثال ٻڌايو ويو آهي تہ اي حبيب پاڪ! (ﷺ) اهي اوهان کان هي سوال ڪن ٿا.

شان نزول

احمد، بخاري، مسلم، ترمذي، نسائي، ابن جرير، ابن المنذر، ابن حبان، ابن مردويہ، ابونعيم ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقي حضرت ابن مسعود رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: هڪ ڀيري مان نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ مدينہ منور جي ميدان ۾ وڃي رهيو هوس ۽ پاڻ لٺ تي ٽيڪ ڏئي هلي رهيا هئا، هلندي هلندي يهودين جي هڪ ٽولي کان لنگهڻ ٿيو تہ اهي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا: ان (نبي ڪريم ﷺ) جن کان روح جي متعلق سوال ڪريو، ۽ ڪي چوڻ لڳا تہ "سوال نہ ڪريو" پوءِ نيٺ پڇيائون تہ: روح ڇا آهي؟ پوءِ پاڻ لٺ تي ٽيڪ ڏئي بيٺا رهيا ۽ مون يقين ڪيو تہ مٿن وحي نازل ٿي رهيو آهي، ۽ الله جل شانه هيءَ آيت نازل فرمائي. (١).

ارشاد عالي آهي "وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا" ۽ توکان روح جي باري ۾ پڇن ٿا فرماءِ تہ: روح منهنجي رب جو امر آهي ۽ اوهان علم مان تمام ٿورو ڏنا ويا آهيو- ۽ سيرت مبارڪ جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو سوال مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشين يهودين جي مشوري سان ڪيو ويو هو، ان جي ڪري ان آيت جي مڪي يا مدني هجڻ ۾ اختلاف آهي ممڪن آهي تہ ٻہ

(١) الدرالمنثور صہ٣٣١ جلد ٥.

پيرا نازل ٿي هجي، ۽ هتي انهن جي سوال بيان ڪرڻ مان غالبًا مقصد اهو آهي تہ انهن ماڻهن ڪي جن شين جي سمجهڻ جي ضرورت آهي انهن ڪان منهن موڙين ٿا ۽ سرڪشيءَ ۽ عناد جي ڪري غير ضروري مسئلن تي بحث ڪن ٿا ضرورت اها هئي تہ قرآني وحيءَ سان باطني زندگي حاصل ڪري هن شفاءَ جي نسخي مان فائدو وٺن ها قرآن ڪريم بہ روح آهي جيئن فرمان مبارڪ آهي "كَذَالِكَ اَوْحَيْنَا اِلَيْكَ رُوْحًا مِّنْ اَمْرِنَا" (١). اهڙي طرح توڙانهن پنهنجي امر مان روح وحي ڪيوسون. ٻيءَ جاءِ تي ارشاد آهي "يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ" (٢) پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو ان تي پنهنجي امر مان روح نازل فرمائي ٿو، مگر اهي اجاين بي فائدن بحثن ڪان واندا ڪٿي هئا جو حقيقي زندگي حاصلْ ڪن ها.

روح مان مراد ڇا آهي؟

هتي هيءَ ڳالهہ غور طلب آهي تہ! سوال ڪندڙ ڪهڙي معنىٰ جي لحاظ سان روح جي باري ۾ سوال ڪيو هو؟ بعضي مفسرن اڳين ۽ پوين آيتن جي لحاظ سان روح مان مراد قرآن ڪريم يا حضرت جبرئيل عليه السلام ورتو آهي تہ انهن جي باري ۾ سوال هو- پر صحيح مرفوعہ حديثن ۾ جيڪو هن آيت جو شان نزول ذڪر ڪيل آهي ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ پڇڻ وارن حيواني روح جي متعلق پڇيو هو تہ ان جي حقيقت ڇا آهي؟ ۽ حيوانات جي اندر ڪيئن اچي وڃي ٿو ۽ ان سان انسان ڪيئن زنده رهي ٿو- ابن ڪثير، ابن جرير، قرطبي بحرمحيط ۽ روح المعاني وغيرهم ان قول کي ئي صحيح قرار ڏنو آهي تہ سوال حيواني روح جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ هو. (٣).

ان سوال جي جواب ۾ ارشاد ٿيو تہ: اوهان فرمايو: روح منهنجي رب جو امر آهي- هن جملي سان واضح ڪيو ويو تہ: روح عام مخلوق وانگر ناهي جيڪو مادي جي تطورات، توالد ۽ تناسل جي ذريعي وجود ۾ اچي بلڪہ اهو واسطي ڪان سواءِ الله جل شانه جي اُمرن سان پيدا ٿيڻ واري شيءِ آهي ان کي عام ماديات تي قياس نہ ڪجي انسان جي لاءِ روح جو ايترو علم هجڻ ئي ڪافي آهي.

ڇا روح جي حقيقت جو علم ڪنهن کي ٿي سگهي ٿو؟

مفسرن ﻳﻼرن لکيو آهي تہ: قرآن ڪريم هن سوال جو جواب مخاطب جي

(١) سوره شوريٰ آيت عہ ٥٢. (٢) سوره نحل آيت ٢. (٣) معارف القرآن صہ ٥١٤ جلد ٥.

ضرورت ۽ فهم جي مطابق ڏنو آهي روح جي حقيقت کي بيان نہ فرمايو آهي پر ان مان اهو لازم ناهي تہ روح جي حقيقت کي کو انسان سمجهي نٿو سگهي ۽ اهو چوڻ تہ خود رسول الله ﷺ جن کي بہ ان جي حقيقت معلوم نہ هئي اهو غلط آهي.

کنهن بہ نبي ۽ رسول کي وحي جي ذريعي يا کنهن وليّ کي کشف ۽ الهام جي ذريعي روح جي حقيقت جو معلوم هجڻ هن آيت جي خلاف ناهي بلڪ عقل ۽ فلسفي جي لحاظ سان بہ ان جو علم ملڻ ناممڪن ناهي. علامہ ثناء الله پاني پتي عليه الرحمتہ وڏو تفصيلي بحث کندي لکيو آهي تہ: "وهذه الاية لاتقتضي نفي العلم بالروح للنبي ولاصحاب البصائر من اتباعه" يعني هيءَ آيت نبي پاڪ ﷺ ۽ سندس تابعدارن مان بصيرت وارن کان روح جي علم جي نفي نٿي ڪري، ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ: "وقد ادرک اصحاب البصائر حقيقه الروح". (١).

۽ بصيرت جا صاحب روح جي حقيقت کي پهتا آهن. بخاري جي شارح علامہ بدر الدين عيني عليه الرحمه لکيو آهي تہ "وجل منصب النبي ﷺ وهو حبيب الله وسيد خلقه ان يكون غير عالم بالروح وكيف وقد من الله عليه بقوله" وَعَلَّمَکَ مَالَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ وَكَانَ فَضْلُ اللهِ عَلَيْکَ عَظِيمًا" (٢).

يعني نبي ڪريم ﷺ جن جو مرتبو ان کان مٿي آهي جو کين روح جو علم نہ هجي حالانک پاڻ الله جا حبيب ۽ ان جي مخلوق جا سردار آهن ۽ کيئن نہ هوندا. الله تعاليٰ مٿن پنهنجي هن فرمان سان احسان کيو آهي"۽ جيڪو تو نٿي ڄاتو (الله) توکي ڄاڻايو آهي ۽ توتي الله جو فضل وڏو آهي" مفتي شفيع ديوبندي صاحب۽ علامہ رازيءَ بہ ائين ئي لکيو آهي. (٣). ثابت ٿيو تہ نبي ڪريم ﷺ جن ۽ سندن ڪامل متبع اولياءَ الله ۽ رباني علماءَ روح کي ڄاڻن ٿا.

"وَلَئِنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِيْ اَوْحَيْنَآ اِلَيْکَ ثُمَّ لَاتَجِدُلَکَ بِهٖ عَلَيْنَا وَكِيْلًا" ۽ البتہ جيڪڏهن اسين گهرون تہ اهو (قرآن واپس وٺي ڇڏيون جيڪو توڏانهن وحي ڪيو اٿئون ان کان پوءِ تون پنهنجي لاءِ اسان تئ کو کم ناهيندڙ نہ لهندين. هن آيت ۾ بظاهر خطاب نبي ڪريم جن سان آهي پر ان مان مراد امت کي سمجهائڻ آهي. (۴).

يعني قرآن ڪريم جو جيڪو علم اوهان کي ڏنو ويو آهي جيڪڏهن الله جل جلاله گهري تہ ٿوري دير ۾اوهان کان واپس وٺي ڇڏي ۽ ان کان سواءِ ڪير بہ اوهان جي وڪالت ڪري اهو اوهان ڏانهن ورائي نٿو سگهي پر ان جي اوهان تي وڏي

(١) المظهري صـ۴۸۵ جلد ۵. (٢) عمدة القاري شرح صحيح بخاري صـ٢٠ جلد ٢.
(٣) معارف القرآن صـ٥١٦ جلد٥ تفسير کبير صـ٣٧ جزء٢١. (۴) معارف القرآن صـ٥١٧ جلد٥.

مهرباني آهي ان جي ڪري اوهان کي اها نعمت عظميٰ عطا فرمايائين. ۽ هتي واپس
وٺڻ جو فيصلو ڪيل نہ آهي صرف قدرت ڪامله عظيمه جو اظهار مقصود آهي ۽
اهو بہ ٻڌائڻو آهي تہ روح ڪهڙو بہ ڪامل هجي ان جا سڀ ڪمالات ذاتي ناهن
الله جل شانه جي طرفان عطا ڪيل ۽ اڌارا مليل آهن- ان جي ڪري فضول ۽ غير
ضروري بحثن ۾ وقت ضايع نہ ڪجي متان مليل علم مسلوب ٿي وڃي
"اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ اِنَّ فَضْلَهٗ كَانَ عَلَيْكَ كَبِيْرًا" مگر تنهنجي رب جي طرفان رحمت
آهي (جنهن جي ڪري) اهو قرآن واپس نہ ورتو ويو آهي) يقينًا ان جي توتي
مهرباني وڏي آهي. الله جل جلاله ڀهريان پنهنجي مطلق ڪامل قدرت جو ذڪر ڪيو
تہ: مان جيڪي گهران ڪري سگهان ٿو تان جو اوهان کي ڏنل وحي جي ذريعي
قرآن ڪريم بہ واپس وٺي سگهان ٿو مون کي ڪير ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي
قدرت جي بيان کان پوءِ هن آيت ۾ پنهنجي بي پايان رحمت بيان ڪري رهيو آهي تہ:
منهنجي اوهان تي جيڪا رحمت آهي ان جي ڪري اوهان کي عطا ڪيل قرآن واپس
نٿو ڪريان اي محبوبه ڪريم ﷺ منهنجي جيڪا مهرباني اوهان تي آهي اها
ٿوري ۽ محدود ناهي پر تمام گهڻي وڏي آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جنهن
فضل کي الله تعاليٰ پاڻ "كَبِيْرًا" وڏو ٿو سڏي اهو قليل ۽ محدود ناهي ان جو حدون مقرر
ڪرڻ انساني عقل جي امڪان کان ٻاهر آهن نبي پاڪ ﷺ جن جو سيد اولاد آدم
هجڻ، مقام محمود تي فائز ٿيڻ، ڪين رحمتہ اللعالمينيءَ جو جهنڊو ملڻ، سندن
مٿان ختم نبوة جو تاج رکڻ، اهي ان وڏي فضل جا بہ ٿي جلوا آهن جن مان سندن
شان جو ٿورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. "قُلْ لَّئِنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا
بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا" فرماءِ تہ: جيڪڏهن
انسان ۽ جن هن قرآن جي مثال آڻڻ جي لاءِ گڏ ٿين تہ ان جو مثال نہ آڻي سگهندا
پلي ڪٺي انهن مان هڪڙا ٻين جا مددگار ٿين. هي چئلينج قرآن پاڪ جي ٻن، ٽن
آيتن ۾ آيو آهي جنهن ۾ پوري دنيا جي انسانن کي خطاب ڪري چيو ويو آهي تہ:
جيڪڏهن اوهان قرآن پاڪ کي الله جل شانه جو ڪلام ڪري نٿا تسليم ڪريو ۽ چئو
ٿا تہ هي انسان جو ناهيل آهي تہ پوءِ اوهان بہ انسان آهيو ان جو مثال ناهي ڏيکاريو
هن آيت ۾ ان دعويٰ سان گڏ اهو بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ نہ صرف اوهان انسان بلڪہ
پلي جنن کي بہ پاڻ سان ملايو. پر پوءِ بہ اوهان سيئي قرآن ڪريم جي هڪ آيت جهڙي
آيت ناهي نہ سگهندؤ. هن مضمون کي هن جاءِ تي آڻڻ سان ممڪن آهي تہ هي ٻڌائڻ
مقصود هجي تہ اوهان منهنجي محبوب نبي ڪريم ﷺ جن کان روح وغيره جا مختلف

سوال سندن نبوت ۽ رسالت کي آزمائڻ جي لاءِ ڪيو ٿا انهن ڳالهين ۾ ڇو پيا آهيو؟ اوهان قرآن ڪريم کي ڏسي غور ڪندؤ تہ اهو سندن نبوت ۽ رسالت جو اهڙو قوي دليل آهي جنهن سان اوهان جا سڀئي شڪ ختم ٿي ويندا ڪنهن شبهي جي ڪا جاءِ ئي نہ رهندي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١- "قُلِ الرُّوۡحُ مِنۡ اَمۡرِ رَبِّيۡ" (فرماءِ تہ روح منهنجي رب جو امر آهي). ان مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي ڪيتري مخلوق اهڙي بہ آهي جنهن جي حقيقت کي انسان عقل ۽ علم جي گهڻي ترقيءَ جي باوجود سمجهي نٿو سگهي. جيئن انبياءِ ڪرام عليهم الصلاة والسلام جي حقيقت، روح، ۽ اولياءالله جون ڪرامتون وغيرها. ها الله تعالىٰ جي عطا سان انبياءَ ۽ اولياءَ ڄاڻن ٿا.

٢- "قُلۡ لَّئِنِ اجۡتَمَعَتِ الۡاِنۡسُ وَالۡجِنُّ" (فرماءِ تہ جيڪڏهن انسان ۽ جن گڏ ٿين. الخ). ان مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي نازل ڪيل ڪتاب قرآن ڪريم جهڙو ڪير بہ ڪتاب ناهي نہ سگهندو.

٣- جيئن روح جي باري ۾ ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ نہ گهرجي تيئن شريعت پاڪ جي بين ڳالهين تي بہ اعتراض ڪرڻ يا انهن ۾ بحث ڪرڻ نہ گهرجي جيئن تقدير ڇا آهي؟ يا ڪي اهڙيون ٻيون ڳالهيون.

وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا لِلنَّاسِ فِيۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ مِنۡ كُلِّ مَثَلٍ فَاَبٰٓى

۽ البتہ تحقيق ڦيرائي ڦيرائي بيان ڪيوسون ماڻهن جي لاءِ هن قرآن ۾ هر مثال پوءِ انڪار ڪيو

اَكۡثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوۡرًا ﴿٨٩﴾ وَقَالُوۡا لَنۡ نُّؤۡمِنَ لَكَ حَتّٰى تَفۡجُرَ لَنَا

گهڻن ماڻهن مگر بي شڪريءَ جو ۽ چيائون هرگز نہ ايمان آڻينداسون تنهنجي لاءِ تانجو جاري ڪرين اسان جي لاءِ

مِنَ الۡاَرۡضِ يَنۡۢبُوۡعًا ﴿٩٠﴾ اَوۡ تَكُوۡنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنۡ نَّخِيۡلٍ وَّعِنَبٍ

زمين مان وڏو چشمو يا هجي واسطي تنهنجي باغ ڪجين جو ۽ انگورن جو

فَتُفَجِّرَ الۡاَنۡهٰرَ خِلٰلَهَا تَفۡجِيۡرًا ﴿٩١﴾ اَوۡ تُسۡقِطَ السَّمَآءَ كَمَا زَعَمۡتَ

پوءِجاري ڪرين نهرون وچ انهن جي ۾ زبردست جاري ڪرڻ يا ڪيرائين تون آسمان کي جيئن گمان

عَلَيْنَا كِسَفًا اَوْتَاْتِيَ بِاللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ قَبِيْلًا ﴿٩٢﴾ اَوْيَكُوْنَ لَكَ

كيو تو اسان تي ٽڪرا ڪري يا آڻين تون الله کي ۽ ملائڪن کي سامهون يا هجي تولاءِ گهرسونو يا چڙهين تون

بَيْتٌ مِّنْ زُخْرُفٍ اَوْ تَرْقٰى فِى السَّمَآءِ ؕ وَلَنْ نُّؤْمِنَ لِرُقِيِّكَ حَتّٰى

آسمان ۾ ۽ هرگز نہ ايمان آڻينداسون تنهنجي چڙهڻ جي ڳالهہ تي تانجو

تُنَزِّلَ عَلَيْنَا كِتَابًا نَّقْرَؤُهٗ ؕ قُلْ سُبْحَانَ رَبِّيْ هَلْ كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا

لاهين اسان تي ڪتاب جيڪو پڙهون اسين اهو فرماءِ تہ: پاڪائي آهي منهنجي رب جي مان ڪير آهيان مگر انسان

رَّسُوْلًا ﴿٩٣﴾ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰٓى اِلَّآ اَنْ

موڪليل ۽ نہ روڪيو ماڻهن کي هن ڳالهہ کان جو ايمان آڻين جڏهن اچي انهن وٽ هدايت مگر هن جو

قَالُوْٓا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿٩٤﴾ قُلْ لَّوْكَانَ فِى الْاَرْضِ مَلٰٓئِكَةٌ

چيائون تہ ڇا موڪليو الله بشر کي رسول بنائي؟ فرماءِ تہ جيڪڏهن هجن ها زمين ۾ ملائڪ

يَّمْشُوْنَ مُطْمَئِنِّيْنَ لَنَزَّلْنَا عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَلَكًا رَّسُوْلًا ﴿٩٥﴾

جيڪي هلن ٽا مطمئن ٿي تہ البتہ لاهيون ها انهن تي آسمان ڪان ملائڪ کي رسول بنائي.

تفسير

پهريائين مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ قرآن شفاءِ رحمت ۽ اهڙو عجيب ڪلام آهي جو ان جهڙو ڪلام ڪير بہ قيامت تائين پيش ڪري نہ سگهندو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ ان ۾ ماڻهن جي سمجهاڻ لاءِ ورائي، ورائي مثال پيش ڪيا ويا آهن فرمان ايزدي آهي "وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ فَاَبٰىٓ اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا" ۽ البتہ تحقيق اسان هن قرآن ۾ هر مثال ڦيرائي ڦيرائي بيان ڪيو آهي ۽ پوءِ گهڻن ماڻهن ناشڪريءَ کان سواءِ انڪار ڪيو. مقصد تہ ماڻهن جي خير خواهي

لاءِ اسان هن قرآن ۾ عجيب عجيب مضمون بار بار مختلف صورتن ۾ قسم قسم جي عنوانن سان بيان فرمايا آهن پر اڪثر احمق انسان ان احسان جي قدر ڪرڻ جي بجاءِ بي شڪري ڪان سواءِ ڪابہ ڳالهہ قبول نتا ڪن "وَقَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى تَفْجُرَ لَنَا مِنَ الْاَرْضِ يَنْۢبُوْعًا اَوْتَكُوْنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّعِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الْاَنْهٰرَ خِلٰلَهَا تَفْجِيْرًا اَوْتُسْقِطَ السَّمَآءَ كَمَا زَعَمْتَ عَلَيْنَا كِسَفًا اَوْتَاْتِيَ بِاللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ قَبِيْلًا اَوْيَكُوْنَ لَكَ بَيْتٌ مِّنْ زُخْرُفٍ اَوْتَرْقٰى فِي السَّمَآءِ وَلَنْ نُّؤْمِنَ لِرُقِيِّكَ حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيْنَا كِتٰبًا نَّقْرَؤُهٗ" ۽ چيائون تہ اسين توتي ايمان نہ آڻينداسون تانجو اسان جي لاءِ زمين ۾ وڏو چشمو جاري ڪرين يا آسمان ڪي اسان تي ٽڪرا ڪري ڪيرائين جيئن گمان ڪرين ٿو يا الله ۽ ملائڪ سامهون آڻين يا تولاءِ سونو گهر هجي يا تون آسمان ۾ چڙهين ۽ جيستائين ڪتاب آڻين جنهن ڪي اسين پڙهون تنهنجي (آسمان تي) چڙهڻ تي بہ ايمان نہ آڻينداسون.

شان نزول

ابن جرير، ابن اسحاق، ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آندي آهي تہ: مڪه مڪرمه جا رهاڪو ڪافر سج لهڻ ڪان پوءِ بيت الله شريف وٽ گڏ ٿيا ۽ هڪ ٻئي ڪي چوڻ لڳا تہ: (حضرت) محمد (مصطفىٰ ﷺ) جن ڏانهن ماڻهو موڪلي بحث ڪيوس تانتہ ان جا عذر بهانا ختم ٿي وڃن. پوءِ نبي پاڪ ﷺ جن ڏانهن قاصد موڪليائون جنهن اچي سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ اوهان جي قوم جا وڏا وڏا معزز شخص اوهان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيو ويٺا آهن. نبي پاڪ ﷺ جن انهن وٽ ان خيال سان تڪڙا تڪڙا آيا تہ شايد ايمان آڻين، جڏهن پاڻ انهن وٽ تشريف فرما ٿيا تہ سندن خدمت ۾ انهن عرض ڪيو تہ اسان اوهان ڏانهن ماڻهو ان لاءِ موڪليو هو تہ اوهان جا عذر بهانا ختم ڪريون. اوهان قوم تي اهڙو ماحول آندو آهي جو اڳي ڪنهن بہ نہ آندو هو، تو پنهنجن ابن ڏاڏن تان دنيا ڪلائي ڇڏي آهي ۽ انهن جي دين ڪي برو سمجهيو آهي ۽ اسان جي معبودن ڪي بہ خراب چيو آهي ۽ اسان جي ٻڌي ۽ اتحاد ٽوڙيو آهي. پوءِ جيڪڏهن هن پيغام ڏيڻ مان تنهنجو مقصد مال گڏ ڪرڻ آهي تہ اسين تولاءِ مال گڏ ڪريون، ۽ جيڪڏهن تنهنجو مقصد سرداري حاصل ڪرڻ آهي تہ توڪي پنهنجو سردار بنايون ۽ جيڪڏهن بادشاهہ بنجڻ ٿو چاهين تہ توڪي بادشاهہ بنايون ۽ جيڪڏهن تو وٽ اچڻ وارو (ملائڪ) ڪا اهڙي شيءِ آهي جيڪو توڪي مغلوب ۽ مجبور ٿو ڪري تہ اسين تنهنجو علاج ڪرايون. پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن ڪي فرمايو تہ"مون جيڪو پيغام اوهان وٽ آندو آهي ان مان منهنجو مقصد مال گڏ

ڪرڻ، سرداري وٺڻ يا بادشاهہ بڻجڻ ناهي، بلڪہ الله تعالىٰ مون کي اوهان ڏانهن رسالت سان موڪليو آهي ۽ مون تي ڪتاب نازل ڪيو اٿس ۽ مون کي امر ڪيو اٿس تہ مان اوهان جي لاءِ بشير ۽ نذير هجان پوءِ مون اوهان جي خيرخواهي ڪري اوهان کي پيغام پهچايو آهي، جيڪڏهن قبول ڪندؤ تہ اوهان جو دنيا ۽ آخرت ۾ اهو نصيب آهي ۽ جيڪڏهن رد ڪندؤ تہ مان الله جي امر لاءِ صبر ڪندس تانجو الله منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري. انهن وري ڪين چيو تہ: جيڪڏهن اوهان اهو نٿا قبول ڪريو تہ: ڀلا هي ڪريو اوهان کي خبر آهي تہ اسان مڪي (مڪرمه) ۾ رهندڙن جيتري ڪنهن کي بہ سوڙهہ نہ آهي ۽ نہ اسان کان وڌيڪ ڪو مالي ۽ معاشي لحاظ سان وڌيڪ مسڪين آهي، پوءِ جنهن تنهنجي رب توکي نبي بنائي اسان ڏانهن موڪليو آهي ان کان دعا گهر تہ! اسان جي شهر مان جبل ڪڍي ميدان ڪشادا ڪري ڏي ۽ اسان جي لاءِ نهرون وهائي، ڪجين ۽ انگورن جا باغ سرسبز ڪري ڏي جيئن شام ۽ عراق ۾ آهن ۽ اسان جا مري ويل ابا ۽ ڏاڏا زندهہ ڪري قبرن مان اٿاري ڏي. خاص ڪري قصي بن ڪلاب کي زنده ڪري، اهو سچو مڙس هو انهن کان پڇون تہ تون جيڪو چوين ٿو حق آهي يا باطل؟ پوءِ جيڪڏهن اسان جا مطالبا مڃيندين ۽ قبرن وارا توکي سچو چوندا تہ اسين بہ توکي سچو چونداسين ۽ تنهنجي اتباع ڪنداسين ۽ مڃينداسون تہ تون الله وٽ مرتبي وارو ۽ ان جو سچو رسول آهين. نبي ڪريم ﷺ جن انهن کي فرمايو تہ: مان انهن ڪمن لاءِ موڪليل ناهيان مان اوهان کي الله جو پيغام پهچائڻ آيو آهيان قبول ڪندؤ تہ اوهان جو دنيا ۽ آخرت ۾ نصيب آهي ۽ جيڪڏهن قبول نہ ڪندؤ تہ مان الله جي امر لاءِ صبر ڪندس تانجو اهو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ڪندو. ڪافرن چيو تہ: ڀلا جيڪڏهن اسان جي لاءِ هي نٿو ڪرين تہ پوءِ پنهنجي رب کان دعا گهر تہ اهڙو ملائڪ موڪلي جيڪو تنهنجي تصديق ڪري ۽ تنهنجي متعلق اسان سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪري ۽ دعا گهر تہ تنهنجي لاءِ باغ، ڪاٽيون، ۽ سون ۽ چانديءَ جون محلاتون ناهي نہ تہ تون تہ اسان جهڙو آهين بازار مان سامان خريد ڪرين ٿو ۽ معاش جا ذريعا اختيار ڪرين ٿو. نبي ڪريم ﷺ جن انهن کي فرمايو تہ: مان ائين نہ ڪندس ۽ نہ اها دعا گهرندس.... ۽ نہ مان ان جي لاءِ موڪليو ويو آهي پر الله تعالىٰ مون کي بشارت ڏيندڙ ۽ جهنم جي باهہ کان ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي پوءِ جيڪڏهن اهو پيغام جيڪو مون آندو آهي قبول ڪندؤ تہ اهو اوهان جو دنيا ۽ آخرت ۾ نصيب آهي ۽ جيڪڏهن اهو رد ڪندؤ تہ مان الله جي امر جي لاءِ صبر ڪندس تان جو الله

منهنجو ۽ اوهان جو فيصلو ڪندو. ڪافرن چيو تہ پوءِ جيئن تون سمجهين ٿو اسان تي آسمان جا ٽڪرا ڪيراءِ. تنهنجو رب جيڪڏهن گهرندو تہ ڪندو، پوءِ جيستائين تون اسان جو چوڻ نہ ڪندين اسين توتي ايمان نہ آڻينداسون. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ: اها الله جل جلالہ جي مرضي آهي وڻيس تہ ڪري وڻيس تہ نہ ڪري. ڪافرن چيو تہ: اي محمد! (ﷺ) تنهنجي رب کي اهو علم آهي تہ اسين جلد وري بہ توسان ويهي توکان اهوئي مطالبو ڪنداسون پوءِ بہ جيڪڏهن تون اهو نہ ڪندين تہ اسين اهو چونداسون تہ توکي يمامہ قبيلہ ۾ رهڻ وارو رحمٰن نالي شخص اهو سڀ ڪجهہ سيکاري ٿو ۽ الله جو قسم آهي تہ اسين توتي اصل ايمان نہ آڻيداسون ۽ اسين توکي ائين نہ ڇڏينداسون يا تون هلاڪ ٿيندين يا اسين هلاڪ ٿينداسون. نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن ڪافرن جي ان مطالبن کان تنگ ٿي اٿيا تہ عبدالله بن ابي اميہ سندن پويان اچي چيو تہ: اوهان انهن جا مطالبا نہ مڃيا پلا منهنجو مطالبو مڃيو آسمان تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ ناهيو ۽ ان جي ذريعي مٿي چڙهو ۽ مان بہ ڏسندو رهان تہ تون ڪيئن پيو چڙهين ۽ پاڻ سان گڏ هڪ لکيل دفتر ڪٽي اچ جنهن جي لاءِ شاهدي ڏيندڙ چار ملائڪ بہ توسان گڏ لهي اچن ۽ چون تہ واقعي تون سچو آهين. ان چوڻ کان پوءِ اهو بہ واپس ٿيو ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن بہ واپس وريا ۽ انهن ڪافرن جي ان رويي تي نهايت غمگين ۽ افسوس ڪندڙ هئا. انهن جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون (١) بغويؒ بہ عڪرمہؓ کان اهڙي روايت آندي آهي (٢) انهن ڪافرن جي ان مطالبات جو نهايت سهڻي ۽ سمجهہ اچڻ واري انداز سان جواب ڏيندي ارشاد ٿيو آهي. "قُلْ سُبْحَانَ رَبِّيْ هَلْ كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا" فرماءِ تہ: منهنجي رب جي پاڪائي آهي مان ڇا آهيان؟ مگر انسان پيغمبر - مطلب تہ اوهان جا اهي مطالبا منظور ناهن ڇوتہ انهن مان جيڪڏهن ڪو معجزي طور ڏيکاريو وڃي ۽ اوهان ان تي ايمان نہ آندو تہ هلاڪ ڪيا ويندؤ جيئن الٰهي دستور آهي.

سوال: ڇا نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن الله جل شانہ جي اذن سان اهي مطالبا پورا ڪري سگهيا ٿي؟

جواب: رب العزة جل شانہ جي فضل ۽ ڪرم سان نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن انهن جا اهي مطالبا پورا ڪري سگهيا ٿي. سندن هٿن مبارڪن ۾ پٿرين ڪلما پڙهيا سندن آگرين مبارڪن مان پاڻي فوهارا هڻي نڪتو ڪئين ڀيرا ملائڪ

(١) الدر المنثور ص٣٣٧-٣٣٩ جلد٥ (٢) مظهري ص٤٩٠ جلد٥

سندن خدمت ۾ حاضريءَ جو شرف حاصل ڪري چڪا هئا. هتي نـ ڪرڻ جو ذڪر آهي پر نـ ڪري سگهڻ جو ذڪر ناهي. (١)

"هَلْ كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا" هن مان سندن تواضع ۽ انڪساري ظاهر ٿي رهي آهي ۽ اهو ٻڌائڻ مقصد آهي تـ جيڪو شخص الله جو نبي ٿي اچي اهو الله جل جلالـه جا سمورا قدرتي اختيار ڪٺي نـ ايندو آهي رسول جو ڪم تـ صرف الٰهي پيغام پهچائڻ آهي. ها الله جل شانه ان جي رسالت کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ان جي هٿان ڪيترا معجزا ظاهر ڪندو آهي جن هوندي بـ رسول رسول آهي نـ خدا آهي نـ خدا جو شريڪ يا برابر آهي. "وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰٓى اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوْلًا" ۽ جڏهن ماڻهن وٽ هدايت آئي تـ انهن کي ايمان آڻڻ کان ڪنهن بـ نـ روڪيو. مگر هن ڳالهه جو چيائون تـ ڇا الله انسان کي رسول ڪري موڪليو آهي؟ يعني انهن ڪافرن صرف ان جي ڪري ايمان نـ آندو جو انهن جي خيال ۾ رسول انسانن مان نـ ايندو اهو ملائڪ هوندو يا گهٽ ۾ گهٽ جنُّ تـ هوندو ئي هوندو. انهن جي بي وقوفي تـ ڏسو جو انسانن مان نبي هجڻ تي حيرت پيا ڪن ۽ هوڏانهن پٿرن ۽ ڪاٺ مان بنايلن بتن کي خدا سمجهي سندن پوڄا پيا ڪندا هئا.

"قُلْ لَّوْ كَانَ فِي الْاَرْضِ مَلٰٓئِكَةٌ يَّمْشُوْنَ مُطْمَئِنِّيْنَ لَنَزَّلْنَا عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَلَكًا رَّسُوْلًا" فرماءِ تـ: جيڪڏهن زمين ۾ ملائڪ هجن ها جيڪي اطمينان سان هلن پيا تـ اسين انهن تي آسمان کان ملائڪ رسول لاهيون ها. مطلب تـ نبي جي موڪلڻ جو مقصد آهي قوم کي الله جو پيغام پهچائي سندن اصلاح ڪرڻ ۽ اصلاح جي لاءِ تبليغ اهوئي ڪري سگهي ٿو جيڪو قوم جي زبان، طور، طريقن ۽ انهن جي ڏکن سورن کي سمجهي ۽ اهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن نبي سڄورو قوم جي جنس مان ايندو. جڏهن زمين جي اڪثر آبادي انسان آهن جن جي اصلاح لاءِ انسانن جي جنس مان ئي نبي موڪليو ويو. انهن ڪافرن جو اهو ذهن بـ هو تـ هر ملائڪ هر انسان کان پلو آهي تڏهن مطالبو ڪيو هيائون تـ ملائڪن مان نبي اچي ها. حالانڪ حقيقت هيءَ آهي تـ هر ملائڪ هر انسان کان پلو نـ آهي. ڪي ملائڪ ڪن انسانن کان افضل آهن جيئن آيت مبارڪه "وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ" جي تفسير ۾ لکي آيا آهيون. انسان کي ملائڪن سجدو ڪيو انسان ملائڪن کي سجدو نـ ڪيو هو. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا ١- "وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ" (۽ البت تحقيق وراي ورائي ماڻهن جي لاءِ بيان ڪيوسون) مان ثابت ٿيو تـ قرآن ڪريم نزول

(١) نور العرفان ص٤٢٤ (٢) نور العرفان ص٤٢٤

جو اصل مقصد انسانيت جي اصلاح آهي ان جي ڪري ان ۾ انساني زندگيءَ جا چاڙها لاها سڀ مثال ڏئيبيان ڪيا ويا آهن قرآن ڪريم ۾ آيل غيبي ڳالهيون ۽ مخفي اشارا روح جي مثال آهن ۽ روح امر ربي آهي ۽ قرآن ڪريم جا ظاهري قانون جسم وانگر آهن ۽ اهو رباني شريعت آهي. ٢- ڪافرن جي اهڙن مطالبن مان جيڪي نهايت حيران ڪندڙ آهن ثابت ٿيو تہ مسلمان اهڙن مطالبن سان دلچسپي نہ رکن ۽ نہ انهن جي ڏسڻ جي خواهش جي عادت بنائين. ڇوتہ زماني جي شروع ڪان وٺي اسلام جي اچڻ تائين ڪافرن جا اهڙا مطالبا رهيا آهن.

٣- "اِلَّاكُفُوۡرًا" (مگر ناشڪريءَ) مان ثابت ٿيو تہ سڀ ڪان وڏيڪ نقصان ڏيندڙ شيءَ بي شڪر هجڻ آهي. ڪفر، فسق، غفلت ۽ عبادت ڪان لاپرواهي سڀ بي شڪر هجڻ جون مختلف صورتون آهن. ٤- "هَلۡ كُنۡتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوۡلًا" (مان ڇا آهيان؟ مگر انسان پيغمبر) مان ثابت ٿيو تہ نبي سڳورو حقيقت ۾ نور هجڻ جي باوجود جيئن قرآن پاڪ جي بين آيتن ۽ حديثن مان ثابت آهي ڪامل بشر بہ آهي ۽ ان بشريت سان ئي پاڻ انسان ذات کي الله جل شانه جي احڪام تي عمل ڪري ڏيکاريائون ۽ انساني زندگيءَ جا جيترا بہ طور طريقا آهن اهي انهن کي نہ صرف چوڻ سان پر عمل سان بہ سيکاريائون ان جي ڪري صرف "بَشَرًا" آڻڻ جي بجاءِ "بَشَرًا رَّسُوۡلًا" آندو ويو آهي تانتہ ڪو ماڻهو صرف بشرًا ڏسي پاڻ کي حضور عليه الصلواة والسلام جهڙو نہ سمجهي. سندن مذڪوره ارشادات جو مطلب هي آهي تہ: مان خدا نہ آهيان انسان آهيان پر عام انسان نہ آهيان جيڪو بالڪل بي وس هجي مان رسول بہ آهيان ياد ڪرڻ گهرجي تہ الله جو رسول ﷺ الله جل شانه جي عطا سان پاور وارو هوندو آهي پر ان جي اجازت ڪان سواءِ پاور ظاهر نہ ڪندو آهي. ٥- "بَشَرًا رَّسُوۡلًا" (انسان پيغمبر) ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جون بہ صفتون بيان ٿيون. ١- انسان هجڻ. جن صرف اها صفت سوچي اهي ڪافر رهيا ايمان آڻي نہ سگهيا. ٢- "پيغمبر" جن اها صفت ڏٺي اهي مومن بڻيا ڪي صديق تہ ڪي فاروق بنجي ويا.

قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًۢا بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَكُمۡ‌ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيۡرًاۢ

فرماءِ تہ: ڪافي آهي الله شاهد منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ بيشڪ اهو آهي پانهن پنهنجن جي خبر رکندڙ،

بَصِيۡرًا ﴿۹۶﴾ وَمَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِ‌ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلۡ فَلَنۡ تَجِدَ لَهُمۡ

ڏسندڙ ۽ جنهن کي هدايت ڏو ڪري الله پوءِ اهوئي هدايت وارو آهي ۽ جنهن کي گمراه ڏو ڪري پوءِ هرگز نہ لهندين انهن لاءِ

اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِهٖ ۭ وَ نَحْشُرُهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ

مددگار ان کان سواءِ ۽ اٿاريندا سون انهن کي قيامت جي ڏينهن منهن انهن جي تي

عُمْيًا وَّ بُكْمًا وَّ صُمًّا ۭ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۭ كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ

انڌا ۽ گونگا ۽ ٻوڙا جاءِ انهن جي جهنم آهي جڏهن به وسامڻ لڳندي ته وڌائيندا سون انهن کي

سَعِيْرًا ۝۹۷ ذٰلِكَ جَزَاۗؤُهُمْ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ قَالُوْٓا ءَاِذَا

ڀڙڪندڙ باھ اهو بدلو انهن جو آهي ان سببان جو بلاشڪ انهن ڪفر ڪيو آيتن اسان جن جو ۽ چيائون ته ڇا جڏهن

كُنَّا عِظَامًا وَّ رُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ۝۹۸

هونداسون هڏا ۽ ذرا ذرا ڇا يقينًا اسين البت اٿاريل آهيون مخلوق نئين تي .

النصف

تفسير

پهريان آندل آيتن ۾ ڪافرن جي مطالبن ڪرڻ ۽ ايمان نه آڻڻ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي انهن تي ڏک نه ڪرڻ ۽ الله جل شانه جي پنهنجي شاهدي بيان ڪرڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي فرمان عالي شان آهي "قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ۢ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًا ۢ بَصِيْرًا" فرماءِ ته: منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ شاهدي ڏيندڙ الله ڪافي آهي بلاشڪ اهو پنهنجي ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي. ڪافرن نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام کان مطالبو ڪيو هو ته تون الله ۽ ملائڪ سامهون آڻ اهي چون ته تون نبي برحق آهين ته اسين ايمان آڻيداسون. الله تعالىٰ فرمايو: منهنجا پيارا نبي! اوهان انهن کي جواب ڏيندي فرمايو ته: الله منهنجو شاهد اهي اهو پنهنجن ٻانهن کي ڏسندڙ ۽ انهن جي خبر رکندڙ آهي. اهو مون کي ڏسي ٿو ته مان نبوة جو اظهار ڪري رهيو آهيان اهو منهنجي ظاهري باطني احوال کان پوري طرح باخبر آهي اهوئي منهنجي هٿن ۽ زبان کان علمي ۽ عملي ڪمال ظاهر ڪري ٿو ۽ اهي معجزا صادر ٿو فرمائي جيڪي عام قدرتي قانون کان بلند آهن اهوئي مون کي

پنهنجن مقصدن ۾ روز بروز اڳتي وڌائيندو رهي ٿو. "وَ مَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِ وَ مَنۡ يُّضۡلِلۡ فَلَنۡ تَجِدَ لَهُمۡ اَوۡلِيَآءَ مِنۡ دُوۡنِهٖ وَ نَحۡشُرُهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ عَلٰى وُجُوۡهِهِمۡ عُمۡيًا وَّ بُكۡمًا وَّ صُمًّا مَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ كُلَّمَا خَبَتۡ زِدۡنٰهُمۡ سَعِيۡرًا" ۽ جنهن کي الله هدايت ٿو ڪري اهوئي هدايت وارو آهي ۽ جنهن کي گمراهہ ٿو ڪري پوءِ ان کان سواءِ انهن جي لاءِ ڪي بہ مددگار نہ لهندين ۽ اسين انهن کي قيامت جي ڏينهن سندن منهن ڀر انڌا، گونگا، ۽ ٻوڙا بنائي اٿارينداسون انهن جي جاءِ جهنم آهي جڏهن بہ وسامڻ کي ويجهو ٿيندو تہ ان کي ڀڙڪائڻ ۾ وڌائينداسون. مطلب تہ هدايت الله جل شانه جي فضل سان نصيب ٿيندي آهي جن کي ان جو فضل نصيب نہ ٿيو اهي گمراهہ، جهنم ۾ اونڌا، انڌا، ٻوڙا، گونگا ڪري وڌا ويندا جهنم جي باهہ وسامڻ واري ٿيندي تہ ان کي وڌيڪ مچايو ويندو.

ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمۡ بِاَنَّهُمۡ كَفَرُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَقَالُوۡۤا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّ رُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبۡعُوۡثُوۡنَ خَلۡقًا جَدِيۡدًا. اهو انهن جو بدلو آهي ان سببان جو بلاشڪ انهن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ ڇا جڏهن اسين هڏا ۽ ذرا ذرا هونداسون تہ نئين مخلوق بنائي اٿاريا وينداسون؟ مطلب تہ ڪافرن کي اهو عذاب ان جي ڪري ڪيو ويندو جو انهن (دنيا ۾) اسان جي (نازل ڪيل) آيتن جو انڪار ڪيو هو ۽ اهو عذاب مومنن کي نہ ٿيندو مومن گنهگار بہ جهنم ۾ ويندا پر انهن جي سزا جي نوعيت ٻي هوندي ڪافرن واري نہ هوندي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا ١- هتي "شَهِيۡدًا" جو لفظ رب العزة جل شانه پنهنجي لاءِ آندو آهي ۽ ٻيءَ آيت ۾ "وَجِئۡنَا بِكَ عَلٰى هٰۤؤُلَآءِ شَهِيۡدًا" (١) (۽ اسين توکي هنن تي شاهد ڪري آڻينداسون) ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن لاءِ اهو ساڳيو لفظ آندو ويو آهي. الله جل شانه ان لحاظ سان شاهد آهي جو ان پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جي سچي هجڻ جي شاهدي آسمان ۽ زمين جي هر شيءَ کان ڏياري پٿرن ۽ جانورن کان ڪلما پڙهائي چنڊ ۽ سج کان سندن حڪم مڃرايو، ۽ قيامت تائين سندن امت ۾ رباني علماءِ اولياءِجو پيدا ٿيڻ سندن دين جي سچي هجڻ جو دليل بنايائين. ۽ حضور ﷺ جن پنهنجي مالڪ جي وحدانيت جي شاهدي پاڻ بہ ڏني ۽ ٻين کان بہ ڏياري.

(١) سورة النساء آيت ٤١

٢- جهنم جو وجود اڄ بہ آهي ۽ اهو مستقل طرح پڙڪي رهيو آهي هن وقت ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽ وڌتائي ڪانہ ٿي ٿئي باقي قيامت جي ڏينهن ان جي باهہ گهٽ وڌ ٿيندي رهندي سو ان جون حڪمتون الله جل شانه ئي ڄاڻي ٿو.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ

ڇا نہ ڏٺائون تہ بيشڪ الله جنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين قادر آهي هن تي جو

يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ وَ جَعَلَ لَهُمْ اَجَلًا لَّارَيْبَ فِيْهِ ۭ فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ اِلَّا

پيدا ڪري مثال انهن جو ۽ مقرر ڪيائين انهن لاءِ مدت جو ناهي ڪو شڪ ان ۾ پوءِ انڪار ڪيو ظالمن مگر

كُفُوْرًا ﴿٩٩﴾ قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَاۗىِٕنَ رَحْمَةِ رَبِّيْٓ اِذًا

ڪفر جو فرماءِ تہ: جيڪڏهن اوهان مالڪ ٿي وڃو خزانن رحمت رب منهنجي جا تہ ان وقت

لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ الْاِنْفَاقِ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿١٠٠﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا ١١/٧

البت روڪي رکو ها اوهان سڀان خرچ ٿي وڃڻ جي ڊپ کان ۽ آهي انسان ڪنجوس ۽ البت تحقيق ڏنيون اسان

مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ فَسْـَٔلْ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اِذْ جَاۗءَهُمْ فَقَالَ

موسىٰ کي نَوَ نشانيون روشن پوءِ پڇ بني اسرائيل کان جڏهن آيو انهن وٽ پوءِ چيو

لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّىْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰى مَسْحُوْرًا ﴿١٠١﴾ قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ

ان کي فرعون تہ: بيشڪ مان البت سمجهان ٿو توکي اي موسىٰ جادو ڪيل فرمايو موسىٰ البت تحقيق ڄاتو تو تہ

مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَاۗءِ اِلَّا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ بَصَاۗىِٕرَ ۚ وَاِنِّىْ

نہ نازل ڪيو هنن کي مگر رب آسمانن ۽ زمين جي بصيرت افروز ۽ بلاشڪ مان

لَاَظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا ﴿١٠٢﴾ فَاَرَادَ اَنْ يَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ

البت سمجهان ٿو توکي اي فرعون! هلاڪ ڪيل پوءِ ارادو ڪيائين هيءُ تہ ڪڍي ڇڏي انهن کي زمين

فَاَغْرَقْنٰهُ وَ مَنْ مَّعَهٗ جَمِيْعًا ﴿۱۰۳﴾ وَّ قُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ لِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

مان پوءِ ٻوڙيوسون ان کي ۽ انهن کي جو گڏ ان سان هئا مڙني کي ۽ چيو اسان ان کان پوءِ بني اسرائيلن کي تہ

اسْكُنُوا الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا ﴿۱۰۴﴾

رهو زمين ۾ پوءِ جڏهن ايندو وعدو آخرت جو تہ آڻينداسون اوهان کي گڏ ڪري

وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۱۰۵﴾

۽ حق سان نازل ڪيوسون ان کي ۽ حق سان نازل ٿيو ۽ نہ موڪليوسون توکي مگر خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ.

وقف لازم

تفسير

پهريان آندل آيتن ۾ ڪافرن جي دل سان انڌي گونگي ۽ ٻوڙي هجڻ جو ذڪر هو ۽ هتي انهن جي ظاهري بينائيءَ سان نہ ڏسڻ ۽ نہ سوچڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓي اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ وَ جَعَلَ لَهُمْ اَجَلًا لَّا رَيْبَ فِيْهِ فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ اِلَّا كُفُوْرًا" ڇا نہ ڏٺائون تہ يقينًا اهو الله جنهن آسمانن ۽ زمينن کي پيدا فرمايو آهي هنن جي مثال پيدا ڪرڻ تي بہ قادر آهي ۽ انهن جي لاءِ اها مدت مقرر ڪئي اٿس جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ ناهي پوءِ ظالمن ڪفر کان سواءِ هر ڳالهہ جو انڪار ڪيو آهي. مطلب تہ جيڪو الله ايڏن وڏن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ تي قادر آهي تہ اهو اوهان کي بہ نطفي کان سواءِ محشر جي ميدان ۾ اٿڻ جي لاءِ پيدا ڪري سگهي ٿو پر ان اوهان جي لاءِ مدت رکي آهي جنهن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي. ۽ سمجهڻ گهرجي تہ محشر ۾ پيش ٿيڻ جي لاءِ انساني جسم جا اصلي جزا اهي ئي هوندا جيڪي دنيا ۾ هئا اهڙي طرح روح بہ اهوئي هوندو ۽ ان ترڪيبي اجزاءِ جي ڪري "مِثْلَهُمْ" فرمايو ويو آهي مگر ڪافر ڪفر کان سواءِ ڪا بہ ڳالهہ قبول نہ ٿا ڪن بيءَ هر ڳالهہ جا انڪاري آهن. "قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ رَبِّيْٓ اِذًا لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ الْاِنْفَاقِ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا" فرماءِ تہ! جيڪڏهن اوهان منهنجي رب جي رحمت جي خزانن جا مالڪ هجو تہ خرچ ڪرڻ جي ڊپ کان

روڪي رکوها ۽ انسان ڪنجوس آهي. هتي رحمت جي خزانن مان مراد رزق جا خزانا آهن مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن مخلوق کي ملندڙ رزق جا خزانا اوهان جي هٿن ۾ هجن ها تہ ڪپي وڃڻ جي ڊپ کان ڪنهن کي بہ ڪجهہ نہ ڏيو ها ۽ انسان ڪنجوس، بخيليءَ ۾ مبالغو ڪندڙ آهي. بخل ۽ حرص ملامت ۽ مذمت ڪيل صفتون آهن هر مسلمان کي گهرجي تہ پنهنجي نفس کي انهن کان پاڪ ۽ صاف رکي پاڻ کي سخاوت ۽ قناعت جي زيور سان سينگاري ۽ ڏکيون اميدون نہ رکي. حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي مدح ۾ فرمايو آهي:

لَهٗ رَاحَةٌ لَوْ اَنَّ مِعْشَارَ جُوْدِهَا
عَلَي الْبَرِّ كَانَ الْبَرُّ اَنْدَيٰ مِنَ الْبَحْرِ

يعني حبيب ڪريم عليه التحيۃ والتسليم جي هٿ جي تري اهڙي ڪشادي آهي جو جيڪڏهن سندس سخاوت جو ڏهون حصو بہ برپٽ تي پوي ها تہ برپٽ سمنڊ کان وڌيڪ سخي هجي ها.

امام زين العابدين رضي الله عنه جي بردباري ۽ سخاوت

روايت ۾ آيو آهي تہ هڪ شخص امام زين العابدين رضي الله عنه کي ملاقات ڪري گاريون ڏنيون. اهي گاريون ٻڌي سندس خادم ۽ غلام گاريون ڏيندڙ کي وڙهڻ لاءِ اٿي وڌيا پاڻ انهن کي روڪيندي گار ڏيندڙ کي فرمايائون تہ: ڪا ضرورت هجئي تہ ٻڌاءِ تہ تنهنجي مدد ڪيون؟ پوءِ اهو شخص ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ پاڻ پنهنجي قميص لاهي ان کي ڏئي هزار درهم بہ ڏنائونس ان کان پوءِ اهو شخص چوندو رهندو هو تہ مان شاهدي ٿو ڏيان تہ تون الله جي رسول جو اولاد آهين. (١) "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ فَسْـَٔلْ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اِذْ جَاۗءَهُمْ فَقَالَ لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّىْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰي مَسْحُوْرًا" ۽ البت تحقيق اسان موسىٰ کي نو "٩" روشن نشانيون ڏنيون پوءِ تون بني اسرائيل کان پڇ جڏهن انهن وٽ موسىٰ آيو پوءِ فرعون ان کي چيو تہ: اي موسىٰ! مان توکي جادو ڪيل ٿو سمجهان.

(١) تنوير الاذهان ص٣٦٦ جلد٢

حضرت موسىٰ علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام كي نوَ نشانيون ڪهڙيون مليون؟

انهن نشانين جي متعلق ٻہ قول آهن ١- تہ ان مان مراد حضرت موسىٰ كي مليل ٩ معجزا آهن ١- لٺ ٢- روشن هٿ ٣- منكرن تي مكڙن جو عذاب ۴- جونئن جو عذاب ۵- ڏيڏرن جو عذاب ٦- رت جو عذاب ٧- طوفان جو عذاب ٨- ڏكار وارن سالن جو عذاب ٩- ميون گهٽائڻ جو عذاب (١)

٢- قول آهي تہ ان مان مراد اهي عام احكام آهن جيكي هر نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جي شريعت جو اساس آهن. جيئن ابوداؤد طيالسي، سعيد بن منصور، ابن ابي شيبه، احمد، ترمذي،نسائي، ابن ماجه،ابويعلىٰ، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، طبراني، ابن قانع، حاكم، ابن مردويه،ابونعيم ۽ بيهقيءَ الدلائل ۾ صفوان بن غسال كان روايت آندي آهي تہ: ٻن يهودين مان هڪڙي ٻئي كي چيو تہ: هل تہ هن نبي (عليه الصلواة و السلام) كان سوال كيون. پوءِ اچي نبي ﷺ جن كان انهن نون آيتن جي باري ۾ سوال كيائون جيكي هن آيت ۾ آيل آهن. پاڻ فرمايائون تہ اهي هي آهن ١- الله سان كنهن شيءِ كي شريك نہ بنايو. ٢- زنا نہ كيو. ٣- ناحق قتل نہ كيو. ۴- اسراف نہ كيو. ۵- جادو نہ كيو. ٦- كنهن پاك شخص كي بادشاه وٽ الزام هڻي قتل نہ كرايو. ٧- وياج نہ كائو. ٨- پاكدامن عورت تي الزام نہ هڻو. ٩- جنگ كان نہ ڀڄو. ۽ اي يهوديو! اوهان خاص كري ڇنڇر جي ڏينهن حد كان تجاوز نہ كيو.

(اهو ٻڌڻ كان پوءِ اهي يهودي) نبي پاك عليه الصلواة والسلام جي هٿن (مباركن) ۽ پيرن (پاكن) كي چمي اٿيا ۽ چيائون تہ: اسين شاهدي ٿا ڏيون تہ يقينًا تون نبي آهين. پاڻ فرمايائون تہ پوءِ اوهان كي كلي اسلام آڻڻ كان كير ٿو روكي؟ عرض كيائون تہ ڊڄون ٿا متان اسان كي يهودي قتل كري وجهن. (٢) اڳتي ارشاد ٿيو تہ: بني اسرائيل كان پڇو (٣)

جڏهن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن وٽ آيو، فرعون كيس چيو تہ تون مسحور آهين، جنهنجي عقل تي غلبو كيل آهي. حضرت موسىٰ علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام فرعون كي جواب ڏنو: "قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ اِلاَّ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ بَصَآئِرَ ۚ وَاِنِّيْ لَاَ ظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا" فرمايائين تہ البت

(١) ساڳيو حوالو (٢) الدر المنثور ص٣۴۴ جلد٥ (٣) بحر العلوم ص٢٨٥ جلد٢

يقينًا تو ڄاتو تہ هنن آيتن کي آسمانن ۽ زمين جي رب بصيرت افروز بنائي نازل فرمايو آهي ۽ (پوءِ بہ تون ايمان نہ ٿو آڻين) مان سمجهان ٿو تہ تون ملعون ۽ هلاڪت ڪيل آهين. "فَأَرَادَ أَنْ يَسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْأَرْضِ فَأَغْرَقْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ جَمِيْعًا" پوءِ (فرعون) ارادو ڪيو تہ: انهن کي زمين مان ڪڍي ڇڏي (مگر ڪامياب نہ ٿيو) اسان ان کي ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا سڀني کي ٻوڙي ڇڏيو. فرعون حضرت موسىٰ علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي مومنن امتين کي اردن، فلسطين ۽ مصر مان ڪڍڻ جو پروگرام بنايو هو "وَقُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ لِبَنِيْٓ إِسْرَآئِيْلَ اسْكُنُوا الْأَرْضَ فَإِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا" ۽ اسان ان کان پوءِ بني اسرائيل کي فرمايو تہ: اوهان زمين ۾ رهو پوءِ جڏهن آخرت جي اچڻ وارو وعدو ايندو تہ اوهان کي گڏي آڻينداسون. يعني فرعون جنهن زمين مان بني اسرائيل کي ڪڍڻ جو پروگرام بنايو هو اسان ان ئي زمين ۾ بني اسرائيل کي رهڻ جو حڪم فرمايو. اها شام ۽ مصر جي زمين هئي اوهان کي گڏي اتاريندا سون. جو مطلب تہ قيامت جو ڏينهن جڏهن ايندو تہ اوهان کي جيئرو ڪري قبرن مان اتاريندا سون. (١)

"وَبِالْحَقِّ أَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ" ۽ اسان ان (قرآن) کي حق سان نازل ڪيو ۽ حق سان نازل ٿيو. يعني هي قرآن سچوئي حق آهي ان ۾ ڪا بہ ملاوٽ ناهي. "وَمَآ أَرْسَلْنٰكَ إِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا" ۽ اسان توکي صرف بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بنائي موڪليو آهي. اوهان جو ڪم حق جو پيغام پهچائڻ آهي جيڪڏهن ڪير اوهان جي سڏ کي قبول ٿو ڪري تہ اها ان جي سعادت آهي ۽ جيڪڏهن ڪير نہ ٿو مڃي تہ اهو بدنصيب ۽ بدبخت آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "إِلَّا كُفُوْرًا" (مگر ڪفر) مان واضح ٿيو تہ: نبي سڳوري کان معجزو طلب ڪري ايمان نہ آڻڻ ڪافرن جو ڪم آهي مسلمان جو شان ناهي. ٢- وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ" جي مذڪوره شان نزول مان واضح ٿيو تہ الله جي پيارن جا هٿ ۽ پير چمڻ منع ناهن چوتہ : ڪيترن مفسرن اهامذڪوره آيت بغيرڪنهن انڪار ۽ اعتراض جي آندي آهي ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة السلام جن جي طرفان انهن کي نہ روڪڻ جواز جو دليل آهي ٣- "وَبِالْحَقِّ أَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ" (۽ اسان ان کي حق سان نازل ڪيو آهي ۽ حق سان نازل ٿيو) مان ثابت ٿيو تہ قرآن ڪريم ۽ حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي ذات ۽ نالو حق آهي ۽ "بِالْحَقِّ" کي اڳ ۾ آڻي حصر جي معنىٰ ڏيڻ مان ثابت ٿيو تہ حق ۽ اظهار حق جي لاءِ صرف قرآن ڪريم ئي آهي.

(١) القرطبي ص٣٣٨ جلد١٠.

وَ قُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّ نَزَّلْنٰهُ

۽ قرآن کي جدا جدا (آيتون ۽ سورتون) بنايوسون ان کي تانت پڙهين تون ان کي ماڻهن تي آهستي آهستي ۽ لاٿو اسان ان کي

تَنْزِيْلًا ۝١٠٦ قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖٓ اَوْ لَا تُؤْمِنُوْا ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مِنْ

ٿورو ٿورو ڪري فرماءِ ته: ايمان آڻيو ان تي يا نه ايمان آڻيو بيشڪ اهي شخص جيڪي ڏنا ويا علم

قَبْلِهٖٓ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ سُجَّدًا ۝١٠٧ وَّيَقُوْلُوْنَ

اڳي ان کان جڏهن تلاوت ڪيو ٿو وڃي انهن تي ته ڪرن ٿا ڪاڏين تي سجدا ڪندڙ چون ٿا

سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا ۝١٠٨ وَيَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ

پاڪائي آهي اسان جي رب جي بلاشڪ آهي وعدو رب اسان جي جو البت پورو ڪيل ۽ ڪرن ٿا ڪاڏين تي

يَبْكُوْنَ وَيَزِيْدُهُمْ خُشُوْعًا ۝١٠٩ السجدة

۽ روئن ٿا ۽ وڌائي ٿو انهن کي نياز (نوڙت).

السجدة ۴

تفسير

پهريان آيل آيتن ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ ان جي معجزات جو ذڪر هو ۽ هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن کي عطا ڪيل معجزي قرآن ڪريم ۽ ان جي شان جو بيان ٿي رهيو آهي. فرمانِ ايزدي آهي "وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّ نَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا" ۽ قرآن کي جدا جدا (آيتن ۽ سورتن ۾) ڪيوسون تانت تون اهو ماڻهن تي آهستي پڙهين ۽ اسان ان کي ٿورو ٿورو ڪري نازل فرمايو آهي. يعني اسان قرآن پاڪ کي جدا جدا آيتن ۽ سورتن ۾ نازل ڪرڻ فرمايو تانت پڙهندڙن کي ياد ڪرڻ سولو ٿئي ۽ وظيفي طور تلاوت ڪرڻ به آسان رهي ۽ آهستي آهستي ان جي ڪري لاٿو سون تانت جهڙيون حالتون پيش اچن اهڙيون اهڙيون هدايتون حاصل ڪندا وڃن ۽ اها امت جنهن کي اڳتي هلي سڄي دنيا جو معلم ٿيڻو هو هر آيت ۽

حڪم ڪي موقع ۽ محل جي مناسب چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪري تانت ايندڙ نسل ڪي ان جي صحيح مفهوم ۽ مراد سمجهڻ ۾ دشواري پيش نہ اچي "قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖٓ اَوْلَا تُؤْمِنُوْا اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهٖٓ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ سُجَّدًا" فرماءِ تہ: ان تي ايمان آڻيو يا نہ آڻيو يقينًا جيڪي ان کان اڳي علم ڏنا ويا جڏهن انهن جي اڳيان (قرآن پاڪ) تلاوت ڪيو ٿو وڃي تہ سجدا ڪندي ڪاڏين تي ڪرن ٿا. مقصد تہ اي مڪه مڪرمه ۾ رهندڙ ڪافرو! اوهان جي اهميت ڪهڙي آهي ايمان آڻيو يا نہ آڻيو جيڪي نيڪ طبع سچا اهل ڪتاب اڳ ۾ علم ڏنا ويا آهن انهن جي اڳيان جڏهن قرآن پاڪ جون آيتون تلاوت ڪجن ٿيون تہ اهي انهن جي حڪم ڪي مڃيندي، هڪدم انهن جي عزت ۽ احترام ڪندي، الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ سجدا ڪندي ڪاڏين تي ڪرن ٿا" وَّ يَقُوْلُوْنَ سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا وَيَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ يَبْكُوْنَ وَ يَزِيْدُهُمْ خُشُوْعًا" ۽ چون ٿا تہ اسان جي رب جي پاڪائي آهي يقينًا اسان جي رب جو وعدو پورو ڪيل آهي ۽ ڪاڏين تي ڪرن ٿا روئن ٿا ۽ انهن ۾ نياز (۽ نوڙت) وڌائي ٿو. يعني سجدي جي حالت ۾ بارگاه رب ڪريم ۾ عرض ڪن ٿا تہ: اي اسان جا پالڻهار! تون هر عيب ۽ ڪمزوريءَ کان پاڪ آهين تو جيڪي بہ دنيا، آخرت، حشر، نشر، جنت، دوزخ، سزا ۽ جزا جا وعدا ڪيا آهن اهي سڀ سچا آهن بالڪل پورا ٿيندا اهي پيارا ٻانها سجدي ۾ ڪاڏين تي ڪري روئن ٿا ۽ سندن طبيعت ۾ قرآن ڪريم نياز ۽ نوڙت وڌائي ٿو انهن جي سجدي جي لذت ئي نرالي هوندي آهي سندن مٿا سجدي ۾ جهڪيل ۽ دليون عشق مصطفيٰ عليه الصلواة والسلام ۾ ٻڌل ۽ پرپور رهنديون آهن. مفسرن پلارن لکيو آهي تہ: اهل ڪتاب مان ست ڄڻا هئا جيڪي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻي مومن بنيا هئا هتي انهن جو ئي ذڪر ٿي رهيو آهي. (١)

الله جي خوف ۾ روئڻ جي ثواب لاءِ نبوي فرمان

١- ترمذي ۽ نسائي حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو "لَايَلِجُ النَّارَ رَجُلٌ بَكٰى مِنْ خَشْيَةِ اللهِ حَتّٰى يَعُوْدَ اللَّبَنُ فِي الضَّرْعِ وَلَا اجْتَمَعَ عَلٰى عَبْدٍ غُبَارٌ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ وَدُخَانُ جَهَنَّمَ" جهنم جي باهہ ۾ اهو شخص داخل نہ ٿيندو جيڪو الله جي خوف کان روئي ٿو. تانجو ڏڌل ڪير ٿڻن ۾ واپس

(١) نعيمي ص٤٢٩ جلد١٥

وجي. (مطلب تہ جيئن ڏڌل کير ٿڻ ۾ واپس نہ ويندو تيئن الله جي خوف کان روئندڙ بہ جهنم، جي باه ۾ نہ ويندو) ۽ کنهن بہ ٻانهي تي الله جي واٽ ۾ جهاد کندي لڳندڙ غبار ۽ جهنم جو دونهون گڏ نہ ٿيندا. معنىٰ في سبيل الله جهاد کندڙ جهنم جو دونهون بہ نہ ڏسندو.

ترمذي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: عَيْنَانِ لَاتَمَسُّهُمَا النَّارُ عَيْنٌ بَكَتْ مِنْ خَشْيَةِ اللهِ وَعَيْنٌ بَاتَتْ تَحْرُسُ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ" (١) ٻن اکين کي جهنم جي باهہ نہ لڳندي ١- اها اک جيکي الله جي خوف کان روئي. ٢- اها اک جيکي الله جي واٽ ۾ چوکيداري کندي جاڳي.

فائدا

مذکوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ" (جڏهن انهن تي قرآن پاک تلاوت کيو ٿو وڃي تہ ٺڏي کرن ٿا) مان واضح ٿيو تہ قرآن پاک جي تلاوت نهايت اهم آهي جنهن کي ٻڌڻ سان اهل علم جون دليون ايتريون نرم ٿين ٿيون جو سجدا کندي کري ٿا پون. مفسرن ﭘلارن لکيو آهي تہ نفلي عبادات ۾ قرآن کريم جي تلاوت بهتر ۽ وڏي عبادت آهي پر شرط آهي تہ تلاوت جا آداب بجا آندا وڃن انهن آداب جي بجا آڻڻ سان دنيوي، اخروي فائدن حاصل ٿيڻ سان گڏ اجر عظيم ۽ وڏو درجو بہ ملي ٿو.

٢- "يَزِيْدُهُمْ خُشُوْعًا" پڙهڻ شرط پڙهندڙ تي تلاوت جو سجدو واجب ٿئي ٿو. ۽ بهتر آهي تہ تلاوت جي سجدي لاءِ بيهي نيت کري پوءِ سجدي ۾ اچي ڇوتہ هتي "يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ" (کاڏين تي کرن ٿا) آيو آهي اها معنىٰ صحيح نموني تڏهن ادا ٿيندي جڏهن بيهڻ کان هيٺ ايندو.

قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ۭ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَاۗءُ

فرماءِ تہ: الله کي (الله جي نالي سان) سڏيو يا رحمٰن (جي نالي) سان سڏيو جنهن سان بہ سڏيو پوءِ ان جي لاءِ ئي نالا

الْحُسْنٰى ۚ وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ

سهڻا آهن ۽ نہ تمام وڏي آواز سان پڙهہ نماز پنهنجيءَ ۾ ۽ نہ تمام هوريان پڙهہ ۽ طلب کر

(١) تفسير خازن ص١٨٤ جلد٣

ذَالِكَ سَبِيلًا ﴿١١٠﴾ وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ

ان جي وچ ۾ واٽ ڳولهه. ۽ فرماءِ ته سڀ ساراه ثابت آهي الله جي لاءِ جنهن نه ورتو اولاد ۽ نه آهي ان جي لاءِ ڪو

شَرِيْكٌ فِى الْمُلْكِ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ﴿١١١﴾ ع١٢

پائيوار ملڪ ۾ ۽ ناهي ان لاءِ ڪو مددگار هيٺائي جي سببان ۽ وڏائي بيان ڪر ان جي گهڻي وڏائي.

تفسير

اڳ ۾ مذڪوره آيتن ۾ قرآن ڪريم جي آيتن، ۽ سورتن ۾ نازل ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ الله جل جلاله ڪان سندس مختلف نالن سان دعا گهرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

شان نزول

مڪحول ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهم ڪان روايت آهي ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سجدي ۾ "يَا رَحْمٰنُ يَا رَحِيْمُ" بلند آواز سان پڙهي رهيا هئا ته هڪ شخص ٻڌي ورتو ۽ چوڻ لڳو ته: پاڻ چوي ٿو ته مان هڪ کي ٿو سڏيان حالانڪ سجدي ۾ ته ٻن کي سڏي رهيو آهي ان جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي (١).

فرمان عالي شان آهي. "قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِادْعُوا الرَّحْمٰنَ اَيًّامَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ج وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَ ابْتَغِ بَيْنَ ذَالِكَ سَبِيْلًا" فرماءِ ته: الله ڪي (الله جي اسم ذات سان) سڏيو يا رحمٰن کي سڏيو جنهن سان به سڏيو پوءِ ان جي لاءِ ئي سهڻا نالا آهن ۽ پنهنجيءَ نماز ۾ نه تمام وڏي آواز سان (قرآن پاڪ) پڙهه ۽ نه ان کي صفا آهستي آواز سان پڙهه ۽ ان جي وچ ۾ واٽ طلب ڪر. مطلب ته اي حبيب پاڪ! (عليه الصلواة والسلام) اوهان انهن منڪرن کي فرمايو ته: اوهان لفظي جهيڙن ۾ نه پئو سچو معبود هڪ الله وحده لا شريڪ له آهي ان جا صفاتي نالا تمام گهڻا آهن اوهان جڏهن دعا گهرو ته اوهان جو توجه ان جي حقيقي ذات ڏانهن هجي پوءِ سندس صفاتي

(١) تفسير ابن ڪثير ص٦٨ جلد٣

نالن مان ڪوبہ نالو ونو تہ صحيح آهي. ۽ جنهن نماز ۾ قرآن پاڪ بلند آواز سان پڙهٽو آهي ان ۾ بہ گهڻو بلند آواز نہ ڪيو، نہ دعا ۾ رڙيون ڪيو ۽ نہ تمام آهستي پڙهو جو ڪو ٻڌي نہ سگهي. وچولو آواز رکو. نبوي احاديث ۾ آيو آهي تہ جڏهن مڪه مڪرمه ۾ قرآن پاڪ تمام وڏي آواز سان پڙهيو ٿي ويو تہ مشرڪ ٻڌي قرآن پاڪ ۽ الله جل شانه ۽ محبوب عليه الصلواة والسلام جي بي ادبي ڪندا گاريون ڏيندا! هئا پوءِ پاڻ ڪريم عليه التحية والتسليم جن تمام ايترو آهستي پڙهڻ شروع ڪيو جو پنهنجا بہ مزي سان ٻڌي نہ ٿي سگهيا. تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ وچولو آواز ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو جنهن سان دليون متاثر ٿين ۽ تشويش بہ نہ ٿئي. (١)

"وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا" ۽ فرماءِ تہ: سڀ ساراه ان الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن نہ ڪو اولاد ورتو ۽ نہ ڪو ملڪ ۾ ان جو شريڪ آهي ۽ نہ ان لاءِ ڪو هيٺائيءَ جي ڪري مددگار آهي ۽ ان جي گهڻي وڏائي بيان ڪر. نماز جي حڪم بيان ڪرڻ ڪان پوءِ رب العزة جل شانه پنهنجي توحيد بيان ڪري سورة مبارڪه کي پورو فرمايو. مطلب هي آهي تہ اي حبيب! (عليه الصلواة والسلام) اوهان فرمايو تہ: هر قسم جو حمد زباني، حقيقي، مجازي، ذڪري، فڪري، اقراري، تصديقي استحقاقي، بديعي سڀ ان الله جل شانه جي لاءِ آهي جنهن ڪنهن کي بہ پنهنجو اولاد نہ بنايو آهي ان جو حقيقي اولاد تہ ناهي پر زباني طور بہ ان ڪنهن کي پنهنجو پٽ نہ سڏيو ۽ ڪوبہ ان جو ان جي بادشاهيءَ ۾ شريڪ ناهي ان جي بادشاهي ۽ ان جي حڪومت آهي. ۽ جڏهن هر حمد ان جو آهي ساري بادشاهي ۽ حقيقي حاڪميت ان جي آهي تہ ان جو هيٺائيءَ ۽ ڪمزوريءَ ڪان پاڪ آهي ان جو ڪوبہ مددگار ناهي ۽ اي حبيب پاڪ! (عليه الصلواة والسلام) اوهان ان الله جل شانه جي وڏائي تمام گهڻي ۽ ائين بيان ڪيو جيئن اسان اوهان کي سيکاري آهي. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- فَلَهُ الْأَسْمَآءُ الْحُسْنٰى" (ان جا سهڻا نالا آهن) ان مان سبق ملي ٿو تہ الله جل شانه جي دربار ۾ سندس انهن سهڻن نالن سان دعا گهرجي جيڪي قرآن ڪريم يا حديث پاڪ مان ثابت آهن ڇوتہ انهن مان رب العزة جل شانه جي سهڻين صفتن جو اظهار ٿيندو آهي. انگريزن وارا الفاظ يا

(١) حاشيه عثمانيه ص٣٩١-٣٩٢ (٢) نعيمي ص٤٥٠ جلد١٥

هندن وارا الفاظ جن مان ڪا سهڻي صفت ظاهر نه ٿئي استعمال ڪرڻ شرعًا مڪروه آهن. (١)

٢- "وَلَا تَجۡهَرۡ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتۡ بِهَا" (۽ نماز ۾ تمام گهڻي زور سان به تلاوت نه ڪر ۽ نه تمام آهستي پڙهه) مان واضح ٿيو ته تلاوت ۽ دعا وغيره ۾ وڏو زور نه لڳائجي "خير الامور اوسطها" وچٿرائي وارو امر پلو آهي. ٣- "لَا تَجۡهَرۡ" (وڏي آواز سان نه پڙهه) ۾ ظاهري خطاب ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان آهي مگر ان مان مراد امت ڪي سمجهائڻ آهي. ٤- عاملن، ڪاملن جو قول آهي ته سورة بني اسرائيل مشڪلات جي حل ۽ حاجت روائيءَ لاءِ نهايت محبوب آهي تقويٰ حاصل ڪرڻ، پاڪ صاف رهڻ لاءِ هن سورة ڪان فيض هن طرح حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪا مشڪل درپيش اچي ته اهو وضو ڪري، خوشبوءِ لڳائي نهايت باادب نوڙت ۽ نياز سان، خوشبودار گل پاڻ وٽ رکي قبله ڏانهن منهن ڪري نماز عشاء ڪان پوءِ ست راتيون ست پيرا هيءَ سورة پڙهي زبر زير جي غلطي نه ڪري اول آخر هڪ پيرو درود تاج ۽ هڪ دفعو درود خضري جو ورد ڪري ستن راتين ڪان پوءِ ان ئي جاءِ تي سوا سير خالص کير ۽ هڪ گيهه واري ڪٽڪ جي مانئي تي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي روح مبارڪ کي ايصال ثواب لاءِ ڪنهن نيڪ ڪار متقي سيد کي کارائي ته انشاءَ الله تعاليٰ اها مشڪل حل ٿي ويندي هڪ هفتي ۾ نه ٿئي ته ستن هفتن تائين ڪرڻ سان انشاءَ الله تعاليٰ مشڪل حل ٿي ويندي(١)

الحمد لله جو اڄ آچر جي رات وقت يارهن نڳي ٢١ منٽن تي بمورخه ٦ رمضان مبارڪ سنه ١٤٢٢ هه موافق ٤-١٢-٢٠٠٠ع پنهنجي لائبريري ۾ ويٺي سورة بني اسرائيل جو تفسير لکي پورو ڪري سورة الڪهف جو تفسير لکڻ شروع ڪيم رب العزة جل شانه جي دربار ۾ انتهائي عجز ۽ انڪساريءَ سان دعا آهي ته پنهنجي خاص لطف و ڪرم سان ۽ پنهنجي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي صدقي باقي رهيل تفسير به لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا رب للعالمين بحرمه حبيبک سيد المرسلين سيدنا محمد عليه و عليٰ آله و اصحابه الصلوٰت والتسليمات الیٰ يوم الدين. والحمد لله رب العالمين

الفقير محمد ادريس الداهري عفي عنه

(١) نعيمي صـ ج ١٥

سورة الكهف جو تعارف

هن سورة جي تعارف ۾ هي ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻيون آهن.

١- اڳين سورة سان ربط ۽ تعلق.

٢- نالو مبارڪ- ۽ انهن نالن سان سڏجڻ جو سبب.

٣- رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد.

۴- مڪيه آهي يا مدنيه؟

٥- ان ۾ بيان ٿيل مضمون ۽ احڪام.

٦- ڀلايون ۽ برڪتون. ٧- شان نزول.

اڳين سورة سان ربط ۽ تعلق.

١- اڳين سورة جي ابتدا "سُبْحَانَ" لفظ تسبيح سان ڪيل آهي هن جي "الحمد" سان ۽ اهي ٻئي ڪيترين جاين تي گڏ آيا آهن جيئن "فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ" (پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبيح پڙهه) يا جيئن "سبحان الله وبحمده" پڙهيو ويندو آهي. ٢- اڳين سورة جي آخر ۾ "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ" آيو ۽ هن جي شروعات ۾ به. ٣- اڳين سورة ۾ آيو "فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا" پوءِ جڏهن آخرت جو وعدو ايندو تہ اوهان کي گڏ ڪري آڻينداسون ۽ هن سورة ۾ ان جو ڪجهہ تفصيل آيو آهي "فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ رَبِّيْ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ" پوءِ جڏهن منهنجي رب جو وعدو ايندو تہ ان کي ذرا ذرا بنائيندو. (١).

۴- اڳين سورة ۾ "بِعَبْدِهٖ" اٿي حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ڪامل عبديت جو ذڪر ڪيو ويو ۽ هتي بہ "اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتٰبَ" ۾ سندن ڪامل عبديت جو ذڪر آندو ويو آهي. (٢). ٥- اڳين سورة ۾ معراج شريف واري حيرت ۾ وجهندڙ واقعي جو بيان هو ۽ هن ۾ اصحاب ڪهف وارو حيرت ۾ وجهندڙ واقعو آندو ويو آهي.

نالا مبارڪ ۽ انهن سان سڏجڻ جو سبب

هن سورة جا ٻہ نالا آهن. ١- سورة الڪهف- جو هن ۾ اصحاب ڪهف جو ذڪر آهي. هن سورة تي اهو نالو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن رکيو آهي. (٣).

(١) المراغي ص١١٢ جزء ١٥ جلد ٥. (٢) نعيمي ص٤٦٦ جلد٥.
(٣) حاشيہ تفسير بحرالعلوم ص٢٨٨ جلد ٢.

٢- حائله- (سنڌو وجهندڙ). بيهقي شعب الايمان ۾ حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آندي آهي تہ: نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "سورة الكهف تُدْعیٰ فِی التَّوْرَاةِ الْحَائِلَةُ تَحُولُ بَيْنَ قَارِئِهَا وَبَيْنَ النَّارِ" (١). يعني سوره کهف کي توراة ۾ حائلة سڏيو ويو آهي جيڪا پنهنجي پڙهندڙ ۽ (جهنم جي) باهہ جي وچ ۾ سنڌو وجهي ٿي. يعني هن جي پڙهندڙ کي جهنم جي باهہ نہ ساڙيندي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن سورة ۾ ٻارهن رڪوع، هڪ سئو ڏهہ (١١٠) آيتون، هڪ هزار پنج سئو ستهتر (١٥٧٧) ڪلما ۽ ڇهہ هزار ٽي سئو سٺ (٦٣٦٠) حرف آهن. (٢).

مڪيه آهي يا مدنيه؟ حضرت ابن عباس، حسن، مجاهد، قتادة ۽ جمهور مفسرن جو قول آهي تہ هيءَ سورة مڪيه آهي. (٣).

هن سورة جا مضمون

هن سورة جي شروعات الله جل شانه جي حمد سان ڪيل آهي ۽ ان جو وجہ اهو بہ بيان ڪيل آهي تہ الله جل جلالہ انسانن کي هدايت لاءِ اهڙو ڪتاب ڏنو آهي جيڪو هر قسم جي ڪوتاهيءَ کان پاڪ آهي، وڌيڪ ڪرم اهو بہ ڪيائين جو ان ڪتاب آڻڻ جي لاءِ اهڙي محبوب ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي مبعوث فرمايائين جنهن جي صورت ۽ سيرت بي مثال آهي جنهن جي اچڻ سان ڪفر جو انڌيرو ختم ٿيو حق ۽ سچ جو سج چمڪي سامهون آيو الله جل شانه ڪان غافل انسان کي اهڙي سهڻي سمجهاڻي ڏني وئي آهي جنهن مان صاف ثابت ٿئي ٿو تہ هي انسان جو نہ پر انسان جي خالق جو ڪلام آهي جيڪو ان جي نظرين ۽ قلبي خيالات کان پوري طرح باخبر آهي. آيت ٣٢ کان آيت ٤٤ تائين هڪ دنيا پرست، ڪم ظرف، خود بين انسان جو ذڪر آيل آهي جيڪو پاڻ کان دنيا ۾ گهٽ هجڻ واري ۽ خدا کي پوڄيندڙ انسان سان گفتگو ڪندي چئي رهيو هو تہ: مان توکان دولت، نوڪرن ۽ خادمن جي تعداد ۾ وڌيڪ آهيان حالانڪ ڪنهن غريب کي ائين چوڻ انتهائي بي وقوفي ۽ ناداني آهي ۽ وڌيڪ تہ اهو قيامت قائم ٿيڻ جو منڪر هو ۽ چوندو هو تہ جيڪڏهن قيامت قائم ٿيندي تہ اتي بہ مان انهن ايماندارن کان وڌيڪ معزز هوندس آيت ١٠٣ ۽ ١٠٤ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهڙي شخص جي سموري محنت صرف دنيوي زندگي سينگارڻ لاءِ وقف هئي اهو آخرت جي اجر کان بالکل خالي آهي.

(١) الدرالمنثور ص٣٥٦ جلد ٥. (٣) ضياءُالقرآن، ص٥ جلد ٣. (٤) زادالمسير ص١٠٢ جلد ٥.

هن سورة ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن اهڙن شخصن کي حق تي هلڻ جي دعوت ڏني ٿي وڃي تہ بہ اهي بروقت مڃڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن ۽ بدقسمتيءَ سان اهي ائين سوچيندا آهن تہ جيڪڏهن انهيءَ حق جي دعوت نہ مڃڻ جي ڪري ڪو عذاب آيو تہ پوءِ اها دعوت سچي آهي نہ تہ سچي ناهي. هن سورة ۾ ٻين سورتن وانگر دنياوي زيب ۽ زينت جي حقيقت بہ بيان ڪيل آهيءِ اهو بہ سمجهايو ويو آهي تہ ان سان دل نہ لڳائجي، دل لڳائڻ جو حقدار تہ صرف هڪ الله جل شانه آهي. انهن قيمتي هيرن ۽ موتين بيان ڪرڻ سان گڏ هن سورة ۾ ٽي (٣) واقعا بہ تفصيل سان بيان ٿيل آهن.
١- اصحاب ڪهف جو واقعو. ٢- حضرت موسىٰ عليه السلام جو خضر سان ملاقات لاءِ سفر جو واقعو.

٣- ذوالقرنين جو واقعو. آخري آيتن ۾ الله جل شانه جي توحيد ان جي عظمت ۽ جلال ڏانهن متوجہ ڪندي فرمان آيو آهي تہ: جيڪڏهن سمنڊن کي مس بنائي الله جل شانه جي هيڪڙائي، عظمت ۽ وڏائي لکڻ شروع ڪجي تہ اهو مس جو سمنڊ ڪٽي ويندو الله جل شانه جي عظمت وارا ڪلمات نہ ڪٽندا ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي حڪم ڪيل آهي تہ! اوهان پاڻ فرمايو تہ: مان اوهان جهڙو بشر آهيان. الله نہ آهيان پر اوهان جي بشريت کان ممتاز آهيان جو مون ڏانهن وحي ڪيو ٿو وڃي. ايتري ڪمالات ۽ جامع صفات هوندي بہ مان نہ الله آهيان نہ ان جو شريڪ آهيان. (١).

پڙهڻ ۽ برڪتون

هن سورة جون پڙهڻ تمام گهڻيون آهن جيئن هيٺ ڏنل نبوي حديثن مان واضح آهن.
حديث: ١- محدث حاڪم المستدرڪ ۾ حضرت ابو سعيد رضى الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ قَرَءَ سُوْرَةَ الْكَهْفِ فِيْ يَوْمِ الْجُمْعَةِ اَضَاءَلَهٗ مِنَ النُّوْرِ مَابَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْجُمْعَتَيْنِ" جنهن جمعي جي ڏينهن سوره ڪهف پڙهي تہ ان جي لاءِ ان جي ۽ ٻنهي جمعن جي وچ ۾ نور چمڪندو رهندو.

حديث: ٢- محدث ابوبڪر بيهقيءَ پنهنجي سنن ۾ روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ قَرَءَ سُوْرَةَ الْكَهْفِ كَمَا نَزَلَتْ كَانَتْ لَهٗ نُوْرًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ" (٢).
جنهن سورة الڪهف اهڙي نموني پڙهي جيئن نازل ٿي آهي تہ اها ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هوندي.
حديث: ٣- ابن مردويه ۽ ضياءَ المقدسي المختارة ۾ حضرت علي رضي الله

(١) ضياءالقرآن صـ٧ جلد٣. (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٧١ جلد٣.

تعالىٰ عنه كان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ قَرَءَ الْكَهْفَ يَوْمَ الْجُمْعَةِ فَهُوَ مَعْصُوْمٌ اِلٰى ثَمَانِيَةِ اَيَّامٍ مِنْ كُلِّ فِتْنَةٍ تَكُوْنُ وَاِنْ خَرَجَ الدَّجَّالُ عَصِمَ مِنْهُ" جنهن جمعي جي ڏينهن سورة كهف جي تلاوت كئي اهو انن ڏينهن تائين هر اچڻ واري فتني كان پناهہ ۾ رهندو ۽ جيكڏهن (ان وچ ۾) دجال نكتو تہ ان كان بہ پناهہ ۾ رهندو. حديث:۴- حاكم صحيح سند سان، بيهقي سنن ۾، طبرانيءَ اوسط ۾، ابن مردويه ۽ الضياءَ حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعالىٰ عنه كان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ قَرَءَ سُوْرَةَ الْكَهْفِ كَانَتْ لَهٗ نُوْرًا مِّنْ مُّقَامِهٖ اِلٰى مَكَّةَ". الحديث- جنهن سورة كهف پڙهي اها ان جي لاءِ سندس رهڻ جي جاءِ كان وني مكه تائين نور هوندي.

حديث: ۵- امام احمد، مسلم، ابوداود، ترمذي، نسائي، ابن الضريس، ابن حبان، حاكم، بيهقي السنن ۾، ۽ ابن مردويه حضرت ابودرداءَ رضى الله تعالىٰ عنه كان روايت آندي آهي تہ! رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ حَفِظَ عَشْرَ آيَاتٍ مِنْ اَوَّلِ سُوْرَةِ الْكَهْفِ عَصِمَ مِنْ فِتْنَتِهِ الدَّجَّالِ" جنهن سورة كهف جي شروع كان ڏهہ آيتون ياد كيون اهو دجال جي فتني كان پناهہ ۾ ركيو ويندو.

حديث:٦- ابن مردويه حضرت عبدالله بن مغفل رضى الله تعالىٰ عنه كان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَلْبَيْتُ الَّذِىْ تُقْرَءُ فِيْهِ سُوْرَةُ الْكَهْفِ لَايَدْخُلَهٗ شَيْطَانٌ تِلْكَ اللَّيْلَةَ" (١). جنهن گهر ۾ سورة كهف پڙهي ٿي وڃي ان گهر ۾ ان رات شيطان داخل نہ ٿيندو.

شان نزول: ابن جرير هن سورة جو شان نزول حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما كان هن طرح روايت كيو آهي تہ مكه مكرمه جي رهاكو قريشين پنهنجن ٻن ساٿين نضر بن حارث ۽ عقبتہ بن ابي معيط كي مدينه منوره جي رهاكو يهودي عالمن ڏانهن ان جي لاءِ موكليو تہ انهن كان نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي باري ۾ معلومات كري اچو ڇوتہ اهي اهل كتاب آهن انبياءِ كرام عليهم السلام جي متعلق جيكو انهن كي علم آهي اهو اسان كي ناهي. پوءِ اهي ٻئي مكه مكرمه مان نكري مدينه منوره ۾ پهتا ۽ يهودي عالمن كان نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي متعلق پڇيائون. انهن كين چيو تہ: نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن كان ٽي ڳالهيون پڇو جيكڏهن اوهان كي اهي ٽئي ڳالهيون ٻڌائين تہ پوءِ واقعي مرسل آهن، ۽ جيكڏهن نہ ٻڌائين تہ پوءِ سمجهو تہ هٺ جون ڳالهيون ٺاهي ٿا ٻڌائين. ١- هڪ تہ ان كان انهن نوجوانن جي باري ۾ سوال كيو جيكي پهرئين دور

(١) اوردهٰذه الروايات كلهاالعلامة السيوطي في الدرالمنثور صـ٣٥٤ الي صـ٣٥٦ جلد ٥.

۾ هليا ويا هئا انهن جو ڇا ٿيو هو؟ انهن جي ڳالهہ عجيب آهي. ٢- ٻيو تہ ان ڪان ان مرد جي باري ۾ پڇو جيڪو زمين جا اوير ۽ اولهہ گهميو هو ان جو معاملو ڪيئن هو؟ ٣- ٽيون تہ روح ڇا آهي؟ پوءِ نضر بن حارث ۽ عقبه بن ابي معيط واپس موٽي مڪه مڪرمه ۾ آيا ۽ پنهنجن قريشين سان ملي انهن کي چيائون تہ اسين اهڙو فيصلو ڪندڙ امر ڪٺي آيا آهيون جنهن سان (حضرت) محمد (مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم) جن جو معاملو واضح ٿي ويندو. ان ڪان بعد رسول الله صلى الله عليه وسلم جن وٽ آيا ۽ اچي ڪائنن اهي ڳالهيون پڇيائون. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ جبرائيل سورة الڪهف ڪٺي آيو جنهن ۾ ٽنهي ڳالهين جو جواب بيان ڪيو ويو. (١).

رُكُوعَاتُهَا ١٢	سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّيَّةٌ	اٰيَاتُهَا ١١٠
هن جا رڪوع ٻارنهن آهن	سورة ڪهف مڪيه آهي	هن جون آيتون هڪ سو ڏهہ آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جو وڏو مهربان رحم ڪندڙ آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ يَجْعَلْ لَّهٗ

سڀ ساراہ ثابت آهي الله جي لاءِ جنهن نازل ڪيو ٻانهي پنهنجي تي ڪتاب ۽ نہ ڪيائين ان ۾

عِوَجًا ۜ ① قَيِّمًا لِّيُنْذِرَ بَاْسًا شَدِيْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَيُبَشِّرَ

ڪا ڦِڏائي سڌو ڪندڙ تانتہ ڊيڄاري مصيبت سخت ڪان ان وٽان ۽ بشارت ڏي

الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ۙ ②

مومنن کي جيڪي ڪن ٿا نيڪ عمل تہ بلاشڪ انهن لاءِ ثواب سهڻو آهي،

مَّاكِثِيْنَ فِيْهِ اَبَدًا ۙ ③ وَّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۗ ④ مَا لَهُمْ

رهندڙ هوندا ان ۾ هميشہ ۽ ڊيڄاري انهن کي جن چيو تہ ناهيو الله اولاد ناهي انهن کي

(١) المظهري ص۴ جلد٦.

بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّلَا لِاٰبَآءِهِمْؕ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْؕ

ان جو کو علم ۽ نہ پيئرن انهن جي کي وڏو کلمو آهي جيکو نکري ٿو واتن انهن جي مان

اِنْ يَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا⑤

نٿا چون مگر کوڙ.

تفسير

اڳينءَ سورة جي آخري آيتن ۾ الله جي حمد ۽ وڏائي بيان ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي بہ الله تعالىٰ جي حمد سان شروعات ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي، "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا،قَيِّمًا لِّيُنْذِرَ بَاْسًا شَدِيْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَيُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا"مَّاكِثِيْنَ فِيْهِ اَبَدًا". سڀ ساراه الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن پنهنجي ٻانهي تي ڪتاب لاٿو ۽ ان ۾ ڪا ڦِڏائي نہ ڪيائين سڌو ڪندڙ تانتہ ان (الله) وٽان مصيبت سخت ڪان ڊيڄاري ۽ انهن موءمنن کي بشارت ڏي جيڪي صالح عمل ڪن ٿا تہ بلاشڪ انهن لاءِ سهڻو اجر آهي ان ۾ هميشہ رهندڙ هوندا.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جيڪا بہ خوبي ارادي سان ظاهر ٿئي ان تي ثنا ۽ تعريف ڪرڻ کي حمد سڏيندا آهن اڳينءَ سورت جي آخر ۾ الله جل شانه جي ذات سان وابسته سهڻين صفتن جو ذڪر هو ۽ هتي بہ ان جي جود ۽ ڪرم جو ذڪر آهي ان جي ڪري اتي ۽ هتي حمد آندو ويو آهي- "اَلْكِتٰبَ" مان مراد قرآن ڪريم ۽ "عَبْدَهٗ" مان مراد صاحب قرآن، نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن آهن. ان ڪتاب جي هڪ صفت اها آهي تہ ان جي عبارت، معنىٰ، ظاهر ۽ باطن هر قسم جي ڦِڏائيءَ ۽ ڏِنگائيءَ ڪان پاڪ صاف آهي ۽ ان جي ٻي صفت اها آهي تہ اهو ٻين جي ڦِڏائي ۽ ڏنگائي ختم ڪري، انهن جي اصلاح ڪري سڌو رکندڙ آهي ان جي نازل ڪرڻ جو مقصد آهي تہ ٻي فرمانن کي الله تعالىٰ وٽان سخت مصيبت اچڻ ڪان ڊيڄاري ۽ فرمانبردارن، موءمنن، صالح عمل ڪندڙن کي سهڻي اجر جي بشارت ڏي، جنهن

۾ هميشہ رهندڙ هوندا. "اَجۡرًا حَسَنًا" مان مراد جنت آهي. (١) "وَّيُنۡذِرَ الَّذِيۡنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۝ مَا لَهُمۡ بِهٖ مِنۡ عِلۡمٍ وَّلَا لِاٰبَآئِهِمۡ كَبُرَتۡ كَلِمَةً تَخۡرُجُ مِنۡ اَفۡوَاهِهِمۡ اِنۡ يَّقُوۡلُوۡنَ اِلَّا كَذِبًا" ۽ انهن کي ڊيڄاري جن چيو تہ الله اولاد ڌاهيو آهي انهن کي ۽ انهن جي پيئرن کي ان جو ڪوبہ علم ناهي انهن جي واتن مان جيڪو ڪلمو نڪري ٿو اهو تمام وڏو آهي اهي صرف ڪوڙ ڳالهائين ٿا. سمجهڻ گهرجي تہ عرب ۾ شرڪ جا ڪيترائي قسم رائج هئا جن مان هڪ هي هو تہ اهي ملائڪن کي الله تعالىٰ جون ڌيئرون سڏيندا هئا هتي ٻڌايو ويو آهي تہ قرآن ڪريم انهن کي بہ ڊيڄاري ٿو تہ اهڙو وڏو ڪفر جو ڪلمو نہ چون اهو سندن چوڻ سراسر ڪوڙ آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ ويهن ٿا.

١- "عَلٰى عَبۡدِهٖ" (پنهنجي ٻانهي تي) ان مان واضح ٿيو تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن بہ الله جا عبد آهن- ٻي مخلوق بہ عبد آهي پر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي عبد هجڻ جي "ه" ضمير ڏانهن اضافت مان ثابت ٿيو تہ پاڻ ٻين وانگر عام عبد نہ خاص عبد آهن، عبد ڪامل ٻڌجي محبوبيت جي مقام تي فائز آهن.

٢- "مَاكِثِيۡنَ فِيۡهِ اَبَدًا" (ان ۾ هميشہ رهندڙ هوندا) ان مان واضح ٿيو تہ جيڪي ٻانها سهڻي عقيدي ۽ سهڻي عمل جي بدلي ۾ الله جل شانه جي فضل سان بهشت ۾ ويندا اهي ان مان نہ نڪرندا، باقي جيڪي نيڪ عمل جي بدلي ڪان سواءِ ويا هوندا اهي نڪري سگهن ٿا جيئن حضرت آدم عليه السلام ۽ معراج واري رات نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جنت ۾ ويا گهميا ڦريا ۽ وري ٻاهر واپس آيا.

فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفۡسَكَ عَلٰٓى اٰثَارِهِمۡ اِنۡ لَّمۡ يُؤۡمِنُوۡا بِهٰذَا الۡحَدِيۡثِ

پوءِ شايد تون هلاڪ ڪندڙ آهين سر پنهنجي کي انهن جي ڪرتوتن تي جيڪڏهن نہ ايمان آندائون هن ڳالهہ تي

اَسَفًا ۝٦ اِنَّا جَعَلۡنَا مَا عَلَى الۡاَرۡضِ زِيۡنَةً لَّهَا لِنَبۡلُوَهُمۡ اَيُّهُمۡ

افسوس ۾ بيشڪ اسان ناهيو ان کي جيڪو زمين تي آهي سينگار ان جي لاءِ تانتہ آزمايون انهن کي تہ ڪهڙو انهن مان

اَحۡسَنُ عَمَلًا ۝٧ وَاِنَّا لَجَاعِلُوۡنَ مَا عَلَيۡهَا صَعِيۡدًا جُرُزًا ۝٨

وڌيڪ سهڻو آهي عمل جي لحاظ سان ۽ بيشڪ اسان البتہ بنائيندڙ آهيون ان کي جو انهيءَ تي آهي ميدان سڪل.

(١) زاد المسير ص ١٠٣ جلد ٥

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ الله جل شانه جو حمد، قرآن پاڪ جي عظمت ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي محبوبيت ۽ عبديت جو بيان ٿيو ۽ هتي نہ مڃڻ وارن تي بہ سنڌن بي حساب شفقت جو اظهار ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ انهن جي ايمان نہ آڻڻ جي ڪري گهڻو غمگين ٿيندا هئا. فرمان ڪريمي آهي "فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلَىٰٓ اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ يُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَسَفًا" پوءِ (اي پيارا حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم) شايد تون پنهنجي (پاڪ) سر کي انهن جي ڪرتوتن تي جيڪڏهن هن (قرآن پاڪ) جي ڳالهہ تي ايمان نہ آندائون هلاڪ ڪندڙ آهين؟ مقصد تہ اوهان جو ڪم آهي حق جي دعوت ڏيڻ، سڌي واٽ ٻڌائڻ، سو اوهان ڪيو پيا پر جيڪڏهن اهي ايمان نٿا آڻين تہ اوهان انهن جي ڪڌن ڪرتوتن تي ايترو غمگين نہ ٿيو جو پنهنجي پاڪ سر کي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو "اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى الْاَرْضِ زِيْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا" يقينًا جيڪي زمين جي مٿان آهي اسان ان کي ان جي لاءِ سينگار بنايو آهي تانتہ انهن کي آزمايون تہ انهن مان وڌيڪ سهڻي عمل وارو ڪير آهي. المقصد تہ هي دنيا جا سينگار، سامان سڀ عارضي ۽ فاني آهن اهي ٻانهن کي آزمائڻ جي لاءِ ٺاهيا اٿئون ۽ اهو ظاهر ڪري دنيا کي ڏيکارڻو آهي تہ ڪير انهن جي محبت ۾ ڦاسي ٿو ۽ ڪير انهن جي پيدا ڪندڙ سان پيار ٿو رکي "وَاِنَّا لَجَاعِلُوْنَ مَا عَلَيْهَا صَعِيْدًا جُرُزًا" ۽ جيڪو ڪجهہ ان (زمين) جي مٿان آهي اسين ان کي سڪل ميدان بنائيندڙ آهيون. يعني هي دنياوي زيب ۽ زينت جنهن تي مست ٿي انسان پنهنجي حقيقي خالق کان غافل ٿي ويا آهن هڪ ڏينهن ختم ٿيڻ وارا آهن نہ اهي باغ بنگلا هوندا نہ محلاتون ماڙيون رهنديون سڄو ملڪ سڪل ميدان ٿي ويندو.

فائدو: مذڪوره آيتن مان معلوم ٿو ٿئي تہ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن انسان ذات تي خاص مهربان آهن جو پاڻ انهن کي دين جي دعوت ڏين ٿا پر جيڪو نٿو مڃي تہ ان جي لاءِ اچڻ واري عذاب کي ذهن ۾ رکندي تمام گهڻو غمگين ٿين ٿا ۽ رب ڪريم وري سنڌن پاڪ ذات تي ايترو مهربان آهي، جو کين غمگين ڏسي فرمائي، پيو تہ: اي حبيب! ڇا اوهان انهن جي ڪڌن ڪرتوتن کي ڏسي غمگين ٿي

پنهنجي پاڪ وجود کي تڪليف ۾ وجهندؤ ائين نہ ڪيو نہ سوچيو. اوهان پيغام پهچائڻ جو حق ادا ڪيو آهي وڏيڪ اهي پاڻ سوچين.

اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَالرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا

ڇا ڀانيو تو تہ بيشڪ غار وارا ۽ رقيم وارا هئا اسان جي آيتن مان

عَجَبًا ۝٩ اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَآ اٰتِنَا مِنْ

عجب جڏهن جاءِ ورتي جوانن غار ۾ پوءِ عرض ڪيائون تہ اي اسان جا پالڻهار! ڏي اسان کي

لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّهَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا ۝١٠ فَضَرَبْنَا عَلٰٓى

پاڻ وٽان رحمت ۽ تيار ڪر اسان جي لاءِ امر اسان جي مان هدايت پوءِ (بندش) لڳائي سون

اٰذَانِهِمْ فِى الْكَهْفِ سِنِيْنَ عَدَدًا ۝١١ ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ

ڪنن انهن جي تي (ٻڌڻ ڪان) غار ۾ ڪيترائي سال ڳڻيل تنهن ڪان پوءِ اٿاريوسون انهن کي (ننڊ مان)

لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْٓا اَمَدًا ۝١٢ ع

تانتہ (ظاهري طرح) ڄاڻون اسين تہ ڪير ٻنهي جماعتن مان وڌيڪ ڳڻيندڙ آهي ان جي لاءِ جو (آرام ۾) رهيا مدت.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي ماڻهن تي وڏي شفقت ۽ محبت هئي ۽ هتي انهن جوانن جو ذڪر آندو ويو آهي جن کي الله جل شانه ۽ ايمان سان وڏي محبت هئي- فرمان مبارڪ آهي "اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَالرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا" ڇا اوهان خيال ڪريو ٿا تہ يقينًا غار ۽ رقيم وارا اسان جي آيتن مان عجب هئا؟ يعني صرف انهن جو واقعو عجيب ناهي اسان جون ٻيون قدرتي نشانيون انهن جي واقعات ڪان بہ وڌيڪ حيران ڪندڙ آهن جيئن

زمين تي پيدا ٿيل باغ، گلشن، پيدا ٿيندڙ ميوا اناج وغيره ۽ زمين تي وهندڙ نهرون، جبل، رات ۽ ڏينهن جي وقتن جو واري تي اچڻ وڃڻ، آسمانن ۽ زمين جي خلقت، سج، چنڊ ۽ تارن جو مسخر ۽ مطيع هجڻ وغيره. هن آيت ۾ خطاب جيتوڻيڪ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان آهي ۽ پر ان مان مراد سندن امت آهي. (١).

اصحاب ڪهف جي متعلق قارئين جي خدمت ۾ ڪجهه معروضات

قرآن پاڪ جي مفسرن هن قصي ۾ مختلف بحث لکيا آهن. ١- اهو ته اصحاب ڪهف ۽ رقيم هڪ ئي جماعت آهي يا ٻه. جيتوڻيڪ ڪنهن صحيح حديث ۾ ان جي ڪا صراحت ٿيل ناهي پر محدث بخاري عليه الرحمته پنهنجي الجامع الصحيح ۾ اصحاب الڪهف ۽ اصحاب الرقيم ٻه عنوان قائم ڪيا آهن ۽ اصحاب الرقيم جي تحت انهن ٽن شخن جو مشهور قصو ذڪر ڪيو اٿس، جيڪي غار ۾ بند ٿيا هئا ۽ نيڪ عملن جي وسيلي سان دعائون گهري ٻاهر نڪتا هئا اهو واقعو حديث پاڪ جي موضوع تي لکيل ٻين وڏن ڪتابن ۾ به موجود آهي، محدث بخاريءَ جي ان لکڻ مان اندازو اهو ٿو لڳي ته اصحاب ڪهف هڪ جماعت آهي ۽ اصحاب رقيم اهي ٽي شخص آهن جيڪي غار ۾ بند ٿي پوءِ ٻاهر نڪتا هئا. پر بخاري شريف جي شارح علامه ابن حجر عليهماالرحمته فتح الباري شرح بخاري ۾ واضح ڪيو آهي ته حديث پاڪ مان ان جو ڪو صريح دليل نٿو ملي ته اصحاب رقيم مذڪوره ٽن شخصن جو نالو آهي ان بحث ڪندي علامه ابن حجر اصحاب ڪهف ۽ اصحاب رقيم ڪي ٻه جماعتون چوڻ جو انڪار ڪيو آهي ۽ فرمايو آهي ته قرآن ڪريم جيڪو اصحاب ڪهف جو قصو بيان ڪيو آهي ان جي انداز مان به ظاهر آهي ته اصحاب الڪهف والرقيم هڪ جماعت آهي اهوئي وجه آهي جو جمهور مفسر محدث ۽مورخ انهن ٻنهي جي هڪ هجڻ تي متفق آهن. ٢- هي آهي ته هن قصي جا ٻه حصا آهن. هڪ ان جو روح ۽ اصل مقصود آهي جنهن سان يهودين جي سوال جو جواب به ملي ٿو ۽ مسلمانن ڪي هدايتون ۽ نصيحتون به حاصل ٿين ٿيون. ٻئي حصي جو تعلق ان قصي جي صرف تاريخيٰ ۽ جغرافيائي حيثيت سان آهي مقصد جي بيان ڪرڻ ۾ ان جو ڪو خاص دخل ناهي، مثلاً هي قصو ڪهڙي دور ۾ ڪهڙي شهر ۾ پيش آيو جنهن ڪافر بادشاهه کان ڀڄي اهي غار ۾ اچي لڪا هئا

(١) المراغي صـ١٢٢ جزء١٥- جلد٥.

اهو ڪهڙو هو؟ ان جا عقائد ۽ خيالات ڪهڙا هئا ۽ ان ماڻهن سان ڪهڙو معاملو ڪيو هو جنهن جي ڪري هي غار ۾ لڪڻ تي مجبور ٿيا ۽ انهن جو تعداد گهڻو هئو ۽ گهڻو عرصو ستل هئا ۽ اهي اڄا تائين جيئرا آهن يا مري ويا؟ ۽ جڏهن ته قرآن ڪريم هر قصي ڪي تفصيل سان بيان ڪرڻ جي بجاءِ ان جا صرف اهي حصا بيان ڪندو آهي جن سان انساني هدايات ۽ تعليم جو تعلق آهي تڏهن اصحاب ڪهف جي قصي ۾ به اهوئي طريقو اختيار ڪيل آهي، اصحاب ڪهف جي تعداد ۽ غار ۾ رهڻ جي وقت جي ذڪر ڏانهن اشارو ڪرڻ سان گڏ اها به هدايت ٿيل آهي ته اهڙين ڳالهين ۾ بحث ڪرڻ جي بجاءِ انهن کي الله تعالىٰ جي حوالي ڪيو. اهوئي سبب آهي جو الله جل جلاله جي پياري نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن (جنهن جو منصبي فرض قرآن ڪريم جون معنائون بيان ڪرڻ هو) ڪنهن به حديث ۾ ان قصي جا حصا بيان نه فرمايا ۽ وڏن وڏن اصحابن ۽ تابعن ان قرآني اسلوب جي بناءَ تي اهڙن معاملن جي لاءِ هي ضابطو مقرر ڪيو ته: ابهموا ماابهمه الله (لاتقان للسيوطي) جنهن کي الله مبهم (غير واضح) رکيو آهي اوهان به ان کي مبهم رکو اصحاب ڪرام جي طرز عمل جي تقاضا هيءَ هئي ته هن قصي جي تفسير ۾ قصي جي انهن جزن کي نه ڇيڙيو جن کي قرآن ڪريم ۽ حديث پاڪ نه ڇيڙيو آهي پر هن زماني جي تقاضا آهي ته تاريخي ۽ جغرافيائي انڪشافات ئي سڀ کان وڏو ڪمال آهن ان جي ڪري متاخرين مفسرن هن قصي جي انهن جزن کي به بيان ڪيو آهي مگر ان بيان ڪرڻ جي باوجود به آخري نتيجو اهو رهي ٿو ته ان جي متعلق ڪوبه قطعي فيصلو نٿو ڏيئي سگهجي. تاريخن ۾ جيڪو ڪجهه لکيو ويو آهي اهو به متضاد آهي.

اصحاب ڪهف جي جاءِ ۽ انهن جو زمانو

قديم مفسرن ۽ جديد مورخن ان جي متعلق تمام گهڻا قول لکيا آهن پر ڪي قدر قوي قول اهو ٿو لڳي ته اهو واقعو حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام کان پوءِ اسان جي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ويجهي دور ۾ پيش آيو هو ۽ گهڻيون روايتون ان ڳالهه تي موجود آهن ته اهو افسوس ياطرسوس نالي شهر ۾ ٿيو هو. (١).

پر هرو پرو ان ۾ وقت نه لڳائجي ته پلو آهي علامه ابن ڪثير لکيو آهي ته: "قد اخبرناالله تعالىٰ بذالک واراد منا فهمه وتدبره ولم يخبرنا بمکان هذاالکهف

(١) معارف القرآن صـ٥٤٦ جلد ٥.

في اي البلاد من الارض اذ لافائدة لنا فيه ولاقصد شرعي". (١).

يعني الله تعالىٰ اسان کي اصحاب ڪهف جي حالات جي خبر ، ان لاءِ ڏني آهي تہ اسين ان کي سمجهون ۽ تدبر ڪري سبق پرايون ۽ اسان کي نہ ٻڌايائين تہ اهي ڪهڙي شهر ۾ هئا ڇوتہ ان ڳالهہ سان ڪو فائدو يا شرعي مقصد وابسته ناهي.

اصحاب ڪهف جو واقعو

ياد رکڻ گهرجي تہ اصحاب ڪهف بادشاهن جو اولاد ۽ پنهنجي قوم جا سردار هئا. قوم بت پرست هئي هڪ ڏينهن سندن قوم وارا پنهنجي مذهبي ميلي جي لاءِ شهر کان ٻاهر نڪتا جتي انهن جو سالانہ اجتماع ٿيندو هو- اتي وڃي هي پنهنجي بتن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ انهن جي رضا جي لاءِ جانور ڪهندا هئا سندن بادشاهہ جو نالو دقيانوس هو، جيڪو انتهائي سرڪش ۽ ظالم هو ۽ پنهنجي زير حڪم ماڻهن کي بت پرستيءَ جي لاءِ مجبور ڪندو هو. ان سال جڏهن پوري قوم اتي ميلي جي لاءِ گڏ ٿي تہ هي اصحاب ڪهف جيڪي نوجوان هئا اتي پهتا ۽ اتي پنهنجي قوم جو اهو حال ڏسي تہ ڪيئن پنهنجن هٿن سان ناهيلن بتن جي پوڄا ٿا ڪن ۽ انهن کي خدا سمجهن ٿا، فوراً الله تعالىٰ کين سمجهہ ڏني جو انهن کي پنهنجي قوم جي ان احمقانہ طريقي کان نفرت ٿي ۽ کين اها ڳالهہ ذهن ۾ آئي تہ عبادت جو لائق تہ هڪ الله جل جلالہ آهي جنهن زمين، آسمان ۽ سڄي مخلوقات پيدا ڪئي آهي، اهو خيال ايندي ئي اهي نوجوان ان ميلي ۽ بتن واري جاءِ کان پوئتي هٽي هڪ هڪ ٿي پري هڪ وڻ جي هيٺان اچي ويهڻ لڳا پر انهن مان ڪير بہ ڪنهن کي سڃاڻي نہ پيو ۽ نہ اهو پيو ٻڌائي تہ هتي ڇو آيو آهي پر انهن کي ان هڪ وڻ جي هيٺان ان ئي الله جل شانہ گڏ ڪيو هو جنهن سندن دلين ۾ ايمان پيدا فرمايو هو. اهي الله جل شانہ جا ٻانها هڪ وڻ جي هيٺان هڪ جاءِ تي گڏ تہ ٿيا هئا پر هڪ ٻئي کي پنهنجو عقيدو ان ڊپ کان نہ پيا ٻڌائين تہ متان ڪو چغلي هڻي بادشاهہ کي ٻڌائي. ڪجهہ دير ان حالت ۾ ويهڻ کان پوءِ انهن مان هڪڙي ڳالهايو تہ اي يارو! اسان سڀني جو پنهنجي قوم کان جدا ٿي هتي پهچڻ جو ڪو سبب تہ ضرور هوندو مناسب هي آهي تہ اسين سڀ هڪ ٻئي کان واقف ٿيون. ان تي هڪ ڄڻي ڳالهائيندي چيو تہ: حقيقت هيءَ آهي تہ مون پنهنجي قوم کي جنهن دين، مذهب ۽ عبادت ۾ مبتلا ڏٺو اهو مون کي پسند نہ آيو ۽ مون يقين ڪيو تہ هي جيڪو ڪجهہ

(١) ابن ڪثير صہ ٧٥ جلد٣.

ڪن تا سو باطل آهي انهن جو عقيدو بہ سراسر غلط آهي تہ عمل بہ خراب آهي عبادت تہ صرف الله جل شانه جي هجڻ گهرجي جنهن جو ڪائنات جي پيدا ڪرڻ ۾ نڪوساٿي آهي نہ شريڪ، اهو ٻڌڻ کان پوءِ ٻين ڪي بہ لب ڪشائيءَ جو موقعو مليو ۽ انهن مان هر هڪ اهوئي عقيدو بيان ڪيو. ان ڪان پوءِ هي هم خيال ۽ هڪ راءِ جماعت هڪ ٻئي جا رفيق ۽ دوست بڻجي ويا ۽ انهن پنهنجي جدا عبادت گاهہ ناهي ان ۾ الله وحده لاشريڪ لہ جي عبادت شروع ڪئي پر آهستي آهستي انهن جي ڳالهہ شهر ۾ ڦهلجي وئي ۽ چغلخورن انهن جي اها خبر بادشاهہ تائين پهچائي بادشاهہ انهن سڀني کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو جيئن بادشاهي دربار ۾ حاضر ٿيا تہ بادشاهہ انهن کان عقيدو پڇيو الله جل شانه انهن کي همت بخشي ۽ انهن خوف ۽ خطري کان سواءِ پنهنجو توحيد وارو عقيدو بيان ڪيو ۽ خود بادشاهہ کي بہ ان جي دعوت ڏني بادشاهہ ان عقيدي جو انڪار ڪندي انهن نوجوانن کي ڌمڪيون ۽ دڙڪا ڏنا ۽ سندن بدن تان سٺا ڪپڙا لهرائي ڪين چيو تہ: اوهان کي ٻہ ٽي ڏينهن غور ڪرڻ ۽ سوچڻ جي لاءِ مهلت ڏيان ٿو سوچيو ۽ سمجهو ۽ ان عقيدي تان دستبردار ٿيو اوهان نوجوان آهيو اوهان جي جوانيءَ تي رحم ڪندي اوهان کي تڪڙو قتل نٿو ڪرايان جيڪڏهن اجان بہ نہ مڙندؤ تہ پوءِ قتل ڪيا ويندؤ. هي انهن نوجوانن تي الله جل جلالہ جو خاص ڪرم هو جو ان مهلت ملڻ جي ڪري ڪين ڀڄڻ جو موقعو مليو ۽ اهي اتاهين نڪري اچي غار ۾ رهيا جيئن اڳتي ايندو (انشاءالله تعالیٰ).

اصحاب ڪهف جو دين ۽ مذهب ڪهڙو هو؟

عام مفسرن جو ان تي اتفاق آهي تہ اهي نوجوان حضرت عيسیٰ عليه السلام جي مذهب ۽ دين تي هئا. ۽ جڏهن ٽي سئو نون (٣٠٩) سالن ڪان پوءِ غار ۾ سجاڳ ٿيا هئا تہ ان وقت ان علائقي ۾ ٻيو مومن بادشاهہ هوجنهنجونالو بيدو سيس هو. (١).

اصحاب ڪهف جيئرا آهن يا وفات ڪري ويا؟

علامہ پاني پتي لکيو آهي تہ اهي ان وقت جي مومن بادشاهہ سان ملڻ کان پوءِ سمهي رهيا ۽ سندن روح پرواز ڪري ويو. (٢).

المقصد تہ هي ان قصي جا ڪجهہ حصا آهن جيڪي قديم مفسرن ۽ جديد مؤرخن پنهنجي پنهنجي انداز سان بيان ڪيا آهن. وڌيڪ وضاحت آيتن جي تفسير ۾ ايندي،

(١) معارف القرآن صہ٥٤٩ جلد٥. (٢) المظهري صہ١٧ جلد٦.

(انشاءالله تعالى). ارشاد آهي "اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَآ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّهَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا" جڏهن نوجوانن غار ۾ جاءِ ورتي پوءِ عرض ڪيائون تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي پاڻ وٽان رحمت ڏي ۽ اسان جي لاءِ اسان جي امر مان هدايت تيار فرماءِ. "اَلْفِتْيَةُ" فتىً جو جمع آهي. مطلب تہ جڏهن اهي نوجوان غار ۾ وڃي لڪيا تہ: انهن بارگاه ايزديءَ ۾ دعا جي لاءِ هٿ کولي هيءَ دعا گهري هئي تہ: اي اسان جا پالڻهار! اسان کي پنهنجي رحمت سان ڍڪي ڇڏ ۽ اسان جي لاءِ اسان جو هي ڪم آسان ڪري اسان کي هدايت تي مضبوط رک، اسان جو ايمان محفوظ فرماءِ. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جنهن جبل جي غار ۾ هي نوجوان لڪيا هئا ان جبل جو نالو بيجلوس هو. (١).

"فَضَرَبْنَا عَلٰٓى اٰذَانِهِمْ فِى الْكَهْفِ سِنِيْنَ عَدَدًا" پوءِ اسان انهن جي ڪنن تي ڪيترائي ڳڻيل سال (بندش) هٽي ڇڏي. يعني انهن کي غار ۾ ننڊ ڏيئي سندن ڪنن کي ٻاهريون آواز ٻڌڻ کان بند ڪري ڇڏيوسين ۽ ڪئين سال ان حال ۾ رهيا "ثُمَّ بَعَثْنَاهُمْ لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْٓا اَمَدًا" ان کان بعد انهن کي اٿاريوسين تانتہ اسين (ظاهر ۾ بہ) ڄاڻون تہ ٻنهي جماعتن مان سندن (غار ۾) رهڻ واري مدت لاءِ ڪير وڌيڪ يادگيريءَ وارو آهي. مطلب تہ ايترو عرصو انهن کي غار ۾ رکڻ کان پوءِ ان جي ڪري سجاڳ ڪري اٿاريوسين تہ ظاهر ٿئي تہ ٻن جماعتن مان ڪير سچو آهي؟ هڪڙن چيو هو تہ قبرن مان جيئرو ٿي نڪرڻ اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي ٻين چيو تہ زنده ٿي قبرن مان نڪرڻ بالڪل حق آهي. جڏهن هي نوجوان ايترو عرصو غار ۾ آرام ڪري جيئرا جاڳي اٿيا تہ مئلن جو اٿڻ بہ حق آهي.

فائدو

"فَضَرَبْنَا عَلٰٓى اٰذَانِهِمْ" (پوءِ اسان انهن جي ڪنن تي (بندش) هنئين). ان مان واضح ٿيو تہ اولياءالله جون ڪرامتون حق آهن جيئن سجاڳيءَ ۾ ظاهر ٿينديون آهن تيئن انهن کان ننڊ جي حالت ۾ بہ صادر ٿينديون آهن، علامہ رازي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ اسان جي صوفي بزرگن هن آيت سان ڪرامتن جي صحيح هجڻ تي دليل ورتو آهي ۽ اهو بالڪل ظاهر استدلال آهي. ان موضوع تي علامہ موصوف ڊگهو بحث ڪري ڪرامتن کي ثابت ڪيو آهي جيڪو وڌيڪ تفصيل ڏسڻ گهري سو

(١) المظهري صـ١١ جلد٦.

علامہ رازيءَ جو هن آيت جي تفسير ۾ ڪيل تحقيق ڏسي. (١).

نَحۡنُ نَقُصُّ عَلَيۡكَ نَبَاَهُمۡ بِالۡحَقِّ ؕ اِنَّهُمۡ فِتۡيَةٌ اٰمَنُوۡا

اسين بيان ٿا ڪريون تنهنجي اڳيان خبر انهن جي حق سان بلاشڪ اهي نوجوان هئا جن ايمان آندو

بِرَبِّهِمۡ وَزِدۡنٰهُمۡ هُدًى ﴿١٣﴾ وَّرَبَطۡنَا عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ اِذۡ

رب پنهنجي تي ۽ وڌائي سون انهن کي هدايت ۾ مضبوطي پيدا ڪئي اسان دلين انهن جي تي جڏهن

قَامُوۡا فَقَالُوۡا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ لَنۡ نَّدۡعُوَا۟

اٿي بيٺا پوءِ چيائون اسان جو پالڻهار رب آسمانن ۽ زمين جو آهي هرگز نہ عبادت ڪنداسون

مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلٰهًا لَّقَدۡ قُلۡنَاۤ اِذًا شَطَطًا ﴿١٤﴾ هٰۤؤُلَاۤءِ قَوۡمُنَا

ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي معبود جي البتہ تحقيق چئي اسان ان وقت بيهودي ڳالهہ هي قوم اسان جي آهي

اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اٰلِهَةً ؕ لَوۡلَا يَاۡتُوۡنَ عَلَيۡهِمۡ بِسُلۡطٰنٍۢ بَيِّنٍ ؕ

جن ٺاهيا ان کان سواءِ ٻيا معبود ڇو نٿا آڻين انهن تي دليل چٽو

فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ﴿١٥﴾

پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي، ان کان جنهن ٺاهي هنيو الله تي ڪوڙ.

تفسير

پهريان مذڪوره آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ الله جل شانه ٻانهن کي آزمائڻ لاءِ زمين ۾ ڪيترين ئي نعمتون پيدا ڪيون آهن ۽ هنن آيتن ۾ ان آزمائش ۾ ڪامياب ٿيندڙن ٻانهن اصحاب ڪهف جو ذڪر ڪندي بيان تي رهيو آهي "نَحۡنُ نَقُصُّ عَلَيۡكَ نَبَاَهُمۡ بِالۡحَقِّ ؕ اِنَّهُمۡ فِتۡيَةٌ اٰمَنُوۡا بِرَبِّهِمۡ وَزِدۡنٰهُمۡ هُدًى ﴿١٣﴾ اسين اوهان تي

(١) التفسير الكبير صـ٨٤ جزءِ ٢١.

انهن جي خبر حق سان بيان ڪيون ٿا يقينًا اهي نوجوان هئا جن پنهنجي رب تي ايمان آندو ۽ اسان انهن کي هدايت ۾ وڌايو. يعني اسين اوهان کي انهن غار وارن جي سچي ۽ حق واري خبر ٻڌايون ٿا ان کان اڳ ۾ انهن جي متعلق ماڻهن ۾ ڪا يقيني خبر نه هئي اهي نوجوان هئا جن پنهنجي پروردگار تي ايمان آندو ۽ اسان انهن کي هدايت تي اهڙو ثابت قدم رکيو جو دنياوي تعلقات کان ڪنجي زاهد بڻجي، صالح عمل ڪرڻ لڳا. ۽ حقيقت هيءَ آهي ته ڪوبہ نوجوان جڏهن سچو دين قبول ڪري ان تي عمل پيرا رهي ٿو تہ وڏي عمر واري کان اڳتي وڌي وڃي ٿو. ۽ گهڻو ڪري الله جل شانه ۽ نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جي پيغام لاءِ نوجوانن ئي ميدان ملهايو آهي. (١).

اصحاب ڪهف جا نالا مبارڪ

غار وارن ڀلارن جا نالا مبارڪ هي آهن. ١- مڪشلمينا (اهو سڀني کان وڏو هو) ٢- مخشلمينا. ٣- تمليخا. (هي انهن جو خزانچي هو). ۴- سرطونس. ۵- ڪشطونس. ٦- بيرونس. ٧- ديموس. ٨- بسطيوس. ٩- فالوس. (اهو ڌوٻي هو). (٢)

"وَرَبَطْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اِذْ قَامُوْا فَقَالُوْا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَنْ نَّدْعُوَا مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلٰهًا لَقَدْ قُلْنَآ اِذًا شَطَطًا". ۽ اسان انهن جي دلين تي مضبوطي پيدا ڪئي جڏهن بيهي چوڻ لڳا تہ اسان جو رب اهو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي معبود جي عبادت هرگز نہ ڪنداسون (بفرض محال جيڪڏهن ٻئي جي عبادت ڪئي سون تہ) يقينًا ان وقت اسان بيهودي ڳالهہ چئي. يعني جڏهن بادشاهہ وٽان نڪري ٻاهر بيٺا تہ اسان انهن جي دلين کي مضبوط ۽ دين تي پڪو رکيو پوءِ چوڻ لڳا تہ هي بت وغيره بالڪل باطل آهن اسان جو حقيقي معبود ۽ سچو رب اهو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي ان کان سواءِ ڪنهن بہ باطل معبود جي عبادت ڪڏهن بہ نہ ڪنداسون ۽ (معاذالله ثم معاذالله) جيڪڏهن ڪئي سون تہ اسان ان وقت انتهائي بيهودي ڳالهہ چئي هوندي. (٣).

"هٰٓؤُلَآءِ قَوْمُنَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ۭ لَوْلَا يَاْتُوْنَ عَلَيْهِمْ بِسُلْطٰنٍۢ بَيِّنٍ ۭ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا" هيءَ اسان جي قوم آهي جن ان (الله) کان سواءِ ٻيا معبود ناهيا آهن انهن (جي سچي هجڻ) تي قوي ۽ روشن دليل ڇو نٿا آڻين پوءِ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جنهن الله تي بهتان هنيو. يعني ايمان وارا الله جل جلاله جي وحدانيت تي ڪيترا دليل پيش ڪن ٿا، جيڪڏهن اسان جي قوم ٻين کي

(١) المراغي صـ١٢۴ جزءُ ١٥ جلد ٥. (٢) نعيمي صـ۴٩٨ جلد ١٥. (٣) بحرالعلوم صـ٢٩٣ جلد٢.

معبود بنايو آهي تہ انهن تي قوي ۽ روشن دليل ڇو نٿا ڏين. حقيقت هيءَ آهي تہ انهن ڪي دليل هجي تہ آڻين. ڪوڙ، نيٺ ڪوڙ آهي اهو ڪٿان ثابت ٿيندو. انهن جو وڏو ڪوڙ اهو هو جو الله جل شانه سان ٻين ڪي شريڪ بنايو هيائون.

فائدو: مذڪوره آيت "لَنْ نَّدْعُوَا مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلٰهًا" ۾ لن ندعوا، جي معنىٰ آهي "لن نعبد ابدا وبالفارسية نخواهيم پرستيد. (١). (ڪڏهن بہ عبادت نہ ڪنداسون) ان مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي جي عبادت ڪرڻ ڪنهن بہ نوعيت، طرز ۽ طريقي سان ناجائز ۽ حرام آهي، قطعًا جائز ناهي. غير جي عبادت ڪندڙ ڪافر آهي.

غيرالله ڪي سڏڻ جو حڪم

سمجهڻ گهرجي تہ الله جل شانه کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪي الله يا ان جو شريڪ ۽ برابر سمجهي سڏڻ شرڪ آهي جيئن ڪافرن جو قول قرآن ڪريم بيان ڪيو آهي "اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" جڏهن اسين اوهان ڪي رب العالمين سان برابر ڪندا هئاسون. ان ۾ بتن وغيره ڪي سڏڻ بہ شامل آهي ڇوتہ ڪافر اهوئي عقيدو رکندا هئا. باقي مسلمانن مومنن جي طرفان الله جل شانه جي پياري نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ ٻين پيارن ڪي الله جو مقبول ۽ محبوب ٻانهو سمجهي سڏڻ جائز آهي ڇوتہ ڪوبہ مسلمان انهن پيارن ڪي الله جل شانه سان برابر ۽ شريڪ نٿو سمجهي اهو فرق ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي جنهن سان ڪيترا اختلاف ختم ٿي سگهن ٿا.

وَاِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ فَاْوٗٓا اِلَى الْكَهْفِ

۽ جڏهن پاسو ڪيو اوهان انهن کان ۽ جن جي عبادت ڪن ٿا الله کان سواءِ پوءِ پناهہ وٺو غار ۾

يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَيُهَيِّئْ لَكُمْ مِّنْ اَمْرِكُمْ

تہ پکيڙيندو اوهان جي لاءِ رب اوهان جو رحمت پنهنجي ۽ تيار فرمائيندو اوهان لاءِ امر اوهان جي مان

مِّرْفَقًا ⑯ وَتَرَى الشَّمْسَ اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ كَهْفِهِمْ ذَاتَ

نرمي ۽ ڏسندين تون سج ڪي جنهن وقت اڀري ٿو تہ لڙي ٿو لنگهي غار انهن جي کان

(١) روح البيان صہ٢٢٢ جلد٥.

الْيَمِيْنِ وَاِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ وَهُمْ فِيْ فَجْوَةٍ

سڄي پاسي ۾ جڏهن لهي ٿو ته مڙي ٿو انهن کان کٻي پاسي ۽ اهي ويڪرائيءَ ۾ آهن

مِّنْهُ ۭ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ ۭ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ

ان ڪان اهي نشانيون الله جون آهن جنهن کي هدايت ڪري الله پوءِ اهوئي هدايت وارو آهي ۽ جنهن کي گمراه ٿو ڪري

فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا ۝۱۷

پوءِ هرگز نه لهندين ان لاءِ ڪو مددگار رهنما.

تفسير

اڳ ۾ آيل آيتن ۾ اصحاب ڪهف جو تفصيل سان قصو بيان ٿيو ۽ آخري واقعو سمجهائڻ جي لاءِ اول آندو ويو ۽ هنن آيتن ۾ ان جو باقي حصو بيان ٿي رهيو آهي، فرمان ايزدي آهي "وَاِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ فَاْوٗٓا اِلَى الْكَهْفِ يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَيُهَيِّئْ لَكُمْ مِّنْ اَمْرِكُمْ مِّرْفَقًا" ۽ جڏهن اوهان انهن کان ۽ جن جي الله کان سواءِ عبادت ڪن ٿا پاسو ڪيو آهي ته پوءِ غار ۾ پناهه وٺو ته اوهان جو رب اوهان جي لاءِ پنهنجي رحمت پکيڙي ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جا امر آسانيءَ سان تيار ڪري.

هن آيت ۾ انهن نوجوانن جي هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا هئا ته: جڏهن ڪافرن ۽ انهن جي باطل معبودن کان پاسو ڪيو اٿو ته هلو ته غار ۾ لڪي الله جل جلاله جي عبادت ڪريون. اهو اوهان لاءِ پنهنجي رحمت پکيڙي اوهان کي سڀ معاملا آسانيءَ سان تيار ڪري ڏيندو "وَتَرَى الشَّمْسَ اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ كَهْفِهِمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَاِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ وَهُمْ فِيْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا" ۽ سج کي ڏسندين جڏهن اڀري ٿو ته انهن جي غار کان سڄي پاسي لڙي ٿو لنگهي ۽ جڏهن لهي ٿو ته به انهن جي غار کان کٻي طرف مڙي ٿو لنگهي ۽ اهي ان جي ويڪرائيءَ واري وچ ۾ (آرام ۾ پيا) آهن. مقصد ته نه انهن کي

سج جي اس ۽ گرمي تي لڳي ۽ نہ انهن کي سوڙهہ يا تنگي تي محسوس ٿئي. (١).
اهو سڀ ڪجهہ الله جي قدرت، صنعت ۽ عجائب مان آهي الله جنهن کي گهري ٿو تہ توفيق ڏئي هدايت وارو بنائي ٿو ۽ اهو تامل ۽ تدبر سان مالڪ جي ذات کي مڃي ٿو ۽ جنهن کي گمراهہ ٿو ڪري ان جي لاءِ ڪڏهن ڪوبہ مددگار، رهنما نٿو ملي. ظاهري ۽ باطني رهنمائي سڀ ان جي هٿ ۾ آهي ڏسو جڏهن دقيانوس ظالم سيني ملڪي ماڻهن کي ڪافر بنائي رهيو هو تہ الله جل شانه اصحاب ڪهف کي ڪيئن ثابت قدم رکيو ۽ ظاهري طرح بہ انهن کي ڪيئن غار جي واٽ ونرايائين.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "تَزَاوَرُ عَنْ كَهْفِهِمْ" (انهن جي غار کان لڙي پيو لنگهي) ان مان واضح ٿيو تہ اولياءَ الله جو شان تمام وڏو آهي جو انهن جي ڪري الله تعالىٰ پنهنجو نظام تبديل ٿو ڪري. ٢- سج، اس، چانو، انڌيرو ۽ روشني سڀ الله جل شانه جون نعمتون آهن ۽ پنهنجي پنهنجي وقت ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سيئي مفيد آهن. اصحاب ڪهف جي حياتي، اجسام ۽ لباس بچائڻ جي لاءِ الله تعالىٰ سج کي حڪم ڏنو تہ بچاءُ ڪندي سڄي ۽ کٻي پاسي کان وڃي پر غار ۾ اس وڃڻ نہ ڏي، مفسرن پلارن فرمايو آهي تہ جيڪڏهن اس اندر وڃي ها تہ اصحاب ڪهف جا جسم سڙي وڃن ها ۽ جيڪڏهن هوا نہ وڃي ها تہ سندن جسم زمين جي آلاڻ برداشت نہ ڪن ها ۽ جيڪڏهن انهن جا پاسا نہ اٿلايا وڃن ها تہ سندن بدن ڦاٽي پون ها.

وَتَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّهُمْ رُقُوْدٌ ۖ وَّنُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَذَاتَ

۽ گمان ڪندين تون انهن کي سجاڳ ۽ اهي ستل آهن ۽ ڦيرايون ٿا انهن کي سڄي ۽

الشِّمَالِ ۖ وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ۭ لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ

کٻي ۽ ڪتو انهن جو ڍگهيون ڪنڌڙ آهي اڳيون ٽنگون پنهنجون چائنٺ تي جيڪڏهن وڃهي کان نظر وجهين انهن تي

لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّلَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿١٨﴾

تہ البتہ پوئين پير ڦرين انهن کان ڀڄڻ لاءِ ۽ البتہ ڀرجي وڃين تون انهن کان رعب ۾.

(١) المظهري ٢٠ جلد٦

تفسير

پهريان ذڪر ڪيل آيتن ۾ اصحاب ڪهف ڪي آسماني تڪليفن کان بچائڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن کي زميني تڪليفن کان بچائڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَتَحْسَبُهُمْ أَيْقَاظًا وَّهُمْ رُقُودٌ وَّنُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْيَمِينِ وَذَاتَ الشِّمَالِ" ۽ تون انهن کي سجاڳ سمجهندي حالانڪ اهي ننڊ ۾ آهن ۽ اسين انهن کي سڄي ۽ کٻي پاسي اٿلايون پيا. مطلب تہ اي اصحاب ڪهف کي ڏسندڙ! انهن جي اکين کليل هجڻ ۽ گهٽي اٿلڻ جي ڪري تون انهن کي سجاڳ سمجهندين حالانڪ اهي ننڊ ۾ پيل آهن ۽ اسين انهن جي ارادي کان سواءِ ئي انهن کي سندن ننڊ جي حالت ۾ عام دستور مطابق اٿلايون پيا سيدنا ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما فرمايو آهي تہ سال ۾ هڪ ڀيرو پاسو ورايئون ٿي تانتہ زمين سندن گوشت کي ڪجهہ ڪائي نہ سگهي ۽ ڪن بزرگن فرمايو آهي تہ انهن جا ڏهين محرم عاشوري جي ڏينهن پاسا ورايا ويندا هئا. (١). "وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيدِ" ۽ سندن ڪتو پنهنجون اڳيون ٽنگون چائنٺ تي ڊگهيون ڪيو ويٺو هو.

اصحاب ڪهف جي ڪتي جو احوال

مفسرن لکيو آهي تہ اهي نوجوان غار ڏانهن ويندي هڪ مال جي ڌنار وٽان لنگهيا اهو ڌنار هنن کي ڏسي ساڻن گڏجي پيو تہ ان جو ڪتو بہ گڏجي هليو. حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما جو اهو قول آهي. (٢).

علامہ پاني پتي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ! اڪثر مفسرن جو قول آهي تہ اهو ڪتن جي جنس مان هو ۽ ابن جريج کان روايت آهي تہ: اهو شينهن هو ۽ شينهن تي بہ ڪلب جو لفظ استعمال ۾ آيو آهي. جيئن نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن ابولهب جي پٽ عتبه لاءِ چيو هو تہ: ياالله ان جي مٿان پنهنجن پيدا ڪيلن ڪتن مان ڪو ڪتو مسلط فرماءِ. پوءِ ان کي شينهن ڦاڙي ڇڏيو هو. پر مشهور قول پهريون آهي. (٣).

علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: جڏهن اهو ڪتو اصحاب ڪهف جي پويان هلڻ لڳو تہ: انهن ڪيس ڪئين ڀيرا تڙيو پر نہ مڙيو ۽ نيٺ ڪين

(١) المظهري صہ٢٠ جلد٦. (٢) القرطبي صہ٣٥٩ جلد ١٠. (٣) المظهري صہ٢١ جلد ٦.

چيائين تہ: اوهان مون کي چوٿا ڏوڙايو مان الله جي پيارن سان محبت رکان ٿو اوهان ننڊ ڪجو مان اوهان جي چوڪيداري ڪندس. قرطبي آندو آهي تہ ان ڪتي ٻن پيرن تي اپو ٿي اڳيان پير مٿي ڪري دعا گهري ائين چيو هو. (١).

ان جو رنگ ڪهڙو هو، ان ۾ مختلف قول آهن. ١- تہ ڳاڙهي رنگ جو هو. ٢- ڦڪي رنگ جو هو. ٣- تہ انمر يعني ان ۾ ڪي اڇا چٽا هئا تہ ڪي ڪارا هئا. ان جو نالو ڇا هو؟ ان ۾ بہ مختلف قول آهن. حضرت حسن رضہ جو فرمان آهي تہ ان جو نالو قطمير هو ۽ مجاهد ان جو نالو قطموراءِ ٻڌايو آهي. ۽ اهو ڪتو جنت ۾ داخل ٿيندو. (٢).

سوال. اصحاب ڪهف جو ڪتو اڳيون ڄنگهون ڊگهيون ڪري چانئٺ تي ڇو ويٺو هو، اندر ڇو نہ ويو؟

جواب. مفسرن ان جي متعلق بہ قول آندا آهن. ١- اهو چوڪيدار جي حيثيت ۾ هو ۽ چوڪيدار ٻاهر رهندو آهي اندر نہ ويهندو آهي. ١- ڪتي جو گهر ۾ اندر هجڻ ملائڪن جي نہ اچڻ جو سبب آهي، جيئن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي "جنهن گهر ۾ ڪتو هوندو ان گهر ۾ ملائڪ داخل نہ ٿيندا". اصحاب ڪهف بہ ان ڪتي کي ان جي ڪري اندر اچڻ نہ ڏنو هوندو. (٣).

ڪتي ۽ وڇونءَ کان بچڻ لاءِ وظيفو

حضرت عمرو بن دينار فرمايو آهي تہ! جيڪو شخص گهري تہ رات يا ڏينهن جو ڪيس وڇون ڏنگ نہ هڻي اهو "صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى نُوْحٍ" پڙهندو رهي ۽ جيڪو گهري ٿو تہ ڪو ڪتو بہ ان تي حملو نہ ڪري تہ اهو "وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ" پڙهندو رهي. (٤).

صالحن جي صحبت ۽ محبت جي ڀلائي ۽ برڪت

علامه قرطبي لکيو آهي تہ: جڏهن اصحاب ڪهف جو ڪتو صالحن جي صحبت جي صدقي ان بلند مقام کي پهتو جو الله جل شانه ان جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ ڪيو آهي تہ جيڪي الله جي وحدانيت مڃيندڙ مؤمن، صالحن جي صحبت ۽ اولياءِ ڪرام جي محبت رکندا انهن تي ڪيئن نہ مهرباني ٿيندي بلڪہ هن واقعي ۾ انهن ڪمال جي درجن کان پوئتي پوندڙن مؤمنن کي تسلي ڏنل آهي جيڪي ڪاملن سان محبت رکندا هوندا. حضرت انس بن مالڪ کان صحيح روايت ۾ آيو

(١) روح المعاني صہ٢٢٦ جزءُ١٥ جلد ٥. (٢) القرطبي صہ٣٧٠ جلد ١٠.
(٣) روح المعاني صہ٢٢٧ جزءُ ١٥ جلد ٥. (٤) القرطبي صہ٣٧٠ جلد ١٠.

آهي تہ هڪ پيري نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن ۽ مان مسجد جي دروازي کان نڪري رهيا هئاسون تہ: هڪ شخص مسجد جي چائنٺ وٽ مليو ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کان پڇيائين تہ: قيامت ڪڏهن ٿيندي؟ پاڻ ان کي فرمايائون تہ: تو ان جي لاءِ ڇا تياري ڪئي آهي؟ ان شخص ٿوري دير کان پوءِ عرض ڪيو تہ: مون قيامت جي لاءِ گهڻي نماز، گهڻا روزا ۽ گهڻا صدقا تيار نہ ڪيا آهن، بلڪہ مان الله ۽ ان جي رسول (ڪريم صلى الله عليه وسلم) جن سان محبت رکان ٿو. پاڻ ان کي فرمايائون تہ "تون ان سان ئي گڏ هوندين جنهن سان محبت رکين ٿو" هڪ روايت موجب حضرت انس بن مالڪ فرمايو تہ اسلام کان پوءِ جهڙو ان فرمان سان خوش ٿياسين بئي ڪنهن سان بہ خوش نہ ٿيا هئاسين. حضرت انس رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو تہ مان نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ۽ ابوبڪر ۽ عمر رضي الله تعالىٰ عنهما سان محبت رکان ٿو. اميد اٿم تہ انهن سان گڏ هوندس جيتوٽيڪ انهن جهڙا عمل نہ ڪيا اٿم. ان کان پوءِ مفسرِ قرآن قرطبي فرمايو آهي تہ: هي جيڪو حضرت انس رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو اهو سيني مسلمانن کي شامل آهي انهيءَ جي ڪري اسين جيتوٽيڪ قصور وارا آهيون پر اميدون وڏيون ٿا رکون. هڪ ڪتي کي ڪاملن سان محبت جي ڪري الله جل شانه انهن سان گڏ قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ اسان تي تہ وڏيڪ مهرباني ٿيندي جو اسان وٽ ايمان، اسلام جو ڪلمو ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي محبت آهي. (۱).

"لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّلَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا" جيڪڏهن انهن تي ويجهي کان نظر وجهين تہ انهن کان بچڻ لاءِ پوئين پير هٽي منهن ڦيرائي ڀڄين ۽ انهن جي رعب ۾ ڀرجي وڃين. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن ۾ خطاب عام ماڻهن سان آهي. ان مان اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ اصحاب ڪهف جو رعب نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم تي بہ ڇانئجي ويو هو. عام مخاطبين کي فرمايو ويو آهي تہ جيڪڏهن اوهان انهن کي ويجهو وڃي ڏسو تہ ڊپ کان پوئتي ڀڄو ۽ انهن جو رعب اوهان تي طاري هجي. (۲).

اصحاب ڪهف ۾ اهو رعب ڪهڙي بنا تي هو؟

ان ۾ مختلف قول آهن پر حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعالىٰ انهن جي حفاظت لاءِ اهڙا انتظام ڪيا هئا تہ انهن کي اس نہ لڳي ۽ ڏسندڙ انهن کي سجاڳ سمجهي ۽ ڪين ويجهي ويندڙ تي اهڙو رعب طاري ٿئي جو وري ويجهو نہ اچي. (۳).

(۱) القرطبي ص۳۷۲ جلد ۱۰ (۲) معارف القرآن ص۵۵۶ جلد ۵ (۳) ساڳيو حوالو

فائدا. مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "وَكَلْبُهُمْ" (۽ انهن جو ڪتو) ان مان ثابت ٿيو تہ: ان ڪتي تي اها مهرباني انهن صالحن غار وارن جي صدقي ٿي هئي. ۽ اهو بہ ثابت ٿيو تہ سٺي صحبت جو اثر بہ سٺو ٿئي ٿو ۽ بري صحبت جو اثر بہ برو ٿيندو. ٢- "لَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا" (انهن کان رعب سان ڀرجي وڃين ها) ان مان ثابت ٿيو تہ جيڪو شخص مؤمن متقي ۽ پرهيزگار بڻجي ٿو الله تعالیٰ جي طرفان ان ۾ اهڙو رعب ۽ هيبت پيدا ٿئي ٿي جو ان جي سامهون هرو ڀرو ڪير نٿو اچي سگهي.

وَكَذَٰلِكَ بَعَثْنَاهُمْ لِيَتَسَآءَلُوا بَيْنَهُمْ ۚ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ كَمْ

۽ اهڙي طرح اٿاريوسون انهن کي تانتہ پيا ڳاڇا ڪن پاڻ ۾ چيو هڪ چوندڙ انهن مان تہ ڪيترو

لَبِثْتُمْ ۖ قَالُوا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ۚ قَالُوا رَبُّكُمْ اَعْلَمُ

رهيا آهيو چيائون تہ رهياسون ڏينهن يا بعض ڏينهن جو چيائون تہ رب اوهان جو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي

بِمَا لَبِثْتُمْ ۖ فَابْعَثُوا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ هٰذِهٖ اِلَى الْمَدِيْنَةِ

ان کي جو رهيئو اوهان پوءِ موڪليو هڪڙو اوهان مان ڪرنسيءَ پنهنجيءَ هن سان شهر ڏانهن

فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَا اَزْكٰى طَعَامًا فَلْيَاْتِكُمْ بِرِزْقٍ مِّنْهُ

پوءِ جڳائي تہ ڏسي ڪهڙو انهن مان وڌيڪ صاف طعام وارو آهي پوءِ پل تہ آڻي اوهان وٽ ڪاڌو ان مان

وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ بِكُمْ اَحَدًا ﴿١٩﴾

۽ نرمي اختيار ڪري ۽ هرگز نہ ڄاڻ ڏي اوهان جي ڪنهن هڪ کي.

تفسير

اڳ ۾ آيل آيتن ۾ اصحاب ڪهف جي آرام ۽ سڪون واريءَ گهريءَ ننڊ جو ذڪر هو ۽ هنن ۾ انهن کي ننڊ مان اٿارڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. فرمان الاهي

نصف القرآن باعتبار عدد الحروف بانّ التاء بعد الياء من النصف الاول واللام الثانية من النصف الاخير ١٢

آهي "وَكَذَٰلِكَ بَعَثْنَاهُمْ لِيَتَسَاءَلُوا بَيْنَهُمْ" ۽ اهڙي طرح انهن کي اٿاريوسون تانته پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا ڪن. يعني جيئن اسان انهن کي ظالم بادشاهه کان بچائي غار ۾ سڪون سان آرام نصيب ڪيو، تيئن وري انهن کي ننڊ مان اٿاريوسين تانته هڪ ٻئي کان رهڻ واري مدت جي باري ۾ سوال ڪن ۽ سندن اهو اٿڻ قيامت جي لاءِ اٿڻ جو دليل بڻجي. (١).

"قَالَ قَائِلٌ مِّنْهُمْ كَمْ لَبِثْتُمْ ۖ قَالُوا لَبِثْنَا يَوْمًا أَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ۚ قَالُوا رَبُّكُمْ أَعْلَمُ بِمَا لَبِثْتُمْ" انهن مان چوندڙ چيو ته (غار ۾) گهڻي مدت رهيا آهيو ، چوڻ لڳا ته هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهه حصو (رهيا آهيون؟ ٻيو ڇا) اهو چوندڙ سندن وڏو مڪسلمينا هو ۽ ڪي چون ٿا ته سندن خزانچي يمليخا ائين چيو هو. ٻين ساٿين سج ڏانهن نهاريو ننڊ جي حالت ۾ رهندي چيو ته: ڪهڙو گهڻو وقت گذريو آهي؟ ڏينهن يا اڌ ڏينهن رهيا آهيون ٻيو ڇا؟ (٢).

"ڪن چيو ته اوهان جي رهڻ جي مدت اوهان جو رب بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪيترو رهيا آهيو، اوهان کي ڪهڙي خبر ته ڪيترو رهيا آهيو "فَابْعَثُوا أَحَدَكُم بِوَرِقِكُمْ هَٰذِهِ إِلَى الْمَدِينَةِ فَلْيَنظُرْ أَيُّهَا أَزْكَىٰ طَعَامًا فَلْيَأْتِكُم بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ بِكُمْ أَحَدًا" پوءِ پاڻ مان هڪڙي کي هيءَ ڪرنسي ڏئي شهر ڏانهن موڪليو پوءِ اهو ڏسي ته ڪير صاف طعام وارو آهي پوءِ اوهان جي لاءِ انهن پئسن مان کاڌو آڻي ۽ نرمي ڪري ۽ اوهان جو ڪنهن کي به نه ٻڌائي. يعني پاڻ مان ڪنهن هڪ کي هي ڪرنسي ڏيئي شهر ڏانهن موڪليو. ان شهر مان مراد اهوئي افسوس نالي شهر آهي جنهن مان نڪتا هئا. اهو طعام جي لاءِ ويندڙ شهر ۾ ڏسي ته ڪنهن وٽ پاڪ صاف کاڌو آهي اهو اوهان جي لاءِ به خريد ڪري ڪٺي اچي ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ نرمي ڪري تانته پڪڙجي نه پوي ۽ اوهان جي به ڪنهن کي ڄاڻ نه ڏي متان وري تڪليف ۾ پئجي وڃو.

فائدو: مذڪوره آيتن مان واضح ٿيو ته ديني توڙي دنياوي معاملات ۾ نرم رويو اختيار ڪرڻ تمام سٺي ڳالهه ۽ الله جل جلاله جي نعمت آهي ۽ ان جي ڪري اصحاب ڪهف به پنهنجي ساٿيءَ لاءِ فرمايو هو ته "نرمي ڪري" اهو به ثابت ٿيو ته: پاڻ سان گڏ پئسا وغيره کڻڻ توڪل على الله جي خلاف ناهي وقت تي ڪم اچي وڃن ٿا. جيئن اصحاب ڪهف فرمايو هو ته "فَابْعَثُوا أَحَدَكُم بِوَرِقِكُمْ هَٰذِهِ" (پوءِ پاڻ مان ڪنهن

(١) نعيمي صـ٥٣٠ جلد ١٥. (٢) روح المعاني صـ٢٢٩ جزء ١٥ جلد٥.

هڪڙي ڪي هي ڪرنسي ڏئي موڪليو) انهن وٽ اهي پئسا هئا تہ سيني ڪي ڪم اچي ويا.

اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ فِيْ

بيشڪ اهي جيڪڏهن غالب ٿيندا اوهان تي تہ سنگسار ڪندا اوهان کي يا موٽائيندا اوهان کي

مِلَّتِهِمْ وَلَنْ تُفْلِحُوْٓا اِذًا اَبَدًا ۝٢٠ وَكَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ

دين پنهنجي تي ۽ هرگز ڪامياب نہ ٿيندؤ ان وقت هميشه ۽ اهڙي طرح مشهوري ڪئي سون انهن جي

لِيَعْلَمُوْٓا اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيْهَا ۚ

تانت ڄاڻن تہ بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي ۽ بيشڪ قيامت ناهي ڪو شڪ ان ۾

اِذْ يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ اَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوْا عَلَيْهِمْ

جنهن وقت بحث پيا ڪن پاڻ ۾ امر انهن جي تي پوءِ چيائون تہ تعمير ڪيو انهن تي

بُنْيَانًا ۭ رَبُّهُمْ اَعْلَمُ بِهِمْ ۭ قَالَ الَّذِيْنَ غَلَبُوْا عَلٰٓي

جاءِ رب انهن جو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي انهن کي چيو انهن جيڪي غالب ٿيا

اَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ مَّسْجِدًا ۝٢١

امر انهن جي تي تہ البت ضرور ٺاهيندا سون انهن تي مسجد.

تفسير

اڳ ۾ آيل آيتن ۾ نيڪن ٻانهن جي اخلاقي حالت ڪي بيان ڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي ايمان تي مضبوطيءَ ڪي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ فِيْ مِلَّتِهِمْ وَلَنْ تُفْلِحُوْٓا اِذًا اَبَدًا" بلاشڪ اهي جيڪڏهن اوهان تي غالب ٿيندا تہ اوهان کي سنگسار ڪندا يا اوهان کي

پنهنجي دين تي موٽائيندا ۽ ان وقت اوهان هميشہ جي لاءِ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندؤ. يعني جيڪو ڪاڏي وڃڻ جي لاءِ وڃي اهو نهايت رازداريءَ کان ڪم وٺي ۽ ڪنهن کي خبر لائڻ نہ ڏي ڇوتہ اهي دشمن جيڪڏهن اوهان جي خبر رکڻ ۾ ڪامياب ويا تہ اوهان کي سنگسار ڪرائي ختم ڪندا يا اوهان کي مجبور ڪري ڪفر تي موٽائيندا ۽ پوءِ اوهان ڪڏهن بہ ڪاميابي نہ ماڻي سگهندؤ ڇوتہ سچي دين کان هٽڻ جيتوڻيڪ مجبوراً هجي اولوالعزم مؤمنن جو ڪم ناهي "وَكَذٰلِكَ اَعۡثَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ لِيَعۡلَمُوۡۤا اَنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيۡبَ فِيۡهَا" ۽ اسان اهڙي طرح انهن جي مشهوري ان جي لاءِ ڪئي تہ ماڻهو يقين رکن تہ الله جو وعدو سچو آهي ۽ قيامت ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو شڪ ناهي. يعني اصحاب ڪهف کي سجاڳ ڪرڻ، انهن کي بک ڏيڻ ۽ سندن ساٿيءَ کي ڪاڏي وڃڻ لاءِ بازار ڏانهن موڪلڻ ۾ حڪمتون هيون. ١- تہ ماڻهو يقين ڪن تہ الله جل جلالہ جو وعدو سچو آهي. ٢- تہ قيامت اچڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ ناهي ڇوتہ جيڪو الله ايڏي وڏي مدت تائين پنهنجن ٻانهن کي ننڊ کان پوءِ اٿاري سگهي ٿو اهو انهن کي مرڻ کان پوءِ بہ جيئرو ڪري محشر جي ميدان ۾ آڻي سگهي ٿو "اِذۡ يَتَنَازَعُوۡنَ بَيۡنَهُمۡ اَمۡرَهُمۡ فَقَالُوا ابۡنُوۡا عَلَيۡهِمۡ بُنۡيَانًا ؕ رَبُّهُمۡ اَعۡلَمُ بِهِمۡ" جڏهن (ماڻهو) انهن جي معاملي ۾ پاڻ ۾ وڙهيا پئي پوءِ (انهن مان) ڪن چيو تہ هنن جي مٿان عمارت ٺاهيو انهن جي معاملي کي سندن رب وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي. يعني انهن جي متعلق ڪيترا بحث هليا ۽ نيٺ ٻيون ڳالهيون ڇڏي چيائون تہ: انهن جي حال کي الله تعالىٰ وڌيڪ ڄاڻي ٿو ان غار تي ڪا اهڙي عمارت ٺاهي ڇڏيو جنهن سان زيارت ڪندڙن کي سهوليت ملي "قَالَ الَّذِيۡنَ غَلَبُوۡا عَلٰۤى اَمۡرِهِمۡ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيۡهِمۡ مَّسۡجِدًا" جيڪي سندن معاملي ۾ غالب رهيا انهن چيو تہ اسين (انهن اصحاب ڪهف) تي مسجد تعميرًا ڪرائينداسون. يعني اثر، رسوخ ۽ طاقت وارن جو فيصلو اهو بيٺو تہ اسين ان غار تي عبادت گاهہ ٺهرائينداسون.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "اَوۡ يُعِيۡدُوۡكُمۡ فِيۡ مِلَّتِهِمۡ" (يا اوهان کي پنهنجي مذهب ۾ موٽائيندا) ان مان واضح ٿيو تہ ڪو ماڻهو ڪيترو بہ نيڪو ڪار هجي بد مذهبن جي مڪر، ٺوڳي ۽ دشمنيءَ کان خيال رکندو ڪري معاذالله مٿان ڪيس وري بي دين بنائي وجهن، بري صحبت کان بہ پاسو ڪري پڄي ۽ بچي. ٢- "وَكَذٰلِكَ اَعۡثَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ" ۽ اهڙي طرح اسان انهن کي شهرت ڏني) ان مان

واضح ٿيو تہ بزرگن ۽ مشائخن جون ڳالهيون حڪمت کان خالي ناهن اهي باري تعاليٰ جي عين حڪمت ۽ منشاءَ مطابق هونديون آهن.

سَيَقُولُونَ ثَلَاثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَيَقُولُونَ خَمْسَةٌ

عنقريب چوندا تہ ٽي آهن چوٿون انهن مان ڪتو انهن جو آهي ۽ چوندا تہ پنج آهن

سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًا بِالْغَيْبِ ۚ وَيَقُولُونَ سَبْعَةٌ وَّثَامِنُهُمْ

ڇهون انهن مان ڪتو انهن جو آهي پٽر هڻڻ اڻ ڏٺو ۽ چون ٿا تہ ست آهن ۽ اٺون انهن مان

كَلْبُهُمْ ۚ قُلْ رَّبِّيْ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ۟ۙ

ڪتو انهن جو آهي فرماءِ تہ رب منهنجو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي تعداد انهن جو نہ ٿا ڄاڻن انهن کي مگر ٿورا

فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۠ وَّلَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ مِّنْهُمْ

پوءِ نہ بحث ڪر انهن (جي باري) ۾ مگر بحث ظاهر ٿيندڙ ۽ نہ پڇ انهن جي باري ۾ انهن مان

اَحَدًا ۝٢٢ وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَايْءٍ اِنِّيْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ۝٢٣ اِلَّآ

ڪنهن هڪ کان ۽ هرگز نہ چئو ڪنهن شيءِ جي لاءِ تہ بلاشڪ مان ڪندڙ اهو آهيان صبحاڻي مگر

اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۡ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ وَقُلْ عَسٰٓى

هي جو گهري الله ۽ ياد ڪر رب پنهنجو جڏهن وساريو تو ۽ چئو تہ ويجهو آهي جو هدايت ڪري مون کي

اَنْ يَّهْدِيَنِ رَبِّيْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ۝٢٤

رب منهنجو تانتہ ويجهو ٿيان مان هن کان وڌيڪ هدايت ڪي.

تفسير

پهرين آيتن ۾ اصحاب ڪهف جي متعلق انهن ماڻهن جي اختلاف جو

ذكر هو جن انهن کي ڏنو هو ۽ هنن ۾ انهن جو ذکر آهي جن پوءِ اختلاف ڪيو هو.
فرمان مبارڪ آهي "سَيَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًا بِالْغَيْبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ" (جڏهن اصحاب ڪهف جو قصو بيان ڪندؤ تـہ) جلد (ڪي) چوندا تـہ (اهي) ٽي آهن چوٿون انهن جو ڪتو آهي ۽ (هيئن بہ) چوندا تـہ پنج آهن ڇهون انهن جو ڪتو آهي اڻ ڏٺو نشان چٽيندا ۽ (هيئن بہ) چوندا تـہ ست آهن اٺون انهن جو ڪتو آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تـہ اهي مختلف قول چوندڙ ڪير هئا ان ۾ ب احتمال آهن. ١- هڪ هي تـہ انهن مان مراد اهي ئي ماڻهو آهن جن اصحاب ڪهف جي زماني ۾ ئي انهن جي نالن ۽ نسب وغيره جي متعلق هڪ ٻئي سان اختلاف ڪيو هو ۽ ٻيو احتمال هي آهي تـہ اهي اختلاف ڪندڙ نجران جا نصاريٰ هئا. جن انهن جو تعداد مختلف ٻڌايو هو. پر نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي خبر ۽ قرآن پاڪ جي اشاري سان ٽئين قول جو "ست ڄڻا پاڻ ۽ اٺون سندن ڪتو هو) صحيح هجڻ معلوم ٿيو آهي. (١).
"قُلْ رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ۬ۥ" فرماءِ تـہ انهن جو تعداد منهنجو رب وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي انهن کي ٿورن کان سواءِ ڪير نٿو ڄاڻي. ان مان معلوم ٿيو تـہ ڪن ٿورن ماڻهن کي اصحاب ڪهف جي تعداد جو علم ڏنو ويو آهي. حضرت ابومسعود ۽ ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما فرمايو آهي تـہ! اسان کي انهن جي تعداد جي خبر آهي. (٢).
۽ جڏهن انهن جي اصحابن سڳورن کي بہ خبر آهي تـہ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي تـہ انهن جي تعداد جو علم يقينًا هوندو. "فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۠ وَّلَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ مِّنْهُمْ اَحَدًا" پوءِ انهن جي باري ۾ بحث نہ ڪيو مگر ايترو بحث جيڪو ظاهر ٿي چڪو آهي ۽ انهن جي باري ۾ انهن مان ڪنهن هڪ کان بہ ڪجهہ نہ پڇو مقصد تـہ انهن جي باري ۾ جيڪا ڳالهہ ظاهر ٿي چڪي آهي ان کان وڌيڪ ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪيو ۽ نہ ڪنهن کان پڇو ۽ ان ۾ هرو ڀرو وقت ضايع نہ ڪريو صرف ايترو بيان ڪيو جيڪو قرآن ڪريم صراحت سان بيان ڪيو آهي "وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَايْءٍ اِنِّيْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ۙ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۡ" ۽ ڪنهن بہ شيءِ لاءِ هرگز نہ چئو تـہ مان اهو سڀاڻي ڪندس مگر اهو جيڪو الله گهري. مقصد تـہ آئنده جي ڪم لاءِ انشاءالله تعاليٰ چوڻ کان سواءِ وعدو نہ ڪر پلا جيڪڏهن ڪنهن کان وسري وڃي تـہ بہ ياد اچڻ وقت چئي ڇڏي. "وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ وَقُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّهْدِيَنِ رَبِّيْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا" ۽ جنهن وقت بہ توکان وسري وڃي تـہ پنهنجي رب کي ياد ڪر ۽ چئو تـہ عنقريب مون کي منهنجو

(١) معارف القرآن صـ٥٦٦ جلد٥. (٢) الدرالمنثور صـ٣٧٥ جلد٥.

رب ان کان وڏيڪ هدايت لاءِ ويجهي ٽيڻ جي رهنمائي ڪندو. مطلب تہ جيڪڏهن الله جل شانه جو نالو وٺڻ وسري وڃي پوءِ جڏهن ياد اچي تہ وٺندو ڪر ۽ اميد رک تہ توکي هدايت ڏانهن وڏيڪ ويجهي واٽ جي رهنمائي ڪندو. ۽ اصحاب ڪهف کان وڏيڪ تنهنجي حفاظت ڪندو جيئن غار ثور ۾ ڪيائين.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا سمجهہ ۾ اچن ٿا. ١- "مَايَعْلَمُهُمْ اِلَّاقَلِيْلٌ" (انهن کي ٿورن کان سواءِ ڪير نٿو ڄاڻي) ان مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه پنهنجي پياري نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي وسيلي سان سندن امت جي بعض علماءِ ۽ اولياءَ کي بہ انهن جو علم ڏي ٿو ۽ ڏنو آهي. ٢- "فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ" (پوءِ انهن جي باري ۾ بحث نہ ڪر) ان مان ثابت ٿيو تہ جاهلن ماڻهن سان ڪنهن مسئلي ۾ بہ بحث ۽ ڊيگهہ نہ ڪجي اهو رباني علماءِ ۽ صلحاءَ جي مقام جي خلاف آهي.

وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ

۽ رهيا غار پنهنجي ۾ ٽي سئو سال ۽ وڌيا نو سال فرماءِ تہ الله

اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا ۚ لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اَبْصِرْ بِهٖ

وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو وقت رهيا ان جي لاءِ آهي ڳجهہ آسمانن ۽ زمين وارو ڪهڙو عجيب ڏسندڙ

وَاَسْمِعْ ۭ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ ۡ وَّلَا يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾

۽ ٻڌندڙ آهي ناهي انهن جي لاءِ ان کان سواءِ ڪو مددگار ۽ نہ ٿو شريڪ بنائي حڪم پنهنجي ۾ ڪنهن هڪ کي

وَاتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ كِتَابِ رَبِّكَ ڼ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ڦ وَلَنْ

۽ پڙهہ اهو جيڪو وحي ڪيو ويو توڏانهن تنهنجي رب جي ڪتاب مان ناهي ڪو مٽائيندڙ فرمانن ان جي کي ۽ هرگز

تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٧﴾

نہ لهندين تون ان کان سواءِ ڪا بچڻ واري جاءِ.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ اصحاب ڪهف جي تعداد جي متعلق اختلاف جو

ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ سندن غار ۾ رهڻ جي مدت جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ارشاد رباني آهي "وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا تِسْعًا" ۽ پنهنجي غار ۾ ٽي سئو سال ۽ نو سال وڌيڪ رهيا هئا. يعني شمسي حساب سان پورا ٽي سئو سال غار ۾ ستل رهيا ۽ قمري حساب سان ٩ سال وڌيڪ ٿين ٿا، يا ممڪن آهي تہ ٽن سون سالن کان پوءِ ٿورو جاڳي وري اڪيون ہوتي ستا تہ ٩ سال گذري ويا. (١).

"قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖٓ اَحَدًا" فرماءِ تہ جيڪا مدت اهي (غار ۾) رهيا هئا الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان جي لاءِ ئي آسمانن ۽ زمين جو ڳجهہ آهي اهو ڪهڙو عجيب ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ آهي انهن لاءِ ان کان سواءِ ڪوبہ مددگار ناهي ۽ نہ اهو ڪنهن هڪ کي پنهنجي حڪم ۾ شريڪ ٿو بنائي. مطلب تہ انهن جي رهڻ جي مدت الله تعالىٰ وڌيڪ ڄاڻي ٿو اهوئي وڌيڪ ڏسندڙ ٻڌندڙ آهي جيئن ان جو علم محيط آهي تيئن ان جي قدرت ۽ اختيار بہ سڄي ڪائنات تي حاوي آهي ان جي مخلوقات جو ان کان سواءِ ڪوبہ حقيقي مددگار ناهي ۽ نہ اهو پنهنجي حاڪميت ۾ ڪنهن کي برابر جو شريڪ بنائي ٿو. "اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ" فعل التعجب جا صيغا آهن. (٢).

"وَاتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ كِتَابِ رَبِّكَ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ وَلَنْ تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا" ۽ تنهنجي رب جي ڪتاب مان جيڪو توڏانهن وحي ڪيو ويو آهي اهو تلاوت ڪر ان جي فرمانن کي ڪير بہ بدلائيندڙ ناهي ۽ ان کان سواءِ ڪابہ حقيقي پناهہ جي جاءِ اصل نہ لهندين. يعنيٰ جيڪو ڪامل دين سمجهائڻ وارو ڪامل ڪتاب توڏانهن وحي ڪري موڪليو ويو آهي اهو تلاوت ڪندو رهہ. الله تعالىٰ ان ۾ جيڪي ڳالهيون بيان ڪيون ۽ وعدا فرمايا آهن اهي ضرور ٿيندا انهن کي ڪير بہ بدلائي نٿو سگهي. ۽ جيڪڏهن ڪو ان ۾ ڦيرڦار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ان جي لاءِ الله جل جلالہ جي پڪڙ کان بچڻ لاءِ ڪابہ پناهہ جي جاءِ نہ لهندي.

فائدو

"لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ" مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم يا الله جل شانہ جي ٻين فرمانن کي ڪير بہ تبديل ڪري نٿو سگهي. ها الله جل جلالہ پاڻ ڪنهن آيت جي تلاوت يا حڪم کي منسوخ ڪري تہ ڪري سگهي ٿو.

(١) القرطبي ص٣٨٧ ج ١٠ حاشيہ عثمانيہ ص٣٩٥. (٢) ضياءالقرآن ص٢٤ جلد٣.

وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِينَ يَدْعُونَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ

۽ روڪي رک پنهنجي پاڻ کي گڏ انهن سان جيڪي دعائون گهرن ٿا رب پنهنجي کان صبح ۽ شام

يُرِيدُونَ وَجْهَهُ وَلَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ تُرِيدُ زِينَةَ الْحَيٰوةِ

ارادو ٿا ڪن ان جي ذات جو ۽ نه هٽن اکيون تنهنجون انهن کان ارادو ٿو ڪرين سينگار حياتيءَ

الدُّنْيَا وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهُ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ

دنيا واريءَ جو ۽ نه چوڻ ڪرائِن جو جيڪو غافل بڻائي سون دل ان جي پنهنجي ذڪر ڪان ۽ تابع ٿيو پنهنجيءَ خواهش جو

وَكَانَ اَمْرُهُ فُرُطًا ﴿٢٨﴾ وَقُلِ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ

۽ آهي معاملو ان جو حد کان چڙهيل ۽ فرماءِ ته حق اوهان جي رب جي طرفان آهي پوءِ جيڪو گهري ته پوءِ پلي ايمان آڻي

وَّمَنْ شَآءَ فَلْيَكْفُرْ اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِينَ نَارًا اَحَاطَ بِهِمْ

۽ جيڪو گهري پوءِ پلي ڪفر ڪري بيشڪ اسان تيار ڪيو سون ظالمن جي لاءِ باهه کي جو گهيرو ڪيو انهن سان

سُرَادِقُهَا وَاِنْ يَّسْتَغِيثُوا يُغَاثُوا بِمَآءٍ كَالْمُهْلِ يَشْوِي الْوُجُوهَ

پتين ان جي ۽ جيڪڏهن اڄ جي دانهن ڪندا ته پياريا ويندا پاڻي پگهريل ٽامي جهڙو پُجندو منهن کي

بِئْسَ الشَّرَابُ وَسَآءَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٢٩﴾

برو آهي پيئڻ ۽ بري رهڻ جي جاءِ آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ اصحاب ڪهف جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن وانگر متقين ۽ نيڪن سان گڏ رهڻ تي صبر ڪرڻ جو حڪم ٿي رهيو آهي.

شان نزول

هڪ ڀيري عيينه بن حصن، اقرع بن حابس ۽ سندن ڪجهه ڪافر ساٿي نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ آيا ته اتي حضرت سلمان فارسي، حضرت ابوذر ۽ ٻيا مسڪين اصحابي سڳورا رضي الله عنهم نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي ديدار ۾ محو ويٺا هئا جن جي بدن تي صوف جا ٿلها ڪپڙا پاتل هئا ۽ انهن مان سندن پگهر جي بوءِ اچي رهي هئي. ڪافرن چيو ته جيڪڏهن اوهان جدا ٿي ڪنهن مٿانهين جاءِ تي ويهو ۽ هنن کي پاڻ کان پري رکو ته اسين اوهان سان گڏ ويهي اوهان جو دين سکون. انهن جي قول تي هلڻ کان روڪڻ لاءِ هي آيتون نازل ٿيون. (١).

فرمان مبارڪ آهي "وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدَاوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَلَاتَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَاتُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوَاهُ وَكَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا" ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن سان روڪي رک جيڪي پنهنجي رب جي ذات جو ارادو ڪندي صبح ۽ شام دعائون گهرن ٿا ۽ اوهان جون اکيون (مبارڪ) انهن کان نه هٽن دنيا جي سينگار جو ارادو ڪيو ٿا؟ ۽ ان جي اطاعت نه ڪر جنهن جي دل کي اسان پنهنجي ذڪر کان غافل ڪيو آهي ۽ ان پنهنجي خواهش جي اتباع ڪئي ۽ ان جو معاملو حد کان لنگهيل آهي. مقصد ته اي حبيب ڪريم! (ﷺ) اوهان انهن متڪبرن ۽ هٺيلن جي ڪري انهن مسڪينن ۽ غريبن کي پنهنجي صحبت پاڪ کان محروم نه ڪيو جن جي زندگيءَ جو مقصد صرف ۽ صرف پنهنجي رب پاڪ جي ذات کي راضي ڪرڻ آهي جيڪي صبح ۽ شام بلڪه هر گهڙي ان جي ياد ۽ محبت ۾ محو رهن ٿا اهي اوهان جي نوراني نگاهه جا اجايل آهن، اهي اوهان جي نظر عنايت جا بڪايل آهن، جڏهن اوهان انهن کي هڪ دفعو شفقت ۽ محبت واري انداز سان ڏسو ٿا ته انهن کان سڀ ڏک ۽ غم وسري وڃن ٿا اي محبوب! ائين نه ٿئي جو اوهان جون نگاهون انهن کان پري ٿي وڃن انهن کان اهو صدمو برداشت نه ٿيندو ۽ "لَاتَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ" (اوهان جون نگاهون انهن کان نه هٽن) جي هن جملي سان دلربائي ۽ دل نوازيءَ جا انداز سيکاريا وڃن ٿا انهن جي ڪشش ڪنهن درد جي ماريل کان پڇو اهو ٻڌائيندو ته عاشق جون سڀ خوشيون معشوق جي نگاهه ڪرم جي هڪ ڪنڊ سان وابسته آهن ان هڪ سهاري سان اهو

(١) زادالمسير صـ١٣٢ جلد٥.

جدائيءَ جون ڏکيون ڏکيون گهڙيون خوشيءَ سان گذاري ٿو: مذڪوره فرمان مان واضح ٿيو تہ! اي درد محبت جا بيمارو! مبارڪ اٿو: اوهان محبوب جي نگاه کان محروم نہ رهندؤ "وَلَاتُطِعۡ مَنۡ اَغۡفَلۡنَا قَلۡبَهٗ عَنۡ ذِكۡرِنَا" ان ۾ نبي پاڪ صلی اللّٰه عليه وسلم جن کي ڪافرن جي چوڻ نہ مڃڻ جي لاءِ تاڪيد ڪيل آهي. ان جو مطلب اهو ناهي تہ پاڻ انهن جي اطاعت ڪرڻ جو ارادو ڪيو هيائون. (١).

اهي مسڪينن ۽ غريبن کان نفرت ڪرڻ وارا پنهنجن خواهشن جا تابع ۽ گهڻا غافل ۽ گمراه آهن. "وَقُلِ الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكُمۡ فَمَنۡ شَآءَ فَلۡيُؤۡمِنۡ وَّمَنۡ شَآءَ فَلۡيَكۡفُرۡ" فرماءِ تہ: حق اللّٰه جي طرفان آيو آهي. جيڪو گهري تہ ايمان آڻي ۽ جيڪو گهري تہ ڪفر ڪري. مطلب تہ اي مسڪينن کان نفرت ڪندڙو! اوهان جي دل گهري تہ ايمان آڻيو نہ گهري تہ نہ آڻيو اوهان جي ڪري مان پنهنجن سچن عاشقن مسڪينن کان منهن مبارڪ نہ موڙيندس "اِنَّآ اَعۡتَدۡنَا لِلظّٰلِمِيۡنَ نَارًا اَحَاطَ بِهِمۡ سُرَادِقُهَا" اسان ظالمن جي لاءِ اهڙي باه تيار ڪري رکي آهي جنهن جون پٽيون انهن کي گهيرو ڪيو بيٺيون هونديون. "سُرَادِقُ" ان شيءِ کي سڏبو آهي جيڪا ڪنهن کي گهيرو ڪري بيهي جيئن ديوار، خيمو وغيره. حضرت ابوسعيد خدري رضي اللّٰه تعالیٰ عنه کان روايت آهي تہ نبي پاڪ صلی اللّٰه عليه وسلم جن فرمايو: هتي سرادق مان مراد باه جون چار پٽيون آهن هر هڪ پٽ ايتري ٿلهي هوندي جو ان کي طئي ڪرڻ لاءِ چاليهہ سال درڪار هوندا. (٢). "وَاِنۡ يَّسۡتَغِيۡثُوۡا يُغَاثُوۡا بِمَآءٍ كَالۡمُهۡلِ يَشۡوِى الۡوُجُوۡهَ بِئۡسَ الشَّرَابُ وَسَآءَتۡ مُرۡتَفَقًا" ۽ جيڪڏهن (پاڻيءَ جي لاءِ) دانهن ڪندا تہ انهن جي دانهن اهڙي پاڻيءَ سان ورنائي ويندي جيڪو ڳاريل ٽامي وانگر هوندو ماڻهن جي منهن کي (گرميءَ سان) ڀُڃي ڇڏيندو اهو پيئڻ وارو (پاڻي) تمام برو آهي ۽ (جهنم) بري رهائشگاهہ آهي. المهل جي معنیٰ ۾ ست قول آهن. (٣).

انهن مان هڪ قول هي آهي تہ ٽامي کي ڳاري جيڪو گرم پاڻي ڪيو ويندو آهي المهل ان کي سڏيو ويندو آهي، اعلیٰ حضرت عليه الرحمتہ اهو ترجمو لکيو آهي ۽ مون بہ ان جي اتباع ڪندي ائين لکيو آهي. ڪيترن ئي ترجمن ۾ ان جي معنیٰ پونءِ ڪيل آهي اهو بہ مفسرن جو هڪ قول آهي. چڱي طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي. مقصد تہ جهنم جي گرميءَ کان تنگ ٿي اڄ جون دانهون ڪندا تہ ڪين

(١) القرطبي صـــ ٣٩١ جلد ١٠. (٢) ضياء القرآن صـ٢٧ جلد٣.
(٣) زادالمسير صـ١٣٥ جلد ٥.

ٻـاريـل ٽـامـو پـاڻيءَ طور ڏنو ويندو ۽ اهو ايترو گرم هوندو جو جيئن منهن کي ويجهو کندا تہ سندن منهن کي پُجي ساڙي ڇڏيندو.

فائدا

مذکوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "فَمَنۡ شَآءَ فَلۡيُؤۡمِنۡ" (پوءِ جيڪو گهري تہ ايماني آڻي) ان مان واضح ٿيو تہ ڪنهن جي ايمان آڻڻ يا نہ آڻڻ سان الله جل شانه ۽ ان جي پياري نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو نفعو يا نقصان نہ ٿيندو بانهن جو پنهنجو فائدو ان ۾ آهي تہ ايمان آڻين. ٢- "اِنَّآ اَعۡتَدۡنَا لِلظّٰلِمِيۡنَ نَارًا" (اسان ظالمن جي لاءِ باهہ تيار ڪري ڇڏي آهي) ان مان صاف صاف ثابت آهي تہ جهنم جي باهہ پيدا ڪيل آهي. جيڪي چون ٿا تہ اڃان پيدا ٿيل ناهي پوءِ پيدا ٿيندي اهي گمراهہ ۽ غلط عقيدي تي آهن.

اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِيۡعُ اَجۡرَ مَنۡ

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون بلاشڪ اسين نہ ٿا ضايع ڪيون اجر ان جو جنهن

اَحۡسَنَ عَمَلًا ﴿٣٠﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهِمُ

سهڻا عمل ڪيا اهي انهن جي لاءِ بهشت هميشه رهڻ وارا آهن وهن ٿيون هيٺان انهن جي

الۡاَنۡهٰرُ يُحَلَّوۡنَ فِيۡهَا مِنۡ اَسَاوِرَ مِنۡ ذَهَبٍ وَّيَلۡبَسُوۡنَ ثِيَابًا خُضۡرًا

نهرون پارايا ويندا انهن ۾ ڪنگڻ سون جا ۽ ڍڪيندا ڪپڙا ساوا سنهي ريشم مان

مِّنۡ سُنۡدُسٍ وَّاِسۡتَبۡرَقٍ مُّتَّكِـِٕيۡنَ فِيۡهَا عَلَى الۡاَرَآئِكِ ؕ نِعۡمَ

۽ ٿلهي ريشم مان ٽيڪ ڏيندڙ انهن ۾ جڙيلن پلنگهن تي ڀلو ٿيو

الثَّوَابُ ؕ وَحَسُنَتۡ مُرۡتَفَقًا ﴿٣١﴾ ع

ثواب ۽ سهڻي آرام گاهہ آهي.

تفسير

پهريان ذکر کيل آيتن ۾ کافرن ۽ بي فرمانن جو ذکر هو ۽ هنن آيتن ۾ نيڪو ڪارن ۽ صالحن جو ذکر ٿي رهيو آهي. فرمان الاهي آهي "اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِيۡعُ اَجۡرَ مَنۡ اَحۡسَنَ عَمَلًا" بلاشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا يقينًا اسان ان جو اجر ضايع نہ ڪنداسون جنهن سهڻا عمل ڪيا. مقصد تہ نيڪن صالحن ٻانهن کي سندن سهڻن ۽ صالحن عملن جو اجر ۽ ثواب بہ سهڻو ملندو "اُولٰٓئِکَ لَهُمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهِمُ الۡاَنۡهٰرُ يُحَلَّوۡنَ فِيۡهَا مِنۡ اَسَاوِرَ مِنۡ ذَهَبٍ وَّيَلۡبَسُوۡنَ ثِيَابًا خُضۡرًا مِّنۡ سُنۡدُسٍ وَّاِسۡتَبۡرَقٍ مُّتَّکِـِٕيۡنَ فِيۡهَا عَلَى الۡاَرَآئِکِ نِعۡمَ الثَّوَابُ وَحَسُنَتۡ مُرۡتَفَقًا" اهي (صالحن عملن وارا) انهن جي لاءِ هميشہ رهڻ وارا بهشت آهن سندن هيٺان نهرون پيو ن وهنديون انهن (بهشتن) ۾ سونا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ سنهي ۽ ٿلهي ريشم مان انهن ۾ وڳا ڍڪايا ويندا انهن بهشتن ۾ جڙيلن پلنگن تي ٽيڪ ڏيو ويٺا هوندا انهن لاءِ ثواب بہ سٺو آهي تہ رهائش گاهہ بہ سهڻي آهي. بهشتن ۾ وچ واري بهشت جو نالو عدن آهي. هتي جمع جي صيغي "جَنّٰت" آڻڻ مان مقصد هي آهي تہ اهو بهشت هڪڙو بہ ايڏو ڪشادو آهي جڻ تہ گهڻا بهشت آهن "سُنۡدُس" اهو ڪپڙو آهي جيڪو سنهي ريشم مان ٺاهيو وڃي ۽ "اِسۡتَبۡرَق" اهو آهي جيڪو ٿلهي ريشم مان ٺاهيو وڃي. "اَرَآئِکَ" - اريڪہ جو جمع آهي ان جاءِ کي سڏيو ويندو آهي جيڪا ڪنوار لاءِ سينگاري ويندي آهي يعني تمام سهڻو ٺاهيل ۽ هيرن سان جڙيل پلنگ. (١).

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "ثِيَابًا خُضۡرًا" (ساوا ڪپڙا) ان مان واضح ٿيو تہ سيني رنگن مان الله جل جلالہ وٽ پيارو رنگ سائو رنگ آهي ۽ ان جي ڪري بارگاه الاهيءَ ۾ پسند آهي جو محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي پسند آهي. ٢- "لَا يُضِيۡعُ اَجۡرَ مَنۡ اَحۡسَنَ عَمَلًا" (نيڪ عمل واري جو اجر ضايع نٿو ڪري) ان مان ثابت ٿيو تہ جيڪا بہ نيڪي دنيا ۾ مومن ڪندو آهي الله جل جلالہ ان جو اجر ضايع نٿو ڪري. ها جيڪڏهن پاڻ انهن کي رياءَ وغيره سان برباد ڪري تہ اها

(١) ضياءالقرآن صہ٢٧- ٢٨ جلد ٣.

ٻي ڳالهہ آهي. ٣- "يُحَلَّوْنَ فِيْهَا" (جنت ۾ (سونا ڪنگڻ) پارايا ويندا) ان مان واضح ٿيو تہ سونا زيور مردن ڪي صرف جنت ۾ پائڻ جائز هوندا دنيا ۾ اهي عورتن لاءِ جائز آهن مردن لاءِ حرام آهن.

وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيْنِ

۽ هڻ تون انهن لاءِ مثال ڪري ٻہ مڙس جو ڪيا اسان انهن مان هڪڙي لاءِ ٻہ باغ

مِنْ اَعْنَابٍ وَّ حَفَفْنٰهُمَا بِنَخْلٍ وَّ جَعَلْنَا بَيْنَهُمَا

انگورن مان ۽ ڍڪيوسون انهن ٻنهي کي کجين سان ۽ پيدا ڪئي سون انهن جي وچ ۾

زَرْعًا ﴿٣٢﴾ كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَلَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا

پوک ٻنهي باغن ڏنو ميوو پنهنجو ۽ نہ گهٽايائين ان مان ڪا شيءِ

وَّفَجَّرْنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿٣٣﴾ وَّكَانَ لَهٗ ثَمَرٌ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ

۽ وهائي اسان ٻنهي جي وچ ۾ نهر ۽ هو ان جي لاءِ گهڻو ميوو پوءِ چيائين ساٿيءَ پنهنجي کي ۽ اهو

يُحَاوِرُهٗٓ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّاَعَزُّ نَفَرًا ﴿٣٤﴾ وَدَخَلَ جَنَّتَهٗ وَهُوَ ظَالِمٌ

پيو بحث ڪري ان سان تہ مان گهڻو آهيان تو کان مال ۾ ۽ گهڻو عزت وارو ماڻهن جي لحاظ سان ۽ داخل ٿيو باغ پنهنجي ۾

لِّنَفْسِهٖ قَالَ مَآ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖٓ اَبَدًا ﴿٣٥﴾ وَّمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ

حالانڪ اهو ظلم ڪندڙ آهي پنهنجي پاڻ تي چيائين تہ نہ ٿو سمجهان مان تہ هلاڪ ٿيندو هيءُ ۽ نہ ٿو سمجهان مان قيامت

قَآئِمَةً وَّلَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ﴿٣٦﴾

کي قائم ٿيندڙ ۽ البت جيڪڏهن موٽايو ويس مان رب پنهنجي ڏانهن تہ البت ضرور لهندس مان ڀلي ان کان موٽڻ جي جاءِ

قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ

چيائين ان کي ساٿيءَ ان جي ۽ اهو گفتگو پيو ڪري ان سان تہ ڇا ڪفر ڪيو تو ان ذات جو جنهن پيدا ڪيو تو کي مٽيءَ مان

ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿٣٧﴾ لٰكِنَّا هُوَ اللّٰهُ

تنهن کان پوءِ (منيءَ جي) ڦڙي مان تنهن کان پوءِ برابر ناهيائين تو کي (سهڻو) مڙس پر اسين چا آهيون اهو الله ئي تہ

رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿٣٨﴾ وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ

منهنجو رب آهي ۽ نہ ٿو شريڪ ڪيان مان رب پنهنجي سان ڪو هڪڙو ۽ ڇو نہ هيئن ڪيئي جڏهن داخل ٿئين

جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ

باغ پنهنجي ۾ تہ چوين ها تون جيڪي گهريو الله ناهي طاقت مگر الله جي جيڪڏهن ڏسين ٿو مون کي تہ مان گهٽ آهيان

مِنْكَ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٣٩﴾ فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ

توکان مال ۽ اولاد جي لحاظ سان پوءِ ويجهو آهي رب منهنجو جو ڏي مون کي ڀلو باغ تنهنجي کان

وَيُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ﴿٤٠﴾ اَوْ يُصْبِحَ

۽ موڪلي ان تي ٿورو عذاب آسمان کان پوءِ صبح جو ڏسين ان کي ميدان ويران يا ٿي پوي

مَآؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿٤١﴾ وَاُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ

پاڻي ان جو ڇوسيل ۽ هرگز نہ سگهين تون ان جي لاءِ ڪا طلب ڪرڻ ۽ گهيراءُ ڪيو ويو ميوو ان جو

فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَهِيَ خَاوِيَةٌ

پوءِ صبح ڪيائين مهٽي پيو ترين پنهنجون ان تي جيڪو خرچ ڪيائين ان ۾ حالانڪ اهو ڊٺل آهي

عَلٰى عُرُوْشِهَا وَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿٤٢﴾

ڇتين پنهنجن تي ۽ چوي پيو اي ڪاش مان نہ شريڪ ڪيان ها رب پنهنجي سان ڪنهن هڪ کي

وَلَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ

۽ نہ هو ان جي لاءِ ڪو قبيلو جيڪي مدد ڪن ها ان جي الله کان سواءِ ۽ نہ هو

مُنۡتَصِرًا ﴿۴۳﴾ هُنَالِكَ الۡوَلَايَةُ لِلّٰهِ الۡحَقِّ ؕ

بدلو وٺي سگهندڙ اتاهين (ثابت ٿيو تہ) سڀ اختيار الله سچي جي لاءِ (ثابت) آهي اهو

هُوَ خَيۡرٌ ثَوَابًا وَّخَيۡرٌ عُقۡبًا ﴿۴۴﴾ ع

٥ ع ١٣ ١٧

ڀلو آهي ثواب (ڏيڻ) ۾ ۽ ڀلو آهي انجام ناهڻ ۾.

تفسير

پهريان مذكوره آيتن ۾ نبي كريم صلي الله عليه وسلم جن جي دور ۾ موجود شكر نہ كندڙن جو ذكر هو ۽ هنن آيتن ۾ هك مثال ڏئي شكر نہ كندڙ جو حال بيان كيو ويو آهي: فرمان الاهي آهي "وَاضۡرِبۡ لَهُمۡ مَّثَلًا رَّجُلَيۡنِ جَعَلۡنَا لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيۡنِ مِنۡ اَعۡنَابٍ وَّحَفَفۡنٰهُمَا بِنَخۡلٍ وَّجَعَلۡنَا بَيۡنَهُمَا زَرۡعًا" ۽ انهن كي ٻن مڙسن جو مثال ڏئي ٻڌاءِ جن مان هكڙي لاءِ اسان انگورن جا ٻہ باغ پيدا كيا هئا ۽ انهن ٻنهي (باغن) كي اسان كجين سان ڍكيو ۽ اسان انهن ٻنهي جي وچ ۾ پوك پيدا كئي. هي قصو كنهن جو آهي ان ۾ مختلف قول آهن هتي اها روايت لكجي ٿي جيكا عبدالله بن مبارك معمر كان ان عطاءَ كان آندي آهي تہ! ٻہ شخص ڀائيوار هئا ۽ هك روايت موجب ٻئي ڀائر هئا جن كي پيءُ كان ورثي ۾ اٺ هزار دينار مليا هئا ۽ پاڻ ۾ چار چار هزار ورهائي كنيا هُيائون. پوءِ انهن مان هكڙي هك هزار دينار جي زمين خريد كئي ٻئي الله جل جلالہ جي دربار ۾ دعا گهري تہ ياالله! منهنجي ساٿيءَ هزار دينار جي هتي زمين خريد كئي آهي مان توكان جنت ۾ هزار دينار جي زمين خريد كيان ٿو. ائين چئي هزار دينار خيرات كري ڇڏيائين. ان كان پوءِ سندس ساٿيءَ هزار دينار خرچ كري گهر نهرايو. هن مومن دعا گهري تہ ياالله! منهنجي ساٿيءَ هزار دينار مان هتي گهر نهرايو آهي، مان هزار دينار مان توكان بهشت ۾ گهر ٿو خريد كريان. ائين چئي الله جل جلالہ جي نالي تي هك هزار خيرات كري ڇڏيائين. ان كان پوءِ سندس ساٿيءَ هزار دينار ڏئي شادي كئي، هن مومن بارگاهہ رب العزة ۾ دعا گهري تہ ياالله! منهنجي ساٿيءَ هزار دينار ڏئي شادي

ڪئي آهي مان هزار دينار تنهنجي نالي تي ڏئي توڪان جنتي حور تو ونان. ائين چئي هزار دينار رب ڪريم جي نالي تي خيرات ڪري ڇڏيائين. ان جي ساٿيءَ وري هڪ هزار دينار ۾ نوڪر ۽ سامان خريد ڪيو، هن دعا گهري تہ يا الله! منهنجي ساٿيءَ هزار دينار ۾ نوڪر ۽ سامان خريد ڪيو آهي مان توڪان بهشتي خادم ۽ سامان ٿو خريد ڪيان، ائين چئي هزار دينار رب پاڪ جي نالي تي خيرات ڪري ڇڏيائين. ان ڪان پوءِ ان مومن مرد کي ڪا پئسن جي ضرورت پئي دل ۾ چيائين تہ پنهنجي ساٿيءَ وٽ وڃان ٿي سگهي ٿو اهو منهنجي مدد ڪري. پوءِ ان جي اچڻ وڃڻ واري رستي تي اچي ويٺو، جڏهن اهو ساٿي انتهائي ڏام ڏوم سان اتان اچي لنگهيو تہ هي اٿي بيٺو ۽انهيءَ ڪيس ڏسي سڃاڻي ورتو ۽ پڇيائينس فلاڻو آهين؟ هن چيو تہ "هائو" پڇيائينس تہ ڪهڙو ڪم آهي؟ هن چيو تہ ڪجهہ ضرورت آهي جنهن جي ڪري آيو آهيان اميد اٿم تہ اها ضرورت پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندين. ان پڇيس تہ اهي چار هزار دينار ڪيڏانهن ڪيئي جيڪي ورهائي ڪنيا هيئي؟ هن سڄو قصو ڪري ٻڌايس. هڪ روايت موجب ان مالدار ساٿيءَ هن کي هٿ مان وني پنهنجي جائداد، ملڪيت ۽ مال سان گڏ زمين ۾ پوکيل انگورن جا ٻہ باغ گهمايا ۽ انهن باغن ۾ گهمندي جيڪا سندن پاڻ ۾ گفتگو ٿي ۽ نتيجو نڪتو ان جو هنن آيتن ۾ ذڪر ڪيل آهي. (١).

"كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ آتَتْ أُكُلَهَا وَلَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْئًا ۚ وَفَجَّرْنَا خِلَالَهُمَا نَهَرًا" انهن ٻنهي باغن پنهنجو ميوو ڏنو ۽ ان مان ڪا شيءِ گهٽ نہ ڪئي ۽ اسان انهن ٻنهي جي وچان نهر وهائي ڇڏي. باغ جي وچان نهر جو وهڻ ان جي سونهن وڌائيندو آهي ان جي ڪري وچان نهر وهائي وئي "وَكَانَ لَهُ ثَمَرٌ فَقَالَ لِصَاحِبِهِ وَهُوَ يُحَاوِرُهُ أَنَا أَكْثَرُ مِنكَ مَالًا وَأَعَزُّ نَفَرًا" ۽ ان جي لاءِ ميوو هو پوءِ ان پنهنجي ساٿيءَ (مومن) کي چيو تہ! مان توڪان مال ۽ ماڻهن جي لحاظ سان وڌيڪ عزت وارو آهيان. اهو ان جو قول تڪبر ۽ غرور واري انداز سان هو، جيڪو الله جل شانہ کي پسند ناهي "وَدَخَلَ جَنَّتَهُ وَهُوَ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهِ قَالَ مَا أَظُنُّ أَن تَبِيدَ هَٰذِهِ أَبَدًا" ۽ پنهنجي باغ ۾ ان حال ۾ داخل ٿيو جو اهو پنهنجي نفس تي ظلم ڪندڙ هو چوي پيو تہ مان نٿو سمجهان تہ هي هلاڪ ٿيندو (هي) هميشہ رهندو. يعني باغ ۾ گهڙي الله جي شڪر ڪرڻ جي بجاءِ غرور سان چوي پيو تہ هي باغ فنا نہ ٿيندو هميشہ ائين هوندو. ۽ ائين چوڻ ڪفر آهي "وَمَا أَظُنُّ السَّاعَةَ قَائِمَةً وَلَئِن رُّدِدتُّ إِلَىٰ رَبِّي لَأَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنقَلَبًا" ۽ مان قيامت کي قائم ٿيندڙ نٿو سمجهان ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي رب ڏانهن موٽايو بہ ويندس تہ

(١) المظهري صہ٣٣ جلد ٦ القرطبي صہ٣٩٩ جلد ١٠ زادالمسير صہ١١٣٩ جلد ٥.

اتي هن کان وڌيڪ بهتر موٽي اچڻ جي جاءِ لهندس. هن هلندڙ دور ۾ بہ الله جل شانه کي نہ مڃيندڙن، مادي جي پوڄاري فردن ۽ قومن جو تقريبًا اهوئي انداز فڪر آهي تہ پهريان تہ قيامت ٿيڻ جو امڪان ئي ناهي هرو ڀرو مذهبي قومون ان چڪر ۾ پيون آهن ۽ جيڪڏهن بفرض محال قيامت ٿي تہ اسان جي لاءِ اتي بہ اهڙا ڍڍو هوندا. "قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا" ان کي سندس (مومن) ساٿيءَ بحث ڪندي چيو تہ: ڇا تون ان (الله جل شانه) جو ڪفر پيو ڪرين جنهن توکي مٽيءَ مان تنهن کان پوءِ (منيءَ جي) قطري مان پيدا ڪيو آهي ان کان پوءِ ان توکي (سهڻو) مرد ناهيو آهي؟ جيڪو الله توکي ان طريقي سان پيدا ڪرڻ تي قادر آهي اهو توکي ماري فنا ڪري وري جيئرو ڪرڻ تي بہ قادر آهي ان جو ڪفر ڇوٿو ڪرين؟ "لٰكِنَّا۟ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا" ۽ پر (مان تہ ائين ٿو چوان) تہ اهو الله منهنجو رب آهي ۽ مان پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نٿو ڪريان. هي ان مومن جي طرفان ڪلي طرح پنهنجي ايمان ۽ شرڪ کان بيزار رهڻ جو اعلان هو. پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ جي طمع ۽ لالچ ۾ ماٺ نہ رهيو حق جو ڪليل اعلان ڪيائين. "وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ اِنْ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّوَلَدًا فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَيُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا" ۽ ائين ڇونہ ٿيو جو جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ گهڙيو هئين تہ مَا شَآءَ اللّٰهُ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ چوين ها جيڪڏهن تون مون کي ڏسين ٿو تہ مان توکان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ آهيان (تہ ڪا ڳالهہ ناهي) هيءَ ڳالهہ ويجهي آهي جو مون کي منهنجو رب تنهنجي باغ کان سٺي شيءِ ڏي ۽ (تنهنجي) ان باغ تي آسمان کان عذاب موڪلي پوءِ صفا برپٽ ميدان ٿي وڃي يا ان جو پاڻي زمين ۾ ڇوسيل ٿي وڃي پوءِ ان جي لاءِ طلب ئي ڪري نہ سگهندين. يعني جڏهن تون باغ ۾ داخل ٿيو هئين تہ الله جو شڪر ڪندي، "مَا شَآءَ اللّٰهُ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ" چوين ها، جيڪڏهن تون مون کي پاڻ کان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ ٿو سمجهين تہ مان مايوس ناهيان، هيءَ ڳالهہ پري ناهي جو منهنجو رب مون کي تنهنجي باغ کان بہ سٺو باغ ڏي ۽ تنهنجي باغ تي آسمان کان عذاب موڪلي پوءِ صبح جو برپٽ ميدان ٿي وڃي يا ان ۾ استعمال ٿيندڙ پاڻي اهڙو ڇوسجي وڃي جو تون ان کي اصل طلب ڪري نہ سگهين.

"مَا شَآءَ اللّٰهُ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ" چوڻ جي ڀلائي.

١- ابويعلىٰ، ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت انس رضي الله

تعالىٰ عنه کان روایت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله علیه وسلم جن فرمایو: "مَاانْعَمَ اللّٰهُ عَلیٰ عَبْدٍ نِعْمَةً فِيْ اَهْلٍ اَوْمَالٍ اَوْوَلَدٍ فَيَقُوْلُ "مَاشَآءَاللّٰهُ لَاقُوَّةَ اِلاَّ بِاللّٰهِ" اِلَا دَفَعَ اللّٰهُ عَنْهُ كُلَّ آفَةٍ حَتّٰى مَنِيَّتِهٖ". یعني الله تعالیٰ کنهن ٻانهي تي اهل، مال ۽ اولاد ۾ نعمت کندو آهي پوءِ اهو ماشاءالله لاقوة الابالله" چوندو آهي تہ الله ان تان جيستائين موت اچي هر آفت دفع کندو آهي.

۲- ابن ابي حاتم حضرت انس رضي الله تعالیٰ عنه کان ٻئي سند سان روايت آندي آهي ان فرمایو تہ: جنهن شخص پنهنجي مال مان کا شيءِ ڏٺي ۽ اها ان کي وڻي پوءِ "مَاشَآءَاللّٰهُ لَاقُوَّةَ اِلاَّبِاللّٰهِ" چيائين تہ ان مال تي هميشہ لاءِ کا بہ آفت نہ ايندي.

۳- ابن مردويه عقبتہ بن عامر رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله علیه وسلم جن فرمایو: جنهن کي الله کا نعمت عطا کري ۽ اهو ان نعمت کي هميشہ رهڻ چاهي تہ: لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلاَّبِاللّٰهِ" گهڻو پڙهي. (۱).

"وَاُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا" ۽ ان جي ميون کي گهيراءُ کيو ويو پوءِ جيکو (مال) ان تي خرچ کيو هيائين ان تي (افسوس جون) تريون مهٽي رهيو هو ۽ اهو (باغ) پنهنجن ڇپرن جي ڇتين پر ڪريل هو ۽ چوندو رهيو تہ اي کاش!مان پنهنجي رب سان کنهن کي شريک نہ بنايا ها. يعني ان کافر کي جيئن مومن چيو هو تيئن ئي ٿيو جو ان جي ميون سان ڀريل باغ تي آسماني آفت آئي جنهن سان سڄو باغ سڙي ويس ۽ الله جل شانه جي شکر نہ کرڻ جي کري تباهي ڏسي حسرت ۽ ندامت جا هٿ مهٽڻ لڳو. جن ڇپرن جي ڇتين تي انگور چڙهيل هئا اهي کري پيا ۽ اهي حالتون ڏسي چوڻ لڳو تہ کاش مان پنهنجي رب سان کنهن کي شريک نہ کيان ها. ۽ ان دردناک حالت ۾ اکيلو پاڻ پريشان رهيو ٻيو کير بہ الله کان سواءِ ان جو حمايتي ٿي سندس باغن کي وري سرسبز کري نہ سگهيو ۽ نکو ان جو بدلو ونندڙ ٿي سگهيو "هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ عُقْبًا" اتي ڳالهہ کلي تہ سڀ اختيار الله سچي جي لاءِ ثابت آهن ان جو ثواب سڀ کان سٺو آهي ۽ (ان کي مڃڻ واري جي) عاقبت سٺي آهي. مطلب تہ انسان جڏهن اهڙا واقعا ڏسي ٿو تہ پوءِ ان جي اک کلي ٿي تہ سمورا اختيار حقيقت ۾ الله سچي جي لاءِ ثابت آهن اهي عظيم حادثا ڏسي ان کي عين اليقين بلکہ حق اليقين سان الله جل شانه جي طاقت ۽ قدرت معلوم ٿئي ٿي.

(۱) الدرالمنثور ص۳۹۲ جلد٥.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- "وَهُوَ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ" (۽ اهو پنهنجي نفس تي ظلم ڪندڙ آهي) مان ظاهر ٿيو تہ جيڪو بہ شخص ڪفر، فسق ۽ ناشڪري ڪري ٿو اهو پاڻ تي ظلم ٿو ڪري. ٢- "اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا" (مان توکان مال ۾ گهڻو آهيان) مان واضح ٿيو تہ تڪبر ۽ غرور سان الله جل جلالہ جي نعمت بيان ڪرڻ بہ منع آهي شڪر اهو مقبول آهي جنهن ۾ نيت صاف هجي ۽ وڏائي نہ هجي. ٣- "وَلَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ" (الايتہ) ۽ جيڪڏهن مان پنهنجي رب ڏانهن موٽايو ويس) مان واضح ٿيو تہ دنيوي يا اخروي لحاظ سان برا عمل ڪري سٺي بدلي جي اميد رکڻ ڪافرن جو طريقو آهي.

وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ

۽ بيان ڪر انهن جي لاءِ مثال حياتيءَ دنيا واريءَ جو پاڻي وانگر جو نازل ڪيوسون ان کي آسمان کان

فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَكَانَ

پوءِ گهاٽا ٿي ڇاوا ان سان سلا زمين جا پوءِ صبح جو ڀري ٿيا سڪل اڏائين پيون ان کي هوائون ۽ آهي

اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿٤٥﴾ اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ج

الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ مال ۽ پٽ سينگار آهن حياتيءَ دنيا واريءَ جو

وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ اَمَلًا ﴿٤٦﴾ وَيَوْمَ

۽ بقا وارا صالح عمل ڀلا آهن تنهنجي رب وٽ ثواب جي لحاظ سان ۽ ڀلا آهن اميد جي لحاظ ۽ جنهن ڏينهن

نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَتَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً لا وَّحَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ

هلائينداسون جبل ۽ ڏسندين تون زمين کي کليل ۽ اٿارينداسون انهن کي پوءِ نہ ڇڏينداسون

مِنْهُمْ اَحَدًا ﴿٤٧﴾ ج وَعُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا

انهن مان ڪو هڪ ۽ پيش ڪيا ويندا اڳيان رب تنهنجي صف ٻڌل البتہ تحقيق آئيو اوهان اسان وٽ جيئن

خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۢبَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿٤٨﴾

پيدا ڪيو اسان اوهان کي پهرين ڀيري بلڪ گمان ڪيو اوهان ته هرگز نه ڪنداسون اوهان جي لاءِ ڪو واعدو

وَوُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَيَقُوْلُوْنَ

۽ رکيو ويندو ڪتاب پوءِ ڏسندين مجرمن کي ڊڄندڙ ان کان جيڪو ان ۾ (لکيل) آهي ۽ چوندا

يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّآ

اي هلاڪت اسان جي ڇا آهي واسطي هن ڪتاب جي نٿو ڇڏي ننڍي ڳالهه ۽ نه وڏي ڳالهه مگر

اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ۭ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿٤٩﴾ ع ١٨/٥ ع ٢

گهيري ۾ رکيائين ان کي ۽ لهندا ان کي جيڪو ڪيائون حاضر ۽ نه ظلم ڪندو تنهنجو رب ڪنهن هڪ سان.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ناشڪريءَ جي سزا جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ دنيوي حياتيءَ جي حقيقت بيان ڪندي ان جي بي قدري ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. فرمان ايزدي آهي "وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا" ۽ انهن کي دنيوي حياتيءَ جو مثال بيان ڪري ٻڌاءِ ته اها ائين آهي جيئن آسمان کان پاڻي نازل ڪيوسين پوءِ ان سان زمين جا سلا گهاٽا ٿي ڇاوا پوءِ صبح جو اهڙا سڪل ٿي ويا جو انهن کي هوائون اڏائن پيون ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي. مقصد ته دنياوي فاني ۽ عارضي تازگيءَ جو مثال ائين سمجهو جو سڪل ۽ ويران زمين تي آسمان کان مينهن پوي اها هڪدم ساوا ٻوٽا ڄمائي بيٺي جيڪي تمام گهاٽا ۽ سهڻا ٿي پيدا ٿيا پر اوچتو صبح جو ڪٽي ڏسجي ته اهي سڪي ويا ۽ اهڙا ذرا ذرا ٿي ويا جو انهن کي هوائون اڏائين پيون. اهوئي حال دنيا جي سينگار جو سمجهو جيڪو ڀ ٿي ڏينهن تروتازه نظر ايندو آهي ۽ نيٺ فنا ٿي اڏامي

ويندو آهي. ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي. جڏهن بہ گهري تہ مٿل ۽ فنا ٿيل کي جيئرو ڪري سگهي ٿو يا مراد هيءَ آهي تہ اهو سڀني مخلوق کي ذرا ذرا ڪرڻ تي بہ قدرت رکندڙ آهي. "اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ اَمَلًا" مال ۽ پٽ دنيا جي حياتيءَ جو سينگار آهن ۽ بقا وارا صالح عمل تنهنجي رب وٽ ثواب جي لحاظ سان سٺا آهن ۽ اميد رکڻ جي اعتبار سان بہ سٺا آهن يعني مال ۽ پٽ جيڪڏهن صرف دنيا جي ڪمن ۾ استعمال ٿيا تہ پوءِ اهي دنيا جو سينگار آهن آخرت ۾ ڪم نہ ايندا. اتي ڪم اچڻ وارا، باقي رهندڙ صالح اعمال آهن جيڪي تنهنجي رب وٽ ثواب ۽ اميد رکڻ جي لحاظ سان سٺا آهن.

"باقيات صالحات" مان مراد ڇا آهي؟

سعيد بن منصور، امام احمد، ابويعليٰ، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابن حبان، حاڪم ۽ ابن مردويہ سيني محدثن حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو "باقيات، صالحات، گهڻا گڏ ڪيو" عرض ڪيو ويو تہ يارسول الله! اهي ڇا آهن. پاڻ فرمايائون تہ! الله اڪبر چوڻ، لااله الاالله چوڻ، سبحان الله والحمد لله چوڻ ۽ لاحول ولاقوة الابالله پڙهڻ. (١).

علامہ مراغي لکيو آهي تہ الباقيات الصالحات (هي حديث پاڪ ۾ آيل تہ آهن پر) اهي سٺا اعمال بہ آهن جن جو فائدو انسان لاءِ باقي رهي ٿو جيئن نماز، صدقو، جهاد في سبيل الله، مسڪينن جي مدد ۽ تعاون ڪرڻ وغيره. (٢).

"وَيَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَتَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً وَّحَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا" ۽ ان ڏينهن جبلن کي هلائينداسون ۽ تون زمين کي کليل ڏسندين ۽ اسين انهن کي اٿارينداسون پوءِ انهن مان ڪنهن هڪ کي بہ نہ ڇڏينداسون. مطلب تہ قيامت ايندي تہ هي وڏا وڏا سخت ۽ مضبوط جبل بہ هلي پوندا انهن جا ڀُرا ڀُرا پٿر ان وانگر اڏامندا ۽ زمين سموري کليل ٿي بيهندي ۽ انهن سيني کي اٿاري ميدان محشر ۾ آڻينداسون انهن مان ڪنهن کي بہ ڪونہ رهائينداسون "وَعُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا" ۽ تنهنجي رب جي اڳيان صفون ڪرائي پيش ڪيا ويندا (۽ اسين انهن کي چونداسون تہ) اڄ اوهان اسان وٽ يقينًا اهڙي نموني آيا آهيون جيئن اسان اوهان کي پهرئين ڀيري پيدا ڪيو هو (ها)

(١) الدرالمنثور صـ٣٩٦ جلد ٥. (٢) تفسيرالمراغي صـ١٥٥ جزءُ ١٥ جلد٥.

بلڪ اوهان ائين سمجهيو هو تہ اسين اوهان جي لاءِ ڪڏهن بہ وعدي جو وقت مقرر نہ ڪنداسون. مقصد تہ بدن اگهاڙو پيرن ۾ جتي نہ هوندي جيئن ماءُ جي پيٽ مان نڪتا هيئو اسان وٽ بہ ائين ئي ان حال ۾ آيا آهيو. اهي سيئي صف جي صورت ۾ پيش ٿيندا جيڪي سمجهندا هئا تہ قيامت واري وعدي پوري ٿيڻ لاءِ ڪو وقت رکيل ئي ناهي "وَوُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَيَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّآ اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ۭ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا" ۽ جڏهن عمل نامو کولي رکيو ويندو تہ مجرمن کي جيڪو ڪجهہ ان ۾ هوندو ان کان ڊڄندڙ ڏسندين ۽ چوندا تہ هن ڪتاب ڪي ڇا ٿيو آهي جو ننڍو نہ ڪا ڳالهہ ڇڏي ۽ نہ وڏي، سڀني کي گهيراءُ ڪري ڇڏيو اٿس ۽ جيڪي عمل ڪيا هوندائون اهي اتي موجود لهندا ۽ تنهنجو رب ڪنهن هڪ سان بہ ظلم نہ ڪندو آهي مطلب تہ جڏهن هر انسان جا عمل ناما ان جي اڳيان رکيا ويندا تہ مجرمن جي حالت نهايت خراب هوندي ۽ ڊپ کان هيئن چوندا تہ هي ڪتاب ڪهڙو آهي جنهن ۾ اسان جا ننڍا، وڏا گناهہ سڀ لکيا پيا آهن ۽ اهي مجرم پنهنجا ڪيل سيئي ڪارناما اتي حاضر لهندا الله تعالىٰ ڪنهن سان ظلم نہ ڪري جو ان جيڪي گناهہ نہ ڪيا هجن اهي لکرائي ڇڏي. هر ڪنهن جا ڪيل اعمال اتي ڪلي سامهون ايندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ" (۽ باقي رهندڙ صالح عمل آهن) مان واضح ٿيو تہ دنياوي حياتي انهن جي سجائي آهي جن سڀ ۽ صالح عمل ڪيا اهي سندن لاءِ باقي ۽ اڳتي ڪم اچڻ وارا آهن. ٢- "لايغادر صغيرة ولاكبيرة" (ننڍو ننڍي ڳالهہ ڇڏي ۽ نہ وڏي) مان ثابت ٿيو تہ ڪافرن جا بہ چڱا ڪم لکيا وڃن ٿا ها انهن کي انهن جو ثواب نہ ملندو ڇو تہ ثواب ملڻ جي لاءِ مومن هجڻ شرط آهي.

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ كَانَ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چيوسون ملائڪن کي تہ سجدو ڪيو آدم کي پوءِ سجدو ڪيائون مگر شيطان (سجدو نہ ڪيو) هو

مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ۭ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَاۗءَ مِنْ

جنن مان پوءِ نڪري ويو پنهنجي رب جي امر کان ڇا پوءِ بڻايو ٿا ان کي ۽ ان جي اولاد کي دوست

دُوۡنِيۡ وَهُمۡ لَكُمۡ عَدُوٌّ ؕ بِئۡسَ لِلظّٰلِمِيۡنَ بَدَلًا ﴿۵۰﴾ مَاۤ اَشۡهَدۡتُّهُمۡ

مون کان سواءِ حالانڪ اهي اوهان جا دشمن آهن برو آهي ظالمن جي لاءِ بدلو ۽ سامهون وهاريو هو مون انهن کي

خَلۡقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَلَا خَلۡقَ اَنۡفُسِهِمۡ ۪ وَمَا كُنۡتُ مُتَّخِذَ

وقت پيدا ڪرڻ آسمانن ۽ زمين جي ۽ نہ وقت پيدا ڪرڻ سرن انهن جيءَ نہ آهيان مان بنائيندڙ

الۡمُضِلِّيۡنَ عَضُدًا ﴿۵۱﴾ وَيَوۡمَ يَقُوۡلُ نَادُوۡا شُرَكَآءِيَ الَّذِيۡنَ زَعَمۡتُمۡ

گمراهن کي مددگار ۽ جنهن ڏينهن فرمائيندو تہ سڏيو شريڪن منهنجن کي جيڪي گمان ڪيا هئا اوهان

فَدَعَوۡهُمۡ فَلَمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَهُمۡ وَجَعَلۡنَا بَيۡنَهُمۡ مَّوۡبِقًا ﴿۵۲﴾

پوءِ سڏيندا انهن کي پوءِ نہ جواب ڏيندا انهن کي ۽ ڪنداسون انهن جي وچ ۾ هلاڪت جو هنڌ

وَرَاَ الۡمُجۡرِمُوۡنَ النَّارَ فَظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ مُّوَاقِعُوۡهَا

۽ ڏسندا مجرم باهہ کي پوءِ گمان ڪندا تہ بيشڪ اهي ڪرندڙ آهن ان ۾

وَلَمۡ يَجِدُوۡا عَنۡهَا مَصۡرِفًا ﴿۵۳﴾ ع

ع ١٩/٧

۽ نہ لهندا ان کان ڦرڻ جي جاءِ.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيل آيتن ۾ انسانن جي انتهاءَ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي ابتداءَ جو بيان ٿي رهيو آهي. فرمان الاهي آهي "وَاِذۡ قُلۡنَا لِلۡمَلٰٓئِكَةِ اسۡجُدُوۡا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوۡۤا اِلَّاۤ اِبۡلِيۡسَ ؕ كَانَ مِنَ الۡجِنِّ فَفَسَقَ عَنۡ اَمۡرِ رَبِّهٖ ؕ" ۽ ياد ڪر جڏهن اسان ملائڪن کي فرمايو تہ آدم کي سجدو ڪيو پوءِ (سڀني) سجدو ڪيو مگر شيطان (نہ ڪيو) جنن مان هو پوءِ پنهنجي رب جي امر کان بي فرمان ٿيو- اهو سجدو تعظيم جو هو عبادت جو نہ هو. (١).

(١) نورالعرفان صہ٤٧٦.

شيطان سجدو نہ ڪيو جنن مان هو پر جڏهن تہ ملائڪن سان گڏ رهندو هو تڏهن ان کي بہ ان سجدي جو حڪم شامل هو. شيطان جنن جو ائين مورث اعليٰ آهي جيئن حضرت آدم عليه السلام انسانن جو. ان جو پهريون نالو عزازيل هو سجدي نہ ڪرڻ ۽ گمراهہ ٿيڻ ڪان پوءِ ابليس سڏيو ويو، معنيٰ ڏوڪي باز- پهريان مطيع هو پوءِ فاسق بڻيو. "اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَ ذُرِّيَّتَهٗ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِيْ وَهُمْ لَكُمْ عَدُوٌّ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ بَدَلًا" ڇا پوءِ ان کي ۽ ان جي اولاد کي مون کان سواءِ دوست ٿا بنايو حالانڪہ اهي اوهان جا دشمن آهن ظالمن جو بدلو برو آهي "اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِيْ" ۽ اولياءُالله ۾ فرق آهي اولياءَ من دون الله شيطان ۽ ان جو اولاد آهي ۽ صالح شخص اولياءُالله آهن ۽ جتي بہ اولياءَ من دون الله آيو آهي اتي شيطان ۽ ان جو اولاد مراد آهي الله جا ولي مراد ناهن. (١).

ظالمن جو بدلو برو آهي جيڪو شيطان ۽ سندس اولاد کي مليو جو جنت مان ڪڍيا ويا "مَآ اَشْهَدْتُّهُمْ خَلْقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَا خَلْقَ اَنْفُسِهِمْ وَمَا كُنْتُ مُتَّخِذَ الْمُضِلِّيْنَ عَضُدًا" مون انهن کي آسمانن ۽ زمين پيدا ڪرڻ وقت ۽ نہ سندن سرن پيدا ڪرڻ وقت سامهون آندو هو ۽ نہ مان گمراهن کي مددگار بنائيندڙ آهيان. يعني آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ وقت ۽ نہ انهن کي خلقڻ وقت اهي سامهون آندا ويا ۽ نہ عالم جي ايجاد ۽ تڪوين جي لاءِ انهن مان ڪنهن سان مشورو ڪيو ويو هو. ۽ "وَيَوْمَ يَقُوْلُ نَادُوْا شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ مَّوْبِقًا" ۽ جنهن ڏينهن (الله تعاليٰ) فرمائيندو تہ منهنجن شريڪن (بنايلن) کي سڏيو جن کي اوهان منهنجو شريڪ ٿي سمجهيو. پوءِ انهن کي سڏيندا پر اهي انهن کي جواب نہ ڏيندا ۽ اسين انهن جي وچ ۾ هلاڪت جي جاءِ ڪري ڇڏينداسون. مقصد تہ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ڪافرن مشرڪن کي فرمائيندو تہ: جن کي اوهان منهنجو شريڪ ٿي سمجهيو انهن کي پنهنجي مدد لاءِ سڏي اچو. ۽ اهو حڪم انهن بتن جي مجبوريءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو پوءِ اهي بت پرست مشرڪ پنهنجن باطل معبودن کي سڏيندا پر اهي سندن سڏ جو نہ جواب ڏئي سگهندا نہ مدد ڪري سگهندا ۽ اسين انهن جي وچ ۾ هڪ هلاڪت جو ميدان ناهي ڇڏينداسون. ان وقت سچي ۽ ڪوڙي دوستيءَ جي خبر پوندي جو هڪ ٻئي جي ويجهو بہ وڃي نہ سگهندا، ٻنهي جي وچ ۾ پڙڪندڙ باهہ جي ڪڌ هوندي "وَرَاَ الْمُجْرِمُوْنَ النَّارَ فَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مُّوَاقِعُوْهَا وَلَمْ يَجِدُوْا عَنْهَا مَصْرِفًا" ۽ ۽ مجرم باهہ کي ڏسندا پوءِ سمجهندا تہ بلاشڪ اهي ان ۾

(١) ساڳيو حوالو.

پوندڙ آهن ۽ ان کان ڦرڻ جي ڪا جاءِ نہ لهندا. مقصد تہ مجرمن کي شروع ۾ معافي ملڻ جي اميد هوندي پر جڏهن پڙڪندڙ باهہ ڏسندا پوءِ سمجهندا تہ اهي ان ۾ ڪرندا ۽ ڪا ڦرڻ جي جاءِ نہ لهندا سندن سامهون هجڻ جون ڪئين نشانيون هونديون تڏهن معافي ملڻ کان مايوس ٿيندا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَاۗءَ مِنْ دُوْنِيْ" (ڇا پوءِ ان (شيطان) کي ۽ سندس اولاد کي مون کان سواءِ دوست ٿا بڻايو) ان مان واضح ٿيو تہ شيطان جي ساٿين سان بہ دوستي نہ رکجي. اولاد مان مراد يا تہ ان جا مددگار آهن يا حقيقي صلبي اولاد مراد آهي. جيئن حميدي الجامع بين الصحيحين ۾ حضرت سلمان رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: تہ اوهان انهن ماڻهن مان نہ ٿيو جيڪي بازار ۾ سڀ کان اول داخل ٿيندا آهن ۽ سڀني کان پوءِ نڪرندا آهن ڇوتہ بازار ۾ شيطان جا آنا ۽ ٻچا هوندا آهن- هيءَ حديث دلالت ٿي ڪري تہ شيطان جو صلبي حقيقي اولاد بہ آهي. (١).

٢- "وَمَاكُنْتُ مُتَّخِذَالْمُضِلِّيْنَ عَضُدًا" (۽ مان گمراهن کي مددگار بنائيندڙ ناهيان) ان مان معلوم ٿيو تہ آسمانن ۽ زمين جي ڪمن ۾ اهو ڪنهن جي مدد جو محتاج ناهي. البتہ جيڪڏهن خدمت وٺڻ جي لاءِ ملائڪن يا انسانن کان ڪو ڪم وٺي تہ جائز بلڪہ واقع آهي.

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَاالْقُرْاٰنِ لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ وَكَانَ

۽ البتہ تحقيق ورائي ورائي بيان ڪيو اسان هن قرآن ۾ ماڻهن جي لاءِ هر مثال ۽ آهي

الْاِنْسَانُ اَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا ﴿٥٤﴾ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ

انسان هر شيءِ کان گهڻو جهيڙاڪار ۽ نہ روڪيو ماڻهن کي هن کان جو ايمان آڻن جڏهن

جَاۗءَهُمُ الْهُدٰى وَيَسْتَغْفِرُوْا رَبَّهُمْ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمْ سُنَّةُ

آئي انهن وٽ هدايت ۽ مغفرت ، گهرن رب پنهنجي کان مگر هن ڳالهہ جو اچي انهن وٽ طريقو

(١) القرطبي ص ٤٢١ جلد ١٠.

الْاَوَّلِيْنَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ قُبُلًا ﴿٥٥﴾ وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا

پهرين جو يا اچي انهن وٽ عذاب سامهون ٿيءِ ۽ نٿا موڪليون اسين رسول مگر

مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ وَيُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا

بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ جهيڙو ڪن ٿا اهي جو ڪفر ڪيائون باطل طريقي سان تانته غلط ثابت ڪن

بِهِ الْحَقَّ وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَمَآ اُنْذِرُوْا هُزُوًا ﴿٥٦﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ

ان سان حق کي ۽ ورتائون آيتن منهنجين کي ۽ انهن کي جو ڊيڄاريا ويا ان سان چٿر ۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان ڪان

مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ مَا قَدَّمَتْ

جيڪو نصيحت ڪيو ويو پنهنجي رب جي آيتن سان پوءِ منهن موڙيائين انهن ڪان ۽ وساريائين ان کي جو اڳي ڪري موڪليو

يَدٰهُ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰي قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ

هٿن ان جي بيشڪ اسان ڪيا دلين انهن جي تي سخت پردا ان ڪان جو سمجهن ان کي ۽ ڪنن انهن جي ۾ گهٻرائي

وَاِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰي فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا اِذًا اَبَدًا ﴿٥٧﴾ وَرَبُّكَ

۽ جيڪڏهن سڏيندين انهن کي هدايت ڏانهن پوءِ هرگز نہ هدايت وارا ٿيندا انهيءَ وقت هميشه ۽ رب تنهنجو

الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ۭ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ

بخشڻهار رحمت جو صاحب آهي جيڪڏهن پڪڙي ها انهن کي ان سببان جو ڪيائون تہ البتہ تڪڙو ڪري ها انهن لاءِ

الْعَذَابَ ۭ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ يَّجِدُوْا مِنْ دُوْنِهٖ مَوْىِٕلًا ﴿٥٨﴾ وَتِلْكَ

عذاب بلڪ انهن جي لاءِ وقت وعدي جو آهي هرگز نہ لهندا ان ڪان سواءِ بچڻ جي جاءِ ۽ اهي

الْقُرٰٓى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا وَجَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ﴿٥٩﴾ ع

ڳوٺ آهن جو هلاڪ ڪيو اسان انهن کي جڏهن ظلم ڪيائون ۽ ڪيو اسان انهن جي لاءِ هلاڪ ڪرڻ جو وقت مقرر.

ع ٨ ٩ ٢٠

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ مجرم انسان پڇڻ لاءِ ڪا جاءِ نہ لهنداءِ هتي ان جو سبب بيان ڪيو ويو آهي انهن جي اڳيان مثال سان ورائي حق بيان ڪيو ويو آهي پر اهي انسان جهيڙي ڪار آهن مڃڻ جي لاءِ تيار ناهن: فرمان عالي شان آهي "وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ وَكَانَ الْاِنْسَانُ اَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا" ۽ البتہ تحقيق ورائي ورائي ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر مثال بيان ڪيو اٿئون. ۽ انسان گهڻين شين کان وڌيڪ جهيڙي ڪار آهي. هتي انسان مان مراد سرڪش ۽ بي فرمان انسان آهي- جڏهن تہ انسانن جون طبيعتون مختلف آهن ڪو دليل سان مڃي ٿو تہ ڪو ڊپ ڪان ۽ ڪو لالچ سان ۽ قرآن ڪريم سيني انسانن جي هدايت ڪرڻ لاءِ آيو آهي لهٰذا ان ۾ڦيرائي ڦيرائي هر مثال آڻي سجهايو ويو آهي پر انسان گهڻو ڪري جهيڙي ڪار رهيو آهي ان جي ڪري نٿو سمجهي "وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰى وَيَسْتَغْفِرُوْا رَبَّهُمْ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ قُبُلًا" ۽ ماڻهن کي جڏهن انهن وٽ هدايت آئي هئي ان کان جو ايمان آڻڻ ۽ پنهنجي رب کان مغفرت طلب ڪن ڪنهن بہ نہ روڪيو هو مگر هن تہ انهن و ٽ پهرين جو طريقو اچي يا انهن وٽ سامهون ٿي عذاب اچي. يعني قرآن پاڪ جهڙي عظيم هدايت پهچڻ کان پوءِ بہ انهن ايمان نہ آندو ۽ پنهنجي رب کان گناهن جي مغفرت نہ گهري تہ ائين سمجهبو تہ اهي گهرن ٿا تہ انهن کي پهرين قومن جي نموني تي هلاڪ ڪري ڇڏجي يا صفا تباهہ نہ ڪجي تہ گهٽ ۾ گهٽ مختلف صورتن ۾ الاهي عذاب انهن جي اکين اڳيان سامهون ٿي اچي بيهي. "وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ وَيُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَمَآ اُنْذِرُوْا هُزُوًا" ۽ اسين رسول نہ موڪليندا . . آهيون مگر بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بنائي ۽ جن ڪفر ڪيو آهي باطل سان حق کي ٽارين ٿا ۽ منهنجي آيتن ۽ جنهن سان ڊيڄاريا ويا ان کي مذاق بنائين ٿا يعني اسين پيغمبرن کي ان جي لاءِ ڪونہ ٿا موڪليون تہ جيئن اوهان چئو تيئن ڪري ڏيکارين اهي تہ صرف نيڪوڪارن کي بشارت ڏيندڙ ۽ بدڪارن کي ڊيڄاريندڙ هوندا آهن ۽ ڪافر باطل سان حق کي هيٺ ڪرڻ جي لاءِ مقابلو ڪندا آهن ۽ منهنجي آيتن ۽ جنهن فرمان سان ڊيڄاريا وڃن ٿا، ان سان مذاق ڪندا آهن "وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ ؕ" ۽ ان

کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جيڪو ان (الله) جي آيتن سان ڏيڇاريو ويو پوءِ انهن کان منهن موڙي ويٺو ۽ جيڪي عمل سندس هٿن ڪري اڳتي موڪليا اهي وساري ويٺو. يعني اهو وڏو ظالم آهي جيڪو الله جي ارشادن کان منهن موڙي ۽ پلجي به ياد نٿو ڪري ته ان جيڪي دين سان مذاقون ۽ چٿرون ڪندي الله جي فرمانن کي ڪوڙو چيو آهي ان جي سزا ڪيس ڪيتري ملندي "اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ وَاِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا اِذًا اَبَدًا" اسان سندن دلين تي ان (قرآن ڪريم) جي سمجهڻ کان پردا هٽي ڇڏيا آهن ۽ سندن ڪنن ۾ گهبرائپ رکي آهي ۽ جيڪڏهن تون انهن کي هدايت ڏانهن سڏيندي ته به اهي هدايت ڏانهن هرگز نه ايندا (هدايت کان هميشه پري رهندا). يعني باطل جي پاران بحث ڪرڻ، وڙهڻ ۽ دين سان چٽر ڪرڻ جي ڪري اسان انهن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا ۽ اسان انهن جا ڪن حق ٻڌڻ کان گهبرا بنائي ڇڏيا آهن هاڻي نه حق ٻڌن ٿا ۽ نه حق سمجهن ٿا. "وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ۭ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ۭ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ يَّجِدُوْا مِنْ دُوْنِهٖ مَوْىِٕلًا" ۽ تنهنجو رب بخشڻهار، رحمت وارو آهي جيڪڏهن انهن کي سندن ڪيلن عملن جي ڪري پڪڙي ها ته جلد مٿن عذاب نازل ڪري ها پر انهن جي لاءِ هڪ وعدو مقرر آهي جنهن کان سواءِ ڪا پناهه جي جاءِ نه لهندا. مقصد ته انهن جا ڪردار اهڙا آهن جو مٿن عذاب پهچڻ ۾ بالڪل دير نه ٿئي ها پر جڏهن ته تنهنجو رب بخشڻهار، رحمت وارو آهي تڏهن ڪين ڍر ٿو ڏي ته شايد اهي توبه ڪري ان ڏانهن رجوع ڪن. مگر ان ڍر تي مغرور نه ٿين اها مهلت هڪ مقرر وقت تائين مليل اٿن. جڏهن اهو وقت ايندو ته اهو ممڪن ئي ناهي جو ڪين پناهه جي جاءِ ملي ۽ نه روپوشي ڪري ڪيڏانهن ڪسڪي سگهندا. "وَتِلْكَ الْقُرٰٓى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا وَجَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا" ۽ اهي ڳوٺن (وارا) آهن جڏهن ظلم ڪيائون ته اسان انهن کي هلاڪ ڪيو ۽ اسان سندن هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ وعدو مقرر ڪيو هو. "تِلْكَ الْقُرٰى" اهي ڳوٺ ان مان مراد اڳين نبين حضرت نوح وغيره عليهم السلام جي هلاڪ ڪيل امتن جا ڳوٺ آهن مطلب ته انهن ڳوٺن وارن به جيئن قريشي ڪافر ڪري رهيا آهن تيئن ڪفر ڪري ظلم ڪيو ته اسان انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي هلاڪ ڪرڻ لاءِ وقت مقرر ڪيو هوسون. قريشي ڪافرن جي لاءِ به وقت مقرر آهي ڪفر کان نه هٽيا ته هلاڪ ڪيا ويندا. (١).

(١) المظهري ص٤٦ جلد٦.

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ آيا آهن. ١- "اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ" (۽ اسان مرسلن (عليهم الصلواة والسلام) کي صرف بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي) مان واضح ٿيو ته: انبياءِ عظام عليهم السلام الله جل شانه جي بي نياز هجڻ واري صفت جا مظهر آهن الله تعاليٰ ڪين ان ڳالهه ڪان بي نياز ڪري ڇڏيو آهي ته ڪو ايمان آڻي يا نه آڻي. انهن جو ڪم صرف پيغام پهچائڻ آهي. ٢- "وَيُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ" (۽ ڪافر باطل سان جهيڙو ڪن ٿا) مان واضح ٿيو ته ڪافر جي هر ڳالهه پلي ڪيتري به سچي سمجهي ڪري حق جي مقابلي ۾ باطل آهي. ٣- "وَنَسِيَ مَا قَدَّمَتْ يَدَاهُ" (۽ جيڪي ان جي هٿن اڳتي ڪري موڪليو) مان ثابت ٿيو ته پنهنجن ڪيلن گناهن ۽ غلطين کي وسارڻ ڪافرن جو ڪم آهي مومن انهن گناهن کي ياد ڪري مغفرت طلب ڪندا رهندا.

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَآ اَبْرَحُ حَتّٰٓى اَبْلُغَ مَجْمَعَ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چيو موسيٰ واسطي جوان سائيءَ پنهنجي ته نه رڪجندس مان تانجو پهچان مان جاءِ گڏ ٿيڻ

الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ بَيْنِهِمَا

ٻن سمنڊن جي ڪي يا منزلون ڪٽيندو رهندس مان ڪئين زمانا پوءِ جڏهن پهتا جاءِ گڏ ٿيڻ جي ڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ ته

نَسِيَا حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِى الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿٦١﴾

وساريائون مڇيءَ پنهنجيءَ کي پوءِ ورتائين واٽ پنهنجي سمنڊ ۾ سرنگ هڻندي.

تفسير

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيلن آيتن ۾ انبياءِ ڪرام عليهم السلام جو ذڪر هو تيئن هتي به هڪ نبي سڳوري جي هڪ وليءَ سان ملاقات جو ذڪر ٿي رهيو آهي. فرمان مبارڪ آهي "وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَآ اَبْرَحُ حَتّٰٓى اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ

حُقُبًا " ۾ ياد فرماءِ، جڏهن (حضرت) موسىٰ علىٰ نبينا و عليه الصلواة والسلام پنهنجي جوان ساٿيءَ کي فرمايو تہ مان تيستائين نہ رڪجندس جيستائين ٻن سمندن جي گڏ ٿيڻ واري جاءِ تي پهچان يا ڪئين زمانا منزلون ڪاٽيندو رهان. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هتان کان ٻن رکوعن ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ الله تعالىٰ جي هڪ مقبول ٻانهي جو ذڪر آهي. مناسب لڳي ٿو تہ هنن آيتن جي تشريح کان پهريان ڪجهہ ڳالهين جي وضاحت ڪئي وڃي تانتہ آيتن جي بيان ڪرڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

هن واقعي ۾ هي امر غور طلب آهن.

١- هي موسىٰ ڪهڙو هو؟ ٢- ان واقعي جو سبب ڇا هو؟ ٣- سندس نوجوان خادم جو نالو ڇا هو؟ ۴- اهو خاص ٻانهو ڪهڙو هو؟ ۵- ان جو نالو ڇا هو؟ ٦- ڇا اهو ولي هو يا نبي؟ ٧- اهو هاڻي زنده آهي يا نہ. ٨- جنهن جاءِ تي هي ٻئي حضرات مليا هئا اها جاءِ ڪٿي آهي؟ باقي شيون آيتن جي تفسير جي ضمن ۾ بيان ٿينديون انشاءَالله تعالىٰ.

١- اهو موسىٰ ڪهڙو هو؟

اهو موسىٰ الله جل شانہ جو نبي، ڪليم، بني اسرائيل وارو هو جيئن حضرت ابن عباس حضرت ابي بن ڪعب رضي الله تعالىٰ عنهم کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ: نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو تہ: هڪ ڏينهن (حضرت) موسىٰ عليه السلام بني اسرائيل سان خطاب ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺو. ڪنهن پڇيو ويو تہ سڀني کان وڏو عالم ڪير آهي؟ فرمايائين تہ مان سڀني کان وڏو عالم آهيان. الله تعالىٰ کي ائين چوڻ پسند نہ آيو تہ ان علم (۾ وڏي هجڻ) کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪرڻ جي بجاءِ الله تعالىٰ جي ذات ڏانهن منسوب ڇو نہ ڪيو؟ الله تعالىٰ (حضرت) موسىٰ عليه السلام ڏانهن وحي ڪيو تہ جتي ٻہ سمنڊ گڏ ٿين ٿا (مجمع البحرين) اتي منهنجو هڪ ٻانهو آهي جيڪو توکان وڌيڪ عالم آهي (حضرت) موسىٰ عليه السلام) عرض ڪيو تہ يا الله! مان ان وٽ ڪيئن پهچي سگهان؟ حڪم ٿيس تہ: پاڻ سان گڏ ڇبيءَ ۾ هڪ مڇي رک جتي اها مڇي گم ٿي وڃي اتي منهنجي ان ٻانهي جي رهائش گاهہ آهي. (الحديث) (١).

ثابت ٿيو تہ اهو موسىٰ ٻيو ڪو نہ هو ٻني اسرائيل وارو هو. (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ٢- ان واقعي جو سبب بہ هن روايت مان اهو معلوم ٿئي

(١) صحيح بخاري- جلد٢ تفسير سورة ڪهف صـ٦٨٧- مسلم شريف جلد ٢ باب فضائل خضر صـ٢٢٩.

ٿو جو حضرت موسىٰ عليه السلامُ پاڻ کي سيني کان وڏو عالم ڇيو هو.
٣- سندس نوجوان ساٿيءَ جو نالو يوشع بن نون هو.
۴- اهو خاص ٻانهو جهمور علماءَ جي قول ۾ مذهب مطابق حضرت خضر عليه السلام هو.
٥- ان جو نالو بليابن ملڪان هو ڪيس خضر ان جي ڪري چون ٿا جو جتي به تشريف فرما ٿيندو هو ته اها جاءِ سرسبز ٿي ويندي هئي.
٦- ولي هو يا نبي؟ ڪي علماءِ فرمائين ٿا ته ولي هو پر علامه ثناءُالله پاني پتي ۽ ٻين محقق عالمن جي راءِ آهي ته اهو نبي هو ڇوته پاڻ جيڪڏهن ولي هجي ها ته ان کي ٿيل الهام ظني دليل هجي ها جنهن ۾ خطا جو احتمال هوندو آهي ۽ ان ظني دليل سال قتل جهڙو سخت ڪم ڪرڻ جائز نه آهي ان جي ڪري ان کي نبي مڃڻو پوندو جنهن جو علم يقيني هو.
٧- اهو هاڻي زنده آهي يا نه؟ ان ۾ به علماءَ جا به گروهه آهن ۽ ٻنهي گروهن پنهنجا پنهنجا گهڻا دليل ڏنا آهن پر عارف بالله علامه ثناءُالله پاني پتي عليه الرحمته جيڪا ڳالهه لکي آهي ان سان تضاد به رفع ٿئي ٿو ۽ سڪون قلبي به ملي ٿو: علامه موصوف لکيو آهي ته سيدنا امام رباني مجدد الف ثاني عليه الرحمته کان اهو سوال ڪيو ويو ته حضرت خضر عليه السلام زنده آهي يا نه؟ ته پاڻ ان مسئلي جي وضاحت لاءِ بارگاه الاهيءَ ڏانهن متوجه ٿيا ۽ پاڻ خضر کي پاڻ وٽ حاضر ڏسي حقيقت پڇيائونس، ان ڇيو ته ماں ۽ (حضرت) الياس ٻئي زنده ناهيون پر الله تعاليٰ اسان جي روحن کي اهڙي قوت بخشي آهي جنهن سان اسين جسم وارا ٿي وڃون ٿا ۽ جيئرن وانگر ڪم ڪيون ٿا، مثلا جڏهن الله تعاليٰ گهري ته اسين گمراهن جي رهنمائي ڪيون ٿا مصيبت ۾ قاٿل جي مدد ڪيون ٿا علم لدني جي تعليم ڏيون ٿا ۽ جنهن جي متعلق الله تعاليٰ جو ارادو ٿئي ٿو ان کي روحاني نسبت سان نوازيون ٿا اسان کي الله تعاليٰ جي ولين مان قطب مدار جي مرتبي تي رهڻ واري جو مددگار بنايو ويو آهي. الله تعاليٰ ان کي عالم جو مدار بنايو آهي ان جي فيض ۽ برڪت سان جهان جي بقا آهي. (١).
٨- جتي هي ڀلارا مليا هئا قرآن ڪريم ان کي مجمع البحرين (ٻن سمنڊن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ) سڏيو آهي- مفسرن جو ان ۾ به اختلاف آهي. هڪ قول مطابق بحر فارس ۽ بحر روم جي گڏ ٿيڻ واري جاءِ آهي. مذڪوره ڳالهين کي سمجهڻ کان پوءِ اڳتي آيتن جو تفسير ذهن ۾ وهاريو. فرمان عالي شان آهي "فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ

(١) المظهري صـ٦٢ جلد ٦ (٢) الڪشاف ص٤٩٠ ج٢

"بَيْنِهِمَا نَسِيَا حُوتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيلَهُ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا" پوءِ جڏهن ٻنهي سمندن جي گڏ ٿيڻ واري جاءِ وٽ پهتا تہ ٻنهي پنهنجي مڇي وساري ڇڏي پوءِ (ان مڇيءَ) پنهنجو رستو سرنگ وانگر سمنڊ ۾ ناهي ورتو. مقصد تہ جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ سندس ساٿي يوشع بن نون سفر ڪندي ان جاءِ تي پهتا جتي ٻئي سمنڊ ملن پيا تہ سفر جي ٿڪ لاهڻ جي لاءِ هڪ وڏي پٿر جي ڇانو هيٺان سمهي رهيا سندن ڇڃيءَ ۾ اها مڇي هئي، جيڪا پُڇي ڪنئي هيائون ان مڇيءَ کي جڏهن ان علائقي جي هوا لڳي جنهن ۾ ان الله جي پياري ٻانهي جي ساهہ ڪڍڻ واري هوا مليل هئي تہ اها زنده ٿي پئي ۽ چال هٽي ان درياءَ ۾ هلي وئي ۽ جتان بہ اها لنگهي تہ هڪ وڏي رستي جا نشان ڇڏيندي وئي. علامه ابن الجوزي لکيو آهي تہ: هڪ قول مطابق (حضرت موسىٰ عليه السلام) سمهي رهيا ۽) حضرت يوشع اتي آب حيات جي چشمي مان وضوءَ ڪيو ان جا ڇنڊا ڇٻي ۾ پيل (۽ اڌ ڪاڌل) مڇيءَ تي پيا تہ اها جيئري ٿي ڇبيءَ مان ڪسڪي درياءَ ڏانهن رستو ناهيندي هلي وئي اها مڇي لوڻ پيل پڪل هئي جنهن مان ٻئي پلارا صبح ۽ شام کائيندا تي آيا. (١).

علامه قرطبيءَ لکيو آهي تہ: حضرت يوشع مڇيءَ کي جيئرو ٿيل ۽ ڇبيءَ مان نڪرندي ڏٺو پر ان خيال ڪيو تہ حضرت مُوسىٰ عليه السلام جن ننڊ مان اٿن تہ پوءِ کين ٻڌايان ٿو. (٢).

ابن عطيه ۽ ڪجهہ ٻين بزرگن فرمايو آهي تہ اها مڇي بعد ۾ معجزه طور زنده رهي ۽ ڪيترن ئي ڏسڻ وارن ڏٺو تہ ان جو هڪ پاسو کاڌل هجڻ جي ڪري باقي هڪ پاسو ۽ هڪ اک رهي هئي. (٣).

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. ١- "لَآ أَبْرَحُ" (مان نہ رڪجندس) ان مان ثابت ٿيو تہ: علم جي طلب ۾ سفر ڪرڻ، نہ ٿڪجڻ، پاڻ کي گهٽ سمجهڻ الله جل شانه جي پيارن جو طريقو آهي. حضرت موسىٰ عليه السلام بہ تحصيل علم جي لاءِ اها تڪليف برداشت ڪئي رڪجي نہ رهيو.

٢- "أَوْ أَمْضِيَ حُقُبًا" (يا ڪئين مدتون منزلون ڪٽيندو رهندس) ان مان واضح ٿيو تہ علم جي حصول لاءِ عشق ۽ دل جو لڳاءُ ضروري آهي ۽ جنهن ۾ اهو پيدا ٿيو اهو محنت ڪرڻ کان نہ گهبرائيندو.

(١) زادالمسير ص١٦٥ جلد ٥ روح المعاني ص٣١٤ جزءِ ١٥ جلد٥.
(٢) القرطبي ص١٣ جلد ١١. (٣) معارف القرآن ص٥٩٨ جلد٥.

فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا لَقَدْ لَقِيْنَا

پوءِ جڏهن لنگهيا تہ چيائين واسطي جوان ساٿيءَ پنهنجي تہ آڻي ڏي اسان کي ڪاڌو اسان جو البتہ تحقيق پهتا سون اسان

مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ۝٦٢ قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَآ اِلَى الصَّخْرَةِ

پنهنجي هن سفر ۾ تڪليف کي چيائين تہ خبر ڪر جنهن وقت آرام ڪيو اسان پٿر ڏانهن

فَاِنِّيْ نَسِيْتُ الْحُوْتَ وَمَآ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ ج

پوءِ بيشڪ مون وساري مڇي ۽ نہ وسارايائين مون کان اها مگر شيطان تہ ياد ڪيان ها مان ان کي

وَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ عَجَبًا ۝٦٣ قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ

۽ ناهيائين رستو پنهنجو سمنڊ ۾ عجب آهي، فرمايائين تہ اهوئي تہ اهو آهي جيڪو اسان طلب ڪيو ٿي

فَارْتَدَّا عَلٰٓى اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ۝٦٤ فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَآ

پوءِ پوئتي موٽيا پنهنجن پيرن جي نشانن تي ڳالهيون ڪندا پوءِ لڌائون هڪ ٻانهو اسان جي ٻانهن مان

اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا ۝٦٥

جو ڏنو سون ان کي رحمت پاڻ وٽان ۽ سيکاريوسون ان کي پاڻ وٽان علم.

تفسير

پهريان ذڪر ڪيلن آيتن ۾ ٽن نبين حضرت موسىٰ، حضرت خضر ۽ حضرت يوشع عليهم السلام جو هڪ عظيم الشان واقعو بيان ٿيو ۽ هتي کان ان واقعي جون تفصيلي حالتون بيان ڪيون ٿيون وڃن. فرمان الاهي آهي "فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا" پوءِ جڏهن (ان جاءِ کان) اڳتي وڌيا تہ پنهنجي نوجوان ساٿيءَ کي فرمايائين اسان جي لاءِ اسان جو ڪاڌو ڪڍي اچ يقينًا اسين پنهنجي هن سفر ۾ تڪليف کي پهتا آهيون. يعني هن سفر ۾ ٿڪجي پيا

آهيون. سيدنا موسىٰ عليه السلام اڳ ۾ ٿڪاوٽ محسوس نہ ڪئي جڏهن منزل مقصود ڪان اڳتي هلڻ لڳو تہ قدرتي حڪمت جي تقاضا سان ڪيس ٿڪاوٽ محسوس ٿي. "قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَآ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّىْ نَسِيْتُ الْحُوْتَ وَمَآ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ ۚ وَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِى الْبَحْرِ ۖ عَجَبًا" چيائين تہ ڇا ڏٺو تو جڏهن اسان پٿر وٽ جاءِ وٺي (آرام ڪيو) پوءِ يقيناً مون مڇي وساري ڇڏي ۽ مون ڪان اها شيطان ئي وسارائي هئي تہ ان ڪي ياد ڪيان ۽ عجب آهي تہ ان سمنڊ ۾ رستو ناهيو يعني عين وقت تي مقصودي ڳالهہ وسارائڻ شيطان جي طرفان وسوسو وجهڻ جي ڪري آهي "قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ ۖ فَارْتَدَّا عَلٰٓى اٰثَارِهِمَا قَصَصًا" (حضرت موسىٰ عليہ الصلواة والسلام) فرمايس تہ اهوئي تہ آهي جيڪو اسان طلب ڪري رهيا هئاسون پوءِ پنهنجن پيرن جي نشانن تي ڳالهيون ڪندي واپس وريا. يعني رستو تہ نهيل هو ان ئي رستي سان واپس ٿيا. "فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَآ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا" پوءِ اسان جي ٻانهن مان هڪ ٻانهو لڌائون جنهن کي اسان پاڻ وٽان رحمت ڏني هئي ۽ پاڻ وٽان علم عطا ڪيو هو- اهو الله تعاليٰ جو خاص ٻانهو حضرت خضر عليه السلام هو جنهن کي الله تعاليٰ خصوصي رحمت سان نوازي ڪائنات جي اسرارن واري علم مان وڏو حصو ڏنو هو. بعضي محققن جو قول آهي تہ جيڪي انبياءَ سڳورا عليهم السلام نئين شريعت ڪٿي نہ آيا انهن کي بہ ايترو تصرف ۽ اختيار عطا ٿيل هو جو خصوصي مصلحتن جي بناءَ تي شريعت مستقله جي ڪنهن عام حڪم جي تخصيص يا مطلق جي تقييد يا عام ضابطه مان بعضي جزئيات جي استثناءَ ڪري سگهن اهڙي نموني جا جزئي تصرفات حضرت خضر عليه السلام کي بہ حاصل هئا. (١).

مفتي محمد شفيع ديوبندي بہ لکيو آهي تہ: الله جل شانه جي طرفان ڪجهہ تڪويني خدمتون حضرت خضر عليہ السلام جي حوالي ڪيل هيون جن جو حضرت موسىٰ عليه السلام کي علم نہ هو. (٢).

خضر سڏڻ جو سبب

ابن عساڪر ۽ ٻين ڪيترن ئي مورخن قرآن ڪريم جي مفسر حضرت مجاهد کان نقل فرمايو آهي تہ: ڪيس ان جي ڪري خضر سڏيو ويو جو جتي بہ نماز پڙهندو هو تہ ان جي چئو طرف ساوڪ ٿي ويندي هئي ۽ ابن ابي حاتم حضرت عڪرمه کان آندو آهي تہ: جتي ويهندو هو تہ ساوڪ ٿي ويندي هئي ۽ سندس ڪپڙا بہ ساوا هوندا

(١) حاشيہ عثمانيه صہ٤٠٢. (٢) معارف القرآن صہ٦٠٠ جلد٥.

هئا ۽ سديءَ جو قول آهي تہ: جتي بيهندو هو تہ اتي هڪدم ايترو سائو گاهہ ڄمندو هو جو سندس پيرن مبارڪن کي ڍڪي ڇڏيندو هو- ۽ هڪ قول اهو آهي تہ کيس ان لقب سان سندس حسن ۽ جمال جي ڪري سڏيو ويو آهي. (١).

المقصد تہ جڏهن حضرت موسىٰ ۽ حضرت يوشع عليهما السلام واپس موٽيا ۽ آرام ڪرڻ واري پٿر وٽ پهتا تہ حضرت موسىٰ عليه السلام حضرت خضر کي چادر ۾ ويڙهيل، ستل ڏٺو مٿان اچي سلام ورايائين تہ حضرت خضر عليه السلام ڪانئس پڇيو تہ هتي سلام ڪٿان آندو اٿئي؟ حضرت موسىٰ عليه السلام فرمايو تہ "مان موسىٰ آهيان" حضرت خضر عليہ السلام فرمايو تہ: بني اسرائيل وارو موسىٰ آهين؟ فرمايائين تہ: هائو "مان تو وٽ ان جي لاءِ آيو آهيان تہ جيڪو علم توکي عطا ڪيو ويو آهي ان مان مون کي بہ پڙهاءِ. "اسان ان کي پاڻ وٽان رحمت عطا ڪئي" اتي رحمت مان مراد وحي ۽ نبوة آهي ۽ پاڻ وٽان علم ڏنوسون" ان مان مراد آهي تہ: ان کي اهڙو علم ڏنوسون جيڪو اسان کان ۽ اسان جي توفيق کان سواءِ ڪنهن کي نہ ملندو آهي ۽ اهو علم الذات والصفات آهي. (٢).

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- علم جي طلب ۾ تڪليف ڪرڻ، تڪليف جي پرواهہ نہ ڪرڻ، همت ۽ ڪوشش جاري رکڻ الله جل شانه جي پيارن نبين عليهم السلام جي سنت آهي ۽ هر مسلمان کي بہ اهڙو عزم ۽ مڙسي ڏيکارڻ گهرجي.

٢- "عَلَّمْنَاهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا" (اسان ان کي پاڻ وٽان علم ڏنو) مان ظاهر آهي تہ نبوت ۽ رسالت جي علم سان ٻيو ڪوبہ علم برابر نہ ٿي سگهندو ڇوتہ ٻيا دنيا جي انسانن کان علم وٺن ٿا ۽ الله جل جلاله جا انبياءَ عليهم السلام سڌا سنوان الله تعالىٰ جا پڙهايل آهن انهن جي تعليم جو انداز ئي نرالو آهي.

قَالَ لَهٗ مُوْسٰى هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰٓى اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ

چيو ان کي موسىٰ ڇا مان گڏ هلان توسان ان بناءَ تي تہ سيکارين مون کي ان مان جو سيکاريو وئين تون

رُشْدًا ﴿٦٦﴾ قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ وَكَيْفَ

هدايت مان چيو خضر تہ بلاشڪ هرگز نہ ڪري سگهندين تون مون سان گڏ صبر ۽ ڪيئن

(١) روح المعاني صـ٣١٨ جزءُ ١٥ جلد٥. (٢) المظهري صـ٥٠ جلد٦.

تَصۡبِرُ عَلٰى مَا لَمۡ تُحِطۡ بِهٖ خُبۡرًا ﴿٦٨﴾ قَالَ سَتَجِدُنِيۡۤ

صبر ڪندين ان تي جو نہ گهيراءِ ڪيو توان ڪي خبر جي اعتبار سان فرمايائين تہ عنقريب لهندين تون مون ڪي

اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ صَابِرًا وَّلَاۤ اَعۡصِیۡ لَكَ اَمۡرًا ﴿٦٩﴾ قَالَ فَاِنِ

جيڪڏهن گهريو الله صبر ڪندڙ ۽ نہ مخالفت ڪندس تنهنجي ڪنهن بہ حڪم ۾ چيو (خضر) پوءِ جيڪڏهن

اتَّبَعۡتَنِیۡ فَلَا تَسۡـَٔلۡنِیۡ عَنۡ شَیۡءٍ حَتّٰۤى اُحۡدِثَ لَكَ مِنۡهُ ذِكۡرًا ﴿٧٠﴾ ع

گڏ هلين مون سان تہ پوءِ نہ پڇجانءِ مون کان ڪنهن شيءِ جو تانجو مان پاڻ بيان ڪيان تولاءِ ان جو ذڪر.

ع ٩ / ٢١ / ١١

تفسير

اڳين آيتن ۾ سفر ۾ پيش آيل ٿڪاوٽ ۽ تڪليف جو ذڪر هو ۽ هتي ان سفر جي لاءِ ڳالهہ ٻولهہ جو ذڪر آهي. فرمان ايزدي آهي "قَالَ لَهٗ مُوۡسٰى هَلۡ اَتَّبِعُكَ عَلٰۤى اَنۡ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمۡتَ رُشۡدًا" ان (خضر) ڪي (حضرت) موسىٰ چيو تہ: ڇا مان توسان ان بناءَ تي گڏجي هلان جو جيڪو ڪجهہ توکي سيکاريو ويو آهي ان هدايت مان مون کي بہ سيکارين؟ يعني حضرت موسىٰ عيه الصلاة والسلام جڏهن حضرت خضر عليه السلام کي مليو تہ پنهنجي ملاقات جو مقصد ان کي ٻڌائيندي فرمايائين تہ: ڇا اوهان مون کي اجازت ڏيو ٿا تہ مان اوهان سان ان لاءِ گڏجي هلان تہ جيڪو هدايت وارو مخصوص علم توکي ڏنل آهي ان مان مون کي بہ سيکارين. تانتہ منهنجي علم ۾ زيادتي ٿئي "قَالَ اِنَّكَ لَنۡ تَسۡتَطِيۡعَ مَعِىَ صَبۡرًا" فرمايائين تہ: يقينا تون مون سان (ان سفر ۾ پيش ايندڙ واقعا ڏسي) صبر ڪري نہ سگهندين. مقصد تہ تون بہ شريعت جي علم جو صاحب آهين منهنجي هٿان ڪي اهڙا ڪارناما ٿيندا جيڪي اوهان جي برداشت کان ٻاهر هوندا ۽ اوهان الله جل جلاله جي اولوالعزم پيغمبر هجڻ جي حيثيت سان اهي برداشت ڪري ماٺ نہ ڪندو. "وَكَيۡفَ تَصۡبِرُ عَلٰى مَا لَمۡ تُحِطۡ بِهٖ خُبۡرًا" ۽ جنهن ڳالهہ جي خبر اوهان جي علمي احاطي ۾ ناهي ان تي ڪيئن صبر ڪندو اوهان تہ موڪليائي ان لاءِ ويا آهيو تہ بني اسرائيل

جي اجسام، اعمال، ظاهر، باطن، عبادات ۽ افڪار ڪي درست ڪيو سو مون ڪي چوڻ ڪان ڪٿان مڙندو؟ "قَالَ سَتَجِدُنِيٓ اِنۡشَآءَاللّٰهُ صَابِرًا وَّلَآ اَعۡصِيۡ لَكَ اَمۡرًا" فرمايائين ته: انشاءَ الله تون مون کي عنقريب صبر ڪندڙ لهندين ۽ مان تنهنجي ڪنهن معاملي ۾ مخالفت نه ڪندس. مان ايڏي تڪليف وارو سفر اوهان ڪان اهو مخصوص علم پرائڻ جي لاءِ ڪيو آهي نه اوهان تي اعتراض ڪرڻ جي لاءِ. "قَالَ فَاِنِ اتَّبَعۡتَنِيۡ فَلَا تَسۡـَٔلۡنِيۡ عَنۡ شَيۡءٍ حَتّٰۤى اُحۡدِثَ لَكَ مِنۡهُ ذِكۡرًا" (حضرت خضر) عليه السلام فرمايو ته پوءِ جيڪڏهن مون سان گڏ هلڻ گهرين ٿو ته ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ مون کان پڇا ڳاڇا نه ڪجانءِ تانجو مان پاڻ توسان ان جي باري ۾ ذڪر شروع ڪيان. يعني جيڪڏهن اوهان کي واقعي اهو علم حاصل ڪرڻ جو شوق آهي ته پوءِ مان اوهان کي جيڏانهن وٺي هلان اوڏانهن هلو جيڪي واقعا منهنجي هٿان اوهان جي ظاهري شرعي علم کان مٿي هجن انهن جي باري ۾ مون کان ڪوبه سوال نه ڪجو ايستائين خاموش رهجو جيستائين مان پاڻ اوهان کي انهن جي حقيقت کولي ٻڌايان.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ آيا. ١- "هَلۡ اَتَّبِعُكَ عَلٰۤى اَنۡ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمۡتَ رُشۡدًا" چا مان تنهنجي ان بناءَ تي اتباع ڪيان جو جيڪا مخصوص هدايت توکي سيکاري وئي آهي مون کي به ان مان سيکارين. ان مان واضح ٿيو ته سيدنا خضر عليه السلام الله جل شانه جو نبي آهي. اتباع چئبو آهي ڪنهن شخص کي بالڪل صحيح ۽ غلطين کان پاڪ سمجهي ان جي نقش قدم تي هلڻ ۽ حضرت موسىٰ نبي خدا جو ٿي ڪري غير نبي جي اتباع ڪيئن ٿو ڪري سگهي. (١).

٢- هن واقعي مان اهو به سبق ملي ٿو ته علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڻ کان ننڍي مرتبي واري ڏانهن هلي وڃڻ کي عيب نه سمجهڻ گهرجي جيئن حضرت موسىٰ عليه الصلاة والسلام، حضرت خضر عليه الصلاة والسلام وٽ وڃڻ کي عيب نه سمجهيو هو.

فَانۡطَلَقَا ۟ حَتّٰۤى اِذَا رَكِبَا فِى السَّفِيۡنَةِ خَرَقَهَا ؕ قَالَ

پوءِ گڏجي هليا تانجو جڏهن سوار ٿيا ٻيڙيءَ ۾ ته سوراخ ڪيائين ان ۾ فرمايائين

اَخَرَقۡتَهَا لِتُغۡرِقَ اَهۡلَهَا ۚ لَقَدۡ جِئۡتَ شَيۡـًٔـا اِمۡرًا ﴿۷۱﴾ قَالَ

ته چا سوراخ ڪيو تو ان ۾ تانته ٻوڙين تون ان ۾ ويٺلن کي البته تحقيق آندي تو شيءِ ناپسنديده فرمايائين ته

(١) نعيمي ص٧٣٢ جلد١٥.

اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٢﴾ قَالَ

چا نہ چيو هو مون توکي تہ يقينا تون هرگز کري نہ سگهندين مون سان گڏ صبر، فرمايائين تہ

لَا تُؤَاخِذْنِيْ بِمَا نَسِيْتُ وَلَا تُرْهِقْنِيْ مِنْ اَمْرِيْ عُسْرًا ﴿٧٣﴾

نہ وٺ پڪڙ ڪر مون کي ان سببان جو وساريو مون ۽ نہ سختي ڪر مون تي منهنجي ڪم ۾ گهڻي سختي

فَانْطَلَقَا حَتّٰى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ قَالَ اَقَتَلْتَ

پوءِ ٻئي گڏجي هليا تانجو جڏهن مليا هڪ ڇوڪري کي پوءِ قتل ڪيائين ان کي چيائين تہ ڇا قتل ڪيو تو

نَفْسًا زَكِيَّةً بِغَيْرِ نَفْسٍ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿٧٤﴾

وجود صاف کي کنهن وجود جي بدلي کان سواءِ البتہ تحقيق آندو تو ڪم ناپسند ڪيل.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه جي ٻن نبين عليهما السلام جي پاڻ ۾ ڪيل معاهدي جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ سفر شروع ڪرڻ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَانْطَلَقَا حَتّٰى اِذَا رَكِبَا فِي السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا" پوءِ گڏجي هليا تانجو جڏهن ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا تہ (خضر) عليہ السلام ان ۾ سوراخ ڪدي ڇڏيو (حضرت موسىٰ) عليه الصلواة والسلام فرمايس تہ ڇا ان ۾ سوراخ ان جي لاءِ ڪيو اٿئي تہ ان ۾ سوار ٿيلن کي ٻوڙي ڇڏين البتہ يقينًا تو ناپسند ڪيل ڪم ڪيو آهي (خضر سائين) فرمايس تہ: مون توکي چيو هو تہ پڪ آهي تہ تون مون سان صبر نہ ڪري سگهندين. يعني مٿي ذڪر ڪيل ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ ٻئي درياءَ جي ڪناري تان ان ارادي سان روانا ٿيا تہ ڪا ٻيڙي ملي پوءِ ٻيڙي ملين جڏهن ان ۾ چڙهيا تہ اڳ ۾ ويٺلن کين ڏسي چيو تہ "چور آهن" ۽ کين چيائون تہ ٻيڙيءَ مان لهي وڃو. پر ٻيڙيءَ جي مالڪ کين ڏسي فرمايو تہ: هي چور ناهن مان ڏسان ٿو تہ هي

انبياءِ ڪرام عليهم السلام جا روشن چهرا آهن. امام بخاري ۽ مسلم حضرت ابي بن ڪعب رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن ٻيڙيءَ واري هنن کي ڏٺو هو تہ حضرت خضر عليه السلام کي سڃاڻي ڪرايو ونڻ کان سواءِ ئي کين ٻيڙيءَ ۾ وهاريو هيائين. ٻيڙيءَ ۾ ويهڻ کان پوءِ حضرت خضر ان مان هڪ تختي ڪڍي سوراخ ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ ٻيڙيءَ جي مالڪ هنن پيارن کي سڃاڻي عزت سان ڪِرايو ونڻ کان سواءِ وهاريو هو تہ اهو احساس رکندي حضرت موسىٰ عليه السلام حضرت خضر عليه السلام کي چيو تہ: اوهان ٻيڙيءَ ۾ سوراخ ڇو ڪيو؟ ٻيڙيءَ ۾ ويٺلن کي ٻوڙڻ جو ارادو آهي ڇا؟ جيڪڏهن ٻيڙيءَ مان تختي نڪتل هوندي تہ ظاهر آهي پاڻي اندر ايندو ۽ ويٺل ٻڏي ويندا. اوهان اهو جيڪو ڪم ڪيو آهي تمام وڏو ۽ نہ ڪرڻ جهڙو آهي. مگر حضرت خضر عليه السلام جو معجزو هو جو ان سوراخ مان پاڻي اندر نہ آيو (١).

حضرت خضر عليه السلام حضرت موسىٰ عليه السلام کي ياد ڏيارڻ لاءِ فرمايو تہ: ڇا مون توکي نہ چيو هو تہ: تون مون سان گڏ صبر ڪري ئي نہ سگهندين؟ "قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِي بِمَا نَسِيتُ وَلَا تُرْهِقْنِي مِنْ أَمْرِي عُسْرًا" (حضرت موسىٰ) چيس تہ: مون کان جيڪا وسر ٿي آهي ان تي مون کي وٺ پڪڙ نہ ڪر ۽ نہ مون کي ان معاملي ۾ گهڻي سختي ڏيکار. مطلب تہ اوهان جي ايتري سختي مون کي اوهان سان سفر ڪرڻ کي ڏکيو ٿي ڪري "فَانْطَلَقَا حَتَّىٰ إِذَا لَقِيَا غُلَامًا فَقَتَلَهُ قَالَ أَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةً بِغَيْرِ نَفْسٍ لَقَدْ جِئْتَ شَيْئًا نُكْرًا" پوءِ گڏجي هليا تانجو جڏهن هڪ ڇوڪري کي مليا تہ (حضرت خضر) عليه السلام ان ڇوڪري کي قتل ڪري ڇڏيو. (حضرت موسىٰ) عليه السلام فرمايس تہ ڇا تو پاڪ صاف وجود کي ڪنهن قصاص واري بدلي کان سواءِ قتل ڪري ڇڏيو؟ يقينًا تو ناپسنديدو ڪم ڪيو آهي. يعني جڏهن ٻيڙيءَ مان لٿا تہ هڪ ڇوڪرو ڏٺائون حضرت خضر ان کي قتل ڪري ڇڏيو، علامہ خازن لکيو آهي تہ: اهو ڇوڪرو ٻين ڇوڪرن سان گڏ راند ڪري رهيو هو نهايت هوشيار هو سندس چهرو تمام گهڻو روشن ۽ سهڻو هو حضرت خضر ان کي ليٽائي ڪاتيءَ سان ڪٺو- ۽ هڪ قول آهي تہ ان جي منڍي هٿ سان پٽي ڪيس ماري ڇڏيو. ان جو نالو حيسور هو. (٢). اهو واقعو ڏسي حضرت موسىٰ عليه السلام ڪيس فرمايو تہ: تو هرو ڀرو ڪنهن جي بدلي کان سواءِ ناحق قتل ڪري هڪ اڻ وڻيل ڪم ڪيو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "لِتُغْرِقَ أَهْلَهَا" (تانتہ ٻيڙيءَ

(١) المظهري صہ٥٣ جلد ٦ الخازن صہ١٨٢ جزء٤. (٢) الخازن صہ١٨٢ جزء٤.

۾ ويڻلن کي ٻوڙي ڇڏين) مان واضح ٿيو تہ ڪنهن ڪم جي الله جل شانہ جي ٻانهن ڏانهن مجازي نسبت ڪرڻ جائز آهي. نہ تہ ٻيڙي ٻوڙيندڙ يا تاريندڙ تہ الله جل شانہ آهي.

٢- حضرت موسيٰ عليه السلام جن جي طرفان حضرت خضر عليه السلام کي بار بار چوڻ تہ هي ڇو ڪيئي؟ مان ثابت ٿيو تہ علماءِ شريعت ۽ پير صاحبان کي سندن طرفان شرعي خلاف ورزيءَ تي متنبہ ڪن ۽ ائين ڪرڻ ادب ۽ احترام جي خلاف ناهي ڪوبہ پير، فقير حضرت خضر عليه السلام وانگر نبي ناهي ۽ نہ ان واري دعويٰ ڪري سگهي ٿو علماءِ ڪرام هر پير صاحب کي شريعت تي عمل ڪرائڻ لاءِ حق ضرور چون اها انهن جي ذميداري آهي.

٣- حضرت خضر عليه السلام جي طرفان حضرت موسيٰ عليه السلام کي گڏ هلڻ کان اڳي چوڻ تہ تون مون سان گڏ صبر نہ ڪري سگهندين. ان مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ پنهنجن نبين عليهم السلام ۽ انهن جي سچن تابعدارن کي غيب جو علمِ عطا ڪري ٿو.

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٥﴾

چيائين ڇا نہ چيو هو مون توکي تہ بيشڪ تون هرگز نہ ڪري سگهندين مون سان گڏ صبر

قَالَ اِنْ سَاَلْتُكَ عَنْ شَيْءٍۢ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِيْ ۚ قَدْ

چيائين جيڪڏهن پڇان مان توکان ڪنهن شيءِ جو ان کان پوءِ تہ پوءِ نہ گڏ رک مون کي تون تحقيق

بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّيْ عُذْرًا ﴿٧٦﴾ فَانْطَلَقَا ۫ حَتّٰٓى اِذَآ اَتَيَآ

پهتين تون مون وٽان معذرت کي پوءِ گڏجي هليا تانجو جڏهن آيا

اَهْلَ قَرْيَةِ ۣاسْتَطْعَمَآ اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا

ڳوٺ وارن وٽ تہ کاڌو گهريائون رهاڪن ان جي کان پوءِ انڪار ڪيائون تہ مهماني ڪن انهن ٻنهي جي پوءِ لڌائون

فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ ۭ قَالَ لَوْ شِئْتَ

ان ۾ ڀت جيڪا ارادو پئي ڪري تہ ڊهي پوءِ درست ڪيائين ان کي چيو (حضرت موسيٰ) جيڪڏهن گهرين ها تہ

لَتَخَذْتَ عَلَيْهِ اَجْرًا ﴿٧٧﴾ قَالَ هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَبَيْنِكَ ج

البتہ وٺي ها ان تي اجورو چيائين تہ هيءُ جدائي آهي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾

سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَالَمْ تَسْتَطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٧٨﴾

جلد خبر ڏيندس مان توکي حقيقت ان جي کان جو نہ کري سگهئين تون ان تي صبر.

تفسير

حضرت موسىٰ ۽ حضرت خضر عليهما السلام جي سير جو ڪجهہ حصو اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ۽ ڪجهہ حصو هنن ۾ بيان ٿي رهيو آهي. فرمان عالي شان آهي "قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا" فرمايو (حضرت خضر عليہ السلام) تہ ڇا مون توکي نہ چيو هو تہ يقينا تون مون سان گڏ صبر نہ ڪري سگهندين. ڇوتہ اهڙا واقعا ۽ حالات پيش ايندا جن تي اوهان ماٺ ڪري نہ وهندا ۽ ائين ئي ٿيو جيئن مون چيو هو "قَالَ اِنْ سَئَلْتُكَ عَنْ شَيْءٍ بَعْدَهَا فَلَاتُصَاحِبْنِيْ قَدْ بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّيْ عُذْرًا" چيائين تہ جيڪڏهن هن کان پوءِ ڪنهن شيءِ جو توکان پڇان تہ پوءِ مون کي گڏ نہ رکجانءِ. تون منهنجي طرفان معذرت کي پهتو آهين. مقصد تہ هن کان پوءِ جيڪڏهن وري بہ مان اوهان کان سوال جواب ڪيان تہ تون مون کي گڏ نہ رکجانءِ ۽ تون بي ميار آهين توکي گڏ نہ رکڻ جي عذر جو موقعو ملي چڪو آهي، ٽي پيرا موقعو ڏيئي تون حجت پوري ڪري چڪو آهين "فَانْطَلَقَا حَتّٰى اِذَآ اَتَيَآ اَهْلَ قَرْيَةِ ِۨاسْتَطْعَمَآ اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ قَالَ لَوْ شِئْتَ لَتَخَذْتَ عَلَيْهِ اَجْرًا" پوءِ گڏجي هليا تانجو جڏهن هڪ ڳوٺ وارن وٽ آيا انهن کان کاڌو گهريائون تہ انهن هنن ٻنهي (هستين) جي مهمان نوازي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ ان ڳوٺ ۾ هڪ ڀت ڏٺائون جيڪا ڪرڻ جو ارادو ڪري رهي هئي پوءِ (حضرت خضر) عليہ السلام ان کي سڌو ڪري بيهاريو (حضرت موسىٰ) عليہ السلام چيو تہ جيڪڏهن گهرين ها تہ ان (سڌي ڪرڻ) تي (انهن کان) اجورو وٺين ها. يعني ان کان پوءِ سفر ڪندي هڪ ڳوٺ ۾ پهتا. ان

ڳوٺ جو نالو "ابلہ" هو يا انطاڪيه. ۽ ڪن مفسرن فرمايو آهي تہ اهو اندلس جي جزيره ۾ هو. والله اعلم بحقيقة الحال. (١).

سندن خيال هو تہ ان ڳوٺ وارا سندن مهماني ڪندا پر اها سعادت انهن جي نصيب ۾ نہ هئي انهن مهماني ڪرائڻ ڪان صفا انڪار ڪيو ۽ اهو معاملو ڏسي هجڻ تہ ائين گهربو هو جو انهن تنگ دل ۽ ماڻهن ڪان خالي ماڻهن تي ڪاوڙ اچي ها مگر حضرت خضر عليه السلام ڪاوڙ ڪرڻ جي بجاءِ انهن تي احسان فرمايو شهر ۾ هڪ وڏي پٽ ڏنائين جيڪا جهڪيل، ڪرڻ جا ارادا ڪري رهي هئي ماڻهو ان جي هيٺان لنگهندي ڊڄندا هئا تہ متان ڪري پوي حضرت خضر عليه السلام ان کي هٿ هڻي سڌو ڪري ڇڏيو اهو حضرت ابن عباس جو هڪ قول آهي. (٢).

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ: ان شهر مان الله جا نبي سڳورا عليهم السلام صرف لنگهڻ نہ پر شهر وارن سان ملڻ جي ارادي سان آيا هئا ان جي ڪري صرف قرية جي بجاءِ "اَهْلَ قَرْيَةٍ" آندو ويو ۽ "اِسْتَطْعَمَآ اَهْلَهَا" ۾ وري ٻيو پيرو اهل جو لفظ آڻي انهن جي قباحت بيان ڪئي وئي آهي يعني جن ڪان مهماني گهري وئي هئي اهي بہ اتي جا هئا پري جا نہ هئا جيڪي هي عذر پيش ڪن ها تہ اسان جا گهر هتي ناهن. حضرت موسىٰ عليه السلام حضرت خضر عليه السلام کي چيو تہ جيڪڏهن اوهان پسند فرمايو تہ هنن ڪان ان پٽ کي سڌو ڪري ٻيهارڻ جو حساب وٺو. ڇو تہ انهن بي قدري ڪري مهمان نوازي نہ ڪئي آهي. "قَالَ هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَبَيْنِكَ ۚ سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَا لَمْ تَسْتَطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا" چيو (حضرت خضر) عليه السلام تہ هيءَ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ جدائي آهي. جن واقعن تي تون صبر نہ ڪري سگهيو آهين مان هاڻي ان جي توکي خبر ڏيان ٿو. مقصد تہ تون مون سان رهي نہ سگهندين هاڻي هڪ ٻئي ڪان جدا ٿيون ٿا، رهيو سوال انهن واقعات ۾ حڪمت جو سو مان توکي هاڻي کولي ٻڌايان ٿو.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- "فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا" (پوءِ انهن هنن ٻنهي هستين جي مهمان نوازي ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو) ان مان ثابت ٿيو تہ مهمان اڻ واقف هجي تہ بہ ان جي مهمانيءَ ڪجي مهمانيءَ ڪان انڪار ڪرڻ اخلاق حسنه جي خلاف آهي. ٢- "فَاَقَامَهٗ" (پوءِ ان پٽ کي سڌو ڪيائين) ان مان واضح ٿيو تہ بي وڙي سان وڙ ڪرڻ الله جل شانه جي پيارن ۽ ڪاملن ٻانهن جو ڪم

(١) القرطبي صـ٢٤ جلد ١٠. (١) زادالمسير صـ١٧٧ جلد ٥.

آهي. جن مهمان نوازي نہ ڪئي حضرت خضر عليہ السلام انهن تي بہ مهرباني ڪري ڏيکاري.

اَمَّا السَّفِيۡنَةُ فَكَانَتۡ لِمَسٰكِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ فِى الۡبَحۡرِ فَاَرَدْتُّ

پر ٻيڙي پوءِ هئي مسڪينن جي جيڪي ڪم پيا ڪن سمنڊ ۾ پوءِ ارادو ڪيم

اَنۡ اَعِيۡبَهَا وَكَانَ وَرَآءَهُمۡ مَّلِكٌ يَّاۡخُذُ كُلَّ سَفِيۡنَةٍ

هي تہ عيب دار بنايان ان کي ۽ هو پويان انهن جي بادشاهہ پڪڙي پيو هر ڪا ٻيڙي

غَصۡبًا ﴿۷۹﴾ وَاَمَّا الۡغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤۡمِنَيۡنِ فَخَشِيۡنَاۤ اَنۡ يُّرۡهِقَهُمَا

زبردستيءَ سان، ۽ پر ڇوڪرو پوءِ هئا پيءُ ماءُ ان جا مومن پوءِ ڊناسون هن ڪان تہ مجبور ڪري انهن ٻنهي کي

طُغۡيَانًا وَّكُفۡرًا ﴿۸۰﴾ فَاَرَدۡنَاۤ اَنۡ يُّبۡدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيۡرًا مِّنۡهُ زَكٰوةً

سرڪشيءَ ۽ ڪفر تي پوءِ ارادو ڪيو سون هي تہ عوض ۾ ڏي انهن ٻنهي کي رب انهن جو ڀلو ان کان

وَّاَقۡرَبَ رُحۡمًا ﴿۸۱﴾ وَاَمَّا الۡجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيۡنِ يَتِيۡمَيۡنِ

۽ وڌيڪ ويجهو رحم ۾ ۽ پر ڀت پوءِ هئي ٻن ڇوڪرن يتيمين جي

فِى الۡمَدِيۡنَةِ وَكَانَ تَحۡتَهٗ كَنۡزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوۡهُمَا صَالِحًا ۚ

شهر ۾ ۽ هو هيٺان ان جي خزانو انهن ٻنهي جو ۽ هو پيءُ انهن ٻنهي جو صالح

فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنۡ يَّبۡلُغَاۤ اَشُدَّهُمَا وَيَسۡتَخۡرِجَا كَنۡزَهُمَا ۖ

پوءِ ارادو ڪيو رب تنهنجي هي تہ پهچن جوانيءَ پنهنجي کي ۽ ڪڍن خزانو پنهنجو

رَحۡمَةً مِّنۡ رَّبِّكَ ۚ وَمَا فَعَلۡتُهٗ عَنۡ اَمۡرِىۡ ؕ ذٰلِكَ

مهربانيءَ سان طرفان رب تنهنجي ۽ نہ ڪيو مون اهو پنهنجي حڪم سان اها آهي

تَاۡوِيۡلُ مَا لَمۡ تَسۡطِعْ عَّلَيۡهِ صَبۡرًا ﴿۸۲﴾ ع ۱۰

حقيقت انهن (واقعن) جي جو نہ ڪري سگهئين تون ان تي صبر.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت خضر عليه السلام جي طرفان پيش آيل واقعات جي حقيقتکولي بيان ڪرڻ جو وعدو هو ۽ هنن آيتن ۾ اها حقيقت بيان ڪري وعدو پورو ڪيو ويو آهي. فرمان الاهي آهي. "اَمَّا السَّفِيْنَةُ فَكَانَتْ لِمَسٰكِيْنَ يَعْمَلُوْنَ فِى الْبَحْرِ فَاَرَدْتُّ اَنْ اَعِيْبَهَا وَكَانَ وَرَآءَهُمْ مَّلِكٌ يَّاْخُذُ كُلَّ سَفِيْنَةٍ غَصْبًا" پر ٻيڙي پوءِ اها مسڪينن جي هئي جيڪي سمنڊ ۾ ڪم ڪندا هئا مون ارادو ڪيو تہ ان کي عيب دار بنائي ڇڏيان ۽ ان جي پويان بادشاهہ هو جيڪو سڀئي ٻيڙيون غصب ڪندو ڦريندو ٿي آيو.

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ اها ٻيڙي جن مسڪينن جي هئي اهي ڏهہ ڀائر هئا جن مان پنج تہ صفا اپاهج هئا هڪ جاءِ تي پيا هئا باقي پنج ڪمائڻ جهڙا هئا انهن ڪم وارن کي بہ مسڪين ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ظالم کي دفع ڪرڻ جي طاقت نہ رکندا هئا. حضرت خضر عليه السلام فرمايو تہ: مون الله جي اذن سان ارادو ڪيو تہ ان ٻيڙيءَ مان تختي ڪڍي عيب دار بنائي ڇڏيانس تہ پويان اچڻ وارو ظالم بادشاهہ جيڪو ٻين کان ٻيڙيون ڦريندو ٿي آيو اهو هن ٻيڙيءَ کي ڀڳل، عيب دار ۽ خراب سمجهي نہ ڦري ۽ غريب ان جي ذريعي روزگار ڪمائيندا رهن. (١) ان غاصب ۽ ظالم بادشاهہ جو نالو هدد بن بدد هو. (٢).

۽ جڏهن ڦرجڻ جو خطرو نہ رهندو تہ تختي نڪتل جاءِ تي وري تختي هڻي ڇڏيندا. "وَاَمَّا الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَآ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا طُغْيَانًا وَّكُفْرًا فَاَرَدْنَآ اَنْ يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً وَّاَقْرَبَ رُحْمًا" ۽ پر ڇوڪرو پوءِ ان جا پيءُ ۽ ماءُ مومن هئا اسان کي ڊپ ٿيو تہ ڪٿي انهن ٻنهي کي سرڪشي ۽ ڪفر تي نہ چاڙهي ڇڏي اسان ارادو ڪيو تہ انهن کي سندن رب ان کان وڌيڪ صاف ۽ وڌيڪ رحم کي ويجهو پٽ بدلائي ڏي. ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ: ان ڇوڪري جي لاءِ رب العزة جل شانه حضرت خضر عليه السلام کي خبر ڏني هئي تہ اهو وڏو ٿي والدين کي سرڪشيءَ ۽ ڪفر تي مجبور ڪندو. ان کي قتل ڪري ڇڏ تہ ان جي بدلي ۾ انهن کي اهڙو پٽ ڏينداسون جيڪو ردي اخلاقن کان پاڪ، صاف ۽ رحم ۾ وڌيڪ ويجهو، والدين تي مهربان ۽ انهن جا حقوق ادا ڪندڙ هوندو. هن ڇوڪر کي مارڻ کان پوءِ سندس والدين جو ايمان يقيني ۽ پڪو رهندو ۽ ڪين پهچندڙ صدمو ملڻ واري

(١) تنويرالاذهان صـ٢٩٦ جلد٢. (٢) القرطبي صـ٣٦ جلد ١١.

ٻار سان ميٺجي ويندو. ان جي والدين کي سندن پٽ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ ڪهڙو اولاد ٿيو؟ ان ۾ مختلف قول آهن. امام جعفر صادق جو قول آهي تہ: الله جل جلاله انهن کي نياڻي ڏني جنهن مان ستر نبي ڄاوا. "اردنا" (اسان ارادو ڪيو) ان جي معنيٰ آهي اسان خواهش رکي ۽ الله تعاليٰ کان دعا گهري. ان جي ڪري حضرت خضر عليه السلام جمع متڪلم جو ضمير آندو. (١).

"وَاَمَّا الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِی الْمَدِيْنَةِ وَكَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنْ يَّبْلُغَا اَشُدَّهُمَا وَيَسْتَخْرِجَا كَنْزَهُمَا ۖ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۚ وَمَا فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِیْ ۚ ذٰلِكَ تَاْوِيْلُ مَا لَمْ تَسْطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ۚ" ۽ پريت پوءِ شهر ۾ (رهندڙن) ٻن يتيمن ڇوڪرن جي هئي ۽ ان جي هيٺان انهن ٻنهي جو (لڪل) خزانو هو ۽ سندن پيءُ صالح هو پوءِ تنهنجي رب ارادو فرمايو تہ اهي ٻئي سخت جوانيءَ کي پهچن ۽ پنهنجو خزانو ڪڍن اها تنهنجي رب جي رحمت هئي. ۽ اهو مون پنهنجي حڪم سان نہ ڪيو هو اها واقعي جي حقيقت آهي جن تي تون صبر نہ ڪري سگهندين. يعني پٽ مون ان جي لاءِ سڌي ڪري بيهاري جو اها پٽ شهر ۾ رهندڙن ٻن يتيمن ڇوڪرن جي هئي ۽ ان جي هيٺان انهن جو خزانو رکيل هو جيڪڏهن اها پٽ ڊهي ڪري پوي ها تہ اهو لڪل خزانو ظاهر ٿي پوي ها. رب ڪريم ارادو فرمايو تہ: اهي ٻئي يتيم جوان ٿي وڃن ۽ پنهنجو خزانو ڪڍن ان جي ڪري مون کي حڪم ٿيو تہ پٽ سڌي ڪر ۽ مون سڌي ڪري ڇڏي اها انهن يتيمن تي تنهنجي رب جي طرفان خاص رحمت آهي ۽ مون جيڪو ڪجهہ ڪيو سو پنهنجي طرفان نہ ڪيو. اها انهن واقعن جي حقيقت آهي جن تي تون صبر نہ ڪري سگهئين ۽ اهو ڪم جڏهن تہ مون الله جل جلاله جي امر سان ڪيو تہ ان جو اجورو ڪيئن وٺان. مقصد تہ اها پٽ مون هرويرو سڌي نہ ڪئي آهي حقيقت هيئن آهي تہ اها پٽ ان شهر ۾ رهندڙن ٻن يتيمن ڇوڪرن جي آهي ۽ ان جي هيٺان انهن جو خزانو دفن ٿيل آهي. اهو خزانو ڇا هو؟ حضرت ابودرداءَ رضي الله تعاليٰ عنه نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کان روايت آندي آهي تہ: اهو سون ۽ چاندي هو. اها روايت ترمذي ۽ حاڪم آندي آهي ۽ حاڪم ان کي صحيح سڏيو آهي. سيدنا ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما فرمايو آهي تہ اها سون جي تختي هئي جنهن تي هيٺ نصيحت جا ڪلما لکيل هئا. ۽ هيءَ روايت ٻہ حضرت عثمان بن عفان مرفوعًا نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کان آندي آهي.

(١) المظهري ص٥٩ جلد٦.

١- بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمَانِ الرَّحِيْمِ.
٢- ان شخص جو عجب آهي جيڪو تقدير تي ايمان رکي ٿو ۽ وري غمگين به رهي ٿو.
٣- ان شخص تي عجب آهي جيڪو ان ڳالهه تي ايمان رکي ٿو ته رزق جو ذمو الله تعالىٰ جو آهي ۽ وري ضرورت کان وڌيڪ تکليف ۽ فضول قسم جون ڪوششون ڪري ٿو.
٤- ان شخص تي عجب آهي جيڪو موت تي يقين رکي ٿو ۽ وري خوشيون ڪندو هلندو رهي ٿو.
٥- ان شخص تي عجب آهي جيڪو آخرت جي حساب تي يقين رکي ٿو ۽ وري غفلت ڪندو رهي ٿو.
٦- ان شخص تي عجب آهي جيڪو دنيا ۽ ان ۾ اچڻ وارن انقلابن کي ڄاڻڻ جي باوجود ان تي مطمئن رهي ٿو.
٧- لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ. (ﷺ).

انهن ڇوڪرن جي پيءُ جو نالو ڪاشح هو جيڪو متقي شخص هو ان جي ڪري هنن تي اها مهرباني ٿي هئي ۽ هڪ قول آهي ته اهو انهن ڇوڪرن جو سڳو پيءُ نه پر ستينءُ پيڙهيءَ ۾ ڏاڏو هو ان جي صدقي هنن تي نوازش ٿي رهي هئي.

فائدا

مذڪوره آيتن ۽ واقعي مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- صوفياءِ ڪرام فرمايو آهي ته: جيڪڏهن ڪو شخص الله جل شانه جي ڪنهن ٻانهي کي ڪامل ۽ ڪامل بنائيندڙ سمجهي ان جو مريد ٿيو آهي ته ان تي اعتراض ڪرڻ کان پاسو ڪري. جيڪڏهن شريعت محمديه، جي خلاف ناهي. يا ڪنهن مسئلي ۾ مختلف قول آهن ۽ اهو بزرگ هڪ تي عمل ڪري ٿو ته به ان تي اعتراض نه ڪجي.

٢- قرآن ڪريم جي عظيم مفسر علامه محمد بن احمد انصاري قرطبي لکيو آهي ته "كَرَامَاتُ الْاَوْلِيَاءِ ثَابِتَةٌ عَلٰى مَادَلَّتْ عَلَيْهِ الْاَخْبَارُ الثَّابِتَةُ وَالْاٰيَاتُ الْمُتَوَاتِرَةُ وَلَايُنْكِرُهَا اِلَّا الْمُبْتَدِعُ الْجَاحِدُ اَوِالْفَاسِقُ الْحَائِدُ". (٢).

يعني اولياءُالله جون ڪرامتون ثابت ٿيندڙ حديثن ۽ متواتر آيتن سان ثابت آهن ۽ انهن جو انڪار بدعتي منڪر يا ٽڙي ويندڙ فاسق کان سواءِ ڪير به نه ڪندو ان کان پوءِ علامه موصوف ڪيترا ئي دليل ڏنا آهن جيڪي ڊيگهه جي ڊپ کان نه لکيا اٿم

(١) القرطبي ص٣٨ جلد ١١ . (٢) المظهري ص٥٢ جلد ٦ .

جيكو تحقيق كرڻ گهري اهو تفسير قرطبي ڏسي. (١).

٣- "وَكَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا" (۽ انهن جو پيءُ صالح هو) ان مان ثابت ٿيو ته صالحن جي صدقي ٻين تي خاص ڪري سندن اولاد تي ڪرم ٿيندو آهي. علامه رازي لکيو آهي ته "اِنَّ صَلَاحَ الْاٰبَاءِ يُفِيْدُالْعِنَايَةَ بِاَحْوَالِ الْاَبْنَاءِ". (٢).

يعني پيئرن جو صالح هجڻ پٽن جي مٿان عنايت ڪرڻ جو ذريعو ٿي فائدو ڏي ٿو.

٤- علامه اسماعيل حقي لکيو آهي ته: جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام حضرت خضر عليه السلام کان موڪلايو ٿي ته حضرت خضر عليه السلام کيس فرمايو جيڪڏهن صبر ڪرين ها ته هزارين عجيب کان عجيب ڳالهيون ڏسين ها. اهو ٻڌي حضرت موسىٰ عليه السلام روئي ڏنو ۽ چيائينس ته اي الله جا نبي! مون کي ڪا وصيت ڪر. حضرت خضر فرمايو ته: علم ماڻهن سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ نه ان تي عمل ڪرڻ لاءِ پڙهه ڇوته عمل نه ڪندڙ جي علمي ڳالهين مان ٻيا نفعو وٺندا پاڻ محروم رهندو. (٣).

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنْ ذِی الْقَرْنَيْنِ ؕ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ مِّنْهُ

۽ پڇن ٿا توکان ذي القرنين جي باري ۾ فرماءِ ته جلد پڙهندس اوهان تي ان جو

ذِكْرًا ﴿٨٣﴾ اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِی الْاَرْضِ وَاٰتَيْنٰهُ مِنْ كُلِّ شَیْءٍ

احوال بيشڪ اسان اقتدار ڏنوسون ان کي زمين تي ۽ ڏنو اسان ان کي هر شيءِ مان

سَبَبًا ﴿٨٤﴾ فَاَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٥﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ

سامان، پوءِ پويان لڳو سامان جي تانجو جڏهن پهتو سج جي لهڻ واري جاءِ کي

وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِیْ عَيْنٍ حَمِئَةٍ وَّوَجَدَ عِنْدَهَا قَوْمًا ؕ قُلْنَا

ته لڌائين ان کي لهي پيو تلاءَ گپ واري ۾ ۽ لڌائين ان وٽ هڪ قوم چيو اسان ته

يٰذَاالْقَرْنَيْنِ اِمَّاۤ اَنْ تُعَذِّبَ وَاِمَّاۤ اَنْ تَتَّخِذَ فِيْهِمْ حُسْنًا ﴿٨٦﴾

اي ذوالقرنين! يا عذاب ڪر تون ۽ يا ته ڪر تون انهن ۾ چڱائي

(١) القرطبي صـ٢٨ جلد١١. (٢) التفسيرالكبير صـ١٦٢ جزءُ ٢١. (٣) روح البيان صـ٢٨٨ جلد ٥.

قَالَ اَمَّا مَنْ ظَلَمَ فَسَوْفَ نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ يُرَدُّ اِلٰى رَبِّهٖ

فرمايائين پر جنهن ظلم ڪيو پوءِ جلد عذاب ڪنداسون ان کي ان کان پوءِ موٽايو ويندو رب پنهنجي ڏانهن

فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨٧﴾ وَاَمَّا مَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا

پوءِ عذاب ڪندو ان کي عذاب برو ۽ پر جنهن ايمان آندو ۽ ڪيائين صالح عمل

فَلَهٗ جَزَآءَ ِۨالْحُسْنٰى ۚ وَسَنَقُوْلُ لَهٗ مِنْ اَمْرِنَا يُسْرًا ﴿٨٨﴾

پوءِ ان جي لاءِ بدلو سنو آهي ۽ عنقريب چونداسون ان لاءِ امر پنهنجي مان سولائي (جهڙو ڪم).

تفسير

اڳين آيتن ۾ يهودين جي طرفان موڪليلن ٻن سوالن جا جواب بيان ٿيا ۽ هتان کان انهن جي ٽئين سوال جو جواب ڏيندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنْ ذِي الْقَرْنَيْنِ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًا" ۽ اوهان کان ذوالقرنين جو پڇن ٿا فرماءِ ته- عنقريب مان اوهان جي اڳيان ان جو بيان پڙهندس.

ذوالقرنين جي متعلق ضروري سمجهڻ واريون ڳالهيون

ڄاڻڻ گهرجي ته هن سڄي رڪوع ۾ ذوالقرنين جو بيان آهي ان جي ڪري هن کي چڱي طرح سمجهڻ جي لاءِ هنن ڳالهين جي وضاحت ضروري آهي.

ذوالقرنين ڪير هو؟

هي هڪ صالح، عادل بادشاهه هو جيڪو مشرق ۽ مغرب گهميو ۽ اتي جا ملڪ فتح ڪيائين. اتي عدل ۽ انصاف جي حڪمراني قائم ڪيائين الله جل شانه جي طرفان ان کي هر قسم جو سامان مهيا ڪيو ويو ان دنيا جي ٽن طرفن ۾ سفر ڪيو. اولهه جي دنگ، اوڀر جي دنگ ۽ ڏکڻ ۾ جابلو علائقن تائين پهتو- اتي پاڻ ٻن جبلن جي وچ ۾ عظيم الشان لوهي پت ڏياري ان علائقي جي ماڻهن کي ياجوج

ماجوج جي حملن کان محفوظ ڪرايائين. (١).

ذوالقرنين سڏجڻ جو سبب ۽ نالو مبارڪ

ڪيس ذوالقرنين ان جي ڪري سڏيو ويو جو سج جي ٻن پاسن اوڀر ۽ اولهه تائين پهتو هو، سندس نالو مبارڪ سڪندر بن فيلقوس هو. مجاهد جو قول آهي تہ روءِ زمين جا بادشاهہ چار ٿي گذريا آهن، ٻہ مومن، هڪ سيدنا سليمان عليه السلام ٻيو ذوالقرنين. ٻہ ڪافر، هڪ نمرود، ٻيو بخت نصر. (٢). ۽ هن امت مان بہ هڪ روءِ زمين جو بادشاهہ ٿيندو ۽ اهو حضرت امام مهدي هوندو. (٣).

ضروري وضاحت

ياد رکڻ گهرجي تہ هڪ سڪندر حضرت عيسىٰ عليه السلام کان ٽي سئو (٣٠٠) سال پهريان گذريو آهي جنهن کي سڪندر يوناني، مقدوني، رومي وغيره سڏيو ويو آهي ارسطو ان جو وزير هو دارا سان جنگ ڪري ان کي قتل ڪري ان جو ملڪ فتح ڪيو هيائين دنيا ۾ ان جا قصا گهڻا مشهور آهن. بعضي ماڻهن قرآن پاڪ وارو ذوالقرنين ان کي سڏيو آهي پر اهو سراسر غلط آهي ڇوتہ اهو شخص باهہ جي پوڄا ڪندڙ، مشرڪ هو قرآن ڪريم ۾ جنهن ذوالقرنين جو ذڪر آهي ان جي نبي هجڻ ۾ ڪٿي اختلاف آهي پر ان جي صالح، مومن، متقي هجڻ ۾ ڪوبہ اختلاف ناهي قرآن پاڪ جو نص ان تي شاهد آهي. علامه ابن ڪثير جي تحقيق موجب قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل سڪندر ذوالقرنين جو زمانو. يوناني، مقدوني سڪندر کان ٻہ هزار سال اڳ ۾ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه السلام وارو دور آهي. حضرت خضر عليہ السلام ان جو وزير هو. اهو سڪندر پيادل مکه مکرمه ۾ حج لاءِ آيو هو جڏهن سيدنا ابراهيم خليل عليه السلام کي ان جي اچڻ جي خبر پئي تہ پاڻ مکه مکرمه کان ٻاهر نڪري ان جو استقبال ڪري ان کي دعا ڪرڻ سان گڏ ڪجهہ نصيحتون ۽ وصيتون بہ ڪيون هيائين. (۴).

ذوالقرنين جا ٽي سفر ڪهڙي پاسي ٿيا ۽ ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟

سڪندر ذوالقرنين جو هڪ سفر سج جي لهڻ واري پاسي تائين ٿيو هو.

---

(١) معارف القرآن صـ٦١٦ جلد ٥. (٢) تنويرالاذهان صـ٣٩٧ جلد ٢.
(٣) القرطبي صـ۴٨ جلد ١١. (۴) البداية والنهاية صـ١٠٨ جلد٢.

ملڪ فتح ڪندي سمنڊ جي ڪناري تي پهتو. سج تہ پنهنجي آسماني مدار ۾ متحرڪ رهندو آهي پاڻيءَ ۾ ٻڏندو ناهي پر سمنڊ جي ڪناري تي بيهڻ واري کي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ سج سمنڊ ۾ لهي ويو. تڏهن "وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِي عَيْنٍ حَمِئَةٍ" ارشاد ٿيو آهي. ان جو ٽيو سفر اوپر طرف ٿيو ۽ اوپر جي ڇيڙي وارن علائقن ۾ بعضي لڏا ڪٽي هلندڙن قبيلن اتي فتني ۽ فساد جي باهہ ڀڙڪائي ڇڏي هئي انهن کي هيٺ ڪرڻ جي لاءِ پاڻ اوپر روانو ٿيو اتي پهچي سيني کي مسخر ۽ مطيع بنايائين ۽ اڳتي جبلن جي نہ ڪٽڻ واري سلسلي هجڻ جي ڪري وڌڻ جي لاءِ ڪو رستو نہ هو. پر اتي جي لڏا ڪٽندڙن کي بہ پاڻ سڌاري صحيح ڪري ڇڏيو هيائين.

سَدّ سڪندري ڇا ۽ ڪٿي آهي؟

قرآن ڪريم ٻڌايو آهي تہ ذوالقرنين ٻن جبلن جي وچ واري هنڌ تي پهتو اتي ان جي هڪ اهڙي قوم سان ملاقات ٿي جيڪي سنڌس ٻولي نہ پيا سمجهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل "سَد" ڪاڪيشيا جي جابلو هنڌ ۾ آهي جنهن جي سڄي پاسي بحر خزر آهي جنهن ڏکڻ ۽ اوپر جو رستو روڪي ڇڏيو آهي ٻئي پاسي ڪارو سمنڊ آهي جيڪو ڏکڻ اولهہ لاءِ قدرتي رڪاوٽ آهي وچواري علائقي ۾ اتي جو آسمان سان مٿو ملائيندڙ جبل هڪ قدرتي ڀت جو ڪم ڏئي رهيو آهي ان جي وچ واري هنڌ کان سواءِ شمالي قبيلن جي اچڻ لاءِ ڪو رستو ناهي ۽ اتان کان ئي ياجوج ماجوج انهن تي حملو ڪري هنن کي تباهہ ڪندا هئا ۽ انهن جي لاءِ امن امان جو رستو نہ رهيو هو ۽ انهن ئي ذوالقرنين کي درخواست ڪئي هئي تہ ڪين ياجوج ماجوج کان تحفظ ڏنو وڃي. قرآن پاڪ جي تصريحات مان معلوم ٿئي ٿو تہ ذوالقرنين صرف مومن ئي نہ هو پر وڏو فياض ۽ رعيت جو همدرد بہ هو. بحر خزر جي اولهہ واري ڪناري تي هڪ پراڻو شهر دربند آباد آهي جتي ڪاڪيشيا جي جبلن جو سلسلو ختم ٿئي ٿو ۽ بحر زخر سان ملي ٿو. اتي اها سد (ڀت) آهي جنهن جي ڊيگهہ پنجاه ميل ۽ بلندي اوٽنيهہ فٽ ۽ ٿلهائي ڏهہ فٽ آهي. (١). والله اعلم.

"اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِى الْاَرْضِ وَاٰتَيْنٰهُ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ سَبَبًا" يقينًا اسان ان کي زمين ۾ اقتدار ڏنو ۽ اسان ان کي هر شيءِ جو سامان عطا ڪيو. يعني هر اها شيءِ ۽ رستو همورا ڪيو جنهن سان پنهنجي حڪومت جي اهم ڪمن ۽ مقاصد تائين پهچڻ ۾

(١) ضياءالقرآن صہ٥٠ جلد٣.

كيس آساني ٿئي "حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَغۡرِبَ الشَّمۡسِ وَجَدَهَا تَغۡرُبُ فِىۡ عَيۡنٍ حَمِئَةٍ وَّوَجَدَ عِنۡدَهَا قَوۡمًا" تانجو جڏهن سج لهڻ جي جاءِ تي پهتو تہ ان کي گپ واري تلاءَ ۾ لهندو محسوس ڪيائين ۽ ان وٽ هڪ قوم ڏٺائين. مقصد تہ سمنڊ جي ڪناري تي بيٺي ائين سمجهيائين تہ سج ان گپ واري تلاءَ ۾ لهي ويو ۽ جيڪو بہ شام جو سج لهڻ وقت سمنڊ جي ڪناري تي بيهندو ان کي ائين سج لهندي محسوس ٿيندو. نہ تہ اها ڳالهہ تہ معلوم آهي تہ: زمين هڪ ڪره آهي ۽ آسمان ان کي احاطي ۾ آٽيو وينو آهي ۽ سج زمين کان ڪيترائي حصا وڏو آهي تہ اهو زمين جي هڪ گپ واري تلاءَ ۾ ڪيئن لهي سگهندو؟ (١).

سڪندر ذوالقرنين اتي هڪ اهڙي قوم سان مليو جيڪي بتن ۽ پٿرن جي پوڄا ڪندا هئا. "قُلۡنَا يٰذَا الۡقَرۡنَيۡنِ اِمَّاۤ اَنۡ تُعَذِّبَ وَاِمَّاۤ اَنۡ تَتَّخِذَ فِيۡهِمۡ حُسۡنًا" اسان فرمايو تہ: اي ذوالقرنين يا (انهن کي) عذاب ڏيڻو پوندئي يا انهن سان سهڻو سلوڪ رکڻو پوندئي. مقصد تہ جيڪڏهن اهي اسلام جي دعوت جو انڪار ڪري نتا مڃين تہ پوءِ عذاب جي لائق آهن ۽ جيڪڏهن اسلام قبول ٿا ڪن تہ پوءِ انهن سان سهڻو سلوڪ رکڻو اٿئي. "قُلۡنَا" اسان چيو. الله تعاليٰ سڪندر ذوالقرنين کي ڪيئن اهو حڪم ڪيو، قشيري عليہ الرحمتہ فرمايو آهي تہ! جيڪڏهن نبي هو تہ وحي سان ۽ جيڪڏهن ولي هو تہ الهام سان. الله تعاليٰ ذوالقرنين کي اختيار ڏنو هو تہ ٻنهي صورتن مان جيڪا صورت بيهي ان تي عمل ڪر. (٢).

"قَالَ اَمَّا مَنۡ ظَلَمَ فَسَوۡفَ نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ يُرَدُّ اِلٰى رَبِّهٖ فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكۡرًا" فرمايائين تہ جنهن ظلم ڪيو ان کي اسين جلد سزا ڏينداسون ان کان پوءِ پنهنجي رب ڏانهن موٽايو ويندو، اهو ان کي سخت عذاب ڪندو. مقصد تہ ڪفر ڪري پاڻ تي ظلم ڪرڻ وارو هتي بہ عذاب ۾ هوندو تہ قيامت جي ڏينهن بہ جهنم ۾ وڌو ويندو. "وَاَمَّا مَنۡ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ۨالۡحُسۡنٰى‌ ۚ وَسَنَقُوۡلُ لَهٗ مِنۡ اَمۡرِنَا يُسۡرًا" ۽ جنهن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ان لاءِ سهڻو بدلو آهي ۽ اسين پنهنجي حڪم مان بہ ان جي لاءِ آسان حڪم ڪنداسون "الۡحُسۡنٰى" ان مان مراد جنت آهي. مقصد تہ مومن نيڪ صالح بهشت ۾ تہ ويندو پر اسين بہ ان کي ڪو سخت حڪم نہ ڪنداسون آساني ڏينداسون.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا. "اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِى الۡاَرۡضِ" (اسان ان کي زمين ۾ اقتدار ڏنو) ان مان واضح ٿيو تہ: ڪير بہ وڏو بادشاهہ پاڻ نٿو بڻجي

(١) تنوير الاذهان صـ٣٩٨ جلد ٢. (٢) القرطبي صـ٥٢ جلد ١١.

سگهي. الله جل شانه ان کي اهو اقتدار ڏنو آهي ان کي مغرور ٿيڻ جي بجاءِ الله جل شانه جو شکر ادا ڪرڻ گهرجي. ٢- "قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًا" (فرماءِ تہ مان عنقريب اوهان کي ان جا حالات بيان ڪري ٻڌائيندس) هتي الله تعالىٰ "ذِكْرَهٗ" جي بجاءِ "مِنْهُ ذِكْرًا" آڻي ارشاد فرمايو تہ قرآن پاڪ اوهان کي ذوالقرنين جو پوري تفصيل سان واقعو نٿو ٻڌائي ڪجھ اهم ڳالهيون بيان ڪري ٿو. جنهن تي "مِنْ" جو حرف ۽ "ذِكْرًا" تي آيل تنوين دلالت ڪري رهيا آهن.

ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٩﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا

ان کان پوءِ پويان لڳو هڪ سامان جي تانجو جڏهن پهتو جاءِ سج ايرڻ جي کي تہ ڏٺائين ان کي تہ

تَطْلُعُ عَلٰى قَوْمٍ لَّمْ نَجْعَلْ لَّهُمْ مِّنْ دُوْنِهَا سِتْرًا ﴿٩٠﴾

ايري پيو هڪ قوم تي جو نہ ٺاهيو اسان انهن لاءِ ان کان سواءِ ڪو پردو

كَذٰلِكَ ۚ وَقَدْ اَحَطْنَا بِمَا لَدَيْهِ خُبْرًا ﴿٩١﴾

اهڙي طرح ۽ تحقيق قابو رکيو اسان ان کي جيڪا ان وٽ آهي خبر.

تفسير

اڳين آيتن ۾ سڪندر ذوالقرنين جو قصو هو ۽ هنن آيتن ۾ بہ ان جو ذڪر هلي رهيو آهي. فرمان عالي شان آهي "ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَطْلُعُ عَلٰى قَوْمٍ لَّمْ نَجْعَلْ لَّهُمْ مِّنْ دُوْنِهَا سِتْرًا" تنهن کان پوءِ هڪ سامان جي پويان هليو تانجو جڏهن سج ايرڻ واري جاءِ تي پهتو تہ ان کي اهڙي قوم تي ايرندي ڏٺائين جن لاءِ سج کان سواءِ ڪو پردو نہ بنايو هوسين. مقصد تہ ذوالقرنين اوير طرف بہ اتي پهتو جتي سامان، تنبن، لباس وغيره جو ڪو انتظام نہ هو. انهن سان بہ سڪندر ذوالقرنين اهڙوئي رويو رکيو هوندو جهڙو اولهہ طرف وارن سان رکيو هو. (١).

(١) معارف القرآن صہ٦٢٣ ج ٥.

"كَذٰلِكَؕ وَقَدْ اَحَطْنَا بِمَا لَدَيْهِ خُبْرًا" آهڙي طرح ۽ جيڪا ان وٽ خبر هئي ان ڪي اسان قابوءَ ۾ رکيو آهي. هن ۾ امتحان طور نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم کان ذوالقرنين جي متعلق سوال ڪندڙن ڪي متنبه ڪيو ويو آهي ته اسين ذوالقرنين جي متعلق جيڪو ڪجهه اوهان کي ٻڌايون ٿا اهو اسان جي علم ۽ خبر رکڻ جي بنياد تي آهي تانته محمدي نبوت جي حقانيت واضح ٿئي اهو عام تاريخي ڳالهين وانگر ناهي. (١).

ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٩٢﴾ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ بَيْنَ السَّدَّيْنِ وَجَدَ مِنْ

ان کان پوءِ پويان هليو سامان جي تانجو جڏهن پهتو ٻن بندن جي وچ ۾ ته ڏٺائين پويان

دُوْنِهِمَا قَوْمًاۙ لَّا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ قَوْلًا ﴿٩٣﴾ قَالُوْا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ

انهن ٻنهي جي هڪ قوم جيڪي نٿا ويجها ٿين جو سمجهن ڳالهه چيائون ته اي ذوالقرنين!

اِنَّ يَاْجُوْجَ وَمَاْجُوْجَ مُفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ فَهَلْ نَجْعَلُ

بلاشڪ ياجوج ۽ ماجوج فساد ڪندڙ آهن زمين ۾ پوءِ ڇا مقرر ڪيون

لَكَ خَرْجًا عَلٰٓى اَنْ تَجْعَلَ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُمْ سَدًّا ﴿٩٤﴾ قَالَ

تولاءِ محصول؟ هن بناء تي ته ناهين تون اسان جي ۽ انهن جي وچ ۾ بند چيائين ته

مَا مَكَّنِّىْ فِيْهِ رَبِّىْ خَيْرٌ فَاَعِيْنُوْنِىْ بِقُوَّةٍ اَجْعَلْ بَيْنَكُمْ

جيڪا طاقت ڏني مون کي ان ۾ منهنجي رب اها ڀلي آهي پوءِ مدد ڪيو منهنجي جسماني قوت سان ته ناهيان مان اوهان جي

وَبَيْنَهُمْ رَدْمًا ﴿٩٥﴾ اٰتُوْنِىْ زُبَرَ الْحَدِيْدِؕ حَتّٰٓى اِذَا سَاوٰى بَيْنَ الصَّدَفَيْنِ

۽ انهن جي وچ ۾ ٿلهي پٽ آڻي ڏيو مون کي ٽڪرا لوهه جا تانجو جڏهن برابر بنايائين (اها پٽ) ٻنهي جبلن جي وچ ۾

قَالَ انْفُخُوْاؕ حَتّٰٓى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًاۙ قَالَ اٰتُوْنِىْٓ اُفْرِغْ

چيائين ته ڌوڻ سان ڦوڪيو تانجو جڏهن ان کي باهه بنايائين چيائين آڻي ڏيو مون کي ته پلٽايان

(١) بيان القرآن مع معارف القرآن صـ٢٢٣ جلد٥.

عَلَيۡهِ قِطۡرًا ﴿٩٦﴾ فَمَا اسۡطَاعُوۡۤا اَنۡ يَّظۡهَرُوۡهُ وَمَا اسۡتَطَاعُوۡا

ان تي پگھاريل ٽامون پوءِ نہ سگھيا جو چڙهڻ ان تي ۽ نہ ڪري سگھيا

لَهٗ نَقۡبًا ﴿٩٧﴾ قَالَ هٰذَا رَحۡمَةٌ مِّنۡ رَّبِّيۡ ۚ فَاِذَا جَآءَ

ان ۾ ڪا سرنگھہ فرمايائين تہ هيءَ رحمت آهي منهنجي رب جي طرفان پوءِ جڏهن ايندو

وَعۡدُ رَبِّيۡ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ وَكَانَ وَعۡدُ رَبِّيۡ حَقًّا ﴿٩٨﴾

وعدو منهنجي رب جو تہ ڪندو ان کي سنئون سڌو ۽ آهي وعدو منهنجي رب جو سچو.

تفسير

اڳين آيتن وانگر هتي ۾ بہ ذوالقرنين جو ذڪر هلي رهيو آهي. فرمان ايزدي آهي، "ثُمَّ اَتۡبَعَ سَبَبًا حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ بَيۡنَ السَّدَّيۡنِ وَجَدَ مِنۡ دُوۡنِهِمَا قَوۡمًا لَّا يَكَادُوۡنَ يَفۡقَهُوۡنَ قَوۡلًا" ان ڪان پوءِ سامان جي پويان هليو تانجو جڏهن ٻن بندن جي وچ تي پهتو تہ انهن (ٻنهي بندن) جي پويان اهڙي قوم ڏٺائين جيڪي ڪابہ ڳالھ سمجهي نہ پيا سگهن. يعني ٻن بندن (جبلن) جي پويان اهڙي قوم سان مليو جيڪي ٻوليءَ جي لحاظ سان بالڪل اڻ واقف ۽ وحشيانہ زندگي گذاري رهيا هئا ڪابہ ڳالھ سمجهي نٿي سگهيا. پر پوءِ شايد ڪنهن ترجمان جي واسطي سان انهن عرض ڪيو هوندو. (١).

"قَالُوۡا يٰذَا الۡقَرۡنَيۡنِ اِنَّ يَاۡجُوۡجَ وَمَاۡجُوۡجَ مُفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَهَلۡ نَجۡعَلُ لَكَ خَرۡجًا عَلٰٓى اَنۡ تَجۡعَلَ بَيۡنَنَا وَبَيۡنَهُمۡ سَدًّا" عرض ڪيائون تہ: اي ذوالقرنين! بلاشڪ ياجوج ۽ ماجوج زمين تي فساد ڪندڙ آهن پوءِ ڇا اسين تنهنجي لاءِ ڪو محصول مقرر ڪيون جو تون اسان ۽ انهن جي وچ ۾ بند ٺاهي ڇڏين. يعني مال اسان ڪان وٺ ۽ انتظام تون ڪريِ اسان ۽ ياجوج ماجوج جي وچ ۾ ڪو بند (پٽ) ڏيئي ڇڏ.

ياجوج ۽ ماجوج ڪير آهن

مفتي احمد يارخان نعيمي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ: اهي يافث بن نوح عليه

(١) ساڳيو حوالو.

السلام جي اولاد مان آهن، نهايت قوت وارا ۽ وڏا فسادي هئا. اتان هلي اچي هن قوم جي پوک ۽ باغ تباهه ڪري ڇڏيندا هئا، سڪل شيون کڻي ويندا هئا ۽ نانگ ۽ وڇون به ڪائي ويندا هئا، ماڻهن، چوپاين ۽ درندن کي به ڪائيندي دير نه ڪندا هئا نهايت قد آور هئا ۽ سندن سڄو بدن وارن سان ڍڪيل هوندو هو. (١).

"قَالَ مَا مَكَّنِّيْ فِيْهِ رَبِّيْ خَيْرٌ فَاَعِيْنُوْنِيْ بِقُوَّةٍ اَجْعَلْ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ رَدْمًا" فرمايائين ته جيڪا مون کي منهنجي رب طاقت ڏني آهي اها ڀلي آهي پوءِ اوهان (پنهنجي) طاقت سان منهنجي مدد ڪيو ته اوهان ۽ انهن جي وچ ۾ مضبوط ڀت ٺهرائي ڇڏيان. مقصد ته مون کي الله تعالىٰ هر قسم جي دولت ۽ سامان سان نوازيو آهي اهو مون لاءِ ڀلو آهي اوهان جي محصول وغيره جي مون کي ضرورت ناهي پر هن ڀت ٺهرائڻ ۾ اوهان پنهنجي طاقت آهر مدد ڪيو ته اوهان جي حفاظت لاءِ ڀت ڏياري ڇڏجي. "اٰتُوْنِيْ زُبَرَ الْحَدِيْدِ" مون کي لوهه جا ٽڪرا آڻي ڏيو. پوءِ ان زمين ۾ پاڻيءَ تائين بنياد کوٽائي ٽامي پگهريل سان ان ۾ پٿر مضبوط ڪيا ويا ۽ هيٺان ۽ مٿان لوهه جا ٽڪرا رکي وچ ۾ ڪاٺيون ۽ ڪوئلو ڀري باهه ڏيئي ان کي ڌنوڻ سان ڦوڪيو ويو. جيئن ارشاد ٿي رهيو آهي "حَتّٰى اِذَا سَاوٰى بَيْنَ الصَّدَفَيْنِ قَالَ انْفُخُوْا حَتّٰى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا قَالَ اٰتُوْنِيْ اُفْرِغْ عَلَيْهِ قِطْرًا" تانجو جڏهن ٻنهي جبلن سان (ڀت) برابر ڪيائين ته فرمايائين ڌنوڻ سان ڦوڪرايو". تانجو جڏهن ان کي باهه ڪري ڇڏيائين ته فرمايائين مون وٽ پگهرايل ٽامو کڻي اچو ته مٿان پلٽائي ڇڏيانس. تانته اهو ڳريل ٽامو ان ڀت جو پلستر بڻجي ويجي "فَمَا اسْطَاعُوْا اَنْ يَّظْهَرُوْهُ وَمَا اسْتَطَاعُوْا لَهٗ نَقْبًا" پوءِ نه ان تي چڙهي سگهيا ۽ نه ان ۾ سرنگ ڪڍي سگهيا. مطلب ته گهڻو مٿي هجڻ جي ڪري چڙهي نه سگهيا ۽ گهڻي مضبوط ۽ ٿلهي هجڻ جي ڪري ان مان سرنگهه هڻي لنگهي نه سگهيا. "قَالَ هٰذَا رَحْمَةٌ مِّنْ رَّبِّيْ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ رَبِّيْ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ وَكَانَ وَعْدُ رَبِّيْ حَقًّا" فرمايائين ته هي منهنجي رب جي رحمت آهي پوءِ جڏهن منهنجي رب جو وعدو (قيامت وارو) ايندو ته ان کي ٽڪرا ڪري سنئون سڌو رستو ڪري ڇڏيندو ۽ منهنجي رب جو وعدو سچو آهي. يعني حضرت ذوالقرنين فرمايو ته: هيءَ ڀت نهي وجڻ منهنجي رب جي مون لاءِ به رحمت آهي جو منهنجي هٿان تيار ڪرائي وئي ۽ ان قوم لاءِ به رحمت آهي جيڪي ياجوج ماجوج جي عذاب کان بچي ويا. پر جڏهن قيامت اچڻ جو دور ويجهو ٿيندو ۽ انهن ياجوج ماجوج جي نڪرڻ جو وقت ايندو ته الله تعالىٰ ان مضبوط ديوار کي به ذرا ذرا ڪري ختم ڪري ڇڏيندو.

(١) نورالعرفان صـ ٤٨٣.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿيا. ١- "قَالُوْا يٰذَاالْقَرْنَيْنِ" الاية. (چيائون تـ اي ذوالقرنين) آيت مان واضح ٿيو تـ مظلوم کي گهرجي تـ ظالم جي ظلم جي وقت جي بادشاهه کي دانهن ڏي ۽ بادشاهه کي گهرجي تـ انهن جي هر ممڪن مدد ڪري انهن کي محفوظ رکي عوام کي هر سهوليت ڏي. (١).

٢- "اَعِيْنُوْنِيْ بِقُوَّةٍ" (منهنجي پنهنجي طاقت آهر مدد ڪيو) ان مان ثابت ٿيو تـ ظاهر ۾ ڪنهن کان مدد گهرڻ منع ناهي جيئن الله تعالىٰ بيءَ آيت ۾ فرمايو آهي "تَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى". (٢). نيڪي ۽ تقوىٰ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريو.

وَتَرَكْنَا بَعْضَهُمْ يَوْمَئِذٍ يَّمُوْجُ فِيْ بَعْضٍ وَّنُفِخَ

۽ ڇڏيندا هڪڙن کي انهن مان ان ڏينهن ٻاڻ ڏيندا ٻين تي ۽ ڦوڪ ڏني ويندي

فِى الصُّوْرِ فَجَمَعْنَاهُمْ جَمْعًا ﴿٩٩﴾ وَّعَرَضْنَا جَهَنَّمَ يَوْمَئِذٍ

صور ۾ پوءِ گڏ ڪري آڻينداسون انهن کي يقينًا ۽ آڻينداسون جهنم ان ڏينهن

لِّلْكٰفِرِيْنَ عَرْضًا ﴿١٠٠﴾ الَّذِيْنَ كَانَتْ اَعْيُنُهُمْ فِيْ غِطَآءٍ

ڪافرن جي لاءِ جيئن سامهون آڻجي انهن کي اهي جو هيون اکيون انهن جون پردي ۾

عَنْ ذِكْرِيْ وَكَانُوْا لَايَسْتَطِيْعُوْنَ سَمْعًا ﴿١٠١﴾ع اَفَحَسِبَ الَّذِيْنَ ١١/٩/٢

منهنجي ذڪر کان ۽ نٿي سگهيا ٻڌي ڇا پوءِ سمجهيو انهن جن

كَفَرُوْٓا اَنْ يَّتَّخِذُوْا عِبَادِيْ مِنْ دُوْنِيْٓ اَوْلِيَآءَ ۭ

ڪفر ڪيو تـ بنائين ٻانهن منهنجن کي مون کان سواءِ دوست

اِنَّآ اَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ نُزُلًا ﴿١٠٢﴾

بيشڪ اسان تيار ڪيو جهنم ڪافرن جي لاءِ مهماني بنائي.

(١) القرطبي ص٦٠ جلد١١. (١) سورة المائده آيت ٢.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ذوالقرنين جي طرفان ياجوج ماجوج جي رستي کي روڪڻ لاءِ پت ڏيڻ جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ ياجوج ۽ ماجوج جي ان وقت جو حال بيان ڪيو ويو آهي جنهن وقت سندن رستو کلندو. فرمان مبارڪ آهي. "وَتَرَكْنَا بَعْضَهُمْ يَوْمَئِذٍ يَمُوجُ فِي بَعْضٍ" ۽ اسين ان ڏينهن ڇڏينداسون ته گهڻي هجڻ جي ڪري هڪ ٻئي تي ڳاٽ ڪٽي وري ويندا ۽ هڪ ٻئي کان وڌڻ جي ڪوشش ڪندا. ظاهر آهي ته "بَعْضَهُمْ" جو ضمير ياجوج ماجوج ڏانهن وري ٿو ۽ اهو انهن جو حال ان وقت ٿيندو جڏهن رستي کلڻ جي ڪري جبلن جي چوٽين تان زمين ڏانهن لهڻ تي تکڙ ڪري هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا. (١).

"وَنُفِخَ فِي الصُّورِ فَجَمَعْنَاهُمْ جَمْعًا وَعَرَضْنَا جَهَنَّمَ يَوْمَئِذٍ لِلْكَافِرِينَ عَرْضًا الَّذِينَ كَانَتْ أَعْيُنُهُمْ فِي غِطَاءٍ عَنْ ذِكْرِي وَكَانُوا لَا يَسْتَطِيعُونَ سَمْعًا". ۽ صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي پوءِ اسين انهن سڀني کي گڏ ڪنداسون ۽ انهن ڪافرن جي اڳيان جن جون اکيون منهنجي ذڪر کان پردي ۾ هيون ۽ ٻڌي نه سگهندا هئا جهنم سامهون آڻي بيهارينداسون. يعني ياجوج ماجوج جو رستو کلڻ ۽ سندن نڪرڻ کان پوءِ ڪجهه عرصو گذرندو ته (حضرت) اسرافيل عليه السلام کان صور ۾ ڦوڪ ڏياري ويندي جنهن سان سڄو جهان فنا ٿي ويندو ۽ ان کان وري ٻيو پيرو ڦوڪ ڏياري ويندي ته سڀ جيئرا ٿي پوندا. ان کان پوءِ سڀئي محشر جي ميدان ۾ گڏ ڪيا ويندا ۽ بعد ۾ ڪافرن جي اڳيان جن جون اکيون حق نه ڏسنديون هيون ڪفر جي اونڌهه ۾ هجڻ جي ڪري منهنجي ذڪر کان ڇڻ ڍڪيون پيون هيون ۽ حق ٻڌي نٿي سگهيا جهنم سندن سامهون آندو ويندو. ڇوته حق جي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارا رستا بند ڪري ڇڏيا هيائون.

"أَفَحَسِبَ الَّذِينَ كَفَرُوا أَنْ يَتَّخِذُوا عِبَادِي مِنْ دُونِي أَوْلِيَاءَ إِنَّا أَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكَافِرِينَ نُزُلًا" ڇا ڪافر سمجهن ٿا ته منهنجن ٻانهن کي مون کان سواءِ دوست بنائين، اسان ڪافرن جي لاءِ جهنم کي مهماني بنائي تيار ڪيو آهي. هتي "عِبَادِي" مان مراد ملائڪ، حضرت عيسىٰ ۽ حضرت عزيز عليهما السلام آهن. (٢).

منهنجن ٻانهن حضرت عيسىٰ، عليه السلام حضرت عزيز عليه السلام ۽

(١) معارف القرآن صه٦٤٤ جلد٥ (٢) المظهري صه٧٢ جلد ٦.

ملائڪن ڪي مون سان شريڪ بنائي يا منهنجو اولاد چئي انهن کي دوست بنائيندا؟ ائين ٿي نٿو سگهي جيڪو بہ ڪافر آهي ان ڪان الله جا ملائڪ ۽ انبياءِ عليهم السلام ناراض رهندا. دوست نہ رهندا ۽ اسان ڪافرن جي لاءِ جهنم کي مهماني بنائي رکيو آهي. (١).

فائدو: مذڪوره آيت جي لفظ "مِنْ دُوْنِيْ" جي وضاحت ڪندي علماءِ ڪرام لکيو آهي تہ قرآن ڪريم ۾ تورين جاين کي ڇڏي ڪري باقي گهڻين جاين تي "مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ" بتن ۽ الله جي بارگاهہ کان تڙيلن تي ڳالهايل آهي ۽ الله جي پيارن لاءِ "اَوْلِيَآءَ اللّٰه" آيو آهي اولياءُ الله جي دشمنن، باطل معبودن کي هڪ سمجهڻ يا بتن جي لاءِ آيل آيتن کي انبياءِ ڪرام عليهم السلام ۽ اولياءِ عظام جي لاءِ سمجهڻ گمراهي آهي.

قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا ﴿١٠٣﴾ اَلَّذِيْنَ ضَلَّ

فرماءِ تہ: ڇا خبر ڏيون اسين اوهان کي تہ وڌيڪ نقصان وارا عملن جي لحاظ سان ڪير آهن؟ اهي جو گم ٿي

سَعْيُهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ

ڪوشش انهن جي حياتيءَ دنيا جيءَ ۾ ۽ اهي سمجهن ٿا تہ بيشڪ اهي سهڻو ڪم ڪن ٿا

صُنْعًا ﴿١٠٤﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَلِقَآئِهٖ

اهي ئي آهن جن انڪار ڪيو آيتن رب پنهنجي جو ۽ ان سان ملڻ جو

فَحَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيْمُ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَزْنًا ﴿١٠٥﴾

پوءِ ڇڻ ٿيا اعمال انهن جا پوءِ نہ قائم ڪنداسون انهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن ڪا تور

ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوْا وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ

اهو بدلو انهن جو جهنم آهي سببان ان جي جو ڪفر ڪيائون ۽ بنايائون آيتن منهنجين

وَرُسُلِيْ هُزُوًا ﴿١٠٦﴾

۽ رسولن منهنجن کي چٿر.

(١) نورالعرفان صـ٤٨٤.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ اسان ڪافرن جي مهمانيءَ لاءِ جهنم تيار ڪيو آهي ۽ هتي ٻڌايو ويو تہ اهي عملن جي لحاظ سان بہ نقصان وارا آهن. فرمان عاليشان آهي "قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا" ڇا اسين اوهان کي انهن جي خبر ڏيون جيڪي اعمال جي لحاظ سان تمام نقصان وارا آهن. مقصد تہ عمل بہ ڪندا پر انهن جو ڪين ڪو فائدو نہ ملندو. نقصان ۾ ويندا- "اَلَّذِيْنَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا" اهي جن جي دنياوي حياتي واري ڪوشش گم ٿي وئي ۽ اهي اهو پيا سمجهن تہ يقينًا اهي سهڻو ڪم ڪن ٿا. يعني ڪين ذهن ۾ نہ آهي تہ سندن اعمال برباد ٿي ويا آهن "اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَلِقَآئِهٖ فَحَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيْمُ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَزْنًا" اهي ئي آهن جن پنهنجي رب جي آيتن ۽ ان سان ملڻ جو انڪار ڪيو پوءِ سندن اعمال ڇٽ ٿي ويا انهن جي لاءِ تور قائم نہ ڪنداسون. يعني ڪافرن الله تعالىٰ جي آيتن ۽ الله تعالىٰ سان ملڻ جو انڪار ڪيو ان جي ڪري سندن اعمال ڇٽ ٿي ويا. ۽ جڏهن اعمال هوندا ئي نہ، تہ تور ڇاجي ٿيندي. ان جي ڪري فرمان ٿيو تہ اسين انهن جي لاءِ وزن قائم ئي نہ ڪنداسون "ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوْا وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَرُسُلِيْ هُزُوًا" ان سببان جو انهن ڪفر ڪيو ۽ منهنجي آيتن ۽ منهنجن رسولن عليهم السلام سان چٿرون ڪندا هئا اهي انهن جو بدلو جهنم آهي. معلوم ٿيو تہ قرآن پاڪ جي آيتن ۽ الله جل جلالہ جي نبين عليهم السلام سان چٿر ڪرڻ انهن جو بي ادب ٿيڻ اهڙو گناهہ آهي جنهن جي لاءِ ڪا معافي ناهي ۽ انهن جي سزا جهنم آهي گستاخن ۽ بي ادبن جا نيڪ اعمال ڪيترا بہ گهڻا هوندا پر بي ادبيءَ جي ڪري برباد ٿي ويندا تور ۾ ئي نہ ايندا.

فائدو

"بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا" (اعمال جي لحاظ سان تمام گهڻي نقصان وارا) ان مان ثابت ٿيو تہ صفا عمل نہ ڪندڙن کان بہ اهو عمل ڪرڻ وارو وڌيڪ نقصان ۾ آهي جنهن بي ادب ٿي پنهنجن عملن کي پاڻ ڇٽ ڪري ڇڏيو.

إِنَّ الَّذِينَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيائون انهن جي لاءِ

جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿١٠٧﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا لَا يَبْغُوْنَ

بهشت فردوس جا مهماني آهن هميشہ رهندڙ هوندا انهن ۾ نہ طلب ڪندا

عَنْهَا حِوَلًا ﴿١٠٨﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ

انهن کان جاءِ ڦرڻ جي فرماءِ تہ جيڪڏهن هجي سمنڊ مس

لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمَاتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا

منهنجي رب جي فرمانن جي لاءِ تہ البتہ ڪٽي پوندو سمنڊ اڳي هن کان جو ڪٽن فرمان منهنجي رب جا جيتوڻيڪ آڻيون اسين

بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿١٠٩﴾ قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَا

ان جهڙا (بيا) مدد جي لاءِ- فرماءِ تہ: بيشڪ مان بشر مثل اوهان جي آهيان وحي ڪيو ٿو وڃي مون ڏانهن تہ بيشڪ

اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ

معبود اوهان جو معبود هڪ آهي پوءِ جيڪو اميد رکي ٿو پنهنجي رب سان ملڻ جي پوءِ جڳائي تہ ڪري

١٢ ع ٩ ٣ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿١١٠﴾ ع

عمل صالح ۽ نہ شريڪ بنائي پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن هڪ کي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي اعمال چٽ ٿيڻ ۽ ڪين ملندڙ جهنم جي سزا جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ايماندارن جي صالحن عملن ۽ ڪين ملندڙ جنت واري جزا جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ايزدي ارشاد آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ

لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا خَالِدِيْنَ فِيْهَا لَايَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا" بلاشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون انهن جي لاءِ فردوس (بهشت) جا باغ مهماني لاءِ هوندا، انهن ۾ هميشہ رهندا، انهن کان ٻئي پاسي ڦرڻ جي خواهش نہ ڪندا.

جنت الفردوس ڇا آهي؟

علامہ ابن الجوزي حضرت عبادة صامت رضی الله تعالیٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اَلْجَنَّةُ مِائَةُ دَرْجَةٍ مَابَيْنَ كُلِّ دَرَجَتَيْنِ كَمَا بَيْنَ السَّمَاءِ وَ الْاَرْضِ اَلْفِرْدَوْسُ اَعْلَاهَا وَمِنْهَا تَفْجُرُ اَنْهَارُ الْجَنَّةِ فَاِذَا سَاءَلْتُمُ اللّٰهَ تَعَالٰى فَاسْاَلُوْهُ الْفِرْدَوْسَ" (١).

يعني بهشت جا سئو درجا آهن ٻن ٻن درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو آهي جيترو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهي. انهن کان گهڻو مٿاهون فردوس آهي، ان مان ئي جنت جون نهرون وهي هلنديون آهن جڏهن الله تعاليٰ کان (بهشت) گهرو تہ فردوس گهرندا ڪريو. ان ۾ رهڻ کان پوءِ بهشتي اهڙا تہ مطمئن هوندا جو ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جي خواهش ئي نہ رکندا. "قُلْ لَّوْكَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا" فرماءِ تہ جيڪڏهن بحر(وڏو درياء) منهنجي رب جي فرمانن جي لاءِ مس هجي تہ اهو بحر ان کان اڳي کٽي (ختم ٿي) ويندو جو منهنجي رب جا ڪلما ڪٽن ڀلي ڪٽي اسين اهڙو ٻيو (بحر) ان جي مدد لاءِ آڻيون. مطلب تہ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ حڪمت جون آيتون اڻ ڪٽ آهن. جيڪڏهن سمنڊ مس بنائي ان سان اهي آيتون ۽ فرمان لکيا وڃن تہ سمنڊ هڪ ڇا ڀلي ان جهڙو ٻيو سمنڊ بہ ان جي مدد لاءِ مس بنائي آڻيو تہ مس ختم ٿي کٽي ويندي الله تعاليٰ جون آيتون ۽ ڪلما نہ کٽندا. "قُلْ اِنَّمَا اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰى اِلَيَّ اَنَّمَا اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ" فرماءِ تہ: مان بشر اوهان جي مثل آهيان مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي تہ يقينًا اوهان جو (سچو ۽ برحق) معبود هڪ معبود آهي.

"اِنَّمَا اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ" چوڻ جو مقصد.

آيت مبارڪ جي هن حصي مان ڪيترائي ماڻهو دليل وٺن ٿا تہ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن صرف اسان جهڙا آهن ۽ سندن نور هجڻ جو انڪار ڪن ٿا مگر اهو عقيدو غلط آهي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن حقيقت ۾ نور آهن. جنهن جي وضاحت آيت مبارڪه "قَدْ جَاءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتَابٌ مُّبِيْنٌ" جي تفسير

(١) زادالمسير صـ١٩٨ جلد٥.

۾ ڪري آيا آهيون ۽ بشريت سندن ظاهري صورت جي لحاظ سان آيل آهي. هن ۾ الله تعالىٰ پنهنجي حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ڪي تواضع ۽ انڪساري سيڪاري آهي. پنهنجي حقيقت جي اظهار جو امر نہ ڪيو آهي علامه ثناءالله پاني پتي ۽ علامه ابن الجوزي عليهما الرحمهٔ هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي: قال ابن عباس علم الله تعالىٰ عزوجل رسول الله صلى الله عليه وسلم التواضع الخ (١).

الله تعالىٰ پنهنجي رسول صلى الله عليه وسلم ڪي تواضع سيڪاريو آهي. مقصد تہ حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ حضرت عزيز عليه السلام ڪي سندن هٿان معجزا ظاهر ٿيندي ڏسي ماڻهن الله جو پٽ بنايو. حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي هٿان تہ انهن کان هزارين ڀيرا وڏيڪ معجزا ظاهر ٿيا هئا. متان ڪو سندن ذات لاءِ بہ اهڙو فيصلو ڪري ويهي تڏهن ڪين سندن ظاهري صورت مبارڪ جي لحاظ سان اهو اعلان ڪرڻ جي لاءِ حڪم ڪيو ويو. جنهن جو مطلب تہ! حضرت عيسىٰ عليہ السلام ۽ حضرت عزيز عليہ السلام وانگر نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جا معجزا ڏسي ڪير بہ ڪين (معاذ الله ثم معاذ الله) الله ياالله جو پٽ نہ سمجهي، پاڻ هر حال ۾ پانها ۽ الله تعالىٰ جا محبوب نبي آهن.

"مِثْلُكُمْ" جي وضاحت.

آيت جي لفظ "مِثْلكم" (۾ آيو تہ: اوهان جهڙو، اوهان جي مثل) ان مثال هجڻ مان مراد ڇا آهي. علماءِ فرمائين ٿا ان مان مراد آهي الله جي پانهي هجڻ ۾ اوهان جي مثل آهيان جيڪو الله منهنجو سچو معبود آهي اهو اوهان جو بہ معبود آهي سندن ذات، صفات،وهبي يا ڪسبي درجا، علمي ڪمالات، عملي عادات، روح پرور خصائص،خصائل ۽ جسم عنصريءَ ۾ ڪير بہ سندن همسر ۽ برابر ناهي. جنهن جي پاڻ "اَيُّكُمْ مِثْلِيْ". (اوهان مان ڪير آهي مون جهڙو) "لَسْتُ كَهَيْئَتِكُمْ" (مان اوهان جي هيئت تي ناهيان) ۾ وضاحت فرمائي ڇڏي اٿن "فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا" پوءِ جيڪو پنهنجي رب جي ملڻ جي اميد رکي ٿو (ان کي) جڳائي تہ صالح عمل ڪري ۽ پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ بنائي. مطلب تہ جيڪو بہ عمل ڪجي اهو الله جل جلالہ جي راضي ڪرڻ لاءِ ڪجي ان ۾ رياءُ ۽ ڏيکاءُ نہ هجي رياءَ ڪرڻ سان عمل جو ثواب ختم ٿي وڃي ٿو.

---

(١) المظهري ص٧٦ جلد٦ زادالمسير ص٢٠٢.

رياءَ کي شرک اصغر سڏيو ويو آهي جيئن هنن حديثن مان واضح ٿي رهيو آهي.

رياءَ کان روکڻ لاءِ نبوي ارشاد.

امام احمد، ابن ابي الدنيا، ابن مردويه، حاڪم ۽ بيهقي حضرت شداد رضي لله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو! "مَنْ صَلّٰى يُرَائِيْ فَقَدْ اَشْرَکَ وَمَنْ صَامَ يُرَائِيْ فَقَدْ اَشْرَکَ وَمَنْ تَصَدَّقَ يُرَائِيْ فَقَدْ اَشْرَکَ" جنهن نماز پڙهندي رياءَ ڪيو بلاشڪ ان شرڪ ڪيو ۽ جنهن روزو رکندي رياءَ ڪيو يقينًا ان بہ شرک ڪيو ۽ جنهن صدقو ڏيندي رياءُ ڪيو يقينًا ان بہ شرک ڪيو. ٢- امام احمد، حڪيم ترمذي، حاڪم صحيح سند سان ۽ بيهقي حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ "الشرک الخفي ان يقوم الرجل يصلي لمکان رجل". (١).

لکل شرک هي آهي جو کو شخص کنهن شخص جي اهميت کي نظر ۾ رکي نماز پڙهي- الله جل جلاله جا ڪروڙين ڪرم ۽ اڻ ڳڻ احسان آهن جنهن جي خاص مهربانيءَ سان مون گنهگار اڄ ارڙهين تاريخ رمضان المبارک ١٤٢١هـ الموافق پندرهين ڊسمبر ٢٠٠٠ع جمعتہ المبارک جي ڏينهن يارهن لڳي پندرهن منٽن تي پنهنجي گهر ۾ ويٺي سورة الکهف جو تفسير لکي پورو ڪيو. الحمد لله ثم الحمد لله. مالک ڪريم جي بارگاهہ مان انتهائي عجز ۽ انڪساريءَ سان دست بدعا آهيان تہ باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين ياارحم الراحمين بحرمة حبيبک سيدالمرسلين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

الفقير محمد ادريس الداهري النقشبندي غفرله.
١٨- ٩- ١٤٢١هـ- ١٥- ١٢- ٢٠٠٠ع.

(١) الدرالمنثور صـ ٤٧١ جلد ٥.


ساٿي ۽ سونهان

	ڪتاب جو نالو	مصنف	ڇاپيل
١	قرآن ڪريم	باري تعاليٰ جو ڪلام	
٢	تفسير الدرالمنثور	علامہ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة	دار الفكر بيروت
٣	الصاوي علي الجلالين	احمد بن محمد الصاوي المالكي عليه الرحمة	شركة مكتب ومطبع مصطفیٰ البابي واولاده بمصر
۴	التفسير الكبير	علامہ فخرالدين رازي عليه الرحمة	دار الكتب العلميہ. طهران
۵	ڪمالين شرح اردو جلالين	محمد نعيم ديوبندي صاحب	شركة علميہ بيرون بوهڙ گيٽ ملتان.
٦	تفسير نعيمي	مفتي احمد يارخان نعيمي عليه الرحمة	نعيمي ڪتب خانہ، گجرات
٧	الجامع لاحكام القرآن	محمد بن احمد انصاري القرطبي عليه الرحمة	دارالباز، عباس أحمد الباز بمكة المكرمة
٨	الكشاف	محمود بن عمر زمخشري	دارالباز، عباس احمد الباز بمكة المكرمة
٩	المظهري	ثناء الله پاني پتي عليه الرحمة	دائرة اشاعة العلوم دهلي
١٠	فتح القدير	محمد بن علي شوڪاني	اشاعه العلوم حيدرآباد دڪهن انديا
			احياء التراث العربي بيروت
١١	تنوير الايمان	محمد عثمان نورنگ زاده	مولوي محمد عظيم تاجر ڪتب خانہ شڪارپور
١٢	روح المعاني	شهاب الدين آلوسي	دارالفكر، بيروت
١٣	البيضاوي	عبدالله بن عمر عمر شيرازي	دارالفكر بيروت
١۴	ابن ڪثير	علامہ اسماعيل بن ڪثير دمشقي	مكتبہ تجارية، مصر
١۵	المنار	محمد رشيد رضا	دارالمعرفة، لبنان


١٦	تفسير ابن جرير	ابو جعفر محمد بن جرير الطبري	دارالمعرفة بيروت، لبنان
١٧	الجمل على الجلالين	سليمان بن عمر العجيلي	مكتبہ تجاریہ، مصر
١٨	روح البيان	محمد اسماعيل حقي عليه الرحمة	دارالفكر، بيروت
١٩	بحر العلوم	فقيه ابو الليث سمرقندي عليه الرحمة	دارالكتب العلميہ، بيروت
٢٠	تفسير في ظلال القرآن	قطب شهيد مصري	دار الشروق، بيروت قاهره
٢١	التبيان في اعراب القرآن	عبدالله بن حسين عكبري	دارالجيل، بيروت، .
٢٢	تفسير وبيان كلمات القرآن	الشيخ حسنين محمد مخلوف	دارالمنار الاسلاميہ، بيروت
٢٣	خزائن العرفان	نعيم الدين مرادآبادي	ضياءِ القرآن پبليكيشنز لاهور
٢٤	المدارك	ابوالبركات عبدالله نسفي	المكتبہ التجارية، مكة المكرمہ
٢٥	الفتح السماوي	زين الدين عبدالرؤف المناوي	دارالعاصمة، الرياض
٢٦	بيان القرآن مع معارف القرآن	اشرف علي ثانوي	ادارة المعارف ـ كراچي.
٢٧	محاسن التاويل	جمال الدين قاسمي	دارالفكر بيروت
٢٨	تنوير المقياس	سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما	المكتبہ الشعبية ـ قاهره ، مصر
٢٩	تاج التفاسير	عثمان بن ابي بكر المير غني	دار المعرفة ـ بيروت
٣٠	موضح القرآن	السيد عبدالقادر دهلوي	تاج كمپني ـ كراچي
٣١	اسباب النزول	ابوالحسن علي بن احمدالواحدي	دار المعرفة ، بيروت، لبنان
٣٢	تفسير حقاني	علامہ عبدالحق	شيخ غلامہ علي اينڈ سنز كشمير بازار لاهور.
٣٣	تفسير سورة يوسف اردو	سيدرياض حسين شاہ	اسلامہ آباد ـ راولپنڈي
٣٤	تفسير غريب القرآن	ابن قتيبه	دار الكتب بيروت
٣٥	البحر المحيط	ابوحيان اندلسي	دار الفكر، بيروت
٣٦	حاشيہ دريابادي	علامہ عبدالماجد دريابادي	تاج كمپني ـ كراچي
٣٧	حاشيہ عثمانيہ	علامہ شبير احمد عثماني	مملكة عربيہ سعوديہ
٣٨	تفسير غرائب القرآن	حسن بن محمد	دارالمعرفة، بيروت ، لبنان
٣٩	الجواهر في تفسير القرآن	شيخ طنطاوي جوهري	دارالفكر بيروت لبنان
٤٠	تفهيم القرآن	ابوالاعلیٰ مودودي	اداره ترجمان القرآن، لاهور.
٤١	ايسر التفاسير	ابوبكر جابر الجزائري	سعودي عرب

۴۲	حاشیہ جھوناگڑي	محمد جھوناگڑي	سعودي عرب
۴۳	تنویر الاذهان	محمد علي صابوني	دارالقلم، دمشق، سوريا.
۴۴	معارف القرآن	مفتي محمد شفیع صاحب	دارالقلم کراچي.
۴۵	تفسیر المراغي	احمد مصطفیٰ المراغي	دارالفکر، بیروت
۴٦	نور العرفان	مفتي احمد یار خان نعیمي	سني دارالاشاعت لاهور.
۴۷	تفسیر ابي السعود	محمد بن محمد عمادي	دار احیاء التراث العربي، بیروت
۴۸	تیسیر الکریم الرحمان	عبدالرحمان سعدي	عالم المکتب - بیروت
۴۹	تفسیر حسیني فارسي	ملا حسین کاشفي	بمبئي - هندستان
۵۰	ترجمہ حضرت مخدوم نوح علیه	حضرت مخدوم نوح علیه الرحمة	سنڌي ادبي بورڊ، حیدرآباد سنڌ
۵۱	الرحمة		
۵۲	جلالین مع الجمل	جلال الدین محلي ۽ جلال الدین سیوطي	مکتبہ تجاریہ مصر.
۵۳	احکام القرآن للحصاص	ابوبکر احمد بن علي رازي	دار الفکر، بیروت لبنان
۵۴	التفسیرات الاحمدية	علامہ احمد جیون	مکتبہ حقانیہ، پشاور
۵۵	اضواء البیان	محمد امین شنقیطي	عالم کتب ، بیروت
۵٦	الاکلیل	جلال الدین سیوطي	دارالکتب العلمیہ ، بیروت
۵۷	صفوة التفاسیر	محمد علي صابوني	دارالقرآن، بیروت
۵۸	تفسیر القرآن للسمعاني	ابوالمظفر سمعاني	دار الوطن، الریاض
۵۹	النهر الماد من البحر	ابوحیان اندلسي	دار الفکر بیروت
٦۰	ترجمہ شاه ولي الله	حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي	سعودي عربیہ
٦۱	ترجمہ فرمان علي	امان الله	پیر محمد ابراهیم ٽرسٽ کراچي.
٦۲	تفسیر القرآن بکلام الرحمان	ثناء الله امرتسري	امرتسر، هندستان
٦۳	احکام القرآن لابن العربي	ابوبکر ابن العربي	دارالمعرفة بیروت، لبنان.
٦۴	صحیح بخاري	محمد بن اسماعیل بخاري	اصح المطابع، کراچي
٦۵	عمدة القاري	علامہ بدرالدین عیني	در احیاء التراث العربي، بیروت
٦٦	مسلم شریف	مسلم بن حجاج قشیري	اصح المطابع، کراچي
٦۷	ترمذي شریف	محمد بن عیسیٰ ترمذي	سعید، ایچ ، ایم، کراچي.

٦٨	مشكواة المصابيح	ولي الدين الخطيب	سعيد ، ايچ، ايم، كراچي.
٦٩	مواهب لدنيه	احمد قسطلاني	المكتبہ الاسلامي، بيروت
٧٠	مدارج النبوة اردو	شيخ عبدالحق محدث شاه دهلوي ترجمہ علامہ معين الدين نعيمي	مدينہ پبلشنگ بندرروڈ كراچي
٧١	شواهد الحق	علامہ يوسف نبهاني	بيروت، لبنان
٧٢	المنجد	لوبس معلوف	بيروت، لبنان
٧٣	قصص الانبياء	علامہ ابن كثير	دارالباز مكہ مكرمہ
٧٤	فتاوئ عالمگيري	مولانا نظام الدين	احياء التراث العربي
٧٥	المفردات	امام راغب اصفهاني	اصح المطابع ، كراچي
٧٦	مواعظ ميلاد النبي صلى الله عليه وسلم	اشرف علي تهانوي	مكتبہ اشرفيہ ، لاهور.
٧٧	فتاوئ واحدي	علامہ عبدالواحد سيوستاني	مطبع گيلاني لاهور.




www.maktabah.org


www.maktabah.org